# تازن معرڪن جي تاريخ

(تاريخ تازه نواءِ معارڪ)

منشي عطا محمد شڪارپوري

حڪيم نياز همايوني



سنڌي ادبي بورڊ

# تازي معرڪن جي تاريخ

(تاريخ تازه نواءِ معارڪ)

هي ڪتاب اڪيڊمي آف ليٽرز پاڪستان اسلام آباد
جي مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو

# تازن معرڪن جي تاريخ

## (تاريخ تازه نواءِ معارڪ)

مؤلف:

منشي عطا محمد شڪارپوري

تصحيح، تحشيه ۽ تعليق:

عبدالحي حبيبي افغاني

مترجم:

حڪيم نياز همايوني

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2005ع

چاپو پهريون اپريل 2005ع تعداد 1000

[هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ]

قيمت: چار سؤ ستر روپيا
[Price: Rs. 470-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي حيدرآباد
(فون ۽ فئڪس نمبر 0222-633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

**جيئن** فرد جي زندگيءَ ۾ ماضيءَ جو تجزيو سندس حال کي بهتر ۽ آئيندي کي روشن ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. تيئن قومن جي ڪهاڻيءَ ۾ بہ گذريل زمانن جو تذڪرو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. ڇاڪاڻ جو قومون پنهنجي ماضيءَ منجهان سبق پرائي، حال ۾ متحرڪ ۽ متوازن نيتي اختيار ڪندي، هڪ شاندار مستقبل جي اڏاوت مُمڪن بڻائي، پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ بهتر زندگي ۽ ماحول محفوظ ڪن ٿيون. پر اهڙي پَدَ کي پهچڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي تہ قومون ۽ اُنهن جي قيادت، ماضيءَ جي اُپٽار سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪري سگهن. سندن لاءِ لازمي آهي تہ اُهي نہ رڳو پنهنجي عظمت ۽ خصوصيت کي ٺوس حاصلات جي بنياد تي بيان ڪن، پر پنهنجين اُوڻائين، غلطين ۽ ناڪامين کي بہ وڏي دل گردي سان قبول ڪرڻ کان نہ ڪيٻائين.

سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ عام ماڻهو اُن جي عظيم دورن ۽ غير معمولي ڪردارن کان ئي دُرست نموني آشنا ناهي، پر اهو تہ پنهنجي تاريخ جي اونداهن ۽ ناڪاري پهلوئن کان بہ پوريءَ طرح واقف ناهي. انهيءَ تسلسل ۾ ايمانداريءَ کان ڪم وٺي جيڪڏهن چئجي تہ اڃا تائين سنڌ جي تاريخ مفصل ۽ معياري طريقي سان لکي ئي نہ وئي آهي، تہ اِن ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. شايد انهيءَ ڪري ئي سنڌ جي تاريخ جا اهم ۽ بُنيادي ماخذ (Origional Sources) گهڻي قدر اڄ بہ آسانيءَ سان دستياب نہ آهن، پر جي آهن بہ، تہ اٽپورا ۽ تاريخ لکڻ جي سائنسي هُنر کان ڪوهين ڏور آهن. اسان جي تاريخ سان لاڳاپيل گهڻي کان گهڻو مواد رزميہ شاعريءَ جي روپ ۾ موجود آهي، يا قصن ڪهاڻين جي ذريعي بيان ڪيل آهي، جڏهن تہ مؤرخن جي اڪثريت مورڳو علمي غير جانبداريءَ واري خوبيءَ کان ئي پالهي نظر اچي ٿي.

سنڌي ادبي بورڊ کي پنهنجي قيام کان وٺي انهيءَ معاملي جو تمام گهڻو احساس هُئو. انهيءَ ڪري بورڊ طرفان جيڪي مُهڙيون ۽ ابتدائي رٿائون جوڙيون ويون "سنڌ جي تاريخ جي رٿا" تن منجهان بُنيادي ۽ انتهائي اهم هُئي. ان ڏس ۾ سنڌ جي ناميارن عالمن ۽ محققن تمام گهڻي محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ، هن اداري جي تعاون سان کي انتهائي بُنيادي ۽ مُکيہ ڪتاب جوڙي تيار ڪيا، جن جديد سنڌ

جي شعوري اوسر ۾ قومي سُڃاڻپ بحال ڪرائڻ ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو. چچ نامو، تحفة الڪرام، مڪلي نامو، جنت السند، تاريخ مظهر شاهجهاني، قديم سنڌ، تاريخ معصومي ۽ ٻيا ڪئين اهڙا اهم تاريخي ڪتاب آهن، جن سنڌ جي نئين نسل آڏو ماضيءَ بابت ڪيترين نيون حقيقتون نروار ڪيون. انهيءَ پورهئي کي ڳڻيندي شايد اسين فخر سان چئي سگهون ٿا ته اڄوڪي سنڌ کي سندس تاريخ بابت ڄاڻ ڏيڻ ۾ جن ادارن انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، تن ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو نالو سر فهرست آهي.

اهڙي دعويٰ ڪندي به بهرحال اسان کي اقرار آهي ته سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان اڃا تمام گهڻي ڪم ڪرڻ جي گُنجائش باقي آهي. اسين مڃون ٿا ته هن ڏس ۾ الائي ڪيترا گوشا اڃ به لڪل آهن، جن کي پڌري ڪرڻ بنا سنڌ نه پنهنجي حال جي دُرست ڪٿ ڪري سگهي ٿي، نه ئي مستقبل بابت بهتر رٿابندي جوڙي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده ذميدارن، پڪو پَهُه ڪيو آهي ته اهي هن اڌ ۾ رُڪيل ڪم کي ترتيب ۽ ترجيح سان ٻيهر شروع ڪري، سنڌ واسين ۾ پنهنجي تاريخ بابت بهتر ادراڪ پيدا ڪرڻ لاءِ پتوڙيندا. انهيءَ ڏس ۾ اهو به طئه ڪيو ويو آهي ته پهرئين مرحلي ۾ بورڊ جي اشاعتي شعبي ۾ تاريخ تي لکيل مڙني مسودن کي جلد از جلد ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪرڻ لاءِ ڀرپور اُپاءَ ورتا وڃن ۽ ٻئي مرحلي ۾ تاريخ بابت محققن ۽ اسڪالرن کان نوان ڪتاب لکرايا وڃن. انهن ٻنهي مرحلن دوران اسان جي ڀرپور ڪوشش رهندي ته شايع ٿيل ڪتابن جي معيار ۽ ڪارج جو هر طرح سان خيال رکجي.

اداري جي اهڙي پاليسيءَ جي مدِ نظر ناماياري محقق ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش قاضي صاحب طرفان دُنيا جي تاريخ بابت ترجمو ڪيل ڪتاب Outline of World History ۽ مرزا عطا محمد شڪارپوريءَ جي لکيل مشهور ڪتاب "**تاريخ تازه نوائي معارڪ**" (جيڪو سنڌ جي سر موڙ شاعر، جاڪوڙي، عالم ۽ حڪيم مرحوم "نياز" همايونيءَ هٿان ترجمو ٿيل آهي) شايع ڪرڻ لاءِ اڳڀرائي ڪئي ويئي. خُدا جو شڪر آهي ته انهن مان پويون ڪتاب اڃ توهان جي هٿن تائين پهچي چُڪو آهي. ڪتاب پڙهڻ دوران اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته تقريبن ڏيڍ صدي اڳ لکيل هيءَ تحرير "**تاريخ تازه نوائي معارڪ**"، لڳ ڀڳ ستيتاليهه سال اڳ ناماياري محقق جناب عبدالحي افغاني صاحب سُڌاري سنواري بورڊ جي حوالي ڪئي، ته ان جو فارسي متن فوراً (1959ع) ۾ شايع ڪيو ويو. بعد ۾ ڪتاب جي اهميت کي محسوس ڪندي 1984ع ۾ اداري طرفان هن مشهور تاريخي ڪتاب جي سنڌي

ترجمي جي ذميداري محترم نياز همايوني صاحب کي سونپي ويئي. جنهن اها ذميداري احسن طريقي سان پوري ڪندي سنڌي ترجمي جو متن 1993ع ۾ بورڊ جي حوالي ڪيو.

اداري جي ناساز حالتن سبب ايترن سالن کان ٿيل هيءَ شاندار ترجمو مُختلف عُذرن، بهانن ۽ جوازن جي بار هيٺان دٻجي شايع نہ ٿي سگهيو. بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور مقرر ٿيندي ئي مون "تازن مُعرڪن جي تاريخ" جو اهو مسودو ڇنڊائي صاف ڪرائي، اُن جي اشاعت ڪرائڻ لاءِ اُپاءَ ورتا ۽ گهربل لوازمات پورا ڪندي اڳيرائي ڪئي. خلوص دل ۽ وطن سان محبت وچان ٿيل انهيءَ اڳيرائيءَ جو (خبرناهي تہ ڇو) نتيجو اهو مليو، جو ڪتاب جي ڇپجڻ کان اڳ ئي ڪن مهربانن پاران اخبارن ۾ خطن، مضمونن، تبصرن ۽ تبرن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ مُختلف حلقن طرفان هٿ جا گهڙيل الزام، انديشا ۽ انومان پڌرا ٿيڻ لڳا. جيئن تہ اها سڄي هاءِ گهوڙا بدنيتيءَ تي ٻڌل ۽ ڇاڻي واڻي پيدا ڪيل هُئي، تنهنڪري بد دليءَ جو پيدا ٿيڻ لازمي هُئو، پر مون انهيءَ سلسلي ۾ پٽ ڏٺي جي هدايت:

"جنهن جو پيچ پنهونءَ سان، سا پاڻهئي ٿيندي پڌري."

تي عمل ڪندي هڪ لحظي لاءِ بہ همت نہ هاري ۽ ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾ ڪنيل ڪوبہ قدم پوئتي نہ ڪيو، نہ ئي ڪم جي رفتار ۾ ڪمي آندي. لاڳاپيل ڪميٽين کان منظوري وٺڻ بعد ڪتاب جا پروف پڙهڻ ۽ مُناسب سنوار جي سلسلي ۾ اعتبار جوڳن ماهرن سان رابطو ڪيو ويو. جن جي محنت ۽ خلوص سان ڪيل پورهئي جي نتيجي ۾ هيءَ سوکڙي اڄ توهان جي هٿن تائين پهتي آهي.

"تازن معرڪن جي تاريخ" جي متن، مهاڳ، ۽ مُترجم ۽ مُديرن جي وضاحتي نوٽن ۾ سنڌن طرفان ٿيل عرق ريزيءَ تي نظر وجهندي، پڙهندڙ آسانيءَ سان ڪتاب جي اهميت جو اندازو لڳائي ويندا، پر اداري جي مُک مُنتظم ۽ تاريخ جي شاگرد جي حيثيت ۾ مان هيٺين چند مشاهدن کي پيش ڪرڻ نهايت ضروري ٿو سمجهان:

1. جيتوڻيڪ هيءَ ڪتاب اٺويهين صديءَ جي سنڌ - افغان لاڳاپن ۽ انگريزن جي سنڌ تي حاڪميءَ جي ابتدائي مرحلي بابت اهم ترين ماخذن مان هڪ ۽ "اکين ڏٺي احوال" هُجڻ سان گڏ ان دور بابت بنيادي معلومات فراهم ڪندڙ دستاويز (Primary Source) طور تمام گهڻي اهميت رکي ٿو، پر پڪ سان نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڪتاب جو ليکڪ پنهنجي ادراڪ ۽ وضاحتن ۾ مُڪمل طور غير جانبدار هُئو ۽ ڪيس مُيسر حقائق شڪ کان بالاتر هُئا.

2. ڪتاب جو ليکڪ سنڌ ڇائو هوندي بہ گهڻو تڻو غير سنڌي حاڪمن جي نہ

رڳو ويجهو، پر سندن ماتحت به رهيو، تنهنڪري اهو ضروري ناهي ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن بابت سندس مُشاهدا ۽ تجزيا، جيئن جو تيئن قبول ڪجن. البت اهو ضرور تسليم ڪري سگهجي ٿو ته سندس قلم جي تيزيءَ ۽ جولان ڪان پنهنجو توڙي پرائو ڪوبه بچي نه سگهيو آهي. لائق مصنف جو لهجو ڪن هنڌن تي ايترو ته سخت ۽ ڪڙو لڳي ٿو، جو ماهرن طرفان ڪتاب جي اهڙن حصن کي ايڊٽ ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪئي وئي، پر علمي قدرن لاءِ احترام رکندي ايڊيٽر صاحبان طرفان ڪيترين ئي ترش ۽ ڪڙين ڳالهين/جملن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو آهي. جنهنڪري سنڌي ترجمي جو مُڪمل متن ايڊٽ ڪندڙ ماهر حبيب الله صديقي صاحب جو چوڻ آهي ته ڪين مجموعي طور تقريباً هڪ صفحي جيترو مواد ئي ايڊٽ ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي.

3. ڪتاب پڙهندي آسانيءَ سان محسوس ٿيندو ته مصنف جي طرز تحرير مٿان سندس روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۽ ذاتي روزنامچي جو اثر سرس آهي ۽ ساڳيءَ طرح سندس لکڻيءَ تي معروضي حقيقت پسنديءَ جي پيٽ ۾ ذاتي احساسات جو رنگ وڌيڪ حاوي آهي. ان حوالي سان اهو تاثر پڻ پيدا ٿي سگهي ٿو ته ڪو پروفيشنل مؤرخ ٺوس حقيقتن جي بُنياد تي ان دور جو تفصيل (Account) ڏيندي سنڌ جي تاريخ سان شايد وڌيڪ انصاف ڪري سگهي ها. ان هوندي به ڪتاب ۾ موجود بيان جي بي ساختگي (Spontaneousness) سنڌ جي تاريخ سان سلهاڙيل ڪئين حيرتناڪ واقعن بابت واضح اشارا ڏيندي، واقعن ۽ معاملن بابت سچائي معلوم ڪرڻ جي سلسلي ۾ وڌيڪ جاکوڙڻ تي اُتساهي ٿي.

4. ڪتاب جي ليکڪ اُن دور جي سياسي حالتن جو وچور ڏيڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي معاشي، علمي ۽ معاشرتي ماحول تي به گهري نظر وڌي آهي ۽ تڏهوڪن پيرن، فقيرن، صوفين، بُزرگن، گادي نشينن، اميرن، ڪبيرن ۽ جاگيردارن وغيره جي خانگي زندگيءَ بابت پڻ نهايت دلچسپ معلومات ڏيئي، ڪتاب کي عام پڙهندڙ لاءِ موهيندڙ بڻايو آهي.

5. ڪتاب ۾ ڪيترا معاهدا، عهدناما، اقرار ناما، شجرا، نقشا، تصويرون، چوٽيون، نُڪتا ۽ شعر وغيره تفصيل سان ڏنل آهن، جيڪي اڳ شايد سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل ڪنهن تحرير جو حصو نه بڻجي سگهيا هُجن. بهرحال مجموعي طرح مصنف جي ٻوليءَ مٿان ادبي ۽ قصه گوئيءَ جو چٽو اثر هئڻ ڪري، ڪتاب پڙهي پُورو ڪرڻ تي دل هرکي ٿي.

جيتريقدر مصنف جي زندگي، ڪمن ۽ ڪيريئر جو تعلق آهي ته ان حوالي سان فارسي مسودي جي مُدير ۽ ڪتاب جي سنڌي مُترجم ايترو تفصيلي بحث ڪيو

آهي، جو ان ڏس ۾ وڌيڪ تبصرو ڪرڻ غير ضروري لڳي ٿو. خاص طور ڪتاب جي فارسي متن تي جناب عبدالحي افغانيءَ جي ڪيل محنت، سندس طرفان لکيل حاشين، واڌارن، وضاحتن ۽ ڏنل مستند اضافي معلومات کي ساراهڻ بنا رهي نه ٿو سگهجي. سندس طرفان ترتيب ڏنل "تعليقات" وارو حصو هڪ تاريخي نوعيت جو ڪم آهي، جنهن سان ڪتاب جي اهميت ۽ خوبصورتيءَ کي چارچنڊ لڳي ويا آهن. ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ، ڪوبه پڙهندڙ سندس ايڊيٽنگ جي آرٽ جو مداح بڻجڻ کان رهي نه ٿو سگهي. ساڳيءَ طرح جناب نياز همايوني صاحب جي ترجمي جي معيار، تفصيلي نوٽن ۽ اشارن به هن ڪتاب کي خوبصورت بنائڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. جيتوڻيڪ ڪن هنڌن تي وضاحتون ڏيندي لائق مترجم جو لهجو شاعراڻو ۽ صحافتي وڌيڪ تي وڃي ٿو، پر تڏهن به اهڙيون وضاحتون پڙهندڙ کي حقيقتن جي ڪئين نون روپن سان آشنا ڪرائين ٿيون.

مدير ۽ مُترجم طرفان ٿيل انهيءَ پورهئي سان حصو ملائيندي سنڌي ترجمي جي ايڊيٽر جناب حبيب الله صديقي پڻ ڪتاب کي ڇپائيءَ جوڳو بنائڻ ۾ تمام گهڻي جستجو ڪئي آهي. هُن صاحب بار بار ڪتاب جي سنڌي متن کي نظر مان ڪڍيو، هر صُفحي ۽ سٽ تي گهرائيءَ سان غور ڪيو ۽ ڪتاب جي اشاعت کي ممڪن بنائڻ لاءِ اداري سان مڪمل سهڪار ڪيو. انهيءَ تسلسل ۾ مون به هڪ منتظم ۽ تاريخ جي شاگرد جي حيثيت ۾ ڪتاب کي معياري بنائڻ لاءِ نه رڳو هر مُمڪن انتظامي سهڪار آڇيو، پر هر مرحلي تي ذاتي دلچسپي وٺندي، ڪتاب کي بهتر ۽ دلڪش بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪتاب جي مُڪمل ڏسڻي (Index) نهرائڻ کانسواءِ تقريباً هر صُفحي بابت پروف ريڊرن، ايڊيٽر، ڪمپوزرن ۽ ٻئي فني عملي سان ضروري مشورا ۽ بحث ڪري "تاريخ تازه نوائي معارڪ" جو سنڌي ترجمو بهتر کان بهتر طريقي سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڏس ۾ اداري جي ڪارڪُنن: سيد سڪندر علي شاهه، دين محمد ڪلهوڙي، عبدالحفيظ قريشي، عبدالصمد ٻبر، مسٽر سليم پُنو ۽ فرحان علي پٺي طرفان ڪيل ڪوششن جي مڃتا نه ڪرڻ به ناانصافي ٿيندي. مون کي پڪ آهي ته سندن غير معمولي دلچسپي ۽ اُتساهه کانسواءِ هيءَ حاصلات مُمڪن نه ٿي سگهي ها. مان انهن سڀني ڪارڪنن جو به نهايت ئي تهه دل سان شڪر گذار آهيان. اها اداري جي مڙني ڪارڪنن جي محنت آهي جو پنهنجي نوعيت جو هيءُ نهايت ئي اهم ۽ شاهڪار ڪتاب اوهان آڏو موجود آهي. مان يقين سان چئي سگهان ٿو ته هيءُ ڪتاب نه رڳو سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ جي حوالي سان هڪ يادگار حيثيت حاصل ڪري وٺندو، پر گڏوگڏ اداري جي

ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان پڻ ”مجتا جي سَنَدَ“ ثابت ٿيندو. ”تازن مُعرڪن جي تاريخ“ جي اشاعت مون لاءِ ذاتي طرح بہ انهيءَ اهم ترين حاصلات جو حصو آهي، جيڪا بورڊ ۾ مُنهنجي آمد کي ’سجايو‘ سمجهڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

مون کي اُميد آهي تہ اهڙو ئي تعاون ڪتاب جي مهربان پڙهندڙن وٽان بہ پلئہ پوندو. جيڪي ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجن مشورن ۽ صلاحن سان ايندڙ ڇاپي کي وڌيڪ معياري ۽ معتبر بنائڻ ۾ اسان جي راهنمائي ڪندا. اسان اُنهن نقادن ۽ نُڪتہ چينن جي بہ آجيان ڪنداسين، جيڪي ڪتاب پڙهڻ بنا تبصرا ڪرڻ شروع ڪندا پر مون کي پڪ آهي تہ اهڙي رويي جي ڪري مايوس ٿيڻ بجاءِ اداري جي ڪارڪنن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جوش ۽ جذبو پيدا ٿيندو ۽ نتيجي ۾ تاريخ سان لاڳاپيل ڪي ٻيا اهم ڪتاب پڌرا ڪرڻ لاءِ ماحول سازگار ٿي ويندو.

ڄامشورو، سنڌ

17 - مارچ 2005ع

بمطابق 06 صفر 1426 ھ

**انعام الله شيخ**

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ، جيڪا اسان جي لاءِ پنهنجي ماءُ سمان آهي، تنهن کي اسان ڪيئن ٿا انگريزن جي حوالي ڪري سگهون؟

**غلام محمد لغاري**

سنڌ، اسان ٻروچن جي سڳي ماءُ برابر آهي، جنهن جي ٿڃ مان پيڙهين کان اسان جي پرورش ٿيندي اچي ٿي، اولاد تي پيءَ ماءُ جا گهڻيئي حق هوندا آهن، انهيءَ ساڪ موجب اسان پنهنجي جان هن جيجل ماءُ جي قدمن تان قربان ڪري رهنداسين!

**غلام محمد لغاري**

ادا! هيءَ ننگ جي ترار، جا نياڻين توڏي موڪلي آهي، اها تون ڪڻ ۽ هن دين ۽ ملڪ جي دشمن (انگريز) سان وڙهه! حڪومت هميشه پاڻ وٽ نه رهندي ڪانه آهي، نڪي ڪنهن دارا ۽ سڪندر وٽ جٽاءُ ڪيائين، مگر مردن جو نالو سدائين زنده رهندو. هن غلاميءَ جي حڪومت کان بهتر آهي ته ملڪ جي آزاديءَ لاءِ وڙهجي.

**مير شير محمد خان جي ڀيڻ**



احمد شاهہ ابدالي (دراني، سدوزئي)

هندستان جي رياست پٽيالہ ۾ موجود اصلي تصوير تان عکس ورتل

(لاڳاپيل صفحو 1 ۽ 351)



تیمور شاه پټ احمد شاه ابدالي

(لاګاپیل صفحو 1 ټ 379)



شاه محمود پټ تیمور شاه پټ احمد شاه ابدالي

(لاګاپیل صفحو 12)



شهزادو کامران پټ شاه محمود پټ تیمور شاه

(لاګاپیل صفحو 26)



سدوزائي خاندان جو آخري بادشاهہ شاهہ شجاع پٽ تيمور شاهہ
پٽ احمد شاهہ ابدالي

(لاڳاپيل صفحو 9)




**آغا اسماعيل شاهہ (تکملہ مقالات الشعرا)**

(لاڳاپيل صفحو 558)



مهاراجا رنجيت سنگهه

(لاڳاپيل صفحو 9 ۽ 417)



ایران جو بادشاهه نادر شاهه افشار

(لاڳاپيل صفحو 335)



نائب امین الله خان لوگري

(لاړگاپیل صفحو 234 )



عبدالله خان اچکزئي

(لاګاپيل صفحو 209)



عطا محمد خان باميزئي

(لاګاپيل صفحو 411)



قاضي محمد حسن پیشکار شاه شجاع

(لاګاپیل صفحو115 او 420)



سنڌوءَ ڪناري بکر جي قلعو جو اترين دروازو (لاڳاپيل صفحو 115)

ڪنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرڪيٽ اَي. جيڪسن لنڊن 1939ع



کوئيٽا (شال ڪوٽ جو هڪ ڏيک) (لاڳاپيل صفحو 157)

ڪنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرڪيٽ آي. جيڪسن لنڊن 1939ع



1839ع واري جنگ جي ڪلان غزني توب (لاڳاپيل صفحو 161 )

ڪنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرڪيٽ آءِ. جيڪسن لنڊن 1939ع



انگريزن جو غزني تي حملي جو ڏيک (لاڳاپيل صفحو 167 )

ڪنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرڪيٽ آي. جيڪسن لنڊن 1939ع



قنڌار وارو دروازو (قلات)　　(لاڳاپيل صفحو 171 )

ڪنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرڪيٽ آءِ. جيڪسن لنڊن 1939ع



امير دوست محمد خان جي هڪ ڳجهي جڳهه، جيڪا ٻن جبلن جي وچ ۾ آهي.

ڪنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرڪيٽ أي. جيڪسن لنڊن 1939ع
(لاڳاپيل صفحو 195 )



قلعو بالا حصار كابل

(لاڳاپيل صفحو 233 )

كنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سركيٽ أي. جيكسن لندن 1939ع



کابل جي ويجهو نواب جبار خان جو قلعو (لاڳاپيل صفحو 180 ۽ 189)

کنيل: افغانستان جي تاريخ واري تصويرن جي مجموعي منجهان - ڇپائيندڙ: سرکيٽ اَي. جيڪسن لنڊن 1939ع



ڪابل ۾ انگلينڊ جو نمائندو مسٽر مئڪناٽن

(لاڳاپيل صفحو 205)



اليگزينڊر برنس

(لاڳاپيل صفحو 467)



ڪئپٽن ائنڊرسن

(لاڳاپيل صفحو 161)



ميجر پاٽنجر

(لاڳاپيل صفحو 225)



موهن لال

(لاڳاپيل صفحو 508)



ليڊي سيل

(لاڳاپيل صفحو 477)



محمد زئي بارڪزئي خاندان جو پهريون افغانستان جو بادشاهه امير دوست محمد خان پٽ سردار پائنده خان بارڪزئي

(لاڳاپيل صفحو 29)



وزیر محمد اکبر خان غازي پټ امیر دوست محمد خان

(لاګاپیل صفحو 480 )



ولي عهد سردار غلام حيدر خان پٽ امير دوست محمد خان

(لاڳاپيل صفحو 480 )



میر ڪرم علي خان ٽالپر جو مقبرو - حيدرآباد

(لاڳاپيل صفحو 110 )



میر مراد علي خان ٽالپر جي مزار - حيدرآباد

(لاڳاپيل صفحو 399 )



نواب ولي محمد خان جو مقبرو

(لاڳاپيل صفحو 406 )



مير صوبدار خان ٽالپر پٽ مير فتح علي خان ٽالپر

(لاڳاپيل صفحو 388 )



مير نصير خان ٽالپر 'جعفري' پٽ مير مراد علي خان ٽالپر - حيدرآباد

(لاڳاپيل صفحو 394 )



مير شهداد خان ٽالپر ’حيدري‘ پٽ مير نور محمد خان پٽ مير علي مراد خان ٽالپر
(لاڳاپيل صفحو 385 )



میر علي مراد خان اول - خيرپورميرس

(لاڳاپيل صفحو 311 )



درگاھ حضرت نظام الدين مجددي - شڪارپور

(لاڳاپيل صفحو 437 )



منشي عطا محمد شڪارپوري جي حويلي، سامهون وڏو دروازو پيو ڏسجي

(مرزا محلہ هزاريدار اندران، شڪارپور)



درگاھ حضرت سچل سرمست

(لاڳاپيل صفحو 443 )




Route map of the Army of the Indus—1839



شاهه شجاع جي شاهاڻي مجلس

(لاڳاپيل صفحو 49)



بلوچ سپاهي

(لاڳاپيل صفحو 515)



سردار نواب احمد خان پٽ سردار نواب ولي محمد خان لغاري، وزير اعظم
(سنڌ سرڪار مير ڪرم علي خان ٽالپر)

(لاڳاپيل صفحو 410)



لنڊن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ٽڍوڪي آفيس

(لاڳاپيل صفحو 519 )



انگريزي لشڪر جو سپهه سالار: سرچارلس نيپيئر

(لاڳاپيل صفحو 279 ۽ 515)



سر بارٽل فريئر

(لاڳاپيل صفحو 555)



حيدرآباد جي قلعي وٽ جنگ جو منظر



مياڻيءَ جي ميدان تي، انگريزي ۽ سنڌي لشڪرن جو آخري معرڪو

## هڪ ناياب ۽ قيمتي دستاويز

### سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري اهميت - ١٨٥٧ع.

### سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر جو پڌرنامو

ملڪي ٻولي سنه ١٨٥٧

## پڌرنامو

ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جي دربار منجهان سڀني ماڻهن پيگن ۽
مٿن رهندڙن ٿرن سنڌ جي کي سڌ ٿي ڏجي
ته ڪيترا عرضدار عرضيون ڀيڄي ٿا لکن لاءِ حضور دانه ٿا موڪلين
تن منجهان ڪي فارسي ۾ ڪي سنڌي ۾ ٿا لکن اها ڳالهه نامو چاري آهي
تنهن ڪري جيڪو ڪنهن کي عرضي واسطي ڏيڻ هجي حضور ڪمشنر
صاحب بهادر سنڌ جي دربار منجهه عرض ڪندو هجي ته سنڌي وٽ
عربي اکر ۾ لکي موڪلي جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪان فارسي عرضي
لکڻ ضرور هجي ته ان فارسي عرضي ساڻ ترجمو سنڌي ۾ ڀي
ڪري موڪلي ته ڏٺو ويندو تاريخ ٢٩ مهينو اگسٽ سنه ١٨٥٧

H B E Frere

Commissioner in Sind.

(لاڳاپيل صفحو 556)

# فهرست


| نمبر | عنوان | | صفحو |
|---|---|---|---|
| ● شروعات : | سيد حسام الدين راشدي | | (١٧) |
| ● مهاڳ: | عبدالحي حبيبي افغاني (مرتب) | | (الف) |
| ● مترجم وٽان: | نياز همايوني | | (ج) |
| ● سنڌي ترجمي جي ايڊيٽر طرفان: | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | | (ر) |
| ● ديباچو: | منشي عطا محمد شڪارپوري (مؤلف) | | (ض) |

**حصو پهريون**

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ١. | نادر شاهه جو اقتدار، تيمور شاهه جي پٽ محمد شاهه جو زوال: | 1 |
| ٢. | عطا محمد خان بارڪزئيءَ جو پشاور ۾ سردار سمندر خان باميزئي هٿان قتل ٿي وڃڻ، ڪشمير جي ناظم سردار عطامحمد الڪوزئيءَ سان صلاح مصلحت، شاهه شجاع جي لاهور مان پشاور روانگي ۽ ساڳئي سردار جي چرچ تي سردار سمندر خان ۽ جهانداد خان باميزئيءَ هٿان گرفتار ٿيڻ ۽ ڪشمير جي قيد ۾ پوڻ: | 5 |
| ٣. | شاهه شجاع جو لاهور پهچڻ، رنجيت سنگهه وٽ قيد ٿيڻ، مشهور هيرو "ڪوهه نور" رنجيت سنگهه جي حوالي ڪرڻ، قيدخاني مان پڄي لڌياني پهچڻ: | 9 |
| ٤. | محمود شاهه جي تخت نشيني، ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ وزير فتح خان جي من مستي ۽ عيش پرستي: | 12 |
| ٥. | وزير فتح محمد خان جي زال مائي پاڳل جو موت، اُن ڪان پوءِ پشاور جي قاضين مان پرڻجڻ، اُن ڪي ڇڏي ٻيهر ڪشمير جي سدا سهاڳڻين مان شادي ڪرڻ: | 15 |
| ٦. | ميرن جي وڪيلن (سفيرن) جي پشاور ۾ رونشي بازي، مير اسماعيل شاهه جي لطيفي نالي ڪَجريءَ تي عاشق ٿيڻ، لطيفيءَ جو بيزار ٿي پڇڻ، لطيفي جو ڪُتو جواب : | 16 |
| ٧. | وزير فتح خان جو هرات جي قبيلي ۾ داخل ٿيڻ، دعوت هلندي فيروز شاهه کي گرفتار ڪرڻ ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ هن کي قنذار اُماڻي ڇڏڻ: | 21 |

٨. وزير فتح خان ۽ مرزا عباس علي جي جنگ، پنهي ڌرين جي شڪست ۽ وزير فتح خان جي هرات ڏانهن واپسي: 23

٩. شهزادي ڪامران جو قنڌار مان هرات روانو ٿيڻ: 26

١٠. شهزادي ڪامران هٿان وزيرفتح خان جون اکيون ڪڍرائڻ، ۽ وزير فتح خان جي پائرن جو فرار ٿيڻ: 28

١١. شهزادي ڪامران جي پٽ شهزادي جهانگير جو ڪابل ۾ اچڻ ۽ سردار دوست محمد خان سان جنگ ڪرڻ: 29

١٢. شهزادي ڪامران ۽ سردار دوست محمد خان جي ويڙهه، سردار دوست محمد خان جي فتح، وزير فتح خان جو قتل، شهزادي ڪامران جي هرات واپسي: 33

١٣. سردار محمد عظيم خان جو ڪشمير مان ڪَهي اچڻ، لڌياني کان شاهه شجاع کي واپس گهرائڻ، شاهه شجاع جي سردار محمد عظيم خان سان جنگ، شهزادي تيمور جو شڪارپور پهچڻ: 36

١٤. سردار محمد عظيم خان جو ڪشمير مان پشاور پهچڻ، شاهه شجاع جي هار، خيبر جي لڪن ۾ لِڪڻ ۽ شڪارپور ڏانهن ڀاڄ: 39

١٥. پشاور ۾ شاهه شجاع جي شڪست، سنڌ جي ميرن طرفان شهزادي تيمور کي شڪارپور مان ڪڍڻ جي ڪوشش تي جمعي خان بارڪزئيءَ جو شهزادي ڏانهن جنگ لاءِ وڃڻ ۽ شڪست کائڻ: 41

١٦. شاهه شجاع جو شڪارپور ۾ نازل ٿيڻ، سنڌ جي ميرن سان معاهدو ڪري، وري واپس شڪارپور اچڻ: 44

١٧. شاهه شجاع جي حيدرآباد ۽ خيرپور کان شڪارپور ڏانهن واپسي مال ميڙڻ ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ ۽ فوجي منصوبا سِٽڻ، سنڌ جي ميرن جو ڳڻتيءَ ۾ پوڻ: 47

١٨. شاهه شجاع جون شڪارپور ۾ ڦهري ڪارروايون، سعادتمند خان جي مرڻ کان پوءِ سندس گهر جو اُرڪو ترڪو ميڙي ڪٽڻ، هن جي عزيز کي طرحين طرحين اَهنج عذاب ڏيڻ ۽ پيون بُڇڙايون ڪرڻ: 48

١٩. سنڌ جي ميرن پاران سيد ڪاظم علي شاهه جو قاصد طور سردار محمد عظيم خان ڏانهن ڪابل وڃڻ، لشڪر سميت ڪيس شڪارپور آڻي شاهه شجاع کي ٿيڙ ٻڌرائڻ: 51

٢٠. ميرن جي ڪوٽ تي سردار محمد عظيم خان جو "خراسان کان سنڌ ۾ کھي اچڻ" تنھي ڌرين جو پاڻ ۾ ڳالھائڻ، شاھ شجاع جو لڏياني روانو ٿيڻ، سردار محمد عظيم خان جو واپس خراسان وڃڻ ۽ سنڌ جي ميرن جو خوش ٿي ويھڻ: 53
٢١. سنڌ جي ميرن جو عقل کان ڪم وٺي شاھ شجاع کي شڪارپور مان پاڻ وٽ گھرائڻ: 55
٢٢. شاھ شجاع جو شڪارپور مان اُسھڻ، وڃڻ وقت شاھوڪارن کان سندن جند ڇڏڻ جي عيوض ٽيھ هزار رپيا پرائي وٺڻ: 57
٢٣. سردار محمد عظيم خان جي ساٿاري خُراساني خانن جو شاھ شجاع وٽ هلي وڃڻ، سردار محمد عظيم خان کي ميرن واريءَ ڳالھ جي پَڪ ٿيڻ، ميرن پاران رستن تي چونڪيون ٻيھارڻ: 60
٢٤. سنڌ جي ميرن جو سردار محمد عظيم خان سان صُلح ڪرڻ ۽ شاھ شجاع کي درياءَ ٽپائي پار پھچائڻ: 63
٢٥. ميرن جي سردار محمد عظيم خان سان ملاقات، هڪ ٻئي جون دعوتون ڪرڻ: 64
٢٦. ميرن جي مصالحت کان پوءِ سردار محمد عظيم خان جو شڪارپور اچڻ، اُتان ڏل اُڳاڙي خراسان (افغانستان) وڃڻ: 66
٢٧. شھزادي ڪامران جي اقتدار تي ڪاھ، فراھ جي قلعي ۾ داخل ٿيڻ ۽ سردارن جو ڪانئس قلعو واپس وٺڻ: 71
٢٨. شھزادي جھانگير هٿان هرات جي قلعي ۾ مھولي خان جو قتل ٿيڻ، شھزادي جھانگير کي هرات مان هڪالي ڪڍڻ، حاجي فيروز الدين شاھ کي تخت تي ويھاري سندس تختو ڪڍڻ، محمود شاھ کي تخت ڏٺي ڪري شھزادي ڪامران کي قلعي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ: 73
٢٩. قنڌار جي سردارن جي فراھ جي قلعي مان هرات ڏانھن روانگي، شھزادي ڪامران طرفان شمان آخوند زادي جي سردارن ڏانھن سفارش ڪٺي اچڻ: 75
٣٠. قنڌار جي سردارن جي هرات جي اميرن ۽ خانن سان جنگ، محمد خان ولد عيسيٰ خان ڪوھيءَ جي ساٿن دغابازي: 77

۳۱. سردار شيردل خان جي محمد خان ڪوهيءَ سان ملاقات، ڪوهيءَ جي دغابازي کان آگاهه ٿيڻ ۽ وري واپس هرات اچڻ: 80

۳۲. محمد خان ڪوهيءَ جي دغابازي، سردارن سان جنگ جوٽڻ ۽ جنگ ۾ شڪست کائڻ: 84

۳۳. سردارن جي خالي هٿين هرات کان قنڌار ڏانهن واپسي، وات تي شهزادي ڪامران جي پٽ شهزادي سلطان علي کي قرڻ ۽ ساڻس جنگ ڪرڻ: 88

۳۴. سردار شيردل خان جو ڪابل وڃي، حبيب الله خان کي گرفتار ڪرڻ ۽ سردار دوست محمد خان سان جنگ ڪرڻ، صلح سان ڪيس پنهنجو ڪرڻ، مرحوم محمد عظيم خان جي ساري دولت ميڙي وري قنڌار موٽي اچڻ: 92

۳۵. سردار رحمدل خان جو شڪارپور مان قنڌار وڃڻ، عبدالمنصور خان کي شڪارپور جو حاڪم مقرر ڪرڻ، سنڌ جي ميرن جو شڪارپور تي قبضو ڪرڻ، عبدالمنصور خان کي اُتان تڙي ڪڍڻ: 95

۳۶. سنڌ ۾ احمد شاهه غازي (سيد احمد شهيد) جي آمد، عام خاص ماڻهن کي جهاد جي دعوت ڏيڻ، وري خراسان [افغانستان] ڏانهن روانو ٿيڻ: 101

۳۷. پشاور جي ناظم يارمحمد خان بارڪزئيءَ جو سيد احمد سان مقابلي ۾ قتل ٿيل وڃڻ، سيد احمد جو يار محمد خان جي ڀائرن کان پشاور کسڻ: 105

۳۸. پشاور ۾ مولوي احمد عليءَ کي، سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان پاراني فريب ڏئي قتل ڪرڻ: 107

۳۹. حيدرآباد جي والي، مير ڪرم علي خان جي وفات، سنڌس ڀاءُ مير مراد علي خان جي مسند نشيني، خيرپور جي والي، مير سهراب خان جو لاڏاڻو ۽ ميرن جو اندروني ڏڦيڙ: 110

۴۰. نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو فوت ٿيڻ، بهادر خان کوکر جو لاڙڪاڻي تي ڪارمختار ٿيڻ ۽ شڪارپور جي نظامت سنڀالڻ، سيد ڪاظم علي شاهه جي شڪارپور مان معزولي ۽ شاهه شجاع جي شڪارپور ۾ آمد: 112

۴۱. شاهه شجاع جو مير مراد علي خان جي عذرخواهيءَ لاءِ، مير نورمحمد خان، مير محمد نصير خان وٽ وڃڻ ۽ کين خلعتون ڏئي، تقاضا پيش ڪرڻ: 115

۴۲. سنڌ جي ميرن جي ڪارندن جي شڪارپور مان ياڃ، غريب رعايا جي شهر ڏانهن واپسي، شاهه شجاع وٽ دانهن، شاهه شجاع پاران هرهنڌ ماڻهن جي مقرري، ميرن جي لشڪر جي سکر ۾ آمد ۽ جنگ جي شروعات: 118

۴۳. شاهه شجاع پاران سمندر خان کي ميرن جي لشڪر سان مقابلي لاءِ مقرر ڪرڻ، ميرن جي لشڪر جون ڊاڙون هٽڻ: 120

۴۴. خيرپور جي ميرن جي سمندر خان سان جنگ جوٽڻ، هار کائي، سنڌن لشڪر جو درياءَ ۾ غرق ٿيڻ: 123

۴۵. سمندر خان جي جنگ ۾ مارجي ويل بلوچن جي ماتم جو بيان: 127

۴۶. سنڌ جي ميرن جو صلح صفائيءَ لاءِ، شاهه شجاع وٽ اچڻ، شاهه شجاع جو ساڻن صلح ڪرڻ: 129

۴۷. شاهه شجاع جو قنڌار اُسهڻ، قنڌار جي سردارن سان جنگ جوٽڻ ۽ هار کائڻ: 133

۴۸. سردار دوست محمد خان جي شاهه شجاع سان جنگ، شاهه شجاع جي شڪست کان پوءِ سالور جي قلعي ڏانهن روانگي: 136

۴۹. شاهه شجاع جي شڪست کان پوءِ، سردارن پاران سندس مال اسباب جي لُٽ ڦر جو احوال: 139

۵۰. شاهه شجاع جو سالور خان جي قلعي ۾ پهچڻ، شهزادي ڪامران جو سندس مدد جي لاءِ اچڻ، شاهه شجاع جو، ڊپ کان قلعو ڇڏي ڀڄڻ، سڌو قلات ڏانهن رُخ رکڻ، سردار رحمدل خان پاران سندس پيڇو ڪرڻ: 141

۵۱. شاهه شجاع جو روجهاڻ پهچڻ، شڪارپور جي ناظم سيد محمد تقي شاهه جو سندس پويان اچڻ ۽ شاهه شجاع جو لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيڻ: 144

۵۲. شاهه شجاع جو لاڙڪاڻي اچڻ، شاهه شجاع جو ميرن جي چوڻ تي حيدرآباد اُسهڻ: 146

۵۳. شاهه شجاع پاران ميرن ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪلڻ ۽ ميرن جو کيس کُتو جواب ڏيڻ: 148

٥٤. شاهہ شجاع جو ميرن کان مايوس ٿيڻ، سندن خلاف انگريزن سان سازش ڪرڻ، اليگزينڊر برنس جو خراسان (افغانستان) روانو ٿيڻ: 149

٥٥. انگريز فوج جي خراسان روانگي، جنهن ۾ شاهہ شجاع جو ساٿن پرپور ساٿ ڏيڻ: 152

٥٦. انگريزن جي لشڪر جي بمبئي کان آمد، بلوچن پاران وڳوڙ پکيڙي، ڇانوڻيءَ ۾ ڦر لُٽ مچائڻ، انگريزن واري لشڪر جي قنڌار تي ڪاهہ ۽ سوپارو ٿيڻ: 156

٥٧. قنڌار جي سردار جي هار، انگريز فوج جي قنڌار ۾ رهائش، بيماري ڪاٽڻ، غزني جو قلعو فتح ڪرڻ ۽ امير (سردار) دوست محمد خان جي پٽ غلام حيدر خان کي گرفتار ڪرڻ: 161

٥٨. غزني جي قلعي جي فتح انگريزن جو ڪابل جي تخت گاهہ ڏانهن وڌڻ، امير دوست محمد خان جو قاضي قلعي تائين مقابلي لاءِ ڪَهي اچڻ، دغا سان شڪست کائڻ، بلخ ڏانهن نڪري وڃڻ، اُتي محمد اڪبر خان سان گڏ گرفتار ٿي بخارا جي بادشاهہ وٽ پهچڻ: 167

٥٩. انگريزي فوجن جي ڪابل کان واپسي، قلات جي واليءَ مير محراب خان بروهيءَ سان جنگ، مير موصوف جو شهيد ٿي وڃڻ: 171

٦٠. ڪوهستاني بلوچن ۽ بروهين جي انگريزن سان ڦر لُٽ، سکر ۽ شڪارپور ۾ انگريزن جي ڇانوٽين جون اڏاوتون، سنڌ جي خبرچار وٺڻ، ۽ بلوچي ، پشتو ۽ سنڌي زبان جي سکيا وٺڻ، ايمل صاحب جي بلوچن هٿان ڪوهستان ۾ شڪست کائڻ: 174

٦١. انگريزن جو چٽ ۽ قلجي وڃڻ، بجار خان ڊومبڪي، ترڪ علي جکراڻي ۽ ٻين کي گرفتار ڪرڻ: 177

٦٢. انگريزن جو ڪاڻ جي قلعي ڏانهن وڃي ڇانوٽي قائم ڪرڻ، مري بلوچن هٿان، انگريز عملدارن جو قتل ٿيڻ ۽ ڪاهڻ شڪست کائڻ: 180

٦٣. ”عزت ماٰب“ مير نصير خان بروهيءَ جي قلات تي چڙهائي، سندس سوپ ۽ لبدين صاحب بهادر جو موت: 183

٦٤. سنڌ جي ايجنٽ راس بيل جو ڪوئيٽا وڃڻ، اُتي سرڪاري ڪمن جو انتظام ڪرڻ ۽ فوت ٿيڻ: 187

٨٧. خدايار خان دراني باميزئي جي شڪارپور تي چڙهائي ۽ شيخ غلام حيدر سان سندس لڙائي: 281

٨٨. ديوان چيتمل جو شڪارپور مان وڃڻ، گدام وارن هندن کان پئسا اُگاڙڻ، ڳڙهي ياسين ۾ شيخ غلام حيدر خان جي لشڪر سان جنگ ڪرڻ ۽ شڪست کائڻ، شيخ غلام حيدر خان جو شڪارپور تي حاڪم مقرر ٿيڻ، مير مراد علي خان جو پير علي گوهر سان لاڙڪاڻي اچڻ: 285

٨٩. حيدرآباد جي ميرن جي انگريزن سان جنگ، جنهن ۾ ميرن کي شڪست نصيب ٿيڻ، انگريزن پاران قلعي اندر گهڙي لُٽ ڦُر مچائڻ: 290

٩٠. مير شير محمد خان جي انگريزن سان جنگ، انهيءَ جنگ ۾ پنهنجي لشڪر جي سرڪردن جي دوکي سبب، مير صاحب کي شڪست حاصل ٿيڻ: 293

٩١. انگريزن هٿان سنڌ غصب ٿيڻ کان اڳ، قنڌار ۽ خراسان طرفان ميرن کي تاڪيد ناما لکڻ ته انگريزن کي پنهنجي ملڪ مان سندن پاسي ڌاڻهن اچڻ جو رستو نه ڏنو وڃي: 303

٩٢. مير شير محمد خان جو فوجي مدد لاءِ قنڌار وڃڻ ۽ ناڪام ملڪ اچڻ: 307

٩٣. مير علي مراد خان پاران، انگريز سرڪار جون خدمتون سرانجام ڏيڻ، ان جي بدلي ۾ اهوئي ڪيس حاصل ٿيڻ ته: جنهن ظالم جي مدد ڪئي، خدا تنهن ظالم کي ان تي ئي مڙهيو: 311

٩٤. مير علي مراد خان هٿان، دشمن پاران قرآن تي لکيل عهدنامي جو ورق ڦاڙي غائب ڪرڻ جو الزام، شيخ علي حسن جي ظاهر ظهور نمڪ حرامي ڪرڻ: 314

٩٥. شيخ علي حسن جي نمڪ حرامي ۽ مير علي مراد خان جون مٿس مهربانيون: 318

٩٦. انگريزن طرفان ڪلام مجيد جي ورق بدلائڻ تي مير علي مراد خان خلاف جاچ: 321

٩٧. انگريزن طرفان مير علي مراد خان تي چڙهائي، ڪانئس ملڪيتون کسڻ ۽ ڪيس رياست جي عهدي تان ئي معزول ڪري ڇڏڻ: 323

٩٨. انگريزن طرفان جاري ڪيل اشتهار نامو، مير علي مراد خان جي معزولي ۽ ملڪيتن جي ضبطيءَ بابت: 325
٩٩. مير علي مراد خان جو پنهنجي موروثي ملڪيت کان مايوس ٿيڻ، مير صاحب جي پگهاردار سپاهين جو مسئلو: 327
١٠٠. شيخ علي حسن جو وڏيءَ حسرت سان دنيا مان وڃڻ: 330

## حصو ٻيو

## تعليقات

١. ايسٽوڪ ڪُتب (Eastwicks) 333
٢. نادر شاهه افشار (١١٠٠هه-١١٦٠هه): 335
٣. احمد شاهه ابدالي ۽ سندس خاندان: 351
٤. بارڪزئي، سردار پائنده خان ۽ سندس اولاد: 379
٥. وزير شير محمد خان: 383
٦. سنڌ جا ٽالپر حڪمران: 385
٧. مير واعظ: 401
٨. وزير اڪرم خان امين الملڪ باميزئي پوپلزئي: 403
٩. نواب ولي محمد خان لغاري: 306
١٠. عبدالله خان ۽ عطا محمد خان: 411
١١. عبدالغفور: 414
١٢. مهاراجا رنجيت سنگهه (١٧٨٠ع-١٨٣٩ع): 417
١٣. ڪوهه نور هيرو: 419
١٤. پشاور جا قاضي خيل ۽ قاضي محمد حسن: 420
١٥. شڪارپور ۽ ڳڙهي ياسين جا محمدزئي: 427
١٦. وزير فتح خان جو قتل: 432
١٧. سنڌ ۽ افغانستان جا مجددي بزرگ: 436
١٨. لعل شهباز قلندر: 438
١٩. ميان قبول محمد: 443
٢٠. مرزا احمد خان: 446

| | |
|---|---|
| ٢١. عبدالله خان اچڪزئي: | 448 |
| ٢٢. وفات سردار محمد عظيم خان: | 450 |
| ٢٣. وفات سردار شيردل خان: | 451 |
| ٢٤. جنرل وينتورا: | 452 |
| ٢٥. پير صبغت الله ۽ سندس خاندان: | 453 |
| ٢٦. سيد احمد بريلوي جي شهادت: | 455 |
| ٢٧. قاضي محمد حسن: | 459 |
| ٢٨. درگاهہ شاهہ خيرالدين: | 460 |
| ٢٩. مير محراب خان بلوچ ۽ قلات جي احمدزئي خان جو بيان: | 462 |
| ٣٠. ڪيول Campbell: | 463 |
| ٣١. برنس Sir Alexander Burnes: | 467 |
| ٣٢. رابرٽ ليچ Robert Leech: | 468 |
| ٣٣. پاٽنجر Pottinger: | 469 |
| ٣٤. لارڊ آڪلينڊ (١٧٨٤ع-١٨٤٩ع): | 471 |
| ٣٥. مئڪناٽن (١٨٩٣ع-١٨٤١ع): | 473 |
| ٣٦. ويلشائر (١٧٧٩ع-١٨٦٢ع): | 474 |
| ٣٧. جنرل سيل (١٧٨٢ع-١٨٤٥ع): | 476 |
| ٣٨. ماريوٽ (م. ١٨٧٩ع): | 478 |
| ٣٩. چارلس رابرٽ ڪريٽن (١٧٧٩-١٨٤٨ع): | 478 |
| ٤٠. سر ويلولي ڪاٽن (١٧٨٣ع-١٨٦٠ع): | 479 |
| ٤١. لارڊ (١٨٠٨-١٨٤٠ع): | 479 |
| ٤٢. سردار غلام حيدر خان (١٢٣٥-١٢٧٤هہ): | 480 |
| ٤٣. انڊس لشڪر ۽ غزنيءَ جو غضب ٽيڻ: | 482 |
| ٤٤. ميجر ٽاڊ (١٨٠٨-١٨٤٥ع): | 488 |
| ٤٥. سرڪلوڊ مارٽن ويڊ (١٧٩٤ع-١٨٦١ع): | 489 |
| ٤٦. قلات جي مير محراب خان جي شهادت: | 490 |
| ٤٧. قلات جا وزير ملا محمد حسن ۽ رحيمداد: | 492 |
| ٤٨. ڪرنل ڊيني (١٧٨٥ع-١٨٤٢ع): | 498 |

٤٩. فيلڊ مارشل پارڪ (١٧٨٦ع-١٨٧٢ع): 499

٥٠: شاهه شجاع جو قتل: 501

٥١. جنرل ميڪاسل (١٨٤٥ع): 506

٥٢. جنرل نات (١٨٤٥هه/١٧٨٢ع): 507

٥٣. موهن لعل: 508

٥٤. ايڊورڊ لاو ارل ايلن برو: (Edward Lava Frist Earl Ellen Borough) 514

٥٥. نيپئر (١٧٨٢ع-١٨٥٣ع): 515

٥٦. سنڌ جي ميرن جا هندستان جي برطانوي حڪومت سان معاهدا: 519

٥٧. ميان علي گوهر پاڳارو: 552

٥٨. سرهينري بارٽل ايڊورڊ فريئر (Sir Henry Bartle Edward Frere) (١٨١٥ع-١٨٨٤ع): 555

٥٩. جنرل جيڪب (١٨١٢-١٨٥٨ع): 557

٦٠. اسماعيل شاهه ۽ ڪاظم علي شاهه 558

٦١. ديوان گدومل 563


**ڏسٽي**


ڏسٽي-١: شخصيتن جا نالا 565

ڏسٽي-٢: ماڳن ۽ مڪانن جا نالا 588

ڏسٽي-٣: قبيلن ۽ قومن جا نالا 600

ڏسٽي-٤: ڪتابن جا نالا 603

ڏسٽي-٥: خاص اصطلاح 605

# شجرن جي فهرست


| نمبر | عنوان | لاڳاپيل صفحو |
|---|---|---|
| 1. | نادر شاهہ افشار جو شجرو. | 348 |
| 2. | ابدالين جو شجرو. | 351 |
| 3. | سدوزئي (ابدالي) باد شاهن جو شجرو. | 352 |
| 4. | ڪلهوڙا خاندان جو شجرو. | 374 |
| 5. | بارڪزئي سردارن جو شجرو (پُرت پهريون). | 382 |
| 6. | بارڪزئي پائرن جي اولاد جو شجرو (پُرت ٻيو). | 382 |
| 7. | امير دوست محمد خان بارڪزئيءَ جو شجرو (پرت ٽيون). | 382 |
| 8. | سدو جي پاءُ صالح جو شجرو. | 384 |
| 9. | ٽالپر خاندان جو شجرو. | 386 |
| 10. | نواب ولي محمد لغاريءَ جو شجرو. | 410 |
| 11. | سرهندي پيرن جو شجرو. | 436 |
| 12. | مخدوم عبدالوهاب جو شجرو. | 444 |
| 13. | راشدي پيرن جو شجرو. | 454 |
| 14. | قلات جي خانن جو شجرو. | 462 |


☆

# تصويرن جي فهرست


| نمبر | عنوان | لاڳاپيل صفحو |
|---|---|---|
| 1. | احمد شاهه ابدالي (د ساني، سدونائي) | 1 ۽ 351 |
| 2. | تيمور شاهه پٽ احمد شاهه ابدالي | 1 ۽ 379 |
| 3. | شاهه محمود پٽ تيمور شاهه پٽ احمد شاهه ابدالي | 12 |
| 4. | شهزادو ڪامران پٽ شاهه محمود پٽ تيمور شاهه | 26 |
| 5. | شاهه شجاع پٽ تيمور شاهه پٽ احمد شاهه ابدالي | 9 |
| 6. | وزير فتح خان پٽ سردار پائنده خان بارڪزئي | 19 |
| 7. | سردار محمد عظيم خان پٽ سردار پائنده خان بارڪزئي | 36 |
| 8. | سردار پردل خان پٽ سردار پائنده خان بارڪزئي | 28 |
| 9. | سردار شير دل خان پٽ سردار پائنده خان بارڪزئي | 80 |
| 10. | آغا اسماعيل شاهه | 558 |
| 11. | مهاراجا رنجيت سنگهه | 9 ۽ 417 |
| 12. | ايران جو بادشاهه نادر شاهه افشار | 335 |
| 13. | امين الله خان لوگري | 234 |
| 14. | عبدالله خان اچڪزئي | 209 |
| 15. | عطا محمد خان باميزئي | 411 |
| 16. | قاضي محمد حسن | 115 ۽ 420 |
| 17. | سنڌوءَ ڪناري بکر جي قلعي جو اترين دروازو | 115 |
| 18. | ڪوئيٽا شال ڪوٽ جو هڪ ڏيک | 157 |
| 19. | ڪلان عزيز توب | 161 |
| 20. | انگريزن جو غزني تي حملي جو ڏيک | 167 |
| 21. | قنڌار وارو دروازو (قلات) | 171 |

| | |
|---|---|
| 22. امير دوست محمد خان جي هڪ ڳجهي جڳهه | 195 |
| 23. قلعو بالاحصار ڪابل | 233 |
| 24. ڪابل جي ويجهو نواب جبار خان قلعو | 180 ۽ 189 |
| 25. ڪابل ۾ انگلينڊ جو نمائندو مسٽر مئڪناٽن | 205 |
| 26. اليگزينڊر برنس | 467 |
| 27. ڪئپٽن ائنڊرسن | 161 |
| 28. ميجر پاٽنجر | 225 |
| 29. موهن لال | 508 |
| 30. ليڊي سيل | 477 |
| 31. امير دوست محمد خان پٽ سردار پائنده خان بارڪزئي | 29 |
| 32. وزير محمد اڪبر خان غازي پٽ امير دوست محمد خان | 480 |
| 33. ولي محمد سردار غلام حيدر خان پٽ امير دوست محمد خان | 480 |
| 34. مير ڪرم علي خان ٽالپر جو مقبرو، حيدرآباد | 110 |
| 35. مير مراد علي خان ٽالپر جي مزار، حيدرآباد | 399 |
| 36. نواب ولي محمد خان جو مقبرو | 406 |
| 37. مير صوبدار خان پٽ مير فتح علي خان ٽالپر | 388 |
| 38. مير نصير خان ٽالپر ”جعفري“ | 394 |
| 39. مير شهداد خان ٽالپر ”حيدري“ پٽ مير نور محمد خان پٽ مير علي مراد خان ٽالپر | 385 |
| 40. مير علي مراد خان اول خيرپور ميرس | 311 |
| 41. درگاهه حضرت نظام الدين مجددي شڪارپور | 437 |
| 42. منشي عطا محمد شڪارپوريءَ جي حويلي (مرزا محلہ، هزاري دراندران، شڪارپور) | |
| 43. درگاهه حضرت سچل سرمست | 443 |

| | |
|---|---|
| 44. سنڌ جي لشڪر جو نقشو | 152 |
| 45. شاهه شجاع جي شاهاڻي مجلس | 49 |
| 46. بلوچ سپاهي | 515 |
| 47. سردار نواب احمد خان پٽ سردار ولي محمد خان لغاري | 410 |
| 48. لنڊن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي تڏهوڪي آفيس | 519 |
| 49. انگريزي لشڪر جو سپهه سالار، سر چارلس نيپئر | 279 ۽ 515 |
| 50. سربارٽل فريئر | 555 |
| 51. حيدرآباد جي قلعي وٽ جنگ جو منظر | 290 |
| 52. مياڻيءَ جي ميدان تي انگريزي ۽ سنڌي لشڪرن جو آخري معرڪو | 291 |
| 53. سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر جو سنڌيءَ ۾ لکپڙهه بابت پڙرنامو | 556 |


☆

# شروعات

"سنڌي ادبي بورڊ" سنڌ جي تاريخي ڪتابن جا جيڪي متن ڇپائيندو رهي ٿو، تن مان هڪڙو ڪتاب هي بہ آهي. هن ڪتاب ۾ ٽالپورن جي زوال ڪان وٺي، سنڌ ۾ انگريزن جي اوائلي آمد بابت احوال درج ٿيل آهن.

ڪتاب جو مؤلف هن ئي سرزمين جو رهاڪو هو. پاڻ ڪيترا سال ٽالپورن توڙي افغان حڪمرانن سان سنڌ، ڪابل، قنڌار، هرات ۽ پشاور تائين گڏ گذاري چڪو هو، ان ڪري هن ڪي اکين ڏٺا واقعا بہ قلمبند ڪيا آهن.

"سنڌي ادبي بورڊ" جي پروگرام مطابق، هن ڪتاب جي ڇپائيءَ، حاشيہ آرائيءَ ۽ تصحيح جو ڪم مڪمل ڪرائڻو هو تہ جيئن مختلف قلمي نسخن سان هن جي ڀيٽ ڪري، هن کي جديد تحقيق سان ترتيب ڏنو وڃي. پر اهو ڪم ايترو آسان ڪونہ هو، تنهنڪري ڳالھ اڳتي وڌي نہ سگهي.

ان لاءِ انگريزي ۽ فارسي ڪتابن جي چنڊڇاڻ ۽ سنڌ ۽ افغانستان جي شهرن، ڳوٺن ۽ ماڻهن متعلق پوري ڄاڻ نهايت ضروري هئي. آخرڪار، ١٩٥٧ع جي پڇاڙيءَ ڌاري، جڏهن محترم غبدالحي حبيبي افغاني ڪراچيءَ ۾ اچي ترسيو تہ هي ڪتاب ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻيو سمورو مواد سندس حوالي ڪيو ويو.

هاڻي هي سڄو ڪتاب ان جي محنت سان مڪمل صورت ۾ اوهان جي اڳيان حاضر آهي، جنهن ۾ مرتب پنهنجي پاران ڪي اضافا پڻ ڪيا آهن. اميد تہ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ هي ڪتاب ڪارائتو ثابت ٿيندو.

ساڳئي وقت، "سنڌي ادبي بورڊ" تي بہ واجب آهي تہ سنڌ جي تاريخ تي جيڪي ڪتاب اسان وٽ موجود آهن، تن کي بہ اهڙيءَ طرح ترتيب ڏياري، شايع ڪندو رهي.

– **سيد حسام الدين راشدي**

# مُهاڳ

سال ١٩٥٨ع ڌاري جڏهن آءُ ڪراچيءَ ۾ رهيل هوس، "سنڌي ادبي بورڊ" "تازه نواءِ معارڪ" جي تصحيح، حاشين ۽ تعليق جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو.

هي ڪتاب سنڌ ۽ افغانستان جي ويجهڙائيءَ واريءَ تاريخ (اٺويهين صدي عيسويءَ) جي واقعن سان تعلق رکي ٿو، جن ۾ مؤلف جا ذاتي مشاهدا به شامل آهن. انهيءَ لحاظ کان هي هتان جي ۽ پاڙيسري ملڪ افغانستان جي سياسي اجتماعي ۽ فڪري معاملن ۽ مسئلن سان گڏ انهن عام خاص ماڻهن جي عملن ۽ ڪردار جي نمائندگي به ڪري ٿو، جن جي ان زماني ۾ ٻنهي ملڪن تي ڌاڪ هئي.

جيستري تائين ڪتاب جي تصحيح ۽ ترتيب جو سوال آهي، ظاهري طرح ته اهو ڪم سولو ٿي نظر آيو، پر جڏهن ان جي شروعات ڪرڻ ۾ آئي ته واقعن جي پوري شرح ۽ تصحيح سان گڏ هجري ۽ عيسوي سن، سال بابت ٻين ڪتابن تان جاڪوڙ ڪري، انهن کي موقعي جي مناسبت سان مختلف هنڌن تي واضح ڪيو ويو ۽ وڌيڪ تفصيل جي لاءِ ڪتاب جي پڇاڙي ۾ تعليقات جو اضافو ڪرڻو پيو.

ڪتاب جي لکڻي سنڌ ۾ ادبي فتور واري دور جي فارسي سان تعلق رکي ٿي، ان ڪري هن ۾ ادب ۽ زبان جي ڪيئي ضعف، نقص، مبهم ۽ غلط جملا اچي ويا آهن. ان لاءِ، متن ۾ ڪا دست اندازي ڪرڻ بدران، حاشين ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح، انگريزي ڪتابن جي مدد سان، نالن ۽ سالن وغيره جي درستي ڪرڻ ۾ آئي ۽ ٻيا به ڪيئي سڌارا ڪرڻا پيا.

تعليقات واري حصي ۾ فارسي، انگريزيءَ، سنڌيءَ ۽ پشتو جي قلمي ۽ ڇپيل ڪتابن وسيلي ٻنهي ملڪن، (سنڌ ۽ افغانستان) جي ماڻهن ۽ تاريخي واقعن جي وڌ ۾ وڌ معلومات درج ڪئي ويئي آهي.

مطلب ته پوري ڪوشش ڪري هن ڪتاب کي، فهرست کان وٺي حاشيه آرائيءَ ۽ تعليقات تائين مڪمل صورت ۾ ترتيب ڏيئي پڙهندڙ اڳيان پڌرو ڪجي ٿو.

آءُ جناب سيد حسام الدين راشدي جو ٿورائتو آهيان، جنهن کي هن ڪتاب جي تڪميل جو گهڻي قدر اشتياق هو. پاڻ مون کي هن ڪتاب جي ترتيب لاءِ

نهايت فراخدليءَ سان پنهنجي ذاتي ڪتبخاني مان قلمي توڙي ڇپيل ڪتاب عنايت ڪندو رهيو، تڏهن هي ڪم سرانجام ٿيو.

## ڪتاب جي مؤلف جو احوال:

هن ڪتاب جي مؤلف جو نالو عطا محمد هو، جنهن ڪتاب جي متن ۾ ڪن هنڌن تي پاڻ ڪي اشاري طور "عطا" ظاهر ڪيو آهي. هو پنهنجو تخلص "عطائي" ڄاڻائي ٿو، ان بابت ضرورت مطابق هن ڪتاب ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي.

ڪابل واري نسخي جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪو مؤلف جي فرزند، محمد حسن، ماهه رمضان ١٢٧١هه/١٨٥٤ع ۾ لکيو هو، واضح ڪيل آهي، ته هي ڪتاب محمد حسن ولد مولانا مرزا عطا محمد جي هٿان لکيل آهي، ليڪن نسخي الف ١٣١٣هه ۾ هيٺين لکيو ويو آهي: "تاريخ سنڌ، افغانستان، تاليف جناب مرحوم محمد عطا."

هن باري ۾ مؤلف پاڻ به ڪتاب جي ديباچي ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ پنهنجو نالو ڄڻائيءَ سان ڪونه لکيو آهي، پر جتي ڪٿي منجهيل عبارت ڪتب آئي ٿو، جهڙوڪ "عطا تي عطا ٿيل عطا جو نالو خطا سان نه ورتل" وغيره. دراصل سندس نالو محمد عطا نه بلڪ عطا محمد هو، جنهن جو ثبوت ڪتاب (History of Alienations in Sindh) مان ملي ٿو، جنهن جي ٻئي جلد ۾ (جيڪو بمبئي سرڪار جي مالياتي کاتي طرفان ١٨١٨ع ۾ ڇپيو هو،) سرڪاري وظيفو حاصل ڪندڙن جي فهرست ۾، ٻاويهين نمبر تي، پڌري پٽ مرزا عطا محمد لکيل آهي. ان موجب، مسٽر فريئر پنهنجي خط نمبر ٣٨٤ تاريخ ٢١- آڪٽوبر ١٨٣٥ع ۾ لکي ٿو ته: "سيپني ذاتي گذارن ۾ چار روپيا ماهوار مرزا عطا محمد جي نالي ٿيل آهن، جنهن جي جاري رکڻ لاءِ آءُ پڻ سفارش ڪريان ٿو. هي شخص شڪارپور ۾ وڏي علمي رتبي وارو آهي. هي ان شخص (عبدالرحيم) جو پوٽو آهي، جنهن کي اوائل ۾ اهو وظيفو عطا ڪيل هو."

احمد شاهه ابداليءَ جي وزير شاهه ولي خان پيري، ١٨٦٢ع ڌاري، جڏهن شڪارپور افغاني حڪومت جي ڏاک ۾ هو، مرزا عطا محمد جي ڏاڏي، عبدالرحيم کي گيهه ۽ ڪٽڪ جو اتي مقرر ڪري ڏنل هو، جيڪو جيئن جو تيئن شلندو ٿي آيو ۽ اڳتي هلي مير نور محمد خان توڙي نصير خان ٽالپور جي پاران به کيس ڏنو ٿي ويو.

ان جي رقم ماهوار جي حساب سان چار روپيا هئي، جنهن کي انگريز حڪومت بہ جاري رکيو، انگريزن جي حڪومت کان اڪياسي ورهيہ اڳ اهو وظيفو شروع ٿي چڪو هو، جيڪو ان کان پوءِ بہ مرزا عطا محمد جي پٽيتي اولاد لاءِ جاري رهيو.

مٿينءَ سرڪاري پڙتالي، مطابق خط نمبر ۵۳۲ تاريخ ۷- فيبروري ۱۸۵۵ع ساڳيو وظيفو مرزا عطا محمد جي لاءِ مقرر ڪيو ويو(۱) مسٽر فريئر جي انهيءَ خط مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مرزا عطا محمد جي ڏاڏي جو نالو عبدالرحيم(۲) هو ۽ مرزا عطا محمد پاڻ ۱۲۷۲ھ/۱۸۵۵ع تائين، هن ڪتاب جي تاليف کان هڪ سال پوءِ بہ، جيئرو هو.

## منشي گري ۽ شڪارپور ۾ ملازمت:

مرزا عطا محمد جواني کان شڪارپور ۾ منشي گري ڪندو ٿي آيو،جنهن جي وسيلي سندس واسطيداري وقت جي حاڪمن سان رهندي آئي، هي فارسي زبان جو ماهر ۽ پنهنجي ڪم ۾ نهايت قابل هو،جيئن پاڻ ٻڌائي ٿو: آءٌ شڪارپور ۾ حڪومت ۽ رياست جي ملازمت دوران جوانيءَ کان منشي گري جو ڏنڊو ڪندو ٿي آيس(۳).

مرزا عطا محمد شڪارپور ۾ شاهہ شجاع وٽ منشي هو، ۱۲۳۵ھ / ۱۸۱۹ع ۾ جڏهن شاهہ شجاع هتي هو تہ منشي موصوف سندس پاران شاهي فرمان لکندو هو ۽ هتان جي ميرن ڏانهن بہ سرڪاري سياسي لکپڙهہ ڪندو ٿي رهيو(۴).

۱۲۳۶ھ /۱۸۲۰ع ۾ جڏهن شاهہ شجاع سردار محمد عظيم خان سان گڏ سنڌ مان واپس ٿيو تہ شڪارپور جي حڪومت سردار شيردل خان جي حوالي ٿي. هن ملا مؤمن غلزئيءَ کي شڪارپور جي نيابت تي رکيو. هي مرزا عطا محمد تي گهڻو مهربان هو ۽ سندس دوست هو،جنهن وٽ پاڻ منشي گري ڪندو ٿي رهيو.

---

(1) History of Alienations in Sindh-2-212

(۲) مرزا عبدالرحيم ولد حاجي محمد علي وڏو عالم، عامل ۽ ڪلام الله جو حافظ هو. حضرت مِيان حاجي فقير الله علوي سان دوستي هيس، حاجي صاحب کيس برخوردار ڪري سڏيندو هو، ڏسو شجره نسب مرزا عطا محمد شڪارپوري- مترجم.

(۳) ڏسو باب ۲۶- ميرن ۽ سردار محمد عظيم خان جي مصالحت.

(۴) ڏسو باب ۱۶. شاهہ شجاع جو شڪارپور ۾ بلا ٻنجي نازل ٿين.

جڏهن ملامؤمن هتان موٽي قنڌار ويو تہ اتان مرزا عطا محمد قنڌاري، سردار رحمدا، خان سان شڪارپور آيو. ان وقت مرزا عطا محمد شڪارپوري منشي گريءَ جو ڪاتو مرزا عطا محمد قنڌاري جي حوالي ڪيو(١).

## پشاور، ڪابل ۽ هرات جو سفر:

مرزا عطا محمد شڪارپوري جو شير محمد خان نالي مامو هو، جيڪو خيرپور جي ميرن جو خاص مقرب شمار ڪيو ٿي ويو، هي ميرن جي طرفان افغان سرڪار جي دربار ۾ وڪيل (سفير) مقرر ٿيل هو. سال ١٢٢٥هہ/١٨١٠ع جڏهن محمود شاهہ افغاني سلطنت جي تخت تي ويٺو ۽ فتح خان کي پنهنجو وزير مقرر ڪيائين ۽ حيدرآباد جي ميرن پاران سيد اسماعيل شاهہ ۽ خيرپور جي دربار طرفان شير محمد خان(٢) (مؤلف جو مامو) ڪابل روانا ٿيا، تڏهن مرزا عطا محمد بہ پنهنجي مامي سان اوڏانهن گڏجي ويو. اتي وزير فتح خان ڪابل درياهہ جي ڪناري جيڪو جشن ملهايو هو تنهن جو تفصيلي ۽ اکين ڏٺو احوال لکيو هئائين(٣) ان کان پوءِ جڏهن ١٢٣١هہ/١٨١٧ع ۾ شاهہ ۽ وزير ٻئي پشاور ويا تڏهن بہ مؤلف سنڌ جي ساڳين سفيرن سان اتي وَيو ۽ عيش نشاط جي محفلن ۾ شرڪت ڪيائين.(٤)

انهيءَ مان معلوم پيو ٿئي تہ سنڌ جا سفير وزير فتح خان سان هيڪاندا ٿي پئي هليا. پشاور جي سفر کان پوءِ جڏهن وزير موصوف ١٢٣٤هہ /١٨١٨ع ۾ هرات ڏانهن ويو تہ مؤلف جي بيان موجب اهي سفير اتي بہ ساڻس گڏ هئا، وري جڏهن وزير فتح خان قاچاري شهزادي عباس مرزا جي لشڪر سان منهن ڏيڻ لاءِ مشهد ويو تہ حصار ۽ هرات جون چاٻيون سنڌن تحويل ۾ ڏنائين، جيڪي واپس اچڻ تي سندس حوالي ڪرڻ ۾ آيون: ان ڪري ئي سنڌ جي سفيرن کي وزير فتح خان جو اعتبار حاصل هو ۽ انهيءَ عيوض هنن کي ايڏي اهميت ٿي ڏنائين.

انهن واقعن کان پوءِجڏهن وزير فتح خان هرات ۾ شهزادي ڪامران هٿان قيد ٿيو ۽ ڪيس اکين کان انڌو ڪيو ويو تہ سنڌ جي سفيرن پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽ ڪاڏي، ۽ مؤلف بہ شڪارپور ۾ اچي ساڳي منشي گري ڪرڻ لڳو.(٥)

(١) ڏسو باب ٢٦. مرزا عطا محمد جي زباني.

(٢) شير محمد خان ولد عالم خان ولد عبدالرحمان. ڏسو شجره نصب مرزا عطا محمد منشي شڪارپوري.

(٣) ڏسو باب ٤- محمود شاهہ جي تخت نشيني.

(٤) ڏسو باب ٥- ماني ياڳل جو موت.

(٥) ڏسو باب ٨ وزير فتح خان ۽ مرزا عباس علي جي جنگ.

جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي تہ ١٢٣٥هہ/١٨١٩ع ۾ عطا محمد، شاهہ شجاع وٽ، منشي هو. تنهن کان پوءِ ملا مؤمن خان غلزئي افغاني حڪومت جي نائب سان گڏجي اهو شغل جاري رکندو آيو.

## قنڌار جي مختارڪاري:

١٢٣٧هہ/١٨٢١ع ۾ جڏهن سردار رحمدل خان شڪارپور جي حڪومت جي واڳ ورتي تہ مرزا عطا محمد جو محسن ملا مؤمن خان شڪارپور جي نيابت تان معزول ٿيو ۽ مؤلف کي بہ پاڻ سان قنڌار هلڻ لاءِ چيائين پر، هن پيءُ ماءُ جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وقت لڳايو پوءِ انهن جي راضپي سان قنڌار هليو ويو، پويان منشي گري جو ڪاتو مرزا عطا محمد قنڌاري جي حوالي ڪيائين.

سردارِ رحمدل خان جي مرضي هئي تہ مرزا عطا محمد شڪارپور ۾ ئي هجي، تڏهن سندس احساس رکندي ڪيس موڪل ڏنائين، هي وڃي قنڌار پهتو. قنڌار ۾ ملا مؤمن خان هن تي ڪيئي نواز شون ۽ عنايتون ڪيون ۽ هي شهر جي معتبرن وٽ چڱو مقبول ٿيو. مرزا احمد خان جيڪو.شيردل خان جو نائب ۽ ڪار مختار هو، تنهن وٽ ٻن سالن تائين مرزا عطا محمد ساڳي منشي گري واري عهدي تي رهيو.

اتي جيڪا صداقت ۽ ديانتداري ڏيکاريائين، تنهن جي طفيل سردار شيردل خان، ملا مؤمن خان توڙي ان جي پانتي طره باز خان وٽ ڪيس ڏاڍي پذيرائي ملي. هن کي اتي بہ لک چاليهہ هزار رپيا سردار جي عملي ۽ لشڪر جي پگهارن لاءِ پنهنجي اختيار هيٺ ڏنا ورتا ، پر ڪنهن بہ منٿس ڪنهن گهٽ وڌائي جو اظهار يا اعتراض نہ ڪيو(١) . اهڙيءَ ريت مولف قنڌار ۾ رهائش واري ٻن سالن جي عرصي ۾ چڱو پاڻ موڪيو، جنهن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي.

## هرات جو سفر:

١٢٣٨هہ - ١٨٢٢ع ۾ هرات جو حڪمران شهزادو ڪامران، قنڌار هٿ ڪرڻ جي ارادي سان اتان نڪري، فراهہ واري علائقي ۾ آيو تہ وزير فتح خان جي قنڌاري سردارن ساڍن چئن هزارن لشڪرين سان، سائس مهاڏو ڏيڻ لاءِ فراهہ جي راهہ ورتي. پنيان سردارمهردل خان کي قنڌار جي حڪمراني تي ويهاريو ويو.

انهيءَ سفر ۾ ملامؤمن خان بہ قنڌار جي سردارن سان گڏ هو ۽ مرزا عطا محمد کي پاڻ سان ڪنيو هيائين جنهن اهي اکين ڏٺا واقعا پنهنجي ڪتاب ۾ درج

(١) ڏسو باب ٢٦، مرزا عطا محمد جي زباني.

ڪيا، جيڪي اهڙي تفصيل سان ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونہ آيل آهن.

اهو سفر جمادي الثاني جي ۱۲۳۸ھ /۱۸۲۲ع کان اڳي سال جي پڇاڙيءَ تائين جاري رهيو. آخر قنڌار جي سردارن هرات فتح نہ ڪرڻ سبب ۲۵ ذوالحج واپس اچي قنڌار جا وڻ پيتيا:(۱) تہ مؤلف بہ انهن سان گڏ هليو آيو. ان کان پوءِ جي خبر نٿي پوي تہ هي ڪهڙي سال قنڌار ڇڏي شڪارپور اچي رسيو ۽ ترسيو.

## سکر جي جنگ کان پاسو ڪرڻ:

مولف ۱۲۳۸ھ / ۱۸۲۲ع کان پوءِ سنڌ ۽ قنڌار ۾ پنهنجي رهائش بابت ڪونہ ڄاڻايو آهي پر ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ ۱۲۴۸ھ / ۱۸۳۲ع ۾ جڏهن شاهہ شجاع ۽ بلوچن وچ ۾ سکر لڳ (ڪرڙيءَ واري) جنگ لڳي تہ ان موقعي تي سيد ڪاظم علي شاهہ ولد سيد اسماعيل شاهہ(۲) جي قتل ٿيڻ کان اڳ سکر ۽ شڪارپور ۾ پنهنجي موجودگيءَ جو اظهار ڪري ٿو:

"سيد ڪاظم علي شاهہ پنهنجي ڀاءُ سيد تقي شاهہ ۽ عملي سان گڏ سکر روانو ٿيندي"هن خاڪسار (عطا محمد) کي جيڪو هن ڪتاب جو مؤلف آهي پاڻ سان گڏجي هلڻ لاءِ زور پريو،ليڪن مون ڪيس صاف جواب ڏنو تہ"هر ڪنهن جو جامو سندس قد بت مطابق سبيل هوندو آهي، باز جو ڪم بدڪ کان ڪونہ پڇندو نہ وري طوطي جو آواز سرڻ (پکي) جي ٽڙيءَ مان نڪري سگهندو، هر قلم هر ڪا عبارت تحرير ڪري نٿو سگهي- هاڻ جو هي جنگ جي مصيبت منهن ڪيو آهي تہ اسان جهڙن دانائي جي داستان نويسن لاءِ اهوئي کوڙ آهي تہ مسلمانن جي ناحق خونريزيءَ ۾ پنهنجا هٿ نہ رڱيا وڃن،پلا اهو فعل ڪهڙي مسلڪ موجب روا ٿي سگهي ٿو؟ ها، جيڪڏهن جهاد جو معاملو هجي ها تہ اها ٻي ڳالهہ ليکجڻ ۾ اچي ها. اهڙي نموني (بهاني) هي خاڪسار (مؤلف) سيد ڪاظم علي شاهہ کان موڪلائي شڪارپور اچي پنهنجي ماڳ تي ٽانيڪو ٿيو."

## ولادت ۽ وفات:

هن باري ۾ بہ مؤلف پنهنجي ڪتاب ۾ ڪاشيءَ نہ لکي آهي، نہ وري ڪي اهڃاڻ اجاگر ڪيا اٿائين. پر سن ۱۲۲۵ھ / ۱۸۱۰ع ۾، جڏهن سنڌ جي سفير (پنهنجي مامي) سان گڏ ڪابل ۾ هو، ۽ ان کان پوءِ ۱۲۳۵ھ / ۱۸۱۹ع ڏاري جواني ۾ جڏهن منشي گري تي ڪيائين تہ صرف اها نشاندهي ٿئي ٿي.

---

(۱) ڏسو باب ۲۶- مرزا عطا محمد جي زباني.

(۲) ڏسو باب ۴۳- شاهہ شجاع جي پاران سمندر خان کي ميرن جي لشڪر سان مقابلي لاءِ مقرر ڪرڻ.

دستور آهي تہ ڪنهن بہ ڏگهي مسافريءَ ۾ ڪنهن نابالغ ٻار کي نہ کنيو ويندو آهي. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڪابل جي سفر دوران مؤلف ڦوهہ جواني ۾ هوندو ۽ اميرن ۽ بزرگن جي محفلن مان خوب مزا ورتا هوندائين.

جيڪڏهن سندس وهيءَ کي ان وقت پنجويهہ ورهين ۾ ويچاريون تہ ان مطابق هن جي ولادت ۱۲۰۰هہ / ۱۷۸۵ع ۾ ٿي هوندي، جيڪو شهزادي تيمور سدوزئي جي سلطنت جو دور آهي. ان سان گڏ سندس آخري عمر بابت مسٽر فريئر جي لکت موجود آهي، تہ هي ۱۲۷۲هہ / ۱۸۵۵ع تائين جيئرو هو، ٿي سگهي ٿو تہ وڏ ۾ وڏ ٻاهتر (۷۲) جي ڄمار ۾ (يا ان کان سال ڪن پوءِ) فوت ٿيو هجي.

## مؤلف جا پويان:

ڪابل واري قلمي نسخي ڏسڻ کان پوءِ اها پڪ ٿئي ٿي تہ مؤلف جو هڪڙو پٽ محمد حسن نالي هو جنهن هن ڪتاب جو نسخو رمضان ۱۲۷۱هہ / ۱۸۵۴ع ڌاري شڪارپور ۾ قلمبند ڪيو، انهيءَ نسخي جي آرن پارن مان پڌرو ٿو ٿئي تہ اُهو محمد حسن سطحي اهليت رکندڙ هو، جنهن ڪري هن جي قلمبند ڪيل نسخي ۾ ڪيئي غلطيون ۽ ادبي گهٽ وڌايون صاف نظر اچن ٿيون. شڪارپور جي ڪن ماڻهن کان جاچ ڪندي معلوم ٿيو آهي تہ مؤلف جي خاندان مان هڪ شخص غلام مصطفيٰ نالي هو(۱) جنهن ٿيهارو سال اڳ شڪارپور ۾ پيئي گذاريو، ان جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ سنڌ مدرسو قائم ٿيو، هن جو والد ڪليڪٽر جي آفيس

(۱) ڪتاب جي مرتب عبدالحيٰ حبيبي افغاني جي دور ۾ هتي جاٿايل مٿاهري معلومات کان علاوه ٻيو ڪي بہ معلوم ڪونہ هو. ان ڪري اها ڳالهہ ايستائين محدود رهي- هاڻ جڏهن هي ڪتاب مترجم (نياز همايوني) جي حوالي ٿيو تہ ان بابت پوري جاچ ۽ ڇنڊڇاڻ کان پوءِ مؤلف جي شجري سان گڏ ڪي ٻيا احوال بہ هٿ لڳي ويا. جيڪي اصل ۽ نقل سميت هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو ويو آهي.

انهيءَ شجري ۽ ٻين احوالن جي روشنيءَ ۾ جيڪا ڪجهہ قلمي ڪتابن ۽ ڪاغذن توڙي بياضن مان مترجم کي معلومات حاصل ٿي آهي سا تفصيل سان "مترجم جي نوٽ" ۾ ڏجي ٿي.

غلام مصطفيٰ ولد عبدالڪريم ولادت ۱۲۹۴هہ /۱۸۷۶ع سندس پٽ جو نالو بہ عبدالڪريم مرزا هو جنهن سان مترجم جي دوستي هئي، مرزا عبدالڪريم فوج ۾ ڪئپٽن هو، پوءِ ايس پي سرحدي پوليس ٿيو، جتان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ اچي رهيو، شڪارپور ۾ رئيس واهہ جي اولاهين پاسي سندس ڪوٽ هو، پاڻ ڪجهہ عرصو اڳ گذاري ويو آهي، - مترجم.

۾ دفتر دار هو جنهن وٽ پنهنجي زرعي زمين هڪ واهڻ سميت موروثي ملڪيت جي صورت ۾ هئي.

## ڪتاب جي تاليف:

مرزا عطا محمد جي لکڻي بہ ڪا عجيب قسم جي هئي، جنهن ۾ ڪيئي ڳالهيون هيٺ مٿي ڏسڻ ۾ پيون اچن تہ ڪن جو وري منهن سر ئي ڪونهي. اهڙي طرح سڄي ڪتاب ۾ بي جوڙ جملن، هروڀرو جي ڊيگهہ ۽ ٻين ادبي اوڻائين جي ڀرمار سان گڏ لغت جي غلط استعمال جو واهپو عام جام موجود آهي، جا خامي ۽ ڪمي هڪ انشاپرداز جي شان وٽان نہ هئي.

جيستري قدر سالن جي تعين ۽ اِملاجي علامتن جو تعلق آهي ان ۾ بہ گهٽيون ڪوتاهيون آهن، پر ان جي لاءِ مؤلف تي ڏوهہ ڏيئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ کيس ڪتاب لکڻ وقت حوالي جا خاص ڪتاب موجود نہ هجن، ۽ هن اهو سڀڪجهہ صرف ٻڌين سُڌين ڳالهين يا پنهنجي يادگيريءَ جي آڌار تي قلمبند ڪيو هجي. انهن سڀني گهٽتائين جي باوجود ڪتاب ۾ جيڪي اکين ڏٺا واقعا آندل آهن اهي، ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ نہ ملڻ ڪري، وڏي اهميت رکن ٿا- ان کان علاوه مرزا عطا محمد هڪ سچار ۽ بلند ڪردار ماڻهو هو،جنهن واقعن قلمبند ڪرڻ وقت ڪنهن بہ رياڪاري يا پاسداري کان ڪم نہ ورتو آهي ۽ هر هنڌ غير جانبدار لڳائي ٿو. پاڻ ڪنهن جي بہ ڪا بيجڙائي ظاهر نٿو ڪري پر ماڻهن وٽان جنهن لاءِ جيڪا چڱي مني ڳالهہ ٻڌي ٿو،سائي بيان ٿو ڪري! ان لاءِ سندس جرئت آفرين جوڳي آهي. هي ڪتاب، جنهن جي مهاڳ مان معلوم ٿئي ٿو تہ جناب ايسٽوڪ جي خواهش تي لکيو ويو (جيڪو پنهنجي وقت جو مقتدر شخص هو)، ان هوندي بہ سڄي ڪتاب ۾ ڪابل جي جنگين توڙي انگريزن جي چڙهائن جو احوال لکندي ڪابہ جانبداري نٿو ڏيکاري. اهو ئي رويو سنڌ، افغانستان جي ماڻهن ۽ حاڪمن بابت روا رکندو اچي ٿو، ان مان سندس منصف مزاجي بکي ٿي.

ٻيو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي خواهش مطابق ڪجهہ چئي نٿو سگهي تہ چوي ٿو: هتي جبريل کي بہ مجال ناهي جو پر ساهڻ جي ڪري! خاص ڪري جڏهن روحاني رهنمائن جا ڪرتوت بيان ڪرڻ تي اچي ٿو تہ گهڻو تارو ڪري ٿو وڃي. ڪڏهن واقعن جي تصوير ڪشي ۾ دقت کان ڪم وٺي ٿو ۽ ڪليات سان گڏ جزئيات کي بہ ذڪر هيٺ آڻي ٿو. مثال طور شاهہ شجاع کي اولياءِ دوات جي لقب سان گڏ جڏهن شڪارپور ۾ سندس ڪارستانيون ڏسي ٿو تہ انهن کي جيئن

ڏنو هيائين تيئن بيان ٿو ڪري- اهڙيءَ ريت سنڌين، بلوچن، ٽالپورن توڙي سيدن ۽ ٻين ڪي جيڪي يا تہ خود وڏا ماڻهو هئا يا سنڌن لاڳاپو وڏن کان وڏن ماڻهن سان هو،تن ڪي بہ ائين ياد ڪري ٿو. انهن ڳالهين کي آڏو رکندي چئي سگهجي ٿو تہ مرزا عطا محمد برابر سچاڻ مورخ هو ۽ سندس هي ڪتاب بلاشڪ ان دور جي آرسي جي مثال آهي، جنهن ۾ حقيقي واقعن، ماڻهن، حاڪمن، توڙي زماني تي ٿا ڦيل چڱن مڙسن جي، حيدرآباد، قنڌار، هرات، ڪشمير، ۽ لاهور کان وٺي ڪابل تائين، تصوير نظر اچي ٿي. ان هوندي بہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ مؤلف سياسي ماڻهو نہ هو، جنهن ڪري هو بادشاهہ گردين، عام واقعن، ڳجهين ڳالهين ۽ حقيقي مسئلن سان گڏ سياسي معاملن تائين نہ رسي سگهيو، خاص ڪري، اهڙا واقعا ۽ اهڙيون خونا خونيون، ايذا فتور ۽ فساد جيڪي تيمور شاهہ جي موت کان پوءِ پردي تي ايندا ويا،تن جي ڪيس ڪا خاص ڄاڻ نہ هئي تہ انهن جا اندروني سبب ڪهڙا هئا. ڪيس خبر هئي تہ سچ ڪڙو ٿيندو آهي ان ڪري ڪتاب جي ديباچي ۾ چوي ٿو تہ مطلب جي اظهار لاءِ ان جي لڳائي چڱائي جو ڪجهہ لحاظ رکيو ويو آهي، تڏهن بہ ڪي اهڙا واقعا جيڪي خراسان جي سفر دوران پنهنجي اکين سان ڏسي چڪو هو،تن کي چٽيءَ ريت پڌرو ڪيائين.

ڪابل ۽ الف واري نسخي جي پڇاڙيءَ واري لکت مان واضح ٿو ٿئي تہ مولف هي ڪتاب ٢٥ جمادي الثاني ١٢٧١هہ / ١٨٥۴ع ۾ پڄاڻيءَ تي رسايو. ان کان پوءِ، ١٢٧٢هہ / ١٨٥٥ع بابت جيئن مٿي اشارو ڪيو ويو. مؤلف جي حياتيءَ بابت ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ پاڻ ڪهڙي نموني، زندگي گذاري پنهنجي رب تائين وڃي رسيو.

## ڪتاب جو هڪ راوي:

مؤلف، هن ڪتاب ۾ واقعن بيان ڪندي، ڪنهن راوي جو نالو ڪونہ ٿو وٺي ان لاءِ هن پنهنجي مشاهدي کان ڪم پئي ورتو آهي، البتہ صرف هڪ هنڌ نسخي (ب) ۾ ڪابل جي جنگ جي شروعات ۽ مئڪناٽن جي قتل جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ اها روايت سيد ميان عظيم الله شاهہ کان ٻڌي وٺي تہ ڪابل اهڙيءَ ريت فتح ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ ٻين نسخن ۾ ان راوي جو نالو ڄاڻايل ڪونہ آهي، تڏهن بہ هتي جزوي نشاندهي جي لاءِ هي بہ تي سٽون لکيون ويون.

## قلمي ڪتاب جي نسخن جو وچور:

متن جي ترتيب ۽ حاشيہ آرائي لاءِ چار قلمي نسخا مرتب جي پيش نظر

هئا، جن مان هڪڙي کي اصل متن ٺهرائيندي ان موجب ڪم شروع ڪرڻ ۾ آيو، باقي نسخا حاشين جي لاءِ مدد طور ڪتب آندا ويا.

١- اصل نسخو ڪابل جي ڪتب خاني ۾ موجود هو، جتان ان جو نقل هٿ ڪيو ويو. هي نسخو محمد جمن ولد منشي عطا محمد (مولف) جي هٿان قلمبند ٿيل ۽ غلطين سان ڀريل هو، جنهن ۾ ڪٿي ڪي واضح نقص هئا ته ڪٿي ماڳهين سٽن جون سٽون غائب هيون. ان جي پڇاڙيءَ ۾: "بقلم حقير سراپا تقصير محمد جمن خلف مولانا مرزا عطا محمد، تحرير رمضان المبارڪ ١٢٧١هه" لکيل آهي، انهيءَ نسخي کي ٻين نسخن سان ڀيٽي غلطين جي درستي ڪرڻ ۾ آئي، ان نسخي کي (ڪ) جي نشان سان حاشين ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

٢- نسخو ٻيو الف: هي ٦١٢ فل اسڪيپ جي صفحن تي انگلش ڪاغذ مٿان وچولي، نستعليق خط ۾ لکيل آهي، جيڪو نسخي (ڪ) سان مشابهت رکي ٿو، پر ان ۾ ڀرين ڪان غلطيون گهٽ آهن. هر صفحي تي پندرهن سٽون اچن ٿيون ۽ هن جي پڇاڙيءَ تي هي لکيل آهي: "حُسب ارشاد صاحب بهادر والا شان عادل، فاضل زمان ذي جلود والاڪرام، (اصل: و الڪرام) ديوان ڏيارام جج ضلع شڪارپور، جنهن جي عدالت ۽ سخاوت سان حاتم ۽ نوشيروان جو روح ريس (رشڪ) ڪري ٿو." "ڪتاب تاريخ سنڌ، افغانستان، تاليف جناب مرحوم محمد عطا، تنهن [ديوان] لاءِ ٻن مهينن جي عرصي ۾ نقل ڪري ڏيڻ ۾ آيو، تاريخ ٢٥- ربيع الاخر ١٣١٣هه / ١٨٩٦ع ڪاتب، منشي سچيڏنو عفي عنه همراه منشي عبدالرسول پيٽي پورو ڪيو ويو."

انهي نسخي کي (الف) جي نشان سان حاشين ۽ ٻين هنڌن تي هن ڪتاب ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

٣- نسخو (ب): هي اصل ڪتاب جو اختصار آهي جنهن ۾ متن جا ڪي فصل موجود آهن.

هن ۾ ڪيترن هنڌن تي ڪلي طور اصل سان ڀيٽڻ ۾ گهڻو فرق نظر اچي ٿو، ان مان به ضرورت مطابق ڪم ورتو ويو آهي. هن نسخي تي تاريخ قنذار لکيل آهي، لکندڙ جو نالو "حشمت راءِ ولد ديوان پرتاب راءِ سيوهاڻي تاريخ ٢٥- صفر ١٢٩٧هه / ١٨٧٩ع ڏينهن ڇنڇر وقت منجهند ڄاڻايل آهي."

٤- نسخو (ج) فل اسڪيپ سائز ۾ انگريزي ڪاغذ تي نهايت بيڪار نموني

لکيل آهي. ان جو لکندڙ فارسي زبان کان ناواقف ٿو ڏسجي جنهن ڏاڍيون غلطيون ڪيون آهن. هي ڏيڍ سؤ پنن تي آهي، لکندڙ سيد مير غلام باقر فقير ٽالپور ۽ تاريخ ٧- جمادي الاخر ١٢٩٢هه مٿانس نظر اچي ٿي، هن جي هر صفحي تي سترهن سٽون آهن.

هي لکندڙ جيئن ته شيعو هو ان ڪري جتي "چار يار" لکيل هو اتي "ياعلي" لکندو ويو ڪيس اها ڪل ئي نه هئي ته مؤلف اهي جملا افغان سنين جي زبان مان نڪتل ڄاڻايا هئا،انهن سان شيعن جو ڪو واسطو نه هو.

انهن نسخن جي مدنظر هن ڪتاب جي تصحيح ڪئي وئي ۽ هر نسخي جون خاص علامتون حاشين ۾ ڄاڻايون ويون آهن. اهي ٽئي نسخا جناب سيد حسام الدين راشدي سنڌي ادبي بورڊ طرفان منهنجي حوالي ڪيا هئا، جيڪي بورڊ ڪي ڪن ذاتي ڪتبخانن مان هٿ آيل هئا.

## "خزائن تاريخ" جي قلمي نسخي بابت:

مرزا عطا محمد، "تازه نواءِ معارڪ" کان علاوه، هڪ ٻيو ڪتاب به "خزائن تاريخ" جي نالي لکيو هو، جنهن ۾ چارلس نيپئر جون بلوچن سان جيڪي جنگيون ٿيون، تن جو ذڪر ڪيو آهي. اهي جنگيون ١٢٦١هه / ١٨٤٤ع ڌاري لڳيون هيون. ان ڪتاب جو هڪ نسخو برٽش ميوزيم جي سيڪشن او-آر (O.R) ۾ موجود آهي ۽ ١٨٩١ع واري فهرست ۾ ان جو ذڪر اچي ٿو، (١) پر سنڌ ۾ اهو نسخو ڪٿي ڏسڻ ۾ ڪونه آيو: ممڪن آهي اهو هڪڙوئي نسخو هجي.

عبدالحي حبيبي افغاني

ڪراچي
١٥- سيپٽمبر، ١٩٥٨ع

---

(١) ماهنامہ رياض ڪراچي نمبر ٧- جلد ٣ جولاءِ ١٩٥٤ع مضمون جناب سيد حسام الدين راشدي "ماخذ تاريخ سنڌ".

# مُترجم وٽان

"سنڌي ادبي بورڊ "پاران" تازن معرڪن جي تاريخ" منھنجو ٽيون تاريخي ڪتاب آهي، جيڪو فارسيءَ مان ترجمي جي صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي، هن کان اڳ "تاريخ مظهرشاهجهاني" ، ۽ "تاريخ طاهري" بہ اهڙيءَ طرح فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا هئم، جيڪي ساڳئي قومي اداري شانائتي نموني شايع ڪيا آهن.

جيستري قدر ترجمي جو تعلق آهي، هر دفعي اهائي ڪوشش ڪئي اٿم، تہ ان ۾ سنڌي محاورن سان گڏ اهي لفظ بہ آندا وڃن، جيڪي هن وقت هروڀرو متروڪ ٿيڻ جي حد تائين پهچايا ويا آهن، خاص ڪري اڄڪلهہ اهڙن لفظن جي هيڪاري وڌيڪ گهرج آهي، ڇو تہ ڪيترا ماڻهو سنڌي ماحول کان پري هئڻ ڪري سنڌي تعليم جي باوجود، "ٻولي ئي ٻي" ڳالهائڻ تي هرندا ۽ هرڪندا پيا وڃن.

ان کان سواءِ تاريخي حوالن بابت بہ معلوم هئڻ گهرجي تہ ڪتاب جي ترجمي کان پوءِ، جتي ڪنهن ڪميءَ جي ضرورت محسوس ٿي آهي، اتي، تعليقات کان پوءِ ٿورو گهڻو تفصيل ڏئي، ان جي پورائي ڪئي وئي آهي، اهڙي نموني وڌيڪ اضافن جو مرحلو بہ ضرورت مطابق طئي ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب تي مؤلف جيڪا محنت ڪئي ۽ مرتب جيڪي ڏکيا ڪم سولا ڪيا، تن کي ڏيان ۾ رکندي، پوري احتياط کان ڪم ورتي ترجمي دوران سنوت ۽ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي، جيئن پڙهندڙ کي ڪنهن بہ قسم جي ڪا اَڙَ ڏسڻ ۾ نہ اچي ۽ هو آسانيءَ سان عبارت جي گهرائيءَ تائين پهچي سگهي.اهوئي ترجمي جو اصول آهي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تصنيف يا تاليف اهل زبان جي لاءِ تہ سولي ٿي سگهي ٿي، پر ان جو ترجمو ايترو سولو نہ آهي، خاص ڪري جڏهن اهڙي ڳالهہ آڏو اچي وڃي ٿي، جنهن جو لفظي ترجمو ڪرڻ يا ان کي سنئون سڌو ڌهرائڻ نهايت اٽانو لڳندو هجي تہ ان کي درگذر ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي نٿو سگهي، ليڪن گهريءَ سوچ کان پوءِ ان کي اٿين ئي ورجائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيئن پڙهندڙ ازخود سمجهي وڃي تہ اصل ڳالهہ هيئنئن بيان ٿيل هوندي، بهرحال ترجمو

جتي علمي، ادبي ۽ قومي خدمت جو باعث ٿو بڻجي، اتي هن ۾ تهذيبي لحاظ جو عمل دخل بہ رهي ٿو.

هي ڪتاب اکين ڏٺي تاريخي ۽ سياسي روداد جو مظهر آهي، جنهن کي پڙهندي ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ دنيا سمنڊ سمان آهي، ان ۾ اکيچار ننڍيون وڏيون مڇيون آرام ۽ آزاديءَ سان پيون ترن ڦرن، اوچتو ڪنهن وڏيءَ مڇيءَ کي لنگهڻ ٿو ورائي ۽ هوءَ ننڍين مڇين تي مارو ڪري پنهنجو پيٽ ڀرڻ ٿي چاهي، ننڍيون مڇيون مڙي سڙي ان کي ائين ٿيون ٽوٽا چٻائين، جيئن افغانستان وارن انگريزن کي همت کان ڪم وٺي پنهنجي ملڪ مان رت رڻائيندي ڪڍيو.

ان کان پوءِ اها وڏي مڇي، ننڍين مڇين کي پاڻ ۾ ويڙهائي، اهڙيءَ ريت ٿي حملي سان جهٽي وجي، جيئن انگريزن سنڌ ۾ پنهنجي اباڻڪي ڪار ڪري ڏيکاري. ليڪن انگريز تہ هٿائي ڏاريا، تن تي ڪهڙو ڏوهہ ڏجي، ڇو تہ ڏاريا ڪڏهن بہ مٽيءَ جا مٽ ٿي نٿي سگهيا. اها سڄي ڪئي انهن پنهنجن جي هئي، جيڪي دين جي رشتي ۾ سنڌ وارن جا سڳا ڀائر هئا.

شاهہ شجاع، مسلمان جي حيثيت ۾، ميرن کي خدا جو نالو وٺي قرآن ڪريم تي عهد اقرار لکي ٿو ڏني تہ مان پنجاهہ ڏينهن کان وڌيڪ نہ رهندس، نہ وري ڪا مداخلت ڪندس: هي ملڪ اوهان جو آهي ۽ پيڙهين تائين اوهان جو رهندو. اڳتي هلي اهو اقرار "ڏيان طلب" جي اشتهار وانگي ڪنهن بہ پونواريءَ جي لائق نہ سمجهيو ويو. پنجاهہ ڏينهن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ هو اڙ انگوڙي ڪري ويهي رهيو، ۽ پئسن اڳاڙڻ لاءِ اهي ڪارناما شروع ڪري ڏنائين، جيڪي انسانيت ۽ مذهب جي بلڪل ابتڙ هئا. ڀچاڙيءَ، وڏي جهيڙي کان پوءِ ميرن وٽان رقم وٺي ويندو رهيو. انگريزن بہ جيڪي ڪجهہ ڪيو، ان جي نيءُ آذار تي ڪيو، اهڙو معاهدو صديون اڳ شاهہ بيگ ارغون بہ سنڌ جي سرواڻ دريا خان سان ڪري، اوڏيءَ مهل ڪيس مارائي ڇڏيو هو. ان سمي بہ قرآن ڪريم وچ ۾ آندو ويو هو.

سنڌ سدائين معاهدن ۾ مٺي آهي، ۽ پنهنجي آزادي داءُ تي لڳائي، سيڪنهن سان سنمک ٿيندي اچي ٿي. ان طرح ڪيس اهڙو جڪڙي وس کان بيوس ڪيو ٿو وڃي، جو هٿ پير هلائڻ جي سگهہ بہ وڃائي ٿي ويهي، ان لاءِ انگريزن جا مڙئي معاهدا شاهد آهن، جن ۾ شاهہ شجاع وارو اقرار بہ شامل آهي. اهي معاهدا هڪ ڄار جي صورت ۾ پکڙي، سنڌ کي وڪوڙي ويا ۽ ملڪ هڪ مسلمان جي حرفت سان غير مسلم قوتن جي اري ۾ اچي ويو.

## شڪارپور ۽ اُن جو قلعو:

فارسيءَ ۾ هڪ شعر آهي:

هر ڪجا افتاده بيني خشت در ويراني!
هست فرد دفتري احوال صاحب خانئي!

(ڪنهن سجي هنڌ توڪي مٽيءَ جي ڪا پڪي سرپيل نظر اچي، سمجهه ته اها انهيءَ ماڳ جي مالڪ جي احوال جو دفتر آهي!)

هن ڪتاب ۾ ضرورت مطابق شڪارپور جو احوال موجود آهي، جنهن مان ان وقت جي سياسي ۽ تجارتي توڙي ڪنهن حدتائين سماجي معلومات حاصل ٿئي ٿي، پر شڪارپور جي قلعي بابت صرف ڪي اشارا ملن ٿا، ان ڪري مناسب سمجهيو ويو، ته انهيءَ لاءِ خلاصو لکيو وڃي.

اهو خيال يقيني حد تائين ڪري سگهجي ٿو، ته شڪارپور جو قلعو هن شهر جي بنياد پوڻ سان گڏ لڳ ڀڳ ١١٠٦هه (١٦٩٤ع) ۾ تعمير ٿيو هوندو، جڏهن هتي بهادر خان دائود پوٽي (متوفي:١١١١هه/١٧٠٠ع) جي حڪومت هئي؛ ۽ اهوئي هن شهر جو باني هو(١). قلعي بابت ڪي حقيقتون هن ريت آهن: استنبول، سمرقند ۽ بخارا وانگي هتي به اوائل ۾ هڪ زبردست قلعو هوندو هو، جتان اچڻ وڃڻ لاءِ اٺ دروازا هوندا هئا. انهن اٺن ئي دروازن تي وڏا ڪلف لڳائي، دروازا بند ڪيا ويندا هئا، ۽ انهن اٺن ئي دروازن تي پوليس ٿاڻا حفاظت لاءِ هوندا هئا، جيڪي ٻاهران ايندڙن تي سخت چوڪسي ڪندا هئا. ان لاءِ اهو به ضروري هو، ڇو ته انگريزن کان اڳ گهوڙي سوار ڌاڙيلن جا ٽولا اچي شهر ڦريندا هئا. منشي لطف الله سورتي، جيڪو ڪئپٽن ايسٽوڪ سان گڏ هتي آيو(٢) هو، پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو:

"شڪارپور سنڌ جو وڏيَ ۾ وڏو شهر آهي. هن ۾ اٽڪل پنجويهه هزار گهر آهن. هتي ڪي جايون به ماڙ ڏسجن پيون، هن شهر کي چوڌاري مٽيءَ جي ديوار آهي ۽ شهر جي ٻاهران هڪ ننڍو قلعو به آهي (شايد قافلہ سراءِ) شهر جي چوڌاري انبن ۽ ڪجين جا باغ آهن(٣)."

---

(١) پروفيسر سيد محمد سليم: "شڪارپور جي قيام جو بنياد" شڪارپور ماضي حال ص ٧١. پبليڪيشن ڪميٽي جشن شڪارپور ١٩٨٤ع.
(٢) جناب برڪت علي آزاد: "شهرن جي راڻي شڪارپور ماضيءَ جي روشني ۾" شڪارپور صدين کان ص٢٦٧. شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي ١٩٨٨ع.
(٣) محترم رشيد ڀٽي (مرحوم) شڪارپور پرڏيهي عالمن ۽ سيلانين جي نظر ۾- شڪارپور صدين کان ص ١٤٧. شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي.

ڪئپٽن پوسٽن پنهنجي ڪتاب "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" ۾ لکي ٿو:

"هن شهر شڪارپور جي چوڌاري هڪ عالم پناهہ آهي، جا ڏاڍي گندي، بدصورت ۽ ٿتل ڦتل حالت ۾ آهي، انهي عالم پناهہ جو گهيرو ٽن ميلن تائين آهي(١)."

محترم مولائي شيدائي لکيو آهي:

"١٢٣٩هہ/١٨٢٤ع ۾ مير ڪرم علي، مير مراد علي ۽ مير رستم خان گڏجي شڪارپور تي قبضو ڪيو. افغانن جو پويون نائب عبدالمنصور خان نالي هو، جنهن کان نواب ولي محمد خان لغاري شهر فتح ڪيو. عبدالمنصور خان شهر جي اٺن ئي دروازن جون ڪنجيون ٽالپر اميرن جي حوالي ڪيون ۽ پاڻ هليو ويو(٢)."

هنن حوالن مان قلعي جي گهيري بابت معلوم ٿو ٿئي، تہ اهو ٽن ميلن تائين هو، ۽ عالم پناهہ جو ڪم ڏيندو رهيو، انهيءَ ئي مقصد لاءِ هن جي تعمير ٿي هئي. تنهن کان سواءِ بئي هڪ ننڍي قلعي جو بہ ذڪر آهي، جيڪو اڄاتائين شڪارپور جي ريلوي اسٽيشن پرسان ڪنهن زبون حالت ۾ موجود آهي، جنان سکر کان ايندڙ شاهي رستو ڦيرو کائي جيڪب آباد ۽ بلوچستان ڏانهن وڃي ٿو. ان مان ظاهر آهي، تہ اهو قلعو واپاري قافلن جي لاءِ هوندو هو.

ان کان علاوه شڪارپور جي ٽئين ۽ ننڍڙي قلعي جو بہ پتو پوي ٿو، جيئن هڪ هنڌ لکيل آهي، تہ شڪارپور ضلعي جو قديم جيل ان وقت جي افغان حڪمرانن هڪ ننڍڙي قلعي جي صورت ۾ نهرايو هو، تڏهن شڪارپور جو شهر اڃا ٽالپرن جي هٿ ۾ نہ آيو هو. انگريزن ١٨٤٧ع ۾ ان قلعي کي ڦيرڦار ۾ آڻي، ڏهن هزارن جي لاڳت سان جيل نهرايو هو(٣). اسان جي سانڀر ۾ شڪارپور جي اوسي پاسي بہ ٽي قلعا ڦتل صورت ۾ موجود هئا، جيڪي اسان پاڻ ڏٺا هئا. اُنهن مان هڪ قرن (لڳ ڳڙهي ياسين) وارو قلعو، جيڪو هاڻي ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. ٻيو خانپور جي ٻاهران ڪشمور ڏانهن ويندڙ روڊ جي پاسي ۾، ٽيون هڪ ننڍڙو قلعو خانپور کان ڪشمور ويندڙ روڊ تي، جيڪو قلعي قافلي جيترو ٿيندو، اڃاتائين موجود آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو ننڍڙو قلعو شڪارپور جي اتر اوڀر طرف ٻيڏڙي فقير واري ڳوٺ کان بہ ٽي ميل پرتي صحيح صورت ۾ آهي، پر منجهس

---

(١) ساڳيو مضمون.

(٢) محترم مولائي شيدائي: "ٽالپورن جي مختصر تاريخ"، ص ٦٢، ١٩٨٣ع.

(٣) پروفيسر بدرالدين اڄڻ: "شڪارپور ماضي حال" ص ٢٩٢.

ڪوٻہ گهر گهات ڪونهي. اهي مڙئي قلعا مٽيءَ جا هئا. باقي شڪارپور وارو وڏو قلعو اندر ڪچو ٻاهران پڪين سرن سان (جيڪي ان وقت ڪتب اينديون هيون) اڏيل هو، جنهن جا آثار اڄ بہ ڪن هنڌن تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

شڪارپور جي هزاريدر ڪان مٿي مرزائن جي پاڙي ڏانهن ويندڙ چاڙهيءَ ڪان سڄي پاسي علوين جي پاڙي ڪان قلعي جي پٽ (ديوار) جي ڪنڌي چاليهارو فوٽ ڊگهي ۽ ٽيهارو فوٽ اپي نظر اچي ٿي، جنهن جي پرسان پوليس چوڪي آهي. ان ڪان ٿورو اڳتي ننڍڙي مسجد بہ آهي. ٻيو هنڌ، هزاريدر ڪان ڦري هاٿيدر ڏانهن ويندڙ رستي جي وچاڳ تي ڪٻي پاسي قلعي جي ڪنڌي ڏسڻ ۾ ايندي هئي جيڪا چاليهارو فوٽ ڊگهي ۽ ويهارو فوٽ اپي هئي، ان جي مٿان هڪ ٻير جو وڻ تنهن جي پريان ڪجي جو وڻ بہ نظر ايندو هو. اڄ ڪلهہ اهو هنڌ بہ جڳهن ۾ بدلجي ويل ٿو ڏسجي.

شڪارپور جي قلعي کي اٺ دروازا، نائين دري هوندي هئي، جنهن جو رخ صديق ماڙيءَ طرف هوندو هو. انهن اٺن دروازن جا نالا اڄا بہ ننڍي وڏي کي ياد آهن:

١- لکيدر ٢- هزاريدر ٣- هاٿيدر ٤- سوي در ٥- خانپور در ٦-نوشهروفيروز در ٧- واڱڻودر ٨- قرن در - انهن بابت هڪ شعر بہ چيل آهي:

لڪيءَ لک اُپايا، هزاريءَ ۾ هنيا،
هاٿين جي همت ساڻ، خانپورين ڪنيا،
سويدر سائو ٿيو، نوشهرو نئون؛
ڪرن در ڪوڙو ٿيو، واڱڻو در وريو(١).

شڪارپور جو هيءُ قلعو قدامت جي لحاظ ڪان مرمت جي لائق نہ هو، پر شڪارپور تي، جيڪا بادشاهہ گردي ۽ ڏاڙيوالن جي ٻيگهي متل هئي، تنهن ڪنهن کي ايتري فرصت ئي ڪانہ ڏني، ان ڪري قلعو زبون ٿيندو ويو، جيئن هڪ هنڌ لکيل آهي، تہ سنڌ هٿ ڪرڻ ڪان پوءِ سرچارلس نيپئر اجاتائين سرحد جي آزاد بلوچ قبائل کي پرکي نہ سگهيو هو، جيڪي سدائين ڪاهون ڪندا ٿي رهيا، انهن ڪاهن جي شروعات مير علي مراد خان جي غيرقانوني قبضي واري علائقي ٻڙديڪا (ٻڙدن جي علائقي) ڪان ٿي.

اهو ١٨٤٥ع جو واقعو آهي، ڏاڙيوالن شڪارپور تي چڙهائي ڪئي، تہ نيپئر

(١) روايت محترم انورفگار هڪڙو: "سنڌ جي جاگرافي" ليکڪ: سنتوبگومل. ١٩٢٠ع ڇپايل ١٩٣٢ع جي حوالي سان.

جي حڪم تي جيڪو انهن ڪاهن ڪان بلڪل بيزار ٿي چڪو هو، هن جي ماتحت فوجي عملدارن برٽش فوج کي ڏياري موڪليو، ته جيئن انهن کي ڪا سيڪٽ ڏئي ڇڏين. مگر اها فوج ڪجهه دير سان پهتي ۽ هن قلعي جي ڪمزور ديوارن تي چڙهڻ بدران دروازي تي حملو ڪري ڏنو، جيڪو ڪامياب ٿي نه سگهيو(۱) هن حوالي مان ظاهر ٿئي ٿو، ته قلعي جون پٽيون ۱۸۴۵ع تائين بلڪل پُٽيون ٿي چڪيون هيون، جنهن ڪان پوءِ برساتين سبب اهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ زبون ٿيندو ويو، جنهن لاءِ هن حوالي ۾ گواهي ملي ٿي، ته شڪارپور شهر جو قلعو ڪچي مٽيءَ جو آهي، (جيڪا پڪ سرين ڪنڌين جي وچ ۾ وڌل هئي) جيڪو هاڻي برباد ٿي ويو آهي، ۽ بچاءَ لائق نه آهي، اهو قلعو ۳۸۰۰ والن جو آهي، ان کي اٺ دروازا آهن.(۲)

پڇاڙيءَ ۾ قلعي جي تعمير ۽ دروازن جي تفصيل بابت هيءُ اقتباس ڪافي سمجهي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو، جنهن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته شڪارپور پرسان لکيءَ ۾ به قلعو موجود هو:

"شڪارپور جي باني بهادر خان جي لکيءَ پاسي رهندڙ مهرن سان جنگ ٿي، جنهن ۾ مهرن کي شڪست ملي. بهادر خان کي لکيءَ جي قلعي مان، جيڪو مالِ غنيمت هٿ آيو، تنهن مان شڪارپور شهر جي چوگرد هڪ مضبوط قلعو تعمير ڪرايائين، جنهن ۾ اٺ دروازا هئا. ۱- لکيءَ ڏانهن ويندڙ رستي لاءِ لکي دروازو. ۲- هزاريدر، جتي فوج جي ڇانوٽي هئي. ۳- هاٿي دروازو (هي ڪشادو دروازو هو). ۴- خانپوري دروازو، خانپور طرف ويندڙ رستي لاءِ. ۵- ڪرن دروازو، ڪرن طرف آمدرفت لاءِ. ٦- نوشهرو دروازو، هي دروازو ڳوٺ نوشهري ابڙي طرف اچ وڃ لاءِ هو ۷- واڳڻو در، وڳڻ ڳوٺ ڏانهن. ۸- سيوي در، هتان سبي جي طرف شاهراهه ٿي وئي. قلعي جا ڪجهه نشان هزاري دروازي ۽ هاٿي دروازي جي وچ ۾ ۱۹۴۰ع تائين موجود هئا، قلعي جي چوڌاري وڏي خندق (کاهي) هئي، جنهن کي انگريزن مٽيءَ سان پرائي، اُن جي مٿان رستو نهرائي ڇڏيو(۳)."

---

(۱) 'تاريخ سنڌ ميران ميرپور خاص' ، مير محمد بخش ٽالپر ڇپايل زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، سنڌ ص ۳۲۵.

(۲) مضمون مير محمد بخش خان ٽالپر "شڪارپور صدين ڪان"، ص ۸۲.

(۳) پروفيسر محترم غلام احمد بدوي مضمون: "شڪارپور جي تاريخ جو جائزو"، شڪارپور ماضي حال ص ۴۰.

## صديق ماڙي:

هن لاءِ چاتايل آهي، تہ غلام صديق خان (متوفي: ١٧٨٣-١٧٨٢ع) تيمور شاهہ ابداليءَ جي دور ۾ شڪارپور جو گورنر هو، هو پنهنجي دور جو وڏو داناءُ ۽ هوشيار حاڪم ۽ شاعر هو. شڪارپور جي نامور شاعر محمد عارف صنعت جي ڪلام جو دلداده هو. ملڪ ۾ زرعي ترقي ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنائين. ڳڙهي ياسين، محمداباغ ۽ بختيارپور ۾ واهہ کوٽايائين، جنهن ڪري پوکن کي گهڻو پاڻي ميسر ٿيو. شڪارپور جي قلعي ۾ اوپر طرف کان هڪ ماڙي نهرايائين، اهو محلو اڄ بہ صديق ماڙي سان منسوب آهي.(١)

شڪارپور پنهنجي اڳوڻي اوج ۾ ڇا هو؟ ان لاءِ محمد عارف 'صنعت' جا تاثرات هن ريت آهن:

"خوانند هست جنت اڪبر شڪارپور،
وازهست در بهشت نڪوتر شڪارپور.
احرام طواف ڪعبہ ڪوي بتان شوخ،
بستند حاجيان حرم در شڪارپور.
از نور عارض رخ خوبان ماهرو،
چون بزم انجم است منور شڪارپور.
صنعت برنگ بلبل خوش خوان بہ وصف يار،
آمد بخوش اداي سخنور شڪارپور(٢)."

ترجمو: "چون ٿا، تہ شڪارپور وڏي جنت آهي بلڪ ان کان وڌيڪ بهتر آهي. حرم جي حاجين شوخ نازنينن جي ڳليءَ ۾ طواف لاءِ تياري ڪئي آهي. سهڻن جي چمڪدار ڳلن کان سنارن وانگي شڪارپور روشن آهي. صنعت، بلبل وانگي يار جي وصف ڪارڻ سخنور ٿي آيو آهي." (٣)

## مرزا عطا محمد شڪارپوري

شڪارپور کي اهو شرف حاصل آهي تہ هن، پاڻ کان پنهنجي پسگردائي ٿائين، ڪيئي نامور هستيون پيدا ڪيون، جن مان هڪ مرزا عطا محمد بہ آهي.

مرزا مرحوم جي ذات ۽ شخصيت مخفي ۽ مشڪوڪ رهندي ٿي آئي، جنهن

(١) جناب لطف الله بدوي (مرحوم) سماهي مهراڻ ١-٢ ٦٤ع مضمون: "شڪارپور درانين جي قبضي ۾."

(٢) محترم پروفيسر غلام احمد بدوي مضمون "شڪارپور جي تاريخ جو جائزو". شڪارپور ماضي حال ص ٣٥.

(٣) محمد عارف 'صنعت' فارسيءَ جو ناميارو شاعر.

لاءِ وڏي جاکوڙ کان پوءِ سندس شجرو، ماڪ مڪان ۽ مقام جو احوال هٿ ڪيو. ان اهم ڪم لاءِ محترم امين الله صاحب علوي ۽ دلي دوست، انورفگار هڪڙي علمي توڙي عملي طرح وڏو ساٿ ڏنو، جنهن جي اپل تي پنهنجو پيڙو پار ٿيو.

مرزا عطا محمد لاءِ هڪ بزرگ لکيو آهي تہ: هيءُ پناڻ هو تہ بئي بزرگ کيس ترين پناڻ جاٽايو آهي. اهو ان ڪري ٿيو جو ڪتاب جي فارسي ڇاپي دوران اهڙو مواد ڪنهن کي هٿ نہ اچي سگهيو، نہ وري انفرادي طور ڪا ڪوشش ڪئي وئي. بيو تہ اهو مواد جن پراڻن مسودن ۾ هو، اُهي اهڙن ماڻهن وٽ هئا جن کي خود بہ ڪا خبر نہ هئي تہ اهي ڪاڳر ڪهڙي ڪم جا آهن.

محترم امين الله علوي هڪ عجيب ڳالهہ ٻڌائي تہ مون مرزا عطا محمد وارو شجرو مرحوم پير فضل احمد سرهندي کان ورتو، جنهن هڪڙي ڪٻابي وٽان اهو هٿ ڪري پاڻ وٽ رکيو هو ۽ مون کي عنايت ڪيو هيائين. ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ستم ظريفي ٿي سگهي ٿي تہ هيڏي وڏي عالم جو شجرو بہ ڪو سنڀالي نہ سگهيو ۽ اهو رديءَ جي ڪاغذن ۾ گڏجي گهورڙين جي ور چڙهي ويو.

مرزا عطا محمد اصل شڪارپور جو ۽ ذات جو ٻگهيو هو، مرزا جو لقب کيس شاهي دربار طرفان مليو هجي تہ شڪ ناهي. هن جي وڏي ڏاڏي جو نالو ميان ٿلو هو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هيءُ خاندان سنڌي هو.

مرزا عطا محمد ١٢٠٠هہ / مطابق ١٧٨٦ع ڌاري شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن جي وفات ١٢٨٠هہ / ١٨٦٣ع ۾ ٿي هئي. پاڻ حاجي فقير الله علوي ۽ قاضين جي مدرسي مان تعليم جي تڪميل ڪيائين. فارسي زبان ۽ انشا پردازي ۾ وڏي مهارت هيس. ١٢٣٥هہ / مطابق ١٨٢٠ع ڌاري شاهہ شجاع جي ملازمت ۾ رهيو جڏهن هو شڪارپور ۾ اچي ترسيو هو.

هن جي همعصرن مان شاهہ فقير الله جو پوٽو ۽ مولانا حامد الحق جو پٽ مير عبدالاحد ولادت ١٢٣٩هہ (١٨٢٣ع) وفات ١٣١١هہ (١٨٩٤ع) نامور شخصيت جو مالڪ ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجي خاندان جي بزرگ ۽ شڪارپور جي بلند پايہ فارسي زبان جي شاعر ملا صاحبڏنو وٽان تعليم ورتي ۽ عربي فارسي زبانن جو ماهر ٿيو.

مرزا عطا محمد جي دور ۾ بادشاهہ گردي جي باوجود علم ادب جي رونق

مقطع بہ تحويل نظام امور سرفراز کرد شد.

توقع ڪ هرچہ ڪ طبع زاد خود درتراڪيب اشعار امورفقرا کوشش نمايد از تصحيح ترجيع بکر فکر اورا مانند شاهد رنگين محلي و مجلي بہ تصحيح وترجيع فرمايند منظور نظرعند اقبال گردد. زياده بہ زياده باشد.

**محمد عاقل ثاني (عفي عنہ)**

مذڪوره مير عبدالاحد جو بياض هڪ بحر بيڪران جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ ڪيترن شاعرن جا چونڊ شعر، ڪيترن بزرگن جي وفات تي لکيل قطع تاريخ ۽ ورد، وظيفا، طبي نسخا ۽ نثر جا عجيب ٽڪرا جمع ڪيل آهن. مير عبدالاحد صاحب وڏي ذوق وارو صاحب سخن هو. هن بزرگ اهي خط بہ پنهنجي بياض ۾ نقل ڪري ڇڏيا آهن، جن ۾ ڪيس سخت لفظن ۾ خطاب ڪيو ويو آهي. اهڙو خط مولانا عبدالغفور مفتون همايوني حي والد مولانا محمد يعقوب (متوفي ١٢٧٣هہ)جو آهي.

ڳالهہ هيئن هئي تہ مير عبدالاحد صاحب مولانا موصوف وٽان ڪو ڪتاب ٿوري عرصي لاءِ گهرايو هو، جيڪو مقرر ٿيل ڏينهن کان پوءِ بہ واپس نہ ڪيو ويو. جنهن تان مولانا صاحب چا ڪيو جو مير صاحب کي ڪجهہ تلخ نموني خط لکيائين تہ ڪتاب اجاتائين مون کي نہ مليو آهي، ان لاءِ هڪ حديث بہ نقل ڪئي هئائين تہ ڪنهن کان ڪا شيءِ وٺي وري واپس نہ ڪرڻ ڪهڙي عيب ڀري ڳالهہ آهي ۽ ان جي جزا ڪهڙي هئڻ کپي. ساڳي بياض ۾ خواجہ محمد سعيد لنواري (متوفي ١٣٢٤هہ) پير نظام الدين سرهندي (متوفي ١٢٧٣هہ) مخدوم محمد صالح وزير آبادي (متوفي ١٢٨٦هہ) ۽ ٻين بزرگن جي خطن جا نقل مهيا ٿيل آهن.

مولانا محمد يعقوب همايوني جي سجع هن ريت لکيل آهي: "زداز ڪوهہ. هدا گلبانگِ يعقوب." مخدوم محمد صالح وزير آبادي جي سجع "ثناي محمد عمل صالح است." هن بزرگ جو نعتيہ ديوان مڪمل ٿيل آهي، جيڪو فارسي زبان ۾ هڪ سنڌي عاشق رسول جو شاهڪار ليکجي ٿو.

شيخ عبدالقادر جيلاني جو هڪ شعر بہ نقل ٿيل آهي:

تا يافت آگهي دلم از ملڪ نيم شب
صد ملڪ نيمروز بہ يڪ جو نمي خرم

ترجمو: مون کي جڏهن اڌ رات واري ولايت جو پتو پيو تہ نيمروز جهڙا سوين ملڪ هڪ جَوَ سان بہ جيڪر خريد نہ ڪريان، يعني مان اڌ رات واري ولايت

حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ پين ولايتن ڪان جن جو زماني سان تعلق اهي، بلڪل بي نياز ٿي ويس.

هڪ هنڌ ابن عربي جو هيءُ شعر لکيل آهي:

تادل نہ ڪني ز غصہ ڪينہ تهي
صد خرمن گل، برسر خار ڪني

(جيستائين دل ڪاوڙ ۽ ڪيني ڪان خالي (صاف) نہ ڪندين، تيستائين سمجهہ تہ گل ڪنڊن تي پيو وڇائين!)

هڪ هنڌ "چيستان" ڳجهارتن ۾ هيءُ قطع آيل آهي:

چيست ماري ڪ آن دوسر دارد
و از دو سوراخ سر بدر آرد
هر ڪ بڪشايد اين معما را
دانم از عاشقي خبر دارد

(اهو ڪهڙو نانگ آهي، جنهن کي بہ منڍيون آهن ۽ ٻن ٻرن (ٽنگڙن) مان منڍي ٻاهر ٿو ڪڍي؟ جيڪو اها ڳجهارت ڀڃندو، سو عاشقي ڪان واقف هوندو.)
(سٽڻ جو نهنگ)

تاريخ وفات جا قطعا هينين بزرگن بابت آهن:

منصور حلاج:

شاهباز هواي عالم نور
هست بيشڪ حسين بن منصور
سال تاريخ قتل او بيشڪ
قبلہ اي اهل عدن بگفت ملڪ
(٢٩٧هہ)

تنهن ڪان سواءِ ميان مير سنڌي، خواجہ معين الدين رحہ اجميري ، شيخ محي الدين ابن عربي، شيخ فريد الدين عطار، شيخ جنيد بغدادي، شيخ بايزيد بُسطامي وغيره جا قطع تاريخ بہ ان بياض ۾ محفوظ آهن.

طبي نسخن ۾ مختصر ۽ طويل مجربات شامل آهن، اهڙي طرح تعويذ ۽ وظيفا وغيره بہ منجهس ملن ٿا. اهو بياض محترم پروفيسر امين الله صاحب علوي جي تحويل ۾ آهي.

اڳئين دور جي پراڻن ڪاغذن ۾ شڪارپور جي شيخ برادري جو شجرو ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو شهر جي نامور صحافي ۽ سماجي ڪارڪن شيخ علاؤالدين وٽ

موجود آهي. ان لاءِ پروفيسر محمد سليم صاحب ۽ ڪن ٻين دوستن جو خيال آهي ته اهو مرزا عطا محمد جي قلم جو لکيل آهي(١) انهيءَ شجري ۾ شيخ صاحبداد (علاؤالدين نيازي صاحب جي ڏاڏي) جو نالو به شامل آهي، جنهن ١٩٣٦ع ۾ وفات ڪئي هئي، ان ڪري اها ڳالهه دل سان نٿي لڳي ته مرزا عطا محمد (وفات ١٨٤٣ع) اهو شجرو لکيو هوندو. ليڪن ائين ٿي سگهي ٿو ته ان شجري جو پهريون حصو يا صفحو (جيڪو فوٽو جي صورت ۾ هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي) مرزا عطا محمد لکيو هجي ۽ ان جي تڪميل پوءِ اچي ميان صاحبداد ڪئي هجي، وڌيڪ خبر خدا کي.

ليڪن ان جي ترديد خود پروفيسر صاحب ساڳي مضمون ۾ اضافن جي عنوان هيٺ نمبر ١٠ ۾ ڪري ٿو ته اهو شجرو درگاهي شيخن جي شاخ جي هڪ عالم ۽ فاضل شخص حاجي شيخ صاحبداد ولد شيخ مهر علي جو لکيل آهي.

بهرحال انهيءَ شجري جو پهريون (تمهيد وارو) صفحو وري به اهميت لائق سمجهي هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن مان ٽيون نمبر سٽ جي شروعات ۾

"مرزا عطا محمد ٻگهيوشڪارپوري"

صاف لکيل آهي. ان مان اهو ثبوت ملي ٿو ته مرزا عطا محمد شڪارپور جو رهاڪو ۽ ذات جو ٻگهيو هو. مرزا عطا محمد جي خاندان جو احوال سندس شجري مان معلوم ٿئي ٿو، جيڪو پروفيسر امين الله صاحب علوي پهرين شجري کي سامهون رکي نهايت محنت سان ترتيب ڏنو آهي. اهي ٻئي شجرا هن ڪتاب ۾ آندا ويا آهن.

مرزا صاحب جي پوين مان مرزا غلام مصطفيٰ جو نالو وڌيڪ نشانبر آهي. هن تعليمي ۽ سماجي سرگرمين ۾ تمام بهتر نموني بهرو ورتو. هيءُ پهريان ڊپٽي ڪليڪٽر هو. رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ سنڌ مدرسه نالي تعليمي ادارو قائم ڪيو هئائين، جتان ڪيئي شاگرد تيار ٿي نڪتا ۽ چڱو نالو ڪڍيائون. هن جي ڪوشش سان شڪارپور جي رئيس واهه پرسان سندس وڏن جي زمين تي سنڌي مسلمانن لاءِ هڪ ڪالوني جو پروگرام رٿيو ويو هو. جيئن ته شهر ۾ هندن جي اڪثريت ڪري مسلمانن لاءِ ڪا گنجائش نه رهي هئي، ان ڪري انهيءَ جي پورائيءَ لاءِ اهو منصوبو تيار ڪيو ويو. جنهن موجب شهر جي چوڌاري مسلمانن کي آباد ڪري هندن جي وڌندڙ اثر کي گهٽائڻو هو.(٢)

(١) شڪارپور، ماضي- حال ص ٦٨ ۽ ص ٨٣. مضمون پروفيسر محمد سليم صاحب.
(٢) روايت مان غلام شافي صاحب (مرزا عطا محمد جي خاندان مان).

افغانستان جي باني، احمد شاهه ابدالي "دُردُران" (1722-1773ع) جي وفات بعد، 1773ع کان پوءِ قبائلي بغاوتون شروع ٿيون. سندس جانشين فرزند تيمور شاهه جي دور (1773 - 1793ع) ۾، افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ، بغاوتن سبب، قندهار کان ڪابل منتقل ڪيو ويو. تيمور شاهه جي وفات بعد، سندس پٽن جو پاڻ ۾ تخت تان تڪرار شروع ٿيو، جنهن ۾ پنجون نمبر پٽ زمان شاهه، بارڪزئي سردار پائينده خان جي مدد سان، ڪامياب ٿيو. قندهار جي والي همايون خان ۽ هرات جي حاڪم محمود خان بغاوت ڪئي. اُنهن مان همايون خان کي گرفتار ڪري انڌو ڪيو ويو ۽ محمود خان ڀڄي وڃي ايران ۾ پناهه ورتي.

4. زمان شاهه پنهنجي دور (1793 - 1800ع) ۾، احمد شاهه ابدالي جي سنڌ ۽ هند ۾ فتوحات ۽ عائد ڪيل "خراج" جي دعويٰ ڪئي، ليڪن اُن وقت انگريز برصغير ۾ پير ڪوڙي چڪا هئا. ايران ۾ انگريزن جي سفير ڪئپٽن جان مالڪم (John Malcolm)، ايران جي بادشاهه فتح علي شاهه جي مدد سان، افغانستان جي دُراني سلطنت ۾ دخل اندازي شروع ڪئي. جڏهن زمان شاهه سنڌ جي ٽالپر اميرن کان خراج وصول ڪرڻ ۽ ڪين آئينده لاءِ سيڪٽ ڏيڻ واسطي سنڌ ۾ ترسيل هو، تڏهن پٺيان ڪابل ۾ سندس بادشاهيءَ جو تختو اونڌو ٿي رهيو هو. سندس ڀاءُ محمود خان انگريزن جي هُشيءَ ۽ ايران جي شاهه جي فوجي امداد سان، قندهار تي قبضو ڪري ڪابل طرف وڌيو. زمان شاهه تڪڙو سنڌ مان نڪري ڪابل پهتو، باغي ڀاءُ جي لشڪر سان ڀڄي نه سگهيو، جنهن ڪيس وڏي ڀاءُ همايون خان وانگر انڌو ڪرائي قيدڪيو. محمود شاهه جي بادشاهي ٽي سال (1800 - 1803ع) هلي. ڪانئس پوءِ سندس ٽيون ڀاءُ شاهه شجاع، وزير فتح خان جي خلاف قبائلين جي بغاوت سبب، بادشاهه بڻيو. هُن معزول ٿيڻي ڀاءُ محمود شاهه کان پنهنجي سڳي ڀاءُ زمان شاهه کي انڌي ڪرڻ جو انتقام نه ورتو. فقط ساڳي بالاحصار جي ڪوٽ ۾ ڪيس قيد رکيو.

5. منشي عطا محمد جو ڏنل احوال انهيءَ دور جي پس منظر ۾ پڙهڻ گهرجي، جڏهن مغربي سرحد تي ايران ۽ مشرقي سرحد تي خالصا پنجاب جون حڪومتون افغانستان جي دراني سلطنت لاءِ زبردست خطرو بڻيل هيون ۽ اندروني قبائلي صورتحال بدستور شورش زده هئي. هر قبيلي پنهنجي علائقي ۾ ڌار حڪومت قائم ڪريَ ڇڏي هئي. انهيءَ مايوس صورتحال ۾ شاهه شجاع کي انگريز دوستيءَ جي آڇ ٿي ۽ هن مجبوريءَ جي عالم ۾ اها آڇ قبول ڪري، تاريخ 7 جون 1809ع تي افغان - انگريز دوستيءَ جي معاهدي تي صحيح ڪئي، ۽ اهو سندس بادشاهيءَ جي

خاتمي جو ڏينهن ثابت ٿيو. سندس ڀاءُ محمود خان ۽ وزير فتح خان، زندان مان ڀڄي اچي ڪابل کي گهيرو ڪيو. سال 1810ع ۾ آخري مقابلي بعد شاهه شجاع گرفتار ٿي، وڃي ڪشمير ۾ قيد ٿيو. اُتان 1812ع ۾ ڀڄي اچي لاهور ۾ راجا رنجيت سنگهه جي پناهه ورتائين، جنهن ڪانئس ڪوهه نور هيرو هٿ ڪري کيس نظر بند ڪري ڇڏيو. اُتان بہ حيلي بهاني سان نڪري لڌيانہ (پنجاب) ۾ اچي انگريزن جي سرپرستيءَ جو طلبگار ٿيو، جن کيس سنڌ جي ٽالپرن خلاف استعمال ڪيو. شاهه شجاع، معزوليءَ جي باوجود، افغان خراج ۽ بقايا جي ادائگي جي گهُر ڪئي. سنڌ جا ٽالپر امير، هڪ طرف رنجيت سنگهه جي حملي، ٻئي طرف انهيءَ خوف ڪان، انگريزن جي وڻ ويڙهيءَ جهڙن دوستي جي معاهدن جي پرمار ۽ هاڻي ٽئين طرف ڪان افغانستان جي معزول دراني بادشاهه شاهه شجاع جي خراج جي ادائگي جي تقاضا ۾ ورتل هئا.

6. شاهه شجاع کي تخت تان لاهي، تڙي ڪڍڻ بعد، افغانستان جي قبائلي عوام، کي چڱا ڏينهن ڪونہ ڏٺا. بارڪزئي قبيلو طاقتور هو سندن سردار دوست محمد بارڪزئي ۽ سندس ڀاءُ وزير فتح خان هرات ۾ ايراني حملي جي امڪان کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ترسيل هئا. اُتي هنن افغانستان جي بادشاهه محمود شاهه جي ڌيءَ ۽ هرات جي واليءَ جي ننهن سان بدسلوڪي ڪئي. انهيءَ تي ڪاوڙ ۾ اچي افغان ولي عهد ڪامران پنهنجي پيڻ جي بيحرمتيءَ جي بدلي وٺڻ لاءِ، فتح خان کي پڪڙي انڌو ڪيو. ٻيو جوابدار دوست محمد خان بارڪزئي ڪشمير طرف ڀڄي ويو. بارڪزئي قبيلو مشتعل ٿيو. فتح خان ۽ دوست محمد خان جي باقي 21 ڀائرن ڪابل تي قبضو ڪيو ۽ دراني بادشاهه کي معزول ڪري، پنهنجي ڀاءُ دوست محمد خان کي ڪشمير مان گهرائي افغانستان جو "امير" مقرر ڪيو. انهيءَ دوران اٺ سال (1818 - 1826ع) افغانستان ۾ طوائف الملوڪي جي صورتحال هئي. امير دوست محمد پنهنجي دور (1826 - 1838ع) ۾ بارڪزئي بادشاهي قائم ڪئي.

7. سال 1836ع ۾ امير دوست محمد، سِکن ڪان "پشاور" کي آزاد ڪرائڻ لاءِ "جهاد" جو اعلان ڪيو. چالاڪ سِک مهاراجا رنجيت سنگهه اهڙي چال هلي جو جهادي جٿن جا ڪماني پاڙ ۾ اٽڪي پيا ۽ امير دوست محمد ڪان فيصلو ڪرائڻ لاءِ ڪابل موٽي ويا. انهيءَ سال 1836ع ڪان پشاور هميشہ لاءِ "افغانستان" ڪان کسجي ويو. انهيءَ ڪان اڳ، خانہ جنگي جي انن سالن (1818 - 1826ع) دوران، بخارا جي سلطان "بلخ" تي قبضو ڪري ورتو هو، ۽ سنڌو نديءَ جي ٻئي ڪناري سان خالصا = سرڪار جو قبضو ٿي ويو هو، جنهن ڪري سنڌ ۽ بلوچستان تي افغان بالادستي عملي طور ختم ٿي چڪي هئي.

8. سنڌ جي ٽالپر اميرن وانگر، بارڪزئي پائرن بہ، رَهيَل ڪُهيَل افغانستان کي پاڻ ۾ ورهايو. امير دوست محمد بارڪزئي کي ڪابل، غزني ۽ جلال آباد حصي ۾ آيا ۽ ڪيس "امير" يا مُکُ سردار بنايو ويو. پشاور جي مهم ۾ ناڪاميءَ بعد، سال 1836ع ۾، امير دوست محمد انگريزن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو. انگريزن کي هن علائقي ۾ روس جي پيشقدميءَ کي روڪڻو هو. ايران سرڪار سان نومبر 1837ع ۾ انگريزن اهڙو معاهدو ڪيو. "هرات" ۾ امڪاني روسي واڌ کي روڪڻ لاءِ، افغانستان جي بادشاهہ امير دوست محمد خان جي مدد درڪار هئي. اُن وقت هرات کي هندستان جو دروازو سمجهيو ويندو هو. امير دوست محمد، انگريزن سان دوستيءَ جومعاهدو ڪرڻ لاءِ، پشاور جي سکن کان بازيابيءَ جو شرط وڌو. انگريز، اڳئي راجا رنجيت سنگهہ سان دوستيءَ جو معاهدو، طئي ڪري چڪا هئا ۽ امير دوست محمد بارڪزئي جي بادشاهيءَ جي اندروني صورتحال کان بہ باخبر هئا، تنهنڪري هندستان جي انگريز گورنر جنرل، لارڊ آڪلئنڊ فيصلو ڪيو تہ افغانستان تي فوج ڪشي ڪري امير دوست محمد بارڪزئي کي معزول ڪري، دراني شاهہ شجاع کي ٻيهر افغانستان جو بادشاهہ بنايو وڃي. اهڙيءَ طرح ٻهرين انگريز - افغان جنگ لڳي جيڪا سال 1838ع ۾ شروع ٿي ۽ 1842ع ۾ ختم ٿي. منشي عطا محمد انهيءَ وقت شاهہ شجاع جي ملازمت ۾ هو ۽ انهيءَ زماني جو چشم ديد گواهہ بہ هو.

9. راجا رنجيت سنگهہ، جنهن سان دوستيءَ جي معاهدي سبب انگريزن امير دوست محمد جي خلاف جنگ ڪشي ڪئي، تنهن انگريز فوج کي پنجاب مان گذري، خيبر لڪ ذريعي افغانستان ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني، ليڪن سنڌ جا ٽالپر امير، انگريزن جي فوج کي سنڌ جي علائقي مان گذري، بولان لڪ وٽان افغانستان پهچڻ کان روڪي نہ سگهيا. جنرل سرجان ڪين (John Keane) جي ڪمان هيٺ انگريز فوج، اپريل 1839ع ۾، قندهار پهتي ۽ اُتي احمد شاهہ ابدالي جي مقبري سان لڳ مسجد ۾ شاهہ شجاع جي تاجپوشي ٿي. جولاءِ - آگسٽ 1839ع ۾ ڪابل ۽ غزني تي قبضي ڪرڻ بعد، ڪابل ۾ ٻيهر شاهہ شجاع جي تاجپوشي جي رسم ڌام ڌوم سان رچائي وئي. امير دوست محمد بلخ طرف فرار ٿيو، بخارا ۾ ڏوڪي سان گرفتار ٿيو، بعد ۾ قيد مان فرار ٿيو، آخر ڪابل ۾ انگريزن اڳيان پيش پيو، جن ڪيس عزت سان عيال سوڌو هندستان روانو ڪيو.

10. امير دوست محمد بارڪزئي انگريزن جي آڏ مڃي ليڪن افغان قبائل انگريزن ۽ سندن ٽاڪيل بادشاهہ شاهہ شجاع خلاف وڙهندا رهيا. تاريخ 2 نومبر 1842ع

۾ پرورندره جي مقام وٽ هنن کي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ مٿان افغانستان جو انتهائي سرد سيارو ڪاهي آيو. ڪابل مان انگريز ڇانوڻي جي باحفاظت منتقليءَ لاءِ امير دوست محمد جي فرزند اڪبر خان سان مذاڪرات ڪيا ويا. دراصل انگريز پوليٽيڪل ايجنٽ سروليم هي مئڪناٽن (William Hay Macnaghten) ڪابل تان قبضو هٽائڻ نه ٿي چاهيو. فقط باغي قبائل جي حملن جي روڪٿام لاءِ طاقتور افغان قبيلي بارڪزئي جي ضمانت چاهي ٿي، جنهن لاءِ ظاهري مذاڪرات کي ڇاٽي واٽي ڏگهو ڪيو ٿي ويو.

11. "تاريخ تازه نوائي معارڪ" جومؤلف منشي عطا محمد، باب 72 ۾، سردار محمد اڪبر خان جي بخارا جي قيد مان نڪري، ڪابل پهچڻ ۽ مئڪناٽن سان ملي کيس قتل ڪرڻ جو واقعو، دلچسپ ۽ تفصيلي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس لکيل احوال مان افغان قوم جي اصل جذبات، ارادن ۽ مقصدن جي پروڙ پوي ٿي، عام تاريخي رڪارڊ ۾ داخل ڪيل واقعن جي تصديق ۽ ٻئي پاسي جي حقيقتن جي نقاب ڪشائي ٿئي ٿي. تاريخي رڪارڊ موجب، مئڪناٽن جي قتل بعد انگريز فوج کي افغانستان مان هڪدم ڪوچ ڪرڻ جو حڪم مليو. تاريخ 6 جنوري 1842ع تي، سخت سرديءَ ۾ اٽڪل 4800 انگريز ۽ هندستاني ڪماني ۽ سندن 12000 فوجي سپاهي ڪابل مان ڪُوچ ڪري ويا، ۽ افغان قبائلين آخري دراني بادشاهه شاهه شجاع کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪوچ ڪندڙ انگريز لشڪر جي ڪڏ ڪاهي پيا، ۽ اُنهن منجهان ڪي ٿورا بچي واپس هندستان پهتا.

انگريزن سيارو گذاري ساڳئي سال 1842ع جي اونهاري جي موسم ۾ ٻيهر ڪابل تي قبضو ڪيو، ۽ امير دوست محمد بارڪزئي کي آزاد ڪري افغانستان جو ٻيهر امير بنايو. جنهن 1843ع کان 1863ع تائين انگريز دوست حڪومت هلائي. سندس دور، ۽ بعد جي افغان تاريخ، سبق آموز واقعن سان ڀريل آهي، ليڪن زير نظر تاريخ تازه نوائي معارڪ ۾، "شاهه شجاع جو پنهنجي نالي ڀائي شجاع الدوله هٿان قتل ٿي وڃڻ، سردار محمد اڪبر جو ڪابل ۾ حڪومتي ڪاروبار سنڀالڻ، انگريزن جو ڪابل جي بازار کي ساڙڻ ۽ انگريزي قيدين کي ڇڏائڻ وغيره، باب 75 کان باب 83 تائين، سال 1843ع ۽ اُن کان اڳ رونما ٿيل واقعن جو وچور ۽ تفصيل پيش ڪيل آهي.

12. باب 82 "انگريزن جو سنڌ تي الاهي قهر بنجي ڪڙڪڻ، ڀهريان درياهه جي ڏيگهه، ويڪر ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جي ماپ وٺڻ، پوءِ پنهنجا گورک ڏنڊا شروع ڪري ڏيڻ: (دربيانِ آمدن صاحبان انگريز بهادر در ملڪ سنڌ و راه گرفتن از دريا و

پيمايش نمودن آبِ دريا، وانداختن طريق سلوڪ وغيره و وقوعات) ڪان وٺي باب 99 "مير علي مراد خان جو پنهنجي موروثي ملڪيت ڪان مايوس ٿيڻ جيڪا سندس پڳداريءَ سان لاڳاپيل هئي ۽ مير صاحب جي پڳهاردار سپاهين جي مسئلي (دربيانِ مايوس ماندنِ مير صاحب بهادر از ملڪ موروثي متعلق دستاويز و عهدِ رياست، وغيره سرگذشتِ تنخواه داران سپاه مير صاحب بهادر) تائين، سنڌ جي بدقسمتيءَ جي تاريخ آهي، جيڪا منشي عطا محمد ويجهڙائي ڪان ويهي لکي آهي.

13. آخري باب 100 "دربيانِ گوهر درجِ معرفت، پير علي گوهر ڪه گوهر بي بهاي حيات را درين آرزو بخاک سپرد و شيخ علي حسن نيز در تعاقبش با اودر خاک برابر شده بکام نه رسيد، واز دنيا حسرت برد [ند]" کي تاريخ نويسيءَ جي ضابطن مطابق انتهائي متنازعہ ۽ اعتراض جوڳي جاءِ تي ايڊٽ ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ تعليقات نمبر 57 تي ڏسجي.

14. ترجمي جي متن ۾ "قندهار" کي "قنڌار" لکيو ويو آهي. درست صورتخطي "قندهار" آهي.

چام شورو

22 جنوري 2005ع

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

بسم الله الرحمن الرحيم

## شروع اُن رب جي نالي، جو رحمٰن ۽ رحيم آهي.

لکين ٿورا اُن برڪت ڀريءَ ذات جا، جنهن جي ساراهه جي پورائي لاءِ انسان جي عقل گمان جيڪي بہ جتن پئي ڪيا آهن، تن جو هيلتائين ڪو ڇيهه ٿي نہ سگهيو آهي. جيڪو بہ ان اٿاهه پڙ ۾ پيرپائي ٿو، انت انهيءَ کي پوئتي موٽ ڪائڻي پوي ٿي. ٿورن لفظن ۾ ائين چوڻ نهي ٿو تہ پنهي جهانن جي بادشاهي ۽ بي نيازي صرف اُن واڪاڻيل واحد جو شان ۽ مان آهي.

اهو اُپائڻهار، جنهن پنهنجي حاڪميت سان خلق کي پيدا ڪري اَڻ هوند مان هوند جي عالم ۾ آڻي، ڪيس اَڻ ڪٿ گُڻن سان نوازي، صورت ۽ سيرت جي ڪمال وسيلي اُتاهون بڻائي، حيات ۽ ڪائنات جي اسرار کان آگاهي ڏني: اهوئي سگهارو ساراهه جوڳو آهي. ان جي اِيل آسري بنان ڪوبہ اهنجائي، اوکائي ۾، ڪا سوڀ پائي يا ڪو اُپاءُ ڪري نٿو سگهي.

انهيءَ ئي واهرُو جي آڌر ۽ آهر سان دشمن دفع ٿين ٿا، اهوئي جنهن کي چاهي تنهن کي حڪومت ۽ حرمت عطا ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ جي غيرت جڏهن جوش ۾ اچي ٿي تہ ارڏن اڙانگن جو ڏينگو ڏيري ٿيندي ڪا دير ئي نٿي لڳي. اهوئي بخشڻ هار جڏهن ڏوهين جا ڏوهہ گناهہ معاف ڪرڻ تي اچي ٿو تہ سندس رحمتن جي بنان پڇي پالوٽ ٿيڻ لڳي ٿي:

جڏهن ان ڪريم جي ڪرم جو سج اُڀرڻ لڳي ٿو،<br>
تہ خطائون چمڙي (جانور) جئان الوپ ٿي وڃن ٿيون،<br>
هو نهايت مهربان ۽ معافي ڏيندڙ آهي،<br>
پاڻ هر ڪنهن جون ڪوتاهيون درگذر ڪري ڇڏي ٿو،<br>
هو ڏيهن جو ڏاتار ۽ نهايت ٻاجهہ ڀريو آهي،<br>
ڪنهن کي بہ پنهنجي در تان خالي نٿو موٽائي!<br>
هو بلاشڪ سڀ ڪنهن جو پرجهلو ۽ پالارو آهي،<br>
اُن جي بزرگيءَ سان ڪنهن جي ڪا پيٽ ناهي.

## رسول اڪرم ﷺ جي شان ۾:

نبي سڳوري جي هستي ايڏي ته مبارڪ ۽ مثاهين آهي جو ان جي اصلي واکاڻ تائين ڪنهن به قسم جي ڪلام جي ڪا رَسائي ٿي نٿي سگهي. حديث جي لکڻي مطابق: جيڪڏهن اي نبي! تون پيدا نه ٿين ها ته قدرت طرفان ڪابه تخليق عمل ۾ نه اچي ها:

تنهنجو وجود ڪنهن جو واسطو نه بڻجي ها،
ته اَبد تائين دنيا نِڌڪي رهجي وڃي ها.

اُهوئي مانائتو، جنهن کي مُفت ڏني، ٻنهي جهانن لاءِ رحمت جو ڪارڻ ڪري موڪليو ويو(١). اُن جي ئي شفاعت سان قيامت جي ڏينهن ڏوهين، ڏکين جو ٻيڙو ڪنڌيءَ پيڙو ٿيندو. انهيءَ جي اڳواڻي کان سواءِ ڪوبه پليل پتڪيل نيڪيءَ جي واٽ وٺي نٿو سگهي. انهيءَ جي ئي آهر پٽاندر سير تي آيل ٻيڙي سلامتي سان وڃي پار پوي ٿي:

جيڪڏهن ان جي زلف ۽ چهري جو چورنگ نه هجي ها،
ته جيڪر ڪوبه رات يا ڏينهن جو سنهن نه ڪٽي ها،
اهوئي سيني جو اَجهو آذر ۽ آسرو آهي،
سندس نگاهه چڱي مَنتي لاءِ آس اپل لِيڪجي ٿي.

## اَصحاب ڪرام جي اوصاف بابت:

صحابن جي سچائپ ۽ ساجاهه لاءِ جن عالمن توڙي عقلمندن ڪا واٽ ورتي ته انهن کي توڙ تائين پهچڻ جو مُهت ئي نه مليو. اهي اصحاب امامت ۽ اڳواڻيءَ جا علمبردار، خلافت ۽ نبوت واري ڪوٺ جي ڪنڌي ته الاهي عنايت جا اهڃاڻ ليکجن ٿا. قرآن ۾ جاٿايل آهي: محمد خدا جو رسول، ساڻس شامل سيئي ساٿي ڪافرن لاءِ تمام ڏکيا پونڊڙ (ڪات ڪهاڙا) ته پاڻ ۾ کير ڪنڊ لڳا پيا آهن، سندن پيشانيون سجدن جي نشان سان سنواريل پيون سُجهن (٢) ۽ انهن لاءِ ئي چيل آهي: اهي پاڻ به چڱا ته سندن ڪم به چڱا پيا ڏسجن. پاڻ سدائين سچ ۽ صبر تي پروسو ٿا رکن (٣) اهي ئي ستارن جئان سوجهرو پکيڙيندڙ آهن. انهن جي ئي رهنمائي سان هدايت جون باڪون ڦٽن ٿيون (۴) اصل ۾ اهي (اصحاب) هڪ دل ۽

---

(١) سوره الانبياء ١٠٧ جز ٢٧. (٢) سوره الفتح ٢٩ ج ٢٦. (٣) سوره العصر ٣ ج ٣٠. (۴) تيسير الوصول ٣ ٢٦. (۴) حضور جن جو فرمان لحمڪ لحمي الخ.

جي عبادت، رسول جي اطاعت ۽ نيڪيءَ سان سجائي ڪرڻ ڪپي. اهڙي مُوڙي جيڪا عاقبت جي چوٽڪاري جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي، تنهن کي چڱن ڪمن سان حاصل ڪرڻ جو جُهد ڪرڻ جڳائي. دنيا جيئن ته پڇاڙيءَ جي پوک آهي(١) ان ڪري اهو وکر پوکڻ ۽ پٽڻ يا لٽڻ جو جتن چڱو ٿيندو، جيڪو قيامت جي ڏينهن ڪم اچڻ جهڙو هجي: ٻي حالت ۾ اُتي هلي ٺڪائي سان گڏ گناهن جي جُٺ (سزا) پوڻي پوندي:

بازار وجي سڪٽين هٽين موتي اچڻ وارا!
جي تو پاڻ ڪجهه نه ورتو ته ٻيو ڪو توکي ڇا ڏيندو؟
عمر جا پنجاهه سال گهري ننڊ ۾ گنوائي ويهي رهين،
هاڻ باقي پويان پنج ڏينهن ته اکيون کولي ڪجهه ڪر!

ڏات ڏٺين ۽ ڏاهن اڳيان ادب سان پڌرو ٿو ڪجي ته پاڻ جڏهن مون مسڪين جو هيءُ پورهيو پسن، پلائي ڪري ڪنهن اوڻائي اُگهاڙڻ جي نه ڪن، ان ڳالهه کي ڳڻ ۾ رکي ته هرڪنهن جي سوچ سندس سگهه جي آهر ٿي هوندي آهي:

هر ڪنهن جو ويچار سندس همت مطابق هوندو آهي،
ڪُمري (ڪوزي) ۾ اهوئي هوندو جو ان مان ٽمندي نظر ايندو.

ڳالهه هيئن آهي ته مون جوانيءَ جي بهارن ڀيري شڪارپور شهر ۾ رهي، هن ڪتاب جي سهيڙڻ جو سانباهو ڪيو هو، جڏهن اُتي نوڪريءَ سانگي پنهنجو گذر بسر پئي ڪيم، انهيءَ وچ ۾ ڪڏهن ڏاڍي پاڻيءَ جي ڇڪ تي خراسان، هرات، قنڌار ۽ ڪابل کان پشاور تائين به هلندو ٿي رهيس، ۽ جاڪوڙ ڪندي جتي به ڪو مواد هٿ پئي لڳم، سو هيڪاندو ڪندو پئي ويس.اتفاق سان خراسان جاڪي سياسي حادثا ۽ شاهه شجاع سان لاڳاپو رکندڙ ڪيترا اهم واقعا، جيڪي بادشاهه گرديءَ جي ڪري هيٺ مٿي ٿي چڪا هئا، جن جي مون کي ڪنهن حد تائين ٿوري گهڻي يادگيري به هئي، ڇو ته اهي مڙئي منهنجي اکين آڏو ٿي گذريا هئا، ائين ئي رائين گائين (رائگان) رهجي ويا. ان جو ڪارڻ اهو هو ته آءٌ روزگار جي مونجهارن ۾ وچڙيل هيس، ان ڪري انهن کي سموهي نٿي سگهيس، سو اهو اهم ڪم اڌورو رهندو آيو.

(١) اها حديث ته ليکجي ٿي پر حديث جي ڪتابن ۾ آيل نه آهي. - حبيبي.

لکندڙ جي لاءِ ٿوري گھٽي ڪِتَني بہ ڪنهن وڏي،
پريشانيءَ جو باعث بڻجي سگھي ٿي،
جيئن لکندي اچانڪ قلم جي ڇھنب ۾ ڪو وار،
قاسي ڏکيائي پيدا ڪندو آهي.

نيٺ شڪارپور جي ڪليڪٽر عاليجاه ايسٽوڪ صاحب بهادر جي رضا تي جيڪو پاڻ بہ هن باري ۾ وڏو سڄاڻ هو، مون بيهر هن ڪم ۾ هٿ وڌو ۽ سموريون گهٽ وڌايون جاچي سڄي پورت ڪري ڇڏيم. اهڙيءَ ريت آءٌ پنهنجي وس آهر جيڪو ڪسو پڪو پورهيو ڪري چڪو آهيان، تنهن ۾ ڪيئي گهٽ وڌايون ٿي سگهن ٿيون، جيتوڻيڪ هر هنڌ اهو خيال رکيو ويو آهي تہ ڪنهن بہ ڪنهن جي ڪا دل آزاري نہ ٿئي. تڏهن بہ جتي ڪا اهڙي ڏکي ڳالهہ ڪنهن صاحب کي نظر اچي تہ مون کي معاف ڪرڻ واري مهر سان نوازي، ٿورائتو بڻائي هونءَ بہ هن جهان ۾ سڀ درگذر تي وڃڻو آهي:

جيستائين ڪو نيست نہ ٿيندو،
تيستائين هست نہ ٿي سگھندو،
شمع جئان پاڻ جلائڻ سان ئي،
سوجھرو نصيب ٿيندو آهي،
هتي هر گهڙي هڪ پور جان آهي،
جيڪو پور پچائيندين، پورو ٿي ويندو.

O

---

نوٽ: ڪيئي آيتون ترجمو ڪندي محاورن جي صورت ۾ اچي ويون آهن جن جي حاشيہ ۾ نشاندهي، ڏکي پئي لڳي ان ڪري انهن کي اتيئي ڇڏيو ويو آهي. - مترجم

# تازن معرڪن جي تاريخ

## (تاريخ تازه نواءِ معارڪ)

## (١)

# نادر شاهہ جي اقتدار کان وٺي تيمور شاهہ جي پُٽ محمود شاهہ جي زوال تائين :

نادر شاهہ بادشاهہ پنهنجي اقتدار جو عرصو پورو ڪري جڏهن سال ١١٦٠هہ- ١٧٤٧ع ڌاري فوت ٿيو تہ هن جي درٻاري امير احمد شاهہ ابدالي اچي سندس گادي والاري، جيڪو ١١٨٤هہ -١٧٧١ع تائين چوويهہ سال حڪومت هلائي هيءُ جهان ڇڏي ويو(١). ان جي مرڻ کان پوءِ خراسان افغانستان جي بادشاهيءَ جي واڳ سندس پوٽي تيمور شاهہ جي هٿن ۾ آئي، جنهن ايڪويهہ ورهيہ حڪمراني ڪري ١٢٠٥هہ- ١٧٩٠ع ۾ وڃي هوءِ دنيا وسائي. اهڙيءَ ريت تيمور شاهہ ويو تہ هن جي وڏي پٽ زمان شاهہ جو وارو آيو، جيڪو ١٢١٥هہ- ١٨٠١ع تائين ڏهہ سال حڪمران رهيو. پر هيءُ شاهي غرور جي ڪري پاڻ نہ سنڀالي سگهيو، هرويرو ضد تي چڙهي سردار پائنده خان سميت ڪيترن ئي درٻاري اميرن کي مارائي ڇڏيائين. اها زيادتي هن جي زوال جو ڪارڻ بڻجي پئي.

سردار پائنده خان جي قتل کان پوءِ سندس پٽ فتح خان وزير ڪروڌ ۾ اچي ايران هليو ويو، جتان زمان شاهہ جي ننڍي ڀاءُ محمود شاهہ کي ڪوٺي آيو ۽ سيني جي صلاح سان ان کي تخت تي ويهاريائين. هوڏانهن زمان شاهہ انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي، جيڪا ارڏائي ڪئي، تنهن جي نتيجي ۾ ٿڏي تي ئي قيد ۾ وڃي پيو، جتي ڪيس اکين کان انڌو ڪيو ويو. ٻئي پاسي محمود شاهہ ٻهريون ٻيرو تخت جو وارث تہ ٿيو، پر ڀاڳ نہ پڙايس ۽ پورا ٽي سال مس جتاءَ ڪيائين. آخرڪار ١٢١٨هہ- ١٨٠٤ع ۾ هيءُ ٻہ روانو ٿي ويو.

پڇاڙيءَ ۾ هن جي ننڍي ڀاءُ شاهہ شجاع جي خدا ٻُڌي، جنهن اچي پنهنجي ڌاڪ جمائي ۽ ستن ورهين ١٢٢٥هہ- ١٨١٠ع تائين پنهنجو وارو وڄائيندو رهيو.

شاهہ شجاع پنهنجا پير پختا ڪري ٻهريون ٻيرو ١٢٢١هہ - ١٨٠٦ع ڌاري

---

(١) احمد شاهہ ابدالي ١١٨٦هہ - ١٧٧٣ع ۾ وفات ڪئي هئي. انهيءَ حساب سان سندس حڪومت چوويهہ ورهيہ نہ بلڪ ڇويهہ سال رهي، هتي مؤلف الائي ڇو شڪي حالت پيدا ڪئي آهي. ڏسو تعلق نمبر ٣ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾. - حبيبي.

پنهنجي وزير شير محمد سان گڏجي سنڌ جي حڪمرانن ڪان ڍل اُگاڙڻ جي ارادي ۾ شاهي نٺ نانگر سان سنڌ ڏانهن اُسهيو ۽ منزلون هٽندو، شڪارپور جي شاهي باغ ۾ اچي ڏيرودمائي ويهي رهيو، جتي انهيءَ وچ ۾، شهزادو تيمور شاهه پيدا ٿيو. هن جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ سڄي شهر کي خوب سينگاريو سنواريو ويو. اهو جشن پورا ٽي ڏينهن هلندو رهيو(١). سنڌ جي حڪمرانن ٽن مهينن تائين ڍل جي پورائي سان گڏ سوکڙيون پاکڙيون ڏئي،چند ڇڏائڻ جي ڪئي. شاهه شجاع سندن فرمانبرداري ۽ چيٽ چاڪريءَ مان ڏاڍو خوش ٿيو. ان ڪان پوءِ پاڻ ديرن(٢) ۽ دور بنون رستي ڪابل روانو ٿيو، جتي پريا چار سال عيش آرام سانگي ترسي پيو(٣).

سنڌ جي حڪمرانن مُدي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن مقرر ڪيل ڍل جي ادائگي ۾ دير ڪئي تہ شاهه شجاع ڏمرجي اُٿيو ۽ پيو پيرو ١٢٢٥هه/١٨١٠ع ۾ هن پاسي پر ساهيائين. هو ڪابل مان نڪري پشاور ڏانهن وڌيو اتي پهچي پنهنجي وزير شير محمد کي وڏي ڪٽڪ سان ڪشمير فتح ڪرڻ لاءِ اُماڻيائين. اها اوڪا پوڪا لاهي، سياري جي مند پشاور ۾ ملهائي وري بهار جي موسم ۾ڪابل ڏانهن وريو، جتي مشهور بزرگ مير واعظ، جيڪو هن جي وزير شير محمد سان گڏ ڪابل جي نوابيءَ تي مامور هو، شير محمد جي ڪشمير وڃڻ ۽ شاهه شجاع جي غير موجودگيءَ جو فائدو وني وڏي پيماني تي شيعن،سُنين وچ ۾ فساد کڙو ڪري چڪو هو؛ جنهن ۾ پنهي ڌرين جا ڪيئي ماڻهو مارجي چڪا ها. شاهه شجاع اڳيئي هن ڪان هيسيل هو، ڇاڪاڻ تہ هن جا ننڍا وڏا لکين مريد هئا، جيڪي هر وقت سندس اشاري جي انتظار ۾ رهندا ٿي آيا.

شاهه شجاع پهرين سَٽ ۾ ڪابل رسيو. اتان تنيءَ تاءِ احمد شاهي شهر(٤) ڏانهن چڙهائي ڪيائين تہ جيئن مير واعظ کي ساهي پٽڻ ڪان اڳ پورو

(١) تيمور شاهه ثاني پهريون تيمور شاهه، سليمان جو پٽ ۽ احمد شاهه ابداليءَ جو پوٽو هو، جيڪو چوڏهن سال حڪومت هلائي چائيتاليهہ بار چڙي گذاري ويو. ڏسو تعليقات مترجم.

(٢) ديرو اسماعيل ۽ غازي خان جيڪي تڏهن ڪابل جي ماتحتي ۾ هئا.

(٣) دَوَر- بنون ضلعي جي پهاڙي علائقي ۾ رهندڙ پٺاڻ جن جي ماڳ وٽان پشاور ڪان ديرن ڏانهن وڃڻو پوندو هو.

(٤) هن بابت افغاني تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي تہ شاهه شجاع پنهنجي وزير شير محمد کي اٺن هزارن سوارن سان ١٢٢١-١٢٢٢هه/١٨٠٦ع-١٨٠٧ع ۾ قرباني جي عيد ڪان پوءِ ڪشمير اُماڻيو هو. ڏسو سراج ١-٧١. احمد شاهي هاڻوڪو شهر قنڌار جنهنجو بنياد خود احمد شاه ابداليءَ رکيو هيو.

ڪري ڇڏي. ان لاءِ اڳواٽ شيعن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي تيار ڪري ڇڏيو هئائين. هن جڏهن احمد شاهي شهر ۾ پير پاتو تہ اُتي نئين سر شيعا۔سني فساد شروع ٿي ويو. انهيءَ اند ذند ۾ مير واعظ پاڻ بچائي نہ سگهيو، ڪيس اُڦٽ ماريو ويو.

شيعن سندس لاش جي مُنڍي لاهي نيزي تي چاڙهي شهر جي گهٽين مان گهمائي ڦيرائي شاهہ شجاع ڏانهن موڪلي. شاهہ شجاع اُتان واندو ٿي پنهنجن وزيرن اڪرم خان ۽ سردار فتح خان سان گڏجي ١٢٢٥هہ/ ١٨١٠ع ۾ وري شڪارپور ۾ وارد ٿيو. هن پيري بدل خان جي باغ ۾ اچي خيما کوڙيائين.

سنڌ جي حڪمرانن پيو چارو نہ ڏسي خوشامد برآمد تي سندرو ٻڌو. شاهہ شجاع سان گڏ سندس اميرن وزيرن کي بہ سرچائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيائون، تنهن هوندي بہ هن (شاهہ شجاع) هنن سان ڪا رعايت نہ ڪئي، نيٺ هو نواب ولي محمد خان لغاري کي، جيڪو حيدرآبادي ميرن جو مشير هو، يرغمال طور پاڻ سان وٺي ويو، نواب ولي محمد ديري غازي خان جي سفر تائين شاهہ شجاع وٽ رهيو، انهيءَ وچ ۾ پوين ميڙاچوندي ڪري پوري ڍل ڀياري، هن ويچاري جي جند ڇڏائي، جنهن اچي سنڌ جا وڻ ڀيٽيا(١). سردار فتح خان ديري غازي خان ڏانهن ويندي ڪنهن ڳالهہ تان شاهہ شجاع سان ٽڪرجي پيو، اتان ئي پنهنجا ماڻهو پاسيرا ڪري بوري(٢) ڪان ٿيندو قنڌار ڏانهن وڌيو، شاهہ شجاع بہ خار مان وات تي ترسڻ کان سواءِ هڪيو تڪيو پشاور هليو آيو، جتان ڪيس ترت ئي ڪابل وڃڻو هو.

هن جو وزير شير محمد، جيڪو ڪشمير فتح ڪرڻ لاءِ ويل هو، سو اتي پهچي سردار عبدالله خان الڪوزئي(٣) کان ڪشمير هٿ ڪري سردار عطا محمد خان باميزئي کي اتان جو حاڪم ٿاڦي تڪڙ مان واپس وريو ۽ شاهہ شجاع کان اڳ ئي پشاور پهچي ويو. هن کي مير واعظ جي قتل ٿيڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو، جيڪو ڪابل ۾ سندس نائب رهي چڪو هو. هيءُ ان جي موت تي زارو زار رُنو، انهيءَ واقعي مان ڪيس دل ۾ وسي ويو تہ هن فساد ۾ هڪ پاسي شيعن جو تہ ٻئي طرف

---

(١) اها ڍل ويهہ لک رپيا روڪ (قيمتي سوکڙين کان سواءِ) هئي. (٢) بوري، زوب تائين ويندڙ ديري غازي خان جي ڏکڻ اولهہ واري ايراضي، جتي ڪاڪڙ ۽ باڙ قبيلا رهن ٿا. هنان زوب ۽ سنڌ ۾ ڏانهن رستو وڃي ٿو. (٣) الڪوزئي، مشهور قبيلو آهي، جنهن جي لڄ درانين سان ملي ٿي. وڌيڪ ڏسو تعلق نمبر ١٠ـ حبيبي.

سنئون سڌو شاهه شجاع جو هٿ هو. اهو سوچي پنهنجو لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪيائين. ٿورن ئي ڏينهن ۾ تيار ٿي شاهه شجاع سان چڪري ڪائڻ لاءِ ڪابل مان نڪري پشاور سينو ساهي هليو. اتفاق سان شاهه شجاع هن ڪي رستي ۾ پشاور ڪان اُورتي تهڪال (١) ۾ اچي منهان منهن ٿيو، پوءِ ته ٻئي ڳنڍجي پيا. خدا جي قدرت اهڙي ٿي ته شير محمد انهيءَ ويڙهه ۾ پنهنجي پاڻ، خواجه محمد خان، شاهنواز ۽ ٻين ساٿين سميت پورو ٿي ويو. شاهه شجاع هن جي مارجڻ تي سامت جو ساهه ڪٽيءِڪي ڏينهن پشاور ۾ ٽڪ ٻيجڻ جي نيت سان رهي پيو.

پويان هن جو ٻيو وزير فتح خان به اوچتو اچي اُٿامڙيو، سو محمود شاهه کي هٿ ڪري ڪيس ٻيهر تخت تي ويهاري، پوري بندوبست ڪان پوءِ قنڌار مان ٿيندو. ڪابل اورانگهي پشاور ڏانهن راهي ٿيو. جڏهن نملي (٢) وٽ آيو ته پريان شاهه شجاع به نروار ٿيو، جو پنهنجي منهن پشاور مان نڪتو هو. وزير فتح خان هڪدم جنگ جوٽي ڏني، جنگ به اهڙي اچي لڳي جو اڪ چنپ ۾ شاهه شجاع جي لشڪر جون ڪنڌيون ڪٽي ڇڏيائين، شاهه شجاع جو وزير اڪرم خان امير غفور خان فوفلزئي ۽ ٻيا (٣) خاص ماڻهو ميدان ۾ ڳيا، ڳترا ٿي ويا، وزير فتح خان جي اقبال جو علم سوڀ جي هير سان ڦڙڪڻ لڳو. شاهه شجاع هڪدم ٻڙ مان نڪري، ونئي ڀڳو ۽ اهل عيال سوڌو اٽڪ وارو پتڻ (٤) ٽپي (رستي ۾ بنان ڪنهن منزل ڪرڻ جي) سڌو لاهور ڏانهن لاڙو رکيائين، جتي خالصه سنگهه سِکَ حڪمران راجا رنجيت سنگهه وٽ پناهه ورتائين، ڪي ڏينهن اتي گذاري ڪجهه سرهو ٿيو. سِکَ حڪمران هن جي چڱيءَ طرح پذيرائي ڪئي(٥).

---

(١) تهڪال: پشاور جي اولاهين پاسي ٻن ميلن جي پنڌ تي هڪ وستي آهي، جتي خليلي پٺاڻ رهن ٿا. (٢) نملو: ڪابل ڪان سورهن ميل پرتي اوڀر ۾ جلال آباد پاسي مشهور هنڌ آهي. (٣) فوفلزئي (پوپلزئي) قنڌار جي دُرانين مان نامور طبقو آهي، ڏسو غفور خان تعليق نمبر ١١. (٤) اَٽڪ جو پتڻ: پشاور ڪان پنجاهه ميل اوڀر ۾ سنڌونديءَ تي آهي. (٥) خالصه سنگهه جو مطلب: مشهور سک حڪمران رنجيت سنگهه سمجهڻ کپي، جنهن پٺاڻن جي گهرو لڙائي جو فائدو ورتي، پنجاب ۾ پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي. ڏسو تعليق نمبر ١٢.

## (٢)

**عطا محمد خان بارڪزئي (يار محمد خان جي ڀاءُ) جو پشاور ۾ سردار سمندر خان باميزئي هٿان قتل ٿي وڃڻ، ڪشمير جي ناظم سردار عطا محمد الڪوزئي سان صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ شاهه شجاع جي لاهور مان پشاور روانگي، جتي پهچڻ شرط ساڳئي سردار عطا محمد خان جي چُرچ تي سردار سمندر خان ۽ جهانداد خان باميزئيءَ هٿان سندس گرفتار ٿيڻ ۽ ڪشمير جي قيد ۾ پوڻ(١). سال ١٢٥٦هه/١٨٤١ع(٢).**

پشاور پهريان وزير فتح خان جي ڀائرن- عطا محمد خان، يار محمد خان، سلطان محمد خان، سعيد محمد خان ۽ مير محمد خان جي، قبضي ۾ هو.(٣) ڪشمير جي ناظم سردار عطا محمد خان الڪوزئي پنهنجي حڪم تي سردار سمندر خان ۽ جهانداد خان باميزئي تي اهو ڪم رکيو ته: هو وڃي پشاور جو علائقو وزير فتح خان جي ڀائرن کان کسي، ان تي پاڻ قابض ٿين. حڪم موجب هنن نهي سنبري وڃي پشاور تي ڪاهيو. انهيءَ ڪاهه ۾ عطا محمد خان بارڪزئي مارجي ويو. سندس ڀائرن ڀڄڻ ۾ ڀلائي سمجهي پڙ پالهو ڪيو. ائين اک ڇنڀ ۾ سردار سمندر خان ۽ ڀاڻس جهانداد خان اچي ڪاري جا مالڪ بڻجي ويا. انهي ڪارگذاريءَ کان پوءِ ڪشمير جي ناظم سردار عطا محمد خان الڪوزئي، اتڪل ڪري شاهه شجاع کي خط لکيو:

"اوهان جي بادشاهي جو جهنڊو خدائي سوڀ سان سدائين دشمنن مٿان ڦڙڪندو رهي!"

---

(١) الف، ج: سمندر خان ۽ جهان داد خان باميزئي.

(٢) اهو سنه صحيح ناهي، ڇاڪاڻ ته هيءُ واقعا شاهه شجاع جي پهرين دور حڪومت ۾ ٿيا هئا. انهن جو لاڳاپو ١٢٢٥هه/١٨١٠ع سان هو. ١٢٥٦هه/١٨٤١ع ۾ شاهه شجاع ٻيو ڀيرو انگريزن جي ٽيڪ تي ڪابل جو تخت هٿ ڪيو هو.

(٣) تفصيل جي لاءِ ڏسو تعليق نمبر ٤، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

جڏهن ڪان مخالفن هٿان سرڪار نامدار جي دربدرائي ۽ لاهور روانگي وارو دُڪدائڪ واقعو رونما ٿيو آهي، تڏهن ڪان اسان پارن اوهان جي خيرخواهن جي روح کي قرار ناهي. دل ٿي چوي جيڪر پنهنجي جان اوهان جي قدمن تان قربان ڪري، دشمنن ڪان پوريءَ طرح بدلو ورتو وڃي، جيئن شاهي ڇٽ، ابد تائين اوهان جي سرمبارڪ تي سونهندو رهي. هاڻ ضروري ٿيندو ته اوهان کي جلد لاهور ڪان پشاور پهچڻ جي ڪرڻ ڪپي جوپشاور هن وقت اسان جي قبضي ۾ آهي. خدا گهريو ته اڳتي هلي ڪابل ۽ قنڌار به دشمنن هٿان آزاد ڪرايو ويندو."

شاهه شجاع خط پڙهيو ته خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نه پيو مايي! اوڏيءَ مهل لڏپلاڻ ۾ لڳو. پنڌ هٿندي پهريان لاهور پوءِ پشاور پهچي دنگ ڪيائين. اتي ترسي ڪي ڏينهن پنهنجي بادشاهي جا خيالي پُلاءَ پچائيندو رهيو. هيڏانهن ڪشمير جي ناظم سردار عطا محمد خان اهو وجهه وٺي ڳجهه ڳوهه ۾ سمندر خان ۽ جهانداد خان کي چوائي موڪيو ته: شاهه شجاع منهنجي پيءُ جوقاتل آهي، ان ڪري ڪيس ڪنهن به حيلي بهاني حراست هيٺ آڻي، ڪشمير اُماڻيو وڃي. شاهه شجاع جيئن اتي رهيو پيو هو ته سردار سمندر خان ۽ پاڻس ٽل ڪري سندس مان ۾ هڪ مجلس ڪوٺائي. هيءُ وڃي ان ۾ شريڪ ٿيو. ٿوري دير ڪان پوءِ مجلس متي ته شاهه شجاع جي گدرن سان خاطر تواضع ٿيڻ لڳي. هرڪو گدرا ڪپي ڳُرُ پاڻ ڳڻي، ڪلون هڪ ٻئي کي هٿڻ لڳو ۽ هي سچو لقاءُ ڏسندو رهيو. ائين چرچن هلندي اچانڪ شاهه شجاع جي چيلهه ۾ رسو پئجي ويو ۽ ڪيس ڪشمير جا وڻ ڏسڻا پيا. اتي پهتو ته سردار عطا محمد خان هن کي بالاحصار جي ڪوٽ ۾ قيد ڪري سُڪَ جو ساهه ڪنيو.

وزير فتح خان پنهنجي پاءُ عطا محمد خان بارڪزئي جي قتل ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي اتالي سميت ڪابل مان هلي بنا ڪنهن منزل ڪرڻ جي پشاور اچي پهتو. سردار سمندر خان ۽ جهانداد خان جيڪي اڳ ئي پشاور ۾ موجود هئا، تن سائس مهاڏو اٽڪايو، پر هار کائي پڳا. وزير فتح خان فاتح ٿي پشاور جو والي بڻيو. هتي ڪو وقت سپاهه سرڙي جي ڳڻ ۾ رهي وري نئين سرگجرات(١) ڪان ڦرندو ڪشمير ڏانهن هليو ويو. جتي ڪشمير جي ناظم عطا محمد خان الڪوزئي سان جنگ جوٽي ڪشمير هٿ ڪيائين ۽ عطا محمد خان وڃي پنهنجو پاڻ بالاحصار ۾ قيد ٿيو.

(١) گجرات لاءِ حاشيه ڏسو ايندڙ صفحي تي.

هاڻ هڪ دلچسپ حقيقت پيش ڪجي ٿي: سردار عطا محمد خان جڏهن ڪان ڪشمير جو حاڪم ٿيو هو، اتان جيڪا بہ موڙي هٿ پئي آيس، سا ڏئي هرقسم جا جواهر وٺندو.هتيڪا ڪندو ٿي ويو، ۽ خريداري وقت سچن جواهرن جي تور ماپ ۽ رنگ جا هڪ جهڙا ڪوڙا جواهر ڪاريگرن ڪان ٺهرائي،سهڻين صندوقن ۾ وجهي رکندو ٿي آيو. وزير فتح خان جنهن ڏينهن (شاهہ شجاع کي ڇڏائڻ لاءِ) بالاحصار تي وجي چڙهائي ڪئي تہ سردار عطا محمد خان ڪوڙن جواهرن واري صندوق ڪڇ ۾ ڪري نڪري آيو ۽ وزير فتح خان جي پيش اچي پيو. وزير فتح خان اهو سوچي خوش ٿي عطا محمد خان جي آجيان ڪئي تہ ٺهيو وڏيڪ خفي ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ رهي. ٿوري دير ڪان پوءِ ٻئي نويڪلا ٿي ڪچهري ڪرڻ لڳا. ڳالهيون ڪندي سردار عطا محمد، وزير فتح خان کي چيو تہ: ڪشمير توکي پرتو، باقي رهيو منهنجو سِر، اهو بہ ڪپئي تہ حاضر آهي. پر جي ڪشمير جي اها دولت، جيڪا مون پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪمائي ڪني ڪئي هئي، سا بہ توکي گهرجي تہ اجها هيءُ صندوق، جنهن ۾ جواهر هيڪاندا ڪري رکيا اٿم، اها بہ تنهنجي بلي آهي. آءُ قسم ساک تي چوان ٿو تہ مون انهيءَ ئي ڪمائي مان هيءُ مال هٿ ڪيو هو.

وزير فتح خان جڏهن اها صندوق سردار عطا محمد خان کان وٺي کولي تہ قسمين قسمين قيمتي جواهرن کي ڏسي ٿنور وانگي ٽڙي پيو ۽ سردار عطا محمد خان کي اجازت ڏنائين تہ هو پلي جيڏانهن وٽيس تيڏانهن هليو وڃي، مٿس ڪابہ پابندي ڪانهي. ان ڪان پوءِ پنهنجي ڀاءُ سردار محمد عظيم خان کي ڪشمير جو ناظم ڪري رکيائين، جنهن تي ماڻهو ٽوڪ ۽ تنقيد ڪرڻ لڳا: عطا محمد کي ٽڙي عظيم کي آفت ڪري آندءِ!(١)

ٻئي ڏينهن وزير فتح خان،صرافن کي سڏائي جواهرن جي پرک ڪرائي تہ سڀ ڪوڙا نڪري پيا. ڪيس سردار عطا محمد خان جي نڳيءَ تي ڪاوڙ تہ گهڻيئي

---

هتي اصل اکر پڙهڻ ۾ نٿي آيا، لاچار گجرات جو نالو لکيو ويو، جيئن سراج التواريخ ۾ آيل آهي (١-٨٥) وزير فتح خان مظفرآباد واري درياهہ جي چاڙهہ سبب پنجاب کان ٿيندو گجرات ويو، جتي رنجيت سنگهہ سان ناهہ ڪري ڪشمير تي ڪاهہ ڪيائين. تڏهن گجرات رنجيت سنگهہ جي حد ۾ هئي.(١)اهو بيت فارسي ۾ هن ريت آهي:

عطاي محمد تو برداشتي- بلاي عظيمي تو بگماشتي،
عطاي محمد ز مابرده اي- بلاي عظيمي فرستاده اي.

آئي، پر هن کي هٿ ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هو، هو اڏامڪ باز جيان ٻوليندو ويو تہ: جنهن جوءِ مان اڏامي هلياسين، اڏامندائي وياسين. بالاحصار ۾ قيد ٿيل شاهہ شجاع کي وزير فتح خان آزاد ڪري ڇڏيو، جيڪو پنهنجي مرضيءَ موجب لاهور هليو ويو.

پڇاڙيءَ ۾ پاڻ بہ (وزير فتح خان) ڪشمير مان ڪٽڪ ساڻ ڪري ڪابل روانو ٿيو، جتي وري محمود شاهہ کي خراسان [افغانستان] جي تخت تي ويهاريائين. جنهن ١٢٢٥هہ / ١٨١٠ع کان ١٢٣٦هہ/ ١٨٢١ع تائين حڪومت هلائي. وزير فتح خان اياز جيان پنهنجي محمود جي فرمان هيٺ سرفراز ٿيندو رهيو.(١)

(١) محمود شاهہ جي حڪومت ٻي ڀيري ١٢٣٤هہ/ ١٨١٩ع تائين رهي. انهيءَ سال ڪابل ۽ غزني جي وچ تي (پنجيتاليهہ ميل غزني جي اتر اوڀر تي) سيد آباد وردگ واري معرڪي ۾ هو امير دوست محمد خان کان شڪست کائي هرات ڏانهن هليو ويو. - حبيبي

## (۲)

## شاهه شجاع جو لاهور پهچڻ ۽ رنجيت سنگهه وٽ قيد ٿيڻ ۽ مشهور هيرو "ڪوهه نور" رنجيت سنگهه جي حوالي ڪرڻ، ڀڄاڙيءَ ڪاٽ هٽي قيد خاني مان ڀڄڻ ۽ وڃي لڌياني پهچڻ:

شاهه شجاع ڪشمير جي قيد مان ڇٽي اڳ وانگي لاهور کي جاءِ پناهه سمجهي اتي اچي سهڙيو ته راجا رنجيت سنگهه ڪوهه نور هيري جي لالچ ۾ مروت ۽ مهمانداري کان اکيون ٻوٽي کيس هڪدم قيد ڪيو. هو ڪيترو وقت قيد خاني ۾ پيو رهيو، جتي هن کي انيڪ عذاب ڏنا ويا. رنجيت سنگهه جا ڪارندا کيس نِتهڻ اُس ۾ بيهاري ڪائنس ڪوهه نور بابت پڇا ڪندا رهيا، پر هو هر پيري نابري واريندو آيو. هُن دل ۾ رٿي ڇڏيو هو ته ڇا به ٿئي، هيرو هٿان ڪڍڻو ناهي.

نيٺ هنن ڇا ڪيو جو شاهه شجاع جي شهزادي محمد تيمور کي، جيڪو اڃا ٻال اوستا ۾ هو، اگهاڙو ڪري ماڙيءَ جي ڏکڻي ڏاکڻ (ڇاڙهي) تان گهڙيءَ هيٺ ته گهڙيءَ منٿي لاهي ڇاڙهي نستوڪرڻ لڳا. شهزادو نازڪ بدن ويچارو ڏينهن جي اُتت کان سڙندي پچندي ريهات ڪرڻ لڳو. سج جي بي رحم تپش سندس رنگ ئي بدلائي ڇڏيو.

شاهه شجاع سڪيلڌي پٽ جي اها جُٺ ڀري حالت ڏسي جُهري پيو. ڪوهه نور، جيڪو سندس مال متاع کان مٿي هو، ڪڍي ڪٽي ظالمن جي حوالي ڪيائين. تنهن هوندي به قيد مان آزاد نه ٿيو. انهن سورن ۾ رات ڏينهن ڏٿيءَ در آزيون الاهون ڪندو رهيو. آخر جيئن چوندا آهن ته ڏٿيءَ دران ڪوبه سوالي خالي نٿو وڃي. شاهه شجاع جي سندس عقل رهنمائي ڪئي. هن اٽڪل ڪري اول پنهنجي ڪٽنب کي لاهور مان لڌياني روانو ڪرايو. اهڙيءَ طرح جو ڪنهن بني بشر کي ڪل ڪانه پئي. ان کان پوءِ پنهنجي رهائي لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳو.

پاڻ جنهن جاءِ ۾ قيد هو تنهن سان لاڳيتي جڳهه واري پاڙيسريءَ کي لبي (لالچ ۾ آڻي) پاڻ سان ملائي سندس پاسي واريءَ پٽ ۾ ڪاٽ هٽائي تيار ٿي وينو.

پوءِ موقعو ملندي پاڙيسريءَ کي باہور ڏنائين، جيڪو ڪنھن ٻھاني پنھنجا ٻار ٻچا ونئي گھر کي تالو ھڻي ٻاھر ھليو ويو. شاھہ شجاع اڳوات ئي پنھنجي خاص مقرب سيد ابوالحسن شاھہ کي لڌياني ڏاھہ ڏئي ڇڏي ھئي، جيڪو اتان ٻلا گھوڙا ڪاھي لاھور واري قلعي جي ٻاھران مينھن جو پاڻي نيڪال ڪرڻ واري واھيءَ تي سندس اوسيئڙو ڪرڻ لڳو. جيئن رات جي اونداھہ وڌندي وئي ۽ بنديخاني جا چوڪيدار پويون پيرو شاھہ شجاع جي پاسي کان چڪر ھڻي،ڪيس ڪونگھرن ۾ ڏسي دلجاءِ ڪري وڃي ڪنڊ ۾ قراري ٿيا تہ شاھہ شجاع پنھنجي نوڪرن مان ھڪ کي پلنگ تي ليٽائي مٿان چادر وجھي ھدايت ڪري ڇڏي تہ صبح جو جيئن چوڪيدار اچي توکي اُٿارڻ جي ڪن تہ تون پنھنجي ھنڌ تان ترِ بہ نہ چُرجانءِ. ان سان گڏ ٻين کي بہ سيکاري ڇڏيائين تہ اوھان چوڪيدارن جي اُٿارڻ تي ھڪدم ڪين منع ڪجو تہ بادشاھہ سلامت (شاھہ شجاع) جي طبيعت نيڪ نہ ھئڻ ڪري ساري رات ڪونہ ستو ھو، ھاڻ مس مس سندس اک لڳي آھي، اوھان ڪنھن ٻي ساعت دستوري سلاميءَ لاءِ اچڻ جي تڪليف ڪجو!

ائين سمورو انتظام ڪري شاھہ شجاع پنھنجا ٻہ چار ماڻھو اُتي رھائي اڌ رات اونداھي وڳڙي ۾ ڪاٺ واري ھنڌ مان ٻاھر نڪري، قلعي جي واھي ٽپي، سيد ابوالحسن ۽ ٻين ساٿيارين سان گھوڙن تي چڙھي،مينھن واءُ ھڪ ڪندو لڌياني اچي رسيو ۽ پويان جي ڊپ کان پاڻ کي صحيح سلامت سمجھي،خدا جا شڪرانا ڪيائين. پنيان جيڪي ماڻھو قيدي ڇڏي آيو ھو، تن پوري طرح سندس حڪم جي پوئواري ڪئي. صبح مردان سان جيئن چوڪيدار قيدخاني واري ڪوٺيءَ ۾ شاھہ شجاع جي دستوري سلامي ۽ سنڀال جي لاءِ آيا تہ ھن جي ذاتي نوڪرن انھن کي سمجھايل ترڪيب موجب واپس ڪري ڇڏيو، جيڪي وڃي جائيتا تي ويھي رھيا.

شاھہ شجاع جو پيشڪار شاھہ رجب جنھن کي پاڻ پنھنجي پلنگ تي سمھاري آيو ھو، ننڊ مان اُٿيو تہ وجھہ تاڙي پلنگ مٿان وڏا وھاڻا رکي،انھن کي چادر سان چڱيءَ طرح ڍڪي،ڪوٺي ڇڏي ٻاھر نڪري آيو ۽ شھر ۾ لڪندو ڇپندو رھيو.

جڏھن ڪافي دير کان پوءِ قيد جي چوڪيدارن ڏٺو تہ شاھہ شجاع جي ماڻھن مان ڪا پھر ئي نظر ڪانہ پئي اچي تہ اندر وڃي ليئو پائي ڏٺائون. پلنگ واري ھنڌ تي چادر تہ برابر پيل ھئي پر ان ۾ ڪا چُرپُر ڪانہ پئي ڏني، جنھن مان

خبر پئجي سگهي ته پلنگ تي ڪو ماڻهو سُتل آهي. انهيءَ اچرج ۾ اڳتي وڌي چادر جو مٿي ڪنيائيون ته ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا هئا. بس پوءِ ته اچي ڪين ساهه جي لڳي. هيڏانهن هوڏانهن ووڙ ڪندي جڏهن ڪاٽ واري جاءِ تي سندن نظر پئي ته وٺ گهوڙو ڀڄڻ نه ڏنائون. پر شاهه شجاع جو ڪو پتو ئي نه پيو.

اها خبر جڏهن رنجيت سنگهه تائين پهتي ته ننڍن ڪان چوٽيءَ تائين باهه وٺي ويس. چئني پاسي پنهنجا ماڻهو تيزي پڪيڙي چڙيائين ۽ سندس حڪم تي سموريون چوڪيون چوڪس ڪيون ويون، پر شاهه شجاع نه ملڻو سو نه مليو! ڪنهن چوائي:

"جيڪو پکي شڪار ٿيڻوئي ناهي تنهن لاءِ
ڪوڙڪيون اڏڻ بلڪل بيڪار آهن."

شاهه شجاع جڏهن اتان نڪري لڌياني ۾ امن سان آڪيرو اڏي وينو ته انگريز بهادر سندس اڳئين ساک تي چڪن تي سندس مان ۽ مهمانداريءَ ۾ لڳي ويا. ڪيس هر مهيني جي خرچ پکي لاءِ من گهري موڙي گهر ويني پهچندي رهي.(١) انهن عطائن ۽ بين عنايتن مهابي شاهه شجاع ڪيئي سال لڌياني ۾ اهل عيال ۽ ٻئي اتالي سميت هر ڪنهن فڪر فاقي کان آجو ٿي عيش ڪندو رهيو، ليڪن بادشاهيءَ جو نشو جيئن جو تيئن سندس مغز ۾ موجود هو.

سدائين خراسان [افغانستان] جي تخت جا پور پئي پچايائين ۽ روز ستون ٿي ستيندو رهيو پر مولا پاڪ جيڪي گهري سو ڪري ٿو ۽ جيئن چاهي تيئن ئي ٿئي ٿو.

---

(١) شاهه شجاع پاڻ جيڪي پنهنجا واقعا قلمبند ڪيا آهن. تن ۾ ص ٥٠ کان اڳتي سندس پڄڻ جو احوال پوري تفصيل سان آيل آهي. انگريز بهادرن پاڻ اهوئي ٿي جاتو ته افغانستان جي ايندڙ معرڪن ۾ شاهه شجاع سندن استعمار لاءِ استعمال ٿيندو. انهيءَ آسري تي هن کي لاهور جي قيد مان پڄي نڪرڻ ۾ مدد ڪيائون ۽ سندس هيڏي ٿِڊ والي ڪندا رهيا.
جيتوڻيڪ ڪتاب جو مؤلف (منشي عطا محمد) يا خود شاهه شجاع انگريزن جي انهيءَ احسان بابت ڪٿي به ڪو خاص اشارو يا اعتراف نه ڪيو آهي، تڏهن به پڪ سان چئجي ٿو ته شاهه شجاع جو لاهور مان لڌياني اچڻ ۽ اتي انگريزن وٽان ايڏي پذيرائي حاصل ڪرڻ سڀ انگريزن جي مفاد وٽان هو، ان ڪري هو سندس سنڀال ڪندا ٿي آيا. هن (شاهه شجاع) جي قيد مان فرار ٿيڻ واري مهم ۾ اندران ئي اندران ڪو ڳجهو هٿ چرپر ۾ رهندو ٿي آيو. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. -حبيبي.

(۴)

## محمود شاهه جي تخت نشينيءَ ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ جي خوشي ۾ وزير فتح خان جي من مستي ۽ عيش پرستي :

شاهه شجاع جي حڪمراني جي زوال کان پوءِ (جنهن کي ذٿي نوازي جي ارشاد رباني مطابق) ۱۲۲۵هه/۱۸۱۰ع ۾ محمود شاهه تخت نشين ٿيو ته وزير فتح خان کي پنهنجو وڏو وزير ڪري رکيائين. عهدو سنڀاليندي هو ملڪ جي هر ننڍي وڏي مسئلي کي پوري ذميداريءَ سان نبيريندو رهيو. سندس سرجوشيءَ سان سنڌ، بهاولپور، ملتان ۽ ديرن: ديرو اسماعيل خان، ديرو غازي خان ۽ ڪشمير، خراسان جا رئيس ۽ ناظم سندس تابعداريءَ ۾ رهندا آيا. هيڏانهن دستور موجب هر سال سنڌ جي حاڪمن جا وڪيل شاهي دربار ۾ حاضري ڀري ڍل خراج جي ادائگي ڪرڻ لڳا.

وزير فتح خان جي مروت ۽ سخاوت پلئون پل هئي ته هي بهادريءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هيو. پر وزارت جي منصب ملڻ کان پوءِ دل کولي عيش پرستيءَ تي لهي پيو. سندس محفلون ڪشميري لال پرين، گل اندام محبوبن جي ناچ گاني ۽ پيماني تي پيماني جي جهرمر ۾ لڳيون، جن جي رنگينين بهارن کي به شهه ڏئي تي چڙي. انعام اڪرام ۾ به ايراني گهوڙن کان وٺي ڪشمير جي قيمتي وڳن ۽ شالن تائين عام خاص اميرن ۽ خانن تي نوازشون پئي ڪيائين. ڪابل ۾ نديءَ جي ڪپ تي هڪ بي نظير محل جوڙايو هيائين جنهن جي ڇت سوني پاٽي ۽ لاجورد جهڙي قيمتي پٿر سان اهڙي حيرت انگيز نموني سنواريل هئي جو اندر پير پائڻ تي چوڌاري چمڪ ڏسي اکيون جهانورن ۾ پئجي ٿي ويون.

محل ۾ ستن طبقن وارا ڪُنڊائتا حوض ڦوهارن سان سجايل هيا، هر حوض جي وچ تي آرسيون لڳل هيون. پاڻي جيئن نديءَ مان حوضن ۾ اچي ڦوهارن وسيلي مٿان ٿي هيٺ پئي لٿو، تيئن آرسين مان اُپرندڙ رنگ برنگي ترورا اکين سان گڏ روح کي به رنگين ڪندا ٿي ويا.

ڪنهن ڏينهن وزير فتح خان انهيءَ بي مثل محل ۾ جمشيدي جشن برپا ڪيو ته هيءَ خاڪسار (ڪتاب جو مؤلف) به اتي وڃي حاضر ٿيو. بس ڇا ڳالهه ڪجي.

جيڪڏهن انهيءَ جشن جي سڄي سارا هه لکڻ ۾ ايندي ته ڪا پورا ئي ٿي نه سگهندي. ان لاءِ وري الڳ محنت ڪرڻي پوندي. بهرحال ان جو ڪجهه احوال هتي ڏجي ٿو:

هڪ طرف ڦوهارن جي لاهه چاڙهه مان پيدا ٿيندڙ پاڻيءَ جي دلنواز ڌُن، جيڪا حوضن جي هيانو مان ڦٽي ٿي نڪتي ته ٻئي پاسي خوش رنگ شراب سان ڇُلڪندڙ ۽ پيمانن سان ٺهڪندڙ صراحين جون صدائون ۽ ٺهڪڙا. اهڙي عالم ۾ هيءُ شعر ذهن تي تري آيا:

ڪنهن ڏينهن پيالي صراحيءَ کان پڇيو،
ته اي وجد ۽ حال سان دل کي روشن ڪرڻ واري!
تنهنجي دل جي صفائي، صبح جي انوار جو راز،
۽ تنهنجو خيال، گلزار ناز جي سرو، جان اُتاهون آهي.
تنهنجو جگر صراحيءَ جي صدا جي حسرت ۾ اُجايل
۽ تنهنجون نگاهون، شراب جي رنگ ۾ رَتل آهن.
جيڪڏهن اِها نماز آهي ته پوءِ هي ٺهڪڙا ڇو،
۽ جي اها راند چنجي ته اِهي سجدا وري ڇا جا؟
صراحيءَ وراڻيو:
اي ديوانا! تون ته صفا ڪو ڇٽ آهين،
ڏسين نٿو ته زماني ۾ هيڏا هاڃا ٿي رهيا آهن،
انهيءَ اندوهه ۾ منهنجو اندر پيو سڙي،
تڏهن ته گهڙيءَ روئان، گهڙيءَ کلان پئي،
زمانو ڪيئن نه سڀ ڪجهه ضايع ڪندو پيو رهي،
يلا اها ڳالهه به ڪا لنوائڻ جي آهي،
هڪ سادي سودي ماڻهوءَ کي،
ڪٿان ڪو صاف ۽ سهٽو آئينو هٿ آيو،
هن انهيءَ ۾ جهاتي پائي پاڻ کي ڏٺو،
ته ان ۾ اهڙو مجو ٿي ويو جو اُن کي ڏسندو ئي رهيو!!

هتي هر قسم جا ساز هر ڪنهن کي مست بڻائي رهيا هئا ۽ ڳاڙهن ڳلن واريون ڪشميري پريون بُربلين جئان اُن رنگين محفل ۾ پئي ڇهڪيون ۽ پنهنجي ترنگ ۾ ڳائينديون ٿي ويون. ان سان گڏ ناچ ۽ ناز نياز جي ادائن وارا انداز به اوج تي هئا ته چنگ ۽ رباب جي لئي الڳ هئي. اهو سڀ ڪجهه ائين پيو لڳي، جڻ ڪو چوندو هجي

توکي خبر آهي:

تہ چنگ جون صدائون ڇا پيون چون؟

انت ربي، انت حسبي، يا ودود!!

محفل ۾ سڄو فرش قيمتي قالينن سان سينگاريل هو. اوري پري ڪافوري شمعون روشن هيون، جن جي وچ ۾ آتشبازي جو دائرو ائين سنواريل هو، جو جنهن مهل ڪا شمع پريان ٻري جهلڪا ڏيندي، آتشبازيءَ جي ويجهو ٿي آندي وئي تہ سڄو مانداڻ ڄا مان ڄا ٿي پئي ويو.

واقعي جيڪڏهن جمشيد بادشاهہ جيترو هجي ها تہ ڪيس هن جشن تي ريس اچي ها. نہ رڳو ايترو پر باغ ۾ جيڪا چراغ بندي ڪري چانداڻ لڳائي وئي هئي، تنهن کي ڏسندي تارن پرئي آسمان بہ ڄاڻي واڻي زمين تي ستارا پئي گهوريا ، هن جشن ۾ خاص ڪري آتشبازيءَ جي وٽن ڏاڍي رونق پئي ڏيکاري. اهي وڻ اهڙا تہ وٽندڙ ۽ وسن جهڙا هئا جو جيترا جاڳندا گلن ڦلن سان جهنجهيل وڻ بہ انهن آڏو ڄڻ بي مزي پيا لڳن. بيشڪ وزير فتح خان، پنهنجي ياڳ وَرڻ ڪان پوءِ حياتي ۾ هن نموني جا جيڪي عيش ڪري رهيو هو تن جو ڪاٿو نظر نٿي آيو.

*

## (٥)

## وزير فتح خان جي زال مائي پاڳل جو موت، جيڪا ڪشمير جي سدا سهاڳڻين مان هئي، ان کان پوءِ پشاور جي قاضين(١) مان پرڻجڻ، وري ان کي ڇڏي پيهر ڪشمير جي سدا سهاڳڻين مان زوريءَ شادي ڪرڻ:

وزير فتح خان ڪشمير جي سدا سهاڳڻين مان مائي پاڳل سان عشق مان شادي ڪئي، جنهن سان هن جي ڏاڍي محبت هئي. انهيءَ زال مان ڪيس سربلند ۽ شاهه پسند نالي ٻه پٽ ٿيا. قضا الاهي سان مائي پاڳل شاهه پسند جي ولادت وقت فوت ٿي وئي. سندس فراق وزير فتح خان کي ذري گهٽ چريو ڪري ڇڏيو.

سال ١٢٣١هه/١٨١٦ع ۾ سياري جي موسم ۾ هو محمود شاهه سان گڏ ڪابل کان ڪشمير آيو، اتي قاضي خيل خاندان مان چنبڊ جهڙي سهڻي سيبتي ڇوڪريءَ سان پرڻيو. ليڪن رڳو پهرين رات ساڻس گذاري صبح تي هن ويچاريءَ کي مائٽن ڏانهن موڪلي ڏنائين. وري انهن ئي ڏينهن ۾ ڪشمير جي سدا سهاڳڻين مان ٻي ڇوڪري هٿ ڪري ان سان نڪاح وڌائين. جنهن پنهنجي حسن جمال ۾ سچ چنبڊ کي مات ڪري ڇڏيو. هن جي ناز نزاڪت اڳيان گلاب جا گل ٻه ڄڻ ڦڪا پئي لڳا. ان بابت اصل ڳالهه اها هئي ته وزير فتح خان ڇوڪريءَ جي پريٽ ئي سندس سارا هه ٻڌي مٿس عاشق ٿي پيو هو. ان تان سندس مائٽن کان زوريءَ اهو سڳ ونڻي ساڻس شادي ڪيائين.

انهيءَ شاديءَ جي خوشيءَ ۾ هر روز نئين محفل مچائي ناچ ڳاني سان گڏ شراب ڪباب جي ڏُم لائي ڏنائين. انهيءَ ئي موقعي تي حيدرآبادي ميرن جو وڪيل سيد اسماعيل شاهه آغا ۽ راقم (ڪتاب جي مؤلف) جو مامو شير محمد خان جيڪو خيرپور جي ميرن جو وڪيل هو، ٻئي وزير فتح خان وٽ وڃي،ڪيس مبارڪن سان گڏ ڳريون سوکڙيون ڏئي آيا. موٽ ۾ وزير فتح خان ٻه هنن کي شوق شراب سان گڏ پَٽ پنيهر پهرائي پاڻ ملهايو.

---

(١) انهي قاضي خاندان بابت ڏسو تعليق نمبر ١۴.

## (٦)

**ميرن جي وڪيلن (سفيرن) جي پشاور ۾ رونشي بازي، مير اسماعيل شاهه جو لطيفي نالي ڪڇريءَ تي عاشق ٿي ڪيس پاڻ وٽ ويهارڻ، ٿورن ڏينهن کان پوءِ لطيفيءَ جو بيزار ٿي ڀڄڻ ۽ مير اسماعيل شاهه پاران ڪيس آزيون نيزاريون ڪرڻ، جنهن تي (مؤلف هٿان) لطيفي ڪڇريءَ جو ڪتو جواب لکرائي موڪلڻ(١):**

### مير اسماعيل شاهه جو خط:

رُوحاني بهار جي تازي ٽڙيل مُکڙي ۽ سدا بسنت گلزار جي سوکڙي، مٺڙن چپن ۽ موهيندڙ مُهاندن واري محبوبڙي، عذرا ۽ ليليٰ کان وڌيڪ خوبصورت ۽ خوش نگاهه، عنبرين زلفن ۽ نسرين جي سڳنڌن سان سنواريل منهنجي جند، منهنجي جان لطيفيءَ جي دلربا مجلس ۾ هن فراق جي قتيل عاشق جو سلام پهچي!

عرض ته جڏهن کان تنهنجي عشق جو تير ناز پرين پرون جي ڪمان مان نڪري اسان جي دل کي هدف بڻائي ويو، اسان گهايل ٿي ڪي ڏينهن توسان گهاري تنهنجي لطف ۽ ڪيف ڀريل ملاقاتن سان پنهنجو روح ريجهائيندا رهيا سين.

اسان ٻئي (تون ۽ مان) دليؤن جانيون باغ ۽ باد صبا جئان هيڪاندا هئا سين، اوچتو قضا اسان عشق جي مارين کي هڪ ٻئي کان وڇڙائي اسان کي ديوانن جي دنيا ۾ داخل ڪري ڇڏيو. اسان تڏهن کان رات ڏينهن برهه جي باهه ۾ دل جو سک ۽ سڪون ڦٽائي فرهاد ۽ مجنون وانگي بي قرار پيا گذاريون ۽ هر گهڙيءَ اکين مان لڙڪ لاڙي تنهنجي غم جي آبياري پيا ڪريون.

توکان سواءِ هڪ پل به جيئڻ ڏکيو پيو لڳي،
پلا ڪڏهن جسم به روح کان الڳ رهي ٿو سگهي!؟

---

(١) ورهاڱي کان اڳ جڏهن سنڌ بمبئي صوبي ۾ شامل هئي، سنڌ جا نمائندا بمبئي ڪائونسل ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اتي وڃي ساڳيون رونشي بازيون ڪندا هئا. ڏسو "رهاڻ" مرتب جي. ايم. سيد ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. -مترجم

منهنجي جانبزي! تون ڪٿي آهين؟ جلد آءُ جو آءٌ تنهنجي زلفن جي زنجير ۾ جڪڙيل ۽ تنهنجي قرب ۾ ڪڙيل تنهنجي اوسيئڙي جي آوهہ ۾ ائين پيو پچان ۽ پچران جيئن حرمل جا داڻا دڪندڙ ٽانڊن تي پوڻ سان تڙ ڪندا آهن.

توکان سواءِ مون ۾ جيئڻ جي سڪ ناهي،
سيگهہ اچي اُساٽيل اميدن جا بنديل دروازا کول،
تنهنجي جدائي ۽ تاراج ٿيل سندم عمر جو قافلو،
پنهنجي اُرڪي ترڪي کان نرهہ تي چڪو آهي،
تنهنجي ميلاپ کان سواءِ اي منهنجي جان!
منهنجي نيڻن جي ننڊ حرام ٿي چڪي آهي.

خدا ٿو ڄاڻي تہ تنهنجي وڇوڙي ۾ منهنجي ذهن ۾ ائين پڙ پالهو تي ويو آهي جيئن شيشو بغير شراب جي ۽ محفل بنان ڪباب جي! مان پاڻيءَ بن ڦٿڪندڙ مڇيءَ وانگي پيو اُٿلان پُٿلان ۽ لڙڪن پريل اکين سان پارهو ئي حيران پريشان پيو گهاريان.

منهنجي ڏکويل دل جيڪا تنهنجي سنگ ۽ سک سان نوازيل هئي، تنهنجي خيال ۽ وصال کان سواءِ آسائش ۾ اچي نٿي سگهي. آس اٿم تہ پنهنجي مهر محبت سان منهنجي سار سنڀال لهڻ جي ڪنديءَ ۽ پنهنجي ڳانڍاپي سان مون کي هن ڳاراٽي مان اچي ڇوٽڪارو ڏياريندينءَ.

منهنجي سائڻ! سچ تہ مون ۾ هاڻ جدائي جي سهپ جي سگهہ ڪانہ رهي آهي. هن حال ۾ ڪنهن شاعر جو شعر سندم دل جي ترجماني هن طرح پيو ڪري:

" توکان پري رهي سڪ جا سپنا لهڻ،
وسري ويا اٿم،
مون کي ڪل ئي ڪانہ ٿي پوي تہ،
قرار ڇا ٿيندو آهي!
وڏيڪ تنهنجي جهوريءَ ۾ جهُريل ڇا لکي!"

---

لطيفي ڪنجريءَ پاران جواب:

"جسم ۽ جان جي چڪر ۾ قاتل اسماعيل شاهہ جي نالي."

وِچ جيان ڪڙڪندڙ اسان جي غيرتمند پيشڪارن جي ڊپ کان سيهڙ (سهي) وانگي سهڪندڙ عاشق کي معلوم هئڻ گهرجي تہ: تنهنجو خط پهتو، جنهن مان انهيءَ دردشا جو پتو پيو، جيڪا اسان جي جدائي جي جنجل ۾ اسان جي مٿان مڙهي وئي آهي:

عشق جي منزل پراهين ۽ اونداهي آهي، جنهن جو ڪو اتو متو ڪونهي. چڱو اٿئي ته پنهنجا پير جهل، اجايو پاڻ ڪي آڙاهه اندر نه اڇلاءِ! پر جي توڪان اهو نٿو پڄي ته صبر ڪان ڪم وٺ، ايڏو گوڙ گهمسان نه ڪر ۽ ائين وٺئون نڪري انڌ ۾ نه پئو! دلجاءِ ڪر ته آءٌ بين جي سنڀال سان گڏ (جڏهن تنهنجو وارو آيو) تنهنجي سار به لهنديس. باقي سدائين گڏ رهڻ جي اجائي سڌ نه ڪجانءِ نه ته بڌائي تي چڙيانءِ ته ان مان ڪا چڱائي پلئه ڪانه پوندءِ !!

"اُميد ته ايترو ڪوڙ اٿئي."

مؤلف ٿو لکي ته: هن جڏهن مير اسماعيل شاهه اڳيان اهو خط رکيو ته پڙهي ٽپ ٽري پيس، ڏاڍي پابوهه مان مونکي آسيسون ڏني پنهنجيون نوازشون ڪيائين، سچ آهي، ماڻهو جيڪڏهن چاهي ته قطري (ڦڙي) مان پوري درياهه جي پرک ڪري سگهي ٿو، ۽ پن مان وڻ جي پروڙ ڪانئس پري نه آهي.

شيخ سعديءَ چواڻي:

عقلمندن جي نظر ۾ ساون وڻن جو هر هڪ پن به،

خدا جي معرفت جي دفتر جو هڪ هڪ ورق آهي.

*

## (هاڻ وري وزير فتح خان جو بيان شروع ٿئي ٿو)

وزير فتح خان جڏهن ١٢٣٢هه/١٨١٧ع ۾ محمود شاهه کي پشاور ڇڏي پاڻ امير دوست محمد خان سان گڏ لشڪر ساڻ ڪري ڪشمير ويو ته اتان جو ناظم سردار محمد عظيم خان ڪشمير جي سوداءَ ۾ باغي ٿي چڪو هو. وزير فتح خان وچ ۾ ڪا ويرم وجهڻ ڪان سواءِ هڪيو تڪيو ڪشمير وڃي رسيو. آتي سردار محمد عظيم خان سان چڱي جُٺ ڪري ڪيس وري تابعداري ۾ آندائين. ڪانئس ٿڏي تي ڪشمير جي ڍل جو سچو حساب چڪتو ڪري اتان جي نظامت پنهنجي اختيار ۾ آڻي پشاور ڏانهن موٽ ڪاڏائين.

هن جي پشاور پهچڻ ڪان اڳ محمود شاهه سيارو پشاور ۾ گذاري بهار جي موسم ايندي شرط اتان اُسهي ڪابل وڃي عيش عشرت جي خلوتن ۾ پنهنجي آس اميد جي پورائي ڪرڻ لڳو هو. پٺي پاسي هن جو پٽ شهزادو ڪامران قنڌار ۾ پنهنجون محفلون مچائيندو رهيو. ته وري ستهدس پاءُ فيروز شاهه(١) هرات ۾ موجون ٿي ماڻيون.

(١) حاجي فيروزالدين شاهه ولد تيمور شاهه ولد احمد شاهه ابدالي. ڏسو تعليق نمبر-٣. پڇاڙيءَ ۾.

ايتري ۾ ربيع الآخر ۱۲۳۲هه/ ۱۸۱۷ع ڌاري(۱) مشهد جو نائب شهزادو مرزا عباس علي(۲) اچانڪ هرات تي چڙهائي ڪري آيو ته فيروز شاهه جي رنگ ۾ ڀنگ پئجي ويو. اُتاوليءَ مان سچو احوال لکي محمود شاهه ۽ شهزادي ڪامران ڏانهن ڪابل، قنڌار ڏياري موڪليائين. چئي: وارو ڪريو نه ته هرات جي حڪومت اجها تي پنهنجي هٿن مان وڃي.

محمود شاهه، جيڪو ڪابل اندر پنهنجي عياشين ۾ مگن هو، اها خبر ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ تتي تاءِ وزير فتح خان کي چتاءُ ڏنائين، جيڪو ڪجهه عرصو اڳ ڪشمير مان پشاور اچي سهڙيو هو. هن بنا ڪنهن دير جي ڪابل پهچي محمود شاهه سان ملاقات ڪئي، جنهن جي سَتوهه تي سڌو وڃي قنڌار ۾ شهزادي ڪامران سان مليو. اتي ڏينهن رات هڪ ڪري دراني(۳) بارڪزئي، فوفلزئي، نورزئي، باميزئي بابري(۴) غُلزئي(۵) هوتڪي، آندري قبيلا ڪٺا ڪري انهن ۾ ٽيهه لک رپيا ورهائي اچڪزئين(٦) سميت سڀني کي خوش ڪري، پنجاهه سٺ هزار سپاهه سان هر قسم جو جنگي سامان سهيڙي پوري سنبت سان هرات ڏانهن هليو. وزير فتح خان جيڏو دلير تيڏو درياهه دل هو. هرات ڏانهن ويندي واٽ تي نهايت فراخ دليءَ سان قبيلن جي سردارن، رئيسن، اميرن ۽ خانن کي هر منزل تي دولت ۽ خلعت سان نوازي سندن دل پٽي ورتائين. ايتري قدر جو هرات پهچندي چوويهه لک رپيا وڌيڪ لُٽائي ڇڏيائين. سندس هرات پهچڻ کان پوءِ فيروز شاهه جي پيٽ ۾ ساهه پيو، وڏي خوشامد برآمد سان کيس شهزادي ابو القاسم واري باغ ۾ وٺي ويو ۽ اُتي رهايائينس. اهو باغ صفائي، سُنائي ۾ بهشت کان گهٽ نه هو. ڪانئس جيتري قدر پڄي سگهيو وزير فتح خان کي خوش رکڻ جون ڪوششون ڪندور هيو. هر گهڙيءَ هن جي پرگهور پئي لڌائين. هن کي اها ڪل نه هئي ته اڳتي هلي قسمت کيس ڪهڙا ڏينهن ڏيکارڻ واري آهي.

---

(۱) هيءَ سن ڪٿي۱۲۳۲هه/۱۸۱۷ع ته ڪٿي ۱۲۳۰هه/۱۸۱۵ع لکيل آهي.

(۲) مرزا عباس علي ولد فتح علي قاچاري خراسان جو حاڪم.

(۳) دراني، ابدالي جيڪي قنڌار ڪان هرات تائين آباد هئا. بارڪزئي، فوفلزئي، نوروزئي ۽ باميزئي به انهن مان ئي آهن، جن جي افغانستان تي حڪومت هئي.

(۴) بابري مشهور قبيلا

(۵) غلزئي، وڏو قبيلو هو، جنهن جي آبادي قنڌار جي اوپارين پاسي ڪان ڪابل تائين هئي. هوتڪي ۽ آندري قبيلا به انهيءَ مان آهن، جيڪي غزني تائين رهن ٿا.

(٦) اچڪزئي به دراني ابدالي قبيلي مان آهن ـ حبيبي افغاني.

## (٧)

## وزير فتح خان جو هرات جي قبيلي ۾ داخل ٿيڻ، جتي دعوت هلندي فيروز شاهه کي گرفتار ڪرڻ ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ هن کي قندار اماڻي ڇڏڻ:

وزير فتح خان ظاهري طرح تہ فيروز شاهہ جي خاندان جو خيرخواهہ هو ۽ انهيءَ حيثيت سان اچي هرات ۾ هيڪاندو ٿيو هو، پر اندرئين خاني ڪيس هرات جي قلعي تي قبضو ڪرڻ ۽ فيروز شاهہ جي گرفتاريءَ جو خيال هو. هرات جي قلعي تي قبضو ۽ اُتان جي خوبصورتي هن کي ڏاڍي وڻندڙ هئي، جنهن کي جيڪڏهن سڪندري يعني سڪندر واري سَدّ چئجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هتي ياجوج ماجوج جهڙي ڪنهن بہ مُخالف ڌر جي ڪا پيٽي ڪانہ هئي. هن قلعي کي (ڳجهي سازش کان سواءِ) ڪنهن جي مجال نہ هئي جو ڪو سر ڪري سگهي ها. انهيءَ ئي قلعي ۾ وزير فتح خان جي دعوت جو انتظام ڪيو ويو.

فيروز شاهہ انهيءَ دعوت ۾ اڳواٽ ئي پنهنجن ماڻهن کي چوڪس رهڻ جي هدايت ڪئي هئي تہ وزير فتح خان جي سپاهہ مان ڪنهن بہ هٿياربند کي قلعي اندر اچڻ نہ ڏنو وڃي پر جي هُو پاڻ اچي تہ اهم ڪونهي. اها پابور وجي، وزير فتح خان جي ڪن تائين پهتي. جنهن ڪيس ويتر طيش ۾ آڻي ڇڏيو، پر سياڻپ کان ڪم وٺندي پاڻ سنڀالي پنهنجن خاص ماڻهن کي سڏائي ساڻن اها ڳالهہ چوريائين. انهن ڪيس اها صلاح ڏني تہ (١) هرات جي بازار مان ڳجهيءَ طرح هر قسم جا هٿيار خريد ڪرائي پنهنجن جنگي جوڌن کي ڏئي انهن مان هرهڪ کي پنهنجي منهن قافلي سرائين ۾ وڃي رهڻ لاءِ چيو وڃي ۽ جيئن ضرورت پوي تيئن اهي هڪل سان هڪدم اچي قلعي ۾ حاضر ٿين.

آخرڪار عين دعوت واري ڏينهن فيروز شاهہ وزير فتح خان کي قلعي ۾ گهرايو ۽ وزير فتح خان ٿي چار سو امير ۽ عزيز قريب ساڻ ڪري قلعي اندر ويو. جتي مهمان داريءَ توڙي مهمان نوازي جون سموريون تياريون پوريون ٿيل هيون.

---

(١) سردار پردل خان، سردار ڪهندل خان ۽ سردار شيردل خان، جيڪي وزير فتح خان جا پائر ۽ سردار پائنده خان جا پٽ هئا. ڏسو تعليق ۴ ـ حبيبي.

سڄي مجلس پوري نٽ ٺانگر سان سينگاريل سنواريل هئي ۽ ڪافوري شمعن جي روشنيءَ ۾ خوش آواز ۽ نازڪ اندام پرين جهڙيون سهڻيون سيبتيون ٻانهيون ۽ ناچڻيون هر ڪنهن کي غمزن سان گهائي رهيون هيون.

وزير فتح خان جي آڏو شراب ڪباب سان گڏ ناچ گاني ۽ طرحين طرحين طعامن جا خونچا رکيا ويا، جن جي مٿان زربفت ۽ ڪيمخواب جا پوش پيل هئا. ڪاڏو ختم ٿيو ته راڳ رنگ جو وارو آيو، جنهن ۾محفل جي محبوبڙين هر ڪنهن کي هرڪائيندي پاڻ پٺي مَلهايو. انهيءَ ورونهن ۾ هر ڪنهن جي دل جو صبر ائين ويندو رهيو، ڄڻ ترڪن اڇي ڪنهن جو ارڪو ترڪو هنيو هجي.

وزير فتح خان انهيءَ تماشي ۾ تماشائي ٻڻجي خوشيءَ ۾ خوب مست ٿيندو رهيو ۽جام تي جام پيئندو فيروز شاهه سان سنمک پئي ٿيو. ٻئي پاسي مجلس ۾ موجود هر شخص حد کان وڌيڪ پيئڻ ڪري ويو ٿي فرش مٿان آسيرو پاسيرو ٿيندو ۽ اوچتو فيروز شاهه ڪر ڪٽي هڪل ڪئي ۽ هرڪو هڪ ٻئي سان ويڙهه ۾ وچڙي ويو.

وزير فتح خان جا ماڻهون، جيڪي اڳ ۾ ئي شهر جي سرائن اندر انهي گهڙيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا، تن سردار دوست محمد خان جي اڳوائيءَ ۾ چوڌاري گهٽ گهيڙ بند ڪري قلعي کي پنهنجي گهيري ۾ آندو. هڪ طرف قلعي اندر ڪٽڪو پئجي ويو ته ٻئي پاسي شهر ۾ مانڌاڻ متو، وزير فتح خان مڙئي چڙهت ڪندو ٿي ويو. فيروز شاهه اهي حال ڏٺا ته سندس ڇيهه ڇڄي پيا: سڄو پگهر ۾ شل ٿي، ٻوڏڻ ۾ پئجي اندر ئي اندر جَڪ ڪائي وَاويلا ڪرڻ لڳو:

خدايا! مون کي خبرناهي ته ستمگر زمانو،
چالاءِ منهنجو ساٿ نه ڏئي رهيو آهي،
مون کي ته ڪا پروڙ ئي پئجي نٿي سگهي،
ته چو سندم صبح، سانجهيءَ ۾ بدلجي ويو،
دنيا جو دستور اصل کان ائين رهيو آهي،
ته ڪنهن سان هيئن ته ڪنهن سان هونءَ پئي هلي!

اهڙي نموني فيروز شاهه، جيڪو وزير فتح خان کي قيد يا قتل ڪرڻ جي سانباهي ۾ هو، سو خود ۱۲۳۳هه/۱۸۱۸ع ڌاري هرات جي قلعي اندر وزير فتح خان هٿان گرفتار ٿي ويو.[1]

(۱) نسخه الف: ۱۲۳۴هه/۱۸۱۹ع. ب: ۾ اهو سن ڪونهي. ج ۱۲۳۴هه/۱۸۱۹ع. بلڪ وزير فتح خان ۱۲۳۲هه/۱۸۱۷ع جي پڇاڙيءَ ۾ هرات روانو ٿيو. ۱۲۳۳هه/۱۸۱۸ع جي شروعات ۾ هرات فتح ڪري فيروز شاهه کي حراست ۾ ورتائين . سراج:۱ ص ۹۳. - حبيبي.

## (٨)
## وزير فتح خان ۽ مرزا عباس علي جي جنگ، ٻنهي ڌرين جي شڪست ۽ وزير فتح خان جي هرات ڏانهن واپسي:

وزير فتح خان هرات جي قلعي ۾ پنهنجي حرفت سان فيروز شاهه کي شڪست ڏني، سندس ڳڏايل سمورو شاهي خزانو پنهنجي قبضي ۾ آڻي، ان کي ڪٽنب سميت قيد ڪري شهزادي ڪامران ڏانهن قنڌار ڏياري موڪليو. فيروز شاهه جڏهن قيدي جي حالت ۾ قنڌار پهتو ته سندس ڀائٽي، ڪامران کي غيرت اچي وئي ۽ هو هڪدم هرات پهچي، وزير فتح خان کان بدلي وٺڻ جي تياري ۾ هو، ته اُمالڪ مرزا عباس علي جي هرات تي چڙهائي جي خبر اچي مليس، جنهن ڪري انهيءَ نئين خفي ۾ لڳي ويو ۽ هرات نه وڃي سگهيو.

وزير فتح خان، جيڪو خود هرات ۾ موجود هو، مرزا عباس علي سان منهن ڏيڻ لاءِ سنبري اُٿيو، پويان هرات جي قلعي جون ڪُنجيون اُتي رهيل سنڌ جي ميرن جي وڪيلن (سفيرن) مير اسمعيل شاهه ۽ شير محمد خان جي حوالي ڪيائين، جن تي هن جو پورو ويساهه هو.

جنگ جي ميدان ۾ جڏهن ٻنهي پاسن جا لشڪر هڪ ٻئي جي سامهون آيا ته ڌرين جا معتبر وچ ۾ اچي پيا، انهيءَ آسري تي ته جيئن جنگ کان اڳ صلح جي ڪا صورت پيدا ٿي پوي، ليڪن ائين ڪرڻ سان ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو، آخر تقدير کي جيڪي وڻيو سوئي ٿيو.

جنگ هلي ته واچوڙي جيان وڌندي وئي. سردار شيردل خان (وزير فتح خان جي ڀاءُ) ڏاڍي بهادري ڏيکاري. سندس جنگي جوڌن دشمن جي توبخاني تي حملو ڪري ان کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. قاچاري لشڪر پنهنجو توبخانو ائين هٿان ويندو ڏسي، مچرجي پيو. بس پوءِ ته ٻئي ڌريون دونهين جيان وٺ ڪائي هڪ ٻئي کي وڪوڙي ويون. سڄو ماحول توبن جي انڌوڪار ۾ اچي ويو.

ويڙهه هلندي ڪنهن مهل توب جو هڪ گولو وزير فتح خان کي اچي لڳو ۽

هو ڦتجي پيو. لاچار جنگ جو ميدان ڇڏي هرات شهر ڏانهن وريو. هوڏانهن مرزا عباس علي بہ وڏيڪ وڙهڻ جو سَت نہ ساري واپس هليو ويو.

وزير فتح خان زخمي حالت ۾ قلعي اندر پير رکيو تہ سنڌ جا وڪيل (جن کي پنيان سڀ ڪجھہ سونپي ويو هو) قلعو سندس حوالي ڪري سرها ٿيا.

هتي هيءَ ٻڌائڻ ضروري آهي تہ هرات وارو علائقو ٻين علائقن کان ڪجھہ سرس سخت آهي ۽ هتان جا ماڻهو خاص ڪري اوزبڪ پنهنجي سنگدليءَ ۾ مشهور آهن، جن جو ڏنڌو: ماڻهن کي هٿ ڪري وڪڻڻ آهي، پيو تہ هتان جيڪو بہ هڪ دفعو هارڪائي نڪري ٿو، سو بيهر ڪنهن بہ طريقي سان قلعي اندر اچي نٿو سگهي. گهڻو ڪري جنگ ۾ هارڪاڏل لشڪر پڇي جند ڇڏائڻ بدران اوزبڪن ۽ ترڪمانن جي ورچڙهي وڃن قيدي ٿي پوندو آهي.

ان باري ۾ وزير فتح خان مُهڙ ۾ ئي جيڪا سياڻپ ڪئي، سا پڇاڙيءَ ۾ ڪيس ڪم آئي. پاڻ جيئن جنگ تي ويندي قلعي جون چاٻيون، سنڌ جي وڪيلن کي سونپي ويو، تيئن جنگ کان واپس ورڻ تي هنن (وڪيلن) اُهي امانتي طرح اوزبڪ ۽ ترڪمانن جهڙن رهزنن کان بچائي سندس حوالي ڪري ڇڏيون ۽ هن پنهنجي حڪومت جو ڪاروبار سنڀاليو. ان واقعي جي ڪري وزير فتح خان وٽ سنڌي وڪيلن (سفيرن) جو ڏاڍو مان ٿيو. هيءَ ٻين جي پيٺ ۾ هن جا وڏيڪ ويجها ۽ ڀروسي جوڳا دوست ثابت ٿيا.

عجيب ڳالهہ اها آهي تہ: جنهن وقت وزير فتح خان ۽ مرزا عباس علي گهوڙن سان گڏ پيو مال اسباب ميدان ۾ ڇڏي نڪري آيا تہ پويان ٿوري دير کان پوءِ غئبي خان ڪوهي ۽ بنياد بيگ هزارو،(١) جيڪي هميشه جابلو ايراضين ۽ بربتن ۾ لٽ ڦر ڪندا ٿي رهيا، ميدان ۾ لهي پيا ۽ سڀ ڪجھہ ڀُھاري خرجينن ۾ ڀري خچرن تي ٻڌي گهوڙا هڪلي هليا ويا.

نتيجي طور هن ويڙهہ ۾ هڪ پاسي وزير فتح خان وارن چڱو مزو چکيو تہ

---

(١) هزاره۔ وچ افغانستان ۾ رهندڙ مشهور قوم آهي، ان ۾ بنياد بيگ جهڙن نالن جو عام رواج رهي ٿو. سراج التاريخ جلد ١، ص ٩٢ ۾ لکيل آهي تہ بنياد خان هزاري ۽ ڀاڻس نصير خان هن جنگ ۾ قاچاري لشڪر کي گهڻي قدر تباهہ ڪيو هو. اها جنگ هرات جي اولاهين پاسي ڪوهستان ۾ محرم جي اڳياڙي ڏاري لڳي هئي، جنهن لاءِ سال ١٢٣٤هہ/ ١٨١٨ع لکيل آهي. سراج ١ ۽ ٩٥. ڪٿي وري ١٢٣٣هہ/١٨١٧ع ڄاڻايو وڃي ٿو. — حبيبي

ٻئي طرف مرزا عباس علي بہ ڪنهن ڏاهي چوائي:

"جتي ٻچڻ ناهہ ٻاهت، اُتي ٻچڻ ڪم ورٻامن جو...."

ٻاڄ ۾ ئي غنيمت سمجهي جند ڇڏائي ويو. قدرت جا رنگ ئي نرالا آهن. انسانن جي وچ ۾ اهي جنگيون صرف خود غرضي ۽ نفس پرستيءَ جي بنياد تي پيون هلن، ليڪن دنيا پنهنجي باب بلڪل جتادار ناهي.

اهڙي نموني فيروز شاهہ، جيڪو وزير فتح خان کي قيد يا قتل ڪرڻ جي سانباهي ۾ هو، سو خود ۱۲۳۳هہ/۱۸۱۸ع ڌاري هرات جي قلعي اندر وزير فتح خان هٿان گرفتار ٿي ويو.(۱)

*****

(۱) نسخہ الف ۱۲۳۴هہ/۱۸۱۹ع. ب: ۾ اهو سن ڪونهي. ج ۱۲۳۴هہ/۱۸۱۹ع. **بلڪ** وزير فتح خان ۱۲۳۲هہ/۱۸۱۷ع جي پڇاڙيءَ ۾ هرات روانو ٿيو. ۱۲۳۳هہ/۱۸۱۸ع جي شروعات ۾ هرات فتح ڪري فيروز شاهہ کي حراست ۾ ورتائين. سراج ۱-۹۳. — حبيبي

## (٩)

## شهزادي ڪامران جو قنڌار مان هرات روانو ٿيڻ:

شهزادو ڪامران، جيڪو اڳ ۾ ئي فيروز شاهه جي گرفتاريءَ واري خار ۾ وزير فتح خان تي سڙيو ويٺو هو، تنهن جڏهن وزير فتح خان جي جنگ مان موت ڪائڻ واري خبر ٻڌي ته اندر جي باهه ڪان بيتاب ٿي پوري سنبت ڪري پنهنجن اميرن: شاهه پسند خان الڪوزئي، يار محمد خان، عبدالمنصور بارڪزئي(١) ۽ ٻين سان گڏجي هرات روانو ٿيو.

سندس ساٿاري جن جا نالا ورتا ويا، وزير فتح خان جا پڪا ويري هئا. هنن هميشه هن جي مخالف پئي ڪئي، پر ساڻس پڄي نٿي سگهيا، جنهن ڪري موقعي جي تاڙ ۾ رهندا ٿي آيا. هاڻ ته جڻ سندن الله ٻڌي!

جيستائين شهزادو ڪامران هرات پهچي، تنهن ڪان اڳ سردار دوست محمد خان وزير فتح خان سان فيروز شاهه ڪان ڦُريل هيرن جواهرن جي ورهاست تان ڪاوڙجي پنهنجو لشڪر وني اُتان نڪري ڪشمير ڏانهن هليو ويو، جتي سردار محمد عظيم خان وٽ پهچي پاڻ ڪي گرفتار ڪرايائين.(٢) وزير فتح خان پنهنجن ڀائرن ۽ سردار پردل خان، سردار ڪهندل خان ۽ سردار شيردل خان سان گڏ شهزادي ڪامران جو هرات پهچڻ تي آدرڀاءُ ڪيو ۽ قلعي جون ڪنجيون ڪيس پيش ڪيائين. موٽ ۾ شهزادي به خوش ٿي مٿس نوازشون ڪيون.

جيتوڻيڪ وزير فتح خان خود شهزادي ڪامران جي اشاري تي فيروز شاهه کي قيد ڪري وٽس اُماڻيو هو، جو گهڻي عرصي ڪان هن جون اکيون هرات جي قلعي ۾ هيون ۽ رات ڏينهن اتان جي بادشاهت جا پور پچائيندو ٿي رهيو، پر جڏهن وزير فتح خان ائين ڪري ڇڪو ته شهزادي ڪامران ڦري ڪيس ڳچيءَ ڪان

---

(١) ڏسو تعليق نمبر ١٥. (٢) فيض محمد هزارو امير حبيب الله جي دربار جو امير لکي ٿو ته: سردار دوست محمد خان فيروز شاهه جي حرم مان شهزادي ملڪ قاسم ولد فيروز شاهه جي گهر واريءَ سان جيڪا محمود شاهه جي ڌيءَ هئي ۽ سندس نالو رقيه بيگم هو، هٿ چراند ڪري ڪانئس زيور ڪسي ڪشمير ڀڳو هو. ص ٦٤ ڪان اڳتي. تحفته الحبيب قلمي. ڏسو تعليق نمبر ١٦ – حبيبي.

ورتو. سچ چيو اٿن تہ: ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا ٿيندا آهن ۽ ٺڏي تي ڦِرَتي ڪاٺ بہ جڻ بادشاهن جي ريت ۽ نيت ۾ شامل هوندو آهي.

فيروز شاهہ جي بيعزتي ۽ بدنامي شهزادي ڪامران کي ڪروڌ ۾ وجهي ڇڏيو. سندس امير، جن کي اڳيئي وزير فتح خان بابت رت جون مانيون پيٽ ۾ هيون، سي بہ پنهنجن وير پاڙڻ لاءِ ڦٿڪي رهيا هئا. دنيا جي حال ۽ چال تي ڪهڙو ڀروسو!

هتي جيڪا ڀوڪبي سا لُٽبي!!
ڪٽڪ مان ڪٽڪ تہ جَوَن مان جَوَ پلئہ پون ٿا.
نيڪيءَ جو اجورو عافيت ۽ بديءَ جو بدلو بدي آهي.
ائين ئي هر محنت جي مزدوري مقرر ڪئي وجي ٿي.

شهزادو ڪامران مٿينءَ دل سان وزير فتح خان کي انعام اڪرام سان نوازي ڪيترن ڏينهن تائين هن ۽ سندس ڀائرن کي خوش رکندو آيو. جنهنڪري وزير فتح خان کي ڪو گمان ئي نہ پئي ٿيو تہ سندس قسمت ۾ اڳتي هلي ڇا ٿيڻو آهي! پر هن جا ماڻهو بي خبر نہ هئا، جن ڪڏهن جو ڪيس چتائي ڇڏيو هو تہ شهزادي ڪامران ۽ اُن جي ساٿارين جي نيت ۾ فتور آهي.

وزير فتح خان پنهنجي آڪڙ ۾ ڀورو رهي، پنهنجن ماڻهن جي چتاءُ کان ڪن لاٽار ڪندو رهيو. هن کي شهزادي ڪامران جي رَوَش تي ايڏو تہ ڀروسو هو جو ڪنهن جي چٽي آڪئي جي ڪا پرواهہ نٿي ڪيائين. چوندا آهن تہ خود غرضي ناداني‌ءَ جي نشاني آهي. انهيءَ قول مطابق وزير فتح خان قضا کان غافل ٿي هلندو رهيو، اها قضا جنهن وٽ بدلي وٺڻ لاءِ هڪيا تڪيا ڀالا موجود هوندا آهن.

*****

(۱۰)

## شهزادي ڪامران هٿان وزير فتح خان کي گرفتار ڪرائي سندس اکيون ڪيرائي ڇڏڻ، ۽ وزير فتح خان جي ڀائرن جو فرار ٿيڻ:

ٿوري وقت کان پوءِ شهزادي ڪامران هرات جي قلعي ٻاهران شاهي باغ ۾ هڪ وڏي مجلس قائم ڪرائي، جنهن ۾ شراب ڪباب سان گڏ ناز انداز واريون خوبصورت ناچڻيون، ڳائڻيون به حاضر اچي ٿيون.

وزير فتح خان پنهنجن ڀائرن ـ سردار پردل خان، سردار ڪهندل خان ۽ سردار شير دل خان سميت ان مجلس ۾ اچي اهڙو ته عيش عشرت ۾ بدمست ٿي ويو، جو ڪيس پنهنجي پرائي جي ڪا سمڪ ئي نه رهي.

شهزادي ڪامران اڳ ۾ ئي پنهنجن ڪارندن کي هدايتون ڏئي ڇڏيون هيون ته وقت اچڻ تي ڇا ڪرڻو آهي! هنن جيئن وزير فتح خان کي نشي ۾ چُور ڏٺو، تيئن وجهه وٺي مٿس چڙهي ويا ۽ اک ڇنڀ ۾ ڪيس چوڪنيو ٻڌي سندس اکيون ڪڍي ڇڏيائون.

هن جي ڀائرن جو هن جو اهو حشر ڏٺو ته ڦٽڙي جند ڇڏائڻ لڳا، پر آخر شڪنجي ۾ اڙجي ويا. سردار پردل خان جيل جي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ وجي پيو، سردار ڪهندل خان پڇي جان بچائي ته سردار شيردل خان (جيڪو پنهنجي لشڪر سان تنبن ۾ ترسيل هو) دل ٻڌي پڙ تي آيو، پر سندس سپاهه ڪو ٻوٿو نه ٻاريو. ان ڪري هو ويچارو به پاسيرو ٿي گرش(۱) واري قلعي ڏانهن نڪري ويو.

شهزادو ڪامران، ڪامياب ٿي دلجاءِ ڪري هرات قلعي ۾ تخت تي ويٺو. چوڏاري پڙهو گهمايائين ته هاڻ ڪوبه وڳوڙ وغيره ڪونه ٿيندو. اهو ٻڌي ماڻهن وري پنهنجا گهر اچي وسايا. وزير فتح خان، جنهن اڳ ۾ فيروز شاهه کي قيد ڪيو هو، سو اڄ پاڻ شهزادي ڪامران هٿان قيدي ٿي پنهنجون اکيون وڃائي انتقام جي آئيءَ ۾ اچي ويو. سچ چيو اٿن:

دنيا آرسيءَ وانگي آهي،
جيڪو جهڙي صورت اختيار ڪندو
اهائي ان کي ڏسڻ ۾ ايندي.

---

(۱) گرش: هلمند درياهه جي ڪنڌيءَ تي قنڌار کان چوويهه ميل اولاهين پاسي بارڪزئن جو قلعو آهي. —حبيبي

(١١)

## شهزادي ڪامران جي پٽ شهزادي جهانگير جي ڪابل ۾ آمد ۽ سلردار دوست محمد خان سان جنگ ۽ سندس شڪست:

شهزادو ڪامران جڏهن وزير فتح خان کي انڌو ڪري هرات جو تخت هٿ ڪري چڪو تہ انهيءَ ڪيپ ڪٽڻ جي خوشخبري پنهنجي پيءُ محمود شاهہ ڏانهن موڪلي ڪيس هرات اچڻ لاءِ زور ڀريائين. ان سان گڏ پنهنجي پٽ شهزادي جهانگير کي، جيڪو قلات ۾ رهيل هو، سردار عطا محمد خان الڪوزئي سان ڪابل وڃڻ جو حڪم ڏنائين، جتي شهزادو سلطان علي ۾حڪومت جو ڪاروبار هلائيندو تي رهيو(١) شهزادو جهانگير پنهنجي لشڪر سميت جڏهن ڪابل جي ويجهو قاضي قلعي ۾ وڃي لٿو تہ شهزادو سلطان سائس مقابلي جي سگهہ نہ ساري ڪابل ڇڏي پشاور هليو ويو.

شهزادو جهانگير بي اونو ٿي ڪابل ۾ داخل ٿيو ۽ حڪومت جي مَسند سنڀاليائين. هوڏانهن محمود شاهہ پنهنجي پٽ شهزادي ڪامران جي چوڻ تي قنڌار مان هرات ڏانهن ڪوچ ڪيو. جڏهن اتي پهتو تہ شهزادي ڪامران حڪومت سندس حوالي ڪئي ۽ پاڻ لشڪر سان گڏ وزير فتح خان ۽ سندس ڀاءُ سردار پردل خان کي وٺي هرات مان نڪتو، تان جو اچي قنڌار ۾ لڏو لاٿائين.

سردار دوست محمد خان جيڪو ڪشمير ۾ سردار محمد عظيم خان وٽ قيد هو، وزير فتح خان جي انڌي ٿيڻ جي خبر ٻڌي سردار محمد عظيم خان جي صلاح سان انتقام وٺڻ جي ارادي سان ڪشمير مان نڪري اچي پشاور پهتو. اتان پنهنجن ڀائرن يار محمد خان، سلطان محمد خان، پير محمد خان ۽ سعيد محمد خان کي ساڻ ڪري چئن هزارن بهادر سوارن جي ڪٽڪ سان ڪابل ڏانهن روانو ٿيو. شهزادو سلطان علي، جيڪو ڪابل مان ڀڄي نڪتو هو، سو بہ سردار دوست محمد خان سان گڏجي ڪابل روانو ٿيو.

هيءُ جڏهن ڪابل جي ويجهڙ ۾ آيا تہ شهزادي جهانگير جو وزير سردار عطا

(١) شهزادو سلطان علي ولد تيمور شاهہ ولد احمد شاهہ ابدالي ١٢٣٤هہ/١٨١٨ع ڌاري سردار دوست محمد خان طرفان سدوزئي ۽ بارڪزئي قبيلن جي گهرو ويڙهہ جي ڪري ڪابل جو حڪمران ٿيو هو، جتان پوءِ حڪومت ڇڏي ڀيس. افغانستان ١٩ صدي ۾ ص ٢٩ ـ حبيبي.

محمد خان الڪوزئي، جيڪو اتي ترسيل هو، تنهن گهڻون اندر اٽڪل ڪري سردار دوست محمد خان کي پاڻ سان ملاٽڻ جا حيلا هلايا. ان لاءِ هيٺيون خط هن ڏانهن اُماڻيائين:

"اوهان جي هتي اچڻ جي ڪري اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. اسان ته خدا کان اهي ڏينهن پئي گهريا، شڪر آهي جو اسان جي مراد پوري ٿي.
اها سڀ ڪنهن کي سُڌ آهي ته شهزادو ڪامران ظلم جون حدون ٽپي هر ڪنهن کي آزاري اڳتي وڌندو پيو وڃي. وزير فتح خان هن سان ڪيڏيون چڱايون ڪيون تڏهن به ان کي ٻڌي انڌو ڪري ڇڏيائين ته باقي ٻين کي منجهانس ڪهڙي چڱائيءَ جي اُميد ٿي سگهي ٿي. هن جي ڊپ کان اسان جو به ساهه مٺ ۾ هو. هاڻ اسان ٻنهي جي ڀلائي ان ۾ آهي ته ٻئي گڏجي ڪلام الله وچ ۾ آڻي اهڙي تدبير ڪريون، جيئن شهزادو سلطان حڪمرانيءَ جي واڳ وٺي. ائين ڪرڻ سان شهزادو جهانگير، جيڪو ڪابل ۾ آهي، سو به اسان کان بچي نه سگهندو، تنهن کي گرفتار ڪري بالاحصار ۾ قيد ڪيو ويندو. پڇاڙيءَ ۾ شهزادي ڪامران جون پاڙون پٽي وزير فتح خان جو بدلو چُڪايو ويندو. ليڪن شرط اهو آهي ته وزيريءَ جو پروانو هن بندي کي عطا ٿئي." (ص: ٧٦)

سردار دوست محمد خان ۽ سندس ڀائرن جڏهن اهو خط پڙهيو ته وقت جي نزاڪت کي ڌيان ۾ رکندي، سردار عطا محمد خان کي وزارت جو آسرو ڏنائون. اها ڳالهه قسم ساک تي ٻنهي ڌرين وچ ۾ پڪي ٿي. سردار عطا محمد خان ڏاڍو چالباز هو. جڏهن اها بازي ڪٽي چڪو تڏهن ٻئي پاسي وري شهزادي جهانگير کي اُها هُشي ڏنائين ته جيڪڏهن ننهن سان ڇڇي ته ڪاتيءَ جو ڪهڙو ضرور آهي، دشمن کي حيلي سان هٽيڪو ڪجي ته هروڀرو جنگ جي ضرورت ڪانه پوندي.

اهي سازشون نهايت رازداريءَ سان سٽيون ويون. شهزادو جهانگير ذڪر ڪيل سردارن سان گڏ سندس ڀائرن جي گرفتاريءَ جي پڪ ڪري پاڻهن سيرانديءَ ڏئي سمهي رهيو. سردار عطا محمد خان کي اها خبر ئي ڪانه هئي ته خود قدرت سندس باري ۾ ڇا ڪرڻ واري آهي.

سردار دوست محمد خان ڪلام الله جي انجام اقرار موجب جڏهن پنهنجن ڀائرن

وڏي انهيءَ هاجي سان لڳي ويو. جڏهن سندس سيئي عضوا ڏڙ ڪان ڌار ٿيا تہ ڪيس قتل ڪيو ويو. سردار دوست محمد خان جيڪو پاڻ ڪابل ۾ هو، وزير فتح خان جي اهڙي اندوهناڪ قتل جي خبر ٻڌي باهہ ٿي ويو ۽ ٽن چئن هزارن جو لشڪر وٺي ڪابل مان شهزادي ڪامران کي سيڪت ڏيڻ لاءِ سنبري هليو. آخر واٽ تي ئي شهزادي ڪامران سان دوبدو ٿيو. ليڪن سندس لشڪر جيئن تہ شهزادي ڪامران جي لشڪر کان گهٽ هو، ان ڪري هن جا ساٿاري ويڙهہ کان لنوائي پڇڻ لڳا. سردار دوست محمد خان پنهنجي لشڪر جا اهي پرڪار ڏسي مٿن پهرو سخت ڪري ڇڏيو. متان ماڳهين سپ پڇي نہ وڃن.

عربيءَ ۾ چوندا آهن تہ: "جنگ سراسر فريب آهي" تنهن موجب سردار دوست محمد خان اڳ پٽ جاچي اتڪل ڪان ڪم وٺي شهزادي ڪامران جي اميرن ڏانهن لڪ چپ ۾ هيئين عبارت سان خط ڏياري موڪليا:

> "وزير فتح خان جي عضون وڍجڻ ۽ قتل ٿيڻ بابت اوهان جا معذرت ڀريا خط مليا، جن ۾ شهزادي ڪامران جهڙي ظالم ۽ بي ترس جي حڪم جي پوئواريءَ ۾ اوهان کان اها خطا ٿي چڪي آهي.
>
> اصل ۾ آءٌ پاڻ بہ ائين پيو سوچيان تہ ان ۾ اوهان جو ڪوبہ قصور يا اختيار ڪونہ هو، اهو سپ ڪجهہ شهزادي ڪامران جي دٻاءَ هيٺ ٿيو آهي، ان ڪري اوهان تي ڪا ميار ناهي، بس مڙئي تقدير جا ڪم آهن.
>
> اوهان جهڙيءَ ريت اسان کي شهزادي ڪامران جي گرفتاريءَ جي پڪ ڏياري آهي، تيئن ڪيل وعدو بہ پاڙيندا، جنهن لاءِ هيءَ گهڙي هر حالت ۾ مناسب ٿيندي. وڏيڪ جيڪي بہ ٿيو، سو ڏٺو ويندو. جنگ ۾ ڪٽڻ، هارائڻ جي ڳالهہ، ڪنهن جي بہ لشڪر جي ٿورائي گهٽائي تي نہ پر قرآن حڪيم جي آيت مطابق تہ: خدا جي حڪم سان ڪڏهن ٿورائيءَ وارا بہ گهٽائي وارن تي سوڀارا ٿي پوندا آهن، تي انحصار رکي ٿي(١). اوهان جي وعدي وفائي وڌيڪ اتحاد ۽ محبت جو باعث ٿيندي." (ص: ٨٥)

سردار دوست محمد خان اهي خط لڪرائي پوري منصوبي سان پنهنجي ڪارندن هٿان شهزادي ڪامران جي اميرن ڏانهن ڏياري موڪليا. انهن مان هر ڪارندي شهزادي ڪامران جي چوڪيءَ تي پهچي پاڻ کي گرفتار ڪرايو. اهڙيءَ طرح سڀئي ڪارندا ڪاغذن سميت گرفتار ٿي شهزادي ڪامران وٽ آيا.

---

(١) قرآن سورة البقره ٢٤٩ ج٣.

## شهزادي ڪامران ۽ سردار دوست محمدخان جي ويڙهه، جنهن ۾ سردار دوست محمد خان جي فتح ٿي، انهيءَ وچ ۾ وزير فتح خان جو اندوهناڪ نموني قتل ٿيڻ پڇاڙيءَ ۾ شهزادي ڪامران جي هرات ڏانهن واپسي:

شهزادو ڪامران پنهنجي والد محمود شاهه کي هرات جي تخت تي ويهاري پاڻ قنڌار آيو، جتي سردار عطا محمد خان جي انڌي ٿيڻ ۽ پنهنجي پُٽ شهزادي جهانگير جي پڇي وڃڻ جي خبر ٻڌي ڪيس ڏاڍي خار آئي. پهرينءَ سٽ ۾ ستر هزار جنگي جوڌا ۽ بي انت جنگي سامان هٿ ڪري سردار دوست محمد خان سان ويڙهه ڪرڻ لاءِ ڪابل تي ڪڙدي ڪيائين. سردار پردل خان، جيڪو شهزادي ڪامران جي انهيءَ سفر دوران وٽس قيد هو، ڪن ماڻهن کي پاڻ سان ملائي قنڌار مان فرار ٿي ويو، جنهن جي ڏاڍي ڳولا ڪئي وئي پر هٿ نه آيو. ان جي پڄڻ ڪان پوءِ وزير فتح خان جي مٿان چوڪسي چُست ڪئي وئي، جنهن کي پڻ شهزادو ڪامران قيديءَ جي حيثيت ۾ ڪابل وٺيو پئي ويو.

شهزادو ڪامران جڏهن بيني بادام (١) واري منزل تي پهتو ته اڳ پوءِ جي انديشي ڪان پنهنجن اميرن يار محمد خان، عطا محمد خان الڪوزئي ۽ عبدالمجيد خان بارڪزئي (پنهنجي خاندان جي محسن) کي وزير فتح خان لاءِ حڪم ڏنائين ته سندس هڪ هڪ عضوو بدن ڪان الڳ ڪري ڪيس چيچلائي ماريو وڃي. انهيءَ خيال سان ته جيئن شاهي ڪارندن ۽ سردار دوست محمد خان درميان هميشه لاءِ دشمنيءَ جو چڪر هلندو رهي.

حڪم ملڻ تي هڪدم وزير فتح خان سان وٺ وٺان شروع ٿي وئي. عبدالمجيد خان(٢) جيڪو پاڻ نڪ وڍيل هو، (پاڻ سان ٿيل تعدي وسڍي) وزير فتح خان جو نڪ

(١) ڪن تاريخي ڪتابن ۾ وزير فتح خان جي قتل جو اصلي ماڳ سيدآباد وردڳ ڄاڻايل آهي. ڏسو تعليق نمبر ١٦. پڇاڙيءَ ۾.

(٢) عبدالمجيد خان بارڪزئي، هيءُ نڪ لٿو وزير فتح خان جو سوٽ هو. انهيءَ ڪري سندس نالو وزير فتح خان سان گڏ ورتو ويو. ڏسو تعليق نمبر ۴.

حالت ۾ قيد اندر وجي پيو. ڪابل ۾ اهو سچو ڪم پورو ڪري سردار دوست محمد خان ماڻهن کي امن امان جو آسرو ڏنو، لشڪر وٺي بالاحصار ڏانهن وِڪَ وڌائي ته جيئن اتي پهچي شهزادي جهانگير کي گرفتار ڪري.

آخر هو بالاحصار وجي رسيو ۽ چڪري شروع ڪري ڏنائين. پورن چاليهن ڏينهن تائين اها چڪري هلندي رهي ۽ هن قلعي تي پنهنجو گهيرو قائم رکيو. هوڏانهن شهزادو جهانگير به چڱيءَ طرح هن سان پورو پوندو آيو. نيٺ سردار دوست محمد خان قلعي کي ڪاٽ هٺائي منجهس بارود پرائي، جيئن ان کي باهه ڏياري ته قلعي جي اُها بانهين ڪاغذ وانگي هوا ۾ اُڏامي ويئي.

اتي شهزادي جهانگير هانءُ لاهي وڌو ۽ اڌ رات ايندي ئي قلعي جي ڳڙکيءَ مان نڪري پچي هليو ويو. ائين دوست محمد خان سوڀارو ٿيو. ان کان پوءِ انهيءَ فتح جي خوشيءَ ۾ ڏاڍا شادمانا ٿيا. جن اميرن ۽ بهادرن جنگ ۾ پاڻ موکيو، تن کي خوب انعام اڪرام ڏنا ويا.

سردار عطا محمد خان جيڪا ڪئي سا پري ڇُڪو. هو پنهنجي ئي بچڙائي ۾ ونجي اکين کان انڌو ٿيو. بديءَ مان نيڪيءَ جي آس رکڻ سياڻپ جو ڪم ناهي. شيخ سعديءَ چواڻي:

جنهن بچڙائيءَ جو ٻج ڇٽيو ۽ نيڪيءَ جي اميد ڪيائين،
تنهن جو مٿو ئي ويو ۽ ڪوڙي سَڌ ۾ ڪجهه به هٿ نه آيس.

وزير فتح خان کي جيتوڻيڪ قسمت اکين کان انڌو ڪرايو ليڪن اها حقيقت آهي ته هن سان جيڪا جُٺ ڪئي وئي، تنهن ۾ سردار عطا محمد خان جو به هٿ هو. قسمت جا ڪم ڏسو، ساڳيو ماڻهو وري سردار دوست محمد خان هٿان اهڙي آئيءَ ۾ اچي ويو.

☆

ڪي وٺي، شهزادي سلطان علي بابت پوريءَ دلجاءِ ڪري، لشڪر ڪاهي ڪابل تي چڙهي ڪئي ته شهزادي جهانگير توڙي سردار عطا محمد خان جي ماڻهن طرفان ڪنهن به سنڌس رستو نه روڪيو. انهيءَ ڳالهه سردار دوست محمد خان کي هيڪاري پَڪَ ڏني ته ڪوبه رولو يا رڳڙو ٿيڻ وارو ناهي. سو اڪيون ٻوٽي ڪابل ۾ وجي وزير فتح خان واري (بنديخاني) پاسي آرام سان ويهي رهيو.

ٻئي ڏينهن تي سردار عطا محمد خان پنهنجي ڪيڏ شروع ڪئي، پر ان کان اڳ ئي سردار دوست محمد خان کي ڪڙڪ پئجي چڪي هئي، جنهن سڄو چرخو اونڌو ڪري ڇڏيو. اصل ڳالهه اها هئي ته سردار عطا محمد خان پنهنجي حويليءَ ۾ زمين اندر خارن جي حساب سان بارود پورائي ڇڏيو هو ۽ تاڙ ۾ هو ته جيئن سردار دوست محمد خان پنهنجن ڀائرن سان اچي دعوت تي پهچي، تيئن ڪيس انهيءَ بارود واري پاسي ويهاري دعوت هلندي بارود کي باهه ڏئي، هن کي سنڌس ڀائرن سميت پورو ڪيو وڃي.

سردار دوست محمد خان، جيڪو اڳواٽ انهيءَ سازش کان خبردار ٿي چڪو هو، تنهن هن کي چوائي موڪليو ته آءٌ اوهان جي دعوت تي نٺو اچي سگهان، پلاٽي ڪري اول اوهان هتي اچي شهزادي سلطان علي جي سلامي ڀريو، جيڪو اوهان کي وزارت جي گادي عطا ڪرڻ چاهي ٿو. انهيءَ کان پوءِ پنهنجون دعوتون به پري ناهن، خوب پيا هڪ ٻئي جون مانيون ملهائيندا سون.

سردار عطا محمد خان کي اهو ڏٺو ڏئي سردار دوست محمد خان شهزادي سلطان عليءَ کي پنهنجي اتڪل کان آگاهه ڪيو ۽ چيائينس ته هن کي ڦاسائڻ جو سڄو انتظام ٿي چڪو آهي.

سردار عطا محمد خان جڏهن وزارت جي لالچ ۾ شهزادي سلطان علي جي سلامي تي آيو ته شهزادي سلطان هن کي خلعت عطا ڪرڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو. سردار دوست محمد خان جو ڀاءُ سردار پير محمد خان (جيڪو قسم ساک پيري وچ ۾ ڪونه هو) خلعت جي هَڙ ۽ مٿي تي ٻڌڻ وارو موڙ (مُڪٽ) کڻي آيو ۽ اچي سردار عطا محمد خان کي پهرائڻ لڳو. خلعت کان پوءِ جيئن موڙ کڻي هن جي مٿي تي رکيو ٿي ويو ته چوڌاري مبارڪن جي ورڪا ٿي وئي. ايتري ۾ پير محمد خان وجهه وٺي سردار عطا محمد خان کي ڳچئ مان جهلي هڪدم فرش تي ڪٽي ليٽايو ۽ پنهنجن ماڻهن کي واڪو ڪيائين، جن اچي ڪيس هٿين پيرين ٻڌي ڳِهٽي (دُنبي) وانگي اونڌو ڪري اُچلايو ۽ اتي ئي خنجر ڪڍي هن جون ٻئي اکيون ڦيهي ڪيس انڌو ڪري ڇڏيائون. آخر انهيءَ ئي

شهزادو ڪامران جيڪو اڳ ۾ پنهنجن اميرن کان شڪجي چڪو هو، تنهن جو اهي خط پڙهيا تہ سندس وهم يقين ۾ بدلجي ويو. ڪيس هيڪاري حراس اچي ورايو تہ هاڻ سندس امير ڪيس گرفتار ڪندا.

هوڏانهن سردار دوست محمد خان وري ڇا ڪيو جو هڪ رات پنج سو سوار چئن توبن سميت ساڻ ڪري جبلن جي چوٽين تي چڙهي، اُتان انڌا ڌنڌ گولا وسائي ڏنائين. انهيءَ اچانڪ حملي کان شهزادي ڪامران جي لشڪر ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي، ليڪن ٿوريءَ دير کان پوءِ وري مقابلي جي تياري ٿي. ٻنهي ڌرين ۾ سارو ڏينهن ورندي رات تائين ڇڪري هلندي رهي. آخر هر ڪو ميدان ڇڏي وڃي پنهنجي جاءِ تي آرامي ٿيو. جڏهن ٻي رات آئي تہ شهزادو ڪامران ظاهر ۾ پنهنجن ماڻهن جي دل ٻڌرائي ساڻن راتا هي ڏيڻ جون صلاحون ڪندو رهيو، پر اندر ۾ پنهنجن اميرن جي خوف کان ڀنيلجي تہ متان اهي ڪيس گرفتار ڪري سردار دوست محمد خان جي حوالي ڪري ڇڏين، اڌ رات جو موقعو تاڙي وٺي ڀڳو ۽ هزاري وٽان ٿيندو وڃي هرات رسيو! (١)

سڄ اڀريو تہ شهزادي ڪامران جي ڀاڄ واري خبر وڃي سردار دوست محمد خان تائين پهتي. پهريان تہ هن کي ويساهہ ئي نٿي آيو. نيٺ جڏهن جاسوس موڪلي سچي حقيقت معلوم ڪيائين تہ پڪ ٿي ويس. انهيءَ ئي وير پنهنجي لشڪر سان وڃي ميدان جو معائنو ڪيائين، جيڪو بلڪل صاف ٿي چڪو هو. پوءِ تہ ڀاڄوڪڙن جو سڄو سامان، جيڪو اتي ٽڙيو پکڙيو پيو هو، پاڻ سان ڪٺائي واپس آيو ۽ لشڪر سان گڏجي پنهنجي سوڀ جا ناهو وڄائيندو اڳتي اٿي هليو.

سندس ڀائر، جيڪي قنڌار جي پرسان معروف(٢) قلعي ۾ رهيل هئا، تن کي خوشين ڀريا خط لکي موڪليائين. پوءِ پاڻ بہ وڃي ڪابل پهتو. هن جي ڀائرن سردار ڪهندل خان، سردار شير دل خان، رحملدل خان ۽ مهردل خان پنهنجي ڀاءُ جي سوڀ تي خوش ٿي خوب جشن ملهايا. ٿوري عرصي کان پوءِ وڏو لشڪر وٺي قنڌار تي وڃي ڪڙڪو ڪيائون، جتان پڻ سوڀارا ٿي، سڄي خراسان تي حڪومت ڪرڻ لڳا. هيءُ واقعو ١٢٣٤هہ/١٨١٩ع ڌاري ٿيو.

*

(١) هزارا قوم افغانستان جي وچ اڳ ۾ رهي ٿي، جتان غزني ۽ هرات ڏانهن جا بلو رستو ويندو آهي.

(٢) اهو (معروف) قلعو قنڌار کان ڏکڻ اوڀر پاسي آهي، جتي بارڪزئي رهن ٿا. وزير فتح خان جي خاندان جو لاڳاپو پڻ انهيءَ قبيلي سان هو. — حبيبي

## (١٣)

## سردار محمد عظيم خان جو ڪشمير مان ڪهي اچڻ ۽ لڏياني کان شاهه شجاع کي واپس گهرائڻ- شاهه شجاع جي سردار محمد عظيم خان سان جنگ، جنهن ۾ هن کي شڪست ائي، ان کان پوءِ شهزادي تيمور جو شڪارپور پهچڻ:

ڪشمير جو ناظم سردار محمد عظيم خان وزير فتح خان جي دکدائڪ واقعي کان پوءِ ڏاڍو دلگير ٿيو. نيٺ صلاحڪارن جي صلاح تي درباري وڪيلن (سفيرن) کي تحفا ۽ خط ڏئي شاهه شجاع ڏانهن اُماڻيائين. شاهه شجاع جيتوڻيڪ لڌياني ۾ انگريز بهادر جي اپل هيٺ ڏاڍي عيش عشرت سان زندگي گذاري رهيو هو، تڏهن به سندس دماغ مان سلطنت جو سوداءُ نه ٿي ويو. پاڻ بارڪزئين تي ڪڏهن پروسو ڪرڻ وارو نه هو، پر تخت تاج جي عشق ۽ شوق ۾ بيوس ۽ بيتاب رهندو ٿي آيو. هن سردار محمد عظيم خان جي خواهش تي ١٢٣٤هه/١٨١٨ع ڌاري ٿورڙن سان گڏ ڪي سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري اچي ديري غازي خان ۾ منزل ڪئي، جتي سمندر خان باميزئي نوابيءَ تي مامور هو. ڪيس شاهه شجاع جو اچڻ نه وڻيو، ان ڪري ساڻس ٽڪر جي پيو. پر پوءِ چاڙهو نه ڏسي پاسيرو ٿي ويو. شاهه شجاع دلجاءِ ڪري ديري غازي خان ۾ ترسي لشڪر ۽ جنگي سامان ڪٺو ڪرڻ ۾ لڳي ويو. انهيءَ وچ ۾ سردار پردل خان، جيڪو قنڌار مان شهزادي ڪامران جي قيد مان ڀڄو هو، شاهه شجاع سان اچي مليو، جنهن خوش ٿي ڪيس ڏاڍي عزت ڏني.

ٿوري وقت کان پوءِ شاهه شجاع ديري غازي خان جي نوابي وزير فتح خان جي ڀاءُ اسد خان جي پٽ محمد زمان جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ پشاور راهي ٿيو. پنهنجي پٽ شهزادي تيمور کي وري شڪارپور موڪلي ڇڏيائين. سنڌ جا حيدرآبادي مير (ٽالپور) ڪرم علي خان ۽ مراد علي خان ۽ خيرپوري مير، سهراب خان ۽ رستم خان(١) شاهه شجاع جي آئنده ارادن(٢) کي نظر ۾ رکي ته:

---

(١) ڏسو تعليق نمبر ٦ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

(٢) شاهه شجاع کي انگريزن ڪاڻانو پٽ وانگي پاليوئي ان لاءِ پئي ته جيئن وقت اچڻ تي ڪين ڪم اچي، سو ان لاءِ ڪيس ڇڙواڳ ڇڏيو ويو. (مترجم)

"خراسان جي سردارن سردار محمد عظيم خان ۽ سردار دوست محمد خان پنهنجن ڀائرن سميت شاهه شجاع کي حڪومت جو آسرو ڏنو آهي، سو پاڻ هر حالت ۾ خراسان ويندو. ان لاءِ اڳوات ئي خوشامد ڪري ڪيس چيائون ته شهزدي تيمور کي شڪارپور ڏياري موڪل!"

شهزادو تيمور ميرن جي خواهش موجب اتان هلي اچي سبزل ڪوٽ(١) جي قلعي تائين پهتو. انهيءَ قلعي ۾ مقرر ميرن جا معتبر ماڻهو شهزادي جي آجيان لاءِ ڊوڙندا آيا. تڏهن مقصود خان ۽ تاج محمد خان بارڪزئي شڪارپور جا سنڀاليندڙ هئا. انهن کي جڏهن شهزادي ڏانهن موڪليل معتبر ماڻهن وٽان اصل حقيقت معلوم ٿي ته شاهه شجاع جون خود سنڌ ۾ (ٻلي واريون) اکيون آهن ته ويچارن جا وڻ ئي وڃي ويا. ويتر شهزادي تيمور جي آمد کي انهيءَ سازش جي هڪ ڪڙي سمجهي سوچ ۾ اچي پيا ته هاڻ ڇا ڪرڻ کپي. آخرڪار شڪارپور جي سيٺي چڱن مڙسن ۾ جمعي خان بارڪزئي، سعادتمند خان الڪوزئي، خيرالله خان، مدد خان فوفلزئي، مولاداد خان فوفلزئي، سلطان خان بابري، سيٺ ٽنڊڻ مل، شيوا سنگهه ۽ گلاب راءِ، پنجابي شاهوڪارن، کي سڏائي شهزادي تيمور جي آمد بابت صلاحون ڪيائون، پر گهٽي مٿاڪٺ ڪان پوءِ به ڪنهن نبيري تي نه پهتا ته ان آئيءَ جو ڪهڙو اپاءُ ٿيڻ گهرجي؟ ڇپاڙيءَ اها سوچ ڪيائون ته ان باري ۾ خود ميرن سان مشورو ڪيو وڃي، ڏسون ته اهي ڪهڙي ٿا تدبير اختيار ڪن. هنن جو اهو خيال ان ڪري به اهم هو ته جنهن صورت ۾ ميرن پاڻ شهزادي تيمور کي هتي آڻايو آهي، انهيءَ حالت ۾ پنهنجي ڪابه ڳڻ ڳوت هن مٿي تائين مُمتياري (ڪامياب) نه ٿي سگهندي، سو ساڻن لهه وچڙ ۾ ضرور اچڻ کپي.

جڏهن سيٺي اچي انهيءَ خيال تي بيٺا ته جمعي خان بارڪزئي کي (جيڪو سيٺي ڪان سرس سياڻو ۽ ڏاهو هو) خيرپور جي ميرن ڏانهن موڪليائون. جيئن ته شهزادي تيمور جي شڪارپور ۾ آمد ميرن جي ئي مدعاتي ٿي هئي، تنهن ڪري جمعي خان انهن کي اصل حقيقت سمجهائڻ ۾ وڏا وس ڪيا. پر ڪوبه ٻوٽو نه ٻريو اٽلندو ميرن پنهنجي معتبرن جي چوڻ تي ويچاري جمعي خان کي زوريءَ شهزادي تيمور ڏانهن روانو ڪيو.

(١) سبزل ڪوٽ روهڙيءَ ڪان سٺهتر (٧٧) ميل اوپر تي ۽ بهاولپور ڪان چار ميل اوري سنڌ ۽ بهاولپور جي ڊنگ وٽ آهي. سنڌ گزيٽيئر ٩٢٤.

ميرن جي حڪم تي جمعو خان جڏهن گھوٽڪيءَ پهچي شهزادي تيمور تائين رسيو تہ ڪيس سڄي خبر پنجي ويئي تہ ماجرا برابر اهائي هئي، جنهن جا انومان عام هئا. هن اتان ئي سموري روداد مقصود خان، تاج محمد خان ۽ ٻين ڏانهن لکي موڪلي تہ شهزادو تيمور هتي ميرن جي تقاضا موجب آيل آهي. انهيءَ صورت ۾ اسان کي اڳواٽ ئي شڪارپور جي سنڀال تان هٿ کڻي شهر جي پچر ڇڏڻ گھرجي.

جمعي خان جي انهيءَ ڏاهہ ڏيڻ کان پوءِ شهر جا مڙئي چڱا مڙس رت جا ڳوڙها روئندا ڏاڍن ارمانن سان شڪارپور مان نڪري هليا. تاج محمد خراسان هليو ويو ۽ مقصود خان شهر کان چار ڪوهہ پرتي اورنگ آباد ۾ وڃي ويٺو(١)

شهزادو تيمور ١٢٣٤هہ/١٨١٨ع ۾ سيد ابوالحسن شاهہ، آقا حسن ناظر باشي ۽ دلاور خان سان گڏ ٻين سون پيادن ۽ سوارن جي ڪٽڪ سميت اچي شڪارپور ۾ وارد ٿيو، جتي خيرپور جي ميرن طرفان حمزو خان ٽالپور ۽ ديوان دلپت راءِ ساڻس هم رڪاب ۽ حاضر هئا، جيئن رعايا کي پڪ ٿئي تہ هيءُ غلاموءَ واري ڳالھہ مڙئي خيري آهي. شهزادي هڪ حاڪم جي حيثيت ۾ شڪارپور جي گادي اچي سنڀالي تہ شهر جا سيٺي مهاندا، سرڪاري ڪارندا ۽ سينيا سندس خدمت ۾ سلامي پرڻ آيا. جن کي مانائتو ڪيو ويو. آخر شهر ۾ پڙهو ڏياريو ويو تہ هرڪو امن عافيت سان ڏنڌي ڌاڙيءَ کي لڳي وڃي.

شهزادو تيمور نوجوان ۽ نهايت عيش پسند هو. ان ڪري شڪارپور جي رهائش دوران هر روز باغن جي سير ۽ محبوبڙين جي هنج ۾ ئي گذاريائين، تان جو ست اٺ مهينا ائين گذري ويس. اوچتو ڪيس انهيءَ عياشي واري عالم ۾ خبر ملي تہ شاهہ شجاع جي سر ڏي خير ناهي. سو سڄي عيش آرام کان نرهہ ٿي ويو ۽ رات ڏينهن ٽڌا ساهہ کڻي سوچيندو رهيو تہ هاڻ الاجي ڇا ٿيندو!؟

*

(١) اورنگ آباد اجا موجود آهي. ـ حبيبي

(١۴)

## سردار محمدعظيم خان جي ڪشمير مان پشاور پهچي شاهہ شجاع سان چڪري ڏيڻ، شاهہ شجاع جي ڪانئس هار کائڻ ۽ کي ڏينهن خيبر جي لڪن ۾ لڪي ورڻ سيد ولي شاهہ جي رهنمائي ۾ مزاريءَ جي رستي (١) شڪارپور ڏانهن سندس ڀاڄ:

شاهہ شجاع ديري غازي خان مان نڪري پشاور آيو ۽ پنهنجي حڪومت هلائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. هوڏانهن سردار محمد عظيم خان بہ ڪشمير جا وڻ ڇڏي پنهنجي لشڪر ۽ خزاني سميت پشاور ڏانهن رُخ رکيو. پنيان پنهنجي ڀاءُ عبدالجبار کي ڪشمير ۾ ڇڏيو هئائين، جيڪو حڪومت جي نشي ۾ ايڏو چُور ٿي چڪو هو، جو چاليهہ گهوڙا سونن سنجن ۽ بخملي جا من (جُهلُن) سان سينگاري اندر ٻاهر سواريءَ تي پئي هليو. هيءَ جتي بہ ٿي ويو تہ ساڻس رنگ برنگي تنبو طولان ۽ ٻيو ساز سامان هڪيو تڪيو موجود پئي رهيو، انهيءَ خوش فهميءَ ۾ تہ پاڻ اجهو ٿو اڪيلي سر ملڪ جو حاڪم بڻجي! مگر ڪيس اهو پتو نہ هو تہ قدرت ساڻس ڪهڙي ويڌن ڪرڻ واري آهي.

سردار محمد عظيم خان جڏهن پشاور جي ويجهي چَڪَ ۾ آيو تہ شاهہ شجاع جي اميرن هن کي صَلاح ڏني تہ سردار محمد عظيم خان جي عزت افزائي لاءِ مناسب آهي تہ ڪي چڱا ماڻهو سندس آجيان جي لاءِ اُماڻيا وڃن، ڇاڪاڻ تہ هو ائين ڪرڻ سان اوهان جي دربار مان مانائتو ٿيو تہ اها نہ رڳو انهيءَ جي عزت ليکي ويندي پر ان مان اوهان جي شان مان جي بہ هاڪ ٿي ويندي.

شاهہ شجاع جيڪو پنهنجي حڪمرانيءَ جي انڌ ۾ هو، تنهن صلاحڪارن کي جواب ڏنو تہ جنهن صورت ۾ سردار محمد عظيم خان پاڻ کي اسان جو خدمت گذار ٿو سمجهي تہ پوءِ سندس آذرڀاءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هن کي کپي تہ پاڻ اسان وٽ پهچي اسان جي سلامي ڀري تنهن کان پوءِ سندس عزت افزائي لاءِ سوچيو ويندو.

---

(١) مزاري بلوچ آهن، جيڪي ديري غازي خان پاسي رهن ٿا. تاريخ بلوچستان ص ٥٧. شاهہ شجاع پاڻ بہ انهيءَ رستي سان شڪارپور اچڻ جو احوال لکيو آهي. واقعات ص ٦٧. — حبيبي

سردار محمد عظيم خان کي جڏهن شاهہ شجاع جي انهيءَ تنديءَ جي خبر پئي تہ بسم الله بر غلط سمجهي سوچيائين: شاهہ شجاع جيڪو اجا پوريءَ طرح ملڪ جو حاڪم بہ ڪونہ ٿيو آهي، سو اج جيڪڏهن پنهنجي هن بي سرو سامانيءَ واري حالت ۾ اسان جهڙن کي ڏيان ۾ نٿو آڻي تہ سياڻي الائي ڪهڙا ڪلور ڪري ڏيکاريندو!

ائين ٻنهي ڌرين ۾ پهريان شڪ شبها پيدا ٿيندا ويا، جن پوءِ پڪي دشمنيءَ واري صورت ورتي. آخرڪار ڳالهہ وڃي وڏي رڳڙي تي پهتي. سردار محمد عظيم خان پنهنجي امير مهر علي خان کي لشڪر ڏئي شاهہ شجاع سان جنگ جوٽڻ لاءِ روانو ڪيو.

اها بهار جي مُند هئي، بَرپٽ، ڦوٽهڙي جي ڪري، ساوڪ سان پريل هئا. شاهہ شجاع جا سوار پنهنجن گهوڙن کي چارڻ لاءِ اوري پري پکڙجي چڪا هئا. شاهہ شجاع جڏهن انهيءَ اوچتي وڳوڙ کان آگاهہ ٿيو تہ ڪي پيادا ۽ سوار ساڻ ڪري پشاور جي قلعي مان نڪري جنگ جي ميدان ۾ اچي لٿو. ٻنهي پاسن کان چڱيون چڪريون هليون پر نيٺ شاهہ شجاع کي شڪست کائي ميدان ڇڏڻو پيو.

پويان سردار محمد عظيم خان هن جي تاڙ ۾ ٻڌي هليو، پر شاهہ شجاع ڪيس وري هٿ نہ آيو. سردار محمد عظيم خان خيبر اورانگهي ڪابل وڃي پهتو. ايتري ۾ هن کي اطلاع مليو تہ ڪشمير تي رنجيت سنگهہ قبضو ڪري چڪو آهي. اهو ٻڌي ڏاڍو حيران پريشان ٿيو ۽ پنهنجي نياڳي ڀاءُ عبدالجبار تي ڦٽڪارون وسائڻ لڳو. پر تقدير آڏو ڪنهن جي ڪهڙي مجال آهي، جو ڪجهہ ڪري سگهي. سڀڪجهہ مالڪ جي وس رهي ٿو.

انهيءَ خالصي (رنجيت سنگهہ) ڪهڙيءَ ريت پنهنجا هزارين فوجي ميدان ۾ مارائي ڪشمير کان پشاور تائين ايڏي ساري ايراضي هٿ ڪئي؟ اهو هڪ الڳ داستان آهي.

ڪشمير پنهنجي نزاڪت ۽ نفاست ۾ ڪو نظير نٿو رکي. هن کي بهشت برين سان بہ ڪا مشابهت ڏئي نٿي سگهجي، جيئن ڪنهن چيو آهي تہ:

ڪشمير کي گهٽ نظر سان نہ ڏس
جو هن اڳيان هزارين جنتون هيچ آهن.

ليڪن ڪشمير جي قسمت ۾ رڳي ڦرلٽ لکيل آهي. ڪشمير جو خانو خراب ان جي حاڪمن هٿان ئي ٿيندو رهيو. سردار محمد عظيم خان بہ انهن مان هڪ هو، جنهن جي آندل تباهين نيٺ رنجيت سنگهہ کي ڪشمير اچڻ جو رستو ڏيکاريو.

## (١٥)

## پشاور ۾ شاهه شجاع جي شڪست کان پوءِ سنڌ جي ميرن طرفان شهزادي تيمور کي شڪارپور مان ڪڍڻ جي ڪوشش ۽ ميرن جي حڪم تي جمعي خان بارڪزئي جو شهزادي ڏانهن جنگ لاءِ وڃڻ ۽ شڪست کائي واپس پڇي اچڻ:

شاهه شجاع جنان ڪتان شڪست جو منهن ڏسي (ذرم جا ذڪا کائي) آخر وڃي خيبر جي پهاڙن ۾ پناهه گزين ٿيو. اها ڳالهه هر هنڌ هُلي (مشهور ٿي) وئي، پر ڪيترن ڏينهن تائين کنهن کي ڪو پتو پئجي نه سگهيو ته هُو ڪٿي (تمهيل) آهي.

هن پاسي ميرن کي جڏهن خبر پئي ته قصو هيئن ٿي چڪو آهي ته شاهه شجاع مان آڦي باقي آسرو پلي ۽ اڪيون پوٺي شهزادي تيمور جي پُٺ ورتائون، جيڪو شڪارپور ۾ شراب ڪباب وسيلي پيءُ جي غم ۾ جهرندو پئي ويو. ڪيس خط ڏياري موڪليائون ته:

"الاهي تقدير پال پري سرڪار (شاهه شجاع) جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو، جنهن جو ڪو پتوئي ڪونه ٿو پوي ته ڪهڙي هنڌ تمهيل آهي. شڪارپور جا بارڪزئي، جيڪي شهر کان علاوه سڀي پس گردائي ۾ پکڙيل آهن، انهيءَ وقت جي انتظار ۾ هئا، هاڻ خطرو آهي ته متان ڪٿي دشمنيءَ جي خيال کان انهن جو شهزادي جي ماڻهن سان ڪو ٽڪر نه ٿي پوي ۽ ڳالهه وڃي ڪنهن وڏي معاملي تائين پهچي، سو صلاح اها آهي ته ان کان اڳي جو سپاٽي ڪا هيٺ مٿائي ٿي پوي ۽ اسان اوهان ڏانهن مياري ٿي پئون چو نه اوهان کي اڳوات اهڙو اطلاع ڏيون!
چڱو ائين آهي ته اوهان شڪارپور ڇڏي ڪنهن ٻئي پاسي هليا وڃو، جنهن ۾ اوهان جي ۽ اوهان جي عملي جي ڀلائي آهي."
(ص: ١٠٢)

ٻئي طرف جمعي خان ۽ مقصود خان ڏانهن چنيون اُماٽيون ويون ته:

"شاهه شجاع جيئن سردار محمد عظيم خان کان شڪست کائي

(خوار ٿي) ڇڪو آهي، جنهن جي خبر ئي ڪانہ ٿي پوي تہ ڪٿي پيو پٽڪي! هن حال ۾ شهزادي تيمور جو شڪارپور ۾ هئڻ نيڪ نٿو لڳي. اسان جو خيال آهي تہ شهزادو اتان ڪِسڪ سورت پڙهي ڪيڏانهن نہ ڪيڏانهن غائب ٿي وڃي، سو اوهان کي ان لاءِ سوچي اها مصيبت اتان ٽارڻي پوندي. جيڪڏهن انسانيت ۽ شرافت سان ڪم نهي پوي تہ واهہ نہ تہ ڪنهن داناءَ چواڻي: ميٺ محبت مان ڪو چاڙهو نہ ٿئي تہ پوءِ ڪرڙي اک ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. وڏيڪ اوهان جي وس آهي." (ص ص-١٠٢-١٠٣)

انهيءَ هدايت موجب جمعي خان ۽ مقصود خان گهٽو ئي پاڻ پتوڙيو تہ آئي بلا سر تان ٽري پر شهزادي تيمور واري ڏر پنهنجي آڻ تان ئي نہ لٿي. آخرڪار ٻنهي پاسي هلڪي جهڙپ لڳي، جنهن ۾ ڪي سپاهي مارجي ويا. جمعي خان کي نيٺ ويچارو ٿي، پڇيءَ وڃي اورنگ آباد ۾ مقصود خان وٽ پناهي ٿيڻو پيو.

ميرن بہ گهٽيون ئي ڪوششون ڪيون پر ڪارگر ڪونہ ٿيون، شهزادي جا ملازم هٽئون وڏيڪ شينهن ٿي ٿڏي تي هر ڳالهہ جو جواب ڏيندا رهيا ۽ پڇاڙيءَ ۾ ميرن کي چوائي موڪليائون:

"اوهان جي اکين ڦيرڻ تي ڏاڍو اچرج لڳو! هن آزمائش جي گهڙيءَ ۾ سڀ ڪنهن ڪري ڪوٽي جي پروڙ پوندي رهي ٿي. اوهان جي خلوص تي اسان کي پورو پروسو هو پر هيءَ ڪهڙي شرافت هئي جو اوهان جمعي خان بارڪزئي کي انگشت (آڱر)…. ڏئي، اسان جي مقابلي لاءِ ڪڙو ڪيو؟ جنهن بي ادب تي سڌو سنئون فساد ۾ منهن وڌو، ۽ اوهان پري ڪان ويهي رونشو (تماشو) ڏسندا رهيا. اوهان ڪان ايترو بہ ڪونہ پڇي سگهيو جو ان کي ڪا روڪ ٽوڪ ڪريو ها! اها ڪهڙي مروت ۽ ڪهڙو مسلماني ننگ ليکجي…. چيو ڪونہ اٿن تہ: ائين (بچڙائي) نہ ڪر جو چڱا اهڙو ڪم نہ ڪندا آهن. جيستائين سرڪار (شاهہ شجاع) جو ڪو پتو نہ پيو آهي، تيستائين اسان جو هتان وڃڻ محال ٿيندو، پر جي اجا بہ اوهان جي مٿي ۾ پَنوري آهي تہ هو گوءِ هو ميدان.
ماڻهن جي سر تي جيڪا مصيبت اچي ٿي نيٺ ٽري ويندي.
پر مرد کي کپي تہ پنهنجي مردانگيءَ کان پري نہ وڃي." (ص ص - ١٠٤-١٠٥)

ميرن کي جيئن اهو دڙڪو مليو تہ دنگ رهجي ويا. تڏهن بہ برد باريءَ کان ڪم وٺندي هر روز ڪنهن نہ ڪنهن حيلي بهاني ميڙ منٿ سان ڳالهہ ٽوريندا پئي آيا.

ائين مهينو ڏيڍ شهزادي ۽ ميرن وچ ۾ معاملا هلندا رهيا. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ڪو چيهہ نہ ٿيو تہ مولاداد خان، خيرالله خان ۽ مدد خان فوفلزئي شهزادي وٽ وڃي چاپلوسي نموني ڪيس سرچائڻ جي ڪئي. هُو پاڻ سان ڪي سپاهي ۽ عام شهري بہ گڏ وٺي ويا، ۽ شهزادي اڳيان ڊاڙ ۽ ٺٺاڪ هڻڻ لڳا تہ: اسان قسم ساک تي چئون ٿا تہ پاڻ سيئي اڄ بہ اوهان جا ٻڌا ٻانها آهيون. جن بہ اوهان سان سرڪشي ڪئي آهي تن سان اها تعدي ڪئي ويندي جو سدائين ياد رکندا.

انهيءَ چاپلوسيءَ وسيلي شهزادي کي ٺاهہ ۾ آڻي ڪانئس شڪارپور جي سموري سرڪاري آمدني مان ٽيون حصو وصول ڪندا آيا. هوڏانهن شهزادو پنهنجي (ياڄوڪڙ) پيءُ جي اوسيئڙي ۾ ڏينهن ڳڻيندو رهيو. (١)

*

(١) شهزادي تيمور جا ملازم شڪارپور جي سموري سرڪاري پيدائش مان ٽيون حصو ميرن جي ماتحت بارڪزئين کي گذربسر لاءِ ڏيندا ٿي آيا.— حبيبي

(١٦)

## شاهہ شجاع جو شڪارپور ۾ بلا بڻجي نازل ٿيڻ ۽ سنت وجي سنڌ جي ميرن سان معاهدو ڪري، وري واپس شڪارپور اچڻ:

شاهہ شجاع خيبر جي لڪن مان نڪري سِڌو ديري غازي خان ڏانهن وريو. جڏهن ان جي ويجهو آيو تہ اتان جي ناظم محمد زمان خان هن هارايل هاڙهي مٿان دل بڌي حملي جي تياري ڪئي. شاهہ شجاع پنهنجي پتڪيل حال جي ڪري منهن ڏيڻ بدران پنيرو ٿي شڪارپور ڏانهن وڌيو ۽ شڪارپور جي هڪ سيد ولي شاهہ جي رهنمائي ۾ روجهاڻ ۽ ڪشمور لتاڙيندو اچي شڪارپور ۾ نازل ٿيو. هن جي اچڻ جو بڌي سندس دشمن اک چنڀ ۾ الوپ(غائب)ٿي ويا.

شڪارپور پهچي ٿورن ئي ڏينهن ۾ کيس پتو پئجي ويو تہ شڪارپور جي سموري سرڪاري پيداوار مان شاهي خرچ پورو نہ ٿي سگهندو، ان ڪري سڄي خرچ پکي جي پورائي لاءِ سنڌ جي ميرن سان ناهہ واري صورت اختيار ڪرڻي پوندي.

اهو خيال ڪندي پاڻ پهريان ئي راقم (ڪتاب جي مؤلف منشي عطا محمد) هٿان پنهنجي آمد ۽ ميرن سان خير خواهي بابت خط لکرائي کين روانا ڪيائين. پوءِ ٿورا ڏينهن رکي قلندر شهباز جي زيارت جي بهاني ٻيڙين ۾ سوار ٿي شڪارپور مان نڪري هليو. هيءَ آبڪلائيءَ جي موسم هئي، ساڻس پنهنجا ڪي امير بہ عملي سميت گڏ هئا.

جڏهن ٻيڙيون بکر جي قلعي وٽان لانگهائو ٿيون تہ قلعي جي پهريدارن توب جا گولا مٿن ڇوڙيا، پر ٻيڙيون بنا ڪنهن جوکي جي اتان ٽپي وڃي دونهين (ڳوٺ) وٽ لنگر انداز ٿيون. اها خبر جيئن خيرپور جي ميرن کي پئي تيئن انهن مان مير سهراب خان، مير رستم خان، مير مبارڪ خان ۽ ٻيا تڙ تڪڙ ۾ خيرپور مان هلي اچي ساڻس مليا ۽ کيس سوکڙيون پاکڙيون پيش ڪيائون. تنهن کان پوءِ مهمانداريءَ ۾ لڳي ويا ۽ ڪابہ ڪسر پوئتي نہ رهايائون. هن باري ۾ ميرن حقيقت ۾ اهو ڪجهہ ڪيو، جيڪو سندس شان وٽان هو. ٻئي پاسي شاهہ شجاع بہ هنن جي گهڻي عزت افزائي ڪئي.

ساڻن صحبتي ٿي، زماني جا ڏک سک اوريندو، سندن دل وندرائيندو رهيو.

هوڏانهن حيدرآباد جا مير، جيڪي شڪار لاءِ ٻاهر ويل هئا، اهي به مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان ۽ ٻين سميت حيدرآباد هليا آيا. ايتري ۾ شاهه شجاع به ٻيڙين رستي اچي اتي پهتو، جنهن ڪي سيني گڏجي مان ڏنو ۽ ڳالهيون شروع ٿي ويون.

شاهه شجاع هڪ ئي وقت خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن سان ملاقات ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. ڪين پنهنجي شاهاڻين عنايتن سان خوب نوازيائين. جڏهن ٻنهي ڌرين جي معاهدي جو وقت آيو ته ميرن گهڻي قدر لنوائڻ جي ڪئي، پر هوڏانهن هو (شاهه شجاع) به مڃڻ تي سندن پويان لڳو، چئي: جيستائين معاهدو نه ٿيو آهي، تيستائين حيدرآباد کي ڇڏڻ جي ڪونه ڪندس. نيٺ هنن ڪٿي آڻ مڃي ۽ هيٺينءَ ريت معاهدو ٿيو:

ٻنهي ڌرين ڪلام الله وچ تي رکي عهد ڪيو ته: ”شاهه شجاع جو دشمن ميرن جو دشمن ليکيو ويندو. ٻنهي جي نيڪي بدي ۽ ننگ ناموس جي ڳالهه هڪ سمجهي ويندي. جيڪو ان جي ابتڙ ٿيو، تنهن جڻ ڪلام الله کي پٺي ڏني ۽ پنهنجو خانو خراب ڪيو. آخر اهو به طئي ٿيو ته شاهه شجاع جي مدد ۾ ميرن پاران ڪا به ڪوتاهي نه ٿيندي.“

اهو عهدنامو ڪري شاهه شجاع خيرپور ڏانهن سنبريو. حيدرآباد جي ميرن پنجويهه هزار رپيا روڪ ۽ قيمتي سوکڙيون ڪيس پيش ڪيون. ان سان گڏ ڪي علائقا: محال گوسڙجي، ڪرن جو قلعو، ڳڙهي ياسين(١) محال روپاهه(٢) جو ٽيون حصو شاهه شجاع جي خرچ پکي لاءِ مقرر ڪيائون.

وڌيڪ لاءِ خيرپور جي ميرن ڏانهن خط لکي ڏنائون ته شڪارپور جي ڪن ديهن جي آمدني مان هر مهيني مقرر ڪيل رقم جي ادائگي ڪري شاهه شجاع سان سنمک ٿيندا رهن.

خيرپور پهچڻ تي شاهه شجاع جي ميرن پاران ڏاڍي سهڻي نموني آجيان ڪئي

(١) شڪارپور جي پرسان ڳڙهي ياسين جو وڏو شهر آهي. ١٨٧٠ع ۾ هن جي ڊِل به لک ويهه هزار ڳڻتدي هئي. هتان جي آدم شماري پنجهتر هزار ڪل ٩٩ ديهون ۽ ٤٠٢ چورس ميل پکيڙ هئي. ڙيٽيئر سکر ٢٢.

(٢) روپاهه: شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي وچ ڳ ۾ اتراهين پاسي واري ايراضي، جا عام ماڻهن ۾ اڄ مشهور آهي. — حبيبي

ويٺي، جڏهن عهدنامي بابت ڳالهيون هليون ته مير سهراب خان جيڪو زماني جا رنگ ڏسي وڏي ڄمار کي اچي پهتو هو، تنهن عهدنامي کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو: حيدرآباد جي ميرن اڳوات جيڪو عهدنامو ڪيو آهي سو ڪافي سمجهڻ کپي، وڌيڪ ڪابه ضرورت ڪانهي. جيڪڏهن اهي انهيءَ عهدنامي تي قائم رهيا اسان به ساڻن گڏ هونداسين. ٻي حالت ۾ اسان تي ڪا ميار نه رهندي.

شاهه شجاع چڱا حيلا هلايا، پر هتي هن جي هڪ به نه هلي سگهي. مير سهراب خان پاڻ انهيءَ ڪروڌ ۾ هو ته حيدرآباد جي ميرن هٿ وٺي پاڻ کي ٻوهي ۾ وڌو آهي. هنن کان عهدنامي موجب ادائگي ڪنهن متي ڪانه ٿي سگهندي، هروڀرو خواريءَ جو ڪارو مٿي تي ڪٽي ۽ ڪلام الله وچ ۾ آڻي ايڏي هوڙهيائي ڪئي اٿائون، انت معاهدو نه ٿيڻو هو سو نه ٿيو. شاهه شجاع اِئين خيرپور جي ميرن وٽان مايوس ٿي پويان پير ڪري واپس شڪارپور اچي پهتو.

*

## (١٧)

## شاهہ شجاع جي حيدرآباد ۽ خيرپور کان شڪارپور ڏانهن واپسي ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ مال ميڙڻ ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ ۽ فوجي منصوبا سِٽڻ ۽ ٻئي پاسي سنڌ جي ميرن جو ڳڻتيءَ ۾ پوڻ:

شاهہ شجاع حيدرآباد جي ميرن سان معاهدو ڪري خيرپور مان ٿيندو شڪارپور آيو تہ لشڪر گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. جتان ڪٿان پيادا سوار ڀرتي ڪرائيندو ويو. خراسان مان نور محمد خان الڪوزئي، بلوچ خان اچڪزئي، عبدالوهاب خان ۽ عبدالمجيد خان (نڪ وڍئي) ڪي پيادن ۽ سوارن سميت گهرايائين، جيڪي ونس اچي حاضر ٿيا. انهن کان سواءِ ٻيا امير بہ جهڙوڪ: مير افضل خان اسحاق زئي ۽ شيرين خان، توڙي قزلباش، عرب ۽ تاجڪ ونس اچڻ لاءِ آتا هئا. هر ڪنهن کي خراسان جي لوري لڳل هئي.

شاهہ شجاع اهو سڀ ڪجهہ خراسان هٿ ڪرڻ لاءِ پئي ڪيو، پر هر ڪنهن ننڍي وڏي ڳالهہ جي لاءِ سنڌ جي ميرن سان صلاحون پئي ڪيائين. نيٺ ٻن سالن جي عرصي ۾ لشڪر ڀرتي ڪرڻ کان سواءِ هٿيار پنوهار ۽ ٻيو سامان ميڙي دنگ ڪيائين. دستور موجب هفتي ۾ بہ ڀيرا هزاري درجي ٻاهران فوجي پريڊ ٿيڻ لڳي، جنهن ۾ توبون ڇوڙيون وينديون هيون.

انهن توبن جو ڌڌڪو جڏهن ميرن واري ڌر تائين پهچندو هو تہ سندن دماغ مان نڪاءُ نڪري ويندا هئا. هنن کي اها اڻ تڻ ورائي ويندي هئي تہ اهڙي ارڏي بادشاهہ کي پنهنجي پر ۾ ويهاري پاڻ کي جاٽي واٽي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو اٿائون. هيڪر تہ اهو کهاڙو پنهنجن پيرن تي هٽي چڪا آهيون، اڳتي ڏسجي ڇا ٿو ٿئي؟ ميرن ويچارن سان ٿي تہ ڏاڍي ڇڪي هئي تہ بہ: "لعل بہ ليئي پريت بہ رهجي اچي" چواڻي جيئن تيئن ڪري شاهہ شجاع جون ناز برداريون ڪندا پئي آيا. انهيءَ سان گڏ اهو بہ سوچيندا ٿي رهيا تہ خراسان جي حاڪم سردار محمد عظيم خان کي گهرائي، هن ٻيڙي بلا سان وڇڙائي، پنهنجي ملڪ کي بچايو وڃي.

(۱۸)

## شاهہ شجاع جون شڪارپور ۾ قهري ڪارروايون - سعادتمند خان جي مرڻ کان پوءِ سندس گهر جو ارڪو ترڪو ميڙي ڪٽڻ ۽ هن جي عزيز کي طرحين طرحين اهنج عذاب ڏيڻ ۾ هوس راني جي ميدان ۾ چڙواڳ ٿي چتڪُنائيون ڪرڻ ۽ سندس ٻيون ٻُچڙايون:

شاهہ شجاع شڪارپور ۾ رهي خوب عيش ڪيا ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب هر خواهش جي پورائي ڪندو رهيو. پاڻ انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي، چتڪنائيءَ ۾ اچي نت نوان ڪلور ڪري ظلم جون خدون ٽپي ويو. جتي بہ ڪنهن مال ملڪيت جو پتو ٿي پيس اتي پهچي لٽ ڦر لائي ٿي ڏنائين.

ڪيس دولت جي هوس ايتري قدر ورائي وئي جو جيئرا تہ ٺهيو، مئن کي بہ ڪونہ ٿي ڇڏيائين. اتفاق سان سعادتمند خان الڪوزئي فوت ٿيو تہ ان جي ڏن دولت جو ٻڌي، وجي اتي ڪڙڪيو. انهن جي گهر ۾ پنسي پنجڙ سان گڏ جيڪو سون، چاندي، زيور زرڙو، هٿيار وغيره هو، سو تہ هيرن جواهرن سميت کنيائين، پر ڪشميري شالون، پٽ پٽيهر، چانديءَ جا ٿانو ۽ اهڙو ٻيو سمورو قيمتي سامان بہ ڪڍي ويو. آخر هٿوڙا ڪٽي سڄي جاءِ کوٽائي، پٽر ڪرائي ڪک پن ميڙي پنهنجو پيٽ (پيٽ) پريائين.

ان کان پوءِ سعادتمند خان جي زالن کي قيد ۾ وجهي ساڻن سخت عقوبتون ڪرڻ لڳو. ويچارين کي پهرن جا پهرا اُس ۾ ٻيهاري سندن ڪلهي تي بندوق رکي ڊيڄاري، رهي کهي دولت تي ڏاڙا هڻندو رهيو. سعادتمند خان جو نائب عبدالعزيزخان، جيڪو بروقت پڄي نڪتو هو، تنهن جي ڏاڍي گولا ڪرايائين، پر هو ليپي ڪونہ سگهيو. نيٺ پوين کان ست اٺ هزار رپيا وٺي ان جي پچر ڇڏيائين.

هاڻ ڪيس اچي اها لوري لڳي تہ رنجيت سنگهہ هن کان قيد واري زماني ۾ جيڪو مشهور هيرو ڪوهہ نور کسيو هو، تنهن جي عوض بہ لک رپيا ماڻهن کان ڪڍي اها پورائي ڪني وجي. آخر اهي ڏوڪڙ بہ شڪارپور ۾ رهندڙ امرتسري شاهوڪارن جي گماشتن: سيٺ ٽنڌڻ مل ۽ گلاب راءِ کان پرائي ورتائين، جن ويچارن اڳوات ئي اَتَ

شجاع ڏانهن اُماڻيو تہ جيئن ڪيس سمجهائي انهن زيادتين کان باز رکڻ جو بلو ڪري سگهن. هنن وچي شاهہ شجاع سان ڳالهيون هلايون. جڏهن خبر پين تہ هن کي پئسن جي بک آهي تڏهن ڏئي وٺي سپ ڪنهن جي جند ڇڏايائون. ان کان پوءِ شاهہ شجاع پنهنجي شرم پرچائڻ لاءِ ماڻهن کي گهٽيئي دم دلاسا ڏنا، پر هر ڪو ڪانئس ائين ڪَوَ ڪائڻ لڳو، جيئن نانگ ڏنگيل رسيءَ کان ڪنبندو آهي. هر ڪنهن جي واتِ اها وائي هئي تہ خدا هن ظالم جي پاڙ پٽي تہ ڪنهن کي ڪو سک جو ساهہ نصيب ٿئي.

انهن پرڪارن سان هو پريا بہ سال ١٢٣٤هہ/١٨١٩ع کان ١٢٣٦هہ/١٨٢١ع تائين ملڪ پيليندو ۽ ماڻهن جا جهُڳا پينگ ڪندو رهيو. ميرن بہ آخر بيزار ٿي پنهنجن وڪيلن کي سردار محمد عظيم خان ڏانهن خراسان ڏياري موڪليو، جيئن هن ظالم جو جلد تڏو پٽجي وڃي.

ظالمن تي خدا جي مار ۽ ڦٽڪار هجي.(١)

*

(١) شاهہ شجاع پنهنجي "واقعات" ۾ پنهنجي ناڪاميءَ جو سڄو ڏوهہ ميرن تي مڙهيو آهي ۽ کين بدعهد لکي ٿو. ليڪن هتي هن جا جيڪي ظلم ستم بيان ڪيا ويا آهن، تن موجب پاڻ ئي ڏوهي ۽ بدعهد هو، ان ڪري ئي سردار محمد عظيم خان کي ڪوٺائڻ جو سبب پيدا ٿيو. منشي عطا محمد (هن ڪتاب جو مؤلف) جيڪو پاڻ شاهہ شجاع جي ڏُر هو، تنهن هنن اکين ڏٺن واقعن ۾ جيڪا شاهدي ڏني آهي، ان موجب اهو اندازو ٿئي ٿو تہ بادشاهت جي سَڌ شاهہ شجاع جي ڪمزوري بڻجي چڪي هئي، جيڪو ان جي شوق ۾ سدائين ڀٽڪندو ۽ دربدر ٿيندو پئي رهيو. آخر اچي اهڙين اڻنگين چالين تي لهي پيو.

سنڌ جي ميرن جيتوڻيڪ نٿي چاهيو تہ هو سنڌ ۾ سدائين رهيو پيو هجي ۽ ان لاءِ پاڻ پتوڙيندا ٿي آيا تہ هو هتان هليو وڃي تہ بہ جيڪڏهن شاهہ شجاع چڱي هلت سان شريفاڻي نموني هلندو رهي ها تہ هروڀرو نہ پاڻ خوار ٿئي ها نہ وري ٻئي ڪنهن جو خانو خراب ڪري ڦٽ لعنت جو شڪار ٿئي ها.

—حبيبي

(١٩)

## سنڌ جي ميرن پاران سيد ڪاظم علي شاهہ جو قاصد طور سردار محمد عظيم خان ڏانهن ڪابل وڃڻ، ڪيس وعدن وسيلي خوش ڪرڻ ۽ لشڪر سميت ڪيس شڪارپور آڻي شاهہ شجاع کي ٽپڙ ٻڌرائڻ:

سنڌ جي ميرن جڏهن سمجهيو تہ شاهہ شجاع ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو ڪين سوڙهو پوندو ۽ سندس سپاهہ بہ زور وٺندو پيو وڃي، تڏهن مونن ۾ منهن وجهي سوچڻ لڳا تہ هن آئي بلا کي ڪيئن هتان ٽاريو وڃي. هوريان ڏاڍيان ڪين سمجهہ ۾ آيو تہ ان لاءِ خراسان مان سردار محمد عظيم خان کي گهرائي کو اُپاءُ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ مُهم لاءِ سيد ڪاظم شاهہ کي مناسب سمجهيو ويو، جيڪو سندن حڪم تي سردار محمد عظيم خان کي وٺي اچڻ لاءِ ڪابل روانو ٿيو. هيءُ ميرن جو خط کڻي ويو، جنهن جو مضمون هن ريت هو:

> "شاهہ شجاع شڪارپور ۾ رهي روزبروز پنهنجي لشڪر جو تعداد ۽ جنگي سامان وڌائيندو پيو وڃي، انهيءَ خيال سان تہ جيئن خراسان تي گهوڙا چاڙهي ان کي سؤلائي سان فتح ڪري سگهي. هن باري ۾ خراسان جي اميرن جو ساٿس پورو ساٿ ٿو ڏسجي، انهيءَ صورت ۾ شاهہ شجاع جيئن خراسان ۾ پير پائيندو، تيئن نڪرڻ جي نہ ڪندو. اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ اصل کان خلوص ۽ محبت وارو رستو ۽ رويو هلندو پيو اچي، انهيءَ جي آڌار تي اوهان جي خير خواهي جو خيال رکڻو پوي ٿو.
> اسان فيصلو ڪيو آهي تہ اوهان پنهنجي ڪٽڪ سان شڪارپور پهچي وڃو تہ ٻنهي ڌرين (اسان ۽ اوهان) جي ايڪي سان شاهہ شجاع کي آڪيڙا چاڙهي، جتان آيو هو اوڏانهن چلتو ڪجي. اوهان کي سموري خرچ پکي سان گڏ ڏل جي ادائگي بہ ڪئي ويندي، جنهن لاءِ ڪوبہ فڪر نہ ڪندا." (ص: ١٢٦)

سيد ڪاظم شاهہ جي ڪابل رواني ٿيڻ واري خبر شاهہ شجاع تائين بہ پهچي وئي، جنهن کان سندس وايون بتال ٿيڻ لڳيون، پر پوءِ سوچي ميرن ڏانهن خط

لکيائين ته:

"جيتوڻيڪ هر شخص پنهنجي لڳائي ڇڳائي ڇڳيءَ طرح ڄاڻي ٿو، تنهن هوندي به اوهان جنهن نموني سردار محمد عظيم خان ڏانهن پنهنجو قاصد اُماڻي ان کي هيڏانهن اچڻ جي ڪوٺ ڏني آهي، تنهن تي ڏاڍي ماٺ پئي لڳي. اوهان اسان کي پاڻ وٽ رهائي ڪهڙي مصلحت جي بنياد تي سردار محمد عظيم خان کي هيڏانهن گهرائڻ جي گهرج محسوس ڪئي آهي، پر جي ائين ڪري چڪا آهيو ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. نيٺ اوهان پاڻ ڏسي رهندا ته اسان خدا جي فضل سان ۽ پنهنجي ٻاڙن جي زور تي مخالفن کي اهڙو مزو چکائي ڇڏيندا سون جو سڀ ڪنهن کي ياد رهندو." (ص: ١٢٨)

انهيءَ خط کان سواءِ زباني طور به شاهه شجاع ميرن کي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اوهان کي ائين ڪرڻ نه جڳائي. پر ميرن ڪو ڌيان نه پئي ڏنو ۽ مڙئي بهانا ڪندا ٿي رهيا ته اسان اوهان جا مندا ڪونه آهيون. اسان خراسان ڏانهن پنهنجي قاصد کي ڪنهن مصلحت ۽ مطلب لاءِ موڪليو آهي، توهان پاڻ ڏسو پيا ته:

١- انگريز بهادر جا سفير حيدرآباد تائين اچي پهتا آهن، جيڪي ڪينرا ڪلهي تي رکيو پانت پانت جون ٻوليون پيا ٻولين. هو جو ڪجهه چاهين پيا سو امڪان وٽان نه آهي. تڏهن به مصلحت جي روءِ کان سردار محمد عظيم خان کي خراسان مان گهرائڻ مناسب سمجهيو ويو، جيئن انگريزن کي اها پڪ ٿئي ته اسان ۽ خراسان وارا پاڻ ۾ هڪ آهيون. جڏهن به ڪا ڳالهه ٿي ته هڪ ٻئي کان پري نه ويندا سون.

٢- هيءَ ته اوهان جي ننگن جو بار به اسان تي آهي، خدا ڪندو ته اسان جي جانبازي سان بادشاهي اوهان جي قدمن ۾ هوندي. اهائي اسان جي اصلي خواهش آهي.

ميرن جي انهن لاهين چاڙهين جو شاهه شجاع تي پروسي جوڳو اثر ڪونه پيو، بلڪ يقين ٿيس ته سردار محمد عظيم خان کي خراسان مان هتي ڪوٺائڻ جو ڪارڻ اهوئي آهي ته جيئن اسان کي هتان پنهنجو لڏو پٽڻو پوي.

انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ پنجي ڏاڍو درماندو پئي ٿيو. گهڙيءَ ۾ سوين سوچون پئي ڪيائين پر ڪنهن سِڌَ تي نٿي پهچي سگهيو. هن کي سردار محمد عظيم خان جو جيڪو خطرو درپيش رهيو، تنهن کان سندس آرام حرام ٿيو ۽ ڪاڏو ڀيتو ڪيس وِهَ ٿي پئي لڳو ته آئندي الائجي ڇا ٿيندو.

میرن جي ڪوٽ، تي سردار محمد عظیم خان جو خراسان کان سنڌ ۾ کھي اچڻ" ٺنهي ذرين (سنڌ جي ميرن، شاهہ شجاع ۽ سردار محمد عظيم خان) جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ، نيٺ ميرن جي صلاح مطابق شاهہ شجاع جو پنهنجي مرضيءَ سان لڏياني روانو ٿيڻ ۽ سردار محمد عظيم خان جو واپس خراسان وڃڻ ۽ سنڌ جي ميرن جو دلجاءِ سان خوش ٿي وڃڻ شاهہ شجاع بنا ڪنهن جهيڙي جهٽي جي جيئن هوا تي سوار ٿي آيو هو، تيئن هوائي ٿي هليو ويو:

ميرن جو قاصد سيد ڪاظم علي شاهہ جڏهن خراسان وڃي سردار محمد عظيم خان سان مليو تہ ڪيس ريهي ريبي شڪارپور اچڻ تي آماده ڪيائين. سردار محمد عظيم خان کي اهي ڳالهيون چڻ خدا ڏياريون. جيئن ڏن دولت جو آسرو مليس، تيئن سندرو ٻڌي پنهنجن ڀائرن ۽ سردارن: سردار دوست محمد خان، سردار شير دل خان ۽ ٻين سرڪردن کي پنهنجي ڪٽڪ سميت، جنهن ۾ چاليهہ پنجاهہ هزار سوار پيادا ۽ زرهہ پوش شامل هئا، اڳيان ڪري ميرن جي ماٿهن سان سنڌ ڏانهن وڌي هليو. جڏهن منزلون هٽندو قلات جي سرحدي هنڌ ڍاڍر (١) تائين پهتو تہ شاهہ شجاع سچي ڳالهہ سوچي سردار محمد عظيم خان جي اميرن ڏانهن ڳجهي نموني خط اُماٿيو:

"سردار محمد عظيم خان اچانڪ بيابان ڏانهن نڪري آيل هرڻ وانگي اچي وارد ٿيو آهي. ان باري ۾ اُهي چڱا مڙس ڪيئن تا ڀانئن جيڪي پاڻ کي اسان جو خير خواهہ چوائيندا اچن تا. هاڻ جڏهن ڳالهہ هيستائين اچي پهتي آهي، اسان چاهيون تا تہ اوهان پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪريو تہ ڪا خبر پئجي سگهي."

هنن جواب ڏياري موڪليو:

" اسان اوهان جا خادم ۽ تابعدار آهيون ۽ اوهان کي بادشاهہ جي روپ ۾ ڏسڻ لاءِ

---

(١) ڍاڍر، سبي کان ڏهہ ميل اولهہ تي ڳوٺ آهي، جيڪو اُن زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد ليکيو ٿي ويو. حبيبي

آسائتا رهون ٿا. انهيءَ اوسيئڙيءَ ۾ اسان جون ڏينهن رات اکيون ڪتل آهن. خدا نه ڪري جيڪڏهن سردار محمد عظيم خان اوهان سان هٿ ڳنڍيا ته اسان عين موقعي تي نروار ٿي سندس ساٿ ڇڏي اوهان جا ٻانهن ٻيلي ٿينداسين ۽ اهو شڪار پنهنجو پاڻ اچي اوهان جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندو." (ص: ١٣٣)

شاهه شجاع اهي دم دلا ڏسي حوصلو جاءِ ڪيو ۽ ميرن جي ڏيان تي آندائين ته صورتحال اجهو هن ريت آهي، اوهان ٿورو صبر ڪريو ته ڇا ٿو ٿئي. خراساني پٺاڻن جو دستور آهي ته جتي دولت جو چمڪو ڏسندا، اُتي جيتن (پروانن) وانگي اچي ڳاهٽ ٿيندا، جنهن هنڌ سٽيپي ماني نظر پوندن، اُتي مکين وانگر وجي مارو ڪندا.

هنن (سردار محمد عظيم خان جي اميرن) جوبه اهوئي حال آهي. هيءُ جڏهن ڏسندا ته اسان جو پاسو ڳرو آهي ته هڪدم هن کي ڇڏي اسان جا ٿي بيهندا. اهو لقاءُ سڃي دنيا ڏسندي. آخرڪار حيدرآباد ۽ خيرپور جا سيئي مير: مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان، مير سهراب خان، مير رستم خان ۽ ٻيا هٿيار پنهوارن ۽ ٽنبن تولانن سان پوري سپاهه سميت سردار محمد عظيم خان سان منهن ڏيڻ لاءِ اچي لاڙڪاڻي رسيا، جتي ڪي ڏينهن ترسي وري ميان شاهل محمد واري قبي ۾ وڃي منزل ڪيائون.

*

## (٢١)

## سنڌ جي ميرن جو عقل ڪان ڪم وٺي شاهه شجاع کي شڪارپور مان پاڻ وٽ گهرائڻ:

سال ١٢٣٦هه/١٨٢١ع ۾ سردار محمد عظيم خان ميرن جي منشا موجب منزلون هڻندو اچي ياڳ(١) (ناڙي) تائين پهتو. جتي معاوضي بابت ميرن سان سنڌس ڳالهيون ناهه تي نه پهچي سگهيون. سردار محمد عظيم خان جو چوڻ هو ته ڪيس ڪابل کان شڪارپور تائين هڪ هڪ منزل جو هڪ لک رپيو (جنهن جو اڳ ۾ وعدو ڪيل هو) ادا ڪيو وڃي. اها ڳالهه ميرن کي ڏکي لڳي. سو پويان پير ڪرڻ لڳا. سردار محمد عظيم خان کي اچي شڪ جاڳيو ته ميرن جي اها وعدي خلافي شاهه شجاع جي چرچ تي ٿي رهي آهي، ان ڪري هنن کي جنگ جو دڙڪو ڏنائين: ميرن جنگ جو دڙڪو ٻڌي مصلحت کان ڪم وٺي شاهه شجاع کي آزيون ڪندي شڪارپور لکي موڪليو: ”سردار محمد عظيم خان کي ملڪ داري جي مصلحت واري خيال کان خراسان مان، انگريز بهادر جي جُرِئَہ بابت ڳالهين هلائڻ لاءِ هتي گهرايو ويو هو، پر هن وقت انگريزن جا سفير واپس انگلنڊ وڃي چڪا آهن. ان ڪري هاڻ ڳالهين جي ضرورت نه رهي آهي. هيڏانهن سردار محمد عظيم خان لالچ ۾ منهن وجهي وينو آهي ۽ سنڌس اميرن جو به ساڻس ڪجهه اختلاف نظر اچي ٿو، تنهن هوندي به اسان مرحوم وزير فتح خان جو لحاظ رکندي ساڻس جنگ ڪرڻ نٿا چاهيون. چو ته دنيا جي فريب ۾ اچي هروڀرو مسلمانن کي مارائڻ مناسب ناهي. سردار محمد عظيم خان ڪشمير جي دولت ۽ خراسان جي لشڪر تي پيو ٽڏي ۽ ڏاڍائي پيو ڏيکاري پر اسان کي اوهان جهڙي بهادر بادشاهه جي آيل هوندي هن جي ڪا پرواهه ڪانهي. ڪيس ڪٿي اچي ڪنيو آهي جو اهڙا ابتا پير پيو کڻي. سنڌس پرڪارن مان ائين پڌرو پيو ٿئي ته (هن جي پڄاڻيءَ مان) اوهان جي اقبال جو سج اُڀرڻ وارو آهي.

اُميد آهي ته اوهان جلد شڪارپور مان اچي ميان شاهل محمد جي قبي ۾

---

(١) ياڳ: ڍاڍر کان چوٽيهه ميل ڏکڻ طرف جيڪب آباد ڏانهن ايندڙ شاهي رستي لڳ آهي. جتي سردار محمد عظيم خان کي ادائگي جو وعدو ڏنل هو. ـ حبيبي

پهچندا، جيئن اسان اوهان جي خدمت جي سعادت حاصل ڪرڻ جهڙا ٿيون."
(ص: ١٤٠)

شاهه شجاع ميرن جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪجهه وقت پنهنجي ليکي سوچيندو رهيو. نيٺ دورانديشيءَ کان ڪم وٺي پهريان پنهنجي حرم کي سامان سميت ميرن ڏانهن ڏياري موڪليائين. ان کان پوءِ شهزادي تيمور کي روانو ڪري هيءُ خط ميرن ڏانهن اُماڻيائين: "اسان پنهنجي حرم کي اوهان ڏانهن ڏياري موڪلڻ کان پوءِ شهزادي تيمور کي به ايڏانهن روانو ڪري چڪا آهيون. بلوچن جي ننگداريءَ ۽ جوانمردي مشهور آهي، جنهن جي اعتبار موجب ائين ڪرڻ ۾ آيو. هاڻ اوهان تي ڇڏيل آهي ته ننگاوتي ۽ مردائي مرڪ مطابق اوهان کي ڇا ڪرڻو پوندو. اسان زماني جا حال ڏسي چڪا آهيون. جيڪڏهن اوهان اجا به ڪا اٿائي ڳالهه ڪئي ته ان جي سڄي ذميداري اوهان تي هوندي ۽ ماڻهو به اوهان تي ئي ڪلندا." (ص: ١٤١)

ميرن اڪيون ٻوٽي پنهنجي روش جاري رکي. هنن کي اها اُڻ تُڻ لڳي پئي هئي ته شاهه شجاع ڪنهن به حالت ۾ شڪارپور جا وڻ ڇڏي وڃي ڪين ٿي ڪا به ڳالهه دل سان ڪانه ٿي آڻي.

*

## (٢٢)

## ميرن جي سنڌوهہ ۾ پرڻ تي شاهہ شجاع جو شڪارپور مان اُسهڻ، وڃڻ وقت شاهوڪارن کان سندن جند ڇڏڻ جي عيوض ٽيهہ هزار رپيا پرائي وٺڻ ۽ ميرن جي ساٿس ويسا گهاتي ڪرڻ:

شاهہ شجاع ١٢٣٦هہ/١٨١١ع ڌاري ميرن جي بيدلي ڏسي، سندن ميڙ منٿ تي شڪارپور مان هلڻ هارو ٿيو تہ پهرينءَ سَٽ ۾ شهر جي شاهوڪارن سيٺ ٽنڊٽمل، سيٺ سيوا سنگهہ، سيٺ گلاب راءِ ۽ ٻين کي پاڻ وٽ گهرائي ڪانئن پڇا ڪيائين تہ هن وقت اسان جو مهاڏو سردار محمد عظيم خان سان آهي. ٻئي پاسي ميرن جي ٿهوت وڏندي پئي وڃي تہ اسان ترت شهر ڇڏڻ جي ڪريون. هوڏانهن قضا الاهي جي ڪا خبر ڪانهي تہ اڳتي هلي ڪهڙا ڏينهن ڏسڻا پون! اوهان سدائين اسان جا ساٿاري ٿي رهيا آهيو، ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ الزام ۾ سردار محمد عظيم خان اوهان تي ڪا وَٽ پڪڙ ڪري ۽ اوهان اسان کي مهٽي هاب ٻڌايو (سو نيڪ ناهي) اهائي گهڙي اُٿو، جيڪڏهن چاهيو تہ هتي رهي پئو. ٻي حالت ۾ هتان نڪرڻ جي مرضي هجيو تہ ٻڌايو. ان تي شاهوڪارن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ پنهنجي ٻلائي شڪارپور ڇڏڻ ۾ ئي آهي. نيٺ شاهہ شجاع کان موڪلائي روهڙيءَ ڏانهن روانا ٿيا. شاهہ شجاع موڪل جي بهاني هنن کان ٽيهہ هزار رپيا پرائي ورتا. انهيءَ لڏ پلاڻ ۾ هنن جو ٻيو بہ ڪيترو نقصان ٿيو، پر ڪو چارو نہ ڏسي سمورا سور پيئندي شهر ڇڏي ويندا رهيا. پڇاڙيءَ ۾ شاهہ شجاع پاڻ بہ پيادا ۽ سوار ساڻ ڪري شهر مان نڪري ڪي ڏينهن عيدگاهہ ۾ وڃي ترسيو ،جتي ميرن جا ماڻهو اچي ساڻس مليا. انهن سان گڏجي، اتان ٽڏو پٽيائين ۽ ڳڙهي ياسين تائين رسيو. اوچتو ميرن وٽان پروانو پهتس:

"سردار محمد عظيم خان اسان ڏانهن پنهنجا گماشتا اُماڻيا آهن، جيڪي ڪن مسئلن تي ڪجهہ ڳالهائڻ ٿا گهرن. جواب ۾ اسان بہ اُن ڏانهن پير غلام محي الدين سرهندي ۽ سيد اسماعيل شاهہ کي ڏياري مُڪو آهي. (هاڻ ڏسون ٿا) جيڪڏهن هو اوهان جي تابعداريءَ ۾ آيو تہ

واهہ نہ تہ اسان (اوهان جي خاطر) پنهنجو سر قربان ڪري رهنداسين. في الحال اوهان جتي آهيو اتيئي رهيا پيا هُجو، اڳتي وڌڻ جي نہ ڪريو، اسان مڙئي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سڄي معاملي کي منهن ڏئي وٺنداسين." (ص: ١۴٧)

ميرن جا اهي حال ڏسي، شاهہ شجاع کي ڪيئي شڪ شبها جاڳيا. گهڙي حيرت ۾ تہ گهڙيءَ صلاح مصلحت ۾ دل مَن هٽندو وڃي ميان شاهل محمد جي مقبري پيڙو ٿيو، جتي ميرن جو لشڪر لٿل هو. ميرن کي جو اها خبر پئي تہ مٿينءَ دل سان نواب ولي محمد خان لغاري ۽ سيد ڪاظم شاهہ کي وٺيرڪي پنڌ تائين سندس آجيان لاءِ اُماڻيائون. هيءُ بہ رُکي منهن سان وڃي اتي رسيا ۽ شاهہ شجاع جي ڪا خاص خاطر تواضع ڪانہ ڪيائون.

ٻئي ڏينهن حيدرآباد جي ميرن مان مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان پنهنجي خاص عملي سان اتي اچي سهڙيا ۽ شاهہ شجاع خوش ٿي ساڻن گڏيو. ڪا گهڙي ڪچهري ڪري ٻئي کل خوشي سان هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجن خيمن ۾ اچي خلاصا ٿي ويهي رهيا. تنهن کان پوءِ ميرن پنهنجي معتبر منشي خوشيرام کي شاهہ شجاع ڏانهن موڪليو، جنهن ادب سان اچي ڪيس عرض ڪيو تہ: سردار محمد عظيم خان جي ساٿاري خراساني اميرن ۽ خانن اوهان جي جان نثاري ۽ خدمت گذاريءَ لاءِ جيڪا هام پئي هڻندي آهي، سا ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي، تڏهن بہ ويجهڙائي ۾ هنن اوهان سان سنمک ٿيڻ جي جيڪا ساک پري هجي تہ ميرن کي بہ ان کان آگاهہ ڪندا، جيئن هو انهن جو مطلب ڪڍي اصل حقيقت اوهان اڳيان پيش ڪري سگهن. انهيءَ مان سڄي سُڌ پئجي ويندي تہ هو ڪيتري قدر اوهان سان سچا آهن." (ص: ١۴٩)

شاهہ شجاع کي ڳالهہ دل سان لڳي ۽ هن اهي سمورا خط، جيڪي سردار محمد عظيم خان جي ساٿارين ڪيس لکيا هئا، گهرائي منشي خوشيرام جي حوالي ڪيا.

اهي خط جڏهن انهيءَ حرفت سان شاهہ شجاع وٽان نڪري وڃي ميرن جي ور چڙهيا تہ هنن هڪدم سردار محمد عظيم خان کي سجاڳ ڪيو تہ اجهو خراساني خانن جا اهي پرڪار اٿو، جو هڪ پاسي اوهان سان پيا پانهپ واريون ٻوليون ڪن تہ ٻئي طرف شاهہ شجاع کي پيا پنهنجو ڏٽي سائين سمجهن!

هاڻ چڱو ائين آهي تہ (سڄي ڳالهہ جي لڳائي چڱائي جاچڻ کان پوءِ) خراساني خانن جي سچ ڪوڙ جو فرق سمجهي سڀ ڪجهہ سوچي اوهان اسان سان ايڪي ۾ رهندا ۽ وڌيڪ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪندا، جنهن مان اسان جي لاڳاپن تي ڪو اڻ وڻندڙ اثر پوي.

هن روئداد جي روشنيءَ ۾ هر ڪو هيءُ اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ سنڌ جا مير (ٽالپور) ڪيئن پنهنجي عقل جي زور تي سردار محمد عظيم خان جي سٽ ۾ پاڻ وٺائيندا پئي آيا. (١)

*

(١) نوٽ: هن کان اڳ باب ١٣ توڙي ١٨ ۾ بيان ٿي آيل شاهوڪارن، سيٺ ٽنڊڻ مل، سيٺ سيوا سنگهہ ۽ سيٺ گلاب راءِ اصل امرتسر پنجاب جا هئا، جن شڪارپور ۾ اچي واپار وسيلي سڄي بازار سميت آسپاس جي وهنوار تي پنهنجي ڌاڪ ڄمائي هئي ۽ شهر جي هُنڊين (بئنڪاري) جو سڄو ڪاروبار هنن جي ئي هٿ وس هو. (تاريخ تازه نواءِ معارڪ باب ١٣ جي حاشيہ جي حوالي سان) -

## (٢٣)

# سردار محمدعظيم خان جي ساٿاري خراساني خانن جو شاھہ شجاع وٽ هلي وڃڻ ۽ سردار محمد عظيم خان کي ميرن واري ڳالھہ جي پڪ ٿيڻ، ميرن پاران رستن تي چونڪيون بيهارڻ، جيئن خراساني [افغاني] خانن مان ڪو بہ شاھہ شجاع ڏانهن اچي وڃي نہ سگهي:

ميرن پنهنجي حرفت سان شاھہ شجاع وٽان افغانستاني/خراساني خانن جا خط هٿ ڪري پنهنجي ڪارندن ذريعي سردار محمد عظيم خان وٽ پيش ڪيا. هيءَ اجا انهيءَ ڪارگذاريءَ تي ڪنهن ڪارروائي جي اوسيئڙي ۾ رهيا تہ ايتري ۾ خالوخان الڪوزئي پنهنجن چار سؤ سوارن سان سردار محمد عظيم خان جي لشڪر مان نڪري وڃي شاھہ شجاع وٽ رسيو، جنهن پرينديئي ڪيس خلعت سان نوازيو. انهيءَ خالوخان الڪوزئي جي وڃڻ سان سردار محمد عظيم خان کي پڪ ٿي تہ ميرن ان باري ۾ اڳواٽ هن کي جيڪي ڪجھہ ٻڌايو هو، سو برابر سچ هو. تنهن ڪان پوءِ بہ سردار محمد عظيم خان جي لشڪر مان خراساني/افغانستاني خانن جا ڪيئي دستا الڳ ٿي شاھہ شجاع ڏانهن ويندا رهيا. سردار محمد عظيم خان هنن جا اهي افعال ڏسي اتڪل ڪان ڪم وٺندي باقي رهيل اميرن کي گهرائي ظاهري ڪل خوشيءَ سان هر هڪ جي هٿ ۾ اهي خط ڏنا، جيڪي کيس (شاھہ شجاع وٽان هٿ آيل) ميرن (ٽالپورن) وسيلي وصول ٿيا هئا. هيءَ جڏهن خط ورهائي واندو ٿيو تہ سيني کي چوڻ لڳو: شاھہ شجاع هندستان مان ڪيڏ ڪري هيءَ خط اوهان جي پاران لکرائي انهن تي مُهر هڻي ميرن جي حوالي ڪيا هئا تہ جيئن انهيءَ دُلبي سان هو اسان جي ماڻهن ۾ ڏڦيڙ (تفرقو) پيدا ڪري.

خراساني/افغانستاني خانن جڏهن اکين سان پنهنجا هٿ اکر پڙهيا تہ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي چوراٽين نگاهن سان هڪ ٻئي کي گهورڻ لڳا ۽ اک ڇنڀ ۾ هڪ ٻئي پنيان پاسيرا ٿيندا وڃي پنهنجن تنبن پيڙا ٿيا. هنن جي اندر ۾ وسي ويو تہ اها باھہ سنڌ جي ميرن جي ئي ٻاريل آهي، جيڪي پاڻ کي شاھہ شجاع آڏو سرخرو ڪرڻ ٿا چاهين.

ميرن جي انهيءَ جُنَ جو نتيجو نيٺ اهو نڪتو جو خراساني/افغانستاني خانن هن ڪان اڳ شاهه شجاع جي پاسي جيڪا رجوعات رکي هئي سا بلڪل بند ڪري ڇڏيائون.

سردار محمد عظيم خان جيتوڻيڪ خراسان ڪان وٺي ڪابل قندار تائين ڪُل افغانستان تي قابض هو ۽ جيڪي گهري هاسو ڪري پئي سگهيو، تڏهن به ڪنهن کي ڪا سزا نه ڏنائين. پر جي ڏٺي ها ته به هن تي ڪا ميار نه هئي.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي ميرن جي ڪارگذاري پوريءَ طرح ڪارگر ٿي وئي، جن انهيءَ هوشياريءَ سان سردار محمد عظيم خان کي پنهنجي آٽ تان لاهي جنگ جو خطرو ٽاري ڇڏيو ۽ ماٺ ميٺ ۾ سردار محمد عظيم خان کي سموري خرچ ڪاپار ۽ ڏل جي ادائگي سان راضي ڪري وڃي پنهنجي مقصد ۾ پار پيا.

پڇاڙيءَ ۾ سردار محمد عظيم خان جي صلاح سان، ميرن انهيءَ حڪم تي سيني رستن مٿان چوڪيون قائم ڪيون ته سردار محمد عظيم خان جي لشڪر مان ڪوبه پيادو يا سوار ڀڄي وڃي، شاهه شجاع وٽ پناهي نه ٿئي. جيڪڏهن ڪو ائين ڪري ته ان کي اتيئي پورو ڪيو وڃي. جيئن آئندي ڪوبه اهڙو قدم نه کڻي سگهي.

انهن چوڪين قائم ٿيڻ کان پوءِ ميرن جي ماڻهن ڪيترن سوارن ۽ پيادن کي (جيڪي سردار محمد عظيم خان جي لشڪر مان ڀڄي ٿي نڪتا) قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن شاهه شجاع کي خبر پئي ته ڪاوڙجي ميرن کي چوائي موڪليائين ته: اوهان جيڪي ڪري رهيا آهيو، سو ڪنهن به مروت وٽان نه آهي. توهان جا ماڻهو خراساني [افغانستان]جي خانن کي قتل ڪري اهو ظاهر پيا ڪن ته اوهان وٽ رتيءَ ماتر خلوص ڪونه رهيو آهي. اوهان جي اها روش ڏسي اسان کي اچرج پئي لڳي ته اوهان ڪهڙي آڌار تي دوستيءَ جو دم هڻي رهيا آهيو؟

ميرن جواب ڏنو ته: اسان جي چوڪين جا ماڻهو هر روز بدلبا رهن ٿا، جيڪي وحشي (بُوش) بلوچ آهن، انهن کي پنهنجي شناس به ڪانه هوندي آهي، جنهن ڪري ايذيون ارڏايون ڪندا رهن ٿا. بهرحال اڳتي لاءِ انهن کي سمجهايو ويندو ته ڪنهن به خراساني/افغانستاني خان کي قتل ڪرڻ کان باز رهن.

سنڌ جي ميرن ٻاهرين خاني شاهه شجاع سان سنمڪ ٿيڻ جي ٿي ڪئي ته اندروني طرح سردار محمد عظيم خان سان به پورا پوندا ٿي آيا. هنن کي هر حالت ۾ پنهنجي مطلب سان ڪم هو ۽ هر گهڙي پنهنجي مراد ماڻڻ جا خواب لهندا ٿي رهيا.

هڪ ڏينهن جا ٿيو جو سردار شيردل خان جي حملي جا افواهه (هاواٽا) هُلي ويا،

## (٢۴)

## سنڌ جي ميرن جو سردار محمد عظيم خان سان صلح ڪرڻ ۽ شاهہ شجاع کي درياهہ ٽپائي پار پهچائڻ:

سنڌ جي ميرن ١٢٣٦هہ /١٨٢٠ع ۾ پنهنجي اورچائي ۽ شاهہ شجاع جي راضپي سان، حرجن خرچن سان گڏ ڏل کي ڏال بڻائي سردار محمد عظيم خان کي پنهنجي پاسي ڪيو. هوڏانهن خود شاهہ شجاع اندروني ڇڪتاڻ جي ڪري بي مزي ٿي چڪو هو. هن سان ميرن جيڪا ٿي ڪئي، تنهن تي ڪيس ڏاڍو افسوس پئي ٿيو. ميرن جڏهن ڏٺي وٺي سردار محمد عظيم خان سان صفائي ڪئي ته ساڻس ملاقات لاءِ سوچيائون، جيئن رهيل معاملا بہ طئي ٿي وڃن. ليڪن سردار محمد عظيم خان پنهنجي اميرن (خراساني/افغاني خانن) جي بي اعتباريءَ سبب ميرن جي ملاقات لاءِ تيار نہ ٿيو. هنن کي چوائي موڪليائين تہ جيستائين شاهہ شجاع درياهہ پار ڪري هُن پر نہ ويندو، تيستائين پنهنجي ملاقات ممڪن ناهي. اوهان بہ اهڙو خيال دل ۾ نہ آڻيو. ميرن انهيءَ تي اوڏي مهل پنهنجن ماڻهن کي هيءُ نياپو ڏئي شاهہ شجاع ڏانهن اماڻيو تہ: اسان مرحوم وزير فتح خان جي عذر خواهي لاءِ سردار محمد عظيم خان وٽ وڃڻ ٿا چاهيون، پر هو اوهان جي خطري کان ملاقات ڪرڻ نٿو گهري. اوهان جيڪڏهن يلائي ڪري ميان شاهل محمد جي مَقبري مان نڪري درياهہ جي هن پر هليا وڃو تہ نهايت مناسب ٿيندو. اسان مرحوم فتح خان جي عذر خواهي کان پوءِ ساڳيا خادم ٿي رهنداسون جهڙا آهيون. ائين ڪرڻ سان سيئي ڪلفتون ۽ ڪدورتون هڪ ٻئي جي دلين تان ميسارجي وينديون. اسان تہ هونئن ئي اوهان جي تابعداري ۾ آهيون. اميد اٿئون تہ اڳتي هلي سردار محمد عظيم خان بہ اوهان جي فرمان هيٺ هلڻ جي ڪندو. شاهہ شجاع کي خبر هئي تہ مير ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڪيس ٽيڙ ڏيڻ ٿا چاهين تہ جيئن هڪ جاءِ تي هيڪاندو نہ هجي، ان ڪري درياهہ پار ڪرڻ تي تيار ٿيو ۽ نيٺ وڃي هن پار رسيو. ميرن هن سان جيڪو سلوڪ پئي ڪيو، تنهن کي سارينديي هر گهڙيءَ افسوس ڪندو ٿي رهيو پر حالتن اڳيان مجبور هو!

*

ڪائي پي عيش ڪري پاڻ ۾ وعدا وعيد پورا ۽ پختا ڪيا، ويتر جو هڪ ٻئي ڪي شاهي سوڪڙيون پيش ڪيائون تہ هڪ ٻئي جا گهاٽا يار بڻجي پيا.

اهي سوڪڙيون لڳ ڀڳ لک رپئي جون هيون، جيڪي ميرن پاران سردار محمد عظيم خان ۽ سندس اميرن، پائرن کي ڏنيون ويون. تنهن کان سواءِ لشڪر جي خرچ پکي لاءِ بہ ٻارهن لک الڳ ڏيئا ڪيائون. موٽ ۾ سردار محمد عظيم خان ميرن کي پوشاڪون پهرائي ماڻائتو ڪيو ۽ هنن پنهنجا وڪيل مقرر ڪري موڪل ورتي.

هڪ پاسي حيدرآبادي مير جهمپٽين ۾ (١) چڙهي درياهہ اورانگهي هليا تہ ٻئي طرف خيرپور جي ميرن پنهنجي ماڳ ڏانهن رخ رکيو ۽ هوڏانهن شاهہ شجاع درياهہ جي پرينءَ پڪ ميرن جي بيوفائي ۽ ڏِڍائي تي وٽ ڪائيندو ٿي رهيو، پر وريس ڪي بہ نہ ٿي. نيٺ نااميديءَ جي عالم ۾ اتان هلي درازن ۾ اچي دڳو دمائي فقير ميان قبول محمد(٢) جي در تي اچ وڃ ڪرڻ لڳو، جتي پڳهار جي سوال تي سندس سپاهہ جو ساٿس ٽڪر ٿي پيو. پاڻ پنهنجي پريشانيءَ ۾ هونئن ئي پورو ٿي چڪو هو، وري جو مٿان هيءَ مصيبت نازل ٿيس تہ سپاهہ کي ٽڙيون پٽائيندي پڳهار ڏئي پلو آجا ڪيائين. پوءِ پنهنجون ڪي توبون خيرپور جي والي مير رستم خان وٽ امانت رکي اتان جيسلمير جو گس وٺي لڏياڻي ڏانهن لڏو ڪٽي هليو. واٽ تي آن پاٽي جي اٿاوت ۽ اٿاٽ تنهن کان سواءِ موتمار گرمي، جنهن کان صفا ڦاڻ (هلاڪ) ٿي پيو، تڏهن بہ وڃي ماڳ رسيو.

*

---

(١) جهمپٽي (Jhampti) ننڍي ٻيڙي، جيڪا خاص ڪري ميرن جي سواري لاءِ هوندي هئي. انهيءَ جي رفتار بہ تکي ڇني وڃي ٿي.

(٢) فقير ميان قبول محمدﷺ ڏسو تعليق.

(٢٦)

## ميرن جي مصالحت کان پوءِ سردار محمد عظيم خان جو شڪارپور اچڻ، اتان ڀل اڳاڙي خراسان/افغانستان/وڃڻ:

ساڳي سال جڏهن شاهه شجاع لڌياني روانو ٿي ويو ۽ ميرن به پنهنجي ماڳن ڏانهن موٽ ڪاڏي ته اچانڪ سردار محمد عظيم خان اچي شڪارپور ۾ نڪاءُ ڪيو ۽ شاهي باغ ۾ لهي رات ڏينهن ڪشميري ڳائڻن وڄائڻن جي ناچ ڳاني، شراب ڪباب جي شغل ۽ عيش عشرت ۾ لڳي ويو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ميرن وٽان ڍل اڳاڙي شهر مان پڇي ويل شاهوڪارن کي چنيون لکي اڳاڙي لاءِ زور پريائين، پر انهن پنهنجي عاقبت ۽ جان مال جي خوف کان شهر ۾ اچڻ کان لنوائڻ جي پٺي ڪئي ۽ جواب ۾ حيلا بهانا ڪندا ٿي رهيا. آخر سردار موصوف کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪي معتبر ماڻهو ڏانهنس موڪلي سندس خدمت گذاري ڪيائون.

سردار محمد عظيم خان سڀ ڪم لاهي ڪڇيءَ جي رستي کان خراسان [افغانستان] اسهيو ۽ شڪارپور جي پچر چڏيائين(١). وات تي پاڻيءَ جي اڻاٺ جي ڪري سندس سپاهه ٽڪرن ۾ ورهائجي وڏي مشڪل سان وڃي پار پيو. تڏهن به انهيءَ مصيبت دوران هن جا ڪيئي ماڻهو ضايع ٿي ويا ۽ ڪيترا گهوڙا مري ويس. شڪارپور ڇڏڻ کان پوءِ هتان جي انتظام هلائڻ لاءِ سردار شير دل خان کي مقرر ڪري ويو، جنهن جي بهادري، بلند همت ۽ عدالت سخاوت جا قصيدا شاعرن جي لکڻ کان مٿي هئا. هن جيئن شڪارپور جي حڪومت سنڀالي ته بلوچ ڌاڙيوالن ماڻهن جي لٽ ڦر تي اچي سندرو ٻڌو ۽ شهر جي دروازن تان چڙهايون پٺي ڪيائون.

سردار شير دل خان رمضان جي مهيني ۾ سخت گرمي ۽ روزي جي تڪليف هوندي به ايماني غيرت ۽ شجاعت سان انهن جون پاڙون پٽيندو رهيو. جتي به انهن بدڪارن جو پرو ٿي پيو اتي هيءُ باز وانگي پهچي ڪين جهڙپ ڏئي شڪار ڪندو ٿي

---

(١) جيڪب آباد ۽ سبي جي وچ واري ايراضي کي 'ڪڇي' سڏبو آهي. جيڪا اتر طرف سانيڪو ميلن جي وٿيءَ تي آهي ۽ ريل به ايڏانهن وڃي ٿي.

رهيو. انهيءَ مارا ماريءَ ۾ ڪيترن رهزنن جا ڌڙ سسيءَ کان ڌار ٿي ڪيائين ته ڪن کي جيئرو ڪڙي قابو ڪندو ٿي آيو. ان لاءِ حڪمراني جي قانون ۽ سياست موجب هر قسم جي سختي اختيار ٿي ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو انهن ارڏن مان ڪنهن کي ڪر مٿي ڪڻي ٻيهر ڪنهن به ڪارستاني جي همت نه پئي ٿي. ائين خدا جي خلق کي سک ۽ آرام نصيب ٿيو. اهڙي بهترين انتظام جي ڪري ماڻهو نهايت امن ۽ سلامتي سان اوسي پاسي اچڻ وڃڻ لڳا. سردار موصوف ستن اٺن مهينن تائين شڪارپور جو انتظام سنڀاليندو رهيو ۽ عدل انصاف تي عمل پيرا رهي شڪارپور جي رعايا جي پرگهور پئي لڌائين ۽ هر ڪنهن سندس عدل انصاف ۽ رعيت پروري جي ساراهه ٿي ڪئي.

ان کان پوءِ سردار رحمدل خان کي قنڌار کان گهرائي شڪارپور جو حاڪم مقرر ڪيو ويو ۽ سردار شير دل خان پنهنجو عهدو ڇڏي خراسان/افغانستان وڃڻ جي تياري ڪئي. پنهنجي روانگي وقت سردار شير دل خان مون (مؤلف) کي به خراسان، افغانستان وٺي هلڻ لاءِ خيال ڏيکاريو، پر مون کي جيئن ته پيءُ ماءُ جي رضامندي کپندي هئي، ان ڪري نه وڃي سگهيس. پوءِ جڏهن ماءُ پيءُ وٽان اجازت مليم ته سردار موصوف جي حڪم جي تعميل ۾ تيار ٿيس.

آٺون ڪيترن مهينن کان پوءِ خراسان/افغانستان وڃڻ لڳس، جيتوڻيڪ هتي سردار رحمدل خان پاران مون کي شڪارپور ۾ رهڻ لاءِ زور پريو ويو ته به مجبوري هئي جو مرزا عطا محمد خان قنڌاري، جيڪو فصاحت، بلاغت، سخنوري توڙي نڪته پروري ۾ بي مثال هو، تنهنجي موجودگي هتي ترسڻ مناسب نظر نٿي آيو.

مرزا عطا محمد خان قنڌاري، جيڪو سردار مذڪور سان مرزائي جي عهدي تي آيو هو، تنهن مون کي چيو هو ته اڄڪلهه حڪومت ۾ ڪي اهڙا اڪين ٻوٽ موجود آهن، جيڪي ڪنهن جو قدر ڪري نٿا ڄاڻن، انهيءَ حالت ۾ اوهان (مؤلف) جو هتي ترسڻ نيڪ نه ٿيندو، ويتر جو اسان هيترا سارا خرچ ڪاپار ڪري ۽ مسافري جون سختيون سهي خراسان/افغانستان کان هت اچي پهتا آهيون ته اوهان جي رهڻ ڪري هرو ڀرو نقصان ۾ پئجي وينداسين.

جيتوڻيڪ هر ڪنهن جو رزق خدا تي آهي ته به ناحق ڪنهن جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهي، پنهنجي نفس جي هوس پوري ڪرڻ لاءِ ٻئي جي روزي تي لت ڏيڻ همت ۽ مروت جي ريت کان پري سمجهي، مون مرزا صاحب جي راءِ رکي ۽ پنهنجي قسمت موجب داڻي پاڻي جي ڇڪ سبب روانو ٿيس، جيئن چوندا آهن ته داڻي پاڻي جو آهو، لوهي

قيد ڪرڻ کان وڌيڪ سگهارو هوندو آهي. انهيءَ لاچار کان شڪارپور ڇڏي قنڌار وڃڻ جي ڪيم. ان سفر لاءِ اتفاق سان اهو سهو پيدا ٿي پيو جو ڪو عرصو اڳ شاهه شجاع پنهنجي سپاهه مان ڪي پيادا روهيلا، هندستاني ۽ تلنگانه جا سپاهي هٽي رهائي ويو هو، اهي سردار شير دل خان جي خواهش موجب عبدالصمد خان سان گڏ خراسان[افغانستان]پئي ويا، مون ڪي به انهن سان گڏ اماڻيو ويو(١). آءُ ساڻن گڏجي منزلون هٽندو نيٺ قنڌار پهچي نائب صاحب جو سلامي ٿيس. اتي منهنجي پهچڻ جي دير هئي، بس پوءِ ته مون لاءِ مسافر نوازي، قدرداني ۽ مهمانداري جي وٺ وٺان لڳي ويئي. مون ڪي پنهنجي محسن جي مرضيءَ موجب قسمين قسمين مهربانين ۽ نوازشن سان نوازڻ جون تياريون ٿي ويون ۽ هن عطائي تي ايترين عطائون ٿيڻ لڳيون جو ڳالهه ڪري نٿي سگهجي. مون کي بروقت حمام ڏانهن اُماڻيو ويو، جتي مالشين هٿن، پيرن وغيره جي مالش، بدن تان مهٽي مير صفا ڪرڻ ۽ حجامت لاهڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه رهائي. ان سان گڏ هر گهڙيءَ "صحت حمام" جا وٺندڙ گفتا ورجايا پئي ويا، جن ويتر هيانءَ پئي ٺاريو. انهيءَ چيٺ چاڪريءَ ۾ منهنجا عضوا، جيڪي مسافريءَ جي ڪري ميرا گپ ٿي چڪا هئا ۽ تڪ کان چرڻ پرڻ جي نٿي ڪيائون، تن ۾ ڄڻ ٻيهر ساهه پئجي ويو ۽ مان اهڙو تازو توانو ٿي پيس جو ڀانءِ ته هينئر ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو هيس. منهنجي بدن ۾ ڪوبه ٿڪ يا ماند ڳائي جو اثر باقي نه رهيو.

حمام هلندي ٿوري جهٽ ڪپڙن لاهڻ واري ڪمري ۾ آرام ورتم ته جيئن حمام جي ٻاڦ بدن جي ڇوڏاري وري رهيو ڪهيو روڳ به لاهي ڇڏي. پڇاڙيءَ ۾ مون کي مصريءَ جو شربت بيد مشڪ جي عرق سان پياريو ويو ۽ نائب صاحب وٽان عطا ٿيل پوشاڪ پهرائي ويئي. ان کان پوءِ آءُ جناب نائب صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، جتي دعوت جو انتظام هو. انهيءَ دعوت ۾ مون لاءِ ايترا طعام آندا ويا جو انهن جي واکاڻ لکڻ کان ٻاهر آهي.

اهڙيءَ ريت ڪيترا ڏينهن منهنجي مربي نائب ملا مؤمن خان جا مون تي اڪيچار احسان هلندا رهيا ۽ هر روز منهنجي وندر جا جتن ٿيڻ لڳا. ڪڏهن اولياء ڪرام جون زيارتون پئي ڪيم ته ڪڏهن خراسان[افغانستان]جي معززن سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي ڪرائي ويم ته ڪڏهن وري اهل ڪمال طبقي سان ملاقاتون پئي ٿيم. ڪچهريون هلندي دوستن جا منڙا ٻول ٻڌي اهڙي مناڻ ٿي محسوس ٿي، جنهن جي پيٽي ڪانه هئي.

(١) ڏسو تعليق نمبر ١٩.

هيڏانهن سنڌ ۾ وري ڇا رکيو هو، نه ڪٽڪ جي ماني نه زبان مڙساڻي، اها به ڪا ڳالهه آهي؟ (سنڌ ۾) هڪ ته ڪٽڪ جي اُٽاٽ ٻيو مڙساڻي زبان جي اڻ هوند. سنڌين جي ماني جواري (جوئر جي) ۽ سنڌن روبو خواري، هتي سڀ علم ڪمال کان عاري ۽ سنڌن طبيعت ۾ حسد ۽ ڪينو ڀاري!

نائب ممدوح سردار شيردل خان اڳيان نيابت ۽ ڪارمختاري جي عهدي تي مامور هو، جن مان ڪار مختاري وارو عهدو منهنجي اختيار ۾ آيو ۽ مان خدا جي فضل سان انهيءَ انتظام ۾ لڳي ويس. مون کان اڳ انهيءَ عهدي تي مرزا احمد خان مقرر ٿيل هو. مون جڏهن سنڌس جاءِ والاري ته هن مون سان ڏاڍو سهڻو سلوڪ رکيو. جيتوڻيڪ دنيا بيوفا آهي ۽ بغض، دشمني کان پاڪ نٿي رهي، تنهن هوندي به مرزا احمد خان پنهنجي چڱمڙسي جي ڪري ان حالت ۾ جو آءٌ سنڌس مسند جو مالڪ ٿي چڪو هيس، مون سان ڏاڍو سهڻو رويو رکندو آيو ۽ ڪڏهن به ڪنهن تيسي ۾ اچي مون سان ڪا ابتي روش روا نه رکيائين، نه وري ڪنهن ڳالهه تان منهن ۾ ڪو گهنج وڌائين. بلڪ سدائين مٺڙ محبت سان هلي منهنجي دل کي پنهنجو شيدائي بڻائيندو رهيو ۽ منهنجي رضاجوئي ۾ ڪين ٿي گهٽايائين.

آفرين آهي اهڙي نيڪدل انسان تي ۽ خدا جي مٽس ۽ سنڌس پيءُ ماءُ تي رحمت هجي جيڪو هن دور ۾ جنهن ۾ حسد ۽ ڪيني وارن جي ڪا به ڪمي ناهي، هن خاڪسار (مؤلف) سان هر وقت ۽ هر حال ۾ محبت ۽ شفقت سان هلندو آيو، جيڪو هن جي حسن اخلاق جو ڪمال آهي.

زمانو ڪٿي ڪهڙو به بيوفا ڇو نه آهي ته به چڱن ماڻهن کان خالي نٿو ڏسجي. جن جي نيڪي ۽ مردانگي جا قصا يادگار جي حيثيت رکن ٿا. ڪنهن چواڻي:

هتي نه محفل نه ساقي نڪي پيمانو رهندو،
پر مهر ۽ مروت جا افسانا ئي باقي رهندا.

بهرحال آءٌ نائب موصوف جي نوازشن ۽ عنايتن سان گڏ ان جي ڀائٽي عاليجاهه طرهه باز خان جي قدرداني جي ڪا به صفت ۽ ساراهه ڪري نٿو سگهان، جيئن چوندا آهن ته: "هي اهو درياهه ناهي، جنهن کي ڪو ڪنارو هجي!"

خدا شاهد آهي ته مون به جيئن چنجي تيئن پنهنجو مرم پني رکيو. مختارڪاري جي دور ۾ مون سردار شير دل خان جي عملي ۽ سپاهه جي پگهارن ۾ به لک چاليهه هزار رپيا پني ڏنا ورتا، ليڪن مون کان نائب صاحب اهو ڪڏهن به نه پڇيو ته اهي ڏوڪڙ ڪهڙي نموني خرچ ڪيا ويا ۽ ڪنهن ڪنهن کي ڏيڻ وٺڻ ۾ آيا. اهڙيءَ ريت

مون تي ڪلي اعتبار رکيو تي ويو ۽ مون بہ سھٽي نموني تي نباھ ڪيو:

دولت جي امانت درحق اڍنگي ماڻھو جي راھ ناھي،

ڏنگو تير ڪڏھن بہ پوري نشاني تي نٿو لڳي.

مون پوري امانت ۽ ديانت داريءَ سان جيڪو ڪار مختاري جو خاص اصول آھي، ڪابہ ھيٺ مٿاھين نہ ڪئي، ايتري قدر جو ھڪڙي ڪوڏيءَ جي خيانت بہ مون کان ڪانہ پڳي.

”جيڪو شخص چڱيءَ طرح حق نمڪ ادا نٿو ڪري،

سو ڪنھن بہ پاسداريءَ لائق نٿو ٿئي.“

انھيءَ چوٽيءَ تي عمل ڪندي مون قنڌار ۾ پورا بہ سال نائب موصوف ۽ سردار شير دل خان جي خدمت ۾ گذاريا ۽ ڪار مختاري جو عھدو توڙ رسايم.

ان کان پوءِ جڏھن شھزادو ڪامران ھرات مان قنڌار تي چڙھي آيو ۽ سردارن جي ساڻس ڇڪري شروع ٿي تہ بہ آءٌ ساڻن گڏ ھيس. انھيءَ دوران جيڪي جنگي واقعا درپيش ايندا رھيا، تن ڪي تفصيل سان لکي (اڳتي) پيش ڪجي ٿو.

*

## (۲۷)
## شهزادي ڪامران جي قنڌار تي ڪاهه - هن جو فراهه جي قلعي ۾ داخل ٿيڻ ۽ سردارن جو ڪانئس قلعو واپس وٺڻ:

سال ۱۲۳۸هه/۱۸۲۳ع جي جمادي الثاني مهيني تائين مٿي ذڪر ڪيل سردارن قنڌار ۾ عيش آرام سان وقت پئي گذاريو. ڪڏهن عام ماڻهن ۽ واپارين سان مڙئي ڪانه ڪا چور پچور به ڪندا ٿي آيا، خاص ڪري سندن مامو خدا نظر خان جنهن قنڌار جي نظامت پئي هلائي، خدا ترسي ڪان پري رهي، رعايا توڙي تاجرن سان تعديون ڪندو ٿي آيو، جنهن ڪري چوڌاري ان جي خلاف دانهوڙ متل هئي. چوندا آهن ته:

جڏهن ڪنهن ڪي آزارين ته،
بدلي ڪان بيخبر نه رهجانءِ،
چلو ته آزاريل جي هڪ آهه،
سو تارين برابر هوندي آهي!

انهيءَ دوران اوچتو خبر پئي ته شهزادو ڪامران قنڌار تي ڪاهڻ لاءِ، هرات ڪان پوري اتالي ۽ جنگي ساز سامان سميت پنهنجي شهزادي جهانگير ڪي سندس مامي وڪيل خان ۽ مهولي خان سان، هرات ۾ رهائي، فراهه جي قلعي تي اچي ڪڙڪيو آهي، جتي وڏيڪ لشڪر گڏ ڪري اڳتي وڌڻ جا سانباها پيو ڪري.

اهو احوال گلزار خان باميزئي جيڪو جو تيئن قنڌار جي سردارن ڏانهن موڪليو ته اجهو شهزادي ڪامران هيئن قنڌار تي قبضي ڪرڻ جي تيارين ۾ لڳو پيو آهي؛ جيڪڏهن ان جو جلد ڪو اپاءُ ڪرڻ ۾ نه آيو ته پوءِ اوهان ڪي ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي. اهو ٻڌي سردارن بنا ڪنهن ويرم جي جوابي ڪارروائي جي سنبت ڪئي، جنهن ۾ سردار ڪهندل خان، پردل خان، شير دل خان ۽ پين عبدالله خان (عبدالرحمان خان) اڇڪزئي ملا مؤمن خان غلزئي، رمضان خان هوتڪي، هوت خان (عزت خان) غلزئي، يونس خان بارڪزئي، تاج محمد خان بارڪزئي، مرزا احمد خان عملي باشي وغيره سان گڏجي ٽي هزار سوار پندرهن سو پيادا (روهيلا، نجيب، تلنگا) ۽ توبون تولان اڳيان ڪري فراهه جي قلعي ڏانهن نڪري هليا. پويان سردار مهردل خان ڪي گل محمد خان نائب سان ڪجهه ڪٽڪ سميت رهائي ويا. تڏهن سردار رحمدل خان شڪارپور ۾

## (٢٨)

## شهزادي جهانگير هٿان هرات جي قلعي ۾ مهولي خان جو قتل ٿيڻ- هرات جي اميرن پاران بغاوت ڪري شهزادي جهانگير کي هرات مان هڪالي ڪيڻ ۽ وري حاجي فيروزالدين شاهه کي تخت تي ويهاري سندس تختو ڪيڻ ۽ پڇاڙيءَ ۾ محمود شاهه کي تخت ڏٺي ڪري شهزادي ڪامران کي قلعي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ:

شهزادو ڪامران جڏهن هرات جو قلعو پنهنجي پٽ شهزادي جهانگير سان گڏ وڪيل خان ۽ مهولي خان جي حوالي ڪري قنڌار هٿ ڪرڻ لاءِ فراهه جي قلعي ڏانهن وڌيو ته پويان وڪيل خان ۽ مهولي خان جي اچي پاڻ ۾ لڳي. ان تان شهزادي جهانگير انهيءَ ڇڪتاڻ هلندي، پنهنجي مامي وڪيل خان جي چُرچ تي، مهولي خان کي مارائي هن دنيا مان ئي محو ڪري ڇڏيو.

چوندا آهن ته دنيا ادلي بدلي جي جاءِ آهي، سو هرات جي اميرن مصطفيٰ خان زوري(١) دوست محمد خان ابدالي زئي ۽ ٻين گڏجي شهزادي جهانگير ۽ سندس مامي وڪيل خان کي هرات جي تخت تان هٽائي اُتان تڙي ٻاهر ڪڍيو ۽ ان جي جاءِ تي حاجي فيروزالدين شاهه کي تخت تي ويهاريائون. هيءُ ٿورن ڏينهن کان پوءِ تخت ڇڏي ڪعبي جي زيارت لاءِ مڪي هليو ويو. پويان سندس امير سموري رعيت سميت فرمانبرداري ڪندا رهيا. ليڪن انهيءَ فرمانبرداري ايترو جٽاءُ نه ڪيو، سٽت ئي سڀ نافرمان ٿي پيا ۽ محمود شاهه کي تخت جي گهوڙي تي سوار ڪيائون. آخر ان جو به تختو اونڌو ڪري امير امراء پنهنجي سر بادشاهي جي پڳ ٻڌي ملڪ هلائڻ لڳا. انئين مهيني ڏيڍ تائين هرات جو تخت شطرنج جي مُهرن جان هر ڪنهن جي هٿ چراند ۾

---

(١) زوري اصل ۾ غوري آهن، جيڪي هرات جي اتر ۾ بادغيس جا رهاڪو هئا. هيءُ ساڳيو قبيلو يا قوم آهي، جنهن اڳتي هلي سوري جي نالي شهرت حاصل ڪئي. هيءُ به افغان آهن، جيڪي غورين واري دور ۾ هندستان اچي اتي تڙي پکڙي ويا. شير شاهه سوري به انهن مان هو. غوري بادشاهن جا وڏا به ساڳيا غوري يا سوري چيا وڃن ٿا.— حبيبي

هلندو آيو. شهزادو ڪامران فراهہ جي قلعي تي قبضي دوران جڏهن انهيءَ واردات کان واقف ٿيو تہ هڪدم ڪٺي پويان پير ڪيائين. پهريان پنهنجي پيشڪار مهولي خان جي موت تي افسوس ۾ پئجي ويو. انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ قندار تي چڙهائي ڪرڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيائين. هاڻ پڪو پهہ ڪري هرات جي حڪومت هلائڻ لاءِ واپس وريو. هيءُ جڏهن منزلون ماريندو، هرات جي قلعي ٻاهران اچي رسيو تہ هرات جي اميرن ۽ خانن سندس رستو روڪي ڪيس قلعي ۾ داخل ٿيڻ کان جهلي ڇڏيو. انهيءَ ڪروڌ ۾ پاڻ ڪيترا ڏينهن قلعي جي ٻاهران شاهي باغ ۾ پهہ پچائيندو ۽ هرات جي بادشاهي جا خواب لهندو رهيو، پر اندر پروڻ ٿيو پيو هيس. قلعي ۾ وڃڻ لاءِ هن گهڻائي حيلا هلايا پر وريس ڪجهہ بہ ڪين. قلعي جا در جيئن سندس لاءِ بند ٿيا تہ وري نہ کليا. نيٺ هڪ رات قلعي اندر الڳ پاڙي ۾ رهندڙ بردراني(١) قبيلي جي ماڻهن سازش ڪري قلعي جي پٽ تي ڏاڪڻيون اُڀيون ڪيون ۽ شهزادي ڪامران کي اندر وڃڻ جو وجهہ ملي ويو. پر بدقسمتيءَ سان قلعي جي چوڪيدارن کي کڙڪ پئجي ويئي، جن هوشيار ٿي هڪلون ڪيون. شهزادي ۽ سندس لشڪر کي جڻ چوڏاري ڇڇڙ چنبڙي ويا. وٺي جو هلان ٿي تہ سڄو ڏينگو ئي ڏيري ٿي پيو.

شهزادي جيڪي وس ڪيا، تن مان جو ڪجهہ ٿيو سو تہ رهيو پنهنجي ماڳ، اٽلندو اميرن ڪيس چتاءُ ڏنو تہ قندار جا سردار فراهہ جي قلعي هٿ ڪرڻ کان پوءِ هڪيا تڪيا تنهنجي ڪڍ پيا اچن پهريان وڃي انهن سان منهن ڏيڻ جي ڪر، جيڪڏهن اتان ڪيپ ڪٺي آئين تہ پوءِ هرات بہ پري ناهي. حاصل مطلب تہ شهزادو ڪامران هرات جي اميرن جي مخالفت ۽ عداوت سبب بلڪل مايوس ۽ نراس ٿي پيو. ڪيترا ڏينهن انهيءَ حسرت ۾ قلعي جي ٻاهران شاهي باغ ۾ خيما کوڙي پنهنجي قسمت جا پٽڪا پئي پٽيائين.

ٻئي پاسي قندار جي سردارن اچي مير داؤد جي قلعي وٽ ديرو دمايو، جيڪو هرات جي پسگردائي ۾ آهي(٢). هاڻ هو شهزادي ڪامران سان سنئون سڌو مقابلو ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي چڪا هئا، جنهن لاءِ هر گهڙي گهات پئي گهڙيائون.

*

---

(١) بردراني بہ دراني قبيلي مان آهن انهن کي يوسف زئي ۽ مهمند وغيره بہ ڪوٺيندا آهن. هي افغانستان اندر تورائي ۾ آهن. سندن کي ڪٽنب پشاور، سوات، ڪنرلڪ ۽ باجوڙ جي آسپاس ۾ رهن ٿا.— حبيبي.

(٢) مير داؤد- هرات کان ٢٠ ميلن جي فاصلي تي ڏکڻ پاسي آهي. هتان هريرود جي وادي شروع ٿئي ٿي.

## (٢٩)

## قنڌار جي سردارن جي فراهه جي قلعي مان نڪري هرات ڏانهن روانگي، شهزادي ڪامران طرفان شمان آخوندزادي جي سردارن ڏانهن سفارش ڪٽي اچڻ ۽ سندس خالي هٿين واپسي:

سردار جڏهن فراهه جو قلعو ڇڏي، شهزادي ڪامران سان جنگ جوٽڻ لاءِ هڪليندا هرات کان ويهارو ميل پري خاڪ سفيد واري ماڳ تي پُهتا ته شهزادي ڪامران جو وڪيل (سفير) آخوند زادو شمان تڙتڪڙ ۾ وٽن ڪَهي آيو ۽ کين وينتي ڪيائين ته: "شهزادو ڪامران هاڻي دغا دشمني کان توبهه تائب ٿي اوهان جي ايڪي ۽ اتفاق لاءِ آتو ٿيو آهي. هو اوهان سان صلح ڪرڻ ٿو چاهي ڪيس هن کان پوءِ اوهان سان وير ويڇي واري ڪابه ڳالهه رکڻي ناهي. هو چاهي ٿو ته دستوري عهدنامي کان پوءِ فراهه وارو علائقو، جيڪو هرات جي حڪمراني سان تعلق رکي ٿو، اوهان کي موٽائي ڏنو وڃي. ان سان گڏ هڪ لک رپيا به اوهان کي پري ڏيندو ۽ پنهنجو هڪ شهزادو پڻ اوهان جي خدمت ۾ ڇڏيندو، جيڪو هميشه لاءِ اوهان وٽ هوندو. شرط اهو آهي ته اوهان هرات تان هٿ ڪٽي واپس قنڌار هليا وڃو!"

سردارن کي اڳيئي سڌ هئي ته شهزادو ڪامران هن مهل جڏهن جٽان ڪٽان نراس ٿي تابن ۾ اچي چڪو آهي، تڏهن لاچار کي آچار سمجهي اهڙن ايلازن تي لهي آيو آهي، هوندئن ته ڪيس ڪنهن جي به ڪا پرواهه نه هئي. خير ۾ پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪندا آخوندزادي کي دم دلاسا ڏيندا، اڳتي وڌندا پئي آيا. انهن منزلون ڪندا جڏهن خواجه اورياجي درگاهه تائين اچي ويا ته پنهنجن سياڻن سڄڻن جي صلاح سان آخوندزادي کي هيءُ خط ڏئي شهزادي ڏانهن اُماڻيائون ته: (١)

اوهان جي وڪيل هٿان تفصيلي خط مليو، جنهن ۾ مصالحت ۽ تنازعي جي صفائي بابت ڪي ڳالهيون لکيل هيون. اوهان کي سچي خبر آهي ته اسان توڙي مرحوم وزير فتح خان ڪيتري قدر سدوزئي خاندان جون خدمتون سرانجام ڏنيون

(١) اوريا-فراهه جي اتر اوير ۾ ٧٤ ميلن جي پنڌ تي مشهور واهڻ آهي جو سبزوار کان ٢١ ميل پراهون ٿيندو. قاموس جغرافي افغانستان، ١-١٨٠، ڊيوس راپورٽ ٣٠٢.

واري ويڙهه) ڪونيو تي ويو. انهيءَ ئي سال خدا جي قدرت سان ايڏا مينهن اچي پيا جو سوار ته ٺهيو، پيادا به ائين ئي اهنج ۾ اڙيا، جيئن گڏهه گپ ۾ ڦاسي پوندو آهي.

سردارن مينهن وسندي مورچن ۾ پناهه ورتي جتان پير پاهر نٿي ڪڍيائون. انهن مورچن ۾ ميوي وارن طباخن، ڪاسائين ۽ ٻئي سامان وڪڻندڙن جي ايڏي بازار ٿي وئي، جو سڄو ماحول ڄڻ هرات جو ٻيو شهر ڏسڻ ۾ آيو.

سردار گلزار خان، جيڪو سالو خان جو مامو هو، تنهن کي علائقيءَ کان واقف هئڻ ڪري اوسي پاسي مان زوري ڍل اڳاڙڻ تي رکيو ويو. جنهن ٿوري عرصي ۾ لکين رپيا گڏ ڪري سردارن جي خزاني ۾ داخل ڪيا. ان جي عيوض سردارن گلزارخان کي ڏاڍي عزت ۽ اهميت پئي ڏني، جيڪا هن لاءِ وڏي وٺ هئي.

پر هوريان ڏاڍيان جيئن چوندا آهن ته جنهن ظالم جو پاسو ورتو، خدا ان جو منهن پٽ سان هنيو. سردار گلزار خان انهن خدمتن جي صلي ۾، جيڪي هن زوري ڍل اڳاڙڻ وسيلي پئي ڪيون، هرات کان واپس ورڻ تي اهڙو اگرو نتيجو ڏٺو جو ان جو تفصيل اڳتي ايندو ته ڪيئن گلزار کي اک ڇنڀ ۾ بربادي نصيب ٿي.

*

(٣١)

## سردار شير دل خان جو محمد خان کوهي جي ملاقات لاءِ وڃڻ ۽ هن جو کوهي جي دغابازي کان آگاهه ٿيڻ ۽ وري واپس هرات اچڻ:

بارش بند ٿيڻ کان پوءِ سردارن مورچا ڇڏيا ۽ شاهي باغ ۾ اچي ترسيا، جيڪو هرات جي قلعي پرسان هو. ان هوندي به ٻئي ڌريون جنگ ۽ قتلام ۾ رڌل رهنديون آيون. انهيءَ دوران محمد خان کوهيءَ سردارن ڏانهن سنيهو موڪليو ته: اسان اصل کان اوهان جي خاندان سان خلوص واري روش رکندا ٿا اچون ۽ اوهان جي اچڻ لاءِ دعائون پئي گهريونسين، شڪرانا رب جا جو نيت اسان جي دل جي مراد پوري ٿي. اسان چاهيون ٿا ته هرات جي قلعي هٿ ڪرڻ لاءِ اسان به اوهان سان ٻانهن ٻيلي ٿي اها مهم سر ڪريون، پر هڪ ڳالهه ڏکي پئي لڳي ته گهڻي وقت کان سالو خان اسان کي آزيون پيو ڪري ته ڪيس اوهان سان ملائجي. ڇو ته هن تي اوهان جي ناراضگيءَ جو ڏاڍو ڊاءُ ويٺل آهي.

جيڪڏهن اوهان مان ڪو هڪڙو سردار اسان سان اچي ملاقات ڪري ۽ سالو خان تي هٿ رکي ته هن جو ڊپ لهي ويندو. ساڳيو سالو خان اها مهر مروت ڏسي اوهان جو خدمت گار ۽ جان نثار ٿي پوندو، جنهن کان پيهر ڪا به نافرمانيءَ ڪانه ٿيندي. پيو هي ته بنياد بيگ هزارو سدائين اسان جو جاني دشمن رهندو اچي ٿو، هن وقت اوهان جي هٿ وس آهي. چڱو ائين ٿيندو ته ڪيس ٻڌي قيد ۾ وڌو وڃي. ائين ڪرڻ سان اسان جي دوستيءَ ۾ واڌارو ٿي ويندو ۽ اسان اوهان جا احسان سدائين پيا ساريندا سين.

انهيءَ ڪم جي سرانجامي کان پوءِ اسان پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري اچي اوهان سان گڏبا سين. خدا جي فضل سان هرات جي قلعي جا در پڇي پورا ٿي پوندا. اوهان کي خبر هئڻ کپي ته هرات جي اميرن جو اسان کان سواءِ ڪو وسيلو واهي ڪونه آهي. هاڻي به هو جنهن آذر ايل تي پيا هلن سا اسان جي ئي آهي. اسان جيئن اتي رسيا سين ته قلعي جون ڪنجيون اسان جي ڪيسي ۾ اچي پونديون ۽ قلعي جي فتح، بنا ڪنهن

جهيڙي جهٽي جي، سردارن جي باب لکي ويندي.“(ص. ١٩٩)

سردار صاحب اهي ڳالهيون ٻڌي ڪوهيءَ جي وڪڙ ۾ اچي ويو ۽ ساڻس دوستي ڳنڍڻ جو خيال ڪري دل ۾ چوڻ لڳو ته هن سرزمين جا ماڻهو ڏاڍا بي مروت ۽ دغاباز آهن. ايتري قدر جو ابليس جا به استاد لڳن! خبر ناهي ڪهڙي به وقت اسان کي نقصان ۾ وجهي ڇڏين. انهن کان بچڻ لاءِ اڄ ئي سوچڻ کپي، متان سياڻي ڪندا ڪيڏا پورن. هيءَ اچا انهن اونٺارن ۾ هو ته ڪنهن اچي اطلاع ڏنس: محمد خان ڪوهي، بنياد بيگ هزاري جو لڪ لڪ خانو(١) پنهنجي قبضي ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي خودبنياد بيگ جون پاڙون پٽڻ تو چاهي.

اها خبر جڏهن سردارن جي ويجهو رهندڙ بنياد بيگ تائين پهتي ته هڪدم حيران پريشان ٿي پنهنجي پٽ کي هرات ۾ ڇڏي پاڻ ڪٽڪ سميت پوئتي وريو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ سردارن ڇا ڪيو جو پنهنجو مرم ڇڏي ڪوهيءَ جي ڪن پرڻ تي بنياد بيگ جي پٽ کي جهلي نظربند ڪيائون. اهو ڪم لاهي سردار شير دل خان کي گهوڙي سوار ساڻ ڪري ڪوهيءَ جي ملاقات لاءِ کڻي ويو ۽ مشهد خورد ريزه وٽ وڃي ساڻس مليو(٢).

ڪوهيءَ جو سردار کي پاڻ وٽ ڏٺو ته ڏاڍي سرهائي ۾ اچي ويو؛ بس پوءِ ته مهمان نوازي ۾ لڳي پنهنجي وٽ کان وڌيڪ هن جي خوشامد ڪرڻ لڳو. پر دل ۾ جا دغا هيس، اها ائين ئي رهيس ته اجهو رات جي دعوت تي سردار جو سر ڪٽي پنهنجو مطلب پورو ڪندس. اهي رنگ ڏسي ڪوهيءَ جي هڪ توبچي (جيڪو هن کان اڳ سردار وٽ ملازم رهي چڪو هو) سردار کي چتاءُ ڏئي ڇڏيو ته اوهان جي باري ۾ هيءُ سٽيو ويو آهي.

سردار اها ڳالهه دل ۾ رکي ظاهري طرح بهادرن وانگي بي خوف ٿي پنهنجي سپاهه کي اندرين خاني تيار ڪري ويهي رهيو. اها ڪل ڪوهي کي به پئجي ويئي ته سردار کي پٽڪ پئجي چڪي آهي، سو پنهنجو ارادو بدلائي سردار سان ٿڌيون مٺيون ڳالهيون ڪري ڪيس دعوت ۾ وٺي آيو، جتي وري پاڻ ۾ نمي ويا ۽ سالو خان کي به گهرايو ويو، جنهن کي سردار هٿ ڦيري دلداريون ڏئي دپ داءُ کان آجو ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن ڪوهي کي تحفا آڻي سردار کي پيش ڪيا ۽ سندس مامي خدا نظر

---

(١) هڪ شلڪ خانو؟ لڪ لڪ خانو هرات جي اتر ۾ هزاره قبيلي جو ماڳ، جنهن جو ذڪر تاريخ هرات سيفي ص ٣١٩ ۾ آيل آهي.

(٢) خورد ريزه، هرات جي اتراهين پاسي باد غيس ۾ فيروز ڪوهي جو تاڪ.

خان کي پاڻ وٽ رهايائين پوءِ موڪلائي ڪان اڳ سردار شير دل خان کي چيائين تہ ميمنہ (١) ۽ اورگنج(٢) ۾ رهايل سپاهہ، جيڪو بنياد بيگ هزاري جي بيخ ڪيڻ لاءِ گهرايو ويو هو، سو اتيئي رهايو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هن وقت بنياد بيگ جو لڪ لڪ خانو اسان جي هٿ هيٺ اچي چڪو آهي ۽ بنياد بيگ پاڻ باميان(٣) واري قلعي ۾ دربدر پيو ٿئي. تنهن ڪان سواءِ سندس پٽ بہ اوهان وٽ نظربند آهي. ٻي ڳالهہ تہ منهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن اهوئي بنياد بيگ هو. ان صورت ۾ مٿين ڀنهي هنڌن تان سپاهہ کي واپس آڻڻ مناسب نہ ٿيندو. ان لاءِ سالو خان کي روانو ڪجي ٿو. باقي رهي ڳالهہ هرات جي اميرن جي، جيڪي اوهان لاءِ واٽ ۾ اکيون وڇايو وينا آهن، تن وٽ رڳو پهچڻ جي دير آهي پوءِ قلعو ڪن پل اندر اوهان جي قدمن ۾ هوندو.

حقيقت هي هئي تہ ڪوهي دل ۾ ريب رکي سالو خان کي سردار جي روبرو ڪيو ۽ هن کي ميمنہ ۽ اورگنج موڪلڻ جو مقصد بہ اهوئي هو تہ جيئن انهيءَ سپاهہ کي اتي روڪڻ بدران واپس گهرايو وڃي، انهيءَ خيال سان تہ ان کي سردارن جي مقابلي لاءِ تيار رکجي.

سردار کي ڪوهيءَ جي دوهہ ۽ سالو خان جي سازش جو ڪو اونو نہ ٿيو ۽ هن پنهنجي مامي خدا نظر خان کي اتي ڇڏيو تہ پاڻ بہ هرات ڏانهن هليو آيو.

ٿورا ڏينهن نہ گذريا تہ ڪوهيءَ ڇا ڪيو جو چار هزار پيادن جو لشڪر، ٻہ هزار گهوڙي سوارن تہ هزار ڏيڍ خچر سوارن جو ڪٽڪ، پنج سو بندوقچين، توبن ۽ ٻئي جنگي سامان سميت سنبرائي سالو خان کي ساڻ ڪري هرات روانو ٿيو ۽ اتي پهچي مالان پل وٽ پڙاءُ هڻي وينو (٤)

سردار جيڪي اڳ ئي هرات ۾ هئا، تن هن جي آجيان لاءِ سردار ڪهندل خان کي موڪلي ڏنو. پاڻ وري مهمانداري جي بندوسبت ۾ لڳي ويا. سندن اکيون ڪوهيءَ جي اوسيئڙي ۾ هيون. ٿوري دير ڪان پوءِ سردار ڪهندل خان واپس اچي ٻڌايو تہ محمد خان ڪوهي پنهنجي پويان ايندڙ لشڪر ۽ سامان سڙي جي ناهہ نوهہ لاءِ چئن ڏينهن

---

(١) ميمنہ، هرات جي اتر ۾ هڪ شهر.

(٢) اورگنج خوارزم جي گادي جو هنڌ. ساڳيو جرجانيہ (گرگانج) جيڪو هن وقت روس ۾ شامل آهي.

(٣) باميان ڪابل جي اتر اولهہ ۾ مشهور شهر. هتي پهاڙن اندر معاتما ٻڌ جا وڏا بت موجود آهن. هتي ڪڏهن ٻڌ مت وارن جو وڏو مرڪز هو. اڄڪلهہ اتي هزاره قبيلي وارا رهن ٿا.

(٤) هري رود پل جيڪا هرات جي ڏکڻ ۾ آهي. (مالان پل)

جي مهلت گهري آهي، تنهن ڪان پوءِ پاڻ اچي سردارن سان ملندو.

سردارن ڪوهيءَ جي ان ڳالهه تي اعتبار ڪري چئن ڏينهن گذرڻ جو سوڻو ڪنيو. هنن اهو ڪونه ٿي ڄاتو ته ڪوهي اندر ئي اندر هرات جي قلعي جا پور پچائيندو ٿو رهي ۽ هن جي هٿ ڪرڻ لاءِ هرڪيو وينو آهي. هن ڪي اها لڳي پئي هئي ته هرات جي اميرن ڪي ريهي ريبي پاڻ ڏي سورجي ۽ سردارن ڪي مڙئي ڳالهين ۾ رهائڻ جي ڪجي. ان ڪان به وڏيڪ هو اجا انهيءَ فڪر ۾ هو ته ڪيئن به ڪري خود سردارن ڪي اويڙ ۾ آڻي قيدي بڻايو وجي پر اهو سندس وس ڪان ٻاهر هو.

*

## (٣٢)

## محمد خان ڪوهيءَ جي دغابازي - سردارن سان جنگ جوڙڻ ۽ جنگ ۾ سندس شڪست کائڻ:

ساڳي سال ١٢٣٨ھ/١٨٢٢ع ۾ محمد خان ڪوهي هرات ۾ داخل ٿي ظاهري طرح سردارن جو پاسو وٺي اندرين نموني هرات جي اميرن سان هڪ ٿيڻ جا جتن ڪندو رهيو. ايتري ۾ چار ڏينهن به اچي پورا ٿيا ۽ سردار ڪهندل خان وري سندس ملاقات جي لاءِ وٽس اچي سهڙيو؟ ٻئي طرف سردارن شاهي باغ ۾ هن جي مهماني جون تياريون ڪري ڇڏيون. ڪاڏي لاءِ ڪيترن قسمن جا طعام ته آجياڻي واسطي توبون ميدان تي آنديون ويون. پر ڪوهي سردار ڪهندل خان سان ملڻ بدران پنهنجو رخ بدلائي ڪي سوار ۽ پيادا اڳ ۾ ته ڪي پويان ڪري سنئون سڌو هرات جي امين ڏانهن مهاڙ ڪئي ۽ قلعي ۾ داخل ٿي ويو. سردارن جو مامو خدا نظر خان، جنيڪو ڪوهيءَ سان گڏ هو اهو لقاءُ ڏسندي اچرج ۾ اچي اوڏيءَ مهل ڪانئس الڳ ٿي هليو آيو. پر ڪوهي جي ماڻهن سندس اڳ جهليو ۽ هن جو ساڻن ٽڪر ٿي پيو. ٻنهي پاسن ڪان ڪي مئا ته ڪي ڦٽجي پيا. آخر خدا نظر خان پنهنجي جان بچائي ٽڙندو تاٻڙندو وٽي پهتو.

هوڏانهن ڪوهي سان وري اها جُٽ ٿي جو جڏهن قلعي ۾ گهڙيو ته انهن ڪيس اڳتي وڌڻ بدران ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو. هنن جي مرضي هئي ته ڪوهي اڪيلي سر اندر اچي ڳالهيون ڪري هيڏي ساري لشڪر آڻڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

ائين ڪندي قلعي مان توبن جا ٺڪاءُ شروع ٿي ويا. سردارن کي ويتر حيرت وٺي وئي ته هيءُ سڀ ڪجهه ڇا پيو ٿئي! جيترا وات اوتريون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. ڪو چوي ته مصطفيٰ خان روزي ارگ (هرات جي شاهي قلعي) ۾ بغاوت ڪئي آهي. ڪنهن جو چوڻ هو ته سردار ڪهندل خان کي گرفتار ڪيو اٿن ۽ خدا نظر به انهيءَ سان گڏ قلعي اندر قيد آهي.

هاڻي سردارن کي اچي ڳڻتيءَ ورايو ته هن حال ۾ ماٺ ڪري ويهي رهڻ مناسب نه ٿيندو. ٿي سگهي ٿو ته ڪوهيءَ ۽ هرات جي اميرن جو لشڪر گڏجي باغ جون پٽيون

ٽپي اچي اسان تي چڙهائي ڪن، پوءِ جان ڇڏائڻ ڏکي ٿي پوي. بهتر آهي تہ باغ کان ٻاهر نڪري ڪا ڳڻ ڪئي وڃي.

سڀ کان اڳ ۾ سردار شير دل خان پنهنجي عملي سان گڏ گهوڙي تي چڙهي وڃي هرات جي لشڪر جو اڳ جهليو، جيئن شاهي باغ جو بچاءُ ٿي سگهي. ان سان گڏ سردار پردل خان وري تنبو طولانن سميت سمورو سامان باغ مان ڪٽائي سڄو سپاهہ ساڻ ڪري هرات لڳ صفرواري(١) تخت ڏانهن نڪري ويو.

محمد خان ڪوهي جي لشڪر جو اها صورتحال ڏٺي تہ سمجهائين، ميدان خالي ٿي چڪو آهي. سو هڪدم باغ ڏانهن ڪڙدي ڪيائين، پر سردار شير دل خان جيڪو اڳ ۾ ئي گس جهليو ويٺو هو، تنهن ڪوهي جي لشڪر سان اچي منهن ڏنو.

ٻنهي پاسين اچي چڪري لڳي. ڪوهي جا ڪيئي سپاهي تاڪرو ٻڪرين وانگي حلال ٿيندا، پنهنجي ڦاهي ٽنگبا ويا تہ ڪي تيرن ترارين کان رتو رت ٿي آسيرا پاسيرا پٽ تي پئي ڇيچلاٽيندا رهيا.

سردار ڪهندل خان وجي تخت صفر تائين رسيو ۽ سڄي سپاهہ کي جنگي سامان سميت ٿانيڪو ڪيائين. هيڏانهن سردار شير دل خان بہ مصلحت جي خيال کان جنگ جو ميدان ڇڏي جبل جو پاسو ونڻ جي ڪئي. هو جيئن پوئتي هٽڻ لڳو، تيئن ڪوهيءَ جي لشڪر توبون ڇوڙيندي سندس پيڇو ڪيو، اهو ڀانئي تہ سردار شڪست کائي پويان پير ڪندو پيو وڃي.

ڪوهي هرات جي لشڪر سان گڏجي جڏهن شاهي باغ وٽ آيو تہ اتي پر لٹہ لڳي پئي هئي ليڪن پريان شير خان موٽ کائي وڄ وانگي اچي سندس مٿان ڪڙڪيو. پوءِ تہ ڪوهيءَ جي لشڪر ۽ هرات جي سپاهہ سان اها ٿي جو ڏٺيءَ جي پناهہ!

سردار شير دل خان جي لشڪر هنن ۾ اچي اهڙا تاڪوڙا وڌا جو هيڏانهن حملي جي دير هئي تہ هوڏانهن موت ويرم ئي نہ پئي وڌي. چئني طرفن دانهون ڪوڪون اُڀ ڏاريندي ون ٿي ويون. سردار جي سپاهين دشمنن کي ڏاڙهين مان جهلي سندن سسيون ڌڙ کان ڌار ٿي ڪري ڇڏيون. هو ملڪ الموت کي پنهنجي اکين آڏو ڏسندي ليلاٽيندا ٿي رهيا تہ خدا جي واسطي اسان کي قتل نہ ڪريو. اسان بہ اهل سنت جماعت وارا مسلمان آهيون. جواب ۾ سردار جي سپاهين کين پئي ڏمڪايو تہ بڪواس بند ڪريو.

---

(١) هرات جي اتر ۾ ٽن ميلن جي وٿيءَ تي صفر نالي تفريح گاهہ مشهور آهي.

توهان کي قتل ڪرڻ عين ثواب آهي. (١) اهو چئي سپني جون مُنڍيون لاهيندا گهوڙن جي زين ۾ ٻڌل رسين سان سوگهو ڪندا ٿي ويا.

جڏهن ڪوهي ۽ هرات جي لشڪر کي شڪست فاش(٢) (ٻڏري پٽ شڪست) نصيب ٿي تہ سردارن جا لشڪري فتحمنديءَ جي خوشي ۾ دشمنن جون هٿيڪيون ڪيل مُنڍيون کڻي وجي سردارن وٽ پهتا. اُهي مُنڍيون هنن جي اڳيان اُڇلي جنگي خدمتن کان بيخود ٿي افغاني زبان ۾ پنهنجي خدمت گذاري، جان نثاري ۽ مردانگي جو اظهار هن طرح پئي ڪيائونٽ تہ: هاڻ اسان جون پگهارون وڌايو! (٣) سردارن ڪلي ڪين آفرين پئي ڪئي. آخر هر ڪنهن کي پنهنجي مردانگي ۽ بهادري جي آثار تي انعام اڪرام ڏئي سرهو ڪيائون.

جنگ جو ڏنڊ اجا پراهون نہ ٿيو هو تہ هرات جي اميرن پنهنجا ڪٽڪ هرات جي قلعي ۾ آڻيندي وري جنگ جي شروعات ڪئي. سردار شير دل خان اجا اڳئي جنگ مان واندو ٿي سامت جو ساهہ مس کنيو هو تہ اجهو هيءَ مصيبت مٿان اچي نازل ٿي. جنگ کان منهن موڙڻ عار سمجهي سردار همت ڪري پنهنجي لشڪر کي حوصلو ڏياري دشمن جي دوبدو ڪيو. نيٺ وڏي دليريءَ سان ويڙهہ ڪندي پاڻ ملهايائون. آخر هرات وارن کي هار کائي ميدان مان فرار اختيار ڪرڻو پيو ۽ سڀ وڃي قلعي پيڙا ٿيا نتيجو اهو ٿيو جو وري نہ جهيڙي فساد ۾ منهن وڌائون.

رات مٿان اچڻ تي سردارن وڃي صفر واري ماڳ تي منزل ڪئي. صبح جو اتان ڪوچ ڪري هرات کان ٽي ڪوهہ پري چمن زار وٽ اچي آرامي ٿيا ۽ پنهنجي خانن هر هڪ عبدالله خان اڇڪزئي، نائب ملا مؤمن خان غلزئي، رمضان خان هوتڪي، حاجي خان ڪاڪڙي سان مجلس ڪندي چوڻ لڳا: محمد خان ڪوهي اهڙي چالبازي ڪئي جو پيٺي ناهي. هوڏانهن سالو خان بہ ميمنہ ۽ اورگنج مان ڪٽڪ آڻي درياهہ جي هن پر اچي لٿو آهي. پئي پاسي هرات جو لشڪر بہ تيار پيو ڏسجي. اسان ٻن بلائن جي منهن

(١) چوندا آهن تہ جنگ ۾ سڀڪجهہ جائز هوندو آهي. هتي بہ ساڳي ڳالهہ ورجائي وئي.

(٢) هيءَ شڪست فاش (ٻڏري پٽ هار يا شڪست) هڻڻ کپي. شڪست فاحش الائي ڇو عام استعمال ٿيندڙ آهي. مترجم

(٣) هتي مرتب حاشيہ آرائي ڪئي آهي تہ پٺاڻ لشڪرين پنهنجي سردارن کي پشتو ۾ جيڪي لفظ چيا هئا اهي حقيقت ۾ هن ريت هئا: دشمنن جون مُنڍيون اسان اوهان جي..... ويهڪ واري جاءِ تي اڇلايون تا، ڏسو تہ مڙس هيٺن تراريون وهائيندا آهن- ۽ اوهان آهيو جو جڏهن اسان جي پگهارن جو وارو ٿو اچي تہ پنهنجي.... ويهڪ واري جاءِ لوڏيندا (.... موڙ ڪندا) رهو ٿا. -حبيبي

۾ اچي وياسين ته پاڻ بچائڻ ڏکيو ٿي پوندو. مناسب آهي ته درياهه پار ڪري مير داؤد وٽ هلي ويهي رهون(١). جيڪڏهن هڪ پاسي کان سالو خان منهن ڪڍيو ته ساٽس مهاڏو ڏبو، جي ٻئي طرف کان هرات جو لشڪر آيو ته ان جو بلو به ڪيو ويندو. اسان کي اتي ٻن لشڪرن جو خاص خطرو نه هوندو.

هن جي انهيءَ صلاح تي سڀني هاڪار ڪئي. ٻئي ڏينهن چمن زار وٽان ٽڏو پٽي اوبه(٢) وٽان درياهه اُڪري مير دائود ۾ آيا، جتي ڪي ڏينهن ترسي سوچ ويچار ڪندا رهيا. ايتري ۾ هڪ گهوڙي سوار ٽپالي سردار مهردل خان جو خط کڻي وٽن پهتو، جنهن ۾ لکيل هو ته: سمندر خان باميزئي قنڌار تي ڪٽڪ چاڙهي آيو آهي، جنهن ڪري سخت چڪري هلي پئي. پنهنجو نائب گل محمد هتان سپاٽي هن سان مٽي مائٽي جي ڪري ملي اسان کي کو دوکو ڏئي وجهي ۽ قنڌار هن جي حوالي ٿي وڃي، ان ڪري وڏي خرابي ٿيڻ واري آهي. چڱو آهي ته سردارن مان ڪو هڪڙو بنا ڪنهن ويرم جي قنڌار هليو اچي ۽ دشمن سان اچي منهن ڏيڻ جي ڪري. ٻي حالت ۾ ڦرڪوني ڦري ويندو.

سردارن کي اچي ڦقڙي جاڳي، سوچڻ لڳا ته هاڻي جيڪڏهن هرات جو سونو سر تي ٿا کڻون ته قنڌار هٿان هليو ويندو، اڳو پوءِ اٿين نه ٿئي جو هِتان به وڃون ۽ هُتان به ڪجهه هٿ نه اچي. ڪنهن ڏاهي چواڻي:

"گڏهه ويچاري پُڇ جي آس ڪندي،
پڇ ته وڃايو، پر ٻئي ڪن به هليا ويس!"

بس پوءِ ته هرات جو خيال ڇڏي سڄي سپاهه سميت قنڌار ڏانهن واڳ ورايائون. محمد خان ڪوهي ۽ سالو خان، ساڻن جيڪا جُٽ ڪئي، تنهن تي افسوس مان جڪ کائيندا ويا.

*

(١) مير دائود: هرات کان ٢٠ ميلن تي اتر طرف هڪ ماڳ. هتان هري رود جو درياهه شروع ٿئي ٿو.
(٢) اوبه: اوبهه هرات جي اوڀر ۾ هري رود درياهه جي ڪپڻ تي هڪ ماڳ.

ايترين عقوبتن ۽ ايذن عذابن کان پوءِ بہ جڏهن گلزار خان کان هڪ لک رپيا روڪ پرايا ويا، تڏهن سندس جند ڇٽي. هرات ۾ هن جيڪي خدمتون ڪيون هيون تن جو بدلو اجهو ڪيس انهيءَ ريت پلئہ وڌو ويو.

شهزادو ڪامران، جيڪو هرات مان فرار ٿيڻ کان پوءِ لاش جي قلعي ۾ سهڙي هرات هٿ ڪرڻ جا خيالي پلاءُ پچائيندو ٿي رهيو ۽ اوسيئڙي جي آوهر ۾ ٿي پچريو تہ الائي هرات جو ڇا ٿيندو ۽ بادشاهت جي اها لال ڪنوار ڪنهن جي ياڪر پيڙي ٿيندي؟ هن جڏهن سردارن جي واپسيءَ جي خبر ٻڌي تہ خوشيءَ ۾ نٽي ماپيو. هڪدم پنهنجي پٽ سلطان علي کي عطا محمد خان الڪوزئي، جهانداد خان باميزئي ۽ ٿوري لشڪر سان گڏي روانو ڪيائين تہ وڃي شڪست کاڌل سردارن تي ڪڙڪي. شهزادي سلطان سبزوار وڃي لشڪر ٿي گڏ ڪيو تہ هن حڪم ٻڌڻ سان جيستائين ڪجهہ ڪري، تنهن کان اڳ ۽ خبر پيس تہ سردارن اچي سبزوار جو پاسو ورتو آهي. سو مقابلي جي سگهہ نہ ساري اتان نڪري ٻارهن ڪوهن جي فاصلي تي جبلن ۾ وڃي پناهي ٿيو. سردار جڏهن سبزوار ۾ داخل ٿيا تہ اڌ رات جو وڳڙو هو. هڪ افغان (اڇڪزئي) اچي ڪين ٻڌايو تہ: شهزادو سلطان علي پنهنجي خانن ۽ ٿوري ڪٽڪ سميت سون سان پريل هيتيون پاڻ سان ڪٽي لشڪر گڏ ڪرڻ جي خيال ۾ سبزوار آيو هو تہ جيئن سردارن جو اڳ وٺجي، پر اوهان جي اچڻ جو ٻڌي دل نہ جهلي سگهيو ۽ سڌو وڃي جبلن ۾ پناهي ٿيو آهي.

سردارن جو سون جي ٻيتين جو نالو ٻڌو ۽ شهزادي جي ڀاڄ جي بہ خبر ملين تہ شير دل خان پنج سو سوار ساڻ ڪري،ساڳي افغان جي رهنمائي ۾ سندس پويان پيو. آخر رات جي پوئين پهر ۾ جڏهن شهزادو پنهنجي خانن ۽ لشڪر سميت مٺي ننڊ ۾ محو هو، سردارن وڃي اتي نڪاءُ ڪيو. پهريان سوارن جي چوڪيءَ تي چڙهائي ڪيائون، جيڪي رستن تي قائم ڪيل هيون. اهي بہ انهيءَ ويل قضا سان ننڊ ۾ غافل ستل هئا.

چوڪين تي چڙهائي ڪندي جيڪو سامان ۽ سواري جا وهٽ هنن کي هٿ آيا اهي ۽ قيد ڪيل سوار سوگها ڪري سردارن جا لشڪري بڪٽي بگهڙ وانگي شهزادي سلطان علي جي ڳولا ڪرڻ لڳا. آخر ان جي خيمي تي وڃي رسيا، جتي شهزادي سميت سندس خان ستل هئا. گوڙ تي هنن اکيون کوليون تہ موت جي مارن کي پنهنجي

مٿان ڏسي سندن حوصلا خطا ٿي ويا. ونئي جو ڀاڄ ۾ منهن وڌائون ته اڪ چنپ ۾ پرواري جبل تي وڃي ساهي پٽيائون. پٺيان سردارن جي سپاهين سامان ۾ اچي هٿ ڳنڊيا.

شهزادي جو جبل تان هيٺ نظر ڪئي ته لٽ ڦر ۾ رڌل ٿورا سوار ڏسي افسوس ڪندي خانن کي ساڻ ونئي سوارن سان اچي ڳنڊيو، جيڪي اوچتي حملي ڪان ڇڙوڇڙ ٿي ويا. شهزادو تڙيل پکڙيل سامان گڏ ڪرڻ ۾ هو ته مٿان شيردل خان پنهنجي اتالي سان وارد ٿيو ۽ ويڙهه وڌي ويئي. شهزادي جي لشڪر کي پڇي جان بچائڻي پئي. هوڏانهن شهزادو به ميدان ڇڏي خانن سان گڏ وري وڃي جبل ۾ جاءِ سنڀاري ويٺو.

جبل تي پهچڻ کان پوءِ شهزادي کي اندازو ٿيو ته چڙهائي جي ڪري وري جنگ جوڙي سگهجي ٿي. اهو خيال ڪري سردارن سان وچڙي ويو. لاڳيتا به ڏينهن اها تيرن تفنگن جي جنگ هلندي رهي. سردارن کان اهو نٿي پڳو ته جبل تي چڙهي وڃي دشمن کي مات ڪن، تنهن ڪري جنگ هلندي رهي. آخر شهزادي جا خان، گولي بارود جي کوٽ سبب، اچي عاجز ٿيا ۽ ٻيو چارڙهو نه ڏسي سردارن کي افغاني زبان ۾ نيزاري ڪرڻ لڳا ته:

"خدا کي ڏسو! اسان به دراني ۽ اوهان جا مٽ مائٽ (سيال) آهيون. اسان قسمت جي لکئي موجب پڇي جان بچائي آهي. هن حال ۾ اوهان کي اهو نٿو جڳائي ته اسان جي ڪڍ اچو! بهتر آهي ته واپس هليا وڃو. هيستائين جيڪي ٿي چڪو آهي اهو اتيئي راز ۾ رکيو وڃي."

سردارن جڏهن ڏٺو ته شهزادو ۽ خان هاٿي دل هاري چڪا آهن ۽ آزيون پيا ڪن، هيڏانهن اسان به جبل تائين ساٿن پڄي نٿا سگهون، تنهن ڪري سندن پيڇو ڇڏي جنگ تان هٿ ڪٽي ويا. ليڪن شهزادي جو جيڪو سامان ۽ گهوڙا وغير هئا، سڀ لٽي ڦري واپس سبزوار ۾ آيا ۽ ڪي ڏينهن اتي رهي پيا.

هن ويڙهه ۾ عجب جهڙي ڳالهه اها ٿي ته سردارن جي جن سپاهين کي جنگ جي لوري لڳل هئي، تن کي ڦر جو مال هٿ نه آيو. جن وري ٻنهي هٿن سان مال ميڙيو تن جنگ ۾ هڪڙو تير به نه هنيو!

سردارن سيني کي حڪم ڪيو ته جنگ ۾ جنهن کي به جيڪو مال هٿ لڳو آهي، اهو اسان وٽ آڻي ته جيئن سيني کي ونڊي وراهي ڏجي. اهو حڪم ٻڌي سپاهين پوئواري بدران ڪروڌ ۾ منهن وڌو ۽ لڙڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سردارن هنن جو اهو رخ

ڏسي سياڻپ ڪري هر هڪ شيءِ جي قيمت ڪٿائي. ائين سيڪجهہ سپاهين وٽان وٺي سوگهو ڪري رکيائون. جن سپاهين کي جنگ مان ڪجهہ نہ مليو هو، تن کي ٿورو گهڻو مال متاع ڏئي راضي ڪري ڇڏيائون.

پوءِ هيءُ (سردار) سبزوار مان روانا ٿي جڏهن فراهہ جي قلعي ڏانهن وڌيا تہ قنڌار مان آيل هڪ قاصد کين خبردار ڪندي ٻڌايو تہ سمندر خان، ڪي ڏينهن جنگ جي نيت سان قنڌار جو گهيرو ڪري اچي ويهي رهيو، پر گلزار خان جي وچ ۾ پوڻ تي سردار مهردل خان کان ڪجهہ ڏوڪڙ وٺي هڙ ڪوسي ڪري واپس هليو ويو.

سردارن انهيءَ اوچتي آفت جي لُڙ لهي وڃڻ جي دلجاءِ ڪري پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ فراهہ جي قلعي تائين وڃي تورڙ ڪيائون. هنن اڳئين پيري هرات ڏانهن ويندي ٻارهن هزارن رپين جون ٿيلهيون فراهہ جو درياهہ اُڪرندي وڃايون هيون، جنهن لاءِ ٽوبا گهرائي پاڻيءَ ۾ لاٿائون، جن هٿ پير هڻي کي ٿيلهيون هٿ ڪيون تہ ڪي درياهہ بادشاهہ جو ڀَڪُ ٿي ويون. آخر لڌل ٿيلهيون گوڏي هيٺان رکي باقي رقم فراهہ جي رعيت وٽان وصول ڪري پنهنجو پيٽ ڀريائون.

اُتان ٿي وري شهزادي ڪامران سان ويڙهہ ڏيڻ لاءِ لاش واري قلعي ڏانهن چڙهائي ڪيائون، جنهن تي مرزا ابو القاسم خان کي لشڪر جي ڪاڏي پيتي ۽ جنگي سامان جي جمع بندي لاءِ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ اُڪلاءَ کان پوءِ جيئن لاش جي قلعي ڏانهن هلڻ لڳا تہ هيءَ اندوهناڪ (ڏکدائڪ) خبر اچي ملين. سردار محمد عظيم خان حياتيءَ جو سفر پورو ڪري وڃي هُن جهان پهتو آهي.

اها خبر ملندي هڪدم ماتم اچي متو. بر وقت مرزا ابوالقاسم خان کي موٽائي آندائون ۽ فراهہ جي قلعي ۾ پيل توبون بارود سان ڀجرائي تڪر ڪرائي اتي ئي رکائي قنڌار هليا. جتي هفتي جي پنڌ کان پوءِ تاريخ ٢٥ ذوالحج ١٢٣٨هہ(١٨٢٣ع) ۾ وڃي دنگ ڪيائون.

قنڌار پهچي ٿڪ ڀڃي آسائش ورتائون. ڪيترا ڏينهن سفر جون صعوبتون سارينداِ، محمد خان ڪوهيءَ جي ڏني وائتي دغابازي جا سور پٽيندا ۽ هرات هٿ نہ اچڻ جا ارمان ڪندا رهيا.

*

## سردار شيردل خان جو ڪابل وڃي، سردار محمد عظيم خان جي پٽ حبيب الله خان کي گرفتار ڪرڻ ۽ سردار دوست محمد خان سان جنگ ڪرڻ پڇاڙيءَ ۾ ان کي صلح سان پنهنجو ڪري مرحوم محمد عظيم خان جي ساري دولت ميڙي وري قنڌار موٽي اچڻ:

سردار جڏهن هرات مان قنڌار واپس آيا تہ پاڻ مان هڪڙي ڄڻي کي مرحوم سردار محمد عظيم خان جي عذر خواهي لاءِ ڪابل روانو ڪرڻ جو ويچار پئي ڪيائون. اچانڪ ڪابل مان سردار محمد عظيم خان جي پٽ حبيب الله خان جو وٽن پيغام پهتو تہ سردار دوست محمد خان منهنجي پيءُ جي ملڪيت پويان باھہ ٻاري ڏني آهي ۽ ان لاءِ اسان جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي اٿائين. ان جو بلو هن صورت ۾ ٿي سگهي ٿو تہ اوهان مان هڪ سردار هيڏانهن پهچي وڃي.

سردارن پاڻ ۾ صلاح ڪري شير دل خان کي هڪ هزار جوڌا سوار ساڻ ڪري ڏنا، جيڪو سفر مهيني جي پڇاڙيءَ ١٢٣٩هہ (١٨٢٣ع) ۾ ڪابل اُسهيو. اتي پهچي هن پهريان سردار دوست محمد خان سان دوستيءَ جا پيچ پاتا ۽ محمد عظيم خان جي ملڪيت هٿ ڪرڻ جون سازش ڳالهيون ڪيائين. پٺي پاسي حبيب الله خان کي بہ هيٺيون مٿيون ڏئي انڪل سان دوست بڻائي وري اک ڇنڀ ۾ ڪيس گرفتار ڪري ڪشمير مان هٿ ڪيل سردار محمد عظيم خان جي سچي موڙي مڏي ڦٻائي حبيب الله خان کي قيدي جي صورت ۾ پنهنجي مامي خدا نظر خان جي قلعي ڏانهن اُماڻي ڇڏيائين، جيئن اتيئي هٿيڪو ٿيو پيو هجي.

ان کان پوءِ شير دل خان جي دماغ ۾ سوداءُ جاڳيو تہ هاڻي دوست محمد خان جو بہ سر ڪٽجي، جيئن اڪيلي سر پاڻ ڪشمير جي دولت ۽ ڪابل جي رياست جو مالڪ بڻجي سگهي. انهيءَ خيال سان دعوت جو بندوبست ڪري سردار دوست محمد خان کي سڏ موڪيائين.

سردار دوست محمد خان، جنهن کي وچ جي ڪا خبر ڪانہ هئي، پنهنجي ماڻهن

سان گڏجي اتي هليو آيو. ايتري ۾ مجلس جي ڪن اميرن ڪيس ڪن ڪٿايو ته تنهنجي گرفتاريءَ جون تياريون ٿي رهيون آهن. ان تان هو بيٺي پير دعوت جي مجلس مان نڪري هليو ويو ۽ گهر پهچي سردار شير دل خان کي سيڪٽ ڏيڻ جي لاءِ سوچڻ لڳو.

انهيءَ اندروني تنازعي جي خبر جڏهن قنڌار پهتي ته سردار پردل خان دوزانديشي کان ڪم وٺي بنا دير اچي ڪابل رسيو ۽ هنن ٻنهي کي پرچائي سرچائي جهيڙو تاري ڇڏيائين.

سردار شير دل خان ظاهري طرح ته مات ٿي ويو، پر اندر ۾ وري دوست محمد خان سان هٿ ڳنڍڻ جي پٺي ستيائين. نيٺ جنگ جي باهه ڀڙڪي اٿي. ٻنهي پاسن کان ڪيترا ماڻهو مارجي ويا. سردار دوست محمد خان آخر جنگ جو ميدان ڇڏي ڪابل جي شهر ۾ واپس ويو. ان جي پويان سردار شير دل خان به شهر ۾ وڃي ساڻس صلح جون ڳالهيون ڪيون. پوءِ ٻئي ٺاهه ڪري کير کنڊ ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي جون خوب دعوتون ڪيائون. هنن جي ياري ايڏي ته گهاٽي ٿي وئي جو ڄڻ پاڻ ۾ ڪا دشمني ئي ڪانه هين. ڪيترا ڏينهن سردار شير دل خان ۽ سردار پردل خان ڪابل ۾ سردار دوست محمد خان وٽ عيش ڪندا رهيا.

سردار شير دل خان پڇاڙيءَ ۾ نبيرو ڪندي سردار دوست محمد خان کان ڪشمير مان هٿ ڪيل سردار محمد عظيم خان مرحوم جي دولت پاڻ ورتي ۽ ڪابل جي رياست سندس حوالي ڪيائين. انهيءَ سوديبازي کان پوءِ هو قنڌار ويو.

سردار دوست محمد خان ڪابل جي گادي وسائي حڪومت ڪرڻ ۾ جنبي ويو. سردار محمد عظيم خان جون جيڪي زالون پويان رهيل هيون، تن مان هڪڙي کي پنهنجي نڪاح ۾ آڻي ٻين کي آزاد ڪري ڇڏيائين ۽ سردار محمد عظيم خان جي پٽ حبيب الله خان کي جيڪو خدا نظر خان وٽ قلعي ۾ قيد هو، واپس گهرائي ساڻس پاڻرن وارو سلوڪ ڪيائين. ويچاري حبيب الله خان جي حالت ايستائين ابتر ٿي چڪي هئي جو پيءُ جي ڪشمير واري دولت ۽ ذاتي خزاني وڃڻ ڪري چريو ٿي چڪو هو. اهو شخص جنهن جي حڪمراني واري زماني ۾ ٻارهن هزار لشڪر سندس اختيار ۾ اڳ پوءِ ۾ هوندو هو، سو در در ڌڪن کائڻ ۽ پنڻ جهڙو ٿي پيو.

سچ چيو اٿن ته دنيا جي دوستي ۽ وفا تي اعتبار ڪرڻ اجايو آهي. هنن رولڙن مان اهو ثابت ٿي چڪو ته ڪشمير جي دولت واقعي جيءَ جو جنجال هئي، جنهن به ماڻهوءَ جي ور چڙهي ان جو خانو ئي خراب ڪري ڇڏيائين.

سردار محمد عظيم خان جنهن جفا ۽ جُٺ سان ڪشمير جي هيڏي ساري دولت

گڏ ڪئي، سا ڪن پل ۾ لُٽجي وڃي شير دل خان جي جهوليءَ ۾ پئي ۽ ان کي بہ تباهيءَ ۾ وڌائين. تہ هن جي پوين جو بہ وري اهو حال ٿيو جو سڀ ڪجهہ ڦوڪي اڏائي نيٺ پنڻ هاب تي دربدري ۾ اچي ويا. دنيا جا اهي حال آهن جو: هڪڙي زاهد خواب لڌو تہ دنيا ڪنواري ڇوڪري وانگي پئي لڳي. هن کان پڇيائين: ايترن مڙسن هوندي تون ڪيئن ڪنواري رهجي وئينءَ؟ تنهن تي هن جواب ڏنو: جيڪو مڙس هو، تنهن مون کي هٿ ڪونہ لاتو، پر جنهن ۾ مڙسي ڪانہ هئي تنهن ڇڪي پاڻ وٽ رکيم. ان ڪري آءٌ ڪنواري رهجي ويس(١).

دنيا جيئن تہ نيڪن ۽ پرهيزگارن وٽان پنهنجي پرڪارن سبب تڙيل ۽ ڌڪاريل آهي، ان ڪري جيڪو هن جو طلبگار ٿيندو، سو ذليل ۽ خوار هوندو. دنيا جي مڏي موڙي ڪا حيثيت نٿي رکي.

*

(١) مؤلف هن ڪتاب ۾ ڪيترا دفعا ڪشمير جي دولت کي منحوس ڪري لکيو آهي. هو رنجيت سنگهہ جي موت کان وٺي افغان سردارن جي مرڻ تائين سڄي نحوست (چندانپ) جو ذميدار ڪشمير جي دولت کي ٺهرائي ٿو، جا ڳالهہ عام ماڻهن جي مشهور ڪيل آهي.

اصل تہ حبيب الله خان (محمد عظيم خان جي پٽ) توڙي سردار شير دل خان جي پوين جي تباهي سندن اخلاقي تربيت نہ هئڻ ڪري آيل هئي، جيڪي جوانيءَ کان بڇڙن ماڻهن جي سنگت ۾ رهي چرس ۽ ڀنگ جا عادي ٿي چڪا هئا، تنهن سان گڏ قوت باهہ جا ڪشتا کائي زنا جي زيادتي سبب پاڻ کي پاڻ وڏي بيدردي سان برباد ڪري ڇڏيو هئائون. هنن پنهنجي وڏن جي ميراث عياشي ۾ وڃائي ذهني ۽ جسماني ڪمزوري ۽ پستيءَ ۾ مبتلا ٿي پاڻ کي پنڻ لائق بڻائي ڇڏيو هو.

اسان ڪيئي اهڙا سردارن جا جايا مفلسي ۽ گداگريءَ جو شڪار ٿيندي ڏٺا، جيڪي هوش عقل کان بيگانا ٿي چڪا هئا. اهي تہ نهيو جن تي ڪشميري دولت ڦٻائڻ جو الزام آهي. پر جن کي ڪشمير جي ڪا دولت هٿ نہ لڳي سي بہ عياشي سبب بڇڙا ٿي ۽ بي موت مري ويا. —حبيبي

(٣٥)

## سردار رحمدل خان جو شڪارپور مان قنڌار وڃڻ ۽ پٺيان عبدالمنصور خان کي شڪارپور جو حاڪم مقرر ڪرڻ ۽ سنڌ جي ميرن جو شڪارپور تي قبضو ڪري عبدالمنصور خان کي اتان تڙي ڪڍڻ:

سال ١٢٣٩ھ (١٨٢٣ع) ۾ سردار شير دل خان ڪابل ڇڏي قنڌار آيو ته هڪ ٻن مهينن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ پنهنجي ڀاءُ سردار رحمدل خان کي شڪارپور مان گهرائي ورتائين، جيڪو اتي حڪومت هلائي رهيو هو. هن پنهنجي سالي عبدالمنصور خان کي پويان حاڪم مقرر ڪري شڪارپور جا وڻ ڇڏيا. ڇئن مهينن کان پوءِ افواهه (هاواٺا) شروع ٿيا ته خالصه سنگهه جون فوجون اڄ ڪي سڀاڻ شڪارپور تي چڙهي اچڻيون آهن. ان سان گڏ اهو به هُلايو ويو ته موسيونورليه ونتورا فرانسيس(١) پنهنجي لشڪر سان ديري غازي خان ۾ داخل ٿي چڪو آهي.

سنڌ جي ميرن جڏهن اهو ٻڌو ته ڪنهن چواڻي: جيڪڏهن خدا گهري ته دشمن به خير جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هڪدم پنهنجي خاص مشير نواب ولي محمد خان لغاري کي حڪم ڏنو ته افغانن کي شڪارپور مان نيڪالي ڏئي پنهنجو قبضو قائم ڪري ڇڏ! .

نواب ولي محمد خان لغاري انهيءَ حڪم کان پوءِ پهريان لاڙڪاڻي مان عبدالمنصور خان کي لاڳيتا خط لکڻ شروع ڪيا ته خالصه سنگهه(٢) جون فوجون شڪارپور هٿ ڪرڻ لاءِ سنبت ۾ آهن ۽ توکي خبر آهي ته شڪارپور اسان جي پاڙي کان پري ناهي، خدا نه ڪري خير! جيڪڏهن خالصن جو شڪارپور تي قبضو ٿيو ته ڏاڍي خرابي ٿي پوندي. خالصي جي ويجهي ٿيڻ ڪري اسان وڏي ڏچي ۾ اچي ويندا سين. ان ڪري چڱو ائين ٿيندو ته ان لاءِ اڳواٽ ئي ڪو اپاءُ ڪجي، سياڻا به ائين ئي چوندا آهن.

---

(١) فرانسيسي فوجي ماهر، جيڪو رنجيت سنگهه وٽ ملازم ٿي آيل هو. ڏسو تعليق نمبر ٢٤ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

(٢) خالصه سنگهه (رنجيت سنگهه).

هن وقت خراسان/افغانستان وارا پراهين پنڌ تي هئڻ سبب ترت هتي پهچي پوتو پاري نہ سگهندا، ڇو تہ اڄڪلهہ سيئي سردار خراسان/افغانستان ۾ خيما کوڙي سٽين دنبن جي گوشت، پشاوري چانورن، قنڌار جي سواڌي انگورن، گدرن، هنداڻن، سردن، ڏاڙهن ۽ فالودن جا چسڪا وٺي رهيا آهن ۽ ٿڌا پاڻي پي پنهنجو اندر پيا ٺارين. ان ڪري انهن جي غيرت جي گرمائش گهٽجي چڪي آهي ۽ سندن رڳن مان اسلامي حميت وارو خون خلاص ٿيل ٿو ڏسجي. هونءَ بہ جيستائين اتان جو لشڪر ايڏا ڪشالا ڪري هت پهچي، تيستائين شڪارپور ٺي هٿان هليو ويندو. ان صورتحال کي ڏيان ۾ رکندي اوهان لاءِ افضل ائين ٿيندو تہ ماڳهين شڪارپور کي اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو، ڇو تہ اسان وري بہ اوهان جا اسلامي ڀائر تہ آهيون.

اوهان جا سردار، جيڪي هن کان اڳ خالصہ سنگهہ کان سندس سلطنت جا ڪيترا علائقا کسي پنهنجي گوڏي هيٺان ڪري وينا آهن، سي برابر اڄ بہ شڪارپور جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا، پر انهيءَ شرط سان تہ اوهان هوشياري کان ڪم وٺي هاٿي جو هاٿي خراسان/افغانستان پهچي ڪين چتاءُ ڏيو تہ خطرو هن حد تائين وڌي چڪو آهي. بهرحال اوهان کي سڀ ڪم ڇڏي هتي پهچي بروقت بلو ڪرڻ کپي. اهڙيءَ ريت اوهان پنهنجن سردارن کي سمجهائي ڪجهہ ڪري سگهو ٿا نہ تہ بہ هو گوءِ هو ميدان...! پوءِ بہ جيڪڏهن ڪجهہ ٿيو تہ ياد رکو اهو اسان توڙي اوهان لاءِ نيڪ نہ ٿيندو.

عبدالمنصور خان اهو خط پڙهندو دل من هٽندو ٿي رهيو. نيٺ پيو ڪو چارو نہ ڏسي خراسان/افغانستان وڃڻ جو پڪو پهہ ڪيائين. ٻئي پاسي نواب ولي محمد خان لغاري ۽ ميرن کي بہ لکيائين تہ: خالصہ سنگهہ جو ٿوري پيماني وارو لشڪر ديري غازي خان ۾ پنهنجي ڪاروبار سنڀالڻ ۾ ئي پورو آهي. هن کي شڪارپور تي چڙهائي ڪرڻ جو ڪو خاص خيال ڪونهي. ليڪن اوهان جيڪي شڪارپور جي ڪيترن پروارن علائقن تي اڳ ۾ ئي پنهنجو قبضو قائم رکيو ٿا اڇو ۽ شهر جون باقي چار پتيون وڃي رهايون اٿوَ. اها لوري اوهان کي ئي لڳل آهي تہ اڳو پوءِ شڪارپور کي هڙپ ڪري ڇڏجي. انهيءَ لالچ ۾ اوهان عاقبت انديشي کان پاسيرا ٿي خالصہ سنگهہ جي افواهن کي بهانو بڻائي شهر تي قبضي ڪرڻ جي جيڪا دل ۾ رٿي آهي سان اوهان جي ئي ڳچيءَ ۾ پوندي.

اوهان کي خبر هجي تہ ائين ڪرڻ خود اوهان جي حق ۾ نيڪ نہ ٿيندو، نہ وري اوهان کي خراسان/افغانستان وارن سان ڦٽائڻ کپي، اوهان کي وري بہ اهو ٻڌائي ڇڏجي ٿو تہ شڪارپور تي قبضو اوهان کي ڏاڍو ڏکيو نتيجو ڏيکاريندو، تنهن کان سواءِ ائين

ڪرڻ سان اوهان جي وڏي بدنامي پڻ ٿيندي.

هن ويچاري جي انهن ڳالهين جو ميرن تي ڪو به اثر نه پيو. سندن خيال هو ته خراسان/افغانستان جي سلطنت اڳيئي لوڏن ۾ اچي چڪي آهي. تنهن ڪري هن طرف ڪنهن جو اچي منهن ڏيڻ اهڙو سولو ڪم ناهي، ويتر خالصه سنگهه جي چڙهائي جا افواهه به عام آهن ان ڪري اِج ئي ڪجهه ٿي سگهندو. اها سوچ ڪندي ميرن نواب ولي محمد خان لغاري کي ڪجهه لشڪر ڏئي. ۱۲۳۹هه (۱۸۲۳ع) ۾ شڪارپور هٿ ڪرڻ لاءِ اُماڻيو.

نواب ولي محمد خان لشڪر سوڌو لاڙڪاڻي مان هلي سڌو اچي شڪارپور جي شاهي باغ ۾ لٿو، جتي هن جمعي خان بارڪزئي کي سڏائي ڪيس سڀ ڪجهه سمجهائي حڪم ڏنو ته عبدالمنصور خان کي بنا ڪنهن ويرم جي خراسان/افغانستان روانو ڪري ڇڏ. ان سان گڏ شڪارپور جي سموري ڍل اُڳاڙي آڻي منهنجي هٿ تي رک! جيڪڏهن ان ۾ ڪا به ڪوتاهي ٿي ته تولاءِ نيڪ نه ٿيندو ۽ اهو سڀ تاوڻ توکان پرائي سموري پورائي ڪرڻ ۾ ايندي.

جمعي خان جو اهو نادري حڪم ٻڌو ته هيانءُ لاهي جهوري ۾ جهُرڻ لڳو ۽ سهڪندو وجي عبدالمنصور خان وٽ رسيو. ڪيس شڪارپور ڇڏي وڃڻ ۽ ڍل اڳاڙي ڏيڻ لاءِ زور پريائين. پر عبدالمنصور خان پنهنجي هوڏ تي اچي بيٺو، نيٺ نابري تان لٿو ۽ ٿورو نرم ٿي چوڻ لڳو: ان لاءِ ڏينهن ٻن جي مهلت کپي جيئن اڳ ۾ سردارن جون فرمائشون پوريون ڪجن. ان کان پوءِ توهان جيئن چوندا تيئن ڪرڻ ۾ ايندو.

جمعو خان، جيڪو اڳيئي نواب ولي محمد خان جي دپ کان ڪُرڙيءَ وانگي ٿي ڪنبيو، سو هڪ گهڙي ميٺ محبت سان ته ٻي گهڙيءَ تُندي ۽ تيزيءَ سان هن کي سنائڻ لڳو، چئي: مان پلا ٻنهي جي وچ ۾ ڪيئن اچي ڦاٿس. هوڏانهن نواب پيو ڏمرجي ۽ منهنجي بي عزتي پئي ٿئي ته هيڏانهن اوهان ترين ئي ٿي هنيو بيٺا آهيو، اها آخر ڪهڙي قسم جي ڇڳمڙسي چئبي؟

هنن جي وچ ۾ اهي ڳالهيون پئي هليون ته ايتري ۾ نواب ولي محمد خان لغاري جو ڪارندو دلاور خان ڪيترن ساٿارين کي ساڻ ڪري نواب صاحب جي حڪم سان شڪارپور لڳ سيٺ ميارام (۱) جي ماڙيءَ ۾ اچي پهتو. هن اچڻ شرط چوڌاري پڙهو گهمارايو ته اِج کان پوءِ هتي ميرن جو حڪم هلندو، پئي ڪنهن جي ڏاڪ نه رهندي. پوءِ

---

(۱) ميارام جي ماڙي اِج به شڪارپور جي ڏکڻ ۾ سنڌ واهه جي ڀرسان هڪ واهڻ جي صورت ۾ موجود آهي. -مترجم

جلدئي ڪوتوالي پهچي شهر جي انن دروازن(١) جون ڪنجيون قبضي ڪري اتي پنهنجا چاڙتا چڙي دلجاءِ سان گوڏو ڪوڙي ويهي رهيو.

ٻئي ڏينهن هو (ساڳيو ڪارندو) ڦٽي ڏئي، سينڌ سرمو ڪري ڪپڙا پهري سندرو ٻڌي، ترار چيلهہ سان لڙڪائي پنهنجن پولڙين سان گڏ شهر جي سير تي نڪتو. جڏهن بازارين ۽ گهٽين ۾ گهمندي سڄي ٽولي سميت نظارا ڪندي سهٽيون زالون ڏٺائون تہ هڪ ٻئي کي اکيون ڀڃي چوڻ لڳا: واهہ شڪارپور واهہ- ڀلا ڀلا مار ماريندا سون ڙي رئيسن جي سرن جي سلامتي هجي!

ائين وات هٽندا وڏندا ٿي ويا. ماٺهن هنن جون اهي خرمستيون ڏٺيون تہ اچرج ۽ افسوس مان هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا: شڪارپور ۾، هيلتائين خراسان/افغانستان جي اميرن جو ڳڙهہ هو. هاڻي اچي دلاور خان جهڙن واتوڙين جي ور چڙهيو آهي. خدا ڀيو خير ڪري باقي ميرن جا سو اجهو اهي حال آهن.

ٽئين ڏينهن تي عبدالمنصور خان نيث جمعي خان جي صلاح مطابق نواب ولي محمد خان لغاري سان شاهي باغ ۾ وڃي ملاقات ڪئي، جنهن کيس وڏو مان ڏنو.

عبدالمنصور خان پنهنجي سردارن جون اڻ پوريون فرمائشون کيس ٻڌايون پوءِ انن ۽ گاڏين تي سامان ڪٽائي شڪارپور ڇڏي ڳڙهي ياسين هليو ويو، جتي انتظار ڪرڻ لڳو تہ ڪڏهن ٿيون سردارن جون فرمائشون پوريون ٿين.

نواب ولي محمد خان لغاري پنهنجا ماڻهو ڳڙهي ياسين موڪلي ڏنا، جيئن رهيل فرمائشن جو پورائو ڪيو وڃي. پر اجا اهو ڪم اڌ ۾ ئي هو تہ پاڻ اڳ ۾ ئي عبدالمنصور خان کي ڳڙهي ياسين ڇڏڻ جو حڪم ڏنائين. عبدالمنصور خان نهايت عاجز ۽ درماندو ٿي اُتان ڪوچ ڪري خراسان/افغانستان ڏانهن رُخ رکيو. کيس شڪارپور جهڙي محبوب ۽ من پسند شهر جي جدائي جهوري رهي هئي. اهو شڪارپور جيڪو ورهين کان خراسان/افغانستان جي والين جو منظور نظر شهر هو. اڄ اتان هيءُ ويچارو سوز پري سيڻي سان سور پٽيندو ۽ لڙڪ لاڙيندو ويو.

عبدالمنصور خان جي روانگي کان پوءِ نواب ولي محمد خان لغاري پنهنجي عقل ۽ حوصلي تي فخر ڪندي خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو، چئي: شڪارپور جو سهٽو شهر جيڪو ايامن کان خراسان/افغانستان جي سردارن ۽ بادشاهن جي ملڪ

(١) شڪارپور جا اٺ دروازا: ١- لکيدر ٢- هزاريدر ٣- هاٿيدر ۴- خانپوردر ٥- سوي در ٦- واگنو در ٧- ڪرن در ٨- نوشهرو در مشهور آهن. وڌيڪ لاءِ ڏسو. شڪارپور جو قلعو ۽ دروازا. تعليق جي پڇاڙيءَ ۾ - مترجم

هو، بنا ڪنهن فتني فساد جي، اچي اسان جي جهوليءَ ۾ پيو نه ته اهڙن ماڻهن کي گهٽي خرچ خفي ۽ لشڪر لاڙي ڪان سواءِ ڪير ٿو قبضي ۾ آڻي سگهي؟

نواب ولي محمد خان ان کان به وڌيڪ پاڻ پڌائيندو ٿي ويو ۽ سندس درٻاري ها ۾ ها ملائيندا ٿي رهيا، جنهن تي هو ويتر ڦونڊ ۾ پرجي ڳوهه وانگي سيٽبو ٿي ويو. عجيب قسم جو نواب هو. جيڪڏهن سندس سمورو احوال لکڻ جي ڪجي ته ڪيئي ڪاغذ ڪارا ٿي وڃن. آخرڪار سامت جو ساهه ڪٽڻ کان پوءِ نواب صاحب خيرپور جي ميرن جي درٻارين فتح محمد خان غوري ۽ رئيس گهنور خان جي مدد سان شڪارپور جي دل اڳاڙڻ ۾ لڳي ويو، جنهن مان واندو ٿي چار پيتيون حيدرآباد جي ٽالپورن لاءِ رکيائين، ٽي حصا خيرپور جي ميرن ڏانهن اُماڻيائين. پڇاڙيءَ ۾ خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن طرفان هتي الڳ الڳ حڪمران مقرر ڪيا ويا.

شڪارپور ۾ مقرر ٿي آيل انهن حاڪمن جي انسانيت ۽ شرافت جو ڪهڙو حال بيان ڪجي، جن جي پرڪارن سبب سندن حڪومت روز بروز زوال پذير ٿيندي ويئي. هنن مان گهڻا ته بنهه جاهل ۽ احمق هئا، جن جو بڇڙاين ڪرڻ ۾ ڪو به مٽ ڪو نه هو. شڪارپور جون سهڻيون زالون ڏسي سندن واڇ گودو ٻڌجي ٿي پئي ۽ لاهي پاهي انهن جي ڪِڍ ڪاهي ٿي پيا. هنن کي هر وقت زنا ڪاري جو سوداءُ سر ۾ سمايل ٿي رهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو نيٺ حيدرآباد جي ٽالپورن پاران مير محمد ڪاظم شاهه شڪارپور جو حاڪم مقرر ٿي آيو ۽ خيرپور جي ٽالپورن وري پنهنجي پاران فقير عالم خان مريءَ کي مامور ڪيو. فقير عالم خان مري وري اهڙو ته خفتي هو جو يونان جا حڪيم به سندس خفت جي علاج کان عاجز هئا. هيءُ حڪومت جي واڳ سنڀاليندي شڪارپور جي حسينن تي چڪن ٿي شراب پي نشي ۾ بدمست ٿي سارو ڏينهن بد شد بڪندو ٿي رهيو.

انهيءَ بڇڙائي سان جنڊ جي پُڙ وانگي گهٽين ۽ بازارين ۾ گهمندي ڦرندي داڦ ڪندو ٿي رهيو. گس پنڌ تي جنهن کي بيٺل ٿي ڏٺائين تنهن تي گارين جا ڏوڙيا لائي ٿي ڏنائين، متان ڪو ڪنهن حسين نازنين تي ڏاڙو هڻي نه وڃي. هن سڀني حسينن تي رڳو پنهنجو حق ٿي سمجهيو. ٻئي کي مجال نه هئي جو سندس جُتيءَ ۾ پير وجهي سگهي. شهر جي پر ۾ جڏهن به سنڌ واهه تي هندن جو ميلو ٿي لڳو ته هي نهي سنبري ڪڏهن سوار ته ڪڏهن پيادو اتي پهچي ديداربازي جي ڏنڊي ۾ مشغول ٿي پئي ويو. پوءِ اڳي کان اڳرو ٿي زالن جي وچ ۾ وڃي ٿي وينو. پر جيئن انهن سان بولاچاري جي ڪوشش ٿي ڪيائين ته ڪي ويچاريون حجاب جي ڪري ڪانئس پاسيريون ٿي پئي

ويون. ڪن ڪانئس نفرت ٿي ڪئي تہ ڪي پري ٿي ڀڳيون. اهو حال ڏسي انهن ڪي پٺي چيائين: فقير ڪان چو تيون ڀڄو! چو تيون لڪو! جاتي اوهان جي جنڊڙي تاتي فقير عالم خان جي سرڙي! ائين بود ۾ پرجي ڀولڙي وانگي بيدنگو ناچ ۽ ناٽ نخرا ٿي ڪيائين.

اهڙيءَ ريت هو روزانو نت نيون حرڪتون ڪندو ٿي رهيو. جيڪڏهن انهن سڀني جو ذڪر ڪيو وڃي تہ ڀوڳ چرچي جون ڪيتريون چوپڙيون تيار ٿي وڃن. ٻئي پاسي سيد محمد ڪاظم شاهہ جي ڪهڙي ساراهہ ڪجي اها تہ بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

جنهن کي خدا سونهن سيبتائي سان سنواري،

تنهن کي وڏيڪ ڪير تو سينگاري سگهي!

هيءُ هر چڱائي ۾ پنهنجو ثاني پاڻ هو. جيڏو ڪماليات ۽ شرافت ۾ بي نظير، تيڏو شريف ۽ صاحب ڪمال ماڻهن جو قدر ڪندڙ ۽ مهربان هو. پاڻ هر ڪنهن سان نوازشون روا رکندو ٿي آيو. جيڏو حسين جميل جوان هو، تيڏو ئي شيرين سخن شاعر. ساڳي وقت حڪومت جي سلسلي ۾ بهترين منتظم ۽ مدبر ليکيو ٿي ويو.

شڪارپور جو ننڍو وڏو هن شاندار شخص جي خوش اخلاقي جو ۽ سندس سخاوت ڀري سيرت جو مداح ڏٺو ٿي ويو. ليڪن هن جا ڪارندا چڻ ماڻهوءَ جا ڦر ئي نہ هئا. هنن جي بي حيائي ۽ بي مروتي اِيتري حد تائين عام هئي جو ٿوري ڳٺي ڳالهہ تي حسد ۽ تيسي ۾ پرجي باهہ جيئان ڀڙڪي پئي اٿيا ۽ ڇا مان ڇا ڪري ٿي ڇڏيائون.

*

## (٣٦)

## سنڌ ۾ احمد شاهہ غازي (سيد احمد شهيد) جي آمد ۽ عام خاص ماڻهن کي جهاد جي دعوت ڏيڻ ۽ وري هتان خراسان [افغانستان] ڏانهن روانو ٿيڻ:

سال ١٢٤٠هہ (١٨٢٤ع) ڌاري سيد احمد شاهہ غازي دائمي سعادت ۽ ابدي حياتي ماڻڻ جي خواهش مطابق ان آيت ڪريمہ تي(١) جنهن ۾ جهاد بابت تاڪيد ٿيل آهي، عمل ڪندي هندستان جي علائقي بريلي مان جهاد جو جهنڊو بلند ڪري ڪافرن ۽ سکن کي سيکت ڏيڻ لاءِ مسلمان مجاهدن جي هڪ مختصر جماعت سان سنڌ ۾ اچي وارد ٿيو.

هتي سنڌ جي ميرن، پيرن، سيدن، عالمن ۽ عام خاص ماڻهن کي (جيڪي اهل اسلام هئا) ڪافرن ۽ سکن سان جهاد جي دعوت ڏنائين. ليڪن سنڌ مان ڪنهن بہ، پنهنجي بي همتي ۽ شهوت پرستيءَ جي ڪري، ڪيس ڪا اهميت نہ ڏني. ماڻهن کي جهاد جي سعادت حاصل ڪرڻ جو شوق تہ رهيو پنهنجي ماڳ، ابتلندو منٿس فريب ڪاري جو الزام لڳائي ڪيئي ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪنهن ڪيس وهابي تي ڪوٺيو تہ ڪنهن منٿس انگريزن جي جاسوس هئڻ جي تهمت پئي مڙهي(٢). سندس مجاهدن جي مختصر جماعت ڏسي ڪنهن کي اعتبار ئي نٿي آيو تہ اهي مُٺِ جيترا ماڻهو ڪي اُڪ ڪارا ڪندا.

اهي وايون ٻڌي سيد احمد سڌو پير صبغت الله (پاڳاري) ڏانهن ويو. اتي پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي وڃي شڪارپور نڪتو ۽ سيد ڪاظم علي شاهہ جو مهمان ٿيو، جنهن هن کي چڱي عزت ڏني(٣).

---

(١) نسخي ڪ ۾ انهيءَ آيت عيوض صرف هيءُ لکيل آهي. آيت ڪريمہ موجب جيڪا جهاد جي تاڪيد بابت نازل ٿيل آهي. —حبيبي

(٢) سيد احمد تي جيستائين انگريزن جي جاسوس هئڻ جي الزام جو تعلق آهي ان بابت سنڌ ۾ اڳ ئي اهڙيون ڳالهيون هُلايل هيون. مير مراد علي خان، رنجيت سنگهہ کي ايلچي ذريعي اطلاع ڏنو هو تہ انگريز سوڪڙين جي بهاني احمد شاهہ بريلوي (سيد احمد شهيد) کي صندوقن ۾ اشرفيون موڪلي رهيا آهن. جنت سنڌ مولائي شيدائي ص ٢٧١. -مترجم.

(٣) سيد صاحب پنهنجي تحريڪ جي سلسلي ۾ تاريخ ١٧-ذوالقعد ١٢٤٦هہ مطابق ٢٤ جون ١٨٢٦ع ۾ پير ڳوٺ ۾ مهمان ٿي رهيو. -مترجم

پاڻ سيد ڪاظم علي سان ڪچهريون ڪندي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ڪافرن ۽ سکن سان جهاد ڪرڻ جي تلقين ڪيائين. پر هن ساڻس وعدو ڪيو ته آءٌ وقت اچڻ تي مجاهدن سان گڏجي ڪافرن جو مقابلو ڪندس.

ليڪن سيد ڪاظم علي شاهه حڪمرانيءَ جي عشق ۾ ايڏو ته محو هو، جو جهاد جي سعادت حاصل ڪري نه سگهيو. هيءُ رڳو جهاد جي ڳالهين ۾ پاڻ کي سوپارو سمجهندو رهيو. پر اوڏاهين وڃڻ جي نه ڪيائين. نيٺ سکن واري جنگ ۾ مارجي ويو، جنهن جو ذڪر سکن جي جنگ جي داستان ۾ ايندو. شڪارپور کان پوءِ هو جڏهن خراسان/افغانستان وڃڻ لڳو ته رستي ۾ جيڪب آباد ۽ بولان واري لڪ جي وچاڳ تي ڪڇيءَ ۾ لهي قلات جي والي ۽ ٻين وڏن ماڻهن سان مليا انهن کي به اسلام جي قانون موجب جهاد جي دعوت ڏنائين، پر جيڪو به هن جي انهيءَ ارادي کان واقف پئي ٿيو، تنهن ساڻس سات ڏئي جهاد ۾ شريڪ ٿي شهادت جي سعادت حاصل ڪرڻ بدران مَخول سمجهي مٿس ٺٺوليون ٿي ڪيون.

ڪڇيءَ مان اهي پار پسي احمد شاهه قنڌار ڏانهن ڏيان ڏنو ۽ اُتان جي سردارن سان ملڻ جو ارادو ڪري ڪين جهاد لاءِ تيار ڪرڻ جي سوچ ۾ نڪري هليو. اتي پهچي اميرن، سيدن، عالمن، مشائخن توڙي عام خاص مسلمانن کي جهاد جي دعوت ڏنائين، ليڪن قنڌاري عالم هن جي اها دعوت سراسر عداوت تصور ڪندي ساڻس مسئلن جي ڏي وٺ ۾ لڳي ويا. هنن منطق، معاني، اصول، فروع، صرف و نحو، فقهه تفسير کان وٺي حديثن ۽ ٻين علمن تائين بحث مباحثا هلائي احمد شاهه غازي جي جهاد سان سنمک ٿيڻ کان جڻ نابري واري ڇڏي.

انهن جي اها چتاپيتي ڪيئي ڏينهن هلندي رهي. سيد صاحب پاڻ سان کي نهايت قابل عالم ساڻ ڪري هليو هو، جن سان قنڌاري عالم ڪونه پڄي سگهيا. تڏهن به جهاد جي لاءِ قائل ڪونه ٿيا. سيد آخر اتان به لڏو پٽيو ۽ ڪابل ڏانهن رخ رکيائين. واٽ تي هر ڪنهن مسلمان، مومن ۽ صادق کي جهاد جي دعوت ڏيندو ويو. ڪابل پهچندي اتان جي سيدن، عالمن، مشائخن، رئيسن ۽ عام خاص مسلمانن ڏاڍي عزت ۽ محبت سان اچي ساڻس ملاقاتون ڪيون. انهن ڏينهن ۾ ڪابلي سردار هڪ ٻئي جي قتلام ۽ ڇتي ويڙهه ۾ رذل رهڻ ڪري ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا. هيڏانهن سيد صاحب هنن کي پاڻ ۾ وڙهڻ کان روڪڻ لاءِ گهڻيئي وس ڪيا، پر وريو ڪجهه به ڪين. آخر چاليهارو ڏينهن جي مٿا ڪُٽ کان پوءِ هو ڪابل کان پشاور ڏانهن وريو، انهيءَ سفر ۾ به مسلمانن کي جهاد جي دعوت ڏيندو وڃي پار پيو.

سيد صاحب پشاور پهچي ماڻهن سان مليو ۽ هنن کي جڏهن جهاد جي دعوت ڏنائين تہ سندس پذيرائي شروع ٿي. ٽن ڏينهن کان پوءِ پشاور کان ڏهہ ميل اتر طرف اشنگر(١) ڏانهن ويو. هتي يوسف زئي پٺاڻن جي رهائش هئي. اتي بہ ڪي ڏينهن رهي مسلمانن کي ڪفر ۽ فساد خلاف جهاد جي تلقين ڪيائين. خدا جي قدرت سان هن پاسي جا ڪيئي مومن اوري پري کان جهاد جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ اچي سيد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ اتان روانو ٿي وري خويشگي(٢) واري هنڌ تي آيو، جتان ٿي نوشهري صوبي سرحد پهچي ڪي ڏينهن اتي ترسي پيو.

انهيءَ وچ ۾ خالصہ سنگهہ(٣) (رنجيت سنگهہ) جي پٽ شير سنگهہ جو لشڪر، جنهن ۾ ڇهہ ست هزار سپاهي موجود هئا، رنجيت سنگهہ جي پائنتي ٻڌ سنگهہ جي سربراهي ۾ اڪوڙهہ(٤) وٽ اچي رسيو.

جيئن تہ مجاهدن ۽ سکن جي وچ ۾ لنڊي(٥) درياهہ هو، تڏهن بہ مجاهدن اسلامي حميت ۽ ايماني غيرت وچان رات ئي رات درياهہ ٽپي وڃي سکن ۾ ڌاڪوڙا وڌا. هيءُ جمادي الاول ١٢۴٢هہ/١٨٢٧ع جو واقعو آهي. سکن جي لشڪر تي ڪاهہ ٿي تہ سندن ڪيئي سپاهي مارجي ويا ۽ ڪيترا زخمي ٿي پيا. پڇاڙيءَ انهن وٽ جيڪو قيمتي سامان هٿيار پنوهارات، گهوڙا وغيره هئا، سو سڀ لٽي ڦري پاڻ سان کڻي آيا.

وري ڪن ڏينهن کان پوءِ مجاهدن اباسين(٦) درياهہ پار ڪري حضرو تي ڪاهہ ڪئي(٧) جتي بہ سکن جو ڪافي لشڪر ماريو ويو. باقي جيڪي بچيا، تن کي ٻڌي سوگهو ڪيو ويو. هن ڀيري پرپاسي وارن ماڻهن بہ ميدان ۾ اچي ڪافي مال ميڙيو ۽ اناج هٿ ڪيو، جيڪو بيان کان ٻاهر آهي.

---

(١) اشنگر- اشنغر ياهشت نگر. پشاور کان ڏهہ ميل اتر تي آهي.

(٢) خويشگي- افغان قبيلا، جيڪي مردان کان ڏکڻ طرف ڪابل درياهہ جي ڪناري آباد آهن.

(٣) خالصہ سنگهہ- مهاراجا رنجيت سنگهہ، جنهن کي نالي وڏن بدران خالصہ سنگهہ لکيو ويو آهي.

(٤) اڪوڙهہ- نوشهري جي اولهہ ۾ ١١ ميل پرتي ڪابل درياهہ (سنڌو ندي) جي پرتي شاهراهہ مٿان آهي، جتي خٽڪ قبيلا رهندا آهن.

(٥) ڪابل درياهہ کي نوشهري کان اٽڪ تائين لنڊي سڏجي ٿو. لنڊي پشتو توڙي سنڌي ۾ ساڳي معنيٰ ۾ ڪتب ايندڙ لفظ آهي.

(٦) پشتو ۾ سنڌو ندي کي اباسين ڪوٺيندا آهن، جيڪو اٽڪ وٽ ڪابل ندي سان وڃي ملي ٿو.

(٧) حضرو اٽڪ کان پوءِ سنڌو ندي جي ڪناري تي اچي ٿو. هيءُ اٽڪ کان ڏهہ ميل پرتي اولهہ اتر ۾ آهي. هن کي عام ماڻهو ازرو سڏيندا آهن.

شير سنگهہ جو لشڪر مجاهدن جو زور ڏسي ڏڪي ويو. هڪ هنڌان ٽڏو پٽي وڃي ٻي جاءِ تي ٿي ويٺو. جتي چوڌاري مورچا پٽي ناهيائين: اهي خوشخبريون ٻڌي عالمن، پيرن ۽ سيدن توڙي ٻين کي پڪ ٿي ته برابر ڪفر ۽ فساد کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي. هاڻ مناسب آهي ته شرعي تقاضا موجب امام جو انتخاب عمل ۾ آندو وڃي، جو ان جي موجودگيءَ ۾ سيڪجهہ ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ سيد احمد جي بيعت لازمي تصور ڪرڻ ۾ آئي. انهيءَ فيصلي مطابق ١٢ جمادي الثاني ١٢٤٢هہ/١٨٢٦ع ڌاري ماڻهن سيد موصوف جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ سندس نالي خطبو جاري ڪيائون. (١) ان کان پوءِ مومنن، صادقن ۽ مجاهدن جا ٽولا اچي جهاد ۾ شريڪ ٿيندا ويا.

اسان لاتعلق، شهادت جي اميد تي زنده آهيون،
اسان لاءِ هميشہ واري حياتي ڏاڍي ڏکي آهي.

*

نوٽ: وهابي تحريڪ جو بنياد محمد بن عبدالوهاب ١١١٣-١٢٠١هہ مطابق ١٧٠١-١٧٨٧ع ڌاري نجد (عربستان) ۾ رکيو. محمد مذڪور عرب جي بني سينان تميمي قبيلي مان هو. ديني اعمال جي لاءِ حديث ۽ قرآن جي پيروي جو تاڪيد ڪندو ٿي رهيو. هن جي جماعت نجد ۽ عربستان ۾ سياسي تحريڪ جو رخ اختيار ڪري آخرڪار سعوديہ عربيہ جي حڪومت کي پنهنجي لهہ وچڙ ۾ آندو.

دائرة المعارف اسلامي جي حوالي سان. -حبيبي

---

(١) سيد احمد بريلوي جي نالي جاري ٿيل اهو خطبو، مجاهدن جو سياسي خطبو هو، جيڪو اڳتي هلي ماڳهين جهاد واري تحريڪ جي ناڪامي جو سبب بڻجي پيو. سيد موصوف جي امامت واري دعوا ۽ سندن نالي خطبي جو جاري ٿيڻ انهن سيني افغان سردارن کي ڏکيو لڳو، جيڪي پشاور کان هرات تائين حڪمران هئا. هنن سيد احمد کي سنئون سڌو پنهنجو رقيب تصور ڪرڻ پئي ڪيو. ان لاءِ تہ سيد احمد شروعات ۾ فقط دين جي تبليغ ڪندو ٿي رهيو. پر پوءِ وري سياست سان گڏ دنياداري ۽ حڪمراني جو لباس بہ ڍڪيائين. هن ۾ ٻيا افغان تہ ٺهيو پر خود يوسف زئي افغان جن تي سندس لشڪر جو سڄو دارومدار هو، اهي بہ مٿين حقيقت کان پوءِ کانئس بدظن ٿي پيا ۽ خود سيد جو وجود پاڻ لاءِ نقصانڪار سمجهڻ لڳا، تنهن ڪري ئي سندس ساٿ ڇڏي ويا جيئن سکن هٿان نابود ٿي وڃي.
سيد جيڪڏهن ٻين (سياسي) ڳالهين بدران صرف ديني تبليغ تائين پاڻ کي محدود رکي ها تہ سندس تحريڪ بلڪل ڪامياب ٿئي ها.
وڌيڪ لاءِ ڏسو تعليق نمبر ٢٦. -حبيبي

## پشاور جي ناظم يار محمد خان بارڪزئي جو سيد احمد سان مقابلو ڪرڻ ۽ قتل ٿي وڃڻ(۱) ۽ سيد احمد جو يار محمد خان جي ڀائرن کان پشاور کسڻ:

سيد احمد وٽ جڏهن حد کان وڌيڪ مجاهدن جو لشڪر گڏ ٿي ويو ته پشاور جي ناظم سردار يار محمد خان بارڪزئي (جنهن کي سيد احمد سان مقابلي ڪرڻ سبب يار سنگهه جو لقب ڏنو ويو) جي دل ۾ اچي خناس وارا وسوسا پيدا ٿيا. هن خار کائيندي مسلماني غيرت ڇڏي خالصه سنگهه جي چوڻ تي لڳي لشڪر گڏ ڪرڻ جي تياري ڪئي. ان لاءِ يوسف زئي پٺاڻن وٽ وڃي انهن کي ڀڙڪائي، مجاهدن کان ڦيري پنهنجي پاسي ڪيائين.

افسوس آهي اهڙي مسلماني تي جو ايماني هدايت کي پُٺي ڏئي خالصه سنگهه جي چوڻ تي لڳي پاڻ کي ڏسي وانسي پوهي ۾ وجهي ڇڏي اهو ڪهڙو اسلامي آئين آهي؟

آخرڪار يار محمد خان انهيءَ جنگ ۾ قتل ٿي ويو ۽ سيد احمد جي سوڀ ٿي جيڪو حق تي ثابت قدم هو. يار محمد خان جيڪو خالصه سنگهه جي چئي تي لڳي ڪوڙ تي سندرو ٻڌي بيٺو، پنهنجي عملن جي سزا ڏسي چڪو(۲) سيد احمد، يار محمد خان جي قتل ۽ سندس لشڪر جي شڪست کان پوءِ، مجاهدن جي وڏي ڪٽڪ سان پشاور ۾ داخل ٿيو. تنهن کان پوءِ بالاحصار واري قلعي تائين پهچي يار محمد خان جي ڀائرن، سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان، سان سخت چڪريون ڏنائين. هنن به مقابلو چڱو ڪيو، پر ٻن ڳالهين جي ڪري ميدان ۾ بيهي نه سگهيا! هڪ ته هو پنهنجي ڀاءُ يار محمد خان جي قتل سبب ماتم ۾ پورا نه ٿي پيا، ٻيو وري هن پاسي سيد احمد ديانداري جي مهم ۽ جهاد جو علمبردار هو.

---

(۱) يار محمد خان وزير فتح خان جو ڀاءُ ۽ سردار پائينده خان جو پٽ هو. ڏسو تعليق نمبر ۴

(۲) سردار يار محمد خان جنگ جي ميدان ۾ قتل ٿيو. سندس عمر ۳۹ سال هئي. هن جي مزار پشاور کان ڏکڻ تي سيد حبيب جي پاسي ۾ آهي. اهو سال ۱۲۴۴هه (۱۸۲۹ع) هو.

ويتر جو يار محمد خان کي ماٺهن يار سنگهہ جو لقب ڀويان لاٺي ڇڏيو تہ هنن کي بہ پنهنجي عاقبت اڳيان آئي. نيٺ بالاحصار ڇڏي پشاور جي ڏکڻ ۾ مهمند قبيلي جي ارباب فيض الله خان وٽ وڃي سامر پيا.

ارباب فيض الله خان جي سيد احمد سان عقيدت واري واٺ هئي، ان ڪري هنن ڪيس وچ ۾ آڻي سيد احمد سان صلح ڪرڻ ۽ ملڻ جو سانباهو ڪيو. ارباب فيض الله پنهي ڏرين جي پرچاءُ لاءِ سيد احمد جي دعوت ڪئي. جڏهن پاڻ وٽس آيو تہ دعوت هلندي فيض الله خان پنهي پائرن سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان کي سيد وٽ وٺي آيو، جنهن جي اڳيان پشيمان ٿي معافي ورتائون ۽ آئيندي لاءِ قسم ساک تي ڪيس وعدو ڏنائون تہ اهڙو ڪوبہ فتنو فساد ڪونہ ڪڙو ڪيو ويندو. هر حالت ۾ سيد جي تابعداري ڪندي دين جي دشمنن سان جنگ ڪرڻ ۾ پورو ساٿ ڏنو ويندو.

سيد احمد کي جيئن تہ مسلمانن جي بربادي نہ ڪرڻي هئي نہ وري پشاور قبضي هيٺ رکڻ جو ڪيس ڪو ارادو هو، ان ڪري انهيءَ ناهہ کان پوءِ پشاور ساڳين يار محمد خان جي پائرن کي واپس ڏئي ڇڏيائين. هنن جي وچ ۾ اهوئي معاهدو ٿيو تہ هر حالت ۾ شرعي احڪام جي پيروي ڪئي ويندي ۽ دين جي علمبردارن سان لاڳاپو قائم رهندو. ملڪ جا سمورا مسئلا ڊل کان وٺي حڪومت هلائڻ تائين سيد احمد صاحب جي صلاح سان نبيرڻ ۾ ايندا. اهي انجام اقرار ڪري سيد صاحب کي راضپي ۾ آندائون. سيد صاحب مولوي احمد علي کي شرعي نظام هلائڻ لاءِ اتي مقرر ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي جماعت سان گڏ يوسف زئي قبيلي وارن جي ماڳ تي آيو، جتي جهاد جي لاءِ ماڻهن کي تربيت ڏيڻ لڳو، جيڪي وڏي تعداد ۾ آسپاس کان شهادت جي شوق ۾ اچي اتي گڏ ٿيا هئا.

*

(٣٨)

## پشاور ۾ مولوي احمد علي کي سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان جو دعوت ۽ فريب ذريعي قتل ڪرڻ:

١٢٤٢هه (١٨٢٦ع) ۾ سيد احمد شاهه پشاور جي حڪومت سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان جي حوالي ڪري وجي يوسف زئي قبيلي ۾ وينو. جتي ٻه سال پشاور جي حڪومت جو انتظام مٿين ٻنهي ڀائرن جي هٿ هيٺ رهيو. باقي شرعي مسئلا مولوي احمد علي نبيريندو ٿي آيو. ظاهر ۾ ته اهو چرخوائين پئي هليو، پر هيءَ ٻئي ڀائر (سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان) اندر ئي اندر پڃرندا ٿي رهيا ته ڪيئن به ڪري سيد احمد کان آجا ٿي اڪيلي سر حڪومت هلائڻ جهڙا ٿين. آخر سازش ڪري بالاحصار ۾ ارباب فيض الله خان سان گڏ مولوي احمد علي کي دعوت تي گهرايائون. ماني کائڻ کان پوءِ جڏهن سڀئي آرام سان وينا ته دستوري طرح چانهه جو دور هليو. هيءَ جيئن چانهه پيئڻ لڳا ته اچانڪ حملو ٿيو، جنهن ۾ مولوي احمد علي سان گڏ ارباب فيض الله خان کي به قتل ڪيو ويو. هنن (سلطان محمد خان ۽ پير محمد خان) ارباب فيض الله خان جو اهو احسان وساري ڇڏيو، جيڪو هن آئيءَ ويل هنن سان ڪيو هو، جڏهن هيءَ ٻئي سيد احمد کان شڪست کائي وٽس اچي سام پيا هئا. آخر انهيءَ جزا لائق ٿيا:

جنهن چاٽي واٽي ڪنهن مؤمن کي ڪنو،
سو جهنم داخل ٿيڻ جي جُٽ پوڳيندو(١).

اهڙيءَ ريت هو هيڪاندي حڪومت هٿ ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ياءَ يار محمد (يار سنگهه) جو پلاند به وٺي خوش ٿيا.

سيد احمد اها خبر ٻڌي هنن جي دغا تي ڏاڍو پريشان ٿي ويو ۽ مولوي احمد علي جي انتقام جو ٿي سوچيائين ته رنجيت سنگهه جو پٽ شير سنگهه وڏي پيماني تي پنهنجو لشڪر چاڙهي سندس مقابلي لاءِ اچي ويو. ٻنهي طرفن کان جنگ شروع ٿي، هيڏانهن مجاهدن شير سنگهه جي لشڪر ۾ گهڙي ڪوس پئي ڪيا ته هوڏانهن

---

(١) سوره النساء ٩٣:٥.

انهن جو هنن ۾ ڪٽڪو وڌل هو. آخر مجاهدن جو گهڻو تعداد قتل ٿي چڪو. تنهن سان گڏ سيد احمد ۽ مولوي محمد اسماعيل جيڪو جهاد جو ناظم ۽ پيش امام هو، ٻنهي شهادت جو جام پي پنهنجي دل جي مراد پوري ڪري ويا.

بيشڪ ڀاڳ وارا آهن اهي شخص، جيڪي اڏاري حياتي جي روڪڙ ابدي حياتي جي موڙي ۾ ڏئي پاڻ کي حق جي راهه ۾ سرخرو ڪن ٿا. هن آيت جي مضمون مطابق:

وتجاهدون في سبيل الله باموالكم و انفسكم الخ

سيد جي شهادت کان پوءِ ڪيئي ڳالهيون عام طور مشهور ٿي ويون. ڪن ٿي چيو هو مري ڪونه ويو آهي، پر فلاڻي جبل تي آرام پيو ڪري ته ڪي پيا چون: فلاڻي جاءِ تي مجاهدن کي گڏ ڪري وري جنگ جون تياريون پيو ڪري.

پر جنهن کي شهادت وسيلي ابدي حياتي حاصل ٿي هجي، تنهن کي هن اڏاري حياتيءَ تي جيئڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. آفرين آهي سيد احمد جي انهيءَ استقامت ۽ همت جي بلنديءَ تي جنهن مُٺ جيترن مجاهدن سان ايڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو، ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ عام خاص مسلمانن کي جهاد جون دعوتون موڪليندو رهيو پر انهن غافل ماڻهن هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي مان لنوائي ڇڏيون.

## دعوت نامي جو مضمون

جيڪو سيد احمد شاهه غازي مسلمانن مؤمنن کي موڪليو.

"اهل اسلام جي سڀني ننڍن وڏن، سيدن، عالمن ۽ مشائخن کي گذارش ڪجي ٿي ته: اي مؤمنو، مسلمانو! خدا جو شڪر ڪريو ۽ ان جا حق ساريو ۽ اسلامي غيرت کي نه وساريو!! ايماني حميت عمل ۾ آڻيو. هيءَ جڏي جندڙي پنهنجي حقيقي خدا جي حوالي ڪريو. فاني زندگي جي مٽي موڙي جاوداني راحت جي عيوض ڏئي ڇڏيو ۽ خدا جي رضا جوئي لاءِ وڏي همت سان جتن ڪريو. صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺي بهادري جو جامو پهري تيز ترار جو پاڻي، صاف پاڻي جيئان نوش جان ڪرڻ ۾ پوئتي نه پئو!

پنهنجي اهل عيال وطن توڙي مٽن مائٽن ۽ جان مال کي خدا جي اطاعت ۽ رضاجوئي تي واري دين جو جهنڊو ڦڙڪائي، شريعت جي تائيد ڪندي مڙس ٿي جهاد جي معرڪي ۾ هليا اچو! ائين ڪري ايماني قوت سان ٻنهي جهانن جي سعادت ۽ هميشه جي راحت اچي حاصل ڪريو. جنگ جي ميدان ۾ قتل ٿيڻ يا قتل ڪرڻ لاءِ دين جي دشمنن جي مقابلي ۾ بيهجي وڃو! ڪفر کي برباد ڪرڻ شرڪ ۽ فساد جي پاڙ پٽڻ لاءِ دليريءَ سان اڳتي وڌي مخالفن کي مکين ۽ ڪکن پنن وانگي سمجهي نابود ڪرڻ ۾ دير نه لڳايو! قرآن حڪيم جي ارشاد مطابق:

"ان تنصر الله ينصر كم و يثبت اقدامكم!"

هيءُ وقت وري نہ ايندو. اچو ۽ اچي شهادت جا موڙ متي سان ٻڌي دنيا توڙي آخرت جي سرخروئي ۽ خدا جي خوشنودي حاصل ڪريو! اهل ڪفر جي رت سان هٿ رنگي خدا جي حضور ۾ هلي جلوه گر ٿيو.

جڏهن اهڙي رفتار، گفتار ۽ ڪردار سان گجندڙ شينهن ۽ مست هاٿي جان ڪافرن تي ڪڙڪندا تہ اوهان کي ضرور انهن تي غلبو حاصل ٿي رهندو. انهي طريقي سان اوهان سيني آلودگين کان پاڪ صاف ٿي جهنم جي عذاب کان ڇوٽڪارو لهي وڏن مرتبن تي پهچندا.

اوهان کي جنت نصيب ٿيندي ۽ خدا جو قرب اوهان جي پاڳ ۾ ايندو ۽ اوهان خدا جي خاص بندن مان شمار ڪيا ويندا، جن کي خدا جو مقبول بندو ۽ مقربُ ڪوٺيو وڃي ٿو.

اوهان کي ٻڌائجي ٿو تہ هن عظيم مهم جي سرانجاميءَ لاءِ غيب مان رباني اشارا پيا ملن ۽ بشارتون پيون ٻجهن تہ اچو ۽ سر ڏئي سوڀارا ٿيو. متان سستي ڪريو ۽ دنيا جي دام ۾ ڦاسي آخرت جي ڏچي ۾ پئجي وڃو!

حياتي هونئن بہ وڃڻي آهي، اوهانکي انت خدا جي اڳيان وڃڻو پوندو. اتي ڪهڙو جواب ڏيندا؟ ۽ ڪهڙي حيلي بهاني پنهنجي جند ڇڏائيندا. -والسلام"(١)

انهيءَ دعوت نامي جي باوجود ڪوبہ شخص سنڌ، ڪڇ، قلات ۽ قنڌار توڙي ڪابل کان سيد صاحب جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. بلڪ ڪين طعنا ڏيندا رهيا ۽ مٿس ڪيئي الزام ڌريندا ويا. اها ڪهڙي حڪمت آهي جو مسلمانن جي فرقي ۾ هرڪو بيدردي سان هڪ ٻئي کي آزاريندو رهي ٿو. ٻئي پاسي غير مسلم آهن جو هزارن ٽولن ۾ موجود هوندي بہ ائين هڪ ٻئي جي مخالفت نٿا ڪرڻ چاهين.(٢)

(١) ائين پيو ڀانئجي جڻ هيءُ دعوت نامو خود سيد احمد جو لکيل نہ آهي، سندس ڪيئي خط سيد اسماعيل دهلوي لکندو هو، جيڪو پاڻ وڏو عالم هو. ٻئي طرف هن دعوت نامي ۾ مؤلف جي طرفان بہ هٿ چراند ڪيل آهي، جنهن پنهنجي پاران هن ۾ ڪيئي بي معنيٰ ڳالهيون ورجايون آهن. هن جون اهڙيون بي جوڙ ڳالهيون هن ڪتاب ۾ جتي ڪٿي نظر اچن ٿيون، جن کي ڏاڍي ڏکيائي سان سنوت ۾ آڻي عبارت کي رواني‌ءَ ۾ آندو ويو آهي. -حبيبي

(٢) شاهہ عبدالعزيز دهلوي "شمس الهند" متوفي ١٨٣٤ع ترغيب محمديہ تحريڪ هلائي هئي، جنهن موجب انگريزي زبان جي سخت مخالفت ڪئي ويئي. ان ۾ اهو بہ چاتايل هو تہ جيڪڏهن ڪوبہ مسلمان انگريزي تهذيب اختيار ڪندو تہ اهو ڪافر ٿيندو. هن جي ٻن مريدن احمد شاهہ بريلوي ۽ شاهہ اسماعيل سکن خلاف جهاد جو اعلان ڪيو، مگر انگريزن سان سندس جنگ صرف انگريزي زبان جي مخالفت تائين محدود رهي. اهي ٻئي ١٨٢٤ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ بہ آيا هئا. آخر ٻئي ڄڻا مريدن جي سازش جي ڪري ١٩٣١ع ۾ سکن هٿان شهيد ٿي ويا.
جنت سنڌ مولائي شيدائي -ص ٦٥٩

## حيدرآباد جي والي مير ڪرم علي خان جي وفات ۽ سندس ڀاءُ مير مراد علي خان جي مسند نشيني ۽ خيرپور جي والي مير سهراب خان جو لاڏاڻو ۽ خيرپوري ميرن جي اندروني ڏقيڙ بابت:

سال ١٢٤٤هه (١٨٢٩ع) ۾ قادر جي قضا سان حيدرآباد جو والي مير ڪرم علي خان هيءُ جهان ڇڏي ويو. هن جي پويان ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مسند جي معاملي تي ملهلو متو پر جلدئي مير مراد علي خان مسند سان گڏ سڄي ملڪيت تي قبضو ڪري ننڍي وڏي تي هٿ رکي هر ڪنهن کي سامت ۾ آڻي ڇڏيو.

اڳتي هلي وري ١٢٤٦هه (١٨٣١ع) ۾ خيرپور جي والي مير سهراب خان جو ٢٧ صفر تي لاڏاڻو ٿيو. هيءُ وڏو دانا ۽ گهڻن خوبين جو مالڪ هو. سندس غريب پروري اشراف نوازي ۽ ملڪ داري بيشڪ پنهنجو مثال پاڻ هئي. هن جي پٺيان ٻه رڳڙا شروع ٿيا، پر سندس پٽ مير مبارڪ خان پنهنجي ڀاءُ مير رستم خان کي، جيڪو رياست جو پڳدار هو، اڳيان آڻي پنهنجي وڏي ڀاءُ مير علي مراد خان جي مهاڏي لاءِ تيار ڪيو. پاڻ وري پنهنجن پٽن مير محمد نصير خان، مير محمد علي خان، مير فضل محمد خان ۽ مير علي محمد خان سميت اندرين خاني مير علي مراد خان سان ناهه ڪري ان جي عيوض ٻيرلوءِ واري جاگير وٺي وڃي جائيتو ٿيو.

هيءُ (مبارڪ خان) پنهنجي چال ۾ ڪامياب ٿيو ته ڪيئي رنگ رچائيندو ويو. ڪڏهن مير علي مراد خان جو وزير پيو سڏائي ته ڪڏهن ان جي خدمت ۽ خوشامد پيو ڪري. ڪڏهن وري لشڪر جي جمع بندي ۾ جتن پئي ڪيائين. پاڻ وٽ ڪيئي مفت خور پالي رکيا هئائين، جن جي زور تي ڪيئي نمائشي بهادري جا ڪارناما ڪرائيندو ٿي رهيو. جڏهن وڏيڪ ريچڪ ۾ ٿي آيو ته پينگ جون جمينون چپن تي چاڙهي ڪچهريءَ جي آڏو واهي تباهي بڪي ننولين ۾ پنجي ٿي ويو.

مير علي مراد خان جواني جي پور ۽ حڪومت جي نشي ۾ هن جي هر ڳالهه ڪان ڪن لاتار ڪندو ٿي آيو، پر پوءِ ڪيس پتو پيو ته هيءُ ناهه جي اڙ وٺي ساز باز ڪندو

## نواب ولي محمد خان لغاري جو فوت ٿيڻ ۽ بهادر خان کوکر جو لاڙڪاڻي تي ڪارمختار مقرر ٿيڻ، ان سان گڏ شڪارپور جي نظامت سنڀالڻ، سيد ڪاظم علي شاهه جي شڪارپور مان معزولي ۽ شاهه شجاع جي شڪارپور ۾ آمد:

حيدرآبادي ميرن جو خاص مشير نواب ولي محمد خان لغاري، جنهن چانڊڪا (لاڙڪاڻي) جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ هو، ۱۲۴۷هه (۱۸۳۲ع) ۾ فوت ٿيو ته ميرن درميان ٿوري گهڻي نااتفاقي پيدا ٿي، ڇو ته نواب ولي محمد خان هيلتائين پنهنجي اورچائيءَ سان انتظام هلائيندو ٿي آيو ۽ ڪنهن کي به ڪروڌ جو موقعو نٿي ڏنائين، ليڪن مير مراد علي خان هروڀرو به نواب مرحوم کان ناراض رهندو ٿي آيو. هن جو چوڻ هو ته نواب صاحب اجايا خرچ ڪري حڪومت جو پئسو ضايع ڪندو ٿو رهي. مير مراد علي خان جيتوڻيڪ حد کان وڌيڪ مال خزاني جو مالڪ هو، تڏهن به سخت ۽ تنگدل هوندو هو.

نواب ولي محمد خان جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ تي بهادر خان کوکر کي آندو ويو، جيڪو سمندر خان بارڪزئي سان گڏ لاڙڪاڻي (چانڊڪا) ۽ شڪارپور جي نظامت تي مامور ٿيو.

سيد ڪاظم علي شاهه، جيڪو ڪي سال شڪارپور ۾ پنهنجي عهدي تي مقرر هو، تنهن کي به مير مراد علي خان اتان هٽائي ڇڏيو ۽ شاهه شجاع جي اچڻ لاءِ ۱۲۴۸هه (۱۸۳۳ع) ۾ راهه هموار ڪيائين، جيڪو لڌياني مان لڏو ڪٺائي اچي شڪارپور پهتو ٿيو.

مير مراد علي خان جي اها مصلحت خيرپوري ميرن کي نه وڻي ۽ هو ان تي سخت ناراض ٿيا: پر ڪن مجبورين سبب نافرماني ڪري نه سگهيا. نيٺ حڪم موجب سيد ڪاظم شاهه حيدرآباد جي واليءَ طرفان ۽ خيرپور جي ميرن پاران فتح محمد خان غوري، شاهه شجاع جي استقبال لاءِ سبزل ڪوٽ ويا، جتان وڏي اعزاز سان هن کي شڪارپور وٺي آيا. پٺيان پاسي مير زنگي خانُ، خيرپوري ميرن جي، ۽ مير جهان خان

حيدرآبادي ميرن جي فرمان موجب، شڪارپور پهچي، رعايا کي دم دلاسو ڏيڻ لڳا، جيئن شاهه شجاع جي اچڻ تي ڪو اندريون ٻاهريون شور شر پيدا ٿي نه سگهي.

جنهن ڏينهن مير زنگي خان ۽ مير جهان خان پنهنجن هٿياربند سوارن سان شڪارپور شهر ۾ داخل ٿيا ته لکيدر تي ڪيئي رونشي ڪوڏيا ماڻهو انهن کي ڏسڻ لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيا. هوڏانهن سوارن، جو ماڻهن جا ميڙ ڏٺا، ته هڪدم تُرڪ سوارن وانگي گهوڙن کي اڙيون هڻي ڪُڏائڻ لڳا: تنهن تي گهوڙا اچي چراٺا ۽ وٺي ٽپا ڏنائون ته ڪن سوارن جون ٽوپيون وڃي پٽ تي پيون ته ڪي خود ٿڦڪو ڪري ڏڏڙ ۾ ليٽڙيون پائڻ لڳا، جنهن کي ماڻهن چڱو سوڻ نه سمجهيو.

سنڌ جي ميرن ۽ شاهه شجاع جي وچ ۾ معاهدو ٿيل هو ته چاليهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، پورا چاليهه هزار روپيا تاوان طور شاهه شجاع کي ادا ڪيا ويندا، تهان پوءِ هو خراسان روانو ٿي ويندو. شاهه شجاع وقت اچڻ تي اها رقم ته وصول ڪئي، پر موسم جي خرابيءَ جو ڍونگ رچائي شڪارپور ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيو. انهيءَ آناڪانيءَ ۾ چار مهينا ٻيا به گذري ويا، ان وچ ۾ جنگي سامان گڏ ڪندو ۽ سوار ۽ پيادا پنهنجي لشڪر ۾ڀرتي ڪندو رهيو. ٻئي پاسي مير زنگي خان ۽ مير جهان خان انهيءَ اوسيئڙي ۾ ڏينهن ڳڻيندا رهيا ته ڪڏهن ٿو هيءَ راڪاس هتان روانو ٿئي! نيٺ هنن جڏهن ڏٺو ته مُدي گذرڻ کان پوءِ به شاهه شجاع خراسان وڃڻ جو نالو نٿو وٺي ته شڪ شبهي ۾ پئجي ويا. پڇاڙيءَ جتان ڪٿان پٽ سٽ ڪري نذرانا نياز گڏ ڪري ۽ سيد ڪاظم علي شاهه کي اڳ ۾ ڪري وڃي ڪيس ميڙ منٿ ڪيائون ته قبلا، هاڻ هتان اُسهڻ جي ڪريو. شاهه شجاع هنن کي پنهنجي تياريءَ جو ڏٺو ڏئي اها اِٽ هٽي ٻيهي رهيو ته سامان ڪٺائڻ لاءِ اجا وڏيڪ خرچ پکي ۽ سواري سرڙيءَ جي گهرج پوندي، تنهن سان گڏ سمندر خان درانيءَ جو بازو به کپندو.

اها سڌ ملندي مير مراد علي خان شاهه شجاع کي چوائي موڪليو ته اوهان سمندر خان کي پلي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو، اسان وٽ اهڙا ڪيئي سمندر خان موجود آهن: پر جيستائين سامان ڪٺائڻ لاءِ اٺن ۽ وڌيڪ خرچ جو تعلق آهي، اسان وٽ اهڙا پلا اُٺ آهن ئي ڪونه، جيڪي خراسان تائين پنڌ ڇڪي سگهن. چڱو ائين آهي ته سامان اسان وٽ ڇڏي وڃو ۽ ڪڇيءَ واري علائقي ۾ پهچي اتان اُٺ هٿ ڪري اُماڻيو ته اوهان جو ڪم ٿي ويندو.

شاهه شجاع اهو جواب ٻڌي اتي موجود سيد ڪاظم علي شاهه کي چوڻ لڳو: اسان ڪڏهن به پنهنجو سامان ڪنهن اوپري هنڌ ڪونه ڇڏيو آهي، خبر نٿي پوي ته مير

مراد علي خان اها ڳالهہ خلوص مان پيو چوي يا سندس ڪو ٻيو خيال آهي. بهرحال شاهہ شجاع تڏو پٽڻ لاءِ تيار نہ ٿيو ۽ انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ مهينو اڌ ٻيو بہ گذري ويو. ميرن جا اُٺ، جيڪي چرڻ ڦرڻ لاءِ اوري پري نڪري ويا هئا، اهي ايتري ۾ واپس نہ اچي سگهيا.

شاهہ شجاع اُٺن جي خار ۾ داڦيندو ۽ ڪُڦ وهائيندو ٿي رهيو. ڪيس اهوئي فڪر هو تہ مير مراد عليءَ وٽان اُٺ ڪيئن ڪڍجن. ڪيترا ڏينهن انهيءَ ارمان ۾ بيجان ٿيندو رهيو تہ اچانڪ مير مراد علي خان جي موت جي خبر اچي ڪن تي پيس، جنهن ١٢٤٨هہ (١٨٣٣ع) ڌاري وفات ڪئي، اها خبر ٻڌي شاهہ شجاع ڏاڍو غمگين ٿيو، ۽ اهو پنهنجي سوچيائين تہ مير مرحوم ڏاڍو اورچ ۽ زماني شناس هو، هاڻ خبر ناهي تہ پويان هن سان ڪهڙو سلوڪ ڪن. دانائن جي مرڻ تي افسوس تہ نادانن جي جيئڻ تي بہ افسوس آهي.

سڪرات جي مهل افلاطون پئي چيو:

بوقتِ نزع شنيدم کہ گفت افلاطون
هزار حيف کہ نادان بماند و دانا رفت
چہ جاي مجلس عيش است اين سراي دو در
از اين جهان همہ ياران مجلس آرا رفت

[بجاي بلبلِ دستان نشست زاغ بباغ
دميد خار، بہ بستان، بهار گلها رفت]

ترجمو:

ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي جو داناءُ مري ۽ نادان جيئرو رهي! عيش عشرت جي مجلس جي ڪهڙي ضرورت، جڏهن انهيءَ مان محفل مچائيندڙ يار دوست روانا ٿي وڃن، ۽ بلبل جي بدران باغ ۾، ڪانگ پيا لنون، ڪنڊا پيا اُسرن ۽ گل پيا پن پن ٿي ڇڻن!

شاهہ شجاع اهڙا شعر جهونگاريندو افسوس ڪندو ٿي رهيو.

*

## (۴۱)

## شاهہ شجاع پاران سندس اميرن جو مير مراد علي خان جي عذرخواهيءَ لاءِ مرحوم جي پوين- مير نور محمد خان ۽ مير محمد نصير خان وٽ وڃڻ ۽ کين خلعتون ڏئي تقاضا پيش ڪرڻ:

سال ۱۲۴۸هہ (۱۸۳۳ع) ڌاري مير علي مراد خان هيءُ جهان ڇڏيو تہ شاهہ شجاع پنهنجي خاص مقرب قاضي محمد حسن کي، خلعتون ڏئي ۽ مرحوم مير مراد علي خان جا لقب القاب ساري؛ پنهنجي دستخط سان سنواري، سيد ڪاظم علي شاهہ جي همراهيءَ ۾، مير نور محمد خان ڏانهن ڏياري موڪليو، جيڪو ولي عهد هو، هن سان گڏ مير محمد نصير خان بہ شامل هو. قاضي محمد حسن عذرخواهيءَ سان گڏ رسمي تقاضا پيش ڪندي، هنن آڏو سامان جي خرچ ۽ اُنن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

هي ٻئي پائر پيءُ جي وفات کان پوءِ کي ڏينهن ان جي ڇڏيل مال جي ورهاست ۾ رڌل رهيا، جيڪو اڻ ڪٿ خزانو ڇڏي ويو هو. جڏهن اتان واندا ٿيا تہ دولت جي سَتي ۽ حڪومت جي غرور ۾ لاپرواهہ ٿي ويا، ويتر جو ڪم عقل درٻارين ۽ خوشامدڙين جي صحبت ۾ آيا تہ دور انديشي ڇڏي ڇڙواڳيءَ ۾ ڪاهي پيا.

هنن شاهہ شجاع کي خرچ پکي کان تہ ڪتو جواب ڏنو، پر مٿس ٽوڪون ۽ چٽرون بہ ڪرڻ لڳا، ليڪن شاهہ شجاع هر ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻُڌي ڪري، بردباري کان ڪم وٺندو رهيو- جيئن ٻنهي ڌرين ۾ ڪو نئون فتنو فساد پيدا نہ ٿئي ۽ ٻئي سهٽي سلوڪ سان هلندا رهن. ائين هو ڊگهي نظر رکندي، خيرصلہ جو رويو اختيار ڪندو آيو، پر ميرن هن کي ڪو رخ ئي نہ ڏنو، هٿئون مٿس هلاٽون ڪندا ٿي رهيا تہ اسان کي بار سمجهي، پيءُ جي مرڻ کان پوءِ پڙ پالهو ڏسي، اسان تي ڌراوت جو ڌاڪو ڄمائڻ ٿو گهري!

ميرن جا درٻاري بہ اهي ڳالهيون ڪندا رهيا تہ ميرن جي مسند نشينيءَ سان بسم الله ئي برغلط ٿي پئي. شاهہ شجاع، جنهن وٽ خير سان مُٺ جيترا مٿي اگهاڙا ۽ مادرزاد ننگا ماڻهو، ۽ کي ڏتڙيل ۽ بکيا پناڻ گڏ ٿيل آهن، سو هتان اُٺ اوڳاڙي ۽

ڏوڪڙ ميڙي جيڪا ڪيپ ڪٽندو، سا بہ سارو جڳ ڏسندو. ٻئي طرف مير صاحبن بہ جيڪڏهن هاٿي ڪان پاڻ نہ سنڀاليو تہ پاسي اوسي ڪان ڪيئي ميرا مندا، جيڪي سندن مال ملڪيت ۾ اکيون کپايو ويٺا آهن، سنڌ جي حڪومت ۾ ڏراوت تي ڏاڪ چمائڻ ۾ ڪا دير نہ ڪندا.

اهڙيءَ ريت ميرن پنهنجي ڪم عقل ۽ ڪمينن صلاحڪارن جي چرچ تي شاهہ شجاع کان منهن موڙي پنهنجي لاءِ جهيڙي جو ڪارڻ پيدا ڪيو. هنن اهو سوچيو ئي ڪونہ تہ ان جو نتيجو ڇا نڪرندو!

شاهہ شجاع، ميرن کي جيڪي نصيحتون ڪيون ۽ چڱيون صلاحون ڏنيون، انهن کي هنن ماڳهين گڏهہ جو ٽِڪ ڇاتي، پنهنجي هٺ تان هيٺ لهڻ جي ڪانہ ڪئي.

شاهہ شجاع اهو سڀڪجهہ ڏسي، آخر فيصلو ڪيو تہ هاڻ شڪارپور ڇڏڻ وڏي درگت ٿيندي، سو ميرن کي چوائي موڪليائين تہ اسان پنهنجي ڪمن جي اٿپورائيءَ ڪري في الحال شڪارپور ڇڏي نٿا سگهون، جڏهن سيئي ڪم پورا ٿيا تہ پوءِ خراسان وڃڻ جي ڪئي ويندي.

ميرن اهو ڇتاءُ ٻڌي دل ۾ ڇيو، اجها ٿي مصيبت سر تي اچي. پر پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪري، انهيءَ ڳالهہ تي بيٺا تہ هن وقت شاهہ شجاع وٽ ڪاهہ جي طاقت ڪانہ آهي ۽ زماني جي دربدرين سبب پاڻ وڏيڪ پريشان رهي ٿو، تنهنڪري ڪنهن وڏي رڳڙي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. باقي اهو امڪان آهي تہ هو ڪجهہ سپاهہ گڏ ڪري پنهنجي ظاهري دٻدٻي سان شڪارپور مان هليو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪان پوءِ ان جو شڪارپور ۾ رهڻ مناسب نٿو لڳي.

شاهہ شجاع، ميرن جي اهڙن ارادن ڪان واقف ٿيڻ تي، پنهنجي تياريءَ جي ڳڻ ۾ لڳي ويو. انهيءَ اڻ وٽندڙ روئداد جي خبر اوسي پاسي پکڙندي رهي. ميرن جا جيڪي ماڻهو ملڪ جي جدا جدا هنڌن تي مامور هئا، تن کي انهيءَ صورتحال گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو. هو پنهنجي جان جي خوف ڪان ڏاڍا هيسجي ويا هئا، انهن مان ڪي تہ ٻيو چارو نہ ڏسي راتو رات درياهہ اُڪري ٻيءَ پر هليا ويا.

سيد ڪاظم علي شاهہ وري ڇا ڪيو جو اڳواٽ ئي خيرپور طرف نڪري ويو ۽ ڪنهن واقعي جي وجود ۾ اچڻ جو خيال ڪندي واپس ڪونہ آيو. شاهہ شجاع ڪيئي پيرا سيد ڪاظم علي شاهہ کي دم دلاسا ڏئي پاڻ وٽ گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر

جيئن ته هن ۽ سمندر خان جي وچ ۾ اڻ وڻت هئي، ان ڪري هو آئيندي جي خطري کان پاڻ بچائڻ لاءِ شاهه شجاع وٽ اچڻ جي همت نٿي ڪري سگهيو، مٿان سياڻي ڪا گڙٻڙ ٿي پوي!

سيد ڪاظم علي شاهه کي ته شاهه شجاع ايتريءَ حد تائين پڪ ڏياريندو ٿي آيو ته اوهان منهنجي لاءِ پٽن برابر آهيو، جيڪڏهن پيش پرينهن شڪارپور جو شهر ميرن جي هٿان نڪري به ويو ته اوهان ئي ان جا ڌڻي سائين هوندا، ڇو ته اسان کي اوهان کان وڌيڪ ڪو ٻيو ناهي. اوهان هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ به وڏو مانُ رکو ٿا، ان ڪري اوهان سان ڪا گهٽ وڌائي ڪرڻ روا ٿي نٿي سگهي.

سيد ڪاظم علي شاهه ايترين دلدارين جي باوجود شاهه شجاع ڏانهن ڪونه وريو، ويتر پنهنجي ڀاءُ سيد محمد تقي شاهه کي پاڻ وٽ گهرائڻ جي ڪوشش ڪيائين، جيڪو شڪارپور ۾ مامور هو. ان لاءِ رحيم خان ڪوسي تي اهو ڪم رکيائين ته هو اهڙي طريقي سان تقي شاهه کي وٽس رسائي، جو ٻني بشر کي ڪا ڪڙڪ نه پوي، ليڪن تقي شاهه انهيءَ تفرقي جي اثر ۾ پنهنجي ليکي پريشان ٿي اُتان نڪرڻ جي فڪر ۾ هو. آخر ڪنهن نه ڪنهن نموني اتان نڪري خيرپور هليو آيو ۽ پنهنجي ڀاءُ ڪاظم علي شاهه سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو، ته ڪاظم علي شاهه به خدا جا شڪرانا ادا ڪيا اهو چئي ته:

خدا ڪيو، آئي بلا ٽري وئي ۽ وڃي خير ٿيا!

*

## (۴۲)

## سنڌ جي ميرن جي ڪارندن جي شڪارپور مان پاڄ ۽ آسپاس جي غريب رعايا جي شهر ڏانهن واپسي ۽ شاهه شجاع وٽ دانهن ۽ شاهه شجاع پاران هر هنڌ ماڻهن جي مقرري - ميرن جي لشڪر جي سکر ۾ آمد ۽ جنگ جي شروعات:

سال ۱۲۴۸هه (۱۸۳۳ع) ۾ ميرن جي ڪارندن پنهنجي سر بچائڻ لاءِ شڪارپور مان پاڄ ڪاڏي ۽ پسگردائيءَ جي رعايا شاهه شجاع وٽ دانهين تي آئي. سنڌن چوڻ هو ته ميرن جا مڙئي ڪارندا پاڻ واٽي اوسو پاسو خالي ڪري ويا آهن، سڄو ملڪ حاڪمن کان خالي پيو آهي، جنهنڪري چور چڪار، جيڪي اڳيئي اهڙن موقعن جي تاڙ ۾ هوندا آهن، هاڻ به لُٽ ڦُر ۾ لڳي ويندا، چو ته هن کان اڳ به ائين ٿيندو رهيو آهي. اوهان اسان جي نگهباني لاءِ ڪو بلو ڪريو، نه ته بلوچ اسان کي پينگ ڪري ڇڏيندا. شاهه شجاع رعايا جي آزي نيزاريءَ تي هر هنڌ حفاظت جي لاءِ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيا ته جيئن ڪو به پنهنجو اجهو ڇڏي نه وڃي ۽ اڳي وانگر هرڪو پنهنجن ڪکن ۾ پناهي هجي.

هيڏانهن ميرن جڏهن ڏٺو ته شاهه شجاع جا ماڻهو اچي ڪاري جا مالڪ ٿي ويٺا آهن ته سُکن پانگن وانگي ٻرَڻ لڳا. ميرن ڇا ڪيو جو مير مبارڪ خان ۽ مير زنگي خان جي سرڪردگيءَ ۾ تورو گهڻو لشڪر گڏي روانو ڪيائون، جيڪو خيرپور مان کهي اچي روهڙيءَ ۾ گوڏو کوڙي وينو، جتان هنن کي درياهه ٽپي پَرينءَ پر سکر پهچڻ جو حڪم مليو. هاڻ اهي گهات گهڙجڻ لڳا ته شاهه شجاع کي کهڙيءَ ٽل سان شڪارپور مان ٽپڙ ڪٽائجن.

مير عالم خان مري، جيڪو ڪجهه عرصو اڳ شڪارپور جي حڪومت جا مزا ماڻي چڪو هو، تنهن کي خاص ڪري ڏاڍا جڪ هئا ته شڪارپور جي محبوبن ۽ معشوقن سان وري وڃي ڪي ميل ملهائجن. انهيءَ ارمان ۾ هر گهڙيءَ "هئه شڪارپور، هئه شڪارپور" جا هُلڪارا ٿي ڪيائين.

آخرڪار عالم خان مري پنهنجي پٽ جهان خان مري ۽ موڪليل لشڪر سميت درياهه ٽپي، سکر پهچي، شڪارپوري شهزاديءَ جي شوق ۾ هونگار تي هونگار شروع ڪري ڏني. نيٺ بئي ڏينهن لشڪر سوڏو وڃي جعفرآباد ۽ فريد آباد وارن واهڻن ۾ غريب رعايا تي ڪڙڪيو، جن ويچارن تي ڪو به رحم نه ڪيائين.

حاجي هدايت الله خان، جيڪو شاهه شجاع جي طرفان گوسڙجي ۾ مقرر ٿيل هو، تنهن جو اها خبر ٻڌي ته ڪن سوارن کي ساڻ ڪري عالم خان مريءَ جي مقابلي لاءِ وڌيو. عالم خان کي اڳ ۾ چتايائين ته غريب رعايا جي آزارڻ کان هٿ جهل، پر هو باز اچڻ بدران ويتر تاءُ ۾ فتني فساد تي لهي آيو.

عالم خان مريءَ وٽ لشڪر وڏيڪ هو ۽ هدايت الله خان سان صرف ڪي سوار ساڻ هئا. هاڻ هن لاءِ لڙائيءَ کان سواءِ ڪو چارو نه هو، ان ڪري ميدان ۾ اچي مريءَ سان دوبدو ٿيو. خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو اوچتو عالم خان مٿان توب جو گولو وجي ڪريو، جنهن سندس سر ڪٽي ڇڏيو.

عالم خان مريءَ جي مارجڻ کان پوءِ هن جو پٽ جهان خان، پيءُ جو موت اکين سان ڏسي، آپي کان نڪري ويو ۽ هڪدم هدايت الله خان تي حملو ڪري ڏنائين. حاجي هدايت الله خان سندس وار جو شڪار ٿي موت جي ور چڙهي ويو. باقي لشڪر، جنهن ۾ ڪي سوار شامل هئا، ڇڙوڇڙ ٿي ميدان ڇڏي ويو.

جهان خان مري ميدان خالي ڏسي، هدايت الله خان جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري نيزي جي نوڪ ۾ ٽنبي، نعرا هڻندي نڪري پيو. ڪڏهن ان کي لٽون پئي هنيائين ته ڪڏهن مٿس ٿُڪن جا وسڪارا ٿي ڪيائين. ڪيس اهو الڪوئي ڪونه پئي ٿيو ته اڳيان شاهه شجاع به ڪا شيءِ آهي، جيڪو آئيءَ ويل وسئون ڪينَ گهٽائيندو.

شاهه شجاع هڪ ته علم جي زيور سان سينگاريل، ٻيو حرمين شريفن جي فيض سان سنواريل ۽ ٽيون اسلام جي بادشاهه پاران حق نمڪ ادا ڪرڻ ۽ خدا جي خلق جي خير ڪئڻ لاءِ رعايا جو راکو بڻجي چڪو هو، تنهن ڇيو:

"ازل جي بادشاهه
هر ڪنهن کي پنهنجو رنگ روپ ڏنو آهي.
ازل جي ديوان
هر ڪنهن جي ڀاڳ جو انگ لکي ڇڏيو آهي.
تقدير جي آڏو
ڪنهن جي به ڪانه ٿي هلي سگهي.
هر ڪو گوءِ چوگان وانگي
پنهنجي پنهنجي چڪر ۾ پورو لڳو پيو آهي.
تو سانوڻ ۾
جيڪي پوکيندين، اهوئي اوڙڪ لڻندين.
ازل جي دهقان (هاريءَ)
جيڪو ٻج ڇٽيو، اهوئي سلو اُپائيندو." (ص: ٢٩٢)

(۴٣)

## شاهه شجاع جي پاران سمندر خان کيّ ميرن جي لشڪر سان مقابلي لاءِ مقرر ڪرڻ ۽ ميرن جي لشڪر جون ڀاڙون هڻڻ:

جڏهن سال ١٢۴٨هه (١٨٣٣ع) ڌاري حاجي هدايت الله خان، جيڪو شاهه شجاع جو معزز امير هو، جهان خان مريءَ هٿان مارجي ويو تڏهن شاهه شجاع جوش ۾ اچي سمندر خان کي ٽي هزار سوار ۽ پيادا ستن توبن سميت ڏيئي چڙهائي جو حڪم ڏنو. هن سوچيو ته جنهن صورت ۾ خيرپور جي ميرن کي اسان جو ڪو خيال نه ٿيو ته اسان به لاچار آهيون. هاڻ پلي اسان جو لشڪر وڃي اُنهن سان مهاڏو اٽڪائي، پوءِ جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو.

خيرپور جي اميرنَ به عالم خان مريءَ جي موت ڪان پوءِ فساد ۾ منهن وجهي، محبت خان مري، ڏگاڻي خان مري، جلال خان مري، فضل محمد خان مريءَ سان گڏ نظاماڻين، جلباڻين ۽ باڪراڻين کي مير رستم خان وٽان گهرايو ۽ سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه کي مير علي مراد خان وٽان ڪوٺ ڪيائون، جيڪو سدائين بهادريءَ ۽ جوان مرديءَ جون ڀناڪون هڻندي، پاڻ کي رستم سمجهندو هو. سو عالم خان مريءَ جي وير وٺڻ لاءِ ٻين سان گڏ ٽنگر جي اڳ ۾ ٽي هليو (١). اهو سڄو لڏو ٽالپوري توپيون لنڊ تي رکي واچوڙي جيان ور وڪڙ ڪائيندو ڊاڙ ڊش ۾ زمين آسمان هڪ ڪندو وڃي، روهڙيءَ رسيو. جتان درياهه پار ڪري سکر تائين پهتو. اتي پهچندي غريب رعايا لاءِ رڻ ٻاري ڏنائون، جنهن لاءِ ڪين شاهه خيرالدين جهڙي پلاري جي درگاهه جو به ڪو حياءُ شرم نه ٿيون اُن جي باوجود، جو چيو اٿن ته:

خدا، ولين کي ايتري قوت عطا ڪئي آهي،
جو ڪمان مان ڇٽل تير به واپس ورائي ٿا سگهن.

جنهن به ولين کان مدد نه طلبي آهي، سو ڪنهن به معرڪي (مهاڏي) ۾ سوڀارو ڪونه ٿيو آهي.

---

(١) مري، نظاماڻي، جلباڻي ۽ باڪراڻي سڀ بلوچ قبيلا هئا. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ميرن سان بلوچن جو گهرو لاڳاپو هو جن سندن ساٿ پئي ڏنو.

هجي تہ بہ چنجي تہ نيڪ آهي، باقي جيڪڏهن ڪو هن جنگ ۾ قتل ٿيو تہ دنيا جي خساري ڪان سواءِ ٻي ڪهڙي چڱائي ٿيندي۔ اهو چئي آءٌ پنهنجي شهر شڪارپور ڏانهن هليو آيس.

سيد ڪاظم علي شاهہ جي پاءُ ڪيس گهڻو ئي سمجهايو هو، پر هن جي تقدير ۾ ائين لکيل هو. آخر اتان هلي روهڙيءَ پهتا. رستي ۾ عالم خان مريءَ جو جنازو ڏسي بد سوڻ سمجهيائون، پر مصلحت ڪان مات ڪري لاش تي شال وجهي نڪري آيا. روهڙيءَ پهچي اتان سکر ڏانهن اُسهيا، جتي بلوچن جي لشڪر جن ورلي ڪا جنگ ڏٺي هوندي، ها سيڪاري تراريون هلائي ڪتن، پلن ۽ ٻين ساهوارن جا سر ڪٽي پنهنجي بهادري ۽ پهلوانيءَ ڏيکاري، پٺاڪون هٽي رهيا هئا تہ اجهو تا شاهہ شجاع جي لشڪر جو ڪم لاهي اچي شڪارپور پهچون، جتي قُرلٽ ڪري محبوبن ۽ معشوقن سان ملي خوب عيش ڪندا سون.

هنن لباڙين ڪي اها ٻيٽ ئي ڪانہ پئي تہ پريان شاهہ شجاع جو لشڪر ساڻن ڪهڙي جنڊ ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪي هنن سان ٿيندو، سو ڪنهن سان نہ ٿيو هوندو!

*

## خيرپور جي ميرن جي سمندر خان سان جنگ جوڙڻ ۽ نتيجي ۾ هار کائي سندن لشڪر جو درياهہ ۾ غرق ٿيڻ:

سال ١٢٤٨هہ (١٨٣٣ع) ۾ سمندر خان، شاهہ شجاع جي حڪم سان ٽي هزار سوار، پيادا ۽ اٺ توبون ساڻ ڪري اُهي پور پچائيندو، شڪارپور مان هليو تہ خبر ناهي ڪنهن ڪي تي سوڀ نصيب ٿئي ۽ ڪير ٿو هارائي! نيٺ هفتي ڪن ۾ جعفرآباد پهتو. هوڏانهن ميرن (ٽالپورن) جو لشڪر بہ هڪيو تڪيو موجود هو.

سمندر خان، مخالف لشڪر کان اڌ ميل پرتي وڻ جي چوٽيءَ تي پنهنجو جهنڊو بڌي تورو لشڪر اتي بيهاريو، جيڪو جنگ جا نعرا وجائڻ لڳو، جيئن ميرن جي لشڪر کي پتو پوي ۽ کين اها پڪ ٿئي تہ شاهہ شجاع جي ڌر ميدان تي اچي چڪي آهي.

انهيءَ تدبير کان پوءِ سمندر خان پرپاسي جي ٻين وڻن تي بہ پنهنجا جهنڊا اُڀا ڪرائي، پاڻ ڪن واقفڪارن سان گڏ سوار ۽ پيادا وٺي بہ توبون ڪڍ لائي، اهڙي چپ چاپ ۾ هلندو وڃي آدم شاهہ جي ٽڪريءَ تائين پهتو، جو ڪنهن کي بہ ڪا خبر نہ پئجي سگهي. ٽڪريءَ تي پهچي ڏنائين تہ پريان درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ٽالپوري لشڪر بلڪل بي خبر ۽ پنهنجي موج ۾ گم وينل هو، پوءِ تہ اوچتو توبن جي گولن جا ڌوڙيا لائي ڏنائين، جن سان ميرن جو لشڪر گهوڙن سميت ڪاڳرن وانگي پرزا ٿيندو ويو، جيڪي بچيا اهي غوث بهاءالدين ملتاني جا دنباها (نعرا) هڻندا آدم شاهہ جي ٽڪريءَ ڏانهن نهارڻ لڳا.

سيد غلا مرتضيٰ شاهہ، جيڪو جبل جهڙو جوان هو، لاپرواهيءَ ۾ گهوڙي تي سوار ٿي هٿيار ڪٽي، مچن کي تاءُ ڏئي پنهنجي عملي سان گڏ ائين چوندو اڳتي وڌيو تہ اجهو تا انهن جهرڪيءَ جي ٻچڙن کي ٽڪر جي چوٽيءَ تان اڏاري ڪيون!

سيد ڪاظم علي شاهہ، جيڪو اتي موجود هو، تنهن کي غلام مرتضيٰ شاهہ جي اها تڪڙ ڏکي لڳي، پر خار کائڻ سواءِ ڇا ٿي ڪري سگهيو! سو هٿ مهٽيندو، هيڪر تہ ماٺ ٿي ويو، پر ٻيءَ گهڙيءَ ياري ۽ وفاداري جي ننگ ۾ گهوڙي تي چڙهي

اڳيان ٿيو ۽ پنهنجي دليريءَ سان شاهه شجاع جي ڪيترن پيادن کي ماري، ڦٽي وڌندو ويو. نيٺ پاڻ به ڦٽجي گهوڙي تان وڃي هيٺ ڪريو ۽ انهيءَ ساعت دم ڏنائين.

سيد غلام مرتضيٰ شاهه مڪني هاٿيءَ جيان ترار هٿ ۾ ڪٽي چپ پڪوڙي پيڪيون هڻندو ميدان مارڻ لاءِ اڳيرو ٿيو ته ڪنهن مهاڏي کان اڳ توب جي گولي لڳڻ سان وڃي موت جي منهن ۾ پيو. اهو ڏسي هڪ روهيلو پٺاڻ گهوڙي تان لٿو ۽ سندس سري لاهي هٿيار پنوهار ۽ لٽا ڪپڙا ڪٽي هليو ويو.

ان کان پوءِ حيدرآباد جي ميرن جو خاص ملازم دريا خان نظاماڻي ميدان ۾ آيو، تنهن کي سمندر خان جي پاڻيٽي هڪ ئي ڌڪ سان پورو ڪري ڇڏيو. هاڻ جهان خان مري جو وارو آيو، جيڪو پنجاهه سٺ جنگي جوان اڳ ۾ ڪري سندن پهراڻن جا اڳا هڪ ٻئي سان ٻڌي، بلوچاڻي ريت موجب ميدان مارڻ هليو. هن جوان اهڙي مڙسي ڏيکاري جو هر ڪنهن کي آفرين چوڻي پئي، پوءِ نعرا هڻندا ٽڪريءَ ڏانهن پئي وڌيا، انهيءَ اجائي ڪوشش ۽ ڪاهه ۾ ڪيترن بلوچن جون جانيون ضايع ٿي ويون ۽ جهان خان مري به مري ويو. ٻئي پاسي فتح محمد خان غوري (وزير) مير رستم خان، محبت خان مري ۽ ٻيا جيڪي لال واهه ۾ لڪل هئا، اهڙا ته اتي سانت ٿي ويا، جو ڄڻ هئا ئي ڪين!

شاهه شجاع جو لشڪر، جنهن ۾ خراساني سوار، پيادا، روهيلا پٺاڻ ۽ هندستاني شامل هئا، جنگ ۾ ايتري قدر ته مچرجي پيا، جو بلوچن جون ڪنڌيون ڪٽي ڇڏيائون، جيڪو به سندن ور پئي چڙهيو، تنهن کي ٽڪرا ڪري ٿي وڌائون.

ميرن (ٽالپورن) جي اميرن جي ايڏي قتلام کان پوءِ، جنهن ۾ غلام مرتضيٰ شاهه، سيد ڪاظم علي شاهه، عالم خان مري ۽ سندس پٽ جهان خان مري، جن مان هر هڪ بهادري ۾ در حق پنهنجو مٽ پاڻ هو، جيڪي انهيءَ جنگ ۾ قتل ٿيڻ جوڳا ئي نه هئا، پر تقدير اڳيان هر ڪو بيوس هو. سو هيءُ به ائين هليا ويا، پٺيان جيڪي بلوچ وڃي بچيا، تن ميدان ڇڏي درياهه ڏانهن رخ رکيو.

هيءَ اهڙا ته اچي بغان ٿيا، جو پيچ پيچان ۾ درياهه جي پر تي بيٺل ٻيڙين ۾ پاڻ اڇلائيندا ويا، اها خبر جڏهن روهڙي ۾ ترسيل ميرن جي اميرن: مير مبارڪ خان ۽ مير جنگي خان تائين پهتي ته اهڙا اچي ڏمريا جو هڪدم حڪم ڪيائون ته جيڪي به جنگ جي ميدان مان پڇي ٻيڙين ۾ چڙهيا آهن، تن کي هڪدم هيٺ لاهي ڇڏيو، جيئن ڪو به درياهه پار ڪري نه سگهي، ڀلي ته اتيئي سندن انت اچي وڃي.

ويچارا بلوچ اچي ڦاٿا ته پويان سمندر خان باهه ٻاريو پيو اچي، اڳيان ميرن جي

ماٺهن ڪين ٻيڙين مان ٻاهر ڪڍي درياهه جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. آخر ٻي ڪا واهه نه ڏسي سمندر خان جي خوف کان ڏوڪيندا درياهه داخل ٿيندا ويا، جيڪي دشمن جي فوج کان بچي ۽ پڇي نڪتا، تن کي پنهنجن جي جبري حڪم تي پاڻ کي درياهه جي ڪُن ۾ ڪيرائڻو پيو، جن کي ڇولين بي موت ماري ڇڏيو.

انهيءَ جنگ ۾ ويچارن بلوچن تي جيڪا قيامت اچي ڪڙڪي، تنهن جو ڪاٿو ئي ڪونهي! شاهه شجاع جي ڦهري فوج کان ڪنبي وٺي جو ڀڳا ته پنهنجو پاڻ کي درياهه ۾ غرق ڪندا ويا. ڪي جنگ جي باهه کان جيئوٽيڪ سڪل ڇپن سان نڙيءَ تائين پاڻيءَ ۾ ڦٿل هئا ته به پاڻي پاڻي ٿي ڪيائون. هنن کي پنهنجيءِ ورا ڪورا ۾ پاڻي ئي نظر ڪونه ٿي آيو. ڪي وري مهاڻن کي آزيون ڪري رهيا هئا، ته خدا جي واسطي اسان جي واهر ڪريو، ڪن گهوڙن جا پيچ پڪڙي پاڻ ڪٽي ٿي سٽيو ته ڪن وري گهوڙن سان گڏ پنهنجو سر به پٽي گنوايو، ڪن خرجينون ۽ ٻيا سنج مشڪ وانگي هينان ڪري انهن تي تري پار اُڪرڻ ٿي چاهيو ته اوچتو انهن جي ڇڇي پوڻ سان وچي تر ٿي ورتائون.

اهڙي ڪاري قيامر هلندي، مير مبارڪ خان ۽ مير جنگي خان جڏهن ڏٺو ته بلوچن ۾ ڪو دمُ نه رهيو آهي، تڏهن ٻيڙيائتن کي حڪم ڏنائون ته ڪين غرق ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ بندوبست ڪيو وڃي. جيئن ٻيڙيون اچي پهتيون تيئن بلوچن جي جڻ الله ٻڌي، سيئي هيڪاندا ٿي هڪ ٻي مٿان ڪرندا، ڙڙندا وڃي ٻيڙين ۾ پيا. ڪين سر بچائڻ کان سواءِ ٻي ڪا سُڌ ئي ڪانه هئي.

بلوچن جي ايڏي هار ڏسي نواب احمد خان لغاري، جيڪو سيد غلام مرتضيٰ شاهه ۽ سيد ڪاظم علي شاهه جو گهاٽو يار هو، درياهه ٽپي بکر واري قلعي کان وچي ڪرڙيءَ واري ڪپ تي پهتو. جتي پنهنجن پيارن جي موت تي ماتم ڪرڻ لڳو، پر دشمن جي مقابلي لاءِ پير اڳتي نه وڌايائين.

فتح محمد خان غوري، محبت خان مري ۽ انهن سان گڏ ٻيا جيڪي لال واهه ۾ لڪي وينا هئا، مُئن وانگي جڻ قبرن مان ٻاهر نڪري آيا. اهي ايڏا ته هيسيل هئا، جو چوڌاري نهاريندا، ڏڪندا ۽ ڇرڪ پريندا وڃي ٻيڙين پيڙا ٿيا. جتان درياهه ٽپي وڃي سامهون جو ساهه کنيائون ۽ شڪرانا ڪرڻ لڳا.

سمندر خان جنگ ۾ سوڀارو ٿي، نهايت سرهائيءَ سان ميرن ڏانهن چوائي موڪليو: مون هيلتائين ڀاهتر جنگيون ڪيون آهن، جن ۾ ڪيئي ڪونڌر ڪيرائي ڇڪو آهيان. هيءَ ٿيهترين جنگ هئي، جيڪا پڻ وڏي سورهيائي سان سر ڪئي اٿم،

هاڻ بہ جنگ جو پڙ پالهو پيو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ۾ ڪا جوت هجي تہ اچي جوهر ڏيکاري، مان بلڪل تيار آهيان.

انهيءَ للڪار ڪان پوءِ بہ مخالف ذر مان ڪو اهڙو جوڌو ڪونہ جاڳيو، جيڪو سمندر خان سان اچي سامهون ٿئي ها. بلڪہ هر ڪو بلوچن جي مٿان ميارن جو مارو وجهي رهيو هو، تہ هنن ڪلر جهڙن مان ڪين ٿيو. پڇاڙيءَ سارو ڏوهہ حيدرآباد جي ميرن تي مڙهيو ويو تہ انهن ئي سيني کي ڏنو ڪرايو(١)

*

(١) ڪرڙيءَ واري جنگ، جيڪا شڪارپور کان چوويهن (٢۴) ميلن جي مفاصلي تي سکر ۾ لڳي هئي، اُنهيءَ بابت محترم مولائي شيدائي لکي ٿو تہ: شاهہ شجاع، جنهن کي ميرن شڪارپور ۾ مهمان طور رهايو هو، مير مراد علي جي وفات کان پوءِ سيد ڪاظم علي شاهہ کي شڪارپور مان لوڏي پاڻ شهر جو مالڪ ٿي ويٺو، جنهن تان حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن ارڙهن (١٨) هزار لشڪر ڪٺو ڪري شڪارپور تي ڪاهہ ڪئي ۽ اها جنگ شروع ٿي.

شاهہ شجاع جي صرف ٽن هزارن فوجين کان ٽالپوري فوج شڪست کائي ويٺي، جنهن ۾ ڪاظم علي شاهہ ۽ گولي شاهہ مارجي ويا، آخرڪار سيد اسماعيل شاهہ جي معرفت ٻنهي ڌرين ۾ صلح ٿيو. شاهہ شجاع ٻارهن لک ٽالپوري رپيا وٺي لڌياني روانو ٿي ويو. هيءَ واقعو ١٨٣٣ع جو آهي.

"شڪارپور صدين کان" محترم نقش ناياب منگي ص٦٦. ٽالپورن جي مختصر تاريخ، مولائي شيدائي جي حوالي سان. وڌيڪ لاءِ ڏسو تعليقات شاهہ شجاع جي بيان پويان. — مترجم

(۴۵)

## سمندر خان جي جنگ ۾ مارجي ويل بلوچن جي ماتم جو بيان:

۱۲۴۸هه (۱۸۳۲ع) ۾ خيرپور جي ميرن جي لشڪر جي هار کائڻ ۽ ڪيترن جنگي جوڌن جي مارجي وڃڻ تي سنڌ ۾ ماتمي ماحول پيدا ٿي ويو، خاص ڪري بلوچن جي گهرن ۾ ڪهرام متل هو: جتي ڪارن ڪپڙن ۾ مٿا اگهاڙا ڪري پاڻ کي ڦٽي هڪ پاسي مردن ۾ "آئلي گهوڙا. ياحسين!" ته ٻئي پاسي عورتن ۾ وڏي واڪي هي پار ڪيا پئي ويا:

'هڻ هڻ جو جوان هو. جنگ جو پهلوان هو!'

انهيءَ ماتمي ماحول جو جيڪڏهن نقش چٽيو وڃي، ته هرگز نه چٽجي سگهجي. سڀڪجهه خدا جي وس ۾ آهي. هو چاهي ته هڪ گهڙيءَ ۾ سارو جهان ويران ڪري ڇڏي. انسان ويچارو ڪجهه به ڪري نٿو سگهي.

خيرپور جا مير انهيءَ پريشاني ۽ پشيمانيءَ جي ڪري وڏي مونجهاري ۾ اچي چڪا هئا. جيڪڏهن اهي پنهنجي هوش، عقل کان ڪم وٺي، پنهنجي عاقبت لاءِ ڪجهه سوچين ها، ته ڪين اِهي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها.

سمندر خان پنهنجي سوڀ تي نغارا وڄائيندو، توبن جا گولا ڇوڙيندو ۽ شادمانا ڪندو وڃي، شڪارپور کان نڪتو: جتي شاهه شجاع جي درٻار ۾ پهچي، وڏي مان شان سان سرفرازي ماڻيائين. هن بلوچن سان مهاڏو اٽڪائي جيڪي ڪارناما ڪري ڏيکاريا هئا، اهي ذري پُرزي بيان ڪيائين. ان کان اڳ جنهن ڏوم ڏام سان شڪارپور ۾ پير رکيا هئائين، سا ماجرا به واڪاڻ جوڳي آهي. جنگ ۾ مخالف ڌر جي لشڪر جو جيڪو مال اسباب غنيمت طور هن کي هٿ لڳو، تنهن ۾ زربفت جون ٽالپوري ٽوپيون، رنگين شالون، روپن سونن مُنين ۽ هٿين جا خنجر ۽ ترارِيون وغيره هيون.

شڪارپور ۾ داخل ٿيڻ وقت هنن ٽالپوري ٽوپيون پنهنجي ٽِڪڻ تي رکيون ۽ سنڌن ترارِيون هٿن ۾ کڻي هوا ۾ ڦيرائيندا، جنگي ڪرتب ڏيکاريندا، دف وڄائيندا، نچندا ٽپندا ۽ ناٽ نخرا ڪندا وڏندا ويا. شڪارپور جي ماڻهن اهي رونشا ڏسي ڏاڍا

ڏک پئي ڪيا ۽ ميرن کي ڏوراپا تي ڏنائون، جن جي حماقت سان ملڪ هن حال تي پهتو هو.

شاهه شجاع مهمان ۽ مسافر هو، تنهن سان نافرمانيءَ وارو رستو اختيار ڪرڻ ميرن جي شان وٽان نه هو. هيءَ ته مسلمان هئا، پر جي ڪافر هجن ها ته به انهن کان اهو ڪم ڪونه پڇي ها. انهيءَ افعالين ميرن کي اها خواري خجالت ڏسڻي پئي. اهڙيءَ ريت شهرين مان جنهن کي جيڪي ڪي دل ۾ آيو، سو زبان تي آڻي پنهنجو اندر پئي ٺاريائون.

سچ چيو اٿن:

"دنيا ڏاڍي مڪار آهي،
هر ڪنهن کي فريب ڏيندي تي رهي،
جنهن به هن سان دل لاتي،
اهو وڏو احمق ۽ جاهل آهي.
بس رهي نالو الله جو!!"

*

## سنڌ جي ميرن جو صلح صفائي لاءِ شاهه شجاع وٽ اچڻ ۽ شاهه شجاع جو ساڻن صلح ڪرڻ:

سال ١٢٤٩هه/١٨٣٣ع جي صفر مهيني ۾ شاهه شجاع خيرپور جي ميرن جي لشڪر کي شڪست ڏئي سوڀارو ٿيو. اها خبر جڏهن حيدرآباد جي ميرن تائين پهتي ته ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ پرجي، رات ڏينهن هڪ ڪري، جنگي سامان ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويا. آخرڪار حيدرآباد مان هڪليندا، شاهه شجاع جي مقابلي لاءِ منزلون هڻي اچي لاڙڪاڻي پهتا، جتي خيرپور جي ميرن اچي ساڻن پاڻ ڳنڍيو.

انهيءَ دوران ڪيئي ڪوڙيون سچيون خبرون پکڙنديون رهيون، پر شاهه شجاع انهن کي هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيو. پاڻ نهايت دلجاءِ سان خدا جي ڀروسي چار هزار پيادن ۽ سوارن جي لشڪر ۽ اٺن توبن سميت شهزادي واري باغ مان نڪري، اچي شڪارپور شهر لڳ شاهي باغ ۾ منزل انداز ٿيو.

هوڏانهن مير صاحبان به لاڙڪاڻي مان هلي، درياهه جو پاسو وٺي آهستي آهستي پنڌ هڻي اچي مدنجي ۾ پاڻ کي رسايو. ساڻن گڏ پيڙيون به هيون، جيڪي انهيءَ ڪري درياهه مان ڇڪائيندا آيا ته متان ڪٿي انهن جي ڪا ضرورت پئجي وڃي. سندن خيال هو ته ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو ته ٿورائيءَ وارا گهڻائيءَ وارن تي چڙهائي ڪري فتحمند ٿي ويندا آهن. خدا ائين به ڪندو آهي، سو جيڪڏهن ائين نه ته اهي پيڙيون پڇڻ وقت ڪم اچي سگهن ٿيون ۽ شڪست جي مصيبت کان اڳوات ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو.

اهي پور پچائيندا، هي اچي شاهه شجاع جي ويجهڙ ۾ پهتا، (پر جنگ جو ارادو بدلائي) صلح لاءِ آتا ٿي پيا. ان لاءِ پير ميان نظام الدين ۽ پير ميان غلام محي الدين سرهندي(١) کي اڳ ۾ ڪري، شاهه شجاع وٽ موڪلڻ لاءِ سوچيائون.

پير صاحبن سندن چوڻ تي شاهه شجاع وٽ وڃي سڄو احوال بيان ڪيو. هو هيڪر ته تپيءَ ۾ پئجي ويو، پر پوءِ پير صاحبن کي ڏسي، دور انديشي جي ڪري،

---

(١) ڏسو تعليق ١٠.

ڪائڻ منهن نہ موڙي سگهيو ۽ صلح لاءِ تيار ٿيو. پوءِ پنهنجن ماڻهن ۾ محمد شريف خان، ضبط بيگي ۽ قاضي محمد حسن (١) کي جناب پير صاحبن سان ميرن ڏانهن موڪلڻ لاءِ مقرر ڪيائين.

هي اتي ويا تہ شروعات ۾ ميرن مٿينءَ دل سان ميارن ۾ منهن وڌو، پر پوءِ هو حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺندي اوپارين لهنوارين ۾ اچي پيا ۽ نيٺ اصل ڳالهہ تي آيا. ٿوري گهٽي بحث کان پوءِ پنهنجي معتبر بهادر خان ڪوڪر کي شاهہ شجاع ڏانهن موڪلڻ جي صلاح ڪيائون، جيڪو سردار سمندر خان سان گڏجي شاهہ شجاع ڏانهن ويو. هيءَ ٻئي پاڻ ۾ وڏيڪ گهرا هئا، ان ڪري بهادر خان کي اهو خيال دل ۾ آيو.

شاهہ شجاع ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ اهو شرط وڌو تہ ميرن کي چار لک رپيا خرچ روڪ ۽ بار برداريءَ لاءِ پنج سؤ اُٺ الڳ ڏيڻا پوندا. تنهن کان سواءِ وڌيڪ هڪ لک رپيا، ناف مالي(٢) جي عيوض، شاهہ شجاع جي خانن ۽ اميرن کي بہ ڏيڻ ۾ ايندا. پڄاڙيءَ ۾ ميرن جو خاص ماڻهو (بهادر خان ڪوڪر) سنڌ کان قنڌار تائين شاهہ شجاع جي قافلي سان گڏجي هلندو، (تڏهن ئي ميرن جي پچر ڇڏي ويندي.) بهادر خان سان پورا هڪ سو ميرن جا سوار ساڻ هوندا.

ميرن (جند ڇڏائڻ لاءِ) اهي سڀ شرط قبول ڪري، ڏوڪڙن سان گڏ اُٺ وغيره وٽس پهچا ئي، ڪيس (شاهہ شجاع کي) سنڌ مان خراسان روانو ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ مير (خير سلامتي جا شڪرانا ادا ڪندا) پنهنجي بنگلن جهڙين شاهي ٻيڙين ۾ چڙهي، درياهہ جي موجن ۾ موجون ڪندا روانا ٿيا. هڪڙن حيدرآباد جو سفر اختيار ڪيو تہ ٻيا خير سان اچي خيرپور پيڙا ٿيا.

دنيادارالمڪافات آهي، هتي جيڪي پوکبو، سوئي لڻڻ ۾ ايندو:

(جنهن بڇرائي جو ٻج ڇٽيو ۽ نيڪيءَ جي اميد رکيائين،
تنهن جو دماغ خراب ۽ سندس خيال باطل آهي.)

ميرن پهريون ڀيرو (جيئن اڳ بيان ٿي آيو) سردار محمد عظيم خان پيري قسم ساک جي باوجود شاهہ شجاع کي ڏوکي ڏيڻ ۾ ڪوبہ لحاظ ڪونہ ڪيو، جنهن جو نتيجو اجهو اهو ڏٺائون. هڪ پاسي خيرپور جا مير شڪست کائي شرمندا ٿيا، تہ ٻئي

(١) ڏسو تعليق نمبر ٢٧.

(٢) ناف ملي (سنڌيءَ ۾ تہ ان جي لفظي معنيٰ دُن ممت ٿني ٿي) تنهن زماني ۾ ڏاڍائيءَ جي لٺ سان وصوليءَ کي چئبو هو. اهو ڏنڊ ناف ماليءَ کان سواءِ سرچر بيبي بي بروت وغيره جي نالي سان وصول ڪيو ويندو هو، جنهن جي ماليت پنجاهہ هزار روپين تائين هوندي هئي. — مترجم

طرف پنهنجا سرڪردا ماڻهو مارايائون. پڇاڙيءَ ۾ ڏنب ڏوهه ڀري اُٺ ۽ روڪ ڏوڪڙ ڏيئي، پنهنجا پراوا پاڻ تي ڪلاتي دنگ ڪيائون. اها سوچ جيڪڏهن اڳ ۾ ڪن ها ته کهڙو نه چڱو ٿئي ها! سياڻن کهڙو نه سچ چيو آهي:

”پهريان سوچي، پوءِ ڪو ڪم ڪيو وڃي.“

جيڪڏهن مير اڳواٽ ئي شاهه شجاع جي خواهش مطابق ڪيس اُٺ ڏئي روانو ڪري ڇڏين ها ته هيستائين ڳالهه نه رسي ها، جيڪا تمام خواريءَ ۽ خجالت واري ثابت ٿي چڪي. بيو ته جيڪا به ڳالهه اعتدال جي حد ٽپي ٿي وڃي، تنهن ۾ ڪيئي اوڻايون اچي وڃن ٿيون.

سنڌ جا مير، جنهن زماني ۾ خراسان/افغانستان جي بادشاهن جي ڊپ ڀريندا هئا، تڏهن سڄي سنڌ باغ بهار لڳي پئي هوندي هئي ۽ روز بروز هن جي واڌ ويجهه ٿيندي ٿي رهي، ايتري قدر جو ميرن جي ان حڪومت جي سک مان خاص عام خوش ٿيندو پئي آيو ۽ پاڻ به خوش گذاريندا ٿي آيا.

جڏهن خراسان/افغانستان جي بادشاهت پنهنجي ڪرتوتن سبب ڏچي ۾ پئجي ويئي ته ڪيئي فتنا ۽ فساد اتان جي سلطنت ۾ نروار ٿيندا ويا. سنڌ جي ميرن کي جو موقعو مليو ته هڪدم ڪٽي شڪارپور ۾ هٿ ڳنڊيائون، جيڪو تڏهن خراسان افغانستان جي هٿ هيٺ هو.

هنن چورن، ڦورن ۽ ڌاڙيلن کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو، جن وڃي شڪارپور جو دروازو جهليو ۽ چوڌاري جيڪي غريب غربا هئا، تن کي لٽي ڦري ڀينگ ڪري ڇڏيائون. ايتري قدر جو شڪارپور جا سڀ ٻاهريان علائقا پنهنجي هٿ ۾ آڻي، باقي وڃي شهر جي قلعي جون(۱) چار ڀتيون رهايائون، جن ۾ به سندن اکيون هيون ته ان کي به ڪڏهن هٿ ڪري رهنداسين. نيٺ نوبت وڃي ايستائين رسي، جو خالصي (رنجيت سنگهه) جي حملي جي بهاني سڄو شهر پنهنجي قبضي ڪري ورتائون.

شهر کي قبضي ۾ آڻڻ ڪان پوءِ هنن ڪان ڪنهن به قسم جي ڪا چڱائي ۽ چڱمڙسي ڪانه پڳي، بلڪه هر سال اُن تي هڪ نه ٻي مصيبت نازل ڪرائڻ جا سبب پيدا ڪندا رهيا. پڇاڙيءَ ۾ شڪارپور ته تاراج ٿي پر سنڌ به ان جي طفيل برباد ڪري ڇڏيائون. ڪنهن چواڻي: ’حرص شوم حريص محروم‘ هوندو آهي، سو هتي به اها ماجرا ٿي.

---

(۱) شڪارپور جي قلعي بابت ڏسو تفصيلي احوال شڪارپور جي بيان ۾. - مترجم

ميرن جيئن حرص هوس ۾ منهن وڌو، تيئن سندن بدقسمتي ۽ بي برڪتيءَ جا اهڃاڻ اڀرندا ويا. آخرڪار سندن حالت وڃي اها ٿي، جو هنن جي گهوڙن جا طنبيلا پينگ ٿي ويا ۽ منجهن ڪو داڻو باقي نہ رهيو ۽ هنن جو گهوڙن جا توبرا اڌ رات منجهہ رات بازار ۽ دڪانن تي رلندا ٿي رهيا (١).

*

(١) شاهہ شجاع، پنهنجي واقعات ۾ پراڻن ناتن جو ذڪر ڪندي، ص ٨۴ تي لکي ٿو تہ "اسان ١۴ رمضان ١٢۴٩هہ /١٨٣۴ع ڌاري. لاڙڪاڻي ڏانهن روانا ٿي اچي پهرينءَ منزل تي پهتا سين تہ مير نور محمد خان ۽ مير محمد نصير خان، مير مراد علي خان جا پٽ (جيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ اسان سان چڱا پير ڪندو رهيو)، جيتوڻيڪ اهي پنهنجي شروعات ۾ اسان ڪان ڪجهہ پنيرا تي ويا هئا، تڏهن بہ مٿن ڪا ميار نہ هئي؛ ڇاڪاڻ تہ انهن ڪرڻ سان خيرپور جي ميرن کي ڏک رسي ها. هنن کي عزيزن جي انهيءَ پاسداريءَ جو حق بہ هو، مگر اڳتي هلي پنهنجي پائرن آئينده جي سوچ ڪندي پنهنجي پيءُ وانگي اسان جو ڏاڍو لحاظ ڪيو ۽ اسان سان سٺو سلوڪ ڪرڻ لڳا"

— حبيبي

## (۴۷)

## شاهہ شجاع جو قنڌار اُسھڻ، قنڌار جي سردارن سان جنگ جوڙڻ ۽ هار کائڻ:

۱۲۴۹ھہ (۱۸۳۳ع) صفر جي مهيني ۾ شاهہ شجاع جڏهن ميرن سان نبيرو ڪري شڪارپور مان خراسان روانو ٿيو تڏهن قلات جي والي مير محراب خان بروهي اتي پهچڻ تي سندس خوب خاطر تواضع ڪئي. اتان وري هُئي گڏجي شال (ڪوئيٽہ) تائين آيا. هتي جتان ڪٿان پناڻن جا ڪٽڪ اچي شاهہ شجاع وٽ مڙيا، تان جو اُنهن جو تعداد چاليهہ-پنجاهہ هزار ٿي ويو.

ٿورَن ڏينهن پڄاڻان شاهہ شجاع پنهنجي لشڪر جي اڳئين پوئين لوڏ هڪلي قنڌار هليو، جتي اڳ ۾ ئي سردار ڪهندل خان، سردار رحمدل خان ۽ سردار مهردل خان قنڌار جي قلعي تي قبضو ڪري ويٺا هئا.

شاهہ شجاع اتي رسيو(۱) تہ ٻيا ماڻهو بہ اچي سندس ڪٽڪ ۾ شامل ٿيا. ائين ستر اسي هزار پناڻن جو لشڪر تيار ٿي ويو. هر ڪنهن ڪيس خوشامد مان شاهہ بابا ڪري ٿي ڪوٺيو ۽ چوڌاري پئي ڦريس، چئي:

”شاهہ بابا! ڪٿي هئين، خدا توکي آندو. هاڻ اسان جون اکيون (تنهنجي پيرن جي پٽيءَ جو سُرمو پائي) روشن ٿيون آهن. تنهنجي دشمنن کي جيئرو نہ ڇڏيو ويندو، بادشاهي تنهنجي آهي!“

• سردارن جيئن شاهہ شجاع کي آيل ڏٺو تہ قلعي جا پاسا اوسا پختا ڪري برجن تي توبون رکائي ويٺا ۽ موقعي ملڻ تي راتاهي سان گڏ ٿوري گهڻي ٻي هٿ چراند بہ

---

(۱) شاهہ شجاع قنڌار جي ڏکڻ ۾ نادري قلعي اندر اچي ترسيو، جيڪو نادر شاهہ ۱۱۵۰ھہ (۱۶۳۷ع) ڏاري ٺهرايو هو. اهو قلعو قنڌار تي گهيري ڪرڻ دوران تيار ٿيو هو، جنهن نادر شاهہ سارو سال چڙهائي جي خيال سان رهيل هو، پر قلعي ۾ رهڻ نصيب ڪونہ ٿيس، جڏهن وري احمد شاهہ ابدالي قنڌار جو بنياد رکيو تہ پراڻو علائقو نادر آباد ويران ٿي ويو، جتي هاڻ کي اهڃاڻ ڏسڻ ۾ پيا اچن- حبيبي

پئي ڪيائون. هوڏانهن بي ڌر بہ ماٺ ۾ ڪانہ هئي. اها بگهڙن واري ويڙهاند (گرگ جنگي) ۽ راتاهي واري ڪار مهينو ڏيڍ ٻنهي پاسن کان هلندي رهي؛ سردارن کي اوسيئڙو هو تہ اجهو ٿو امير دوست محمد خان اچي پهچي، پر ان ڏاڍي دير لڳائي ڇڏي.

انهيءَ وچ ۾ سردار اچي تنگ ٿيا ۽ شاهہ شجاع سان صلح جون ڳالهيون هلائڻ لڳا. اهي ڳالهيون اجا انت تائين پهتيون ئي ڪونہ، تہ امير دوست محمد خان اوچتو ڪابل کان اچي نڪاءُ ڪيو؛ جنهن وٽ ٻارهن هزار لشڪر ۽ ڪي توبون هيون.

شاهہ شجاع ان کان اڳ ڪيئي ڀيرا قنڌار جي قلعي تي چڙهائي جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ڪونہ ٿيو هو. ويتر پنهنجي لشڪر جو ڪافي حصو قلعي وارن جي توب زني ۾ ختم ڪرائي ويٺو.

هڪ اونداهي رات ۾ شاهہ شجاع عيارن وانگي لشڪر کي سنبرايو، جيڪو هوريان هوريان پير پير ۾ ڏئي وڃي قلعي جي هيٺان ترسيو. انهيءَ انتظار ۾ تہ جيئن قلعي وارا ننڊ پئجي ويندا، تيئن قلعي جي ڪنڌيءَ تي ڏاڪڻيون اڀيون ڪري سڄو لشڪر اندر داخل ڪيو ويندو. پر شاهہ شجاع جو پنهنجو لشڪر قضا سان اگهور ننڊ ۾ اچي ويو، جن کي ڪل ئي ڪانہ پئي.

شاهہ شجاع پرهہ ڦٽيءَ تائين پور پچائيندو رهيو تہ اجهو ٿو سندم لشڪر قلعي ۾ داخل ٿي، پنهنجي ڪارروائي شروع ڪري. پر جڏهن ڏٺائين تہ ڪو گوڙ گهمسان ٻڌڻ ۾ نٿو اچي ۽ سڄ بہ ڪِني ڪيڏڻ وارو آهي تہ ڏاڍي اڻ تڻ ۾ پئجي ويو، الاجي ڇا ٿيو ۽ لشڪر کي ايڏو سانت ڇو ٿيڻو پيو.....؟

انهيءَ ڳالهہ ۾ پر واري توبچيءَ کي اشارو ڏنائين، جنهن توب ڇوڙي. نڪاءُ تي قلعي وٽ ستل لشڪر ڇرڪ ڀري جاڳيو ۽ ڏٺائين تہ مارا ڪانو سڄ مٿي چڙهي آيو آهي پوءِ تہ وٺ وٺان لڳي ويئي، تڙتڪڙ ۾ ڏاڪڻيون ڪٺي قلعي جي ڪنڌيءَ تي اُڀيون ڪيائون.

قلعي وارا تہ اڳيئي هوشياري ۾ هئا، مٿان جو توب جو نڪاءُ ٻڌائون تہ چوڏاري 'خبردار خبردار' شروع ڪري ڏنائون" جيئن ئي شاهہ شجاع جو لشڪر ڏاڪڻين تان اُڀو ٿيو، تيئن ئي مارا ماري لڳي ويئي! اوڏيءَ مهل شاهہ شجاع جو لشڪر توبن جي

زد ۾ اچي ڏاڪٽين تان ڦهڪو ڪندو پورو ٿيندو ويو. پوين جو اهو حال ڏٺو تہ موت جي ڊپ کان وٺي پوئتي پڳا.

هنن هيترو وقت اوچاڳا ڪري جا مرڳ ڪاٽي سا ڦوڪ ٿي ويئي. امير دوست محمد خان جي اچڻ کان پوءِ سردارن کي ڏاڍي سرهائي ٿي ۽ يقين ڪيائون تہ هاڻ سوڀ اسان جي ٿيڻي آهي! پر امير موصوف جو هنن تي ايترو اعتماد نہ هو.

امير دوست محمد خان جي پنهنجن جو وري حال اهو هو تہ ظاهر ۾ هن سان ۽ اندروني خاني شاهہ شجاع ڏانهن لاڙو ٿي رکيائون. انهيءَ صورتحال ۾ مير دوست محمد خان دل ۾ سوچيو تہ انهن ساڻ صلح ڪرڻ کپي، متان سياڻي جنگ ۾ ڪي ٻيا مسئلا پيدا ٿي پون ۽ پاڻ کي شڪست کائڻي پوي. انهيءَ لاءِ پنهنجن ماڻهن ۽ پائرن سان صلاحون ڪرڻ لڳو؛ ليڪن قدرت کي ڪجهہ ٻيو منظور هو.

*

(۴۸)

## سردارن ۽ دوست محمد خان جي شاھ شجاع سان جنگ ۽ شاھ شجاع جي شڪست کان پوءِ سالور جي قلعي ڏانهن روانگي:

سال ۱۲۴۹ھ (۱۸۳۳ع) ۾ امير دوست محمد خان پنهنجي سپاھ ۽ دٻدٻي سان ڪابل کان قنڌار ۾ اچي داخل ٿيو، ۽ قنڌار جي سردارن سان ملي، ٻڌي ڪري پنهنجي سنبت ۾ لڳي ويو. هوڏانهن شاھ شجاع ڪي اچي پنهنجي لڳي تہ متان امير دوست محمد خان قنڌار جي نهرين جو پاڻي بند ڪرائي ڇڏي ۽ منهنجو لشڪر اُڃ وگهي ارچڻ ۾ اچي وڃي، ان ڪري پراڻي قلعي مان نڪري باغستان واري ايراضي ڏانهن هليو ويو. هتي چوڌاري ساوڪ ۽ وڻڪار لڳي پئي هئي. هن جي لشڪر کي ڏاڍو لطف آيو: هر ڪو پنهنجي منهن ٽڙي پکڙي وڃي وڻن هيٺان بالم تي سمهي رهيو.

امير دوست محمد خان جڏهن ڏٺو تہ شاھ شجاع قلعي مان نڪري وڃي باغستان پيڙو ٿيو آهي، تڏهن سرهو ٿي پاڻ کي سياڳو سمجهي، ويس مٽائي، گهوڙي تي چڙهي جاچ لهڻ ويو- ڏنائين تہ: بلي سارو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي وڻن هيٺان ائين آرامي ٿيو آهي، جيئن پاڇو پٽ تي پيل هوندو آهي.

اهو لقاءُ ڏسي واپس پنهنجي لشڪر گاھ ۾ آيو. منشيءَ کي حڪم ڏنائين تہ سپاھ مان جن کي پگهارون ڪونہ مليون آهن، تن کي هڪدم ادائگي ڪئي وڃي. ان کان پوءِ ٽن هزارن جرار جوانن جي ڪمڪ وٺي، ان سان سردارن جو ڪٽڪ گڏي نڪتو.

قلعي کان ٻاهر اچي پهريان قنڌار جو پراڻو قلعو هٿ ڪيائين، جتي شاھ شجاع رهي چڪو هو. باقي ٻين کي الڳ الڳ دستن جي صورت ۾ شاھ شجاع جي لشڪر تي ٻڇيائين.

انهيءَ اچانڪ حملي ڪان شاهه شجاع جا ڪيترا ماڻهو باغ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي لڪا، ڪن ويڙهاند شروع ڪري ڏني. ويرم نه گذري ته چوڌاري لاشن جا ڍير لڳي ويا. اتي خطرو اچي پيدا ٿيو ته متان سردارن جو لشڪر هيٺ مٿي ٿيڻ جي ڪري ته امالڪ دربار جو ناظم شاغاسي ڏوڪي سان سردارن جي لشڪر مان نڪري وڃي شاهه شجاع وٽ پهتو، جنهن کي هن پٽ پٽيهر جي پوشاڪ سان مانائتو ڪيو.

هيءَ ڪيترا ڏينهن شاهه شجاع جي دربار ۾ رهيو؛ وري جڏهن ٻيهر جنگ شروع ٿي ته اوچتو شاغاسي واڪا ڪري چوڻ لڳو: "بادشاهه (شاهه شجاع) ڀڄي ويو، بادشاهه ميدان ڇڏي ويو!" اهو ڪڙڪو ٻڌي شاهه شجاع جو لشڪر وائڙو ٿي ويو، حالانڪ شاهه شجاع جنگ ۾ مشغول هو.

ايتري ۾ جان نظر ڪيائون ته شاغاسي کي لٽ ڦر ڪندي ڏٺائون. انهيءَ سان گڏ ڪيول نالي هڪ فرنگي پنهنجي پلٽڻ سميت جنگ جا نغارا اهڙي نموني وڄائڻ شروع ڪيا، جو توبن ۽ بندوقن جا دونهان آسمان تائين پکڙجڻ لڳا. لشڪرين جو اها ماجرا ڏٺي ته هٿندي مارينڌي ڪيول تائين وڃي رسيا، جنهن کي هڪدم قابو ڪيائون ۽ توبن تي قبضو ڄمايائون(١).

ڪيول جي گرفتاريءَ ڪان پوءِ شاهه شجاع جي لشڪر ۾ شڪست پڌري ٿي پئي. شاهه شجاع پنهنجي پاڻتي سمندر خان کي جنگ ۾ مارائي، دلهير ٿي ڪوئيٽه جي پاسي پاڇ ڪاڍي.

بهادر خان ڪوڪر، جيڪو سنڌ جي ميرن پاران شاهه شجاع سان گڏجي آيل هو، تڪڙ ۾ پنهنجا ٽپڙ ٽاڙي ويڙهي، چلهي تي چڙهيل ديڳڙا ڇڏي: "ڀڄوڙي ڀڄو، پناڻن مارو وڌو" چوندو سنڌ ڏانهن راهي ٿيو.

شاهه شجاع پاڻ به شڪست ڪان لاچار ٿي صندوقون ڀڃرائي، پئسا ڏوڪڙ خرجينن ۾ ڀرائي، گهوڙن تي ڪٽائي هرات ڏانهن هلٽهارڪو ٿيو. سندس لشڪر پنهنجي نفسا نفسي ۾ اڳوات ئي فرار ٿي چڪو هو.

هيءَ هرات ڏانهن هلندي پويان جي خطري ڪان ٻن منزلن کي هڪ ئي منزل ڪندو،

---

(١) هيءَ جنگ شاهه شجاع چواڻي: اڱاري ڏينهن ١٢ صفر ١٢٥٠هه (١٨٣٥ع) ۾ لڳي هئي، جنهن کي پاڻ منحوس ڏينهن ڪري ڪوٺيو اٿائين (واقعات ص ٩٧). -حبيبي

ڏاڍن ڪشالن ۽ ڪشٽن کان پوءِ سالو خان جي قلعي ۾ پهچي ويو.

شاهه شجاع سڙيل هيانوَ سان سالو خان وٽ پهچي، ساهي پٽي. ڪجهه حال ۾ آيو. ليڪن خود سالو خان(١) جيڪو ڪيترن قلعن جو مالڪ، امير ڪبير ۽ وڏي دولت وارو هو، سو ويچارو پاڻ هرات جي حاڪم شهزادي ڪامران جي وٽ پڪڙ ۾ ورتل هو. انهيءَ خدشي جي ڪري شاهه شجاع ڪي به قرار نه ٿي آيو، ان هوندي جو سالو خان سندس مهماني ۽ دلجوئي ۾ ڪا ڪسر ڪانه رهائي هئي. بهرحال ٻي واهه نه ڏسي، سالو خان جي قلعي ۾ ڪي ڏينهن ترسي پيو.

*

(١) شاهه شجاع قنڌار کان هلندو اولاهين پاسي وڌيو. هيرمند درياهه، جيڪو هڪ سؤ ڪلوميٽر جي پنڌ تي هو: اهو درياهه سيستان جي سرحد تائين وهندڙ هو. انهيءَ جي پرسان سالو خان جي مرڪزي قلعي ۾ اچي رهائش پذير ٿيو. سندس مهمانداري سيستان جي والي علي خان ۽ سالو خان جي پٽ غلام رسول خان سرانجام پئي ڏني. هيءُ پورا ٻه مهينا اتي رهيل هو.

انهيءَ دوران هرات جي حاڪم ۽ سندس ڀائٽي شهزادي ڪامران، شاهه شجاع کي هرات اچڻ لاءِ لکيو ۽ مشهد جي حڪمران خسرو مرزا به ڪيس اچڻ جي آڇ ڪئي، پر هيءُ حالتن کان اهڙو تائجي چڪو هو، جو ڪنهن ڏانهن به ڪونه ويو، سڌو قلات ڏانهن ويندو رهيو. (واقعات ص ٩٨). -حبيبي

## (۴۹)

## شاهہ شجاع جي شڪست کان پوءِ سردارن پاران سندس مال اسباب جي لٽ ڦر جو احوال:

ساڳي صفر مهيني سال ۱۲۴۹هہ (۱۸۳۳ع) ۾، شاهہ شجاع شڪست کائي، قنڌار مان سالو خان جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو تہ قنڌار جي سردارن سندس پويان پوڻ جو ارادو ڪيو، پر انهن کي امير دوست محمد خان منع ڪئي، جنهنڪري ڪوبہ هن جي ڪڍ نہ ويو.

هن جنگ ۾ سردارن سميت امير دوست محمد خان تائين هر ڪنهن سوڀ جو سبب پنهنجي خوش نصيبي جي ڪري ٿي سمجهيو ۽ ان تي ڏاڍا سرها پئي ٿيا. جنگ کان پوءِ ڪين جيڪو ڦر لٽ جو سامان اسباب هٿ لڳو، سو ڳاڻاٽي کان ٻاهر هو. شاهہ شجاع جي لشڪر مان جيڪي پيچي نڪتا هئا، تن کي جتي بہ ٿي ڏٺائون. قتل ڪندا پئي ويا. اهو قتلام ڪيترا ڏينهن هلندو رهيو. هوڏانهن ٻي ڌر بہ ڌڌڪا ڪندي ٿي آئي.

جنگ مان رهجي ويل پنج سؤ روهيلا پناڻ بندوقون ڪڻي وڃي جبل جي چوٽيءَ تي مورچا ٻڌي لڪي ويهي رهيا. انهيءَ خيال سان تہ هاڻ مرڻو تہ هوڻءَ ئي آهي، سو جيڪڏهن انهيءَ کان اڳ اسان بہ سردارن جي لشڪر مان ڪي بازو ڪپائي وڏا تہ وهہ واهہ ٿي ويندي.اهو پتو جڏهن سردارن جي ماڻهن کي پيو تہ هوشيار ٿي ويا، پر حملي لاءِ دل نٿي ٻڌائون. باقي اوريان پريان خوب فائرنگ ڪندا رهيا.

آخر ٻن چئن ڏينهن جي انهيءَ ڏي وٺ کان پوءِ سردارن مان هڪ ڄڻو جبل تي ويو. جنهن روهيلن کي دمِ دلاسا ڏئي هيٺ لاهي آندو ۽ کانئن هٿيار وٺي سيني کي آزاديءَ سان وڃڻ ڏنائين.

ڪيول(۱) جيڪو جنگي ماهر ۽ پنهنجي پلٽڻ جو اڳواڻ هو، تنهن کي جنگ ۾ ساٿ ڏيڻ ڪري امير دوست محمد خان تعظيم سان پاڻ وٽ گهرائي پنهنجو خاص

(۱) ڪيول، جيڪو اصل فرنگي هو پر مسلمان ٿيو. تنهن بابت ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ تعليق نمبر ۳۰ تي ڏنو وڃي.

ملازم مقرر ڪيو. پڇاڙيءَ هن جنگي سامان جي ونڊ ورهاست ڪان پوءِ گهڻو ڪجهہ پنهنجي قبضي ڪري سردارن ڪان موڪلايو ۽ ڪابل جي وات ورتائين. پويان سردارن بہ قنڌار ۾ قراري تي، چڱن مڻن جي پوري خبر چار ورتي. انهيءَ سان گڏ هارايل هاڙهي شاهہ شجاع جي آئندي جي ڪارستاني جو اُلڪو بہ رکندا آيا.

*

## شاهہ شجاع جو سالو خان جي قلعي ۾ پهچڻ ۽ شهزادي ڪامران جو سندس مدد جي لاءِ اچڻ ۽ شاهہ شجاع جو ٻپ ڪان قلعو ڇڏي ڀڄڻ ۽ سنڌو قلات ڏانهن رُخ رکڻ ۽ سردار رُحمدل خان پاران سندس پيڇو ڪرڻ:

سال ۱۲۴۹هہ (۱۸۳۳ع) هلندي، شاهہ شجاع قنڌار جي شڪست جي نتيجي ۾ اتان فرار ٿي، جيئن اچي سالو خان جي قلعي ۾ پير پاتو تہ ان سندس مهمانداريءَ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي، هر دم هن جي پذيرائي ۾ پنهنجي پاڻ پتوڙيائين(۱).

سالو خان ڪيترن پرڳڻن ۾ اڻ ڪٿ خزاني جو مالڪ هو. هن نئين سر شاهہ شجاع جي جنگي سامان ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ جو سانباهو ڪيو، جنهن جي خبر وڃي هرات جي حاڪم شهزادي ڪامران تائين پهتي. شهزادي ڪامران جي وري سالو خان سان ڪا پراڻي دشمني هلندي ٿي آئي. ان ڪري هن سوچيو تہ متان ڪٿي هو انهيءَ واقعي جو وجهہ وٺي شاهہ شجاع سان سازش ڪري هرات جي مٿان ڪاهي اچي، سو انهيءَ خدشي ڪان پنهنجي پٽ ڪي شاهي تحفا، ٻيو سامان ۽ ڪجهہ سپاهہ ساڻ ڪري اُماڻيائين ۽ هيءُ خط بہ روانو ڪيائين:

"اولياءِ دولت شاهہ شجاع جي خدمت ۾ التماس آهي تہ:

اسان کي اها خبر ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ الاهي تقدير جي سبب ٻٽاڻ ڪري اوهان قنڌار جي سردارن هٿان، جيڪي اصل ڪان اسان جي خاندان سان دشمني رکندا اچن ٿا، ڏک ڪائي سالو خان جي قلعي ۾ اچي رسيا آهيو، اوهان جيئن تہ منهنجا مربي چاچا ۽ پيءُ جي جاءِ تي آهيو، جيڪڏهن هيءُ عرض اگهائي هيڏانهن هليا ايندا تہ پنهنجا پاڳ پلارا

---

(۱) شاهہ شجاع ۱۲۵۰هہ (۱۸۳۴ع) ذاري انهيءَ ڇتي ويڙهہ ۾ پاونجاهہ ڏينهن جي چڪرين ڪان پوءِ اڳاري ڏينهن ۲۲ صفر تي ۱۲۵۰هہ ۾ شال ۽ جوين وارين وستين ڪان ڀڄندو پاڻ بچائيندو، قلات پهتو. جتان سنڌ ۾ بيڪانير لتاڙيندو، تاريخ ۱۷ ذوالقعد ۱۲۵۰هہ ۾ لڌياني پهچي، سامت جو ساهہ کنيائين. (سراج ۱-۱۲۵).

سمجھندس: اسان جون اکيون اوھان جي اوسيئڙي ۾ آھن. قرب ڪري ايندا تہ ھي گھر اوھان جو گھر ھوندو. آءُ پنھنجي پٽ شھزاي سلطان علي خان کي سوڪڙين ۽ سپاھہ سميت اوھان ڏانھن اُماڻيان پيو، جيڪو چانئٺ چمڻ کان پوءِ اوھان جي فرمان جو منتظر ھوندو." (ص ص، ٣٣٨- ٣٣٩)

شاھہ شجاع اھا خبر ٻڌي ڏاڍي ٻڌتر ۾ پئجي ويو، پر پوءِ سوچيائين تہ شھزادي ڪامران تي ڀروسو رکڻ بدران چڱو ائين آھي تہ سندس پٽ شھزادي سلطان علي خان جي پھچڻ کان اڳ ئي پاڻ کي ھتان نڪرڻ کپي، متان ڪٿي ھنن ٻنھي ۽ سالو خان ۽ شھزادي ڪامران جي چڪر ۾ مان پاڻ بہ ڦيسجي وڃان(١).

آخر سالو خان جو قلعو ڇڏي ريگستان واري رستي (جيڪو ڏاڍو ڏکيو رستو ھو) پنھنجي عملي سميت قلات جي والي مير محراب خان بروھي(٢) ڏانھن نڪري ھليو.

اھا سڌ پوندي قنڌار جو سردار، رحمدل خان ست اٺ سو گھوڙي سوار ساڻ ڪري اُٺي ھليو، تہ جيئن واٽ تي ئي شاھہ شجاع جو اڳ وٺي ڪيس ھيھر ڪا مَت ڏئي، پر:

عـنـقـا (پـکـي) شـڪـار ٿـيـٿـو ئـي نـاھـي،
بـھـتـر آھـي تـہ ڪـوڙڪـي ڪـٿـي ڇـڏيـو!

سردار رحمدل خان ھزار حيلا ھلائيندي بہ شاھہ شجاع تائين ڪونہ رسي سگھيو ۽ ھو سلامتيءَ سان وڃي مير محراب خان جو مھمان ٿيو.

مير محراب خان پوري خلوص ۽ پيار سان پيش اچي، شاھہ شجاع کي مانائتو ڪيو. ايتري ۾ سردار رحمدل خان بہ اچي قلات ۾ پھتو ۽ مير محراب خان تي زور بار رکيائين تہ شاھہ شجاع جو بازو ھن جي حوالي ڪري، پر مير محراب خان صفا نابري واري، چئي: ڪارو ڪافر بہ انھيءَ ڪٺي ڪم کان عار ڪندو تہ ڪنھن ادنيٰ مھمان جو بازو دشمنن جي حوالي ڪري، ھيءُ تہ ھڪ بادشاھہ آھي. آءُ اھڙو ڪريل ڪونہ آھيان، جو ھيڏي ساري حيثيت ۽ حشمت جي ھوندي جو ڪوھستان جو

---

(١) شاھہ شجاع انھيءَ انديشي ۾ حق بجانب ھو، ڇو تہ ڪامران اندر جو ڪوڙو ھو. ھن وزير فتح خان کي انڌو ڪراڻي کمائي ڇڏيو. پنھنجي پيءُ محمود شاھہ توڙي چاچي فيروز کي ڏڙي ھرات ھٿ ڪيائين. ان ڪري شاھہ شجاع ڪانئس بدظن ھو، تڏھن تہ پاڻ پوري ھڪ ورھيہ جا ڪشت ڪشالا ڪيڏي سيستان کان لڏياني تائين مصيبتون سر تي سھسائي وڃي توڙ ڪيائين، ليڪن ھرات ڏانھن ورندي روح نہ ٿيس.

(٢) بروھي يا براھوي: ھن باري ۾ ڏسو تعليق نمبر ٢٩.

باد شاهه پيو سڏجان، باد شاهه کي بلوچن جي ڪوڙڪي مان ڪ .ي اوهان جي حوالي ڪريان ۽ سردار صاحب! اهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو، اهو بي ننگيءَ جو ٽِڪو (داغ) پنهنجي خاندان جي پيشانيءَ تي لائڻ منهنجي شان وٽان ناهي!"(ص ص ۳۴۱-۳۴۲)

سردار رحمدل خان ڪيترن ڏينهن جي مٺاڪٽ ۽ ميڙ منٿ کان پوءِ نراس ٿي، قلات ڇڏي قنڌار ويو هليو.

شاهه شجاع ٿورا ڏينهن قلات ۾ رهي وري اُتان ٽپڙ ٻڌي اچي گنجابي "پاگناڙي" پيڙو ٿيو. اتي ايندي انهيءَ هوراڪورا ۾ پئجي ويو ته هاڻ ڪهڙي رستي وڃي لڏياني جي دارالامان جو در پيتجي(۱). دل ۾ چيائين: جيڪڏهن هرنائي ۽ داجل واري پاسي کان ٿو وڃان ته اتي سکن جو راڄ آهي ٿي سگهي ٿو ته اهي ڪو نقصان رسائي وجهن(۲) ۽ جي سنڌ کان ويندس ته متان انهن کي پراڻو وير ياد اچي وڃي. جيڪو وري ڪنهن ڏچي ۾ وجهي ڇڏي.

هيءُ اجا انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هو ته سبيءَ کان سردار سمندر خان اچي سندس سلامي ٿيو(۳). اتي شاهه شجاع کي ڪجهه سرهائي ٿي ۽ ٻئي وري لشڪر ۽ جنگي سامان گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويا. پر سمندر خان اوچتو سخت بيمار ٿي پيو، ان ڪري شاهه شجاع کان موڪلائي واپس سبي هليو ويو، جتي سنت ئي وفات ڪيائين.

شاهه شجاع جيئن سمندر خان جي موت جي خبر ٻڌي ته پاڻ به مجبور ٿي لشڪر وغيره جي جمع بندي ڇ-ي گنجابي (پاگناڙي) ۾ وڌيڪ ترسڻ مناسب نه سمجهي، سنڌ ڏانهن راهي ٿيو ۽ منزلون هٽندو، روجهاڻ کان ڦرندو لاڙڪاڻي پهچي ويو(۴).

*

(۱) لڏياني جو دارالامان جيڪو اسلام دشمن انگريزن جي ايچپي (احسان) سان آباد هو-مترجم

(۲) گنجابو= پاگناڙي، سبي پرڳڻو، هرنائي= ڪوئيٽه جي اوپر ۾ لورالائي کان ۳۵ ميلن جي پنڌ تي، داجل، ڊيري غازي کان ڏکڻ تي ڄ مر پور کان پوءِ اچي ٿو.

(۳) سمندر خان باميزئي ۱۲۵۰هه جي وچ ڌاري پاگناڙي پرسان فوت ٿيو هو (واقعات ۱۰۲).

(۴) روجهاڻ: درياهه جي ساڄي پاسي شڪارپور کان پنجاهه ڪوهن جي پنڌ تي اتر اوپر ۾ آهي. (حبيبي)

## (۵١)

## شاهہ شجاع جو روجهاڻ پهچڻ ، شڪارپور جي ناظم سيد محمد تقي شاهہ (سيد ڪاظم علي شاهہ جي پاءُ جو) سندس پويان اچڻ ۽ ان جي پهچڻ کان اڳ ئي شاهہ شجاع جو لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيڻ:

شاهہ شجاع گنجابي کان هلي روجهاڻ آيو، اتان وڏي اڳتي ٿيو تہ سنڌ ۾ هوءِ هواءِ تي ويئي. شڪارپور جي ناظم ۽ سيد ڪاظم علي شاهہ جي پاءُ سيد محمد تقي شاهہ کي جو ڪل پئي تہ ڪيس شاهہ شجاع سان ملڻ جو اچي سوداءُ جاڳيو. هن جي ڪچهريءَ ۾ جيڪي ترڪي، افغان ۽ سنڌي اُٺ سوار ۽ گهوڙي سوار (اچا ڪپڙا ڪيسا خالي) تيل سان ڏاڙهيون مڪي، مُڇن کي وٽ ڏئي، ترارين چيلهہ سان ٻڌي، ڍال ڪلهي تي لڙڪائي ايي ڳاٽ اچي سلامي ٿيندا هئا، تن کي ٽيڳر ڏئي، پاڻ سان ڪٺي روجهاڻ وارو رستو ورتائين. جڏهن جاڳڻ پهتو تہ خبر پيس تہ شاهہ شجاع روجهاڻ ڇڏي لاڙڪاڻي وجي رهيو آهي، تہ هڪدم خار ۾ اچي وڦلڻ لڳو. چئي: افسوس جي شاهہ شجاع ملي پوي ها تہ ساڻس اهڙي جٺ ڪجي ها جو وجي ٿيا خير! نصيب چڱا هئس جو نڪري ويو. جواب ۾ سندس ٻولڙيا ها ۾ ها ملائيندا ٿي رهيا ۽ تہ بلي!اوهان جي مڙسيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي:

جيڪڏهن ڪو پينو فقير اسلامي لشڪر جو اچي اڳ جهلي تہ ڪافر بہ انهيءَ اُميد تي ڪاهي وجي چين نڪاءُ ڪري.

نيٺ ناظم (سيد محمد تقي شاهہ) وري پانئچا کُنجي اٿيو ۽ لاڙڪاڻي ڏانهن هلڻ جي ڪيائين. سندس ساٿارين کي انهيءَ هڻ هٽان ۾ جو بک اچي ورايو تہ هر گهڙي ڪيس ماني ٽڪر لاءِ نيزاريون ڪرڻ لڳا، پر ماني بہ هجي تہ هنن کي ملي، سو مڙني پئي هنن کي آسرا ڏنائين ، نتيجو اهو نڪتو جو ويچارا بکئي پيٽ سان سياري جي سخت سرديءَ ۾ پنڌ هٽندا. وجي اڌ رات جو لاڙڪاڻي رسيا.

ٻئي ڏينهن مس وجي هنن کي ماني ٽڪر مليو، سو بہ ڪائڻ نہ ڪائڻ جهڙو! انهيءَ

آزار ڪان ڇوڻ لڳا: هرويرو هن ٽرڙي ناظم جي ڇوڻ تي شاهه شجاع جهڙي ڇڱي مڙس پويان پيا سين!

سيد محمد تقي شاهه جيڪي ٻڌاڪون ٿي هنيون، سي رڳو سندس خوشامندڙين کي خوش ڪرڻ لاءِ هيون. حقيقت ۾ هن کي اهو پيٽ سور هو تہ سندس پاءُ سيد ڪاظم علي شاهه، جيڪو شاهه شجاع واري جنگ ۾ مارجي چڪو هو، تنهن جو وڻانس ڪو عيوض اڳاڙيو وڃي، پر ناڪام ٿي ورٿو پيس.

جڏهن سندس منهن وجي پٽ سان لڳو تہ شرم پرچائڻ لاءِ همراهن کي ٻڌايائين تہ مان پنهنجي مرحيات پاءُ جو بدلو وٺڻ لاءِ نڪتو هئس، پر پوءِ سوچيم تہ معاف ڪرڻ چڱو ڪم آهي. معافي ۾ جيڪو مزو آهي، سو وير وٺڻ ۾ ناهي. وري بہ شاهه شجاع اسان جي ماڳ ۾ آيل آهي، ان ڪري گهر آئي سان هٿ چراند ڪرڻ نہ جڳائي.

بڇڙائي جو بدلو، بڇڙائي تي سگهي ٿي،
پر مرد اهو، جيڪو بڇڙن سان بہ ڀلايون ڪري!

جيڪڏهن انسان ۾ نيڪيءَ جي سگهہ آهي تہ پوءِ بڇڙائي ۾ پير پائڻ وڏي هوڙيائي ٿيندي، سياڻا ٺا چون تہ:

"توکان جيترو پڄي سگهي چڱائي ڪندو رهہ" .

سيد محمد تقي شاهه شڪارپور پهچڻ تي اٽندي وهندي نيڪيءَ جا ٻول ٻوليندو ٿي رهيو، فقط پنهنجي ڦڪائي مٽائڻ لاءِ، نہ تہ نيڪي تہ ڪانئس ڪوهين پنڌ پري هئي. ماڻهن ۾ بہ اها ٻولاچاري هئي تہ بيبي ويچاري چادر نہ هئڻ ڪري پردي ۾ وينل آهي. باقي ستر جو ڪيس ڪو اونو ئي ناهي. هر ڪنهن جي وات اها وائي هئي تہ جيڪڏهن ميرن ۾ واقعي ڪا ٿوم هجي ها تہ شاهه شجاع جهڙي (ڏُڍي ۽ ڊوهي کي). شڪارپور ٽپڻ ڪان اڳ پورو ڪري ڇڏين ها، جهڙيَ هن ڪميني سنڌ سان ڪئي هئي، بکر ۽ شڪارپور جي ڊل ۾ آخر رکيو ڇا هو، جنهن تي ايڏي ٻيگهي متل آهي وغيره.

## (٥٢)
## شاهہ شجاع جو لاڙڪاڻي اچڻ ۽ لاڙڪاڻي جي ڪارمختار مير اسماعيل شاهہ جو ڪيس رُخ نہ ڏيڻ ۽ ٿوري ڳالهہ ٻولهہ ڪان پوءِ شاهہ شجاع جو ميرن جي چوڻ تي حيدرآباد اُسهڻ:

شاهہ شجاع لاڙڪاڻي آيو تہ هتي مرحوم ڪاظم علي شاهہ جو والد مير اسماعيل شاهہ ميرن پاران مختارڪار مقرر ٿيل هو، جنهن هن کي پٽ جو قاتل سمجهي، ڪيس سنئون منهن نہ ڏنو، اهو تہ ٺهيو ويتر شاهہ شجاع کي هُدرا (ابتا سبتا جواب) ۽ پٽ پاراتا ڏئي ٽاريندو رهيو.

شاهہ شجاع ڪيس چورائي موڪليو: ”آءُ پاڻ اوهان جي پٽ ڪاظم علي شاهہ جي قتل تي ناخوش آهيان، جيتوڻيڪ مون ڪيئي ڀيرا مرحوم کي خط پٽ لکي پنهنجي ڀرسان گهرايو. گهڻو سمجهايو تہ اوهان مون لاءِ پنهنجي پٽ برابر آهيو، مون سان ڦٽائڻ جي نہ ڪريو، شڪارپور چاهي ميرن وٽ هجي يا مون وٽ، بهرحال اوهان ئي حاڪم ٿي رهندا. انهيءَ وعدي کان پوءِ بہ اوهان جو پٽ نہ مڙيو ۽ ميرن جي لشڪر سان ملي، سامهون ٿيو. نيٺ موت جو منهن ڏٺائين. ڀلا ٻڌايو تہ پنهنجي ڪئي جو بہ ڪو علاج آهي؟ ٻيو تہ الاهي تقدير بہ ائين ئي هئي. خدا ٿو ڄاڻي تہ منهنجو ڪوبہ قصور نہ هو، هاڻ اوهان پاڻ ئي نبيرو ڪريو تہ اوهان جي ٻيرخي ٺهي ٿي؟“

مير اسماعيل شاهہ سياڻو ماڻهو هو. شاهہ شجاع جون ڳالهيون ٻڌي، انهن کي ٺيڪ سمجهي ماٺ ٿي ويو. پوءِ سچي حقيقت کان ميرن ۽ واسطيدارن کي آگاهہ ڪيائين.

ميرن حقيقت کان واقف ٿيندي لاڙڪاڻي جي مختارڪار ۽ ٻين سرڪاري ڪارندن کي تاڪيد ڪري موڪليو تہ هڪدم ٻيڙين ۽ سوارين جو بندوبست ڪري شاهہ شجاع کي حيدرآباد اچڻ لاءِ عرض ڪيو وڃي. حڪم موجب مير اسماعيل شاهہ جي پٽ سيد ابراهيم شاهہ تي اهو ڪم رکيو ويو تہ هو حيدرآباد تائين شاهہ شجاع جي خدمت گذاري لاءِ ساڻس گڏ هجي.

شاهہ شجاع لاڙڪاڻي مان حيدرآباد رسيو تہ ميرن سندس رسائي ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪئي (١). هيءُ بہ سٺين ٽڪرن تي ائين اچي ڪريو، جيئن مفت خور

---

(١) شاهہ شجاع ڀرريان سيوهڻ لٿو، قلندر لعل شهباز جي زيارت کان پوءِ وري ٢٩ رمضان ١٢٥٠هہ ۾ روانو ٿي حيدرآباد آيو، جتي مير زين العابدين واري باغ ۾ لٿو لاٿائين. (واقعات ١٠٣).

مانيءَ تي اونڌا ٿي پوندا آهن. انهيءَ دوران ڳالهيون ٻولهيون به ٿينديون رهيون. ميرن جي ڏاڍيون فرمائشون ۽ فهمائشون ڪندو رهيو ته اسان کي پاڻ کان الڳ نه ڪجو، شڪارپور ۽ بکر اسان جي حڪم هيٺ رهي، ڇو ته ان ۾ اوهان جي ڀلائي آهي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته اوهان کي اڳتي هلي پڇتائڻو پوندو.

هيڏانهن ميرن کي باهيون ته گهٽيئي هيون، پر مصلحت جي ڪري ماڻ ٿي سيڪجهه ٻڌندا رهيا ۽ شاهه شجاع کي صلاح ڏنائون ته اوهان في الحال پنهنجي لوڏ سميت وڃي لڏيانو ڀيٽيو، پوءِ ڳالهيون ڪنداسين. جيئن توهان چوندا، تيئن ڪيو ويندو.

شاهه شجاع انهيءَ تي رضامند ٿيو. ميرن ڪيس تحفن سان گڏ تنبو، هاٿي ۽ هزارين رپيا روڪ راهه خرچ ڏيئي ٽاريو ۽ هُو جيسلمير جو پاسو وٺي وڃي لڏياني رسيو(١).

*

(١) شاهه شجاع لکي ٿو ته مان جيسلمير ۽ بيڪانير لتاڙيندو، ١٧ ذوالقعد (١٢٥٠هه) لڏياني پهتس، (واقعات١٠۴) هتي واقعات جو ٻيو حصو ختم ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ٽيون حصو محمد حسين تاجر هراتي لکيو هو. انهيءَ ٻي حصي جي پڇاڙيءَ ۾ شاهه شجاع پنهنجي چنڊائي (ناڪامي) جا پٽنا پٽيندي لکي ٿو: بادشاهن پنهنجي جاهه ۽ جلال هوندي ڪيئي ڏک ڏٺا، جنهن جو مثال ايران جي حڪمران فتح علي شاهه قاچار جي احوال مان ملي ٿو، جنهن هرات تي چڙهائي ڪندي، پنهنجي هلاڪت پاڻ ڏٺي. اسان کي پنهنجي شڪست ۽ هلاڪت جو ايترو ارمان ڪونهي، پر ڏک ٿو ماري ته پنهنجي اميد جا باغ جنهن زينت سان سنواريا سين، تن جو مزو ڪونه ماڻيوسين. لشڪر ۽ جنگي سامان گڏ ڪرڻ ۾ جيڪي جتن ڪيا سين، اهي ڪم ڪونه آيا. ان هوندي به الله ۾ آسرو آهي. ڏسون ته اهو ڇا ٿو ڪري. جيستائين جيئرا آهيون، تيستائين ڀيا هاڃا هڻنداسين، يا محبوبن جي ملاقات يا وري موت جو منهن ... (واقعات١٠۴)

نوٽ: شاهه شجاع بلاشڪ احمد شاهه ابداليءَ کان پوءِ سدوزئي بادشاهن ۾ محنتي بهادر ۽ وڏي ڳالهه وارو هو. لڏياني کان هرات تائين هن ڪيئي ڪاهون ڪيون، ڪيئي ڀيرا هندستان ۽ خراسان جا بيابان ٻيرن هيٺان آندائين، ورهين جا ورهيه سفر ۾ پٽڪندو رهيو ۽ ڪروڙين رپيا ڏنائين ورتائين. پاڙيسري حڪمرانن سان به ڇڳو وچڙيو ۽ وري ساڻن ٺاهه ڪيائين. آخر جهانداري ۾ ئي مري ختم ٿيو. ليڪن افسوس آهي جو هن جي اها سڄي قوت ۽ صلاحيت خانه جنگي ۾ برباد ٿي ويئي ۽ ڪيس ڪجهه به پلئه نه پيو.

جيڪڏهن بارڪزئي ۽ سدوزئي خاندانن جو پاڻ ۾ پورو ٺاهه هجي ها ته هيءُ مال ۽ ملڪ تي ائين ڪتن وانگي ڇتا ٿي ڪونه وڙهن ها ۽ انهن سين، وزير فتح خان سندس ڀائرن، توڙي شاهه شجاع جي سموري طاقت ملڪ لاءِ ئي ڪم اچي ها ۽ احمد شاهه ابدالي جنهن عاليشان محل جو بنياد رکي ويو، سو ڪڏهن ڦٽڪو ڪري پٽ تي نه پوي ها. - (حبيبي)

## (٥٣)

## شاهه شجاع جي پاران ميرن ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪلڻ ۽ ميرن جو کيس ڪتو جواب ڏيڻ:

شاهه شجاع جيڪو وڏين تيارين سان قنڌار فتح ڪرڻ ويو هو، اتان ناڪام ٿي واپس وريو ته وٽس ايترو ڪين هو، جو وري ڪا نئين ويڙهه شروع ڪري ها ۽ انهيءَ حال ۾ هو وچي لڏياڻي پهتو. بس رات ڏينهن مجنون وانگي حڪمراني جي ليلا جي هاءِ هاءِ لڳي پئي هيس.

ٻن ٽن ورهين کان پوءِ ١٢٥١هه (١٨٣٥ع) ۾ حيدرآباد جي ميرن ڪي خط لکي موڪليائين ته: ”اوهان جيڪي قول اقرار ڪيا هئا ته اسان ڪن مهينن کان پوءِ اوهان سان ڳالهائينداسين، تنهن کي هاڻ ٻه ٽي سال ٿي چڪا آهن، پر اوهان مان اجاتائين ڪو پڪي ٻه ڪونه آيو آهي، اچرج آهي اوهان جي حال تي، جو هيڏانهن اسان پاڻ کي اوهان جو خيرخواهه ثابت ڪندا ٿا رهون، هوڏانهن اوهان پنهنجي بدخواهي برقرار رکندا ٿا اچو! خير، هاڻ ته اسان کي مات آهي، پر جڏهن اسان اک پٽي ته اوهان کي ڏينهن جا تارا ڏسڻا پوندا. اهو اسان جو ئي سر آهي، جنهن ڪري اوڙي پاڙي ۾ اوهان جو ڪوبه نالو نشو وٺي، پر جي اسان هٿ ڪڍيا ته اوهان جا طاق لڳي ويندا. بکر جو قلعو يا شڪارپور جي چوديواري ڪا شيءِ نه آهي، پر وقت اچڻ تي بکر جو قلعو اسان جي حرم جي رهائش لاءِ هوندو ۽ شڪارپور جي آمدني مان خرچ هلايو ويندو. خبر ناهي اوهان ايڏي ڪن لاتار ڇو ٿا ڪريو؟ ۽ هن پاسي ڇا لاءِ اوهان جو ڪو ڌيان ڪونهي! هاڻ به هوش کان ڪم وٺو، نه ته اوهان جي اهڙي ڪن مهٽ ٿيندي جو عمر تائين ياد ڪندا.

مون کي جيڪي چوڻو هو، چئي ڏنم، هاڻ مڃڻ نه مڃڻ اوهان جي مراد!“

ميرن، اهو خط پڙهي لنوائڻ جي ڪئي ۽ شاهه شجاع کي خوشامد سان اهڙو خط لکيائون جو ظاهر ۾ ته خط هو، پر اندر ۾ بلڪل ڪتو جواب.....

(۵۴)

## شاهه شجاع جو ميرن کان مايوس ٿيڻ ۽ سندس خلاف انگريزن سان سازش ڪرڻ ۽ اليگزينڊر برنس جو خراسان افغانستان روانو ٿيڻ:

شاهه شجاع کي جڏهن ميرن جي اصل نيت جي خبر پئي ته سندس حال تي افسوس ڪندي چوڻ لڳو: "هنن آخر پنهنجي چڱمڙسپي ظاهر ڪئي ۽ هاڻ ان جو اپاءُ اهوئي آهي ته انگريز بهادر سان ملي، انهن سميت سيني کي سيڪت ڏياري، سندن مٿي مان هوا ڪڍي وڃي.

پاڙيسريءَ جي پهچ سان بهشت پيڙو ٿيڻ،
اهو به دوزخ جي عذاب کان گهٽ ناهي.

بر چا ڪجي، جڏهن پاسن کان اهل اسلام مان چڱائي جي ڪا اميد ڏسڻ ۾ نه اچي ته لاچار پنهنجي مطلب جي پورائي (خراسان/افغانستان جي حڪومت هٿ ڪرڻ) لاءِ انگريز بهادر سان ملي ڪا ڳڻ ڪرڻي پوندي. انهيءَ ڳڻ ڳوت ۾ هو آخرڪار وڃي انگريزن سان مليو.

انگريز جيڪي اڳ ۾ ئي شاهه شجاع جي پيٽ ۾ پنهنجو نيمڪ (نمڪ) داخل ڪري چڪا هئا، تن کي رڳو ڏاهه ڏيڻ جي دير هئي ۽ هڪدم صلاح ڪري سوچي سمجهي پنهنجي اباٽڪي تدبير اختيار ڪيائون.

هن مهم کي سر ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول وليچ(۱) ۽ ڊاڪٽر برنس کي سنڌ ۽ خراسان/افغانستان جي جاسوسي لاءِ ۱۲۵۲هه (۱۸۳۶ع) ۾ روانو ڪيائون، جيڪي شڪارپور ۾ اچي ميرن سان مليا ۽ سنڌ جي سربستي احوال کان واقف ٿي ويا. ڪين سڄي خبر پئجي وئي ته سنڌ جي حڪومت لوڏن ۾ آهي جيڪا هڪ ئي ڌڪ سان اچي پٽ تي پوندي!!

هُو ڪيترا ڏينهن شڪارپور ۾ ترسيل هئا، ڪين اوري پري جا ماڻهو ولايتي چيز سمجهي ڏسڻ پئي آيا ۽ ڏنڊين آڱريون ٿي ڏنائون ۽ ڊاڪٽر برنس ماڻهن جا ميڙ ڏسي

---

(۱) ڏسو تعلق نمبر ۲۲.

پنهنجي تنبوءَ کان ٻاهر اچي کين چوڻ لڳو: "اچو بابا اچو! اسان جو پيچ ۽ اسان جا سڳ اچي ڏسو!!"

ماٺهن ڪلنڌي کيس وراڻي تي ڏني: "واهه سائين واهه! اوهان جو پيچ ولايت تائين ڏٺو آهي ۽ اوهان جا سڳ خراسان تائين پيا پهچن، ڇا ڳالهه ڪجي!" اهو ٻڌي ڊاڪٽر برنس ڦڪائي مان تنبوءَ ۾ هليو تي ويو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ اهي ٻئي درياهه جي ماپ وٺڻ لاءِ ٻيڙين ۾ چڙهي ديري غازي خان ۽ باغبان ڏانهن روانا ٿيا، تان جو پشاور کان ٿري ڪابل وڃي دنگ ڪياٿون. انهيءَ زماني ۾ روس جو پڙاڏو پئي هليو. سو هُو امير دوست محمد خان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ لڳا. هنن گهڻي ڪوشش ڪئي ته امير موصوف، شاهه شجاع ۽ خالصه رنجيت سنگهه جي ٻڌيءَ سان سيئي شورشون ختم ڪرائجن: پر امير دوست محمد خان کين ڪنگهيو به ڪين. آخر جڏهن ڏٺائون ته هيءَ ڪنهن به نموني سِڌ تي نٿو اچي ته اندرين خاني ڪابل جي رئيسن ۽ خانن سان گڏيا، جن کي پئسن جي لالچ ڏئي پاڻ سان شامل ڪيائون. اهي رئيس ۽ خان هونءَ به انهيءَ لالچ تي شاهه شجاع وٽ لڙڪيا پيا هئا. اتان سڄو بندوبست ڪري ڊاڪٽر برنس پشاور جي رستي لنڊياني هليو ويو ۽ ليچ صاحب قنڌار وڃي سردارن سان مليو، جن کي به حيلي بهاني سان پنهنجي سازش ۾ شريڪ ڪرڻ جي ڪيائين، پر هنن به ڪونه ليکيس، پوءِ قنڌار جي خانن مان حاجي خان ڪاڪڙيءَ کي دولت جي دلبي تي پنهنجو ڪري قلات واپس آيو.

هتي مير محراب خان بروهي (١) کي وڏيون لالچون ڏئي، اجازت گهريائين ته انگريزن جي فوج کي ڪڇي، ڊادر ۽ ڪوئيٽه کان اڳتي وڃڻ ڏنو وڃي ۽ مير محراب خان سندس چوڻ تي رضامند ٿيو.

هاڻ انگريز پئسي جي زور تي سيني کي خريد ڪري سڀ ڪم ٺاهي، نهي سنبري سنڌ ۽ خراسان ۾ هٿ ڳنڍڻ لڳا. پهريان جاسوسيءَ ذريعي سڀ ڪجهه معلوم ڪري چڪا هئا ته ڪهڙي رستي اها مهم سرڪرڻي پوندي.

هيڏانهن پاٽنجر صاحب(٢) حيدرآباد ۾ ميرن وٽ اچي، کين ريهي ريبي

---

(١) ڏسو تعليق نمبر ٢٩.

(٢) ڏسو تعليق نمبر ٣٣.

نوٽ (١) ڊاڪٽر برنس نومبر ١٨٣٩ع جي پڇاڙيءَ ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ آڪليند جي حڪم سان سنڌ جي تجارت جي بهاني جاسوسيءَ لاءِ مقرر ٿيل هو، جنهن سان ليفٽيننٽ رابرٽ ليچ بمبئي جو فوجي انجنيئر، ليفٽيننٽ جان ورڊ ۽ پيا شامل هئا. هنن سنڌ ۾ پشاور کان وٺي ڪابل

انگريزي فوج کي خشڪي توڙي درياهي رستي سنڌ پار ڪرڻ جي ڳالهہ ميرائي ڪري دلجاءِ سان پنهنجو ڪم ڪيئي ويو. مير توڙي ميز محراب خان انگريزن جي ابليسي ارادن کان بلڪل غافل رهجي ويا. جن نانگ نپايا، تن پنهنجو موت پاڻ آندو.

نقل آهي تہ ڪنهن شخص ننڊ ۾ ڏٺو تہ نانگ سندس پيٽ تان لنگهيو آهي، سو هڪدم سجاڳ ٿي سوچڻ لڳو تہ انهيءَ نانگ اڄ منهنجو پيٽ ڏٺو آهي، سڀاڻي ضرور اچي ڏنگ هڻندو. ويچارو انهيءَ انتظار ۾ سڄي رات آرام سان ڪونہ ستو، پر نانگ تہ سجاڳيءَ ۾ بہ ائين ڪري سگهي ٿو.

*

---

بخارا تائين جاسوسي ڪري سياسي، اجتماعي ۽ اقتصادي رپورٽون تيار ڪيون، اهو احوال خود ڊاڪٽر برنس پنهنجي ڪتاب "ڪابل جي يادگيرين" ۾ لکيو آهي. (لنڊن جو ڇاپو ۱۸۴۲ع، ص ۳۹۸).

نوٽ (۲) امير دوست محمد خان ۱۲۵۳هہ مطابق ۱۸۳۷ع ۾ رنجيت سنگهہ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ انگريزن، ايران ۽ روس کان مدد گهري هئي، جنهن تي روس پنهنجي سياسي نمائندي ويڪويچ کي ڪابل اُماڻيو ۽ لارڊ آڪلينڊ ڊاڪٽر برنس، مسٽر ليچ ۽ ليفٽيننٽ جان ووڊ ۽ ٻين کي سياسي مشير جي حيثيت ۾ ڪابل روانو ڪيو. اهو سياسي جٿو، ۵-جنوري ۱۹۳۷ع (۱۲۵۳هہ) امير دوست مُحمد خان وٽ پهتو هو.

(حيات اميردوست محمد خان، از: موهن لال، ۱-۲۵۳).

هندستان جي انگريز حڪومت روس جي حملي کان بچاءُ لاءِ افغانستان ۾ پنهنجو ڪارندو رکڻ ٿي چاهيو، انهيءَ ارادي سان هن شاهہ شجاع سان معاهدو ڪري کيس افغانستان ڏانهن فوج ڏئي نومبر ۱۸۳۸ع ۾ موڪلي ڏنو، جتي انگريزن ۽ افغانستان جي پهرين جنگ شروع ٿي.

شاهہ شجاع ۱۲-مارچ ۱۸۳۴ع ۾ رنجيت سنگهہ سان معاهدو ڪري کيس اٽڪ، پشاور، خيبر ۽ سنڌ جي ايراضي ڏني، ان کان پوءِ ۲۵-جولاءِ ۱۹۳۸ع ۾ انگريزن، شاهہ شجاع ۽ رنجيت سنگهہ جو گڏيل معاهدو ٿيو، جنهن کي لاهور جو معاهدو سڏجي ٿو. انهيءَ معاهدي موجب هن ٽنهي جو پاڻ ۾ جنگي اتحاد قائم ٿيو. - حبيبي

## انگريزن جي فوج جي خراسان روانگي، جنهن ۾ شاهه شجاع جو ساٿ پرپور ساٿ ڏيڻ:

اليگزينڊر برنس ڪابل کان واپس اچي لڌياني پهتو. شاهه شجاع کي اتان جو پيرائتو احوال ٻڌايائين ته مان هن ريت سڄو ڪم ٺاهي آيو آهيان. ان کان پوءِ خراسان [افغانستان] هٿ ڪرڻ لاءِ جنگي تياريون شروع ٿي ويون.

تاريخ ٣-نومبر ١٨٣٩ع (١٢٥٥هه) انگريزي فوجون شاهجهان آباد مان روانيون ٿيون. قضا الاهيءَ سان واٽ تي ڪين وبائي بيماريون اچي وڪوڙيو، جنهن ۾ پنج سو سپاهي مري ويا ۽ ٻيا وڃي فيروزپور پهتا. انهيءَ وچ ۾ لارڊ آڪلينڊ(١) جي حڪم هيٺ، سورهين ريجمينٽ، ٻي گورن جي فوج، ٽين ترڪن ۽ گورن جي فوج، چوٿين ڪارن هندستانين جي فوج ۽ ٻيا هٿياربند گهوڙي سوار رسالا، تنهن کان سواءِ ٻي پلٽڻ، توبخانا ۽ وڏيڪ رسالا، ڪمانڊر جنرل فين جي ڪمان هيٺ، فيروزپور پهچي ويا.

انهيءَ وچ ۾ مهاراجا رنجيت ۽ سندس پٽ کڙڪ سنگهه، ٽيهه هزار گهوڙي سوارن جي فوج وٺي، انگريز بهادر جي ملاقات لاءِ درياهه جي ڪنڌيءَ تي اچي حاضر ٿيا.

انگريز ڪمانڊر ملاقات کانپوءِ مهاراجا جي پلٽڻ جو معائنو ڪيو ۽ هڪ رپيو في سپاهي انعام طور ڏني، سيني کي خوش ڪيائين. مهاراجا رنجيت سنگهه موٽ ۾ ست ولايتي گهوڙا، چمڪدار ترارين ۽ هاٿيءَ سميت، ٻين تحفن سان گڏ، صاحب بهادر جي خدمت ۾ پيش ڪيا، ۽ هن کيس ٻه گنگا جمني توبون عطا ڪيون.

ان کان پوءِ ڪمانڊر چوٿين نمبر پلٽڻ ۽ توبخانا فيروزپور ۾ ڇڏي، باقي تلنگي فوج ۽ گورا پلٽڻ، نمبر تيرهين، لال ڪڙتي نمبر ڏهين رجمينٽ، سٺيهين پلٽڻ، چار توبخانا، جيڪي اٺن گهوڙن ۽ ڏڳن تي رڪايل هئا، ٻيون پلٽنيون ۽ ٻه هزار، سپاهي جيڪي اندرسين ۽ ڪرشين صاحب وٽان آيل هئا، هڪ شاهي پلٽڻ، شاهه شجاع جا

---

(١) تفصيل لاءِ ڏسو تعليق نمبر ٣٤.

توبچي ۽ توبخانا وغيره گڏائي بهاولپور ڏانهن رخ ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ بخشي صاحب بهادر، شهزادي تيمور سان گڏجي انگريزي فوج ۽ رنجيت سنگهه جي لشڪر سان خيبر لڪ ڏانهن روانا ٿي ويا.

انگريز ڪمانڊر ۽ شاهه شجاع جڏهن بهاولپور جي حد ۾ داخل ٿيا ته ان ڪان اڳ ۾ ئي بهاولپور جي والي رستا صاف ڪرائي، چورن ۽ شاهينگن ڪي تڙي سانت ڪرائي ڇڏي هئي. ڪاڌ خوراڪ لاءِ هن هر قسم جي اناج، کنڊ، گڙ، ديسي گيهه، چانور، ٻڪريون، رڍون، ڪڪڙ ۽ بيدا (آنا) ۽ ٻيو سڀڪجهه ايتري انداز ۾ اُتي آڻي ڪڏيو جو پيٽي ڪانه هئي.

اُن ڪان علاوه انگريزن جي فوج جيڪا به شيءِ طلب ٿي ڪئي، اها هڪدم حاضر پئي ٿي. بهاولپور ڪان ٿورو پرتي خود نواب بهاول خان جو پٽ بهادر خان دائودپوٽو، انگريزن جي آجيان لاءِ پهتو، جنهن هڪ سو سونيون اشرفيون ڪمانڊر صاحب جي مٿان گهوريون ۽ هن به مٿس ڪيئي مهربانيون ڪيون. پڇاڙيءَ ۾ هو ڪمانڊر ڪي وڏي مان سان بهاولپور وٺي آيو. ڪمانڊر موصوف به ڏينهن آتي رهي، احمدپور وٽان ٿيندو، سِڌو سنڌ ڏانهن (روهڙيءَ) روانو ٿيو.

---

نوٽ: هتي ائين ڏسڻ ۾ پيو اچي، جڻ هن باب ۾ بيان ڪيل احوال تاريخ افغانستان تان ورتل آهي، جيڪو اردو ۾ مير اشرف علي باني مجمع الاخبار ترتيب ڏني ١٢٦١هه (١٨٤٥ع) ۾ بمبئي مان ڇپرايو هو. ان ڪتاب جي هڪ حصي جو ليکڪ سيد فداحسين عرف نبي بخش بخاري، جيڪو انگريزن جي ترڪ سوارن واري فوج جو جمعدار ۽ ١٨٣٩ع ۾ اندس واري لشڪر سان هو، تنهن انهيءَ سڄي لشڪر ڪشي دوران فيروزپور ڪان سنڌ ۽ ڪابل تائين جيڪي مشاهدا ڪيا، اهي لکيائين، جيڪي ١٨٤٢ع ڪانپوءِ دهليءَ مان ڇپرايا هئائين.
مير اشرف علي اهو احوال فداحسين جي ڪتاب تان ورتو هو، جنهن مان وزير اڪبر خان جي جنگين جو هڪ اردو ترجمو تاريخ منظوم افغانستان (غالباً ظفرنامه القاسم دهلوي)، جيڪو شيخ ذوالفقار الدين اردو ۾ ترجمو ڪيو هو، تنهن ۾ ٻيا واڌارا ڪري تاريخ افغانستان جي نالي سنڌ جي احوال سميت صفحي ٣٤ تي شايع ڪرايائين.
امڪان آهي ته اهوئي ڪتاب (١٨٤٥ع ۾ ڇپايل) تاريخ تازه نواء معارڪ لکڻ وقت منشي عطا محمد وٽ موجود هو، جنهن هن کي فارسيءَ ۾ آندو. ڪتاب ۾ فوجي سپهه سالارن جا نالا گهٽي قدر هيٺ مٿي ٿيل آهن، جن ۾ ڪمانڊر کي ڪمانير ۽ ان جي جمع ڪمانيران لکيو ويو آهي.
اهڙي لکت سنڌ ۾ انگريزن جي اوائلي اثر پهچڻ مهل به ملي ٿي، جيئن ميان غلام شاهه (سنڌ جي والي) ١٧٥٨ع ۾ هڪ خط اندر ان جو اظهار ڪيو آهي. (تاريخ سنڌ مولانا مهر، ٢-٦٥٨)
—حبيبي

انگريزن جي اها فوج منزلون هڻندي اچي روهڙي پهتي، جتي گهٽي پاڳي جهنگ ئي جهنگ هو، ان ڪري رستو پلجي، ڪو وقت تہ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندي ٿاٻا کائيندي رهي؛ پر پوءِ هڪ اڇي ڏاڙهي وارو خواجہ خضر وانگي اچانڪ نروار ٿيو، جنهن سندس رهنمائي ڪئي(١) تنهن کان پوءِ اها فوج روهڙيءَ ۾ خيما کوڙي آسائتي ٿي ويٺي. اليگزينڊر برنس ان فوج جي اچڻ کان اڳ خيرپور پهچي، مير رستم خان (خيرپور جي والي) سان مليو، جنهن کي افلاطوني عقل ۽ لقماني حڪمت (سياڻپ) سان پنهنجو ڪري (بيوقوف بڻائي) ساڻس عهد اقرار ڪري ڪانئس بکر جي قلعي وٽان درياهہ پار ڪرڻ جي اجازت ورتائين. درياهہ پار ڪرڻ لاءِ انگريزن جي فوج کي ٻيڙن ٻڌڻ جي ضرورت پيش آيل هئي، جنهن لاءِ پڻ اڳواٽ ميرن (ٽالپرن) کان موڪلائي چڪا هئا، ٻيڙ اهڙيءَ طرح ٻڌائون جو ڏسندڙ کي ڏنديں آڱريون اچي ويون.

انهيءَ ڪاريگريءَ ۾ هنن اهڙو هنر هلايو، جو ارسطو، افلاطون جو عقل بہ چرخ ٿي وڃي ها. انگريزن کي اصل ۾ بکر جو قلعو قبضو هيٺ ڪرڻو هو، جنهن کان مير بلڪل بيخبر هئا(٢).

ٻئي طرف ليچ بهادر شڪارپور پهچي، سفر جي سامان ۾ ڪجاون ۽ صندوقن گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هاٿيدر ۽ هزاريدر جي اوپارين پاسي رئيس واهہ وٽان جهنگ جهر صاف ڪرائي، ٻن ڪوهن تائين ترڻ وانگي صفا ميدان پٽ ڪرائي ڇڏيائين. انهن تيارين ۾ ايترو پئسو ڏوڪڙ پئي خرچ ٿيو، جو هرڪو حيرت ۾ هو.

اٿين ڪندي شاهہ شجاع ۽ وليم ميڪناٽن، ٻئي لشڪر ۽ توبخاني سان خيرپور جي حد اورانگهي نروار ٿيا، جن جي آدر ڀاءَ لاءِ ميرن طرفان زنگي خان ۽ فتح محمد خان غوري کي مقرر ڪيو ويو، جيڪي قيمتي تحفا ساڻ کڻي وڃي علي واهڻ وٽ هنن سان گڏيا.

شاهہ شجاع ۽ وليم ميڪناٽن سڄي فوج سميت سيد پور وٽان درياهہ ٽپي

(١) استعماري قوتون ماڻهن تي رعب وجهڻ اهڙيون ڳالهيون هلائينديون آهن ۽ تہ سندن فوجي طاقت کين خدا جي طرفان عطا ٿيل آهي. ٻي حالت ۾ روهڙي جي آسپاس هروڀرو ايڏو وڏو جهنگ بہ ڪونہ هو، جو لشڪر جا حوصلا خطا ٿي وڃن ها ۽ خواجہ خضر کي سندن رهنمائي جي تڪليف ڪرڻي پوي ها. هتي سڀ پئسي جي بازي هئي، هيءُ قصو بہ فداحسين جي تاريخ تان ورتل آهي. – حبيبي

(٢) انگريزن جي فوج ١٠-ڊسمبر ١٨٣٨ع ڌاري فيروزپور کان رواني ٿي. ٢٠-جنوري ١٨٣٩ع ۾ روهڙيءِ پهتي. درياهہ تي پل ڪپتان ٿامسن ۽ بينگال جي انجنيئرن تيار ڪئي ۽ فوجون تاريخ ٢-فيبروري ١٨٣٩ع ڌاري اتان ٽپي پار ٿيون. (عروج بارڪزئي، ١٧٠)

۷-ذوالقعد ۱۲۵۵ھ تي اچي شڪارپور جا وڻ پيتيا. ٻئي پاسي ڪماندر صاحب اڳوات ئي روهڙيءَ ۾ درياهه جي ڪنڌيءَ تي هڪيو تڪيو موجود هو ۽ درياهه جي ڇولين جو نظارو ٿي ڪيائين. خيرپور جي والي مير رستم خان روهڙيءَ کان چار ڪوهه پرتي بلوچن جي لشڪر سان ٻيرلوءِ ۾ ترسيل هو.

انگريز بهادر حد درجي جو عقلمند ۽ بهادر هو، سو انهيءَ موقعي تي وجهه وٺي سردارن مان ٻه چٽا ۽ پنجاهه سوار ساڻ ڪري صبح مردان سان وڃي مير رستم خان وٽ پهتو ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي آيو. هن ساجهرئي پنهنجي فوج کي تيار ڪري قاعدي موجب قطار ۾ بيهاري ڇڏيو هو. مير صاحب جو آيو ته ڪيس هينئين مٿيون ڏئي چيائين: ڏسو اسان جي فوج ڪيئن رعب تاب سان بيٺي آهي! هنن جي اها مجلس هڪ پهر تائين هلندي رهي، تنهن کان پوءِ مير صاحب کي سلامتي سان واپس پنهنجي ماڳ رسايو ويو.

انگريز اڳ ۾ ئي ميرن جي پرڪارن مان سهي ڪري ويا هئا ته هيءُ ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن. هاڻ رڳو هنن کي حملي جي دير هئي. جڏهن پهر سج مٿي چڙهي آيو ته بکر جو قلعو ميرن (ٽالپرن) کان خالي ڏسي، انگريز توبون بيڙين تي چاڙهي قلعي اندر ڏوڪي ويا. پنهنجا جهنڊا برجن تي ڦڙڪائي نغارا وڄائڻ شروع ڪيائون. ميرن جو اهو حال ڏٺو ته پاڻ ۾ پوتو نه پائيندي وڏي مونجهاري ۾ پئجي ويا. آخرڪار هڪ لک روپيا روڪ مير رستم خان جي وزير فتح محمد غوري هٿان انگريزن کي راهه خرچ لاءِ ڏئي راضي ڪيائون.

*

برنس کي جيڪي روهڙيءَ وٽ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي تڪيل هئا، حڪم ڏنائين تہ اوهان نهي سنبري هڪدم حيدرآباد روانا ٿيو.

ديوان چيتنمل بروقت حيدرآباد جي ميرن ڏانهن هيڙيءَ ۾ قاصد موڪلي ڪين سموري روبڪار کان آگاهہ ڪيو. ميرن مان مير نورمحمد خان وڏو سياڻو هو، جنهن تتيءَ تاءِ مير شير محمد خان کي جهيڙي مچائڻ کان منع ڪئي ۽ انگريزن کي ۲۴ لک رپيا چانوٽيءَ جي نقصان جا پري ڏنائين. ائين هن تتل جهيڙي کي ٿاري ڇڏيو.

هوڏانهن ڪماندر، جيڪو روهڙيءَ کان روانو ٿي، هالن تائين اچي پهتو هو، تنهن کي جو انهيءَ صلح جي سڌ پئي تہ واپس روهڙيءَ ڏانهن وريو ۽ درياهہ اُڪري شڪارپور پهچي ويو.

ايتري ۾ جنرل ويلشائر، سرجان ڪين، آئوٽرام وغيره سڀئي سيوهڻ کان ڪشالا ڪندا اچي لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيا، جتان جهل مگسي ۽ تنبو(۱) (ڪڇيُ واري علائقي) کان خراسان/افغانستان روانا ٿيا. هيٺي پاسي کان شاهہ شجاع، وليم ميڪناٽن، سپہ سالار، ڪماندر اليگزينڊر برنس وغيره سميت سڄو لشڪر ساڻ ڪري خراسان/افغانستان پاسي ڪاهي هليا.

اها انگريزن جي فوج جڏهن خانگڙهہ (جيڪب آباد) تائين رسي تہ اتان جي قلعي مان اوچتو توب جو ٺڪاءُ ٿيو، جنهن جو گولو ڪمپني نمبر۲ جي سپہ سالار کي لڳو، جيڪو اقت مري ويو. انهيءَ ڪوئنس جي خار ۾ پوسٽن صاحب قلعي جي قبضي لاءِ ٿوري فوج ساڻ ڪري چئن توبن سان وجي چڙهائي ڪئي تہ توب جي پنجاهہ گولن ڇوڙڻ کان پوءِ، اٺ بلوچ قلعي اندر ۽ ڇهہ ڇٽا توبخاني مان اجل جو شڪار ٿي ويا.

قلعي جو دروازو ڀڃي انگريزن جي فوج اندر گهڙي پئي ۽ قلعي تي قبضو ڪري رات اتي رهي، صبح جو سموري فوج چوڏهن ڪوهہ پنڌ هٽي، خان محمد عمراڻي واري ڳڙهيءَ ۾ پهچي ويئي، جتي سپاهہ ۽ وهٽن پاڻي پي آسائش ڪئي. اتان وري ٻي صبح تي اسهي شاهہ پور ۾ فوج داہو ڪيو، جتي پڻ پاڻيءَ جي گهٽائي جي ڪري سيئي سيراب ٿي ساهہ پٽيو. آخر اتان ڪوچ ڪري اها فوج ڦلجي (ڇٽ) ۾ آئي، جتي بجار خان ڏومبڪيءَ هنن جي پر گهور لڏي. تڏهن ان پاسي بجار خان جو راڄ هو.

---

(۱) جهل ۽ تنبو (مشهور ڪوٽ تنبو- مترجم) هيٺي ڪڇيءَ ۾ آهن. جهل ۾ مگسي ۽ لاشاري قومر-جا ماڻهو رهندا آهن ۽ تنبوءَ ۾ عمراڻي قومر وارا ٿا رهن.

(تاريخ بلوچستان، ۳۱۳-۳۱۵)

ايتري قدر جو پاڻي جو هڪ ڇٽي لاءِ مقرر ڪيو ويو. هي صورت ۾ اهو طيءِ ٿيو ته پاڻي جي قيمت ادا ڪرڻ ۾ ايندي، جيئن هر ڪو پاڻ پنهنجو انتظام ڪري.

ڪوتل جي علائقي مان فوج جو اڳتي وڌڻ ڏاڍو اٿائو هو. انگريزي عملدارن رستي جي صفائي لاءِ به مهينا اڳ توبن ۽ بارود جو انبار ڏياري موڪليو هو، جنهن مان هڪ توب ڏاڍي ڏکيائي سان ٽڪر تي چاڙهي وئي هئي، آخرڪار توبن کي نوڙ ٻڌي هڪ هڪ ڪري هٿن سان ڇڪي، ڪوتل جي ٽڪر مان پار ڪيائون. ائين ٻيو سامان به نڪري ويو. ليڪن انهيءَ ڏڇي ۾ هزارين اٺ، گهوڙا ۽ ڏڳا مري ويا. هوڏانهن لشڪر به اڃ ڪروڌ ۾ منهن وڌو، جو ڪيترا ماڻهو اڃ ۽ بک وگهي مري کپي چڪا هئا.

انهيءَ عالم ۾ ٽي راتيون، ٽي ڏينهن فوج، بنا اَن پاڻيءَ جي، اتي ٽڪي رهي هئي. حالت وڃي ايستائين پهتي، جو پرياسي لوٽن هٿڻ سان اڌ سير اٽو به هڪ رپئي ۾ ڪونه ٿي مليو. ٿوري وقت کان پوءِ اهو اٽو به ملڻ بند ٿي ويو ۽ گهٽي ڏوجهري کان پوءِ پنجين رپئين سير اٽي جو ملڻ لڳو.

پورا ٽي ڏينهن فوج کي انهيءَ دوزخ جهڙي ماحول ۾ ڪاٽڻا پيا. چوٿين ڏينهن هزار خواري ۽ خرابي کان پوءِ اتان ڪوچ ڪري ٻي وسنديءَ ۾ پهتي، جتي پاڻي نظر ايندي لڏو لاهي ويئي.

ائين ڪندي خبر پهتي ته قنڌار جو والي سردار ڪهندل خان پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري اڃ ڪوهستان ۾ پهتو آهي ۽ اها نهر، جتان انگريزن جي فوج ڏانهن پاڻي اچي رهيو هو، تنهن کي بُنبو ڏئي بند ڪرائي ڇڏيو اٿائين. هاڻ راتاهي جا سانباها پيو ڪري. اهو ٻڌندي انگريزن جي لشڪر ۾ اچي ڦڦڙي پئي، ليڪن لشڪر جي اڳواڻن چئني طرفن کان توبون تيار ڪرائي ڇڏيون، جن جي وچ ۾ فوج پناهي ٿي، چڻ فوجي قلعو تيار ٿي ويو.

ساري رات فوجين کي جاڳي هٿيار سنڀالي توبن جي فتيلن کي باهه ڏئي روشني ڪري هوشياريءَ سان گذارڻو پيو. پر پاڻيءَ جي اڻاٺ جي ڪري فوج کي ڏاڍي هلاڪي ڏسڻي پئي، جيتوڻيڪ هٿ پير هڻڻ سان ٿورو پاڻي فوج کي هٿ آيو ته ان ۾ به ڏاڍي گندي ڏپ هئي ۽ منجهس ڪيئان چُرندا پئي رهيا. جنهن به اهو ڪنو پاڻي ٿي پيتو، سو پيٽ جي ٻري ۾ ونجي پئي ويو. هتي پورا به ڏينهن فوج کي پاڻي هٿ نه آيو، ان ڪري لشڪر سان گڏ گهوڙا، اٺ ۽ ڏڳا سڪي پاهه ٿي ويا ۽ پاڻيءَ کان سواءِ ڦٿڪندا رهيا.

آخرڪار هڪ واقف ڪار جي ڏس پنڌ تي (انعام جي شرط سان) رات جو هڪ

جمعدار ۽ حوالدار ۽ ٻه نائب، ويهه سوار ۽ ٽيهه عملي وارا ساڻ ڪري نڪتا، جن وڃي نهر جو بُنبو ٻڌو ۽ پاڻي لشڪر ڏانهن وهايائون. اهو پاڻي اڌ رات جو آب حيات بڻجي انگريزي فوج تائين آيو، جنهن بي جان ماڻهن ۾ جان وجهي ڇڏي.

لشڪر جي ماڻهن جيئن پاڻي ڏٺو ته ان جي مٿان اچي ڪريا. جن گهڻو پاڻي ڍوڪيو، اهي ساڻا ٿي ڪِري پيا. ائين هزارين فوجي اجل جو ٻَڪ ٿيندا ويا. صبح ٿيڻ سان باقي بچلين مان هر ڪنهن جي منهن تي سرهائي نظر آئي. سڀ ڪنهن ائين ٿي ڀانيو، ڄڻ نئين سر ماءُ جي پيٽان ڄائو آهي.

انهيءَ ئي ڏينهن نمڪ حرام حاجي ڪاڪڙ، جيڪو ورهين جا ورهيه سردارن سان گڏ رهيو، سڀ ڪجهه وساري لالچ جي آسري ڊوڙند و آيو ۽ انگريزن جو سلام اچي پريائين. چئي: سردار ڪهندل خان پنهنجو لشڪر وٺي راتاهي لاءِ تيار ٿي آيو هو، پر منهنجي اچڻ کان پوءِ نراس ٿي واپس هليو ويو.

صبح جو شاهه شجاع، انگريزي عملدارن ۽ فوجن سان، اتان نڪري ڇهه منزلون هٽي قنڌار تائين وڃي رسيو. شهر کي خالي ڏسي توبون ڇوڙيون ويون، ۽ سوڀ جا نغارا وڄايا ويا، تنهن سان گڏ ڪيئي فوجي قلعي جي مٿان مقرر ڪيا ويا.

ڏهن ڏينهن کان پوءِ هڪ جاءِ، تخت وانگي سينگاري، ان تي شاهه شجاع کي وهاريو ويو ۽ سڀني فوجين کي تيار ڪري شاهه شجاع کي سلامي لاءِ آندو ويو. هڪدم توبن جا ڌڌڪا شروع ٿيا ۽ مبارڪبادي ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٺڪاءُ پڌڻ ۾ آيا. ضرب خاني مان ڪمپني جا سڪا جاري ٿيڻ لڳا ۽ اوري پري تائين شاهه شجاع ۽ انگريز سرڪار جي فتح جا نغارا وڄڻ لڳا.

قنڌار جي اهڙي نموني واري عجيب فتح، جيئن بيان ڪيو ويو، شاهه شجاع سان گڏ انگريزن کي نصيب ٿي ويئي. ٻئي پاسي اتان جا سردار، حاجي ڪاڪڙ جي غداريءَ جي ڪري مايوس ٿي، بنا ڪنهن مقابلي جي قنڌار ڇڏي هليا ويا (١).

(١) حاجي خان ڪاڪڙ اصل "تاج محمد خان" هو، جيڪو هتي شاهه شجاع جي حضور ۾ نصيرالدوله جي لقب سان نوازيو ويو.

انگريزي فوج ۽ شاهه شجاع تاريخ ١٢ صفر ١٢٥٥هه (١٨٣٩ع) آچر ڏينهن قنڌار آيا ۽ هڪ ڏينهن کان پوءِ تخت نشيني ٿي. حاجي خان ۽ حاجي دوست محمد خان اسحاق زئي هن جا پيشڪار مقرر ٿيا. ماڻهن کي ٻه لک ڊِل بخش ڪئي ويئي، هتان هڪ ڪپتان کي ڪامران جي دربار ۾ هرات ڏانهن موڪليو ويو، جنهن سان گڏ هرات جي قلعي جي اڏاوت لاءِ رقم به اُماڻي ويئي. (عروج بارڪزئي ١٧١ ۽ واقعات ١١٦).

موهن لال، شاهه شجاع جي تخت نشيني جي تاريخ ٢٥- اپريل ١٨٣٩ع لکي آهي. سندس چوڻ موجب ميجر ٽاڊ کي هرات اماڻيو ويو هو. (حيات امير، ٢-٢١٥. ڏسو تعليق نمبر٤٤)

## قنڌار جي سردارن جي هار ۽ انگريزن جي فوج جي قنڌار ۾ رهائش ۽ بيماري ڪاڻ ٻن مهين کان پوءِ غزني وجي قلعو فتح ڪرڻ ۽ امير (سردار) دوست محمد خان جي پٽ غلام حيدر خان کي گرفتار ڪرڻ:

سال ١٢٥٥هه (١٨٣٩ع) ۾ جڏهن قنڌار جا سردار، ڪهندل خان، رحمدل خان ۽ مهردل خان، حاجي خان ڪاڪڙ جي غداري ۽ نمڪ حراميءَ جي ڪري، انگريزي فوج سان مقابلي ڪرڻ بدران (جيڪا ڪاڌي پاڻي نه هئڻ ڪري شڪست جي ويجهو پهچي چڪي هئي) قنڌار جو قلعو ڇڏي، سڄي جنگي سامان سميت، گرش واري قلعي ڏانهن فرار ٿيا هئا، جيڪو قنڌار کان سو ڪوهه جي فاصلي تي هو. تن پويان انگريزن گرفتاري لاءِ، هڪ پلٽڻ پنجاهه ترڪي سوارن ۽ ٻي پلٽڻ هڪ هزار سوارن سان اندرسن صاحب بهادر جي سنپال ۾ ۽ ڪجهه فوج توبن ۽ جنگي سامان سميت شاهه شجاع جي لشڪر مان، گرش واري قلعي ڏانهن رواني ڪئي. جڏهن اهو سڄو اٽالو قلعي جي نزديڪ رسيو ته سردارن پاڻ ۾ ڪا ٿوم نه ڏسي، گرش جو قلعو ڇڏي، ايران ڏانهن منهن ڪيو. هنن جي وڃڻ کان پوءِ انگريزن پنهنجي لشڪر مان هڪ پلٽڻ ۽ شاهه شجاع جي سپاهه مان هڪ هزار سوار اندرسن کي ساڻ ڪري ڏنا، جنهن قلعي ۾ توبون رکايون ۽ باقي فوج قنڌار واپس آئي.

انگريزي فوج ٻن مهينن تائين قنڌار ۾ رهي. انهيءَ دوران بيماري اچي منهن ڪڍيو. لشڪر ۾ دستن جي وبا ايتري قدر پکڙجي ويئي، جو ڪنهن کي چرڻ جي سگهه به ڪانه هئي. انهيءَ سٽ ۾ هرڪو هيٺو ٿيندو ويو. هوڏانهن اَن جي اٽاٽ به وڌي ويئي، انهيءَ حد تائين جو به سير ڪٽڪ ۽ به سير چانور رپئي جي حساب سان ٿي مليا. ٻيون جنسون به اهڙيءَ طرح مهانگيون هيون، مگر ميوا ڏاڍا سستا هئا، ان ڪري ماڻهن جو گهٽو ٽٿو گذر انهن تي پئي ٿيو.

قنڌار جي انهيءَ سخت، نحس ۽ مصيبت ڀري سفر ۾، انگريزي فوج جيئن تيئن ڏينهن پورا ڪيا، ان مان ڪيترا وهٽ ۽ ماڻهو وڃي ٻي جهان پهتا. آخرڪار انگريزن نئين سر اَن پاڻيءَ جي بندوبست ڪرڻ لاءِ لڪين ربين جي رٿا تيار ڪئي، جنهن مان

سچو سامان خريد ڪري هر ڪنهن کي سکيو ستابو ڪيو ويو. گاهه وارن جي تہ چڻ خدا ٻُڌي. سيني سڪن سان گهر پريا، پر ڪمپني بهادر جي پئسي ۾ برڪت ايتري ڪانہ هئي، بس هيڏانهن آيو تہ هوڏانهن ويو.

انهيءَ انتظام ڪرڻ بعد، شاهہ شجاع ۽ انگريزي عملدارن دلجاءِ ڪري قنڌار مان غزني جي قلعي ڏانهن سنبت ڪري هليا، جيڪو يارهن ڏينهن جي پنڌ تي هو. اهو پنڌ هٽي نيٺ هُو غزني پهچي ويا. قلعي تي امير دوست محمد خان جو پٽ غلام حيدر خان قابض هو، جنهن انگريزن سان جنگ جوٽي ڏني. قلعي مان توبن ۽ بندوقن جا ٺڪاءُ شروع ٿي ويا. هيڏانهن انگريزن بہ جوابي ڪارروائي لائي ڏني. قلعي مان ايندڙ گولا آسماني آفت بڻجي، انگريزي فوج تي پئي ڪڙڪيا. انگريزن جي سپاهہ بہ چڱو پاڻ پتوڙيو، پر لاڳيتي پنڌ، ٿڪ ۽ اُڃ بُک جي ڪري هرڪو ساٿو ٿي چڪو هو، ان ڪري مڙئي سانجهيءَ تائين منهن ڏيندا رهيا، ان ڪان پوءِ سڀ ڪنهن مورچا وسايا ۽ جنگ جي باهہ ڪجهہ ڍري ٿي.

ٻئي ڏينهن ٻنپهرن جو، سردار محمد افضل خان ڇهہ هزار لشڪر ساڻ ڪري جنگ لاءِ جبل مان نروار ٿيو. خبر ملندي ئي جنرل رائٽ(١) جنرل ساڪو ۽ ٻيا ٻارهن فوجي سربراهہ، چالاڪيءَ ۽ هوشياري سان هٿيار پهنوار سنڀالي، تيار ٿي بہ پلٽڻيون ۽ ڇهہ توبون ساڻ ڪري، محمد افضل خان جي مقابلي لاءِ ميدان ۾ آيا. هڪ پهر ڪان پوءِ جنگ جا ڏوڙيا شروع ٿي ويا، جنهن ۾ ٻنهي پاسن ڪان ڪيئي ماڻهو ضايع ٿيا.

انگريزن سچو لشڪر ورائي غزني جي قلعي تي چڙهائي ڪئي، ايتري ۾ قلعي مان توبن جا بہ گولا اچي مٿن ڪريا، جيڪي لشڪر جي بلڪل وچ ۾ اچي پيا. نتيجي ۾ بہ ماڻهو ۽ بہ وهٽ، هڪ اٺ، هڪ گهوڙو ڪاڳر وانگي هوا ۾ اڏامي ويا. انگريزن اهو گولو ڪٽي ان جو وزن ڪيو تہ پورا ڇهہ سير تور ٿيو. انهيءَ صورتحال سچي لشڪر ۾ هوراڪورا وجهي ڇڏي ۽ هرڪو هراس ۾ اچي ويو. نيٺ ڪرنل ميرٽ(٢) ميجر ڪالس گورا ڪمپني، بادشاهي فوج، ۽ ڪپتان لارڊ(٣) ليفٽيننٽ ڪرشين(۴) جنرل ڪاٽن(۵) وغيره، محمد افضل خان سان منهن ڏيڻ لاءِ جبل تي چڙهي ويا ۽ نئين سر

---

(١) جنرل رابرٽ سيل: جيڪو هن جنگ ۾ شامل هو. حيات امير، ٢-٢٢٧، ساڪو: جنرل ساگون، ڏسو تعليق نمبر ٣٧.

(٢) ڏسو تعليق نمبر ٣٨.

(٣) ڏسو تعليق ۴١.

(۴) ڏسو تعليق نمبر ٣٩.

(۵) ڏسو تعليق نمبر ۴٠.

جهيڙو جوٽيائون. انهيءَ چڙهائيءَ ۾ انگريزن جي لشڪر جا اڍائي سو ڄڻا ڪاڳرن جي پُرزن جيان واءُ ۾ اڏامندا پٽ تي ڪرندا ويا. شام تي ته خدا جي قدرت سان-ٽيھ ڄڻا محمد افضل خان جي لشڪر مان گرفتار ڪيا ويا، جن کي انگريزن حفاظت سان وجي شاهه شجاع وٽ پيش ڪيو. انهيءَ وقت شاهه شجاع انهن کي قتل ڪرائي، انهن جا لاش ڪفن دفن بدران جهنگ ۾ اڇلائي ڇڏيا. سڄو ڏينهن هڪ طرف جنگ جا جتن ته ٻئي پاسي لقمان واري ڏاهپ مورچي بندي ۽ ڪاهين ڪوٽڻ ۾ رُڌل رهي. جڏهن سارو انتظام ٿي ويو تڏهن مٿان حڪم آيو ته فوج جا سيئي ننڍا وڏا عملدار ۽ سپاهي سوير صبح جو قلعي ۾ پهچي وڃن، جتي دشمن جي سپاهه مان قتل ڪان پوءِ پاڻ سان مئل سپاهي جي منڍي آڻيندڙ کي هڪ هڪ اشرفي انعام ۾ ڏني ويندي.

سڄ ايرڻ تي سموري فوج جا سوار توڙي پيادا، نهي نڪي قلعي ڏانهن ويا، جنهن کي چوڌاري گهيرو ڪيو ويو. قلعي جي اولاهين دروازي کان هڪ هزار وکن تي ڪاٺ هٽي، ان ۾ بارود پري باهه ڏني ويئي: ان سان گڏ لاڳيتيون ٽي هزار توبون ۽ بندوقون ڇوڙيون ويون. انهيءَ مان وني جو ڌڌڪا اٿيا ته ڌوڙ ۽ دونهين جو طوفان (اوتر) مچي ويو، جنهن کان اوري پري ڪجهه به نظر نٿي آيو.

قلعي جو دروازو توبن جي گولن سان پروڙ ٿي اچي پٽ تي ڪريو. انهيءَ وقت حسني پلٽڻ ۽ گورن چڙهائي شروع ڪري ڏني ۽ قلعي اندر داخل ٿي ويا.

قلعي ۾ هنن جي پهچڻ کان اڳ هندستان جا ٽي هزار غازي ۽ بهادر مرد موجود هئا. جيئن انگريزي فوج جي چڙهائي ٿي ته انهن مسلماني حميت ۽ ايماني غيرت سان اهڙو سخت مقابلو ڪيو، جو ٽي ڀيرا انگريزن جي حسني پلٽڻ کي شڪست کائي قلعي کان ٻاهر پڇتو پيو. نه رڳو ايترو، بلڪ قلعي کان ٻاهر اچي هنن ٻين کي ڏس ٿي ڏنا ته هن قسم جا غيور ۽ بهادر قلعي ۾ لڙي رهيا آهن! اهو حال ڏسي انگريزن هزار قدم پوئتي هٽي، توبن جا وار شروع ڪيا. انهن بهادرن جي سورهيائي جي ڪري سڄي فوج ٿرٿلي ۾ آيل هئي.

پنهنجي سپاهه کي پنتي پوندڙ ڏسي ڪين(۱) جنرل ۽ ڪمانڊر اِن چيف واڪو ڪندي چيو: مڙس ٿي ميدان ملهايو، زالن وانگي چوڙين پائڻ جي نه ڪريو! اهو ٻڌي سپاهي اڳتي وڌندا ويا. هوڏانهن غازين جا به هڪ ٻئي پنيان وار ٿيندا رهيا، جن ۾ انگريزن جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ته ڪيترا زخمي ٿي پيا.(۲) تنهن کان پوءِ بينگال

(۱) ڏسو تعليق نمبر ۳۴.

(۲) فدا حسين جي لکت موجب (۲۹) هنن هندستاني مجاهدن جي ٽولي ۾ مولوي غلام امام وينل ڪويل ۽ مولوي علي نقي شڪاريوري شامل هئا.

جي فوج ۽ بمبئي واري ڪمڪ ڇنني طرفان قلعي تي ڪڙدي ڪئي، جنهن ڪي پڻ غازين پنهنجي اڙ ۾ آندو، تنهن هوندي بہ غلام حيدر خان جا ڪي پراڻا ملازم نمڪ حرام ٿي ڏوڪڙن جي جوفي تي پنهنجو دين ايمان وڪئي، ڪمپني جي چرچ تي ڪارو منهن ڪري جنگ مان پاسيرا ٿي نڪري ويا. قلعي ۾ جيڪي غازي سر ترِيءَ تي رکي وڙهي رهيا هئا، تن جو پاسو هلڪو ٿي پيو ۽ هڪ ٻئي پٺيان شهادت جو جام پيئندا جنت ۾ داخل ٿيندا ويا (۱).

غازين جي شهادت کان پوءِ انگريز هڪدم قلعي ۾ داخل ٿيا ۽ فتح جا نغارا وڄڻ لڳا. قلعي ۾ جيڪو بہ سامان هو، جهڙوڪ: ٽي هزار ترڪي، عربي ۽ ايراني گهوڙا بہ هزار ڪابلي، بلخي، بغدادي ۽ بخاري اُٺ، ايراني، اصفهاني، طهراني، فارسي، عربي خنجر ۽ ترارِيون، سوين قسم جون ريشمي ڪشميري شالون، ڪشمش، بادام پستن جا هزارين مڻ، ديسي گيهہ، اٽو، چانور هزارين ٻيا هٿيار: تنهن کان سواءِ هزارين ڪتاب، جن ۾ منطق، معاني، اصول فروغ، صرف، نحو جا عربي فارسي ڪتاب، جيڪي بہ هئا، سڀ سرڪاري گدام ۾ داخل ٿي ويا (۲) غلام حيدر خان(۳) انهيءَ شڪست کان پوءِ فرار ٿيڻ عار سمجهي، اڪيلي سر ترار هٿ ۾ ڪري

(۱) چون ٿا تہ قلعي جي فتح غلام حيدر خان جي رقيب اميرن جي ڪري ٿي هئي ۽ مولانا نصيرالدين، جيڪو سيد احمد غازي جي شهادت کان پوءِ سنڌ ۾ آيو هو، تنهن ڪيترن مسلمانن کي جهاد جي دعوت ڏئي پاڻ سان ڪنيو. پوءِ دودي خان مري ۽ بجار ڏومبڪي وٽ ويو، جتي ڪيترا مهينا ترسي پيو. هن سکن ۽ ڪافرن(انگريزن)سان جهاد ڪرڻ لاءِ ڏاڍا وس ڪيا، پر ڪامياب نہ ٿيو. اهوئي مولانا نصيرالدين هن قلعي جي جنگ ۾ ٻين مومنن ۽ مجاهدن سان گڏ شهيد ٿي ويو.

(۲) غلام حيدر خان اديب، شاعر ۽ دانشمند هو. جيڪو پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو (ص۰ ۵) تہ هن مولانا نصيرالدين قديم تاريخي فارسي ۽ پشتو جي ڪتابن جا ست جلد مون کي ڏنا هئا. غزني ۾ هن جو ڪتب خانو مشهور هو. ڏسو تعليق نمبر ۴۲.

(۳) موهن لال، جيڪو پاڻ اهي واقعا اکين سان ڏسي چڪو هو، لکي ٿو تہ: تاريخ ۲۳ جولاءِ ۱۸۳۹ع تي اسان جڏهن غلام حيدر خان جي محل ۾ ويا سين تہ سندس بيگم، جيڪا سردار محمد عظيم خان جي نياڻي هئي، سا مون کي نظر آئي ۽ مون ان کي سڃاڻي ورتو. ڪيس اڳ بہ ۱۸۳۲ع ۾ ڏسي چڪو هيم.

ڪپتان ڪونولي ۽ ميجر مگريگور، غلام حيدر خان لاءِ ،محافظ ۽ گماشتا مقرر ٿيا، جن تي اهو ڪم رکيو ويو تہ موصوف کي ٻاهر وڃي اچن. هنن غلام حيدر خان کي هٿيار بند جٿي سان قلعي جي برج تي ڏٺو ۽ ڪيس جان جي امان جي پڪ ڏياريائون، غلام حيدر خان گهوڙي تي چڙهي هيٺ لٿو ۽ ميجر مگريگور سان ڪمانڊر ان چيف جي تنبوءَ ڏانهن ويو. ان کان پوءِ هو موهن لال سان هڪڙي تنبوءَ ۾ رهڻ لڳو. جڏهن ڪيس شاهہ شجاع وٽ نيو ويو تہ هن سندس وڏي عزت ڪئي. (حيات امير، ۲-۲۳۰).

قلعي ۾ ڪرسي (تخت) تي ويهي رهيو؛ سندس چوڌاري ڪمپني جا عملدار اچي بيٺا. ايتري ۾ ڪمانڊر اِن چيف حڪم ڏنو ته حسني پلٽڻ، جنرل رائٽ، برنس جونيئر، پنجاهه سوار ۽ احمد يار خان ولد وزير وفادار خان ۽ ڪپتان پرٽ قلعي ۾ وڃي غلام حيدر خان کي ٻاهر ڪڍي اچن.

هنن انگريزي عملدارن ڪمانڊر جي حڪم موجب غلام حيدر خان کي قلعي مان ٻاهر آندو ۽ کيس ڪمانڊر جي تنبوءَ ۾ پهچايائون، جنهن ڏاڍي عزت ۽ مان سان هن کي ڪرسيءَ تي وهاريو. پوءِ وڏي آڌر ڀاءُ سان گهوڙي تي سوار ڪيو ۽ پاڻ ساڻس گڏجي کيس شاهه شجاع جي خيمي ۾ وٺي آيو.

غلام حيدر خان لاپرواهيءَ سان اندر ويو ۽ بنا چوڻ جي ڪرسيءَ تي ويهي، شاهي آداب ته بجا نه آندائين، اٽلندو شاهه شجاع کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. پوءِ پاڻي گهريائين ته کيس شاهه شجاع واري گگهيءَ مان ڏنو ويو. شاهه شجاع چيس ته پاڻي پيءُ. جواب ۾ انڪار ڪيائين، آخر مرزا قلي بيگ جي گگهيءَ مان کيس پاڻي پياريو ويو، جيڪو نئون مسلمان ٿيل هو. اها مجلس جيتريون گهڙيون هلي، ڪنهن جي منهن تي مرڪ نه وري. تنهن کان پوءِ غلام حيدر خان کي واپس ڪمانڊر واري تنبوءَ ۾ آندو ويو، جتي هو آرامي ٿيو.

شاهه شجاع گهڻي ڪوشش ڪئي ته غلام حيدر خان جو بازو سندس حوالي ڪيو وڃي، پر انگريزن ائين ڪرڻ نه ڏنو. ان کان علاوه غزني جي قلعي مان جيڪو مال اسباب هٿ آيو، سو به انگريزن ڦٻائي ڇڏيو. جنگ ۾ جيڪي انگريزن جا سپاهي ڪتب آيا، تن جا لاش گڏ ڪري، ڪاهي کوٽي ان ۾ دفنايا ويا. ليڪن جيڪي غازي شهيد ٿيا، تن جا لاش بي گور و ڪفن جنگ جي ميدان ۾ پيا رهيا. مسلمانن ڏاڍيون نيزاريون ڪيون ته اهي لاش اسان کي ڏياريا وڃن ته جيئن پيغمبري دين موجب انهن جي ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻ ۾ اچي، پر سرڪار ڪونه مڃيو. خدا جي قدرت سان انهيءَ ئي رات اهي لاش جنگ جي ميدان مان غائب ٿي ويا، خبر ئي ڪانه پئي ته ڪيڏانهن ويا هليا. انهن جو ڪو نشان ته ڪونه مليو، پر سندن رت، جيڪو زمين تي وهايل هو، ان جي به ڪا بوءِ ٻڌاس ڪانه رهي- والله اعلم!

انهيءَ کان وڌيڪ عجب جي ڳالهه اها ته هڪ غازي قلعي جي برج ۾ ويٺل هو، جنهن بندوق جا فائر پئي ڪيا، انهن ڏکن سان ستر ڄڻا انگريزي فوج مان مري ويا. لشڪر مان جيڪو به ان غازي ڏانهن ٿي وڌيو، سو واپس نٿي آيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ اهو مرد مجاهد به ائين غائب ٿي ويو، جو ڪنهن ڏٺوئي ڪونه!

غزني واري قلعي جي وچاڳ ۾ زمين اندر اهڙا وڏا پهرا ٺهيل هئا، جو انهن ۾ رهندڙن بابت انگريزن جي ڪنهن به فرد کي ڪا ڀاڦور نه پئجي سگهي. نيٺ ڪيترن مهينن گذرڻ کان پوءِ اٺ سؤ جوان عورتون پنهنجن ٻارن سان، پنج سو خراساني مرد ۽ ٽي سو گهوڙا، اتان نڪري ڪنهن پاسي راهي ٿي ويا. لشڪر مان ڪنهن به انهن جو اڳ نه ورتو نه وري ڪانئن ڪا پڇا ٿي ته ڪير آهيو ۽ ڪيڏانهن پيا وڃو!

پنجن ڏينهن کان پوءِ قلعي جو سمورو سامان انگريزن ٻاهر ڪڍيو ۽ باقاعدي حڪومت جو اعلان ڪرايائون، جنهن موجب غزني ۽ اوسي پاسي وارا علائقا سندن ڏاڪ ۾ آيا (١).

*

(١) موهن لال پنهنجي ڪتاب "حيات امير دوست محمد خان" ۾ ۽ جنرل ايبٽ پنهنجي روزنامي ۾ پنهنجن مشاهدن "غزني جي فتح" کي قلمبند ڪندي تفصيل سان احوال لکيو آهي.

(ڏسو تعليق نمبر ٤٣).

## غزني جي قلعي جي فتح کان پوءِ انگريزن جو ڪابل جي تخت گاهہ ڏانهن وڌڻ، امير دوست محمد خان جو قاضي قلعي تائين سندن مقابلي لاءِ ڪهي اچڻ ۽ نمڪ حرام خانن جي دغا سان شڪست کائي بلخ ڏانهن نڪري وڃڻ ۽ اتي محمد اڪبر خان (پنهنجي پٽ) سان گڏ گرفتار ٿي، بخارا اچي بادشاهہ وٽ پهچڻ:

سال ١٢٥٥هہ (١٨٣٩ع) ۾ انگريزن، شاهہ شجاع سان گڏ غزني جو قلعو غضب ڪيو. ان کان پوءِ حسني پلٽڻ ۽ ڪرنل اليگزينڊر جو رسالو قيدين جي حفاظت لاءِ قلعي ۾ ڇڏي، سڄي فوج بمبئي، بينگال ۽ شاهہ شجاع واري اڳيان ڪري سوڀ جا نغارا وڄائيندا ڪابل(١) ڏانهن قافلا ۽ ڪونتل ڪُڏائيندا ويا. انهيءَ روانگي ۾ ڇهن منزلن کان پوءِ هنن کي اها کُڙڪ پئي تہ پويان امير دوست محمد خان پنهنجي پياري پُٽ غلام حيدر خان جي اسيريءَ جي غم اندوهہ جي باوجود، تنهن سان گڏ پنهنجي لشڪرين جي نفاق ۽ دغا هوندي ۽ جنگ ۾ رتوڇاڻ کان پوءِ بہ، ڪابل مان ڪهي بارهن ڪوهن جي فاصلي تي اچي قاضي قلعي ۾ منزل انداز ٿيو آهي، جنهن وڏي همت ۽ حوصلي سان مورچہ بندي پيو ڪري. اهو قلعو ڪابل کان پندرهن ميل پرتي قنڌار واري پيچري تي هو.

انگريزن اها خطرناڪ خبر ٻڌي، راتو واهہ پنهنجي لشڪر کي چوڪس رهڻ جو حڪم ڏنو. ٻئي پاسي ڇا ٿيو، جو امير دوست محمد خان جي نوڪرن نمڪ حرامي ڪري ڪروڌ ۾ منهن وڌو ۽ هڪ هڪ ٿي ڪانئس الڳ ٿيندا ويا: انهيءَ ضد تي تہ هو انگريزن سان وڙهڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ ٿيندا.

اهي سڀ جٿن جي شڪل ۾ اتان جدا ٿي، انگريزن جي لشڪر سان اچي مليا. امير دوست محمد خان ويچارو ٿي ميدان ۾ هيڪلو رهجي ويو. سندس پٽ سردار اڪبر خان، جيڪو بهادريءَ ۾ بي نظير هو، پنهنجي والد سڳوري جي حڪم موجب،

(١) تاريخ ٣٠-جولاءِ ١٨٣٩ع تي انگريزن جي ڪابل ڏانهن روانگي ٿي. (حيات امير ٢-١٠٥).

جنهن کي شهزادي محمد تيمور، بخشي ويد(١) ۽ خالصہ سنگھہ جي مقابلي لاءِ خيبرلڪ تي مقرر ڪيو هو، سو اتان هلڻ وارو ٿيو تہ ڪيس سنبرنديءَ ئي زهر ڏئي مرڻينگ حالت ۾ آندو ويو.

امير دوست محمد خان، جو پنهنجي دلير ۽ دلبند پٽ جو اهو حال ڏٺو تہ سندس دل هارجي ويئي، پر صبر ڪان سواءِ چا ٿي ڪري سگهيو. اهو سردار اڪبر خان، ايڏو تہ جانباز ۽ سورهيہ مڙس هو، جو سندس ثاني نٿي سجهيو. هُو جيستائين خيبرلڪ ۾ رهيو، تيستائين سندس دشمن ڪانئس ڪَوَ ڪائي پهاڙن ۾ روپوش ٿي رُلندا ٿي رهيا، پر قسمت سندس اها هئي جو پنهنجن جي حرامپائي سان زهر گڏايل ڪاڏو ڪائي، انهيءَ ارچڻ ۾ اچي ويو. انهيءَ ئي اڌ مئي حالت ۾، امير دوست محمد خان، سردار محمد اڪبر خان کي پنجن هزارن گهوڙن، باربردار ڏڍن (وهٽن) پنهي فرزندن، ستن پاٺيجن، تيرهن پائتن، ٻٽيهن پوٽن، ٽي سو هندستاني غازين ۽ چار سو چاڪرن سان، جيڪي سندس گهڻ گهرا ۽ غمخوار هئا، گڏجي بلخ ڏانهن اُماٽي چڙيو. انهيءَ پنهنجن جي پرائپ، دغابازي ۽ نمڪ حراميءَ جي نتيجي ۾ سجو پڙ پالهو ٿي ويو ۽ امير دوست محمد خان جي غير موجودگيءَ جو فائدو وٺي انگريز سنئون سڌو ڪابل اندر ڪاهي پيا.(٢)

شهر جي رونق، بازارين جي بهاري، عاليشان عمارتون، حوض، باغ باغيچا ۽ ٻيا نظارا ڏسي انگريزوائڙا ٿي ويا. ڪابل اصل ۾ دارالجنت هو، جنهن ۾ شيرواني، مراد خاني ۽ بہ ٻيا مشهور معروف محلا هئا، جن جا الڳ الڳ سردار ٻڌايا وڃن ٿا. ڪنهن جي مجال نہ هئي جو بنا ڪنهن اذن جي انهن ۾ پير پائي سگهي ها.

هڪ ڏينهن اتفاق سان انگريزي فوج (تلنگہ) جا پنج جوان گهمندي وڃي اتي نڪتا تہ ڪين قتل ڪري ڍورين ۾ اڇلايو ويو، جنهن جي ڪنهن کي ڪل ڪانہ پئي تہ ڪيڏانهن ويا هليا. اها خبر جڏهن لارڊ صاحب کي پئي تڏهن حڪم ڪيائين: ڪوبہ شخص انهن چئن محلن ڏانهن نہ وڃي. جيڪو ويندو، تنهن جو سر سلامت نہ هوندو. اهو حڪم، پڙهي (منادي) جي صورت ۾، چئني پاسي ٻُڌايو ويو.

فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ انگريزن پهريون ڪم اهو ڪيو جو نمبر ٻي رسالي مان پنجاهہ سوار ليفٽيننٽ لارڊ،(٣) ڪپتان ملار، گلاب سنگھہ صوبيدار سميت ۽ پندرهن سوار

(١) سرڪلود ويد، ڏسو تعليق نمبر ٤٥.

(٢) تاريخ ٧-آگسٽ ١٨٣٩ع مطابق ١-جمادي الثاني ١٢٥٥هہ ۾ ڪابل، انگريزن جي هٿ آيو. (حيات امير، ٢-٢٤٨، واقعات ١٢٠).

(٣) ڏسو تعليق نمبر ٤١.

حاجي خان ڪاڪڙ جا برگيڊيئر جنرل سيل، (١)، ڪرنل اوڊ، ميجر فلسن(٢)، ڪپتان نل ۽ ڪرنيلي(٣)، سان گڏي، امير دوست محمد خان جي پويان اُماٿيائون، جيڪي هٿندا ماريندا، ڪابل کان هڪ سو ڪوهه (ٻه سو ميل) پرتي بلخ پاسي باميان تائين وڃي رسيا. هتي پهچي هنن ملڪ کي خوب ڏنو وائنو، ساز سرود وڄائيندا ۽ خوشيون ڪندا، امير موصوف جي ڳولا ۾ ڇاپا هٿندا رهيا. اوچتو ڪابل مان ڪين خبر پهتي ته امير دوست محمد خان اوزبڪ واري علائقي ۾ پيڙو ٿيو آهي، جتي اتان جو والي مرزا مراد بيگ سندس مهمانداري پيو ڪري.

امير دوست محمد خان پريا ٻه مهينا اتي گذاري، تهان پوءِ بلخ اُسهيو. اتي بلخ جي والي هن جي ڏاڍي مهمان نوازي ڪئي ۽ ڪيس وڏو مانُ ڏنائين. هتي به امير موصوف پورا ٻه مهينا گذاريا. انهيءَ عرصي ۾ بخارا جي بادشاهه پاران امير جي طلب لاءِ ڪي اٺ سوار اچي نڪتا.

امير دوست محمد خان، حڪم موجب، پار ٻچا بلخ ۾ ڇڏي، سردار اڪبر خان کي ساڻ ڪري بخارا ويو. دستور موجب بادشاهه جي سلامي ڏنائين، جنهن مٿس نوازشون ڪندي ڪيس هڪ خاص قلعي اندر رهايو، جنهن ۾ سيڪجهه حاضر هو. ڪڏهن قضاني امير اتان هلي بنا ڪنهن جهل پل جي شاهي دربار ۾ پئي آيو ويو.

هڪ پيري هيئن ٿيو جو، بخارا جي بادشاهه پنهنجي مجلس ۾ امير دوست محمد خان سان ڳالهيون ڪندي ڪي سخت سخن وات مان ڪڍيا. امير سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جواب ۾ جيئن دير ٿي ته سردار محمد اڪبر خان، جيڪو نهايت بي ڊپو ۽ دلاور هو، تنهن سٽ پائي ساڳين لفظن ۾ بادشاهه کي ورندي ڏئي ڪڍي. بس پوءِ ته چڻ بادشاهه سلامت جو بگل ئي ڦري ويو. امير دوست محمد خان پنهنجي پٽ سان گڏ اتان اٿي ٻاهر نڪتو ته پويان بادشاهه هڪدم تاءُ ۾ اچي سردار سعيد خان کي ٻن هزارن اوزبڪن سان گڏي حڪم ڏنو ته جلدي وڃي امير دوست محمد خان کي واپس آڻي دربار ۾ حاضر ڪيو وڃي. سردار سعيد خان، امير جي پٺيان ويو ۽ وات تي ئي وڃي سندس اڳ جهليائين، ان وقت امير سان ست اٺ سوار ساڻ هئا. ٻنهي جي وچ ۾ اچي چڪري لڳي، جنهن ۾ ٽيهه اوزبڪ سوار قتل ٿيا ۽ امير دوست محمد خان جا اٺ سوار مارجي ويا. ان سان گڏ اهي ٻئي (امير دوست محمد خان ۽ سندس پٽ سردار

(١) ڏسو تعليق نمبر ٣٧.

(٢) الف: فلس. ج: قلس [؟]

(٣) موهن لال جي لکت ۾، ڪرنل آئوٽرام، ڪپتان لارنس، تروپ، ٽاپلر، ڪرسٽي ۽ هيگ امير دوست محمد خان جي پيڇي ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيا. (حيات امير ٢-٢٤٦، فدا حسين ٣٩) ڪپتان ويلار، برگيڊيئر جنرل سيل، ڪرنل اوڊ، ميجر فلٽن، ڪپتان ڊيٽ، ڪرنيلي ۽ دارسي، لکيل آهن.

اڪبر خان) بہ ڦٽجي بيهوش ٿي پيا ، جن کي گرفتار ڪري بادشاهہ جي اڳيان آندو ويو. بادشاهہ سندن جان بخشي ڪري ڪين قيد ۾ وجهڻ جو حڪم ڏنو. هنن جي ڦٽن جي علاج لاءِ جراح حڪيم مقرر ڪيو ويو، جنهن ٿوري عرصي ۾ هنهي کي چيٽي چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو.

امير دوست محمد خان جي قيدي ٿي رهڻ دوران، انگريزي عملدار ڪابل جي آسپاس پنهنجي موجن ۾ مگن هئا ، جتان ڪنهن ڏينهن بربر(١)، واري بند ڏانهن وڃي، سير تفريح (وندر ورونهن) ڪري، وري ڪابل ۾ اچي سرڪاري ڪم ڪار سان ٿي لڳا. ڪين آئندي جي ڪا ڄاڻ ڪانہ هئي تہ انت ڇا ٿيڻو آهي!

*

(١) بند بربر، هزاره قوم، جيڪا وچ افغانستان جي رهاڪو هئي. اتان جو بند مشهور اهي، جيڪو ڪابل جي اولهہ ۾ باميان لڳ اچي ٿو. ان مان ارڙهن نهرون بلخ جون پاڻي وٺنديون آهن. (بند بربر- فدا حسين، ٤٣- بند بربر).

## (۵۹)

## انگريزي فوجن جي ڪابل کان واپسي ۽ قلات جي والي مير محراب خان بروهي سان جنگ، جنهن ۾ مير موصوف جو شهيد ٿي وڃڻ:

ساڳي سن ۱۲۵۵هه (۱۸۳۹ع) ڌاري انگريزن ڪابل شهر جي ٻاهران ڇانوڻي نهرائي، جاين جڳهن جي مرمت ڪرائي، ۽ پوريءَ طرح رهائش اختيار ڪئي. انهن مان اليگزينڊر برنس نواب امين الملڪ جي سراءِ ۾ رهڻ لڳو ۽ خوب عيش ڪندو رهيو. هڪ مهيني کان پوءِ وڏن صاحبن وٽان اعلان ٿيو تہ بمبئي جي فوج، جنهن رستي کان آئي، تنهن رستي رواني ٿي وڃي. انهن کي جيئن تہ قلات تي قبضي ڪرڻ جو ارادو هو، ان ڪري ٻهريان بينگال واري فوج مان هڪ گورا رجمينٽ ٻي ترڪ سوارن جي ڪيپ ۽ توبخانا قيدين سان گڏجي هندستان اُماڻي ڇڏيائون. ٻي رسالي مان هڪ پلٽڻ غزني طرف موڪلي، ويهن ڏينهن اندر غلام حيدرخان کي آٽڻ جو حڪم ڏنو ويو، جنهن کي ٻہ ڏينهن ڪابل ۾ ترسائي وري حاجي خان ڪاڪڙ جي همراهيءَ ۾ جنرل ساڪول(۱) سان گڏ پشاور رواني ڪرڻ جو آرڊر ٿيو.

غلام حيدر خان کي پشاور مان اٽڪ کان ٻيڙين رستي سکر، بکر ٽپائي بمبئي موڪليو ويو ۽ حاجي ڪاڪڙ هندستان ويو هليو. هوڏانهن بمبئي واري فوج ڪابل مان نڪري بولان جي لڪ تائين اچي ويئي. جنرل صاحب، گورن جون چار پلٽڻيون ۽ توبخانا ساڻ ڪري، قلات ڏانهن راهي ٿيو.

هيءُ اتي پهتو تہ قلات جي والي مير محراب خان سندس ڏاڍي خوشامد برآمد ڪئي. ڪيس اها خبر ڪانہ هئي تہ اڳتي ڇا ٿيندو! انگريز بهادر هن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائيندي نياپو موڪليو تہ مهرباني ڪري اسان وٽ اچ تہ توکي پنهنجي پلٽڻ گهمائي ڏيکارجي، ليڪن مير محراب خان لنوائڻ جي ڪئي. اوڙڪ (آخرڪار) وڏين منٿن سان مير موصوف کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين، نيٺ تہ انگريز هو. مير محراب خان آيو تہ ٿوري دير ساڻس ڪچهري ڪري کيس پلٽڻ جا ڪرتب ڏيکاريا ويا. اچانڪ

---

(۱) ڏسو تعليق نمبر ۳۶.

پٺاڻي خوب لٽيائون ڦريائون. لکن ريبين جي روڪڙ ۽ قيمتي جواهرن کان علاوه ريشم ۽ اطلس سان گڏ هٿيار، جوهردار تراريون، رومي بندوقون، ولايتي گهوڙا وغيره هٿ ڪري خوش ٿيا. ان کان سواءِ ماڻهن جي جيڪا تباهي ٿي، سا حد کان ٻاهر هئي. ائين ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، انگريزن اعلان ڪرايو ته شهر ۾ هاڻ مڪمل امن امان رهندو، سو ڪنهن کي به هراس ۾ نه رهڻ کپي. سارو ملڪ، جيڪو محراب خان جي هٿ هيٺ هو، انگريزن جي حڪم هيٺ اچي ويو.

جنرل ۽ شاهنواز خان بروهي (مير محراب خان جوسؤٽ) ۽ لبدين صاحب(۱) قلات تي حاڪم مقرر ڪيا ويا. ملا رحيمداد ۽ محمد حسن کي گرفتار ڪري ڪين شڪارپور آندو ويو، جيڪي بکر جي قلعي ۾ باندي ٿيا. پڇاڙيءَ ۾ صاحب پاڻ بمبئي روانو ٿيو.

سنڌ جو ايجنٽ راس بيل قلات کان ڪوئيٽه تائين سرڪاري ڇانوڻين قائم ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيو. مير محراب خان جو پٽ، مير نصير خان ٻالجتيءَ ۾ پيءُ جي شهادت کان پوءِ، پنهنجي ماءُ بيبي گنجابه ۽ ٻي اهل سميت، تنهن سان گڏ نائب گل محمد خان ۽ ڪيترا ٻيا سندن سرڪردا، ڪوهستان ۾ ڀٽڪندا رهيا. انهيءَ حال ۾ به انهن انگريزي فوج کي تنگ ۽ تاراج ڪرڻ ۾ رتي ڪانه ٿي رهائي.

*

(۱) لبدين، شاهنواز سان گڏ قلات ۾ هو، جنهن کي نصير خان ۽ محمد خان شاهواڻي شڪست ڏئي، گرفتار ڪيو هو، پوءِ وري جڏهن قلات انگريزن جي هٿ ۾ آيو ته لبدين، قاسو نالي هڪ شخص جي حوالي ٿيو، جنهن ڪيس قتل ڪيو ۽ پاڻ فرار ٿي ويو. پر نصير خان جڏهن ڪوئيٽه ۾ جنرل آئوٽرام سان معاهدو ڪيو ته قاسو کي سندس حوالي ڪيائين. هنن وري لبدين جي بدلي ۾ ان کي ڦاسي ڏني. (تاريخ بلوچستان، ۲۳۳).

**ڪوهستاني بلوچن ۽ بروهين جي ڦُر لٽ بابت، جيڪا هنن خراسان/افغانستان ڏانهن وڃڻ وقت انگريزن جي فوج سان ڪئي، سکر ۽ شڪارپور ۾ انگريزن جي ڇانوڻين جون اڏاوتون ، سنڌ جي خبرچار وٺڻ ۽ بلوچي زبان سکڻ، تنهن سان گڏ پشتو ۽ سنڌي زبانن جي سکيا وٺڻ، ايمل(١) صاحب جي بلوچن هٿان ڪوهستان ۾ شڪست کائڻ وغيره:**

انگريز جڏهن خراسان ڏانهن روانا ٿيا هئا ته دڳ تي بروچن ترڪ علي جکراڻي، بگٽين، ڊومبڪين، بيبرڪ ۽ بروهين هنن کان گدام جي سامان، اٺن وغيره جي ڦر لٽ ۾ ڪين گهٽايو هو. انگريز اهو سڄو نقصان ڏسندي ڪاوڙيا ته گهڻيئي، پر ڪجهي نٿي سگهيا ۽ اندرئي اندر رت پئي پيتائون.

وليم ايسٽوڪ(١) جڏهن شڪارپور آيو ته هُن انهن جي ڪوئنس کان بچڻ لاءِ شير محمد بڙدي کي فتح محمد خان غوري ذريعي گهرائي، ڪجهه چاندو پاٽي ڪرائي، عهد انجام تي اُرهه زورائي تان هٿ ڪٺائي ڇڏيو. اهو فتح محمد خان غوري خيرپور جي والي مير رستم خان جو خاص مشير هو، جنهن جي اثر رسوخ سان بلا ٽري وئي. ان کان سواءِ شڪارپور جي شاهوڪار سيٺ جيٺا سنگهه ۽ بجار خان ڊومبڪي کي وچ ۾ آڻي ٺاپر ڪرائي. انهيءَ دوران بين به ڪيترن چڱن مڙسن مدد ڪئي. انهيءَ بندوبست هلندي راس بيل سنڌ جو ايجنٽ مقرر ٿيو. هيءُ جيئن شڪارپور پهتو ته وليم ايسٽوڪ ولايت هليو ويو. شڪارپور ۾ ٿامس پوسٽن کي ڪليڪٽر ڪري رکيو ويو ۽ ايسٽوڪ جونيئر خزانچي جو عهدو سنڀاليو.

هيءُ ڏاها ۽ وڏيءَ ڳڻ وارا هئا. سنڌ ۾ جيڪي ڪجهه هو، ان جي پوري ڇنڊڇاڻ ڪيائون. عربي، فارسي، پشتو، بلوچي ۽ فارسي زبانون سکي پڙ ٿيا. نه رڳو ايترو، پر سنڌي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪتاب پڻ لکيائون ۽ هميشه پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهندا آيا.

---

(١) ڏسو تعليق نمبر١.

هنن پنهنجي انتظام هيٺ ڪڏهن آباد ۽ غيرآباد زمين جي ماپ پئي ڪرائي ته ڪڏهن خانه شماريءَ ۽ آدم شماريءَ جا انگ اکر پئي گڏ ڪيائون. انهيءَ ڪم هلندي ڪيترا نقشا تيار ٿي ويا ۽ گدام خريد ٿيندا رهيا. ڪمپني پاران هر هنڌ ڏوڪڙن جو مينهن وسايو ٿي ويو.

سکر لڳ ڇپري (هاڻوڪي نئين سکر) ۾ درياهه جي ڪنڌيءَ تي ڪيئي رونقدار بنگلا تيار ٿي ويا ۽ صدر بازار نهي راس ٿي. اهڙيءَ ريت شڪارپور ۾ پڻ صدر بازار نهي ويئي ۽ سرڪاري بنگلا اڏجي ويا (۱) جنهن ڪري ننڍو وڏو روزگار سان لڳي پيو. ماڻهن پئسي جي ايڏي پرمار ڪڏهن نه ڏٺي هئي. هاڻ جو ڪمپني جا ڏوڪڙ ڏٺائون ته چريا ٿي پيا ۽ روزگار جي ڳولا ڪندا ٿي رهيا. انگريزن هر ڪنهن کي پورهئي سان پئي لڳايو. ائين هڪڙا پئي آيا ته ٻيا ويندا ٿي رهيا.

> انهيءَ زماني ۾ ڪن سياڻن جي زباني ٻڌڻ ۾ آيو ته انگريز بهادر جتي پير پاتو، ان کي اڪيلو نه سمجهيو وڃي، ڇو ته ان سان هزارين ياجوج ساڻ هوندا آهن ۽ جيڪڏهن هڪ سو انگريز اچي هيڪاندا ٿين ته اتي هڪ سو هزار (لک) شيطان گڏ ٿيل سمجهيا وڃن.

آدم ويچارو ته هڪ شيطان جي ڪري ايڏي آنيءَ ۾ اچي ويو، جو ڪيس بهشت مان نڪرڻو پيو! هاڻ خيال ڪريو ته جتي هزارين شيطان اچي پيڙا ٿين: ان سرزمين جي ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو! خاص ڪري سنڌ جي ماڻهن جو، جيڪي پاڻ ۾ ئي هڪ ٻئي کان بيگانا ٿي گذارين ٿا.

> "انهيءَ آرين پارين اجهو ٿو سنڌ جو ملڪ پينگ ٿئي، جو سنڌين کي فرنگين جي فتني جي ڪابه ڪل ڪانهي."

هوڏانهن ڪپتان ايميل کي بالادشت (مٿاهين پٽ) جو نگهبان مقرر ڪيو ويو، جنهن سپاهه جي سڄي انتظام بابت حڪم جاري ڪيو. ان موجب هڪ سوار کي ويهن کان پندرهن رپين تائين ۽ جمعدار کي پنجاهه رپيا پگهار جا مقرر ڪري ڏنا ويا. انهن ڏينهن ۾ الف خان(۲) ترين پنجاهه سوارن سميت اچي انگريزن جي نوڪري ۾

(۱) هتي شڪارپور جي صدر بازار ۽ سرڪاري بنگلن جو ذڪر ته آهي، پر ڇانوڻي بابت ڪو بيان ڪونهي. اها ڇانوڻي ۱۸۴۳ع ڌاري شڪارپور ۾ قائم ٿي هئي، جيڪا اڳتي هلي جنگ آزادي ۱۸۵۷ع کان پوءِ ختم ڪئي ويئي.
شڪارپور جي صوبائي ۽ ضلعي حيثيت، محترم نقش ناياب منگي "شڪارپور صدين کان" ص ۷۰-۷۲، سنڌ گزيٽيئر جي حوالي سان- مترجم

(۲) ترين افغاني قبيلو جيڪو پشين طرف رهندڙ هو -حبيبي

(٦١)

## انگريزن جو ڇت ۾ قلعي وجهڻ، جتي بجار خان ڏومبڪي، ترڪ علي جڪراڻي ۾ ٻين جڪراڻين کي گرفتار ڪرڻ: تڪڙو قلم، وٺ پڪڙ جي ميدان ۾ تڪڙ مان بيان ٿو ڪري تہ: (١)

سال ١٢٥٦هہ (١٨٤٠ع) ۾ ڪپتان ايميل صاحب شاهپور مان ڇت(٢) ڏانهن کھي ويو. بجار خان ڏومبڪي سندس پهچڻ کان اڳ فرار ٿي، ڪوهستان جي ديري(٣) ۾ ويهي رهيو، باقي مير حسن خان نوتياڻي، بلوچ خان ڏومبڪي، ايميل صاحب جي سلامي لاءِ هليا آيا، جن تي نوازشون ڪيون ويون. ٻہ سؤ رپيا ڏومبڪين جي سرڪردي بلوچ خان کي ۽ هڪ سؤ رپيا نوتياڻي بلوچن جي سربراهہ مير حسن کي خلعت جي عيوض ڏياريا ويا. ائين انهن کي خوش ڪرڻ جي اٽڪل ڪرڻ ۾ آئي ۽ بلوچ خان تہ اهڙو خوش ٿيو جو سرڪار نامدار جي فرمانبرداري ۾ قول اقرار ڪري اجازت وٺي لهڙيءَ (پنهنجي ماڳ) ويندو رهيو، مير حسن خان نوتياڻي صاحب بهادر جي حڪم مطابق پيغام ڪٺي بيبرڪ بگٽي ڏانهن ويو تہ جيئن ڪيس هدايت ڪري صاحب بهادر جي سلامي لاءِ آندو وڃي.

هيءُ اتي ڳالهيون هلائي بيبرڪ جي پٽ احمد خان کي سلامي لاءِ وٺي آيو، جنهن کي تمام گھڻي عزت آبرو ڏني وئي. پڇاڙيءَ ۾ ناهہ طور بيبرڪ ديري ۾ ڇانوڻي تعمير ڪرائڻ تي هائوڪار ڪري واپس موٽيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ ميجر بليمان پنهنجي پلٽڻ ۽ توبن سان بيبرڪ ديري ۾ اچي

---

(١) ڪٺي تہ اصل عبارت جي جملڪ بہ اچڻ گھرجي . مترجم

(٢) ڇت، جيڪب آباد جي اتر ۾ ٤٨ ميلن تي آهي، جتان اپر سنڌ جو مشهور ديني عالم مولانا محمد يعقوب پيچوهي متوفي ١٢٧٣هہ (١٨٥٦ع) همايون ضلع شڪارپور ۾ اچي آباد ٿيو هو. ديوان مفتون، ص ٢-٤ مرتب نياز همايوني ، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٣ع.

(٣) هي هنڌ ضلعي ديري غازي خان ۾ آهي. (تاريخ بلوچستان، ص ١٠٠).

لٿو، جتي بيبرڪ سندس سلاميءَ لاءِ آيو ۽ فرمانبرداريءَ جو عهد ڪيائين(١).

ڪپتان ريٽ صاحب ديري بگٽي ڪان ڪاهڻ(٢) واري قلعي ڏانهن ويو جتي دودو خان مري پنج سو سوارن سان اچي سندس سلامي ٿيو. پنهي جي وچ ۾ قلعي اندر ڇانوڻي قائم ڪرڻ جون ڳالهيون ٿيون. ليڪن دودي خان کي اها ڳالهه نه وڻي، تنهن ڪري ٺپ جواب ڏنائين ته ائين ڪونه ٿيندو، پوءِ ڪاوڙجي جبلن ۾ هليو ويو، جتان جهيڙو لائي ڏنائين.

ڪپتان ريٽ صاحب قلعي ۾ ڪپتان براؤن کي ڇڏي پاڻ وري بيبرڪ ديري ۾ آيو. جڏهن بيبرڪ کي پتو پيو ته دودي خان مري صاحب بهادر سان سنئون منهن ڪونه ڏنو ته اهو به پنهنجو سڄو سامان ٻڌي ڪروڌ ۾ اڌ رات جو قلعو ٽپي وڃڻ وارو ٿيو ته چوڪيدارن کي ٻاهور پئجي ويئي، جن ڪيس گرفتار ڪري ورتو. هن جي گرفتاري کان پوءِ قلعي کي لُٽي ڦري سمورو مال اسباب نيلام ڪري سرڪار جو گهر پريو ويو.

ٻئي پاسي ٿامس پوسٽن لهڙيءَ پهچي سيد امير شاهه کي بجار خان ڊومبڪيءَ جي آڻڻ لاءِ زور پريو، پر هو ڪونه آيو. ايميل صاحب اها صلاح ڏني ته هن وقت مصلحت جي خيال کان بلوچن کي گرفتار ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو، بهتر ائين آهي ته انهن کي ريهي ريبي ملازمت ۾ سلهاڙيو وڃي. انهيءَ اٽڪل سان سمورا بلوچ سرڪار جي هٿ وس ٿي ويندا.

ان کان پوءِ ڪپتان ايميل، سيد عنايت شاهه کي دودي خان مري ڏانهن موڪليو ته ڪيس پنهنجي ذمي تي سرڪار وٽ وٺي اچي. دودي خان جي اچڻ ڪري بلوچن جي بگڙي پوڻ جو خدشو هو، ان ڪري سنڌ جي ايجنٽ راس بيل ڇا ڪيو جو بلوچن جي گرفتاري جو حڪم ڏيئي ڇڏيائين.

ايميل صاحب حڪم موجب بلوچن مان بجار خان ڊومبڪي، دريا خان جکراڻي، جاني جکراڻي ۽ ٻين جکراڻين کي قيدين واري قانون موجب ٿامس پوسٽن ڏانهن روانو ڪيو، مگر ترڪ علي جکراڻي، جيڪو جکراڻين جو سرڪردو هو، ان کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين. ٿامس پوسٽن بلوچن کي قيد ۾ قابو ڪري صبح جو لهڙيءَ کان شاهه

(١) بيبرڪ بگٽي بلوچ هو، ١٨٤٠ع ۾ ميجر بليمورات سو سوارن سان مٿس چڙهائي ڪئي، جنهن ۾ ٧٩ بلوچ مارجي ويا ۽ ليفٽيننٽ ڪلارڪ ڦٽجي پيو. پڇاڙيءَ ۾ بيبرڪ گرفتار ٿيو، جنهن کي جيل اچي ويو ۽ ٻن سالن کان پوءِ آزاد ٿيو. (تاريخ بلوچستان، ١٠١).

(٢) ڪاهڻ: جيڪب آباد کان ٧٥ ميل اتر اوڀر ۾ آهي.

پور آيو ۽ ڪپتان ايميل سان صلاح مصلحت ڪيائين، جنهن موجب سيني بلوچن کي ڪپتان دون جي حوالي ڪيو ويو. هوڏانهن دوست علي مري، دودي خان مري جو پائينتو ـ جيڪو سيد عنايت شاهه سان صاحبن جي سلام تي آيو پئي، سو رستي ۾ بلوچن جيءَ قيد ٿيڻ جي خبر ٻڌي برُ تي بيٺو ۽ پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽ کاڌائين. سيد عنايت شاهه واپس اچي انگريزن کي انهيءَ صورتحال کان آگاهه ڪيو.

ڪپتان دون، بلوچ قيدين کي پاڻ سان وٺي خبرداري سان اچي شڪارپور جا وڻ پيتيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڪپتان پوستن به اتي اچي سهڙيو. سيني بلوچن جا گهوڙا، گهوڙيون، هٿيار پنوهار ۽ سامان سڙو نيلام ڪري سرڪار جي ملڪيت ۾ ڏنائون. بجار خان ڊومبڪي ۽ ٻين کي ٻکر جي قلعي ۾ قيد ڪري رکيو ويو. جاني جکراڻي، جيڪو بندري قد وارو ۽ وڏو شرارتي هو، ان کي شڪارپور ۾ جيل اندر رهايائون، پر هو اهڙو نٽر هو جو ٻهريان قيدين سان گڏ ڪم تي نٿي ويو، پر جي ويو به ٿي ته ڪم کان نهڪر ٿي واريائين.

هن کي چوڪي جي نگهبانن گهٽو ئي ماريو ڪُٽيو ٿي، پر مٿس ڪو اثر نه پئي ٿيو؛ هٿئون انهن کي اُگهاڙيون گاريون ڏيندو ٿي رهيو. ڪيس هٿن پيرن ۾ ڏنڊا بيڙيون هٿي ڪنڌ تي آڪيڙا چاڙهيا ويا ته به سيهڙ ٽنگون ٽي ٽي، چوٿين نهي ئي ڪانه!

سرڪاري ماڻهن کي دٻائيندي ٿي چيائين: "اوهان منهنجو سارو بدن ته زنجيرن ۾ جڪڙيو آهي، پر اجا منهنجو.... نه ٻڌو اٿوَ، ان کي به (اشارو ڏيندي- اچي هي وٺو) زنجيرن ۾ جڪڙيو ته خبر پوي."

انگريزن نيٺ اها تدبير ڪئي ته ترڪ علي جکراڻيءَ کي ويهن سوارن ۽ محمد خان ڊومبڪي سميت سرڪاري ملازمت ڏئي ڪپتان ايميل جي خدمت ۾ رکيائون. جيئن ان جي اڳ پوءِ ڪندا رهن. انهيءَ نموني هورياں ڏاڍيان جکراڻي، سرڪار جي مهربانيءَ سان راضي ٻاضي رهڻ لڳا.

*

ڪري، گهوڙا ڪاهي جتان آيا هئا، اوڏانهن ڏوڪي ويا.

هن پاسي گلبرن ويچارو پاڻي نه پهچڻ ڪري نهايت نستو ٿي پيو ۽ هميشه لاءِ نيست ٿيڻو پيس. پوين ڇا ڪيو جو ٻيو چاڙهو نه ڏسي اٺ گهوڙا، سامان، خزانو ۽ توبون اتي ڇڏي ڊوڙندا، ٿاٻڙندا اچي شاهپور ۾ رسيا، جتي ترسي سامت جو ساهه ڪنيائون.

انهيءَ سوڙهي گهٽ، جيڪو هنن لاءِ مرگهٽ ثابت ٿيو، ڪيڏو جاني ۽ مالي نقصان ڪرائي وڌو اها به قسمت جي ڪٿي هئي. ڪپتان براؤن، جيڪو ڪاهڻ واري قلعي ۾ ترسيل هو، پنهنجي همراهين جي موت ۽ سامان نه پهچڻ ڪري ڏاڍو اچي تنگ ٿيو، پر ڇا پئي ڪري سگهيو! نيٺ لاچار ٿي مري بلوچن سان ناهه ڪرڻو پيس، هنن کي پئسا ڏوڪڙ ڏئي جان ڇڏايائين ۽ قلعي جي پچر ڇڏي روانو ٿيو. ڪيس مري بلوچن جي سوارن سلامتيءَ سان لهڙيءَ پهچايو، جتي شڪرانا ڪيائين.

مري بلوچن جي انهيءَ بهادريءَ تي خود انگريزن سندن ساراهه جا ڍڪ پئي پريا ۽ ڪين آفرينون ٿي ڏنائون. جيتوڻيڪ قلات، قنڌار، ڪابل توڙي غزني هنن جي هٿان نڪري چڪا هئا، ته به مري بلوچن ڪوهستان جي دامن جهلي انگريزن جي فوج ۾ قرمار ۽ قتلام جو جيڪو ڪٽڪو شروع ڪيو، تنهن ۾ هنن جا سڀ وير پاڙجي آيا، ليڪن انگريز به بنهه مچڙو آهن، اجا پيا ڪيپ ڪٽڻ لاءِ تانگهين، ڏسجي ته اوڙڪ اها آنڌ مانڌ ڪٿي وڃي ٿي دنگ ڪري!

*

## (٦٣)

## "عزت مآب" مير نصير خان بروهيءَ جي قلات تي چڙهائي ۽ سندس سوٽ ۽ لبدين صاحب بهادر جو موت:

١٢٥٥هہ (١٨٣٩ع) ۾ انگريز غاصبن قلات غصب ڪيو تہ سنڌ جي ايجنٽ راس بيل، شاهنواز بروهي (مرحوم مير محراب خان جي سوٽ) کي لک رپيا انعام ڏئي، لبدين صاحب سان گڏ قلات جي گاديءَ تي ويهاريو، جيڪي ٻئي ڪيترن مهينن تائين حڪمراني جا مزا ماڻيندا رهيا. انهيءَ عرصي ۾ مير محمد نصير خان(مرحوم مير محراب خان جو پٽ) پنهنجي اهل عيال سميت خانہ بدوش ٿي بيابان ۽ ڪوهستان ۾ ڦرندو ٿي رهيو.

آخرڪار چا ٿيو جو مير نصير خان هٿ پير هڻي، جهالاوان ۽ ساراوان مان هوريان ڏاڍيان "سرفروش" ماڻهو گڏ ڪري قلات تي چڙهائي ڪئي ۽ ان کي سخت گهيري ۾ آڻي ويهي رهيو. قلات ۾ انگريزن جي ٿوري فوج هئي، ان ڪري جڏهن جنگ هلي تہ خود بروهين جا بازو، جيڪي شاهنواز خان جا ساٿياري هئا، اهي ڪانئس ڦري ويا. انهيءَ چڱمڙسيءَ جو چڱو نتيجو اهو نڪتو جو قلعي اندر جيڪي بلوچ ۽ بروهي موجود هئا، اهي بہ ٻاهر اچي مير نصير خان سان ملي ويا ۽ قلات سندس حوالي ڪيائون. شاهنواز خان پُڇ ڪنڌي تي رکي ڀڳو ۽ وڃي باغان پاسي پناهي ٿيو.

هن جي ڀاڄ کان پوءِ لبدين ڀڄڻ کي عار سمجهي اتيئي رهي پيو، جنهن کي مير نصير خان گرفتار ڪري بند ۾ وجهي ڇڏيو. قلعي ۾ جيڪي ڪجهہ هو، سو تاراج ٿي ويو. بروهين مير محراب خان مرحوم جي انتقام ۾ لبدين کي طرحين طرحين عذاب پئي ڏنا ۽ ڪتي وانگي ڪيس ڇڻ ۾ ماني پاڻي تي ڪارائيندا رهيا.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ مير نصير خان پنهنجي سوٽ محمد اعظم خان کي قلات ۾ رهائي، پاڻ ٻارهن هزار لشڪر ساڻ ڪري شال ڪوٽ (ڪوئيٽہ) ڏانهن روانو ٿيو.

انهيءَ پنڌ ۾ لبدين صاحب کي اٺ جي اگهاڙيءَ پٺيءَ تي ويهاري، زنجيرن سان چوڪنيو ٻڌي ساڻ ڪنيائين. بروهين کي اچي رونشو لڳو، سو واٽ تي هن کي پٿر پٿر

نڪري پيو. مير نصير خان ان جي پهچڻ کان اڳ ڪوئيٽه جو پاسو ڇڏي (جنهن لاءِ قلات مان نڪتو هو) ڍاڍر ڏانهن وڌيو. جتي انگريزي فوج سان زبردست ڇڪري ڏنائين. هڪ ڏينهن هڪ رات ۾ بروهين ڍاڍر جو ڍينگو ڍيري ڪري ڇڏيو، اتي جيڪي به هو، لٽي ڦري کڻي ويا.

پويان ٿامس پوسٽن به منزلون هڻندو، ڍاڍر ۾ داخل ٿيو. بروهين ساڻس به مهاڏو ڏنو. پنهي پاسن کان ڏاڍي رتوڇاڻ ٿي. انت بروهين جهل نه ڏني ۽ مير نصير خان سميت ميدان ڇڏي ويا. ويندي وقت لبدين صاحب کي (جيڪو قلات کان قيدي جي صورت ۾ ساڻن گڏ هلندو ٿي آيو) قتل ڪري ميدان ۾ اڇلائي ويا.

ٿامس صاحب جڏهن ميدان ۾ اچي لبدين صاحب جو لاش مٽيءَ ۾ ليٽڙيل ڏٺو ۽ اهو نظارو به ڪيائين ته فوتيءَ جي پيرن ۾ زنجير پيل هو ته ڏاڍو خفي ٿي پيو. پوءِ ته ڇتو ٿي اُبت سبت ۾ اچي پيو، پر ڪهڙو فائدو؟ جيڪو تير ڪمان مان نڪري چڪو، سو ڪيئن ٿو پلا واپس وري!

پوسٽن صاحب جنگ جي ميدان ۾ ڦٽو ڪيل بروهين جو سڄو سامان ميڙي چونڊي پنهنجي قبضي ڪيو ۽ لبدين جو لاش کڻائي ڍاڍر ۾ آيو. سندس ڪفن دفن وقت ڏاڍا ارمان ڪندو رهيو.

مير نصير خان بروهي پنهنجي لشڪر سميت ڪوهستان پاسي هليو آيو. ٿامس پوسٽن انهيءَ سوڀ کان پوءِ راس بيل جي حڪم مطابق شڪارپور اچي سهڙيو. سندس اچڻ تي راس بيل (سنڌ جي ايجنٽ) مير رستم خان (خيرپور جي واليءَ) جي سفارش تي مرحوم مير محراب خان جي اميرن ملا رحيمداد ۽ محمد حسن کي بند مان آزاد ڪري پوشاڪون پهرائي راهه خرچ ڏئي، مير نصير خان ڏانهن ڏياري موڪليو، جيئن هو اتي وڃي مير نصير خان کي صلح صفائي تي آماده (تيار) ڪري سگهن. هيءُ جو اتي ويا ته ڏاڍا مٺا مونا هنيائون نيٺ مير نصير خان کي انگريزن سان ٺاهه ڪرڻ تي بيهارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

مير نصير خان ڳالهين موجب هلندو اچي ڪوٽڙه ۾ پهتو. جتي والس ۽ بنزول صاحب پنهنجي لشڪر سميت لٿل هئا. هنن مير موصوف کي ملاقات لاءِ اطلاع ڏنو. ليڪن مير نصير خان لشڪر جي موجودگيءَ جي ڪري شڪجي پيو ۽ ساڻن ملڻ کان لنوائڻ جي ڪيائين. ڪيس خطرو اچي ٿيو ته ڪٿي ڪا بي ڳالهه نه پيدا ٿي پوي. انگريزن جڏهن ڏٺو ته مير موصوف اچڻ جي نٽو ڪري ته اڪ ڇنڀ ۾ مٿس چڙهائي ڪيائون ۽ وري جنگ شروع ٿي ويئي، جنهن ۾ پنهي پاسن جا ڪيئي ماڻهو اجل جو

شڪار ٿي ويا. هڪ صاحب لوڪ پڻ ميدان ۾ مارجي ويو.

ساڳي وقت بلوچن جا هڪ سو چاليهہ ڄڻا بوهر خان(١) سميت، مراد خان ۽ پٺهنس جيئرا گرفتار ٿيا. مير نصير خان هار کائي واپس ڪوهستان ويو. ڪيس صلح جي ڪا اميد نہ رهي.

هنن ڏينهن گرفتار ٿيل سيني بلوچن کي نگهداري ۽ خبرداري سان آڻي، بکر جي قلعي ۾ قيد ڪري رکيو ويو، جن لاءِ روزانو خرچ (ڀتو) سرڪار پاران مقرر ٿيو. هيءَ ڪي ڏينهن بکر جي قلعي ۾ قيد رهيا ۽ سرڪاري خرچ هلندو رهيو، جيڪو انهن سميت سندن ٻارن ٻچن کي بہ پهچايو ٿي ويو.

*

(١) بوهر خان: موساڻين جو سردار مير بوهر خان، جنهن سان گڏ سردار صالح محمد، صاحبداد زرڪ زئي، عزيز محمد زرڪ زئي، منگي زرڪ زئي، شاد محمد زرڪ زئي ۽ ٻيا موساڻي قبيلي جا معتبر (سيڻي بلوچ) جنگ ۾ گرفتار ٿيا هئا. (تاريخ بلوچستان، ٢٨٥)

بوهر خان ولد نور محمد خان زهري قوم جي موساڻي بلوچن مان هو، جنهن کي مراد خان، قيصر خان ۽ امير علي خان نالي ٽي پٽ هئا. (تاريخ بلوچستان، ٣٥٠)

ٿيو، جنهن کي ڏينهن سبيءَ ۾ رهي، قلعي جي نئين سر مرمت ڪرائي ۽ هن قبيلي کي ان جو وارث بنايو.

راس بيل جي اتي رهائش پيري دودي خان مري جو پاٽيو دوست علي، ڪپتان براؤن جي چئي ڪٽي اچي پيش پيو، جنهن کي خلعت سان نوازيو ويو.

پچاڙيءَ ۾ راس بيل وري دودي خان مري جي ملڻ لاءِ حيلا هلايا، پر ڪجهه نه وريو. هو سلاميءَ تي نه اچڻو هو سو نه آيو. هيءَ صاحب ڍاڍر مان ڪوئيٽه رسيو، جتي گهٽا ڏينهن گذاريائين. سندس خيال هو ته هاڻ وري مير نصير خان سان ناهه جون ڳالهيون هلائجن: ان لاءِ سيڪجهه ڪيو ويو. پر آخرڪار ڪجهه به نه ٿيو.

ايتري ۾ قضا الاهي سان صاحب بهادر بيماريءَ ۾ بستري داخل ٿيو. ڪيئي حڪيم، ڊاڪٽر سندس علاج لاءِ گهرايا ويا، پر ڪنهن جي به ڦڪيءَ فائدو نه ڪيو. روز بروز ويو ڏُرڪندو، نيٺ هيءُ جهان ڇڏيائين. کيس ڪوئيٽه ۾ دفنايو ويو.

هن جي موت کان پوءِ والس صاحب اچي سندس جاءِ والاري: جنهن انتظامي سار سنڀال جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ ٽن مهينن گذرڻ تي آؤٽرام اچي سنڌ جو ايجنٽ مقرر ٿيو.

هيءُ جيئن سکر ۾ آيو ته بنا ڪنهن دير جي اتان ٺهي سنبري ائن جي سواري وسيلي ڪوئيٽه وڃي نڪتو، جتي قلات جي والي مير نصير خان کي حيلي بهاني عهد انجام ڏئي گهرائي ورتائين. مير نصير خان سندس سڏ تي آيو ته مٿس ڏاڍيون نوازشون ٿيڻ لڳيون. نيٺ انگريزن کيس ٿورائتو ۽ مانائتو ڪري پنهنجي پاسي آندو. کيس سڄو موروثي ملڪ عزت۽مان سان سونپي، ڪليڪٽرن کي (جيڪي اڳ ۾ اتي هئا) نوڪريءَ تان لاهي، سموريون سرڪاري عمارتون ڊهرائي سارو ميدان خالي ڪري ڇڏيو.

اها خبر جڏهن سنڌ جي ميرن تائين پهتي ته سرڪاري عمارتن جي پَٽ ڊاهه ڏسي ۽ ڪليڪٽرن جي موقوفي جو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا، چئي: اجهو انگريزن خراسان افغانستان جي شڪست کان پوءِ پنهنجون ڇانوٽيون ڊهرائي پينگ ڪرائي ڇڏيون، سگهو سنڌ مان به هڪيا تڪيا هليا ويندا.

هنن کي ڪهڙي سُڌ ته آسمان جي گردش جا نيرنگ ڪهڙا رنگ پکيڙڻ وارا آهن ۽ انگريز بهادر جي نيت جو ستارو پنهنجي مڪر ۽ فريب ۾ ڪيڏو اتاهون آهي. هاڻ سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ جو احوال پوئتي رهائي، پهريان امير دوست محمد خان بابت بيان پيش ڪجي ٿو.

## (٦٥)

## امير دوست محمد خان جو هڪ سوداگر جي مدد سان بخارا جي قيد مان نڪري اچڻ - وري انگريزن سان جنگ ۾ جنبي وڃڻ:

انگريزن ڪابل تي ڌاڪ ڄمائڻ کان پوءِ ٻن مهينن جي عرصي اندر ڪابل ۽ آسپاس جي رچ چڱن مڙسن کي پنهنجي تابعداريءَ ۾ آندو. جيڪڏهن ڪنهن تابع ٿيڻ کان ڪنڌ ٿي ڪيايو ته ان جي جان، مال، قلعن ۽ ڪوٽن کي سنڌس سميت سرڪاري طور ضبط ڪيو ٿي ويو ۽ کيس سخت سزا ڏني ٿي وئي.

انهيءَ دور جي ڳالهه آهي ته هندستان ڏانهن خزاني جي رقم کڻي ويندڙ انگريزي عملدار، جڏهن خيبر لڪ وٽ رسيا ته اتان جي افغانن ۽ انگريزن جي فوج جي اچي پاڻ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪيترا انگريزي فوجي قتل ٿي ويا. انهيءَ خونريزي کان پوءِ انگريز وڃي ڪابل ۾ قراري ٿيا. انهيءَ ئي دور (١٢٥٦هه/ ١٨٤٠ع) ڌاري خابرن ٻڌايو ته امير دوست محمد خان ڪنهن سوداگر جي مدد سان ٻاهر نڪري آيو آهي.

انهيءَ سوداگر امير دوست محمد خان کي ڇڏائڻ لاءِ پنهنجي هڙان ڏهه هزار رپيا روڪ بندي خاني جي محافظن کي ڏنا هئا. امير دوست محمد خان قيد مان نڪرڻ وقت پنهنجي پٽ سردار اڪبر خان کي پڻ زور ڀريو ته تون به انهيءَ طريقي سان نڪري هل، پر هن عار سمجهي ائين نه ڪيو؛ بلڪ پنهنجي پيءُ امير دوست محمد خان کي چئني ڏنائين ته فرار ٿيڻ کان چڱو آهي ته مڙسان مڙسي منهن ڏئي مرجي! جنهن تي امير کيس وراڻيو ته بهادرن کي جيئرو رهڻ ٿو جڳائي. هونءَ به ڏاها چوندا آهن: "جتي پڄڻ ناهي ڪم، اتان ڀڄڻ ڪم وريامن جو". غرض ته امير دوست محمد خان پنهنجي پٽ کي گهڻيون ئي پٽيون پڙهايون، پر هن ڪوبه ڌيان نه ڌريو. آخر امير پنهنجي سر سوداگر جي مدد سان بخارا جي بنديخاني مان نڪري آيو ۽ پنڌ هلندو سبز جي شهر ۾ آيو، جيڪو سمرقند کان پنجاهي ميل ڏکڻ تي آهي.

اتي تڏهن شهر جو حاڪم شاهه مردان نالي هو، جيڪو امير کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس سهڻي نموني مهماني ڪرڻ لڳو. انهيءَ حاڪم ۽ بخارا جي بادشاهه جا پاڻ ۾ چڱا لاڳاپا هئا، تڏهن ٻه ان امير دوست محمد خان جي پاسخاطري ۾ ڪين گهٽايو ۽ هن کي ٽي لک رپيا خدمت طور ڏيٽا ڪيائين ۽ وڌيڪ چيائينس تہ: اوهان پنهنجي اهل عيال کي اسان وٽ هتي (سبز شهر ۾) ڇڏي، پاڻ مخالفن جي مقابلي لاءِ بندوبست ڪري جنگ جي سانباهيءَ ۾ لڳي وڃو! ان ۾ ڪابہ ڪوتاهي مناسب نہ ٿيندي.

امير دوست محمد خان پنهنجي دوست وٽان اهڙي دلداريءَ ۽ دلجاءِ جا ٻول ٻڌي بلخ ڏانهن وريو، جتي ٻارن ٻچن سان ملي ڏاڍو سرهو ٿيو. هڪ مهيني کان پوءِ اتان جي والي کان اجازت وٺي ٻار ساڻ ڪري چار سو وفادار ۽ جان نثار ماڻهن سان روانو ٿيو. هلندي سندس پيارو پياءُ عبدالجبار خان، جيڪو زماني جي گردش کان ڀٽڪندو ٿي رهيو، هيٺي حال اچي ساڻس گڏيو: جنهن ڪري امير موصوف کي ويتر سرهائي ٿي. پياءُ جي خاطرداري ڪري کيس چيائين تہ تون منهنجا ٻار ٻچا وٺي سبز شهر ڏانهن هليو وڃ، جنهن سندس رضا تي راضي ٿي ٻارن ٻچن سميت اوڏانهن رخ رکيو.

امير هن کي سمورو راهه خرچ ۽ ٻيو سامان ڏئي روانو ڪيو ۽ پاڻ بلخ ۾ رهي، انهن جي پهچ جو انتظار ڪرڻ لڳو، ليڪن سندس پياءُ کي اچي بي ايماني ورايو، سو دنيا جي لالچ ۽ غزني جي عنايت ٿيڻ جي آسري، سڌو وڃي شاهه شجاع ۽ انگريزن سان سازباز ڪري ڪابل ۾ ويهي رهيو. ساڻس جيڪي ننڍا وڏا ٻار ٻچا ۽ ٻيا ماڻهو گڏ هئا، تن کي انهن وٽ قيد ڪرائي ڇڏيائين. جنهن تي انگريزن کيس خلعتون ڍڪائي، ساڻس وڏيون مهربانيون ڪيون، ائين هن پنهنجو ڪارو منهن ڪري ڇڏيو.

پوءِ وري ڇا ٿيو جو انگريزن هڪ هزار سوار، توبون ۽ رسالي نمبر ٻي مان وڌيڪ ڏهہ توبون هن کي ڏئي امير دوست محمد خان جي اهل عيال ۽ ٻين ماڻهن کي غزني جي قلعي ڏانهن قيدين جي صورت ۾ اماڻي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت کيس غزني جي حاڪميت نصيب ٿيڻ بدران غزني جو قلعو قيد طور عطا ٿيو.

هُو جيئن قلعي ۾ قيدي ٿي ويو تہ انگريزن پنيان هن کي ليکي ۾ ئي نہ آندو تہ هيءُ پليت آهي بہ يا نہ؟ ائين هو انگريزن توڙي شاهه شجاع جي نظرن ۾ مردود ٿي ويو.

امير دوست محمد خان جا پار پچا انهيءَ دغاباز جي سازباز سان (١) غزني جي قلعي اندر قيد ٿي ويا ته پاڻ اها اندوهناڪ (دکدائڪ) خبر ٻڌندي ڏاڍي فڪرمنديءَ ۾ پئجي ويو. دل ۾ چيائين: اهڙي حياتي کان ته موت هزارين درجا بهتر هو.

انهيءَ گهڙيءَ فاتحه پڙهي اٿيو ۽ بلخ جي شهر مان نڪري پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري باميان ۾ آيو، جتي انگريزن جي فوج قلعي ۾ رهيل هئي، هن پريندي ئي اتان جي انگريز عهديدار بارٽن لارڊ (٢) (لارڊ برٽن) سان مهاڏو اٽڪايو.

جنگ هلندي ڪابل مان لارڊ برٽن جي مدد لاءِ پلٽڻيون ۽ شاهي توبون پهچي ويون ۽ ٽيستائين امير دوست محمد خان انگريزن کان هڪ جنگ کٽي چڪو هو. هڪ وڏي توب ۽ ٻيو سامان هن جي هٿ آيو. ٻنهي پاسن کان هڪ هزار ماڻهو قتل ٿي ويا.

چوٿين ڏينهن امير دوست محمد خان پنج سو بهادر سوارن سان وري جنگ ۾ ڪاهي پيو ۽ انگريزي فوج سان اهڙي زوردار چڪري ڏنائين، جو اها سورهن ڪوهه پوئتي هٽي ويئي. وري ڪنهن ۾ وڙهڻ جو حوصلو ڪونه رهيو.

هن ڀيري انگريزن جو ڏاڍو مال متاع امير دوست محمد خان کي هٿ لڳو. پرنو لک رپيا روڪ، جيڪي ان وقت ڪمپني جي خزاني ۾ رکيل هئا، اهي انگريزن اهو سمجهي درياهه داخل ڪري ڇڏيا ته جنگ ۾ ڪو چاڙهو نه رهيو آهي، سياڻي جيڪڏهن ڳالهه وڌي وئي ته اهو خزانو دشمن جي ور چڙهي ويندو، تنهن کان بهتر آهي ته ان کي پنهنجي هٿن سان ضايع ڪيو وڃي.

هن واقعي کان پوءِ انگريزي فوج جا وڻ وڃي ويا ۽ اهڙي ڏهڪاءُ ۾ اچي ويئي، جو جيڪڏهن سو (١٠٠) ڪوهن تان ڪابل ۾ امير موصوف جي خبر ٿي پهتي ته

(١) سراج التواريخ جي بيان موجب اصل ڳالهه هيئن آهي ته امير دوست محمد خان پاڻ هرتو پار پچا ڪابل ڏانهن ڏياري موڪليا هئا. ڪيس خبر هئي ته انگريز ان کان اڳ غلام حيدر خان جي اهل عيال سان سٺو ورتاءُ ڪري چڪا آهن. جڏهن سندس پار پچا به ڪابل پهتا ته انگريزن ساڳيءَ ريت انهن کي عزت احترام سان غزني اماڻيو، جيئن غلام حيدر سان گڏ رهن.
اهائي ڳالهه محمد حسين هروي واقعات شاهه شجاع ۾ ڪئي آهي. جيڪو ان جو همعصر هو. هن عبدالجبار خان جي خيانت جو ڪو ذڪر نه ڪيو آهي. ص ١٢٨.
اينڪنس افغانستان جي چڙهائي (٣٣١) ۾ لکي ٿو ته تاريخ ١٥-جولاءِ ١٨٤٠ع ۾ عبدالجبار خان امير دوست محمد خان جي خاندان کي وٺيو ٿي ويو ته گس تي هندوڪش جي اتر واري واديءَ ۾ پاڻ کي پيش ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو. -حبيبي

(٢) پرسيول لارڊ برٽن، جيڪو توبن سميت سوار ۽ پيادن سپاهين سان باميان ۾ ترسيل هو. (بايوگرافي هندي، ٢٥۴).

سڄي فوج کي ڏڪٽي وٺيو ٿي ويئي. خاص ڪري شاهه شجاع جي ته ننڊ ئي حرام ٿي ويئي. رات جو آرام واري جاءِ (محل) ڇڏي ٻي پاسي هليو ٿي ويو ته متان ڪٿي امير جي آمد سان ننڊ ۾ ننڊ نه اچي وڃي. انهيءَ خوف ۾ پنهنجي تخت هيٺان لڪل سرنگهه کوٽائي ڇڏي هئائين ته جيئن حملي ٿيڻ تي ڪنهن پاسي ڀڄي جان بچائي سگهجي.

ڪنهن ڏينهن اتفاق سان هڪ عجيب واقعو ٿيو، جو هيءُ هو ته: انهيءَ سرنگهه جي ٻاهران پاسي کان ڪنهن سوار جي گهوڙي جي سنب جو نشان ڏٺو ويو. اهو نظارو جڏهن خود لارڊ صاحب ڪيو ته ڏاڍي حيرت ۾ پئجي ويو، اصل راز پروڙي ورتائين ته شاهه شجاع بذات خود انهيءَ سرنگهه مان ڀڄڻ جي تياري ۾ آهي.

اهو حال ڏسي هن کي ڪل به ٿي آئي ته حيران به پئي ٿيو. آخرڪرنل ڊيني(١) سان گڏجي پلٽڻيون ساڻ ڪري انهيءَ سرنگهه مان گهڙي پار ويو ۽ پنهنجي اکين سان ڏٺائين ته برابر شاهه شجاع سنجيل گهوڙي جي رڪيب ۾ پير وجهي مٿس سوار ٿي ڀڄڻ جي پيو ڪري!

هن اڳتي وڌي شاهه شجاع کي سمجهايو ۽ دلداريون ڏئي ڪيس پنهنجي تخت تي آڻي ويهاريائون. انهيءَ صورتحال جي آڏو ايندي شاهه شجاع ۽ صاحب بهادر جي وچ ۾ محبت ۽ ميارن جي ڏاڍي مزيدار ڏي وٺ ٿيندي رهي. پڇاڙيءَ ۾ به پلٽڻيون ۽ هزار جانباز سوار ڏئي ڪابل جي بالاحصار واري قلعي ۾ چوڪيون قائم ڪري شاهه شجاع کي ٽانيڪو ڪيو ويو.

اهو ڪم لاهي دلجاءِ ڪري هڪ لال ڪرتي واري پلٽڻ ۽ ٻه دستا ترڪ سوارن جا ساڻ ڪري امير دوست محمد خان جي اڳ جهلڻ جا سانباها ڪيا ويا. (جيڪو ڪابل کان ٽيهارو ڪوهن جي وٿيءَ تي هندوڪش جبل جي پاسي ڏسائي رهيو هو). رواني ٽيل ترڪ سوارن جي پٺيان جنرل سيل (٢) ڪمانڊر ٽي ڏينهن رڪي چاريڪار واري وسنديءَ ۾ وارد ٿيو.

اها وسندي نهرن جي گهٽائي، وڻڪار ۽ قسمين قسمين ميون ۽ گلن ڦلن جي ڪري ڏاڍي فرحت بخش ۽ طلسماتي نموني جي هئي. انهيءَ جابلو ايراضيءَ کي حضرت سليمان جو زندان ڪوٺيو وڃي ٿو، ساڳيو هنڌ امام مهديءَ جي نوبت خاني سان پڻ مشهور آهي.

هن هنڌ خاص ڳالهه اها آهي ته هتي جيڪڏهن نغارو وڄائجي يا بندوق جو ٺڪاءُ

(١) ڪرنل ڊيني، ڪابل ۾ هڪ انگريز عملدار هو. (ڏسو تعليق نمبر ٤٨)

(٢) جنرل سيل، چاريڪار ۾ انگريزي لشڪر جو ڪمانڊر هو. (ڏسو تعليق نمبر ٣٧)

ڪجي تہ هڪدم هزارين مڻن جون برفاني چپون جبل تان هيٺ اچي ڦهڪو ڪنديون؛ اها قادر جي عجب قدرت ليکجي، جاچ لاءِ لاٽ صاحب، رائٽ صاحب ۽ ڪرنل ڊيني فريزر صاحب(١) سان گڏ جبل تي چڙهي ويا تہ اتي زمين ترڪيءَ وانگي صاف ۽ سنئين ڏٺائون، پر برف ڪرڻ جي ڪين ڪل ڪانہ پئي تہ ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي.

انهيءَ ئي هنڌ ويهارو ڏينهن تائين انگريزن ۽ امير دوست محمد خان درميان تيرهن جنگيون هلنديون رهيون، ليڪن انگريزن کي سرسي نصيب ڪانہ ٿي، باقي سوين ماڻهو ميدان ۾ مارجي ويا.

امير دوست محمد خان انهن تيرهن ئي جنگين ۾ سوڀ ماڻيندو رهيو. انگريزن جي فوج حال ڪان بيحال اڌ مئي ٿي، خالي هٿين جبل تان هيٺ لهي چاريڪار ۾ آئي.

هتي انگريزن جي هڪ گورا پلٽڻ ۽ هڪ سوار اندرسن صاحب سان واپس آندائون، جنهن جي پويان امير دوست محمد خان بہ پيرو ڪٽندو آيو. ٽن ڪوهن جي پيچي ڪرڻ کان پوءِ امير موصوف مير مسجد(٢) ڏانهن لڙي ويو.

انگريزن جڏهن امير دوست محمد خان کي انهيءَ پاسي ڏٺو تہ، سڄي فوج سنبرائي، توبن ۽ بندوقن جي ڏم لائي ڏنائون. اتي بہ ٻہ ڏينهن لڙائي هلندي رهي. امير دوست محمد خان جو هڪ سپاهي قلعي جي ڪنڌيءَ تان بندوق اهڙيءَ سڌ ۾ ڇوڙيندو ٿي آيو جو هڪ ڌڪ سان هڪ ماڻهو ڪيرائي ٿي وڌائين. ائين انگريزن جا هڪ سو ارڙهن چٽا ڊاهي وڌائين، تنهن کان پوءِ قلعي جي ڪنڌي ڇڏي هيٺ لٿو ۽ هڪ تعويذ مير مسجدي ۾ موجود هڪ قبر تي ويڙهي انگريزن جي لشڪر ۾ اچي بندوق ڇوڙيائين تہ سندن سڀني توبن جا منهن بند ٿي ويا.

ڪپتان برنس هڪ لوهي توب سان نشان ٻڌي انهيءَ سپاهي تي ڇوڙي تہ گولي لڳڻ سان مري ويو. هن جي مائٽن ٻاهر اچي ڪيس ڪٽي دفن ڪري ڇڏيو(٣)

ٻئي ڏينهن سوير صبح جو امير دوست محمد خان اپرنڌڙ سج وانگي ميدان ۾ آيو. وري جنگ ۾ ساڳيا بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريندي هڪ هزار ماڻهو ڪيرائي وڌائين. وار ڪندو وري شام جو جبلن ۾ هليو ٿي ويو. اها ڪار اٺ ڏينهن تائين هلندي

(١) صحيح فريزر. (افغانستان در قرن ١٩، ص ٨٦)

(٢) اها مسجد مير مسجدي خان ولد خواجہ اسحاق اتر ڪابل جي هڪ مجاهد نهرائي هئي، جيڪو پڻ انگريزن سان لڙيو ۽ زخمي ٿيو. ٣-آڪٽوبر ١٨٤٠ع سراج ١-١٥٨، افغانستان ص ٨٥. مير مسجدي خان جو قلعو چاريڪار جي ڏاکڻين پاسي خواجہ خضري ۾ هو- واقعات ص ١٢٧.

(٣) ان کي چٽبو آهي رپ جي مٿان رپ. مترجم

رهي. انهن جهڙپن ۾ انگريزي فوج ساڻي ٿي ايتري حد تائين پهتي جو ننڊ ۾ به امير دوست محمد خان جو پڙلاءُ ٿي پڌائين ته لرزي ٿي ويئي. هن جي مقدر ۾ ئي نه هو ته امير جي پويان پئجي سگهي.

ٻارهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ امير دوست محمد خان پنجاهي سوارن سان هڪ جبل جي وچاڳ ۾ آيو. ساري رات اتي هٿياربند ٿي ويٺو رهيو- ٻاک ڦٽي ته نماز پڙهي فاتحه ياد ڪري پنهنجي عملي سان ٻاهر نڪري آيو ۽ مياڻ مان ترار ڪڍي شينهن هاٿي وانگي گُڙندو گَجندو انگريزن جي فوج تي وجي ڪڙڪيو. سوين سپاهي مئا ۽ ڪيئي زخمي ٿي پيا ، وري ساڳيءَ ريت ، باز وانگي گورن جي پلٽڻ وچان اڏامي جبل تي وجي ويٺو.

امير دوست محمد خان جي بهادري ۽ سورهيائي جي ڪهڙي ساراهه ڪجي؛ جيڪڏهن پنج ڏهه يا ويهارو سوار ساڻس گڏ هوندا هئا ته به انگريزن جي هزار جڻن جي فوج تي چڙهائي ڪندو هو. هن کي ان لاءِ ڪوبه ڊپ ڊاءُ ڪونه پئي ٿيو. انگريزن جي لشڪر تي ته سندس اک ئي نٿي ٻڏي. هن کي هندستاني ڪانءُ سمجهي، چئن پنجن سوارن سان مٿس چڙهايون پئي ڪيائين ۽ چار پنج فوجي ماري نڪتو هليو ٿي ويو.

زماني ۾ اهڙو دلاور ۽ بهادر شايد ئي ڪٿي ڏسڻ ۾ اچي. جيڏانهن ٿي ڪڙدي (حملو) ڪيائين، ڪيترن ئي کي کهندو ڪيرائيندو ٿي ويو، ائين چئني پاسي ڪاهيندو، مخالف لشڪرين جا لاهه ڪڍندو رهيو. سندس ترار جي ڌار، جنهن جي ڪنڌ تي ٿي پئي، تنهن کي چڻ سنئين سڌي سير اچي ٿي ويئي! بيشڪ سندس بهادريءَ وارن ڪارنامن جي جيڪا به ڳالهه ڪجي سا بلڪل نهي ٿي.

هن بهادر جي ترار جتي به ڪم آئي،
هڪ کي ٻه، ته ٻن کي چار ڪري وجي پار پئي.

*

## امير دوست محمد خان جو عبدالسبحان خان جي قلعي ۾ اچڻ ۽ هن جو کيس لڪائي ويهارڻ، تنهن کان پوءِ دغا سان پنهنجي ياءُ کي انگريزن ڏانهن موڪلي، ڪين امير جي اچڻ کان آگاهه ڪرڻ ، انگريزن جي فوج جو اوچتو انهيءَ قلعي مٿان حملو ڪري ڏيڻ، امير دوست محمد خان جو قلعي مان نڪرڻ ، عبدالسبحان کي قتل ڪرڻ ۽ انگريز فوج سان جنگ جوٽڻ:

امير دوست محمد خان بارهن ڏينهن کان پوءِ مٿي ذڪر ڪيل جبل تان لهي، سورهن سوارن سان اچي عبدالسبحان جي قلعي تائين پهتو، جنهن وٽ پنهنجو لشڪر ڏهه هزار سوار پيادا ۽ اٺ قلعا قبضي ۾ هئا.

عبدالسبحان خان هن جي ڏاڍي عزت ۽ تعظيم ڪئي ۽ پنهنجي قلعي ۾ ڪيس جاءِ ڏنائين. ظاهر ۾ ته هيءَ سندس ڏاڍي چيٺ چاڪري ڪندو رهيو، پر اندر ۾ جوفي جي جوڙجڪ ڪندو آيو ته انگريزن وٽان امير دوست محمد خان جي گرفتاريءَ مان ڇا حاصلات ٿيندي، اهڙو اعلان انگريزن وٽان پڻ ٿي چڪو هو، سو لالچ ۾ ڏند تيز ڪندي، پنهنجي ياءُ محمد سعيد خان کي ڳجهي نموني جنرل سيل ۽ لاٽ صاحب ڏانهن هيءَ نياپو ڏئي اماڻيائين: "اسان امير دوست محمد خان جي گرفتاريءَ لاءِ اوهان سان ٻڌل آهيون، هيءَ ياڻ پنهنجن پٽن سميت اسان جي قلعي ۾ هٿيڪو وينو آهي، پنهنجي ٻڌرائي موجب ٻه لک رپيا انعام اسان کي ڏياري پنهنجو بازو وٺي ويندا."

انگريزن اهو دلاسي ڀريو پيغام ٻڌي، محمد سعيد خان کي انعام جي پڪ ڏئي، سندس منهن تي دانگي گهمائي ۽ ستت ئي پنهنجي پلٽڻ ساڻ ڪري هن جي رهبريءَ ۾ عبدالسبحان خان جي قلعي ڏانهن ڪاهيندي، ان کي چئني پاسن کان گهيري ۾ آندائون. امير دوست محمد خان عين انهيءَ وقت ماني کائڻ ۾ مشغول هو، اجا هڪ ٻه گرهه مس وڌائين ته سندس ساٿين مان ڪنهن اچي ڪيس ڪن پٽڪ ڏني ته: انگريزن جي فوج چئني طرفن کان قلعي کي گهيري ۾ آڻي چڪي آهي ۽ توهان ماني کائي رهيا آهيو! امير جهٽ ڪٽي مانيءَ مان هٿ ڪڍيا. اُٿي ڏٺائين ته واقعي انگريزن جي فوج

قلعي جي چوڌاري چوڪس ٿي بيٺي آهي، پوءِ عبدالسبحان ڏانهن منهن ڪري ڪيس چيائين، مردود، ڪافر! هيءَ ڪهڙي ڪذائي (بي ايماني) آهي؟ جو انگريزن جي فوج مون تي چڙهائي آندي اٿئي! ائين چئي اُمالڪ ترار جي هڪ ئي وار سان ڪيس ٻه اڌ ڪري ڇڏيائين. اتان ٿي عبدالسبحان خان جي حويلي ۾ ويو ، سندس گهر جي ڀاتين مان پنج ڇٽا عورتن سميت قتل ڪري آيو. عبدالسبحان جو ڀاءُ انهيءَ هڻ مار ۾ بچي ويو، جو انگريزن جي فوج وٽ هو.

انهيءَ واردات ڪان پوءِ امير دوست محمد خان پنهنجي ماڻهن سميت سوار ٿي فاتحه پڙهي، قلعي جي دروازي ڪان ٻاهر آيو. انگريزن جون فوجون هوش حواس وڃائي پٽرائين اکين سان ڪيس ڏسڻ لڳيون. اهڙي چپ، جو منجهن چُرپُر ئي ڪانه هئي. امير پنهنجي لاغرضائي سان فوج جي وچان نڪري صحيح سلامت اڳتي وڌيو. فوج مان جيڪو ٿي اڳيان آيس، تنهن کي ترار سان اڌواڌ ڪندوَ وڃي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهيو.

ٻئي ڏينهن تي هڪ هزار جرار ۽ ميدان جا مرد سوار مير مسجدي وٽان ساڻ ڪري انگريزن تي راتاهي ڏيڻ لاءِ نڪتو. سڄي فوج کي ٽڙيڪڙ ڪري وري مير مسجدي ڏانهن موٽيو. انگريزن ٻه لاهي پاهي سندرو ٻڌو ۽ سڌو مير مسجدي ڏانهن ڪٽي رخ رکيائون. ايتري ۾ خبر پئي ته امير دوست محمد خان ٽي هزار ۽ پنج سو بندوقچي وٺي جبل تي مقابلي لاءِ تيار بيٺو آهي.

انگريزن ٻه لشڪر کي ساڳي نموني سنبرايو ۽ سندس مقابلي لاءِ جبل ڏانهن وڌندا ويا. جڏهن جبل جي پر سان هڪ ڪوهه جي وٿيءَ تي آيا ته ويڪري ميدان ۾ صفون ٻڌي، هڪ پهر تائين فوج کي اتي بيهاريو ويو. امير جي طرفان ڪابه پيش قدمي ڪانه ٿي. اهو ڏسي ڪپتان فريزر ترڪ ڪماني کي چيو ته: اوهان پنهنجي سوارن کي وٺي اڳيرا ٿيو ته جيئن امير اوهان کي ڏسي وٺي، ائين هو جبل تان هيٺ لهي ايندو: پر ڪماني قبول نه ڪيو.

پوءِ جنرل سيل، ڪرنل سالتر کي حڪم ڏنو، جنهن پنهنجي پلٽڻ کي آرڊر ڪيو ۽ ڪپتان فريزر چار توبون ساڻ ڪري ميدان ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن اڌ ڪوهه تائين ويا ته هڪڙي سپاهي چيو: هاڻ مقابلي جي محل ويجهي آئي آهي، جيڪڏهن حڪم ٿئي ته بارود پڙڪايو وڃي؟ وڏي صاحب سپاهي ڏانهن منهن ڪري جواب ڏنو: خاموش رهه! ائين سرڪاري گولا بارود ضايع نه ڪرڻا آهن. ارادو اٿئون ته امير دوست محمد خان کي بنا ڪنهن زخم رسائڻ جي زنده گرفتار ڪيو وڃي.

اُهي سرہاڻ هليا پئي تہ ويرم اندر امير دوست محمد خان ستر (٧٠) سوارن سان گڏ جبل تان هيٺ لٿو. سندس هٿ ۾ ڳاڙهي رنگ جو جهنڊو هو. پاڻ سڌو اچي فريزر جي سامهون ٿيو. هن پنهنجي فوجي دستور مطابق هڪل ڪئي تہ تراريون مياڻ مان ڪڍي اُڀيون ڪري جهنڊن وانگي مٿي ڪري ڏيکاريو.

امير دوست محمد خان فاتحہ پڙهي مقابلي لاءِ وڌيو تہ سندس گهوڙي جو دون وچي صاحب بهادر جي ران سان لڳو. امير اسلامي روايت مطابق کيس السلام عليڪم چيو، پر هن خوف کان ڪجھہ نہ ڪڇيو: ليڪن صلابت خان ((انگريزي فوج جي حوالدار) وعليڪم السلام جي وراڻي ڏني.

صاحب کي ان تان خار لڳي. حوالدار ڏانهن منهن ڦيري کيس جهڻڪيائين: خاموش رهہ، آءٌ توکي ڏسي رهندس. تنهن تي امير پڇيو: اوهان ۾ وڏو سردار ڪهڙو آهي؟ ہي حوالدار حميد بخش ورجايو: امير دوست محمد خان تو پڇي تہ اوهان جو وڏو سردار ڪهڙو آهي؟ صاحب ڪو جواب نہ ڏنو ۽ امير تي ترار جو ڀرپور وار ڪندي چيائين: آءٌ وڏو سردار آهيان!

امير ترار جي وار کان پاڻ بچائي پرتي ٿيو، کيس ڪو بہ زخم ڪونہ رسيو. وري هن رعب ۽ ڏمر سان امير جي مٿان ترار جو ٻيو وار ڪيو، پر اهو بہ ڪارگر نہ ٿيو. نيٺ ٽيون ڀيرو ڀرپور وار ڪيائين، تہ بہ امير جو وارو وانگو نہ ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ امير دوست محمد خان هن تي ترار جو اهڙو زوردار وار ڪيو جو سندس هٿ ڪپجي وڃي پري ڪريو.

صاحب بهادر هٿ وڍرائي گهوڙي جي واڳ ڦيري ميدان مان پير ڪڍيا ۽ ڀاڄ ۾ منهن وڌائين. ويندي ويل امير هڪل ڪندي چيس: پاڻ کي هيڏو سردار پئي چورايئہ وري جنگ جو ميدان ڇڏي ڀڄين پيو؟ بهادرن جو تہ اهو وڙ ناهي! ائين چئي پٺيان وار ڪيائينس تہ ويتر ڀاڄڙ ۾ پئجي، اهو ٿو وڃي.

ان کان پوءِ منيئي صاحب گهوڙي تي لانگ ورائي لغام لوڏي فريزر جي بدر ۾ پَرُ ڪڍي هليو. ٻنهي پاسي وري ساڳيءَ طرح ترار بازي شروع ٿي. چڪري هلندي، محمد افضل خان، صاحب جي منهن تي، ترار وهائي ڪڍي تہ گهوڙي تان اچي هيٺ ڪريو. کيس سپاهين ۽ حوالدارن پنهنجي گهوڙي تي ڪٽي ماڳ تائين رسايو.

امير دوست محمد خان جي پٽ شير علي وري ڪرستين صاحب تي ترار جو وار ڪري ڏنو تہ سندس سسي ڌڙ کان ڌار ٿي ڌوڙ ۾ وڃي پئي. ہين انگريزن پوئتي ورڻ لاءِ ڪڙيءَ تي زور ڏنو. پڇاڙيءَ ۾ ميجر اپر، دل ہڌي توب ساڻ ڪري، امير دوست محمد

خان جي پاسي لاڳيتا گولا ڇوڙيا؛ جنهن ۾ امير جي لشڪر مان هڪڙي گهوڙي جو پير ضايع ٿيو، باقي وڃي خير ٿيا. انگريزن هتي به ڪا سوڀ نه ڪئي. امير دوست محمد خان پنهنجي سوڀ ۽ سورهيائي سان ساٿيارين سميت سرهو ٿي وري جبل ڏانهن وريو، ۽ فتح جا نغارا وڄرايائين. ٻئي پاسي انگريزن جي فوج منهن پيلو ڪري، صفون ٻڌي ميدان جو پاسو وٺي بيهي رهي. شام تائين جيئن جو تيئن اتي هئي. ڪيس امير جو خوف اندر ئي اندر کائي رهيو هو، تنهنڪري ڪا پيش رفت نه ڪيائين. رات جي هڪ پهر گذرڻ کان پوءِ انگريزن جي اها موت ماريل فوج ميدان ڇڏي پنهنجي جاءِ تي اچي آسيري پاسيري ٿي ڪِرندي وئي. امير ميدان خالي ٿيندو ڏسي، جبل تان هيٺاهين ۾ آيو ۽ اتي آرام ڪري رات مان ڏينهن ڪيائين(١).

*

(١) هيءَ جنگ موهن لال جي بيان موجب (جيڪو پاڻ اتي حاضر هو) پروان جي واديءَ واري وسندي تتمدرهه وٽ تاريخ ٢-نومبر ١٨٤٠ع ۾ لڳي هئي. امير دوست محمد خان انگريزن ساڻ دست بدست (هٿئون هٿ) وڙهيو، جنهن ۾ ميجر پانسن بي ۽ فريزر سخت زخمي ٿي پيا.
مسٽر لارڊ پوليٽيڪل ايجنٽ، ليفٽيننٽ بريڊ (بروڊ) ۽ ايڊ جوائنٽ ڪرستين جو قتل ٿيا ته انگريزن ۽ شاه شجاع جي فوج ۾ ڏاڍو هراس پيدا ٿي پيو، پر ٻن ڏينهن کان پوءِ (٤-نومبر تي) ڪابل کان خبر آئي ته امير دوست محمد خان هٿيار ڦٽا ڪري چڪو آهي- (حيات امير، ٢-٣٥٤). تاريخ فدا حسين صفحي ٨١ تي انگريزي عملدارن جا نالا هن ريت لکيا ويا آهن: منيني، بنٽي، ڪرستين، ڪرسٽن، اپر، ڪپتان انپر صاحب.

## (٦٧)

## امير دوست محمد خان جو پاڻ واٽي ڪابل مان اچي پيش پوڻ- انگريزن جو خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ ۽ ڪن ڏينهن ڪان پوءِ امير کي هندستان ڏياري موڪلڻ:

امير دوست محمد خان پنهنجي اورچائي ۽ سورهيائي سان جنگ ۾ جتائُ تہ گهٽئي ڪيو، پر ڏينهون ڏينهن معاملي جي انگهڻ سبب ڪنهن نبيري نہ ٿيڻ ڪري بيو تہ سندس يار ٻچا، جيڪي انگريزن ۽ شاهہ شجاع وٽ باندي ٿيل هئا، تن جي ڇُٽڻ ۾ ۽ وڌيڪ وقت وڃائڻ مناسب نہ سمجهي، چڱو ائين ڄاتو تہ ناهہ جي صورت اختيار ڪجي ، سو پنهنجي سوڀ ۽ سورهيائي هوندي بہ پرهہ ڦٽيءَ جو جبل جو پاسو ۽ پناهہ ڇڏي، ٻن هزارن بهادر سوارن سان گڏ ڪابل ڏانهن نڪري شام ڌاري اتي پهچي ويو.

اتفاق سان ان سمي لارڊ ميڪناٽن پنهنجي سر هواخوري ڪان پوءِ واپس بنگلي ڏانهن ٿي ويو. امير جي دل اچل ڏني ۽ ڪاغذ جو ٽڪرو لکي ڏانهنس وڌايائين، لارڊ صاحب، امير دوست محمد خان کي تہ ڪڏهن روبرو ڪونہ ڏٺو هو. نہ وري ڪيس سڃاتائين، پر اندر ۾ وسي ويس تہ اهوئي چڱو مرد امير دوست محمد خان آهي. ويتر جو ڪاغذ تي نظر ڪيائين تہ پڪ ٿي ويس. هڪدم گهوڙي تان لهي هيٺ آيو ۽ ڌاڍي اکير، اُتساهہ مان اچي ڪيس ڀاڪر پاتائين ۽ ايڏو خوش ٿيو جو ڇا ڳالهہ ڪجي.

امير دوست محمد خان کي وڏي مان ۽ محبت سان(١) گڏ وٺي پاڻ واري بنگلي تي آندائين ۽ پنهنجي هٿن سان ڪرسي سوري ڪيس اُن تي ويهاري سندس اڳ پوءِ ۾

---

(١) موهن لال لکي ٿو: ٣-نومبر ١٨٤٠ع شام جو سر وليم ميڪناٽن ٻن عملدارن ۽ ٻين سوارن سان جنگ جي المناڪ رپورٽن تي ٽيڪا ٽپٽي ڪري رهيو هو تہ هڪ سوار وٽس لنگهي آيو ۽ پڇيائين تہ لارڊ صاحب اوهين آهيو؟ ميڪناٽن هائوڪر ڪئي تہ سوار ٻڌايس: امير دوست محمد خان حاضر ٿيڻ تو چاهي- هو حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ ڪٿي آهي؟ لشڪر ساڻ اٿس يا اڪيلي سر آهي! ائين ڪندي امير بہ اچي ويو ۽ گهوڙي تان لهي پيادو ٿي پناهہ گهريائين. ميڪناٽن ڪانئس هٿيار ورتا ۽ ڪيس عزت آبرو سان پنهنجي جاءِ تي وٺي آيو. (حيات امير دوست محمد خان. ٢-٣٥٩).

اهڙو لڳي ويو، جو ڇڻ ڇؤ تہ ست ولايتون هٿ اچي ويون هيس. همراهہ خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو.

امير دوست محمد خان جي پيش پوڻ جي ناممڪن خبر جڏهن امڪاني صورت ۾ هنڌين ماڳين پکڙندي وئي تہ واهہ واهہ ٿي وئي ۽ شادمانا شروع ٿيا. جنهن ڪي بہ امير جي دٻ داءُ اڳ مٿو ڪري ڇڏيو هو، سو نئين سر ساهہ پٽي شڪرانا ڪرڻ لڳو.

صاحب بهادر پنهنجي بنگلي لڳ باغ ۾ آرام گاهہ تيار ڪرائي، امير کي اتي آڻي رهايو، جتي هر شيءِ موجود ۽ مهيا ڪيل هئي. فوجي عملي مان اڌ رات منجهہ هڪ هڪ اچي امير سان ملندو ۽ خوشيءَ مان ڪلندو ٺهڪ ڏيندو ٿي وريو. هر ڪنهن نچندي ٽپندي ٽوپي هوا ۾ ٿي اُڇلائي ۽ لارڊ صاحب بهادر امير جي خدمت ۾ مصروف هو.

امير آرام جي خيال سان جڏهن اتي پنهنجي خيمي ڏانهن ٿي ويو تہ ان کان اڳ پنهنجي ترار ڇيلهہ مان ڇوڙي ٻنهي هٿن ۾ ڪري ادب سان لارڊ صاحب جي حوالي ڪندي چوڻ لڳو: ”هيستائين هيءَ ترار همت ۽ مڙسيءَ سان پنهنجي ڇيلهہ سان ٻڌيو ٿي آيس، هاڻ اها اوهان جي حوالي ٿو ڪريان- اچي وٺو ۽ پنهنجي ڇيلهہ سان ٻڌو!!

لارڊ صاحب، ترار امير کان ورتي پر ورائي پنهنجن هٿن سان سندس ڇيلهہ سان ٻڌي، جيئن اڳ ٻڌل هيس، پوءِ چيائينس تہ: هيلتائين اها ترار اوهان جي خوشيءَ سان اوهان جي ڇيلهہ سان ٻڌل هئي، هاڻ ساڳي انگلنڊ جي راڻيءَ پاران اوهان کي ڇيلهہ سان ٻڌائجي ٿي. انهيءَ قربائتي ڪچهريءَ کان پوءِ امير پنهنجي خيمي اندر ويو ۽ پٺيانس پنج خونچا ست رڇين جا ۽ پنج خونچا (ڊاڪٽنان) ميون جا شاهہ شجاع جي طرفان سندس خدمت ۾ حاضر ڪيا ويا. ان تي لارڊ صاحب امير سان مخاطب ٿيو: پنج خونچا طعام جا ۽ پنج خونچا ميون جا اوهان لاءِ اولياءَ دولت (شاهہ شجاع) ڏياري موڪليا آهن ۽ امير دوست محمد خان خار مان وراڻيو، تہ اهي نٿا ڪپن، واپس ڪٺي وڃو!

هن گهٽيئي هٽڙيون سٽڙيون ڏئي امير کي سرڇائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪونہ مڃيائين- ٿوري دير کان پوءِ جڏهن شيرين خان امير موصوف ڏانهن ٽي خونچا طعام جا ۽ ٻہ خونچا ميون جا موڪليا، تڏهن امير ڪائي پي خوش ٿيو. انهيءَ طعام ۽ ميون لاءِ خود امير دوست محمد خان چوائي موڪليو هو، جنهن تي شيرين خان خوشيءَ سان اها خدمت قبول ڪئي هئي.

صبح ٿيڻ تي جنرل صاحب حڪم ڪيو تہ سيل صاحب کي حاضر ڪيو وڃي.

حڪم ملڻ شرط هو فوج سميت جبل مان نڪري ڪابل آيو. پوءِ هڪ هزار سوار غزني مان امير دوست محمد خان جي اهل عيال آڻڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا ، انهيءَ تاڪيد سان تہ هڪ مهيني تائين امير جي سيني واسطيدارن کي غزني جي قلعي مان ڪابل آندو وڃي.

اهڙيءَ ريت امير دوست محمد خان جي پاويهن پٽن، تيرهن پوٽين، اٺيهہ ٻين قريبن، چار سو غلامن ۽ ٽي سو ڇٽن ٻين سڱڻن، سيبتن سڄ ڇند جهڙن مهاندن کي، جيڪي سڀ امير جا مٽ مائٽ هئا ، سيني (هڪ هزار هڪ سو پندرهن بازن) کي غزني جي قلعي مان ڪڍي امير دوست محمد خان جي حوالي ڪيو ويو. سڀ پاڻ ۾ ملي خوشيءَ ۾ چور ٿي ويا.

امير جي اهل عيال پهچڻ کان پوءِ مٿان حڪم آيو تہ ڪيس لڌياني روانو ڪيو وڃي. ان لاءِ هڪ گورا پلٽڻ، ٻي پلٽڻ نمبر ٢٣-ترڪ سوارن جو رسالو ۽ هڪ توبخانو امير موصوف جي نگهباني ۾ ڏنو ويو.

اُسهڻ وقت لارنس صاحب، امير دوست محمد خان کي چيو: هن گهڙيءَ اوهان جيڪڏهن شاهہ شجاع سان ملاقات ڪريو تہ ڏاڍو چڱو- امير اڌ ۾ ڳالهہ ڪٽيندي انڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳو، ملاقات جيڪا اوهان صاحبن سان ٿي چڪي، اهائي ڪوڙ (ڪافي) آهي! ان جو اهو نتيجو نڪتو جو قيدي ٿيو پيا وڃون، انهيءَ حالت ۾ بادشاهہ (شاهہ شجاع) سان ملڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟ هيءُ سڄو طوفان (اوتر) ان جو ئي تہ اٿاريل آهي نہ تہ اوهان انگريزن کي ڪهڙي طاقت هئي جو ان جي ساٿ ۾ سهڪار بنا هن اڻ ڏٺي ۽ اوپري ڏيهہ (خراسان) افغانستان ڏانهن اچڻ جي ڪريو ها!!

انهيءَ بحث ڪاءِ پوءِ امير موصوف ١٢ نومبر ١٨٤٠ع مطابق ١٢٥٦هہ ڪابل کان جلال آباد ۽ جلال آباد مان خيبر لڪ ۾ آيو. انگريز پاران هڪ رپيو في بازو خيبر وارن جي سردار طره باز خان کي محصول ۾ ڏني، حفاظت سان خيبر ٽپي جمرود ۾ قافلو پهتو. اتان پشاور ڏانهن آيو: جتان جي سک حاڪم شير سنگهہ (جانشين راجا رنجيت سنگهہ) انگريزي فوجن جي اچ وڃ جي سلسلي ۾ پاويهہ لک رپيا ملڪ پيلڻ جي محصول ۾ وصول ڪيا ، جيتوڻيڪ هڪ ڪک جو بہ نقصان ڪونہ ٿيو هو. سرڪار پاران ٽڏي تي محصول جي صورت ۾ اهو تاوڻ پري ڏنو ويو: تڏهن پشاور ۾ نٽول صاحب، رنجيت سنگهہ پاران حاڪم مقرر ٿيل هو، جنهن ڇهہ ڏينهن امير دوست محمد خان ۽ انگريزي فوج کي پاڻ وٽ رهائي، سندن مهمان نوازي ڪئي ۽ سيني جي سٺي خدمت سرانجام ڏنائين.

بهرحال آءٌ پنهنجي رضا خوشيءَ سان پيو وڃان، مون کي انگريزن هونءَ به زوريءَ گرفتار ڪونہ ڪيو هو: ڳوهہ کي ڪٽي ڪٽندي آهي تہ: پاڻ شڪارين جا گهر پچندي آهي. آءٌ پاڻ ئي ڪوڙڪيءَ ۾ اچي پيس، دل نہ لاتي اٿم، ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

سلطان محمد خان جڏهن امير دوست محمد خان جي ڳالهين کان لاجواب ٿيو تہ پڇاڙيءَ ۾ چوڻ لڳس: چڱو، اوهين پاڻ پلي وڃو. پر ٻارن ٻچن کي اسان وٽ ڇڏي وڃو. انهن جي پرگهور اسان پاڻهين لهنداسين. امير اها صلاح بہ ڪانہ مڃي.

اتان نڪري قافلو فيروزپور پهتو، جتان ڦري لڌياني ۾ آيو. انگريزن شاهہ شجاع جي حرم کي، جيڪو عاليشان بنگلن ۾ رهيل هو، ٻاهر ڪڍي امير دوستِ محمد خان کي اتي رهايو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ، انگريزن شاهہ شجاع جي حرم کي زمان شاهہ(١) سان گڏ بہ پلٽڻيون ڏئي اليگزينڊر برنس جي نگهبانيءَ ۾ خراسان اُماڻي ڇڏيو. پڇاڙيءَ ۾ شاهہ شجاع جي حوالي ڪيل محل ماڙيون امير جي حوالي ٿيون، جتي پاڻ سمورن ماڻهن، مٽن ۽ واسطيدارن سميت آرام، آسائش ڪرڻ لڳو.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ستر هزار انگريزن جي فوج ٽيهہ هزار بينگال مان، اهڙا ٽيهہ هزار ٻيا فوجي بمبئي جا سرڪاري عملي سوڌا خراسان/افغانستان اُماڻيل هئا، جن مان صرف ست هزار زنده، سي بہ ڦٽيل ۽ اپاهج حالت ۾ واپس آيا، باقي سڀ ان سرزمين ۾ بنا ڪفن دفن جي جهنگ جي جانورن وانگي رائين گائين (رائگان) ٿي ويا. انگريز جيئن تہ سون چاندي هٿ ڪرڻ جي هٻچ ۾ هوندا آهن، جتي بہ ڪين ڪا زرخيزي ڏسڻ ۾ ايندي آهي تہ ان لاءِ هاڃا هڻڻ لڳندا آهن۽ اهڙي نموني خراسان/افغانستان ۾ بہ اکيون وڏائون ۽ هٿ ڳنڍيائون، پر ورين کي بہ ڪين ڪنهن چواڻي:

گڏهہ ويچاري پچ جي آس ڪئي، پر ڪن بہ وڃائي وينو......

هنن جيڪي خرچ خفا ڪري بي انت خزانہ برباد ڪيا، اهي هڪ طرف تہ فوج جي بربادي، ٻئي طرف. آخرڪار گڏهہ وانگي هينگندا خراسان افغانستان مان هٿين خالي واپس ٿيا.

هن پاسي وري سنڌ جي ميرن کي شاهہ عباس ۽ قلندري لڏي جو علمبردار سمجهي، اک ڇنڀ ۾ سنڌ جي ڪمزور فوج تي چڙهائي اچي ڪيائون، جنهن جو تفصيل پنهنجي موقعي تي بيان ڪرڻ ۾ ايندو!

(١) زمان شاهہ ولد تيمور شاهہ، شاهہ شجاع جو ڀاءُ، جنهن کي انڌو ڪيو ويو هو. (ڏسو تعليق نمبر٣).

بس جتي بہ ڏنڍي جو زور هوندو آهي اتي هر حساب ڪمزور تي پوندو آهي. (١)

هاڻ، دلاوري جي ميدان ۾ شهسوار ثابت ٿيندڙ سردار محمد اڪبر خان (امير دوست محمد خان جي شير پٽ) ۽ ٻين ميدان ماٿيندڙ اميرن: غازي عبدالله اڇرڪزئي ۽ ڪابل جي هاڪارن جو بيان ڪجي ٿو.

هيءُ هڪ عجيب داستان آهي، جنهن مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ کپي،
عقل کي پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ: مرد اهو آهي جو واقعي جوانمرد هجي (٢)

*

(١) هتي فحش لفظ لکيل هو، جو تصحيح ڪندڙ حذف ڪري ڇڏيو.

(٢) ڏسو تعليق نمبر ٢١- عبدالله خان اڇڪزئي.

**ميڪناٽن صاحب جي باري ۾ جيڪو انگلستان جي راڻيءَ جي فرمان موجب سڄي هندستان جو حڪمران (گورنر جنرل) مقرر ٿيو. ان شاندار عهدي لاءِ سندس فخر ۽ خوشيءَ جو اظهار - ان ڪان پوءِ وڏيڪ انتظام درحق ڪابل جي ڪن اميرن جي گرفتاري جو خيال ۽ شاهه شجاع جي طرفان ان معاملي ۾ دل من هٺي پنهنجي نيت جي اوڙاهه ۾ اچي پوڻ:**

انگريز سرڪار جي اهلڪارن هيترين جنگين، جوڪن ۽ خون خرابي ڪان پوءِ شاهه شجاع جهڙي مهاندي ڪي گڏي وانگي ڪابل جي تخت تي ناهي نڪي ويهاريو. ٻئي پاسي امير دوست محمد خان جهڙي غازي مرد ڪي نهايت بيدليءَ سان هندستان اُماڻي ڪڍيائون ته ڪابل ۽ ان جي آسپاس جي ننڍن وڏن اميرن توڙي رئيسن هڪ پاسي هن خوف ۾ ته سرڪار نامدار امير دوست محمد خان ڪي ازخود صلح ڪرڻ تي به ساٿس نهي هلڻ بدران ڪيس ملڪ بدر ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف ان اميد تي شاهه شجاع تي جيڪي مهربانيون ۽ نوازشون ڪيون ويون آهن، تي سگهي ٿو ته اسان مان به ڪنهن جو ڀاڳ ڀيڙو ڏي ۽ دال مان سيرو ٿي پوي.

انهيءَ ڊپ ۽ لالچ ۾ هرڪو پنهنجي ليکي ۽ پنهنجي منهن اڏ هيسجي ته اڏ همٿائجي، ان فيصلي تي اچي پهتو ته ڪيئن به ٿئي انگريز سرڪار جو پاسو نه ڇڏجي، ڇو ته وري به سيڪو شينهن جي ڪلهي تي ته هوندو.

انهيءَ سوچ سان سيئي انگريزن جي پوئواري ۽ شاهه شجاع جي پوءِ لڳيءَ ۾ پڪا فرمانبردار ۽ وفادار ٿي ويا. هاڻ هنن ڪي دلجاءِ ٿي ته ٻيڙي سير تي چڙهي يا ڪنڌيءَ لڳي، مڙئي وجي هن پار نڪرندا سين.

سرڪار بهادر شاهه شجاع ڪي ڪابل جو بادشاهه بڻائي، ميڪناٽن ڪي پنهنجي نمائندي جي حيثيت ۾ اتي وزير مقرر ڪيو ۽ سڄو انتظام سندس حڪم هيٺ ڏنو ويو.

شاهه شجاع به هٿ وني سڀ معاملا ميڪناٽن جي مرضيءَ تي ڇڏي، پاڻ پوريءَ

طرح بي فڪر ٿي آسائش ڪرڻ لڳو ۽ ذاتي مراعتن مان ڀرپور عيش عشرتون ڪندو رهيو. ڪيس اهڙي ڪا به ڄڻ يا ڄڻتي ڪانه هئي ته ايندڙ وقت ۾ ساٿس ڪا ويڌن به ٿيڻ واري آهي.

انگريز فوجي (اوريان پريان مڙئي) جيڪي خراسان/افغانستان جي جنگي مهم سر ڪرڻ پيري هاجيڪار ڪشالن ۽ موتمار مصيبتن برداشت ڪرڻ کان پوءِ پڇاڙيءَ اچي شاهه شجاع جي پاچي ۽ پناري ۾ فرصت جا ڏينهن گهاري رهيا هئا، تن جي جڻ قسمت بدلجي ويئي ۽ ڪنهن چڱائي ڪرڻ بدران اچي جو بچڙائين ۾ پيا ته ڏٺيءَ جي پناهه!

روزانو ڪاڌي ۾ هنن کي ڪيترن قسمن جا طعام: گوشت، پلاءُ، حلوا، ڪيرٽيون، ڪباب وغيره ته مختلف ميوا: انگور صاحبي، خليلي، خايه غلامان(۱) ۽ ڪشمش (جيڪي سڀ چاليهن قسمن جا ٿين ٿا) خونچن ۽ ٽوڪرن جي صورت ۾ ملڻ لڳا، جيئن اهي سواڌي ڪاڌا ڪاڌائون، تيئن اچي بدن ۾ ماچ وڌائون، اهڙا ٿلها متارا ٿي پيا جو ڪاپيٽي نه هئي.

هوڏانهن سنڌن اها حالت هئي جو هندستان ۾ ڳاڙهن مرچن، اٽيين ڊڳرين ۽ دال سنڌن هڏا سڪائي ڇڏيا هئا. هاڻ جو ياڳ ورين ته مٿن چربي (وهه) چڙهي آئي.

هنن جي عياشيءَ تي انگريزن يا شاهه شجاع کي ڪو اعتراض ڪونه هو، ڇو ته هيءُ سنڌن چڻ ڪاتائو پٽ هئا، تنهنڪري سڀڪجهه روا ۽ گوارا هو. رعيت مان ڪنهن کي ڪا طاقت نه هئي جو ڪجهه ڪيي سگهي.

فوج سان گڏ عملدار به عياشيءَ تي لهي پيا. ڪنهن چوائي: ڪابل جي ڪا زال بنا ڪنهن سينڌيءَ جي نه هوندي آهي ۽ پشاور جو اٽو جوار (جونر) جي ان کان سواءِ نه هوندو آهي. انهيءَ مطابق سيني سرڪاري ڪارندن اچي منهن ڪارائي ۾ هٿ وڌا، سو نفس پروري ۽ عيش پرستي ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري ڏنائون، جنهن ۾ ڪين ڪا به ڦڪائي نه پئي ٿي. نه وري ڪنهن انتقام جو ڪو الڪو ٿي رکيائون. ائين ڏوهه ثواب جي انجام کان غافل هئا.

اهڙي نموني هوريان ڏاڍيان وقت گذرندو ويو. آخرڪار اها مهل اچي ويئي جو ۱۲۵۹هه-۱۸۴۳ع(۲) انهن بدترين واقعن جي نتيجي ۾ شاهه شجاع جي بادشاهي

(۱) خايه غلامان: اهو به انگور جو هڪ خاص قسم آهي، جيڪو شوق سان کاڌو ٿي ويو.

(۲) صحيح ۱۲۵۸هه (۱۸۴۱ع) آهي. -حبيبي

برقرار رهڻ بدران ڍانوان ڊول ٿيڻ لڳي ۽ اهڙو زوال شروع ٿيو، جنهن جو امڪان ڪونه هو!

انگلنڊ مان ميڪناٽن صاحب کي مهاراڻي جو فرمان پهتو ته: ڪابل ۾ اوهان جي ۽ شاهه شجاع جي پهچڻ ۽ انتظام سنڀالڻ کان پوءِ اوهان اتي جنهن جهد جاکوڙ سان پنهنجا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، تن کان ملڪه معظمه پوريءَ طرح آگاهه ٿي چڪي آهي. اوهان جون تدبيرون ۽ تجويزون بيشڪ ڏاهپ ۽ سياڻپ پريون هيون، جيڪي اوهان ڪتب آنديون.

انهن خدمتن جي عيوض هندستان جي حڪمراني اوهان جي ماتحتيءَ ۾ ڏجي ٿي. اوهان کي کپي ته هن فرمان پهچڻ سان ڪابل مان روانا ٿي اچي پنهنجي نئين عهدي تي فائز ٿيو، جو مهاراڻي اوهان جي عاليشان ڪارڪردگي کان خوش ٿي، پنهنجي رضا سان اوهان کي اها نعمت عطا ڪئي آهي.

ميڪناٽن صاحب فرمان ملڻ سان ڏاڍو سرهو ۽ سرخرو ٿيو، ايتري قدر جو خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ ئي نٿي ماپيو. چئي: دنيا کي کپي ته اچ مون کي مبارڪون ڏئي. ڏٺي جا لک ٿورا، جو منهنجا ڀاڳ سڀاڳا ٿيا آهن. انهيءَ خوشيءَ ۾ شادمانا شروع ٿي ويا ۽ هر هنڌ نغارا وڄڻ لڳا. چوڌاري ڏاڍا ڇهڇٽا ٿي ويا- پر ڀئي پاسي عالم اسرار مان جڻ موت جي مارن جا ڪوڪرا هئا.

بهرحال ان خوشيءَ جي موقعي تي دستور موجب هر ڪنهن اچي صاحب بهادر (ميڪناٽن) کي دل کولي مبارڪون پيش ڪيون، ته توکي هيءُ شاهي مسند مبارڪ هجي! هيڏانهن هيءَ هلچل لڳي پئي هئي ته هوڏانهن شاهه شجاع اونڌي منجي ڪيو ويٺو هو. ڪيس ميڪناٽن صاحب جي اچانڪ روانگي نه آئڙي، جنهنڪري جهوريءَ ۾ پئجي ويو. ان تان برنس صاحب، جيڪو انگريزي عملدارن مان دانشمند ۽ هوشيار هو، پاڻ ميڪناٽن صاحب جي حضور ۾ ويو. جنهن کي هن مهاراڻيءَ جو فرمان ڏيکاري پنهنجي روانگيءَ جي پڪ ڏياري. پڇاڙيءَ چيائينس ته: آءٌ توکي پنهنجي جاءِ تي مقرر ڪريان ٿو. ٻن ڏينهن کان پوءِ بمبئي ڏانهن پنهنجي روانگي آهي. ٿوري دير کان پوءِ چوڻ لڳو، ليڪن هڪ خطرو يا سونسو مون کي سجهي پيو. سو هيءُ ته جيتوڻيڪ هن وقت ڪابل جا سڀئي سردار رعيت سميت شاهه شجاع جي بادشاهي ۾ خوش ۽ بلڪل رضامند آهن، تڏهن به ڪي امير ڏسان پيو ته فتني جي ڪِد پيا پاڻ پتوڙين! سياڻي ٿي سگهي ٿو ته منهنجي وڃڻ پڄاڻان ڪو رڳڙو پيدا ٿي پوي ۽ شاهه شجاع مورڳو بادشاهي وڃائي ويهي. ان ڪري مناسب آهي ته اوهان شاهه شجاع وٽ لنگهي

وجـو ۽ اڪيـلائي ۾ جڏهن پيو ڪو وس نہ هجي، ڪيس ادب سـان عـرض ڪيـو تہ: جيـڪڏهن اوهان جـو حـڪـم ٿئي تہ اهڙن مـشـڪـوڪ مـاڻهن کي گرفتار ڪري مـون (ميڪناٽن) سان هندستان روانو ڪيو وڃي. خاص ڪري عبدالله خان اڇڪزئي، امين الله خان لوگري ۽ شمس الدين خان، امير دوست محمد خان جي پائتي ڪي، جيڪي هميشہ شاهہ شجاع جي بادشاهت پنيان ڪانہ ڪا سازش ڪندا اچن ٿا، انهن جي هتان ٽري وڃڻ ڪري بنهہ ٺاپر اچي ويندي جو اهيئي اصل فتني جي جڙ آهن.

انهيءَ صلاح موجب برنس صاحب شاهہ شجاع وٽ ويو ۽ ڪيس ميڪناٽن صاحب جي سڄي سرگذشت کان واقف ڪيائين، پر شاهہ شجاع سڄي مذڪور ٻڌڻ کان پوءِ ڦريان برنس صاحب کي دستور مطابق خلعت ڏڪائي ۽ پوءِ چيائينس تہ ان ڳالهہ جو جواب صلاح مصلحت کان پوءِ ڏنو ويندو. برنس صاحب واپس اها رو داد ميڪناٽن صاحب سان بيان ڪئي، جيڪو تفصيلي جواب جي انتظار ۾ هو!

*

(٦٩)

## انگريزن جي فوج سان عبدالله خان اچڪزئيءَ جي جنگ، جنهن ۾ سندس سوٽ جو مارجي وڃڻ:

برنس صاحب جڏهن شاهه شجاع وٽان واپس ٿيو ته هن ڪابل جي سيني سردارن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين ٻڌايائين ته ميڪناٽن صاحب اوهان کي گرفتار ڪرائي پاڻ سان گڏ هندستان وٺي وڃڻ ٿو چاهي، جنهن لاءِ مون کان اجازت وٺڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي، ليڪن اجا مون ڪيس ڪو جواب نه ڏنو آهي. سردارن اهي گفتا ٻڌي خار مان ڏند ڪرٽيندي وراڻيو:

"هيءَ سڄي مصيبت تنهنجي ئي ته آندل آهي! اسين انگريزن کي ڪونه ٿا سڃاڻون ۽ اهو به نٿا ڄاڻون ته اهي ڪهڙي باغ جي موري آهن، اوهان خير سان ورهين جا ورهيه ڪابل جي بادشاهي جي شوق ۾ دربدر ٿيندا رهيا، پويان امير دوست محمد خان خراسان جي ولايت افغانستان جو والي هو، جنهن ترار جي زور تي ايڏي رسائي حاصل ڪئي هئي. اوهان جو ڪنهن تي اعتبار ڪونه هو، پر اسان سردارن ڪاغذ جي ٽڪري تي صحيحون ڪري امير دوست محمد خان کان منهن موڙ ڪئي، جنهن کان پوءِ اوهان پاڻ، انگريزي عملدارن ۽ فوج کي ڪابل ۾ آڻي ڪيو. هاڻ اسان انهيءَ ڪئي جي سزا پيا ڀوڳيون، جو هر روز انگريزن جي فريب ڪاريءَ جا گل ٽڙندا ڏسي رهيا آهيون. جيڪڏهن اها حالت رهي ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪابل جون عورتون پولڙا چٽينديون! اسان ڏسون پيا ته جڏهن ڪڏهن خواري ۽ خجالت آڏو ايندي پئي وڃي ته پوءِ اهڙي حياتيءَ مان ڇا حاصل، سواءِ ان جي ته اسان جا منهن هيڊا ٿيندا رهن ۽ اسان ڦڪائيءَ کان ڪنڌ مٿي ڪٿي نه سگهون!"

شاهه شجاع، سردارن جا اهي اندر گهائيندڙ لفظ ٻڌي، ٺڏو شوڪارو ڀريو ۽ پوءِ انهن کي چيائين: اوهان کي منهنجي ڦٽيل دل جي ڪا خبر ناهي، ڇا اوهان سمجهو ٿا ته اسان انگريزن جي اها تابعداري، جيڪا جڳ جهان ڏسي رهيو آهي، دل جي خوشيءَ سان پيا ڪريون؟ هيءَ جو رات ڏينهن سندن حڪم جي پيروي ۾ پيا هلون، تنهن جو لاچار صرف اهو آهي ته اسان کي سڙندي پچندي به انهن سان رهائڻو پوندو!

هاڻ انهيءَ ڦوري ڦولڻ مان ڪهڙو فائدو جڏهن اهو پيالو پڳو ۽ اهو ساقي نه رهيو! اهو دڪان ڪچي ويو ۽ دفتر داڙي سڀ ڍورن جو ڪاچ وجي ٿيو ۽ جيڪو ڏنو اهو اڻ ڏٺو ٿي ويو! جيڪي مانجهي مرد هئا ، اهي خراسان افغانستان مان موڪلائي ڪري ويا ، هاڻ اهڙو ڪوبہ غيرتمند ڏسڻ ۾ ڪونہ پيو اچي. نہ وري ڪو ايماندار ئي باقي آهي- توهان تہ ائين چئو ٿا ، پر حقيقت اها آهي تہ خود انگريز سرڪار ان ڳالهہ ۾ راضي ناهي تہ اهل اسلام جي مٿان نصرانين جي حڪومت هجي.

چوندا آهن تہ بيبيءَ جو گهر ۾ ويهڻ ستر ڪان نہ پر چادر نہ هئڻ ڪري آهي! ڇا ڪجي، ڳالهہ ڏاڍي ڏک ڀري ٿي لڳي! پر ياد رکو تہ اسان جي ترار اسلام جي ترار آهي، جنهن ڪي همت ۽ غيرت هجي سو اڳتي وڌي اچي ميدان ملهائي! ان لاءِ آءٌ پاڻ پنهنجي خزاني مان غازين جو سڄو خرچ پڪو پورو ڪندس. ليڪن شرط هيءُ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ راز ۾ رکيو وڃي. مٿان مون ڪي آئيءَ ۾ اچٹو پوي.

سردارن جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌيون، جيڪي شاهہ شجاع ايماني غيرت وچان انهن سان ڪيون تہ سندن غيرت جوش ۾ اچي ويئي ۽ پنهنجن اسلامي جذبن جو اظهار ڪندا ، گهرن ڏانهن راهي ٿيا . ٻئي ڏينهن سڄ ايريو مس تہ خراسان/افغانستان جا هڙئي سردار: عبدالله خان اچڪزئي، نائب ملا مومن خان غلزائي، امين الله خان لوگري، شمس الدين خان بارڪزئي، گل محمد خان، عبدالعزيز خان، محمد شاهہ خان، سليمان خيلي، اسڪندر خان باميزئي، عبدالسلام خان فوفلزئي وغيره گڏجي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري قرآ ن پاڪ تي قسم ساک ڪٽي هڪ ٿي، انگريزي فوجن جي قتلام سان گڏ ميڪناٽن جي قتل لاءِ نعرا هٹندا نڪري نروار ٿيا .

ان ڪان اڳ سيني اها صلاح ڪئي تہ اسان ڪي ڪا ارڏائي يا اڳرائي ڪرڻي ناهي. اول اهو ڏسون تہ خود اهي ڪهڙي روش ٿا اختيار ڪن، تنهن ڪان پوءِ پنهنجي الاتوهار ٿيندي. هيءُ اجا انهيءَ ويچار ۾ هئا تہ انهيءَ رات عبدالله خان اچڪزئي جو ڪو ماڻهو اليگزينڊر برنس جي پاسي وڃي ڪنهن جو پيچو ڪرڻ لڳو، جنهن ڪي هڪدم موٽائي آندو ويو. جڏهن ڪانئس پڇا ٿي، ٻڌايائين تہ اسان جي ڪهول مان هڪ عورت صاحب جي سراءِ ۾ نوڪرياڻي آهي، تنهن لاءِ ائين ڪيو ويو. عبدالله خان اها ڳالهہ ٻڌي تپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هڪ معتبر ماڻهو برنس ڏانهن موڪليائين تہ اها ٻانهي واپس ڪئي وڃي.

برنس صاحب، ٻانهي تہ واپس ڪانہ ڪئي ، هٿئون انهي معتبر ڪي هن دڙڪا داٻ ڏئي بي عزتو ڪري ڪڍيو. انهيءَ جٹ ڪان هو چپ ڏندن ۾ چپيندو، واپس آيو ۽

جيڪي ساڻس ٿي چڪو هو، سو عبدالله خان جي اڳيان بيان ڪيائين.

عبدالله خان کي چڱو موقعو ملي ويو. سيني سردارن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪين ٻڌايائين اجهو هيءَ صورتحال درپيش اچي چڪي آهي، هاڻ اسان جي حجت پوري ٿي، ڇو ته اڳرائي انگريزن کان ٿي آهي: جن هر ڪنهن کي آزار پئي ڏنا آهن.

هن وقت جيڪڏهن انهيءَ بابت جو تدارڪ نه ٿيو، جو چوندا آهن ته پاڻهين سان ڪار منهنپ ڪرڻ، غسل ڪرائڻ سان پاڪ نٿي ٿئي! پوءِ ته انگريز بي ڊپا ٿي اسان جي پويان پئجي ويندا ۽ ٿوري ئي عرصي اندر سيني سردارن کي گرفتار ڪري قيد ۾ ھٽي ڇڏيندا. اسان علي جي توڪل تي علم محمدي کڻي سوڀ ڪرڻ ٿا چاهيون. جيڪڏهن خدا جي عنايت ۽ احمدي اعانت سان دين جي دشمنن تي فتحياب ٿيا سين ته واهه، نه ته به شهيد ٿي ته مرندا سين!

قرآن ۾ به ائين فرمايل آهي ته خدا جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ پنهنجي نفس ۽ مال سان وڏي خير جو ڪم آهي. ٻئي پاسي هن بي عزتي ۽ بي ننگي کان، جنهن انسانن جي حياتي حرام ڪري ڇڏي آهي، ائين ڪرڻ بهتر ٿيندو. انهيءَ جوش جذبي سان عبدالله خان جڏهن سردارن کي پانهيءَ واري واقعي سوڌي سڄي حقيقت پيش ڪئي ته ان وقت نائب ملا مؤمن خان غلزئي ۽ امين الله خان لوگري، جيڪي نندپڻ کان سندس گهاٽا دوست هئا، جهاد لاءِ تيار ٿي ويا.(١)

ٻئي ڏينهن سج اڀرڻ کان اڳ ٻئي ڄڻا ملي ٿورو لشڪر پاڻ سان وٺي برنس صاحب جي جڳهه ڏانهن وڌيا ۽ اتي وڃي سخت گهيري ڪرڻ کان پوءِ جنگ جي شروعات ڪري ڏنائون.

پهرين هڻ مار ۾ برنس صاحب جي جڳهه تي جيڪو سپاهه موجود هو، تنهن کي بهادريءَ سان اتيئي پورو ڪري، پوءِ اڳتي وڌڻ لڳا. انهيءَ دوران سردار عبدالله خان جو سوٽ شهيد ٿي چڪو هو.

ڪابل جي شهر ۾ جڏهن عام خاص ماڻهن تائين اها خبر پهتي ته چوڌاري هوڪرا لڳي ويا. ڪابل جا رهاڪو، هونءَ به هاها هوهڙ ۾ اڳرا هوندا آهن، سو جڏهن غازين جي سوڀ ڏٺائون ته خدا جا شڪرانا ڪرڻ لڳا، ان لاءِ اڌ رات جو آهون دانهون ڪندا ٿي رهيا ته من ڪو واءُ وري! شهر ۾ جيڪي به ننڍا وڏا گهرن، گهٽين ۽ بازارين ۾

(١) جهاد لاءِ هنن جي اها تياري ١٧ رمضان ١٢٥٨هه مطابق ٢ نومبر ١٨٤١ع ۾ شروع ٿي هئي، موهن لال لکي ٿو ته: صبح جو سوير هڪ پانهي منهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ دانهون ڪرڻ لڳي ته اوهان ڏاڍا ارڏا آهيو، سارو شهر ڇپياتجي رهيو آهي. (حيات امير ٢-١، ٤.)

موجود هئا ، سندرا ٻڏي چئن يارن جي نالي جو نعرو هڻندا ، برنس جي جڳهه ڏانهن وريا ، جتي ماڪڙ وارو ميڙو لائي ڏنائون.

برنس صاحب ان گهڙيءَ حويليءَ ۾ پنهنجي محبوبه سان حمام جي حوض اندر مهر محبت ۾ مشغول رهي، پورو عيش ڪري پاڻ کي پاڪ صاف پئي ڪيو ، ويرم ئي نه گذري ته غازي اچي متانئس ڪڙڪيا . ٻانهيءَ سان، جنهن تي جهيڙو هليو هو ، گڏ ٻه ميم صاحبون، جيڪي صاحب بهادر جون خاص دل گهريون هيون، تن کي ۽ خود صاحب کي حمام کان گهلي ٻاهر ڪڍي موت جي منهن ۾ وڌائون. اتي جيڪو مال اسباب موجود هو، لٽي ڦري پيڪنگ ڪري ڪمپني جي ڪڙڪيدار ڪلدارن سان جهوليون ڀري وري بخشي جانسن ڏانهن وريا ، جيڪو گدام ۽ خزاني جو نگهبان هو. اتي به ساڳي وٺ پڪڙ ۽ نڪا نُڪي سان سموري مڏي موڙي تاراج ڪري ڇڏيائون. شهر ۾ جيڪو به انگريز ڪين هٿ پئي لڳو، تنهن جي هاج لاهي تراريون رت سان رنگيندا ٿي ويا .

انگريز اچي ياجڙ ۾ پيا ۽ شهر ڇڏي وجي ڇانوڻيءَ ۾ پناهه وٺي جان جي امان جون دعائون گهرڻ لڳا. ڪير جو تتل ڪوري ۾ پاڻ کي اڇلائي!

ميڪناٽن صاحب کي پتو پيو ته هوش حواس وڃائي خوف هراس ۾ ڪنبڻي وٺي ويس. هوڏانهن سڄي شهر ۾ جنگ جي باهه ڀڙڪندي ٿي وئي- غازين جا هزارين دستا هڪ ٻئي پويان عبدالله خان وٽ اچڻ لڳا .

صاحب بهادر (ميڪناٽن) فوج کي مقابلي جي تياري لاءِ حڪم ڏنو ۽ چٺي شاهه شجاع ڏانهن اُماڻيائين، جنهن ۾ هن فساد جي رو داد ۽ برنس صاحب جي موت جو بيان هو- هنن لفظن ۾ ته:

”هيءَ جنگ اجا ڪنهن انتها تائين نه پهتي آهي، تڏهن به تلهي ليکي رعيت جي بربادي سان گڏ ڪابل جي ويراني جو باعث ٿيندي پئي وڃي ۽ سرڪش روز بروز ٽولن جا ٽولا گڏ ڪري ٻيا اچن، جيڪي اجهو ٿا اوهان تي ڪڙڪن، چڱو ائين ٿيندو ته اوهان هن وقت سيني کي گرفتار ڪري جيل اندر وجهي ڇڏيو.“

شاهه شجاع چٺي پڙهي ۽ سردارن جي گرفتاريءَ لاءِ پنهنجن ماڻهن کي چوڪس ڪيائين. ان لاءِ شهزادي فتح جنگ کي حڪم ڪيو ويو ته تون وڃي فسادين سان منهن ڏي. جيڪڏهن جنگ کان باز اچن ته واهه، نه ته هو گوءِ هو ميدان.... سيني کي گرفتار ڪري اسان جي حضور ۾ آندو وڃي.

شهزادو فتح جنگ، چار سؤ سوار ۽ ٻه پلٽڻيون ۽ چار توبون ساڻ ڪري عبدالله

خان اڇڪزئي ۽ امين الله خان لوگري وٽ ويو. ڪين عاقبت انديشيءَ جي آذار تي ڪيئي وعظ ۽ نصيحتون ڪيائين، پر مٿن خير ڪي اثر ٿيو.

جيستوڻيڪ ظاهري طرح شاهه شجاع انگريزن جي راضپي لاءِ ائين ڪري رهيو هو، پر اندران اندر مجاهدن سان مليل هو. انهن جي نمڪار ڪان پوءِ شهزادي ۽ سندن وچ ۾ وٽ ونان شروع ٿي. غازين سچو زور لائي شهزادي ڪي شڪست ڏني.

انهيءَ جنگ ۾ محمد شريف خان ضبط بيگي قتل ٿي ويو. شهزادو پاڻ به گهوڙي تي چڙهي وني ڀڳو ۽ بالاحصار جي قلعي ۾ وجي در بند ڪرائي ويٺو(١). شاهه شجاع کي خبر پئي ته ٻاهران ڏمريو ۽ انهيءَ جهيڙي جي آگ اجهائڻ لاءِ تورو گهڻو تاءُ ڏيکاري، ڪيئي تدبيرون ڪيائين. پر ڪامياب ٿي نه سگهيو. پڇاڙيءَ ۾ ميڪناٽن صاحب کي چٺي لکي موڪليائين ته ڪابل جي سردارن سنئون سڌو ڏڏڙ ۾ پير هٽي نافرماني واري آهي، هاڻ اسان ۽ توهان جي ڪابه ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه آهن. هي جهيڙو خود سرڪار ڪان به نبيريو نه ٿيندو. هنن کي ڪهڙي به حيلي فساد ڪان روڪڻ کپي، جا ڳالهه سرڪار جي اختيار ۾ آهي.

*

(١) شهزادو فتح جنگ، شاهه شجاع جو وڏو پٽ. وڌيڪ لاءِ ڏسو، ڪتاب ۾ موجود ابدالي حڪمرانن جو شجرو. مترجم.

## غازين طرفان قلعي تي وجي ميڪناٽن صاحب جي فوجن سان جنگ ڪرڻ:

شاهہ شجاع جي چئني، ميڪناٽن صاحب کي ملي تہ انهيءَ محل فوج کي تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنائين تہ سيئي پوريءَ طرح هٿيار سنيالي توبن کي قلعي جي برجن تي رکي شروعات ڪن. ٻاهر جيڪي فوجون هجن، تن کي بہ اندر آڻي قلعي جا در بند ڪري ڇڏجن، جيئن غازين جي قلعي تي چڙهائي ٿيڻ لڳي، تيئن توبون ڇوڙيون وڃن. ڪنهن بہ افغان کي قلعي جي ويجهو اچڻ نہ ڏنو وڃي.

عبدالله خان ۽ امين الله خان (غازين) جيئن ڏٺو تہ ميڪناٽن صاحب پاڻ قلعي اندر وڃي چڪو آهي ۽ توبون بہ قلعي جي برجن تي تيار آهن تہ هنن بہ قلعي ڏانهن قدم وڌايو. جنگ جي للڪار جو پڙاڏو پوندي، چئني طرفن کان پٺاڻ بهادر نچندا ڪڏندا نغارا ۽ طبل وڄائيندا، هنن غازين وٽ ايندا ويا. جڏهن سيئي اچي هيڪاندا ٿيا تہ مجاهد قلعي جي پرواري جبل تي چڙهيا ۽ ان جي چوٽيءَ مٿان محمدي علم اُڀو ڪيائون. سمورن غازين جي فوج ان جهنڊي جي هيٺان آئي تہ هڪ ٽي ڏڪ سان توبن جا ڌڌڪا لڳي ويا، جن جو منهن سڌو قلعي ڏانهن هو.

انگريزن غازين جي يلغار ڏسي پاڻ بہ پنهنجي فوج کي حڪم ڏنو- بس اشاري جي دير هئي. جنرل سيل فوجون اڳيان ڪري قلعي مان نڪتو ۽ جنگ جي ميدان ۾ اچي صفون درست ڪري جنگ جو حڪم ڏنائين. تراريون مياڻن مان نڪرنديون علم وانگي اڀيون ٿينديون ويون ۽ افغان غازين طرف جبل ڏانهن پيش قدمي ڪيائون. جڏهن انگريزن جون فوجون غازين جي نزديڪ آيون تہ هو گهوڙن تي لانگ ورائي فاتحہ پڙهي اگهاڙين تراربن سان چئن يارن جا نعرا هڻندا، جبل تان هيٺ لٿا ۽ دونهين وانگي جنگ جي باهہ ۾ پڙڪي اٿيا. دير نہ لڳي تہ انگريزن جي فوج جا هزارين بازو غازين جي تراربن ۾ ڪنجي سنجي مرندا ۽ ڪرندا ويا.

غازين جنگ ۾ جيڪا سورهيائي ڏيکاري تنهن جي ساراهہ لکڻ مشڪل ٿيندي. ٻئي پاسي انگريزن جي فوج بہ وڏي بهادريءَ سان ڇاتي تاڻي مهاڏو ڏيندي

رهي ۽ هن به ڪيترا غازي تراڙين جو بڪ ٻڌائي ڇڏيا: مطلب ته ٻنهي پر گهڻ ڪانه هئي.

آخرڪار غازين پوئتي موٽ ڪاڏي ۽ ڪوهستان جو پاسو وڃي ورتائون. انگريز انهيءَ سوڀ ڪان پوءِ شادمانا ڪندا، قلعي پر اچي رسيا. ٻئي ڏينهن جنگ جي تياري ٿيڻ لڳي ته عبدالله خان اچڪزئي ۽ امين الله خان لوگري سرڪاري گدام لٽڻ جي صلاح ڪئي ۽ لشڪر کي اوڏانهن هلڻ جو حڪم ڏنائون. هيءُ پهتا ته گدام جي چوڪيدارن جي ساڻن چڪري لڳي، بندوقن جي ڌڌڪن حشر برپا ڪري ڇڏيو. غازين به سينو ساهي هيڪاندو حملو ڪري ڏنو. گهڙي نه گذري ته انگريزن جي ڏر ڏيرڪي پئي ۽ گدام پر جيڪو اناج وغيره هو، سو غازين کٽي خوشيون ملهايون.

سردارن ان ڪان پوءِ (فتحمند ٿي) هڪ ٻئي قلعي ڏانهن رخ رکيو، جيڪو شاهي قلعي لڳ هو. اتي گدام جو سامان ٿانيڪو ڪري هڪيا تڪيا انگريزن جي قلعي ڏانهن بندوقن هٽڻ پر لڳي ويا. انگريزن هنن جي ايڏي جرئت ڏٺي ته پاڻ کي بنهه خطري اندر محسوس ڪيائون. جنرل سيل جيڪو وڏو داناءُ ۽ بهادر هو، ميڪناٽن صاحب وٽ وڃي ڪيس عرض ڪيائين ته جيڪڏهن حڪم ٿئي ته هنن سان جنگ جوٽي اهو قلعو به هٿ ڪيو وڃي. هن ها ڪئي ۽ هيءُ اوڏانهن وڌيو.

جنرل سيل قلعي تائين وڃي سردارن ڏانهن پيغام موڪليو ته اوهان قلعو خالي ڪري وڃو، نه ته اسان جنگ جي زور تي اهو فتح ڪنداسين. سردارن قلعي کي خالي ڪرڻ ناگوار سمجهي، اڳي ڪان وڌيڪ پير مضبوط ڪري ڪين هڪل ڪئي. انگريزن چئني پاسن ڪان قلعي کي گهيري پر آندو ۽ توبن جي گولن سان قلعي جي برجن کي تف ڪري ڇڏيائون. قلعي تي جڻ گولن جو مينهن وسڻ لڳو. سردارن مصلحت جي خيال ڪان پاڻ بچائڻ فرض سمجهي، همت ۽ جوانمرديءَ سان قلعي مان ڪسڪي ٻاهر آيا ۽ جبل ڏانهن وڃي نڪتا. انگريزن جي فوج قلعي پر داخل ٿي ويئي. هر ڪو جنرل سيل جي ڏاهپ ڏسي خوش ٿيو. ڪيس سرڪار پاران خلعت ڏڪائي ويئي. انهيءَ فتح ڪان پوءِ سرهائي مان سندن چهرا ٻهڪي رهيا هئا.

ان ڪان پوءِ پندرهن ڏينهن تائين انگريزي عملدار ۽ سندن فوج جا ماڻهو ڪابل پر آرام ڪري ٽڪ ٻيجڻ لڳا. هاڻ ڪنهن کي به غازين جو ڪو خوف خطرو ڪونه هو.

*

## عبدالله خان ۽ امين الله خان پاران پندرهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ڏهن هزارن غازين سان قلعي جي پير ۾ اچي مقابلو ڪرڻ ۽ عبدالله خان جو شهيد ٿيڻ:

انهيءَ جنگ کي پندرهن ڏينهن ٿيا تہ ان کان پوءِ عبدالله خان ۽ امين الله خان ڏهہ هزار جري سوارن جو جٿو وٺي، ميڪناٽن واري قلعي وٽ آيو ۽ هيٺاهينءَ ۾ مورچا تيار ڪرايائين. ٿورو ترسي وري هڪدم بندوقن سان قلعي تي وار ڪيا ويا.

جنرل سيل اها روداد ڏسي، ميڪناٽن کان اجازت ورتي ۽ رسالي جي سوارن سان قلعي کان ٻاهر آيو. پريان غازين کي بيٺل ڏٺائين! انهن جي انگريز فوج تي جو نظر پئي تہ تراريون هٿن ۾ ڪري چئن پارن جا نعرا هڻندا اچي مٿانس ٽٽا ۽ وار تي وار ڪندا ڪيس جهنم داخل ڪرڻ لڳا.

انگريز فوج جي سوارن جڏهن غازين جو غلبو ٿيندي ڏٺو تہ حياتيءَ تان هٿ ڌوئي، ڪين هر حالت ۾ غازين تي حملو ڪرڻو پيو. چڱي جهٽ اها ڏي وٺ هلندي رهي. انگريزي فوجن کي غازين جو توبون هٿ لڳيون ۽ ڪڳيون هٽڻ لڳا.

هن جنگ ۾ انگريزن جي تلنگانہ فوج جو گهڻو حصو غازين هٿان ضايع ٿي ويو. باقي جيڪي انگريزي فوج جي رسالي مان هندستاني فوجي هئا، تن دل ٻڌي ۽ جوانمرديءَ سان جنگ ڪئي ورتائون. جنرل سيل جي انهيءَ سورهيائي انگريزن جي فوج ۾ جڻ ساهہ وجهي ڇڏيو. هر ڪنهن کي حيثيت مطابق انعام ڏئي خوش ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڪي ڏينهن جنگ بند رهي.

ڪجهہ عرصو گذرڻ تي انگريزن کي ٻاهور پئي تہ غازين جو لشڪر ماهہ رو (ڪابل جي لڳ هڪ وسندي) وٽ اچي لٿو آهي. اها وسندي هڪ ڪوهہ پرتي جبل جي مٿاهينءَ تي هئي. ميڪناٽن صاحب اها خبر ٻڌي ڏکي ويو ۽ جنرل سيل کي چيائين: هن وقت غازين جتي اچي داٻو ڪيو آهي، اتيئي انهن کي جنگ ۾ شڪست ڏيڻ ڏکيو ڪم ٿيندو، تنهنڪري هوشياريءَ سان قدم کڻڻ گهرجي.

ساڳي وقت سوچي، پنج پلٽڻيون تلنگانہ جون ۽ ڪيترا هندستاني سوار رسالي

مان، جيڪو نئون تيار ٿيل هو، جنرل سيل جي حوالي ڪيائين. ان ڏينهن عبدالله خان ڪنهن ريت ڪابل شهر ۾ اچي چڪو هو. جنرل سيل جڏهن سموريءَ فوج سوڌو چوڪس ٿي اچي ماهروءَ واري وسنديءَ وٽ پهتو ته غازين، جيڪي اڳواٽ ئي تيار هئا، جنگ جو طوفان ڪڙو ڪيو. هڪدم توبون ڇوڙيون ويون، جن جو پري تائين پڙاڏو پکڙندو ويو. عبدالله خان جي ڪن تي جو اهو پڙلاءُ پيو ته دل ۾ چيائين: اڄ ته ڪا وڏي جنگ لڳل ٿي ڏسجي. جلدئي شمس الدين خان ڏانهن ويو، جو ڏاڍو آزمودگار هو ۽ زماني جون ڪيئي سرديون گرميون ڏٺيون هئائين، ان سان صلاح ڪندو رهيو.

هوڏانهن غازين بي جگريءَ سان جنگ ۾ ڀهرو ونڻ شروع ڪيو ۽ وڏي دليريءَ سان انگريزي فوج کي ٽوٽا ڇپرائيندا رهيا. اها قتل ۽ موت جي روح رلائيندڙ راند ٻن پهرن تائين جاري رهي، جنهن ۾ هزارين غازي شهيد ٿي پنهنجي خدا وٽ پهتا ۽ دنيا و مافيها جي غم کان آزاد ٿي ويا. ڪيترا ڦٽجي پيا ته ڪيترا وري اڌ مئا ٿي لتاڙ ۾ اچي پويان پساهه پورا ڪري ويا.

انگريزن جي فوج، جنهن بيدرديءَ ۽ بيباڪيءَ سان بهادريءَ جا ڪم ۽ ڪارناما ڪري ڏيکاريا، تن اهڙيءَ ريت جنگ جي ميدان کي لاشن سان پري رت جون نديون وهائي ڇڏيون.

غازين نيٺ دل هاري ميدان ڇڏيو ۽ عبدالله خان ڏانهن ڪابل ۾ نياپو موڪليائون ته انگريزن جي فوج ساري ڪري چڪي آهي، هاڻ اوهان جو اچڻ ضروري ٿيندو ته جيئن وڏيڪ ڪجهه ڪيو وڃي. عبدالله خان نياپو ملندي اٿيو ۽ شمس الدين خان کي پاڻ سان ڪنيائين. ٻئي گهوڙن تي سوار ٿي جنگ جي ميدان ۾ آيا. غازين هنن کي ڏٺو ته سندن حوصلا وڌيا ۽ وري جتان ڪٿان اچي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا. پلڪ ڇنڀڻ ۾ انگريزن مٿان ڪٽ ڪٽان لڳي ويئي ۽ سندن فوجي گهوڙن جي سنبن ۾ پامال ٿيندا ويا. سندن (غازين) تراريون وچ جيان چمڪاٽ ڪنديون وسڪارا لائينديون ٿي ويون.

انگريزن جي فوج جو هن جنگ ۾ جيڏو قتلام ٿيو، سو ڳڻپ کان ٻاهر هو. هنن جون سموريون توبون غازين جي ور چڙهي ويون. هر طرف کان غازي تراريون اُڀيون ڪري، الله اڪبر جا نعرا هڻڻ لڳا. انگريزن جي فوج انهن فلڪ شگاف (اپ ڏاريندڙ) نعرن کان هيسجي پويان پير ڪندي ٿي ويئي. منجهه تاهه ڪاڏل هرٽن وانگي پاڄڙ پئجي ويئي. پويان غازين ڀوڪڙ ڪري ڪين پٺي لللڪاريو، پڇو ڪيڏانهن پيا، اچو ميدان ملهايو منهن ڪاڙ! ليڪن انگريزن جڻ مقابلي کان ئي توبهه ڪري ڇڏي.

ميڪناٽن صاحب جڏهن پنهنجي فوج جي اها خواريءَ پري شڪست ڏٺي ته خار

۾ اچي وري هوشياري ڪري سموريون توبون گڏائي قلعي تي رڪرائي هڪ ئي ساهيءَ ۾ غازين ڏانهن سڌيون ڪرائي ڇوڙايائين.

انهيءَ زوردار حملي ۾ عبدالله خان اڇڪزئي زخمي ٿي پيو. ان سان گڏ انگريزن جي فوج بہ ميدان ڇڏي ويئي. عبدالله خان انهيءَ سوڀ جي سرهائي ۾ غازين سان گڏجي ڪابل شهر ۾ آيو. ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو هيءُ غازي مرد (عبدالله خان) زخمن جو تاب نہ سهي وجي ڏٿيءَ کي پرتو!(١)

انالله و انا اليہ راجعون

هيءُ خدا جو عجيب بندو هو، جو ايماني حميت ۽ اسلامي غيرت ۾ اچي الاهي رضا موجب بلند همتيءَ سان نصارن جي معرڪي ۾ لڙندي پنهنجي بهادريءَ جو مظاهرو ڪندي، ان جي راهہ ۾ ويندو رهيو! ۽ وجي جنت ۾ داخل ٿيو، جتي ٻين خدا جي پيارن سان گڏيو!

*

(١) عبدالله خان اڇڪزئي، ٻيبي ماهرو جي جنگ واري ميدان ۾ تاريخ ١٣-نومبر ١٨٤١ع (٢٧-رمضان ١٢٥٧هہ) ڌاري شهيد ٿيو. (ڏسو تعليق نمبر ٢١)

## سردار محمد اڪبر خان جو بخارا جي قيد مان ڇٽي ڪابل پهچڻ ۽ ميڪناٽن صاحب سان ملڻ ۽ ڪيس قتل ڪرڻ:

جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ امير دوست محمد خان بخارا ۾ جڏهن پنهنجي بهادر پٽ سردار محمد اڪبر خان سميت قيد ۾ هو تہ هڪ سوداگر جي مدد سان پاڻ ٻاهر نڪري آيو هو. تڏهن سردار محمد اڪبر خان کي بہ چيوسڪنائين تہ تون بہ مون سان گڏ نڪري هل، پر هن انڪار ڪيو هو.

ليڪن جڏهن امير دوست محمد خان لاچيتي جنگ کان پوءِ انگريزن سان صلح ڪيو تہ انگريزن مصلحت سبب ڪيس فوج جي تحويل ۾ هندستان ڏانهن ڏياري موڪليو. تنهن کان پوءِ سردارن انگريزن سان جنگ شروع ڪئي. انهن پنهي سببن جي ڪري بخارا جي عالمن بادشاهہ کي صلاح ڏني تہ هاڻ سردار محمد اڪبر خان کي قيد ۾ رکڻ ٺيڪ نہ ٿو سونهين. جن جي سفارش تي هن کي بخارا جي والي شاهہ نصرالله خان(١) قيد مان ٻاهر ڪڍيو، جو اتان روانو ٿي سڌو ڪابل هليو آيو. (٢) ڪانئس اڳ سندس ساٿي بہ هيڏانهن اچي ويا هئا، جن سان ملي خوش ٿيو.

اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ سردار محمد اڪبر خان ڪابل کان ڇهہ ست منزلون باميان جي قلعي ۾ اچي ترسيو، جنهن جي خبر پڌي ڪابل جي سردارن خوشيون ملهايون هيون. هنن ڪيس خط لکي موڪليو تہ بخارا مان اوهان جي آزاد ٿي اچڻ جو پڌي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، اسان بہ الله کان اهو پئي گهريو: شڪر خدا جو، جنهن جي مهر سان ياڳ پلارا ٿيا، هاڻ مرضيءَ موجب سيڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو! وڌيڪ لکيائون تہ: هن وقت انگريزن ۽ سردارن جي وچ ۾ جٽادار جنگ هلي رهي آهي. پر خداوند ڪريم جي مهر ۽ احمدي مدد سان انگريزن جي فوج ۾ ايترو دم

---

(١) بخارا جي بادشاهہ جو نالو شاهہ اميرنصرالله بن حيدر تورهہ پڌايو وڃي ٿو، جيڪو بخارا جي منغيتي بادشاهن مان هو، جنهن ١٢٤٢هہ (١٨٢٦ع) کان ١٢٧٧هہ (١٨٦٠ع) تائين حڪومت ڪئي. دول اسلاميہ ٤٣٩- طبع استنبول.

(٢) سردار محمد اڪبر خان شاهہ بخارا جي خانداني پير بتخاڪ عبدالشڪور جي چاچي جي سفارش تي قيد مان آزاد ٿيو هو. سراج، ١-١٦٥.

ڪونهي، جو اسان سان پوريءَ طرح پچي اچي. ان موقعي تي اوهان جو هتي اچڻ عين مناسب ٿيندو، ڇو ته اهوئي موقعو آهي جو امير دوست محمد خان جو بدلو چڪائي سگهجي ٿو. دشمن جا هونءَ به ڇيھه ڇڇي پيا آهن.

سردار محمد اڪبر خان کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ بنا ڪنهن دير جي باميان جي قلعي مان سوار ٿي ڪابل پهچي سردارن سان گڏيو. جيڪي ساڻس ملي حد کان وڌيڪ خوش ٿيا ۽ سڀني مڙني سڙي اچي وٽس پهتا. سڀني جي وات ۾ اهائي وائي هئي ته:

"ڀلي آئين جو تنهنجو اچڻ اسان لاءِ پلارو آهي،

تنهنجي هڪڙي قدم تان هزار جانيون صدقي!"

سردار محمد اڪبر خان جي اچڻ تي سردار ۽ سندن راڄ وارا ته خوش ٿيا، پر شاهه شجاع کي انهيءَ معاملي ڏاڍي مونجهاري ۾ آڻي ڇڏيو. کيس اڳ پوءِ جا ڇيندي ايڏو خوف اچي جاڳيو، جو ڪرڙي وانگي ڦٽڪڻ لڳو. هن کي انهيءَ فڪر تي ماريو ته هاڻ الاجي ڇا ٿيڻ وارو آهي! سردارن انگريزن جي ظلم ۽ زيادتين ڪان وني شاهه شجاع جي سازشن جي پيرائتي ڳالهه سردار محمد اڪبر خان سان ڪئي. جنهن کين هر قسم جي تسلي ڏني ۽ پوءِ پهريون ڪم اهو ڪيائين جو ميڪناٽن کي ملاقات لاءِ خط لکيائين ته آءٌ توڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايان ٿو. ميڪناٽن صاحب خط پڙهي، خوشيءَ مان چُور ٿي ويو ۽ جواب لکيائين ته: اسان ڪيتري مدت کان اوهان جي محبت ڀري ملاقات لاءِ منتظر هئاسين. ڏٺيءَ جا لک احسان جو اوهان بخارا جي قيد مان آزاد ٿي اچي هٿ پهتا آهيو، اها ڳالهه اسان جي لاءِ نهايت سرهائي واري آهي. انهيءَ خوشخبري تي جيڪڏهن جان گهورجي ته روا آهي، ڇو ته اها خوشخبري اسان جي جان جي لاءِ آسائش آهي. مون کي اوهان سان ملاقات جو ڏاڍو اشتياق آهي. هاڻ عرض هيءُ آهي ته اوهان اهڙو موقعو رکو، جنهن تي ملي کي ڳالهيون ڪجن. اميد ته اوهان اها عنايت ۽ نوازش ضرور فرمائيندا. آءٌ ته پاڻ اوهان وٽ اچڻ پئي گهريو. پر ڇا ڪجي جو ڪابل جي سردارن جي هن وقت جيڪا ڇڪتاڻ شروع ٿيل آهي، تنهن جي ڪري لاچار آهيان.

سردار محمد اڪبر خان اهو خط پڙهي مٿان جواب موڪليو ته: اوهان جو جيئڻ ته ڪابل ۾ اچڻ مشڪل آهي ۽ خطرو محسوس ٿا ڪريو ته ڪا ڳالهه ڪانهي. هن پاسي کان اسان بلڪل حاضر آهيون: اسان جي صلاح: بهتر صلاح اها آهي ته دوست جي اشاري تي ڊوڙندا ويندا آهيون. اوهان جيڪڏهن ڪابل جي قلعي ۽ شهر جي وچ

تي ڪا مناسب جاءِ مقرر ڪيو تہ اتي ملاقات جو موقعو رکجي منهنجي خيال ۾ ائين ئي بهتر ٿي سگهي ٿو.

ميڪناٽن صاحب کي اها صلاح وڻي ويئي ۽ هڪ جڳهہ ملاقات لاءِ مقرر ڪيائين. سردار محمد اڪبر خان پنهنجي معتبر ماڻهن سان ڪابل مان نڪري ساڳي هنڌ ساٿس ملڻ لاءِ آيو. ٻئي پاڪر پائي وڏي پيار ۽ محبت سان مليا.

خوش خير عافيت ڪان پوءِ، اڪيلائيءَ ۾ ڳالهيون شروع ڪيائون، جتي ڪو ٻيو شخص ٻنهي ڌرين مان موجود ڪونہ هو. سردار محمد اڪبر خان، ميڪناٽن صاحب کي چيو: هن ڪان پوءِ اوهان جو ڪابل ۾ رهڻ مناسب نہ ٿيندو، اها ڳالهہ هر حالت ۾ مصلحت ڪان دور ٿيندي- چڱو ائين ٿيندو تہ اوهان پنهنجي صاحب بهادرن (انگريزن) مان ڪنهن بہ هڪ کي اسان وٽ ڇڏي نڪري وڃو، جڏهن اسان جي والد (امير دوست محمد خان) کي اوهان جي قيد مان رهائي ڏني ويئي تہ اسان ان صاحب کي واپس ڪنداسون.

ميڪناٽن وراڻيو: ڏاڍو سنو! منهنجي ذهن ۾ پڻ اها تجويز هئي. ٻنهي ڄڻن مڙسن جون اهي ڳالهيون، جڏهن عام خاص ماڻهن تائين پهتيون تہ هرڪو خوش ٿي شڪرانا ڪرڻ لڳو. ساڳيءَ طرح انگريزن واري ڌر کي بہ اها رٿ ڏاڍي وڻي. انهيءَ سوچ سان تہ ٻيهر جنگ ۽ قتلام جو قصو دهرائڻ ۾ نہ ايندو.

ٻنهي (سردار محمد اڪبر خان ۽ ميڪناٽن صاحب) پاران عهدنامو لکي ڏنو ويو، جنهن ڪان پوءِ ٻئي هڪ ٻئي ڪان موڪلائي پنهنجي پنهنجي ماڳ تي آيا.

قضا الاهيءَ سان انهن ڏينهن ۾ ايڏي بارش ۽ برف اچي پئي، جو انگريزي سپاهہ، جنهن ڪڏهن خراسان جي برف باري ڪانہ ڏٺي هئي، سخت سرديءَ سبب ڏندڙجي ويئي. ٻئي پاسي گدامن ۾ جيڪي ڪجهہ هو، سو سينوارجي خراب ٿي ويو ۽ ڪيترو سامان لٽجي بہ چڪو هو، ان ڪري ساري فوج بک ۾ پاهہ ٿيڻ لڳي. فوج ۾ جيڪي مسلمان هئا، تن اُٺ ۽ ڍڳا ڪُهي انهن جي گوشت تي گذارو پئي ڪيو ۽ هندو فوجين ڪنهن چواڻي: ”رحو حلال، ٻوٽيون حرام“ سمجهي، اُبتي سوچ سان پنهنجي پيٽ جو آڙاهہ ٿي اُجهايو!

انهيءَ هاجيڪار حالت جي ڪري هندن، مسلمانن ۾ مذهب ۽ ملت جو ڪو بہ فرق نہ هو. هر ڪنهن کي بس نفسانفسي لڳي پئي هئي، ڪي تہ انهيءَ ڏڪار جهڙي عالم ۾ وڃي عالم ثاني ۾ داخل ٿيا. جيڪڏهن ان جو تفصيل لکڻ جي ڪجي تہ ڪيئي دفتر پرجي وڃن.

ڪانہ ڪئي، جهڙي تو شخص دوستيءَ ۾ ڪري ڏيکاري! هاڻي ائين ئي ٿيندو تہ اوهان ڪي مون سان گڏجي ڪابل هلڻو پوندو، جتي اوهان جي خاطرخواهہ خدمت سرانجام ڏيڻ ۾ ايندي.....

ميڪناٽن صاحب جو اهي اکر سردار محمد اڪبر خان جي واتان ائين تيز نموني ٻڌا تہ سندس هوش خطا ٿي ويا. انت حياتيءَ تان آسرو پلي، اتان هلڻ جي ڪيائين. من نہ من ائين ڪو وجهہ ملي پوي ۽ ڀڄڻ جي واهہ نڪري اچي.

سردار محمد اڪبر خان محسوس ڪيو تہ هيءُ هاڻ ڀڄڻ جا سانباهو پيو ڪري تہ سٽ ڏئي ڪٽي هٿ ڳنڍيائينس ۽ پاڻ ۾ ڀڪجي ويا. ٿوريءَ هڻ مار کان پوءِ سردار موصوف مياڻ مان ترار ڪڍي هڪ ئي ڌڪ سان سندس (ميڪناٽن) سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. ميڪناٽن سان جيڪي چار ماڻهو ساڻ هئا، تن اڳتي وڌي مقابلي ۾ منهن وڌو، جيڪي هڪ ٻئي پنيان قتل ٿيندا ويا ۽ وڏيڪ ٽي ڄڻا پيا بہ گرفتار ٿيا.

ميڪناٽن جي سسي ڌڙ سميت ڇتي ڪتي وانگي اتان ڪڍي ڪابل جي شهر ۾ آندي ويئي، جتي بازار جي چوڪ تي ان کي لڙڪايو ويو. انهيءَ شاندار ڪارنامي جي ڪري ڪابل توڙي ان جي آسپاس سردار محمد اڪبر خان "غازي" جي نالي جي وهہ واهہ ٿي ويئي. غازين کان علاوه هر خاص عام اتي اچي ميڪناٽن جي منڊي ۽ ڌڙ کي لڙڪيل ڏسي ٺڪون هڻڻ لڳو- جيڪي ٽي ڄڻا پيا گرفتار ٿيا هئا، تن مان سردار موصوف ٻن ڄڻن کي قتل جو حڪم ڏنو، ٽيون شخص جيئن تہ مسلمان هو، ان ڪري انهيءَ کي قيد ۾ وڌو ويو.

هن عظيم الشان فتح تي شادمانا شروع ٿي ويا. اهل اسلام جو جيڪو فرد هو، تنهن جي خوشيءَ جي ڪا حد ئي نہ هئي، سڀ ڪنهن سردار محمد اڪبر خان جي ڪارنامي کي ور ور ڪري ٿي ساراهيو!

انگريز، جيڪي پاڻ کي عقلمنديءَ ۾ سيڪنهن کان سرس ۽ افلاطون جو ثاني ڪري سمجهندا آهن ۽ سورهيائي جي سرسي ۾ سڀ کان يگانا لکائيندا آهن، تن جي خراسان/افغانستان جي سرويچ سردارن اڳيان پت وائڪي تي پئي ۽ گڏهہ وانگي مورڳو گپ جي تري ۾ وڃي پيا. هنن خراسان/افغانستان لاءِ جيڪي آسون، اميدون ڪيون هيون، اهي ائين ناڪام ٿي ويون ۽ هيءُ بنا ڪنهن حاصلات جي هٿئون پنهنجن جا سر وڃائي واپس ٿيا. سندن دل حسرتن ۾ ئي داغدار رهجي ويئي ۽ هنن جي زالن کي آخر ماتمي لباس نصيب ٿيو.

جيڪو بہ سچائي جي ساک ۽ وعده وفائي جي ڪسوٽيءَ تي پورو ۽ پڪو ثابت

ٽيندو آهي، تنهن جي عزت آبروءَ کي ڪوبہ جوکو نہ هوندو آهي.

جيڪڏهن صداقت جو موتي پڳ جو سينگار آهي،
تہ اهو سينگار نيبهہ رهي.
ڪنهن سان بدعهدي ڪرڻ چريائيءَ جي ڳالهہ
ٽيندي، جا ڪسي ڳالهہ آهي.
جيڪڏهن سچائي جي بهشت جو مزو ڪنهن کي
حياتي ۾ ماڻڻو آهي،
تہ ان کي ڪوڙ ڏانهن ڪڏهن بہ مائل
ڪين ٿيڻ گهرجي.

جيڪڏهن تون چاهين تہ سچ سان خلق کي پيارو لڳين تہ پوءِ هرويرو پيو تو ڪوڙ ۽ ڪچائيءَ جي ڏچي ۾ پوين؟

ميڪناٽن صاحب بهادر سردار محمد اڪبر خان سان جيڪڏهن عهدانجام موجب سنئون سڌو هلڻ جي ڪري ها تہ سندس حياتيءَ کي ڪوبہ جوکو نہ رسي ها، نہ وري سندس لاش کي نڌڪو ڪري شهر جي چوواٽي تي لڙڪايو وڃي ها.

سچ چيو اٿن تہ:

سچائيءَ ۾ ڇوٽڪارو آهي،
۽ ڪوڙ هلاڪيءَ جو ڪارڻ ٿئي ٿو.

*

## ميڪناٽن جي موت کان پوءِ مسٽر پاٽنجر جو سندس جاءِ تي مقرر ٿيڻ - سردار محمد اڪبر خان طرفان ساٿس لڪپڙهه هلائڻ ۽ کيس ڪابل مان ڪيئي غارت ڪرڻ:

سردار محمد اڪبر خان غازي، خداوند ڪريم جي مدد ۽ مهربانيءَ سان، ميڪناٽن کي هندستان جو عهدو ماٺڻ کان اڳ تمام خواري ۽ خجالت سان پنهنجي آبدار ترار جو بک بڻائي ڇڏيو تہ سرڪار نامدار مسٽر پاٽنجر کي ان جي جاءِ تي قائم مقام مقرر ڪيو. هن اچي پنهنجي گادي والاري ۽ سيني فوجي اختيارن سان اقتدار جي واڳ ورتائين، تہ هن بہ "اَنَ جو منهن جندَ ڏانهن" وانگي فوجي انتظام سنڀالڻ ۽ جنگ جوٽڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. ٻئي پاسي حالت اها هئي جو انگريزي فوجون، گهڙيءَ گهڙيءَ جنگ جي جوکم ۾ پئجي، ڏئي وٺي ويٺيون هيون. هنن تي خاص ڪري سردار محمد اڪبر خان جو ايڏو رعب ويهجي ويو هو، جو رڳو ان جي اچڻ جو هاواٺو ٻڌي هنيانءِ لاهي، حياتيءَ جو آهو لاهي ٿي ڇڏيائون. نوڪري ٿوڪري آهي، ان جي لاچار ڪان هر ڪنهن مري تري بہ مڙئي منهن پئي ڏنو.

سردار محمد اڪبر خان کي بہ اها خبر پئي تہ هاڻ وري هيءَ گدڙ رنگو... گدڙ جو ياءُ ٻڌجي پاڻ کي انگريزي فوج جو مالڪ ڄاڻي خام خيالي ۾ جنگ جي سنبت ۾ لڳو پيو آهي. کيس لکي موڪليائين تہ اوهان کي ڪابل ۾ رهڻ نہ گهرجي، ڇو تہ ڪابل ۾ رهي اوهان غازين جو مقابلو ڪري نہ سگهندا. سو ڄاڻي واڻي پاڻ کي موت جي منهن ۾ نہ ڏڪيو ان مان اوهان کي ڪجهہ بہ پلي نہ پوندو. سياڻپ جي صلاح اها آهي تہ اوهان کي راهہ خرچ لاءِ جيڪي سامان وغيره ڪپي، سو ٻڌايو تہ اسان پاران پهچايو وڃي، باقي هت رهي هيئن ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ مان هيلتائين جيڪي ٻين کي وريو، سو ئي اوهان کي ورندو!

انهيءَ لکڻ مان سردار محمد اڪبر خان جو اهو مقصد هو تہ انگريز هر حالت ۾ ڪابل جي ڇانوڻي خالي ڪري وڃن، جيئن انهن کي واٽ تي پهچي جيئرو گرفتار ڪرڻ ۾ اچي.

پاٽنجر صاحب، سردار محمد اڪبر خان جو پرزو پڙهي، ڪجهہ سوچڻ کان سواءِ فوج کي ڪابل مان ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ٻئي ڏينهن سج اڀرڻ کان اڳ ڇانوڻي ڇڏي، لشڪر سميت چوڏاري وائڙن وانگي لوٽا هڻندو اڳتي وڌيو. ڪيس الاهي قضا جي ڪل ڪانہ هئي، تہ ڇا ٿيندو. ويتر اهو ٿيو جو ان ڏينهن ايتري برف پوڻ لڳي جو هڪ گز (هٿ) تائين زمين پورجي وئي.

انهيءَ آسماني آفت کان انگريزي فوج جو پنڌ ڏاڍو اٽائو ٿي پيو، جو ڪو پيچرو ئي نظر نٿي آيو. هر ڪو سرديءَ کان ڪنبيو پئي. سردار محمد اڪبر خان جيڪو موقعي جي تاڙ ۾ هو، پنهنجي لشڪر سان اچي هنن جي مٿان نڪاءُ ڪيو ۽ سندن رستو روڪي، ساڻن جنگ ڪرڻ لڳو. جنرل سيل اندر سڙندي اتي چئي ڏنو: هن وقت ڪابل جا اهي سردار ڪٿي آهن، جيڪي انگريز سرڪار جا خيرخواهہ ۽ نمڪ خوار هئا؟ گهرايو انهن کي تہ اچي هن مصيبت ۾ اسان جو ساٿ ڏين، برفباري مان اسان کي پار ڪري، اسان جي مال ملڪيت جا نگهبان ٿين!

صاحب موصوف (پاٽنجر) وراڻيو: ڪابل جا سيئي سردار هن مهل اسان جي جان جا دشمن ٿي چڪا آهن. هاڻ، انهن نمڪ حرامن کي سارڻ مان ڇا فائدو؟ جنرل سيل اهو جواب ٻڌي نهايت تندي سان پنهنجي ليکي پڇرندو رهيو.

سردار محمد اڪبر خان پنهنجي غازين کي افغاني زبان ۾ هڪل ڪئي: وارو ڪريو، هيءُ وقت آهي، مڙسي ڪري سيني انگريزن کي جيئرو گرفتار ڪري ڇڏيو.

غازين حڪم ملندي، همت ڪري بهادري ۽ دلاوري سان انگريزن جي لشڪر ۾ ٽوٽي ٽپائي ڏني. پڇاڙيءَ ڳالهہ وڃي اتي پهتي جو پاٽنجر صاحب ۽ ٻيا سپ ستر ڇٽا، انگريزن جي ڇهن عورتن (ميم صاحبن) سميت، زنده گرفتار ٿيا ۽ جنرل اتان فرار ٿي ويو.

غازين پوري جان فشانيءَ سان ڌڪن جا ڌڪ سهندي، انگريزن جون ڪنڌيون ڪٽي ڇڏيون. هوڏانهن انگريزن جي فوج بہ حياتي جو آسرو لاهي، چڳيون چڪريون ڏيندي رهي.

انهيءَ مقابلي هلندي وري اچي برفباري شروع ٿي. غازين کي تہ برف جي ڪا پرواهہ نہ هئي، هو اهڙي ماحول جا اصل کان هيراڪ هئا، پر انگريزن جي فوج جي صفا چٽهہ نڪري وئي جو انهن کي اڳي اهڙي ڪا مصيبت پيش نہ آئي هئي. فوج مان ڪيترا سرديءَ جي سختي کان مري ويا، جيڪي بچيا، اهي بہ اهڙا نستا ۽ ساٽا ٿي پيا جو جڻ منجهن ساهہ ئي باقي ڪونہ رهيو. تڏهن بہ ٽڙي ٽاٽڙي ڏاڍي اٽاوت سان وڃي، خورد ڪابل(۱) جي وستيءَ ۾ ساهي پٽيائون. پر اتي ڪين ڪاڏي پيتي لاءِ ڪجهہ بہ

(۱) اها وستي ڪابل جي اوپر ۾ ڏهن ميلن تي آهي. انگريزن جو لشڪر هتي ٦-جنوري ١٨٤٢ع تي پهتو هو.

نصيب نہ ٿيو، ڇو تہ اڳ ۾ ئي ڪاري وارا ڪڪ لڳا پيا هئا.

ٻئي ڏينهن سج ڪني ڪيڏي تہ سردار محمد اڪبر خان، جنرل سيل ڪي اتي پيغام ڏياري موڪليو: انگريزن جي ننڍن وڏن مان سڀ اچي اسان وٽ قيد ٿي چڪا آهن. اوهان بہ هن پيغام پهچڻ شرط هتي پهچي وڃو. جنرل سيل رهي کهي اٽالي سان اتان نڪتو. رستو اهڙو تہ اهنجو ۽ اٽاٺو هو، جو هنن کي ڪابہ سنوت ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي آئي، نہ وري ڪنهن جي پيٽ ۾ کو ان جو داڻو بہ هو. انهيءَ بک ڏک ۽ اُڃ وگهي لشڪر جو گهڻو حصو تباهہ ٿي ويو. بيا ٿيڙ ڪائيندا وڏن ٿاہن ڪان پوءِ تيزين(١) تائين آيا.

جنرل سيل اتان ترار ڇيلهہ مان ڇوڙي سردار محمد اڪبر خان ڏانهن اماڻي امان گهري. موٽ ۾ سردار موصوف اها ترار ڏانهنس موڪليندي کيس چوايو تہ: اوهان اڄ اتي ترسو تہ پاڻ ۾ ملاقات ٿيندي. اهو ٻڌي جنرل سيل کي اچي ڳاراٽي ورايو، سوچيائين تہ متان ڪٿي ڪا مصيبت نازل نہ ٿئي، سو جلدي اتان نڪري روانو ٿيو.

سردار محمد اڪبر خان سندس ائين بَر منهن ڪرڻ جو ٻڌي يڪدم سندس پويان نڪتو ۽ مٿس وڃي ڪڙڪيو. پوءِ تہ غازين ڪٽي تراريون اپيون ڪيون. جنگ لڳڻي هئي، سا لڳي ويئي، پر هيءَ جنگ اهڙي سخت ثابت ٿي جو انگريزن جي فوج، جيڪا اڳيئي ٿڪل ٽٽل، ۽ اڄ بک ۾ مرٽينگ ٿي چڪي هئي، گهڙي پل ۾ ڀڳيا ڀڳيا ٿي ويئي. جنرل سيل کي هاڻ جڏهن ڪوبہ آسرو نہ رهيو تہ پنهنجي سر بچاءَ لاءِ اڪيلي سر فوج مان نڪري سردار محمد اڪبر خان جو اچي سلام پريائين. سردار ڪوبہ لحاظ نہ ڪندي کيس گرفتار ڪيو.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ چاليهہ هزار انگريزي فوج ڪابل ۾ موجود هئي، جنهن مان ڪيترا گرفتار ٿي ويا ۽ ڪيئي پنهنجا هٿ پير وڍائي ڪابل ۾ رهجي ويا. باقي سڀ غازين جي تراين سان جنگ جو ڪاچ ٿي ويا. خراسان/افغانستان جي فتح اهڙي سٽائي ڪانہ هئي، جيئن انگريزن کي دل ۾ وهم وينل هو.

هِن ڪُن ۾ ڪيئي ٻيڙيون ٻُڏي ويون،
جنهن جو ڪو تختو ڪنڌيءَ سان ڪونہ لڳو.

سردار محمد اڪبر خان فتح جا نغارا وڄائيندو ڪابل ۾ آيو، ۽ سڄو انتظام سنڀالڻ لڳو.

*

---

(١) هتي انگريزن جي فوج ١٣-جنوري ١٨٤٢ع تائين تباهہ ٿي هئي.

قلعي ڪان ٻاهر اچو. اسان يقين ٿا ڏياريون ته اوهان کي امن سلامتيءَ سان هندستان اُماڻي ڇڏينداسين، جيڪڏهن نه ته پوءِ قلعي کي ڪاٽ هڻي جتان ڪٿان اُڏايو ويندو.

ڪرنل جواب ڏنو: اوهان هڪ چٺي جلال آباد جنرل پالڪ صاحب ڏانهن موڪلي ڏيو، ان جي جواب اچڻ تائين جنگ بند ٿيڻ کپي، ان جي عيوض اوهان کي جيڪي گهرجي اسان ڏينداسين.

غازين، ڏهه هزار روپيا ڪرنل کان ورتا ۽ پنهنجي ڪم آندائون، ان کان پوءِ ڪانئس چٺي وٺي ڪابل جي سردارن ڏانهن موڪليائون، جيئن اهي جلال آباد پهچائين.

شمس الدين خان برفباري جي ڪري ٻيو ڪو چارو نه ڏسي واٽ تي ترسي پيو، ڇو ته ان حالت ۾ هن جو غزني ڏانهن اچڻ مشڪل هو. هيڏانهن غازين به سندس پهچڻ تائين جنگ بند ڪري ڇڏي.

جيئن برفباري بند ٿي ته شمس الدين خان جوه (١) ۾ اتان نڪري غزني ۾ آيو، جنهن تي غازين ۾ سرهائي اچي ويئي. سڀني ڪيس پنهنجو سپهه سالار چُني، سڀئي اختيار سندس حوالي ڪيا: انهن لفظن سان ته هاڻ سيڪجهه اوهان جي مرضي مبارڪ تي ڇڏيل آهي، اوهان کي وڻي ته انگريزن سان جنگ جوٽيو يا ساڻن صلح ڪريو، اسان اوهان جي حڪم جا تابع ٿي رهنداسين.

شمس الدين خان هنن کي تسلي ڏياري ۽ کي ڏينهن آرام ڪيائين. ڪرنل صاحب جڏهن سندس اچڻ جو ٻڌو ته ڏاڍو ڊنو، ڇاڪاڻ ته گدام سارو خالي ٿي چڪو هو ۽ حالت وڃي انهيءَ حد تائين پهتي، جو ماڻهن گهوڙا کهي ٿي کاڌا ۽ برف کي رڃائي پاڻي ڪري ٿي پيتائون. شمس الدين هن ڏانهن نياپو موڪليو ته شاهه شجاع اوهان جي نالي خط لکيو آهي ته اوهان سموريءَ فوج کي پاڻ سان وٺي هندستان روانا ٿيو. هن (ڪرنل) شمس الدين خان کان خط جي گهر ڪئي، پر وٽس خط ڪونه هو، ان ڪري مڙئي ٽارٽور ڪيائين ۽ ڪابل جي سردارن ڏانهن لکيائين ته شاهه شجاع کان اهڙو خط لکرائي موڪلين ۽ اهو به ڪيس ٻڌائين ته جيڪڏهن خط نه لکي ڏنو ويو ته ڏاڍي خرابي ٿيندي.

(١) جود : جلد- فارسي لفظ زود جو بگڙيل روپ.

سردارن شاهہ شجاع کي وچي چيو تہ اوهان انگريزن ڏانهن خط لکي ڏيو تہ هو غزني مان نڪري هندستان هليا وڃن. شاهہ شجاع جي اهڙي مرضي تہ ڪانہ هئي، پر سر جي خوف کان سردارن جي چوڻ تي انگريزن ڏانهن خط لکي ڏنائين.

اها سچي ڳڻ ڳوت شمس الدين خان صرف ان لاءِ ڪئي هئي تہ جيئن انگريزن کي رواني ٿيڻ کان پوءِ گس ۾ ئي جهلي گرفتار ڪيو وڃي، ۽ وٽن جيڪي مال خزانو هجي سو پنهنجي قبضي ڪجي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ سردارن وٽان شاهہ شجاع وارو لکرايل خط بہ اچي شمس الدين خان کي مليو، جيڪو هن بنا دير جي ڪرنل صاحب کي ڏياري موڪليو.

هن جيئن شاهہ شجاع جو خط پڙهيو تہ کيس حيرت وٺي ويئي، ۽ ڏاڍو ششدر ٿيو. کيس يقين ئي نہ هو تہ واقعي شاهہ شجاع اهڙو خط لکي سگهي ٿو. نيٺ هو مجبور ٿيو ۽ بادشاهہ سلامت (شاهہ شجاع) جي حڪم کي مان ڏيندي ٿي لک رپيا روڪ ۽ بيو سامان، جيڪو قلعي اندر موجود هو، شمس الدين خان ڏانهن موڪلي پاڻ فوج سميت قلعي کان ٻاهر آيو. پوءِ فوج مان هر هڪ کي ست رپيا راهہ خرچ جا ڏئي، هلڻ جي تياري ڪيائين. ان کان پوءِ شمس الدين خان قلعي ۾ ڪاهي پيو، اتي جيڪو خزانو ۽ بارود وغيره هو، پنهنجي قبضي ڪري غازين کي حڪم ڏنائين تہ اوهان مان ڪوبہ شخص هاڻ قلعي ۾ نہ اچي.

غازين اهو حڪم ٻڌو تہ هيءُ (شمس الدين خان) سڀ ڪجهہ پاڻ ڏي سوري اسان کي ڪاري پائي کان سڪائي رهيو آهي تہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري انگريزن جي فوج سان وڃي اٽڪيا ۽ ان جي ستياناس ڪري ڇڏيائون. وٽن جيڪي مال متاع هو، اهو سندن هٿان غارت ٿيو ۽ فوج مان ڪي ماڻهو زنده گرفتار ڪري وڌائون، جن کان مزدوري جو ڪم وٺڻ لڳا. انگريزن جا اهي جمعدار ۽ رسالدار، جيڪي هن واقعي کان اڳ پنهنجي فوج سان هئا ۽ ڪنهن سان سنئون منهن ڏئي نٿي ڳالهايائون نہ وري ڪنهن کي سلام جو جواب ڏيڻ گوارا ٿي ڪيائون، انهن جي آڪڙ ڍري ٿي پئي ۽ گهوڙن جا ٺانهہ صفا ڪندا ٿي رهيا. خراسان/افغانستان جي غازين بيشڪ ڪمال ڪري ڏيکاريو.

مقابلو هلندي ڪي انگريز ميدان مان ڀڄي شمس الدين خان وٽ پناهي ٿيا تہ ڪي هيڏانهن هوڏانهن دربدر پئي ٿيا. انهن مان هڪ صاحب پنهنجي ميم صاحبہ

سميت غازين کي هٿ آيو، ان کي هنن ڏاڍي بيدردي سان اهنجن عذابن ڏيڻ کان پوءِ قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ڪين ڳاريون ڏئي چوندا رهيا: اجهي وٺو غزني جا چشڪيدار انگور.... شمس الدين خان وٽ جيڪي انگريز اچي پناهي ٿيا هئا، تن کي هن قيد ڪري ڇڏيو هو.

هن جنهن سياسي چال، سورهيائي ۽ اورچائي سان جنگ ۾ انگريزن جي چيلهه ڇبي ڪري مٿن فتح پاتي، تنهن تي ڳاٽ اپو ڪري ڏاڍو سرهو پئي ٿيو.

پڇاڙيءَ ۾ ڪابل جي سردارن ڏانهن جنگ جو تفصيل لکي موڪليائين ته: غزني واري لڙائيءَ ۾ انگريزن جون ٻه پلٽنيون، چار رسالا ترڪ سوارن جا ۽ ٻارهن صاحبلوڪ (انگريز بهادر) جيئرا گرفتار ڪيا ويا آهن، باقي سڀئي غازين جي ترارين سان پورا ٿي ويا. شمس الدين خان انهيءَ فتح نامي لکي موڪلڻ کان پوءِ غزني جي قلعي ۾ سوڀ جا نغارا وڄارائي، غازين ۽ رعايا جي ماٺهن جي سار سنڀال ۾ لڳي ويو.

*

## (٧٥)

## سردار محمد اڪبر خان جو جلال آباد اُسھڻ، اتي پھچي انگريزن کي گھيري ۾ آڻڻ ۽ شاھہ شجاع جو پنھنجي نالي پيائي شجاع الدولہ ھٿان قتل ٿي وڃڻ:

ڪابل جي سردارن اھڙيءَ ريت ڪابل ۽ غزنيءَ کي انگريزي فوجن جي ڪڪن ڪانن کي ٻھاري ميدان صاف ڪيو، جو انھن مان ڪوبہ ھڪڙو اتي نہ رھيو. انھيءَ سوڀ ڪان پوءِ سردار محمد اڪبر خان غازي، ڇھہ ھزار جري بھادرن جو لشڪر ساڻ ڪري انگريزن جي سيڪت لاءِ ڪابل مان جلال آباد ڏانھن روانو ٿيو. ويندي ويل ھيو سڄو لشڪر واٽ تي رھائي، صرف پنج سو ھٿياربند سوار (جيڪي جنگ جي محفل واري شمع جا پروانا ٿي لڳا) ساڻ ڪري تيزيءَ سان جلال آباد ۾ پھتو ۽ انگريزن جي فوج کي چئني پاسن کان گھيري ۾ ورتائين. پوءِ سڄي علائقي ۾ اھو پڙھو (منادي) گھمايائين تہ جيڪي بہ سچا مسلمان ھتي جا رھاڪو آھن، سي قرآن حڪيم جي فرمان خدا جي راھہ ۾ پنھنجي جان ۽ مال سوڌا جھاد ڪريو موجب اچي اسان سان شامل ٿين تہ نصارن سان منھن ڏنو وڃي.

انھيءَ پڙھي جي اثر کان ھزارين ايماندار ۽ جان نثار جوان نعرا ھڻندا، نڪري آيا ۽ سردار محمد اڪبر خان جو پاسو ورتائون. سردار محمد اڪبر خان پنھنجي دل ۾ اھا سٽي ھئي تہ جھڙيءَ ريت ھن کان اڳ ڪابل واري جنگ پيري انگريزن کي جيئرو گرفتار ڪري سندن مال ملڪيت ھٿ ڪري چڪا ھئا سين، تھڙي نموني ۽ ساڳي حڪمت عمليءَ سان ھتي جلال آباد ۾ بہ انگريزن کي ھٿ ڪري، ان جي عوض امير دوست محمد خان کي انگريزن جي قيد مان آزاد ڪرائجي. انھيءَ نيت سان سردار محمد اڪبر خان بہ مھينا جلال آباد ۾ ترسيو ھو ۽ قلعي جي چوڌاري ڪاٽ لڳرائي تيار ٿيو تہ مٿان انگريزن جي فوجي ڪمڪ ھندوستان مان اچي پشاور پھچي ويئي.

سردار محمد اڪبر خان اھا صورتحال جو ڏٺي تہ ساري حقيقت ڪابل جي سردارن- محمد زمان خان ۽ امين الله خان لوگريءَ ڏانھن لکي موڪليائين ۽ ڪين ستوھہ پريائين تہ انگريزن جي فوج انگريزن جي مدد لاءِ پشاور اچي چڪي آھي، سو

توهان بہ ٻين حيلن وسيلن سان گڏ اها اٽڪل ڪريو جو شاهہ شجاع کي شاهي تخت تي ويهاري، ڪيس اسلامي بادشاهہ جي لقب سان سرفراز ڪري، (انين چٽ ڏني) ڪانئس ڪم ڪيو! ۽ ڪيس گذارش ڪريو تہ اڄ غزا جو ڏينهن آهي، اوهان خدا جي توڪل تي سندرو ٻڌي محمدي غزا لاءِ تيار ٿيو ۽ سڄي لشڪر سان جلال آباد ڏانهن وک وڌايو!

شاهہ شجاع ان وقت اهڙي ڪيفيت ۾ هو، جو جڏهن شهزادي فتح جنگ غازين سان جنگ ۾ شڪست کاڌي هئي، تڏهن کان بالاحصار جي قلعي ۾ صبر جو دامن جهلي اهڙي خاموشي اختيار ڪئي هئائين، جو ڪابل جي سردارن مان ڪنهن ڏانهن بہ اک کڻي نہ نهاريائين، نہ وري ڪنهن ٻي مسئلي ڏانهن ڪو ڌيان هيس.

ڪابل جي سردارن، سردار محمد اڪبر خان جو خط کڻي وجي، قلعي جو در کڙڪايو ۽ شاهہ شجاع وٽ پهچي ڪيس ادب سان عرض ڪيائون تہ ”خدا جا شڪرانا ڪهڙا ادا ڪري ڪهڙا ڪجن، جو هن وقت اسلام جو سڄ مسلماني جي آسمان تي روشني پکيڙي مؤمنن، مسلمانن جون دليون نور سان پُر ڪندو پيو وڃي. اهو سڀ ان برڪت جي ڪري آهي جو اولياءِ دوات (شاهہ شجاع) پنهنجي سر اهو اسلامي تخت والارڻ وارو آهي. اوهان جي مهابي ئي ڪفر جي اونداهي دفع ٿيندي ۽ محمدي دين جي آفتاب عالم تاب جي روشني وڌندي. اسان پڻ اهوئي تا چاهيون ۽ اسان جيئن تہ اوائل کان اوهان جهڙي بادشاهہ جا ٻڌا ٻانها آهيون ۽ حڪم جا تابعدار رهندا تا اچون، اوهان جي حڪم جي انحرافي ڪنهن بہ صورت ۾ جائز نٿا سمجهون، اوهان جو حڪم ۽ اسان جو ان جي پيروي ۾ ڊوڙڻ!

شاهہ شجاع هنن جون اهي ڳالهيون ٻڌي ها ۽ نہ سان گوهيون ڪائيندو رهيو. آخرڪار صاف جواب ڏيڻ بدران ڪين ٻئي موقعي لاءِ ڇڏيائين- اهو ان ڪري جو ڪابل جي انهن سردارن جو امير دوست محمد خان سان لاڳاپو هو ۽ سرڪار سان بہ سدائين دشمني رکندا ٿي آيا. سياڻي مٿان ڪٿي انين نہ ٿئي جو ڪيس (شاهہ شجاع) بہ دوستيءَ جي وکڙ ۾ بادشاهي تان هٿ کڻائي ڇڏين. انهيءَ سان گڏ پاڻ اها سوچ بہ ڪيائين تہ ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي ڪو اهڙو موقعو بہ اچي جو انگريز وري خراسان/ افغانستان فتح ڪري ونن، ۽ پوءِ پنهنجو حال اهو ٿئي جو هڪ پاسي توڙون تڙيل تہ ٻئي پاسي کان نِرهہ ٿي ويل- ٿي پنجي.

اهڙا وسوسا ڪندي، پنهنجي ليکي ٻڌندو ترندو وٽ ڪائيندو ٿي رهيو ۽ انهيءَ خفي جي ڪري سردارن جي ملاقات کان بہ لهرائيندو، لنوائيندو ٿي آيو. حالانڪ تن

ڏينهن ۾ هن وٽ ڏهه هزار فوج، ٻارهن توبون ۽ بي شمار بارود وغيره جنگي سامان طور موجود هو. ليڪن جڏهن اهو ڏٺائين ته غازي هر طرف کان ايماني ڪارناما ڪندا پيا وڃن ۽ هر هنڌ سندن سوڀ جا نغارا وڄندا ٿا رهن، ته ڪجهه سوچيندي ڪابل جي سردارن سان صلاح مشوري لاءِ آتو ٿيو. آخر هنن کي گهرائي سندن مرضيءَ موجب ساڻن رضامند ٿي شهزادن ۽ لشڪر سميت جلال آباد هلڻ جي هام هنيائين.

تياريءَ کان اڳ حرم محترم کي حفاظت سان بالاحصار جي قلعي ۾ رهائڻ جو بندوبست ڪيائين ۽ سردارن جي دل وٺڻ لاءِ ٻه ٽي لک رپيا روڪ، دوشالن جا ٿان ڪٽي ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ هر هڪ کي پنهنجي مان مرتبي مطابق خلعت ڏڪايائين.

هن خاص ڪري امين الله خان لوگري کي پيارو ٿي گهريو. اهو ڇڻ کي سندس مقرب ۽ محرم هو ۽ ٻيا جهڙوڪ: محمد زمان خان وغيره جن جو امير دوست محمد خان سان قريبي تعلق هو، کيس اهڙا پسند ڪونه هئا. تنهنڪري انهن تي خلعت وغيره جي ڪا نوازش ڪانه ٿي، اتلندو انهن کي پنهنجي نظرن کان ڪيرائڻ جي ڪندو رهيو؛ حالانڪ محمد زمان خان وڏي مان مرتبي وارو هو ۽ سندس پٽ به ڏاڍا بهادر هئا. امين الله خان ته سردار محمد اڪبر خان سان گڏ محمد زمان خان جي ملازمن ۽ تابعدارن مان هو- خير!

امين الله خان جي اها ويجهائي، جيڪا شاهه شجاع سان هئي، محمد زمان خان کي به ڏکي لڳندي هئي. شاهه شجاع کي به ائين لائق نه هو. هن جتي ٻين سردارن کي عزت ڏئي خلعتون ڏڪايون، اتي جيڪڏهن محمد زمان خان ۽ سندس پٽن تي به اها عنايت ڪري ها ته ڪهڙي ڪا گهٽتائي ٿي پوي ها- ائين ڪرڻ سان ڪنهن به قسم جي رنجش يا جهڳڙي جو ڪو سبب نه پيدا ٿئي ها، نه وري ڪنهن اندروني سازش جو ڪو امڪان! ليڪن قضا هئي، جنهن مڙئي پنهنجا ڪم پئي ڪيا.

شاهه شجاع جو قاعدو هو ته لشڪر سوڏو جتي به منزل تي ڪيائين ته سارو ڏينهن سپاهه سان گذاري، رات جو اڪيلي سر پنهنجي ڏوليءَ ۾ چڙهي جاءِ تي وڃي آرامي ٿيندو هو. ڪابل ۾ به هن جو اهو دستور هو. شاهه شجاع دل ۾ اها رٿي هئي ته جلال آباد وڃي انگريزن کي راضي ڪري هندستان اُماڻيو ويندو. انهي ۾ جيڪا به مصلحت جي تقاضا هوندي سا هر حالت ۾ پوري ڪئي ويندي.

هيڏانهن انهيءَ فڪر ۾ هو ته محمد زمان خان ۽ سندس پٽ هن جي بي مهري ۽ بي مروتي کان سخت ڪروڌ ۾ رهندا ٿي آيا، خاص ڪري سندس پٽ شجاع الدوله کي ڏاڍي منيان ٿي لڳي، ڇڻ شاهه شجاع کان ماڳهين ڪرڀ ٿي آيس. چون ٿا ته شجاع

الدولہ جڏهن ديري غازي خان ۾ چانو هو تہ خود شاھہ شجاع پنهنجي زبان سان مٿس اهو نالو رکيو هو، جو سندس نالي سان ملي ٿي آيو.

بهرحال شجاع الدولہ، شاھہ شجاع جي تنگ نظريءَ سبب ڪڏهن آپي کان نڪري ٿي ويو ۽ پيءُ کي چوڻ ٿي لڳو: شاھہ شجاع، امين الله خان لوگريءَ کي، جيڪو اسان جي چاڪرن مان هو، توڙي ٻين اميرن کي، جي بہ اسان جي مٽ ڪين هئا، خلعتن سان مانائتو ڪيو ۽ ڪين وڏ ۾ وڏ عزت آبرو ڏنائين- باقي اسان جيڪي ايڏي جان فشاني ۽ خيرخواهي ڪندا تا رهون، ڪھڙي چوري ڪئي جو هروڀرو ائين رهجي ويا سين. اسان جي ٽڪي جيتري عزت بہ ڪانہ ڪئي ويئي! جيڪڏهن مون کي بہ وارو مليو تہ شاھہ شجاع کي ڏکئي هڪڙو هٿي تڏي تي حياتيءَ کان نرھہ ڪري ڇڏيندس.

محمد زمان خان گھڻوئي کيس سمجھائيندو رهيو، تہ بابا هن وقت اسان سڀ انگريزن جي اري ۾ ڦاٿل آهيون، اهڙيون ڳالهيون سوچڻ ڪا عقلمندي ناهي. ليڪن هو آٽ تان لٿو ئي ڪين ٿي. ٻئي ڏينهن تي صبح ٿيندي ئي شاھہ شجاع قلعي مان نڪري لشڪر ڏانهن رخ رکيو- انهيءَ وچ ۾ شجاع الدولہ پندرهن بندوقچي ساڻ وٺي گھٽ تاڙي لڪي ويهي رهيو، ۽ شاھہ شجاع جي سواريءَ جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو. جيئن سواري ويجهي آئي اُمالڪ شاھہ شجاع تي بندوقون ڇوڙيون ويون ۽ هڪ ٻن ڏڪن سان اتيئي ڪنل ڪڪڙ وانگي ڦٿڪي پساھہ پورا ڪيائين- اهو لقاءُ ڏسي ڏولي بردار ۽ شاهي سوار ڇرڪيل گھوڙن وانگي پُڇ ڪڻي پوزيون هڻندا ياڄڙ ۾ پئجي ويا.

شجاع الدولہ، انهيءَ سورهيائيءَ کان پوءِ هير دل تي پوئتي هٽڻ بدران ويتر سورهيہ ٿي مچريل هاٿيءَ وانگر وڃي، شاھہ شجاع جي مٿان پھتو ۽ مٿس ترار جا وار ڪندي ڏند ڪرٽيندي چيائين: ڏي ها ڏي- امين الله خان کي خلعت!! شاھہ شجاع جو روح تہ ان کان اڳ ئي پرواز ڪري چڪو هو، پر شجاع الدولہ بہ ائين ڪري پنهنجي اها حسرت پوري ڪئي، جيڪا هيستائين ساھہ سان لڳل هيس. شجاع الدولہ اتي جو اتي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي (پلا اهڙي سورهيہ ۽ جوانمرد جو ڪير تي نالو وٺي سگھيو جنهن هيڏي همت ۽ جرئت سان شاھہ شجاع يعني خود بادشاھہ جو ڪلئي عام سر ميدان ۾ سر ڪٽي ڇڏيو!) شاھہ شجاع جا سڀ زيور، جواهر، پوشاڪ، سونو ڪمربند ۽ سوني بار بند واري ترار- جن مڙني جي قيمت ڏهن لکن تائين هئي، لاش تان لاهي

پاڻ سان ڪنيائين ۽ لاش، جيڪو ڪڏهن پٽ پٿيهر ۽ بخمل تي پرورش پائي چڪو هو، تنهن کي تنگ ڪان وٺي سخت ۽ جابلو زمين تان گهليندو، وهندڙ واهيءَ ۾ اڇلائيندو ويندو رهيو.

شاهه شجاع عجب جاهه جلال ۽ عالي همت بادشاهه هو. جيستائين جيئرو رهيو، خراسان/افغانستان جي بادشاهت جا پور پچائيندو رهيو. اهو سوداءُ ڪڏهن به ڊرو نه ٿيس، هن ڪيئي پيرا پرايا مال ميڙي جمع ڪيا ۽ خرچي ڇڏيا. هزارين ماڻهو جنگين ۾ ڪٺائين ۽ ڪهرايائين. پڇاڙيءَ ۾ نه پڇڻ جي حالت ۾ پويان پير به ڪندو رهيو. هاڻ به انگريزن جي فوج توڙي خراسان/افغانستان جي لشڪر مان لکين جانيون ضايع ڪري، انهن سان گڏ پاڻ به هتان هليو ويو.

هو، هتان جيڪي هزارين فوجون پاڻ سان گڏ ٻي جهان وٺي ويو آهي، معلوم ناهي ته اتي ڪهڙي جنگ جوٽڻ ۾ هوندو ۽ اڳيان ڪهڙو سوال جواب ڪيو هوندائين، ان حالت ۾ جو دنيا کي دارالمڪافات چيو وڃي ٿو. دنيا آئيني جيان دارالمڪافات آهي، جنهن صورت ۾ جيئن هوندين، تيئن ڏسڻ ۾ ايندين!

پنهنجي حياتيءَ ۾ شاهه شجاع، مير واعظ جهڙي سيد ۽ عالم شخص کي، جنهن جا لکين مريد هئا، شيعن هٿان مارائي ڇڏيو هو. تن ڏينهن کان بادشاهت جي پويان پٽڪندو رهيو. پويون پيرو به پٽڪڻ جي خيال سان ڪابل کان ٻاهر ٿي ويو ته موت جي منهن ۾ وڃي پيو. بالاحصار واري قلعي ۾ به قيدين واري زندگي پئي گذاريائين- پر جيئن ته مير واعظ جهڙي ڪامل ولي جو ناحق خون ڪرايو هئائين، ان ڪري قدرت ڪيس انتقام طور اتيئي قتل ڪرايو!

هن پاڻ سان گڏ انگريزن جي اڻ ڪٿ فوج به برباد ڪرائي ڇڏي، جيئن چوندا آهن: ظلم جو ٻوٽو پوکيو اٿئي ته دير مدير ان جو حساب ڏيڻو پوندءِ!

مير واعظ جي رڳو هڪ سري جي عوض هزارين سريون شاهه شجاع جي حوارين جون ويندين رهيون!

*

## شاهه شجاع جي قتل کان پوءِ سردار محمد اڪبر خان جو جلال آباد ۾ رهڻ مصلحت کان پري سمجهڻ ۽ واپس ڪابل اچي حڪومت جو ڪاروبار سنڀالڻ:

شاهه شجاع جيئن شجاع الدوله هٿان قتل ٿيو ته سڄي لشڪر ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. هر ڪنهن اڳتي وڌي لٽ ڦر لائي ڏني. جنهن کي جيڪي ٿي هٿ آيو، سو ٿي ڦٻائي ويو. شاهه شجاع جي پوين به هراس ۾ اچي ڊوڙون پرينديءَ ۽ ٽڙنديءَ ٽاٻڙنديءَ اچي قلعي ۾ پاسا ڪوڙيا ۽ در دروازا بند ڪرائي ويٺا. هڪ مهيني تائين قلعي جا در بند رهيا. امين الله خان لوگري به انهن (شاهه شجاع جي پوين سان گڏ) اتي ويٺو رهيو. هوڏانهن محمد زمان خان به پٽن سميت توبن سان ڪابل جي شهر ۾ هو ۽ سردار محمد اڪبر خان جلال آباد ۾ انگريزن سان سخت مقابلي ۾ مشغول رهيو ۽ شمس الدين خان غزني جي قلعي ۾ هو.

انهيءَ دوران جنرل پالڪ صاحب، سردار محمد اڪبر خان کي جلال آباد مان ڪڍڻ لاءِ حيلا هلائيندو رهيو. پر هر دفعي منهن پٽ سان لڳندو رهيس، نيٺ ڪڪ ٿي، سردار محمد اڪبر خان جي هڪ خاص خدمتگار کي لالچ ڏئي ساڻس وعدو ڪيائين ته: تون جيڪڏهن سردار محمد اڪبر خان کي قتل ڪندين ته آءٌ توکي سرڪار کان به ٿي لک انعام ونرائي ڏيندس. هو نجس (پليت) به لالچ ۾ اچي ويو، ۽ دين ايمان وڪڻي نمڪ حرام ٿي وجهه ڳولڻ لڳو. جنرل موصوف ڪيس پڪو ڪرڻ لاءِ اڳواٽ ڪجهه ڏوڪڙ ڏئي ڇڏيا هئا ۽ هو بي ايمان سردار جي قتل لاءِ ٻانهون ڪُنجي تيار ٿي چڪو هو.

ڪنهن ڏينهن وجهه ملي ويس ته سردار محمد اڪبر خان تي بندوق ڇوڙي ڪڍيائين. پر ڇيو اٿن ته مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو هوندو آهي، سو بندوق جو ڏڪ سردار جي ڪلهي تان ڇامائو ٿي ويو. پر ڪيس ڪجهه به نه ٿيو. سڄي لشڪر ۾ سردار موصوف جي مارجڻ جي هوءِ هواءِ ٿي ويئي، جنهن ڪري سڄو لشڪر ٽڙڻ پکڙڻ

لڳي ويو، ۽ هر ڪنهن ڀاڄ ڏانهن رخ رکيو. سردار محمد اڪبر خان اڪيلو ميدان ۾ رهجي ويو.

انهيءَ واقعي کان پوءِ سردار محسوس ڪيو ته هاڻ جلال آباد ۾ رهڻ مصلحت کان پري ٿيندو. ويتر جو پڌائين ته انگريزن جي فوج به جلال آباد جي ويجهڙ ۾ پهچي چڪي آهي، ته لاچار ٿي ڪابل ڏانهن روانگي اختيار ڪيائين. اتي پهتو ته ڪابل جا سيئي سردار وٽس لنگهي آيا، جن کي جدا جدا عهدن تي مقرر ڪيائين، ۽ سيني کيس پنهنجي فرمانبرداري جي پڪ ڏياري. ليڪن شاهه شجاع جي شهزادن ۽ ٻين واسطيدارن جي هن سان ناراضگي هلندي آئي، جنهنڪري قلعي کان ٻاهر نه آيا.

سردار محمد اڪبر خان پنهنجي سر وجي هنن کي دم دلاسو ڏني، ڪجهه تاهه ۾ آندو. انئين ڪندي جنرل پالڪ ۽ جنرل سيل گندمڪ(۱) جي رستي کان ٿيندا، ڪابل ڏانهن وڌيا. اول جنرل سيل جاسوس موڪلي، ماڻهن تائين اها خبر پهچائي ته جيڪڏهن افغانن مان ڪنهن به قيد ٿيل انگريز کي ڪا تڪليف ڏني ته انهن جو بڻ بنياد گار ڪيو ويندو ۽ ڪابل جو شهر اوندهه انڌوڪار ۾ هوندو!

اها خبر جيڏانهن ڪيڏانهن پکڙندي وئي. ڪابل جي سردارن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري مصلحت جي خيال کان پنج هزار بندوقچي گندمڪ واري جبل ڏانهن موڪليا ته جيئن انگريزن جو رستو روڪي ڇڏين. ٻئي ڏينهن جنرل پالڪ پنهنجي فوج کي حڪم ڏنو ته جگدلڪ(۲) واري جبل وٽان ڦري گندمڪ ڏانهن وک وڌائي وڃي. اها فوج گندمڪ تائين آئي ته افغان غازين، جيڪي غلزائي قبيلي مان هئا، فوج تي چڙهي ويا. ٻن پهرن تائين ٻنهي جي وچ ۾ چڱي چڪري هلندي رهي ۽ قتلام ٿيندو رهيو. جنهن ۾ انگريزن جي وڏيڪ فوج مارجي وئي ۽ منجهانس ڪيترا زخمي ٿي پيا، جن کي اُڄ اڃي ورايو ۽ مرٽينگ حالت ۾ اچي ويا. غازين همت ۽ بهادري سان جيڪي ڪم ڪري ڏيکاريا، تن جي لکڻ کان قلم قاصر آهي.

جنرل صاحب جڏهن ڏٺو ته انگريزن جي فوج هروڀرو حرام ٿي رهي آهي، ته حڪم ڏنائين: سڄي فوج الڳ الڳ دستا ناهي، چئني پاسن کان افغانن تي حملو ڪري ڏي!

اهو حملو ڏاڍو ڏکيو ثابت ٿيو. انگريزن جي فوج پاران ڏڙا ڏڙ جيڪي توبون ۽

(۱) گندمڪ؛ ڪابل ۽ جلال آباد جي وچ تي هڪ وسندي آهي، جيڪا ڪابل کان ۷۰ ميلن تي ٿيندي. اها ۴۶۱۶ فوٽن جي مٿاهين تي آهي.

(۲) جگدلڪ: ڪابل جي اوڀر ۾ ۴۸ ميل پري ۵۳۷۵ فوٽن جي بلندي تي آهي. -حبيبي

بندوقن جا مار ٿيندا رهيا ، تن پيادن غلزائي پٺاڻن کي اڏ منو ڪري ڇڏيو، تڏهن به انگريزن جي فوج مان چوهتر ڄڻا قتل ٿي ويا . پڇاڙيءَ ۾ غازين ميدان ڇڏيو.

غازين جي ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ کان پوءِ شام ڌاري انگريزن جي فوج جبل تان هيٺ لهي آئي ۽ اتيئي پڙاءُ وڌائين.

سردار محمد اڪبر خان جڏهن غلزائي قبيلي جي غازين جي شڪست جي خبر ٻڌي، ته ڪابل ۾ قيد ٿيل انگريزن جي سڀني قيدين کي اتان ڪڍي امير دوست محمد خان جي ياٺتي محمد صالح خان سان باميان جي قلعي ڏانهن موڪلي ڏنائين. پوءِ پاڻ ٻن ڏينهن تائين بالاحصار ۾ ترسي پيو. اتي ڪجهه ويچاريندي ڏيان ۾ آيس ته يارن دوستن جي لڳ لاڳاپي ۾ ڪابه چس ۽ چڱائي نه رهي آهي.

ان حالت ۾ اتي وڌيڪ ترسڻ مناسب نه سمجهي پنهنجي اهل عيال ۽ ساک پرين ماڻهن کي ساڻ ڪري باميان جي قلعي ڏانهن اُسهڻ جي سنبت ڪيائين. وڃڻ ويل امين الله خان کي، جيڪو سندس نمڪ حلال ۽ بهادر شخص هو، سڄي سموري لشڪر جو سپهه سالار مقرر ڪيائين. پوءِ ڪپتان سئنڊرس کي پاڻ سان وٺي باميان روانو ٿيو. باقي جيڪي ٻيا ويهه ڄڻا انگريزن مان هئا ، تن تي ڪڙي نظر رکندي ڪين پنهنجي معتبر ماڻهن جي نگهباني ۾ باميان موڪلي ڏنائين.

انهيءَ وقت محمد شاهه خان غلزائي سون، جواهر ۽ جيڪي ٻيو مال وٽس هو ۽ ٻيو سامان جو سمورو ميڪناٽن وٽان هٿ ڪيو هئائين، ڪٺي اچي سردار محمد اڪبر خان اڳيان رکيو. سردار محمد اڪبر خان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس آفرينون ڏنائين. پڇاڙيءَ ۾ هن کي خلعت سان نوازيو ويو.

٭

## (٧٧)

## انگريزن پاران ٻيهر ڪابل تي چڙهائي - ڪابل جي بازار ساڙڻ ۽ انگريز قيدين کي ڇڏائڻ:

تاريخ ٣-سيپٽمبر ١٨٤٢ع مطابق ٢٤-شعبان ١٢٥٨هه تي جنرل ميڪاسل(١) جڏهن پنهنجي لشڪر سان ڪابل پيڙو ٿيو ته سردار امين الله خان ۽ سندس درميان جنگ جي باهه ڀڙڪي اٿي. انگريزن جي ايڪيتاليهون نمبر پلٽڻ هن جنگ ۾ ضايع ٿي، تنهن کان سواءِ هن جا ڪيئي سوار ۽ پيادا به قتل ۽ زخمي ٿيا، جن جو تعداد شمار کان مٿي هو.

افغان غازين جنگ ۾ ايڏي دليري ۽ بهادري پئي ڏيکاري، ڄڻ بکيا شينهن شڪار تي حملو ڪري رهيا هئا. انهيءَ سرجوشيءَ ۾ غازين جي فتح ٿيڻ واري هئي ته اوچتو انگريزن جو توبخانو اچي پهتو: جنهن بارش وانگي گولا وسائڻ شروع ڪيا. غازي توبن جي سٽ نه سهي پوئتي وريا ۽ پريشانيءَ کان جاين جڳهين ۾ پناهه وٺڻ لڳا. انگريزن جي فوج اڳتي وڌي ڪابل ۾ داخل ٿي، جيڪي وڏيون عمارتون هيون، تن کي توبن سان پئي ڪيرايائون. پوءِ بازار ۾ ويا، جيڪا شهر جي وچ ۾ هڪ گلدستي وانگر هئي(٢) اها ميڪناٽن جي انتقام ۾ ڏاهي ساڙي پٽ ڪيائون. ياد رهي ته انهيءَ بازار جي چوڪ تي ميڪناٽن جو لاش ٽنگيو ويو هو.

انهيءَ مارا ماريءَ کان پوءِ جنرل ميڪاسل انگريز قيدين جي ڳولا ۾ لڳو ۽ نيشڪر(٣) صاحب کي ڪافي لشڪر سان باميان روانو ڪيائين. اوچتو سردار محمد اڪبر خان انگريزن جي انهيءَ دنگي ۾ مٿن راتاهو ڏنو، جنهن ۾ موري خاني جي اناج سان گڏ بارود خانو وغيره به سندس قبضي ۾ آيو. انگريزن جي فوج، جيڪا اڳ ۾ سردار محمد اڪبر خان جي حشمت ۽ دهشت ڏسي چڪي هئي، تنهن جو وري سندس

---

(١) ڏسو تعليق نمبر ٥١.

(٢) اها بازار رنگين نقش نگار سان سينگاريل هئي، ۽ انهيءَ ٻج ڏاهه کان پوءِ باقي نه رهي. پر ڪيترن هنڌن تي ان جا جيڪي به ٿي نمونا ڏٺا ويا، اهي اجا سيبانئيندڙ پيا لڳن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته بازار واقعي قديم نقاشيءَ سان دلڪش هئي.

(٣) نيشڪر: هيءُ نالو موهن لال ۽ لور آف دي انڊس توڙي جنرل ايبٽ جي روزنامچي ۾ ڪونه آيل آهي.

نالو ھڏو تہ منجھس تفرقو پنجي ويو ۽ ھر ڪو ميدان مان فرار ٿيڻ لڳو.

انگريزن ڪيئي ڀيرا پنھنجو لشڪر تباھہ برباد ڪرائي چڪا ھئا ھاڻ بہ ساڻن ساڳي جٽ ٿي، جنھنڪري پنھنجي قيدين تائين ڪونہ پھچي سگھيا. جنرل ناٽ صاحب کي سرڪار حڪم ڏنو تہ جلدئي پنھنجي فوج سان غزني ھليو وڃ ۽ شمس الدين خان کي اتان گرفتار ڪري، غزني جو قلعو خالي ڪرائي، پوءِ باميان طرف قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ روانو ٿي. حڪم موجب ھو روانو ٿيو. جڏھن غزني کان اوري اناويھن ڪوھن جي فاصلي تي پھتو تہ شمس الدين خان ڏانھن جنگ جو پيغام موڪليائين. شمس الدين خان اطلاع ملڻ شرط تاريخ چوويھين رجب ١٢٥٨ھہ مطابق ٿيويھہ آگسٽ ١٨٤٢ع، يارھن ھزار بندوقچي ۽ ھڪ توب ڪوھستان جي ھيناھين ۾ لڪائي، بہ ھزار لشڪري اتر پاسي صاحب بھادر ڏانھن مقابلي لاءِ موڪليا.

ناٽ صاحب پنھنجي لشڪر کي تياري جو حڪم ڏنو، جنھن سامھون اچي جنگ جي ھڪل ڏني. ٻنھي ڌرين ۾ چٽي ويڙھہ لڳي، جيڪا ٻنپھرن تائين ھلندي رھي. ھن جنگ ۾ ايترا ماڻھو مئا ، ۽ ڦٽيا جو حساب نٿو ڪري سگھجي.

غازين، ھن جنگ ۾ ايماني حميت ۽ مرداڻي ھمت سان پاڻ کي پھاڙ وانگي ثابت قدم ثابت ڪري ڏيکاريو. انگريزن جو لشڪر ڏھڪاءُ ۾ اچي تيز ڪائيندو رھجي ويو. ناٽ صاحب توپ لاھي پنھنجي فوج سان مخاطب ٿيو تہ اوھان موت کان ڏڪي رھيا آھيو. اوھان جي بھادري ۽ جوانمردي اڄ تائين مدراس ۽ بينگال تائين مشھور آھي، جيڪڏھن ھتي بي ھمتي ڏيکاريندا تہ اوھان جي اڳئين ناماچاري ساڳيئين ڪانہ رھندي. اڳتي وڌو حوصلو ڏاري جنگ ۾ حصو وٺو، نہ تہ پوءِ اوھان کي پنھنجي انھيءَ ڪوتاھي تي ڏاڍو پڇتائڻو پوندو. دشمنن سان مقابلو نہ ڪرڻ جي صورت ۾ توھان کي پنھنجي جان تان آسرو پلٽو پوندو. بھتر آھي تہ ھيڪاندي حملي سان حريفن کي مات ڏيو. انھيءَ ھڪل ۽ حڪم سان انگريزن جي فوج جي غيرت واري رڳ ڦڙڪي، غيرت ۽ ھمت وچان جوش ۾ اچي غازين تي چڙھائي ۾ لڳي ويئي، اھا چڙھائي ايڏي ڇيڙھيالي ھئي، جو غازين کي ميدان ڇڏي جبل ۽ جھنگ ڏانھن ڀڄي جان ڇڏائڻي پئي.

شمس الدين خان کي جو ان مقابلي جي ڄاڻ ٿي تہ ٽيھہ سوار وٺي، غزني جي قلعي ڏانھن ويو. ھوڏانھن انگريزن جي فوج بہ غزني جي ويجھو وڃي پھتي ھئي. غازي جيڪي جبل پاسي لڪل ھئا ، اتان نڪري تراريون ڪڍي انگريزن جي فوج مٿان ٽٽي پيا. ھڪڙي ساعت اندر بہ سو چار فوجي ماري لاٿائون. وري جبل ڏانھن نڪري ويا. ٽئين ڏينھن تي جنرل ناٽ صاحب غزني جي قلعي لڳ وڃي، توبن جا وار ڪري

ڏنا، جن ڪان قلعي جا دروازا پڇي پري پيا. شمس الدين خان جو ڀاءُ قمرالدين خان ٻين غازين سميت شهيد ٿي ويو.

پوءِ وري شمس الدين خان پنهنجي رفيقن سان صلاح ڪئي ته هاڻ ڇا ڪرڻ کپي؟ ان تي ڪن وري به جنگ لاءِ زور پريو ته ڪن جنگ کان لنوائڻ جي ڪئي. اهو چئي ته: هن وقت ڪابل مان وڏيڪ لشڪر آڻي پوءِ مقابلو ڪيو وڃي. نيٺ ان تي عمل ڪندي شمس الدين خان پاڻ سان ڪي سوار وٺي ڪابل ڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچندي ٻڌڻ ۾ آيس ته شهر تي انگريزن جو قبضو ٿي چڪو آهي. اتان ڦري ڪوهستان جو پاسو وٺي باميان ڏانهن هليو ويو.

جنرل ناٽ صاحب شمس الدين خان جي وڃڻ کان پوءِ پاڻ کي خوش نصيب سمجهي، سنت ئي وڃي غزني ۾ پير پاتو. قلعي تي پنهنجي فتح جو جهنڊو کوڙي وڏي زور سان شادماني جا نغارا وڄرايائين. ٻه رات ڏينهن اها ڳڻتي لڳي پئي هيس ته متان وري غازين پاران راتاهو نه ڏنو وڃي، ان ڪري ڏاڍي مونجهاري ۾ رهندو آيو.

انگريز فوج جي عملدار لارڊ صاحب کي جڏهن ٻئي پيري غزني جي قلعي فتح ڪرڻ جي ڪل پئي ته خوشيءَ ۾ نچڻ لڳو. جنرل ناٽ کي حڪم چوائي موڪليائين ته: غزني جي قلعي جا دروازا، جيڪي محمود غزنوي هندستان جي سومنات مندر مان ڪٽائي آيو هو، اهي تمام احتياط سان غزني کان هندستان ڏياري موڪليا وڃن، ڇو ته خراسان/افغانستان کي ٻيهر فتح ڪرڻ جو اهو جيئرو جاڳندو ثبوت ٿيندو. ٻيو ته محصول جي ڪمي ۽ خرچ جي گهٽائيءَ جو خيال رکندي، اوهان خراسان، ڪابل ۽ قنڌار ڇڏي، هندستان روانا ٿيو. انهيءَ مثال جي پوئواريءَ ۾ ته جتي پڇي نه سگهجي ته اها جُوءِ ئي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

ليڪن اهي جاني بربادين ۽ مالي تباهيون، جيڪي انگريز سرڪار کي غازين پاران نصيب ۾ آيون، صفا وساري ڇڏيائون. ڇو ته انگريزي فوج جا لاش اتي پئي رُليا ۽ ٻي فوج خراسان ويل هئي. هنن کي رڳو قيدين ڇڏائڻ جي جهوري لڳل هئي، جنهن لاءِ چون ٿا ته لکين رپيا خراسان/افغانستان وارن کي ڏئي هزار خوارين سان ڪابل ۾ داخل ٿيا ۽ ڊائل عمارتن جي عوض ٻيٽا ڏوڪڙ ڀري ۽ ٻيا ڏنڊ هڙان ڏئي، پنهنجو پردو ۽ پت رکي پوءِ سومنات جا دروازا غزني مان ڪٽائي هندستان ڏانهن راهي ٿيا. ٻي صورت ۾ انگريزن جي اها سَڌَ هئي ته پنهنجي جان ڏئي به خراسان/افغانستان کي خريد ڪجي، ڇو ته ان جي هٿ اچڻ کان پوءِ هنن جو روس ڏانهن رستو کلي پوي ها. پر هتي اچي ويتر ڦاسي ويا. ايترين جانين ضايع ڪرايائون. ايڏا خزانا لٽايائون، پوءِ به سواءِ شڪست ۽ ذلت جي ڪجهه نه ڏنائون ۽ اهو داغ دل تي کڻي هليا.

انگريزن، خراسان افغانستان هٿ ڪرڻ لاءِ جيڪي هاڃا هنيا، تن ۾ ماڻهن جي جان، مال ملڪيت ۽ ماڳن پينگ ڪرڻ ڪان علاوه بي ڪهڙي شيءِ هئي، جيڪا هنن نه ڇڏي، خاص ڪري خراسان/افغانستان جا ميوا ڏسي ۽ ڪائي بنهه چِتا تي پيا، جن ۾ رڳو انگورن جا چاليهارو قسم هئا، ٻيا ميوا انهن ڪان الڳ، جن مان صوف، ڏاڙهون، ناسپاتيون، توت، هنداڻا، گدرا، سردا، آلوبخارا، شفتالو وغيره، جن جو بيان به لذت پريو پيو لڳي، ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ ڪٿي ٿا پيدا ٿين. ٻئي پاسي هندستان ۾ ته ٽڏو پاٽي به ڪنهن کي نصيب نٿو ٿئي، ميوا ته رهيا پنهنجي ماڳ!

هندستان ۾ جيڪڏهن اهڙو ڪو ميوو پيدا به ٿئي ٿو ته ان جو رنگ ئي پاڻ نٿو پوي. اتان جي ماڻهن جي ڪهڙي شڪل شباهت آهي ته ڪهڙو وري ڪنهن ڍنگ جو سيبتو لباس ٿا پهرين؟ سندن ڪپڙا بندوقن جي ڳوٿرين جيان سوڙها ته دسترخوان تي دال ۽ ڍڳڙيون....... اسان ته انهيءَ ڪاڏي ڪان توبهه (باڻ) ڪئي: خدا ان باهه ڪان امن امان ۾ رکندو!

جن جا گهر وڏا ۽ همت نهي ئي ڪانه. اي خدا! انهن ٻنهي کي برابر ڪري ڇڏ!

هندستان جي سڙيل سڪل لشڪر جي وري خراسان/افغانستان جي لشڪر سان ڪهڙي پيت ۽ پيٽي هئي، جن رات ڏينهن ناصري گهٽن جا گوشت ۽ صاحبي، خليلي، حسيني وغيره ميوا ئي نوش جان ڪيا. انهن ٻنهي جو مقابلو ائين آهي، جيئن ڪچي پنر کي ڦيرائي پٿر تي هنيو وڃي. جيڪڏهن هندستان وارن جي انهيءَ دال ۽ ڍڳڙين ۾ ڪا طاقت هجي ها ته لوڻ وانگي خراسان/افغانستان جي برف ۾ نه ڳرن ها.

هندستاني لشڪر جي همت ۽ بهادري بابت هندستان جي بادشاهه شاهجهان واهه جي واڪاڻ ڪئي هئي ته: بابو منهنجو بهادر، آءٌ پاڻ ڪالهه تائين نون لکن جو مالڪ هيس. اڄ رڳو رڪابدار لاءِ محتاج آهيان! ان ڪري هندستان جي لشڪر تي پاڻ بيوقوفي ٿيندي، پوءِ ڪٿي اهو هندو هجي يا مسلمان، سڀ بي ايمان ۽ پنهنجي ڪئي ڪان پشيمان!

هلي آءٌ اچي آسمان جو سير ڪر، شاهه جهان ۽ دارا جا حال ڏس
قضا ڪڏهن به قضا ٿيڻي ناهي، تون ڦار وجهه توڙي استخارا ڪڍ،
آسمان ڪنهن سان به ڪا رعايت مروت نٿو ڪري:
آسمان جي گردش، گردن ڦيرائي ٿي ڇڏي،
هن نالائقن کي لائق ماڻهن ڪان مٿانهون ڪيو.
بس انهيءَ گردش جو رڳو اهو ڪم آهي،
هر ڪمال کي زوال، هر زوال کي ڪمال.

## (٧٨)

## جنرل ناٽ جو ٻيهر غزنيءَ جي قلعي کي فتح ڪرڻ، اتان پنهنجي قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ باميان ڏانهن هڪلي وڃڻ:

جنرل ناٽ صاحب، غزنيءَ جو قلعو، شمس الدين خان کان فتح ڪري ٽن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي لشڪر سان غزني ڇڏي، انگريزن جي قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ باميان جي قلعي ڏانهن هڪلي ويو. جتي محمد صالح خان (١) سردار محمد اڪبر خان جي حڪم تي قيدين کي باميان جي قلعي اندر زالن، مردن کي الڳ الڳ سوڙهين ۽ اونداهين ڪوٺين ۾ ڍورن وانگي واڙي رکيو هو.

جڏهن انهن مصيبت جي مارين ڏٺو ته قيدن جون عقوبتون حد کان وڌي چڪيون آهن ۽ موت جا ڏينهن مٿان آيا پيا ڏسجن يا ائين ٿئي جو اسان سڀني جمار بي دريافتا بندي خاني ۾ پيا لوڙيون يا وري ٿي سگهي ٿو ته هيءُ مٿي ڦريا افغان اسان کي غلامن ۽ ٻانهين وانگي هتان ڪڍي وڃي ڪوهستان ۾ ڪنهن جي هٿ وڪرو ڪري ڇڏين (٢). انهيءَ ڊاءُ ۾ قيدين هڪ ٻئي سان لڪي ڇپي صلاح ڪئي ته هاڻ ڪانه ڪا تدبير ڪرڻ کپي، نه ته پنهنجا ٻئي جهان ويندا هليا. ۽ تدبير به اهڙي هجي جو سنئون سڌو تير وڃي نشاني تي لڳي! اهو سوچي سڀني لارنس صاحب کي پنهنجو مُک بڻايو، جيڪو ڏاڍو ڏاهو ۽ آزمودي وارو هو. هن هڪ ڏينهن وڃي محمد صالح خان کي ادب سان سلام ڪيو ۽ نوڙت سان ٺورو پرپرو ٿي ويهي رهيو. محمد صالح خان مهر جي نظر سان ڏانهس ڏٺو ۽ حال احوال پڇيائينس، ته ڪهڙي خبر چار آهي؟ اچو ويجها ٿي ويهو! جيڪو چوڻو هجي بنا هٻڪ جي چئي ڏيو.

لارنس صاحب عقل جي ڪيڏ ڪري ڪيس جواب ڏنو: اوهان کي اسان ٻيوس ٻاندين جو سمورو احوال ذري پرزي سميت معلوم آهي، جنهن لاءِ ڪنهن بيان جي

(١) محمد صالح خان پيءُ جي پاران قزلباش ۽ ماءُ پاران پشاوري ۽ ڪشمير جو رهاڪو هو. ڪيس امير دوست محمد خان جي دربار ۾ وڏو درجو مليل هو، پر انگريزن جي لشڪر جي سرسي ڪان پوءِ نمڪ حرام ٿي پيو، ۽ موهن لال سان گڏجي انگريزن وٽ ويو، جيڪي ڪيس هندستان وٺي ويا. (تاريخ افغانستان، ص ١٧٥)

(٢) انگريز پاڻ حبشين کي قيد ڪري وڪڻندا هئا، ان ڪري ڪين به اهو ڊپ اچي ٿيو. -مترجم

ضرورت نا هي. پر هن وقت اسان قدرت جي قضا سان اوهان وٽ قيدي آهيون، تڏهن به هڪ حقيقت پيش ٿي ڪجي، جيڪا خود اوهان جي حق ۾ آهي. اسان کي اهو ارمان پيو ٿئي ته اوهان جيڪا هيڏي محنت پيا ڪريو، تنهن جو سردار محمد اڪبر خان وٽ ڪو قدر نٿو ڏسجي ۽ اهو اوهان جي ذاتي جوهر جي سڃاڻپ نٿو ڪري سگهي، پر خدا شاهد آهي، جيڪڏهن اوهان جو اڳ ۾ اسان سان ڪو لڳ لاڳاپو هجي ها ته اوهان کي اهڙي خدمت ۽ محنت جي عيوض ايترو اڏي چڙهيون ها جو اوهان پاڻ انصاف ڪريو ها ته برابر دوستي ۽ مهر وفا اها ٿيندي آهي. پر هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي، جڏهن اسان پاڻ اوهان وٽ قيدي بڻجي چڪا آهيون ۽ ڪجهه به نٿا ڪري سگهون: جيڪو پاڻ مجبور آهي، سو ٻئي جي ڇا مدد ڪندو!

هاڻ به جيڪڏهن اوهان اسان تي هڪڙي مهرباني ڪريو ته اوهان جا دل جان سان ٿورائتا ٿينداسين. اسان جو عرض آهي ته اسان کي رڳو هڪ پيرو پالڪ صاحب وٽ گندمڪ واري هنڌ پهچايو وڃي. اسان بدلي ۾ اوهان کي هڪ لک رپيا ڏيارينداسين، ان کان علاوه سرڪار کي چوائي اوهان لاءِ ساليانو وظيفو پڻ مقرر ڪرايو ويندو.

محمد صالح خان ماٺ ڪري هن جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ ڪو جواب نه ڏنائين. جهٽ رکي هنن جي ڪاڏي پيتي ۽ سير سواڌ جو حڪم ڏنائين. ان جو مطلب هو ته هو آئيندي جي ڪنهن گهري سوچ ۾ غرق هو.

هوڏانهن جنرل لاٽ جي غزني فتح ڪرڻ جو هل ٿي ويو ته انگريز قيدين هيڪاري دل ذاري هڪ اقرارنامو تيار ڪيو ته: جيڪڏهن سمورن قيدين کي هتان ڪيئي گندمڪ واري ماڳ وٽ جنرل پالڪ تائين پهچايو ويو ته ان جي صلي ۾ هڪ لک رپيا ڏنا ويندا، ۽ سرڪار کي سفارش ڪري جان بخشي عيوض وظيفو پڻ مقرر ڪرائڻ ۾ ايندو، جيڪو هن کي ته سڄي ڄمار ملندو، پر سندس پوين کي به سنيالي ڏنو ويندو.

انهن ڏينهن ۾ ڪابل مان جنرل پالڪ صاحب هڪ خط محمد صالح خان ڏانهن اُماڻيو ته اوهان جيڪڏهن مهرباني ڪري قيدين کي اسان تائين پهچائيندا ته اوهان کي في الحال ويهه هزار روپيا روڪ ۽ هڪ هزار ساليانو وظيفو ڏياريو ويندو. انهيءَ ڳالهه هن (محمد صالح خان) کي ويتر لالچائي وڌو ۽ ڏاڍو خوش ٿي موقعي جي تاڙ ڪرڻ لڳو ته جيئن صاحب بهادر جي حڪم جي تعميل ڪجي. واقعي زر وڏي شيءِ آهي ۽ دل کي ڏاڍي فرحت ڏياري ٿي، ان جو ڪڙڪو به اهڙو آهي جو ٻڌڻ سان سڀ اولا لهي وڃن ٿا.

زر، اندر جي اهنجن جو اپاءُ، ۽ مشڪل آسان ڪندڙ آهي.
اهائي سرخروئي عطا ڪري ٿي، ۽ سھڻن جو قرب حاصل ڪرائي ٿي.

محمد صالح خان بہ زر جي عشق ۾ ڦاهو ڦڪڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ قيدين کي ڪيڻ لاءِ گهاٽ گهڙيندو رهيو. هيءُ اجا انهن ويچارن ۾ وهلور هو تہ مٿان سردار محمد اڪبر خان جو خط اچي مليس. هن خط پڙهڻ سان ڪنهن وٿي وجهڻ کان سواءِ قيدين کي باميان جي قلعي مان ڪڍي هوشياريءَ ۽ خبرداري سان خلم (١) ڏانهن ڏياري موڪل! ڇاڪاڻ تہ ڪابل تي وري انگريزن قبضو ڪري ورتو آهي ۽ سندن فوج قيدين جي ڳولا ۾ لڳي پئي آهي، اڄ نہ سڀاڻي اهي باميان جي قلعي تائين پهچڻ وارا آهن. ان ڪري اڳواٽ ئي بلو ڪرڻو پوندو- پر هن حڪم جي پوئواري ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ٿيڻ کپي!

محمد صالح خان، سردار جي حڪم تي لاچار ٿي قيدين کي باميان جي قلعي مان ڪڍي خلم ڏانهن رواني ٿيڻ جي نيت ڪئي. اتي ڪيس قاصد اچي ٻڌايو تہ انگريزن جو لشڪر تاجين(٢) تائين اچي چڪو آهي، جيڪو ماڳ باميان سان لڳولڳ آهي(٣) انهيءَ لشڪر افغانن سان جنگ جوٽي ڪين شڪست ڏني آهي. اها ڳالهہ جڏهن برنس صاحب جي خاص رفيق موهن لال ڪشميري جي ڪن تائين رسي تہ ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ دل کي تقويت آيس. ٻئي پاسي قيدين ۾ بہ انهيءَ خبر ٻڌڻ سان ڏاڍي سرهائي پيدا ٿي. خاص ڪري افغانن جي شڪست سندن حوصلا وڌائي ڇڏيا، ليڪن عقل کان ڪم وٺڻ جي ڪيائون. منشي موهن لال کي لارنس صاحب پاڻ سان وٺي محمد صالح خان وٽ آيو، ڪيس چيائين: اسان ٻڌو آهي تہ انگريز بهادر جي فوج تاجين بہ فتح ڪري ورتو آهي ۽ اتي بہ افغانن کي شڪست اچي ويئي آهي، هاڻ تہ ان جو هتي پهچڻ سولو ٿيندو. اسان کي اها بہ پڪ آهي تہ هن وقت انگريز فوج سان اوهان جو مقابلو ممڪن ناهي، نہ وري مقابلي ۾ اوهان ڪٿي سگهو ٿا! سو اوهان کي جنهن رقم جي آڄ ڪيل آهي، اها شايد اوهان جي پاڳ ۾ نہ اچي ۽ اوهان جي دل ۾ حسرت رهجي وڃي، پر ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اوهان خود ڪنهن آئيءَ ۾ اچي وڃو! هاڻ بہ

---

(١) خلم کي هاڻ تاشقرغات ڪوٺجي ٿو، جيڪو ڪابل جي اتر اولهہ ۾ ٥٦٣ ڪلوميٽرن تي آهي. خلم جو شهر، جيڪو هن وقت اجڙ ٿي چڪو آهي، اتان نو ڪلوميٽر اتر ۾ اچي ٿو.- قاموس جغرافيَ افغانستان ١-١٤۴.

(٢) تاجين اهوئي صحيح آهي. -سجونپوري ١٦۴.

(٣) باميان تاريخيُ ماڳ ١٣٠ ميل ڪابل جي اتر اولهہ تي آهي.

اسان اوهان جي دلاسي موجب اوهان سان هيءُ احسان ڪري رهيا آهيون. وڌيڪ اوهان جي وس ۾ آهي جيئن بهتر سمجهو تيئن ڪريو. اسان کي جيڪا خير خواهي ڪرڻي آهي، سا ڪنداسين. توهان وڌيڪ ڪجهه سوچڻ يا ڪنهن دير لائڻ بدران دور انديشي کان ڪم وٺي اسان جي قيدين کي بند مان ڪڍي ڪابل ڏانهن اُماڻيو، ان ۾ ئي اوهان جي لاءِ آئيندي جي ڀلائي آهي. اها صلاح محمد صالح خان جي ويجهن دوستن کي به وڻي ويئي.

آخر گهڻي جهڪ جهڪان کان پوءِ محمد صالح خان هڪ اقرارنامو انهن کان لکرائي ورتو، جنهن جو ضامن ٽڪرن(١) صاحب پيو ۽ ضمانت نامي تي دستخط ڪيائين. ساڳيءَ طرح اقرارنامو به سڀني قيدين جي صحيحن سان تيار ٿي ويو. ان مطابق محمد صالح خان اقرارنامي کي پنهنجي حجت ۽ جياپي جي بچاءَ جو اپاءُ سمجهي، سمورن قيدين کي بند مان آزاد ڪري ڪابل ڏانهن اُماڻي ڇڏيو.

قيدين کي بنديخاني کان ڇوٽڪارو مليو ته باز وانگي اڏامندا اچي جنرل سيل وٽ ڪابل جي ڇانوڻيءَ ۾ پهتا، جيڪو هنن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شادمانا ڪرايائين. انهيءَ خوشيءَ ۾ جشن برپا ٿي ويو، جنهن ۾ سڀني مست ٿي ڳائي وڄائي ۽ نچي ٽپي پنهنجي دل وندرائي.

قيدين جي پهچي وڃڻ تي صرف ٽي سو رپيا وظيفي طور محمد صالح خان لاءِ سرڪار پاران مقرر ڪري ڏنا ويا ۽ اقرارنامي وغيره جا ڪاغذ پنهنجي ہوهي ۾ هٿي ڇڏيائون.

تاريخ ١۴-آڪٽوبر ١٨۴٢ع تي جنرل ناٽ صاحب هڪ چٺي ڪپتان جي. سي صاحب ڏانهن هن طرح لکي موڪلي ته: جنرل پالڪ صاحب جيئن ڪابل ۾ داخل ٿئي، ڪيس چئجو ته اوهان جي بدلي جو وقت اچي ويو آهي، هاڻ ڪابل ۾ ڪو به انگريز عملدار ڪونه رهندو. باقي جيڪي جنيون ڪابل جي ماڻهن انگريزن جي ملازمن سان ڪيون آهن، تن جي وير ڀاڙڻ لاءِ ڪابل جي اميرن جون وڏيون وڏيون عمارتون ساڙي خاڪ ڪرڻ ۾ اچن.

پنجن ڏينهن کان پوءِ جنرل پالڪ ڪابل ڇڏي جلال آباد اُسهيو. جڏهن ڪوتل جي وسنديءَ وٽ آيو ته افغان غازين مٿس راتاهو ڏنو. فوج وٽ جيڪو سامان هو، اهو لٽي ڦري ڪنيائون ۽ فوج سان جنگ ڪندي ستر ڇٽا آفيسر ۽ فوجي ماريائون ته ڪيترا

(١) ٽڪرن: اهو نالو موهن لال، جيڪو ان واقعي سان تعلق رکي ٿو، ڪٿي به ڪونه آندو آهي. حيات امير، ج ٢، ص ۴٧٠.

گهوڙن سان گڏ زخمي ٿي پيا . بهرحال جنرل پالڪ وري به اڳتي وڌيو. جلال آباد پهچي، سچو سامان هٿ ڪري اتان سڌو پشاور ڏانهن لڏو ڪٽي هليو.

انهيءَ واٽ سان به افغان غازين انگريزن جي فوج تي ڪيترا راتاها ڏنا ۽ خوب لٽ ڦر ڪندا رهيا . پڇاڙيءَ ۾ جڏهن اها فوج خيبرلڪ وٽ آئي ته اتي به ڪي سو افغان غازين مٿانئس چڙهايون ڪيون ۽ منجهس اهڙو ڀاڪر ڪٽو وڌائون، جو انگريزن ڪان بندوقون هلائڻ به وسري ويون، جيڪي وار ڪيائون سي به خطا ٿيندا رهيا ، نيٺ پڄندي ڊڪندي سندن هٿن پيرن ۾ لڦون پئجي ويون.

انهيءَ وڳوڙ ۾ انگريزن جون پنج توبون غازين جي هٿ آيون ۽ تمام گهڻو بارود به سندن قبضي ۾ آيو. پر عجيب ڳالهه اها هئي ته غازين کي توب هلائڻ نٿي آئي! جيڪڏهن هيءَ توب هلائي ڄاڻين ها ته پوءِ انگريزن جون ماڳهين راهون رد ٿي وڃن ها ۽ هڪڙو به انهن مان باقي نه بچي ها!

خيبرلڪ مان لنگهڻ لاءِ ريپو في ماڻهو وصول ڪيو ٿي ويو، جيڪو افغانن ٿي ورتو. ان ڪان پوءِ هر ڪو سلامتيءَ سان اڳتي نڪري پئي ويو. ليڪن به پلٽڻيون پئسن نه ڏيڻ ڪري پوئتي رهجي ويون. اهي ٽي ڏينهن ٽي راتيون، جبل ۾ بند رهيون. نيٺ پئسا ڏئي پار پيون.

جنرل پالڪ واري فوج ڪابل ۽ جلال آباد ۾ عمارتن کي باهيون ڏئي، ڪجهه سامان هٿ ڪري ڏاڍي هٺ ۽ وڏائيءَ سان سڙيل شيون ساڻ ڪٽي، خيبرلڪ تائين آئي ته اتي جنرل ميڪائيل جي ريجمنٽ به اچي هن سان گڏي. افغانن پنهي تي بندوقن سان اچانڪ حملو ڪري ڏنو، جيڪي جبل ۾ لڪي ويٺا هئا . اها جهڙپ ائين لڳي جو افغانن جو هڪ ٽولو اگهاڙي مٿي، اگهاڙين پيرين ترارين سان اچي انگريزن جي فوج تي وار مٿان وار ڪندو ويو، جنهن چئن گهڙين اندر سڄو ميدان لاشن سان سٿي ڇڏيو. فوج ۾ جيڪي اُٺ سوار ۽ گهوڙي سوار هئا ، تن ڪان ڏوڪڙ ۽ اناج وغيره ۽ ٻيو سامان ڦريو ويو. لاشن جي گهڻائي سبب ٽي ڏينهن لڪ وارو رستو بند ٿي ويو، انگريزن جي فوج جڏهن گڏجي اهي لاش ڪٽي جبل جي هيٺاهينءَ ڏانهن اڇلايا ، تڏهن وڃڻ جي واٽ ٿي. اهڙيءَ ريت انگريزن کي خراسان/افغانستان لاءِ جيڪا خواري ۽ خرابي ڏسڻي پيئي، تنهن جو شروعات کان وٺي پڇاڙيءَ تائين جيڪو نتيجو نڪتو، سو بيان ڪري نٿو سگهجي. دنيا جون جيڪي خواريون ۽ شرمساريون هيون، سي انگريزن ۽ سندن فوج جي پڙ پيون.

چون ٿا ، جيڪڏهن انگريزن کي ڪو غيرت جو قطرو پاڻ ۾ هجي ها ته

انهيءَ تعدي ۽ جُٽ ڦٽ کان ٻڌي مرن ها! يا زهر جي گوري ڳِھي پاڻ کي ماري ڇڏين ها، ليڪن انگريز، جيڪي پيرن کان چوٽيءَ تائين صاحبلوڪ هوندا آهن ۽ هر هڪ کي صاحب بهادر جو لقب مليل هوندو آهي، اهي سڀ لعنتون ۽ ملامتون پنهنجيءَ پويان اڇلاتي، ڳياڙي هٽندا رهيا ته: بهادرن جو جيئرو رهڻ ضروري آهي...!!

انگريزن بي حساب جاني، مالي نقصان ۽ خرابيءَ کان پوءِ ڪابل جون عمارتون ساڙي ۽ غزني جي قلعي مان سومنات وارا دروازا ڪڍي، انهن تي ڪٺائي، هندستان ڏ سفر شروع ڪيو ۽ قيدين کي به آزاد ڪرايائون.

انهيءَ وچ ۾ هندستان جي گورنر جنرل(١) ايلن برو خراسان/افغانستان ۾ رهندڙ فوجن ڏانهن لکي موڪليو ته خراسان/افغانستان جو ملڪ ايڏو زرخيز ڪونهي، پيو ته افغان ڏاڍا بي رحم ۽ سنگدل آهن، جيڪي جبلن جي پيدائش آهن ۽ سدائين خانه بدوشي واري زندگي بسر ڪندا رهن ٿا، اهڙي قسم جي قوم سان مقابلو ڪرڻ فضول آهي. اوهان هيئن ڪريو جو هڪدم قيدين کي پاڻ سان وٺي فيروز پور پهچو ته اوهان جي انهن محنتن ۽ مشقتن جو اوهان کي ڦل پلئه وڌو وڃي، جيڪي اوهان خراسان/ افغانستان ۾ ڪيون آهن. ان سان گڏ انگريز سرڪار اهو به چاهي ٿي ته اوهان مان هر هڪ کي رتبي مطابق ڪنهن نه ڪنهن سرڪاري عهدي تي رکيو وڃي.

انهيءَ حڪم تي جنرل پالڪ، جنرل ناٽ ۽ ٻيا صاحب، جيڪي خراسان/ افغانستان ۾ مقرر ٿيل هئا، قيدين سان گڏ فيروزپور جي دارالامان ڏانهن هلڻ وارا ٿيا. ڪين خراسان/افغانستان ۾ جيڪي ڏک ڏسڻا پيا، تن کان ڇوٽڪارو مليو، خاص ڪري فيروزپور ۾ پهچڻ تي ته هنن کي جڻ نئين حياتي ملي ويئي. عام چوڻيءَ مطابق ته خراسان/افغانستان بازن جو ملڪ آهي، ۽ هندستان ڪانگن جو ماڳ آهي، سو بازن سان ڪانگن کي ڏيٺ ويٺ نه رکڻ کپي. ان باري ۾ هڪ قصو ڪنهن عقلمند جو قلمبند ٿيل آهي، جيڪو اڳتي هلي ناظرين جي دل وندرائڻ لاءِ پيش ڪرڻ ۾ ايندو.

*

(١) ارل آف ايلن برو، هندستان جو گورنر جنرل (ڏسو تعليق نمبر ٥۴).

**انهيءَ بيان ۾ ته راوين جي چوڻ مطابق: انگريزن جي فوج جو ٻئي دفعي ڪابل ۾ اچڻ ۽ عمارتن سان گڏ بازار کي باهه ڏئي ساڙڻ، غزني جو قلعو هٿ ڪرڻ، قلعي جا دروازا ڪيرائي هندستان کڻي وڃڻ ۽ سومنات ڏانهن پهچائڻ، پنهنجي قيدين کي بند مان آزاد ڪرائڻ وغيره، اهو سڀڪجهه سردار محمد اڪبر خان جي مرضيءَ سان ڪيو ويو!**

سردار فلڪ اقتدار محمد اڪبر خان پنهنجي همت ۽ دلاوريءَ سان سڄي ڪوهستان، ڪابل، غزني ۽ قنڌار وغيره کي، جتي غازين شهبازن جو ماڳ هو، اونده مان ڪڍي نوراني صورت ۾ آندو ۽ پوءِ جلال آباد ڏانهن وريو، جتي جنرل ناٽ ۽ جنرل پالڪ پنهنجي فوجن سان موجود هئا. اتي هن (سردار محمد اڪبر خان) هنن کي سخت ولو (گهيرو) ڪري ٻن مهينن تائين وڏيءَ محنت سان مورچا تيار ڪرايائين. هن جي انهيءَ سختيءَ ڪان انگريزن کي ڏاڍو ششدر ۽ تنگ ٿيڻو پيو. سردار محمد اڪبر خان جي دفع ڪرڻ لاءِ ڪيئي تدبيرون ڪيائون، پر ناڪام ٿيندا رهيا. آخرڪار ڪيس ميڙ منٿ ڪندي چيائون: انگريز سرڪار کي خراسان/افغانستان ۾ جيڪا خواري، خجالت اوهان جي سردارن ڪان رسي آهي، سا عمر ۾ نه ڏٺي ويئي هئي، نه وري ايتري قدر ڪي تلخيون اسان چکيون هيون.

جيڪڏهن هن دفعي تنهنجي غم ڪان بچيس،
ته پيهر ڪڏهن عاشقيءَ جي ڪا سڌ نه ڪندس.

سو اسان کي جيڪي سزائون ملي چڪيون آهن، سي ڪافي آهن ۽ جيڪي تڪليفون برداشت ڪري چڪا آهيون، تن ڪان وڌيڪ پاڻ ۾ سهڻ جي سگهه ڪانه رهي آهي. هاڻ اسان وعدو ٿا ڪريون ته امير دوست محمد خان کي هندستان مان واپس آڻي هتي رسائيندا سين ۽ جيڪي اوهان حڪم ڪيو، تنهن موجب پئسا ڏوڪڙ به اوهان جي خدمت ۾ حاضر ڪيا ويندا، پر ان لاءِ شرط آهي ته اوهان اسان تي مهرباني ڪري اسان جو پردو رکي پنهنجي مدد فرمائيندا.

پهريان هيءُ مدد تہ اسان جي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي، ٻي اها تہ اسان کي ڇڏيو وڃي تہ هڪ ڀيري ڪابل وڃي پنهنجو انتقام (وير) پورو ڪريون، اتان جون عمارتون ۽ بازار ساڙيون، جتي ميڪناٽن صاحب جو لاش ٽنگيو ويو هو. ان کان پوءِ اسان هتان ٽپڙ ٻڌي سڌو هندستان هليا وينداسين. اهڙو عهدنامو لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ اهو بہ انجام آهي تہ وري هن پاسي اچڻ جي نہ ڪنداسين.

سردار محمد اڪبر خان جواب ۾ چيو تہ: اوهان جو سڄو ڪاروبار چالاڪيءَ ۾ منهن ڪارائپ سان پيو هلي، ان ڪري اوهان جي ڪنهن عهد اقرار تي ڪو ڀروسو ناهي. مگر ولايت کان اهڙو بندوبست ڪرايو تہ بهتر ٿيندو. ان سان گڏ اسان جو مربي پيءُ (امير دوست محمد خان) بہ اهڙي تسلي ڏياريندو ۽ اسان کي خط لکي حقيقت کان واقف ڪندو تہ ڪا ڳڻ ڪرڻ ۾ ايندي ۽ اوهان جي سرڪار جيئن گهري تي، تيئن اسان ڪري رهنداسين. انگريز عملدارن، سردار محمد اڪبر خان جون اهي تجويزون ٻڌي پنهنجي آئيندي جي ڀلائي جو سوچيندي قبولدار ٿيا، ڇاڪاڻ جو هنن جي لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو يا چاڙهو ڪونہ هو، جو ٻئي دفعي پنهنجي بازن جي زور تي ڪابل توڙي غزني مان پنهنجي قيدين جي جند آزاد ڪرائي سگهن ها. جيڪڏهن برابر هو پنهنجي طاقت سان پنهنجي قيدين کي ڇڏائي سگهن ها تہ پوءِ ڪين سردار محمد اڪبر خان جي ڪاڻ ڪيڻ يا ڪيس ويچارو تي ميڙ منٿ ڪرڻ جي ڪهڙي حاجت هني يا هنن کي ڪهڙي اچي پئي هئي، جو سردار محمد اڪبر خان جي والد امير دوست محمد خان کي آزاد ڪرڻ تي آماده پئي ٿيا؟

انگريزن جي ۽ سردار محمد اڪبر خان جي اهڙي ناهہ ۽ نهراءَ کان سواءِ ڪوبہ نبيرو ٿيڻو نہ هو ۽ هوڻ بہ لاڳيتين جنگين جي آوهہ ۾ اچي پئي ڌريون ڏئي وني بيٺيون هيون. اها بہ پڪ ڪانہ هئي تہ اڳتي ڪهڙي صورتحال پيدا ٿئي ۽ ڪير کٽي يا ڪير هارائي!

انهيءَ حالت ۾ حقيقت کي آڏو رکندي، راوين پاران اها راءِ قائم ڪرڻ ۾ آئي تہ اهو سڀڪجهہ سردار محمد اڪبر خان جي رضامنديءَ سان ئي ٿي چڪو هو. ڇو تہ جيڪڏهن ٻئي پاسي ڏٺو وڃي تہ آخر اها ڪهڙي مصيبت هئي، جنهن سردار محمد اڪبر خان جهڙي غازي، جري ۽ بهادر شخص کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن وٽ، ان وقت جڏهن هُن بخارا جي قيد مان آزاد ٿي ڪابل ۾ پير پاتو هو تہ، ڪهڙي دولت هئي يا ڪهڙو جنگي سامان موجود هو؟ هيءُ تہ هٿين خالي اتان نڪتو هو. اهڙي بيوسيءَ ۾ انگريزن سان ڪهڙو مهاڏو اٽڪائي ٿي سگهيو؟ پر تڏهن بہ هن جيڪا

مثالي همت ۽ جرئت ڪري انگريزن کي ذلت ڀريون شڪستون ڏنيون، ڪين خراسان/ افغانستان مان هڪالي ڪڍندو رهيو، سا سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي.

ليڪن هاڻ به ناهه ڪرڻ کان اڳ هن وٽ انگريزن جي فوج کان لٽيل ڦريل گهڻو ئي غنيمت جو مال ۽ جنگي سامان: توبون، بندوقون، بارود خانه، گدام وغيره، ڪافي کان وڌيڪ مهيا ۽ موجود هو ۽ هزارين سرفروش غازي سندس حڪم هيٺ هئا. اتي انگريزن جي ڪهڙي طاقت هئي، جو پنهنجي ٿورڙي فوج جي اٽلڪي ٻل تي پيهر ڪابل ۽ غزني تي چڙهي بنا مقابلي ۽ بغير ڪنهن قتلام جي پنهنجي قيدين کي ڇڏائي وڃن ها!

ان بابت جيڪي به دليل ڊوڙايا وڃن، ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ ڏکيو ٿيندو. اصل حقيقت هيئن آهي ته: انهيءَ عهدنامي سان گڏ جڏهن امير دوست محمد خان وٽان به تسلي ڀريو پيغام سردار محمد اڪبر خان تائين پهتو ته سڀ اٿايون ڳالهيون سوليون ۽ سٺايون ٿيڻ لڳيون.

انهن ئي ڏينهن ۾ شجاع الدوله هٿان شاهه شجاع قتل ٿي چڪو هو، جنهن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، تنهن ڪري اهو خيال به رڪٿو پيو ته متان وري ڪابل ۾ ڪو نئون وڳوڙ ۽ ملهو پيدا ٿي پوي. سو امير دوست محمد خان جي تسلي ۽ انگريز سرڪار جي عهدنامي کان پوءِ سردار محمد اڪبر خان جلال آباد ۾ رهيل انگريزن کي وٺي ڪابل ڏانهن روانو ٿيو. ان کان اڳ انگريز عملدارن کي هدايت ڪيائين ته مون ظاهر ظهور ته اوهان سان صلاح ۽ سازگاري ڪئي آهي ته اوهان جي قيدين کي آزاد ڪري اوهان جي حوالي ڪيو ويندو، پر ائين ڪرڻ سان فتنو فساد پيدا ٿي پوندو، جنهن سان منهن ڏيڻ ڏکيو ٿيندو. پهريان ته ڪابل جا سردار مون کي قتل ڪرڻ لاءِ اُٿي پوندا، پيو ته اوهان جي قيدين کي به ماري ڦٽو ڪيو ويندو، ٿيون هيءُ ته اوهان مان ڪو شخص زنده نه رهي سگهندو، ان ڪري اهڙي ڪا تدبير ڪرڻ ۾ اچي، جنهن سان اوهان جي مدعا پوري ٿي سگهي.

منهنجي صلاح آهي ته اوهان ائين ڪريو، جو ظاهري طور پنهنجي فوج سان اسان جي پويان ڪابل ڏانهن ڪاهيندا اچو، پوءِ جيتوڻيڪ افغان اوهان جو اڳ وٺي مقابلو ڪندا، تڏهن به جنگ دوران پاڻ پوئتي ٿي ويندا، ايتري ۾ اوهان جنگ ڪندا، ڪابل ۾ داخل ٿي وڃجو. آءُ اتي پهچي، انهن تي ڏمرجي قيدين کي اتان ڪڍي باميان جي قلعي طرف روانو ڪندس ۽ پاڻ به ڪابل کان نڪري ويندس.

منهني وڃڻ کان پوءِ اوهان عمارتون ڊاهي، بازار کي باهه ڏئي، غزني جي قلعي

ڏانهن ڪاهه ڪرڻ وجهو ۽ شمس الدين خان سان ٿوري جنگ ڪري ڪانئس غزني جو قلعو ڇڏائجو. (جيئن رٿيل آهي.) تنهن کان پوءِ شمس الدين خان باميان جي قلعي ڏانهن هليو ويندو. پڇاڙيءَ ۾ غزني جي قلعي تي قبضو ڪري فتح جو جهنڊو کوڙي، قلعي جو دروازو ٽوڙي ۽ خراسان/افغانستان جي ٻيهر فتح ڪرڻ جا نعرا هڻندي، باميان جي قلعي ڏانهن وڃڻ جي ڪجو، ته جيئن اتي قيدين جي ڇڏائڻ لاءِ سنئون سڌو سبب پيدا ٿي پوي.

انهيءَ ڳوڙهي رٿا کان پوءِ ان تي عمل ڪندي، انگريز، سردار محمد اڪبر خان جي ساٿ ۽ سازگاري سان غزني جي قلعي فتح ڪرڻ کان پوءِ باميان ۾ آيا، جتي هنن جي پهچڻ کان اڳ محمد صالح خان جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي، قيدين کي وٺي ڪابل روانو ٿي چڪو هو. انگريزن جيڪي هن سان قول اقرار ڪيا هئا، اهي هن رٿا جي ڪري اتيئي پورا ٿي ويا، جن جي ڪا پوئواري ڪانه ٿي.

ان مان ثابت ٿئي ٿو ته انگريزن جي ٻيهر ڪابل ڏانهن روانگي سردار محمد اڪبر خان جي سازگاري سان ٿي هئي، نه ته هنن ۾ اهڙو دم ڪونه هو جو اها مهم پاڻ واٽي سر ڪري سگهن ها. هاڻ ڏسڻو آهي ته اڳتي ڇا ٿو ٿئي؟

*

## سردار محمد اڪبر خان جي همت ۽ مردانگيءَ سان، سندس والد امير دوست محمد خان جو انگريزن جي قيد مان آزاد ٿيڻ - امير دوست محمد خان سان شير سنگهہ جي ملاقات، - امير موصوف جي ڪابل ۾ آمد - ان موقعي تي پنهنجي بهادر ۽ بلند همت پٽ سردار محمد اڪبر خان سان ملي خوشيون ملهائڻ:

جنرل پالڪ ۽ جنرل ناٽ صاحب جڏهن پنهنجي قيدين کي وٺي گورنر جنرل ايلن برو جي حڪم تي خراسان/افغانستان مان هندستان ڏانهن روانا ٿيا تہ عهد نامي مطابق امير دوست محمد خان کي بہ پنهنجن ماڻهن سميت خراسان افغانستان موڪلڻ جو انتظام ڪيو ويو (۱) امير موصوف ان خوشيءَ ۾ ميسوري جي دوستن جي وڏي پيماني تي دعوت ڪئي، جنهن ۾ اتان جا ننڍا وڏا شريڪ ٿيا.

شوال جي پنجين تاريخ (۱۲۵۸هہ) ۹-نومبر ۱۸۴۲ع ڌاري ميسوريءَ مان فيروزپور آيو ۽ گورنر جنرل سان اچي مليو. ڪانئس موڪلائي اڳتي هليو. وڃڻ وقت گورنر صاحب پنج سؤ سوار، پيادا، ڪي هاٿي، اُٺ ۽ ڇڪڙا امير دوست محمد خان سان روانا ڪيا (۲).

امير دوست محمد خان جو پٽ غلام حيدر خان، جنهن کي غزني مان گرفتار ڪري بمبئي ۾ نظر بند ڪيو ويو هو، ان کي بہ گورنر جنرل صاحب اتان گهرائي ورتو، ۽ کيس لڌياني ڏانهن امير دوست محمد خان وٽ موڪلي ڏنائين. اهڙيءَ ريت حاجي خان ڪاڪڙ کي بہ امير موصوف جي حوالي ڪيو ويو.

غلام حيدر خان لڌياني پهچي، پنهنجي والد جي قدمبوسي ڪئي ۽ ڏاڍو خوش

---

(۱) انگريزن جون فوجون ۱۸۴۲ع جي نومبر مهيني مطابق ۱۲۵۸هہ رمضان افغانستان مان نڪرڻ شروع ٿيون (افغانستان ص ۱۱۸).

(۲) هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلن برو تاريخ ۲۵-آڪٽوبر ۱۸۴۲ع ۾ امير دوست محمد خان جي رهائي جو حڪم ڏنو هو. عروج بارڪزئي ۱۸۵.

ٿيو. سندن وڇوڙي جي اونداهي رات وصال جي صبح ۾ بدلجي ويئي. ٻن مهينن ڪان پوءِ امير دوست محمد خان لڏياني مان خراسان افغانستان روانگي ڪئي. ان سڀاڳي گهڙيءَ لارڊ صاحب پنهنجي سر پيرين پيادو امير سان گڏ ڪجهه پنڌ تائين ويو ۽ کيس الوداع ڪيائين. ان کان اڳ کيس خلعت به ڏِڪائي هئائين ۽ ڪيترو وقت ساڻس ڪچهري به ڪري چڪو هو.

پڇاڙيءَ ۾ امير دوست محمد خان کي چيو هئائين ته انگريز سرڪار سان ڪڏهن به دوستيءَ جو ناتو نه ٽوڙڻ کپي ۽ اوهان کي سکن سان به نهي هلڻ گهرجي. اوهان اتي وڃي محمد اڪبر خان کي به هدايت ڪندا ته پشاور ۾ سکن جي قتل ۽ اُنهن تي حملي کان باز اچي.

امير دوست محمد خان انهن صلاحن ۽ نصيحتن کان پوءِ اڳتي وڌيو ۽ صاحب بهادر به موڪلائي پوئتي وريو. امير جي راهه خرچ لاءِ خيبر لڪ تائين انگريز سرڪار طرفان سڄو انتظام ٿي چڪو هو.

امير موصوف ائين منزلون ڪندو، جڏهن خالصه سنگهه[رنجيت سنگهه]جي حڪومت جي سرحد ۾ آيو ته ان جي عملدارن اچي سندس آجيان ڪئي، جن کي اڳ ۾ ئي اهڙو حڪم ٿيل هو. آجيان کان پوءِ امير جي سهڻي نموني دعوت ڪئي ويئي. امير دوست محمد خان ٢٠-جنوري ١٨٤٢ع مطابق ١٨-ذوالحج ١٢٥٨هه لاهور جي شهر ۾ اچي پهتو، جتي مهاراجا رنجيت سنگهه اڳواٽ ئي پنهنجي پاران خاص اميرن ۽ مقربن کي سندس استقبال لاءِ اماڻيو هو ۽ مهمانداريءَ لاءِ سڄو سامان شاهي انتظام سان مهيا ٿي چڪو هو. حڪيم عزيزالدين، جيڪو مهاراجا جو مصاحب هو، تنهن تي اهو ڪم رکيو ويو ته امير دوست محمد خان جي دعوت ۽ ملاقات لاءِ حضوري باغ ۾ شاندار نموني بندوبست ڪري. سڀني سردارن ۽ سربراهن کي سندن فوجين ۽ واسطيدارن سميت سهڻي لباس ۽ هار سينگار سان اتي حاضر ڪيو وڃي.

امير دوست محمد خان دعوت جي انتظام جي خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بروقت هڪ خاص ماڻهوءَ سان اعليٰ قسم جي ناهوڪي ترار، ٻه تازي گهوڙا ۽ پنج سو رپيا روڪ راجا جي خدمت ۾ نذر طور اُماڻيائين ۽ پوءِ پاڻ حضوري باغ ڏانهن روانو ٿيو.

مهاراجا ڏاڍي اڪير ۽ اتساهه سان امير جو آڌرڀاءُ ڪيو، ايتري قدر جو ذري گهٽ زمين تائين جهڪي، سندس تعظيم ڪرڻ لڳو. دعوت کان پوءِ ٻنهي گڏجي نويڪلائيءَ ۾ ڪچهري ڪئي.

ايتري ۾ خبر پهتي ته سردار محمد اڪبر خان ٽيهن هزارن جي لشڪر سان خيبر

وٽ پهچي چڪو آهي ۽ پشاور اچڻ چاهي ٿو. خبر ٻڌي مهاراجا، امير ڏانهن منهن ڪري ڪانئس پڇيو: سردار محمد اڪبر خان جي هن وقت عمر ڪيتري هوندي؟ -امير وراڻيو سندس عمر چويهه ورهيه ٿيندي.

مهاراجا چوڻ لڳو: سردار محمد اڪبر ڏاڍي گهڻي فوج وٺي آيو آهي. ڀلا سندس ارادو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ امير دوست محمد خان چيو، صرف منهنجي استقبال لاءِ سندس اچڻ ٿيو هوندو، ٻيو مڙني خير آهي. ائين چئي وري ڳالهين ۾ لڳي ويو.

شام جو امير دوست محمد خان مهاراجا سان گڏجي هليو. ٻئي گهوڙن تي چڙهي فوجي ڪرتب ڏسي هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويا. اهڙيءَ ريت امير هڪ مهيني تائين لاهور جي حضوري باغ ۾ مهاراجا جو مهمان ٿي رهيو.

ايترن ڏينهن ۾ سردار محمد اڪبر خان بابت لاڳيتيون خبرون اينديون ٿي رهيون ته اجهو ٿو پشاور تي قبضو ڪري. آخر مهاراجا طرفان راجا ڏيان سنگهه ۽ ٻين اميرن سردارن کي امير دوست محمد خان ڏانهن موڪليو، جن ڪيس وڏيڪ عرصو مهمان جي حيثيت ۾ پاڻ وٽ رهائڻ کان لنوائڻ جو خيال ڏيکاريو ۽ نئين سر عهد اقرار بابت گذارش ڪئي. ليڪن امير انهن ڳالهين کان لهرائيندي تياري جو حڪم ڏنو ۽ لاهور ڇڏي اڳتي روانو ٿيو. جڏهن لاهور کان ٻه منزلون اورتي نڪري آيو ته انهن پيادن ۽ سوارن کي (جيڪي انگريز سرڪار ساڻس گڏ خيبر لڪ تائين وڃڻ لاءِ مامور ڪيا هئا) فيروزپور واپس موڪليائين. پنڌ هلندي هڪ هنڌ چار هزار خراساني(افغاني)فوج امير دوست محمد خان وٽ اچي حاضر ٿي. امير کي سکن مان ڪو خطرو ڪونه هو، پر سکن کي مڙني تورو گهڻو خيال پئي ٿيو، ڇو ته خراساني(افغاني)فوج جي هر طرف هاڪ هئي. ليڪن واٽ تي سکن طرفان ڪا به شورش ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. انهيءَ لاءِ سکن مان هڪ سردار پنهنجي ماڻهن سان امير دوست محمد خان سان سفر ۾ گڏ هلندو ٿي آيو ۽ خيبر تائين امير کي عزت آبرو سان رسايو ويو. پوءِ امير سکن کي خلعتون ڏئي ساڳي عزت سان لاهور واپس موڪليو. امير موصوف جڏهن خيبر لڪ تي پهتو ته خيبر جي افغانن ڏاڍيون خوشيون ڪيون ۽ افغاني زبان ۾ ڪيس وڏي محبت ۽ مان سان مبارڪون ڏيڻ لڳا. امير ڪي پنج ڏينهن پاڻ وٽ رهائي خوب مهمانيون ڪيائون. تنهن کان پوءِ پاڻ خيبر مان پار ٿي جلال آباد ڏانهن وڌيو. سردار محمد اڪبر خان اها خوشخبري ٻڌي وجد ۾ اچي ويو، چئي:

هن خوشخبري تي جيڪڏهن پنهنجي جان صدقي ڪريان ته نهي ٿي، ڇو ته هيءُ

خوشخبري منهنجي لاءِ روح کي راحت رسائيندڙ آهي!

ائين چوندو پيرين اگهاڙو ڊوڙندو ويو ۽ وڃي پنهنجي مربي پيءُ جا پير چميائين- پنهنجي پيار پاڻوهه سان پاڪرين پنجي ويا. پنهي جيڪي جدائي جا سوڻا سرتي سنا هئا، سي پورا ٿي چڪا هئا. انهيءَ موقعي تي هيءُ قصيدو، امير بي نظير جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو:

واويلا آهي جو زماني جي گردش کان،
اسان جي درميان جدائي پيدا ٿي وئي.
شڪر آهي جو وري به هي سڀاڳو ڏينهن ڏٺم،
جنهن جي مهابي اونداهيون راتيون روشن ٿيون!
هن جي وصل مان جيڪو گل چوندي ورتم،
ان لاءِ هزارين ڪنڊن جا زخم سهسائڻا پيم،
مون پري رهي نه چاتو ته راحت ڪهڙي شيءِ آهي؟
ان عالم ۾ صبر ۽ قرار جي ڪاٻه ڪل ڪانه پيم،
مون رات ڏينهن روئندي رڙندي ڏٺيءَ کي ٿي ٻاڌايو:
ته مون کي اي منهنجا پروردگار....
انهيءَ مسافر امير (مربي پيءُ) سان جلد ملاءِ،
ان کي فرنگي جي ولايت مان آڻي هت رساءِ(۱)!

قصيدي پوري ٿيڻ تي سردار محمد اڪبر خان پنهنجي مربي پيءُ جي پيرن تي وڃي مٿو رکيو ۽ ڪيترو وقت اتي پيو رهيو. اکين مان زار زار ڳوڙها ٿي وهائيندو رهيو. هوڏانهن امير دوست محمد خان به دل کولي هنجون هارڻ لڳو، سندن آهون آسمان تائين ٿي رسيون.

امير آخر پوري مهر محبت سان پنهنجي سورهيه ۽ سرواڻ پٽ کي مٿي ڪري پاڪر ۾ آندو. سندس مٿو ۽ اکيون چمندي چيائين: منهنجا لخت جگر، منهنجا نور چشم، منهنجي جند، منهنجي جان! هيءُ جيڪي ڪجهه هن وقت ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو جيتوڻيڪ رب پاڪ جي مهر ڪرم سان ٿيو آهي، ته به تنهنجي همت ۽ جوانمرديءَ کي وساري نٿو سگهجي. جيڪڏهن ايڏي دليريءَ وارا ڪارناما سرانجام نه ڏئين ها ته فرنگيءَ جي قيد مان منهنجي رهائي ٿيڻي ئي نه هئي.

سردار محمد اڪبر خان جواب ۾ چيو: هيءُ سڀ الاهي تائيد سان ٿيو آهي،

(۱) قصيدو طويل هو، تنهن ڪري ترجمي لاءِ اختصار کان ڪم ورتو ويو. -مترجم

جيڪڏهن بخارا جو والي مون کي ايترو عرصو بند ۾ نه رکي ها ته آءٌ ڪيئن ائين چاهيان ها ته منهنجو مربي پيءُ انگريزن جي قيد ۾ رهي؟ اوهان ڪيترين جنگين ڪري انگريزن کي ٽوٽا ڇپرائيندا رهيا، پر هنن ڪڏهن به ڪا سرسي نه ڪئي. پوءِ به اوهان خود مصلحت جي خيال کان ۽ خراسان/افغانستان جي سردارن جو نفاق ڏسي، انگريزن سان ناهه ڪيو ۽ هنن کو انصاف ڪرڻ بدران اوهان کي قيدين وانگي هندستان اُماڻي ڪڍيو. ايترو عرصو مون ڪهڙي نموني زندگي بسر ٿي ڪئي، سا مون کي خبر آهي.

هاڻ به انهيءَ ارادي سان خدا رسول جي عنايت ۽ مدد مهابي، ملڪ ۾ اسلام جو جهنڊو بلند ڪري جدوجهد ڪندو ٿي آيس. امير دوست محمد خان هن جون اهي ڳالهيون ٻڌي، پدرانه شفقت مان کيس ڀاڪر پائي، سندس پيشاني چمي ۽ آفرين ڪندو رهيس.

هاڻ موقعي جي مناسبت سان بازن ۽ ڪانگن جو قصو پيش ڪجي ٿو:

هڪڙي بيٽ ۾ ڪي اصيل باز رهندا هئا، جن جي پاڻ ۾ ڏاڍي ٻڌي هوندي هئي، تنهنڪري زندگي ڏاڍي سک ۽ آرام سان پئي گذاريائون. هنن کي سکيو ستابو ڏسي ڪانگن کي اچي پيٽ ۾ سور پيو ته اهو بيٽ ڪانئن ڪسي پاڻ وجي، اتي عيش ڪجن. پر باز جيئن ته شهزور هئا ۽ پاڻ ۾ ٻڌي به هُيَن، ان ڪري ڪانگن کي جرئت نه ٿي سگهي ۽ رڳو سڌون ڪندا رهيا.

قضا الاهيءَ سان چا ٿيو جو بازن جو مهندار، جنهن جو نالو شهپال هو، سخت بيمار ٿي پيو. تنهنڪري ماڳ متائي پئي هنڌ وڃڻ جو خيال ڪيائين ته جيئن آب هوا جي بدل سدل ڪري ڪا شفا حاصل ڪجي! کيس پنهنجي اميرن به اها صلاح ڏني هئي، جنهن مطابق اتان نڪري ٻئي هنڌ آيو ۽ ٻيا به ساڻس گڏ اتي رهڻ لڳا.

ڪانگن جو ڏٺو ته بازن جو بيٽ از خود خالي ٿي چڪو آهي ته هڪدم وڃي ان تي قبضو ڪيائون. هيءُ بيوقوف ته اڳيئي هئا، ان ڪري ڪا اڳ پوءِ جي سوچ ئي نه ڪيائون. ساري بيٽ ۾ آزادي ۽ بي فڪريءَ سان پنهنجا آکيرا ناهي وينا ۽ دل ۾ سوچڻ لڳا ته واهه جو بازن جو بيٽ مزيدار آهي ۽ بنا ڪنهن تڪليف ڪرڻ جي اسان جي هٿ لڳي ويو، هاڻ ته پيا موجون ڪندا سين.

هڪڙي ڀيري ڪانگن جي سردار پنهنجي چڱن مڙسن کي پاڻ وٽ گهرائي ساڻن صلاح ڪئي ته هيءُ بيٽ بازن جو آهي، ٿي سگهي ٿو ته اهي ڪنهن وندر وروڻهن خاطر في الحال ڪنهن ٻئي پاسي نڪري ويا هجن، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ وري هتي موٽي

چڏي چڪا آهيون، ٿي سگھي ٿو تہ ان کي خالي ڏسي ڪن لالچين وجي اتي ديرا دمايا هجن، جيتوڻيڪ اها سندن وڏي غلطي ليکبي، تڏهن بہ چنبو تہ اهڙائي بيوقوف اهڙيون حرڪتون ڪندا آهن، جن کي پنهنجي عاقبت جو ڪو خيال نہ هوندو آهي. ٿي سگھي ٿو تہ اهڙن سڌڙين اچي اسان جي ماڳ تي قبضو ڪيو هجي، ۽ اسان جي ڦاسائڻ لاءِ ڪو ڦند پکيڙي چڪا هجن، ان ڪري منهنجو خيال آهي تہ ڪجھہ سوچي پوءِ اڳتي قدم کڻڻ گھرجي. ان جي لاءِ اڳ ۾ جاسوس موڪلي جاچ لڌي وجي تہ اسان جي ٻيٽ جي هن وقت ڪهڙي صورتحال آهي؟

شهپال ڪلندي وراڻيو: پکين مان ڪنهن جي مجال آهي جو اسان جي ماڳ تي ڏاڪ جمائڻ جي ڪا حرڪت ڪري سگھندو. اسان ائين ئي هليا ويندا سين. ڪنهن جاسوس موڪلڻ جي ڪا ضرورت ناهي. مڙس آخر مڙس ئي هوندا آهن!

شهپال ائين چئي تہ وينو، پر سين جي صلاح تي اهو خيال بدلائي آخر جاسوس کي اڳواٽ پنهنجي ماڳ ڏانهن روانو ڪرايائين. جاسوس جڏهن پنهنجي ٻيٽ تائين ويو تہ اتي ڪانگن جو قبضو ڏسي، واپس وريو ۽ سڄي روداد اچي پنهنجي مهندار وٽ بيان ڪيائين. شهپال پنهنجي اميرن کي چيو: شڪار کي جڏهن ڪٽي ڪٽندي آهي تہ وڃي شينهن سان ڪوُنس ڪندو آهي، هاڻ ڪهڙي صلاح آهي؟ اميرن جواب ڏنو: صلاح وري ڇا جي، اهو ٻيٽ اصل کان اسان جو آهي، ڪانگن ڪٽي هوڙيائي ڪري ان تي پنهنجي ڏاڪ جمائي آهي تہ ٻڙ (پرواهہ) ناهي. اسان اجھو تا وڃي مٿن ڪڙڪون ۽ ڪين چوڪنيو ٻڌي اوهان وٽ پيش ڪريون، اهي ٿيندا ڪهڙي شيءِ آهن جو اسان ويهي سندن ڪاڻ ڪڍون تہ هيئن نہ ڪجي، هيئن ڪجي!

شهپال چيو: ڪانگن جي ذات پنهنجي مڪر ۽ حيلي بازي ۾ ڏاڍي اتاهہ (هوشيار) آهي، جيستائين سموري جاچ ڪري دلجاءِ ڪجي، تيستائين انهن سان اٽڪڻ نيڪ نہ ٿيندو. دشمن ڪٽي ڇا بہ هجي ڪمزور توڙي شهزور، تڏهن بہ ان جي دشمنيءَ کان غافل نہ ٿيڻ کپي. پنهنجي حفاظت لاءِ سوچڻ هر حال ۾ چڱو آهي. دشمن کي عاجز سمجھڻ عقلمندي ناهي. چو تہ ذرڙي جيتري چڻنگ وڏي بار سازي سگھي ٿي.

سياڻن جو چوڻ آهي تہ ٽن شين جي جاڻ رکڻ ضروري آهي: اول هيءَ تہ دشمن جي دشمنيءَ کان خبردار رهجي، ڇو جو هر فتنو ۽ فساد ان مان پيدا ٿي سگھي ٿو. ٻي بيماري، جيڪڏهن ان جو ترت ڪو اپاءُ نہ ڪيو ويندو تہ اها وڏي حياتيءَ جو خاتمو ڪري ڇڏيندي، ۽ ٽين آهي باهہ! جو هن جي هڪڙي چڻنگ بہ هڪڙي پل ۾ سڄي

جهان کي ساڙي رک ڪري سگهي ٿي.

دشمني ڪيتري به انداز جي هجي ان کي طاقتور سمجهيو وڃي!

تز جيترو مچر به جبل جيڏي هاٿيءَ کي عذاب ۾ وجهي سگهي ٿو!

منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسان تکڙ کان ڪم وٺي وڃي، هيٺ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪندا سين ته اهو ممڪن آهي ته دشمن اسان کان اڳ بندوبست ڪري ڇڏيو هجي ۽ وڃڻ سان ئي مقابلي جي شروعات ٿئي. ان ڪري پاڻ کي پنهنجي لشڪر مان ڪجهه حصو اڳ ۾ موڪلڻ گهرجي، ۽ پاڻ کي باقي لشڪر سان وڃي، هيٺ جي آسپاس مورچا ٻڌي ويهڻو پوندو. جڏهن اسان جو اڳيان ويل لشڪر انهن (ڪانگن) سان جنگ شروع ڪري تڏهن به اهو ڏسڻو پوندو ته هو جنگ لاءِ تيار آهن يا ائين ئي هيٺ خالي ڪري نڪري وڃڻ ٿا چاهين؟ تنهن کان پوءِ صلح ته صلح، جنگ ته جنگ! اسان به پوئتي پوڻ وارا نه آهيون.

آخر انهيءَ تدبير سان بازن وڃي، ڪانگن کي ماري ڪٽي، پنهنجي ماڳ مان هڪالي ڪڍيو ۽ پاڻ پوري آرام سان پنهنجا ٽڪ پيڄڻ لڳا. وري ڪنهن کي ڪا جرئت نه ٿي جو هنن ڏانهن ميريءَ اک سان نهارڻ جي ڪري!

بادشاهي جنهن جي پاڳ ۾ هجي، ان کي جڳائي ته هر معاملي ۾ سوچي سمجهي قدم کڻي ۽ سچي حال سان گڏ پنهنجي مان مرتبي کي به ڌيان ۾ رکي. هن کي جيتري سگهه هجي، ان موجب هٿ پير هڻي ۽ ملڪ هلائڻ جي ڪري. ڪڏهن به قناعت کان قدم ٻاهر نه کڻي، پنهنجي روش ۽ خانداني هلت سان زندگي بسر ڪندو رهي!

جيڪڏهن سندس لاءِ راحت ۽ عافيت وارو روزگار موجود آهي، ائين ڄاڻي ته هر قسم جي جنجل کان آزاد آهي ۽ ڪو به ڪيس نقصان رسائي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪانگ ڪم نصيبيءَ جي ڪري بازن سان سينو نه ساهين ها ته پنهنجي اجهن ۾ پيا خوش گذارين ها. بس دانائن لاءِ هڪ نقطو ڪافي آهي.

انگريز به جيڪڏهن خراسان/افغانستان جي حڪومت هٿ ڪرڻ جي هوس ۾ نه پون ها ته سندن خزانا، گدام، توبون، اُٺ، گهوڙا، جن جو تعداد حساب کان ٻاهر آهي ۽ هزارين فوجي، جن ۾ اڇا ڪارا هندستاني ۽ انگريز سپاهي ۽ عملدار موجود هئا، ڪانگن وانگي خراسان/افغانستان جي شهبازن هٿان شڪار نه ٿي وڃن ها. هونءَ به خراسان/افغانستان جي بادشاهي اهڙي سولي ڪانه هئي، جو گرهه وانگر هر ڪنهن جي وات ۾ وڃي پوي! نادر شاهه به هيڏي ساري لشڪر سان خراسان/افغانستان تي چڙهائي ڪئي، پر چوندا ناهن ته: "ماز ندران جي گدڙ کي صرف ماز ندران جو ڪُتوئي

وٺ پڪڙ ڪري سگهي ٿو."

سو اهو بہ خراسان/افغانستان کي پنهنجي قبضي ۾ نہ آڻي سگهيو. جيڪڏهن هڪڙو ڪوهستان تي ورتائين تہ ٻئي ڪوهستان تي ڪونہ ٿي پڄي سگهيو. پڇاڙيءَ ۾ سالن جا سال ڇتڪتائي ڪندو رهيو. خراسان/افغانستان ڪيس هٿ نہ اچڻو هو، سو نہ آيو.

هيڏانهن انگريز وري ڪير هو جو هندستان جهڙي ڪانگن جهڙي لشڪر سان ڏهن يارهن سالن جي عرصي ۾ خراسان/افغانستان تي قابض ٿي وڃي ها! "ڳوهہ کي ٿي ڪتي ڪٽي تہ ڏيڏن جا ٿي گهر ڦٽائي."

انهن جنگين ۾ هندستانين سان جيڪا جُٺ ٿي، تنهن جو ڇا بيان ڪجي!۔ هنن جا لاش ڪفن ۽ قبر کان سواءِ خراسان/افغانستان جي سرزمين تي درندن جو ڪاڄ ٿيندا، ۽ ڏوڙ ۾ ڏوڙ ٿيندا رهيا. ٻئي طرف اسلام جا غازي، جن کي هميشہ جهاد جو شوق ڪنيو بيٺو هو، دنيا توڙي آخرت جي سرخروئي لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪندا ٿي رهيا. واقعي خوش نصيب آهن اهي، جيڪي شهادت جو جام نوش ڪندا رهن ٿا ۽ ڦٽڪار آهي انهن تي جن پنهنجو دين ايمان نصارن وٽ وڪڻي ڇڏيو (١).

٭

---

(١) امير دوست محمد خان جي واپسي بابت اصل حقيقت هيءَ آهي تہ: شير سنگهہ سندس آمد تي خوش ٿي ڪيس وڏي عزت سان دعوتون ڪرايون ۽ موڪلائڻ مهل هن کي بہ هاٿي روپي سوني ڏولين سان، بہ لک رپيا روڪ، هڪ پشم مان تيار ٿيل تنبو ۽ ٻيون سوکڙيون پيش ڪيون. امير جڏهن پشاور آيو تہ اتي شڪارپوري شاهوڪارن جي لٽ ڦر بابت ٻڌي ڏاڍو ڏمريو. انهن کي پاڻ سان گڏ جلال آباد وٺي ويو، جتي خراسان/افغانستان جي رئيسن کي ڪوٺائي حڪم ڏنائين تہ اوهان جيڪا انگريزن کان مال زر جي لٽ ڦر ڪئي، سان اوهان کي ڦٻي پر شڪارپور جي شاهوڪارن کان جيڪا ڦرلٽ ڪئي ويئي آهي، ان جي سموري مڏي بناڪنهن گهٽ وڌائي جي ڪين موٽائي ڏني وڃي، جو هيءَ ڪابل جي رعايا آهن. اهڙيءَ ريت شاهوڪارن کي سڄي موڙي مڏي موٽائي ڏني وئي.

— حبيبي

## امير دوست محمد خان جو جلال آباد مان ڪابل ڏانهن روانو ٿيڻ- ڪابل ۾ سردارن سان صلاحون ڪرڻ ۽ سردارن وٽان انگريز ڪان ڦريل لٽيل مال ملڪيت جي وصولي ڪرڻ:

امير دوست محمد خان صفر مهيني ١٢٥٨هه (١٨٤٢ع) ڌاري هندستان جي سفر کان پوءِ جلال آباد پهتو، جتي پنهنجي پٽ سردار محمد اڪبر خان سان ملاقات ڪري، خوش ٿي وري ڪابل ڏانهن ڪوچ ڪيائين. هن جي آمد جو اطلاع جڏهن ڪابل جي سردارن تائين پهتو ته پاڻ ۾ گڏجي اها صلاح ڪيائون ته جهاد جي لاءِ بني هاشم مان ڪو سربراهه مقرر ڪرڻ ۾ اچي. ان لاءِ عالمن کان فتوائون لکرايون ويون، جن مطابق مرحوم مير واعظ جي پٽ کي، جيڪو سادات مان هو، ٿاڦڻ جي تجويز تيار ڪئي ويئي. جنهن کانپوءِ امير دوست محمد خان، سردار محمد اڪبر خان ۽ محمد زمان خان وغيره سردارن لاءِ اهو فيصلو ٿيو ته اهي اسلامي جٿن جا سرڪردا هوندا.

امير دوست محمد خان جڏهن سردارن جي انهيءَ فيصلي ۽ فتوائن کان آگاهه ٿيو ته سيني کي پاڻ وٽ گهرائي کين وڏيءَ دل سان چيائين، هن وقت اسان کي خراسان [افغانستان] جي حڪومت ۽ رياست جي معاملي ۾ مداخلت ڪرڻي نه آهي. ان لاءِ وري به اوهان جي مرضيءَ تي منحصر هوندو، جنهن کي چاهيو، تنهن کي پنهنجو حاڪم مقرر ڪجو. ليڪن آءٌ ڪيترن ورهين کان افغانن جي حال چال کان واقف آهيان. اسان سيني کي گڏجي پاڻ ۾ يڪي صلاح ڪرڻي پوندي، ان کان سواءِ ڪجهه ڪرڻ ۾ آيو ته اها دانشمندي نه ٿيندي! سيني کي اها ڳالهه وڻي ۽ ان تي راضي ٿي ويا.

انهيءَ کان پوءِ امير چوڻ لڳو: اول ملڪ جي آبادي ۽ رعايا جي آسودگيءَ کي سيني مسئلن تي ترجيح ڏيڻ گهرجي، ڇو ته انهيءَ ۾ ئي رياست ۽ حڪومت جي بهتري آهي. تنهن کان پوءِ لشڪر جي تنظيم ضروري ٿيندي، ڇو ته باز جي قوت ان جي بازن جي ڪري هوندي آهي ۽ سردارن توڙي سرداري جو مدار به ان تي آهي. ٿيون ته ٻن ٽن سالن تائين انهن سيني ڳالهين جو تدارڪ ڪري، پوءِ جهاد جي سنبت ڪرڻ کپي، جو چوندا آهن ته اڳ ۾ گهر کي ناهي، پوءِ ٻاهر جي سفر جي ڳڻ ڪجي.

سردارن امير دوست محمد خان جون اهي ڳالهيون ٻڌيون ته ڏاڍا خوش ٿڌ ويا.

ڪيس پنهنجي پوري رضامنديءَ سان ]ڪومت هلائڻ جو اختيار ڏنائون. ائين مير موصوف کي خراسان[افغانستان]جي رياست جي واڳ سونپي ويئي. امين الله خان لوگري کي، جنهن انگريزن جو خزانو لٽڻ سان گڏ واپارين جو مال به پنهنجي قبضي ۾ ڪيو هو، ان کي قيد ڪري سڄو مال غنيمت ڪانئس ورائي ورتائين. امين الله خان قيد ۾ وڃڻ لاءِ راضي ٿيو، پر مال واپس ڪرڻ تي رضامند نه هو. ٿورن ڏينهن کانپوءِ سمورو مال واپس ڪري ڏنائين ۽ ڪيس ڇڏيو ويو.

اهڙيءَ طرح طره باز خان کان ڏهه هزار رپيا، خلعت خان ميمنديءَ وٽان ست هزار رپيا، آغا جان کان پنج هزار رپيا، برڪت خان غلزئي وٽان پندرهن هزار رپيا وصول ڪيا ويا. تنهن سان گڏ ٻين سردارن به انگريزن کان جيڪا قرلت ڪئي هئي، اها واپس ڪرائي خزاني ۾ رکرايائين. سردارن به پنهنجي عزت جي بچاءُ لاءِ سموري موڙي ڪيس پهچائي.

هڪ ڏينهن خزانچيءَ امير دوست محمد خان کي ٻڌايو: خزاني ۾ ڏوڪڙ ڪونه آهن ۽ سپاهي پگهار پيا گهرن. امير وري شهر ۾ پڙهو گهمايو ته جنهن وٽ به ڪمپني جي سڪي وارا پئسا هجن، اُهي آڻي حاضر ڪري. جنهن حڪم جي پوئواري نه ڪئي، تنهن کي سخت سزا ڏني ويندي.

سردارن کي اها ڳالهه ڏاڍي ناگوار لڳي، ليڪن حاڪم جي حڪم کي ڪير ٽو ٽاري سگهي. لاچار کان حڪم جي پيروي ڪين ڪرڻي پئي. اهڙي نموني امير دوست محمد خان ڪابل جي ننڍن وڏن کان مال غنيمت هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ لشڪر جي پرداخت ڪندو رهيو. جڏهن سردارن وٽ ايترو پئسو ڏوڪڙ ڪونه رهيو، ته سندن مستي به ڍري ٿي ويئي! جيئن چيو اٿن ته دستيءَ کي ئي مستي ٿيندي آهي. پڇاڙيءَ سيئي سندس فرمانبرداريءَ ۾ اچي ويا.

ڪيترن اميرن انگريزن جي اچڻ وقت امير سان بيوفائي ڪئي هئي. اهي پنهنجي ڊپ کان ڏڪندا ٿي رهيا. امير بردباري کان ڪم وٺندي، انهن تي مهر جو هٿ ڦيريو ۽ سندن ڪوتاهيون درگذر ڪري ڇڏيائين. اهي به امير جي انهيءَ عنايت کان سندس شڪرگذار ٿيا. پوءِ انهن مان هر ڪنهن جي حيثيت مطابق عهدا ڏنا ويا.

*

## قنڌار جي سردارن جو ايران مان واپس قنڌار اچڻ- انگريزن جي فوج جو قنڌار مان نڪري وڃڻ ۽ شهزادي صفدر جنگ جو گرفتار ٿيڻ(١):

جڏهن ڪان انگريزن بنا ڪنهن مقابلي جي قنڌار ۾ قدم رکيو، اهڙو ڪو به ڏينهن انهن کي نصيب نه ٿيو، جو افغانن جي پادرن ۽ مارڪٽ ڪان سلامت رهي سگهيا هجن، تنهنڪري هميشه خوف ۽ هراس ۾ رهندا ٿي آيا. جيڪڏهن چار ڏوڪڙ ڏئي افغانن کي راضي ٿي ڪيائون ته واه، نه ته انهن جي وٽ وٺان لڳي پيئي هوندي هئي. خراسان/افغانستان مان حڪومت کي ڪا خاص حاصلات ڪانه ٿيندي هئي، نه وري ڪوهستان ۾ رهندڙ افغان رعايا وٽان هن کي ڪجهه وصول پئي ٿيو.

جيستائين انهن سان ڪا چڪري نه لڳندي هئي، تيستائين ڪانئن ڪجهه به ڪين ڏکيو ٿيندو هو. مگر ان ڪان پوءِ ڏنڊ ڏوهه ۾ ڏوڪڙن بدران اُن ۽ دنبا ڏئي، جان ڇڏائيندا هئا.

انگريزن اوائل ۾ اچڻ جي شروعات ڪئي ته رستي جي ڏکيائين سان گڏ، ڪوهستان ۾ رهندڙ افغانن ۽ بلوچن جي هڻ مار ۽ لٽ ڦر هلندي ٿي رهي: اهي سيئي ڳالهيون سوچيندي سدائين سورن ۾ پئي رهيا. وري جو ڪابل جون خبرون ٻڌائون ته هيڪاري وڌيڪ هنيانءُ لاهي ڏٺيءَ در ٻاڏائڻ لڳا ته اسان هندستان وڃڻ ٿا گهرون!

هوڏانهن سردار محمد اڪبر خان ڪابل مان انگريزن جي فوج کي ڪيڏڻ ڪان پوءِ ايران ۾ رهندڙ قنڌار جي سردارن ڏانهن پيغام موڪليو ته: خدا جي مهربانيءَ سان، جنهن هر وقت اسان کي فتح سان پئي نوازيو آهي ۽ اسان اسلام جي سرفرازي جو جهنڊو بلند ڪندا رهون ٿا، هاڻ صورت احوال هيءَ آهي ته شاهه شجاع خراسان/ افغانستان ۾ جيڪو فتنو فساد برپا ڪندو رهيو، اهو وجي پنهنجي سزا کي پهتو: جيئن چيو اٿن ته: گڏهه پڇ جي اميد ڪٽي ويو، ته هٿي ڪن گم ڪري آيو!

ان سان گڏ انگريزن جي جيڪا فوج هئي، تنهن کي به غازين پنهنجي ترارين جو بک بڻائي، سندن مال اسباب پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. هاڻ ڪابل ۽ غزنيءَ وغيره جي

(١) شهزادو صفدر جنگ: شاهه شجاع جو پٽ. (ڏسو ابدالي حڪمرانن جو شجرو).

فضا انگريزي لشڪر جي گندگيءَ کان صاف ٿي چڪي آهي. توهان پوري دلجاءِ سان پاڻ، پنهنجي عزيزن، قريبن سميت، قنڌار واپس اچي وڃو. اسان اوهان جي ملاقات جا منتظر آهيون. اوهان کي ايترو وقت جيڪي به مشڪلون ۽ مصيبتون درپيش اينديون رهيون، انهن جو ازالو ڪرڻ ۾ ايندو. هتي انگريزن جي جيڪا ٿوري گهڻي فوج ترسيل آهي، سا اوهان جي اچڻ کانپوءِ هندستان هلي ويندي.

افغان سردارن، سردار محمد اڪبر خان جي پيغام ملڻ تي تياري ڪئي ۽ ايران مان نڪري منزلون هڻندا، اچي گرش واري هنڌ پهتا. ايتري ۾ چار سؤ لشڪر هنن وٽ گڏ ٿي ويو.

انگريزن جي فوج، جو سردارن جي اچڻ جي پڪي خبر ٻڌي ته، بيقرار ٿي ويئي. انهيءَ اُٿ تڻ ۾ شهزادي صفدر جنگ (١) ۽ عطا محمد خان باميزئي(٢) کي اتي ڇڏي شڪرانا ڪندي هندستان هلڻ هاري ٿي. ڇيائون ته مصيبت سرتي آئي هئي، پر خدا ڪيو ٽري ويئي.

سردار جڏهن قنڌار جي ويجهو آيا ته شهزادو صفدر جنگ ۽ عطا محمد خان ساڻن مقابلي لاءِ تيار ٿيا. سردارن کي جيئن ته پنهنجي لشڪر تي ايڏو ڀروسو ڪونه هو ۽ خود قنڌار جا افغان سندن مخالف هئا، سو ڇا ڪيائون، جو شهزادي صفدر جنگ سان ٺاهه ڪري هليا آيا. قنڌارجي سردارن عطا محمد خان باميزئي سان ملي، سمورو انتظام هٿ ۾ ڪنيو، جيڪا ٻن ڏرين جي حالتن سان نهڪي ايندڙ سهٽي ۽ سياٽپ واري ڳالهه هئي، ڇو ته قنڌار ڇڏڻ کانپوءِ سردارن ڏاڍيون مصيبتون ڏٺيون هيون. هاڻ ڪين ڪجهه قرار ڪپندو هو. انهيءَ خيال کان هيءُ بنا ڪنهن سرڪشي ۽ ارڏائي جي صبر ۽ شڪر کان ڪم وٺي ڪاروبار هلائڻ لڳا.

هنن ٻهرين سٽ ۾ شرعي احڪام جاري ڪيا، ڇاڪاڻ ته انگريزن جي فوج واري عرصي ۾ شراب جو عام جام واهپو شروع ٿيو هو، جيڪو پوءِ به هلندو ٿي آيو، ان تي بلڪل بندش وڌي ويئي. هندو، جيڪي زين رکي گهوڙي تي سواري ڪندا هئا. تن کي زين کان منع ڪري گهوڙي جي سڪٽي پُٺي تي سواري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. جيئن ته اهي قرآن حڪيم جي فرمان سان مطابقت رکندڙ ڳالهيون هيون؟ ان ڪري رعايا مان ڪنهن به انهن تي اعتراض نه ڪيو، هٿئون سردارن جي انهيءَ سڌاري تي وڏيڪ خوشيءَ جو اظهار ڪيائون. هر ڪنهن ائين پئي چيو. سردارن وطن کان ٻاهر

(١) شهزادو فتح جنگ ولد شاهه شجاع.

(٢) عطا محمد خان ولد سردار سمندر خان.

وڃڻ کان پوءِ جيڪي مسافري ۾ غربت جون تڪليفون ڏٺيون، انهن کان سندن دل ۾ رحمدلي جو مادو پيدا ٿيو آهي، ۽ ان جي اثر ۾ عدل انصاف ڏانهن لاڙو رکيو اٿائون.

ٿورن گهڻن ڏينهن کانپوءِ جڏهن سردارن کي ذهني سڪون ميسر ٿيو ۽ سندن ڏک ڏولاوا ڏور ٿي ويا، تہ قنڌار جي رنگينيءَ ڏانهن سندن دليون ورڻ لڳيون. رياست جي حڪمرانيءَ جو نشو غرور تہ پيدا ڪري! سو انهيءَ رنگ ۾ پهريان شهزادي صفدر جنگ کي ٻڌي هڪدم قيد اندر قابو ڪري ڇڏيائون، پوءِ جنهن وٽ ڪمپني جا ڪلدار پئي سجهين، سي ڪسي ڪوري ۾ تپائي ان مان پنهنجو سڪو تيار ڪري هلائڻ لڳا. انهن سڪن مان ٻيٽو ڪم وني ريئي بدران بہ رپيا تيار ڪرائي ٿي ورتائون ۽ ساڳيءَ ريت (جيئن اصل هئا) ظلم تي پاڙي ڏنائون.

جيئن چوندا آهن: عافيت جو قدر اهوئي ڪندو، جنهن کا مصيبت سر تي سٺي هوندي. ليڪن قنڌار جي سردارن، جيڪي ايترين مصيبتون ڏٺيون ۽ سُٺيون، اهي سڀ ذهن تان لاهي نفس پروري ۾ مشغول ٿي ويا، جنهن لاءِ بزرگن ۽ سالڪن هميشہ منع پئي ڪئي آهي، ڇو تہ اها روش دنيا توڙي آخرت لاءِ چڱا نتيجا نٿي ڏيکاري، نہ وري ڪنهن جي مال ملڪيت ڦبائي، ان سان ناحق ڪرڻ جي ڪا تلقين ڪيل آهي، جيڪو اهڙيون زيادتيون ڪندو، اهو آخر انهن جي سزا لوڙيندو.

اڄ جيڪڏهن مردم آزاري تو لاءِ آسان آهي،
سڀائي اها توکي ڏاڍي ڏکي لڳندي.
زندگيءَ ۾ ڪيئي گهٽ وڌايون آهن،
پر اهڙي زيادتيءَ جو ڦل اوکو آهي.

ڪامل جوانمرد (مڙس ماڻهو) اهو آهي، جيڪو نفس شيطان جي وڪڙ ۾ نہ اچي، جيئن خدا جي ڏمر کان آجو رهي. تنهن کان ڪيس کپي تہ ڪنهن جي آسائش ۾ ڪا بہ رنڊڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نہ رهي.

*

## انگريزن جو هرات ۾ شهزادي ڪامران وٽ وڃڻ، ان خيال سان ته ساڻس ملي ڪا نئين رٿ شروع ڪرڻ ۾ اچي، پر شهزادي ڪامران جي وزير يار محمد خان جي ڪري انگريزن جو اتان مايوس ٿي موٽڻ:

ڪابل ۽ غزنيءَ جي جنگ کان ڪي سال اڳ مسٽر پاٽنجر، شهزادي ڪامران وٽ هرات ڏانهن ويو هو، انهيءَ خيال سان ته ڳالهين ۾ ڪيس پنهنجو ڪري ڪنهن سازباز جو ڪانئس ڪم وٺي. هيءُ ڪيترو عرصو اتي شهزادي وٽ رهيل هو ۽ ساڻس ڳالهيون هلائيندو رهيو. ڪيس گهڻيون ئي چاڙهيون ڏنائين ته تون اسان (انگريزن) سان رستو رکندين ته تنهنجي سلامتي به ٿيندي ۽ اسان کي هتان روس ڏانهن چڙهائي جو موقعو ملي سگهندو، ليڪن ڪامياب نه ٿيو.

انهيءَ دوران ايران مان قاچار جو بي انداز لشڪر هرات تي چڙهائي ڪري آيو ۽ قلعي کي سخت گهيرو ڪيائين. ڏهن يارهن مهينن تائين اهو لشڪر قلعي جو گهيرو ڪيو وينو هو. هر روز شهزادي ڪامران جي لشڪر سان ان جون چڪريون هلنديون رهيون. هڪ رات شهزادي جي لشڪر قلعي کان ٻاهر اچي قاچار جي لشڪر تي راتاهو ڏنو، جنهن کان قاچار جي لشڪر مان ڪيترا زخمي ٿي پيا ۽ ڪيئي مارجي ويا. هيءُ ائين راتاهو ڏيندا وري قلعي اندر ٿي اچي ويا. تڏهن مسٽر پاٽنجر به قلعي ۾ موجود هو، جيڪو شهزادي ڪامران کي جنگ جي ڪاميابي لاءِ صلاحون ڏيندو ٿي آيو.

شهزادي جي فوج ان حالت ۾، جڏهن قلعي جا گدام خالي ٿي چڪا هئا، وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪندي رهي، جنهن ڪري قاچاري لشڪر جي ڪاميابي ته رهي پنهنجي جاءِ تي، سندس ننڊ ئي حرام ٿي وئي..

مسٽر پاٽنجر موقعو وٺي ٻنهي ڌرين درميان ناهه جون ڳالهيون هلايون ۽ ڪي لک رپيا مرزا محمد شاهه قاچار کي ڏئي، جنگ بند ڪرائي ڇڏيائين. قاچاري لشڪر جي وڃڻ کان پوءِ مسٽر پاٽنجر پنهنجي خرچ تي هرات جي قلعي جي مرمت ڪرائي، جيڪو توبن جي گولن لڳڻ سبب ڪيترن هنڌن تان ڀڄ ڀور ۾ اچي چڪو هو.

سون پاڻ سان ڪٽي ڪٽان ٻه ويندي هئي ته ڪوبه سندس نالو نه وٺندو هو. خاص ڪري ازبڪن جو قبيلو، جيڪو هميشه هرات سان هٿ ڪوڙنس ڪندو ٿي رهيو، ۽ ماڻهو اغوا ڪري لٽ ڦر لائي ڏني هئائين، انهن تي چڙهي ڪين ٻارن ٻچن سميت آڻي هرات جي قيد ۾ وڌائين. ٿورن گهڙين ڏينهن ڪانپوءِ هيءُ به سيڪجهه هرات ۾ ڇڏي خالي هٿئين وڃي پنهنجي رب ڪي پرتو!(١)

جنهن ڪي انت متيءَ ۾ وڃي آرامي ٿيٽو آهي، تنهن ڪي آسمان تائين اُپيون عمارتون ڇا ڪري ڏينديون!

•

(١) وزير يارمحمد خان شهزادي ڪامران ڪي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ هميشه لاءِ هرات جو تخت والاري ويٺو. پوءِ پرياسي وارا علائقا به هٿ ڪندو ويو ۽ ڏکڻ ۾ فراهه تائين وڃي قابض ٿيو. واڻ تي بيمار ٿي شعبان ١٢٦٧هه مطابق ١٨٥١ع ۾ فوت ٿيو. کيس هرات ۾ مولانا جامي جي مزار لڳ دفنايو ويو. هن ڪي ٻه پٽ هئا، جن مان هڪ نالائق ٻيو اڏ چريو هو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ شهزادو يوسف حاجي فيروزالدين سدوزئي جو پوٽو عيسيٰ خان ڪان، جيڪو اڌ چريو. هو، هرات جي حڪومت کسي پاڻ حاڪم ٿيو ۽ محمدخان ڪي قتل ڪري ڇڏيائين، عروج بارڪزئي، ص ١٧٨.

## انگريزن جو سنڌ تي الاهي قهر بڻجي ڪڙڪڻ- پهريان درياهه جي ڏيگهه، ويڪر ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جي ماپ وٺڻ، پوءِ پنهنجا گورک ڌنڌا شروع ڪري ڏيڻ:

هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي، جڏهن سنڌ جا حڪمران مير- هرهڪ مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان (حيدرآباد جا حڪمران) ۽ مير سهراب خان خيرپور جي والي، ان جا مشير، نواب ولي محمد خان لغاري، سيد ميان گولي شاهه ۽ ٻيا حال حيات هئا.

انگريزن اوائل ۾ دوستيءَ جي خيال سان سنڌ ۾ فوجي ڇانوڻي وجهڻ لاءِ ڏاڍا حيلا هلايا، پر ميرن، جيڪي زماني جون سرديون گرميون ڏسي چڪا هئا، انهن ڪي پير ڪوڙڻ نه ڏنو، ڇالاءِ ته ڪين ڏارين جي هٿ چراند بابت هرڪا خبر چار ڏيان ۾ هئي.

انگريزن جيڪڏهن ميرن سان ڪا اچاٽ يا اڳرائي ڪئي پئي ته هنن خراسان/ افغانستان جي خانن ۽ سردارن کان فوجي مدد طلب ڪري ڪين (انگريزن کي) تڙي ڪڙي ڏکي پري ڪري ٿي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت انگريزن جي هرڪا حڪمت عملي ناڪام ٿيندي رهي، جنهن هنن کي صفا سانت ڪرائي ڇڏيو ٿي ۽ ٻيهر پير پائڻ جي سگهه ساري نٿي سگهيا، ڇو ته ڪراچيءَ جو بندر ميرن جي هٿ ۾ هو، ۽ اتان ئي انگريز جي اچ وڃ جاري رهي ٿي سگهي، پر ميرن جي هوشياريءَ سبب انگريزن لاءِ اهو ڳتو به بند رهيو. تنهن هوندي به هيءُ (گدڙ وانگي شڪار جي لونجهه ۾) لوس لوس ڪندا رهيا.

اڳتي هلي ڇا ٿيو، جو قضا الاهيءَ سان جيئن هر ڪنهن جي زندگيءَ ۾ قدرتي طور اجل جي اٿل ايندي رهي ٿي، متي ذڪر ڪيل حيدرآباد ۽ خيرپور جي حڪمران ميرن مان هڪ هڪ ٿي. راهه رباني وٺي ويندو رهيو. ان ڪانپوءِ سنڌ جي حڪمرانيءَ جي واڳ ٻن منزلن ڏانهن موڙي ويئي. هڪ طرف ميرنورمحمد خان، مير نصير خان، مير مراد علي خان مرحوم جي پٽن کي حيدرآباد ۾ حڪومت ملي ويئي ته ٻئي پاسي وري خيرپور ۾ مير رستم خان، مير مبارڪ خان ۽ مير علي مراد خان کي حڪومت هٿ آئي.

چوندا آهن تہ هر ڪمال تي زوال اچي ٿو ۽ هر بهار جي پويان خزان ايندي رهي ٿي. حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن درميان دستاربنديءَ جي مسئلي تي اچي جهڪ جهڪان لڳي، جا وڌندي وڃي ڏٺي وائٺي دشمني تي پهتي، جنهن ڪي جهل ئي نہ آئي. انگريز جيڪي اڳ ۾ ئي شڪار جي تاڙ ۾ هئا، ڦاهيوالن جيان چار ڪٽي ڪاهي پيا– ڪن دوستيءَ جي دعوا ۾ هٿ ڌڳهيريو، ڪن رسالت سفارت جو رستو رکڻ لاءِ تہ ڪن وري درياهہ جي ماپ وٺڻ جي بهاني اچي (سرطان وانگي) سنڌ ۾ چنبا کوڙيا. هن پاسي حيدرآباد ۾، مير نورمحمد خان، مير مراد علي خان جي ولي عهد ۽ حڪمران کي انگريزن سياسي عياري ۽ ذاتي مڪاريءَ سان ڦيري گهيري پنهنجي پاسي ڪيو. ڳالهين کان پوءِ عهدنامو تيار ٿيو تہ: ڪراچيءَ کان وٺي سبزل ڪوٽ سوڌو ۽ ريگستان جا قلعا، سڀ ميرن جي قبضي هيٺ رهندا، انهن ۾ انگريز ڪابہ مداخلت نہ ڪندا.

ٻيو هيءَ تہ ڪوٽلي (ڪوٽڙي؟) ۾ درياهہ جي ڪناري هڪ ڇانوٽي وڌي ويندي، جنهن جي ساليانی خرچ پکي لاءِ ميرن کي ٽي لک رپيا ڏيڻا پوندا. جيڪڏهن ڪنهن بہ غنيم خراسان/افغانستان وغيره کان سنڌ تي چڙهائي ڪئي تہ انگريز سرڪار ان جو دفاع ڪندي.

انگريزن جي انهيءَ عهدنامي تي مير ڏاڍا خوش ٿيا. ان کي چڻ تعويذ ڪري پئي چاتائون. پر خبر نہ هين تہ اندرين خاني ڇا ٿيندو! ٿورا ڏينهن گذريا تہ انگريزن وري پارهن پيا مسئلا پيش ڪيا. ميرن اهي اجا پورا مس ڪيا تہ وري مٿان ٽيهہ چويهہ پيا معاملا سندن ڳچيءَ ۾ وڌائون. تان جو هوريان ڏاڍيان سچو ڪتاب تيار ٿي ويو، جنهن ۾ هيڏانهن هوڏانهن جا مڙئي مسئلا موجود هئا. انهن جي تفصيل لاءِ وڏو دفتر درڪار ٿيندو. ميرن ڪابہ مجبوري نہ واري: جيئن انگريزن پئي گهريو، تيئن ڪانئن ڪم ڪرائيندا ويا. ڏيڻ ۾ جنهن جو هيڪر پير پيو اهو ويندو هيٺ لهندو، نيٺ انهيءَ ۾ ئي وڃي غرق ٿيندو.

انهيءَ دوستي پڪي ٿيڻ کان پوءِ انگريزن (اگرڻ پکيءَ جان) پر پکيڙڻ شروع ڪيا ۽ درياهہ رستي خراسان/افغانستان وڃڻ لاءِ سنبريا، ۽ ميرن ان مثال موجب تہ پنهنجي ڪئي جو علاج ئي ڪونهي، خراسان/افغانستان جي والين جا اڳوٺا ايڇپا ۽ لڳ لاڳاپا پويان اڇلائي، انهن جي دشمنيءَ جو سبب پيدا ڪري، انگريزن کي اجازت ڏئي ڇڏي تہ پلي خشڪي توڙي درياهہ رستي خراسان/افغانستان هليا وڃن.

اها خبر جڏهن خراسان/افغانستان پهچي چڪي تہ ميرن هيئن حماقت ڪري

انگريزن کي خراسان/افغانستان اچڻ جي اجازت ڏني آهي ته اهي مٿن ڏاڍا ڏمريا. امير دوست محمد خان ته هڪدم ميرن نالي خط لکي اُماڻيو: اسان اوهان کي هميشه پنهنجو خيرخواهه ڪري سمجهندا هئاسون، پيو ته اوهان کو وقت اسان کي ڏِل به پريندا ٿي آيا، سا ته پنهنجي هنڌ رهي، اٽلندو اوهان اسان کان منهن موڙي انگريزن کي پنهنجي ملڪ مان هيڏانهن اچڻ جي اجازت ڏئي ڏاڍو ڪُڌو ڪم ڪيو آهي، جيڪو ڪڏهن به اوهان جي شان وٽان نه هو! جيڪڏهن اوهان کي اسان جي ڳالهه نه مڃڻ ۾ (ته انگريزن کي ڪڏهن به هيڏانهن اماڻڻ جي اجازت نه ڏيو) ڪو عذر آهي ته پوءِ اسان کي جلد ڏِل جي ادائگي ڪريو: ٻيءَ حالت ۾ يقين ڄاڻو ته اوهان جا جيڪي پرڪار پڌرا ٿيڻ لڳا آهن، تن مان اهو يقين ٿئي ٿو ته اوهان کي آخرڪار نصارن جو دين قبول ڪرڻو پوندو، جيئن چيو اٿن ته: جيڪو پيغمبر جي حڪم خلاف ويو (مسلمان جي حيثيت ۾ مسلمان سان ڦتاياڻين) اهو ڪڏهن ڪا مراد نه ماڻيندو. (ان کي دين دنيا ۾ خواري خرابي ڏسڻي پوندي).

اوهان جيڪي ڪريو پيا، سو مسلماني کان پري آهي ۽ اسان سان اڳيون خلوص به ڪونه ٿا رهايو. جيڪي ڪريو پيا اهو اوهان کي ئي لوڙڻو پوندو، اسان ته اڳ ۾ ئي سيڪجهه ڏسي پسي چڪا آهيون، سو پاڻ کي ڪا به پرواهه ناهي.

آدم سرالاهي آهي جيڪي آيس، سر تي سهي ويندو.

اسان ته اڳ ئي خدا جي در اهي دعائون پئي گهريون ته اسان کي شهادت جو شرف ۽ جهاد جي سعادت نصيب ٿئي، اوهان پاڻ ئي ڏسي رهندا ته جڏهن اهو شڪار (انگريز) خود اسان جي دران لنگهي آيو ته ڪهڙيءَ طرح خراسان/افغانستان جا غازي ان کي پنهنجي چنبي ۾ ٿا آڻين! افسوس آهي اوهان جي حال تي! پر اهو ياد رکجو ته جيڪو به ظالم جي مدد ڪري ٿو، خداوند ڪريم ان ظالم کي ان جي مٿان ئي ٿو مڙهي! اهو نتيجو به اوهان پاڻ ڏسندا.

سنڌ جي ميرن کي اهڙي ڪاري نانگ ڪاڏو، جو امير دوست محمد خان جيڪي حقيقتون ڪين لکيون، انهن مان ڪا به هڪ سندن پِتي تي ڪانه پئي، رهندو امير موصوف جي لکڻيءَ تي طعنا تنڪا هڻندا ٿي رهيا. ٻئي پاسي انگريزن سان هنن جو پورو خلوص هلندو ٿي آيو.

انگريزن انهيءَ خلوص جو ڀرپور فائدو ورتو. روز بروز بمبئي جي بندر ۽ فيروزپور (١) کان جهازن ۽ ٻيڙين ۾ سندن سامان ايندو ٿي رهيو، جيڪو بکر جي قلعي ۾ گڏ ڪري رکيائون. تنهن کان سواءِ چڙي (ڇپري) وٽ به هڪ ڇانوڻي وڌي هئائون. ان کان اڳتي وري شڪارپور ۾ ڇانوڻي قائم ڪري چڪا هئا. ائين رات ڏينهن جي ذري پرزيءَ ۽ ڇپي ڇپي جي جاچ جوچ ۾ لڳا پيا هئا. مقامي ٻولين سکڻ جي سهولت لاءِ سنڌي، بلوچي، توڙي افغاني زبانن جا ڪتاب ئاهي جوڙي تيار ڪيائون. ميرن جون جيڪي غلطيون ۽ غفلتون هيون، تن کان چڱيءَ طرح آگاهه ٿيندا پئي ويا. انهن (ميرن) ڪي رات ڏينهن پورن پچائڻ ۽ "آب حيات" جي اُڻ تڻ لڳي پئي هئي، باقي ملڪ داري جو ڪين خير ڪو خيال هو!

انگريزن اهڙي آرين پارين ميرن کي بلڪل بي خبر ۽ بنهه بيهوش ڏٺو ته دلجاءِ ڪري ٻئي هٿ ملڪ ۾ پُگنديائون. هيءَ ڪي ڏينهن ميرن سان ڪيل معاهدن موجب مات ميٺ ۾ سيڪجهه ڪندا رهيا، پر اوچتو جڏهن مير نورمحمد خان فوت ٿيو ته انگريزن جا حوصلا وڌي ويا، ۽ سنڌ غصب ڪرڻ جي تياري ٿيڻ لڳي. هنن کي سواءِ مير علي مراد خان جي ٻئي ڪنهن جو ڪوبه خيال نه پئي ٿيو. ان کي به سبزباغ ڏيکاري پنهنجي دام ۾ ڦاسائي وڌائون.

مير علي مراد خان انگريزن جي باري ۾ پنهنجي ڀائرن کي نصيحتون ڪندو آيو، پر اهي ويتر دشمني تي لهي آيا ۽ انگريزن کي اک ۾ رکڻ لڳا، جا سندن عقلمندي نه هئي، ڇو ته:

اهوئي مرد پنهنجي همت سان، ملڪ ۽ حڪومت هلائي سگهي ٿو، جيڪو دوستداريءَ جي رسم راهه کان واقف هوندو.

*

(١) فيروزپور کان ستلج درياهه رستي ٻيڙين ذريعي سامان ٿي آيو ۽ بمبئي کان ڪراچي تائين سمنڊ رستي آگبوٽن وسيلي انگريزن سامان ٿي آندو، جتان خشڪي ۽ درياهي رستي بکر ڏانهن ٿي نيائون.

## (٨٥)

## انگريزن جو خراسان/افغانستان مان خالي هٿين موٽڻ ۽ سنڌ هٿ ڪرڻ- ميرن درميان نفاق پيدا ڪرائڻ- مير رستم خان جو خيرپور مان فرار ٿيڻ ۽ مير علي مراد کي پڳ ٻڌرائي تخت تي ويهارڻ:

انگريز ١٢٥٨هه (١٨٤٢ع) ۾ خراسان افغانستان مان شڪست کائي اچي سنڌ ۾ وارد ٿيا. پهريان حڪمت عملي ڪري سکر، شڪارپور ۽ ٻين هنڌن تان پنهنجون ڇانوٽيون ڪٽي جايون جڳهيون ڍهرائي، بنگلا اڏ ۾ ڇڏي وجي دنگ ڪيائون، انهيءَ خيال سان ته جيئن عام خاص ماڻهن کي پتو پوي ته انگريز اجهو سنڌ ڇڏي وڃن پيا، پر اهو سڀ ڍونگ هو. انهيءَ سانگ رچائڻ جو اصل مقصد اهوئي هو ته هنن ميرن کان ٽي چار هنڌ: ڪراچي، سکر، شڪارپور ۽ ڪيٽي بندر گهريا هئا ته جيئن اتي نئين سر پنهنجا اڏا قائم ڪري رهن.

بلوچ، جيڪي پنهنجي عقل جا پاڻ ئي دشمن هئا، افغانن جي بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، پاڻ به غرور ۾ اچي ويا. سنڌن مشيرن کين چيو ته انگريز اجهو خراسان/ افغانستان مان ڪلا کائي شڪست سان پنهنجو منهن ٻگو (اڇو) ڪري خوار خراب ٿي هيڏانهن نڪري آيا آهن. اگر صرف ڪراچي جي هڪڙي بندر تي راضي هئا ۽ هاڻ وري جڏهن دربدر ٿيا آهن، ته هوس ۾ وڌيڪ هنڌن جي گهر پيا ڪن! پر ميرن انهن دليلن تي ڪو ڌيان نه ڏنو.

افغان ڏاڍا بهادر هئا ۽ هنن پنهنجي غازين جو ساٿ ڏيندي، ڪوهستان جي علائقن ۾ ڦهچندڙ انگريزن مٿان راتاها ڏئي ۽ کين لٽي ڦري خوب تباهه ڪندا رهيا. پر بلوچن ۾ ايتري همت ڪانه هئي. افغان ڪوهستان جي پيدائش هئا ۽ بلوچ ريگستان جا رهاڪو- اهڙي حال ۾ هنن جي افغانن سان ڪا ڀيٽ ئي نٿي ڪري سگهجي. اهو ته پٿر ۽ پتر وارو مثال ٿيو. انگريزن کي جيڪي ٿي وڻيو، سو پئي ڪندا رهيا. هرهنڌ پنهنجي لشڪر کي ٽانيڪي ڪرڻ ۾ ويرم نٿي وڌائون. کين اها پوريءَ طرح دلجاءِ هئي ته ميرن جي ٻُڌي ۽ ٻولتي (عقل توڙي زبان) ٻئي بند آهن، هاڻ جيڪڏهن پتر مان ڪم

نڪري سگهي ٿو تہ پٽر جي کھڙي گهرج پوندي! آخر تاريخ ۲۴-نومبر ۱۸۴۲ع ۾ بمبئي جي گورنر طرفان حڪم صادر ٿيو تہ ميرن کان نئين سر نئين عهدنامي تي دستخط ڪرائي، اهو هيڏانهن اُماڻيو وڃي.

سرچارلس نيپئر (۱)، جيڪو ڪمپني سرڪار جو ڪارمختار، لشڪر جو مهندار ۽ سنڌ جو گورنر پوليٽيڪل ايجنٽ هو، تنهن نئين عهدنامي لاءِ ميرن سان گهڻي مغزماري ڪئي، پر هيءَ ڪن لاتار ڪندا رهيا ۽ بيفائدي حجت سان جواب ڏنائون تہ اسان دوستيءَ جو ڀرم رکندي اوهان کي خراسان افغانستان وڃڻ لاءِ پنهنجي ملڪ مان رستو ڏنو، هاڻ اوهان جي چڱائي انهيءَ ۾ آهي تہ جنهن واٽ سان آيا آهيو، تنهن سان واپس وڃڻ جي ڪريو.

گورنر صاحب پوليٽيڪل ايجنٽ وري بہ ميرن کي ٿڌي سيني سمجهائڻ جي ڪئي، تہ اوهان نئون عهدنامو لکي ڏيو، جيڪڏهن نہ تہ اها ڳالهہ اوهان جي حق ۾ ڏاڍي ڏکي ثابت ٿيندي. ان لاءِ ميجر آؤٽرام تي پڻ بار رکيو ويو تہ تنهنجو ميرن سان خيرخواهيءَ وارو رستو آهي، تون انهن کي سمجهائي عهدنامي لاءِ تيار ڪر!

انهيءَ سان گڏ اندرين نموني اٽڪل ڪري مير صوبدار خان کي سندس وڪيلن (صلاحڪارن) جي ذريعي حڪومت جي پڳ ٻڌرائڻ جو دلاسو ڏئي خوش ڪري، ميرن ۾ نفاق جو ٻج پوکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان لاءِ ميجر آؤٽرام حيدرآباد کان سکر ويو ۽ مير علي مراد خان سان وڃي مليو. ان کي بہ ڳالهين سان ريهي ريبي دستاربنديءَ جو آسرو ڏئي پنهنجي وڪڙ ۾ آندائين. مير علي مراد اهڙو اڙي ۾ اچي ويو، جو لشڪر ۽ توبون ساڻ ڪري خيرپور لڳ نونار وٽان توبون ڇوڙيائين.

خيرپور جا مير، هرهڪ مير رستم خان، مير نصير خان، مير محمد حسن خان ۽ مير محمد علي خان وغيره بلڪل غافل هئا، جڏهن کين خبر پئي تڏهن مير رستم خان نونار وڃي مير علي مراد خان سان مليو ۽ وڳوڙ ختم ڪرايائين.

ان کانپوءِ پير ميان علي گوهر کي وچ ۾ آڻي دستاربنديءَ بابت ڳالهيون هلايون ويون(۲).

خيرپور جي حڪومت جي دستاربنديءَ لاءِ هيڏانهن مير علي مراد خان تي پور پچايا تہ هوڏانهن مير رستم خان جي پٽ مير محمد حسن خان تي جاڳندي خواب لڌا. اهي تڪرار تہ اڳ بہ هلندا ٿي آيا، پر انهن جو ڪو نبيرو نہ پئي ٿيو.

(۱) ڏسو تعليق نمبر ۵۵.

(۲) ڏسو تعليق نمبر ۵۷.

آخر هڪ ڏينهن مير علي مراد خان ڪوٽ ڏجيءَ مان نڪري، خيرپور جي پرسان خانپور ۾ ويو، اتان پنهنجو معتبر ماڻهو موڪلي مير رستم خان کي پاڻ وٽ گهرائي ساٿس ڳالهيون ڪيائين.

مير علي مراد خان، مير رستم خان کي اهڙيون ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي ٻرُ ڪيو، جو هن پنهنجي پٽن ۽ پاٿرن کي، جيڪي خيرپور ۾ موجود هئا، خط لکيو ته: انگريزن جو ارادو ڏاڍو خطرناڪ پيو ڏسجي. هيءَ اسان کي گرفتار ڪرڻ جي ڪِڏ آهن ۽ توهان بنا ڪنهن دير جي ڪوهستان جي قلعن ڏانهن تيز ٻڌي روانا ٿي وڃو. اسان پاڻ به مير علي مراد خان سان گڏجي احمدآباد (١) جي قلعي (ڪوٽ ڏجي) ڏانهن وڃي رهيا آهيون، ڏسون اتي ڪهڙو فيصلو ٿو ٿئي.

مير رستم خان جي پٽن ۽ پاٿرن خط پڙهيو ته سندن اوسان خطا ٿي ويا. خوف هراس ۾ اڌ رات جو (١٢٥٨هه/١٨٤٢ع) خيرپور ڇڏيائون. ميرمحمد حسن خان ۽ مير نصير خان ٻئي صلاحي ٿي پورٽيءَ ڏانهن ويا ۽ ٻيا وري پنهنجي منهن ڪنهن ڪنڌ پاسي ويندا رهيا.

انهيءَ اچانڪ واقعي کان خيرپور جي ننڍن وڏن ملازمن توڙي غير ملازمن ۽ ٻين ماڻهن ۾ ڏاڍي افراتفري مچي وئي. هرڪو حيران پريشان هو. ڪي ته ڏهڪاءُ مان شهر ئي ڇڏي ويا. شهر کان ٻاهر وري لٽ ڦر مچي وئي، جنهن ۾ ڪيترا ويچارا ڦرجي پيڻگ ٿي ويا.

اها رات، جنهن رات مير پنهنجا ٻار ٻچا وٺي ٻيچ ڊڪ ۾ خيرپور ڇڏي هليا ته اچي زوردار بارش پئي. ويتر سياري جي مند- سو انهيءَ اونداهيءَ اڌ رات ۽ لاڳيتي برسات هنن کي وڏي مشڪل ۽ مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو، خاص ڪري سندن اهل عيال، جن ڪڏهن به اهڙو اٿائو وقت ڪونه ڏٺو هو، حال کان بيحال ٿي پيا. آخر هٽي وڃي ريگستان جي قلعن تائين رسيا.

مير رستم خان پاڻ ڪوٽ ڏجيءَ ۾ ترسيو، ايتري تائين جو ٻي واهه نه ڏسي رياست جي دستار ۽ پنهنجي دستاربندي تان آسرو پلي، ٻئي مير علي مراد خان جي حوالي ڪري لکي ڏئي جند ڇڏايائين.

ان ڪانپوءِ ڪوٽ ڏجيءَ مان ريگستان هليو ويو. هن جي وزير فتح محمد خان غوري کي گرفتار ڪيائون، جنهن جي خصلتن جو بيان لکڻ کان ٻاهر آهي:

---

(١) احمدآباد، ڪوٽ ڏجي جو پراڻو نالو، جنهن جي پرسان آثار قديمه اجا تائين موجود آهن، جيڪي تاريخ کان اڳ جا چوڻ ۾ اچن ٿا. (گزيٽيئر ١٥٣).

هٿ ۾ تسبيح، دل ۾ گُذڙ ۽ ڏِکُو،
انهيءَ تسبيح ڦيرائڻ مان ڪهڙو فائدو!

هيءَ ظاهري چڱاين جي باوجود ساري رات ٻچڙاين ۾ بسر ڪندو هو. مير رستم خان لاءِ جيتوڻيڪ چئي سگهجي ٿو ته مٿس جيڪي وهيو واپريو، سو سندس قسمت جي لکئي موجب هو، پر اهو سڀڪجهه سندس وزير فتح محمد غوري جي صحبت ۽ مصلحت جي اثر ڪان رونما ٿي چڪو هو. ڪيس اهڙن ڪين ۽ ڪن جهڙن ماڻهن ڪان هر حال ۾ پاسو ڪرڻ کپندو هو: (١)

خراب صحبت وارن ڪان پري رهجي،
اهو احتياط هر حالت ۾ ضروري آهي،
ڇو ته اهڙا ماڻهو نمڪ جي حق ڪان بي خبر،
۽ انصاف ڪان پرانهان هوندا آهن،
اهي شيطان جا پوءِ لڳ ٿين ٿا،
انهن جي دوستي به دشمني آهي.

*

(١) نسخي ب ۾ وزير فتح محمد خان غوري جي عيبن ڪولڻ ڪان پوءِ هيءَ جملا آندل آهن، جيڪي ٻنهي ڪنهن هنڌ نٿا ملن. ميرن تي جيڪا مصيبت آئي، اها فتح محمد خان جي ڪري آيل هئي. هيو فريب وري شيخ علي حسن هندستاني ڪيو، جيڪو مير علي مراد خان جو وزير هو. انهن جي ڪري سڄي سنڌ ڏچي ۾ اچي ويئي، جنهن جو تفصيل تمام طويل آهي. - حبيبي

## جنرل سرچارلس نيپئر جو ڪوٽ ڏجيءَ وڃڻ، ميجر آؤٽرام کي مير علي مراد خان ڏانهن مير رستم خان جي پيڇي ڪرڻ لاءِ موڪلڻ، امام ڳڙهه قلعو ڊاهڻ-ميررستم خان جو شهدادپور وڃڻ:

سال ١٢٥٨هه (١٨٤٢ع) ۾ مير رستم خان جي فرار ٿيڻ ڪانپوءِ سرچارلس نيپئر سوارن، پلٽڻ ۽ توبخاني سان سکر مان سوار ٿي ڪوٽ ڏجيءَ ۾ آيو. ميجر آؤٽرام کي مير علي مراد خان سان گڏ مير رستم خان ۽ ٻين ميرن جي پيڇي ڪرڻ لاءِ ريگستان جي قلعن ڏانهن روانو ڪيو ويو.

ميجر آؤٽرام ريگستان جي قلعي ۾ وڃي، مير رستم خان سان مليو ۽ کيس دم دلاسا ڏنائين ۽ ساڻس اهو وعدو ڪيائين ته امام ڳڙهه مان واپسيءَ ڪان پوءِ اوهان کي اڳ وانگي حڪومت جي گاديءَ تي وهاريو ويندو، تيستائين اوهان اتيئي رهيا پيا هجو.

مير رستم خان سان ڳالهين ڪرڻ ڪان پوءِ هو امام ڳڙهه(١) ڏانهن ويو، جتي مير محمد خان ڪوڪڙي رهيل هو. هن آؤٽرام جي اچڻ جي خبر ٻڌي ته امام ڳڙهه جو قلعو ڇڏي جيسلمير ڏانهن هليو ويو. ميجر آؤٽرام قلعي ۾ پهچي، اتي جيڪو سامان پيل هو، سو هٿ ڪري ٻاهر نڪتو ۽ قلعي جي پيتين کي توبن سان اُڏائي، ٻاهيون ڊياري پٽ ڪرائي ڇڏيائين. ان ڪانپوءِ وري مير رستم خان وٽ ويو.

مير رستم خان سندس پهچڻ کان اڳ شهدادپور ڏانهن وڃي چڪو هو. هن (آؤٽرام) کي اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو ته مير صاحب هروڀرو پاڻ کي پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. کيس ائين نه ڪرڻ کپندو هو.

مير صاحب شهدادپور پهتو ته ڏهه ٻارهن هزار بلوچن جو لشڪر وٽس آيو، جن مان هرڪو ٻتاڪ هٿندو تي رهيو. مير رستم خان مصلحت جي خيال سان پنهنجي پٽ

---

(١) هيءُ ماڳ هاڻي ٽنڊو مير امام ٽالپور سڏجي ٿو. خيرپور جي اوڀر ۾ ويهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. - حبيبي

مير محمد حسن خان جي سرڪردگيءَ ۾ بلوچن جي لشڪر کي شھدادپور ۾ چڙي، مير نصير خان کي وٺي حيدرآباد جي ميرن وٽ ويو. انھيءَ عرصي ۾ حيدرآباد جي ميرن جي وڪيلن الڳ الڳ نموني سرچارلس نيپئر ڏانھن وڃي مير علي مراد خان جي خلاف ڳالھيون ڪرڻ چاھيون، جن ۾ مير حسين علي پاران سيد محمد تقي شاھه، مير صوبدار خان طرفان آخوند بچل، تنھن کان علاوه مير، مير محمد خان پنھنجي منھن ڪوششون ڪري ٿڪجي پيا، پر ڪامياب نہ ٿيا. نيٺ ھرڪو واپس ٿيو. صاحب بھادر آخرڪار مير عليءَ مراد خان کي پڳ ٻڌرائي ۽ ڪيس سرڪش ماڻھن جي مھميز لاءِ تاڪيد ڪيائين.

بلوچن جي دل ۾ انگريزي فوج جو ڏاڍو ڌھڪاءُ ھو، جن پاڻ کي رستم ثاني ٿي سمجھيو، پر جڏھن انگريزي لشڪر جي اچڻ جو ٿي ٻڌائون تہ سندن وايون بتال ٿي پئي ويون.

بلوچ ڏاڍا بھادر آھن، ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ ھو. ھيڏانھن انگريزن جي فوج بہ توري انداز ۾ ھئي. جيڪڏھن اھي ڏاڍ ٻتاڪ چڙي بھادرن جان سينو ساھي اڳ ۾ ٿين ھا تہ انگريزن سان چڱي طرح پڄي اچن ھا. پر مير علي مراد خان، جيڪو سندرو ٻڌي انگريزن جي حمايت ۾ لاھي پاھي اڳرو ٿي بيٺو ھو، تنھن جي ڪري بلوچن ھٿيار پنوھار پاسيرا ڪري چڙيا ۽ ماٺڙي ڪري ويھي رھيا.

*

## (٨٧)

## خدايار خان دراني باميزئي جي شڪارپور تي چڙهائي ۽ شيخ غلام حيدر سان سندس لڙائي :

مير رستم خان، مير نصير خان ۽ انهن جا واسطيدار جڏهن بادشاهگرديءَ جي ڪري خيرپور ڇڏي ٽڙي پکڙي ويا ته انهن جي ڪارندن ۾ به ڦڙڦوٽ اچي پئي، جيڪي سندن پاران شڪارپور جي ٽن حصن تي تاڪيل هئا. آخر اهي به پاسيرا ٿي هليا ويا. ان کان پوءِ شيخ غلام حيدر، مير علي مراد خان جي ڪارمختار شيخ علي حسن جي مدد سان شڪارپور جي ٽن حصن جو انتظام سنڀالڻ لاءِ مقرر ٿيو(١). هيءَ شڪارپور پهچي انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ ترسيو. ٻئي پاسي وري خدايار خان دراني، مير نصير خان جي حڪم تي سندس حصي واري علائقي تي مقرر ٿي آيو، جو شهر جي لڳ ڀڳ ڏيهه ماڙيءَ ۾ اچي لٿو، جتي ٻي چار سو پيادا ۽ سوار گڏ ڪري ورتائين. اهو لشڪر فقط اڌ پاءُ اٽي تي تيار ٿيو، جنهن کي وٺي هو شڪارپور وڃي، شيخ غلام حيدر سان لڙيو، لشڪر جو خرچ غريب رعايا کان زوريءَ اڳاڙي پورائو ڪيو ٿي ويو. انهيءَ لاءِ الهرڪئي نالي هڪ جوٽيجي کي مقرر ڪيو ويو، جيڪو ڦڏائي ۽ فسادي ماڻهو هو. انهيءَ ايڏو ويل ڪٽي ٻاريو جو ڪيئي غريب سندس هٿ ڇوهيءَ کان پنهنجا جهڳا ڇڏي ڀڄي ويا. چوندا آهن ته ظالم جو هميشه خانو خراب هوندو آهي، سو خدا يار خان، شيخ غلام حيدر خان سان سخت مقابلو ڪندي به ڀڄي نه سگهيو. ڪي ڏينهن قلعي جي ٻاهران گهٽ وٺي ويهي رهيو.

شهر ۾ حيدرآباد جي ميرن پاران مقرر ڪيل سيد ابراهيم شاهه ۽ ديوان

---

(١) منشي لطف الله پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو: شڪارپور جي ڪل آمدني ان جي پسگردائي سميت ٽي لک رپيا سالياني هئي، جنهن جا ست حصا ڪيا ويندا هئا، جن مان چار حصا حيدرآباد جا مير ۽ باقي ٽي حصا خيرپور وارا مير کڻندا هئا. حيدرآباد جي ميرن جو حصو ڄيٺمل کي ڇوڏهن هزارن ۾ ٺيڪي تي مليل هو. ڄيٺمل کي شروعات ۾ شراب جو دڪان هو، پر سندس اثر رسوخ ڪيس ميرن وٽ مقبول بڻايو. هي قداور ۽ بت ۾ ڀريل جوان هو. چون ٿا ته روزانو رات جو مانيءَ تي اڪيلي سر سڄو ڇيلو کائي ۽ برانڊيءَ جي بوتل پي ويندو هو.
(شڪارپور صدين کان مضمون رشيد ڀٽي، ص ١٥٢- لطف الله جي حوالي سان).

چينمل جو حڪم پئي هليو، جن انن ئي دروازن تي پنهنجا ماڻهو وهاري ڇڏيا هئا، جن خدا يار خان توڙي شيخ غلام حيدر خان جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي اندر اچڻ نٿي ڏنو، پر شڪارپور مان اڳاڙيل ڍل حصي موجب شيخ غلام حيدر خان کي رسائيندا ٿي آيا، جا ڳالهه ديوان چينمل گوارا نٿي ڪئي، تہ بہ مڙئي قصو هلندو ٿي رهيو.

ٿن چئن ڏينهن کان پوءِ حافظ حڪمت خان، مير علي مراد خان طرفان ٿي چار سو پيادا، سوار ۽ هڪ توب پاڻ سان آڻي شڪارپور ڏانهن وڌندو آيو. جڏهن شهر لڳ ڪوسن وٽ آيو تہ خدايار خان قلعي جو گهيرو ڇڏي لشڪر سميت حڪمت خان سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ سنڌ واهہ وٽ اچي ترسيو، جتي واهہ جي اڙ وٽي، ويڙهہ جي لاءِ تيار ٿي وينو. حافظ حڪمت خان کي جو خبر پئي تہ پرينديئي توبن جا نڪاءُ ڪيرايائين، خدايار خان جي ماڻهن خوف کان ڀڄڻ تي زور رکيو. تنهن کان پوءِ خدا يار خان بہ ميدان خالي ڏسي گهوڙي تي لانگ ورائي واءُ ٿي ويو.

حڪمت خان اهڙيءَ ريت فتحياب ٿي، شهر ۾ آيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بلڊڪي(١) ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ پوءِ شيخ غلام حيدر خان سڪ سانت سان خيرپوري ميرن جي حصي ڏانهن هٽ وڌايا. ايتري ۾ خبر پهتي تہ قلات جي والي مير نصير خان بروهيءَ پنهنجو لشڪر روجهاڻ جي قلعي ڏانهن اماڻيو آهي جو چاهي ٿو تہ اهو قلعو سندس قبضي ۾ اچي. ان لاءِ ديوان چينمل ميرن جي حڪم سان بلوچن، پٺاڻن ۽ هندوستانين جو لشڪر هڪ توب سميت پنهنجي پٽ نوتن داس جي سربراهي ۾ روجهاڻ جي قلعي ڏانهن اُماڻيو. مير نصير خان ٽالپور اهو حال ڏسي، حيدرآباد مان ديوان چينمل ڏانهن خط لکيو: جيتوڻيڪ اسان جي انگريزن سان دوستي قائم آهي ۽ اسان ان جي ڪابہ مخالفت نٿا چاهيون، ليڪن مير رستم خان خانگي نفاق سبب انگريزن جي ڍپ کان پنهنجي گهر ٻار سميت دربدر ڀٽڪندو ٿو وتي، تنهن مون کي نيزاري ڪئي آهي تہ آءٌ پنهنجا صلاحڪار انگريزن ڏانهن موڪلي هلندڙ رڳڙي کي ختم ڪرايان، پر ان لاءِ انگريزن جو ڪو بيو خيال پيو ڏسجي، ان ڪري اوهان کي تاڪيد ٿو ڪجي تہ اڳوات عقلمنديءَ کان ڪم وٺڻ لاءِ ويچاريندي لشڪر تيار ڪري اتي وينا رهو، جيستائين اوهان ڏي ڪو ٻيو حڪم اچي. ديوان چينمل ٻيا ڪم ڇڏي لشڪر گڏ ڪري ٻي حڪم جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ ديوان چينمل ۽ شيخ غلام حيدر خان جو پاڻ ۾ جهيڙو شروع ٿيو. شيخ غلام حيدر خان جو جيڪو بہ

(١) بڙدي قبيلي جو ماڳ. - مترجم

ملازم ديوان ڇيٺمل کي هٿ پئي آيو، تنهن تي موچڙن جو وسڪارو هو. پڇاڙيءَ ۾ ان کي پير ۾ رسو ٻڌي شڪارپور جي بازار ۾ لڙڪايو ٿي ويو. هوڏانهن ديوان ڇيٺمل جو جيڪو ماڻهو شيخ غلام حيدر خان جي ور تي چڙهيو، ان سان به اها تعدي ٿي ڪرڻ ۾ آئي. آهستي آهستي پنهي ڌرين ۾ ويڙهه اچي لڳي. پنهي پاسن جو لشڪر هندن، مسلمانن جي جاين ۽ ماڙين تان هڪ ٻئي تي بندوقن جا وار ڪندو رهيو.

اها جنگ ڪيترا ڏينهن هلندي رهي، جنهن مان شهر جي رعايا اچي تنگ ٿي. آخر چڱن مڙسن وچ ۾ اچي جهيڙو ٽاريو ۽ هڪ ٻئي جا ٻازو ٻنهي کي ورائي ڏنا ويا. مگر انهن مان هڪ هندو، شيخ غلام حيدر خان وٽ رهجي ويو، جيڪو ديوان ڇيٺمل جو خاص ماڻهو هو. ديوان ان جي گهر ڪئي پر سنئين منهن جواب نه ملڻ تي ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ انهيءَ ٻازو کي ڇڏائڻ لاءِ شيخ غلام حيدر خان تي چڙهائي ڪيائين. ٻچ ملڻ جي دير هئي. ديوان جي ماڻهن مچرجي شيخ غلام حيدر خان تي توبن ۽ بندوقن جا ڏوڙيا لائي ڏنا. ان لاءِ خاص طور هندن، مسلمانن جون ماڙيون ۽ جايون خالي ڪرايون ويون. جيئن مار ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿئي. نيٺ اهي هٽندا ماريندا وڃي، شيخ غلام حيدر خان جي جاءِ تي رسيا. تڏي تي نوَ ماڻهو شيخ غلام حيدر جا قتل ڪيائون ۽ ڪيترا ڦٽي وڌائون، باقي جيڪي هئا، اهي به رفوچڪر ٿي ويا. ديوان ڇيٺمل جو جيڪو ٻازو اتي سوگهو ٿيل هو، تنهن کي ڇڏائي ورتائون، پر جيڪي گهوڙا ۽ ٻيو سامان شيخ غلام حيدر خان جي ماڻهن جو اتي هو سو به تڳايائون.

ديوان ڇيٺمل انهيءَ سوڀ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سپاهين کي انعامن سان نوازيائين. جڏهن ديوان جي انهيءَ قدرداني ۽ انصاف جو پڙاڏو ٻين پاسن پکڙيو ته ٻه-ٽي هزار پيادن ۽ سوارن جي فوج وٽس گڏ ٿي ويئي(١). ديوان جي ڪارگذاريءَ جو ٻڌي، سکر جي ڇانوڻيءَ ۾ ڳڻتي پيدا ٿي. انگريزن هوشيار ٿي پنهنجي فوج کي خبردار ٿي رهڻ جي هدايت ڪئي. انهيءَ سان گڏ شڪارپور ۽ سکر واري رستي مٿان چوڪيءَ لاءِ سپاهي مقرر ڪري ڇڏيائون، مٿان ديوان هن پاسي نه ڪا هٽ چراند ڪري. لشڪر گڏ ڪرڻ کان پوءِ ديوان ڇيٺمل حيدرآباد مان جاري ٿي ايندڙ ٻئي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳو. دل ۾ خيال ڪيائين ته هن صورت ۾ جيڪڏهن انگريزن سان لڙڻ جو حڪم ٿيو ته سوچي ويچاري چار پنج سو بهادر بلوچن ۽ ٻين سپاهين کي، جيڪي اڳ ئي

(١) ديوان ڇيٺمل هر ڪنهن کي ان جي رتبي آهر نوازيو. جمعدار کي ستر رپين کان وٺي پنجاهه، چاليهه رپيا ڏنائين. سوارن کي پنجويهه رپيا ويهه رپيا ۽ پندرهن رپيا ته پيادن کي ٻه رپيا مقرر ڪري ڏنائين.
- حبيبي

پاٿيءَ ۾ ترڻ جي تربيت ورتل آهن، هٿيار ٻڌرائي مشڪن تي چاڙهي درياهه مان راتو واهه ٽپائي، سکر ۾ چانوٽيءَ تي چڙهائي لاءِ موڪليو ويندو، ۽ پاڻ خشڪي رستي لشڪر وٺي، توبون ڪٺائي سکر ڏانهن روانو ٿيندس، جتي چئني پاسن کان چانوٽيءَ تي گهيرو ڪري جنگ شروع ڪرائيندس. پوءِ جيڪي ٿيو سو ڏٺو ويندو، پاڻ کي پرواهه نه آهي.

هن پوريءَ ريت انگريزن سان معرڪي آرائي (مهاڏي اٽڪائڻ) جو پهه ڪري چڙيو. انهيءَ لاءِ مقربن ۽ عالمن کي گهرائي چيائين: اوهان اڳيان اچو ته جهاد شروع ڪيو وڃي. هيءُ وقت جهاد جو آهي. ديوان چيئمل اجا انهن پورن پچائڻ ۾ هو ته حيدرآباد جي ميرن جي انگريزن هٿان هار ۽ گرفتاريءَ جي خبر اچي پهتس، پوءِ ته چڻ ويچاري جا وڻ ئي وڃي ويا. ڏاڍي فڪر منديءَ ۾ پئجي ويو، پر پوءِ به ڏاڍو ڏيکاري ظاهري طرح اڳئين رعب تاب سان حڪومت هلائيندو رهيو. ليڪن اندر ۾ پڄڻ جا رستا پئي ڳوليائين.

*

اعتراض نہ ڪيو.

ڳڙهي ياسين پهتو تہ اتي بہ هن جي ساڳي روش رهي، هندن کان ڏنڊي جي زور تي رقمون ورتي، ٿوري دير اتي رهي وري ڍڪڻ ڳوٺ ڏانهن وريو. ڪي ڏينهن اتي رهي، اڳاڙيون ڪري سيٺين کان زوريءَ لشڪر جو خرچ ڪيئي، گهمندو ڦرندو رهيو. آخر اچي اها لڳس تہ حيدرآباد مان ڪهڙو تو حڪم ثاني صادر ٿئي؟

حيدرآباد مان روز نيون خبرون ٿي آيون، جي ٻڌي ويتر پريشان پئي ٿيو. انهيءَ چڪتاڻ ۾ مير علي مراد خان جي صلاحڪار سدوري خان ڪيس صلاحون ڏنيون، پر ان کي خوش ڪري ٽاري ڇڏيائين. پاڻ وري ساڳي لڏ ڪٽي مبارڪ پور ڏانهن اتي هليو. هلندي شڪارپور کان شيخ غلام حيدر خان جو لشڪر اچي ساڻس ٻوبدو ٿيو، جنهن وٽ ڪيترا سوار، پيادا ۽ هڪ توب هئي. صبح کان شام تائين مقابلو هلندو رهيو، جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان ڪيئي ماڻهو مارجي ويا. ديوان جي لشڪر نيٺ همٿ کان ڪم ورتندي، هيڪاندو حملو ڪري ڏنو. شيخ غلام حيدر جي ماڻهن ۾ اچي ڀاڄ پئي. هرڪو امان گهرندو ميدان ڇڏي ويو. هاڻ ديوان چينمل ويتر خود مختار ۽ آڪرو ٿي پيو.

ديوان جي فتح جي خبر، جڏهن شڪارپور تائين رسي تہ اتان جا شاهوڪار ڏڪي ويا. ڪين اچي وهم ورايو تہ متان سياٽي ديوان چينمل شڪارپور ۾ اچي ظلم ۽ ستم جي باهہ ٻاري ڏئي ۽ اسان جي رهي کهي عزت آبرو بہ هلي وڃي، تنهنڪري گهوڙا سنجي شهر ڇڏڻ جي ڪيائون، انهيءَ ارادي سان تہ جيڪڏهن ديوان ڪنهن هڪ دروازي کان شهر ۾ داخل ٿيو تہ پاڻ ٻئي در کان نڪري هليا ويندا سون. انهيءَ آنڌمانڌ ۾ هنن پوري رات اک نہ ڀوٽي، صبح تائين پاسا ورائيندا واهہ گرو-واهہ گرو ڪندا رهيا (١).

ديوان چينمل اتان ڦري وري سلطان ڪوٽ آيو، جتي هندن کان زبردستيءَ ڏوڪڙ ورتي، انهن کي روڪڙ جي عيوض رعايا کان ملندڙ اناج اڳوات لکي ڏنائين. ائين جتان ڪٿان ڦرندو، ديرن جون ٻتايون (ٻٽئيون) ڪندو ۽ ان ڀان سودي ۾ هٽندو، ڏوڪڙ وٺندو، لشڪر جو خرچ پڪو پورو ڪندو ٿي آيو. آخر ڦري گهري اچي محال مبارڪ پور ۾ پهتو ۽ قلعي اندر ٿانيڪو ٿيو. هتي دل کولي لشڪر جي دلداري ۾ لڳي ويو.

---

(١) ايتري ۾ ڪپتان فريد بخش پيادن ۽ توب سان ڳڙهي ياسين مان جنگ دوران امان وٺي شڪارپور آيو ۽ شاهوڪارن سان گڏ شيخ غلام حيدر کي دلجاءِ ڏني تہ ديوان جهڙي مصيبت دور ٿي ويئي.

ڪنهن ڪي ان جي پوري پار، ڪنهن کي ڏهه ته ڪنهن کي ويهه خرار ڏئي، راضي ڪيائين. هاڻ سنئون سڌو مير شير محمد خان جو انتظار ڪرڻ لڳو، جيڪو انگريزن سان لڙي رهيو هو. پر ان بابت به پڇاڙيءَ پتو پيو ته کيس انگريزن هٿان شڪست نصيب ٿي. ديوان اڳو پوءِ سوچي دل هاري وينو. مير علي مراد خان، جيڪو انهن ڏينهن ۾ انگريزن جي خدمت ۾ پوريءَ طرح رڌل هو ۽ سندن چيٽ چاڪريءَ ۾ ڪا به ڪسر نه ٿي رهايائين، سو ملڪ داري جي سارسنڀال جي خيال سان لاڙڪاڻي آيو، جتي سڄو انتظام پورو ڪري وري شڪارپور ڏانهن روانو ٿيو. ديوان چينمل مير علي مراد خان جي اچڻ جو ٻڌي فڪر ۾ پئجي ويو. هن جي ڪن همرازن اچي کيس نصيحتون ڪيون ۽ مصلحت پريون ڳالهيون ٻڌايون، ته ديوان صاحب! وچ هميشه ڪِلي تي ڪُڌندي آهي ۽ ٻانهي پنهنجي پوتار جي مڙسيءَ تي ناز ڪندي آهي. هن وقت ٻئي ڳالهيون ڪونه رهيون آهن، اوهان کي عقل کان ڪم وٺڻ کپي، هرو ڀرو پاڻ کي ڪنهن مصيبت ۾ وجهي، ڦاهو ڳچيءَ ۾ وجهڻ ڪا مصلحت واري ڳالهه نه ٿيندي. انسان کي عاقبت جي ڪا اون ڪرڻ گهرجي. ديوان سمجهيو ۽ کيس ڄاڻ ٿي ته هاڻ پنهنجي ڪنهن ڪوشش سان ڪي به نه ورندو. اهڙيءَ حالت ۾ ڪجهه ڪرڻ جبل سان ٽڪر هڻڻ برابر ٿيندو. اهو سوچي محال مبارڪپور مان به سؤ سوار ساڻ ڪري ڪڇيءَ واري علائقي ڏانهن رخ رکيائين. ٻئي لشڪر کي پنهنجي منهن ڇڏي ڏنائين ته جيڏانهن وڻيس تيڏانهن هليو وڃي. اهو ان ڪري ڪرڻو پيس جو لشڪر جي خرچ انهيءَ رولڙي ۾ ڳچيءَ کان ٿي ورتس. ديوان چينمل جو قصو اتي رهيو. هيڏانهن شڪارپور جي انهن ماڻهن کي، جيڪي ديوان سان ٻڌل هئا، انهيءَ ڏپ اچي ورايو ته اجهو شيخ غلام حيدر خان شڪارپور ۾ اچي حڪومت جي گاديءَ تي چڙهيو، اجها پنهنجي شامت آئي! ان ڪري شهر ڇڏڻ کانپوءِ واپس ورڻ جي نٿي ڪيائون.

آخر شيخ غلام حيدر شڪارپور جو حاڪم ٿيو ۽ ڳوهه وانگي ڦوند ۾ پرجي، چوڌاري چنبا کوڙڻ لڳو. ديوان چينمل جا جيڪي ساٿياري هئا، تن مان هڪ هڪ جي هاڃ لاهيندو ويو. ديوان جي داروغي محمد حسين خان کي ٻڌي قيد ۾ وڌائين، جتي کيس پيرن ۾ زنجير پيا. هڪ رات هڪ ڏينهن قيد ڪاٽي انت معافي وني، توبهه ڪندو ٻاهر نڪتو، پر وري به حاڪم جي اک ۾ هو. نيٺ پير نظام الدين سرهندي(١) جي سفارش کان پوءِ ڏوڪڙ ڏئي مصيبت مان آزاد ٿيو ۽ پيهر کيس ساڳي عهدي تي رکيو

(١) پير نظام الدين سرهندي متوفي ١٢٦٨ھ (١٨٥٢ع) مزار لڪيدر شڪارپور. - مترجم

ويو. مرزا ڪالي خان، جيڪو مير نصير خان خيرپوري جو ملازم هو، تنهن به وڃي پير نظام الدين جي پناهه ورتي. ان ڪي به اهڙيءَ طرح شيخ غلام حيدر خان وٽان امان عطا ٿي.

شهر جا ٻيا معتبر، ارسلا خان، محمد رحيم خان بابري وغيره به پير نظام الدين جي واسطيداريءَ سان شيخ غلام حيدر خان جي سلام تي آيا ۽ نذرانا پيش ڪري، جان جي سلامتيءَ سان واپس وريا.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ مير علي مراد خان لاڙڪاڻي کان روانو ٿي اچي شڪارپور ۾ لٿو. ڪي ڏينهن هتي ترسي وري خيرپور هليو ويو.

ديوان چينمل سنڌ جا وڻ ڇڏڻ کان پوءِ ڪڇي وڃي جهل مگسيءَ ۾ احمدخان مگسيءَ جو پاسو ورتو ۽ اتي ئي ترسي پيو. هن جي پويان مير علي مراد خان پاران ملامحمد تنيو کيس سمجهائي واپس آڻڻ لاءِ ويو، پر ديوان ڪونه مڙيو ۽ احمدخان مگسيءَ کان کيس جواب ڏياري سنڌ ڏانهن موٽائي موڪليائين. پوءِ هيءُ ڪي ڏينهن جهل ۾ رهيو ته ڪيترو وقت وڃي ولي محمد خان چانڊئي وٽ گذاريائين.

جڏهن سنڌس هٿ تنگ ٿيو، ته ٻار ٻچا ولي محمدخان چانڊئي وٽ رهائي قنڌار وڃي، سردارن جو سلامي ٿيو، اُتي چڱي عزت مليس. آخر لک رپئي تي هڪ ٺيڪو ڪنيائين. ڪي ڏينهن ان ٺيڪيداري ۾ مصروف رهيو، پوءِ اتي ٺيڪي جي حساب موجب جيڪي ڪمايو هئائين، سو ڏئي خالي هٿين موٽ ڪاڏائين.

انهيءَ سبب ڪري سنڌس طبيعت ڏاڍي بي چسي ٿي پئي. نيٺ به چار سو رپيا هڙ ۾ ٻڌي قنڌار ڇڏيائين. هن جي وڃڻ کان پوءِ سردارن پنج سو سوار سنڌس گرفتاري لاءِ روانا ڪيا، پر کيس خبر پنجي ويئي، سو تکڙ ڪري هڪ ئي ڏينهن ۾ ستر ڪوهه پنڌ جا هٽي، هڪ قافلي سان گڏيو ۽ وٽس پناهه ورتائين.

اهو قبيلو نوهاني (لواني) افغانن جو هو، جيڪي واپار سانگي هندستان تائين پيا ايندا ويندا هئا. سردارن جو پنج سو سوارن وارو جٿو، جڏهن اچي ان قافلي متان پيو، تڏهن ديوان جي ٻانهن ان کان گهريائون. هو به پندرهن سو بندوقچي پاڻ سان ڪنيو پئي هليا. بندوقون پري سردارن جي سوارن ڪي جنگ لاءِ للڪاريائون، ته اسان سام ورتل ماڻهوءَ ڪي اوهان جي حوالي ڪونه ڪندا سين، ڀلي جنگ ۾ پاڻ ڪي جوکو ڇو نه رسي!

قنڌار جي سوارن مقابلي جي پاڻ ۾ ايتري طاقت نه سمجهي، گهوڙن جي واڳ

موڙي واپسيءَ جو رستو ورتو، ۽ قنڌار هليا ويا. ديوان ڪيترو وقت ان قافلي سان رهيو، پوءِ ملتان ڏانهن روانو ٿيو. اتي ڪي ڏينهن ديوان مولچند جو مهمان ٿيو ۽ ديوان مولچند جي سفارش تي ملتان جي ناظم سان ملي روزگار لاءِ حيلا هلايائين. پر چارو ڪونہ چليس. اتان لوٽا هٽندو لاهور ۾ آيو، جتي مير شير محمدخان ٽالپور سان ملاقات ٿيس. ڪيس پنهنجي ارادي کان آگاه ڪري ڪانئس خرچ پاڻي ڪيي لڏياني وجي پهتو. اتي شجاع الملڪ جي خواجي آغا ياقوت وٽان ڪجهہ مالي مدد وٺي ڪلڪتي ڏانهن راهي ٿيو، جتي نظر بند سنڌ جي ميرن سان ملي خوش ٿيو. هتي بہ ڪيترا ڏينهن رهي پيو. انهيءَ وچ ۾ روزگار لاءِ چڱي ڪوشش ڪيائين، پر قسمت ساٿ نہ ڏنس. آخرڪار اتان خشڪيءَ رستي پنڌ هٽندو اچي حيدرآباد رسيو. ڪي ڏينهن آرام ڪري ٽڪ پيچي وري پاڻ ئي مير علي مراد خان وٽ لنگهي ويو، جنهن ڪيس وڏو مان ڏنو ۽ پنج رپيا روزاني خرچ لاءِ مقرر ڪيائينس. ايتري ۾ سندس صحت ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندي ويئي. ٻئي طرف ميرن جا ڪارندا بہ اچي اڻ تڻ ۾ پيا تہ هن بلا جي اچڻ کان پوءِ الائجي ڇا ٿيندو؟ تان جو موت جا مارو پهچي ويا ۽ ديوان وڃي هُن جهان پهتو. هي هندو هوندي بہ ساري ڄمار همت ۽ بهادريءَ سان هلندو رهيو.

*

## (٨٩)

## حيدرآباد جي ميرن جي انگريزن سان جنگ- جنهن ۾ ميرن کي شڪست نصيب ٿي ۽ انگريزن پاران قلعي اندر گهڙي لٽ ڦر مچائڻ:

سال ١٢٥٨هه (١٨٤٣ع) محرم جي مهيني ۾ خيرپور جا مير: مير رستم خان، مير نصير خان امداد جي اميد تي حيدرآباد ۾ آيا، پر حيدرآباد جا مير: مير محمد نصير خان ۽ مير شهداد خان تڏهن شڪار تي ويل هئا، مگر انهن مان مير صوبدار خان، مير محمد خان ۽ مير حسين علي خان حيدرآباد جي قلعي ۾ موجود هئا. اهي مير رستم خان جي اچڻ ڪري ڏاڍا ناخوش (ارها) ٿيا ۽ مونجهاري ۾ پئجي ويا، جنهنڪري هن ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنائون.

ڏينهن ٻن کانپوءِ مير محمد خان ۽ مير شهداد خان(١) شڪارگاهہ کان واپس حيدرآباد آيا تہ مير رستم خان ۽ مير نصير خان جي چڱي پرگهور لڌائون ۽ انهن لاءِ انگريزن سان صلاح مصلحت ڪرڻ لڳا، پر ڳالهہ نہ نهي، ڇو تہ ميجر آؤٽرام اڳ ۾ ئي انهن کان عهدنامو لڪرائي ورتو هو.

انهيءَ وچ ۾ بختيار لغاري، جيڪو سدائين آفيم ڪائي پنڪين ۾ پيو هلندو هو، مير رستم خان جي دربدرائي کان خار ۾ اچي گهوڙي تي چڙهي، انگريزن جي مقابلي لاءِ ڪمرڪشي هليو. اڳتي وجي غلام محمد خان لغاري کي بہ پاڻ سان ڪنيائين ۽ وڃي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي اميدون آسرا ڏئي پنهنجو ساٿياري بڻايائين. پوءِ ٻئي گڏجي مير جان محمد خان ولد مرحوم مير بودي خان وٽ ويا ۽ ان جي واسطيداريءَ سان لغارين ۽ محمد خان ولد مرحوم لقمان خان ٽالپور جي وچ ۾ ناهہ ڪرايائون، جن جو سڱابنديءَ تان پاڻ ۾ جهيڙو هلندو ٿي آيو.

پڇاڙيءَ ۾ سيني گڏجي ٻڌي ڪري قرآن مجيد تي قسم کڻي انگريزن سان جنگ ڪرڻ جي پڪ ڪئي. لغارين انهيءَ اقرار تي اهو اظهار پڻ ڪيو تہ:

---

(١) هي نالا ڪٿي (ڪ) مير محمد خان تہ ڪٿي (الف) مير شير محمد خان ۽ مير شهداد خان تہ ڪٿي وري (ب.ج) مير نصير خان ۽ مير شير محمد خان لکيل آهن. - حبيبي

"سنڌ اسان ٻروچن جي سڳيءَ ماءُ برابر آهي، جنهن جي ٿڃ مان
پيڙهين کان اسان جي پرورش ٿيندي اچي ٿي. اولاد تي پيءُ ماءُ جا
گهڻيئي حق هوندا آهن انهيءَ ساڪ موجب اسان پنهنجي جان هن
جيجل ماءُ جي قدمن تان قربان ڪري رهنداسين، جيڪڏهن ائين نه
ڪيوسين ته اسان سيئي ولد الزنا[حرامي ٻار]ليکيا ويندا سين."

اهي سخت سخن(۱) ڪتب آڻڻ ۽ عهد اقرار ڪرڻ کان پوءِ غلام محمد لغاري ڏاڙهيءَ کي ڦٽي ڏني، مچون مروڙي حيدرآباد جي والي مير محمد نصير خان وٽ ويو ۽ ڪيس چيائين: مير رستم خان پنهنجي اهل عيال سميت اوهان کي التجا ڪرڻ آيو آهي ۽ سندس ننگ اسان بلوچن جي گهر ۾ رهيل آهن، توهان پاڻ خيال ڪريو ته:

"سنڌ، جيڪا اسان جي لاءِ پنهنجي ماءُ سمان آهي، تنهن کي اسان
ڪيئن ٿا انگريزن جي حوالي ڪري سگهون؟

هنوقت جيڪڏهن اسان همت کان ڪم ورتو ته ڏاڍو سٺو ٿيندو ۽
اسان بلوچ به پاڻ ۾ ٻڌي ڪري گڏ ٿي چڪا آهيون، اسان انگريزن جي
فوج سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪا هونئن به ٿوري انداز ۾
آهي، اسان کي يقين آهي ته فتح اسان جي ٿيندي، انهيءَ ۾ ئي اسان جو
ناموس ٿيندو. اسان جيڪڏهن پنهنجي ماءُ "سنڌ" جو حق ادا ڪيو ته
ٻنهي جهانن جي سعادت حاصل ڪري رهنداسين."

مير محمد نصير خان لغاريءَ(غلام محمد) کي سمجهائيندي منع ڪئي ته جنگ ڏاڍي ڏکي پوندي ڪهڙي خبر ته ان ۾ ڪنهن جي ٿي فتح ٿئي، پر جيڪڏهن اسان جنگ ڪئي به وياسين ته اها ڳالهه ٿيندي جڻ سنڌ اندر اسان پنهنجي خاندان ۾ باهه ٻرڪائي ڇڏي، جيڪو اڳ ۾ ئي هڪ ٻئي جي دشمني ۽ نفاق ۾ رڌل آهي، پوءِ ته هميشه لاءِ اسان کي خوف خطري جي ڪري بي قراريءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻي پوندي، چوندا آهن ته دشمني ڪک جي به چڱي نه هوندي آهي: دشمن کي ڪمزور سمجهڻ عقل وٽان نه آهي، هڪڙي چڻنگ پل ۾ سو ٻاريون اَنَ جون ساڙي سگهي ٿي. دشمن کي هميشه طاقتور سمجهڻ گهرجي. چو ته ڪين جهڙو مڇر به هاٿيءَ کي هلاڪيءَ ۾ وجهي سگهي ٿو. انگريزن جي دشمني ته وري به وڏي ڳالهه آهي، ان سان اچ ڪير به منهن ڏئي نٿو سگهي.

---

(۱) مؤلف هتي سخن اڳيان اگرو لفظ ڪم آندو هو، جيڪو دهرائڻ پنهنجي وس جي ڳالهه نه هئي.
- مترجم

انهن نصيحتن جي باوجود غلام محمد لغاري باز ڪونہ آيو. نيٺ ٻئي ڏينهن سوير صبح جو ٻين بلوچ سرڪردن کي پاڻ سان ونئي ڪلام الله مٿي تي کڻي ۽ ترار هٿ ۾ ڪري زنانو لباس پيشگير، چادر ۽ چولي ڳنڍ ٻڌي مير نصير خان وٽ وڃي سڌو سنئون چوڻ لڳس:

اوهان، پهريان تہ هن ڪلام الله کي ڏسي هڪدم گهوڙي تي چڙهي اڳ ۾ ٿيو تہ انگريزن سان هلي جنگ ڪجي.
جيڪڏهن ائين نٿا ڪريو ۽ جنگ لاءِ تيار ڪونہ آهيو تہ پوءِ هي زنانا ڪپڙا پائي ماڳهين ملڪ مان نئي نڪري وڃو!

مير نصير خان اها حالت ڏسي ڏاڍو حيران پريشان ٿيو. جيڪڏهن بلوچن جي چوڻ تي جهيڙي ۾ منهن ٿي وڌائين تہ سندس گهر ۾ رڳڙي پيدا ٿيڻ جو امڪان هو. پر جي انهن جو چوڻ نٿي ورتائين تہ ڏاڍي ڏکئي طوفان پيدا ٿيڻ جو خطرو درپيش اچي ٿي سگهيو. لاچار مصلحت جي خيال ۾ مير صوبدار خان جي عداوت جو خوف ڪندي، بلوچن جي مرضي مطابق حيدرآباد جي قلعي مان گهوڙي تي سوار ٿي نڪتو ۽ سڌو مير فتح علي خان جي باغ ڏانهن ويو. دل ۾ ڪيئي خوف خطرا هيس، پر ڇا ٿي ڪري سگهيو. هوڏانهن قضا ڇا ڪرڻ واري هئي. ان جو پورو پتو ڪيس ڪونہ هو!

اوچتي خبر پئي تہ وڏيرو حيات خان مري ۽ ٻيا پنهنجي ماڳن تان سوار ٿي حيدرآباد ڏانهن پيا اچن، پر ڪين انگريزن جي لشڪر واٽ تي جهلي سندن رستو روڪي ڇڏيو آهي. اها خبر ٻڌي بلوچ اچي بگڙيا، هڪدم ڇانوڻيءَ تي حملو ڪري لٽ ڦر ۾ هٿ ڳنڍيائون. ميجر آئوٽرام جيڪو ميرن جو خاص خيرخواه هو، پنهنجا ڪي ماڻهو مارائي ٻتيلي تي چڙهي جان بچائي ونئي ڀڳو.

نيپئر تڏهن حيدرآباد کان ويهہ ميل پري هالن ۾ هو. انهيءَ حملي ۽ ڇانوڻيءَ جي ڦرلٽ ۽ آئوٽرام جي ڀاڄ جو ٻڌي ڪاوڙ مان فوج سميت درياهہ جي ڪناري سان هلندو صحاري(۱) ۾ اچي ميرن جي شڪار گاهہ وٽ لٿو. ٻئي ڏينهن پنهنجي لشڪر کي تيار ڪري بيٺو.

ٻئي طرف حيدرآباد جي ميرن هر هڪ: مير نصير خان، مير شهداد خان، مير رستم خان ۽ مير صوبدار خان مرحوم مير فتح علي خان جي باغ مان ٻارهن هزار لشڪر ۽ ڪيترين توبن سان حيدرآباد کان ٽي ڪوهہ پرتي ڪاٺهري(۲) ۾ اچي منزل ڪئي. هنن کي اتي پنهنجي خدمت گار دوست محمد ڏاهہ ڏني تہ خبردار رهجو انگريزن جو پنج سو سوارن جو لشڪر پريان موجود آهي، همت ۽ مڙسيءَ سان ثابت قدم ٿي

(۱) سيري (۲) ڪاٺڙي

منهن ڏجو. ميرن پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو تہ جلدي سوار ٿي انگريزن جي لشڪر جو هلي اڳ وٺو. سڀني بلوچن اِنهيءَ حقيقت جي پيروي ۾: تہ ڪابہ شيءِ خدا جي حڪم کان سواءِ نٿي ٿري پنهنجي جاءِ تان چُرڻ جي ڪانہ ڪئي تان جو انگريزن جو لشڪر نروار ٿيو ، مير جان محمد خان بلوچن ۽ ٻين سرڪردن کي وڏي واڪي چيو: اجهو اوهان قسم ساک تي جنگ لاءِ تيار ٿي آيا آهيو. هاڻ مرٽسي ۽ مقابلي جو وقت آيو آهي ساري عمر اوهان سنڌ جو پٺي ڪاڏو پيتو آهي. هينئر مهل هٿان نہ ڇڏجو. ان هوندي بہ: سيهڙ ٽنگون ٽي چوٽين ليپيئي ڪانہ ، بلوچن پنهنجي جاءِ تان چرڻ جي ڪانہ ڪئي.

اهو نظارو ڏسي حاجي خدا بخش پنهنجا پنجاهہ- ستر سوار ساڻ ڪري الله جي آسري، مراد علي خان چانگ دنيا ۽ آخرت جي مراد وندي ۽ نصير خان چانگ ابدي سعادت ماڻڻ لاءِ پنهنجي نندي ياءُ سان گڏ ۽ حاجي غلام محمد خان ٽالپور الاهي سڏ تي سڏ ڏئي ۽ مبارڪ خان ٽالپور، مير غلام شاهہ ولد مرحوم محراب خان ٽالپور مير جان محمد خان ۽ ٻين سورهين سان سنمک ٿي پروانہ جان پاڻ کي انگريزن جي فوج جي مقابلي واري شمع تي رسائي ڪو وقت بندوقبازي ڪندا رهيا، ليڪن بلوچ جيڪي هميشہ ترار تي فخر ڪندا آهن. ايماني حميت ۽ اسلامي غيرت وچان پناهہ گاهن مان نڪري انگريزن مٿان اچي ٽٽا ۽ نهايت دليري ۽ بهادري سان انگريزن جي فوج سان مقابلو ڪرڻ لڳا. انگريزن جي فوج جو دارومدار ڀهريان توبن، بندوقن تي ڀڃاڙيءَ ۾ تراربازيءَ تي هو. تنهن ڪري بلوچن سامهون اچي مقابلو ڪرڻ بدران پري کان ويڙهاند پئي ڪئي. انگريزن جي توبن کين باهہ جي گولن سان ڀجي ڇڏيو ۽ هي شهادت جو جام پيئندا ويا. ڪي بلوچ توبن ۽ بندوقن کان پاسيرا ٿي انگريزن جي لشڪر ۾ ڪاهي ٿي پيا ۽ انهن جي چڱي ڇنڇري پئي لاٿائون. جنهن ۾ ڪيترن انگريزي فوج جي سپاهين کي ترارين سان ڌاهيندا ٿي ويا. (١)

(١) جنگ تمام ڇتي هئي جا ٽن والن جي فاصلي تان، بعضي هٿئون هٿ بہ سخت چڪريون پئي لڳيون جن ۾ سنگينون ۽ تراريون ٿي هليون. ڪيترن وقتن تي بلوچن جي سخت مقابلي ڪري انگريز ريجمينٽن کي پير ڪوڙي نہ سگهڻ ڪري پوئتي هٽڻو ٿي پيو. بلوچن جو مقابلو ڪهڙو نہ سخت هو، ان جو اندازو هن واقعي مان ڪري سگهجي ٿو تہ ٻاويهين نمبر آئرش گورا رجمينٽ جي هڪ سپاهي هڪ بلوچ جي ڇاتيءَ ۾ پنهنجي سنگين هٿي پار ڪئي تہ اهو بهادر بلوچ زمين تي ڪرڻ عيوض پنهنجي ڍال ڦٽي ڪري دشمن جي سنگين کي ڪاٻي هٿ ۾ جهلي ٻت کي اڳيرو ڌڪو ڏئي ساڄي هٿ سان ترار جو اهڙو وار ٿو ڪري جو مٿس حملو ڪندڙ سپاهي ۽ پاڻ ٻئي ساڳي هنڌ تي مرن ٿا.

(جنگ مياڻي ص ٧٢-٧٣ مترجم قادر بخش نظاماڻي جي حوالي سان.)

جنگ هلندي نظاماڻين جي سرڪردن عبدالله خان نظاماڻي ۽ مرزا خان نظاماڻي ميدان تي پهچي، پنهنجي سورهيائي ۾ ڪين گهٽايو. آخر خليل (حضرت ابراهيم) وانگر پاڻ کي نمرود واري مچ ۾ اڇلائي وجي جنت اندر جائيتا ٿيا. انهن سرويچن جي شهادت کان پوءِ بختيار خان لغاري ۽ غلام محمد لغاري جيڪي جهيڙي جو بنياد هئا، تن سان گڏ احمد خان لغاري، غلام محمد ڪتياڻ، غلام حيدر ڪوڪر وغيره ميدان مان فرار ٿيندا ويا.

پڇندي وقت هنن جا اڳٺ ڍلا ٿي ويا، سندن سلوارون اچي پيرن ۾ پيون ۽ ڏهن والن وارا بوڇڻ جيڪي ڪين سندرا ٻڌل هئا، چيلهه کان هيٺ لڙڪڻ لڳا. بندوقون ڪلهن تي ۽ ڍالون پٺيءَ تي لڙڪائي تيز ڪائيندا پنيان نهاري ڊوڙندا ڀڄندا ٿي ويا.

بلوچن جي شڪست کان پوءِ مير مورڳو جنگ جي پڇر ڇڏي قلعي ڏانهن واپس هليا آيا. هوڏانهن انگريزن جي فوج ڳجهن وانگي اچي ميدان ۾ لٽي ۽ جيڪي سامان، توبون، تنبو وغيره هٿ آين، سڀ ڪنيائون جيڪي پراڻا تنبو هئا تن کي اتيئي تيلي ڏئي ساڙي ڇڏيائون.

مير جڏهن اچي قلعي ۾ داخل ٿيا، مير صوبدار خان جي خوف کان ته متان ڪٿي انگريزن کي اشارو ڏئي اسان کي گرفتار نه ڪرائي وجهي ۽ انگريزن وٽ نه پيش ڪري، پاڻ ۾ صلاح ڪري نيپئر کي هڪ خط لکيائون، جنهن ۾ بلوچن جي بيوقوفي ۽ پنهنجي خطا جو اعتراف ڪندي ڪيس ملاقات جي لاءِ منٿ ڪيائون. نيپئر جواب ۾ ڪين ٻاهرين دلداري لکي موڪلي پر اندر جي هنن کي ڪا خبر نه پئي.

ٻئي ڏينهن مير صاحب، نيپئر جي دم دلاسي تي سينگارجي سنوارجي تراريون چيلهه سان ٻڌي گهوڙن تي چڙهي ڏانهس نڪري هليا: ڪنهن چوائي:

ڳوهه کي ٿي ڳُٽي ڪٽي ته ڍيڍن جا ٿي گهر پچي!

هي نيپئر وٽ ويا ته هن منجهانئن ڪنهن کي ٻه رتيءَ جيترو مان نه ڏنو. رڳو مير صوبدار خان سان ملاقات ڪيائين. پوءِ ميرن تي چوڪي ۽ پهري جو حڪم ڏنائين. هڪدم چوڪيدارن ۽ پهري دارن ميرن جو اچي پاسو ورتو ۽ مٿن ڳات اُيا ڪري اچي بيٺا. ميرن ويچارن جون متيون ئي منجهي ويون دل ۾ چيائون:

ڏاڍي بڇڙائي ٿي. هاڻ ٻي ڪهڙي چڱائي ٿي سگهندي! آخر ڪنڌ جهڪائي پاڻ کي گرفتار ڪرائي وڌائون.

سندن گرفتار ٿيڻ کان پوءِ جنرل چارلس نيپئر صاحب بهادر لشڪر جي هڪ

پلٽڻ ڪي قلعي تي ڪاهڻ جو حڪم ڏنو. جنهن بنا ڪنهن جهل پل جي قلعي اندر پهچي فتح جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ نغارا وڄائي شادمانين جو اظهار ڪيائون. تنهن سان گڏ ڦند پڪيڙي حيدرآباد جي شهر ۾ پڙهو گهمارايون تہ سنڌ جو ملڪ انگريز بهادر فتح (غصب) ڪري ورتو آهي، هاڻ حڪومت ۽ سرداريءَ جي پڳ انگريز سرڪار پاران مير صوبدار خان کي ٻڌرائي وڃي ٿي. مير صاحب هاٿي سيني بلوچن جو سردار ليکيو ويندو. ان کان پوءِ انگريزن ميرن جي خزانن ۽ توشہ خانن تي پنهنجا چوڪيدار مقرر ڪيا، جيڪي ڪڇيون پڪيون جايون هيون تن کي مرمت ڪان پوءِ چوڪي ۽ حفاظت لائق بڻايو ويو.

انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد اندر ڇڻ ڪاري قيام بر پاتي وئي، ٻئي ڏينهن نيپئر ۽ ٻيا صاحب لوڪ قلعي جي معائني ۽ مير صوبدار خان جي ملاقات جي خيال سان قلعي ۾ ويا.

مير صوبدار خان، انگريزن جي ڏنن تي تہ ڪيس راڄ ۽ رياست جي پڳ ٻڌرائي سيني جو چڱو مڙس ۽ ملڪ جو حاڪم بڻايو ويندو، ڪچهري لڳائي، طول وهاٿا ڪچ ۾ ڪري ڏاڍي ناٽ نخري سان انگريز بهادر جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو تہ اجهو ٿو صاحب سڳورو پاڻ اچي سرداري ۽ ملڪ داري جي پڳ پنهنجي هٿن سان ٻڌرائينم. ان لاءِ اڳوات ئي زريءَ سان سنواريل شاهي دستار تيار ڪرائي رکي هئائين ۽ هر ان ڏانهن نهاري پئي دل خوش ڪيائين.

پاڻ انهن پورن ۽ پچارن ۾ هو تہ نيپئر صاحب اچي ڪچهريءَ ۾ پهتو. مير صاحب هڪدم سندس سلام لاءِ ادب سان اٿي ڪڙو ٿيو. اجا خوش خير عافيت هلي پئي تہ نيپئر صاحب سانڍي وانگي رنگ بدلائي، مير صاحب جي گرفتاري جو حڪم ڏنو. جنهن تي شاهي قذاقن کيس گهلي هاٿيءَ جي اگهاڙي پٺيءَ تي ويهاري قلعي مان ڪڍي ڇانوٽيءَ ڏانهن روانو ڪيو.

ماٺهو اهو حيرتناڪ حال ڏسي ڏاڍي اچرج ۾ اچي سوچڻ لڳا تہ هيءَ اوچتو ڇا مان ڇا ٿي ويو. اسان تي پانيو تہ اجهو ٿو انگريز بهادر مير صاحب کي عزت آبروءَ سان هاٿيءَ تي سوار ڪرائي رياست ۽ سرداريءَ جي پڳ سان نوازي، پر هتي تہ ڳالهہ ئي ٻي ٿي وئي.

مير صوبدار خان بہ پنهنجي ليکي گهٽ ڪين هو. هڪڙي پاسي پنهنجن يارن سان قسم قرآن تي پئي انجام اقرار ڪيائين تہ ٻئي پاسي انگريزن کي الڳ پنهنجي

دوستيءَ ۽ وفاداريءَ جي پڪ ٿي ڏياريائين.

زماني جي پوک ۾ جيڪو فساد جو ٻج ڇٽيندين، ان جو ڦل توکي نيٺ سزا جي صورت ۾ ملندو. ائين سڀني ميرن جي گرفتاريءَ کان پوءِ انگريزن دلجاءِ ڪري وچي قلعي جي ڦرلٽ ۾ ہٿي ھٿ وڌا. اتي جيڪي حيدرآبادي ميرن جا ڪڙم قبيلا ھنا تن جا قيمتي ڪپڙا، زيور وغيره ڦري ڪين پوئين دروازي کان جيڪو جهنگ جي پاسي ھو ٻاھر وجڻ جو ڏس ڏنائون جتان نڪري ھو(١) ٽنبي(٢) ڏانھن محمد يوسف خدمتگار وٽ وجي ترسيا.

انھيءَ المناڪ واقعي جي ڪري ڪيترا ڏينھن حيدرآباد ۾ ترٿلو متل ھو ۽ اھڙي اچي شورش اپري جو ماڻھن کان طوفاني مصيبتون وسري ويون. چڻ ھوبھو ڪربلا واقع ٿي چڪي ھئي.

ھتي اھڙي ظلم جي باھ ٻري وئي،
جو دانھون آسمان تائين وڃي رسيون،
ستم جو درياھ ايڏي جوش ۾ آيو جو
الم جو سيلاب وڃي اُپ تائين پھتو
زماني ۾ ڪيئي ڪلور ٿيندا رھيا
پر اھڙو ڪيس ڪڏھن ڪنھن ڪونہ ڏٺو!

ٿورن ڏينھن گذرڻ کان پوءِ ميرن جا سمورا مال خزانا روڪڙ، پٽ پٽيھر، قيمتي جواھر ھٿيار پنوھار جوھردار جڙائو تراريون، رومي، خراساني، مير خاني بندوقون، خنجر ۽ جوھردار مٺين سان سنواريل ڇريون، ولايتي اُٺ گھوڙا، ڍور ڍڳا وغيره سونا زيور جيڪي لکن رپين جي ملڪيت جا ھئا ۽ ٻہ ڪروڙ ٽيھہ لک رپيا روڪ ميرن جي

(١) اھو دروازو اڃا تائين پڪي قلعي جي پٺين پاھين کان اوڀارين پاسي موجود آھي، اتي ڪڏھن گھاٽو جهنگ ھو، ان جي ڀريان ھاٿوڪي سٽي ڪاليج جي پويان جتي ڪلاٿ مارڪيٽ آھي، ڪانگن ڪاڏي نئي ھوندي ھئي. محترم عبدالقيوم صائب جي روايت موجب.

(٢) ٽنبو يوسف، محمد يوسف خدمتگار جي نالي قائم ڪيل اسلام آباد (حيدرآباد) واري ريلوي ڦاٽڪ جي ڀريان آھي. محمد يوسف ولد محمد صالح منگواڻو تخلص يوسف. ھيءُ ھفتي ڪن جو ھو تہ مير غلام علي خان کي مير محمد خان ڄائو. ان کي ٽيج ڏارائڻ لاءِ ھن جي والده کي رکيو ويو. مير صاحب سان گڏ محمد يوسف جي پرورش بہ ٿيندي رھي. حيدرآباد ۾ ھاٿوڪو ٽنبو يوسف سندس نالي تي آھي. مياڻي جي جنگ کان پوءِ مير صاحبن جا ديرا اتي وڃي رھايائين. ھي علم ادب سان شغل رکندڙ ھو. مثنوي ماه و مشتري فارسي ۽ ديوان يوسف سندس تصنيف آھي. جنگ نامو مياڻي مرزا گل حسن احسن ڪربلائي مھراڻ ١-٢-١٩٥٧ع ص ١٤٢.

توشہ خاني مان ڪيڍي انگريزن پنهنجي قبضي ڪيا. انهيءَ کان سواءِ جيڪي لڪل خزانا هئا، تن لاءِ قلعي جي پراڻن درٻارين هڪ هڪ سو انگريزن کان وصول ڪري ڪين اهي ڏس ڏنا، جن موجب زمين ۾ پوريل هزارن لکن جي رقم انگريزن هٿ ڪئي. افسوس آهي جو ميرن نانگ وانگي خزاني تي آرو ڄمايو هو:

خزانا پوري رکڻ مان ڪهڙو فائدو.

جيڪڏهن اهي ڪتب نہ آيا تہ ضرور ضايع ٿي ويندا.

ميرن انهن خزانن مان سواءِ اهنجن جي ڪجھہ بہ نہ حاصل ڪيو ۽ حسرتن ۾ هٿ مليندا رهجي ويا. سنڌ ۾ ٻن مهينن تائين اهڙي ٻاھہ ٻريل هئي جو بيان ڪري نٿو سگهجي. ليڪن انگريزن مصلحت کان ڪم وٺي خيرپور جي هٿ ٺوڪئي والي مير علي مراد خان سان نئين سر عهد اقرار ڪري اهي علائقا جن جو تعلق سرداري ۽ دستاربندي سان هو، سندس حوالي ڪري ڇڏيا. جن جو لاڳاپو وري قلات جي والي مير نصير خان بروهي سان هو. اُهي ان کي ڏئي ناپر ڪرائي ڇڏي. انهيءَ حرفت جي سياست سان انگريزن مير علي مراد خان ذريعي سنڌ، بلوچستان ۽ ڪڇي جي سردارن کي پنهنجو مطيع ۽ فرمانبردار بڻائي ڇڏيو.

حيدرآباد جا جيڪي مير انگريزن وٽ قيد هئا، تن کي مٿان هندستان مان حڪم صادر ٿيڻ جي بنا تي حيدرآباد ۾ ئي رکيو ويو. انگريزن وڏي دل ڏاري بلوچن جي ڪڙمن قبيلن جي ورسائڻ جا جتن شروع ڪري ڏنا، جيئن وري ڪو ڦڏو فساد نہ پيدا ٿئي. (١)

(١) مير حسين علي خان پنهنجي قلمي ڪتاب مناقب علوي فارسي ۾ لکي ٿو: جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. ان وقت سنڌ ۾ طوائف الملوڪي هئي. سنڌ جا پنج حاڪم هئا، مير شهداد خان، مير محمد نصير خان، مير محمد خان، مير صوبدار خان ۽ خود مير حسين علي خان. انهن مان صرف ٽن ڄڻن جنگ ڪئي. باقي مير مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان دغابازي جو چار پڪيڙي فتني فساد لاءِ دولت هٿ ڪئي، جڏهن انهيءَ خرابي جو راز کليو، تڏهن ظاهر ڪيائون تہ هُو ٻاهرين نموني نصارن سان مليل هئا، پر اندرين خاني مسلمانن جو ساٿ پئي ڏنائون، بس پنهنجي ڪئي جو ڪهڙو علاج ٿي سگهيو ٿي، نيٺ جن ڪئي تن سان اهڙي ٿي جو خراب ڪمن سبب قيد ٿيا ۽ سندن پڇاڙي سيڪنهن ڏني تہ ڪهڙي ٿي.

جنگ نامو مياڻي مرزا گل حسن احسن ڪربلائي مهراڻ ١-٢-١٩٥٧ع ص ١۴۴.

## مير شير محمد خان جي انگريزن سان جنگ- انهيءَ جنگ ۾ پنهنجي لشڪر جي سرڪردن جي دوکي سبب مير صاحب کي شڪست حاصل ٿيڻ:

حيدرآباد جا مير ۱۲۵۹هه (۱۸۴۳ع) محرم جي مهيني ۾ نيپئر هٿان شڪست کائي گرفتار ٿي ويا ته ميرپورخاص جو والي مير شير محمد خان، گهڻي تعداد ۾ لشڪر گڏ ڪري توبخانا ۽ ٻيو جنگي سامان هٿ ڪري انگريزن سان لڙڻ لاءِ، حيدرآباد روانو ٿيو. جڏهن چئن ڪوهن جي فاصلي تي آيو ته شهر کان اوڀارين پاسي ٽنڊي موسيٰ خان کٽياڻ ڏانهن قليليءَ جي ڪپ تي پهچي، جنگ لاءِ للڪاريائين. انگريزن به اچي مقابلي لاءِ ميدان سنڀاليو.

سڀ کان اول هوش محمد (هوشو شيدي) پنهنجي سپاهين جي دستي سان جنگ شروع ڪئي ۽ وڏي سورهيائي سان مقابلو ڪيائين. پر آخر شهيد ٿي ويو. ان کان پوءِ مير غلام علي خان مرحوم، عبدالله خان ٽالپور جو پٽ رحيم خان ٽالپور ۽ علي خان ٽالپور، ڪمال خان مري، نبي بخش مري ۽ نوحاڻي بلوچ، ٻن ٽن سون جي لشڪر سان، جنگ لاءِ آيا. انگريزن جي فوج مان ڪيترن کي قتل ڪيائون. نيپئر پنهنجي لشڪر جو قتلام ڏسي افسوس ڪندي مٿو پٽڻ لڳو ۽ ڪاوڙ مان وار ٽي پٽيائين. ڪيس اچي ڊپ ورايو ته متان ڪٿي فوج نه ٽڙي پکڙي وڃي.

بلوچن وڏي مردانگيءَ سان ميدان ماريندي ترارين اهيون ڪري اهڙو اچي انگريزن جي فوج ۾ ماناڻ مچائي ڏنو، جو بيان ڪري نٿو سگهجي. پر انگريز جيڪي جديد هٿيارن سان لڙي رهيا هئا، تن جي آڏو ڏڪ نه جهلي سگهيا. نيٺ بلوچن مان ڪيترا شهيد ٿي ويا.

چون ٿا ته محمد خان نوڙهي جي چال سان بلوچن جو پاسو هلڪو ٿي پيو، جيڪو انگريزن سان ملي شير محمد خان جي فوج ۾ شامل ٿيو هو. جڏهن جنگ پوري عروج تي آئي ته اچانڪ محمد خان نوڙهي وڃهه وني مير صاحب جي بارودخاني ۾ باهه لڳائي. ان کان پوءِ اهو پاڻ ۽ خان محمد، مير غلام علي ٽالپور جو پٽ ۽ غلام محمد لغاري قليلي واهه جي تري مان ڀڄي نڪري ويا.

مير شير محمد خان پنهنجي سرڪردن جا اهي حال ڏسي ڊرو ٿي ويو ۽ جنگ ڇڏي پنهنجي منهن پاسيرو ٿي نڪتو. سندس فرار ٿيڻ کان پوءِ انگريزن جي فوج پيڇو ڪيو. ڪي سوار عمرڪوٽ ڏانهن ته ڪي ٽنڊي الهيار ڏانهن ويا، پر مير صاحب ڪين هٿ نه اچي سگهيو، ڇو ته هو نئين پرسان وڃي بلال واري رستي کان درياهه ٽپي اتر پاسي اُسهي چڪو هو.

ماڻهو چون ٿا: مير شهداد خان کي خدا شڪست ڏياري، پر اصل حقيقت اها هئي ته هن کي انگريزن هٿان هار ڪارائڻ ۾ مير علي مراد خان جو وڏو هٿ هو. جيڪڏهن هي سازش ڪري مير شير محمد خان جي ماڻهن کي، جيڪي سندس لشڪر جا سرڪردا ۽ سالار هئا، نه برغلائي ها ته انگريز ائين آسانيءَ سان فتحمند نه ٿين ها.

مير شير محمد خان جو هڪ بهادر سا نٿاري مير شاهه محمد خان، جيڪو لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ڏانهن ويو هو، تنهن کي به انگريزن مير شير محمد خان جي شڪست کان پوءِ گرفتار ڪري ڇڏيو. اها چٺنگ به مير شير محمد خان جي پنهنجن (مير علي مراد خان) جي دڪايل هوندي. مير شاهه محمد خان ۽ الف خان انگريزن جي فوج سان ڪاهي ويو. پنهي ۾ سخت مقابلو هليو، پر مير شاهه محمد خان، زخمي ٿي پيو، جنهن کي انگريزن جي فوج زنده گرفتار ڪري ورتو. ڪيس حيدرآباد ۾، نيپئر صاحب اڳيان حاضر ڪيو ويو، جنهن پاڻيءَ جي جهاز رستي هن کي بمبئي اماڻي ڇڏيو.

مير شير محمد خان جي شڪست کان پوءِ نيپئر ڇا ڪيو، جو حيدرآباد جي ميرن: مير نصير خان سندس پٽن ۽ مير، مير محمد خان، مير صوبدار خان، مير شهداد خان ۽ خيرپور جي ميرن: مير رستم خان، مير نصير خان سڀني کي پاڻيءَ جي جهاز ذريعي بمبئي اُماڻڻ جو حڪم ڏنائين. ان کان اڳ حيدرآباد جي شهرين ۽ شاهوڪارن کي پاڻ واٽي اها اجازت ڏنائين ته حيدرآباد جا مير اوهان جا حاڪم هئا، هاڻ قسمت جي داٽي پاڻيءَ سبب انگلنڊ جي سير تي وڃي رهيا آهن، اوهان وڃي ساڻن موڪلاڻي ڪريو، متان پوءِ ڪنهن کي ڪو ڏک نه رهجي وڃي.

حيدرآباد مان ننڍا وڏا انهيءَ اجازت موجب مير صاحبن جي موڪلاڻيءَ لاءِ وڃن آيا. سندن حالت زار ڏسي هرڪو زارو زار روئڻ ۾ اچي ڇٽڪيو. اهڙو ڪو ماڻهو ڪونه هو، جنهن جي اکين ۾ لڙڪ نه هئا.

اهڙيءَ ريت مير صاحب اشڪبار اکين ۽ داغدار دلين سان پنهنجو ملڪ، ماڳ ۽ راڄ ڀاڳ ۽ ڪڙم قبيلا ڇڏي انگلنڊ ڏانهن راهي ٿي ويا. هيءُ جڏهن بمبئي ۾ داخل ٿيا ته اتان جو گورنر، ڪپتان بروس، پوليس آفيسر، ڪپتان اوليور ليجت منجسٽريٽ،

ولبي صاحب سيڪريٽري مملڪت ۽ اسڪونٽ صاحب سيڪريٽري تعلقات عام، هنن جي استقبال لاءِ بندر تائين آيا. اسڪونٽ صاحب اڳتي وڌي مير نصير خان کي هٿ کان وٺي عزت سان هيٺ لاهي آندو. پوءِ بروس صاحب مير صاحب جي سامهون اچي ڪيس سلام ڪيو. مير صاحب سلام جو جواب ڏيندي ڪيس چوڻ لڳو: آءٌ اوهان کي سڃاڻان ٿو ۽ اوهان کي به ياد هوندو ته ١٨٢٨ع ڌاري اوهان منهنجي دربار ۾ حاضر ٿيا هئا. هن وراڻيو: تڏهن ماشاءالله، اوهان جوان هئا ۽ اوهان جي جواني اوج تي هئي، پر هاڻ زماني جي گردش اوهان کي اَپرو ۽ ڏٻرو ڪري ڇڏيو آهي! مير صاحب مٺان ورندي ڏني: آءٌ اوهان جي دوستي ۽ محبت جي آثار تي هتي آيو آهيان. تنهن تي هن وري وراڻيو: بيشڪ، اها اوهان جي محبت ئي هئي، جنهن اوهان کي هتي ڇڪي آندو، اها ڇڪ ڪا ڇڄڙي ڇڙي ڪانه هئي.

انهيءَ ٻولاچاريءَ کان پوءِ مير صاحب کي چوتاڪي بگيءَ ۾ چاڙهي واڄٽن کي پوش پوش (پري پري جو آواز) ڪندا وڏي عزت آبروءَ سان گورنر صاحب جي ايوان ۾ مهمان ڪري رهايائون.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ مير نصير خان کي ڪلڪتي جي پرسان دمدمي ۾ رهايو ويو. مير شهداد خان سورت واري قلعي ۾ ترسيو ۽ مير رستم خان کي پوني جي پرسان ساسو ۾ رهائش پذير ڪيو ويو. انهيءَ بندوبست کان پوءِ سرڪار جي پاران ميرن لاءِ پندرهن هزار رپيا ماهوار وظيفي طور مقرر ڪيا ويا.

مير صاحب رياست ۽ روزگار جي غم کان آزاد ٿي، ڪيترا ڏينهن ته آرام ڪندا رهيا، پر پوءِ به "وطن جي حب ايمان آهي" چواڻي، پنهنجيءَ سر جي آزادي ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا، جنهن لاءِ ڪيئي حيلا وسيلا هلايائون ۽ درخواستون ڪيائون، ايتري قدر جو لنڊن جي عدالت جو در ڪڙڪائيندا رهيا. جنهن ۾ خود انگريزن مان ڪيترن وڪيلن ميرن جي پاران ڪيس لڙڻ ۾ حصو ورتو. ان سڄي ڊڪ ڊوڙ جو مقصد اهوئي هو ته مير نصير خان کي وري سنڌ جو والي بڻايو وڃي.

هوڏانهن سنڌ ۾ اهي خبرون اچڻ لڳيون ته مير شير محمد خان خراسان/ افغانستان کان فوجي مدد وٺڻ لاءِ اتي وڃي پهتو آهي ۽ افغان سردارن سان ملاقاتون پيو ڪري. انگريزن جو ٻڌو ته مير نصير خان جي خوش آمديد ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا، جو ته انهن خبرن خود انگلنڊ وارن کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو. پر قدرت کي ڪي ٻيو ڪرڻو هو.

مير صاحب بيمار ٿي پيو ۽ ڏينهون ڏينهن ضعيفيءَ کان جهرندو ويو. نيٺ تاريخ ڇهين ربيع الثاني ١٢٦١هه مطابق ١٤-اپريل ١٨٤٥ع تي دمدمي ۾ رحلت ڪري ويو.

## انگريزن هٿان سنڌ غصب ٿيڻ کان اڳ قنڌار ۽ خراسان طرفان ميرن کي تاڪيد ناما لکڻ تہ انگريزن کي پنهنجي ملڪ مان سندن پاسي (قنڌار، خراسان وغيره) ڏانهن اچڻ جو رستو نہ ڏنو وڃي:

اها حقيقت آهي تہ انگريزن پنهنجي بهادريءَ سورهيائي سان سنڌ فتح (غصب) نہ ڪئي هئي، ان ۾ سراسر سندن فريب ڪاري، حيلي بازي ۽ هر قسم جي عياريءَ جو دخل هو. هنن مڪارن ۽ منهن ڪارن اوائل ۾ ميرن جي حضور شرميءَ جو فائدو وٺندي، ساڻن دوستي ڳنڍي ۽ ظاهري خلوص جي نمائش ڪندي، هنن کي پنهنجي مصلحت ۽ سياست جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي وڌائون، پوءِ پنهنجي دوستيءَ جي ناتي پنهنجي فوج کي سنڌ مان ٽپائي خراسان/افغانستان ڏانهن وڃڻ جي اجازت وٺي، غاصبن وانگي، غيرت مند ۽ محب وطن افغانن مٿان چڙهايون ڪري انهن کي وڏي عذاب ۾ آندائون.

ميرن ان ڳالهہ جو ڪوبہ لحاظ نہ ڪيو تہ هنن جو خراسان/افغانستان جي والين سان آڳاٽي زماني کان اتحاد وارو رستو ۽ مالگذاري (ڍل جي ادائگي) وارو رابطو هلندو ٿي آيو، انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن انگريز هنن سان هٿ اٽڪائي ها تہ خراسان/افغانستان وارا بہ خاموش ٿي نہ ويهن ها. پر ميرن کي انگريزن جيڪي خواب خيال ۾ باغ بهار ڏيکاريا، تن تي هرکي، انگريزن کي خوشيءَ سان خراسان/افغانستان وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائون تہ:

پُورا وڃي پيل، سارو ملڪ "صديق" چوي.

اهڙي نامناسب روش اختيار ڪري سنڌ جي ميرن هٿ وٺي، خراسان/افغانستان وارن جي دشمني پنهنجي سر ڪٽي، پاڻ کي پڌرو ڪري وڌو!

خراسان/افغانستان جي والين ڪنهن چواڻي: "اُٺ اڳيئي ٽي رڙيا، جڏهن پورا

تي سبيائونا!" ميرن کي ڪيترا خط لکيائون ۽ پيغام موڪليائون، انهيءَ تهوت ۽ تاڪيد سان تہ اوهان جيڪڏهن .نا ڪنهن دور انديشيءَ جي انگريزن کي اسان ڏانهن اچڻ جي اجازت ڏني تہ ان جو انجام ڏاڍو ڏکيو ثابت ٿيندو.

هڪ ڏاهي جو نقل آهي تہ ڪنهن شخص ننڊ ۾ نانگ ڏٺو، جو سندس پيٽ تان لنگهي ويو. ان تي هو ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ زاروزار روئڻ لڳو. ماڻهن پڇيس خير تہ آهي؟ جواب ۾ چوڻ لڳو: هن نموني نانگ ڏٺم، جيڪو منهنجي پيٽ تان لنگهي ويو. تنهن تي چيائونس تہ مڙئي خير آهي، روئڻ جو تہ ڪو سبب ئي نٿو سجهي! هن شخص حيرت مان چيو: اوهان ان کي ٿوري ڳالهہ ٿا سمجهو! ميان اهو نانگ اڄ منهنجي پيٽ تان لنگهيو آهي، سڀاڻي منهنجي جسم ۾ زهر اوتيندي دير نہ ڪندو! سو تنهن وانگي:

جيڪو جهوليءَ ۾ نانگ نپائيندو،

اهو سدائين، پنهنجو موت پيو ساريندو.

اوهان جيڪڏهن انگريزن سان جنگ ڪرڻ جي توفيق نٿا رکو تہ اسان ڏانهن راهہ خرچ اُماڻيو، اسان پاڻهين انهن گدڙن جا ڏند کٽا ڪري ڇڏينداسين. اسان جي غازين جو رڳو ايڏانهن پير پوي، پوءِ دنيا ڏسندي ۽ انگريزن کي بہ پتو پئجي ويندو تہ ڪنهن بهادر قوم جي همت ۽ حميت ڇا ٿيندي آهي؟

خراسان/افغانستان جي والين، سنڌ جي ميرن کي جيڪي ستوهہ ڀريا ۽ پروسا ڏياريا، تن جو هنن تي تر جيترو اثر بہ ڪونہ پيو، پر جڏهن انگريز سنڌ اورانگهي وجي، اتي رسيا تہ دنيا برابر اهو ڏسي دنگ رهجي ويئي تہ انگريزن سان، جن جو ننڍو وڏو، صاحب بهادر جو نقلي پچ پنهنجي پنيان چنبڙائي پيو هلندو آهي، افغان غازين کهڙيون جنيون ۽ تعديون ڪري ڇڏيون، ۽ هر ڪنهن ڏٺو تہ پڇاڙيءَ ۾ چٽن ڪاڌل (زخمي) گڏهہ وانگي اڪيلي سر اجيو بڪيو ريڙهيون پائيندو اچي سنڌ جي آهر (هاڏر) تي اونڌو تي ڪريو. اول بازيگرن وارا نات ڪري چانوٽيون ۽ بنگلا ڍهرائي پٽ ڪرايائين، جيئن ميرن کي پڪ ٿئي تہ اجهو انگريز ماڳهين سنڌ مان بسترا گول ڪيو پيا وڃن! مير تہ هوءَ بہ عقل جا انڌا ٿي چڪا هئا، ۽ هنن جو انگريزن تي پڪو ويساهہ ڄمي چڪو هو تہ اسان انگريزن کي پنهنجي ملڪ مان خراسان/افغانستان وڃڻ جي اجازت ڏئي وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو آهي. انگريزن اسان جي ملڪ ۾ چانوٽيون

وڏيون تہ اسان دل جان سان پنهنجون خلوص ڀريون خدمتون پيش ڪيون. هاڻ ڪير ٿو چئي سگهي تہ انگريز اهي سڀ قرب ۽ قصا، خلوص ۽ خدمتون فراموش ڪري اسان سان ڪي اُبتا پير ڪٽندا يا اسان کي ڪنهن اوڙاهہ يا آڙاهہ ۾ اڇلائيندا! ائين ڪڏهن بہ ٿي نٿو سگهي، ڇو تہ انگريز دوستي ۽ وفاداريءَ جو پورو قدر ڪرڻ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو:

"دنيا جا طالبو ڇا ڄاڻن تہ دوستيءَ جو عهد اقرار ڇا ٿيندو آهي.
جيڪو سدائين دغا فريب کان ڪم وٺي تڳندو رهي ٿو،
اهو، ٻين جي مال ڦٻائڻ، پنهنجي پيٽ پُر ڪرڻ ۽ پنهنجي ڏنڌي لاءِ
ٻين کي ڦاسائڻ کان اڳ ۾ ئي، پاڻ ڏيڻ ۾ ڦاسي پوي ٿو."

جيئن تہ حڪمرانن جي وجود جو پنوڙو، بيوفائي جي مٽيءَ پاڻيءَ سان ڳوهيو ويندو آهي، انگريزن رازن وانگي تيشي هٿ ۾ ڪٽي ميرن جي اتحاد ۽ اتفاق جا محل ڊاهي وڌا. هڪ پاسي حيدرآباد جي ميرن کي ابتيون پٽيون پڙهائي، پنهنجي سڄي ڏاڍگي ۾ آندائون تہ ٻئي طرف خيرپور جي ميرن تي هٿ ڦيري سندن مت ڪسيائون.

جڏهن ڏٺائون تہ ٻئي ڌريون نااتفاقي جي اويڙ ۾ اچي ڦيريون کائڻ لڳيون آهن تہ پنهنجا پير پختا ڪري ميدان ۾ سندرا ٻڌي لهي پيا ۽ هڪ ئي ڄاڻني سان ميرن کي ڍيري ڪري رکيائون.

انهيءَ سياسي چالبازيءَ کان سواءِ ممڪن ئي نہ هو تہ انگريز هڪدم جهپڙ ڏئي سنڌ کي بکئي باز وانگر جهٽي وجن ها. هيڏانهن ميرن بہ حماقت ۾ حد ڪري ڇڏي، جيڪڏهن خراسان/افغانستان جي والين کي، سندن صلاح ۽ خواهش موجب، پئسا ڏوڪڙ خرچ ڪاپار لاءِ ڏياري موڪلين ها تہ اهي خراسان/افغانستان مان ڪيئي ڪٽڪ پاڻ سان آڻي، انگريزن مٿان ماڪڙ وانگي ڪڙڪي سندن ستياناس ڪري ڇڏين ها!

ليڪن ميرن جا ڀاڳ ئي اهڙا هئا، جو هڪ ٻئي جي نااتفاقي ڪان حرمل جي داڻن وانگي تيڪ ورتل تاندن تي پچرندا رهيا. انگريزن پاڻ کي ميدان جو مانجهي ٿي ڇوايو. انهيءَ صورت ۾ ڪين ائين ٿي سونهيو تہ ڪجهہ وقت اڳ ميرن کي اهڙو چتاءُ ڏين ها، جيئن هو ڪا تياري تہ ڪري وٺن ها، پوءِ جيڪڏهن جنگ ڪري ڪانئن ملڪ کٽين بہ ها تہ ان ۾ ڪو اهم نہ هو- اها ڪمڙي ملڪ گيري هئي، جو دوستيءَ جي دلبي

## (٩٢)

# مير شير محمد خان جو فوجي مدد لاءِ قنڌار وڃڻ ۽ ناڪام ٿي واپس اچڻ:

سنڌ ۾ انگريزن هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ مير شير محمد خان ١٢٥٩هه (١٨٤٣ع) ۾ قنڌار هليو ويو. احمد خانَ لغاري پنهنجي ماڻهن سميت ڪوهستان وڃي مري بلوچن وٽ رهيو. مير شير محمد خان قنڌار پهتو ته سردارن هن جي ڏاڍي پذيرائي ڪئي ۽ ڪيس وڏو مانُ ڏنائون. (١)

---

(١) نسخي ب ۾ هي تفصيل ڏنل آهي:

مير شير محمد خان قنڌار جي سردارن کي چوڏهن پندرهن هزارن جون سوکڙيون ڏنيون، سردارن به ان جي عيوض مير صاحب کي چوويهن هزارن جا تحفا پيش ڪيا. مير صاحب فوجي امداد لاءِ سردارن سان ڳالهه ڪئي ته قسمت اسان جي ائين هئي، هاڻ اوهان جي اميد تي هيڏانهن اچڻ ٿيو آهي.

سردارن جواب ۾ چيو: انگريزن جي مقابلي لاءِ گهڻو ڪجهه ٿو گهرجي. اسان وٽ جيڪو چئن پنجن هزارن جو لشڪر آهي، سواءِ ڪنهن پگهار جي حاضر ڪرڻ ۾ ايندو، وڏيڪ ضرورت پئي ته پنهنجا ڪپڙا وڪڻي به توهان جي پورت ڪنداسين، ليڪن لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ خرچ کان سواءِ چارڙهو نه ٿيندو، خاص ڪري جيستائين خراسان افغانستان جي قبيلن کي شامل نه ڪبو ته انگريزن سان مقابلو ممڪن نه ٿيندو. اسان وٽ جيڪو چئن پنجن هزارن جو لشڪر آهي، سو انگريزن جي توبن جي هڪ ٻن حملن ۾ پورو ٿي ويندو. مير شير محمد خان چيو: جڏهن سردارن جو لشڪر مون سان گڏجي هٿان هليو ته ڪوئيٽه پهچي اتي به لک ربيا پيش ڪيا ويندا، وري ڊادر پهچي هڪ لک پيو اتي ڏيڻ ۾ ايندو، پڇاڙيءَ ڪڇي ۾ پهچڻ تي سڄي لشڪر جي پگهار ۽ ٻيو خرچ ادا ڪندس، اها سڄي ذميداري منهنجي هوندي.

سردارن مير صاحب جي انجام تي رضامندي ڏيکاري، سردار مير افضل خان کي ڪوئيٽه تائين وڃڻ لاءِ مقرر ڪيائون، جيئن اتي پهچي مير صاحب کان ڏوڪڙ وٺي اچي، فيصلو ٿيو ته مير افضل خان جي انهيءَ رقم آڻي ڏيڻ کان پوءِ قنڌار مان فوجون وٺي ڪوئيٽا پهچڻ جي ڪئي ويندي. افضل خان جڏهن مير شير محمد خان سان گڏجي ڪوئيٽا پهتو ته اتي اچانڪ اهڙي برسات شروع ٿي ويئي، جو ڪڏهن ڪانه پئي هئي! انهيءَ الاهي آفت جي ڪري هنن کي هڪ مهيني تائين پشين ۾ رهڻو پيو. افضل خان ڏوڪڙن جو انتظار ڪندو رهيو، پر مير صاحب کي ڪوئيٽه ۾ ڪو پنسو ڪونه مليو، مير صاحب وري وعدو ڪيو ته ڊادر هلي پنسن جي ڳڻ ڪئي ويندي. افضل خان اها حقيقت قنڌار جي سردارن ڏانهن لکي موڪلي.

سردارن کيس جواب اُماڻيو ته مير شير محمد خان کي اختيار آهي، جيڪڏهن واپس قنڌار آيو ته اسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي، ڪانئس نه رکنداسين. پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو ارادو رکي ٿو ته به وس وارو آهي. ايتري ۾ سردارن کي هرات جو مسئلو درپيش آيو. افضل خان مير شير محمد خان وٽ پنهنجا ٻه چار معتبر ماڻهو ڇڏي پاڻ واپس قنڌار ڏانهن وريو.

ڊادر پهچڻ کان پوءِ مير شير محمد خان کي ڪجهه پنسا ملي ويا، سو رات وچ ۾ اتان نڪري ڪاڻ واري قلعي ۾ آيو، جتي احمد خان لغاري به چانڊين جي ڪوهستان مان ٻار ٻچا وٺي اچي ساڻس گڏيو.

مير صاحب لشڪر جي مدد لاءِ قنڌار جي سردارن سان بروقت ڪوئيٽه پهچڻ تي پن تن لکن رپين ڏيڻ جي آڇ ڪئي.

سردارن اها سچي حقيقت امير دوست محمد خان ڏانهن لکي موڪلي ۽ ڪانئس صلاح ورتائون ته مير صاحب کي پنهنجي پاران مُنهن ڏيڻ لاءِ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

امير دوست محمد خان جواب ڏنو ته: اوهان کي ان ڳالهه کان باز اچڻ کپي، ڇو ته ڪن سببن ڪري اوهان جي اها مدد مناسب ڪانه ٿيندي، وڏيڪ اوهان جي رضا ۽ راءِ تي ڇڏيل آهي. امير دوست محمد خان جي انهيءَ ڇتاءُ کان پوءِ سردارن فوجي مدد کان لنوائڻ جي ڪئي، پر مير صاحب کي ظاهري طرح آسري ۾ رکندا آيا. انهيءَ ارادي سان ته جيئن مير صاحب وٽان ڏوڪڙ هٿ ڪري پنهنجو اُرُ پرين! آخرڪار سردار ڪهندل خان جي پٽ کي ٿورو لشڪر ڏئي ڪوئيٽه روانو ڪيو ويو. انهيءَ آسري تي ته جيڪڏهن واقعي مير شير محمد خان کان ڏوڪڙن جو بندوبست ٿيو ته لشڪر گڏ ڪري ڏانهس موڪليو ويندو.

سردار ڪهندل خان جو پٽ پشين پهتو ته وري اچي بارش پوڻ لڳي. اهڙو زور ڏيکاريائين، جو ڪوئيٽه تائين وڃڻ جي واهه ئي ڪانه رهي(۱). هيءَ ڪيترا ڏينهن اتي رهي پيو، پر مير صاحب وٽان ڏوڪڙن اچڻ جو ڪو امڪان ڏسڻ ۾ نه آيو.

نيٺ اچي تنگ ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ سردار ڪهندل خان ڏانهن پيغام موڪليائين ته مير شير محمد خان جو ڪو پار پتو نٿو ملي، نه وري اهڙي حالت ۾ پئسن ملڻ جو ڪو آسرو سجهي ٿو، هاڻ ڇا ڪرڻ کپي؟ سردار ڪهندل خان خط لکي پٽ کي پشين مان واپس گهرائي ورتو. مير شير محمد خان ڪاڻ جي قلعي مان روانو ٿي، اچٽ ۽ قلجي پاسي ويو، جتي وري لشڪر گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. هتي سردار سمندر خان جو پٽ محمد صديق خان اچي ساڻس گڏيو. هاڻ هنن صلاح ڪئي ته خانڳڙهه (جيڪب آباد) پهچي، انگريزن جي ڇانوڻيءَ تي ڪاهه ڪجي. انهيءَ دوران بجار خان ڍومبڪيءَ جو پٽ وزير خان پنج سو سوارن سان تاريخ ۲۸-جمادي الاول ۱۲۶۰هه مطابق ۱۶-جون ۱۸۴۴ع تي پنهنجي منهن خانڳڙهه جي پسگردائي ۾ پهچي، فوج جي گاهين (گهوڙن لاءِ گاهه لڻندڙن) ۽ سوارن کي، جيڪي گاهه پني لڻڻ جي سانگي نڪتل هئا، تن سيني (ستر ڄڻن) کي قتل ڪري سندن گهوڙا ۽ ٻيو سامان قبضي ڪري آيو.

---

(۱) پشين ۽ پنجاه ميلن تي ڪوئيٽه کان پري اتر پاسي آهي، جتان قنڌار ڏانهن رستو وڃي ٿو، ان جي ڀڃاڙيءَ ۾ ڪوڙڪ جبل آهي.

انگريزن جي فوج، جيڪا خانڳڙهه (جيڪب آباد) جي ڇانوڻيءَ ۾ موجود هئي، تنهن بجار خان ڏومبڪيءَ جو پيڇو ڪونه ڪيو، پر اهو ڪم دلمراد خان کوسي تي رکيائون، جنهن وچي انگريزن جي فوجين جا لاش دفنايا.

انهيءَ واقعي کان پوءِ وري ساڳي جمادي الثاني جي چوڏهين تاريخ پنج سو بلوچن جو لشڪر اچي محال روپاهه ۾ پيو، جن ميانجي ڳوٺ کان وٺي ٺل تائين ساري آبادي جي غريبن کان مال متاع لٽي ڦري ويچارن کي پينگ ڪري ڇڏيو. ڳوٺاڻن همت ڪري پاڻ ۾ گڏجي، ڦورن جو پيڇو ڪيو ۽ ٿورو گهڻو مال (ڏور ڍڳا) انهن کان واپس ڪرائي آيا. وات تي انگريزن جا فوجي اچي هنن جي مٿان پيا، جن لٽيو- لٽيو جا واڪا ڪندي غريبن کي قتل ڪيو ۽ سندن مال ڪاهي ويا. پوءِ پتو پيو ته به سو ويهه غريب ماڻهو انگريزن جي فوج ماري ڇڏيا آهن.

غريبن ويچارن کي هڪ پاسي پنهنجي ملڪي لٽيرن ڦريو ماريو ته ٻئي طرف وري انگريز فوجين کين قتل ڪري سندن مال لٽي ڦري، پنهنجي عدل انصاف جو ثبوت پيش ڪيو. انگريز بهادر اها واهه جي بهادري ۽ غريب پروري ڪري ڏيکاري.

ان لاءِ سکر جي عدالت ۾ مقدمو پيش ٿيو. پر غريبن کي ڪجهه به پلي نه پيو، ويچارا ڪڙمي ڪاسبي مفت ۾ ضايع ٿي ويا.(١) مير شير محمد خان کي ڏهاڙا چٽ ۽ قلعي ۾ رهي اندازو لڳايو ته هن حالت ۾ فوج جي قلت ۽ ڏوڪڙن جي اڻ هوندي جي ڪري جنگ جو سوال پيدا ٿيڻ مشڪل آهي، ان ڪري واپس ڪاڻ جي قلعي ۾ آيو. ڪو وقت اتي ترسي پيو. ايتري ۾ مير صاحب جي پاءُ مير شاهه محمد خان، جيڪو بمبئي ۾ نظربند هو، تنهن کي انگريزن آزاد ڪري ڇڏيو. مير صاحب لاهور وچي ساڻس ملاقات ڪئي.

احمد خان لغاري ڪوهستان مان نڪري بهاولپور جي والي نواب بهاول خان جي حد ۾ داخل ٿيو. مير صاحب کي ڏاڍيون تڪليفون درپيش آيون. به دفعا سندس سامان ساڙيو ويو. سندس دربدرائي الڳ ٿي. پڇاڙيءَ ۾ سڀ آس پلي، انگريزن کي عريضيون لکي سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت وٺي گوشه نشين ٿي ويو.

سنڌ جا ٻيا مير، جيڪي اجا انگريزن وٽ نظر بند هئا، تن به وطن واپس ورڻ لاءِ

(١) ان لٽ ڦر ۾ ميان عبدالحڪيم کي ڦريو ويو، ۽ سٺ ستر ماڻهو مارجي ويا، مرحوم محمد قاسم عليه الرحمت انهيءَ غم ۾ رحلت ڪري ويو. هيءُ واقعي ربيع الثاني ١٢٦٠هه (١٨٤٣ع) ڌاري پيش آيو.

حيلا هلايا تہ جيئن نظربنديءَ مان نڪري سرڪاري وظيفن تي پنهنجي ماڳ پهچي وقت گذارين، پر اجا تائين تہ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي. ماڻهن ۾ ڪيئي هاوائا (افواهہ) پيا هلن تہ خبر ناهي ميرن کي اجا ڇو نظربند ڪري رکيو ويو آهي.(١)

*

(١) سنڌ مان ٽالپورن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ حاڪمن مان جيڪي وڏي اثر وارا هئا، تن کي انگريزن قيد ڪري پهريان بمبئي پوءِ ڪلڪتي ۾ نظربند ڪري رکيو، جيڪي آخر اتيئي وفات ڪري ويا. انهن مان: مير نصير خان ١٢٦١هہ (١٨٤٥ع)، مير صوبدار خان ١٢٦٢هہ (١٨٤٦ع) ۽ مير شهداد خان ولد مير نور محمد خان ١٢٧٤هہ(١٨٥١ع) ڏاري فوت ٿي ويا. ڪجهہ سالن کان پوءِ سندن لاش اتان آڻي پنهنجي وطن ۾ دفنايا ويا- مترجم.
(الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٠٩، ١٦-جون ١٩٣٦ع جي حوالي سان)
مير رستم خان ولد مير سهراب خان ١٨٢٠ع ۾ سنڌ جي خيرپور واري گاديءَ تي ويٺو. ١٨٤٣ع ۾ خيرپور ڇڏي، حيدرآباد آيو، جتان انگريز کيس قيد ڪري پوني وٺي ويا، جتي سال ١٨٤٦ع ۾ وفات ڪيائين.
جنگ نامو مياڻي، مرزا گل حسن احسن ڪربلائي، مهراڻ ١-٢-١٩٥٧ع.

## (٩٣)

## مير علي مراد خان پاران انگريز سرڪار جون خدمتون سرانجام ڏيڻ، ان جي بدلي ۾ اهوئي ڪيس حاصل ٿيڻ ته: جنهن ظالم جي مدد ڪئي، خدا تنهن ظالم کي ان تي ئي مڙهيو:

انگريزن جڏهن خراسان/افغانستان فتح ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ اچي پير پاتو ته مير علي مراد خان ساڻس پنهنجي دوستي ۽ وفاداري ثابت ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. سنڌن لاءِ هر قسم جي رضاجوئي ۽ خيرانديشي جا جتن ڪندو رهيو. اها ڳالهه بلوچ اميرن ۽ رئيسن کي ڪانه ٿي وڻي، جنهن ڪري هو ان تي ناراض ٿيندا پئي رهيا.(١) ڪيترن ته ان تي اعتراض به ٿي ڪيو ته انگريزن جي دوستيءَ جا گل بيوفائي جي خزان کان خالي نه آهن.

مير صاحب انهن کي گهٽو ئي سمجهايو ته انگريزن سان دوستي رکڻ ڪري فتنا فساد ختم ٿي ويندا، انهيءَ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي آهي ته انگريزن سان رهائڻ ڪپي، جيئن ڪوبه اندريون يا ٻاهريون وڳوڙ پيدا نه ٿي سگهي، پر جي ڪا اهڙي ڳالهه ٿئي به ته انگريزن جي مدد سان انهيءَ کي منهن ڏئي سگهجي. پر هنن تي انهيءَ صلاح ۽ نصيحت جو ڪو خاص اثر نه ٿيو.

آخرڪار انگريزن جي دوستي پڌري ٿي پئي ۽ ميرن کي اهي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا، جن جو ڪو تصور ئي ڪري نٿي سگهيو. هنن مان ڪي جنگ ۾ شڪست کائي پڪا ته ڪن کي قيد ڪري سنڌ کان ٻاهر ڪيدي پرديس ۾ نظربند ڪيو ويو، جتي هو سنڌ جي وڻن ڏسڻ لاءِ سڪندا رهيا. مير علي مراد خان پنهنجي عادت کان مجبور انگريزن جي خدمت چاڪري ڪندو آيو، جيئن اهي هر حال ۾ راضي رهندا اچن. هن پڇريان اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو، جو مير شير محمد خان جڏهن انگريزن سان نئين

---

(١) مير قومي عصبيت جي ڪري بلوچن کي سنڌين کان وڌيڪ گهرندا هئا. ان لاءِ فرنگي ڪمپني جي ڊائريڪٽرن انگلنڊ ڏانهن رپورٽ موڪلي هئي ته ٽالپور ڏاڍا آهن، سنڌن ظلمن جي ڪري سنڌي رعايا تنگ آهي. (جنت السند مولائي شيدائي، ص ٦٧١)

سر جنگ جوڙڻ لاءِ لشڪر گڏائي رهيو هو، جيتوڻيڪ ڪيس ڪاميابيءَ جي ڪا اميد نه هئي ته به سندس همت تي آفرين هجي جو وري به انگريز جهڙي جبل سان ٽڪر کائڻ جا سانباها ڪندو رهيو! پر مير علي مراد خان پنهنجي حرفت سان انگريزن جي وفاداري جو قسم کڻي وجي، مير شير محمد خان جي ڏاڏي مير احمد خان سان مليو. ان جي وسيلي جيڪي جنگي جوڌا مير شير محمد خان جا ساٿاري هئا، تن کي عهدن ۽ ملازمتن جي آسري پاڻ ڏانهن ڪري وڌائين. مير شير محمد خان جڏهن اها صورتحال ڏني ته پنهنجن جي سورن کان جنگ جي پچر ڇڏي فرار ٿيڻ تي مجبور ٿيو.

مير شير محمد خان کي مات ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي ته محمد علي خان اوپر ۾ ايي(١) واري علائقي طرف شورش ڪري اٿيو آهي ۽ سنڌ ڏانهن اچڻ جي ڪوشش پيو ڪري، ته جيئن انگريزن جي خلاف نئين سر ڪو طوفان ڪڙو ڪيو وڃي.

مير علي مراد خان جو عام مختار شيخ علي حسن، جيڪو ايي ۾ هن جي پاران مامور هو، محمد علي خان جي مقابلي لاءِ تيار ٿيو. ٻنهي پاسن کان چڪري لڳي، جنهن ۾ ڪيئي ماڻهو قتل ٿي ويا. مير علي مراد خان خبر پوڻ تي پنهنجي سر ايي ڏانهن ڪاهي ويو ۽ وڃي محمد علي خان سان مقابلو ڪيائين ۽ اتان فتحمند ٿي واپس وريو. اهڙيءَ ريت مير موصوف هر هنڌ ڪامياب ٿيندو رهيو. محمد علي خان اتان فرار ٿي درياهه پار ڪري وڃي، روجهاڻ مزاري جو پاسو ورتو ۽ مير رستم خان جي پٽ مير محمد حسن خان سان مليو. اجا اها شورش ڊري ٿي ته ٻئي پاسي کان وڏيري ولي محمد خان چانڊڪا پرڳڻي جي سربراهه بلوچن جو ٻارهن هزارن جو لشڪر وٺي انگريزن تي ڪاهڻ جو ارادو ڪيو. اهو اڳيئي انگريزن مٿان ڏمريل هو ۽ موقعي جي ڳولا ۾ پئي رهيو. ان جو ايڏو ته ڏهڪاءُ پيل هو، جو خود انگريز به ڪانئس ڪنبيا ٿي.

مير علي مراد خان جڏهن ان جي ارادي کان واقف ٿيو ته وڃي چانڊڪا پهتو. اتي وڏيري ولي محمد خان کي سمجهائي انگريزن جي فرمانبرداري ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين، پر هو اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيو. نيٺ ان سان جنگ ڪري ڪيس ٻڌي انگريزن وٽ آندائين. پڇاڙيءَ ۾ اهو به انگريزن جو مطيع ٿي انعام اڪرام وٺي وڃي پنهنجي گهر وينو.

اهڙيءَ طرح جنهن به انگريزن سان سرڪشي ٿي ڪئي، تنهن کي مير صاحب ڪن مهٽ ڪري يا لالچ تي انگريزن جي تابعدار ٿي بڻايو. جيڪي سنڌ حڪم تي نٿي هليا، تن لاءِ نادري حڪم صادر ڪري ڇڏيائين، ته انهن کي جتي به ڏسو قتل

(١) بهاولپور جي هيٺين مٿين ايراضي کي اُبو- لمو سڏيو ويندو آهي. -مترجم

ڪري ڇڏيو. انهيءَ سختيءَ ڪان ڪيترا سرڪش ڪَرُ نٽي ڪٽي سگهيا. ليڪن ڪوهستان جي علائقن ۾ رهندڙ بيباڪ بلوچن تي مير صاحب جي ڪنهن به حڪم جو ڪو خاص اثر نه پئي ٿيو. مير علي مراد خان اها سڄي ڇتڪتائي پراين جي پُٽ وٽي پنهنجن مٿان شروع ڪري ڏني هئي، جو اهي (انگريز) ڪيس هر ڪنهن مهم سر ڪرڻ تي خلعتن سان نوازيندا ۽ سندس چاڪريءَ واري گادي بحال رکندا ٿي آيا.

خدا شل نه ڪنهن کي اهڙو خوار خراب ڪري جو پيچ لٽڪائيندو، ڌارين جي ٽڪر تي ائين بي مروتي ۽ بي حجابيءَ سان پنهنجن کي انهن جي ظلم ستم جي سرڪڻ ڦاهيءَ ۾ ڦاسائيندو ۽ بي درديءَ سان سندن سر ڪٽائيندو رهي!

انهيءَ بڇڙي روش ۽ رفتار اختيار ڪرڻ ۾ هن کي نقلي مذهبن جي دعويدارن، يهودين، مجوسين توڙي نصارن سان سنمک ٽيڻ لاءِ جيڪي جتن ۽ وچن ڪرڻا ٿا پون، تن تي شيطان به شرمندو ٿو رهي. اها پلا ڪهڙي شريف قوم، معزز قبيلي، ڪهڙي ماڳ ۽ ڪهڙن ماڻهن جي چڱ مڙسي تي سگهي ٿي!

افسوس آهي جو،
زماني مان مهر محبت هلي وئي،
پنهنجي پرائي جي ڪنهن کي به تميز نه رهي.
دنيا مان عدل انصاف موڪلائي ويو، حاڪمن به لاهي پاهي ظلم تي
سندرو ٻڌو.

*

## مير علي مراد خان مٿان، دشمن پاران قرآن تي لکيل عهدنامي جو ورق ڦاڙي غائب ڪرڻ جو الزام، انهيءَ الزام جي آڌار تي انگريزن کي بانور ڪرائڻ- شيخ علي حسن جي ظاهر ظهور نمڪ حرامي، جنهن تي مير صاحب جون هميشه مهربانيون ٿينديون پئي رهيون:

هن کان اڳ بيان ٿي آيل حقيقتن موجب اها ڳالهه واضح ٿي چڪي ته خيرپور جي حڪمران مير علي مراد خان ٽالپور سنڌ هٿ ڪرڻ ۾ انگريز سرڪار سان ڪيڏا قرب ۽ احسان ڪيا ۽ کين مٿانهون ڪرڻ لاءِ پنهنجن کي به پوئتي رهائي ڇڏيائين. هوڏانهن به هن جون دوستداريون ۽ وفاداريون سارينديون ڪيس هر طرح جي عنايت ۽ نوازشن سان پئي مانائتو ڪيو ويو. پنهي جو اهو اتساهه ان ڪري هڪ ٻئي سان هلندو ٿي آيو، جو هوڏانهن انگريزن لاءِ هن ڌاريئي ملڪ (سنڌ) ۾ مير صاحب جهڙن چاڪرن جي ضرورت هئي ته هيڏانهن مير کي به پنهنجي ملڪ ۾ اوپرو ثابت ٿيڻ تي انگريزن جي اوٽ گهربل هئي. انهن ٻنهي هڪ ٻئي کان سڌيءَ اڻ سڌيءَ طرح ڪم ڪيندا ٿي آيا.

مير علي مراد خان جي انگريزن وٽ وڏي عزت هئي. پاڻ جڏهن به وٽن ملاقات لاءِ ٿي ويو ته ڪيس مان ڏيڻ لاءِ توبن جي سلامي ڏني ٿي ويئي. نيپئر صاحب هن کي پنهنجي دسترخاني تي پاڻ سان گڏ وهاري ماني کارائيندو هو.

جڏهن بجار خان ڏومبڪي ۽ جکراڻي قبيلي وارن ڪوهستان ۾ انگريزن خلاف بغاوت ۽ بلوي واريون خطرناڪ حالتون پيدا ڪيون ته ان کان اڳ جو انگريز بهادر بذات خود ڪو قدم کڻي، مير علي مراد خان پنهنجو ڪاڏو پيتو حرام ڪري وڃي ڪوهستان رسيو ۽ انهن کي پنهنجي سورهيائي سان ويڙهه ۾ هارائي، گرفتار ڪري انگريزن آڏو حيدرآباد موڪلي ڏنائين. انگريزن وري ان کي مير علي مراد خان ڏانهن خيرپور اماڻي سندس عزت افزائي ڪندي ڪيس اهو محسوس ڪرايو ته ملڪ جا والي اڪيلا اسان کين آهيون، پر ان ۾ اوهان جو به حق آهي.

مير صاحب ڪلي خوش ٿي جکراڻين کي پنهنجي سفارش ۽ ذميواري تي انگريزن

وٺ نوڪريون وٺرائي ڏنيون، ڇو ته سندن جهڳڙو هو ئي ان لاءِ! تڏهن ته هڪدم هٿيار ڦٽا ڪيائون. باقي بجار خان ڏومبڪي کي مير صاحب ڪو وقت خيرپور ۾ پاڻ وٽ نظربند رکي، ٿوري عرصي گذرڻ تي ڪيس گذر بسر لاءِ انعام ۾ جاگيرون ڏئي خوب خوش ڪيو. جيڪو پوءِ پنهنجي موت مري ويو. سندس موت کان پوءِ پوين کي مير صاحب رضامنديءَ سان انگريزن کان معافي وٺرائي ڏني، جيڪي پنهنجي ٿاڪن تي وڃي ٿانيڪا ٿيا.

ان کان علاوه به مير صاحب انگريز سرڪار جون جيڪي دلئون جانئون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ سندن ٻيون ڇيئيون چاڪريون ڪيون، تن جي تفصيل لاءِ پورو ڪتاب گهرجي.

ٻيو ته چور چڪار يا لچ لونڊ چوريون ۽ ٻيون ٻڇڙايون ڪري مير علي مراد خان جي رياست ۾ حد ٽپي اچي لڪندا هئا ته انگريز انهن جا ڏنڊ ڏوهه به مير صاحب جي ماڻهن کان سندس اطلاع يا اجازت کان سواءِ پرائي وٺندا هئا يا انهن کي قيد ڪري وٺي ويندا هئا. ان جي هوندي به مير صاحب ڪڏهن منهن ۾ گهنج نه وڌو ۽ انگريزن جي رضامنديءَ جو خيال ڪندي خاموش رهندو آيو.

مير صاحب جي ملاقات لاءِ جيڪڏهن انگريزن پاران وٽس ڪو هلي ٿي آيو ته ان جي وڏي عزت سان آجيان ڪري سندس مهمانيون ڪرڻ ۾ اينديونڻ هيون. انگريزن جيڪي بندوقون، تمنچا ۽ پلا گهوڙا مير صاحب کي تحفي ۾ ٿي ڏنا، ان کان وڌيڪ قيمتي سوکڙيون مير صاحب موٽ ۾ ڪبن سندن مان مرتبي موجب ڏيندو هو. خاص ڪري جڏهن هندستان مان وائسراءِ سکر جي ڇانوٽيءَ ۾ آيو ته مير علي مراد خان سندس حضور ۾ پهچي ڪيس لکن رپين جا زيور، هٿيار (سون ۽ جواهرات سان جڙيل) پيش ڪيا، جن کي ڏسي حاضرين جون اکيون جهانورا کائڻ ٿي لڳيون. انهن کان علاوه ولايتي عربي گهوڙا ۽ پلئون پل اٺ، جن جي قيمت به مني لک تائين ليکجي، مير صاحب پاران صاحب بهادر جي نذر ڪيا ويا.

مير صاحب جنهن دليريءَ ۽ دلاوريءَ سان ڪوهستان ۾ رهندڙ سرڪش بلوچن کي زير ڪيو، تنهن بابت شاعرن قصيدا لکي ڪيس هن ريت خراج تحسين پيش ڪئي:

"اهي ماڻهو، جيڪي ڏاڍا سرڪش ۽ خونخوار هئا،
خيبر جي يهودين وانگي انهن کي ڪنهن جو به ڊپ نه هو.

اهي چور، ڌاڙيل، ڪاٺڪو، شاهينگ ۽ ڇا ڇا نه هئا،
انهن جو ڌنڌو ئي، لٽ ڦر، قتل ۽ غارت گري هو.

انهن جي آزار کان رعيت تہ هميشه عذاب ۾ ٿي رهي،
پر خود حڪومت بہ انهن کان ڪنبندي رهندي هئي.
پر نيٺ سندن راهون رد ٿينديون ويون!
۽ فتني فساد جون پاڙون پٽجي ويون!
اهي ڪوهستاني ايذا تہ زور ۽ خطرناڪ هئا،
جو دراني ۽ نادري دور کان ارڏايون ڪندا ٿي آيا.
انگريز سرڪار پنهنجي فوج ۽ هٿيارن جي قوت تي،
جنهن جي سربراهيءَ مير علي مراد خان ٿي ڪئي.
جڏهن وجي ڪوهستاني وحشين تي ڪاهہ ڪئي،
تہ انهن جا حوصلاتي خطا ٿيندا ويا جنگ ۾.
هي بہ گهڻو ڪجهہ هئا، پر مير علي مراد خان وڏيڪ هو،
جنهن ٻيلائي شينهن وانگي گجندي للڪارون ٿي ڪيون.
هيءُ جيڏو بهادر هو، تيڏو ئي خدا ڪيس عقلمند بڻايو هو،
ايڏو ئي هن جو مان مرتبو ۽ ملڪ ۾ دٻدٻو هو.
هن جي طاقت ۽ حشمت، عقل ۽ همت طفيلؔ،
ڪوهستاني سرڪشن کي آخر شڪست نصيب ٿي.
هيءُ اسلامي حڪمران، حيدري حمايت سان،
فتح مند ٿيو جيئن خيبر ۾ مسلمان فتحياب ٿيا هئا.
هن جي مردانگي، سورهيائي ۽ اورچائي تي،
انگريزن بہ دل کولي پنهنجي زبان سان داد ڏنو.

------

ايڏي وڏي مهم سرانجام ڏيڻ کان پوءِ انگريز هيڪاري وڌيڪ مير صاحب جي عزت ڪندا رهيا ۽ کيس جيءَ ۾ جايون ڏيڻ لڳا!

بيشڪ ڳالهہ بہ اهڙي هئي، جنهن جو هر حالت ۾ قدر ڪرڻ کپندو هو. ليڪن اوچتو مير صاحب جي ڪن نمڪ حرام ماڻهن جي ڪن ڀرڻ تي انگريز پرمتڙيا ٿي پيا ۽ مير صاحب کي پنهنجي دل تان لاهي، نظرن کان ڪيرائي ڇڏيائون- جيڪو داستان الڳ درج ڪجي ٿو.

ماڻهن کي جڏهن انهيءَ سازش جي خبر پئي تہ هر ڪو حيرت ۾ پئجي ويو ڇو تہ اها ڳالهہ ئي اهڙي اٿائي هئي ۽ ايڏانهن ڪنهن جو گمان ئي ڪونہ هو تہ ڪو ائين بہ ٿي سگهي ٿو؟!

مير صاحب جو خاص ماڻهو، شيخ علي حسن ڀهريان ڇا هو ۽ پوءِ ڇا ٿيو؟ اها

مير صاحب جي مهر هئي، جنهن سان هو وجي وڏي مان مرتبي تي پهتو، ايتري قدر جو سڄي ملڪ تي جڻ سندس ئي ڌاڪ هئي، جنهن جي زور تي پنهنجي الڳ حڪومت پئي هلايائين. هن جو ايڏو ته مٿو اچي ڦريو جو پنهنجي ڳوٺ ٻيرلوءِ ۾ داخل ٿيندو هو ته سندس حڪم تي توبون ڇوڙيون وينديون هيون، جن جو آواز سکر جي ڇانوٽيءَ تائين ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

انهيءَ هٺ ۽ هوڙهيائي ڪان هن نمڪ حرامي جو رويو اختيار ڪيو: مير علي مراد خان، جيڪو انگريزن سان عهدنامو ڪيو هو، اهو قرآن مجيد جي پوين (اڇن) ورقن تي لکرايل هو. علي حسن ان مان هڪ پنو وچ مان ڦاڙي ان جي جاءِ تي ٻيو پنو لکي اُتي هٽي ڇڏيائين، جنهن ۾ ڦيرگهير ڪيل هئي.

انهيءَ خيال سان ته جيئن انگريزن کي ٻانور ڪرائي سگهجي ته قرآن مجيد جي ورقن تي لکيل عهدنامي سان خود مير صاحب هٿ چراند ڪئي آهي. جيڪڏهن واقعي مير صاحب اهو ڪڌو ڪم پاڻ ئي ڪيو هجي ها ته پوءِ اتان نڪتل پنو ٻه پنهنجي هٿن سان ڦاڙي ساڙي گم شم ڪري ڇڏي ها. جيڪا عقلمندي جي تقاضا هئي ۽ مير صاحب پاڻ وڏو هوشيار، زماني شناس، داناءُ شخص هو. ان ڪان ڪيئن ٿي اهڙي خطا ٿي سگهي ٿي، جو عهدنامي وارو اصل پنو بدلائي اهو ساڳيو پنو ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ ڏي ها- ائين ته ممڪن ئي نه هو.

ٻئي طرف مير صاحب جهڙي بلند ناموس ۽ شان شوڪت واري حڪمران کي اهڙي خسيس ڪم ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، اها ڳالهه ڪوبه سياڻو سيبتو قبول نٿو ڪري سگهي. اهو سڄو ڪڌائپ ڀريو ڪارنامو شيخ علي حسن جو ئي هو، جنهن نمڪ حرامي ڪان پنهنجو ائين ڪارو منهن ڪيو.

جيڪڏهن اها حقيقت ائين نه هجي ها ته اڳتي هلي، جڏهن انهيءَ سازش جي الزام ۾ مير صاحب تي مصيبت نازل ٿي ته ان وقت اهي نمڪ حلال ڪيڏانهن غائب ٿي ويا، جن تي هن جا ايڏا احسان هئا!

انگريزن مير صاحب جي بدخواهن پاران ڪيل سازش تي ڏمرجي مير علي مراد خان کي رياست جي عهدي تان برطرف ڪري ڇڏيو- ٻجا ڪيڏي نه عبرت ۽ افسوس جي ڳالهه آهي!! مير صاحب جيتوڻيڪ اڪيلو رياست مان نه پئي ڪاڏو، پر ان مان انگريزن جو پيٽ به ڀريندو ٿي آيو- تڏهن به انهن ائين ڪيو! جيڪو سندن شان وٽان نه هو.

آخر اهو ڪهڙي انصاف، مذهب ۽ ملت جو دستور ليکجي!

(۹۵)

## شيخ علي حسن جي نمڪ حرامي ۽ مير علي مراد خان جون مٿس مهربانيون:

شيخ علي حسن (نياڳو ۽ چندبو) اصل هندستان جو رهاڪو هو، جتان اسڪندر خان خاگواني سان گڏ آيو، ۽ مير علي مراد خان وٽ ملازم ٿيو. سندس ڪم بارگيري (گهوڙن جي چيٽ ڪرڻ) هو. ڪيس ڇهہ سٺ رپيا پگهار ملندي هئي. هيءُ اهڙو شيطان ماڻهو هو جو ابليس کي بہ دنگ ڪري ٿي ڇڏيائين.

مير علي مراد خان هن جو مان مرتبو وڌائيندو ويو ۽ ڪيس مٿاهين درجي تي رسايائين، تان جو وڃي مير صاحب جي سرڪار جو مدارالمهام ٿيو. هن کي پگهار کان سواءِ وقت بہ وقت انعام اڪرام ملندا رهيا ٿي. انهن عنايتن ۽ نوازشن جي باوجود مير صاحب اجا وڌيڪ سندس عزت ڪندو ٿي رهيو، جيئن چوندا آهن تہ: جيڪو جهڙو هوندو، آخر تهڙو ئي ثابت ٿيندو، بڇڙو انت بڇڙو ٿيندو، ۽ چڱو نيٺ چڱو ٿيندو. جيڪو بہ شاڻانتو ماڻهو، ڪنهن ڪميني ماڻهوءَ کي اڪيون ٻوٽي مان ڏيندو ۽ مٿس اعتبار ڪندو رهندو تہ اهو پڇاڙيءَ ڪيس نقصان ضرور رسائيندو ۽ ان مان ڪا بہ چڱائي حاصل نہ ٿيندي. زماني جي دانائن انهيءَ قسم جا رايا ڪيترن تجربن ۽ مشاهدن کان پوءِ ٻين جي سبق سکڻ لاءِ اهي عام اڳيان آندا آهن.

شيخ علي حسن، جنهن جي بنياد ۾ ئي ڪا چڱائي ڪانہ هئي، ايڏي مان مرتبي هوندي، جيڪو مير صاحب طرفان ڪيس عطا ٿيل هو، انهن سڀني نيڪين ۽ نعمتن توڙي نوازشن کي فراموش ڪري سنئون سڌو نمڪ حرام ٿي، مير صاحب جهڙي ولي نعمت سان اندروني نموني دشمني رکڻ لڳو: "لئيم ماڻهن مان مروت جي اميد رکڻ ائين آهي، جيئن رات جي پيٽ ۾ سج جي ڳولا ڪئي وڃي."

ان لاءِ هن باب ۾ بهرام گور جو قصو بيان ڪجي ٿو.

بهرام گور، عجم جي بادشاهن مان هڪ بادشاهہ هو. هيءُ جوانيءَ جي مستيءَ ۾ عيش عشرت ڪندو ٿي رهيو ۽ شڪار جو ڏاڍو شوقين هو، ان ڪري گهڻو وقت ان ۾ گذرندو هئس. انهيءَ مصروفيت جي ڪري حڪومت جو ڪاروبار پنهنجي وزيرُ جي

حوالي ڪري ڇڏيو هئائين.

اهو وزير ڏاڍو نالائق ۽ نادان هو، ان ڪري بهرام گور جي حڪومت ڏينهون ڏينهن زوال پذير ٿيڻ لڳي. وزير جي انهيءَ نالائقي ۽ ناداني کي ڏسندي بهرام گور جي هڪ مخالف ساٿس جنگ جو فيصلو ڪيو.

اها خبر جڏهن بهرام گور کي پئي ته غفلت مان سجاڳ ٿي، وزير کي گهرائي ڪانئس پڇا ڪيائين ته هي ڇا ماجرا آهي؟ هاڻي بنا ڪنهن دير جي دشمن سان مقابلي جي تياري ڪرڻ کپي. وزير جواب ۾ عرض ڪيو: خزاني جون سموريون پيٽيون خالي ٿي چڪيون آهن، دشمن سان مقابلي لاءِ ناڻي جي گهرج پوي ٿي، خالي هٿين ته مقابلو ڪرڻ بلڪل محال آهي.

بهرام گور، وزير جو اهو جواب ٻڌي، ڪو وقت تپيءَ ۾ پئجي ويو. پوءِ ڪنڌ مٿي کڻي چيائين: اها سڄي خطا منهنجي آهي، جو تو جهڙي نالائق ماڻهوءَ کي پنهنجو وزير ڪري رکيم، ۽ حڪومت جي واڳ تنهنجي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيم. پنهنجي ڪئي جو ڪوبه علاج نه آهي- ائين چئي گهوڙي تي چڙهي شڪار تي هليو ويو. جڏهن شڪار ڪري موٽيو ته واٽ تي هڪ ڌنار کي ڏٺائين، جيڪو ڪتي کي وڻ ۾ ٽنگي ماري رهيو هو.

بهرام گور اهو لقاءُ ڏسي گهوڙي جي واڳ ورائي ڌنار وٽ آيو، ۽ هن کان پڇيائين ته: ڪتي ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو تون ان کي مارڻ پيو؟ ڌنار ادب سان ورائيو ته عالم پناهه!

”ڪميني کي اختيار حوالي ڪرڻ ائين ئي آهي. جيئن نانگ پنهنجي جهوليءَ ۾ نپايو وڃي.“

بزرگن جو چوڻ آهي ته ڪميني تي اعتبار نه ڪيو وڃي. مون هن ڪتي تي ڀانور ڪيو ۽ پنهنجي رڍن جو ڌڻ هن جي حوالي ڪري ڪم سان نڪري ٿي ويس. مون کي پڪ هئي ته هيءَ نمڪ حلال ٿي رهندو، ۽ ڌڻ جي چڱيءَ طرح حفاظت پيو ڪندو، پر ڏٺم ته منهنجو ڌڻ روز بروز گهٽبو ٿي ويو. مون سوچ ڪئي، پر ڪجهه سمجهي نه سگهيس، ته آخر ڪهڙي مصيبت جي ڪري ائين ٿي رهيو آهي- ايتري ۾ خبر تڏهن پيم، جڏهن سڄو ڌڻ ئي تلف ٿي ويو. اڄ ڇا ڪيم جو ڌڻ مان باقي بچيل رڍن کي هن ڪتي جي حوالي ڪري پاڻ پاسو وٺي لڪي ويهي رهيس.

ٿوريءَ دير کان پوءِ ڇا ڏسان ته بگهڙ جي مادي پريان ڦرندي ويجهو آئي ۽ ڪتي سان گانڊرجي پئي. ڪم لهڻ کان پوءِ هن پنهنجي مرضيءَ تي هڪ رڍ کي ورتو ۽ ڪيس

گهلندي جهنگ ۾ غائب ٿي ويئي. هاٿي آءٌ انهيءَ ڏوهه ۾ ڪٽي ڪي ماري رهيو آهيان.

بهرام گور جڏهن ڏنار جو قصو ٻڌو ته دل ۾ چوڻ لڳو: هيءُ ڏنار ۽ ڪتي وارو قصو، هوبهو منهنجي ۽ وزير جي قصي سان ملي ٿو! اهو سوچي جيئن جاءِ تي پهتو ته وزير کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. هو گرفتار ٿي آيو ته ڪيس قيد ۾ وڌائين ۽ سندس سموري ملڪيت سپاهه ۾ ورهائي ڇڏيائين، تنهن کان پوءِ جاچ ڪرايائين ته وزير جا ڪي خط هٿ آيس، جيڪي هن دشمن کي لکيا هئا، اهو ساڳيو ئي شخص هو، جنهن بهرام گور سان جنگ ڪرڻ ٿي چاهي.

رياست ۽ حڪومت جي والين ۽ سربراهن تي واجب آهي ته ڪنهن به نالائق ۽ نادان ماڻهوءَ تي ڪو اعتبار نه ڪن ۽ انهن کي پنهنجي اختيار ۽ اقتدار جي واڳ نه سونپين، ڇو ته ان مان ڪا چڱائي ٿيڻي ناهي، ۽ اتان ئي فتنا فساد پيدا ٿين ٿا. شيخ علي حسن پنهنجي نيت بد رکڻ ۽ نمڪ حرامي ڪرڻ سبب مير علي مراد خان جي نظرن ۾ ڪري پيو ۽ ڪيس اتان نيڪالي ملي ويئي. پوءِ در در رلندو، ڌڪا ڌوما کائيندو، اچي سکر نڪتو، جتي به قرار نه آيس. اتان وري ملتان ۽ لاهور ويو، پر ڪٿي به ڪو چاڙهو نه ڏنائين.

*

## انگريزن طرفان ڪلام مجيد جي ورق بدلائڻ تي مير علي مراد خان خلاف جاچ:

مير علي مراد خان خلاف جيڪي خفيه سازشون ٿينديون هيون، تن جو نتيجو آخر اهو نڪتو، جو مير علي مراد خان خلاف انگريزن سکر ۾ هڪ ڪميشن ويهاري، جنهن ۾ باقاعدي مقدمو داخل ڪيو ويو. انهيءَ مقدمي ۾ مير صاحب پاڻ حاضر ٿي عدالتي سوالن جوابن جو نظارو ڪيو. مير موصوف ڪڏهن اهڙو واقعو نه ڏٺو هو، پر سرڪار آڏو لاچار ٿي پيو، انهيءَ خوف کان ته متان ڪٿي ٻي ڪا مصيبت نازل نه ٿئي!

مير صاحب جي مهر، جيڪا عهدنامي لاءِ ڪم آندي ٿي ويئي، ريزيڊنٽ صاحب جي دور ۾ گم ٿي چڪي هئي، جنهن لاءِ مير صاحب پاران سرڪار کي اطلاع به ڏنل هو. اها مهر شيخ علي حسن هٿ ڪري لڪائي رکي هئي، ۽ جيڪي به جعلي ڪاغذ مقدمي جي ثبوت ۾ تيار پئي ڪيا ويا، تن تي اها مهر ڪتب آندي ٿي ويئي. اها ڄاڻ انگريزن کي به هئي، پر ان تي ڌيان نٿي ڏنائون، ڇو ته هنن کي هر حال ۾ ڪوڙي ڪارروائي ڪرڻي هئي.

مير صاحب مقدمي جي جوابدهي لاءِ عدالت ۾ آيو، ته ڪانئنس ارڙهن هزار رپين جي گهر ڪئي ويئي، پر پاڻ انڪار ڪيائين. ڪو وقت اهو رڳڙو هلندو رهيو. مير صاحب جي حريفن نيٺ اهي پئسا ادا ڪري ڇڏيا، جيئن مير صاحب چڱيءَ طرح اڙجي وڃي.

ڪميشن جي بينڪ پوري ٿي. مير صاحب ڪيترو وقت پنهنجي موروثي ملڪيتن تي قابض رهيو. ان دوران ليوڪس صاحب سکر کان هندستان هليو ويو. اهو مقدمو گهڻو وقت التوا ۾ رهيو، ان جي لاءِ هندستان مان به ڪا باز پرس نه ٿي.

نيٺ جيڪو فيصلو ٿيڻو هو، سو ئي ٿيو. انگريزن، مير صاحب جون اهي ملڪيتون پنهنجي قبضي ڪيون، جيڪي ان جون پنهنجون هيون ۽ مرحوم مير سهراب خان (مير علي مراد خان جي والد) پنهنجي وصيت نامي ۾ به لکيون هيون، انهن جا نقل به عدالت ۾ پيش ڪيا ويا. انگريزن ڇا ڪيو جو انهن مان جيڪي گهٽ پيدائش

واريون زمينون هيون، اهي مير صاحب جي حوالي ڪري باقي پاڻ قبائي ڇڏيائون. مير صاحب ويچارو مجبوريءَ ڪان ڪجهي نہ سگهيو، ۽ چپ چٽيندو رهيو. مير سهراب خان جي وصيت هن ريت هئي:

”رياست جي پڳداريءَ لاءِ پهريون حق مير رستم خان جو هوندو، ان ڪان پوءِ مير مبارڪ خان ان جو حقدار ليکجڻ ۾ ايندو، تنهن ڪان پوءِ مير علي مراد خان جيِ حق جو وارو ايندو.“

انهيءَ وصيت مطابق جڏهن مير رستم خان وغيره ڪونہ رهيا تہ رياست ۽ ملڪ جي پڳداري جو حقدار سنئون سڌو مير علي مراد خان هو، پر انگريزن ان جي ابتڙ عدل انصاف ڪيو.

انهيءَ عدل تي ڇو نہ روئجي، ۽ دنيا جي روش تي ڇو نہ ڪلجي(١).

*

(١) خيرپور جو حڪمران مير سهراب خان تالپور ٢٧-صفر ١٢٤٦هه مطابق ١٨٣٠ع ٩٠ سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس جاءِ تي مير رستم خان حڪومت ۽ رياست جي واڳ ورتي، پر ٿوري عرصي کان پوءِ مير علي مراد خان انگريزن سان ملي، مير رستم خان کي هٽائي پاڻ رياست جو والي ٿي ويٺو، جيئن بيان ٿي چڪو آهي. -مترجم

## انگريزن طرفان مير علي مراد خان تي چڙهائي - ڪانئس اهي ملڪيتون ڪسڻ، جن جو پڳ سان تعلق هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪيس رياست جي عهدي تان ئي معزول ڪري ڇڏڻ:

سکر ۾ قائم ڪيل ڪميشن جي بيٺڪ ختم ٿيڻ کان پوءِ ١٨٥٨ع مطابق ١٢٦٨هه (١٨٥١ع) ربيع الاول جي مهيني ۾ سنڌ جي ڪمشنر فريئر صاحب جو حڪم صادر ٿيو ته هندستان جي گورنر جنرل جي فرمان موجب اهي ملڪيتون، جيڪي مرحوم سهراب خان جي وصيت سان تعلق رکن ٿيون، مير علي مراد خان جي حوالي ڪيون وڃن. باقي ٻيون ملڪيتون انگريز بهادر جي تحويل ۾ رکجن. ان سان گڏ مير علي مراد خان کي رياست جي عهدي تان معزول ڪيو وڃي ٿو، جو هن رياست ۾ وڏيون خطا ڪاريون ڪيون آهن. اهو حڪم ملندي جناب اسٽورٽ صاحب(١) شڪارپور جو ڪليڪٽر ۽ ٻيا عملدار پلٽڻ سميت مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا.

خانڳڙهه (جيڪب آباد) مان جيڪب صاحب سوارن ۽ توبن سميت اچي شڪارپور رسيو. هڪ رات اتي رهي ٻئي ڏينهن سکر روانو ٿيو. شڪارپور ۾ هوءِ هواءِ ٿي ويئي ته وري لشڪر چرپر ۾ اچي ويو آهي. هاڻ يا ته اهو بهاولپور تي وڃي چڙهندو يا وري خيرپور وڃي مير علي مراد خان تي ڪڙڪندو. پر اصل ڳالهه جي ڪنهن کي ڄاڻ نه هئي.

انهيءَ عرصي ۾ مير علي مراد خان سرديءَ جي موسم گذارڻ لاءِ شڪار سانگي خيرپور کان ٻاهر هو، ڪيس پوين جي ڪا خبر نه هئي. هن جي ماڻهن، جيڪي تعداد کان ٻاهر هئا پر سندن عقل پورو سارو هو، ماڻهن جي افواهه ٻڌي پنهنجي منهن سوچيندا ٿي رهيا. ڪڏهن ٿي چيائون ته لشڪر جو رخ بهاولپور ڏانهن آهي، ڪڏهن ٻئي داقيائون ته ڪنهن ٻئي پاسي آهي. جڏهن خيرپور جو خيال ٿي آين ته سندن دماغ ڪم نٿي ڪيو. پڇاڙيءَ ۾ ڪڪ تي بڪواس پئي ڪيائون: اسان کي ڪهڙي خبر ته اهو لشڪر وڃي ڪنهن تي چڙهائي ڪندو. مير صاحب کي به جيڪي خبرون چارون ٿي موڪليائون، اهي سندن هٿ جون گهڙيل هيون، انهن ۾ ڪا حقيقت ڪانه هئي.

---

(١) جنهن جي نالي شڪارپور ۾ اسٽورٽ (اسٽور) گنج آهي.

جيڪب صاحب درياهه ٽپي روهڙي ۾ آيو تہ ان وقت مير صاحب کي انگريزن جي لشڪر جي اچڻ جي خبر پئي. مير صاحب اها صورتحال ڏسي چوڻ لڳو: مون انگريزن جو ڪهڙو گناهه ڪيو هو جو بنا ڪنهن سبب ۽ قصور جي مون تي لشڪر چاڙهي آيا آهن؟ ائين ڪندي لشڪر اچي سندس سر تي چڙهيو ۽ متيون منجهي ويس، پوءِ تہ سنڌ جي ڪمشنر کان وٺي شڪارپور جي ڪليڪٽر تائين لکپڙهہ ڪندو رهيو تہ آءٌ اڄا سوڌو سرڪار جو خيرخواهہ ۽ فرمانبردار آهيان، مون پنهنجي پاران سرڪار نامدار جي خدمت ۽ خلوص ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪئي آهي، ان حالت ۾ هيءُ لشڪر ڪشي ڇو روا رکي وئي آهي؟

هاڻ بہ آءٌ حڪم موجب جتي ڪٿي حاضري ڀرڻ لاءِ تيار آهيان، رڳو اشاري جي دير هئي. باقي هيڏي ساري لشڪر آڻڻ جو ڪهڙو جواز ٿي سگهيو ٿي. ائين منهنجي مٿان منهنجا دشمن ڪلاٽڻ اوهان جي منهن وٽان نہ هو.

انهن چنين چپاٽين جو وقت گذري چڪو هو، ان ڪري انگريزن تي ڪو اثر نہ پيو، سو جواب ڏيڻ کان لنوائيندا رهيا. پر جي ڪو اڙيو تڙيو جواب بہ ڏنائون پئي تہ ان ۾ بہ اجايون سجايون ڳالهيون هيون، ٻيو مڙئي خير.

مير صاحب نيٺ پورٽيءَ مان شڪار تان آهو ڪٽي، پاڻ شڪار ٿيڻ لاءِ اچي انگريزن جي دام اندر پيو! ڪين گهٽيئي گهگهرائيون ڪيائين تہ مان اڄ بہ اوهان جو غلام ۽ تابعدار(١) آهيان. پر انگريزن مٿس ڪو رحم نہ ڪيو. چوندا ناهن تہ ميوي پچڻ کان پوءِ باغبان جا ڪن ٻوڙا ٿي پوندا آهن. انگريز بہ پنهنجي مطلب پويان هئا، ان ڪري مير صاحب جون ٻوليون نہ ٻڌائون.

ايتري ۾ سنڌ جو ڪمشنر ٻين عملدارن سان ڪراچيءَ مان جهاز ۾ سوار ٿي اچي روهڙي ۾ لٿو ۽ سڌو روهڙيءَ لڳ پٽٽيءَ پهچي، جيڪب صاحب وٽ آيو، جيڪو اڳ ۾ ئي اتي پڙاءُ ڪري وينو هو.

ٻئي ڏينهن ڪليڪٽر وڃي مير علي مراد خان سان نائچ واري هنڌ ملاقات ڪئي. ٿوري دير سائس ڳالهيون ٻولهيون ڪري وري واپس پٽٽيءَ ۾ آيو، ان جي پٺيان مير صاحب بہ ڪمشنر صاحب سان ملڻ لاءِ پٽٽيءَ ويو. مير صاحب کي وڏي عزت سان آٿي سائس ڳالهيون ڪيون ويون. ٿوري دير گذرڻ تي کيس رخصت ڏني وئي. انهيءَ مختصر ملاقات کان پوءِ ماڻهن ۾ اچي اهو چوٻول شروع ٿيو جو بيان کان ٻاهر هو. جيترا وات اوتريون ڳالهيون، جنهن کي جيئن ٿي آيو، تيئن ٿي زبان هلايائين. انهيءَ هل هلاٽي کان پوءِ انگريزن نيٺ هڪ اشتهار نامو جاري ڪيو.

---

(١) مير صاحب پورٽي کان نائچ ۾ آيو، جتان لکپڙهہ شروع ڪيائين. اهو هنڌ پني عاقل لڳ ميرپور ماٿيلي جي پرسان موجود آهي، جتي آڳاٽي زماني کان نائچ "بند" پاٿيءَ لاءِ ٻڌل آهي. (تاريخ سنڌ ج١ - ص ٢٨٠).

## (٩٨)

## انگريزن طرفان جاري ڪيل اشتهار نامو - مير علي مراد خان جي معزوليءَ ۽ ملڪيتن جي ضبطيءَ بابت:

عام خاص ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ سرڪار پاران پڌرو ٿو ڪجي ته: مير علي مراد خان ولد مرحوم مير سهراب خان ٽالپور خيرپور جو مير!

سنڌ جون ڪيتريون ملڪيتون، جيڪي اصل ۾ انگريز سرڪار جون هيون، تن تي دغابازي ۽ جعلسازيءَ ذريعي قبضو ڪري چڪو آهي. اهو مسئلو جيئن ته گواهي کان سواءِ حل ٿيڻو نه هو، ان ڪري مير صاحب خلاف سرڪار بهادر کي جيڪي شڪايتون مليون، تن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ هڪ ڪميشن ويهاري ويئي، جتي مير صاحب کي به حاضر ٿي پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو، پر مير صاحب پنهنجي مٿان مڙهيل الزامن بابت ڪا به صفائي پيش ڪري نه سگهيو، ٻئي طرف گواهن جي زباني اهو ثابت ٿي ويو ته قرآن مجيد جو اهو ورق، جنهن تي عهدنامو لکيل هو، ان کي اتان ڪڍي انهيءَ جي جاءِ تي ٻيو پنو چنبڙايو ويو- جنهن ڪري عهدنامي ۾ ڦير گهير ٿي ويئي.

مير صاحب اها دغابازي ۽ جعلسازي ان ڪري ڪئي ته جيئن کي وڏا پرڳڻا سندس قبضي ۾ اچي وڃن. انين ڪرڻ سان هڪ ته سرڪار بهادر جو نقصان ڪيائين ٻيو وري پنهنجي عزت ۽ پنهنجو ايمان، ٻئي برباد ڪري چڪو آهي.

سرڪار نامدار کي مير علي مراد خان جي ملڪيت ۾ ڪنهن به قسم جي دست اندازي (هٿ چراند) جو ڪو ارادو ڪونه هو، نه وري ان لاءِ ڪو بهانو ڳوليو ٿي ويو. بلڪ سرڪار جي هميشه کان اها خواهش هئي ته مير صاحب پنهنجون ملڪيتون سڀيالي امن امان سان خوش وقت گذاريندو رهي.

ليڪن جيئن ته مير صاحب جو سڄو ڏوهه ثابت ٿي چڪو آهي، انهيءَ حالت ۾ گورنر جنرل صاحب بهادر کي اهو منظور ناهي ته مير صاحب جو ايڏو وڏو قصور معاف ڪرڻ ۾ اچي (جيڪو هو رياست ۾ ڪري چڪو آهي) ۽ ڪيس بغير ڪنهن سزا جي ڇڏيو وڃي.

ان بابت سرڪار پاران هن اشتهار نامي وسيلي پڌرو ڪجي ٿو ته مير علي مراد خان کي رياست جي عهدي تان معزول ڪيو وڃي ٿو. هن کي پنهنجي موروثي ملڪيت ڪان سواءِ جيڪا سندس والد مرحوم مير سهراب خان وصيت موجب ڏني ويو آهي، باقي سڄي ملڪيت، جنهن تي هن جو قبضو آهي، سرڪار نامدار جي حوالي ڪرڻي آهي. هن ڪان پوءِ رعايا کي به آگاهه ٿو ڪجي ته پاڻ کي انگريز جي حڪم جو تابعدار سمجهي، ان موجب هلندي رهي. هن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ڏني ويندي. هر ڪنهن کي سرڪار پاران امن امان، حفاظت ۽ عدل انصاف جو يقين ڏيارجي ٿو. فقط

تاريخ ١٨-جنوري ١٨٥٢ع مطابق ١٩-ربيع الاول سن ١٢٦٨هه. (١)

گورنر جنرل هندستان جي حڪم موجب سنڌ جي ڪمشنر وٽان پڌرو ڪيل.

*

(١) سيني نسخن ۾ ١٨٥٨ع ۾ لکيل آهي، جو درست ناهي. صحيح ١٨٥٢ع آهي. ١-محرم ١٢٦٨هه مطابق ٢٧ آڪٽوبر سال ١٨٥١ع تو ٿئي ۽ ربيع الاول جي پڇاڙيءَ موجب ١٩-جنوري ١٨٥٢ع جو حساب ٿو بيهي. -حبيبي

## مير علي مراد خان جو پنهنجي موروثي ملڪيت کان مايوس ٿيڻ، جيڪا سنڌس پڳداري سان لاڳاپيل هئي ۽ مير صاحب جي پگهاردار سپاهين جو مسئلو:

انهيءَ اشتهار جي پڌرائي کان پوءِ مير علي مراد خان پنهنجي پڳداريءَ سان لاڳاپيل ملڪيتن ۽ سرداريءَ کان مايوس ٿي ويو. هن وٽ فقط اهي جاگيرن جا ٽڪرا وڃي رهيا، جيڪي مرحوم مير سهراب خان سنڌس لاءِ مقرر ڪري ويو هو.

ٻيون ملڪيتون، جيڪي اوپر ۾ اپي ۽ بلڊڪ(١) ۾ ۽ اولهه ۾ نوشهري پاسي هيون، سڀ انگريزن جي تحويل ۾ اچي ويون، جن تي انگريزن جا ڪارندا مقرر ٿي ويا. مير صاحب جي ملازمن کي اتان نيڪالي ڏني ويئي.

انگريزي عملدارن ڪجهه وقت پٽڻيءَ ۾ رهي، نئين هٿ آيل ملڪيتن تي قبضو ڄمايو ۽ ٻيو بندوبست ڪيائون. مير صاحب وٽ جيڪي ڪاغذ هئا، اهي ڪانئس وٺي انگريزن جي دفتر ۾ داخل ڪيا ويا. مير علي مراد خان ڪنهن به قسم جي وڳوڙ کان پاسو ڪندو رهيو. انهيءَ ڪم کان واندو ٿي هر ڪو پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. ڪي انگريز پاٽيءَ واري جهاز ۾ ڪراچي هليا ويا ته ڪمشنر صاحب اپي واري سبزل ڪوٽ ڏانهن ويو، شڪارپور جو ڪليڪٽر استورٽ صاحب ريگستان ۽ ناري جي علائقي ڏانهن ته جيڪب صاحب وري پنهنجي فوج سميت پٽڻيءَ ۾ رهي پيو. مير صاحب وٽان سمورو سامان توبخاني سميت وٺي انگريزن پاڻ وٽ هٽيڪو ڪيو.

مير علي مراد خان پنهنجي ڳاراٽي ۽ ويسوري ۾ ڪو وقت نائچ واري هنڌ درياهه جي ڪناري ترسي، پنهنجي قسمت تي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. سنڌس لشڪر جا سپاهي جن کي ڪيتري وقت کان پگهارون ڪونه مليون هيون، پنهنجي ليکي پريشان هئا. انهن جي خرچ پکي جو مدار به مير صاحب جي انهن ملڪيتن جي پيداوار تي هو، جيڪي انگريز ڪانئس کسي پنهنجي کاتي ۾ داخل ڪري چڪا هئا.

انهيءَ اڻ تڻ کان مير صاحب الڳ حيران پريشان هو ته سنڌس ڪارندا جدا ڳڻتين

---

(١) بلڊڪ ٻڙدن جو علائقو (ٻڙدڪو).

۾ هئا تہ آخرڪار هيءُ روزگار ۽ ڪاروبار ائين ڪيستائين هلي سگهندو. آخرڪار انگريزن سان وري لکپڙهہ هلائي ويئي تہ هيءَ ڪهڙو قانون ۽ انصاف آهي جو سپاهين جون پگهارون روڪيل آهن، جيڪي انگريزن وٽان ئي مير صاحب وٽ اچي ملازم ٿيا هئا. انهن کي مير صاحب جي ڪسيل ملڪيتن ۽ محصولن مان پگهارون ملنديون هيون، هاڻي جڏهن ساڳيون ملڪيتون انگريزن جي قبضي ۾ اچي چڪيون آهن تہ سپاهين جو حساب بہ انهن کي ڏيڻ کپي. بهتر آهي تہ پگهارن جو بندوبست انگريز سرڪار پاڻ ڪري ٻي حالت ۾ سپاهي فساد ڪڙو ڪندا.

اهي حال ڏسي ڪن سپاهين مير صاحب جي ڪارندن کي اچي ۽ڳچيءَ کان ورتو تہ اسان کي پگهارون پري ڏيو، ان تان فساد شروع ٿيڻ وارو هو تہ انگريزن پنهنجا سوار موڪلي ڏنا تہ وڃي انهن سپاهين جو دماغ درست ڪن. هنن مير صاحب جي سپاهہ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر هو ڪونہ مڙيا. نيٺ ٻنهي ۾ ويڙهہ اچي لڳي، مير صاحب جي سپاهين مان ڪيترا مارجي ويا تہ ڪي گرفتار ٿيا. ان کان پوءِ مير صاحب جي سپاهين جا ڏيرا ڏيرا ٿي ويا. پڇاڙيءَ انگريزن انهن سپاهين جي پگهارن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي خزاني مان ڪين پگهارون ادا ڪيائون.

سپاهين کي مير علي مراد خان جي مهر لڳل چٺيءَ تي پگهارون مليون، جيڪي راهداريون وٺي پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ماڳن ڏانهن هليا ويا. پگهارن جي انهي رڳڙي ۾ مير صاحب جي ڪيترن خاص ماڻهن کي وارو مليو جن هٽڙيون هٽي پنهنجا گهر پريا، خاص ڪري ديوان امل راءِ جيڪو ڪليڪٽر جي دفتر ۾ نشاندهي لاءِ مقرر ٿيل هو، تنهن گهڻن سپاهين جا مٿا ڪوڙي ڇڏيا.

سپاهين جي برطرفي کان پوءِ مير صاحب وٽ وڃي صرف ٻہ ماڻهو: هر هڪ حافظ حڪمت خان ۽ در محمد خان ملازمت ۾ رهيا، جن لاءِ بہ انگريز ڏمريل هئا ۽ مير صاحب تي زور بار رکيائون تہ انهن کي چلتو ڪري، پر مير صاحب لکپڙهہ ڪري انهن جون ملازمتون بحال رکايون.

مير علي مراد خان پنهنجي جوانمرديءَ، سخاوت ۽ عقل ۾ پنهنجو نظير پاڻ هو. سنڌ جي اڳين ميرن ۾ بہ هن جو ثاني ڪونہ هو. چوندا آهن تہ جيڪڏهن سياڻو پڪي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي تہ ان کي صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي، سو مير صاحب بہ اهڙيءَ طرح صبر شڪر ۾ رهيو. ماڻهن کي گمان هو تہ مير صاحب پنهنجي همت ۽ جوانمرديءَ جي ڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري ڏيکاريندو ڇو تہ:

رند ڪڏهن مصلحت جا محتاج نہ رهندا آهن، مير صاحب بہ انگريزن جي حڪم

ڪان منهن ڪونہ موڙيو، هنن جيئن تي چيو ۽ جيئن پئي چاهيو، مير صاحب تيئن ئي پئي ڪيو. پڇاڙيءَ جڏهن ڏٺائين تہ هتان جا انگريز حاڪم توڙي عملدار ڪيس ڪنهن خيال ۾ نٿا آڻين تہ مجبور ٿي پنهنجي وڪيلن جي معرفت لنڊن جي عدالت ۾ پنهنجو مقدمو داخل ڪيائين، ڏسجي ڇا ٿو ٿئي! هر ڳالهہ انسان جي قسمت جي وس آهي.

رب ڪي جيئن وڻندو، تيئن ڪندو.

مير صاحب انهيءَ تنگيءَ جي ڪري، جا ڪيس گهٽ آمدنيءَ جي ڪري درپيش هئي، ڪڏهن بہ حوصلو ڪونہ هاريو ۽ ان حال ۾ بہ سخاوت ڪان هٿ نہ روڪيائين. اهڙن ڪريم طبع انسانن جي اڳيان روءِ زمين جا خزانا ڪا حيثيت نٿا رکن.

*

## (١٠٠)

## شيخ علي حسن بابت جيڪو وڏي حسرت سان دنيا مان ويندو رهيو!

پير علي گوهر راشديءَ جي وفات کان پوءِ شيخ علي حسن بلڪل بي يارو مددگار ۽ نڌڻڪو ٿي، پير صاحب واري چوٿين حصي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو، پر وريس ڪاريءَ واري ڪک! ليڪن انگريزن ايترو ڪيو، جو سندس نمڪ حلاليءَ عيوض ڪيس مرڻ تائين ٻه سؤ روپيا مهينو وظيفي طور مقرر ڪري ڏنائون، پر هن اهو حقير وظيفو وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڏاڍا افسوس ارمان ڪندو رهيو. انت هانوَ سڙندي کان بمبئي روانو ٿيو، جتي پنهنجو مقدمو داخل ڪيائين، انهيءَ اميد تي ته ضرور ڪجهه نه ڪجهه ملي پوندو. هي بمبئيءَ ۾ ته داخل ٿيو، پر پنهنجي مقصد تائين ڪونه پهچي سگهيو، ڪيس ملڪ الموت اڳ پوءِ ٻئي جهان ڏانهن رسائي ڇڏيو. هي پنهنجي اختراءَ (بُهتان بازي) وارو دفتر پنهنجي اعمال نامي سان گڏ کڻي وڃي قبر ۾ قراري ٿيو. (١).

”جيڪو به دنيا جي لالچ ۾ اچي ٻئي ڪنهن کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جنهن کي دوستيءَ جي حق ۽ نمڪ خوريءَ جو ڪو به خيال ۽ لحاظ ڪونه ٿو رهي، جيڪو ڪنهن به مسلمان کي ڏسي وائسي ڏک ڏيڻ ۾ ڪا به رعايت روا نه ٿو رکي ۽ هر طرح ان جي آسودگيءَ ۽

---

(١) شيخ علي حسن مرڻ کان اڳ سرچارلس نيپيئر جي منشي مرزا علي اڪبر کي گهرائي پنهنجي گناهه جو اقرار ڪيو. ان وقت هڪ پوليس عملدار کي به سڏايو ويو هو، ته جيئن ٻنهي جي روبرو اها زباني يادگيري لاءِ لکي وڃي. شيخ علي حسن ٻڌايو ته مان مسڪينيءَ جي حالت ۾ مري رهيو آهيان. اوهان منهنجي ڪفن دفن جو انتظام ڪجو. انگريز سرڪار مون کي جيڪي ٻه سؤ رپيا ماهوار وظيفي طور ڏيڻا ڪيا آهن، منهنجي مُئي کان پوءِ اهي منهنجي عيال کي ڏيارجو.
پڇاڙيءَ ۾ چيائين ته مير علي مراد خان سان مون جيڪا نمڪ حرامي ڪئي آهي، ان جو هاڻ خدا جي اڳيان ڪهڙو جواب وڃي ڏيندس؟ مون مير صاحب جي خلاف جيڪا ڪميشن جي آڏو شاهدي ڏني، سا بلڪل ڪوڙي هئي، ڇو ته آءُ مير صاحب جو دشمن بڻجي چڪو هئس. - مترجم
(الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ص ١٠٤، ١٦ جون ١٩٣٦ع)

زندگيءَ کي تاراج ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿو، ان کي نيت ڪنهن ڏينهن ڪنهن جي آهه اچي رسندي ۽ ڪيس بي مراد ڪري ماريندي."

شيخ مذڪور سان به ايئن ئي ٿيو. جنهن دوستيءَ ۽ نمڪ خوريءَ جو حق نه نڀايو ۽ ورهين جا ورهيه مير صاحب سان گڏ رهي ڪائي پي، پوءِ به سڀ ڪجهه وساري ڪيس نقصان رسائڻ جي ڪوشش ۾ ڪين گهٽايو. هُو هميشه حرص ۽ حوس جي باهه ۾ پچرندو رهيو. شيخ ۽ سندس ساٿي بهتان بازيءَ جي پڳ ٻڌي انگريزن جي در تي ڊوڙندا رهيا ۽ ان جي ڊوڙ مٿان هرڪي ڪرسين تي ويهي پنهنجا ڪارناما دهرائيندا رهيا، پر ڪين ڪو به نتيجو نصيب نه ٿيو- سواءِ ان جي، جو دنيا جو غم ۽ دولت جي حسرت دل ۾ ڪٺي، هڪ ٻئي پويان مري جهان ڇڏي ويندا رهيا.

دنيا ٻارن جي راند ۽ عبرت جي جاءِ آهي. هن جي اهائي روش هلندي اچي ٿي، ته پاڻ کي سنواري سينگاري ۽ نامردمن کي آزمائي! افسوس آهي انهيءَ شخص تي، جنهن بي ڌڙڪ ٿي دين دنيا جو ڏيئو ڦوڪ ڏئي وسائي ڇڏيو ۽ ظلم ستم جو بار ڪلهن تي ڪنيو.

شيخ ۽ سندس ساٿارين جي ئي چوڻ تي انگريزن مير صاحب کي ملڪيت تان بي دخل ڪيو ۽ انهن ظلمن جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي، هي دنيا ڇڏي!

هيتري لکڻ جو مقصد اهوئي آهي، ته جيڪو به هن دنيا ۾ زندگي گهاري ٿو، تنهن کي جيڪڏهن ننڍن وڏن ۾ جتي ڪٿي عزت، آبروءَ جي ضرورت آهي ۽ چاهي ٿو ته ڪانئس ڪا اهڙي اوکي ڳالهه ظاهر نه ٿئي، جو ڪيس پريشاني ۽ پشيماني ڏسڻي پوي، ته ڪيس کپي ته آدميت جي آئين کان قدم ٻاهر نه رکي ۽ بي اصولن ۽ گمراهن جي ڪڍ لڳي، پنهنجو سيڪجهه سندن حوالي ڪري پاڻ کي ذلت ۾ نه وجهي.

**"مون کي جيڪي چوڻو هو، سو چئي ڏنم هاڻ سيڪجهه تنهنجي مرضي تي ڇڏيل آهي."**

هتي اختصار طور سڀ واقعا قلمبند ڪيا ويا آهن، وڌيڪ ان لاءِ قلم فرسائي نه ڪرڻ ۾ آئي ته مٿان ڪٿي ڪنهن جي طبع ڪجهه گوارا ڪري نه سگهي!

انگريزن هتي اچي ۽ هتي رهي پنهنجي قانون مطابق ڪي ئي بي راهه روين ۽ بي انصافيون ڪري ڏيکاريون، جهڙوڪ: خاندانن جي ننگ کي بي ننگ ڪرڻ، پردي دار عورتن جي بي پردگي، [ڏاڍ ۽ ظلم سان] بازارين ۽ رستن جي تعمير- جيئن

مشهور آهي تہ: استورٽگنج جي بازار ٺهرائي وئي جيئن اُن مان هرڪنهن کي فائدو پهچندو رهي.

پر ان ڳالھہ سان گڏ اها ڪارستاني بہ ڪو ٻڌائي، تہ انهيءَ ڪم لاءِ ڪيترن، غريبن جا گهر ڊهرايا ويا، مسجدون ڊاهي پٽ ڪرايون ويون، ۽ مقبرن کي متاٿ ڪان بہ نہ گهٻرايو ويو، يعني جيئرن لاءِ تہ آزار مچايائون پر مئلن کي بہ قبر ۾ قرار ڪرڻ ڪونہ ڏنائون.

سندن عدالت سراسر ذلالت، قاضي رشوت خور، منشي بلڪل ڪاريءَ مس وانگي ڪارمنهان آهن، جيڪي سڀَ جو خانو خراب ڪندا تا رهن. ان ڪان علاوه ٻيو بہ ان باري ۾ گهڻو ڪجھہ هو، پر ان کي ڪنهن ٻي وقت لاءِ ڇڏيو ويو.

انهن حقيقتن جي آڌار تي هي ڪتاب "تازه نواءِ معارڪ" لکي پورو ڪيو ويو آهي. اميد آهي تہ بلند فطرت، صاحب بلاغت ۽ فصاحت پنهنجي پاڪ نظر ۽ حسن اخلاق سان تحسين ۽ آفرين سان نوازيندا، تہ "عطا تي اها عين عطا" تيندي. ٻيءَ حالت ۾ جيڪڏهن عيب جوئي جي نوبت درپيش اچي تہ بہ "عطا جي خطا" درگذر فرمائيندا، جو آءٌ پنهنجي بي هنريءَ کان واقف ۽ ان جو معترف آهيان.

**طريقت جا پانڌيئڙا، اڏ جَـــوَ جـي عيوض بہ،**
**بي هنر کان اطلس جي قبا خريد ڪونہ ڪندا.**

اميد آهي تہ جيڪو بہ لطف ۽ عطا سان هن نسخي جو مطالعو ڪندو، سو خير جي دعا سان ضرور ياد فرمائيندو!

**هي نسخو ٢٥ جمادي الثاني ١٢٧١هہ (١٨٥٦ع) ڌاري قلمبند ڪيو ويو.**

---

**بقلم محمد حسن ولد مولانا مرزا عطا محمد**
**رمضان المبارڪ ١٢٧١هہ**

---

(٢)

# تازن معرڪن جي تاريخ

(ليکڪ: منشي عطا محمد شڪارپوري)

بابت

عبدالحي حبيبي افغاني

جا

جوڙيل

## تعليقات

(١)

## ايسٽوڪ ڪُتب EASTWICKS

### i. Edward Back House

انهيءَ ناليءَ سان ٻه ڀائر سنڌ ۽ افغانستان ۾ سرڪاري عهدن تي رهيا، سندن پيءُ رابرٽ وليم ايسٽوڪ ١٧٧٧ع-١٨٦٥ع هو. هن جو ٻيو پٽ ايڊورڊ بيڪ هائوس ايسٽوڪ ١٨١٤ع ۾ ڄائو. جنهن آڪسفورڊ ۾ تعليم ورتي، سال ١٨٣٦ع ۾ فوج سان بمبئيءَ ۾ آيو جتي مشرقي ٻولين جي تعليم ورتائين.

هي سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سرڪاري خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو، هن کي سنڌ ۽ ايران جي تاريخ جي مطالعي سان گهڻي دلچسپي هئي، سنڌيءَ ۾ به هڪ لغت لکي هئائين.

١٨٤٢ع ڌاري بيمار ٿيڻ ڪري هندستان ڇڏي فرئنڪفرٽ هليو ويو، جتي ٻولين جي مطالعي دوران ٻوپ جو گرامر ترجمو ڪيائين، آخرڪار ١٨٤٥ع ۾ هندستاني ايسٽ انڊيا ڪاليج جو استاد مقرر ٿيو، ١٨٥١ع ۾ هندستان جي سياسي معاملن جو معاون ٿيو. ١٨٦٠ع ڌاري تهران جي سفارتخاني ۾ ڪم ڪيائين. ان ڪان پوءِ هندستان ۾ داخلا کاتي جو سيڪريٽري ٿيو ۽ علمي شغل جاري رکندو آيو. گلستان سعدي، انوار سهيلي، باغ بهار ۽ ٻيا ڪتاب انگريزي ۾ ترجمو ڪيائين. هندستاني گرامر، سنڌ ۽ ايران ۾ پنهنجا مشاهدا ۽ قديم نامہ هند لکيائين ۽ انسائيڪلو پيڊيا برطانيڪا لاءِ ڪجهہ ڪم ڪيو هئائين. هن جي وفات ١٦-جولاءِ ١٨٨٣ع ۾ ٿي هئي.

### ii. Robert William Joseph

ايڊورڊ جو ڀاءُ رابرٽ وليم جوزف ايسٽوڪ ١٨٠٨ع ۾ پيدا ٿيو. هُو تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ١٨٢٦ع ۾ هندستان آيو ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سنڌ ۾ پاٽنجر جو سياسي معاون ٿيو. ١٨٣٩ع ۾ حيدرآباد جي ميرن سان معاهدي ۾ شريڪ ٿيو،

جنهن جي وسيلي انگريزن کي سنڌو نديءَ ۾ واپار سانگي اچ وڃ جو سُهو ملي ويو.
هيءُ افغانستان جي پهرين جنگ ١٨٤١ع دوران قنڌار ۾ جنرل ناٽ جو جنگي معاملن ۾ معاون هو ۽ انهيءَ سال انگلينڊ ويو. ١٨٤٦ع کان ١٨٥٨ع تائين هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي معاملن ۾ پڻ معاونت ڪيائين، ساڳئي سال هندستاني ڪونسل جو ميجر ٿيو آخر ١٨٦٨ع رٽائر ڪيائين. ٢٤- فيبروري ١٨٨٩ع ۾ سندس انتقال ٿيو. (بايوگرافي هند ١٣١. حبيبي)

رابرٽ عالم فاضل هو، جنهن جو ڪتاب: A Glance at Sindh before Napier or Dry Leaves from young Egypt. وڏي اهميت رکي ٿو، اهو ڪتاب ١٨٩٤ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جو سنڌي ترجمو ”نئين مصر جا پراڻا ورق“ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ١٩٧٣ع ڌاري شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ١٨٣٩ع ڌاري سنڌ ۾ جيڪي حالتون هيون، تن جي چٽي تصوير ڏني ويئي آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي، ته ڪيئن نه ڪوڙين تهمتن جي بنياد تي سنڌ جي ٽالپر حاڪمن سان ڏني وائني اُره زوراني ڪئي وئي هئي.(١)

*

(١) پروفيسر سيد محمد سليم، شڪارپور ماضي حال، پبليڪشين ڪاميٽي، جشن شڪارپور ص ٧٥- ١٩٨٤ع جي حوالي سان.ـ مترجم.

## (٢)

## نادرشاهہ اَفشار (١١٠٠-١١٦٠هہ):

نادر شاهہ پٽ امام قلي پٽ نذر قلي افشار اُتر خُراسان جي قرقلوي ترڪمانن مان هو. پاڻ ٢٨ محرم ١١٠٠هہ /آڪٽوبر ١٦٨٨ع ڏاري ڪوبڪان ۾ پيدا ٿيو. جوانيءَ ۾ شاهہ طهماسپ صفوي ثاني وٽ وڃي بيٺو. جنهن جي طرفان ترڪمانن ڪردن، اوزبڪن ۽ افشارن سان جنگيون ڪري ڪافي نالو ڪيڏيائين. اهڙيءَ ريت ملڪ محمود سيستاني کي، (جنهن مشهد تي قبضو ڪيو هو،) ڪيترين جنگين کان پوءِ شڪست ڏئي پاڻ مشهد تي قابض ٿيو.

انهيءَ شاهہ طهماسپ جي حڪم تي افغاني، غلزئي ۽ ابدالي قبيلن سان ايران ۽ هرات ۾ لڙيو، ليڪن ١٧٢٨ع ۾ هرات جي ابدالين هٿان هار کاڌائين. هرات جي ابدالي سردارن الهيار خان ۽ ذوالفقار خان جي پاڻ ۾ ڪانہ پوندي هئي، سو نادر شاهہ وڃهہ وٺي الهيارخان سان ساٺ ڏئي ڪيس پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي پنهنجن قبيلن کي خراسان ۾ آڻي آباد ڪيو. هيءُ ١١٤١هہ /١٧٢٧ع جو واقعو آهي.

ان کان پوءِ نادر شاهہ اشرف غلزئي افغان سان اٽڪيو، جنهن کي مهمان دوست واري جنگ (٦-ربيع الاول ١١٤٢هہ/٧ نومبر ١٧٢٩ع) ۾ شڪست ڏنائين ۽ چوڏاري هاڪارو ٿي ويو. فارس جي جنگين ۾ بہ چڱو نالو ڪيڍيائين. تبريز کي ٢٧ محرم ١١٤٣هہ /١٣ آگسٽ ١٧٣٠ع تي عثماني حڪمرانن کان واپس ورتائين.

هرات جي ابدالين جڏهن مشهد تي حملو ڪري نادر شاهہ جي ڀاءُ ابراهيم خان کي مشهد جي قلعي مان ڪيڍي گهيري ۾ آندو تہ نادر شاهہ خراسان کان اتي پهچي، (١٧٣٠ع نومبر مهيني ۾) مشهد کي انهن کان ڇڏايو ان کان پوءِ هرات (١- رمضان ١١٤٤هہ/٢٧-فيبروري ١٧٣٢ع) تي فتح ڪري ورتائين.

نادرشاهہ ائين جنگيون ڪٽيندو، جڏهن وڏيڪ طاقتور ٿيو تہ عثمانين ۽ روسين سان معاهدا ڪيائين. پڇاڙيءَ (نمڪ حرامي ڪري) شاهہ طهماسپ کي سلطنت تان هٽائي، ان جي هڪ ٿڃ پياڪ ٻار کي (جو اجان پينگهي ۾ ئي هو) تخت جو والي بڻائي، ان جي نالي پڙهو ڏياريائين. (١-ربيع الاول ١١٤٥هہ/٧-جولاءِ ١٧٣٢ع).

ڪجهہ عرصي کان پوءِ نادر شاهہ بغداد جي عثماني حڪمرانن عثمان پاشا

توپال سان اتي جنگ ڪرڻ ويو، پر انهيءَ جنگ ۾ جيڪا دجلي جي ڪناري لڙي ويئي، (٦-صفر ١١٤٦هه/١٩-جولاءِ ١٧٣٣ع) تي، شڪست کائي همدان پاسي وريو، ان کان پوءِ آق دربندر ۾ مدش پاشا سان وجي ٽڪريو ۽ عثمانين کي آذربائيجان مان تڙي ڪڍيائين.

قنڌار جي هوتڪي حڪمرانن جي هڪ عملدار محمد خان بلوچ جڏهن فارس جي ڏکڻ ۾ شورش پيدا ڪئي ته نادرشاهه ٢٧-شعبان ١١٤٦هه/١-فيبروري ١٧٣٤ع تي ان سان لڙي شيراز موٽائي ورتو. تاريخ ١٢ محرم ١١٤٧هه/١٧-جون ١٧٣٤ع تي اصفهان کان آذربائيجان مٿان چڙهائي ڪيائين، جتان غازي قوموق سرخائي کي اتر جي پاسي ڌڪي ڇڏيائين.

٢١- مارچ ١٧٣٥ع تي روسي حڪومت سان اتحاد جو معاهدو ڪيائين ۽ پوءِ ايروان جي جنگ ١٧ صفر ١١٤٧هه (٨ جولاءِ ١٧٣٤ع) تي پرولو زادي عثماني کي شڪست ڏنائين. ١٢ ربيع الاول/١٣- آگسٽ تي ساڳي سال تفليس کٽي ورتائين ۽ داغستان ڏانهن ورندي تفليس جي ڇهن هزارن خاندانن کي خراسان ڏانهن هڪالي ڪڍيائين. تنهن کان پوءِ لنگي ۽ تلي جا (جنگ ۾) ترا ڪڍي ڪريمياجي خان کي دربند کان هٽائي ڇڏيائين.

## بادشاهي جو اعلان:

١٣- رمضان ١١٤٨هه/٢٧-جنوري ١٧٣٦ع ۾ نادر شاهه مغان جي ماگ ۾ آيو ۽ اتان جي معتبر ماڻهن کي ڪوٺائي سندن آڏو پنهنجي بادشاهت جو اعلان ڪيائين. ٢٣- شوال اڳاري جي ڏينهن ١١٤٨هه تي شاهي تاج پنهنجي مٿي تي رکيائين. ان کان پوءِ افغانستان ڏانهن وڌيو، انهيءَ ارادي سان ته اتي وڃي قنڌار جي هوتڪي حڪومت جي پاڙ پٽي ڪڍي؛ تڏهن اتي شاهه محمود جي ڀاءُ شاهه حسين جي حڪمراني هئي.

نادر شاهه نوروز ١١٤٩هه/ مارچ ١٧٣٧ع تي قنڌار کي گهيري ۾ آندو ۽ شير سرخ واري علائقي ۾ نادر آباد شهر جو بنياد رکيائين. ان کان پوءِ قنڌار تي چڪريون ڏنائين، پڇاڙيءَ ٢-ذوالقعد ١١٥٠هه/٢٣- مارچ ١٧٣٨ع تي قنڌار تي قبضو جمائي، ان کي پينگ ڪيائين.

قنڌار کان پوءِ هوتڪي جي شاهي خاندان ۽ شاهه حسين کي مازندران ۾ مات ڪري، ڪابل ڪان ٿيندو وڃي هندستان تي ڪڙڪيو. صفر ١١٥١هه/١١-جون ١٧٣٨ع غزني قبائي وري ١٢ ربيع الاول (٣٠-جون) تي ڪابل فتح ڪيائين.

٨-جمادي الاول، ١٧- سيپٽمبر تي جلال آباد هٿ ڪيائين ۽ شهزادي قلي رضا کي اتان سلطنت جي وڪيل طور فارس ڏانهن اماڻيائين. پوءِ خيبر کان لنگهندي اتان جي حاڪم ناصر خان کي هٽائي پشاور پنهنجي هٿ هيٺ آندائين. (هيءَ ١٥-رمضان/٢٧-ڊسمبر ١٧٣٨ع جي ڳالهه آهي) اُتان ئي وري لاهور کان وجي ٽپيو ۽ اڳوڻي حڪمران ذڪريا خان خراساني کي ٻيهر اتي مقرر ڪيائين. ناصر خان کي واپس پشاور موڪلي ٢٦-شوال/٢-فيبروري ١٧٣٩ع ۾ لاهور کان دهليءَ آيو.

دهليءَ جو حڪمران محمد شاهه ڪرنال تائين هن جي مقابلي لاءِ پهتو، نادر شاهه دهليءَ کان سندس لشڪر جو رستو روڪي ١٥ ذوالقعد ١١٥١ھ/٢٤-فيبروري ١٧٣٩ع تي مٿس حملو ڪري ڏنو، جنهن ۾ دهليءَ جو سپهه سالار خان دوران سخت زخمي ٿي پيو ۽ سعادت خان جيئرو گرفتار ٿيو.

محمد شاهه هٿيار ڦٽا ڪري نادر شاهه سان گڏ دهلي هليو آيو ۽ دهلي جوخطبو نادر شاهه جي نالي پڙهايو ويو، ان سان گڏ نادر شاهه جو سڪو به جاري ٿيو. ١٥ ذوالحج/٢٦- مارچ ١٧٣٩ع اچانڪ نادر شاهه جي قتل ٿي وڃڻ جو هاوائو ٿيو ته نادر شاهه خار ۾ اچي دهليءَ کي تاراج ڪرڻ جوحڪم ڏنو:

> "جنهن ۾ ايڏو ڪوس ٿيو، جو نادر شاهه جي پڇا ڪرڻ تي ڪيس ٻڌايو ويو ته ايڏا ماڻهو مئا آهن، جو پنيان ڪا پهر مس بچي آهي. هاڻي ٻيو ته ڪجهه رهيو ڪونهي باقي جيڪي مئا آهن تن کي ٻيهر جيئرو ڪري وري قتلام شروع ڪرائين ته تنهنجي اندر جي باهه ڍري ٿي سگهي ٿي."

نادر شاهه (شرم پرچائڻ لاءِ) بابر جي شاهي گهراڻي سان مائٽي ڳنڍي ۽ ٢٩ ذوالحج ٦- اپريل تي دهليءَ جي شهزادن جي هڪ ڇوڪري پنهنجي پٽ نصيرالله مرزا سان پرڻايائين. ٣ صفر ١١٥٢ھ/١٢ مئي ١٧٣٩ع تي هڪ وڏي مجلس ڪوٺائي، شاهي تاج، محمد شاهه کي واپس ڪيائين.

محمد شاهه وري هندستان جي اتر اولهه وارا علائقا نادر شاهه جي حوالي ڪيا.(١) آنندرام جي روايت موجب دهليءَ جي لٽ ڦر مان نادر شاهه کي ڇهه ملين رپيا روڪ ۽ پنج سو ملين رپين جا هيرا جواهر هٿ لڳا، جن ۾ مشهور ڪوهه نور هيرو ۽ تخت طاؤس به شامل هو. ڏسو تعليق نمبر- ١٣.

---

(١) اسلام انسائيڪلو پيڊيا ج ٣- ص ٨١٠.

## نادر شاهہ جي سنڌ ۾ آمد:

نادر شاهہ ١- رمضان ١١٥٢هہ/١٧٣٩ع دهليءَ کان ڪابل موٽيو پر اتان هڪدم سبي (سنڌ) ڏانهن موٽ کاڌائين. پوءِ بنگش، لاڙڪاڻي ۽ شهدادڪوٽ کان ڦرندو سنڌ تي اچي چڙهيو. تڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙو هتي حڪمران هو. هي لشڪر جي تياري لاءِ لاڙڪاڻي ويو ۽ پنهنجي پٽ محمد مراد ياب خان کي نٽي موڪليائين. ڏسو تعليق نمبر-٣.

شوال مهيني جي شروعات ١١٥٢هہ/١٧٣٩ع محمد مراد ياب خان پيءُ وٽ واپس آيو، جيڪو امرڪوٽ ۾ ترسيل هو. ٻنهي پيءُ پٽن صلاح ڪري پنهنجي اهل عيال کي تلهار ڏانهن ڏياري موڪليو(١). نادر شاهہ جڏهن پنڌ هڻندو اچي امرڪوٽ پهتو تہ ميان نور محمد قلعي جي ٻي دروازي کان نڪتو، پر مقابلو نہ ڪيائين ۽ نادر شاهہ جي پيش پيو.

نادر شاهہ ڪيس پاڻ سان وٺي لاڙڪاڻي پهتو، اتان ٺٽي آيا، هتي ڏهن لکن اڍائي هزارن جي ڊل قبول ڪرڻ تي (٢) نادر شاهہ ڪيس شاهہ قلي خان جو لقب ڏئي

(١) جڏهن نادر شاهہ هندستان تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان روانو ٿيو تہ ميان نور محمد کي لکيائين: اسان کي هندستان وڃڻ لاءِ اوهان پنهنجي ملڪ (سنڌ) مان رستو ڏيو تہ اسان وجي اتي چڙهائي ڪريون. ميان نور محمد انڪار ڪيو ۽ احتياط طور جبلن جا لڪ مضبوط ڪرائي ڇڏيائين. نادر شاهہ لاچار ٿي ڪابل رستي هندستان هليو ويو.
هندستان کان فارغ ٿي نادر شاهہ جڏهن ڪابل ويو تہ اتي اچانڪ سنڌ جو خيال آيس جو ميان نور محمد ڪيس بروقت هندستان وڃڻ جي لاءِ سنڌ مان رستو ڪونہ ڏنو هو. ان ڪري نادر شاهہ (جيڪو اڳ ئي اندر جو ڪارو هو) جي دل ميان نور محمد ڏانهن ميري هئي ۽ هو مٿس سخت ناراض هو. نادر شاهہ جڏهن ڪابل کان نڪري ديري غازي خان وٽ آيو تہ ميان نور محمد کي خبر پئجي وئي ۽ امرڪوٽ وارو پاسو وڌيڪ محفوظ سمجهي اهل عيال سميت اوڏانهن هليو ويو. جتي نادر شاهہ وجي پهتس. ڪلهوڙا خاندان جو مختصر جائزو عبدالرسول قادري بلوچ، مهراڻ ٣- ١٩٨٨ع ص ٧٤. مترجم
جڏهن نادر شاهہ، ميان نورمحمد ڪلهوڙي کان سنڌ مان لشڪر گذاري دهلي تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ اجازت طلب ڪئي هئي، تڏهن ميان نورمحمد انهيءَ بنياد تي اهڙي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو تہ سندس بادشاهي دهلي جي مغل شهنشاهہ کي خراج ڏيندڙ آهي تنهنڪري انهيءَ جي خلاف ڪاروائيءَ ۾ مددگار ٿي نہ ٿي سگهي. پوءِ، دهلي فتح ڪري جڏهن نادرشاهہ، مغل شهنشاهہ جو اهو اقرارنامو ڪئي پهتو، جنهن موجب سنڌوندي جي اولهندي ڪناري سان ايران- هندستان سرحد مقرر ڪئي وئي هئي، تڏهن ميان نورمحمد ڪلهوڙي کي سنڌ جو اهو علائقو هٿ هيٺ رکڻ جي اجازت ڏيڻ سان گڏ انهيءَ جي عيوض خراج جي تقاضا ڪرڻ لاءِ سفير روانو ڪيائين، جنهن کي ميان صاحب نهايت تلخ زبان ۾ انڪاري جواب ڏنو، انهيءَ تان مچرجي نادر شاهہ ميان نورمحمد ڪلهوڙي تي ڪاهي آيو هو. ايڊيٽر: سنڌي مسودو.

(٢) سنڌ گزيٽيئر ص ٣٢. ٻارهن لک ربيا. تاريخ سنڌ ج ٢، ص ١٤٩ ڏهہ لک ربيا -حبيبي

سنڌ جي حڪمراني ڪيس واپس ڪئي. پوءِ هن جي ٻن پٽن محمد مراد ياب خان ۽ غلام شاهہ کي يرغمال طور (جيئن اڳڪلهہ ڏاڙيل ڪري رهيا آهن) پاڻ سان ڪنيائين. ويندي ويل سبي افغانن ۽ شڪارپور دائود پوٽن جي حوالي ڪيائين.

تاريخ ١١ محرم، ١١٥۴هہ/ ١٧۴٠ع تي نادر شاهہ لاڙڪاڻي مان روانو ٿيو. سندس سپهہ سالارن صالح خان بيات ۽ شاهہ وردي خان ڪورڊ، ٻين ڪارندن نادري لشڪر سان گڏجي امرڪوٽ کان ڦرندي سموري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو.

نادر شاهہ جڏهن ٺٽي پهتو تہ شيخ شڪرالله ۽ مستي خان جويو ٻئي افغاني ڳوٺن مان وٽس لنگهي آيا ۽ ٺٽي جا ڪي معتبر بہ آقا محمد ڪريم اصفهاني سان گڏجي هن وٽ پهتا، جن کي پاڻ شاهي خلعتن سان نوازيائين. آقا محمد ڪريم کي پنهنجي وڪيل جي حيثيت ۾ ۽ سلطان سامتئي کي حاڪم طور ٺٽي تي مقرر ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ سنڌ غصب ڪرڻ کان پوءِ تاريخ ٧-صفر ١١٥٣هہ/ ٥ مئي ١٧۴٠ع سبي ۽ ڪوئيٽہ کان ٿيندو وڃي قنڌار رسيو.

نادر شاهہ سال ١١٥٥هہ/١٧۴٢ع ۾ مظفر علي خان بيات بيگلر بيگي کي ٻيڙين کي سنڌ جي رستي آڻڻ لاءِ، جيڪي سورت بندر ۾ نهرائيون ڏنيون هئائين، سنڌ ڏانهن اماڻيائين. هي جڏهن ڪراچي کان ٺٽي پهتو تہ ميان نور محمد ساڻس ملڻ ويو ۽ بہ مهينا اتي ترسي پيو، تيستائين بيگلر بيگي ڪم لاهي ايران هليو ويو.

١١٥٦هہ/١٧۴٣ع ۾ دائود پوٽن وڳوڙ ڪيو تہ نادر شاهہ طهماسپ قلي خان کي سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليو. ميان نور محمد خان ان باري ۾ بلڪل خاموش رهيو ۽ ڪا بہ دخل اندازي نہ ڪيائين، تان جو سنڌ ۾ ملهلو وڏي ويو. ميان نور محمد ڇا ڪيو جو ٺٽي جي حاڪم سلطان سامتئي ۽ شيخ شڪرالله کي هٽائي نادر شاهہ جي سفير رضا بيگ کي ٺٽي جو حاڪم ڪري رکيائين. هن وڳوڙين ۽ هندو جاتي سان ملي صلح جو معاهدو ڪيو. ميان نور محمد جي ٽئين پٽ عطر خان کي طهماسپ شاهہ قلي خان سان يرغمال طور نادر شاهہ ڏانهن موڪلي ڇڏيائين. سلطان سامتيو ۽ شيخ شڪرالله وري ٻيهر ٺٽي تي مامور ٿيا (١). نادر شاهہ سنڌ ۾ سليمان بيگ اسلم کي سڪي ۽ خطبي جي ناظم طور رهائي ويو هو (٢) جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

نادر شاهہ جڏهن دهلي ويو هو تہ اتي ميان نور محمد جو وڪيل مير لطف الله متارو بہ دهليءَ جي دربار ۾ موجود هو، نادر شاهہ ان کي پنهنجي سفير محمد علي بيگ سان سنڌ جي دربار ڏانهن اهو نياپو ڏئي اماڻيو تہ: ساليانو ڏل قبول ڪندي پنهنجي پٽ کي ڏهن هزارن جي لشڪر سميت اسان ڏانهن روانو ڪري ڇڏ!

---

(١) تاريخ سنڌ انگريزي ج ٢، ص ١۴٨. (٢) مقالات الشعراء قلمي ص ٣٥.

ميان نور محمد نادري سفير جو سنو آدرڀاءُ ڪيو، پر ڍل ڪان ننواڪر وارينديچيائين، اسان وٽ اهڙو ڪوبہ خزانو ڪونهي، جيڪو نادر شاهہ ڏانهن ڏياري موڪليون، پر هڪ پيو خزانو برابر موجود آهي، جنهن ڪي تکي ترار چيو وڃي ٿو. نادر شاهہ جي سفير جڏهن واپس وڃي اتي اها روداد پيش ڪئي تہ نادر شاهہ تپي باهہ ٿي ويو ۽ هڪدم سنڌ تي چڙهائي جو سانباهو ڪيائين.

هي نامہ نغز (١) جو بيان آهي. ٻيا تاريخ نويس ٻڌائين ٿا تہ نادر شاهہ ميان نور محمد کي اهو حڪم ڏنو هو تہ پاڻ ڪابل ۾ سلاميءَ تي اچي حاضر ٿئي. جڏهن هي نہ ويو تہ حڪم جي تعميل کان لاپرواهي ڏيکارڻ جي ڏوهہ ۾ نادر شاهہ سنڌ تي چڙهائي ڪئي. نادر شاهہ جيئن تہ اڳ ۾ ئي سنڌو ندي جي مٿانهين ايراضي محمد شاهہ دهليءَ واري کان ورتي هئي، ان ڪري انهيءَ بنياد تي سڄي سنڌ کي هڙپ ڪري پنهنجي باد شاهت کي وسعت ڏيارڻ جي ٿي ڪيائين.

تاريخ ٨- رمضان ١١٥٢هہ/نومبر ١٧٣٩ع نادر شاهہ ڪابل ڇڏي ان جي ڏاکڻين ڪوهسار وٽان گرريذ جو پاسو ڏئي ٢١- ڊسمبر ١٧٣٩ع تائين ڪرم جي وادي کان وڃي نڪتو، واٽ تي جيڪي قبيلا سندس ور چڙهيا، تن کي (درندن وانگي) ڦهر ۽ خونريزي سان چيري ڦاڙي وڃي پار پيو. انهن مان هڪڙو قبيلو اهڙو بہ هو، جنهن ۾ هڪ هزار ماڻهو هئا، انهي قبيلي کي ايتري قدر پنهنجي ظلم وستم جو شڪار بڻايائين جو ان مان ٻيا سڀ مري کپي ويا، باقي بہ ماڻهو وڃي منجهانس بچيا. هيءُ انهيءَ ڏمر ۽ ڏوجهري سان ٢٥ ڊسمبر ١٧٣٩ع ۾ ديري اسماعيل خان اچي پهتو(٢)

سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ دائود پوٽن جي وچ ۾ جيڪو جهيڙو هلي رهيو هو، تنهن لاءِ دائود پوٽن جو چڱو مڙس صادق محمد خان ديري اسماعيل خان وڃي نادر شاهہ وٽ رسيو. نادر شاهہ پنهنجي لشڪر جو ڪافي حصو ديري اسماعيل خان کان ديري غازي خان ڏانهن ٻيڙين تي چاڙهي موڪليو. اتان وري نادر شاهہ، ميان نور محمد ڏانهن پيغام موڪليو، پر ميان موصوف ان جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو (٣).

عبدالڪريم چواڻي: سنڌ جي سرحد سان ملندڙ اهي رستا ڏاڍا ڏکيا هئا، جن مان وڏين مصيبتن برداشت ڪرڻ کان پوءِ پار ٿيڻو پيو (۴). نادر شاهہ انهيءَ وچ ۾

(١) نامہ نغز، جيڪو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سنڌ اندر فارسي زبان ۾ شاهنامي جي طرز تي باغ علي خائف نظم ۾ لکيو هو.

(٢) تاريخ سنڌ انگريزي (ج ٢، ص ١۴٨)

(٣)نادر شاهہ ازلوڪ هارٽ.

(۴) بيان واقع بدايع وقايع.

هڪ بيو فرمان لاهور ۽ ملتان جي حاڪم ذڪريا خان ڏانهن اماڻيو تہ جيڪڏهن سنڌ مان ڪو ماڻهو ان پاسي اچي تہ ان کي روڪيو وڃي ۽ سنڌو ندي رستي جيڪي ماڻهو فرار ٿي اچن تن کي هندستان طرف نہ ڇڏيو وڃي. ٢١ جمادي الثاني ١١٥٢هہ/١٤ سيپٽمبر ١٧٣٩ع تي، هيڏانهن ميان نور محمد بہ مقابلي لاءِ تيار ٿيو. ٻارن ٻچن کي خدا آباد مان امرڪوٽ ڏياري موڪليائين جيڪو وڏيڪ محفوظ ۽ قلعي جي صورت ۾ مضبوط هنڌ هو. ان جي چوڌاري ريگستان هئڻ ڪري ڪنهن جي چڙهائي جو خطرو بہ گهٽ نظر ٿي آيو. پڇاڙيءَ دشمن کي تنگ ڪرڻ لاءِ ڪاڌ خوراڪ جي جنس ۽ گاهہ پٺي واريون ٻنيون ساڙي سڄ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيائين يا وري سمورو ان گاهہ زمين ۾ پورائڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين، جيئن دشمن ان مان ڪو فائدو وٺي نہ سگهي. (١)

نادري لشڪر ١٤ ذوالقعد ١١٥٢هہ/١ فيبروري ١٧٤٠ع تي، منزلون ماريندو، اچي لاڙڪاڻي پهتو. اتان سوارن جي سپاهہ سان شهدادڪوٽ تي چڙهائي ڪيائين- ايتري ۾ ميان نور محمد طرفان ڪي تحفا عريضي سميت (جنهن ۾ فرمانبرداري جو عهد ڪيل هو) اچي نادر جي حضور ۾ پهتا، پر هن اهي قبول نہ ڪيا (٢) ۽ ضد ۾ هن جو پيڇو ڪرڻ لڳو. اٽڪل نوي ميل هڪ ڏينهن ۾ هٽي امرڪوٽ رسيو. مرزا مهدي چواڻي: نادر شاهہ تاريخ ٢٨ ذوالقعد ١١٥٢هہ/١٥ فيبروري ١٧٤٠ع تي شهدادڪوٽ ڏانهن وڌيو ۽ آچر ڏينهن ٢٩ ذوالقعد ٽپهريءَ جو امرڪوٽ وڃي پهتو(٣)

انهيءَ وچ ۾ ميان نور محمد پنهنجي خزاني مان ڪجهہ حصو زمين اندر پورائي ڇڏيو، تہ ڪجهہ ٻيڙين ۾ ڀرائي هٿيڪن هنڌن ڏانهن موڪليائين (٤). باقي وٽس صرف ايڪويهہ لک روپيا رهيا- هي اجا انهيءَ ڪپڙتال ۾ هو تہ مٿان نادر شاهہ چٽني پاسن کان اچي سندس لشڪر گاهہ کي گهيرو ڪيو- ٿوري دير جي ڇڪري کان پوءِ (٥) ميان نور محمد پنهنجي ۽ خاندان جي جان جي امان گهري اچي پيش پيو. (٦)

---

(١) بيان واقع ١٧-١٨. (٢) نادر شاهہ از لوڪ هلرٽ. ٢١. (٣) جهان ڪشاي نادري ٢١٣..

(٤) لوڪ هارٽ ۽ بيان واقع.

(٥) سنڌ ۽ ان جا صوفي جينمل ۽ نامہ نغز.

(٦) امرڪوٽ، امر سنگهہ سوڍي جي نالي پنيان سڏيو وڃي ٿو، جيڪو پنهنجي دور ۾ نهايت بهادر راجا هو. سومرن جي دور ۾ جڏهن عمر سومري هن ڪوٽ کي ساڳين بنيادن تي ٻيهر تعمير ڪرايو تہ ان جو نالو عمرڪوٽ پئجي ويو. هي اهو عمر سومرو سنڌ جو بادشاهہ هو، جنهن مليرجي ماروئي جي حسن جي هاڪ ٻُڌي ان کي کوهہ تان پاڻي ڀرڻ وقت پنهنجي اٺ تي کڻي آڻي ڪوٽ ۾ رکيو، پر شادي نہ هئڻ سبب ان کي واپس پنهنجن مائٽن ۾ ڏياري موڪليائين. قمر ٽالپور- ٿرپارڪر جي تاريخ.... مضمون نئين زندگي نومبر ٨٧ ص ٥٩ - مترجم

هيءَ جڏهن نادر شاهہ جي اڳيان آيو تہ هن ڪانئس سوال ڪيو: اوهان اسان جي فرمانبرداري بدران پاڄ ۾ منهن ڇو وڌو؟ ميان نور محمد جواب ڏنو: اسان وڏن ڪان وٺي هندستان جي بادشاهہ جي تابعداري ڪندا پيا اچون. هاڻ جيڪڏهن اوهان جو پاسو ٿي ورتو سين تہ انهيءَ حالت ۾ اوهان کي بہ اسان تي ڪو اعتبار نہ اچي ها-!

اها ڳالهہ نادر شاهہ کي وڻي وئي، سو انهيءَ ئي مجلس ۾ ميان نور محمد کي سنڌ موٽائي ڏيڻ جي خوشخبري ٻڌايائين. (١) پوءِ وري نادر شاهہ پڇيس: ٻڌون پيا تہ اوهان وٽ سون سان ڀريل کوهہ موجود آهي؟ ميان نور محمد چيو: هائو، هڪ نہ پر پورا ست کوهہ اسان وٽ آهن، جن جي چاٻي حاضر آهي، پوءِ ستن انتظامي حلقن ڏانهن اشارو ڪيائين، جيڪي ان وقت سنڌ ۾ هئا (٢)

نادر شاهہ ميان نور محمد کان جيڪا رقم وصول ڪئي، ان بابت مؤرخن جا مختلف رايا آهن (٣) پر گهڻا ان جو انداز هڪ ڪروڙ رپيا روڪڙ ۽ مال ٻڌائن ٿا (٤) جنهن کان پوءِ اهو شرط رکيو ويو تہ هر سال هيڪاندا ويهہ لک رپيا ۽ هڪڙو پٽ يرغمال طور ڏيڻو پوندو(٥) خواجہ عبدالڪريم، جيڪو ميان نور محمد جي ملڪيت جي فهرست تيار ڪرڻ وقت خود اتي حاضر هو، چوي ٿو تہ ڪيترين قيمتي ۽ نفيس شيون اهڙيون بہ هيون، جيڪي صفوي بادشاهن وٽان افغانن وسيلي سنڌ ۾ آيون ۽ ميان نور محمد خريد ڪري پاڻ وٽ رکيون هيون. (٦) ان جي تائيد گلدستي جو مؤلف بہ ڪري ٿو.

بهرحال نادر شاهہ ميان نور محمد سان سٺو سلوڪ ڪيو(٧) پر سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيائين. سبي ۽ ڪڇي وارا علائقا، جيڪي بلوچستان جي لڳ هئا، سي محبت خان ولد عبدالله خان بلوچ کي ڏنائين، شڪارپور ۽ اپر سنڌ صادق محمد خان دائود پوٽي جي حوالي ڪيائين، ٺٽو ۽ سنڌ جا ٻيا حصا وچي ميان نور محمد جي

(١) ماثر الامراء ١-٨٢٩.

(٢) تاريخ بلوچستان از رابرٽ ليچ.

(٣) ڏسو تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور، مولانا مهر. ٢-٤٤٣. هڪ ڪروڙ رپيا. باقي ٻين جا رايا تحفة الڪرام ٣-١٠٩، لب تاريخ سنڌ ١١٢. گولڊ سمڊ ١٨، ايٽڪن سنڌ گزيٽيئر ١١٠، تاريخ سنڌ ٽورڻ مل ٢٣. لوڪ هارٽ نادر شاهہ ١٦١. هيگ ١١٦. اسٽن تاريخ ڪلهوڙا ٩.

(٤) لوڪ هارٽ ١٦١.

(٥) بيان واقع.

(٦) گلدستہ نورس بهار قلمي، ص ٧٥.

(٧) بيان واقع ٢٠.

بلي ٿيا (١) ان کان سواءِ ڪيس (ميان نور محمد کي) شاهه قلي خان جو لقب به ڏنائين، جنهن لاءِ محسن ٺٽوي تاريخ لکي:

باد شاهه توکي سنڌ جي باد شاهي ڏني.

تنهنجي تاريخ ٿي "شاهه قلي خان دائم" رهي (١١٥٢هه) (٢) نادر شاهه ميان نور محمد جي ٽن پٽن مراد ياب خان، غلام شاهه ۽ عطر خان کي يرغمالن طور پاڻ سان ايران وٺي ويو، جيڪي نادر شاهه جي قتل ٿيڻ تائين اتي رهيا (٣). ان سان گڏ هُو ميان نور محمد جو ڪتب خانو به زوريءَ کڻي ويو، جيئن ميان نور محمد وصيت نامي ۾ لکي ٿو:

"هيءُ چنڊال ۽ ناپاڪ سنڌ ۾ اچي سڀ ننڍا وڏا ڪتاب ميڙي کڻي ويو(٤)".

نادر شاهه جو لشڪر، جيستائين لاڙڪاڻي ۾ هو، ان جي مهمانداري ۽ ٻيا خرچ پکا سڀ ميان نور محمد تي هئا. محرم جا عاشورا ١١٥٣هه، گذريا ته نادر شاهه پنهنجي فتح (ملڪن غصب ڪرڻ) جو جشن به هتي ملهايو (اها چٽي به سنڌ تي پئي).

هن هند،سنڌ مان جيڪي مال ملڪيت جون پريون ڀڏيون هيون، تن مان پنج سو اشرفيون پهرين درجي وارن اميرن مان هرهڪ کي ڏنائين ۽ ٻين کي به هڪ کان ٽن سون تائين اشرفيون ڏيندو ويو. سپاهين مان هر هڪ کي ٻه ٻه اشرفيون مليون، جن جي قيمت چوويهه رپيا في اشرفي هئي(٥).

## ڪتاب شاهنامہ نادري قلمي :

هن ۾ ڪل تيرهن هزار فارسي بيت آهن، جن ۾ نادر شاهه جي جنگي مسافرين ۽ مهمن جي پتاڙ آهي. هي شاهنامہ ١١٧٢هه ڌاري هڪ گمنام شاعر (شاهنامہ صفوي جي شاعر قاسمي جي ڪهول مان) خراسان ۾ حسين خان لزگي جي حڪم موجب احمد شاهه ابداليءَ لاءِ لکيو هو، جنهن جو هڪ قلمي نسخو مرتب (حبيبي) وٽ موجود آهي.

هن شاهنامي اندر نادر شاهه ۽ ميان نور محمد جي جنگ ۽ صلح بابت ساڳيون ڳالهيون ڌرايل ٿيون ڏسجن، جيڪي اڳ ۾ ٿي بيان ٿي چڪيون آهن، سواءِ ان جي ته

(١) جهان ڪشاي نادري ٢١٤.

(٢) ديوان محسن ٺٽوي قلمي.

(٣) تاريخ سنڌ منشور الوصيت جي حوالي سان.

(٤) منشور الوصيت قلمي ١٥.

(٥) بيان واقع ٢٤.

شاعر ان ۾ پنهنجا مرچ مصالا گڏي خوشامد برآمد جي فصاحت بلاغت پکيڙي آهي، تنهن ڪري ان کي پيش ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي ويئي، تڏهن بہ ڪي ٽڪرا نموني طور هتي ڏجن ٿا:

نادر شاهہ ڪابل پهتو تہ سندس ڏيان
سنڌ ڏانهن وريو، جتي خدا يار خان نالي
(ميان نور محمد) هڪ بد نشان عباسيءَ
جي حڪومت هئي.

—

هي نادر شاهہ منزلون ڪندو اچي ديري
اسماعيل خان ۽ غازي خان تائين پهتو
وات تي جيڪي نافرمان سندس ور چڙهندا
ويا تن کي ماري مچائي سڌو ڪري ڇڏيائين

—

پوءِ ميان خدا يار خان کي حڪم ڏياري
موڪليائين تہ جيڪڏهن تو اسان جي دربار جي
فرمانبرداري نہ ڪئي تہ سنڌ کي هن مٽي
کان هُن مٽي تائين تباهہ ڪيو ويندو

—

سنڌ جي حڪمران خدا يار خان تي نادر شاهہ
جي انهيءَ دڙڪي جو ڪو اثر نہ ٿيو، ڇڻ ڪيس
ڪا پرواهہ ئي ڪانہ هئي. اها ڳالهہ نادر شاهہ
کي ڏاڍي خراب لڳي ۽ ڏمر جي اٿيو.

—

خدا يار خان هڪدم ٽپڙ پڏا ۽ ٻار ٻچا وٺي
سڌو عمر ڪوٽ ڏانهن نڪري ويو هن تي
نادر شاهہ جي اهڙي هيبت طاري ٿي ويئي
جو ڀڄڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ سجهيس.

—

نيٺ نادر شاهه جي لشڪر وجي ڪيس ڳچيءَ
کان جهليو ۽ هن کي چوڪنيو ٻڌي
سڌو نادر جي اڳيان وٺي آيا. هيءَ
هٿيار ڦٽا ڪري فرمانبرداري ۾ اچي ويو.

-

نادر شاهه هڪدم حڪم ڪيو ته هن کي قيد ۾
وڌو وڃي ۽ وٽس جيڪي مال مڪيتون
۽ خزانا موجود آهن، اهي سڀ لٽي ڦري
شاهي (نادري) کاتي ۾ داخل ڪيا وڃن.

-

آخر (١١٥٣هه) خدا يار خان (ميان نور محمد)
جي مٿان ڏاڍو مهربان ٿيو ۽ کيس ٻيهر
سنڌ جو تخت ورائي ڏنائين. ان گڏ هن کي
لقب (شاهه قلي خان) سان به نوازيائين.

يعني نادر شاهه رڳو ڏوڪڙن جي باهه کان ميان نور محمد کي آني بهاني نافرماني جي الزام سان مجرم ٺهرائي، مٿس ڪاهه ڪئي. جڏهن ميان سندس پيش پيو ته ان کي قيد ۾ وجهرائي سندس خزانا ۽ مال ملڪيتون ته لٽيائين، پر سڄيءَ سنڌ کي به تاراج ڪرائڻ کان نه مڙيو. آخر جڏهن سندس پيٽ جي خرجين پُر ٿي، تڏهن ميان نور محمد جي مٿان مهربان ٿيو ۽ وري کيس سنڌ جو والي بڻائي ڇڏيائين.

جيئن مٿي ٻڌايو ويو ته نادر شاهه هندستان تي چڙهائي جو ارادو ڪندي، جڏهن ميان نور محمد تي زور رکيو ته کيس سنڌ مان لنگهي وڃڻ جو اختيار ڏنو وڃي، تنهن تي ميان نور محمد نابري واري، ڇو ته پاڙيسري ملڪ سان ڦٽائڻ ٺيڪ نه هو ۽ بس انهيءَ ڳالهه تي نادر شاهه ڪروڌ ۾ اچي ويو ۽ حملو ڪري ڏنائين! ان کان پوءِ نادر شاهه ٻيا ڪهڙا (ڪلورن پريان) ڪارناما ڪري ڏيکاريا، تن جو احوال اجهو هن ريت آهي: - مترجم

ان کان پوءِ نادر شاهه ترڪمستان [تُرڪمانستان] ڏانهن توجهه ڪندي.
١٥-ربيع الاول (٥ جون) هرات رستيءَ ٧ جمادي الاول (٣١ جولاءِ) بلخ وٽان ٿيندو

(١٩ جمادي الثانيَ- ٢٢- سيپٽمبر) بخارا پهتو ۽ اتان جي خان ابوالفيض خان سان دوستيءَ جو معاهدو ڪيائين ۽ هن ڪي شاهي تاج سان نوازي سندس حڪومت جي حد آمو درياهه تائين وڌائي ڇڏيائين.

موٽ ۾ خان ابوالفيض به ساٺس عهد ڪيو ته ويهه هزار اوزبڪن ۽ ترڪمانن جو لشڪر نادر شاهه ڪي ڏيڻ ۾ ايندو. نادر شاهه ١٦ رجب ٧-آڪٽوبر اتان هلي خوارزم ڪي مطيع ڪيو ۽ شوال مهيني تائين چهار جوءِ وٽان ورندو مشهد پيڙو ٿيو، جتي ڪڏهن لزگي قبيلي وارن سندس ڀاءُ ابراهيم خان ڪي قتل ڪيو هو. انهن ڪي چٽ ڏيارڻ لاءِ ابدالي لشڪر ڏياري موڪليائين. انهيءَ سفر دوران ٢٨ صفر ١١٥٤هه/١٥ مئي ١٧٤١ع تي اولاد قلعي جي ويجهو ڪنهن شخص جهنگ مان موقعو تاڙي نادر شاهه تي بندوق جو وار ڪيو، جنهن ڪان هي ٿورو زخمي ٿي پيو. مهدي خان چواٺي: اهو شخص دلاور خان تيمني جي پٽ جي غلامن مان هو (١) پر نادر شاهه اهو ڏوهه پنهنجي پٽ رضا قلي تي مڙهيو.

جون ١٧٤١ع ۾ نادر شاهه تيون ڀيرو داغستان ويو ۽ سال ڏيڍ اتي رهي پيو، اتان جا ڪي چڱا مڙس سندس حضور ۾ آيا، اتي رضا قلي تي نادر شاهه جي جيڪا بدگماني هئي، سا يقين ۾ بدلجي ويئي ۽ ان ڪي هٿ ڪري سندس اکيون ڪيرائي ڇڏيائين. ١٧٤٢ع ۾ استنبول مان سلطان عثمانيَ جو سفير نادر شاهه وٽ آيو، ڪيس جعفري مذهب جي اڄاڻائي ڪان آگاهه ڪيائين. نادر شاهه ان تان چوٿون دفعو ترڪن تي لشڪر ڪشيءَ جي شروعات ڪئي. ٢٦ رجب ١١٥٥هه/٥ آڪٽوبر ١٧٤٢ع تي موصل پهچي ان ڪي گهيرو ڪيائين، پر ڪامياب ڪونه ٿيو. جنهن ڪري بغداد جي عثماني حڪمران احمد شاهه سان صلح ڪري اتان نجف اشرف جي زيارت سان مشرف ٿيو.

نجف ۾ ٤ شوال ١١٥٦هه/١٢ ڊسمبر ١٧٤٣ع وڏي مجلس ڪوٺائي، ان ۾ شيعه-سني اتحاد لاءِ ڪوشش ڪيائين. انهيءَ سفر ۾ هن ڪي ڪافي ڏينهن لڳي ويا، سندس پويان بيگلر بيگي تقي خان فارس ۾ ۽ عشائر قاچار استرآباد ۾ بغاوت ڪڙي ڪئي. نادر شاهه پنهنجي ڀائٽي علي قلي ڪي خوارزم ڏانهن موڪليو ۽ ترڪن تي وري لشڪر ڪشي شروع ڪري ڏنائين. انهن جنگين ۾ جيڪي برابر چار ڀيرا ترڪن سان لڙندو آيو، هن ڪي فتحن سان گڏ صلح جو خيال به دل ۾ ايندو رهيو. ٤ -سيپٽمبر

(١) تيمني غور جي افغانن مان ڪاڪڙن جو قبيلو آهي - حبيبي

١٧٤٦ع تي عثماني سفير سان صلح جو معاهدو ڪيائين. ١٠ محرم ١١٦٠هه/٢٢ جنوري ١٧٤٧ع تي نادر شاهه جو سفير مصطفيٰ خان شاملو ۽ مهدي خان مؤرخ گڏجي استنبول ويا ۽ ساڳيو صلح نامو عثماني سلطان وٽ پيش ڪيائون. پڇاڙيءَ ۾ عثماني ۽ نادري بادشاهتن جون سرحدون سلطان مراد چوٿين جي دور وانگي مقرر ڪيون ويون.

ان کان پوءِ نادر شاهه مشهد ۾ آيو ۽ هاڻ پاڻ اهو نه رهيو هو، جو سندس طبيعت ۾ فتور پيدا ٿي چڪو هو، جنهن ڪري خود سندس خادم ڪانئس خوف ڪرڻ لڳا- هوريان ڏاڍيان چئني پاسي گوڙ گهمسان وڌندا ويا ۽ سيستان وارن تي هزار تومان طلب ڪرڻ تي بغاوت ۾ منهن وڌو- نادر شاهه جي ڀائٽي علي قلي کي انهن جو مهندار ڪري ليکيو ويو- طهماسپ قلي جي مرضي هئي ته نادر شاهه کي هٽائي سندس تخت تي ان جي پٽن مان ڪنهن هڪ کي ويهاريو وڃي. هيءَ طهماسپ قلي، نادر شاهه جو وڏو مخالف بڻجي چڪو هو. اهو وڳوڙ خراسان تائين واچوڙي جيان وڌندو ويو، سوراڌڪان کان خبو شان تائين هلندو رهيو، جتي شاهي طنبيلو لٽي ڦري ناس ڪيو ويو.

نادر شاهه انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ اٿيو ته ١١ جمادي الثاني ١١٦٠هه/٢٠ جون ١٧٤٧ع محمد خان قجر، موسيٰ خان افشار خوجه بيگ افشار ۽ صالح قرقلوي سميت ٻين ستر ماڻهن جي ٽولي سان جيڪي سندس ئي درباري هئا- فتح آباد جي آرام گاهه ۾ هن کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو.

نادر شاهه جي قتل کان پوءِ شاهي خزانن کي خوب لٽيو ويو، ۽ سندس وسيع سلطنت هيٺ مٿي ٿي ويئي، خراسان جي سردارن ٢٧ جمادي الثاني/ ٥ جولاءِ ١٧٤٧ع تي سندس ڀائٽي علي قلي خان کي هرات مان آڻي شاهي تخت تي ويهاريو ۽ نادر شاهه جي پٽن کي قتل ڪرائي ڇڏيائون.

نادر شاهه ايشيا جي وڏن حڪمرانن مان دلاور، هوشيار ۽ خونخوار شخص هو. هن جي سياست رنجش ۽ نوازش (ڏمر ۽ ڏيڍ) جي ملاوت سان هلندي ٿي آئي.

هن اوپر ۾ بغداد کان دهليءَ تائين وڏي ۽ ويڪري ولايت تي حڪمراني ڪئي. پر پنهنجي همعصر دهلي، بخارا توڙي سنڌ جي حڪمرانن سان ڪا ٻڇڙائي نه ڪيائين. انهن کي مطيع ضرور ڪري ورتائين پر سندن بادشاهيون ۽ ٻيا حق برقرار رکندو آيو. هن پنهنجي دربار مان احمد شاهه ابدالي جهڙا وڏا ماڻهو پيدا ڪيا.

جنگين ۽ سياسي رقابتن جي باوجود پڇاڙيءَ تائين عثماني بادشاهن سان

دوستي جا ناتا نڀائيندو آيو. ليڪن سنڌس پوين مان ساڳي لياقت سان ڪوبہ نادر شاهہ ثاني پيدا نہ ٿيو (شڪر ٿيو). خراسان ۾ هن جي اولاد مان ڪي ڪمزور فطرت سنڌس گاديءَ تي (گڏا ڪري) ويهاريا ويا، پر انهن مان ڪنهن بہ ڪو پوٽو نہ پاريو. هن جو شجرو هن ريت آهي.




نادر شاهہ سنڌ ۾ اچي ظلم، تشدد قتل ۽ غارتگري جي جيڪا بڇڙي روش اختيار ڪئي، تنهن لاءِ بياض ڪهڙوي مثل القيامت جي تاريخ ورتي آهي. يعني نادر شاهہ ۱۱۵۲هہ ڌاري سنڌ ۾ آيو ۽ قيامت برپا ٿي ويئي.

اهڙيءَ طرح نادر شاهہ جي قتل ٿي وڃڻ تي اهل سنڌ خوشي جو اظهار ڪيو.
سنڌس وفات جي تاريخ جن خراب شد مان ڪڍي ويئي (۱۱۶۰هہ)-! (۱)
نادر شاهہ جڏهن تخت تي ويٺو تہ مخدوم روح الله سنڌي هيءَ تاريخ ڪڍي.

---

نوٽ: فارسي واري شجري ۾ ابراهيم خان جو وڏو پٽ ابراهيم ڄاڻايل آهي جو صحيح نٿو ڀيهي. وڏو پٽ علي قلي عادل شاهہ ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ ان جي ڄمڻ کان پوءِ ابراهيم پيدا ٿيو. ٻي حالت ۾ جيڪڏهن ابراهيم اڳ ۾ ڄائو تہ علي قلي هن جو ماٽيلو ڀاءُ هوندو. (مترجم)

(۱) عبدالله خان مگسي مضمون مهراڻ ۳-۱۹۸۷ع ص ۱۱۱. مخدوم ميان محمدي ڪهڙوي جي قلمي بياض جي حوالي سان

الخيرفي ماوقع ١١٤٨هه. ان وقت مخدوم صاحب جو خيال هو تہ ايران ۾ جيڪا بدامني هلي رهي آهي ان جي خاتمي جي اجهو ڪا صورت پيدا ٿي پوندي، ان ڪري جيڪي ٿيو سو چڱو ٿيو. پر مير علي شير قانع اها تاريخ ٻڌي مخدوم صاحب کي عرض ڪيو:

لاخيرفي ماوقع ١١٤٨هه جو ڪجهہ ٿيو ان مان ڪا بہ چڱائيءَ جي اميد نہ رکڻ گهرجي.

سنڌ ۾ نادر شاهہ جي قتل بابت جيڪي تاريخون چيون ويون تن مان وڌيڪ موزون ۽ مناسب قاضي عبدالقادر ٺٽوي جي تاريخ آهي. لکي ٿو:

شـــهـــ نـــادر چـــوبـــرون شـــد ز جـــهـــان

راحـــت آمـــد بـــہ هـــمـــہ عـــالـمـيـــان

خـــوش خـــبـــر هـــاتـــف فـــرمـــودز غـــيـــب

مـــحـــو شـــد آفـــت نـــادر زجـــهـــان

-١١٦٠هه (١)

نادر شاهہ فتوحات جي اعتبار کان وڏن سپهہ سالارن مان شمار ڪيو وڃي ٿو. ليڪن لٽ ڦر ۽ خونريزي جي لحاظ کان هو ڪنهن جي بہ نگاهہ ۾ عزت لائق ٿي نٿو سگهي. معمولي حيثيت مان اڀري هو عظيم الشان فاتح ۽ شهنشاهہ بڻيو؛ انهيءَ غير معمولي ترقيءَ سندس دماغ ۾ فتور پيدا ڪري ڇڏيو.

١٧٤٢ع تي مٿس قاتلانہ حملو ٿيو. جنهن شخص مٿس گولي هلائي ان کي پڪڙي ڪانئس پڇيو ويو. هن ٻڌايو تہ مون کي ائين ڪرڻ لاءِ نادر شاهہ جي ولي عهد شهزادي رضا قلي اڀاريو هو. نادر شاهہ طيش ۾ اچي پنهنجي لائق فرزند جون اکيون ڪڍرائي ڇڏيون. رضا قلي پنهنجي سنگدل پيءُ هٿان اها سزا ملندي پري دربار ۾ چيو: "منهنجون اکيون ڪين ڪڍايون ويون آهن، بلڪ ايراني سلطنت کي انڌو ڪيو ويو آهي."

نادر شاهہ جي ڪاوڙ ڊري ٿي تہ انهيءَ هاجيڪار واقعي جي ڪري سندس اها حالت ٿي جو ٽن ڏينهن تائين پنهنجي خيمي کان ٻاهر ڪونہ نڪتو. جڏهن ٻاهر نڪتو تہ اڌ چريو ٿي چڪو هو.

شروعات کان ئي خونريزي ۽ لٽ ڦر نادر شاهہ جو ڌنڌو ٿي چڪو هو. جيڪي ماڻهو سندس حڪم تي لڙائين ۾ مري کپي ويا، تن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي هن جي

(١) تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور، جلد ڇهون، حصو ٻيو ص ٤٤٠ کان ٤٤٤. مولانا غلام رسول مهر- سنڌي ادبي بورڊ.

هئا مارجي سندس ظلم جو داستان دنيا ۾ باقي رهائي ويندا رهيا.

هن جنهن بيدرديءَ سان ملڪن کي لٽيو ڦريو، ان جو المناڪ داستان بيان ٿي نٿو سگهي. نادر شاهه مغل سلطنت ۽ ميان نور محمد خان کان جيڪي زوريءَ وصول ڪيو، انهيءَ کي ڪنهن به صورت ۾ تاوڻ چئي نٿو سگهجي. هن ڀاري ڏنڊ نه صرف خزانن ۽ دفن ٿيل دولت تي ڌاڙا هنيا، بلڪ جتان به جو ڪجهه ور چڙهيس، تنهن کي هڙپ ڪندو ويو. اهو نه سوچيائين ته پويان مظلومن جو ڪاروبار ڪيئن هلندو (۽ اهي مظلوم مڙئي سندس ديني ڀائر هئا).

انهيءَ نادري لٽ ڦر جو نتيجو اهو نڪتو، جو جيڪي قومون ۽ قبيلا امن امان سان هئا تن کي آفتن ۾ مبتلا ٿيڻو پيو. عجب جي ڳالهه اها آهي ته اهڙي ظالم شخص کي ڪن قومن هيرو ڪري ڀڏائڻ ۾ ڪا ڪسر نه رهائي ۽ ڪا به شرمساري محسوس نه ڪئي. جڏهن نادر شاهه جو ظلم ۽ ڏاڍ حد کان وڌي ويو ۽ ڪنهن به پنهنجي پرائي کي ڪنهن چڱائي ۽ سلامتيءَ جي اميد نه رهي ته ڪن خاص ماڻهن، جن ۾ سندس ڪي عزيز به شامل هئا، رات جي وقت سندس خواب گاهه ۾ گهڙي ڪيس بنا ڪنهن رحم دلي جي قتل ڪري، هر ڪو جهول کان ڇٽو- وارو ڪارنامو ڪري ڏيکاريائون. جيئن سندس درباري شاعر چوي ٿو:

بيڪ گردش چرخ نيلوفري،
نه نادر بجا ماند، ني نادري.
[نيري آسمان جي هڪ ڦيري سان نه نادر رهيو نه وري نادري رهي]

## حوالي جا ڪتاب:


افغانستان بعد از اسلام، (عبدالحي حبيبي).
دول اسلاميه، خليل ادهم ۴۱۹ طبع استنبول.
شاهنامه نادري، منظوم قلمي.
جهان ڪشاي نادري.
اسلامي انسائيڪلو پيڊيا، ج ۳، ص ۸۱۰.
بدايع و قايع آنند رام مخلص، طبع لاهور.
سنڌ گزيٽيئر، ۱۸۷۶.
تاريخ سنڌ، مرزا قليچ بيگ، ج ۲، طبع ڪراچي، ۱۹۰۲ع.
مقالات الشعراء.
نامه نغز (قلمي)، باغ علي خائف.
تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور، مولانا غلام رسول مهر.
نادر شاهه، از لوڪ هارٽ.
بيان واقع خواجه عبدالڪريم.
سنڌ جا صوفي، چيتمل.
ماثرالامرا، طبع ڪلڪته.
تاريخ بلوچستان، از رابرٽ ليچ.
تحفة الڪرام، مير علي شير قانع.
لب تاريخ سنڌ، خداداد خان.
تاريخ سنڌ، تويڻ مل (قلمي).
انڊس ڊيلٽا، از هيگ.
تاريخ ڪلهوڙا، از اسيٽن.
گلدسته نورس، بهار (قلمي).
منشور الوصيت، (قلمي).

## (٢)

## احمد شاهہ ابدالي ۽ سندس خاندان:

احمد شاهہ (احمد خان) پٽ زمان خان سدوزئي ابدالي يا دراني (افغاني لِچ مان) ١١٣٥هہ-١٧٢٢ع ۾ زرغونہ نالي (الکوزائي افغان قوم مان) ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو. جڏهن سندس پيءُ پنهنجي ڪهول سميت هرات، قنڌار ۽ ملتان تي افغاني حڪمران جي حيثيت ۾ رهندو آيو ٿي. هن(احمد شاهہ ابدالي)جي ولادت بہ ملتان ۾ ٿي هئي، تہ سندس ٻالجتيءَ جا ڏينهن بہ انهي شهر ۾ گذريا.

احمد خان پنهنجي ڀاءُ ذوالفقار خان سان گڏ ١١٥٠هہ ڌاري قنڌار ۾ شاهہ حسين هوتڪ ولد مير ويس خان، قنڌار جي حاڪم وٽ، قيد ۾ هيو. ١١٥١هہ/١٧٣٨ع ۾ جڏهن نادر شاهہ قنڌار فتح ڪيو تہ هن کي مازندران ۾ جاگير ڏنائين. ١١٥۴هہ/١٧۴١ع ۾ کيس مازندران مان گهرائي پنهنجي درٻار ۾ مانائتو ڪري پنهنجي قيادت ۾ ابدالي لشڪر جو سربراهہ مقرر ڪيائين ۽ هي ڇهن ورهين تائين داغستان کان ايروان تائين جنگي مسافرين ۾ نادر شاهہ سان گڏ رهندو آيو. انهن جنگين ۾ هن اهڙي بهادري ڏيکاري جو نادر شاهہ جي خاص توجهہ جو سبب بڻيو، نادر شاهہ ان بابت هڪ دفعي کيس خوشخبري ٻڌائي تہ مون کان پوءِ ملڪ جي بادشاهي تون ماڻيندين. (١)

نادر شاهہ جڏهن آچر جي رات ١١- جمادي الثاني ١١٦٠هہ/١٧۴٧ع ڌاري فتح آباد خبوشان ۾ قتل ٿيو تڏهن احمد خان (احمد شاهہ ابدالي) هن جي حرم کي پنهنجي پناهہ ۾ ورتو جنهن ڪري هو لٽ ڦر کان بچي ويو، انهي بدلي ۾ نادر شاهہ جي حرم کيس مشهور ڪوهہ نور هيرو انعام طور ڏنو.

احمد خان، ابدالين کي وٺي، قنڌار ويو. رجب ١١٦٠هہ/١٧۴٧ع ۾ شهر جي اترين پاسي نادر آباد قلعي لڳ شير سرخ جي مزار وٽ قنڌار جي چڱن مڙسن اچي وٽس حاضري ڏني. انهن ۾ نور محمدخان، مير افغان رئيس خلجي، محبت خان رئيس

---

(١) افغانستان بعد از اسلام. سراج، سلطاني حيات افغاني، خورشيد جهان، سيد المتاخرين، تتمت البيان.

پوپلزئي، موسيٰ خان رئيس سهاڪزئي، نصرالله خان رئيس نورزئي ۽ حاجي جمال خان رئيس بارڪزئي موجود هئا.

انهي ميڙ ڪي مجلس مشاورت (جرڳي) جي شڪل ۾ آڻي نو ڏينهن گڏجاڻيون ڪيون ويون. پڇاڙيءَ احمد خان کي افغاني سلطنت جو سربراهه چونڊيو ويو. تڏهن سندس ڄمار پنجويهه ورهيه هئي. ان موقعي تي صابر شاهه ڪابلي نالي هڪ درويش ڪڻڪ جو سنگ آڻي سندس پڳ ۾ ٽنبيو ۽ کيس بادشاهي جي مبارڪ ڏنائين. هي شوال ۱۱۶۰هه/۱۷۴۷ع جو ڏينهن هو(۱).

احمد شاهه ان کان پوءِ ابدالي بجاءِ جيڪو سندس قبيلي وارو نالو هو، پاڻ کي دراني سڏائڻ لڳو، جنهن سان اڳ ۾ مشهور هو ۽ پنهنجي سڪي تي به ائين لکرائي (اُڪيرائي) ڇڏيو هئائين(۲).

هڪ طرف: الحڪم الله يافتاح- احمد شاهه "در" دراني.

ٻئي پاسي: حڪم شد از قادر بيچون به احمد پادشاهه

سڪ زن برسيم وزر از پشت ماهي تا به ماهه.

(احمد شاهه کي حڪم ٿيو آهي (خدا طرفان) ته تون چاندي ۽ سون تي مڇي جي پٺيءَ کان چنڊ تائين پنهنجو سڪو هڻي ڇڏ!)

احمد شاهه، افغانستان ۾ لشڪري، مالي ۽ شهري انتظام ڪيا ۽ وزير رکيائين، جن مان بگي خان باميزئي نالي (شاهه ولي خان) سندس وڏو وزير هو، جنهن کي اشرف الوزراء جو لقب ڏنو هئائين. ۱۱۷۴هه/۱۷۶۰ع ۾ هاڻوڪي قنڌار شهر کي احمد شاهي نالو ڏئي ان جو بنياد رکيائين. سال ۱۱۶۶هه ڌاري ڪابل جو جنگي ڪوٽ جوڙايائين. هندوڪش جي اتر ۾ هڪ شهر تاشغرقان اڏايائين، تنهن سان گڏ قنڌار، مشهد، اٽڪ، دهلي، روهيل کنڊ، پشاور، ٺٽي، ديري غازي خان، ڪشمير، ڪابل، ملتان، ۽ هرات ۾ پنهنجو سڪو جاري ڪيائين. جنهن تي پنهنجو رسمي نشان دولت احمد شاهي (احمد شاهي حڪومت) جو نشان: ٻه منهين ترار، ڪڻڪ جو سنگ ۽ ستارو، نقش ٿيل هو.

احمد شاهه پنهنجي بادشاهت لاءِ جيڪا خراسان يا افغانستان جي نالي هئي، هڪ لک فوج تيار ڪئي. لاهور کان مشهد، آمو دريا جي ڪنڌيءَ کان عربي سمنڊ سوڌا علائقا هٿ ڪيائين. سندس ساليانې ماليت ايڪٽيهه ملين هوندي هئي. پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ هينيان جنگي سفر ڪيائين.

---

(۱) احمد شاهه بابا، تاريخ احمدي ۽ ٻيا ڪتاب.

(۲) عمل صالح ۲-۳۰۴. بادشاهه نامه ۱-۳۲۷.

**(2) سدوزئي (ابدالي) بادشاهن جو شجرو ۽ نصب نامو (دراني)**




ورتل: افغانستان اسلام ڪان پوءِ. از حبيبي، رسالو تاريخ خاندان سدوزئي ليکڪ: شاهزاده شاه محمد سدوزائي، شڪارپوري (قلمي)، دولت اسلاميه خليل ادهم

سندس مقابلي لاءِ اٿيو. سخت سردي جي موسم اچڻ ڪري هيءَ هرات ڪان ٿيندو قنڌار هليو آيو(١).

## ٥- بلوچستان جو سفر:

احمد شاھ جي تخت نشينيءَ وقت مير محبت خان ولد مير عبدالله خان نادر شاھ جي پاران قلات جو حاڪم ۽ بروهي خان هو، پر جيئن تہ بلوچ ان جي ننڍي ڀاءُ مير نصير خان جا حمايتي هئا، اهڙو عرض احمد شاھ کي پڻ ڪيو هئائون، ان ڪري احمد شاھ سال ١١٦٣ھہ ۾ خراسان جي سفر کان پوءِ قنڌار کان قلات ڏانهن رجوع ٿيو. ان وقت مير نصير خان سنڌ جي والي ميان نور محمد خان وٽ خدا آباد ۾ هو، پر سندس ماءُ بي بي مريم قنڌار ۾ هئي. ٻئي شاهي مدد جا منتظر هئا. احمد شاھ مستونگ کان موٽندي قلات ڏانهن آيو. مير محبت خان، حاجي رحيم خان بابي کي ڪلام الله ميڙ ڏئي، احمد شاھ ڏانهڻ موڪليو. احمد شاھ تڙ تڪڙ ۾ محبت خان کي قلات جي خاني سونپي قنڌار موٽيو، خان مذڪور پنهنجي هڪ ڀيڻ بيبي گوهر کي آخوند محمد حيات سان غزني ۾ احمد شاھ ڏانهن اماڻيو، جنهن جو ساڻس نڪاح ٿيو. ٿورن مهينن کان پوءِ خاني جي مسئلي جي نبيري لاءِ سڀئي بلوچ سردار ۽ معتبر احمد شاھ وٽ قنڌار ڪهي ويا. جتي مير نصير خان بہ پنهنجي ماءُ سميت موجود هو. احمد شاھ مير محبت خان کي اتي طهماسپ خان هٿان گرفتار ڪرائي قيد ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ ١١٦٤ھ/١٧٥١-١٧٥٠ع ۾ مير نصير خان کي قلات جو خان مقرر ڪيائين. پر مير نصير خان قلات پهچي سرڪشي ۾ منهن وڌو، جنهن تان ڪن بلوچ قبيلن وٽجي احمد شاھ ابدالي کي قنڌار ۾ چتاءُ ڏنو. احمد شاھ تاءَ ۾ اچي قلات ۾ آيو ۽ ٻارهن ڏينهن ان کي گهيرو ڪري ويٺو، ليڪن خونريزي يا جنگ جو حڪم نہ ڏنائين. تان جو نصيرخان، آخوند محمد حيات ۽ شاھ ولي خان وزير سان گڏجي، احمد شاھ وٽ حاضر ٿيو، جنهن ڪيس معافي ڏئي ڇڏي. ان کان پوءِ هيءُ احمد شاهي لشڪر ڪشي ۾ ساٿ ڏيندو رهيو(٢). (قلات جي خانن بابت ڏسو تعليق نمبر ٢٩).

٦- ١١٦٤ھ ۾ احمد شاھ وري هرات لتاڙي وجي، نيشاپور تي چڙهائي ڪئي ۽ قلعي کي توبن سان پروڻ ڪري ڇڏيائين. نيٺ اتي قابض ٿيو ۽ حڪومت عباس قلي خان بيات کي واپس ڪيائين. جنهن هٿيار ڦٽا ڪري آڻ مڃي هئي.

احمد شاھ خراسان جي آسپاس جي صفائي کان پوءِ نادر شاھ جي پوٽي ۽

---

(١) سراج، احمد شاھ بابا، سلطاني، خورشيد، احمدي، افغانستان بعد از اسلام وغيره جتان هي احوال ورتو ويو. - حبيبي

(٢) تاريخ بلوچستان ۽ احمد شاھ بابا ٢٩٢.

مشهد جي حڪمران مرزا شاهه رخ سان انهيءَ شرط تي ٺاهه ڪيو ته ملڪ جو سڪو ۽ خطبو سندس (احمد شاهه جي) نالي جاري رهندو، ان کان سواءِ جام، باخرز، تربت، خواف ۽ ترشيز وارا علائقا به (احمد شاهه کي) ڏنا وڃن. ان نبيري کان پوءِ شاهه رخ پنهنجو سڪو هن بيت سان ٺهرايو.

يافت از الطـاف احـمـد پاد شاهه،
شاهه رخ بر تخت شاهي تڪيه گاهه.

(احمد شاهه جي عنايت سان شاهه رخ شاهي تخت ماٿيو) احمد شاهه مشهد مان هرات ۾ آيو ۽ شاهه ولي خان وزير کي مروَ، ميمند، اندخود، بلخ، باميان ۽ بدرخشان فتح ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪليائين. وزير (ولي خان) اهي علائقا قبضي هيٺ آڻي، احمد شاهي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيا.

٧- ١١٦٥هه/١٧٥١ع ۾ احمد شاهه پنجاب جي نبيري لاءِ لاهور تائين سفر ڪيو. مير منو معين الملڪ سان چار مهينا مقابلو ڪري ان کي زير ڪرڻ کان پوءِ وري کيس حاڪم مقرر ڪيائين. انهيءَ سفر دوران احمد شاهه ايشڪ آقاسي عبدالله خان کي ڪشمير هٿ ڪرڻ لاءِ مُڪو، جنهن ڪشمير فتح ڪري اتي خواجه عبدالله خان ڪوچڪ کي اتان جو حاڪم ۽ سک جيون هندو کي محاسب مقرر ڪيو. پوءِ قلندرخان افغان کي دهلي جي سفارت لاءِ اوڏانهن اُماڻيائين، جنهن کي محمد شاهه گورگاني قبول ڪيو ۽ پنجاب، سنڌ ۽ ڪشمير کي احمد شاهي سلطنت جو حصو ڪري مڃيائين.

احمد شاهه، پنجاب، ملتان، ڪشمير جي انتظام کان واندو ٿي سنڌونديءَ جي ساڄي پاسي کان لنگهي بنو ۽ ڪابل کان ٿيندو قندار ڏانهن وريو.

٨- ١١٦٧هه جي وچ ڌاري احمد شاهه قندار مان هرات ويو. پوءِ خراسان جو نبيرو ڪري مشهد تي گهيرو ڪيائين، اتان نادر شاهه جي پوٽي شاهه رخ مرزا کي فرمانبرداري ۾ آڻي نور محمد خان افغان کي ان (انڌي) جي نيابت ۾ رکيائين. جام، باخرز، خواف، تربت ۽ ترشيز کي هرات سان ڳنڍي شاهه پسند خان کي شاهرود ۽ بسطام هٿ ڪرڻ جي لاءِ اماڻي ڇڏيائين.

ان کان پوءِ احمد شاهه، عباس قلي خان بيات کي نيشاپور ۾ گهيري هيٺ آڻي کيس پيش پوڻ تي مجبور ڪيو، پوءِ کيس نيشاپور جي حڪومت ڏنائين. سندس طائفي کي غزني ۽ ڪابل ڏانهن ڪڍي ڇڏيائين. ١١٦٨هه ۾ وري قندار ۾ واپس اچي ويو.

٩- مير منو معين الملڪ ١١٦٧هه ۾ فوت ٿيو ۽ احمد شاهه ان جي پٽ مير

مؤمن کي لاهور جو حاڪم مقرر ڪيو. هيءُ جيئن ته اجا ٻار هو، ان ڪري پنهنجي ماءُ مغلاڻي بيگم جي مدد سان حڪومت هلائڻ لڳو. اوچتو مغلاڻي بيگم ۽ اميرن جي وچ ۾ ناسازي پيدا ٿي. خواجه عبدالله خان ولد نواب عبدالصمد خان بيگم مغلاڻي کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو ۽ احمد شاهه کان لاهور جي حڪومت پنهنجي لاءِ گهريائين.

احمد شاهه، امان خان پوپلزئي (جهان خان سپهه سالار جي پاءُ) کي لاهور جي رکڙي نبيرڻ لاءِ اماڻيو، پر هن اڪ ڪارا ڪونه ڪيا، سو آدينه بيگ ١١٧٠هه ۾ دهليءَ جي لشڪر سان ڪاهي لاهور تي قبضو ڪيو، جنهن کان ٽيهه لک ساليانو ڍل اڳاڙي دهليءَ رسائيندو رهيو. انهيءَ وچ ۾ سک جيون هندو ڪشمير ۾ احمد شاهه خلاف بغاوت ڪئي ۽ خواجه ڪوچڪ افغان حڪمران کي قتل ڪرڻ کان پوءِ دهليءَ جي حڪمرانن جي زور تي ڪشمير هٿ ڪيو، احمد شاهه قنڌار کان هلي لاهور اچي نڪتو ۽ سپهه نبيري نورالدين باميزئي کي ڪشمير روانو ڪيائين. هن سک جيون کان ڪشمير فتح ڪيو. احمد شاهه فارغ ٿيڻ کان پوءِ لاهور مان نڪري دهليءَ پهتو، نواب نجيب الدوله ولد اصالت خان يوسف زئي سان ڪرنال ۾ ڳنڍيو، جمعي ٧- جمادي الاول ١١٧٠هه تي دهليءَ ۾ داخل ٿيو ۽ عالمگير ثاني کي دهلي جي تخت تي ويهاريائين ۽ ان جي پاءُ عزيز الدين جي ڌيءُ شهزادي تيمور سان پرڻايائين. دهلي جي وزارت نظام الدوله ولد قمر الدين خان جي حوالي ڪيائين. نواب نجيب الدوله کي هندستان جو سپهه سالار مقرر ڪيائين.

ان کان پوءِ احمد شاهه دهليءَ جي آسپاس ۾ وڳوڙين کي ماري مڃائي، عبدالصمد خان اشغري مهمند زئي کي سرهند جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ سرفراز خان کي دوابي ستلج، بيائي ۽ شجاع خان ابدالي کي ملتان، شهزادي تيمور کي لاهور، سنڌ ۽ ٺٽي تائين حڪمراني ڏنائين. سپهه سالار جهان خان کي سڱن سان منهن ڏيڻ لاءِ موڪليائين. بلند خان سدوزئي کي ڪشمير جي حڪومت تي رکيائين ۽ سال ١١٧٠هه / ١٧٥٦ع ۾ قنڌار هليو آيو.

## ١٠ - پاڻي پت جي فتح:

احمد شاهه ١١٧٠هه/١٧٥٦ع ۾ جڏهن هندستان کان موٽيو، ته پنجاب ۾ وڏا ڳوڙ شروع ٿي ويا. فيروز جنگ جي پٽ غازي الدين ۽ آدينه بيگ وڳوڙ ۾ منهن وڌو. ٻئي پاسي سڱن به گهڻو زور ورتو. اتر کان وري مرهٽن، اسلامي سلطنت (دهلي) سان هٿ چراند لائي ڏني. هنن پنجاب هٿ ڪيو، ڪين شهزادو تيمور ۽ سپهه سالار جهان خان ڪونه روڪي سگهيا. عين انهيءَ عالم ۾ هندستان جي اسلامي اڪابرن ۽ دهليءَ جي معتبرن احمد شاهه کي ڪوٺ ڏني ته هندستان جي اسلامي سلطنت جي

چوٽڪاري لاءِ قنڌار ڪان ڪاهي اچي ڪا سٽائي ڪرا

امام الهند شاهه ولي الله دهلوي پڻ ڪيئي خط احمد شاهه کي لکي موڪليا ته وارو ڪر(١). احمد شاهه قنڌار کان قلات آيو اتي نصير خان کي، جنهن سرڪشي پئي ڪئي، صلح ۽ خير خواهي جي آڌار تي آڻ مڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ پوءِ ٽيهه هزار قنڌار جو لشڪر ۽ ڏهه هزار بلوچ ساڻ ڪري نصير خان مير عبدالڪريم (مير عبدالنبي جي پاءُ) ساراوان ۽ جهالاوان وغيره(٢). مان وٺي بولان لڪ وٽان لنگهيو.

ائين ١١٧٢هه/١٧٥٨ع ڌاري سنڌوندي جي ڪپ ڪان پشاور تائين پهچي، اتان لاهور ۽ سهارنپور ويو، هتي هندستان جا وڏا رئيس، جيڪي افغانن مان هئا، جهڙوڪ سپهه سالار نجيب الدوله، سعدالله خان روهيلو، حافظ رحمت خان سندس پٽ عنايت خان، دوندي خان ۽ قطب خان ڏهن هزارن جي لشڪر سميت احمد شاهه سان اچي گڏيا. احمد شاهه سڄي لشڪر سان جنهن ۾ احمد شاهي، پشاوري بلوچ ۽ افغان وغيره شامل هئا، ڪل ستر هزار پيادا ۽ سوار توبخانن سان وٺي هليو.

احمد شاهه جي لشڪرين، هندن ۽ سکن کي ڪيترين جنگين ۾ شڪست ڏيڻ ڪان پوءِ پاڻي پٽ ۾ آخري ۽ فيصلو ڪندڙ جنگ جوٽي، جنهن ۾ ڏهه لک مرهٽا ۽ هندو سندس سامهون هئا. ان جنگ ۾ به لک مخالف فوجي احمد شاهه جي لشڪر هٿان مارجي ويا.

٦- جمادي الاول ١١٧٤هه/١٧٦٠ع احمد شاهه کي وڏي فتح حاصل ٿي. هن عظيم جهاد مان غنيمت طور پنجاهه هزار گهوڙا به لک ڏڳا، پنج سو هاٿي ڪيئي هزار اُٺ ۽ ٻاويهه هزار قيدي احمد شاهه کي هٿ آيا. انهن قيدين مان هڪڙي ماٿو ابراهيم ڪان سواءِ ٻين سڀني کي معافي ڏني ويئي.

احمد شاهه پاڻي پٽ جي عظيم فتح ۽ هندستان جي مسلمانن جي ڇوٽڪاري ڪان پوءِ جيڪو هن ڪين مرهٽن ڪان ڏياريو، عالمگير ثاني جي پٽ شاهه عالم کي دهليءَ جي شاهي تخت تي ويهاريو. ان جي پٽ مرزا جوان بخت کي سلطنت جو نائب، نواب شجاع الدوله کي فرزند خان ۽ رستم هند جي لقب سان نوازي وزير اعظم جو عهدو ڏنو. نواب نجيب الدوله افغان کي سپهه سالار مقرر ڪيائين. پنجاب جي

(١) مڪتوبات سياسي، شاهه ولي الله دهلوي.
(٢) تاريخ بلوچستان ١٩٦.

حڪومت زين خان مهمند جي حوالي ڪري قنڌار ڏانهن وريو ۽ شهزادي تيمور ڪي هرات جي حڪمراني لاءِ موڪليائين(١).

## ١١ - سکن کي سيکت:

احمد شاهه جيئن پاڻي پٽ مان فتحياب ٿي قنڌار ڏانهن وريو تہ پنجاب ۾ جيسا سنگهہ بغاوت ڪئي ۽ چڙت سنگهہ رنجيت سنگهہ جي ڏاڏي ۽ ٻين پڻ انهيءَ بغاوت ۾ ان جو ساٿ ڏنو ۽ پنجاب جي حڪومت جي نائب زين خان کي گهيري ۾ آنڊائون.

احمد شاهه انهيءَ وڳوڙ ختم ڪرڻ لاءِ سال ١١٧٥هہ/ ١٧٦١ع جي وچ ڌاري لاهور ويو ۽ هڪدم هڪ سو پنجٽيهہ ميلن جو پنڌ هٽي امرتسر تي چڙهائي ڪيائين، روهي ۾ سکن سان سندس مقابلو ٿيو. انهيءَ تاريخي جنگ ۾ (١١- رجب ١١٧٥هہ ) ويهارو هزار سک قتل ٿيا ۽ شڪست کاڌائون. احمد شاهه پٽيالي ۽ سرهند جي حڪومت امير سنگهہ جي حوالي ڪري ٧- شعبان ١١٧٥هہ فاتح جي حيثيت ۾ لاهور واپس آيو. اتان نورالدين خان، شاهہ ولي خان وزير اعظم جي سوٽ کي ڪشمير موڪليائين هن اتي پهچي سک جيون کي جنهن بغاوت ڪئي هئي، گرفتار ڪرڻ کان پوءِ ڪشمير تي قبضو ڄمايو.

احمد شاهه پنجاب جي انتظامن کان پوءِ ١١٧٧هہ/١٧٦٣ع تائين اتي رهيو، (٢) پوءِ ملتان ۽ ديري اسماعيل خان کان ٿيندو گومل واري لڪ کان غزني آيو، هن سفر ۾ سخت گرميءَ سبب بيمار ٿي پيو(٣).

## ١٢ - بخارا جو سفر:

١١٨١هہ/١٧٦٧ع شاهہ ولي خان وزير کي ڇهن هزارن سوارن سان قنڌار کان بلخ ۽ بدخشان طرف موڪليو ويو، جتي شاهہ مراد بخارا جو حاڪم اتر افغانستان ۾ باغين کي همٿائي رهيو هو. احمد شاهه پاڻ انهيءَ سال هرات کان ميمند، اندخود بلخ ۽ شبرغان کي قبضي ۾ آندو تڏهن بخارا جو حاڪم آمو جي اتر ۾ لشڪر ڪٺو ڪري ويٺو هو.

احمد شاهہ مسلمانن جي لشڪر سان جنگ يا مقابلي ڪرڻ کان لنوائي بخارا جي حاڪم سان صلح ڪري ڇڏيو ۽ آمو درياهہ کي ٻنهي حڪومتن جو دنگ فيصل ڪيائين. هن سفر ۾ نبي ڪريم جو خرقو شريف شاهہ ولي خان وزير فيض آباد (بدخشان) مان قنڌار ڪٺي آيو جيڪو اڄا سوڌو ان شهر ۾ موجود آهي.

---

(١) سيد المتاخرين ٣- ١٢.
(٢) سيد المتاخرين ٣- ١٢.
(١) سراج، سلطاني، مير، خزانہ عامره.

## ۱۲ - خراسان جو سفر:

هن ڪان اڳ بيان ٿي چڪو آهي تہ احمد شاهہ طرفان نادر شاهہ جي انڌي پوٽي شاهہ رخ مرزا کي خراسان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو هو، مرزا ، شاهہ رخ جي نوجوان پٽ ۽ علي مردان خان تون ۽ طبس جي حاڪم خودسري جي خيال کان فارس جي بادشاهہ ڪريم خان زند ڏانهن رجوعات رکي هئي، ان ڪري احمد شاهہ ۱۱۸۳هہ جي پڇاڙي ۾ قنڌار کان هرات اتان مشهد آيو، انهي سفر ۾ نصيرخان بلوچ (بادشاهہ) جيڪو احمد شاهي دربار جو مطيع هو، ويهہ هزار بلوچ ساڻ ڪري خراسان جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنائين. هن علي مردان کي ترشيز جي قلعي ۾ فتح ڪيو انهي خدمت جي عيوض احمد شاهي حضور مان ڪيس داجل ۽ هرند جيڪي ديري غازي خان سان لاڳاپيل هئا ، تنهن سان گڏ بلوچ يرغمالي بہ بخشي ڇڏيائين(۱).

ليڪن احمد شاهہ مشهد جي مختصر محاصري کان پوءِ نصرالله مرزا کي معافي ڏني، ان جي ڀيڻ گوهرشاد ، شاهہ رخ مرزا جي ڌيءَ کي شهزادي تيمور جي نڪاح ۾ آندو. نصرالله مرزا کي فرزندخاني جي لقب سان نوازي، خراسان جي حڪومت شاهہ رخ کي ورائي ڏنائين، تاريخ ۸- صفر ۱۱۸۴هہ هرات کان قنڌار ڪهي ويو(۲).

## احمد شاهہ ۽ سنڌ:

۱۱۶۰هہ ۾ جڏهن نادر شاهہ قتل ٿي ويو ۽ احمد شاهہ ابدالي قنڌار ۾ پنهنجي بادشاهت جو اعلان ڪيو، تڏهن سنڌ ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت هئي، پر هو نادري حڪم جو پابند رهندو ٿي آيو. ۱۱۶۱هہ/۱۷۴۸ع ۾ احمد شاهہ هندستان جو سفر شروع ڪيو تہ ميان نورمحمد سان ڏيٺ ويٺ رکيائين، ۽ ڪيس شاهہ نواز جو لقب ڏئي اڳتي وڌيو. ميان نور محمد ساڻس وعدو ڪيو تہ آئندي ڍل ڪيس پهچائي ويندي.

پر ان کان پوءِ ميان نور محمد ڍل ڏيڻ ۾ سستي ڏيکاري، تنهن تي احمد شاهہ کيس فرمان موڪليو، ۽ ڍل جي ادائگي ياد ڏيارئين. انهيءَ بابت خائف سنڌي، نامہ نغز ۾ احمد شاهہ جي زباني بيان ڪري ٿو:

رسانديِ توگر گنج دربار ما ،
شدي ايمن از تاب تاراج ما .

(تو جيڪڏهن ڍل اسان جي دربار ۾ پهچائي تہ اسان جي تاراج مان بچي

---

(۱) تاريخ بلوچستان ۱۹۵-۲۷۱.

(۲) احمد شاهہ بابا: مجمل التاريخ زنديہ ۽ سراج وغيره.

وينديـن.) اهو شاهي فرمان (اڄڪلهہ جي ڏاڙيلن جي چٺي جي صورت ۾- مترجم) جڏهن سنڌ جي درٻار ۾ پهتو تہ ميان نور محمد قيمتي تحفا، پٽ پٽيهر، قرنفل، مشڪ، عود عنبر وغيره- تن چٺن جي سفارتي عملي سان، جنهن ۾ ياني خان ڪلهوڙو بہ شامل هو، قنڌار جي درٻار ڏانهن موڪلي ڏنائين، انهي پيغام سان تہ:

بادشاهہ سلامت کي گهڻي ڪان گهڻا سلام!
آءٌ عاجز بندو، تنهنجو فرمانبردار ۽ غلام؛
مون تي پنهنجي لطف ڪرم جو هٿ رکجانءِ،
آءٌ بہ پويان پير نہ ڪندس، ياد ڪجانءِ!

جڏهن اها سفارت وڃي احمد شاهہ تائين پهتي تہ پيهر ٻنهي جا دوستيءَ وارا ناتا بحال ٿي ويا (١). ميان نور محمد پاران شيخ محمد محفوظ سرخوش پٽ شيخ محمد مريد قانون گو قنڌار ۽ ڪابل ۾ وڪيل (سفير) مقرر ٿيا، جيڪي ١١٦٨هہ تائين اتي رهيا (٢). ليڪن ان ڪان پوءِ بہ وعدو ڪيل ڏل قنڌار جي درٻار ۾ نہ پهچائي وئي ان ڪري احمد شاهہ سپهہ سالار جهان خان جي قيادت ۾ هندستان جي سفر لاءِ لشڪر تيار ڪيو، جيڪو ١١٦٦هہ/١٧٥٣ع ۾ نڪري روانو ٿيو، اها خبر سنڌ تائين هن نموني پهتي تہ هن سال جي پڇاڙيءَ ۾ وري خود احمد شاهہ سنڌ ڏانهن اچڻ وارو آهي.

٤-محرم ١١٦٧هہ ١- نومبر ١٧٥٣ع تي احمد شاهہ محمد آباد واري ريگستان ۾ اچي چڪو هو. سنڌ جي درٻار هڪدم ديوان گدومل کي احمد شاهہ جي حضور ۾ ڏياري موڪليو (٣). جيئن احمد شاهہ ميان نورمحمد جي تابعداري جي پڪ ڪرڻ ڪان پوءِ سنڌ تي ڪاهي اچڻ جي نہ ڪري.

گدومل سکر جي پل وٽ (پل واري هنڌ) شاهي لشڪر گاهہ ۾ پهتو، آخر ٽن ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن شاهي سواري نوشهري پهتي تہ هي ساڻس مليو (٤).

احمد شاهہ جي لاءِ چون تا تہ ڏاڍو ڏمريل هو، پر هيڏانهن گدومل بہ گهٽ ڪونہ هو. هن سفارتڪاري ڪندي سرديون گرميون ڏٺيون هيون، ان ڪري عقل ڪان ڪم وٺي احمد شاهہ جي رڳ تاڙي ورتائين. احمد شاهہ کي پيرن فقيرن سان ڏاڍي عقيدت هوندي هئي، ان ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکي ڇا ڪيائين جو مٽيءَ جا ٿوال پرائي سوکڙي ڪري احمد شاهہ وٽ کڻي ويو- جڏهن درٻار ۾ پهچي پيون سوکڙيون پيش ڪري

---

(١) نامہ نغز[قلمي]تاريخ سنڌ ١-٥١٦.
(٢) سرخوش لاءِ ڏسو مقالات الشعراءِ ص ٢٩١.
(٣) گدومل لاءِ ڏسو تعليق نمبر ٦١.
(٤) تحفة الڪرام ٣-١١١ ۽ سنڌ جي تاريخ انگريزي ٢-١٥١.

جيئن تہ اسماعيل ۽ شاملو جي گماشتن ۾ ڪي اختلاف هئا، ان ڪري قاضي محمد محفوظ کي ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. ميان محمد مراد ياب خان احمد شاهہ کان سربلند خان جو لقب حاصل ڪرڻ کان پوءِ احمد شاهہ جي دربار ۾ وڏيڪ ويجهو ٿيو. ميان نور محمد جو وڪيل ديوان گدومل اڳ وانگي پنهنجون خدمتون ادا ڪندو آيو. احمد شاهہ ميان محمد مراد ياب خان جي ننڍي ڀاءُ عطر خان کي يرغمال طور پنهنجي دربار ۾ مهمان ڪري رکيو ۽ (۱) محمد مراد ياب خان وڏيڪ ڏل ڏيڻ قبول ڪئي(۲).

ان کان پوءِ سنڌ جا معتبر ماڻهو امرڪوٽ [عمرڪوٽ] ۾ محمد مراد ياب خان وٽ ويا ۽ کيس ۱٦ صفر ۱۱٦۷ع تي پنهنجي مرڪز ڏانهن وٺي آيا. شيخ ظفرالله کي ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. ديوان گدومل شاهي خلعت سان احمد شاهي دربار مان نوازيو ويو، جنهن کي امرڪوٽ [عمرڪوٽ) موڪليو ويو ۽ هو وجي محمد مراد ياب خان سان مليو. نصرپور جي نزديڪ هڪ وڏي ميدان ۾ ميان محمد مراد ياب خان جي گادي نشيني جو جشن ملهايو ويو. انهيءَ هنڌ تي هڪ نئون شهر مراد آباد اڏيو ويو (محرم ۱۱۷۱هہ/۱۷۵۷ع) (۳) محمد مراد ياب خان ٽي سال ڪاميابي سان حڪومت هلائيپر سرائين مان ڪي ماڻهو سندس دشمن ٿي پيا (۴) انهيءَ ڪري کيس گهيري ۾ آڻي قيد ڪيو ويو ۽ ان جي ٻئي ڀاءُ ميان غلام شاهہ کي گادي ملي. ان ماڻهن جي تسليءَ جي لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي.

فتحنامي جي لکڻ موجب ميان محمد مراد ياب خان عياش ۽ لاپرواهہ هو، گهڻو وقت بيڪار ڳالهين ۾ پئي گذاريائين، جنهن ڪري ماڻهن کي هن جي اها روش نہ وڻي، سو مير بهرام خان ٻين ماڻهن سان ملي هن کي تخت تان لاهي ڇڏيو. ان تان هن جو سڳو ڀاءُ احمد يار خان جيڪو خداآباد ۾ هو، ۽ بهاري شاهہ جو پٽ مقصودي فقير ڪاوڙجي پيا.

سنڌ ۾ جيئن تہ ورهاڱي واري صورت هئي، ان ڪري عطرخان جيڪو شاهي دربار ۾ يرغمال طور ترسيل هو، ان پنهنجي حق رسي لاءِ ڪن درٻارين وسيلي احمد شاهہ کي عرض ڪيو، جنهن کي شاهي فرمان موجب سنڌ جو امير مقرر ڪرڻ ۾ آيو، خدا يار خان اها خبر ٻڌي هڪدم لشڪر گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويو، پر سرائين جڏهن عطرخان جي لاءِ شاهي فرمان جو ٻڌو تہ احتياط سان هلڻ لڳا. ميان غلام شاهہ

(۱) تحفة الکرام ۲-۱۱۲.

(۲) تحفة الکرام.

(۳) تحفة الکرام ۳-۳۱۳.

(۴) تاريخ سنڌ- مولانا معر ۲-۵۸۹ فتحنامہ قلمي ۽ انشاي عطارد ۱۷۵، جي حوالي سان.

پنهنجي ماڻهن کي ونيءَ ٢٥ صفر ١١٧١ھ/٨- نومبر ١٧٥٧ع ريگستان ڏانهن هليو ويو. عين انهي وقت عطرخان جو خط مقصودي فقير ڏانهن آيو، جنهن موجب ميان محمد مراد ياب خان کي قيد مان ڪڍيو ويو ۽ هو سرائين سان گڏجي عطرخان جي ملاقات لاءِ ويو، هيڏانهن ميان غلام شاهه راڃي ليکي ۽ پنهنجي ٻين طرفدارن سان الڳ رهجي ويو.

عطرخان جڏهن ڏٺو تہ هاڻي سنڌ خالي آهي تہ هتي اچي ويو. احمد يار خان تڏهن نوشهري فيروز ۾ هو. ربيع الثاني ١١٧١ھ/ڊسمبر ١٧٥٧ع ۾ محمد مراد ياب خان اچي ان سان گڏيو. سرائين ۽ هنن ٻنهي ڀائرن جو خيال هو تہ عطرخان هنن جا حق قبول ڪندو، پر عطرخان اقتدار جو بکيو هو، ان ڪري هنن کي گرفتار ڪري خداآباد موڪلڻ جو حڪم ڏنائين(١).

انهي وقت کان عام خاص ماڻهو عطر خان کان بدگمان ٿيا، پر هو احمد شاهي دربار لاءِ ڊل جي اڳاڙي ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ ماڻهن کي ڏاڍو ڏکيو پيو، پر پنهنجي ڪم (ڊل اڳاڙڻ) ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيو. ماڻهن جي ڪوشش هئي تہ هن کي ڪيئن بہ ڪري هٽايو وڃي(٢).

ميان غلام شاهه جيڪو اڏيپور پاسي هو اتان بهاولپور ۾ آيو ۽ پنهنجي پٽ ميان سرفراز خان کي اتي ڇڏي پاڻ سنڌ ۾ داخل ٿيو، رمضان جي پڇاڙي ڌاري روهڙيءَ پهچي عطرخان سان دوبدو ٿيو. ٿوري جنگ کان پوءِ عطرخان مقصودي فقير سميت شڪست کائي ڀڄي ويو. ميان غلام شاهه سوڀارو ٿي شوال ١١٧١ھ/١٧٥٨ع پنهنجي ماڻهن سان گڏ سيوهڻ ۾ آيو. محمد مراد ياب خان ٿوري وقت کان پوءِ گذاري ويو. غلام شاهه ماڻهن جي رضامندي سان حڪومت هلائڻ لڳو، ليڪن عطر خان ۽ احمديارخان ڪونہ مڙيا، ٻئي گڏجي قلات ويا ۽ نصيرخان وٽ پناهي ٿيا، اتان ديوان گدومل هٿان احمد شاهي دربار ۾ خط لکي موڪليائون.

احمد شاهه هنن جي مدد لاءِ قنڌار مان لشڪر اماڻيو. احمد يارخان وڃي شاهي دربار ۾ رهيو. عطرخان شاهي لشڪر جي سربراهه عطائي خان سان گڏجي آيو ۽ سنڌ تي چڙهائي ڪيائين.

فتحنامي جي مؤلف چواڻي: احمد شاهه جي حضور مان هڪ فرمان دائود پوٽن ڏانهن بہ آيو تہ عطرخان جي مدد ڪئي وڃي، ان ڪري هنن جو بہ وڏو ڪٽڪ عطرخان سان اچي شامل ٿيو.

(١) تحفة الڪرام ٣-١١٣. تاريخ سنڌ انگريزي ٢-١٥١.
(٢) جواهر عباسيہ ١٦٤.

خان ٽالپور ڏي تعزيت ۽ اطاعت جي پيغام سان افغانستان جي نئين بادشاهه تيمور شاهه ولد احمد شاهه جي دربار ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. اتان سنڌ جي حڪومت جو فرمان خلعت ۽ لقب خدايارخان سان ميان سرفراز خان کي عطا ٿيو.

## احمد شاهه جي وفات ۽ سندس ڪردار :

احمد شاهه جمعي جي رات ٢٠-رجب ١١٨٦هه قنڌار جي ڏکڻ اوڀر پاسي توبهه جبل ۾ آڪلهه(١) جي بيماريءَ وگهي مري ويو. سندس لاش قنڌار ۾ هڪ قبي اندر (جيڪو جيئري نهرايو هئائين) دفنايو ويو. وفات وقت هن جي عمر ايڪونجاهه سال ۽ حڪومت جو عرصو ڇويهه ورهيه هو. سندس مزار تي هي ڪتبو لڳل آهي:

شاهه والا جاه احمد شاهه دراني ڪ بود
در قوانين امور سلطنت ڪسري منش
از نهيب قهرمان سطوتش درعهد او
شير آهورا به شير خويش دادي پرورش
چون روان شد جانب دار البقا تاريخ بود،
سال هجري يڪ هزار ويڪ صدو هشتاد وشش.

احمد شاهه شريعت جو پابند دين تي محڪم ۽ عالم، شاعر هو ۽ حنفي مذهب سان تعلق ٿي رکيائين. سندس پشتو شعر جو ديوان ١٣١٩ (ش) عبدالحي حبيبي ڪابل مان ڇپرايو هو، جنهن ۾ عشق، تصوف، بهادريءَ ۽ اخلاق بابت ڪلام درج آهي. ان ۾ ٻه اڍائي هزار بيت، غزل، رباعيون قطيع مخمس مربع وغيره آهن. سندس ڪلام مان تصوف جو رنگ پڌرو آهي. ڪن شعرن ۾ اخلاقي ۽ وطني اظهار به آهي، ان کان سواءِ نثر ۾ به هن گهٽو ڪجهه لکيو هو، جنهن تي ملا محمد غوث ولد ترڪمان ولد تاج خان قاضي پشاوري احمد شاهه جي چوڻ تي فارسي ۾ شرح الشرح نالي شرح لکي هئي(٢).

احمد شاهه سياست ۾ نرمي، دوستي ۽ اسلامي ڀائپي جو قائل هو، دهلي، بخارا، خراسان، بلوچستان توڙي سنڌ ۾ همعصر حڪمرانن سان امن ۽ صلح وارو رويو اختيار ڪندو رهيو، باوجود فوجي قوت ۽ شاهنشاهي دٻدٻي جي سيني کي پنهنجي جاءِ تي تاج بخشي سرتاج بڻائيندو رهيو، جنهن جي ڪري تاريخ نويسن کي ڏاڍو تعجب

(١) آڪلهه/ گوشت خوره/ ماس کائيندڙ ڦٽ/ Cancer. مخزن الجواهر، حڪيم ڊاڪٽر غلام جيلاني ص. ٧٠ -مترجم

(٢) لوي احمد شاهه بابا، ص. ٩٨. محمد غوث بابت ڏسو تعليق نمبر ١٤.

جنهن علائقي تي جاٽن جو قبضو آهي، اتان هڪ ڪروڙ محصول وصول ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت راجپوتانه وارو علائقو وڏي هٿرادو ڪري ٻن ڪروڙن جي آمدني ڏئي ٿو سگهي. هوڏانهن بينگال مان ساليانو هڪ ڪروڙ رپين جي آمدني هئي. جنهن دور ۾ سعادت خان ايراني، ان کان پوءِ سندس نياڻو صفدر اوڌ جي صوبي تي هئا ته به ڪروڙ وصول ڪندا هئا. ان مان هڪ ڪروڙ خرچ ۾ ته هڪ ڪروڙ بچت ۾ ويندو هو.

مرهٽن وانگي جاٽ قوم کي به ختم ڪري ٿو سگهجي. انهن جن علائقن تي قبضو ڪيو آهي، سي انهن جا نه بلڪ ٻين جا آهن، جن جا مالڪ اڃا سوڌا جيئرا ويٺا آهن. جيڪڏهن ڪو عادل بادشاهه انهن تي هٿ ڦيري ته اهي سورج مل سان مقابلي لاءِ تيار ٿي ويندا.

هيءُ جيڪي بيان ٿي چڪو، سو غير مسلم طبقي بابت هو. مسلمانن جو وري اهو حال آهي، جو شاهي نوڪر جيڪي هڪ لک کان مٿي هئا، جن ۾ پيادا، سوار، شاهوڪار، جاگيردار وغيره اچي وڃن ٿا، بادشاهن جي غفلت سبب سموري آمدني رڪجي وئي ۽ بادشاهي خزانا خالي ٿي ويا ته آخر نوڪر چاڪر پنهنجي منگي گذاريو ڪرڻ لڳا، جڏهن شاهي نوڪرن جو اهو حال وڃي ٿيو ته ٻين ويچارن جي ڪهڙي حالت ٿي هوندي، جن ۾ وظيفي خوار، سوداگر ۽ ڪاريگر شامل آهن.

هن وقت اهي سڀ ظلم ۽ بيروزگاري ۾ گرفتار آهن، علاوه انهيءَ تنگي ۽ مفلسي جي، جيڪا سورج مل جي قوم صفدر جنگ سان ملي، دهلي جي پراڻي شهر تي چڙهائي ڪري سندن دربدري جي صورت ۾ مٿن مڙهي ڇڏي. هاڻي ڪالهه وڃي اتي پهتي آهي، جو لڳيتي ڏڪار سبب مسلمان قوم جي حالت رحم جوڳي وڃي رهي آهي. هن وقت بادشاهي معاملن ۾ صرف هندن جو عمل دخل آهي ۽ هر قسم جي دولت انهن جي گهرن ۾ ڏئي وڃي ٿي. مسلمان اهو ئي مفلسي جي مصيبت ۾ مبتلا رهي ٿو.

هندستان ۾ غير مسلم طبقي جي غلبي جي نوعيت اها آهي، جيڪا مٿي بيان ڪرڻ ۾ آئي ۽ مسلمانن جي ڪمزوري ان حد تائين آهي، جنهن بابت ذڪر ڪيو ويو.

هن زماني ۾ اهڙو بادشاهه، جيڪو شان شوڪت وارو ۽ مخالفن جي لشڪر کي شڪست ڏيندڙ دور انديش ۽ جنگي سورمو سواءِ اوهان جي ٻيو ڪو نه ٿو سُجهي، يقيني طور اوهان تي اهو عين فرض آهي: هندستان ڪهي اچڻ، مرهٽن جو زور ڀڃڻ، ۽ مسلمانن کي غير مسلم طبقي جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ. ٻي حالت ۾ جيڪڏهن مسلمانن تي غير مسلم طبقي (ڪافرن) جو انهيءَ نموني غلبو هلندو رهيو ته (خدا جي پناهه) مسلمان اسلام کي صفا وساري ڇڏيندا ۽ ٿوري وقت کان پوءِ مسلمان قوم اهڙي قوم ٿي پوندي جو اسلام ۽ غير اسلام ۾ ڪو به فرق باقي نه رهندو. هيءُ هڪ وڏي مصيبت آهي، جنهن کي ٽارڻ جي قوت خدا جي فضل سان اوهان کان سواءِ ڪنهن ٻي ۾ نظر نٿي اچي.

(لاگاپيل صفحہ 374)

# (3) ڪلهوڙا خاندان جو شجرو

- (1) آدم شاھہ (1550ع تائين)
  - دائود (گادي نشين ٿيو 1585ع)
    - الياس محمد (1620ع)
      - نصير محمد (گادي نشين چوٿون) گادي نشيني: 1068ھ/1657ع<br>وفات: 1103ھ/1652ع
        - دين محمد (گادي نشين پنجون) 1103ھ ۾<br>قتل ٿيو: 1111ھ/1700ع
        - يار محمد خان (خدايار خان)<br>پڳدار: 1701ع وفات: جمعہ 11 ذيقعد 1131ھ/1719ع
          - محمد خان
          - داؤد خان
          - [1] ميان نورمحمد خان<br>لقب خدايار خان وغيره<br>گادي تي ويٺو 11 محرم 1332ھ/1719ع<br>وفات 12 صفر 1367ھ/1753ع
            - [2] مراد ياب<br>گادي تي ويٺو: 1167ھ<br>گوشہ نشين: 13 ذي الحج 1170ھ<br>وفات: شوال 1171ھ
              - عباس علي
              - حسين علي
            - خداداد خان
            - [4] ميان غلام شاھہ ھزبر جنگ<br>گادي تي ويٺو: 1 شوال 1171ھ<br>باني حيدرآباد: 1182ھ<br>وفات: 3 جمادي الاول 1186ھ
              - [6] محمود خان<br>1190ھ
              - [5] محمد سرفراز خان سربلند خان،<br>واڳ سنڀالڻ: 5 جمادي الاول 1186ھ<br>گوشہ نشين: 1190ھ
                - مير محمد
                - عطر يان
            - [3] عطر خان<br>1171ھ
            - [7] غلام نبي خان<br>واڳ سنڀالڻ ۽ شهادت<br>1191ھ/1777ع
            - [8] عبدالنبي خان<br>واڳ سنڀالڻ: 1191ھ/1777ع<br>لقب معتمد الدوله 1194ھ<br>گوشہ نشين : 1198ھ<br>وفات: 1220ھ
          - غلام حسين خان
          - تاج محمد خان
        - مير محمد خان
    - شاھہ علي (گادي نشين ٽيون) وفات: 1657ع/1068ھ)<br>شاھل محمد ھن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل لاڙڪاڻي جي قبن ۾ دفن ٿيل آھي
  - ابراهيم

ورتل گزيٽيئر سنڌ 34، تاريخ سنڌ، قليچ بيگ، 2-302- تاريخ سنڌ: معر، جلد .1-2

ميان آدم شاهہ جا مريد (انهيءَ جاگير جي زور تي) وڏيڪ زور وٺندا ويا، آسپاس جي زميندارن کي هيسائي سندن زمينن تي قبضو ڪندا آيا. آخرڪار ماڻهو تنگ ٿي ملتان جي گورنر آقا شاهہ محمد وٽ دانهن کڻي ويا، جنهن ميان آدم شاهہ کي گھرائي پاڻ وٽ نظربند ڪري رکيو، اُتيئي هو وفات ڪري ويو. سندس لاش سکر آڻي نڪريءَ تي دفنايو ويو جيڪا اڄ تائين مشهور آهي. (١)

ميان دائود ولد ميان آدم شاهہ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو ۽ پيري مريديءَ جو سلسلو ساڳي نموني جاري رکيائين، پر اهڙو ڪو خاص ڪم ڪونہ ڪيائين، جو تاريخ ۾ نظر اچي.

ان کان پوءِ ميان الياس ولد ميان دائود، گاديءَ ڌڻي ٿيو. هن مريدن ۾ تمام گھڻو واڌارو ڪيو ۽ طاقت ۾ اچڻ لڳو، پر ستت ئي وفات ڪري ويو. سندس مقبرو ڳوٺ ڪري تعلقي ۾ انڙ آباد لڳ مشهور زيارتگاهہ جي صورت ۾ آهي.

ميان شاهل محمد ولد ميان دائود پنهنجي پيءُ ميان الياس جي جاءِ تي ويٺو. هن جي وقت ۾ فقيرن ڏاڍو زور ورتو، زميداري بہ گھڻي وڌي وئي، گھاڙ واهہ جيڪو لاڙڪاڻي مان لنگھي ٿو، سو انهيءَ شاهل محمد کوٽايو هو. ميان شاهل محمد گھاڙ واهہ جي ٻنهي پاسن واري زمين جيڪا سندس مريدن (ابڙن) جي هئي، تنهن تي قبضو ڪري، پنهنجي عزيزن کي ورهائي ڏني. هن جي انهيءَ قدم کان ابڙا لاچار ٿي پيا ۽ مريديءَ جو ننگ ڇڏي بکر جي مغلن پاران مقرر ڪيل گورنر وڏيري جلال خان ابڙي ڏانهن دانهين ٿي ويا، جنهن کان مدد وٺي ميان شاهل محمد سان جنگ جوٽيائون. انهيءَ جنگ ۾ ميان شاهل محمد شهيد ٿي ويو. کيس گھاڙ واهہ جي ڪناري دفن ڪيو ويو. ان کان پوءِ ميان نصير محمد ولد ميان الياس ١٠٦٨هہ/١٦٥٧ع ڌاري پنهنجي وڏن جي جاءِ والاري، ميان نصير محمد جي فقيري جي چوڌاري هاڪ ٿي وئي، جنهن ڪري آسپاس جا زميندار هن سان وڙهڻ لڳا ۽ بکر مان مغلن جو ڪٽڪ ساڻ ڪري ميان تي ڪاهي آيا. جنهن ڪري راتو رات پنهنجي مريدن سميت ريگستان جي پاسي نڪري ويو. ليڪن گذران جي تنگيءَ سبب هن کي اتان موٽ ڪائڻي پئي، واپس اچڻ تي پنهورن جي پرڳڻي هالو ڪي دادو تعلقي تائين پهتو تہ پنهورن پنهنجي زمين ڦرجڻ جي ڊپ کان فقيرن جي مقابلي لاءِ بکر جي مغل حاڪم کان مدد وٺي مقابلو ڪيو، جنهن ۾ سرڪار سان سبي جو حاڪم ميرخان بہ شامل هو. ميرخان پڇاڙيءَ ميان نصير محمد سان صلح ڪري پنهنجي چاچي محبت خان سان گڏ کيس دهلي جي بادشاهہ اورنگزيب عالمگير ڏانهن اماڻيو جتي کيس نظربند ڪري رکيو ويو.

---

(١) ميان آدم شاهہ ڪلهوڙو (١٥٢٠هہ/١٦٠٠ع)، مغل سپهہ سالار عبدالرحيم خان خانان جي طرفان اظهارِ عقيدت ۽ جاگير جي نذراني بعد سنڌ ۾ زور ورتو. ۽ مغل سرڪار لاءِ خطرو بنجي ويو هو. [مدير]

مُڙيو، هن قنڌار ڏانهن ڊل موڪلڻ بند ڪري ڇڏي، جنهن تان مٿس چڙهائي ٿي، پر مير بجار خان ٽالپور جي مدد سان شڪارپور جي ٻاهران افغاني لشڪر کي شڪست ملي، جنهن جي احسان عيوض ميان عبدالنبي مير بجار خان کي ۱۱۹۴هه/ ۱۷۸۰ع ۾ مارائي ڇڏيو. آخر ٽالپورن جي دٻ کان هي قلات ۽ قنڌار مان مدد حاصل ڪرڻ ويو، جنهن جي نتيجي ۾ مدد خان پٺاڻ، خان قلات ۽ بهاولپور جي نواب سندس ساٿ ڏنو (۱) نيٺ مدد خان پٺاڻ ۱۱۹۴هه ۾ سنڌ سان گڏ ميان عبدالنبي کي به لوڏن ۾ آڻي ڇڏيو ۽ ٽالپرن اڪثي وڌي ڪيس (ميان عبدالنبي کي) ماڳهين ملڪ مان تڙي سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي.

٭

(۱) الوحيد سنڌ، آزاد نمبر، ۱٦-جون ۱۹۳٦ع، ص. ۹٦ کان ۹۹.

ڪيو(١). انهيءَ ڪان پوءِ پائنده خان شاهي دربار ڪان پراهون ٿيندو ويو ۽ سندس رتبو به ساڳيو نه رهيو. هيءُ انهيءَ ڪروڌ ۾ هلمند جي ڪناري ادي واري قلعي ۾ رهي، اندروني طور زمان شاهه جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ سٽون سٽيندو رهيو. زمان شاهه جڏهن قنڌار آيو ته سردار پائنده خان سازش ڪري درباري اميرن: اسلام خان ضبط بيگي، حڪمت خان سرگاني، محمد عظيم خان ولد مير هزار الڪوزئي، امير اصلاخان، جعفر خان جوان شير، يوسف خان خواجه سرا، مرزا شريف منشي ۽ نور محمد خان بابريءَ کي پاڻ سان ملايو ته جيئن شاهه زمان کي قيد ڪري شهزادي شجاع الملڪ کي تخت تي ويهارجي ۽ وزير رحمت الله خان کي قتل ڪيو وڃي. (٢)

انهن سازشين مان مرزا شريف منشي اڳواٽ وزير ۽ شاهه زمان کي خبردار ڪيو، جنهن تان هن انهن سيني کي گهرائي ارگ (قنڌار) ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. ١٣ رمضان ١٢١٤هه-١٧٩٩ع تي سردار پائنده خان جو لاش سندس پيءُ جي مقبري واقع ڳوٺ ذاڪر ڏکڻ قنڌار ۾ دفنايو ويو. هن جي پٽ سردار مهردل خان مشرقي، انهيءَ حادثي جي تاريخ هنن ٻن بيتن ۾ لکي، سندس مزار تي نصب ڪئي:

سرفراز جهان جڏهن پَٽ تي ڪري پيو،
ته سيني افغان ۾ دانهوڙ مچي رئي،
مون جڏهن سندس وفات جي تاريخ ڪڍي،
جواب مليو، قل هم شهادت الرحمٰن. (٣)

سردار پائنده خان جا ويهه پٽ عهدي جا طلبگار ۽ نهايت طاقتور هئا، جيڪي پيءُ جي قتل ڪان پوءِ افغانستان ۾ وڏو گوڙ مچائيندا رهيا. هيءُ سڀ انهيءَ سال ١٢١٤هه عيد جي ڏينهن هلمند جي ڪناري ادي واري قلعي ۾ اچي ڪٺا ٿيا ۽ پنهنجي پيءُ جي بدلي وٺڻ جو پهه ڪيائون. انهن جي ماءُ "ادي" کين جهانگيري جو درس ڏنو.

اصل ۾ شاهه زمان اها وڏي ڀل ڪئي جو وزير رحمت الله خان کي مٿي چاڙهيائين. آخرڪار انهيءَ جي ڪري سردار پائنده خان ۽ ٻين سردارن جي قتل کان پوءِ سندس بادشاهي به هيٺ مٿي ٿي ويئي. انهن سردار زادن مان سردار پائنده خان جو وڏو پٽ فتح خان قنڌار مان نڪري سڌو ايران هليو ويو، جتي شاهه زمان جي فرار ٿيل ڀاءُ شهزادي محمود وٽ وڃي پناهه ورتائين. زمان شاهه ان وقت هڪ لک لشڪر هندستان تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو هو، جنهن مان انگريزن جا سياسي نمائندا

(١) سراج ٤٦، تاريخ حسيني قلمي.
(٢) تاريخ سلطاني.
(٣) سراج ١-٦٠.

خطرو محسوس ڪري رهيا هئا ته متان ڪٿي نيپولين کي نه ڪو موقعو ملي وڃي. تنهنڪري زمان شاهه کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا. انهن ڪوشش ۾ هنن ايران جي قاچاري دربار جي ساٿ سان فتح خان کي اوڏاهين موڪليو، جيئن هو شاهه زمان خلاف افغانستان تي چڙهائي ڪري. شاهه زمان ان ڪان اڳ به پشاور ڪان هندستان فتح ڪرڻ جو خيال ڪيو هو ۽ وڏي فوج وٽس هئي (٢٥-آڪٽوبر ١٧٩٨ع/١٢١٣هه). هو لاهور ۾ رنجيت سنگهه کي مطيع ڪري پنهنجو لشڪر تيار ڪري رهيو هو. انهيءَ تان لارڊ ولزلي هندستان جي گورنر جنرل جان ميلڪم کي سفير ڪري ايران جي دربار ڏانهن اماڻيو، ۽ ١٠ جنوري ١٨٠١ع ۾ ايران جي باد شاهه سان معاهدو ڪيائين. انهيءَ معاهدي موجب ايران جي شاهه کي عهد ڪرڻو پيو ته جيڪڏهن افغانستان جي باد شاهه هندستان تي حملو ڪيو ته ايران وري افغانستان تي چڙهائي ڪندو.

ٻئي پاسي جيڪڏهن افغانستان جي باد شاهه يا فرانس جي حڪومت ايران تي ڪاهيو يا ايران جي ساموندي ڪنارن سان هٿ چراند ڪيائين، ته انگريزن جي حڪومت پنهنجون فوجون ايران جي مدد لاءِ ڏياري موڪليندي.

ٻئي پاسي جان مالڪم برطانيا جي سفير آقا محمد قاچار جي جانشين فتح علي شاهه سان به خراسان ۽ هرات تي لشڪرڪشي جو معاهدو ڪيو هو جيئن شاهه زمان کي پنيان جو خطرو رهندو اچي.

ولزلي جو اهو سياسي منصوبو ڪارگر ثابت ٿيو ۽ هرات تي لشڪر چڙهي آيو، جنهن جو ٻڌي شاهه زمان پشاور ۽ قندار کان ٿيندو هرات ۾ آيو. ان ڪان فتح شاهه جو مقصد به حل ٿيو ته زمان شاهه هندستان فتح ڪرڻ کان رهجي ويو. هن خراسان مان لشڪر واپس گهرائي ورتو.

ليڪن زمان شاهه اجا به هندستان فتح ڪرڻ جي خيال ۾ هو، جنهن لاءِ افغانن ۽ بلوچن جو لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو، خاص ڪري پشاور ۾ وڏي پيماني تي تياري شروع ڪري ڏنائين. انگريز حڪمران، جيڪي زمان شاهه جا وڏا رقيب هئا ۽ هن کي پنهنجو طاقتور حريف تي سمجهيائون، انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف رهندا آيا ته هڪ پاسي شاهه زمان جي پائرن کي ته ٻئي طرف بارڪزئي سردار زادن کي انتقام لاءِ پڙڪائي پنهنجو ڪم ڪڍيو وڃي.

سردار پائنده خان جو پٽ فتح خان وڏو بهادر ۽ برجستو ماڻهو هو. هن کي پنهنجي قبيلن جي پشت پناهي به هئي، جيڪي قندار ڪان فراهه تائين تمام گهٽي تعداد ۾ موجود هئا. هيءُ انهن ۾ سربراهه جي حيثيت رکندڙ هو. سندس مقابلي ۾

## (4) بارڪزئي سردارن جو شجرو (لاڳاپيل صفحو 382 سان)



لاڳاپيل صفحو 382

# افغانستان جي شاهي خاندان جي سردار پائنده خان محمد زائي يا بارڪزئي پٽن جو اولاد



**(پهريون) امير دوست محمد خان محمد زائي بارڪزائي**

سندس 16 زالن/سريتن مان 27 پٽ، 25 ڌيئرون




ورتل: حيات افغاني ڇاپو هند، مخزن افغاني (هٿ لکيل) صولت افغاني ڇاپو هند، سراج التواريخ ڇاپو ڪابل ج. 1-2 تاريخ سلطاني بمبئي، افغانستان اسلام ڪان پوءِ (هٿ لکيل)، رهنمائي افغان ڇاپو ڪابل، شوڪت افغاني ڇاپو هند، ٻيو اسلامئه ڇاپو استنبول، تاريخ ملا ڪي سنڌوارو 2-276 ڪان پوءِ (انگريزي)، حيات امير دوست محمد خان (از موهن لال 323 جلد I (انگريزي)

## (٥)

## وزير شير محمد خان:

هيءُ احمد شاهہ ابدالي جي وزير شاهہ ولي خان باميزئي جو پٽ هو ۽ سدوزئي دور جي مشاهير ۽ سدو جي ڀاءُ صالح جي پوين مان هو. (ڏسو تعليق ٨١٣) جيڪو ١١٨٦ھہ ۾ تيمور شاهہ جي تخت نشيني کان پوءِ ان جي حڪم سان بڪوا جي بريٽ ۾ (قنڌار ۽ فراهہ جي وچ تي) شڪر الله خان ۽ دوست محمد اعتماد الدولہ احمد شاهي هٿان قتل ٿيو. شاهہ ولي خان جي ڌيءُ احمد شاهہ جي پٽ شهزادي سليمان جي نڪاح ۾ هئي- شاهہ ولي خان جي مرضي هئي تہ پنهنجي نياڻي شهزادي سليمان کي تخت تي ويهاريو وڃي.

شير محمد خان پيءُ جي قتل کان پوءِ قلات وڃي نصير خان بلوچ بروهي وٽ سامر پيو. پر ٿوري وقت کان پوءِ قنڌار وڃي اتراهين پاسي پنهنجيّ پيءُ جي جاگير ۾ ويٺو. شاهي دربار سان سندس ڪوبہ واسطو ڪونہ هو. ١٢٠٧ھہ ۾ جڏهن زمان شاهہ پنهنجي پيءُ تيمور شاهہ جي مرڻ کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو تہ شير محمد خان کي سڏي مختار الدولہ جو لقب ڏئي پنهنجو وزير ڪري رکيائين. هيءُ شاهہ زمان توڙي شاهہ شجاع جي حادثن ۾ گهڻو دخل رکندو آيو. سنڌ، خراسان، ڪشمير ۽ ڪابل تائين وڏا ڪارناما سرانجام ڏنائين(١) هن جي باري ۾ سندس همعصر مؤرخ امام الدين حسينيءَ، جنهن ١٢١١ھہ ۾ تاريخ حسيني پنهنجي مشاهدن موجب قلمبند ڪئي، لکي ٿو تہ: اشرف الوزراء مختار الدولہ حافظ شير محمد خان بهادر اشرف الوزراء شاهہ ولي خان باميزئي جو پٽ آهي. تيمور شاهہ جي دور ۾ پنهنجي پيءُ جي قتل کان پوءِ غريب غربي جي سار سنڀال ۾ وقت پئي گذاريائين. هيءُ خدا ترس، رعيت پرور، خوش اخلاق، شيرين زبان ۽ سخي مرد هو. هر ڪنهن سندس ساراهہ تي ڪئي. دنيا جي مڪر ۽ فريب کان عار رکندڙ هو. ان ڪري ملڪي توڙي مالي معاملن کان پري رهندو آيو. دراني هن کي وڏي عزت ڏيندا هئا. خاص ڪري وزير رحمت الله خان مقتول

---

(١) هن ڪتاب ۾ سندس گهڻو ذڪر آيل آهي. وڌيڪ ڏسو سراج، سلطاني، تيمور شاهہ دراني تاريخ حسيني قلمي. تاريخ احمد شاهي منشي عبدالڪريم.

١٣ ربيع الاول ١٢١٦هه هن جي ڏاڍي عزت آبرو ڪندو هو(١).

١٢٠٨هه ۾ جڏهن بلوچن/بروهين جو بادشاهه مير نصير خان فوت ٿيو ۽ هن جو پٽ مير محمود خان بادشاهه ٿيو ته مير بهرام خان ولد محبت خان (سندس وڏو ڀاءُ) ساڻس مقابلي لاءِ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪڇي وارو علائقو ان کان کسي ورتائين. مير محمود خان ان تان محراب خان شهواڻي ۽ پنهنجي وزير آخوند ملا فتح محمد کي مدد جي لاءِ شاهه زمان جي دربار ۾ موڪليو. تڏهن شاهه زمان جي حڪم موجب شير محمد خان ٻن هزار سپاهين سان بلوچستان/قلات ويو، جنهن بهرام خان کي شڪست ڏئي مير محمود خان کي شاهي تخت تي ويهاريو، پڇاڙيءَ هن کي پاڻ سان گڏ شاهه زمان وٽ وٺي آيو.

هن جو ٻيو ڪارنامو سکن سان مقابلي وارو آهي. ١٢١١هه ڌاري شيخوپوره ۾ سکن تي حملو ڪري ڪانئن لاهور ڇڏائي ڪين پنجاب مان نيڪالي ڏني هئائين(٢).

١٢١٢هه ۾ انهيءَ شير محمد خان نادر شاهه جي شهزادن عباس مرزا ۽ نادر مرزا (شاهه رخ جي پٽن ۽ نادر شاهه جي پوٽن) کي جيڪي آقا محمد خان قاچار جي ظلم کان افغاني دربار ۾ اچي سام پيا هئا، تن کي واپس مشهد وٺي ويو هو ۽ وري حڪومت جي گاديءَ تي ويهاريائين. (٣)

افغانستان جي بادشاهت جڏهن ڪيترين خانه جنگين کان پوءِ شاهه شجاع ولد تيمور شاهه جي هٿ آئي ته ١٢٢٢هه ۾ شاهه شجاع هن کي ڪشمير ڏانهن موڪليو، ان کان پوءِ هن جي پٽ عطا محمد خان کي ڪابل مان گهرائي ڪشمير اماڻيو ويو ۽ شير محمد خان کي وري شاهي دربار ۾ آندو ويو، پر هن اچڻ کان انڪار ڪيو. آخرڪار هن شاهه زمان جي پٽ شهزادي قيصر سان گڏجي پشاور ۾ بغاوت ڪئي.

جڏهن شاهه شجاع پنهنجي لشڪر سان هنن جي مقابلي لاءِ آيو ته شير محمد خان ۽ سندس ڀاءُ مير احمد خان، ڪوٽ جعفر خان وٽ، پشاور جي اتر ۾، مارجي ويا (٤) هيءُ واقعو ٣ مارچ ١٨٠٨ع ١٢٢٣هه تي پيش آيو. سنڌ ۾ شير محمد خان جي آمد ۽ ڪشمير ۾ سندس مقرري بابت ان سان گڏ سندس قتل جي باري ۾ هن ڪتاب جي پهرين باب ۾ بيان اچي چڪو آهي. الفنسٽن پنهنجي ڪتاب ڪابل جي سلطنت ص ٥٨٧ ۾ هن لاءِ جيڪو تفصيل ڏنو آهي، سو پڙهڻ گهرجي.

---

(١) تاريخ حسيني،قلمي. (٢) سراج ١-٤٩. تاريخ بلوچستان. ٢٠٢، تاريخ حسيني.
(٣) سراج ١-٥٥. تاريخ حسيني قلمي. (٤) واقعات ٢٦. سراج ١-٧٤.

## (٦)

## سنڌ جا ٽالپور حڪمران:

ٽالپور، بلوچن جي قديم قبيلن مان آهن، جيڪي ڪوهستان سياف اَف (ديري بيبرڪ هڙند) واري علائقي ۾ ديري غازي خان ۽ ڪڇيءَ جي وچ ۾ نوتياڻي، مزاري، جکراڻي، گڏاڻي ۽ شنباڻي بلوچن جي قبيلن سان گڏ رهندا هئا. مير چاڪر خان جڏهن همايون بادشاهه سان گڏجي هندستان هليو ويو ته پنهنجي بگٽي بلوچن هنن تي ڪاهه ڪري سيني کي سياف اَف مان تڙي ٻاهر ڪيو، پوءِ ٽالپورن سنڌ ڏانهن رخ رکيو ۽ ڪلهوڙن جي درٻار سان لاڳاپجي ويا. (١)

مياں غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني ۾(جنهن بابت تعليق نمبر ٣ ۾ تفصيل آيل آهي)مير بهرام ٽالپور ولد مير شهداد خان ٽالپور، شاهواڻي ٽالپورن مان، ڪلهوڙن جي درٻار ۾ چڱو مان مرتبو حاصل ڪيو، هن بابت ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو چوڻ هو ته هيءَ درٻار جي اميرن ۾ نيڪ نيت ۽ مخلص ماڻهو آهي. (٢)

ميان غلام شاهه تاريخ ٣-جمادي الاول ١١٨٦هه ۾ فوت ٿيو ۽ ميانَ سرفراز خان سندس گاديءَ تي ويٺو: تڏهن به مير بهرام خان ان جو معتمد هو. ١١٨٦هه ۾ احمد شاهه ابدالي مري ويو ته مير بهرام خان سنڌ جي درٻار پاران سفير ٿي تيمور شاهه جي درٻار ۾ تعزيت لاءِ ويو. ميان سرفراز لاءِ اتان جي شاهي درٻار مان خدايار خان جو خطاب وٺي واپس آيو.

ڪلهوڙن جي درٻار جو پراڻو ڪارندو راڄو ليڪي بدنيت ٿي پيو. هن ميان سرفراز ۽ مير بهرام جي وچ ۾ ناسازي پيدا ڪئي. سرفراز خان جڏهن مير فتح خان ٽالپور کان سندس ڌيءَ جو سنگ پنهنجي لاءِ گهريو ته مير بهرام خان انڪار ڪندي چيو: اسان جي خاندان ۾ ڪنهن غير قوم واري کي سنگَ ڏيڻ روا نه آهي(٣). انهيءَ هلڪي اختلاف اڳتي هلي ٽالپورن ۽ ڪلهوڙن ۾ دشمني جو پايو وڌو، جنهن جي پڇاڙي ڏاڍي ڏک ڀري نڪتي.

---

(١) تاريخ بلوچستان هيتورام ص ١٠٠.

(٢) تاريخ ڪلهوڙا عبدالمجيد جوکيو قلمي.

(٣) تاريخ ڪلهوڙا غلام رسول مهر ١- ٦٩٢.

انهيءَ ٽالپور ڪهول مان مير بهرام جو پيءُ مير شهداد خان، ميان يار محمد ڪلهوڙي وٽ وڏو منصبدار هو، جنهن جي نالي شهدادپور جو شهر ٻڌل آهي. هُو رجب ۱۱۴۷ ھ ۾ فوت ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو هوتڪ خان ولد ڪڪو خان ولد شاهو خان هو.

مير بهرام پنهنجي ايمانداريءَ ۾ ڪلهوڙن جي دربار جو مدارالمهام ٿيو، جڏهن عطرخان ۽ غلام شاهه جي وچ ۾ گاديءَ تان تنازعو هليو ته هيءَ ميان غلام شاهه جو طرفدار ٿي وينو، جيئن سندس وڏن جي ريت هئي.

پر راڃو ليکي، جنهن لاءِ مير عظيم ٺٽوي لکي ٿو:

هن پنهنجي فريب ۽ فساد سان اوائل ۾ ئي خرابي جو بنياد رکيو. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو جو ميان سرفراز خان مير بهرام خان کي سندس پٽ صوبدار خان سميت قتل ڪرائي ڇڏيو. ۱۱۸۹ھ ۾ ميان سرفراز خان، بهرام خان ۽ سندس پٽ جو قتل ڪرائي وڏو ڏوهاري ثابت ٿيو، ان جي اثر ۾ ٽالپرن شورش ڪڙي ڪئي، جنهن ڪري ميان سرفراز جي حڪومت لوڏن ۾ اچي وئي. آخر ڳالهه وڃي جنگ تائين پهتي، جنهن ۾ مير فتح خان ولد موسيٰ خان خدا آباد ۾ سرفراز خان کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو ۽ سندس ننڍي ڀاءُ محمود خان کي گاديءَ تي ويهاريائين.

مير بهرام خان جو پٽ مير بجار خان ٽالپور حج تي ويل هو: جڏهن اتان واپس آيو ته ميان غلام نبي ولد ميان نور محمد ڪلهوڙو حڪومت جي گاديءَ تي وينو. سيني ٽالپورن مير بجار خان سان گڏ عمر ڪوٽ تي چڙهائي ڪئي ۽ ان کي هٽ ڪري ورتو. ميان غلام نبي راڃي ليکي جي چوڻ تي مٽس حملو ڪيو، شهدادپور جي لڳ، لانياري ۾ جنگ لڳي. ميان غلام نبي راڃو ليکي هٿان قتل ٿي ويو ۽ هو ڀڄي ويو. (۱۱۹۰ھ)

غلام نبي کان پوءِ ان جو ڀاءُ عبدالنبي جيڪو وڏو ظالم هو، سنڌ جي گاديءَ تي وينو. مير بجار خان به ساڻس گڏ هو، جنهن ڪيترين جنگين ۾ ساڻس گڏجي حصو ورتو. ۱۱۹۴ھ ۾ جڏهن تيمور شاهه ابدالي سنڌ ۾ آيو ته مير بجار خان ساڻس صلح ڪيو. لشڪر جي خرچ سميت ڍل ڏيڻ لاءِ به قبولدار ٿيو. تيمور شاهه عبدالنبي کي معتمد الدولہ شاهه نواز خان فيروز جنگ جو لقب ڏنو. (۱)

مير بجار خان حڪومت جي ڪاروبار ۾ وڏي دوراندېشيءَ سان بهرو ورتو،

(۱) فتح نامه: فريئر نامه، تاريخ ڪلهوڙا.

**ٽالپور خاندان جا حڪمران ۽ ماڻهو**

(شاهو خان پٽ بجار پٽ زنگي شاهواڻي ٽالپرن جو وڏو وارث 1050هه)




ورتل: تاريخ ملاڪي، سنڌ. (انگريزي) 2-82 ۽ 148 ۽167. سرچارلس نيپئر، سنڌ (انگريزي) از ليمبرڪ، پهريون ڇاپو، آڪسفورڊ، 1952ع ص 386 تاريخ بلوچستان از هتورام 100، تاريخ سنڌ (انگريزي) از قليچ بيگ 2-195 ڪانپوءِ. تاريخ سنڌ (اردو) از مولانا معر 2-692 ڪانپوءِ. تڪلمه مقالات الشعراء 756، تذير سنڌ، 436 ڪان پوءِ، رسالو مهراڻ، ڪراچي، نمبر 1 جلد 5-1957ع- گزيٽيئر سنڌ 1876ع- نئين مصر جا پراڻا ورق، (انگريزي ڇاپو) لنڊن 1851ع ص 378 ڪانپوءِ.

ليڪن ۱۱۹۴ھ ۾ اندروني سازش جي ڪري قتل ٿي ويو. ان جي جاءِ تي سندس پٽ عبدالله خان کي ٽالپورن جو سردار ڪيو ويو. انهيءَ وچ ۾ ميان عبدالنبي به تخت چڙهي پڳو. مير عبدالله خان ميان محمد صادق کي، جيڪو محمد اسلام خان ۽ يار محمد ڪلهوڙي جي پوين مان هو، سنڌ جي تخت تي آڻي ويهاريو ۽ پاڻ ملڪ جي انتظام ۾ مصروف ٿي ويو. هن نهايت نرميءَ ۽ اورچائيءَ سان ماڻهن جي پرگهور لهڻ شروع ڪئي. پاڻ مير فتح خان توڙي مدد خان افغان سان منهن ڏئي وڏو بچاءُ ڪيائين، پر نيٺ اهي ٻئي مير عبدالله خان ۽ فتح خان، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي هٿان ۱۱۹٦ھ ۾ مارجي ويا. (۱)

ميان عبدالنبي انهيءَ اڻنگي روش سان سنڌ ۾ گهڻا وڳوڙ پيدا ڪرائي وڌا. جنهن تان ٽالپورن انتقام جي ارادي سان تراريون اُپيون ڪيون. مير فتح علي خان ٽالپور (بجار خان جي پائٽي) ۱۱۹٦ھ ۾ هالاڻي واري جنگ دوران عبدالنبي کي شڪست ڏئي حڪومت ڪٽي ورتي. ۱۱۹۸ھ ۾ حيدرآباد پڻ ڪانئس کسي ورتائين. پوءِ پنهنجي پاران قمرالدين خان کي ڪابل موڪليائين، ۱۲۰۴ھ ڌاري عبدالرحمان خان نوروزئي افغاني اتي غالب ٿيو. ۱۲۲۰ھ/۱۸۰۵ع ۾ ميان عبدالنبي راڄن پور ۾ فوت ٿيو. هوڏانهن افغانستان ۾ به خانہ جنگي شروع ٿي وئي. مير فتح علي خان بنا ڪنهن تنازعي جي سنڌ جو حڪمران ٿي ويو. عبدالنبي جي وفات کان پوءِ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت پڄاڻي تي پهتي. (۲) هتي ٽالپورن جو شجرو پيش ڪجي ٿو.

خيرپور، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي نسب جو شجرو هڪ ڏاڏي سان وڃي گڏجي ٿو. انهن سڀني جو وڏو ڏاڏو مير شاهو خان بلوچ جو فرزند ڪڪو خان عرف سليمان خان آهي، اتان ئي انهن ٽنهي خاندانن جون شاخون نڪرن ٿيون. جيئن ته ڪڪو خان جي پٽن مان سندس وڏي پٽ هوتڪ خان کي به پٽ مير شهداد خان ۽ مير شاهو خان هئا. پهرين جي اولاد کي شهداداڻي، ٻئي جي اولاد کي شهواڻي سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪڪو خان جي ٽين پٽ ماڻڪ خان جي اولاد کي ماڻڪاڻي ڪوٺيو ٿو وڃي. مٿين شهداد خان کي پڻ ٻه پٽ هئا جن مان هڪ جو مير چاڪر خان ۽ ٻي جو مير بهرام خان نالو هو. مير چاڪر خان خيرپور جي ميرن جو ڏاڏو ۽ بهرام خان حيدرآباد جي ٽالپورن جو ڏاڏو هو. مير شهداد خان

(۱) تاريخ سنڌ مهر ۲-۷۸۲.
(۲) تاريخ سنڌ مهر ۲-۸۲۰.

۱۱۴۸هه-۱۷۳۴ع ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو شاهپور چاڪر جي ويجهو شهدادپور تعلقي ۾ آهي.

مير شهداد خان ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ وڏي اثر وارو هو ۽ وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا هئائين. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ هن جو پٽ مير بهرام خان سپهه سالار ٿيو. هن پنهنجي زور تي ميان نور محمد جي پٽ مراد ياب خان کي تخت تان لاهي، سندس ڀاءُ عطر خان کي تخت تي ويهاريو، پر جڏهن ان ۾ ڪو سوجهرو نه ڏٺائين ته کيس هٽائي ميان غلام شاهه کي آندائين.

ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان سرفراز گاديءَ تي ويٺو. مير بهرام خان تمام پوڙهو ٿي چڪو هو، ميان سرفراز جي ڪچهري ۾ ويو ٿي ته پنهنجي پٽ صوبدار خان کي به پاڻ سان وٺي ٿي ويو، پر سگهوئي راجي ليکي جي حسد ڪري ميان سرفراز، مير بهرام ۽ سندس پٽ صوبدار خان کي مارائي ڇڏيو. اهو واقعو ۱۱۸۹هه-۱۷۷۵ع ڌاري پيش آيو. ٻنهي پيءُ پُٽن جون قبرون هالن لڳ نئين خدا آباد ۾ آهن. مير بهرام خان جو ٻيو پٽ مير بجار خان حج تي ويل هو، هن جي پويان بلوچ قومن ۾ مير بهرام ۽ صوبدار خان جي بيگناهه قتل ٿيڻ تي ڏاڍو تاءُ هو. مگر سڀ مير بجار خان جي واپسيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. ان وچ ۾ راجي ليکي، ميان سرفراز کي گاديءَ تان لاهي، ان جي پٽ محمد خان کي گاديءَ تي ويهاريو؛ مگر انهيءَ به ڪانه ٻاري! جنهن کان پوءِ ميان غلام نبي ولد ميان نورمحمد کي گادي سونپي وئي. ايتري ۾ مير بجار خان به واپس اچي ويو. هن ڇهه هزار بلوچ سنبرائي پيءُ ۽ ڀاءُ جي وير وٺڻ لاءِ ميان غلام نبي جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ ميان مارجي ويو.

مير بجار خان حيدرآباد مان ميان عبدالنبي ولد ميان نور محمد کي وٺي آيو ۽ کيس گاديءَ تي ويهاريائين، پر ميان عبدالنبي احسان فراموش ٿي کيس ۱۷۸۱ع ۾ مارائي ڇڏيو، جنهن کان پوءِ سندس پٽ مير عبدالله خان بلوچن جو سردار مقرر ٿيو. ميان عبدالنبي بلوچن جي ڊپ کان ڪڏهن جوڌپور مان ته ڪڏهن قنڌار مان تيمور شاهه ابدالي کان مدد ٿي ورتي ته ڪڏهن نصير خان بروهي وٽ ٿي ويو. آخرڪار سردار محمد بهاول خان جي وچ ۾ پوڻ ڪري ميرن ۽ ميان عبدالنبي جو ناهه ٿي ويو ۽ کيس گاديءَ تي ويهاريو ويو. ميان عبدالنبي اتي به احسان فراموشي ڪئي ۽ مير عبدالله خان سان گڏ ان جي سوٽ فتح خان کي پاڻ وٽ گهرائي ٻنهي کي دوکه سان قتل ڪرائي ڇڏيائين. ان وقت مير عبدالله خان قرآن پاڪ جي تلاوت ٿي ڪئي،

سندس سسي وجي قرآن پاڪ تي ڪري. بلوچن پاڻ ۾ صلاح ڪري مير فتح علي خان ولد مير صوبدار خان ولد مير بهرام خان کي پڳ ٻڌائي اڳ ۾ ڪيو ۽ ميان عبدالنبي تي ڪاهي ڪانئس سنڌ خالي ڪرايائون.

انهيءَ فتحيابي ۾، مير فتح علي خان، مير سهراب خان ولد مير چاڪر خان ۽ مير ٺارو خان ولد مير فتح خان اڳواڻي ڪئي. ان ڪان پوءِ ميان عبدالنبي ديري غازي خان هليو ويو. اهو واقعو ۱۱۹۸هه/ ۱۷۸۳ع جو آهي. سنڌ جي قبضي ڪان پوءِ ٽالپورن به ڪلهوڙن وانگي قنڌار جي والي تيمور شاهه جي ماتحتي قبول ڪئي ۽ سال بسال ڍل ادا ڪندا رهيا ۽ ان وقت سنڌ کي ستن حصن ۾ ورهايو ويو. جنهن مان چار حصا مير فتح علي خان ٻه حصا مير سهراب خان ۽ هڪ حصو مير ٺاري خان ڪنيو.

## مير سهراب خان:

۱۷۸۳ع ۾ جڏهن مير فتح علي خان ملڪ ورهايو ته اتر سنڌ وارو حصو مير سهراب خان کي ڏنو ويو، جنهن خيرپور ميرس کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو، ۽ خودمختار حڪمران جي حيثيت ۾ انتظام سنڀاليندو ٿي آيو ۽ تيمور شاهه ابدالي کي ڍل ڏيندو ٿي رهيو. ۱۸۰۳ع ۾ جڏهن شاهه شجاع مير غلام علي (حيدرآباد واري مير) جي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪئي ته مير سهراب خان پنهنجو الڳ لشڪر وٺي لاڙڪاڻي ويجهو حيدرآبادي ميرن جي فوج سان اچي مليو، جتي شاهه شجاع کي ساليانو پنجن لکن جي ڍل ڏيڻ تي صلح ٿيو ۽ هو موٽي هليو ويو. وري جڏهن شاهه شجاع کي ڪابل مان امير دوست محمد خان تڙي ڪڍيو ۽ هو سنڌ ۾ پهچي آيو، تڏهن مير سهراب خان اڪيلي سر سندس مدد ڪئي. ۱۸۱۷ع ۾ حيدرآباد جا مير راجا رنجيت سنگهه جي ڪاهه کي روڪڻ لاءِ شڪارپور ڏانهن فوج وٺي نڪتا ته مير سهراب خان به سندن مدد لاءِ لشڪر ڪاهي اچي ساڻن مليو. پر پوءِ انگريزن جي وچ ۾ پوڻ ڪري ٻنهي ڌرين جو ناهه ٿي ويو. اهڙيءَ طرح بهاولپور جي نواب صادق محمد خان دائود پوٽي ڪان سبزل ڪوٽ هٿ ڪيائون جنهن ۾ مير سهراب خان ۽ سندس پٽ مير رستم خان جو وڏو هٿ هو.

سنڌ جي وڏي ڀاڱي تي جيتوڻيڪ حيدرآبادي ٽالپورن جي حڪومت هئي، ته به اتر سنڌ جو سڄو علائقو مير سهراب خان جي قبضي ۾ هو، جنهن تي پاڻ ۽ سندس پٽ مير رستم خان جي مدد سان حڪومت ٿي هلايائين. مير سهراب خان تمام پوڙهو ٿيو ته پنهنجي حياتي ۾ ئي حڪومت جون واڳون مير رستم خان جي حوالي ڪري ڇڏيائين، جيڪو هن جو وڏو فرزند هو، پاڻ باقي حياتي عبادت ۾ ٿي

گذاريائين. مير صاحب موصوف ڪوٽ ڏجي ۾، جنهن کي احمد آباد سڏيندا هئا، گوشي نشين ٿيو ۽ مير رستم خان سهراب پور (خيرپور) ۾ حڪومت ڪرڻ لڳو. مير سهراب خان نوي ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي ماڙيءَ جي دريءَ مان اوچتو هيٺ ڪري پيو ۽ ١٢٤٦هه/ ١٨٣٠ع ۾ وڃي پنهنجي رب سان مليو. هن پنهنجي حصي تي ستيتاليهه ورهيه حڪومت ڪئي. سندس وفات جي تاريخ هيٺئين شعرمان ڪڍي وئي.

ز بام فلڪ شد فردد آفتاب

سخي و ولي مير سهراب بود - ١٢٤٦هه

مير سهراب خان کي پنج پٽ هئا: هڪ بيگم مان مير رستم خان، مير غلام حيدر خان، مير مبارڪ خان ۽ مير چاڪرخان هئا، ٻي بيگم مان، هڪ پٽ، مير علي مراد هو، جيڪو سڀني ۾ ننڍو هو ۽ سال ١٨١٥ع ۾ پيدا ٿيو هو.

## مير رستم خان:

مير سهراب خان جي وفات وقت سندس ملڪ جون حدون هن ريت هيون: اتر ڏي ڪشمور ۽ سبزل ڪوٽ، اڀرندي ڏي ٿر ۽ جيسلمير، الهندي ڏي ڪڇي ۽ گندا واهه، ڏکڻ ڏي نوشهري فيروز تائين. ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ به مير سهراب خان درياهه ٽپي افغانن جا ڪي پرڳڻا هٿ ڪيا هئا، جنهن کي موغلي سڏيو ٿي ويو. تنهن ڪان سواءِ بڙدي بلوچن جي علائقي جو به ڪجهه حصو سکر، روهڙي، نوشهرو ابڙو، محمد آباد ۽ شاهه بيلو ڪان وٺي، پنهنجي حڪومت ۾ داخل ڪيائين. بکر جو قلعو ترار جي زور تي ورتائين، هوڏانهن سهجي ۽ ڪلواڙي واري ايراضي سندس پاڻ مير مبارڪ خان قبضي ۾ ڪئي.

شڪارپور جو علائقو ١٨٢٣ع ۾ حيدرآباد جي ميرن سان گڏجي هٿ ڪيائين جنهن جو ٽيون حصو دستور موجب هنن (خيرپوري ميرن) کي مليو. مير سهراب خان پنهنجي حياتيءَ ۾ ١٤ ذوالقعد ١٢٤٤هه ١٨/ مئي ١٨٢٩ع ڌاري هڪ وصيت نامو لکي، پنهنجي پٽن کي ملڪ ورهائي ڏنو. ان وقت مير علي مراد ننڍو هو، ان ڪري سندس سنڀال ملڪيت سميت سندس پاءُ مير مبارڪ خان جي هٿ هيٺ رهي.

مير علي مراد جڏهن وڏو ٿيو ته پنهنجي پاءُ سان جهيڙو ڪرڻ لڳو، سندس خيال هو ته مير مبارڪ خان هن جي ننڍي ڄمار جو فائدو وٺي، سندس ملڪيت جو ڪجهه حصي تي پاڻ قبضو ڪري ورتو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا پائر به مير سهراب خان

جي وصيت تي اعتراض ڪرڻ لڳا ، جنهن ڪري سڄي خاندان ۾ اختلاف جي صورت پيدا ٿي.

١٨٣٩ع ۾ جڏهن مير مبارڪ خان وفات ڪئي ته مير علي مراد خان هن جي پٽ مير نصير خان سان پنهنجي حصي لاءِ نئين سر جهيڙو ڳنڍيو. مير رستم خان پڳدار ياءِ جي حيثيت ۾ مير نصير خان جو حمايتي ٿي بيٺو. ان وچ ۾ سنڌ اندر انگريزن جا پير پختا ٿيڻ لڳا. انهيءَ تنازعي جو هڪ ٻيو سبب هيءُ به هو ته مير رستم خان ارادو ڪيو ته پنهنجي پڳ پنهنجي وڏي پٽ مير محمد حسين کي ڏئي ان کي پنهنجو ولي عهد ڪري جنهن ۾ ٻيا بلوچ به راضي هئا ، مگر مير علي مراد ۽ مير رستم خان جا ٻيا پٽ راضي نه هئا.

آخر ١٨٤٠ع ۾ سنڌ جي پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر راس بيل وچ ۾ پئي ، مير علي مراد خان جي حق ۾ فيصلو ڏنو. راس بيل پوءِ ڪوئٽي روانو ٿيو ته پويان سندس جانشين آؤٽرام به هن جي فيصلي جي تائيد ڪئي ۽ گورنر جنرل کي منظوري لاءِ رپورٽ موڪلي ڏنائين. مگر جيستائين ان فيصلي جي منظوري اچي تنهن کان اڳ خيرپور جي ٻاهران نونارين جي ڳوٺ لڳ مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان جي وچ ۾ جنگ لڳي ، جنهن ۾ ، مير رستم خان ۽ سندس پائڻي مير نصير خان جا ، ست ماڻهو مئا ۽ مير علي مراد خان جا ٻارهن ماڻهو ڪم آيا.

مير علي مراد خان انهيءَ سوڀ کان پوءِ مخالف ڌر جي ڪيترن ماڻهن کي قيد ڪيو ، جنهن ۾ هن جا ڀائٽيا مير مبارڪ خان جا پٽ به شامل هئا. مير رستم خان اهو حال ڏسي علي مراد خان کي چوائي موڪليو ته توکي جيڪي شرط وڻن ، سي اسان کي قبول آهن ، پر جهيڙي جي پڇر ڇڏ! مير علي مراد جواب ڏياري موڪليس ته جيڪي ديهون مون کان کسيون ويون آهن ، سي موٽائي ڏنيون وڃن. آخر اهي ديهون ڏئي ناهه ڪيو ويو: ان لاءِ قرآن شريف تي هڪ عهد نامو لکيو ويو ، جنهن کي تاريخ ۾ "نونارين وارو عهدنامو" ڪوٺجي ٿو.

انهيءَ عهدنامي موجب ڪجھ علائقا مير علي مراد خان کي مليا ، جنهن ۾ هڪڙيون ديهون ته اهي ڪيس مليون ، جن لاءِ مير علي مراد خان پنهنجي ملڪيت هئڻ جي دعوا ڪئي هئي ۽ ٻيون ديهون دادلو ، ماٿيلو ، خانواهڻ ، پليجا وغيره جنگ جي چٽيءَ ۾ وٺي ڇڏيائين. اهو معاهدو به پوليٽيڪل ايجنٽ جي معرفت ٻنهي ڌرين ۾ ٿيو. ليڪن ان کان پوءِ به ٻنهي ڌرين جي دل مان ڪدورت ڪانه وئي ، سو مير رستم خان ۽ نصير خان جنگ جون تياريون ڪرڻ لڳا. سنت ئي مير علي مراد خان

ڪپتان براؤن کي وچي چيو تہ مير رستم خان قرآن تي معاهدو لکي ڏيڻ کان پوءِ بہ وعدو پورو نٿو ڪري.

انهيءَ وڳوڙ هلندي آؤٽرام سنڌ جو ريزيڊنٽ مقرر ٿيو. هوڏانهن سر چارلس نيپئر بہ اچي سنڌ ۾ پير کوڙيا. انگريزن کي انهيءَ سال درياهي لشڪر سنڌ وندي رستي افغانستان ڏانهن اُماڻڻو هو، جنهن ڪري ميرن تي پنهنجي پاران نئين عهد نامي تي زور رکيو ويو. اڳ ۾ مير رستم خان سان اهو عهد نامو ٿيو، جنهن موجب سکر ۽ بکر انگريزن کي لشڪر جي رهائش لاءِ ڏنو ويو ۽ بيڙين تان محصول بہ معاف ڪرڻ ۾ آيو.

انهيءَ عهدنامي ۾ هڪ فقرو اهو بہ هو تہ مير رستم خان، انگريز سرڪار کان سواءِ، ٻي ڪنهن بہ حڪومت سان ڪوبہ ناتو نہ رکندو ۽ ريزيڊنٽ کي پاڻ وٽ رهڻ ڏيندو. ساڳي وقت درياهي واپار ۾ بہ انگريزن جي مدد ڪندو رهندو ۽ گهرو جهڳڙن ۾ انگريزن سان صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ پابند رهندو. انهن سڀني شرطن عيوض سرڪار سندس ملڪ سان ڪابہ هٿ چراند نہ ڪندي ۽ هيءَ خودمختار حاڪم جي حيثيت ۾ پنهنجو ملڪ پيو هلائيندو.

اهو عهدنامو مير رستم خان ڪو پنهنجي دل جي خوشيءَ سان ڪونہ ڪيو هو، مجبور ٿي ڪرڻو پيس، ان کان سواءِ وٽس ڪو چارو بہ نہ هو، جو حالتون ئي اهڙيون هيون. آخر جڏهن چارلس نيپيئر سکر ۾ آيو ۽ ملڪ سر سبز ۽ آباد ڏٺائين تہ سندس وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو، ان وقت کان پنهنجي دل ۾ اها رٿيائين تہ جيڪڏهن هيءَ ملڪ (سنڌ) جنگ کان سواءِ هٿ اچي تہ ڏاڍو چڱو! انهيءَ ارادي (اندر ڪا رائي) سان مير رستم خان کان ملڪ کسي وٺڻ جا حيلا بهانا ڳولڻ شروع ڪيائين.

١- هن پهريون بهانو اهو ڏنو تہ: مير رستم خان معاهدي خلاف انگريزن جي بيڙين تان محصول وصول ڪري ٿو. ان تان مير جواب ڏنو تہ اهو محصول آءٌ پنهنجي رعيت کان ٿو اڳاڙيان اوهان کان ڪونہ ٿو وٺان. ليڪن چارلس نيپئر ان ڳالهہ مڃڻ کان انڪار ڪيو.

٢- ٻيو تہ انگريزن ڪابل مان شڪست کائي جڏهن واپس اچڻ جي ڪئي تہ وات تي بولان واري لڪ وٽ بگٽين جي سردار بيبرڪ مٿن حملو ڪري ڏنو. چارلس نيپئر بهانو بنايو تہ بگٽين کي انهيءَ حملي لاءِ مير رستم خان پڙڪايو هو. ان لاءِ نيپئر وٽ ڪا ثابتي ڪانہ هئي، تنهن هوندي بہ وائسراءِ کي لکيائين تہ ماڻهو مير جي ظلمن کان بيزار ٿي پيا آهن، تنهن ڪري بهتر آهي تہ سکر، بکر ۽ شڪارپور توڙي

سبزل ڪوٽ سرڪار ڪانئس ڪسي پنهنجي هٿ ۾ ڪري، ائين ڪرڻ سان درياهه جي ٻنهي پاسن وارو ڪنارو هٿ اچي ويندو. انهيءَ لاءِ ميرن سان نئين سر معاهدو ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ دوران مير علي مراد خان وڃي نيپئر سان مليو، جنهن کي چيائين ته مير رستم خان جي پڳ ۽ گادي مون کي ونرائي ڏني وڃي. ليڪن نيپئر جواب ڏنس ته تنهنجي وڏي ڀاءُ مير رستم خان جي جيئري ڪجهه نٿو ڪري سگهجي. ها، باقي ان کان پوءِ مير سهراب خان جي وصيت نامي مطابق تنهنجي لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ ايندي.

انهن ڳالهين هلندي نيپئر شڪارپور جو شهر ۽ ان جو چلتو ڏسي ويترموهجي پيو ۽ شهر هٿ ڪرڻ لاءِ پڪو پهه ڪري ڇڏيائين. ائين ڪندي اتي هڪ وڏو بهانو گهڙي ورتائين ته مير رستم خان دربار منعقد ڪري فيصلو ڪيو آهي ته ڪيئن به ڪري انگريزن کي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي. ايتري ۾ وانسراءِ وٽان ڪيس حڪم مليو ته سنڌس رٽ موجب ميرن سان نئون معاهدو ڪري ڇڏ! ليڪن ميرن ان کان بنهه نابري واري. نيپئر ڏٺو ته ڳالهين ۾ وقت گذري ويندو پوءِ الاجي ڇا ٿئي ان ڪري سکر، بکر، شڪارپور، سبزل ڪوٽ ۽ روهڙي والارجي، جنهن جي لاءِ ڇهه هزار لشڪر ان پاسي موڪلي پاڻ اروڙ جي ڀاهران وڃي ويٺو. مير رستم خان ٻڍو ٿي ويو هو. گهر ۾ به پڳ تي تنازعو متل هو، سو نيپئر کي لکيائين ته مان تو وٽ پناهه وٺڻ اچان ٿو ته جيئن باقي عمر امن سان گذاري سگهان! مگر هن لکيس ته تون پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد وٽ وڃي اڳ ۾ پڳ جو فيصلو ڪر. مير رستم خان ڪوٽ ڏجي وڃي علي مراد خان سان مليو ۽ ڪيس چيائين ته تون انگريزن جي طرفداري کان باز اچ جو هو ملڪ ڦري وٺڻ جي سانباهي ۾ آهن. باقي رهي پڳ واري ڳالهه، سا مان توکي لکي ٿو ڏيان ۽ اها لکت به قرآن تي هوندي. مير علي مراد خان پاڻ لا پڳ لکرائي ورتي پوءِ مير رستم خان جي ڳجهن ارادن کان نيپيئر کي وڃي آگاهه ڪيائين. جنهن تي نيپئر چيو ته مان پاڻ مير رستم خان سان روبرو ملڻ ٿو چاهيان. پر مير رستم خان کي اهو دپ ڏياريو ويو ته نيپئر ڪيس قيد ڪندو، تنهن ڪري هو تر ڏانهن هليو ويو ۽ خيرپور تي اچي مير علي مراد خان جي وزير شيخ علي حسين سهارنپوري قبضو ڪيو. فتح محمد خان غوري، جيڪو مير رستم خان جو وزير ۽ انگريزن جو سخت مخالف هو، تنهن کي علي حسين وجهه وٺي گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو.

ان وچ ۾ مير نصير خان ولد مير مبارڪ خان ۽ مير محمد حسين ولد مير

رستم خان جنگ لاءِ لشڪر گڏ ڪيو، پر اهو جنگ جوڻ کان سواءِ ئي ڇڙوڇڙ ٿي ويو. انهيءَ وچ ۾ انگريزن حيدرآباد جي ميرن سان مياڻيءَ ۾ جنگ شروع ڪئي. اُن کان پوءِ هميشه لاءِ هيءُ ملڪ انگريزن جو ٿي ويو. حيدرآباد جي ميرن سان گڏ مير رستم خان، مير نصير خان ۽ مير ولي محمد خان خيرپور وارن کي انگريزن نظر بند ڪري پوني ڏانهن موڪلي ڏنو، جتي مير رستم خان ١٢٦٣هه/١٨٤٦ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پاڻيٽيو مير نصير خان ١٢٨١هه/١٨٦٤ع ۾ فوت ٿيو.

## مير علي مراد خان:

١٨٤٣ع ۾ جڏهن مير رستم خان مير علي مراد خان کي قرآن تي پڳ لکي ڏني ۽ اها ڳالهه انگريز سرڪار پڻ بحال رکي، تڏهن کان وٺي مير علي مراد خان رياست خيرپور جو والي ليکجڻ ۾ آيو. ان وقت رياست جي ايراضي ساڍا پنج هزار چورس ميل هئي، جنهن جي صافي پيدائش جاگيرن ۽ ٻئي خرچ لٿي پٽي ڏهاڪو لکن تائين هئي. جيتوڻيڪ رياست جو گهڻو حصو شڪارگاهه ۽ جهنگ جهر جي صورت ۾ پيل هو.

مير علي مراد خان گاديءَ تي ويهڻ کان پوءِ جيڪي انگريز سرڪار جو خدمتون ڪيون، تن ۾ ولي محمد خان چانڊئي کي گرفتار ڪري سرڪار جي اڳيان آڻي پاڻ مڃائڻ ۽ بلوچستان جي سرحدي بلوچن کي مطيع ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ وڏن ڪارنامن کان گهٽ نه هيون. جنهنڪري نيپئر توڙي هندستان جي وائسراءِ کي هن جي انهن خدمتن کان ڏاڍي خوشي ٿي.

مير رستم خان جو روهڙي ۽ اتر رياست وارو پاسو، جيڪو سرڪار ضبط ڪيو هو، تنهن جو گهڻو حصو مير علي مراد خان کي موٽائي ڏنو ويو. ليڪن سبزل ڪوٽ جيڪو مير رستم خان جو هو بهاولپور جي واليءَ کي ڏياريو ويو. ٻر وارا علائقا جيسلمير سان گڏ اتان جي راجه کي مليا. مير علي مراد خان انگريزن پاران ڏنل انهيءَ انعام تي راضي ڪونه ٿيو، سندس چوڻ هو ته قرآن تي جيڪي پرڳڻا مير رستم خان ڪيس لکي ڏنا هئا، اهي سڀئي ڪيس واپس ملڻ کپن. ان لاءِ هن وائسراءِ تائين لکپڙهه هلائي. آخر مياڻي جي جنگ کان پوءِ ١٨٤٥ع ۾ چارلس نيپئر جي سفارش تي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مير علي مراد خان جي وچ ۾ دنگن (سرحدن) جي صفائي لاءِ هڪ معاهدو ٿيو، جنهن موجب مير علي مراد خان کي جيڪو موروٿي حصو مليل هو، ان کان سواءِ مير رستم خان جيڪو قرآن تي ڪيس لکي ڏنو هو، سو سمورو علائقو ڪيس ڏنو ويو، جنهن ۾ نوشهرو، ڪنڊيارو، گاگن، خيرپور جو شهر،

رڻ يا ٽر، شاهه ڳڙهه، سردار ڳڙهه، نارو، اپاوڙو، خيرپور، ڏهرڪي، امام واهه، روپاهه ، ٻڙڊڪا، شڪارپور تعلقي مان ڪجهه حصا، موغلي، ميرپور ماٿيلو، سهڪجي، دادلو وغيره اچي ٿي ويا.

اهو معاهدو منظوريءَ لاءِ گورنر جنرل ڏانهن موڪليو ويو، پر ڪن سببن ڪري منظوري ملڻ ۾ دير ٿي ويئي، جنهن ڪري مير علي مراد خان کي اچي شڪ جاڳيو ته شايد چارلس نيپئر وچ ۾ ڪي رنڊڪون وڌيون آهن، ان ڪري ايتري دير لڳي وئي آهي. پر نيپئر هن کي اها خاطري ڏياري ته ائين نه آهي. انهيءَ منظوري ۾ پورا ڇهه سال لڳي ويا، ايتري ۾ ١٨٥٠ع ڌاري لارڊ ڊلهائو سي گورنر جنرل ٿيو، جيڪو پنهنجي سر سنڌ ۾ آيو. مير علي مراد خان وجي ساڻس ملاقات ڪئي. ان وقت بمبئي جو گورنر جارج ڪلارڪ ۽ سنڌ جو ڪمشنر پرنگل هو، جنهن کي سنڌ ۾ گورنر واريون اختياريون هيون.

انهيءَ وچ ۾ سرڪار کي مخفي طور معلوم ٿيو ته مير علي مراد خان مير رستم خان واري قرآن تي لکي ڏنل معاهدي ۾ جو نوناريڻ واري جنگ کان پوءِ لکيو ويو هو، پنهنجي پاران ڦير گهير ڪئي آهي. جهڙوڪ، ان ۾ جتي ٻه ديهه جو لفظ لکيل هو، اتي پرڳڻي جو لفظ وڌو ويو. آخرڪار انهيءَ ڳالهه جي گورنر جنرل ۽ ڪمشنر تحقيقات ڪئي ۽ اها تهمت مير صاحب تي هيٺين ماڻهن جي شاهدي سان ثابت ٿي وئي. اهي ماڻهو: مير علي مراد خان جو خاص وزير شيخ علي حسين ولد شيخ امام بخش اصل ويٺل انبٽه ضلع سهارنپور جنهن کي مير صاحب وٽان ڪنهن خيانت جي ڪري دربار مان تڙي ڪڍيو ويو هو، هيءُ انگريزن جو وڏو خير خواهه هو، ٻيو پير سيد علي گوهر شاهه صاحب راشدي (پاڳارو)، ٽيون منشي ذوقيرام، چوٿون منشي ٽنورمل ساڪر، جو پڻ ڪنهن ڏوهه جي ڪري جيل ۾ هو، شامل هئا. انهن پاڻ ۾ صلاح ڪري مير صاحب جي برخلاف سرڪار پاران قائم ڪيل ڪميشن اڳيان گواهي ڏني، جيڪا جاچ لاءِ ١٨٨٨ع ڌاري سکر ۾ ويهاريل هئي.

ڪميشن جو پريزيڊنٽ پرنگل سنڌ جو ڪمشنر هو ۽ ميجر جان جيڪب، سرحد وارو جنهن جي نالي جيڪب آباد شهر آهي، ميجر لئنگ ڪاٺياواڙ رياست جو پوليٽيڪل ايجنٽ ميمبر هئا.

مير علي مراد خان پنهنجي بچاءُ ۾ پهريائين شيخ علي حسين جي دشمني ڏيکاري ۽ مير علي گوهر راشديءَ جي اختلاف جو پڻ سبب ڄاڻايائين، ٽنورمل نالي

چپائين ته اهو ڪپتيو، خيانت ڪندڙ (خائن) ۽ قيدي آهي. وڌيڪ ثبوت لاءِ پنهنجي چاچي مير زنگي خان ۽ خاص ملازم محمد علي جلباڻي (مير رستم خان جي پياري ۽ خاص نوڪر)، قاضي محمد شڪارپوري، فتح محمد ولي، حاجي نوشڪي (ڪهڙن جي زميندار) ۽ ٻين جا نالا پيش ڪيائين جن زوردار شاهديون ڏنيون.

آخر ١٨٥١ع ۾ سرڪار هڪ اعلان وسيلي مير علي مراد خان جي خلاف فيصلو ڏنو، جنهن ۾ قرآن جي معاهدي موجب جيڪي علائقا مير رستم خان کان مير علي مراد خان کي مليل هئا، سي سرڪار پنهنجي قبضي ڪيا. مير صاحب کي فقط اهو ٽڪرو ڏنو ويو، جيڪو ڪيس سندس والد مير سهراب خان ورثي ۾ ڏني ويو هو. مير علي مراد خان کان هاٿوڪي سکر ضلعي جو وڏو حصو (١٩٣٦ع وارو سکر ضلع) ۽ نواب شاهه ضلع کسيا ويا. هن لاءِ رياست جي ريگستان وارو موجوده ٽڪرو وڃي باقي رهيا. جنهن جي انهيءَ زماني ۾ فقط اڍائي لک پيداوار هئي. (١)

مير علي مراد خان اپريل ١٨٥٦ع ۾ انگريزن جي فيصلي خلاف پنهنجي وڪيلن ذريعي لنڊن ۾ اپيل داخل ڪئي ۽ پاڻ به ان جي پيروي لاءِ اتي ويو، جتي ڏيڍ سال رهڻ کان پوءِ ناڪام ٿي واپس آيو. لنڊن وڃڻ کان اڳ مير صاحب پنهنجي پٽ مير شاهنواز خان کي پنهنجي جانشين مقرر ڪري، منشي ڪشن داس کي ان جو مشير بڻائي ويو هو. هيءُ پاڻ اڃا اتي هو ته هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي خلاف ١٨٥٧ع جي مشهور جنگ آزادي شروع ٿي.

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ميمبرن لنڊن ۾ مير صاحب کي درخواست ڪئي ته هيءُ پنهنجي جانشين مير شاهنواز خان کي انگريزن جي حمايت لاءِ خط لکي موڪلي. مير صاحب حڪم جي پوئواري ۾ مير شاهنواز خان ڏانهن خط لکي موڪليو، جنهن ان جي تعميل ڪئي.

مير علي مراد خان جي انهيءَ سلوڪ جو انگريزن تي ڏاڍو سٺو اثر پيو. ١٨٦٥ع ۾ جڏهن منسفليڊ سنڌ جو ڪمشنر ٿي آيو ته هن مير علي مراد خان کي سلامي ڏني ۽ توبن جا پنڌرهن ڌڪ، جيڪي سلاميءَ وقت ڪڍيا ويندا هئا، وري بحال ڪيا ويا.

اهڙيءَ ريت مير صاحب کي عملي طور رياست (خيرپور) جو والي تسليم ڪيو ويو. ١٨٩١ع ۾ انگريز حڪومت مير صاحب کي نائٽ گرانڊ ڪراس آف دي

(١) روزانه الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٩٣٦ع، ص ٩٩ کان ١٠٤.

انڊين ايمپائر (جي . سي . آءِ) جو خطاب عطا ڪيو.

مير علي مراد خان چئن مهينن جي بيماريءَ کان پوءِ رمضان مبارڪ ١٣١١هه (اپريل ١٨٩٤ع) ۾ وفات ڪئي. سندس لاش ڪربلا معليٰ موڪليو ويو، جتي هڪ خاص حجري ۾ ڪيس دفنايو ويو. (مترجم تاريخ خيرپور - مؤلف نسيم امروهي، ص ٧٠-٧١ جي حوالي سان.)

مشهور شاعر سيد غلام محمد شاهه گدا سندس وفات تي هڪ مرثيو لکيو، جنهن جي پوئين شعر مان تاريخ وفات ملي ٿي:

سـال نـقـش گـدا براءِ بهشت

گفت هاتف بهشت يافت مڪان، ١٣١١هه(١)

## مير فيض محمد خان:

مير علي مراد خان جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مير فيض محمد خان ٧-اپريل ١٨٩٤ع، ١- شوال ١٣١١هه تي گاديءَ تي ويٺو. اهو عيد جو ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن خيرپور ۾ وڏو جشن ڪيو ويو، جنهن ۾ رياست جو پوليٽيڪل ايجنٽ به شريڪ ٿيو. ملڪ هلائڻ لاءِ مير صاحب جي تقاضا موجب ساڳي سال خان بهادر قادر داد خان کي سرڪار پاران وزير مقرر ڪيو ويو. هيءُ تمام هوشيار ۽ آزمودگار عملدار هو. سندس ڪوشش سان ملڪ ۾ ڏاڍا سڌارا ڪيا ويا. هيءُ سپ ڪم سکر جي ڪليڪٽر جي مشوري سان ڪندو هو. سندس ايامڪاري اندر ساري رياست ۾ هڪ سو اسڪول کلي ويا ۽ خيرپور ۾ هڪ هندي اسڪول قائم ٿيو. شرعي نبيري لاءِ هڪ مفتيءَ جو تقرر عمل ۾ آيو. ٻيلا وڍائي اتي آبادي ڪرائي وئي. کوهه کوٽايا ويا ۽ پليون تيار ڪرايون ويون. ان جو اهو نتيجو ٿيو جو رياست جي اپت پنجن لکن کان وڌي پندرهن لکن تائين وڃي پهتي.

خيرپور ۾ هڪ وڏي لائبريري، اسپتال ۽ چار ديسي دواخانا کلي ويا. شاگردن جي رهڻ لاءِ بورڊنگ هائوس قائم ڪيو ويو. ڪراچي جي سنڌ مدرسي کي سالانه ڇهن هزارن جي گرانٽ سان گڏ ٻيا ڏهه هزار رپيا هاسٽل جي تعمير لاءِ ڏنا ويا ۽ هڪڙي ننڍي پلٽڻ به رياست ۾ رکي وئي.

خانبهادر قادر داد خان ٣١ مئي ١٩٠٣ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس جاءِ تي سردار محمد يعقوب خان وزير ٿيو. هن به رياست ۾ چڱا سڌارا ڪيا. وڏيڪ اسڪول کولايا ۽ هڪ انگريزي مدرسي جو بنياد رکيو. فيض محل ۽ ٻيون وڏيون عمارتون به

(١) الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ص ١٠٥.

سندس دور ۾ ٺهيون ۽ شهر ۾ فيض پريس قائم ٿي. هيءُ ١٩٠٧ع ۾ فوت ٿيو. مير فيض محمد خان ٥ مارچ ١٩٠٩ع تي ٧٤ ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪيو. ڪيس ٽي پٽ- مير غلام علي، جيڪو ننڍي ڄمار ۾ فوت ٿيو، مير امام بخش خان ۽ مير احمد علي خان هئا. مير احمد علي خان به جوانيءَ ۾ گذاري ويو. ان ڪري گادي جو وارث مير امام بخش ٿيو.

## مير امام بخش خان:

هيءُ ٦ مارچ ١٩٠٩ع تي گاديءَ تي ويٺو، سندس وزير شيخ محمد ابراهيم مقرر ٿيو، جو سردار محمد يعقوب خان اڳوٽي وزير جو ننڍو ڀاءُ هو. هن به پنهنجي ڀاءُ جي نقش قدم تي هلي رياست ۾ ڪي سڌارا ڪيا. شراب خوري ۽ بدڪاري جا اڏا ختم ٿيا. ١٩١٩ع ۾ آل انديا ايڊوڪيشنل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ساري هندستان جا ماڻهو، جيڪي تعليم سان دلچسپي رکندڙ هئا، اچي شريڪ ٿيا. ١٩٢٠ع ۾ هن وزير ۽ مير امام بخش خان جا پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري هيءُ رياست مان هليو ويو. ٨ فيبروري ١٩٢١ع تي هن جو انتقال ٿيو.

## مير علي نواز خان:

مير امام بخش خان جي وفات کان پوءِ هن جو وڏو پٽ مير علي نواز خان ١٣ فيبروري ١٩٢١ع تي گادي وسائي ويٺو. هن جي تعليم لاهور جي راجائن واري ڪاليج ۾ مڪمل ٿي هئي. پاڻ يورپ جو سفر به ڪيو هئائين. ماڻهن کي اميد هئي ته هيءُ رياست جو ڪاروبار سٺي نموني هلائيندو، پر ائين ڪونه ٿيو.

سندس دور ۾ رياست مان وزير جو عهدو ختم ڪري ان جي جاءِ تي ڪونسل مقرر ڪرڻ ۾ آئي، جيڪا اڳتي هلي ناڪام ثابت ٿي. آخرڪار هڪ انگريز کي منسٽر مقرر ڪيو ويو، جنهن سمورا اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکيا. مير صاحب راڳ رنگ جو گهڻو شوقين هو. رياست جي مسئلن سان ايتري دلچسپي ڪانه هيس. هن جي رحلت ٢٥ ڊسمبر ١٩٣٥ع تي ڪوٽڏجي ۾ ٿي (١)

## حيدرآباد جي ٽالپورن جو مختصر احوال:

**مير فتح علي خان:** ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ حيدرآباد واري حصي تي مير فتح علي خان ولد مير صوبدار خان ولد مير بهرام خان پنهنجي ٽن

(١) مير علي نواز کان پوءِ سندس پُٽ مير فيض محمدثاني بدران هن جو پوٽو مير علي مرادثاني گاديءَ تي ويٺو. ورهاڱي کان پوءِ رياست کي ختم ڪري سنڌ سان ملايو ويو.

پائرن- مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان، چار ئي پائر گڏجي چوياري جي صورت ۾ حڪومت هلائڻ لڳا. مير فتح علي خان ارڙهن سال آرام سان حڪومت ڪري ١٢١٧هه/١٨٠٢ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس تاريخ "جاءِ جنت نصيب فتح علي" مان نڪري ٿي. سندس ميت کي هالن واري خداآباد ۾ دفنايو ويو. وفات وقت هڪڙو پٽ صوبدار خان نالي پويان ڇڏيائين، جنهن جي عمر فقط هڪ ڏينهن هئي.

## مير غلام علي خان:

پاءُ کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو. هن جي زماني ۾ چانديءَ وارو رپيو ضرب ڪيو ويو، جيڪو تيموري رپئي کان تور ۾ تورو گهٽ هو. انهيءَ مير سان انگريزن ١٢٢٤هه/١٨٠٩ع ۾ معاهدو ڪيو. مير صاحب ١٢٢٧هه/١٨١٣ع ۾ وفات ڪئي. پونتان هڪ پٽ مير محمد خان ڇڏي ويو.

## مير ڪرم علي خان:

مير غلام علي خان کان پوءِ مير ڪرم علي خان گاديءَ جو مالڪ ٿيو. انهيءَ مير جي زماني ۾ رنجيت سنگهه سنڌ تي ڪاهيو، پر انگريزن جي وچ ۾ پوڻ ڪري ٺاهه ٿي ويو. شاهه شجاع بہ تڏهن هتي آيو. مير ڪرم علي ١٢٤٢هه/١٨٢٨ع ۾ دنيا مان هليو ويو. سندس وفات جو سال "بادابهشتش بارگاهه" مان ملي ٿو.

## مير مراد علي خان:

ٽنهي پائرن جي وفات کان پوءِ هيءُ گاديءَ نشين ٿيو. سندس دور ۾ انگريزن هڪ نئون معاهدو ڪري سنڌ ۾ درياهي واپار ۽ جهاز رانيءَ جو بنياد وڌو. شڪارپور وارو حصو شاهه شجاع ڦٻائي ويو. هن چار پٽ ڇڏي ١٢٤٩هه-١٨٣٣ع ۾ جهان ڇڏيو ۽ سندس ميت کي حيدرآباد ۾ دفنايو ويو.

## مير نور محمد خان:

مير مراد علي خان جي وفات کان پوءِ هن جو پٽ مير نور محمد خان گاديءَ تي ويٺو. سندس عزيزن مان: مير نصير خان سندس ننڍو پاءُ، مير محمد خان ولد مير غلام علي خان، مير صوبدار خان ولد مير فتح علي خان راڄ ۾ پائيوار هئا. مير نور محمد خان چڱي نموني راڄ ڪري ١٢٥٥هه/١٨٤١ع ۾ وفات ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ دفن ٿيو. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ ميرن جي حڪومت ختم ٿي وئي. (١)

---

(١) [هِن سال، مير نصير خان حاڪم هو، پوءِ مياڻي جي جنگ لڳي، ۽ ١٧-فيبروري ١٨٤٣ع تي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.] [مدير]

## ميرپورخاص جا ٽالپور:

ميرپورخاص جي ٽالپورن مان مير ٿاري خان جو بہ سنڌ فتح ڪرڻ ۾ هٿ هو، جنهن کي ٿرپارڪر وارو ملڪ حصي ۾ ڏنو ويو. مير ٿاري خان جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مير علي مراد خان (ميرپوري) گاديءَ تي ويٺو. هيءُ درويش دل ۽ نيڪ بخت انسان هو. هن ١٢٥٢هه-١٨٣٧ع ۾ بہ پٽ پويان ڇڏي وفات ڪئي. سندس پٽن جا نالا هيءَ آهن: مير شير محمد خان ۽ مير جان محمد خان.

مير شير محمد خان وڏو بهادر شخص هو. انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ سيئي مير سنڌن پيش پيا، تڏهن بہ هيءُ مقابلو ڪندو رهيو. هيءُ فوجي مدد لاءِ قنڌار ويو، پر انهن ساڻس ڪابہ مدد نہ ڪئي. جنهن کان پوءِ لاچار ٿي پنجاب سرڪار جي پيش پيو. کيس بمبئي، پوني، سورت، ڪلڪتي ۽ هزاري باغ ۾ نظربند ڪري رکيو ويو. مگر پوءِ کيس آزادي ملي ۽ وطن واپس اچي سرڪاري وظيفي تي گذران ڪندو رهيو. ١٨٦٧ع ۾ کيس سنڌ جي ڪمشنر پاران ستاره هَند جو تمغو لقب سميت ڏنو ويو. پاڻ ميرپورخاص ۾ ١٢٩٤هه-١٨٧٧ع ۾ فوت ٿيو. (١)

*

(١) الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ١٦- جون ١٩٣٦ع، ص ١٠٥ع کان ١٠٨.

## (٧)

## مير واعظ:

مير واعظ جو خاندان سدوزئي ۽ محمد زئي خانوادي جي دور ۾ ڪابل اندر وڏي شهرت وارو هو. سندس وڏا مير سيف الدين جي اولاد مان هئا، جنهن لاءِ غلامي ڪوهستاني جنگنامه ۾ لکي ٿو:

مير واعظ، سيف الدين ولي جي اولاد مان اصلي نسلي سيد آهي.

مير واعظ، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي شاهه شجاع جي تخت نشيني جي اوائل ۾ اچي ٿو، جو اصل نالو سيد احمد ۽ خانداني لقب مير واعظ هو. هيءُ اهل سنت جو هو ۽ شيعن سان مخالفت تي رکيائين. پاڻ جامع مسجد پل خشتي ڪابل ۾ پيش امام هو. هن جو وزير شير محمد سان گهرو لاڳاپو هو. جڏهن وزير موصوف محمود شاهه ولد تيمور شاهه کي شاهه شجاع بدران تخت تي ويهارڻ تي گهريو ته مير واعظ، محمود شاهه کي معزول ڪرائڻ تي چاهيو. ١٢١٩هه/١٨٠٤ع ۾ ڪابل ۾ شيعن- سنين جو فساد شروع ٿيو ته مير واعظ، شيعن جي قتل عام جي فتوا جاري ڪئي. جاهل ماڻهو هڪدم شيعن جي گهرن تي ڪاهي پيا ۽ عام خونريزي ٿيڻ لڳي. شير محمد خان ۽ سردار احمد خان محمود شاهه طرفان انهيءَ جهيڙي ٽارڻ لاءِ آيا، پر ويتر وڳوڙ وڌي ويو ۽ محمود شاهه کي ماڻهن تخت تان لاهي قيد ۾ وڌو، پوءِ شاهه شجاع کي تخت تي ويهاريائون. هن واقعي ۾ مير واعظ جو وڏو هٿ هو. (١)

مير واعظ کي اڳتي هلي ڪابل ۾ قتل ڪيو ويو. سندس جاءِ تي هن جي پٽ مير معصوم عرف "حافظ جي" کي گاديءَ تي ويهاريو ويو. ١٢٥٥هه/١٨٣٩ع ۾ انگريز جو لشڪر شاهه شجاع سان ڪابل تائين آيو ته مير معصوم شورش شروع ڪئي ۽ ڪابل جي اتر ڪوهستان ۾ اتان جي حاڪم سردار شير علي تي ڪاهه ڪيائين ۽ کيس چاريڪار ۾ گهيرو ڪري ويٺو. ان ڳالهه امير دوست محمد خان کي نقصان رسايو ۽ هو ڪابل ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي پيو (٢)

---

(١) سراج، ١-٦٦. تاريخ سياسي افغانستان ٧٦ افغانستان، ١٢ عروج بارڪزيان ٣٦. تاريخ افغان فريئر ٨٨. سلطنت ڪابل ١٣٣. واقعات شاهه شجاع ٩. (٢) سراج ١-١٥٢.

ڪوهستان جي هن شورش ۾ ڪنهن اجنبيءَ جو هٿ هو. موهن لال لکي ٿو ته:
"غلام محمد خان پوپلزئي، انگريزن کان چاليهه هزار رپيا ڪابل جي پوڪر صراف وسيلي وٺي، ڪابل جي خواجه خانجي ۽ شيرين خان چنڈاولي کي ڏياري، اها شورش ڪرائي هئي ته جيئن امير دوست محمد خان ڪابل کي انگريزن جي حوالي ڪري هليو وڃي." (١)

پر ڪوهستان جا ماڻهو انگريزن جا طرفدار نه هئا. سندن خيال هو ته ائين ڪرڻ سان شاهه شجاع بي فڪر ٿي ڪابل تي حڪم هلائيندو ۽ ڪيس ڪنهن ٻئي جو محتاج نه ٿيڻو پوندو. جيئن غلام محمد غلامي جنگنامه ۾ لکيو آهي ته مير مسجدي خان، علي خان ۽ محمد شاهه خان وغيره هن شورش ۾ حافظ جي جا ساٿياري هئا. انهن کي اول شاهه شجاع ڏانهن اماڻيو ويو ته ساڻن سات ڏئي، پر شاهه شجاع پاڻ کي بي اختيار ڄاڻائي، هنن جي سات ڏيڻ کان لنوائي ويو.

ان کان پوءِ انهن انگريزن خلاف جهاد جو اعلان ڪيو ۽ پچاڙيءَ تائين انگريزن سان لڙندا آيا. "حافظ جي" هميشه شاهه شجاع جي دوستيءَ ۾ ساٿس سات ڏيندو آيو. اهو سمورو احوال غلامي ڪوهستاني جي جنگنامي ۾ بيان ٿيل آهي. انهيءَ زماني ۾ برنس ڪن ماڻهن کي اتر ڪابل جي جاچ لهڻ لاءِ اماڻيو. اهي هندوڪش کان ٿيندا بغلان ۽ قندوز تائين ويا، پر موٽ تي جڏهن پنجشير پهتا ته ڪابل نه پئي وڃي سگهيا. شاهه شجاع "حافظ جي" کي سفارش ڪئي، تنهن کان پوءِ اهي سندس مريدن جي نگهباني ۾ ڪابل وڃي پهتا. انهيءَ واقعي کان پوءِ "حافظ جي" (مير معصوم واعظ) گذاري ويو.

مير معصوم ڏاڍو دانشمند ۽ فارسي زبان جو شاعر هو. تخلص واعظ هيس. هن سياسي، عرفاني شخصيت وڏا ڪم ڪري ڏيکاريا. هن جو شاهي درٻارين کان وٺي عام ماڻهن تائين وڏو اثر هو. محمود شاهه افغان توڙي امير دوست محمد خان کي هن ئي تخت تان لهرائي ڇڏيو هو.

*

(١) حيات امير دوست محمد خان، موهن لال ٢-٢٧٤.

## (٨)

## وزير اڪرم خان امين الملڪ باميزئي پوپلزئي :

وزير محمد اڪرم خان امين الملڪ، احمد شاهي درٻار جي هڪ درٻاري حاجي ڪريمداد خان پوپلزئي باميزئي، عرض بيگي جو پٽ هو، جيڪو نور محمد خان بابڙيءَ جي مرڻ کان پوءِ انهيءَ رُتبي تي رسيو. هيءُ مالياتي دفترن جو ناظم هو. هي محمود شاهه ۽ شاهه شجاع جي دور ۾ وزير رهندو آيو. هن جو خاندان زمان شاهه جو حامي هو. ١٢١١هه ۾ جڏهن زمان شاهه جو ڀاءُ محمود شاهه هرات ۾ شورش ڪرڻ لڳو تہ وزير اڪرم خان جي ڀاءُ زمان خان ان جو اطلاع شاهه زمان کي ڏنو، جنهن کان پوءِ عطا محمد خان، محمود شاهه جي سپهه سالار کي وجي قتل ڪيو ۽ محمود شاهه کي شڪست اچي وئي (١). ان کان پوءِ هن جو هرات ۾ پتو پوي ٿو، جتان هن ۽ سندس ڀاءُ زمان خان محمود شاهه کي ڪڍيو هو. جڏهن زمان شاهه هرات ۾ آيو تہ هنن ٻنهي ڀائرن تي نوازشون ڪيون هئائين (٢)

شاهه زمان جي انڌي ٿيڻ کان پوءِ ساڳيو وزير اڪرم خان محمود شاهه جي درٻار سان واسطو رکندو آيو. ١٢١٦هه ۾ شاهه شجاع پشاور ۾ وڳوڙ ڪيو تہ هيءُ ستر سوار ساڻ ڪري وجي ان سان گڏيو. جڏهن شاهه شجاع ١٢١٩هه ۾ تخت تي ويٺو تہ اهوئي اڪرم خان سندس وزير ٿيو.

شاهه شجاع جڏهن ڪابل ۽ غزني مان شهزادي ڪامران تي چڙهائي ڪئي تہ اڪرم خان ۽ غفور خان پوپلزئي پنجن هزارن شاهي سوارن جي قرهہ واري ماڳ تي قيادت پئي ڪئي. ڪامران انهن جي مقابلي بدران فراهہ ڏانهن نڪري ويو. پوءِ محمد اڪرم شاهه شجاع الملڪ کان وزير فتح خان کي معافي وٺرائي ڏني. خود شاهه شجاع ان بابت لکي ٿو:

"امين الملڪ جي خدمتن کي ڏسندي سندس پاس خاطري جي خيال کان مون فتح خان کي معاف ڪري ڇڏيو. امين الملڪ کنهن ڏينهن موڪل وٺي وزير فتح خان کي شاهي درٻار ۾ رسايو." (٣)

---

(١) تيمور شاهه دراني ص ١٢٥. (٢) سراج ١-٥٣ (٣) سراج ١-٦٣، واقعات ٢٣ سراج ١-٧٣.

وزير اڪرم خان جي شاھہ شجاع جي درٻار ۾ گهڻي رسائي هئي، جا ڳالهہ شير محمد خان (ڏسو تعليق ١٠) کي پسند نہ هئي، تنهن ڪري هن جي ساڻس دشمني ٿي پئي ۽ هن شاھہ شجاع کان منهن موڙيو. انهيءَ دوران پشاور جي اتر ۾ جنگ ڪندي مارجي ويو. انهيءَ جنگ ۾ بہ وزير اڪرم خان شاھہ شجاع سان گڏ هو. (١) ١٢٢۴ھہ ۾ شاھہ شجاع پشاور مان ٻارهن هزار سوار پنهنجي پٽ منصور جي سرڪردگيءَ ۾ ڏانهنس ٿي موڪليا تہ اڪرم خان ۽ سردار مدد خان اسحاق زئي انهيءَ لشڪر جا سربراھہ هئا.

انهيءَ زماني ۾ انگريزن جو پهريون سياسي وفد ايلفنسٽن جي رهنمائي ۾ پشاور جي بالا حصار ۾ اچي شاھہ شجاع سان مليو، جنهن جي پذيرائي اڪرم خان ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ ١٧ جون ١٨٠٩ع واري معاهدي (١٢٢۴ھہ) کان پوءِ هيءُ ڪشمير هليو ويو. اتي پهچي هن جو مدد خان سان اختلاف ٿي پيو، جنهن ڪري هيءُ وري واپس پشاور هليو آيو. (٢)

انهيءَ وقت محمود شاھہ ۽ وزير فتح خان ڪابل مان لشڪر سنبرائي شاھہ شجاع جي مقابلي لاءِ آيا. شاھہ شجاع جا لشڪري جلال آباد کان روانا ٿي نملي واري هنڌ پهتا، جتي ٻنهي پاسن کان لڙائي شروع ٿي وئي. مدد خان اسحاق زئي، جيڪو شاھہ شجاع جي ڇهن هزارن لشڪرين جو سپهہ سالار هو، ڦري وڃي محمود شاھہ سان مليو. اڪرم خان ۽ غفور خان پنج سو سوار وٺي محمود شاھہ جي سامهون آيا تہ وزير فتح خان جي ترار سان اڪرم خان قتل ٿي ويو. غفور خان جيئرو گرفتار ٿي پيو ۽ ڪيس قتل ڪيو ويو. شاھہ شجاع شڪست کائي پشاور پهچي ويو. اهائي عاقبت وزير اڪرم خان جي، جيڪو ١٢٢۴ھہ ۾ مارجي ويو، جنهن کي شاھہ شجاع نمڪ حلال، سچار ۽ وفادار ڪري ليکيو آهي. (٣)

امين الملڪ وزير اڪرم خان کي سردار عبدالسلام خان نالي پٽ هو، جيڪو حياتي جي پڇاڙيءَ تائين شاھہ شجاع سان گڏ رهيو. صفر ١٢٥٨ھہ ۾ شاھہ شجاع قتل ٿيو. سندس شهزادو فتح جنگ ڪابل ۾ شاهي تخت تي ويٺو تہ عبدالسلام ان ڪان پاسو ڪري پنهنجا سوار وٺي وڃي نواب محمد زمان خان بارڪزئي سان مليو ۽ فتح جنگ کي شڪست ڏياريائين. (۴)

(١) واقعات ٢٣، سراج ١-٧٣.
(٢) واقعات ٢٩، سراج ١-٧٧.
(٣) واقعات ٣٣، سراج ١-٨٠.
(۴) سراج، ١-١٨٣.

ڪتاب جي مؤلف (مرزا عطا محمد) وزير اڪرم خان بابت پهرين باب ۾ لکيو آهي تہ هي ١٢٢٥هہ ڌاري شاهہ شجاع سان گڏجي شڪارپور آيو هو، پر اها ڳالهہ مڃڻ کان پري آهي، ڇو تہ وزير اڪرم خان نملي واري جنگ ١٢٢٤هہ ۾ قتل ٿي چڪو هو، جيئن بيان ٿي چڪو آهي.

فيض محمد چواٽي: شاهہ شجاع سنہ ۾ ١٢٢١هہ ڌاري آيو هو ۽ انهيءَ سال قرباني واري عيد ديري غازي خان ۾ ڪئي هئائين (١). شاهہ شجاع پنهنجي ڪتاب واقعات ۾ ان بابت ڪجهہ نہ لکيو آهي تہ ڪڏهن سنڌ ۾ وارد ٿيو هو.

*

(١) سراج ١-٧١.

## (٩)

## نواب ولي محمد خان لغاري:

پنهنجي دور جو بلند رتبي وارو مدبر شخص ٿي گذريو آهي. سنڌ ۾ تڏهن سندس جهڙو ورلي ڪو دلير ۽ دانشمند هوندو. هيءُ لغاري بلوچن جي قبيلي مان نامور شخصيت وارو هو: جنهن جو سنڌ ۽ پنجاب جي تاريخ ۾ وڏو نالو آهي. سندس والد نواب غلام محمد خان لغاري ٽالپورن جي وڏي بهرام خان جي سا ٿارين مان هو، جنهن ميان سرفراز ڪلهوڙي جي درٻار ۾ وڏو مان ٿي رکيو. پاڻ ربيع الاول ١١٨٩هه-١٧٧٥ع ۾ مير بهرام سان گڏ قتل ٿي ويو هو. (١)

هن جو پٽ ولي محمد خان مير فتح علي خان جي درٻار ۾ آيو. هالاڻي واري جنگ ۾ سنڌ جي آخري ڪلهوڙي حڪمران ميان عبدالنبي خان سان ١١٩٦هه ۾ چڱي دليري ڏيکاريائين. جڏهن مير فتح علي خان فتحياب ٿي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو ته هن کي خاص مقرب ۽ مدار المهام ڪري رکيائين. هن جيڪي سياسي ۽ لشڪري ڪارناما ڪري ڏيکاريا، تن بابت ڪتاب (نواءِ معارڪ) ۾ تفصيلي ذڪر اچي چڪو آهي، ته ڪهڙي نموني بارڪزين سان منهن ڏيندو رهيو ۽ شاهه شجاع کي شڪارپور مان ڪڍڻ لاءِ ڪيڏي حڪمت عملي کان ڪم وٺي ڪامياب ٿيو. انهيءَ لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو ته هن واقعي بي مثال ملڪي ۽ سياسي خدمتون سرانجام ڏنيون. نواب ولي محمد خان کي چانڊڪا پرڳڻو جاگير طور مليل هو. حيدرآباد جو ٽنڊو ولي محمد به سندس نالي قائم ٿيو آهي. هن جي وفات کان پوءِ ميرن جو پاڻ ۾ نفاق پيدا ٿي پيو، جنهن آخرڪار دشمني واري صورت اختيار ڪري ورتي ۽ ملڪي توڙي لشڪري نظام ۾ ابتري اچي وئي.

سنڌ جي ڪمشنر جو معاون جي پولن لکي ٿو ته لغاري رند بلوچن جو هڪ قبيلو آهي، جيڪو ميجر گولڊ سمٿ چواڻي هن جي وڏي (٢) مير چاڪر خان جي ميري لباس سبب انهيءَ نالي سڏجي ٿو. وليج وري ان جي معنيٰ نهل ۽ ڪمزور ٻڌائي

---

(١) تاريخ سنڌ مولانا مهر ٢-٧٧.

(٢) History of Alie nation in Sindh.

ٿو. اوائل ۾ لغارين جي رهائش ديري غازي خان لڳ چوٽي ۾ هوندي هئي، جتي اجا تائين (١٨٤٠ع) هنن مان ٻه سردار جمال خان ۽ جلال خان رهن ٿا. لغارين مان هيٺين قبيلن کي جاگيرداري آهي ، بزدار (ٻڪريون ڌارينڌڙ) علياڻي، برهماڻي، عيساڻي ۽ ڪچائي. شروعات ۾ هنن سڀني جو سردار ماڻڪ خان علياڻي هو. پوءِ سندس ڀاءُ محمد خان سرداري جي پڳ ٻڌي. پڇاڙيءَ ان جو پٽ امير علي سردار ٿيو، جنهن کي انگريز حڪومت ڪارداري ڏني.

برنس پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي دربار" ۾ لکيو آهي تہ ولي محمد خان ۽ سيد اسماعيل شاهہ سنڌ جي ميرن جا وڏا وزير هئا. ميرن ولي محمد خان کي وزير جي خطاب سان ٿي سڏيو. بلوچ جيڪي ميرن جي وڏي ٽيڪ ليکيا وڃن ٿا، تن سڀني جو تعلق ولي محمد خان سان رهي ٿو. سندس چمار ستر ورهيہ ٿيندي. هن جو پٽ احمد خان ٽيهارو ورهين جو ٿيندو، پر ان ۾ اهڙيون صفتون ڪونہ آهن نہ وري منجهس ڪا لياقت آهي.

نواب ولي محمد خان شاعر بہ آهي. سندس شعر عالماڻا آهن. فارسيءَ ۾ هيءُ هوشيار ۽ وڏو ليکڪ آهي. طب تي بہ هڪ ڪتاب لکيو اٿائين. سنڌ ۾ هن جي ڏاهپ جي ڌاڪ آهي. طب ۾ هڪڙو ٻيو ڪتاب هن جي پاران سنڌ جي شهزادي مير مراد علي خان جي نالي (طب مراد) لکيل آهي.

ولي محمد خان ١٨٢٣ع ۾ شڪارپور تي حملو ڪيو ۽ نوشهري ابڙي جو ڪوٽ تيار ڪرايائين. هيءُ عام ماڻهن ۾ مقبول هو ۽ سنڌ جي ميرن جو وڏو وفادار ثابت ٿيو. سال ١٨٣٢ع/١٢٤٧هہ ۾ هيءُ فاني جهان ڇڏيائين.

هن ڀلاري شخص جون علمي ادبي خدمتون بہ ساراهڻ جوڳيون آهن. فارسي ۾ سندس تخلص ولي هو. هڪ شاعري جو ديوان، مثنوي هير رانجها ۽ طب ۾ معالجات امراض يادگار ڇڏي ويو آهي. ڊاڪٽر سدارنگاڻي (١) جي لکت موجب نواب ولي محمد خان ١٢٢٢هہ/١٨٠٧ع ۾ پنهنجو ديوان تيار ڪيو، پر مثنوي هير رانجها ۽ بہ ساقي ناما ١٢٢٧هہ/١٨١٢ع کان پوءِ لکيائين.

مثنوي هير رانجها ۾ چئن يارن، امامن ۽ مير ڪرم علي خان، مير مراد علي ۽ مير محمد جي مدح ۽ منقبت کان پوءِ محمد شاهہ سدوزئي (ابدالي جي اولاد) جي سنڌ تي چڙهائي کان پوءِ اصل داستان تائين پهچندي پنجاب جي ساراهہ ۾ چوي ٿو:

(١) سنڌ جا فارسي شاعر (انگريزي ۾) ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي (جنهن ويجهڙائي ۾ ١٩٩٢ع ۾ لاڏاڻو ڪيو آهي.)

"پنجاب اهڙو ملڪ آهي جنهن تي
ڪشمير به ريس ڪري ٿو.
هيءُ حسن جي بهشت جو
چئڻ ڪو باب آهي
هتي هر طرف ڪوثر وانگي
پاڻيءُ جون نهرون وهن ٿيون
هن جي آب هوا وڻندڙ آهي
هن جو حسن هوش ربا آهي
هتي جا گل عذار، گلرخ ۽ گل رو،
چڻني پاسين تلندا رهن ٿا
انهن محبوبن جو اصل حسن
پيو ڪٿي نظر ڪونه ٿو اچي
هتي عشق جا بادشاهه آهن
ته معشوق مصر ملڪ جهڙا آهن
عشق جيڪو پوڙهي کي جوان ڪري
ڪمزور مرد کي به شهزور ڪري
عشق کي جسم جان ڪونهي
نه وري هن کي ماني پاڻي گهرجي
عشق دل ۽ جان جو سينگار آهي
دل جي تخت جو سلطان آهي." (١)

تڪمله مقالات الشعراء ۾ ابراهيم خليل ٺٽوي هن خاندان جا ٻيا شاعر به ذڪر هيٺ آندا آهن، جن بابت پير حسام الدين راشدي حاشين ۾ تفصيل ڏنو آهي. انهن ۾ غلام محمد خان نگار، نواب علي محمد خان، نواب الهداد خان ۽ نواب ولي محمد خان ثاني جو ذڪر ٿيل آهي. (٢)

وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاري هالاڻي واري فيصله ڪن جنگ ١١٩٦هه-١٧٨٢ع ۾ پنهنجي سڄي قوم لغاري سان سرڪار مير فتح علي خان جي لشڪر ۾ شامل هو. هن جنگ ۾ ڪلهوڙن کي مڪمل شڪست نصيب ٿي ۽ ان کان پوءِ

(١) مثنويات هير رانجها، ص. ٢١٨
(٢) تڪمله ص. ٤٥٥ حواشي، سيد حسام الدين راشدي.

سنڌ ۾ ٽالپوري دور جو آغاز ٿيو، جنهن ۾ پهرين چوياري جا چار امير پائر گڏجي حڪومت هلائڻ لڳا. ميرن جي انهيءَ پهرين چوياري وارو دور سونهري دور ڪري ليکجي ٿو، انهيءَ سونهري دور جي اهم شخصيت وزيراعظم نواب ولي محمد خان هو.

سرڪار مير فتح علي خان جي دور ۾ ئي نواب ولي محمد خان کي ڏيهي توڙي پرڏيهي وزارت جا اهم عهدا ڏنا ويا. ان کان پوءِ ٻنهي اميرن جي وقت ۾ نواب صاحب جي اختيار ۾ برابر واڌارو ٿيندو رهيو. پاڻ هر ميدان ۾ هڪ ماهر شهسوار وانگر ڪامياب ۽ ڪامران رهندو آيو ۽ هر فن ۾ پنهنجي خداداد صلاحيتن سببان فتح مند ۽ ظفرياب رهيو.

مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جو مٿس گهڻو اعتماد هو. مير صاحبن طرفان ڪيس وزير بينظير جو خطاب مليو ۽ وزارت عظميٰ جو قلمدان سندس حوالي ٿيو، جيڪو آخري دم تائين وٽس رهيو.

وزيراعظم نواب ولي محمد خان پنهنجي دانائي، دور انديشي ۽ حڪمت عملي سبب جهڙو پنهنجي اميرن وٽ سرخرو هو. تهڙو سنڌ جي عوام ۾ پڻ مقبول هو. ايتري قدر جو دشمن به سندس ساراهه ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو انگريزن به سندس روشن دماغ ۽ اعليٰ صلاحيتن کي ڏسي چئي ڏنو ته سنڌ جي حڪومت ۾ جيسين نواب ولي محمد خان جهڙي مدبر شخصيت موجود آهي، تيسين ڪوبه ڌاريو سنڌ کي فتح ڪري نٿو سگهي.

وزيراعظم نواب ولي محمد خان ١٨٣٢ع ۾ هيءَ دنيا ڇڏي. ان بعد سندس وڏو فرزند نواب احمد خان هن جي جاءِ تي مسند نشين ٿيو. هي ٻي ڏيو ۽ ڏهڪي وارو امير هو. ميرن جي ٻي چوياري ۾ مير صاحبن مير نور محمد خان، مير محمد نصير خان ۽ سندس سوٽن مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان جي گڏيل حڪومت ۾ وزير هو. انهيءَ ٻي چوياري جو پهريون امير نور محمد خان خاص طرح نواب احمد خان جو گهڻو خيال رکندو هو. نواب احمد خان عملي طرح ڇڻ وزيراعظم هو. درٻاري معاملن توڙي راڄوڻي فيصلن ۾ نواب صاحب جي راءِ کي وڏي اهميت حاصل هئي. پاڻ لغاري قوم جي طاقتور قبيلي جو سردار به هو.

مير نور محمد جي وصال کان پوءِ، مير نصير خان جي وقت ۾ مير صاحبن جي گهرو نااتفاقي ۽ پاڻ ۾ بي اعتمادي سبب، نواب صاحب نااميد ٿي درٻاري سياست ۽ اقتدار جي فضول ڇڪتاڻ کان بيزار ٿي، لاڙڪاڻي طرف وڃي پنهنجي جاگير ۾ رهائش اختيار ڪئي. مگر جڏهن انگريزن سنڌ جي آزاد ۽ خودمختار حڪومت کي غلام بنائڻ لاءِ بدنيتي ۽ عهدشڪني اختيار ڪئي ته هن بهادر سالار انگريزن سان مقابلي

جي شروعات ڪئي ۽ پنهنجي اميرن، ملڪ ۽ عوام سان وفاداري جو ثبوت مهيا ڪيو.

مياڻي جي جنگ توڙي ڊبي واري لڙائي ۾ هڪ سپهه سالار جي حيثيت سان انگريزن سان لڙيو. ١٨٤٣ع ۾ سنڌ انگريزن جي هٿ اچڻ کان پوءِ بلوچستان ۽ پنجاب ۾ وڃي اتان جي قبائلي سردارن ۽ بلوچ اميرن کي انگريزن خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ لڳو، مگر ان ۾ ڪا خاص ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهيو. آخرڪار ڇهن سالن جي جلاوطني کان پوءِ انگريزن جي اجازت ملڻ تي سنڌ ۾ واپس آيو. سنڌ واپس پهچڻ تي هيءُ پهريون سردار هو، جنهن انگريزن جون ڏنل جاگيرون، جن جي ايراضي اٽڪل اڍائي پوڻا ٽي لک جريب هئي، وٺڻ کان انڪار ڪيو.

هن امير بي عديل نهايت سادگي ۽ درويشي واري زندگي بسر ڪندي ٢١ فيبروري ١٨٧٠ع تي وفات ڪئي. ان وقت سندس رهائش گاهه ديهه مرزا پور جاگير (تعلقي سڪرنڊ) تي هئي، هن جي جسد خاڪي کي امانت طور اتي ئي رکيو ويو، جتان پوءِ درگاهه جهوڪ شريف تي ڪٺائي دفن ڪيو ويو. هتي چوڪنڊي شريف جي صحن ۾ سندس مزار آهي.

سنڌ جي لغاري نوابن جو هيءُ خاندان پهريان ئي درويشن ۽ ولين جو معتقد ۽ مريد هو، مگر نواب احمد خان ۽ سندس چاچو نواب غلام الله خان (عمرڪوٽ جو گورنر) سندس اولاد سميت اهي ئي جهوڪ شريف جي ولي حضرت فضل الله شاهه قلندر "داتا پير" جا سڌا سنوان مريد ٿيا. اهو سلسلو اڄ سوڌو هلندو اچي ٿو.(١)

*

(١) مضمون امداد علي لغاري، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ ١٩٨٣ع جي حوالي سان. -مترجم.

# نواب ولي محمد خان لغاري جي اولاد جو شجرو

جام دودو پٽ منگن خان




ورتل: تاريخ ملاڪي سنڌ، ص. 2- 203 ڪانپوءِ- تاريخ سنڌ، از قليچ بيگ، 2-312 (انگريزي)- تڪمله مقالات الشعراء، حاشيو، ص. 455 (فارسي).
قديم سنڌ، از قليچ بيگ 448.

ڪيو ويندو.“ (١)

شير محمد خان کي عبدالله خان کي سڌو ڪرڻ لاءِ ڪشمير موڪليو ويو. جتي ٻنهي جي جنگ لڳي. آخر عبدالله خان شڪست کائي وڃي ڪشمير جي قلعن ۾ لڪي ويهي رهيو، جيڪي ڪوهستان پاسي هئا. اتي انهيءَ سال خناق جي مرض ۾ مري ويو. شاهه شجاع شير محمد خان جي پٽ سردار عطا محمد خان باميزئي کي ڪشمير ڏياري موڪليو. (٢)

ليڪن هن ڪتاب ۾ عطا محمد خان بارڪزئي بدران سردار عطا محمد خان الڪوزئي لکيو ويو آهي (ڏسو باب ٢) جيڪو درست ناهي. اهو عطا محمد خان مختار الدوله شير محمد خان جو فرزند ۽ وزير شاهه ولي خان جو پوٽو هو، جيڪو باميزئي پوپلزئي هو ۽ نه الڪوزئي! خود مؤلف ان کي هڪ صفحو اڳ ۾ باميزئي لکيو آهي. اهو عطا محمد ڪشمير ۾ ڪئي سال حاڪم رهيو ۽ ماڻهو ڪانئس راضي هئا. هيءُ سدوزئي باد شاهن جي خاندان جوبه مطيع هو. پر جڏهن مختارالدوله اتر پشاور واري جنگ ۾ شاهه شجاع جي لشڪرين سان مقابلو ڪندي مارجي ويو ته عطا محمد به شاهه شجاع جي خلاف ٿي پيو. ١٢٢٥هه کان پوءِ شاهه شجاع، عطا محمد خان جي پائرن جهانداد خان ۽ سمندر خان جي ڪوشش سان گرفتار ٿي پيو، جنهن کي عطا محمد خان ڏانهن ڪشمير موڪليو ويو. ڪيس (شاهه شجاع کي) بالاحصار ۾ قيدي ڪري رکيو ويو.

شاهه محمود (محمود شاهه) وزير فتح خان کي پنهنجي ڀاءُ شاهه شجاع جي رهائي لاءِ ڪشمير فتح ڪرڻ ۽ عطا محمد کان وير وٺڻ لاءِ ڏياري موڪليو. جيئن هن ڪتاب ۾ آيل آهي. انهيءَ عطا محمد خان کي ڪشمير مان ڪڍيو. هيءُ نهايت هوشياريءَ سان پنهنجا جواهرات وزير فتح خان کان لڪائي ڪٽي ويو. (٣) وزير فتح خان ڪشمير فتح ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڀاءُ محمد عظيم خان کي ڪشمير جو حڪمران مقرر ڪيو ۽ شاهه شجاع کي به قيد مان آزاد ڪيائين. انهيءَ موقعي تي هيءُ بيت مشهور آهي:

محمد جي عطا اسان کان کسي.
اسان تي عظيم بلا نازل ڪئي وئي!

(١) ڏسو تعليق نمبر ٥. شير محمد خان بابت.
(٢) هي ڪتاب ۽ سراج ١-٨٥- واقعات ٤٣.
(٣) هي ڪتاب ۽ سراج ١-١٠٠.

مؤلف هن ڪتاب ۾ سن مقرر ڪرڻ لاءِ غور نہ ڪيو آهي. عطا محمد خان جڏهن وزير فتح خان کي فريب ڏئي قنڌار هليو ويو تہ اتي محمود شاهہ ۽ زمان شاهہ وٽ پهتو ۽ ڪيترا سال هرات، قنڌار ۽ ڪابل ۾ رهيو. جمادي الآخر ١٢٣۴هہ ۾ هن کي هرات جي حڪمران حاجي فيروزالدين پاران تربت شيخ جام ۾ شهزادي حسن علي مرزا قاچار ڏانهن سفارت طور موڪليو ويو، پوءِ ١٢٣۴هہ جي اوائل ۾ جڏهن وزير فتح خان کي شهزادي ڪامران جي حڪم سان هرات ۾ اکين کان انڌو ڪيو تي ويو تہ اهو عطا محمد خان اتي موجود هو. ايتري قدر بہ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هن جي وزير فتح خان سان ڪشمير جي جيڪا دشمني پيدا ٿي، تنهن جي بدلي ۾ پاڻ وزير فتح خان جي اکين ۾ تتل لوهي سيخ گهمائي هئائين.

ان کان پوءِ هيءَ ڪامران جي پٽ شهزادي جهانگير سان ڪابل کي امير دوست محمد خان جي حملي کان بچائڻ لاءِ ويو. اتي امير دوست محمد خان ۽ سندس پائرن جي ور چڙهي ويو، جن ڪابل ۾ هن جون اکيون ڪڍي وزير فتح خان جو وير وٺي ڇڏيو. (١) اهڙيءَ طرح شاهہ ولي خان باميزئي جي خاندان جي فرد جو اهو حشر ٿيو.

*

(١) هي ڪتاب ۽ سراج ١-١٠٠.

## (١٢)

## مهاراجا رنجيت سنگهہ (١٧٨٠ع - ١٨٣٩ع):

پنجاب ۾ سک حڪومت جو پايو وجهندڙ ۽ هندستان جي مشاهير مان مشهور شخصيت وارو ٿي گذريو آهي. هيءُ سردار موهن سنگهہ جو پٽ ۽ جانشين هو. سندس جنم ٢-نومبر ١٧٨٠ع ڌاري ٿيو. ١٧٩٢ع ۾ پيءُ جي جاءِ تي سوڪ چڪيہ سکن جو سردار بڻيو ۽ پيءُ جي گادي وسايائين. هيءُ ننڍپڻ ۾ ماتا جي مرض ۾ هڪ اک کان ڪاڻو ٿي پيو هو. سترهن ورهين جي عمر ۾ ماءُ کي زهر ڏنائين ۽ حڪومت جي واڳ وٺي تخت تي ويٺو.

جڏهن زمان شاهہ ولد تيمور شاهہ افغانستان جو بادشاهہ پنجاب ۾ آيو تہ رنجيت سنگهہ سندس درٻار ۾ ويو. ١٧٩٩ع ۾ بادشاهہ جي طرفان هن کي لاهور جي حڪمراني جو فرمان مليو.

١٨٠٢ع ۾ رنجيت سنگهہ امرتسر تي حملو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيائين. ١٨٠٥ع ۾ جڏهن جسونت راءِ هولڪر رنجيت سنگهہ وٽ اچي پناهہ ورتي تہ هن ايسٽ انڊيا ڪمپني سان هڪ معاهدو ڪيو، جنهن موجب هولڪر کي پنجاب مان ڪڍي ڇڏيائين. ان کان پوءِ هن لڌياني ۽ انهيءَ پاسي جي ٻين رياستن تي قبضو ڪيو. ١٨٠٨ع ۾ هندستان جي انگريزي حڪمرانن پاران سر مٽڪاف SIR METCALF کي هڪ وفد سان گڏائي، معاهدي لاءِ رنجيت سنگهہ ڏانهن روانو ڪيو ويو تہ هيءُ پاڻ ستلج درياهہ جي ڪنارن کان پرتي نہ ويندو ۽ پنهنجي حڪومت جون حدون ستلج پاسي نہ وڌائيندو. ٢٥ اپريل ١٨٠٩ع تي رنجيت سنگهہ ۽ انگريزن وچ ۾ اهو معاهدو مڪمل ٿيو ۽ ستلج کي ٻنهي حڪومتن جي حد طور مقرر ڪرڻ ۾ آيو.

١٨٠٩ع کان ١٨١٠ع تائين رنجيت سنگهہ ملتان تي حملو ڪيو ۽ انهيءَ شهر کي پنهنجو خراج گذار (ڍل ادا ڪندڙ) بڻايائين. ساڳي سال نڪائي ۽ ڪنهيا سک راڄ کي پنهنجو تابعدار ڪيائين. ١٨١٢ع ۾ پنهنجي لاءِ پنجاب جي راجا جو اعلان ڪرايائين. ١٨١٩ع ۾ مهاراجا جو لقب اختيار ڪري ڪشمير ورتائين.

١٨٢٠ع ۾ ستلج کان وٺي سنڌوندي تائين پنهنجي حڪومت قائم ڪري ويو.

۱۸۲۳ع ۾ پشاور ۽ ان جي پسگردائي تي قبضو ڪيائين. انهيءَ دوران شاهه شجاع اچي وٽس پناهي ٿيو، جنهن کان ڪوهه نور هيرو زوريءَ کسي ورتائين. اڳتي هلي ديرو اسماعيل خان هٿ ڪيائين. ڪوهه نور هيرو، محمد شاهه بادشاهه، بدبختي ۽ هار جي صورت ۾، نادر شاهه جي حوالي ڪيو، جنهن کي به قتل ٿيڻو پيو. ان کان پوءِ زمان شاهه حڪومت وڃائي انڌو ٿي پيو. محمود شاهه کي به ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. شاهه شجاع به وطن کان وڇڙي ڏجها ڪائي قتل ٿيو. رنجيت سنگهه جي پوٽي ڪڙڪ سنگهه کي زهر ڏنو ويو. شير سنگهه کي تير لڳو ۽ دليپ سنگهه کي شڪست نصيب ٿي، آخر ۾ ان کان اهو هيرو به هليو ويو.

ليڪن ساڳيو هيرو هڪ ڏيڍ صدي کان نهايت شان شوڪت سان انگلئنڊ جي شاهي تاج ۾ چمڪندو نظر اچي ٿو. ڪنهن چواڻي: "هيري کي صرف مشرقي ماڻهن سان دشمني هئي."

*

## ڪوهه نور هيرو:

هن تاريخي هيري جو داستان ڪافي پراڻو آهي. مهاڀارت ۾ به هن جو ذڪر اچي ٿو ته پنج هزار سال قبل مسيح ۾ هيءُ هيرو ڪارنا پهلوان وٽ موجود هو. ان کان پوءِ راجا اوياين راجپوتانا جي حڪمران ستين صدي قبل مسيح ۾ ان کي هٿ ڪيو. اٺين صدي هجريءَ ۾ مالوا جي بادشاهن جي ملڪيت ۾ آيو ۽ علاءُالدين خلجي اتان اهو هيرو دهليءَ آندو.

٩٦٢هه ۾ جڏهن همايون بادشاهه وري دهليءَ تي قابض ٿيو: هن کي ڪوهه نور هيرو به هٿ لڳو، جيڪو محمد شاهه بادشاهه وٽ دهليءَ ۾ هو. جڏهن نادر شاهه دهليءَ تي ڌاڪ ڄمائي ته هيءُ هيرو به ٻين قيمتي شين سان گڏ کيس مليو. نادر شاهه جي قتل ١١٦٠هه کان پوءِ ان جي حرم وٽان هيءُ هيرو ۽ هڪ پکراج جو اڻ لڀ داڻو احمد شاهه ابدالي کي سندس خدمتن عيوض ڏنو ويو، جو هن نادر شاهه جي قتل ٿيڻ پيري حرم کي لٽ ڦر کان بچائي ورتو هو.

هيءُ هيرو احمد شاهه، تيمور شاهه ۽ زمان شاهه ابدالي وٽ ميراث طور رهندو آيو. شاهه زمان (زمان شاهه) کي ١٢١٥هه ۾، جڏهن پنهنجي ڀاءُ محمود شاهه اکين کان انڌو ڪيو، تڏهن هيءُ قيمتي ملڪيت جو هيرو محمود شاهه وٽ هو. پوءِ شاهه شجاع وٽ آيو، جنهن کان وري رنجيت سنگهه زوريءَ کسي ورتو، جيئن هن ڪتاب ۾ بيان ٿيل آهي.

١٢٦٣هه ۾ ساڳيو هيرو انگريزن جي هٿ لڳو. ١٢ رجب ١٢٦٦هه ۾ لارڊ ڊلهوزي هندستان جي حڪمران اهو هيرو ملڪه وڪٽوريا کي سوکڙي ڪري موڪليو: تڏهن کان وٺي هيءُ هيرو شاهي خزاني جي ملڪيت رهندو اچي ٿو ۽ انگلنڊ جي تاجدار جي تاج ۾ لڳل هوندو آهي.

هيءُ هيرو ڪاٽ ڪوٽ (تراش) کان اڳ لڳ ڀڳ اٺ سو قيراط (اٺ سو گرين چار سورتيون اٺن تولن) تائين هو، پر لاڳيتي ڪاٽ ڪوٽ کان پوءِ وڃي هڪ سؤ ڇهه گرين رهيو. (١) چون ٿا ته هي نحس (چندو) آهي، جو جنهن وٽ به رهيو تنهن کي قتل ڪرايائين، جن ۾ ڪارنا پهلوان (مهاڀارت ۾ ذڪر ٿيل) قتل ٿيو، اوياين راجا وٽان تاج هليو ويو، مالوا جو بادشاهه تخت تان لهي ويو، ته همايون وري وڃي ڪڏ ۾ پيو.

---

(١) سراج ١-١٠ کان ٨٦. نادر شاهه فرزند شمشير، ص ١٦٦. اورينٽل ڪاليج مخزن.

## (١٤)

## پشاور جا قاضي خيل ۽ قاضي محمد حسن:

هيءُ خاندان احمد شاهہ ابدالي جي زماني کان علم و ادب ۾ نامور هو ۽ ڪابل جي باد شاهن جي دربار ۾ وڏي مان وارو رهندو ٿي آيو. اورنگزيب عالمگير جي دور ۾ هن خاندان جو وڏو آخوند ترڪمان ولد تاج خان قنڌار جي ڏکڻ اوڀر واري ماڳ غوڙهہ مرغر مان پشاور ويو ۽ يوسفزئي لڳ امان زئي ڳوٺ ۾ رهائش پذير ٿيو. سندس پُٽ آخوند محمد غوث ١١٦٠ هہ کان پوءِ احمد شاهہ ابداليءَ طرفان پشاور جو قاضي مقرر ٿيو ۽ ان کان ئي قاضي خيل مشهور ٿيا، جيڪي پشاور ۾ رهن ٿا.

ملا محمد غوث پنهنجي وقت ۾ عرفان تصوف ڏانهن مائل، علم معقول منقول ۾ استاد ۽ حاجي محمد سعيد واعظ جو شاگرد هو. ميان فقير الله علوي (شڪارپوري) ١٢٠٠هہ-١٢٩٥هہ جي هڪ مڪتوب مان معلوم ٿئي ٿو تہ ملا محمد غوث جي علم ۽ معرفت ۾ وڏي شهرت هئي ۽ نقشبندي سلسلي ۾ هيءُ سندس مريد هو، جنهن ساڳي مڪتب ۾ ڪيس شريعت جي مسند جو ڏٿي لکيو آهي، جيڪو قاضي گري جو منصب ليکيو وڃي ٿو (١).

قاضي محمد غوث مرزا ڪلان جي منطق تي هڪ حاشيو لکيو هو. (٢) پاڻ ١١٨٠هہ ۾ بہ جيئرو ۽ پشاور ۾ قضا جي عهدي تي فائز هو. هن جي ٻين ڪتابن مان شرح الشرح فارسي ٽن سو صفحن ۾ آهي، جيڪو احمد شاهہ ابداليءَ جي نالي ۽ حڪم سان لکيو هئائين، هن کي بہ پٽ قاضي محمد اڪبر شاهہ ۽ قاضي داد الله هئا. سندس پوٽو قاضي عبدالڪريم ولد دادالله بہ وقت جو وڏو عالم هو. هن نصاب التوحيد نالي ڪتاب لکيو هو (٣).

قاضي محمد اڪبر شاهہ جي اولاد افغاني باد شاهن جي دربار سان لاڳاپو رکندي آئي. سيئي هنرمند ۽ سياسي سمجهہ وارا هئا. ڪڏهن شريعت جي مسند تہ

---

(١) مڪتوبات ميان فقير الله ٢٧٣ لاهور.

(٢) تاريخ پشاور گوپالداس لاهور ١٨٧٠ع، ص. ٧٠٨.

(٣) تاريخ پشاور ٧٠٨.

ڪڏهن سياست جي واڳ پنهنجي ورتائون ۽ والاريائون. انهن مان گهڻا هندستان جي انگريزي حڪومت جا مخفي طرح مددگار هئا.

## قاضي محمد حسن:

قاضي محمد حسن ولد قاضي اڪبر شاهه، جنهن جو هن ڪتاب ۾ ڪيئي ڀيرا نالو آيو آهي، علمي ۽ سياسي شخصيت وارو هو. ڪيس شاهجهان جي درٻار سان وڏو مان مرتبي وارو لاڳاپو ٿي رهيو. هن کي خان علماء جو لقب مليل هو. سندس خاندان جو سردار پائنده خان سان پڻ رستو هو، جنهن جي پٽن کي تعليم ڏني هئائين. شاهه شجاع لکي ٿو: قاضي محمد حسن خان علماء سان استادي شاگردي وارو ناتو هو(١).

هن ڪتاب جي مؤلف جي روايت موجب وزير فتح خان ١٢٣١هه ۾ هن خاندان جي هڪ نياڻيءَ سان پشاور ۾ شادي ڪئي هئي. اليگزينڊر برنس چواٿي: قاضي محمد حسن جڏهن ڪابل درياهه جي ڪناري ۽ خيبر لڪ وٽ لال پوره ۾ هن سان ملاقات ڪئي هئي، ان وقت کان هن خاندان جا برطانوي حڪومت سان لاڳاپا هلندا آيا. قاضي جا پٽ پڻ برنس جي خدمت ۾ هئا. ساڳيو قاضي محمد حسن شاهه شجاع سان هندستان ڏانهن فرار ٿيو هو. (٢) شاهه شجاع هن ڪتاب جي لکت موجب رمضان ١٢٤٧هه ڌاري لڌياني مان نڪري سنڌ اچي شڪارپور کان ٿيندو وڃي قنڌار تي چڙهيو، تڏهن ساڳيو قاضي ساڻس گڏ هو. راجا رنجيت سنگهه سان سياسي ڳالهين ڪرڻ وقت هن شاهه شجاع پاران سفارت جو ڪم سرانجام ٿي ڏنو. هن ئي رنجيت سنگهه کان هڪ لک ويهه هزار رپيا شاهه شجاع جي مددگاري لاءِ وصول ڪيا هئا. شاهه شجاع پاڻ لکي ٿو: قاضي ملا محمد حسن خان علما جيڪو اسان جو خاص مقرب هو، رنجيت سنگهه سان ڳالهائي هڪ لک ويهه هزار رپيا وٺي آيو (٣).

ان کان پوءِ شاهه شجاع سنڌ ۾ ٿو اچي، شڪارپور پهچي باغ شهزادي سليمان ۾ لهي ٿو، اتان قاضي محمد حسن سفارت طور ٽالپورن ۽ مير مراد علي خان ڏانهن ٿو وڃي ۽ ساڻن خاص معاملا ٿو نبيري. پوءِ هيءُ ١٢٤٩هه ۾ قنڌار هليا وڃن ٿا (٤). ذوالحج جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن قنڌار ۾ امير دوست محمد خان جا پائر اچي گهيرو ٿا

(١) واقعات ٩٢. (٢) استاد خانواده قاضي انگريزي طبع ڪوئيٽه ۽ مجله آريانا شمارو ٩٤. ڪابل مقاله حبيبي. (٣) واقعات ٧٦. (٤) واقعات ٨٦.

ڪن تہ قاضي حسن انهن سان لکپڙهہ ڪري ٿو. هتي بہ هيءُ شاهہ شجاع جو مدارالمهام هو. (۱)

ليڪن جڏهن شاهہ شجاع انهيءَ چڪريءَ ۾ هار ٿو کائي ۽ فراهہ، سيستان، بلوچستان ۽ سنڌ لتاڙي لڌياني ٿو وڃي تہ قاضي محمد حسن هندستان وڃي پاڇوڪڙ بادشاهہ (شاهہ شجاع) سان ملي ٿو. ۱۸۳۸ع-۱۲۵۴هہ ۾ جڏهن لارڊ آڪلينڊ، شاهہ شجاع ۽ راجا رنجيت سنگهہ جي وچ ۾ ٽہ ڌريو معاهدو ٿئي ٿو تہ قاضي محمد حسن شاهہ شجاع جي پاران معاهدو تيار ڪري ٿو، جيئن موهن لال لکيو آهي. (۲) ائين پيو ڏسجي تہ محمد حسن قاضي ان کان پوءِ فوت ٿي چڪو هو يا ڪنهن سبب جي ڪري انگريزن واري لشڪر سان افغانستان واري سفر ۾ ڪونہ شامل ٿي سگهيو هوندو. ڇو تہ ان کان پوءِ شاهہ شجاع جي قتل تائين هن جو ڪو پتو نٿو پوي. پر ان جي خاندان جو هيٺين ريت احوال ملي ٿو.

## قاضي غلام قادر:

قاضي حسن جو پٽ، جيڪو پشاور جي مشهور ماڻهن مان هو. بارڪزئي سردارن جي دور ۽ انگريزن واري زماني ۾ بہ موجود هو. جنهن جي تصديق ايچ ايڊ وردس پشاور جي ڪمشنر جي ۱۵-اپريل ۱۸۵۹ع جي لفظن مان ٿئي ٿي تہ قاضي غلام قادر اعتماد جوڳو ۽ سردار سلطان محمد خان طلائي جو درباري هو. ۱۸۴۸-۴۹ع واري جنگ ۾ انهيءَ سان همراهي ٿي ڪيائين. انهيءَ ڪري ڪيس سرجان لارينس نوازش لائق قرار ڏنو. هندستان جي انقلاب (غدر؟) ۱۸۵۷ع پيري بہ هن انگلينڊ جي فوجي مهم ۾ وڏو ڪم ڪيو ۽ پنهنجي پاران اڌ لک رپيا پيش ڪيا هئائين. پشاور جي ماڻهن کان جڏهن قرض جي اڳاڙي تيڻ لڳي تہ ان ۾ بہ هيءُ شريڪ هو. تنهن کان سواءِ مهمند قبيلن سان بہ هن ٺي ناهہ ڪرايو، جنهن تان ڪمشنر جيمس ڪيس انعام اڪرام ڏياريا هئا. ساڳي ڪمشنر چواٿي: هيءُ ڪابل ۽ سرحد جي مسئلن نبيرڻ توڙي پشاور جي اقتصادي معاملن ۾ وڏي اثر وارو ۽ انگريزن جو وفادار دوست هو (۳).

اليگزينڊر برنس جي هڪ ٻي تصديق مطابق، ۱۸ اپريل ۱۸۳۲ع تي قاضي غلام قادر ۽ سندس ڀاءُ قاضي فضل قادر برنس جي ڪابل واري سفر ۾ شامل هئا ۽ پشاور اندر سندس وڏيون خدمتون ڪيون هيون. (۴) هن جي ٻن پٽن قاضي محمد جان

(۱) واقعات ۹۲. (۲) حيات امير دوست محمد خان ۱-۳۷۸. (۳) خط نمبر ۱. اسناد خاندان قاضي طبع ڪوئيٽا. (۴) خط نمبر ۹ ساڳيو ڪتاب.

۽ قاضي نصر الله جان (متوفي ١٨٦٧ع) جو انگريزي عملدارن سان چڱو رستو هو، جنهن بابت هڪ ٻي انگريز عملدار ووڊ ورڊ به پشاور ۾ تصديق ڪئي آهي. اهو تصديق نامو ١٥ جنوري ١٨٦٩ع ۾ لکيل آهي.

## قاضي طلا محمد:

قاضي محمد حسن جو پٽ. هيءُ به مشهور ماڻهن مان هو، پر سندس ڪو سياسي ڪارنامو پڙهڻ ۾ نٿو اچي. علمي، ادبي ۽ هنري ميراث جو مالڪ هو. عربي فارسي ۾ به ديوان لکي پورا ڪيا هئائين. هيءُ پاڻ ١٢٩٥هه تائين جيئرو هو. هن جي ڪيترن همعصر عالمن شاعرن سان لکپڙهه هلندي هئي.

سردار غلام محمد خان طرزي افغان جي ديوان مان خبر پوي ٿي ته ڪابل کان قنڌار تائين هن جي ساڻس خط ڪتابت جاري رهندي ٿي آئي، ۽ پنهنجي پاڻ ۾ شعر شاعري جو شغل رکيو ٿي.

١٢٩٨هه ۾ جڏهن طرزي، حڪومت مان فرار ٿي، ڪراچي کان پشاور ويو ته اتي وچي قاضي موصوف سان مليو، پر ڪيس مذهبي عقيدت جي اختلاف سبب پسند نه ڪيائين ۽ متانس هجو لکيائين. (١)

قاضي طلا محمد اڳ ذڪر ٿي آيل قاضي عبدالڪريم جو شاگرد ۽ اهل حديث هو. فارسي عربي ۾ هن هيٺيان ڪتاب لکيا هئا- ديوان فارسي، ديوان عربي، جواهر النغز، سلوة التقدير، في ترجمة التحرير، نفحته المسڪ، تسليت العقول، في تخطئة الفضول وغيره.

قاضي طلا محمد جڏهن پنهنجي خاندان جي علمي مسند تي هو ته پنهنجي خاندان وانگر سياست ۾ بهرو وٺڻ بدران پاسيرو رهيو. ڪابل جي دربار مان ماهوار پنجاهه رپيا ڪيس ملندا هئا. (٢)

هڪ سنڌي ۽ سهڻي خط مان، جيڪو قاضي طلا محمد ١٢٩٠هه ڌاري مولوي شهيد عبدالرحيم قنڌاري ولد مولوي حبيب الله ڪي لکيو هو، ظاهر ٿو ٿئي ته قاضي موصوف جا انهيءَ وڏي عالم ۽ امير شير علي خان جي خاندانو ساد ۽ طرزي افغان سان علمي، ادبي ناتا هئا. (٣)

(١) ديوان طرزي افغان، طبع ڪراچي.

(٢) تاريخ پشاور ٦٥٧.

(٣) قلمي نسخو – حبيبي.

## قاضي عبدالقادر:

متي ذڪر ٿي آيل قاضي فضل قادر جو پٽ ۽ قاضي محمد حسن جو پوٽو هو، جيڪو ڪابل جي پرسان امير شير علي جي لشڪر جو اڳواڻ هو. هن هفت روزه شمس النهار ڪابل ۾، ١٢٩٠هه تائين رهي امير شير علي خان جي حڪومت تائين، چڱا مضمون لکيا. افغانستان ۾ ڪيترا ڪتاب انگريزي مان فارسي ۾ ترجمو ڪيائين ۽ لشڪري اصطلاحون پشتو ۾ رواج هيٺ آندائين. هيءُ پشتو، فارسي، انگريزي ۽ اردون زبانون ڄاڻندو هو. قاضي عبدالقادر ڪابل ۾ قاضي قادرو جي نالي مشهور هو ۽ ادبي سياسي سمجهه تي رکيائين. هن انگريز سرڪار طرفان اهڙيون ڪيئي مهمون سر ڪيون هيون. هن کي سرڪار کي اطلاع پهچائڻ ۽ انگريزي سياست جي مفاد کي ڌيان ۾ رکڻ جو ڪم سونپيل هو. خاص ڪري جڏهن روس جي سفارت ڪابل ۾ آئي ۽ امير شير علي ماوراء النهر پاسي روسي حڪمران ڪوفمان سان رابطي ۾ هو. جنرل استو لينوف ڪابل جي دربار ۾ سفارت سان آيو ۽ ١٨٧٨ع/١٢٩٥هه ۾ معاهدو ڪيائين. مختلف تصديق نامن مان معلوم ٿئي ٿو ته قاضي قادرو نه رڳو ڪابل ۾ انگريزن جو جاسوس هو، پر ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ به وڏا ڪارناما ڪندو رهيو.

ليپل گريفن نالي هڪ انگريز عملدار ١٨٨٢ع ۾ قاضي قادرو کي لکي ٿو ته:

"ڪابل ۾ جيڪي ڪم اوهان تي رکيا ويا، اهي اوهان نهايت دليري سان پورا ڪيا. اوهان پنهنجي غيرت ۽ لياقت سان افغانستان ۾ منهنجي جيڪا مدد پئي ڪئي ان لاءِ آءٌ اوهان جو ٿورائتو آهيان. مون هندستان جي حڪومت کي اوهان جي لاءِ به گهڻو ڪجهه لکيو آهي."

١۴-اپريل ١٨٨۴ع واري خط ۾ لکيو ويو آهي ته قاضي عبدالقادر ڪيتري وقت کان هندستان جي حڪومت پاران ڪابل ۾ ڪم ڪندو رهيو، خاص ڪري ڪابل جي آخري جنگ ۾ هن وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا، جنهن ڪري هن کي پرڏيهي وزارت طرفان ماهوار ٽي سؤ رپيا وظيفي طور مقرر ڪري ڏنا ويا آهن.

١-آگسٽ ١٨٨٥ع واري خط ۾ پشاور جو ڪمشنر واٽر فيلڊ لکي ٿو ته:

"قاضي خيل جو خاندان ويهارو ورهين کان وٺي حڪومت جي عنايت جو حقدار رهندو اچي ٿو، جنهن کي آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. ١٨٦٩ع ۾ جڏهن امير شير علي خان ڪابل ۾ آيو ته قاضي قادرو ۽ قاضي محمد جان ان سان گڏ هئا. اهڙيءَ طرح ١٨٧٩ع ۾ به هيءُ امير شير علي سان ترڪستان تائين ويا هئا.

ترڪستان کان موٽڻ تي امير يعقوب خان هن کي ڪابل مان نيڪالي ڏني ته

هيءَ ڪند واري علائقي ۾ وڃي پناهي ٿيو. اتان نهايت ڪارآمد ڳالهيون خطن وسيلي هندستان جي انگريز حڪومت ڏانهن لکندو رهيو.

قاضي قادرو ان ڪان پوءِ وري سر ليپل گريفن سان گڏجي ڪابل ويو، اتي امير عبدالرحمان وٽ رهڻ لڳو. ١٨٨٢ع/ ١٣٠٠هه ڌاري پشاور ۾ آيو ۽ تمام اهم خبرون ڪيس پهچائيندو رهيو. ٤-مارچ ١٨٨٧ع ۾ واٽر فيلڊ ڪمشنر تصديق ڪري ٿو ته قاضي مذڪور ڪيترو عرصو ڪابل ۾ امير شير علي خان وٽ سيڪريٽري هو ۽ امير طرفان مخفي طور روس جي جاسوسي تي ڪيائين. اهڙيءَ طرح قاضي قادرو انگريزي عملدارن جو اعتماد جوڳو جاسوس هو، جنهن امير شير عليٰ خان ۽ امير عبدالرحمان خان جي درٻار ۾ ٻه ڪم پئي ڪيو، پر افغانستان جي ماڻهن هن کي انهيءَ حيثيت سان ڪونه ڄاتو سڃاتو!

انهن سندن ڪان علاوه جيڪي هن شخص قاضي قادرو جي ڪردار جي پوري رونمائي ڪن ٿيون، هڪ ٻي سند به موجود آهي ته قاضي قادرو کي امير شير علي خان انگريزن جي جاسوس ۽ ڪارندي جي روپ ۾ ڪونه سڃاڻندو هو، بلڪ هن تي ڪيس ايڏو پڪو اعتماد هو، جو ڪابل جي شڪست ڪان پوءِ به ڪيس ١٨٩٦ع-١٨٧٩ع ۾ پاڻ سان گڏ ترڪستان وٺي ويو.

حيرت ته امير شير علي جي سياسي اڻ ڄاڻائي تي اچي ٿي ته هن ڪهڙي خوش فهميءَ ڪان قاضي قادرو تي ايڏو اعتبار پئي ڪيو. هن انگريزن جي مخالفت ۾ پنهنجو تخت تاج ڇڏيو ۽ وڏي ناڪامي ڪان پوءِ مزار شريف وڃي ويٺو، انهيءَ آسري ته ڪيس روس وٽان ڪا مدد ملندي، ان لاءِ هن روس ڏانهن سفارتي وفد موڪليو، جنهن ۾ سردار شير علي قنڌاري ۽ قاضي قادرو شامل هئا، جيڪي ٻئي انگريزن جا سچا مددگار رهندا ٿي آيا. امير عبدالرحمان تڏهن سمرقند ۾ هو، جنهن پوري وضاحت سان لکيو آهي ته قاضي قادرو هندستان جي برطانوي حڪومت جو وفادار خدمتگار هو، جنهن امير شير خان جي درٻار مان فوجي ۽ پرڏيهي راز روانا ٿي ڪيا. جڏهن امير شير علي برطانيا جي حڪومت مان نااميد ٿيو ۽ روسي حڪومت سان سفارتي ناتا ڳنڍيائين ۽ ترڪستان جي حڪمران جنرل ڪوفمان سان لکپڙهه ٿي ڪيائين ته اهي سمورا سياسي ڪاغذ پٽ ١٨٧٠ع/١٢٨٦هه ۾ انهيءَ قاضي قادرو جي وسيلي هندستان جي برطانوي حڪومت تائين پهچندا رهيا، جنهن ڪان پوءِ برطانوي حڪومت چوڪس ٿي ١٨٧٩ع ۾ ٻئي دفعي افغانستان تي حملو ڪري ڏنو. امير شير علي خان ڪابل مان ڀڄي ويو ۽ امير عبدالرحمان کي افغانستان جي شاهي تخت تي ويهاريو ويو. (١٨٨٠ع/رمضان ١٢٩٧هه).

امير شير علي خان آخري خط ٢-فيبروري ١٨٧٩ع ۾ مزار شريف مان سياسي وفد کي لکيو. تڏهن پاڻ بيماريءَ ۾ بستري داخل هو. انهيءَ خط ۾ هن روس وٽي اتان جي حڪمرانن سان ملڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ پنهنجي ماڻهن جي به سڃاڻپ ڪرائي هئائين، ته سردار شير علي خان قنڌاري، شاهه محمد خان ۽ قادري عبدالقادر خان (قادرو) کي پنهنجي پاران تاشقند ڏانهن روانو ڪريان ٿو. افغان حڪومت جا پروسي جوڳا وزير آهن.

هيءَ سياسي وفد، جيڪو امير شير علي خان تاشقند ڏانهن ڏياري موڪليو هو، هن کي حقيقت ۾ پيو اهم ڪم ڪرڻو هو، سو هيءَ ته امير عبدالرحمان کي جيڪو برطانوي سرڪار جو خاص معتمد هو، تنهن کي افغانستان جي شاهي تخت والارڻ جي دعوت ڏني وڃي. ان بابت امير عبدالرحمان خود تصديق ٿو ڪري ته اهي ماڻهو انهيءَ ڪم سانگي هن سان سمرقند ۾ مليا هئا.

ان کان پوءِ جڏهن امير شير علي خان مزار شريف ۾ فوت ٿئي ٿو ته سردار عبدالرحمان خان سمرقند کان اچي ٿو ۽ ڪابل جو تخت گريفن طرفان کيس حوالي ڪيو ٿو وڃي. ان کان پوءِ گريفن تصديق ٿو ڪري ته اهو سڄو ڪم عبدالقادر خان ڪيو، جيڪو ڳجهي ڪارروائي لاءِ گريفن طرفان ويل هو.

افسوس آهي جو انگريزن پنهنجي انهيءَ وفادار قاضي قادرو جو پورو قدر نه ڪيو هو. جڏهن ڪابل ڇڏي پشاور ۾ اچي رهيو ته هن کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. کيس روزگار جي ڳولا جي لاءِ پريشان ڏٺو ويو.

قاضي قادرو جي پڇاڙي وارن ڏينهن جي ڪا خبر ناهي، پر هن فتوح البلدان بلاذري طبع ليدن امانت ڪتب خانه اسلاميه ڪاليج پشاور نمبر ١٥١٥ جي پهرين صفحي تي پاڻ لکيو آهي ته هيءَ ڪتاب فتوح البلدان ملڪيت حاجي قاضي عبدالقادر جي آهي، جيڪو مرزا محمد شيرازي کان خريد ڪيو ويو. ١٦ مهينو ڊسمبر اربع ڏينهن سن ١٨٩١ع. ان مان به ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون، هڪ ته قاضي ڊسمبر ١٨٩١ع تائين جيئرو هو ۽ انهيءَ مهيني بمبئي ۾ سندس ڏس پتو ملي ٿو. ٻي ڳالهه اها ته ڪابل ڇڏڻ ۽ پنهنجي سچين خدمتن تان سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ هيءَ حج تي به ويل هو (١٨٩١ع).(١)

* * *

(١) ماخوذ: پندنامه دنياو دين اميرعبدالرحمان طبع ڪابل ١٩٠١، هنن خطن جو اصل متن حبيبي جو تاليف ڪيل وٽس موجود آهي.

## (١٥)

## شڪارپور ۽ ڳڙهي ياسين جا محمدزئي:

هن خاندان جو وڏو سردار، رحيمداد خان ولد حاجي جمال خان متوفي ١١٨٤هه، سردار پائنده خان افغانستان جي شاهي خاندانن محمد زئين جي وڏي ڏاڏي، جو ڀاءُ هو. سردار رحيمداد خان پنهنجي والد جي وفات ١١٨٤هه کان پوءِ قنڌار جي بارڪزئي قبيلن جي رياست جي گاديءَ تي ويٺو. هيءُ پنهنجي پيءُ جمال خان جو وڏو پٽ هو، تنهن ڪري احمدُ شاهي دربار مان هن کي بارڪزئين جي سرداري ملي. هيءُ شهزادي تيمور جي ولي عهديءَ واري وقت ۾ ساڻس گڏ رهيو ٿي. ڪيس احمد شاهي دربار جو وڏو رڪن ليکيو ٿي ويو.

احمد شاهه ابدالي جي وفات کان پوءِ ١١٨٦هه ۾ جڏهن تيمور شاهه تخت تي ويٺو ته دربار جي ڪن درٻارين جي هن سان دشمني پيدا ٿي پئي ۽ قاضي فيض الله جي چرچ تي هن کي احمد شاهي دربار جي پاران بارڪزئين جي سرداريءَ تان هٽايو ويو.

چون ٿا ته رحيمداد خان تيمور شاهه سان سندس ننڍپڻ واري دور ۾ گڏ گذاريو هو، ان ڪري شاهي دربار جو خاص خيال نٿي رکيائين، پاڻ تيمور شاهه کي حجت سان پئي ڏٺائين، انهيءَ ڪري تيمور شاهه ڪيس پنهنجي مان مرتبي تان ڪيرائي ڇڏيو. (١)

موهن لال لکي ٿو ته رحيمداد خان سخت ۽ خشڪ مزاج وارو هو، تنهنڪري ٻين سردارن تي اک ڪانه ٿي ٻڌس ۽ انهن سان هڪ دسترخاني تي ويهي ماني ڪونه کائيندو هو، ان ڪري شاهي دربار ۾ شڪ شبها پيدا ٿي پيا. آخرڪار تيمور شاهه ساڻس ڳالهايو ۽ سندس مرضي مطابق هن جي ننڍي ڀاءُ سردار پائنده خان کي قبائلي بارڪزئي جي رياست جو منصب عطا ڪيو ويو(٢).

ائين ٿو ڏسجي ته رحيمداد خان ١١٨٩هه تائين تيمور شاهي دربار ۾ انهيءَ رتبي سان موجود هو. هن کي سلطنت جي سندن جي سنڀال لاءِ رکيو ويو هو. ان زماني

---

(١) سراج ١- ٣٧. تاريخ سلطاني.

(٢) حيات امير انگريزي ١-١٢.

۾ جيڪي شاهي سندون جاري ٿيون، تن تي هن جي مهر لڳل هوندي هئي، ڪابل ۾ هڪ تيمور شاهي فرمان موجود آهي، جيڪو ۱۱۸۹هه ۾ سردار عبدالله خان وڪيل الدوله پوپلزئي نالي لکيو ويو، جنهن تي رحيمداد خان جي مهر لڳل نظر اچي ٿي.(۱) ان کان پوءِ ڪنهن به شاهي فرمان تي سندس مهر ڪانه ڏٺي وئي. ڇٽي سگهجي ٿو ته رحيمداد خان ۱۱۹۰هه کان پوءِ دربار مان نڪري چڪو هو ۽ جلال آباد ۾ رهڻ لڳو هو. ڪيس گذاري لاءِ زمين ڏنل هئي. هن جي اولاد مان ڪي اجا سوڌا اتي آهن، باقي سندس پٽ عبدالڪريم خان، زمان شاه جي دور ۾ واپس شاهي دربار ۾ آيو هو ۽ قنڌار ۾ حاڪم هو.(۲)

رحيمداد خان بهسود[جلال آباد]۾ گذاري ويو. هن جا پٽ بهسود ۽ شڪارپور ۾ زمينداري جي ڌنڌي سان لڳي ويا. جيئن ته پائنده خان ۽ رحيمداد خان جي وچ ۾ رنجش پيدا ٿيل هئي، ان ڪري ٻنهي پائرن جي اولاد به هڪ ٻئي کي چڱي نظر سان نٿي ڏٺو. امير عبدالرحمان خان به گهڻي زماني کان پوءِ ائين هلندو آيو ۽ رحيمداد خاني محمدزئين خلاف بدگوئي ڪندو ٿي رهيو.(۳)

موهن لال لکي ٿو ته رحيمداد خان کي اٺ پٽ هئا.(۴) ڏسو بارڪزئي جو شجرو تعليق ۴. انهن مان عبدالمجيد خان جو هن ڪتاب ۾ بيان آيو آهي، جيڪو ۱۲۳۴هه ۾ محمد شاه ۽ شهزادي ڪامران سان غزني ۾ گڏ هو ۽ وزير فتح خان جي قتل ۾ شامل هو.

موهن لال چوائي: هيءُ عبدالمجيد خان امير دوست محمد خان جو سوٽ هو، جيڪو سردار پائنده خان جي قتل کان پوءِ ان جي بيوه سان پرڻيو، جيڪا جوان شير سياه منصور جي قوم مان هئي. ان مائي کي پائنده خان مان به ننڍڙا پٽ هئا، جن مان هڪ دوست محمد خان ۽ ٻيو امير محمد خان نالي هو. عبدالمجيد خان قنڌار جي ڏکڻ اوڀر جي ڪنهن قلعي ۾ رهندو هو. امير دوست محمد خان ۷-۸ سالن جي ڄمار ۾ اتي پنهنجي ماءُ ۽ انهيءَ پيءُ سان ي گذاريو(۵).

چارلس ميسون جي چوڻ موجب سردار پائنده خان جي هيءَ زال ڏاڍي سهڻي

(۱) تيمور شاه، طبع ڪابل ۸۴.
(۲) تيمور شاه ۸۱.
(۳) پندنامه دنيا و دين.
(۴) حيات امير -۱۲.
(۵) حيات امير دوست محمد خان ۱-۲۶.

هئي ۽ سدائين ساڻس جنگي مهمن جي مسافريءَ ۾ گڏ هوندي هئي. پائنده خان جا سپاهي به ان ڪري انهيءَ مائيءَ کي پسند ڪندا هئا، جو اهائي سردار پائنده خان کي صبح تائين پاڻ وٽ رکندي هئي، نه ته سردار گهڻو ڪري رات جو پوئين پهر ۾ لڏپلاڻ جو حڪم ڪندو هو ۽ سپاهي چڱيءَ طرح آرام ڪونه ڪري سگهندا هئا. جڏهن اها سهڻي زال سردار کي صبح تائين پنهنجي پاڪر مان نه ڪڍندي هئي ته سپاهين کي عيش آرام نصيب ٿيندو هو. اها ڳالهه سردار پائنده خان جي ٻين زالن پيري سپاهين کي نعمت طور نصيب نه ٿيندي هئي. (١)

هن ڪتاب جي سيني نسخن ۾ عبدالمجيد کي نڪ وڍيل لکيو ويو آهي. ليڪن نسخي (ب) ۾ جنهن تي تاريخ قنڌار لکيل آهي، جنهن بابت مهاڳ ۾ پڻ ڄاڻايل آهي، ان موجب عبدالمجيد خان فتح خان وزير جو سوٽ هو ۽ سردار رحيمداد خان فتح خان جو چاچو هو(٢).

## عبدالله خان پهريون:

رحيمداد جو پيو پٽ جيڪو پيءُ جي شاهي دربار کان جدا ٿيڻ بعد ڳڙهي اچي زميدداري ڪرڻ لڳو(٣). هيءُ ١٢٠٠هه ۾ ڳڙهي ياسين ۽ شڪارپور جي جاگيردار خاندان جو وڏو هو، ان بابت بارڪزئي جو شجرو تعليق ۴ ۾ ڏنل آهي(۴).

## جمعو خان ۽ عبدالله خان ٻيو:

جيئن هن ڪتاب ۾ تفصيل سان اچي چڪو آهي، جمعو خان ولد عبدالله خان، شڪارپور جي آخري افغان حاڪم عبدالمنصور جي دور (١٢٣٩هه) کان پوءِ شڪارپور جي معتبرن مان هو. انهيءَ جمعي خان ئي عبدالمنصور خان کي نواب ولي محمد خان سان ملي شڪارپور مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. آخر انهيءَ کي هتان وڃڻو پيو ۽ شڪارپور کي ميرن جي حڪومت سان ڳنڍيو ويو. (١٢۴٠هه-١٨٢۴ع).

ميجر گولڊ سمٿ به لکي ٿو ته هيءُ جمعو خان بارڪزئي سردارن جي خاندان مان امير دوست محمد خان جو ويجهو عزيز هو ۽ افغان حڪومت پاران شڪارپور ۾ نمائندگي ٿي ڪيائين. هيءُ ١٨٨٠ع تائين ڳڙهي ياسين جي جاگيرداري ۾ جيئرو هو.

(١) روداد سفر افغانستان بلوچستان ٢-١٧.

(٢) هن ڪتاب جو قلمي نسخو.

(٣) History of Alienation in Sindh.

(۴) هي ڪتاب، سردار محمد خان جو شڪارپور مان وڃڻ.

سندس ياءُ احمد خان تاريخي فرمان ۱۸۱۰ع/۱۲۲۵هه موجب ڳڙهي ياسين ۾ زمينون پنهنجي جاگيرداري لاءِ حاصل ڪيون هيون. سرڪار وٽان حاصل ڪيل اُهي جاگيرون ۱۸۲۱ع/۱۲۳۵هه ۾ سردار محمد عظيم خان ۽ سردار شيردل خان پاران جمعي خان کي تصديق ٿي مليون، جن ۾ ڳڙهي ياسين جا ڪي ٽڪرا بہ شامل هئا. مير نصير خان، ۵-اپريل ۱۸۴۲ع جي سند مطابق، گذريل حڪمن جي پوئواري ڪئي.

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ليفٽيننٽ پوسٽن اپريل مئي واري تاريخي سند موجب عبدالله خان ولد جمعي خان کي انهيءَ جاگير جو مستحق سمجهي، اها جاگير جيئن جو تيئن بحال رکي وئي. ان کان پوءِ مسٽر ايلس ۱۸۵۸ع ۾ عبدالله خان ۽ سندس ياءُ خيرالله خان کي انهيءَ جاگير جو مالڪ ٺهرايو. (۱)

مٿين سندن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سردار جمعو خان ۱۸۴۲ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. تنهن کان پوءِ عبدالله خان ۽ خير الله خان سندس جاءِ والاري.

## عبدالمنصور خان:

هيءُ شڪارپور ۾ افغانستان حڪومت پاران آخري افغان حاڪم هو، جيڪو نواب ولي خان لغاري جي ڪوشش سان ۱۲۴۰هه ۾ شڪارپور ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. شڪارپور ڇڏڻ کان پوءِ هيءُ ڳڙهي ياسين ويو، جتي ڪي ڏينهن رهي ان بعد قنڌار روانو ٿي ويو.

عبدالمنصور خان اصل ڏکڻ قنڌار جي بارڪزئي ابازئين مان هو، جتي اجا تائين سندس نالي هڪ ڳوٺ موجود آهي. اتيئي سندس مقبرو مشهور هڏڻ ۾ ٿو اچي، هن جا پويان بہ اتي رهن ٿا.

عبدالمنصور خان سدوزئي دور جي پڇاڙي ۽ بارڪزئي عهد جي اوائل ۾ بارڪزئي حڪمرانن جي دربار سان لاڳاپيل رهيو. هن جي پنهي قبيلن سدوزئي، بارڪزئي سان قرابت هئي. ۱۲۳۴هه ۾ هيءُ شهزادي ڪامران طرفان فتح علي قاچار جي دربار ۾ هرات کان مشهد ويو هو، جتان شهزادي ڪامران جي نالي سفارشي خط آندو هئائين، جڏهن وزير فتح خان کي اکين کان انڌو ڪرڻ جو فيصلو ٿي چڪو هو. (۲) هن ڪتاب جو مؤلف پڻ لکي ٿو تہ عبدالمنصور خان بارڪزئي ڪامران سان گڏ قنڌار مان هرات ويو هو ۽ هيءُ بہ وزير فتح خان جي مخالفن ۾ شامل هو. (۳)

---

(۱) History of Alienation

(۲) سراج ۱-۹۷.

(۳) هيءُ ڪتاب.

عبدالمنصور خان جي قنڌار جي سردارن (فتح خان وزير جي ڀائرن) سان مائٽي هئي ۽ هيءُ سردار رحمدل خان کي ٻه ويجهو هو. ١٢٣٩هه ۾ سردار رحمدل خان شڪارپور مان قنڌار ويو ته انهيءَ عبدالمنصور خان کي شڪارپور جو حاڪم مقرر ڪري موڪليائين. (١) جنهن کي نواب ولي محمد خان لغاري ١٢٤٠هه ڌاري شڪارپور مان قنڌار روانو ڪيو. عبدالمنصور خان افغاني سلطنت جي هدايتن موجب شڪارپور ۾ ايندو ويندو رهيو ۽ حڪومت جو ڪاروبار هلائيندو آيو. آخوند محمد صديق تاريخ بروهي احمدزئي ۾ لکي ٿو ته ١٢٣٢هه ۾ جڏهن قلات جو خان مير محمود مري ويو ته منصور (عبدالمنصور خان) دراني بارڪزئي، جيڪو شاهي دربار جو خاص ماڻهو هو. شڪارپور مان قنڌار پئي ويو، تڏهن بلوچ سردارن جي اتفاق سان مير محراب خان پٽ جو معاملو طئي ڪيو ويو. (٢) انهيءَ ئي مؤرخ جي روايت موجب منصور خان محمود شاهه پاران شڪارپور جو حاڪم هو. جڏهن رمضان ١٢٣٢هه ۾ بلوچ سردارن درميان خونريزي شروع ٿي تڏهن مير مبارڪ خان مير قادر بخش هٿان قتل ٿي ويو. منصور خان شڪارپور مان گنجابي ويو ۽ بلوچ سردارن کي پاڻ سان وٺي قنڌار روانو ٿيو. (٣) عبدالمنصور خان جي حياتي جي پڇاڙي ۽ موت جو احوال معلوم ٿي نه سگهيو آهي.

(١) هيءُ ڪتاب، سردار رحمدل خان جو شڪارپور مان وڃڻ. (٢) تاريخ بلوچستان ٢٠٨ (٣) تاريخ بلوچستان، ٢١٠

پوءِ ته ٻئي پيءُ پٽ زبردست لشڪر وٺي وچي قندار ۽ هرات جي ڪنڌ تي چڙهيا. ان وقت وزير فتح خان ٽيهه هزار افغاني لشڪر سميت هرات جي اولهه ۾ قاچاري لشڪر کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوهستان طرف ترسيو ويٺو هو.

ذوالحج ۱۲۳۳ هه ۾ محمود شاهه ۽ ڪامران فراهه ۾ پهتا ته پيءُ (محمود شاهه) اتي لٿو ۽ ڪامران هرات هليو ويو ۽ منصور خان کي وزير فتح خان جي لشڪر ڪشي جي معافي لاءِ قاچاري دربار ۾ موڪليائين. فتح علي شاهه قاچار جواب ۾ ڪامران کي چوائي اُماڻيو ته تون پنهنجي آئيندي جي سچائي لاءِ وزير فتح خان کي انڌو ڪري ۽ قيدي بڻائي مشهد ڏانهن موڪلي ڏي. ته پوءِ اسان مڃينداسين.

اهي ئي سبب هئا، جن ڪان شهزادو ڪامران وزير فتح جا درحق اُتاملڙيل ته اڳ ۾ ئي هو، ويتر سخت ڪروڌ ۾ اچي انهيءَ قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ وزير فتح خان جون هرات ۾ اکيون ڪڍرائي ڇڏيائين. جيئن هن ڪتاب ۾ جاڻايل آهي ته سال ۱۲۳۴هه/۱۸۱۸ع ۾ وزير فتح خان جي اکين ۾ تتل لوهي سرايون گهمائي کيس انڌو ڪرڻ ۾ آيو.

ڪامران جو اهو اڻائو ڪم آخرڪار سدوزئي بادشاهن جي خاتمي جو باعث بڻيو، ڇا لاءِ ته وزير فتح خان جا پائر طاقتور ۽ هلنديءَ پڄنديءَ وارا هئا. جڏهن ٻڌائون ته سندن وڏي ڀاءُ کي اکين کان انڌو ڪيو ويو آهي ته مڇرجي رڻ ٻاري ڏنائون. ڪشمير ڪان هرات تائين فسادن جي باهه ٻرڪائي ڇڏيائون دوست محمد خان ڪشمير ڪان واپس اچي ويو ۽ ڪابل تي حملو ڪري ڪامياب ٿيو ۽ محمود شاهه کي غزني پڄائي ڪڍيائين.

ڪامران ٽيهه هزار لشڪر وٺي پيءُ جي مدد لاءِ غزنيءَ پهتو ته هو ڏانهن محمد عظيم خان دوست محمد خان جي مدد لاءِ ڪشمير مان اچي رسيو. ڪامران جو لشڪر جڏهن ڪابل ۽ غزني جي وچ تي سيدآباد وردگ ۾ پهتو ته هن وزير فتح خان کي دراني سردارن هٿان، جيڪي سالس ڪڍ هئا، اهنج عذاب ڏئي قتل ڪري ڇڏيو. هيءُ هاڃيڪار واقعو ۱۲۳۴هه/۱۸۱۸ع ۾ ٿيو. هن جو لاش ٽڪر ٽڪرا ڪري غزني ۾ مزار علي لالاجي ڏاڪڻ پاسي دفنايو ويو.

وزير فتح خان جي قتل تي هيءَ تاريخ قلمبند ڪئي وئي:

پئي تحرير تاريخ شهادت
زقول هاتفم اين گشت مشتق.

*

## (١٧)
## سنڌ ۽ افغانستان جا مجددي:

### پير غلام محي الدين سرهندي ۽ نظام الدين سرهندي:

هيءُ فاروقي خانوادو (سرهندي) هندستان، افغانستان ۽ ماوراءِ النهر ۾ وڏي شهرت رکندڙ آهي. اصل اهي ڪابلي آهن، جن جو وڏو شهاب الدين فرخ شاهه، ڪابل ڪان اتر پنجشير وٽ، فرخ شاهه لڪ ۾ دفن ٿيل آهي. هن خاندان مان امام رفيع الدين حضرت مجدد جو پنجون ڏاڏو ڪابل کان سرهند (هندستان) ويو هو.

هن خاندان جي شهرت شيخ احمد مجدد الف ثاني سرهندي کان آهي. جيڪو مولانا عبدالاحد جو فرزند هو ۽ سندس نسب جون ڪڙيون وڃي حضرت عمر فاروق سان ملن ٿيون.

حضرت مجدد ١٤ شوال ٩٧١هه سهرند (سرهند) ۾ پيدا ٿيو. نقشبندي طريقي ۾ خواجه محمد باقي ڪابلي (متوفي دهلي ١٠١٢هه) وٽان فيض حاصل ڪيائين. چشتي قادري سهروردي حلقي ۾ آيو. هيءُ طريقت جو رهنما ۽ وڏو عالم هو. ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ اڱاري ڏينهن ٨ صفر ١٠٣٤هه ۾ وفات ڪيائين، سندس مزار اڄ عام ماڻهن جي لاءِ مطاف (طواف ڪرڻ) جي جاءِ آهي. انهيءَ خاندان مان پير غلام محي الدين ١٧٩٠ع ۾ پشاور مان سنڌ ۾ آيو. جڏهن اتي سکن جو غلبو ٿيو ته اتان ١٨٢٣ع ڌاري نڪري اچي شڪارپور ۾ رهيو.

سنڌ جي ٽالپورن عقيدتمندي جي ڪري هن جي ماهوار پگهار مقرر ڪئي ۽ ڪيس آبادي لاءِ وڏي زمين ڏنائون. افغان بادشاهن تيمور شاهه، زمان شاهه ۽ محمود شاهه، توڙي ايوب شاهه سدوزئي به هن کي شڪارپور ۾ اهڙيءَ ريت نوازيو. پير غلام محي‌الدين، مونس المخلصين جي روايت ص ٥٣ موجب حيدرآباد شهر لڳ دفن ٿيل آهي. ان جو پٽ پير نظام الدين تاريخ ١٧ رجب ڇنڇر ١٢٧٣هه ۾ فوت ٿيو. هن جي مزار شڪارپور ۾ (لکيدر لڳ) آهي ۽ سندس پويان

شڪارپور ۾ موجود آهن.

پير نظام الدين وڏو عالم ۽ شاعر هو. فارسي ۾ ديوان هيس. سندس تخلص نظام هو. هن مناجاتون ۽ مناقبا بہ لکيا هئا. هيءُ جيئن تہ ڪابل، قنڌار، هرات ۽ سنڌ ۾ گهڻي شهرت ٿا رکن، ان نسبت سان سندس شجرو هتي ڏجي ٿو. (۱)

(وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو تڪملہ مقالات الشعراء فضل باقي ۽ عمر و جانان).

*

(۱) خزينة الاصفياء ۱-۸-۶۰ ذڪر مجدد، تذڪره علماءِ هند ۱۲- سبحتہ المرجان ۴۸. تڪملہ مقالات الشعراء ۴۸۵ - ۶۰۰ افغانستان هندستان تيمورين جي دور ۾ قلمي از حبيبي. النساب الامجاد محمد حسن مجددي طبع لاهور ۽ History of Alienation in Sindh.

## (١٨)

## لعل شهباز قلندر:

سنڌ جو مشهور معروف صوفي ۽ ولي آهي. سندس نالو عثمان ولد سيد ڪبيرالدين احمد ولد سيد شمس الدين آهي، مختلف روايتن موجب سندس شجرو امام جعفر صادق سان وڃي ملي ٿو. ان ۾ ڪي اختلاف بہ آهن. (١)هن بزرگ جي ڄمڻ جي تاريخ ٥٣٨هہ لکي آهي.(٢) سندس سنڌ ۾ اچڻ جي دور بابت مشهور مؤرخ برني لکي ٿو: "شيخ عثمان مروندي وڏو بزرگ هو. سلطان محمد شهيد ولد سلطان بلبلن جي زماني ۾ سن ٦٦٢هہ ڌاري ملتان ۾ آيو، ڪيس سلطان محمد ارادت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ۽ شيخ صدر الدين (متوفي ٦٧٤هہ) فرزند شيخ بهاءُ الدين زڪريا سان صحبت ۾ رهيو.(٣) ان ڪان پوءِ ٦٤٩هہ ۾ سيوهڻ ۾ آيو، جنهن جي اچڻ جي تاريخ هيءَ لکي وئي آهي:(٤)

خرد تاريخ آن ارزوي اخلاص

نمود آفتاب زين بگفتا (٦٤٩هہ)

("عقل ان جي تاريخ هيئن لکي تہ هي دين جو آفتاب آهي.")

هن جي وفات جي تاريخ ۾ ا ختلاف آهن. ڪن جو چوڻ آهي، تہ ٧٢٤هہ ۾، ۽ ڪي چون ٿا ٦٥٠هہ، تہ ڪي وري ٦٧٣هہ ٿا ٻڌائين. سندس عمر ١١٢ سال ڄاڻائي وڃي ٿي، تہ ان حالت ۾ ٦٥٠هہ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. ليڪن هن لاءِ شعبان جو مهينو پورو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ اختلاف ڪونهي،(٥) تہ هيءُ انهيءَ مهيني ۾ گذاري ويو هو، جنهن موجب ٢١- شعبان تي سندس ساليانو ميلو منعقد ڪيو ويندو آهي.

---

(١) حيات قلندري، تحفة الڪرام، خزينة الاصفيا ٢- ٤٧.

(٢) لاڙڪاڻہ گزيٽيئر ٤٠- حيات قلندري، لُب تاريخ سنڌ.

(٣) تاريخ فيروز شاهي ٦٧. تحفة الڪرام ٣- ١٣٦، نزهة الخواطر ١- معصومي ٤٠ فرشتہ ١-٧١٠.

(٤) لب تاريخ سنڌ.

(٥) تاريخ الاولياء ٢-٣٢٦- برڪات الاولياء (١١٥) حيات قلندري، لب تاريخ سنڌ وغيره .

آزاد بلگراميءَ لکيو آهي، تہ شيخ عثمان مرندي، "مرند" نالي تبريز(١) جي هڪ وسنديءَ سان منسوب آهي. پاڻ طريقت جي سلسلي ۾ شيخ جمال مجدد سان لاڳاپو رکندڙ هو. سنڌ ۾ شيخ فريد گنج شڪر ۽ بهاءُ الدين زڪريا وٽ آيو ۽ پوءِ سيوهڻ ۾ رهائش اختيار ڪيائين.(٢) چيو وڃي ٿو، تہ هيءَ انتها درجي جو مست المست هو ۽ ملامتي طريقت تي رکيائين. شهباز قلندر جي نالي مشهور ٿيو ۽ سنڌس هزارين مريد آهن(٣).

هن جو مقبرو ۽ خانقاهہ سيوهڻ شهر ۾ آهي، جتي هزارين ماڻهو، هندستان ۽ افغانستان مان زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا. ابن بطوطا سنڌس مزار ٧٣٤هہ ۾ ڏٺي هئي، جڏهن پاڻ سيوهڻ وٽان لنگهيو هو.

٧٥٢هہ ۾ سلطان فيروز شاهہ جو لاش ٢۴ محرم تي ٺٽي مان سيوهڻ ۾ آندو ويو، جنهن کي قلندر جي خانقاهہ جي پاسي ۾ دفنايو هئائون، ان تي بہ ڪَتبا بہ موجود آهن. هن خانقاهہ جي عمارت اڏائڻ لاءِ بہ چيو وڃي ٿو، تہ مُلڪ رڪن الدين، اختيار الدين سلطان فيروز شاهہ جي حڪم موجب، تاريخ ٧ رجب ٧٥٧ هہ ۾ تيار ڪرايو هو، جنهن تي لکيل آهي:

"بعهد دولت فيروز شهہ سلطان دين پرور
کہ خاڪ درگهش سازند شاهان جهان افسر
از آن گاهي کہ برتخت شهنشاهي نشست آن شهہ
سراسر گشت گيتي از شعاع دولتش انور
عمارت شد مقام شيخ عثمان پير مروندي
ولي الله کہ او باز سفيد بحر بود و بر
چہ زيبا بارگاهي شد بهشتي طاق برگنبد
کہ رنگُ ئے نئہ فلڪ گشتہ ز ونگ بام او اخضر
اگرچہ اوليا اندر زمان شيخ بس بودند
و ليڪن در ڪرامت بود او از همگان برتر
بروز هفتم از ماه رجب مبني شد اين روضہ
بسال هفتصد پنجاه و هفت از هجرت مهتر

(١) ماثر الڪرام ٢٨٥.
(٢) تذڪره مشايخ سنڌ.
(٣) تذڪرة الفقراء، برڪات الاولياء ١۴ وغيره.

بـنـايـش كـرد والـي اخـتـيـار الـديـن مـلـڪ ارشـد
امـيـري عـادل و بـاذل، تـهـمـتن ثـانـي اسـڪـنـدر
ڪـہ تا بـود است سـيـوسـتـان نبـوده ايـن چنين والـي
سخي و مـشـفـق و مـكـرم، تقـي پـاڪ و ديـن پـرور
اُمـيـد آنسـت مـي بـايـد جـزايءِ ايـن چـنـين خـيـري
هـزاران فـيـض درجـنـت ز فـضـل ايـزد اڪـبـر." *

ترجمو:
"سلطان فيروز شاهہ دين پرور بادشاهہ جي حڪومت ۾،
جنهن جي بارگاهہ جي مٽيءَ کي، دنيا جا بادشاهہ پنهنجو تاج ٺا بنائين،
جڏهن کان اهو بادشاهہ شهنشاهي تخت تي جلوه افروز ٿيو آهي،
سڄي دنيا سندس بادشاهيءَ جي نُور سان مُنور ٿي وئي آهي،
حضرت عثمان مرونديءَ جو روضو تعمير ٿي ويو آهي،
جو ولي الله هو ۽ بَحر، بَر جو سفيد باز هو،
ڪهڙي نہ سهڻي درگاهہ تعمير ٿي آهي،
جنهن جو گنبذ بهشت جهڙن محرابن سان سينگاريل آهي،
۽ نوَن ئي آسمانن جو رنگ، سندس بالاخاني جي رنگ اڳيان سائو نظر اچي رهيو آهي،
جيتوڻيڪ حضرت قلندر جي زماني ۾ بيا اولياء بہ گهڻائي هئا،
پر قلندر سڀني کان وڏي درجي وارو هو،
۽ اهو سال ٧٥٧هہ هو،
هي روضو، ڄام ملڪ اختيارالدين تعمير ڪرايو،
جو منصف مزاج حاڪم، سخي، بهادر ۽ رتبي ۾ سڪندر جهڙو آهي،

* اصل مسودي ۾ قلندر شهباز جي حوالي سان بيت جا فقط ٻي بند ڏنل هئا، جن کي مڪمل ڪري ترجمو بہ ڏنو ويو آهي. ان کان عاوه گذارش آهي تہ: حضرت عثمان مرندي عرف حضرت قلندر لعل شهباز رح جي باري ۾، "معارج الولايت" جي حوالي سان مولانا دين محمد وفائي جي تحقيق، "تذڪره مشاهير سنڌ"، ڀاڱو ٻيون، (ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ١٩٨٥ع) ۾ ص ٢٩٦ تي، ڇاپايل آهي تہ: "...هو اصلي سنڌ جو رهاڪو آهي. حسيني سيدن سڳورن جي خاندان مان آهي." مزيد، "خزينة الاصفياء" جي حوالي سان لکيل آهي، تہ "...جنهن صورت ملامتيہ طريقي تي هو، تنهنڪري ماڻهو کيس قلندر سڏيندا هئا، گهڻين ڪرامتن ظاهر ٿيڻ ڪري، هزارين ماڻهو سندس معتقد ۽ مريد ٿيندا رهيا. - سنڌي ترجمي جو ايڊيٽر

**عثمان مرندي:**

هن بزرگ جي نسبت غلط طور مروندي مشهور آهي، اصل ۾ سندس درست نسبت مرندي آهي. معجمه البلدان (ص ٣ ٥٠، ج ٢) مطابق 'مرند' - آذربائيجان جو مشهور شهر آهي، جيڪو تبريز کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي اچي ٿو.

انسائيڪلوپيڊيا اسلام ۾ (مرند هينان) اهو فاصلو چاليهه ميل ٻڌايل آهي، ساڳي ڪتاب ۾ گرجيف جي حملي جي تاريخ ٦٠٥ کان ٦٠٧هه تائين ڄاڻائي وئي آهي، جنهن مان اها به خبر پوي ٿي، ته ٦٢٢هه ڌاري 'مرند' کي علي اشرفي فتح ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ خوارزم جي گورنر شرف الملڪ ان کي ٻيهر قبضي هيٺ آندو، ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو. گمان آهي، ته انهن وڳوڙن جي ڪري قلندر شهباز کي پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو.

ابن بطوطا ٧٣٣هه ڌاري سيوهڻ ۾ آيو، ته مزار تي عثمان المرندي لکيل ڏٺو هئائين. (ڏسو عجائب الاسفار ٣ - ١٣٥). هڪڙو بيو 'مرند' جيحون درياءَ کان پرتي ختل جي علائقي ۾ به هو، مگر قلندر شهباز جو تعلق آذربائيجان واري مرند سان هو، جا ڳالهه بلڪل صحيح آهي. فرهنگ انوار، ج ٢، ص ٢٥٢ تي ڪيس خراساني الاصل لکيو ويو آهي. (١)

قلندر شهباز جو مقبرو مختلف مرحلن ۾ تعمير ٿيندو رهيو. پهريان اهو سلطان فيروز تغلق جي زماني ۾ ٧٥٧هه ۾ تيار ٿيو. اُن کان پوءِ اڪبر مغل جي دور ۾ مرزا جاني بيگ تعمير ڪرايو. مرزا جاني بيگ جي وفات کان پوءِ ان جي پٽ مرزا غازي بيگ ان جي مرمت ڪرائي. شاهه جهان جي زماني ۾ سيد دينار خان فرش هڻايو ۽ مسجدون ٺهرايون. پوئين زماني ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ١١٧٣هه ڌاري خانگاهه لاءِ جهنڊو موڪليو ۽ ٻاهريون وڏو دروازو ٺهرايائين. اهڙيءَ ريت هي تڪميل تي پهتو. (٢) [هاڻي، هڪ نئون مقبرو، سالن کان زير تعمير آهي.]

*

(١) مقالات مولوي محمد شفيع حاشيه، ص ٣١٠، ج پهريون.

(٢) الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ص ٧١.

## (١٩)
## ميان قبول محمد:

مخدوم عبدالوهاب (١٠٩٠هہ) جي خاندان ۽ مخدوم ابوالفتح جي اولاد مان آهي. مخدوم عبدالوهاب جو نسب وڃي حضرت عمر فاروق سان ملي ٿو. هن جي درگاهہ درازن (خيرپور) ۾ آهي، جتي سندس پونير رهن ٿا. هن خاندان مان ڪيئي عالم ۽ صوفي ٿي گذريا آهن، جن جي ماڻهن ۾ عقيدت، ارادت جي لحاظ کان ڪافي مقبوليت هئي. هنن مان خاص ڪري ميان محمد صاحبڏنو ١١٠١-١١٩٩هہ سنڌي شاعر هو. (١) سندس پاڻيٽيو ميان عبدالوهاب عرف سچل سرمست ولد ميان صلاح الدين ١١٥٢هہ ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٢٤٢هہ ۾ وفات ڪيائين. هيءُ سنڌي، فارسي، سرائڪي، هندي وغيره جو وڏو صوفي شاعر هو. سندس ڪلام مان تصوف جي رنگ ۽ وحدت الوجود واري فلسفي ۽ توحيد جي پروڙ پوي ٿي. سنڌي، سرائڪي ڪان سواءِ فارسي ۾ سندس ديوان آشڪارا ڇپيل آهي. تنهن سان گڏ مختلف مثنويون، رازنامہ، رهبر نامہ، قتل نامہ، گواز نامہ ۽ تارنامہ تصوف جي انداز ۾ لکيا هئائين. (٢) سنڌي ۽ سرائڪي ۾ "سچل" تہ ڪٿي "سچو" ۽ فارسي ۾ بہ آشڪارا جي تخلص سان مشهور معروف آهي. ميان قبول محمد جنهن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي، ١٢٤٠هہ ۾ هن خاندان جو سجاده نشين ۽ پلارو بزرگ هو. شاهہ شجاع سندس زيارت لاءِ حاضري (٣) پري هئي. سندس وفات هن ڪتاب جي نسخي الف قلمي جي حاشيہ جي لکت موجب ١٢٤٥هہ ۾ ٿي هئي. (٤) مرزا قليچ بيگ هن خاندان جو شجرو هيٺينءَ ريت ڏنو آهي (٥)

---

(١) سنڌي ادب طبع ڪراچي، ٦١ ۽ قديم سنڌ ٤٥٦. (٢) سنڌي ادب ٧٣. (٣) هيءُ ڪتاب ۽ واقعات (٤) نسخو قلمي الف هيءُ ڪتاب ١٤٣. (٥) قديم سنڌ ٤٥٦. هن ۾ سن حبيبي جا ڏنل آهن.

مخدوم عبدالوهاب (١٠٩٠هه)

ميان صلاح الدين (١١٢٠هه)

ميان عبدالوهاب
سچل سرمست
١١٥٢-١٢٤٢هه
سرموڙ شاعر

ميان محمد حافظ صاحبڏنو
سنڌي شاعر
١١٠١- ١١٩٩هه

ميان عبدالحق
١٢٢٠هه

ميان قبول محمد متوفي ١٢٤٥هه
هن ڪتاب ۾ ذڪر ٿيل

ميان نظر محمد ١٢٨٠هه

ميان نجم الدين ١٣٢٠هه

ميان قبول محمد پيرو ١٣٥٠هه
ڏسو قلندر شهباز جي مزار جا ڪتبا.
مقالات الشعراء- سيد حسام الدين راشدي.

## (٢٠)

## مرزا احمد خان:

مرزا احمد خان حساب ۽ ادب سان واسطو رکندڙ هو. ١٢٣٥هـ ۾ قنڌاري سردارن جي دربار ۾ آيو، جتي ڪار مختاري جو عهدو هيس. ١٢٣٦هـ ۾ سردار محمد عظيم خان بارڪزئي ۽ سنڌ جي ميرن درميان صلح ٿيو تہ سردار پنهنجي لشڪر سان شڪارپور مان واپس قنڌار ويو. هن ڪتاب جي مؤلف مرزا عطا محمد عطائي شڪارپوري بہ ملا مؤمن خان شڪارپور جي حاڪم جي مرضي سان قنڌار جو سفر ڪيو، اتي سردار شير دل خان جي دربار ۾ ملا مؤمن خان سان گڏ مرزا احمد خان جي جاءِ تي ڪار مختار مقرر ٿيو.

مرزا عطا محمد هن صاحب مرزا احمد خان جو بيان هن ڪتاب ۾ ڪندي لکيو آهي تہ انسانيت، مروت وارو ۽ هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو. جنهن اڳ ۾ سردار شير دل خان وٽ ڪار مختاري جو عهدو ٿي سنڀاليو، جڏهن اهو عهدو سندس مرزا عطا محمد کي ملامؤمن خان جي واسطيداري سان مليو تہ بيوفا دنيا جيڪا بغض ۽ حسد تي هلندي پئي اچي، ان جي ابتڙ مرزا احمد خان پنهنجي نيڪ ذاتي ۽ نجابت جي ڪري مون سان ڏاڍو سهڻو سلوڪ روا رکيو، اينتري قدر جو آءٌ سندس نيڪين تي ڇڪن ٿي پيس. هي پورن ٻن سالن تائين منهنجي ملازمت واري دور ۾ مون تي مهربانيون ۽ نوازشون ڪندو رهيو.

خدا جي رحمت ۽ آفرين هجي اهڙي نيڪ مرد ۽ سندس والد تي (١) مرزا احمد خان جيتوڻيڪ اصل ڪابل جو هو، پر ڪيترو عرصو قنڌار ۾ گذاريو هئائين ۽ قنڌاري سردارن جي معتبر درٻارين مان هو. هن جون سردار مهردل خان تخلص مشرقي سان بہ ادبي رهاڻيون رهنديون آيون. سندس ولادت ١١٩٥هـ ۽ وفات ١٢٨٠هـ ۾ ٿي هئي. هن جو ديوان موجود آهي. تخلص احمد هيس. (٢)

مرزا احمد خان ١٢٧١هـ ڌاري قنڌار ۾ هو، جڏهن سندس انيس ۽ جليس،

(١) هيءُ ڪتاب، ٽالپورن جو سردار محمد عظيم خان سان صلح ڪرڻ.

(٢) دائرة المعارف افغانستان، ٣-٥٨٢.

سردار مهردل خان، وفات ڪري ويو. ان جي تاريخ وفات تي هي رباعي لکي ڪتبي جي صورت ۾ سندس مزار تي نصب ڪيائين.

احمد از هرکس تفحص مي نمود
سال فوت آن شهه اقليم جود
هاتفي بنهاد سربر پاش گفت،
منزل اوباد جنات الخلود (١٢٧١هه)

معنيٰ:

احمد سڀ ڪنهن کان سندس وفات جو سال تي پڇيو، هاتف ان جي پيرن تي مٿو ٽيڪي چيو، هن جي جڳهه شل جنت ۾ هجي.

***

## (٢١)

## عبدالله خان اچڪزئي:

عبدالله خان ولد حاجي سربلند خان اچڪزئي، افغان سردارن مان هڪ مجاهد ٿي گذريو آهي، جنهن پهرين افغان جنگ ١٨٣٩ع کان ١٨٤٢ع ڪابل ۾ مجاهدن جي قيادت ڪندي انگريزن سان مقابلا ڪيا. هيءُ ڪابل جي ملي قيام نومبر ١٩٤١ع جو پهريون محرڪ هو.

عبدالله خان ڪوئيٽہ کان پنجاهہ ميل اتر تي جبل پاسي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. سدوزئي سلطان واري دور ۾ هن جي خاندان جي وڏي هاڪ هئي. هن جا ڪيئي فرد ڪابل، پشاور ۽ بين هنڌن تي حڪمران هئا. عبدالله خان پاڻ قنڌار جي سردار برادري جي وزير فتح خان جو خاص مقرب هو. ١٢٣٨هہ ۾ جڏهن انهن سردارن هرات تي گهيرو ڪيو تہ عبدالله خان هنن جي فوجي سربراهہ هئڻ سان گڏ سندن وڏو صلاحڪار بہ هو. (١)

هڪ انگريز خبر نگار، جنهن ١٨٢٧ع ۾ بلوچستان جو دورو ڪيو هو، عبدالله خان بابت لکي ٿو: هيءُ اچڪزئي قبيلي جو وڏو سردار هو، جنهن جي وڏي رهائي رسائي هئي. قنڌار جي سردارن جي هن جي ڪري قوت قائم هئي. سوداگرن جا قافلا سندس قلعي وٽان لنگهندا هئا ۽ هيءُ انهن کان محصول وٺندو هو. وٽس لشڪر پڻ هو(٢).

سيد احمد بريلوي سکن سان جهاد ڪرڻ جي امداد لاءِ ١٨٢٦ع ۾ نڪتو تہ

---

(١) هي ڪتاب. محمد خان ڪوهي جي فريب بازي ۽ سراج وغيره.

(٢) سياحت نامہ ميسن انگريزي ج ١، ص ٣٤٢ تي لکيل آهي تہ عبدالله خان قافلي وارن کان في گڏهہ پنج رپيا هندن کان ۽ هڪ رپيو مسلمانن وٽان وصول ڪندو هو. (٢) افغانستان ١٩ صدي ۾، ص ١٠٢.

سنڌ مان افغانستان ويندي ٿي ڏينهن هن جو مهمان ٿي رهيو هو، جتي هنن جنگ جو نقشو تيار ڪيو.

ان ڪان پوءِ عبدالله ڪابل ۾ آيو ۽ افغان جي پهرين جنگ ۾ مجاهدن جو قائد ٿي رهيو. سندس ڪارناما هن ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن. سندس شهادت جي باري ۾ جاثايل آهي تہ بيبي مهرو جي ٽپي ۾ ١٣ نومبر ١٨٤١ع بمطابق ٢٧ رمضان ١٢٥٧هہ ۾ ٿي هئي. ان لاءِ موهن لال، شيرين خان ۽ نائب شريف خان کي، پئسا ڏنا هئا، جن ڪيس جنگ جي ميدان ۾ زخمي ڪيو هو. هن جي پائنتي پير دوست محمد خان کي بہ شهادت نصيب ٿي هئي. موهن لال مشهور مؤرخ آهي، جيڪو انگريزن جو جاسوس هو.

*

## (٢٢).

## وفات سردار محمد عظيم خان:

سردار محمد عظيم خان ولد سردار پائنده خان ١٢٣٨هہ ۾ اٺتيھن ورھين جي ڄمار تائين پڄندي، ڪابل ۾ فوت ٿي ويو. کيس ڪابل جي ڏکڻ اولهہ پاسي مزار عاشقان، عارفان واري مقام ۾ دفنايائون. هن جي قبر تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي:

چو پرسند سال فوتش بگو
بہ خلد برين ايز دش جادهار ١٢٣٨هہ

(جڏهن سندس وفات بابت پڇيو وڃي تہ ٻڌائج، خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏني).

هن جي مرڻ مهل ڪابل جي خزاني ۾ پورا نو لک رپيا رکيل هئا، جيڪي سندس پٽ سردار حبيب الله خان جي قبضي ۾ آيا. جن لاءِ سردار دوست محمد خان، جيڪو تڏهن ڪابل جي اتر ڪوهستان واري علائقي جو حڪمران هو، پنهنجي ڀاءُ سردار امير محمد خان جي مدد سان لشڪر وٺي غزني ويو ۽ سيد آباد وردگ وٽ وڃي سردار حبيب الله خان سان لڙيو، پر شڪست کاڌائين. تنهن کان پوءِ وري لشڪر تيار ڪري پنهنجي ڀائٽي حبيب الله سان ڇڪري ڏئي ڪانئس ڪابل کسي ورتائين. پوءِ سڀني ڀائرن (سردار پائنده خان جي پٽن) محمد عظيم خان جي خزاني هٿ ڪرڻ لاءِ (جيڪو خود سندن ڀاءُ هو) اڇي قندار ۾ ميڙاڪو ڪيو ۽ هڪ ٻئي جي خونريزي کان پوءِ سردار دوست محمد خان سان صلح ڪري نواب عبدالجبار خان جي گهر اچي گڏ ٿيا، جتي محمد عظيم خان جي ملڪيت ورهائي ڪنيائون. (١) هيءُ واقعو ١٢٣٩هہ ۾ ٿيو هو.

---

(١) سراج ١-٦٠.

## (٢٣)

## وفات سردار شيردل خان:

سردار شير دل خان جي وفات بابت هن ڪتاب ۾ ڪجهه به نه ڇاڻايو ويو آهي. پر فيض محمد هزاري سراج التواريخ ۾ لکيو آهي ته ١٢٤١هه ۾ جڏهن سنڌ جي ميرن افغاني حڪمرانن کان منهن موڙ ڪئي ۽ وڏو لشڪر سنبرائي اتان جي حاڪم سردار رحمدل خان سان شورش ڪرڻ لڳا ته سردار شير دل خان خبر ملندي قنڌار کان وڏو لشڪر وٺي سنڌ ڏانهن وڌيو.

سردار رحمدل خان سنڌين جي وڳوڙ کان هراس ۾ آيل هو، تنهن ڪري پنهنجي نائب سلطان خان ولد الهداد خان انڪي زئي (١) الڪوزئي کي اتي ڇڏي پاڻ قنڌار روانو ٿيو. واٽ تي هن جي پنهنجي ڀاءُ سردار شير دل خان سان ملاقات ٿي، جنهن ڪيس مهٽي هاب ڪيو ته تو هروڀرو ڇا لاءِ ملڪ ڇڏيو ۽ اتي رهي اوسيئڙو ڇو نه ڪيو؟

الاهي قضا اهڙي اچي ٿي جو اتيئي سردار شيردل خان کي سخت بخار ٿي پيو، آخرڪار جمعي ڏينهن ٢٥ محرم ١٢٤٢هه اڪيتاليهن ورهين جي عمر ۾ فوت ٿيو. ڪيس "حضرت جي" واري مقام ۾ دفن ڪيو ويو(٢).

ان کان پوءِ شڪارپور ۾، جيڪي ڪجهه ٿيو، تنهن بابت هن ڪتاب ۾ (رحمدل خان جو شڪارپور مان وڃڻ بابت) احوال ڏنل آهي.

*

---

(١) سراج التواريخ ١-١٠٨ ۾ لکيل آهي ته سردار رحمدل خان عبدالمنصور خان کي شڪارپور جي حڪومت حوالي ڪري ويو هو، ڏسو تعليق ١٥.

(٢) سراج ١-١٠٨.

## (٢٤)

## جنرل وينتورا:

اوپر جي مؤرخن هن جو نالو پنهنجي مرضيءَ موجب لکيو آهي. هيءُ پهريون يورپي شخص هو، جنهن پنجاب ۾ رنجيت سنگهه جي لشڪر کي جديد تقاضائن موجب ترتيب ڏنو. هيءُ اصل ۾ اطالوي هو ۽ نيپولين جي لشڪر ۾ ڪيس ڪرنل جو عهدو مليل هو. ڪي ان کي يهودي ڪري لکن ٿا.

هي اول ايران ۾ آيو، ان کان پوءِ مارچ ١٨٢٢ع ۾ لاهور پهتو، جتي رنجيت سنگهه جي لشڪر جي هڪ برگيڊ سندس حوالي ڪئي وئي. (١) ١٨٢٣ع ۾ افغانن واري جنگ ۾ هن بهرو ورتو، جنهن عوض ڪيس وڏي پگهار ۽ زمين عطا ڪئي وئي. پوءِ هيءُ هميشه رنجيت سنگهه جي جنگي مهمن ۾ حصو وٺندو رهيو. رنجيت سنگهه جي خاندان ۾ سکن جيڪي شورشون ڪيون تن کي دفع ڪرڻ ۾ به هن وڏا ڪم ڪيا. ١٨٣١ع کان ١٨٣٣ع تائين هن کي ملتان موڪليو ويو، تنهن کانپوءِ لاهور جو قاضي ۽ حاڪم مقرر ٿيو. ١٨٤٣ع ۾ اتان لٿو ۽ تاريخ ٣ اپريل ١٨٥٨ع ڌاري تاولوس ۾ فوت ٿيو.

بايو گرافي هند ٤٣٦.

*

(١) مسٽر ميسن پنهنجي سفر جي روداد ۾ لکي ٿو ته وينتورا رنجيت سنگهه جي ڇهن هزارن واري منظم لشڪر جو سربراهه هو، جن ۾ هڪ گورکا رجمينٽ ۽ ٻي پيادي رجمينٽ هئي.

## (٢٥)

## پير صبغت الله ۽ سندس خاندان:

انهي خاندان مان هن ڪتاب ۾ چند بزرگن جو بيان آيل آهي، جيڪو وڌيڪ وضاحت سان هت پيش ڪجي ٿو. هن خانوادي جو وڏو سيد محمد مڪي آهي، جيڪو حجاز مان بغداد ۽ اتان سنڌ ۾ آيو. هيءُ خاندان زهد عبادت وارو هو. سنڌ ۾ هن جا ڪافي مريد آهن. هن خاندان مان پير محمد بقا ٻارهين صدي هجريءَ ۾ وڏي شهرت وارو ٿيو. هيءُ سيد فقير الله علوي شڪارپوري جي همعصرن مان هو. هن جي ولادت ١١٣٥هه شعبان مهيني جي پهرين تاريخ ٿي هئي. پاڻ ١١٩٨هه ۾ هيءُ جهان ڇڏي ويو.

ان کان پوءِ هن جو پٽ سيد محمد راشد گاديءَ تي ويٺو. سندس ولادت ١١٧٠هه ۾ ٿي هئي. هن کي روضي ڌڻي سڏجي ٿو. ان کان پوءِ مريدن جو تعداد لکن تائين وڃي پهتو. ١٢٣٣هه ۾ هن وفات ڪئي، سندس مزار پير ڳوٺ ۾ آهي.

سيد صبغت الله انهيءَ پير محمد راشد جو فرزند هو، جنهن کي تجر ڌڻي پاڳارو ڪوٺجي ٿو. هيءُ خاندان جو وڏو ۽ حر تحريڪ جو باني هو. هن وٽ هزارين جانباز ۽ مجاهد مريد موجود هئا. سيد احمد بريلوي جڏهن ١٧ ذوالقعد ١٢٤١هه ۾ هتي آيو ته پير ڳوٺ ۾ انهيءَ سيد صبغت الله جو مهمان ٿي رهيو. ٻنهي پاڻ ۾ جهاد جي باري ۾ صلاح مصلحت ڪئي هئي، تنهن کان پوءِ به هنن جي پاڻ ۾ خط و ڪتابت هلندي آئي(١).

سيد حميدالدين هن سنڌي سيد بابت لکي ٿو: سڄي سنڌ ۾ هن جهڙو ڪو بيو بزرگ ۽ پلارو ڪونه ٿو سجهي، هن جي مريدن ۾ ٿي لک بلوچ شامل آهن. هيءُ وڏي مان مرتبي سان هر طرح خوش پيو گذاري. سخاوت مروت ۾ به سندس وڏو نالو آهي. هن وٽ عجيب ڪتب خانو آهي، جنهن ۾ سو ديوان نهايت خوش خط رکيل آهن. اهڙا ديوان شايد ڪنهن شاهي ڪتبخاني ۾ هجن. ان کان علاوه

---

(١) تاريخ عجيبه ٢١٨.

ستر پنجهتر تفسيرون بہ انهيءَ ڪتبخاني جي زينت آهن. فردوسيءَ جي شاهنامي جا پنج جلد بہ انهيءَ ڪتب خاني ۾ رکيل آهن، جن مان ٽي سوني پاڻيءَ سان لکيل ۽ باتصوير آهن.(١)

سيد صبغت الله جو هڪ ڀاءُ محمد ياسين نالي هو، جيڪو پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ پير جهنڊي جي نالي سان وڃي ٻي هنڌ گادي قائم ڪري وينو. اهو بہ پاڻ سان ميراث طور وڏو ڪتبخانو کڻي آيو، جيڪو اجا تائين پير جهنڊي ۾ موجود آهي. هن جي پوين مان پير رشيدالدين، مرشدالله ۽ ضياءالدين مشهور آهن(٢).

پير صبغت الله تجرڏٺي تاريخ ٥-رمضان ١٢٤٦هہ تي فوت ٿيو. کيس پير ڳوٺ ۾ رکيو ويو. سندس گاديءَ تي پير علي محمد اول وينو، جو عالم شاعر ۽ طبيب هو. هن پنهنجي ڀاءُ علي گوهر شاهہ اصغر کي گادي ڏني، پاڻ علمي ڪم ۽ خلق جي خدمت ڪرڻ لڳو. هيءُ اهوئي پير آهي، جنهن جو هن ڪتاب ۾ خاص ذڪر مليل ٿو. هن پير جي وڏي هاڪ هئي، سياسي معاملن ۾ هن خيرپور جي آخري حڪمران مير علي مراد جي سخت مخالفت ڪئي. ڪتاب جو مؤلف جيئن تہ مير صاحب جو طرفدار هو، ان ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هن جو انهيءَ سيد اصغر سان اختلاف هجي، تنهن ڪري ان جو اظهار ڪيو آهي.

پير علي گوهر ۴ رجب جمعي ڏينهن ١٢٣١هہ ۾ پيدا ٿيو. سندس وفات ١١ جمادي الاول ١٢٦٣هہ ۾ ٿي هئي. هن کي بنگلي ڏٺي سڏجي ٿو. هيءُ سنڌي زبان جو شاعر هو ۽ "اصغر" جي تخلص سان شاعري ڪندو رهيو.

*

(١) سيد احمد ٣٠٣. مولانا مهر، طبع لاهور ١٩٥٢ع

(٢) سيد احمد شهيد، ص ٣٠٨.

# راشدي پيرن جو شجرو

سيد صبغة الله 'تجر وارو' وفات: 5 رمضان 1246هه "پير پاڳارو"

- سيد علي گوهر "اصغر" (ڄمر: جمع 4 رجب 1231هه کان 11 جمادي الاول 1263هه)
  - سيد حزب الله تخلص "مسڪين" ڄمر: ڇنڇر 18 شوال 1258هه
    وفات: خميس 4 محرم 1308هه مشهور "تخت وارو"
    - شمس العلماء سيد علي گوهر ثاني مشهور "محفه وارو"
      ڄمر: سومر 11 رمضان 1276هه
      وفات: جمع 24 جمادي الاول 1314هه
      - "شمس العلماء" شاهه مردان I مشهور "ڪوٽ وارو"
        ڄمر: آچر 7 صفر 1279هه وفات: اڱارو 7 ربيع الاول 1340هه
        - پير صبغة الله II، ڄمر: 13 صفر 1327هه
          ٻي جنگ عظيم دوران (1945ع) انگريزن سان بغاوت سبب قيد ڪيو ويو.
          - سيد شاهه مردان (سجاده نشين موجوده)
- سيد علي محمد I
  - سيد پير شاهه
    - سيد حامد شاهه (سيد حزب الله مسڪين جي ڌيءُ جي پيٽان)
      - پير علي محمد راشدي (ليکڪ، سياستدان، وزير ۽ سفير)
      - سيد حسام الدين راشدي (محقق، تاريخدان ۽ مؤلف)
      - سيد احمد شاهه

سندن خاندان جي ڪجهه بزرگ شاعرن جي شاعري ۽ شرح جي احوال بابت: رک: تکمله المقالات الشعراء، ص 442)

## (٢٦)
## سيد احمد بريلوي جي شهادت:

سيد احمد ولد سيد محمد عرفان، سيد قطب الدين شاهہ محمد جي اولاد مان هو، جيڪو ٦٠٧هہ ڌاري غزني مان هندستان ويو. هيءُ بدايون شهر جو شيخ الاسلام هو، جتان جا قاضي سندس پونير آهن.(١) هن ٦٢٧هہ ۾ وفات ڪئي هئي.

سيد احمد (مجاهد ۽ شهيد) ٦ صفر ١٢٠١هہ مطابق ٢٩ نومبر ١٧٨٦ع ڌاري راءِ بريلي (الهہ آباد) ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئي هيٺ مٿانهيون ڏٺائين ۽ گهڻو سفر ڪيائين. پڇاڙيءَ اسلامي جهاد جو علمبردار ٿيو، جنهن جي وسيلي هن جا ڪيئي مريد ۽ ساٿياري ٿيا. حج ڪرڻ کان پوءِ سڄي هندستان ۾ جهاد جي تحريڪ لاءِ سفر تي نڪتو. ذوالقعد ١٢٤١هہ ۾ دهليءَ کان سنڌ ۾ آيو ۽ شڪارپور اچي پهتو. نيٺ ١٥ محرم ١٢٤٢هہ ۾ ڪوئيٽہ ٽپي قنڌار ويو، اتان غزني ۽ ڪابل وڃي نڪتو ۽ جتي ڪٿي جهاد جي تبليغ ڪندو، ماڻهن کي ان جي في سبيل الله دعوت ڏيندو آيو. پشاور ۾ بارڪزئي سردارن سان وڙهيو. پڇاڙيءَ ۾ سکن جي حڪومت سان ١٨٢٦ع ۾ ٽڪريو.

پشاور جي اوسي پاسي ڪيئي سال مجاهدن جي جماعت تيار ڪندو رهيو ۽ اسلامي حڪومت جو بنياد رکيائين، جنهن موجب ماڻهن کان عشر ۽ ڍل تي اگاڙيائين. کيس اميرالمؤمنين جو خطاب مليو. هيءُ ڪيترين جنگين کان پوءِ ضلع هزاري ۾ ويو. اتي بہ جهاد جي تبليغ ڪرڻ لڳو. پڇاڙيءَ ۾ بالا ڪوٽ واري معرڪي ۾ پنهنجي ساٿيارين سان گڏ شهيد ٿي ويو.

بالاڪوٽ مانسهره ضلع هزاري کان ڇهويهن ميلن جي فاصلي تي ڪاغان ندي جي ڪناري تي آهي ۽ ڪاغان لڪ ۾ اچي ٿو. سکن جي حڪومت جي لشڪر جي سربراهہ شير سنگهہ شوال ١٢٤٦هہ جي شروعات ۾ هزاري ضلعي مان مجاهدن کي ڪڍي ٻاهر ڪيو، ۽ هنن مٿان گهيرو تنگ ڪيائين. مجاهدن سيد

---

(١) تاريخ فيروز شاهي ١١١.

احمد ۽ سيد اسماعيل جي قيادت ۾ چگو پاڻ پتوڙيو، پر، ٢٤- ذوالقعد ١٢٤٦ھ مطابق ١٠ مئي ١٨٣١ع ۾ جمعي جي ڏينهن صبح جو سڀ سکن هٿان شهيد ٿي ويا (١).

مون گرميءَ جي موسم ١٩٥٥ع ۾ سيد احمد شهيد جي مزار مبارڪ جي زيارت ڪئي، جنهن جي اوسي پاسي انهيءَ معرڪي جون قبرون موجود آهن. مزار کان پنج سؤ قدم پرتي سيد اسماعيل شهيد جي تربت آهي. [ڪتاب جو فارسي ايڊيٽر]

---

**سنڌيڪار جو تفصيلي نوٽ:**

سيد احمد شهيد جي تحريڪ معاشري جي اصلاح ۽ دين جي تبليغ جي تحريڪ هئي. سيد صاحب جي خيال ۾ مسلمانن جي زوال جو سبب اهوئي هو ته هُو اسلامي تعليم، خاص ڪري جهاد کان منهن موڙي چڪا آهن، جنهن ڪري هنن ۾ ڪيئي اخلاقي خرابيون پيدا ٿي پيون. سيد صاحب ۽ سندس ساٿي مجاهدن جي اها ڪوشش هئي ته اسلام جو مذهبي، سياسي ۽ اخلاقي نظام قائم ڪرڻ ۾ اچي، جنهن ۾ روحانيت جو اصول ڪارِبند رهي.

سيد صاحب جي تحريڪ شروع ٿي ته انگريز به هندستان ۾ پنهنجا پير ڪوڙي وڏيڪ جهت لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. اهڙي عالم ۾ ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته مسلمانن کي متحد ۽ منظم ڪري انگريزن جي مقابلي ۾ آندو وڃي، جيئن ميدان صاف ٿيڻ کان پوءِ خالص اسلامي نظام جي قيام لاءِ راهه هموار ڪئي وڃي.

سيد صاحب سکن سان جهاد ڪرڻ لاءِ نڪتو هو. سندس پهريون معرڪو راجا رنجيت سنگهه جي جنرل بڌ سنگهه سان ١٩ ڊسمبر ١٨٢٦ع ڌاري اڪوڙهه خٽڪ واري هنڌ ٿيو، جنهن ۾ بڌ سنگهه بيهي نه سگهيو ۽ پوئتي هٽي ويو. ان کان پوءِ ١١ جنوري ١٨٢٦ع ۾ هنڌ علائقي جي عالمن، رئيسن ۽ خانن اچي هن جي بيعت ڪئي ۽ کيس امير المؤمنين جو خطاب ڏنائون ۽ مسجدن ۾ سيد صاحب جي نالي خطبا جاري ٿي ويا.

پشاور جي سردارن مان يار محمد خان به اچي سيد صاحب جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ انهن جي صلاح تي جنرل بڌ سنگهه سان ٻيو معرڪو ٿيو، ليڪن جنهن ڏينهن جنگ شروع ٿيڻ واري هئي، تنهن جي رات جو يار محمد خان سيد صاحب کي کاڌي ۾ زهر ڏنو، جنهن ڪري پاڻ بيهوش ٿي ويو ۽ يار محمد خان پنهنجي لشڪر سميت ميدان مان ڀڄي ويو.

موهن لال، جيڪو رنجيت سنگهه جو درباري هو، تنهن عمدة التاريخ ۾ لکيو آهي ته اٽڪ پار رهندڙ ماڻهن ۾ اها ڳالهه مشهور هئي ته يار محمد خان راجا رنجيت سنگهه سان مليل، سيد

---

(١) سيد احمد شهيد ٤٤٠.

٦- سيد صاحب جي ذات بابت اهي ڳالهيون عام ٿيڻ لڳيون ته هيءُ مزاج جو ڏاڍو سخت آهي ۽ ڪنهن جي به ٻڌڻ وارو نه آهي، جيتوڻيڪ ائين ڪونه هو.

سيد صاحب تي انهن ڳالهين جو وڏو گهائيندڙ اثر پئجي ويو. هن جون اهي ڪوششون، جن کي رنجيت سنگهه جا جنرل ٻڌ سنگهه تونٽي ونٽورا ناڪام ڪري نه سگهيا، اهي رنجيت سنگهه جي ڊپلوميسي جي ڪري مسلمانن جي ئي هٿان مٽيءَ ۾ ملي ويون!

(روزانه جنگ ڪراچي، ٣ مئي ١٩٩١ع، مضمون حسين حسني جي حوالي سان.) -مترجم

نوٽ: سيد صاحب جنهن معرڪي ۾ شهيد ٿيو، تنهن ۾ هڪ سؤ پنجٽيهه (١٣٥) جڻا پيا به شريڪ هئا، جيڪي پڻ شهيد ٿيا، جن جا لاش بالاڪوٽ ۾ دفنايا ويا. سيد صاحب جي مزار به اتي ئي بالاڪوٽ ۾ آهي، جنهن ۾ صرف سندس ڌڙ دفنايو ويو، باقي هن جو سر مبارڪ جيڪو درياهه جي وهڪري ۾ لڙهي ويو هو، ۽ جنهن کي ڳڙهي حبيب الله وٽ ڏهن ميلن جي مفاصلي تي پاڻيءَ مان ڪڍيو ويو، سو اتي دفن ٿيل آهي. هن جي مزار ڪنار درياهه جي ڪناري ڪاغان پل ۽ مسجد سيد جي پرسان بالاڪوٽ ۾ آهي، جيڪا عجب خان زيدهه ١٨٩٣ع ۾ درياءِ ڪان پوءِ تعمير ڪرائي هئي. -حبيبي

**

# (٢٧)

## قاضي محمد حسن:

### ڏسو تعليق نمبر ١٤ پشاور جا قاضي خيل

(١٤) ۾ پشاوري جي قاضي خيل ۾ قاضي محمد حسن جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. -سنڌيڪار

## (۲۸)

## درگاهہ شاهہ خيرالدين:

پراڻي سکر ۾ آسماني رنگ جي قبي سان مشهور درگاهہ آهي. گزيٽيئر ضلع سکر ۾ سمٿ، بمبئي ۱۹۱۹ع ۾، لکي ٿو تہ، سکر جي قاضي وٽ هڪ قلمي ڪتاب ڏٺو ويو، جنهن ۾ لکيل هو تہ شاهہ خيرالدين ۱۴۹۲ع /۸۹۸ هہ ۾ پيدا ٿيو. جوانيءَ وارو دور ديني علم سکڻ لاءِ بغداد ۾ گذاريائين. پوءِ سنڌ هليو آيو. ڪو وقت بلڙيءَ ۾ رهي وري سکر اچي وسايائين.

ڪيتري عرصي کان پوءِ بلڙيءَ مان سکر اچڻ ٿيس، جتي وفات ٿائين هو. اهڙيءَ ريت هڪ روحاني خاندان هتي سنڌ ۾ باقي رهيو. ۱۷۶۰ع /۱۱۷۴هہ ۾ هن جي اولاد مان هڪ شخص اهو قبو مزار سميت جوڙايو.

هن ڪتاب جي خطي نسخي ۾ ڄاڻايل آهي تہ هيءُ قبو اندران رنگين ڪاشيءَ سان سينگاريل هو، ٻاهران اڇو سائو رنگ هيس. آثار قديمہ جي رپورٽ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن قبي جو ٻاهريون حصو چاليهن سالن کان پوءِ معمولي سرن سان تيار ڪرايو ويو(۱).

قديم سنڌ ۾ وري هيئن لکيل آهي تہ: شاهہ خيرالدين يا خيرالدين ولد احمد شاهہ پنجين پيڙهيءَ ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني سان وڃي ملي ٿو. هيءُ ۹۱۱هہ ڌاري بغداد ۾ ڄائو. مڪي مديني ۾ تعليم جي تحصيل ڪيائين. ان کان پوءِ سنڌ ڏانهن آيو ۽ سکر ۾ اچي رهيو. هتي خلق جي هدايت جوشغل اختيار ڪيائين. هن جا تمام گهڻا مريد آهن.

پاڻ تاريخ ۲۷ رمضان ۱۰۲۷ هہ / ۱۶۱۷ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيائين، سندس وفات جي تاريخ، ”مرشد ڪامل طريق احمدي“ مان نڪري ٿي. هن جي هڪ مجاور ميان جمال الدين ولد غلام محمد ۱۱۷۴هہ ۾ سندس مزار جي هاٿوڪي اڏاوت ڪرائي.(۲)

هن بزرگ جي ولادت جي تاريخ مان ۸۹۸ هہ وڌيڪ درست آهي، جيڪا هڪ قلمي ڪتاب تان ورتي وئي. جيئن مٿي ڄاڻايو ويو. باقي مرزا قليچ بيگ

---

(۱) گزيٽيئر سکر، ص ۵۹. (۲) قديم سنڌ ،ص ۱۷.

## (٣٠)
## ڪيول- Campbell:

ڪئمپبيل، جيڪو افغانستان جي تاريخ ۾ ڪيول جي نالي سان مشهور آهي، هڪ انگريز عملدار هو. هن بابت جي ٽي وين پنهنجي روزنامچي غزني ۽ ڪابل (ڇپايل ١٨٤٠ع لنڊن) ۾ لکي ٿو ته، آءُ ١٨٤٠ع ۾ هن سان مليو هيس، جنهن پاڻ پنهنجو داستان مون کي ٻڌايو هو ته، آءُ ١٨٣٣ع ڌاري شاهه شجاع سان گڏجي لڌياني مان نڪتس. مون کي لشڪر جي هڪ دستي ۽ توب سان ڪوٽلير موڪليو ويو. اسان جڏهن اتان سنڌ ۾ آياسين ته حيدرآبادي ميرن جو وڪيل ڪاظم علي شاهه ڇهن ميلن جي مفاصلي تي ڪمپوروٽ اسان سان ملڻ لاءِ آيو. هن پنجاهه هزار رپيا روڪ، ڇهه گهوڙا، ڪي ترارين ۽ ٻه تنبو سوکڙي طور شاهه شجاع کي پيش ڪيا.

ان ڪان پوءِ اسان شڪارپور پهتاسين، جتي ڏهه مهينا اسان جو رهڻ ٿيو. ڏهن مهينن ڪان پوءِ راجا رنجيت هڪ لک رپيا شاهه شجاع کي اُماڻيا. سنڌ جي ميرن سان، شڪارپور ڪان ٻارهن ميل پرتي (ڪرڙيءَ ۾)، شاهه شجاع جي جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪاظم علي شاهه ۽ ٻيا امير قتل ٿي ويا. شاهه شجاع کي اتان ٻه توبون هٿ لڳيون.

پڇاڙيءَ ۾ شاهه شجاع سنڌ جي ميرن سان صلح ڪيو ۽ خان قلات جي مدد سان هو قلات ڪان قنڌار پهتو، جتي امير دوست محمد خان ٻن مهينن جي گهيري ڪان پوءِ ساڻس جنگ جوتي، جنهن ۾ ويهه هزار سوار پنج هزار پيادا ۽ ارڙهن توبون هيون.

جنگ جي پهرين ڏينهن محمد اڪبر خان ولد امير دوست محمد خان ٻارهن هزار لشڪر ۽ چار توبون آڻي مقابلو ڪيو. شاهه شجاع ڪيول کي لشڪر جون ٻه بٽالين ۽ چار توبون ڏئي موڪليو. جڏهن هڪ توب انهيءَ جنگ ۾ ڦاٽي پئي ته جنگ بند ٿي وئي، ٻئي ڏينهن امير دوست محمد خان وري ميدان ۾ آيو ته شاهه شجاع سمندر خان ۽ جهانداد خان کي ٻارهن هزار لشڪر سان اُماڻيو. هوڏانهن

ڪيول بہ ٻن ٻٽالين سان انهن جي مدد لاءِ آيو. شاهہ شجاع پاڻ هاٿيءَ تي چڙهي ميدان تي آيو ۽ چپاءُ چپاءُ (بچ بچان) ڪندو رهيو. پر جڏهن ڏٺائين تہ لشڪر شڪست کائي چڪو آهي تہ پويان پير ڪري وٺي ڀڳو! هيءَ ۱۲۴۹هہ جي ڳالهہ آهي.

ڪيول هن جنگ ۾ سخت زخمي ٿي پيو. ڪيس مهردل خان واري لشڪر مان هڪ سوار مير اڪبر نالي سڃاڻي ورتو ۽ پنهنجي گهر ڪٽي آيس، جتي سندس ملم پٽي ڪيائين. هيءَ جڏهن نيڪ ٿيو تہ اهو سوار هن کي امير دوست محمد خان وٽ وٺي ويو، جتي مهردل خان، جبار خان نواب ۽ مرزا عبدالسميع خان بہ اچي ويا. امير دوست محمد خان هن کي پنهنجي ملازمت ۾ رکيو ۽ ڪيس هاٿيءَ تي چاڙهي ڪابل موڪليائين، جتي هيءَ چار سو رپين جي پگهار تي توبخاني جو عملدار مقرر ٿيو(۱). هيءَ هو افغانستان ۾ ڪيول جو پنهنجي زباني اوائلي احوال! ٻئي طرف فيض محمد ٻڌ چوي ٿو تہ ان موقعي تي امير دوست محمد خان جي پٽ محمد افضل خان هن کي قيد ڪيو هو(۲).

ڪيول ان کان پوءِ مسلمان ٿيو ۽ ڪابل ۾ وڏو نالو ڪڍيائين، ايتري قدر جو ماڻهو هن کي امير دوست محمد خان جي وڏن ڪارنامن مان شمار ٿي ڪيو، چو تہ هيءَ ان جي ئي عقلمندي سان ناميارو ٿيو هو. حميد ڪشميري هن بابت انگريزن جي زباني چوي ٿو:

"اسان ماڻهن سان گهڻي ڪيڏ ڪئي،
پر ڪنهن جي بہ هٿان ڪونہ هارايوسين.
امير دوست محمد خان وڏو داءُ هٽي،
ڪيول جهڙي همراهہ کي هٿ ڪري ورتو.
پڇاڙيءَ ۾ ان کي مسلمان ڪيو ويو،
جيڪو هڪ وڏو جادوگري وارو ڪم هو!!"

ڪيول کي اسلام ۾ داخل ڪري ٿس شير محمد خان نالو رکيو ويو. هن امير دوست محمد خان جي لشڪر کي يورپ جي اصول مطابق تربيت ڏئي تيار

(۱) انهيءَ روزنامچي کان علاوه اٽڪ نسن ٻڌ "افغانستان تي لشڪر ڪشي" ۾ ص ۵۴ تي ڪيول جي بهادري ۽ گرفتاري بابت لکيو آهي، اهو هن کي انگريز ۽ هندستاني نسل مان ظاهر ڪري ٿو. موهن لال بہ هن بابت لکيو آهي. ڏسو حيات امير ۱-۱۶۲.

(۲) سراج ۱-۱۲۳.

ڪيو، امير دوست محمد خان جو هن تي وڏو اعتبار ۽ راضپو هو. هيءُ نرالي وضع وارو شخص هو. ١٨٣٩ع ۾ جڏهن انگريزن جي لشڪر غزني مان اچي ڪابل تي چڙهائي ڪئي ته هيءُ تڏهن امير دوست محمد خان جي لشڪر ۾ وڏي عهدي تي هو. امير هن کي انگريزن جي لشڪر سان مقابلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پر هن امير کي ٻڌايو ته آءُ شاهه شجاع جو نمڪ کائي چڪو آهيان، ان ڪري ان جي خلاف جنگ ڪرڻ نٿو جڳائيم. ياد رهي ته شاهه شجاع پاڻ انگريزن سان انهيءَ جنگ ۾ شامل هو(١).

ساڳي سال امير دوست محمد خان ڪابل کان بخارا ڏانهن ڀڳو ۽ شاهه شجاع اچي ڪابل جي تخت تي ويٺو. تڏهن ڪيول ٻين سان گڏ هو ۽ هڪ خاص ريجمينٽ، جيڪا شاهي محافظ جي حيثيت ۾ هئي، تنهن جي اڳواڻي تي ڪيائين.

٢-نومبر ١٨٤١ع ۾ افغاني غازين اليگزينڊر برنس کي گهيري ۾ آندو ته اها ريجمينٽ اُنهن.جي مدد لاءِ موڪلي وئي، پر سڄي ريجمينٽ غازين جي حملي کان تباهه ٿي وئي ۽ ان جا هٿيار به لٽجي ويا.(٢) ڪيول انهيءَ شديد حملي مان بچي ويو ۽ جيئن ته مسلمان ٿي چڪو هو، ان ڪري غازين ڪيس قتل نه ڪيو ۽ هيءُ ڪابل ۾ رهجي ويو. وري جڏهن امير دوست محمد خان واپس اچي سلطنت جي تخت تي ويٺو ته ڪيول هن وٽ ويو. ائين ٿو معلوم ٿئي، جڻ ته شير محمد خان عرف ڪيول ڪابل کان افغانستان جي اتراهين علائقي ڏانهن هليو ويو، جتي ڪيئي سال بلخ ۾ امير دوست محمد خان جي لشڪر جو عملدار هو ۽ افضل خان امير دوست محمد خان جي خدمت ۾ هو، جنهن جي اتي حڪمراني هئي. هن باري ۾ امير عبدالرحمان خان لکي ٿو:

"آءُ نون(٩) ورهين جو هئس ته ١٢٦٨هه ۾ منهنجي والد جي لشڪر جو سربراهه شير محمد خان (انگريز) هو، جنهن جو مسلمان ٿيڻ کان اڳ ڪيول نالو هو. جڏهن مسلمان ٿيو ته مٿس شير محمد خان نالو رکيو ويو. هيءُ فوجي انتظام ۾ ڏاڍو هوشيار ۽ بهادر هو. بلخ جي لشڪر تي، جنهن ۾ پندرهن هزار فوج رسالي، پلٽڻ ۽ توبن سميت هئي، ان جي مٿان مقرر ٿيل هو. انهيءَ حساب سان

(١) اڪبرنامه ٧٠.

(٢) حيات امر ١-٧-٤٠.

منهنجي والد جي سموري فوج ٽيهه هزار پنج سو تائين هئي، جنهن مان پنج سو پندرهن هزار فوج جنرل شير محمد خان جي سنڀال ۾ هئي. هيءُ فوجي منتظم هئڻ سان گڏ بهترين معالج به هو.

هڪ دفعي هن منهنجي پيءُ کي چيو ته مان فوجي علم مان چڱيءَ طرح واقف ۽ ماهر آهيان. اهڙيءَ ريت جراحي (وڍ ٽڪ) ۾ به مهارت اٿم. جيڪڏهن اوهان شهزادي عبدالرحمان کي منهنجي حوالي ڪندا ته مان ڪيس تربيت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. سندس چوڻ تي مون کي والد صاحب وٽس وڃڻ جي اجازت ڏني. ٿوري وقت کان پوءِ آءُ ڪانئس جراحي ۽ هٿيارن هلائڻ جو ڪم سکي پڙ ٿيس(١).

شير محمد خان (ڪيول) بابت جيڪڏهن امير عبدالرحمان جي شهادت ڏيان ۾ رکي اندازو لڳائجي ته امير عبدالرحمان ١٢٦٨هه ۾ (٩) نون ڪان ٽن سالن تائين تربيت ورتي. ان موجب ١٢٧١هه تائين سندس موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو."

ساڳيو امير اڳتي لکي ٿو ته "شير محمد خان تخته پل وٽ وفات ڪري ويو، ته منهنجي والد مون کي سندس جاءِ تي مقرر ڪيو." ان لکڻيءَ مطابق اها پڪ ٿئي ٿي ته شير محمد خان (ڪيول) ١٢٧٥هه ۾ گذاري ويو هوندو. هيءُ شخص (ڪيول) انگريزي استعمار جو مخفي ڪارڪن هو، جيڪو پهريان شاهه شجاع جي مدد سان ان جي فوجي تنظيم لاءِ مقرر ٿيل هو. جيستائين امير دوست محمد خان انگريزي استعمار خلاف لڙندو رهيو، هيءُ پنهنجي قوم لاءِ ڪم ڪندو آيو ۽ جڏهن شاهه شجاع سان گڏ انگريزي فوج تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ هن کي حڪم مليو ته نهڪار ڪيائين. ان کان پوءِ به افغانستان جي اترائين علائقن ۾ امير دوست محمد خان جي لشڪر جي سنڀال ڪندو آيو ۽ روسي خطرن جي خبرداري لاءِ به نظرداري ڪرڻ لڳو، جيڪا ڳالهه هندستان جي انگريز حڪومت لاءِ وڏي فائدي واري هئي.

*

(١) پندنامه ص ۴.

## (٣١)
## برنس Sir Alexander Burnes:

جيمس برنس جو پٽ ١٦-مئي ١٨٠٥ع ۾ پيدا ٿيو. تعليم کان پوءِ سورهن ورهين جي عمر ۾ اوير هندستان جي فوجي ملازمت ۾ داخل ٿيو. ١٨٢٣ع ڌاري سورت (هندستان) ۾ سندس اچڻ ٿيو، جتان ١٨٢٥ع ۾ ڪڇ جي علائقي ڏانهن بدلي ٿي ويو.

١٨٣٠ع ۾ هن کي رنجيت سنگهه ڏانهن ڪي گهوڙا سوکڙي طور پهچائڻ لاءِ لاهور موڪليو ويو. ١٨٣٢ع ۾ هيءُ سنڌ علائقي جي جاچ پڙتال لاءِ مقرر ٿيو ۽ هندستان جي انگريز حڪومت جي حڪم موجب اتر هند، افغانستان ۽ بخارا جي سفر تي روانو ٿيو.

١٨٣٣ع کان ١٨٣٥ع تائين هيءُ انگلنڊ ۾ هو. جڏهن واپس هندستان ۾ آيو ته حيدرآباد ۾ اچي سنڌ جي ميرن سان سنڌو ندي جي ماپ ۽ جاچ لاءِ صلاح مصلحت ڪيائين ۽ انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيو.

١٨٣٦ع ۾ هيءُ ظاهري طرح هڪ واپاري وفد جي سربراهه جي حيثيت ۾، پر اندروني طور روسي سازشن جاچڻ لاءِ امير دوست محمد خان وٽ ويو. هن سفارش ڪئي ته امير دوست محمد خان جي سياسي مدد ڪرڻ گهرجي ته هي ڪارائتو ثابت ٿيندو. پر انگريز حڪومت اها ڳالهه ڪانه مڃي، چو ته هيءُ ڪنهن به حالت ۾ شاهه شجاع کي طاقتور بڻائڻ لاءِ تياريون ڪندا ٿي رهيا.

برنس کي پوءِ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ انگريزن جي فوج جي راهه هموار ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. ان کان پوءِ هيءُ سياسي نمائندي جي حيثيت سان ڪابل ۾ سرمئڪناٽن وٽ مقرر ٿيو. کيس نائٽ جو لقب مليو. هي ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي سان اتي ٻه سال رهيو. اوچتو ماڻهن جي ميڙ مٿانس حملو ڪري ڏنو، جنهن ۾ تاريخ ٢- نومبر ١٨٤١ع ڌاري ڪابل ۾ قتل ٿي ويو.

برنس ايران، افغانستان ۾ ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهيو ۽ ڪيئي ڪتاب لکيا هيائين، جنهن مان سندس بصارت ۽ سياسي مهارت ظاهر ٿئي ٿي. هن بخارا جو سفرنامو لکيو ۽ ڪابل جون يادگيريون پڻ قلمبند ڪيائين. افغانستان بابت هن جيڪي احوال لکيا آهن، اهي وڏيڪ دلچسپي وارا لڳن ٿا.

## (٣٢)
## رابرٽ ليچ Robert Leech:

هيءُ نهايت ڪارائتو انگريزي عملدار هو سنڌ ۽ افغانستان ۾ هن ١٨٣٠ع تائين درياهي رستن ۽ سنڌ افغانستان جي وچ تي آيل لڪن ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا.

هيءُ بہ هڪ تجارتي وفد جي بهاني سياسي جاچ لاءِ ١٨٣٦ع کان ١٨٣٨ع تائين ايسٽ انڊيا ڪمپني پاران افغانستان ڏانهن موڪليل هو. اتي وجي هن اليگزينڊر برنس ۽ لارڊ ووڊ جي مدد ڪئي.

برنس ڪابل جي يادگيرين (ڇپايل ١٨٤٢ع لنڊن) ۾ ص١٠١ تي لکي ٿو: "ليفٽيننٽ ليچ شروعات ۾ سنڌ جي درياهي رستن ۽ واٽ تي اينڊڙ لڪن جي جاچ ڪري ڪافي جاڻ هٿ ڪئي."

منشي عطا محمد جي ڳالهين مان خبر پوي ٿي تہ ليچ امير دوست محمد خان سان مذاڪرات ختم ڪرڻ کان پوءِ ساٿس گڏجي قنڌار ۾ آيو ۽ سندس پٽن سان ڳالهيون هلايائين، جتان ڪيترن سردارن کي اغوا ڪيائين. ان کان پوءِ قلات ۾ اچي ساڳيا ڪم مير محراب خان جي دربار ۾ ڪري چڪو!

هيءُ جڏهن قلات ۾ هو، تڏهن پنهنجي يادگيرين تي هڪ ڪتاب 'تاريخ قلات' جي نالي قلمبند ڪيو هئائين.(١)

*

---

(١) تاريخ سنڌ، مولانا مهر ١-٣٨٨.

## (۳۳)
## پاٽنجر Pottinger:

انهيءَ ناليءَ سان ٻہ انگريز سنڌ ۽ افغانستان جي تاريخ ۾ ساريل آهن. اُهي ٻئي انگريزي استعمار لاءِ ۱۸۳۹ع ۾ وڏا ڪارناما ڪري چڪا هئا.

۱- ايلڊرڊ پاٽنجر Eldered Pottinger (۱۸۱۱ع/۱۸۴۳ع) ۱۲-آگسٽ ۱۸۱۱ع ۾ ڄائو. تعليم ڪان پوءِ فوجي نوڪري سانگي بمبئي جي توبخاني ۾ ڀرتي ٿي هندستان ويو.

۱۸۲۷ع ۾ پنهنجي چاچي هينري پاٽنجر جي مددگار جي حيثيت ۾ سنڌ جي سياسي معاملن لاءِ ناظر مقرر ٿيو، ۱۸۳۷ع ۾ ڪيس وچ اوپر ڏانهن اُماڻيو ويو. اٿين گهمندو ڦرندو پڇاڙيءَ ۾ ڪابل ۾ گهوڙن جو سوداگر ٿي آيو: پوءِ روحاني بزرگ (شعبدي باز) بڻجي، ۱۸۳۷ع ڌاري هرات ويو. انهيءَ زماني ۾ ايران جي قاچاري حڪمران ۱۸۳۷ع ڪان ۱۸۳۸ع تائين هرات شهر کي گهيري ۾ آندو، پاٽنجر انهيءَ سموري عرصي ۾ شهرين جي مدد ۾ رڌل رهيو ۽ هرات جي بچاءَ لاءِ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنائين، جنهن موجب هندستان جي انگريز حڪومت پاران هرات ۾ سياسي نمائندو مقرر ٿيو.

۱۸۴۱ع ۾ جڏهن افغان جي پهرين جنگ اوج تي هئي، پاٽنجر ڪابل جي اتر ڪوهستان ۾ ڪم ڪندو رهيو. ۾ چاريڪار ۽ ڪابل جي ماڻهن جي شورش وقت اتان ڀڄي جند ڇڏايائين. انگريزي لشڪر جي سربراهن جڏهن پاٽنجر جي صلاح جي خلاف افغاني قوم پرستن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا تہ پاٽنجر ٻن ماڻهن سان وزير محمد اڪبر خان وٽ يرغمال طور موجود هو ۽ نو(۹) مهينا نظربندي ۾ رهيو. آخر ۱۸۴۲ع ڌاري سيپٽمبر مهيني ۾ جنرل پالڪ کيس اچي اتان ڇڏايو.

۱۸۴۲ءِ ۴۳ع ۾ هن کي هڪ جاچ ڪميٽي جي حوالي ڪيو ويو، جو هن افغانستان ۾ اٺيهہ لک رپيا هڪ معاهدي جي ڪوشش ۾ خرچ ڪري ڇڏيا هئا. پر انهيءَ مان آزاد ٿي ويو، ان ڪان پوءِ هيءُ پنهنجي چاچي سان ملڻ لاءِ چين ويو ۽ ۱۵- نومبر ۱۸۴۳ع ڌاري هانگ ڪانگ ۾ فوت ٿيو. (بايو گرافي هند -۳۴۱.)

سر هنري پاٽنجر Sir Henry Pottinger (١٧٨٩-١٨٥٦ع) ولد ڪروين پاٽنجر ٣-آڪٽوبر ١٧٨٩ع ۾ پيدا ٿيو. بيلفاسٽ ۾ تعليم پوري ڪري هندستان جي بحري فوج ۾ آيو. ١٨٠٦ع ڌاري بمبئي جي لشڪر ۾ شامل ٿيو.

١٨٠٨ع ۾ انگريزن سنڌ ڏانهن جيڪو وفد موڪليو، هيءُ ان ۾ موجود هو. ١٨١٠ع ۾ هيءُ قلات، نوشڪي ۽ اصفهان، شيراز تائين ويو، اتان بغداد ۽ بصري کان ٿيندو وري بمبئي ۾ آيو. تنهن کان پوءِ ڪڇ ۽ پوني ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيو. ١٨٢٩ع ۾ وري هن کي سنڌ ڏانهن موڪليو ويو، ١٨٣١ع ۾ سياسي نمائندو مقرر ٿيو. افغان جي پهرين جنگ ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنائين. اپريل ١٨٤٠ع کان پوءِ ميجر جنرل جي عهدي تي ترقي ڪيائين.

١٨٤١ع ۾ هن کي هندستان مان چين ڏانهن سفير ڪري موڪليو ويو، جتي نالڪنگ جي صلح جو معاهدو ڪيائين. ١٨٤٢ع ۾ هانگ ڪانگ جو گورنر جنرل ٿيو. ١٨٤٣ع کان ١٨٤٤ع تائين ڪونسل جو ميمبر ٿيو. ان کان پوءِ ١٨٤٧ع تائين راس امبر جو ۽ ١٨٤٨ع کان ١٨٥٤ع تائين مدراس جو گورنر رهيو. تاريخ ١٨- مارچ ١٨٥٦ع ۾ وفات ڪيائين. هن سنڌ ۽ بلوچستان جي سير سفر بابت ڪتاب لکيو هو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي چڪو آهي.

(بايوگرافي هند- ٣٤١.)

*

## لارڊ آڪليند (١٧٨٤ع- ١٨٤٩ ع):

هندستان جو گورنر جنرل، ارل جارج ايڊن آڪليند، لارڊ آڪليند جو ٻيو نمبر پٽ، ٢٥ آگسٽ ١٧٨٤ع تي ڄائو. ڪرائيسٽ چرچ آڪسفورڊ ۾ پڙهيو. ١٨٠٩ع ۾ عدالت جي وڪيلن جي جماعت ۾ شريڪ ٿيو. ١٨٣٤ع ۾ بحريہ جو لارڊ ۽ ٤-اپريل ١٨٣٦ع ۾ هندستان جو گورنر جنرل ٿيو. ١٨٣٦ع-١٨٣٧ع ۾ برنس کي هڪ وفد سان ڪابل موڪليائين تہ جيئن هو اتي روسي سفير ويڪويچ بابت، جيڪو ڪابل ۾ امير دوست محمد خان وٽ آيل هو، جاچ ڪري.

ان کان پوءِ هن انگريز حڪومت جي حڪم تي اها ڪوشش ڪئي تہ جيئن امير دوست محمد خان کي ڪابل جي تخت تان لاهي ڇڏي ۽ سندس جاءِ تي شاهہ شجاع کي آڻي ويهاري. ان مقصد لاءِ ١-آڪٽوبر ١٨٣٨ع ۾ افغانستان تي چڙهائي جو اعلان ڪيائين. انهيءَ نتيجي ۾ امير دوست محمد خان ميدان ڇڏيو ۽ شاهہ شجاع اچي تخت والاريو، جنهن آڪليند جي حمايت سان ١٨٤١ع تائين حڪومت هلائي. پر شاهہ شجاع ۽ انگريزن لاءِ افغانستان جي ماڻهن ۾ نفرت هئي، ان ڪري اتي وڳوڙ پيدا ٿيندا ويا ۽ افغانن ٢-نومبر ١٨٤١ع ۾ برنس کي قتل ڪري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ مئڪناٽن کي تاريخ ٢٣-ڊسمبر ١٨٤١ع تي ماريو ويو. انهيءَ صورتحال سبب انگريزن جو تمام گهڻو لشڪر ڪابل ۾ تباهہ ٿيو ۽ هيءُ خيبر طرف وريا. جڏهن وري ڪابل تي قبضو ٿيو تہ لارڊ آڪليند کي سندس خدمتن عيوض ١٨٣٩ع ۾ ارل جي لقب سان نوازيو ويو، پر هيءُ ١٢-مارچ ١٨٤٢ع ۾ هندستان ڇڏي آيو. سندس حڪمراني جو گهڻو عرصو هندستان ۾ افغان جنگ جي مسئلن نبيرڻ ۾ گذريو. آخر ١-جنوري ١٨٤٩ع ۾ دنيا ڇڏيائين. (بايو گرافي هند-٢).

## جنرل فين ١٧٧٨ع - ١٨٤٠ع

جنرل سر هينري فين ٢٦-نومبر ١٧٧٨ع ۾ ڄائو. ١٧٩٢ع تائين تعليم وٺندو رهيو. ١٧٩٧ع ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيو ۽ ڪيس جارج ٽئين جي خدمت ۾

رکيو ويو. ان کان پوءِ فوج جي مختلف عهدن تي رهندو آيو ۽ جنگين ۾ بهرو ورتائين. آخر وڃي ليفٽيننٽ جنرل ٿيو.

١٨٣٥ع کان ١٨٣٩ع تائين هندستان ۾ ڪمانڊر انچيف ٿي رهيو. هن افغان جي پهرين جنگ دوران آڪلينڊ جي جنگي منصوبي تي اعتراض ڪيو ۽ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿيو، پر اها قبول نہ ٿي. آخر ١٨٣٩ع ۾ استعيفيٰ ڏني ويو. تاريخ ٢٤-مارچ ١٨٤٠ع ۾ فوت ٿي ويو.

## جان ڪين (١٧٨١ع - ١٨٤٤ع)

بارون جان ڪين ٦-فيبروري ١٧٨١ع ۾ پيدا ٿيو. ١٧٩٩ع ۾ چوئيتالهين رجمينٽ مان لارڊ ڪيون جي مددگاري لاءِ مصر ويو. ١٨٠٩ع ۾ مارتينق واري جنگ دوران رجمينٽ نمبر تيرهن جي اڳواڻي ڪيائين. ان کان پوءِ ١٨١٣ع تائين هندستان ۾ فوجي خدمتن تي مامور رهيو.

١٨١٤ع ۾ لشڪر جو ڪمانڊر انچيف ٿيو. ١٨٣٨ع ۾ بمبئي جي لشڪر جي جنرل فين جي قيادت ۾ اڳواڻي ڪيائين ۽ سنڌ ۾ آيو. هتي بنگال ۽ بمبئي جي فوج جي اڳواڻ جي حيثيت سان افغانستان تي حملو ڪيائين، جنهن ۾ ڪوئيٽہ ۽ قنڌار تي قبضو ڪري ٢٣ جولاءِ ١٨٣٩ع تي غزني ورتائين. تڏهن جنرل ڪين جو ماتحت هو. ٧ آگسٽ ١٨٣٩ع ڌاري ڪابل تي سندس قبضو ٿيو. ١٨٣٩ع ۾ جنرل ڪين لاهور کان انگلينڊ هليو ويو. هن کي ڊسمبر ١٨٣٩ع ۾ بارون غزني جو خطاب مليو. پاڻ ٢٦ آگسٽ ١٨٤٤ع ۾ وفات ڪيائين.

(بايو گرافي هند، ٢٣١.)

*

## (٣٥)

## مئڪناٽن (١٧٩٣ع - ١٨٤١ع):

سر وليم ميڪناٽن ١٧٩٣ع ۾ پيدا ٿيو. تعليم ڪان پوءِ ١٨٠٩ع ۾ انگريزي لشڪر سان مدراس ويو. ڪيترو وقت حيدرآباد ۽ ميسور ۾ رهيو. ١٨١٤ع ۾ بنگال ۾ رهيو. تنهن ڪان پوءِ فورٽ وليم ڪاليج ۾ زبانداني جي ڪري ملازم ٿيو ۽ عدالت جو عهدو به وٺس رهيو. هندستاني ۽ اسلامي قانونن متعلق ڪتاب لکيائين.

١٨٣٠ع ڪان ١٨٣٣ع تائين هندستان جو سفر ڪيائين ۽ لارڊ بينٽڪ گورنر جنرل سان گڏ رنجيت سنگهه سان مليو. ١٨٣٣ع ڪان ١٨٣٧ع تائين ديوان خاص جو سيڪريٽري رهيو. ١٨٣٧ع ۾ لارڊ آڪليند سان اتر اولهه هندستان جي سفر تي آيو. ١٨٣٨ع ۾ رنجيت سنگهه ۽ شاهه شجاع واري معاهدي ۾ شريڪ ٿيو.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ شاهه شجاع جي دربار ۾ پهريان سفير، پوءِ سندس وزير مقرر ٿيو. وري انڊس لشڪر سان قنڌار ۽ غزني ويو. تنهن ڪان پوءِ ڪابل وڃي پهتو. سياست ۾ هن لاءِ ڪيئي فوجي دشواريون هيون، تنهن هوندي به آگسٽ ١٨٣٩ع ۾ شاهه شجاع کي ٻيهر تخت تي ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ٣-نومبر ١٨٤٠ع ۾ امير دوست محمد خان کي هٿيارن ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيائين، جنهن کي پوءِ هندستان موڪليو ويو، ١٨٤١ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ هن کي بمبئي جو گورنر ڪري رکيو ويو، انهيءَ وچ ۾ افغان شورش پيدا ٿي ۽ برنس کي ٢ نومبر ١٨٤١ع تي قتل ڪيو ويو. انگريز فوج هن شورش کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي ويئي ۽ لشڪر سانت ۾ اچي ويو.

مئڪناٽن ١١ ڊسمبر تي افغاني سربراهن جا شرط قبول ڪيا ۽ امير دوست محمد خان جي پٽ سردار اڪبر خان سان ڳالهين ۾ شريڪ ٿيو. ان ڪان پوءِ ٢٣ ڊسمبر ١٨٤١ع ۾ اڪبر خان سان ملاقات دوران سندس هٿان قتل ٿي ويو. (بايو گرافي هندي ٢٦٧).

*

## ويلشائر (١٧٨٩ع- ١٨٦٢ع):

سر ٿامس ويلشائر ٢٤ آگسٽ ١٧٨٩ع ۾ ڄائو. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ رجمينٽ (٣٨) انٿيهن ۾ ڀرتي ٿي ڏکڻ آمريڪا، پرتگال ۽ نيدر لئنڊ ۾ برطانيا جون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

١٨٢٢ع ڌاري هن کي هندستان موڪليو ويو. ١٨٢٧ع ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيو. افغان جي جنگ ١٨٣٩ع ۾ بمبئي لشڪر جي هڪ ڊويزن جي قيادت ڪندي ڪابل ۽ غزني ۾ لڙيو. اتان موٽندي ١٣ نومبر ١٨٣٩ع تي قلات هٿ ڪيائين ۽ K.C.B. جي عهدي تي رسيو. ١٨٤٨ع کان ١٨٦١ع تائين مختلف عهدن تي رهندو آيو. آخر ٢١ مئي ١٨٦٢ع ۾ مري ويو. (بايو گرافي هندي ٤٥٤).

## سر جيمس آئوٽرام (١٨٠٣ع - ١٨٦٣ع)

هي ٢٩ جون ١٨٠٣ع ۾ پيدا ٿيو، تعليم پوري ڪري سورهن ورهين جي ڄمار ۾ هندستاني فوج ۾ آيو. بمبئي رجمينٽ ۾ ١٨٢٠ع ڌاري ايجوائنٽ ٿيو. هيءُ ورزش ۾ ماهر ۽ وڏو شڪاري هو. ١٨٢٥ع کان ١٨٣٤ع تائين ١٩١ شينهن ماريا هئائين. مختلف عهدن تي رهڻ کان پوءِ ١٨٣٨ع ۾ لارڊ ڪين وٽ آيو، بمبئي جي لِشڪر سان قنڌار، غزني ۽ ڪابل ويو.

١٨٣٩ع ۾ امير دوست محمد خان جو هندوڪش جبل تائين پيڇو ڪيائين.

١٨٣٩ع جي پڇاڙيءَ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيو. سنڌ جي ميرن سان سندس دوستي هئي.

سنڌ جي مسئلي تي هن جا چارلس نيپئر ۽ لارڊ ايلن سان اختلاف ٿي پيا. ميرن جي طرفداري ڪندي هندستان کان انگلنڊ تائين وڏا ڪارناما ڪيائين. آخر ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيو.

١٨٤٥ع کان ١٨٤٧ع تائين بڙودا ۾ هو. هتي مٿس رشوت جي تهمت مڙهي

ويئي ۽ بمبئي جي حڪومت ڪيس نوڪري تان لاهي ڇڏيو. ١٨٥٦ع ۾ جڏهن رياست اوڌ کي ورتائون، تڏهن هيءُ ان جو حاڪم مقرر ٿيو.

ان ڪان پوءِ ايران جي جنگين ١٨٥٦ع-١٨٥٧ع ۾ شريڪ ٿيو ۽ کيس K.C.B. جو لقب مليو. ١٨٥٧ع جي بلوي پيري لکنو ۾ فوجي ڪارناما سرانجام ڏنائين، اتي (١٢٠) هڪ سو ويهن وڳوڙين سان منهن ڏنائين. آخر ١٨٥٨ع ڌاري لکنو تي قبضو ڪيائين.

١٨٥٨ع کان ١٨٦٠ع تائين ڪونسل جو فوجي ميمبر هو: جتان رٽائر ڪيائين. ١٨٦١ع ۾ کيس مختلف لقب مليا. نيٺ ١١ مارچ ١٨٦٣ع ۾ فوت ٿي ويو.

(انڊين بايوگرافي ٣٢٥).

*

## (٣٧)
## جنرل سيل (١٧٨٢ع-١٨٤٥ع):

سر رابرٽ هينري سيل Sir Robert Henry Sale ولد ڪرنل سيل ١٩-سيپٽمبر ١٧٨٢ع ۾ پيدا ٿيو. ايلنگ ۾ پڙهيو ۽ پوءِ فوج ۾ ملازمت ڪيائين. ١٧٩٥ع ۾ مدراس ويو ۽ ميسور واري جنگ ١٧٩٨-١٧٩٩ع ۾ ٽيپوسلطان شهيد، پيچي راجا سان ۽ تراونڪور جي جنگين ۾ لڙيو. ان کان پوءِ ١٨٠٩ع کان ١٨١٥ع تائين جنگيون ڪندو رهيو. انهيءَ وچ ۾ (١٨١٣ع ڌاري) ميجر ٿيو. ١٨٢٤ع کان ١٨٢٦ع تائين برما جي محاذ تي رهيو. ١٨٣٨ع ۾ افغانستان جي جنگ ۾ هڪ برگيڊ جي قيادت ڪيائين، جنهن سان قنڌار، گرشڪ، غزني ۽ ڪابل تي ١٨٣٩ع ۾ چڙهايون ڪندو رهيو ۽ ميجر جنرل ۽ K.C.B. جو رتبو حاصل ڪيائين. هي جلال آباد ۽ ڪوهستان وارين جنگين ۾ بہ شامل رهيو. ٢ نومبر ١٨٤٠ع ۾ امير دوست محمد خان کي پروان واري جنگ ۾ شڪست ڏنائين. جڏهن افغان قبيلا انگريزن خلاف اٿي کڙا ٿيا تہ ڪابل جي لڪ وٽان لنگهي ١٢-نومبر ١٨٤١ع ۾ جلال آباد پهتو، جتي گهيري ۾ آيو ۽ ٧ اپريل ١٨٤٢ع تي افغانن کي ڇڙوڇڙ ڪيائين. کيس K.C.B جو رتبو مليو. پوءِ جنرل پالڪ سان گڏ ڪابل ۾ واپس آيو ۽ انگريز قيدين کي (جيڪي افغان غازين جي بند ۾ هئا) ڇڏايائين. ١٨ سيپٽمبر ١٨٤٢ع ۾ هندستان واپس آيو ۽ سپهہ سالار اعليٰ سان موڊڪي ۾ رهيو، جتي زخمي ٿي پيو. آخر ٢١ ڊسمبر ١٨٤٥ع ۾ مري وڃي قبر داخل ٿيو.

(انڊين بايوگرافي، ٣٧١).

**ليڊي سيل:**

هيءَ افغان جي پهرين جنگ ۾ پنهنجي زال فلورنتيا Florentia ڪي به ساڻ وٺي ويو هو، جيڪا جارج وينج جي ڌيءَ هئي. ١٧٩٠ع کان ١٨٥٢ع تائين جيئري هئي. ١٨٠٩ع ۾ سيل سان شادي ڪئي هئائين. اها به افغان غازين هٿان ٻين انگريزن سان گڏ قيد ٿي هئي. آخر ١٧ سيپٽمبر ١٨٤٢ع تي آزاد ٿي. هن پنهنجو روزنامچو افغانستان جي مصيبتن جي تذڪري نالي لکيو هو، جيڪو ١٨٤٣ع ۾ شايع ٿيو، ان جو ترجمو شب خون افغان جي عنوان سان فارسي ۾ ڪابل مان ڇپيو هو. ليڊي سيل جنرل سيل جي مرڻ کان پوءِ هندستان جي ڪوهستاني علائقي ۾ رهي. ڪيس ساليانو پنج سو ڊالر ملندا هئا. آخر ٦ جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ فوت ٿي وئي.

*

## (٣٨)

## ماريوت (م ١٨٧٩ع):

جنرل وليم فريبرڪ ماريوت، انگلينڊ مان هندستان ۾ آيو. ١٨٣٨ع ۾ سنڌ، افغانستان وارين جنگين ۾ وڙهندو رهيو، خاص ڪري غزني واري حملي ۾ ١٨٣٩ع ڌاري چڱو ڀرو ورتائين. ان ڪان پوءِ بمبئي جي لشڪر جي انجنيئري دستي ۾ آيو. ڪيس ڪيئي لقب ملندا رهيا. ڪڏهن سيڪريٽري ته ڪڏهن بمبئي ۾ قانوني ميمبر رهيو. پوءِ مصر ۾ انجنيئري خدمتون سرانجام ڏنائين. ڪيس C.S.I. جو لقب مليو. هيءُ ١٧ سيپٽمبر ١٨٧٩ع ۾ گذاري ويو.

(انڊين بايو گرافي، ٢٧٥).

*

## (٣٩)

## چارلس رابرٽ ڪريٽن (١٧٨٩-١٨٤٨ع):

برگيڊيئر جنرل چارلس رابرٽ ڪرٽين Charles Robert Curreton ١٧٨٩ع ۾ پيدا ٿيو. پهريائين شروپ شائر جي مليشيا ۾ داخل ٿيو. اتان ١٨٠٦ع ۾ بيڙياڻتي ويس ۾ پڳو ۽ فوج ۾ اچي پرتي ٿيو، جنهن جي وسيلي خدمتون سرانجام ڏنائين. ١٨٢٢ع ڌاري هندستان ۾ آيو ۽ سرجان ڪين سان گڏجي افغان جي پهرين جنگ ۾ حصو ورتائين. ١٨٣٩ع ۾ غزني ۽ ڪابل جي غصب ڪرڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو. ١٨٤٦ع ۾ ڪيترن لقبن حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ايجوانٽ جنرل ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ سکن جي ٻي جنگ ڌاري رام نگر ۾ ١٨٤٨ع ۾ قتل ٿي ويو.

(انڊين بايو گرافي ١٠٣)

## (۴٠)

## سر ويلولي ڪاٽن (۱۷۸۳ع- ۱۸٦٠ع):

سر ويلولي ڪاٽن Sir Willoughly Cotton ايڊمرل راوليند ڪاٽن جو پٽ، ۱۷۸۳ع ڌاري دنيا ۾ آيو. تعليم کان پوءِ ۱۷۹۸ع ڌاري رگبي محافظن جي دستي ۾ آيو ۽ ڪيترن ملڪن ۾ فوجي خدمتون سرانعام ڏني ۱۸۲۱ع ۾ هندستان آيو ۽ برما جي پهرين جنگ ۱۸۲۵-۱۸۲٦ع ۾ برگيڊيئر طور شريڪ رهيو. ۱۸۳٠ع ۾ ميجر جنرل K.C.B ٿيو. ۱۸۲۹ع کان ۱۸۳۴ع تائين جميڪا ۾ هو. ان کان پوءِ ۱۸۳۹ع ۾ بنگالي لشڪر جي هڪ ڊويزن سان انڊس لشڪر جي اڳواٽي ڪيائين. غزني ۽ ڪابل جي جنگين ۾ بہ لڙندو رهيو. ۱۸۴٠ع ڌاري ليفٽيننٽ جنرل ٿيو. ۱۸۴۱ع ۾ بمبئي فوج جو سپهہ سالار ٿيو. ۴ مئي ۱۸٦٠ع ۾ مري ويو.

## (۴۱)

## لارڊ (۱۸٠۸- ۱۸۴٠ع):

پرسيول بارٽن لارڊ Percival Burton Lord ولد جان لارڊ ۱۸٠۸ع ۾ ڄائو. ڊبلن يونيورسٽي مان طب ۾ .M.D ڪري ۱۸۳۲ع کان پوءِ بمبئي جو مددگار سرجن ٿيو. ان کان پوءِ ۱۸۳٦ع ۾ اليگزينڊر برنس سان گڏ ڪابل ويو. ۱۸۳۷ع ۾ اتر افغانستان جي شهر قندوز تائين ويو. پڇاڙيءِ ۾ لارڊ ميڪناٽن سان اتي ۱۸۳۸ع ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ رهيو.

خيبر جي جنگ ۱۸۳۹ع ۾ بہ هو، جڏهن امير دوست محمد خان اتر افغانستان ڏانهن ڀڳو، تڏهن ان جي پيڇي ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيو. سارو سال باميان ۾ گذاريائين. جڏهن امير دوست محمد خان پروان ۾ انگريزي لشڪر سان مقابلي لاءِ آيو تہ هيءُ ان چڪري ۾ ۲ نومبر ۱۸۴٠ع ۾ ڪسجي ويو. هن برنس سان گڏجي جيڪي ڪم ڪيا، تن لاءِ برنس ڪابل جي يادگيرين ۾ سندس لاءِ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. ۱۸۴۲ع ۾ اهو ڪتاب لنڊن مان شايع ٿيو هو.

(بايو گرافي هند ۲۵۴).

(۴۲)

## سردار غلام حيدر خان (۱۲۳۵-۱۲۷۴هہ):

هيءُ امير دوست محمد خان جو پٽ هو. ۱۲۳۵هہ ڌاري ڪابل جي اوڀارين پاسي ڪتملي واري باغ ۾ پيدا ٿيو. عربي علم ادب جي تربيت ملا محمد اڪرم باجوري ۽ قاضي عبدالسلام لوگري وٽان ورتائين، پوءِ امير دوست محمد خان جو ولي عهد مقرر ٿيو. حڪومت جي ڪاروبار ۾ امير دوست محمد خان ڪان پوءِ وڏو هوشيار هو. ڪيترا سال پيءُ جي پاران جلال آباد ۽ غزني طرف حڪومت جو نائب رهيو. ۱۸۳۹ع ۾ جڏهن انڊس لشڪر هندستان جي برطانوي حڪومت طرفان افغانستان تي چڙهائي ڪئي، ۽ انگريزن قنڌار هٿ ڪرڻ ڪان پوءِ شاهہ شجاع ڪي تخت تي ويهاريو تہ هن غزني ڪي گهيري ۾ آندو. ان وقت غلام حيدر خان غزني جو بچاءُ ڪري رهيو هو. آخر ۲۳ جولاءِ ۱۸۳۹ع ۾ بالاحصار غزني انگريزن جي قبضي ۾ آيو ۽ غلام حيدر خان قيد ٿيو.

انهيءَ ئي سال ٽورن مهينن ڪان پوءِ امير دوست محمد خان پاڻ ڪي انگريزن جي لشڪر وٽ پيش ڪيو ۽ ڪلڪتي، انبالي تائين پنهنجن عزيزن سان ملڪ بدر ٿيو تہ غلام حيدر خان پوني (بمبئي) ۾ قيد رهيو.

هنن جي پويان افغان غازين جهاد شروع ڪيو ۽ هن جو ڀاءُ سردار محمد اڪبر خان ٻين غازين سان گڏ ميدان ۾ آيو، جنهن انگريزن جي سفير مئڪناٽن ۽ سپهہ سالار برنس ۽ شاهہ شجاع جي قتل ڪان پوءِ انگريز لشڪر ڪي هندستان واپس ٿيڻ تي مجبور ڪيو. مٿين ٽنهي ڄڻن جي قتل ٿي وڃڻ ڪان پوءِ امير دوست محمد خان، غلام حيدر خان ۽ ٻيا جيڪي ساڻن گڏ هئا، آزاد ٿي ۱۸۴۲ع ڌاري ڪابل ۾ واپس اچي ويا، جيڪي ٽن سالن تائين وطن ڪان پري هندستان ۾ نظربند هئا.

غلام حيدر خان ان ڪان پوءِ غزني ۽ جلال آباد ۾ حڪومت جو نائب رهيو، ۱۲۷۱هہ/۱۸۵۵ع ۾ پنهنجي پيءُ جي پاران جمرود ڏانهن روانو ٿيو ۽ پنجاب جي چيف ڪمشنر سرجان لارنس سان ملاقات ڪيائين، جتي انگريزن ۽ افغانن جي

دوستي ۽ هڪ ٻئي جي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جو معاهدو ٿيو، جيڪو جمرود وارو معاهدو ڪوٺجي ٿو. اهو معاهدو ٣٠ مارچ ١٨٥٥ع تي ٿيو هو. (١)

غلام حيدر خان پنهنجي والد امير دوست محمد خان جو ولي عهد هو. جوانيءَ ۾ جمعي ٢١ ذوالقعد ١٢٧٤هه تي ٣٩ ورهين جي ڄمار ۾ ڪابل ۾ وفات ڪيائين. کيس ڪابل جي ڏکڻ ۾ مزار عاشقان، عارفان ۾ دفنايو ويو (٢)

سردار غلام حيدر خان صاحب ذوق، علم دوست ۽ فارسي جو شاعر هو. هن وٽ ڪيئي بهترين قسم جا ڪتاب غزني ۾ موجود هئا، جيڪي غزني جي غصب ٿيڻ کان پوءِ انگريزن جي قبضي ۾ ويا. اهڙو بيان مسٽر بيلو بہ ڪيو آهي، جيڪو انگريزي جو عالم ۽ مؤرخ هو. سندس چوڻ موجب غلام حيدر خان کيس اڻ ناياب قلمي ڪتاب پشتو ۽ فارسي جا ڏنا هئا. (٣) غلام حيدر خان جي شاعري مان هڪ شعر جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو:

خدا جا شڪرانا جو پيري جي پڇاڙيءَ ۾

مون کي تنهنجي سڄ جهڙي سونهن نئين سر جوان ڪيو.

(١) افغانستان، اسلام کان پوءِ حبيبي

(٢) سراج ٢-٢٥١.

(٣) سياحت نامہ بيلو ٥٠، نسب نامہ افغان، محمد عبدالسلام خان، ڇاپايل رامپور، ١٩١٤ع.

## انڊس لشڪر ۽ غزني جو غصب ٿيڻ:

هن ڪتاب ۾ انگريزن طرفان افغانستان تي چڙهائي لاءِ موڪليل لشڪر جو پورو تفصيل نہ ڏنل آهي، جنهن جي پورائي لاءِ ڪي انگ اکر هيٺ ڏجن ٿا. مرزا عطا محمد پنهنجي ڪتاب ۾ سيد فدا حسين جمعدار، ترڪ سوار جي ڪتاب تاريخ افغانستان جو اقتباس ڏنو آهي، جيڪو هن لشڪر سان گڏ هو. هتي جيڪي انگ اکر ڏجن ٿا، اهي مختلف فوجي عملدارن جا آهن، جن جو لاڳاپو انگريزي لشڪر سان هو.

### ۱ - بينگال ڊويزن جملي ۹۵۰۰ ڄڻا

ميجر جنرل سر ڊبليو ڪاٽن Cotton

برگيڊ پهرين - برگيڊيئر سيل Sale

جنهن سان بينگال جا ۱۳-۱۶ ۽ ۴۸ بينگالي پيادن جا دستا هئا.

برگيڊ ٻي - برگيڊيئر ناٽ Nott

جنهن سان ۳۱-۴۲ ۽ ۴۳، بينگالي پيادن جا دستا هئا.

برگيڊ ٽين - برگيڊيئر ديناءِ Dennif

جنهن سان ۲ ۽ ۲۷ بينگالي پيادن جا دستا هئا

برگيڊ چوٿين سوار- برگيڊيئر ٺاڪيل Thackwell

جنهن سان ۱۶ نيزي دار ۲ ۽ ۳ سوار هئا.

### ۲ - ڊويزن بمبئي

ليفٽيننٽ جنرل نائب سالار، سر جان ڪين J. Keane

برگيڊ پهرين - برگيڊيئر ويلشائر Will Shire

جنهن سان ۲ ملڪ ۱۷ ۽ ۱۹ بمبئي جي پيادن جا دستا هئا.

برگيڊ ٻي- برگيڊيئر گورڊن Gordon

جنهن سان ۱-۲ ۽ ۵ بمبئي جي پيادن جا دستا هئا.

(۱) دي لور آف دي انڊس، ص ۵۰. لشڪر انڊس ميجر هيوز، ڇاپو لنڊن ۱۸۴۱ع، ص ۵.

برگيڊ ٽين سوار- برگيڊيئر اسڪاٽ Scott

جنهن سان ۱۴ سوارن جو دستو ۽ پوني جي سوارن جو پهريون دستو هو.

۳- رزرو لشڪر ميجر جنرل ڊنڪن Duncan جملي ۴۲۵۰ ڇٽا.

۴- لشڪر شاهه شجاع جملي ۶۰۰۰ ڇٽا.

۵- سنڌ ۾ بمبئي جو رزرو لشڪر جملي ۳۰۰۰ ڇٽا

سڄو جوڙ سنڌ جي رستي کان ۲۸۳۵۰ ڇٽا(۱)

۶- شهزادي تيمور جا لشڪري- خيبر رستي کان ۴۸۰۰ ڇٽا

۷- سکن جا لشڪري خيبر رستي کان ۶۰۰۰ ڇٽا.

۸- پشاور مان سکن جو مددي لشڪر خيبر رستي کان ۱۵۰۰۰ ڇٽا.

افغانستان تي چڙهائي لاءِ موڪليل لشڪر جملي ۵۴۱۵۰ ڇٽا.

هن لشڪر ۾ اٺ هزار عملدار ٻارهن هزار خاص ڪارڪن (ڪيمپ فالوور) ۽ ٽيهن هزارن کان وڌيڪ اٺ به شامل هئا. (۲)

شهزادي تيمور جا لشڪري، جيڪي ليفٽيننٽ ڪرنل ويڊ Wade جي قيادت ۾ خيبر کان روانا ڪيا ٿي ويا، تنهن ۾ ۱۶ توبون، ۱۴۰ توبچي، ۲۰۶۹ سوار، ۸۴۰۰ پيادا، ۲۵۰ انجنيئر، (۳) جيڪو لشڪر سنڌ مان لنگهي قنڌار تي حملو ڪرڻ ويو، تنهن ۾ ۵۴ توبون، ۸۰۰ توبچي، پيادا سوار ۽ ۳۴۰ انجنيئر هئا. اهڙيءَ ريت سڄي انڊس لشڪر جو سنڌ ۽ افغانستان ۾ هيءَ انگ هو.

لشڪري ماڻهو ۽ انهن جا واسطيدار ۴۰۱۸۶ ڇٽا

لشڪر، جيڪو افغانستان ۾ جنگ لڙيو تي ۲۰۰۰۰ ڇٽا

توبون ۷۰ کان ۸۰ تائين (۴)

انگريزن، سکن، شاهه شجاع ۽ شهزادي تيمور جو لشڪر، جيڪو سمورو سنڌ ۽ خيبر کان روانو ٿي افغانستان تي وڃي ڪڙڪيو. تنهن جو ڪل تعداد ۵۴۱۵۰ هو (۵)

---

(۱) لشڪر انڊس ٦.

(۲) برگيڊ ناٽ افغانستان ۾، بمبئي ڇاپو ۱۸۸۰ع، ص ۳.

(۳) لشڪر انڊس، معاڳ ۳۳.

(۴) لشڪر انڊس، معاڳ ۳۵.

(۵) لشڪر انڊس ٦.

**فاصلا ۽ پهچ جون تاريخون:**

لڌيانو ٢٠ نومبر ١٨٣٨ع کان فيروزپور ٢٩ نومبر- ٨١ ميل، فيروزپور کان بهاولپور ٢٢٩ ميل، ٢٩ ڊسمبر ١٨٣٨ع بهاولپور کان روهڙي سنڌو نديءَ جي ڪناري سان ٢٢٤ ميل، ٢٤ جنوري ١٨٣٩ع. روهڙي کان هيٺين سنڌ ڏانهن وري سکر واپسي ١٤٥ ميل ١٥ فيبروري ١٨٣٩ع سکر کان شڪارپور ۽ ڊاڍر تائين ١٧١ ميل فاصلو، ١٠ مارچ ١٨٣٩ع. ڊاڍر کان ڪوئيٽہ بولان رستي ٥٠٧٩٣ فوٽ بلندي فاصلو ٨٦ ميل، ٢٦ مارچ ١٨٣٩ع ڪوئيٽہ کان قنڌار ڪوڙڪ رستي ٧.٤٥٧ فوٽ بلندي فاصلو ١٤٧ ميل، ٢٦ اپريل ١٨٣٩ع. قنڌار کان قلات ٧٧٣. ٥ فوٽ بلندي فاصلو ٨٧ ميل، ٤ جولاءِ ١٨٣٩ع قلات کان غزني ٧.٧٢٦ فوٽ بلندي فاصلو ١٥٠ ميل (ليڪن) قنڌار کان فاصلو ٢٢٩ ميل، ٢١ جولاءِ ١٨٣٩ع. غزني کان ڪابل ٦.٣٩٦ فوٽ بلندي فاصلو ٨٨ ميل، ٦ آگسٽ ١٨٣٩ع. لشڪر انڊس جو طئي ڪيل سمورو فاصلو ڪرنال کان ڪابل تائين ١٣٨٥ ميل. (١)

**جنگ جا حرج خرچ:**

فيبروري ١٨٣٩ع کان آڪٽوبر ١٨٤١ع تائين جملي ٧٥٠٠ (ست هزار پنج سو) افغان شهيد ٿيا. ان کان پوءِ بہ جنگ جي خاتمي تائين ٥٠٠٠ پنج هزار بيا ماٺهو جنگ جو بچاءُ ڪندي مارجي ويا، جن سمورن جو تعداد- پهرين جنگ کان ١٢٥٠٠ (ٻارهن هزار پنج سؤ) ٿئي ٿو.

جنگ ۾ انگريزن جي فوج جا جيڪي سپاهي ۽ آفيسر هئا، ڊسمبر ١٨٤٢ع تائين انهن جو تعداد ارڙهن هزار سپاهين ۽ پنجاهہ آفيسرن تائين آهي. (٢) ان مان تيرهن هزارن پيادن جو لشڪر جنوري ١٨٤٢ع ۾ ڪابل ۽ جلال آباد جي وچاڳ ۾ مارجي ويو. باقي ان مان هڪڙو جڻو ڊاڪٽر وليم برائيڊن Brydon وڃي بچيو، جيڪو ١٣ جنوري ١٨٤٢ع تي جلال آباد پهتو هو. (٣)

مسٽر هيوز جنگ ۾ وهٽن جي ضايع ٿيڻ جو تعداد ٣٣ هزار ٻڌائي ٿو. ان کان سواءِ عام طور ضايع ٿيلن جو تعداد ٢٢.٩٠٠٠٠ ڄاڻائي ٿو. (۴) اهڙيءَ ريت جنگ جو سڄو خرچ ڪابل جي غصب ٿيڻ تائين ١٧ ۽ ٢٠ ملين پونڊ

(١) لشڪر انڊس، ص ۴٢۴.

(٢) انگريزن جي لشڪر جي سنڌ، افغانستان ۾ ڪارڪردگي، گيو پوسٽ ايڊيٽر ٽائمس بمبئي ١٨۴٣ع، ص ٢٨٥. (٣) بايو گرافي هندي ٥٨. (۴) لشڪر انڊس ص ٨٣.

اسٽرلنگ ٻڌائي ٿو.(١)

انهيءَ حساب مطابق هندستان جي انگريزي حڪومت جو سمورو خرچ ٽيهہ ملين پائونڊن تائين ٿي سگهي ٿو. اهو نقصان انساني جانين تلف ٿيڻ کان سواءِ آهي، جيڪو ٻنهي طرفن کان نہ چوندي بہ ٣٥٠٠٠ (پنجتيهہ هزار) ماڻهن جي مارجي وڃڻ تائين ٿي سگهي ٿو.

ايتري حرج خرچ کان پوءِ هندستان جي برطانوي حڪومت جي وس ۾ نہ هو تہ هو افغانستان کي پنهنجي حڪومت جو حصو بڻائي سگهي. جيستائين افغانستان تي چڙهائي ۽ ان جي غصب ڪرڻ جو معاملو آهي تہ اهو اتان جي خانہ جنگي ۽ اندروني اختلاف سبب آسان ٿي سگهيو ٿي، ليڪن ان کان پوءِ ملڪي ڪاروبار هلائڻ ۽ ماڻهن کي ضابطي ۾ رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو، جنهن لاءِ انگريز سياستدانن منڍ ۾ ڪونہ سوچيو هو. جڏهن برنس اندريان اهي سڀ نقصان ڏنا ۽ افغانن جي قوت بابت پنهنجي حڪومت کي خبردار ڪيو تہ بہ انهن ڪا پرواهہ ڪانہ ڪئي، آخر جيڪو نتيجو نڪتو سو پاڻ ڏسي چڪا!

(ڏسو تعليق٣١).

## غزني جو گهيرو ۽ ان جو غصب ٿيڻ:

انڊس لشڪر جي ڪارڪردگيءَ ۾ غزني جو گهيرو ۽ ان کي غصب ڪرڻ وارو معاملو وڏي اهميت رکي ٿو. موهن لال، جيڪو خود انهيءَ گهيري ۾ شامل هو لکي ٿو تہ:

"انڊس لشڪر تاريخ ٢١ جولاءِ ١٨٣٩ع تي غزني جي حد ۾ پهتو. تڏهن مون هڪ پراڻي سڃاڻو عبدالرشيد خان امير بن عبدالامين خان توبچي باشي جي ياٿيجي، جيڪو قلعي ۾ غلام حيدر خان سان گڏ هو، تنهن کي خط لکي موڪليو تہ تون جلد اچي اسان جي لشڪر ۾ شريڪ ٿيءُ. اهو خط سڌو وڃي غلام حيدر خان وٽ پهتو.

عبدالرشيد خان جيڪو دلي طور مون سان ٻڌل هو، تنهن کي جو خبر پئي تہ اٽڪل ڪان ڪم وٺي هڪڙي سوار کي سائي رنگ جو شهادت وارو لباس پارائي اسان ڏانهن روانو ڪيائين. اهو سوار ياالله يامحمد جا نعرا هڻندو سڌو اسان وٽ آيو. سڀ ڪنهن ائين ٿي سمجهيو تہ هيءُ غازين مان هڪ دلير سپاهي آهي. هن

(١) انگريزن جي لشڪر جي سنڌ، افغانستان ۾ ڪارڪردگي ٢٨٦.

اسان وٽ پهچي عبدالرشيد خان جو زباني پيغام ڏنو. ٿوري وقت کان پوءِ عبدالرشيد بہ اچي اسان سان شامل ٿيو. جنهن اسان کي ڏاڍيون وڏيون خبرون چارون ٻڌايون. هن شخص ميجر ٿامسن کي، جو انڊس لشڪر جو وڏو انجنيئر هو، قلعي بابت ڳجها راز ٻڌايا ۽ ڪارائتيون صلاحون ڏنيون.

اهوئي وقت هو جو سردار محمد افضل خان پنهنجي سوارن سان غزني جي ٻاهران اچي دفاع ڪرڻ ۾ لڳي ويو. سندس سردار غلام حيدر خان بالاحصار کي هر طرح مضبوط ڪري ان جي بچاءَ ۾ پاڻ پتوڙيندو ٿي رهيو. جنگي چڪتاڻ کان پوءِ جڏهن غلام حيدر خان شڪست کاڌي تہ موهن لال کي چوڻ لڳو: ٻنهي ڀائرن- سردار غلام حيدر خان ۽ سردار محمد افضل خان جو اهو ارادو هو تہ اسان ٻئي ڀائر انهيءَ تاڙ ۾ هئاسين تہ انگريزن جو لشڪر جڏهن اچي هتي پهچندو تہ هن پاسي کان اسان ۽ امير دوست محمد خان (سندن والد) ڪابل کان اچي مٿن ڪاهيندو. پر انگريز عملدارن اڳ ۾ ئي غزني تي چڙهائي ڪئي ۽ اتان چريائي ڪين! هونءَ بہ هنن ٻنهي ڀائرن ۾ هڪ ٻئي لاءِ مسهانپ هئي، سو پاڻ ۾ نهندا ڪونہ هئا. محمد افضل خان پنهنجي پاءُ کان الڳ ٿي ٽي هزار سوار پاڻ سان وٺي غزني کان پري هليو ويو، جيڪو اطلاع عبدالرشيد اچي انگريزن کي ڏنو. ميجر ٿامسن موقعو وٺي قلعي تائين وڃي پهتو ۽ ان جي غصب ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ڪابل جي قلعي جو دروازو بارود سان اڏائي ٢٣ جولاءِ تي قلعي مٿان حملي جو حڪم ڪيو ويو. جڏهن ٿامسن ۽ ڪپتان پيٽ، دروازي کي اڏائي چڪا تہ ڪرنل ڊيني جي دستي قلعي تي حملو ڪري ڏنو. پوءِ سر رابرٽ سيل بہ ان جي مدد لاءِ اڳتي وڌيو. هيءُ حملو صبح کان شروع ٿي شام تي ختم ٿيو. قلعي تي انگريزن جو قبضو ٿي ويو. ڊبليو ڪاٽن ۽ جنرل ويلشائر بالاحصار ۾ پهچي ويا. سردار غلام حيدر خان ميجر ميڪريگر وٽ هٿيار ڦٽا ڪيا. لارڊ ڪين سپہ سالار ڪيس عزت سان وٺي آيو ۽ هُو موهن لال سان گڏ سندس تنبوءَ ۾ رهڻ لڳو.(١)

٢٣ جولاءِ تائين غزني تي جنگي ڪارروايون هلنديون رهيون. آخر غزني غصب ٿي ويو. هن جنگ ۾ انگريزن جا ١٧ ماڻهو مارجي ويا ۽ ١٦٥ زخمي ٿيا. افغان غازين مان ٦١٤ شهيد ۽ ١٦٠٠ گرفتار ٿي ويا. تنهن کان سواءِ ٽي سؤ اٺ، هڪ هزار گهوڙا، هڪ وڏو گدام ۽ ٻيو مال متاع غنيمت ۾ ويو.“ (٢)

(١) حيات امير از موهن لال ٢-٢٢١. ج ١، ص ١٨٨.

(٢) جنگ افغان ميجر جنرل ايبٽ، ڇاپو لنڊن ١٨٧٨ع.

موهن لال اڳتي لکي ٿو تہ: جڏهن اسان غلام حيدر خان جي رهڻ واري جاءِ تي پهتاسين تہ اسان هن جي گهر واري کي ڏٺو. اها مائي سردار محمد عظيم خان جي ڌيءَ هئي. مون کيس ۱۸۳۲ع ۾ ڏٺو هو. جڏهن پاڻ چوڏهن ورهين جي هئي. هيءَ تڏهن اکين جي تڪليف ۾ مبتلا هئي ۽ ڊاڪٽر کان علاج ٿي ڪرايائين. مون هن کي دلجاءِ ڏني. پوءِ ڪپتان جان ڪونولي هن کي شهر جي هڪ جاءِ ۾ رهائڻ جو انتظام ڪيو. جيستائين هنن کي هندستان موڪليو ويو، تيستائين مون ڪين زندگيءَ جون سڀئي ضرورتون پوريون ڪري ٿي ڏنيون(۱).

ميجر هيوز افغاني شهيدن لاءِ چوي ٿو تہ: هن جنگ ۾ غزني جو بچاءُ ڪندڙ افغانن جو وڏو نقصان ٿيندو رهيو. اسان پاڻ ٻئي ڏينهن تي اٺ سؤ لاش دفنايا ۽ ٻين ڪيترن جا لاش سندن گهرن مان ڪڍيا ويا. ڏيڍ سؤ ڄڻن کي سوارن قتل ڪيو هو ۽ ٽي سؤ لاش غزني جي ٻاهران پيا هئا، انهيءَ مطابق ۱۲۰۰ ڄڻا قتل ٿيا، ۳۰ ڦٽجي پيا ۽ ۱۵۰۰ گرفتار ٿي ويا. (۲)

لارڊ ڪين پنهنجي هڪ خط ۲۴ جولاءِ ۱۸۳۹ع ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ آڪليند کي لکيو، تہ لشڪر انڊس منهنجي اڳواڻيءَ هيٺ وڏي ڪيپ ڪٽي، اسان غزني جي مضبوط قلعي کي ٻن ڪلاڪن ۾ غصب ڪري ورتو. هي قلعو موقعي ۽ مضبوطي جي لحاظ کان ڏاڍو پڪو ۽ پختو هو. مون پنهنجي ۵۴ سالن جي لشڪري ملازمت جي دور ۾ اهڙي سوڀ ڪڏهن نہ ڏٺي هئي، جيڪا هن قلعي دوران نصيب ٿي.

غلام حيدر خان ۵۴۰۰ سپاهين، توبن ۽ ٻين هٿيارن سان قلعي اندر موجود هو، پر هاڻ اسان وٽ قيد آهي. اسان جا مارجي ويل ۽ زخمي ٿيل ٻن سون تائين ٿيندا، هوڏانهن دشمن جي لشڪر جا هيلتائين ۵۰۰ لاش ڳڻيا ويا آهن. (۳)

انڊس لشڪر جي انجنيئر ٿامسن بہ پنهنجي خط ۲۵ جولاءِ ۱۸۳۹ع ۾ غزني مان لکيو هو تہ: صرف غزني شهر ۾ ۱۵۱۴ ڄڻا (افغان) قتل ٿي ويا ۽ ۱۶۰۰ ڄڻن کي اسان گرفتار ڪري ورتو. غزني شهر ۾ افغانن وٽ ۹ توبون موجود هيون.(۴)

---

(۱) حيات امير ۲-۲۲۸. انگريزي.
(۲) لشڪر انڊس ص ۱۸۶.
(۳) افغانستان تي لشڪر ڪشي، جيمس اٽڪنسن ڇاپو لندن. ۱۸۴۲ع. ص ۴۰۹.
(۴) ساڳيو ڪتاب، ص ۴۲۴.

(۴۴)

## ميجر ٽاڊ (۱۸۰۸-۱۸۴۵ع):

ميجر ڏي آرڪي ايليٽ ٽاڊ Elliott D. Arcy Toad ولد فريٽر ٽاڊ، جنوري ۱۸۰۸ع ۾ پيدا ٿيو. تعليم کان پوءِ ڪلڪتي ۾ بينگالي توبخاني ۾ ڀرتي ٿيو. ۱۸۲۴ع ۾ ڀرت پور ويو ۽ اتي جنگ ۾ حصو ورتائين. جنوري ۱۸۲۶ع ۾ فارسي سکڻ کان پوءِ ايران هليو ويو، جتي ايراني فوج ۾ توبخاني جو عملدار ٿيو.

۱۸۳۳ع ۾ سر بٿيون جو فوجي سيڪريٽري مقرر ٿيو. ۱۸۳۶ع ۾ جڏهن ايران جي لشڪر هرات تي حملو ڪيو تہ هيءُ سرجان ميڪنل جو سيڪريٽري ٿيو. ۱۸۳۸ع ۾ ميڪناٽن جو فوجي سيڪريٽري ڪري رکيو ويو. ۱۸۳۸ع ۾ هرات کان قنڌار، ڪابل ۽ پشاور تائين نوي ڏينهن مسافري ڪيائين.

ميڪناٽن وٽ فوجي سيڪريٽري ٿيڻ کان پوءِ هيءُ هرات ڏانهن شهزادي ڪامران سان معاهدي ڪرڻ لاءِ ويو ۽ پوءِ اتيئي پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيو، پر ۱۸۴۱ع ۾ شهزادي ڪامران هن کي هرات مان نيڪالي ڏني ۽ لارڊ آڪليند هن کي انهيءَ سياسي شڪست کان پوءِ واپس توبخاني ڏانهن ڏياري موڪليو. پڇاڙيءَ ۾ هن ستلج ۽ موڊ ڪي تي انگريزن جي لشڪر ڪشي ۾ بهرو ورتو ۽ ۲۱ ڊسمبر ۱۸۴۸ع ۾ فيروز شهر ۾ قتل ٿي ويو. (بايو گرافي هندي ۴۲۵).

*

## (۴۵)

## سر ڪلوڊ مارٽن ويڊ (۱۷۹۴ع- ۱۸٦۱ع):

سر ڪلوڊ مارٽن ويڊ Sir Clude Martin Wade ولد ليفٽيننٽ ڪرنل جوزف ويڊ ۳ اپريل ۱۷۹۴ع ۾ بنگال ۾ ڄائو. هيءُ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي لشڪر ۾ داخل ٿيو. ۱۸۰۹ع ۾ بندل کند ويو. ۱۸۱۲ع ۾ سنڌيا ۽ هولڪرتي جيڪا لشڪر ڪشي ٿي، ان ۾ حصو ورتائين. ۱۸۱۵ع ۾ پنڊري وارين جنگين ۾ لڙيو. ۱۸۱٦ع کان ۱۸۱۹ع تائين شاندار خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ۱۸۲۲ع ۾ لڌياني ۾ سياسي نمائندو مقرر ٿيو ۽ شاهه شجاع سان رهڻ لڳو. رنجيت سنگهه سان بہ مذاڪرات ڪيا ۽ برما جي جنگين (۱۸۲۴ع-۱۸۲٦ع) دوران رنجيت سنگهه خاموش رهيو، جنهن مذاڪرات ۾ اهو شرط قبوليو هو.

هن ۱۸۱۷ع ۾ سنڌ جي حڪومتن (حيدرآباد ۽ خيرپور) سان مذاڪرات ڪيا ۽ رنجيت سنگهه جي مرڻ تائين (۱۸۳۹ع) ان سان رهيو. انهن خدمتن جي صلي ۾ هن کي نائٽ جو درجو حاصل ٿيو.

ان کان پوءِ افغانستان جي پهرين جنگ ۾ شريڪ ٿيو، ۱۸۳۸ع کان ۱۸۴۰ع تائين هڪ خاص وفد سان پشاور ويو، جيئن هڪ فوجي مهم سان افغانستان ۾ لشڪر جي اڳواٽي ڪري. جڏهن انگريزي لشڪر خيبر پار ڪري رهيو هو تہ هيءُ ليفٽيننٽ ڪرنل هو. ۲۳-جولاءِ ۱۸۳۹ع ۾ هن علي مسجد تي قبضو ڪيو ۽ ڪابل ڏانهن وڌيو. ڪابل جي شڪست کان پوءِ هندستان ڏانهن وريو ۽ پوءِ اندور رياست ۾ ناظم مقرر ٿيو. وري اتان مالوا ويو، جتي ۱۸۴۰ع تائين انگريزن پاران سياسي نمائندو ٿي رهيو. پڇاڙي ۾ ۱۸۴۴ع ۾ رٽائر ڪيائين ۽ ۲۱ آڪٽوبر ۱۸٦۱ع ۾ گذاري ويو. (بايوگرافي هندي ۴۳۸).

*

## (٤٦)

## قلات جي مير محراب خان جي شهادت:

مير محراب خان پيو احمد زئي بلوچ، بروهي خاندان مان هو. ١٢٣٢هه ۾ قلات جي خاني واري گاديءَ تي وينو. (شجري لاءِ ڏسو تعليق ٢٩)

هُو باهمت ۽ آزادي طلب مرد هو. انگريزن جي انڊس لشڪر واري چڙهائي (١٨٣٩ع) ۾ هيءُ انهن سان متفق نہ ٿيو. ان جي باوجود جو انگريزن ڪيس پنهنجي خاني قائم رهائڻ لاءِ پڪ ڏياري هئي، تڏهن بہ انهن سان اتفاق نہ ڪيائين ۽ بولان لڪ کان هنن کي لنگهڻ نہ ڏنائين.

هن دلير ۽ آزادي پسند مرد جي شهادت بابت هن ڪتاب ۾ ڪجهہ احوال آيل آهي، جيڪو چڱي دلچسپي وارو لڳي ٿو. هاڻ ڏسجي تہ سندس باري ۾ بيا ڇا ٿا لکن!

موهن لال ٿو لکي تہ تاريخ ١٣ آڪٽوبر ١٨٣٩ع ۾ سر توماس (ٿامس) ويلشائر (ڏسو تعليق ٣٦) ۽ ڪپتان چيف پوليٽيڪل ايجنٽ ٻئي ڪوئيٽہ پهتا. ١٢ نومبر ١٨٣٩ع ۾ قلات کان اڻ ميل پرتي هڪ ڳوٺ جرياني ۾ وڃي لٿا. اتان جنرل ويلشائر قلاتِ تي حملي ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو. جنهن لاءِ برگيڊيئر بومگارڊ کي حملو ڪندڙن جي پهرين دستي جو اڳواڻ مقرر ڪرڻ ۾ آيو، جيڪو انگلستان جي ملڪہ جي ريجمينٽ نمبر ٢ جي مٿان هو.

مير محراب خان انگريزن جي حملي ڪرڻ کان پوءِ وڏي بهادري سان وڙهيو، پاڻ جنگ جي ميدان ۾ ان وقت قتل ٿيو، جڏهن اگهاڙي ترار سندس هٿ ۾ هئي. اها هئي عاقبت ان شخص جي، جنهن جي اشاري تي انگريزن جا هزارين لشڪري بولان لڪ ۾ قتل ٿي چڪا هئا. هن کي پنهنجي جرم ۾ جيڪا سزا ملي سا وڏيڪ سخت هئي(١) اهڙيءَ ريت اهو گل سندس مهر جي لکتي مطابق "گلي از گلشن محمود محراب" (محمود جي گلشن جو گل محراب خان) قلات جي پهاڙن ۾ ڪومائجي ويو. سندس شهادت جي تاريخ ٥-رمضان ١٢٥٥هه آهي. سندس

---

(١) حيات امير ٢-٢٠٠.

ناڪامي جو سبب بلوچ سردارن جو نفاق هو، جن اڳوات ئي ڪيترا فسادي ماڻهو حيلن وسيلن سان هن جي دربار ۾ پهچائي ڇڏيا هئا.

جڏهن انگريزن جي ساٿس جنگ لڳي ته ان وقت ٻن ٽن سون ماڻهن به هن جو ساٿ نه ڏنو. انگريزن جو لشڪر قلات شهر ۾ داخل ٿيو ته صرف سترچٽا مير محراب خان سان هئا، جن مان ڪن هندن ۽ مسلمانن جنگ جي ميدان ۾ مري پاڻ ملهايو. (١)

هن جو هڪ درباري آخوند محمد صديق لکي ٿو ته:

محراب خان ڏاڍو بهادر ۽ خارباز شخص هو. هن ماڻهن مارڻ تي زور رکيو، جنهن ڪري ڪيئي پنهنجا پراوا ڪانئس پري هليا ويا. محراب خان ۽ سندس بروهين ۾ اهوئي وڏو معاملو هو، جيڪو اختلاف جو سبب بڻيو. جيڪڏهن انهن مان هڪڙو مات پئي ٿيو ته ٻئي وري جهيڙي ڳنڍڻ لاءِ ڪر ٿي کنيو.

جڏهن انگريز ڪابل ۽ قنڌار هٿ ڪري موٽيا ته انگريزي فوج، جيڪا قنڌار ۾ هئي، تنهن اڳتي وڌي قلات ڏانهن چڙهائي ڪئي. محراب خان انگريزن اڳيان نه جهڪيو ۽ خدا رسول جي خوشنودي لاءِ جنگ ڪندو آيو. ليڪن بروهي سردارن مان ولي محمد مينگل ۽ ڪن ٻين ماڻهن کان سواءِ ڪوبه ساٿس ساٿياري نه ٿيو. انگريزي فوج رمضان ١٢٥٥هه ۾ قلات آئي. جنگ شروع ٿي وئي. سج اڀرئي کان منجهند ٽائين توبن، بندوقن جي وارن جا ڏوڙيا هئا. نيٺ انگريزن قلات جي قلعي جي مستونگ واري دروازي تي توبن جا وار ڪري ان کي ڪيرائي شهر تي حملو ڪري ڏنو. محراب خان ٿورن ماڻهن- شاغاسي نور محمد، مير ولي محمد مينگل، عبدالڪريم رئيساڻي، داد ڪريم شاهواڻي، شاهباز خان رنڇاري، فضل خان لهڙي ۽ نبي بخش جتوئي سان گڏ، شهيد ٿي ويو. (٢)

*

---

(١) تاريخ بلوچستان ٢٧٧.

(٢) تاريخ براهوئي، آخوند محمد صديق تاريخ بلوچستان جي حوالي سان. ص ٩٢٩.

## (٤٧)

## قلات جا وزير، ملا محمد حسن ۽ رحيمداد:

نائب خيل جو خاندان بلوچ، بروهي، بدوزئي، بنگلزئي آهي. هن خاندان جي پوئين لچ نهنگي زئي بڌائي وجي ٿي. انهيءَ خاندان مان علي خان عرف آغا علي نادر شاهه جي حڪم موجب مير نصير خان سان گڏ قنڌار جي قيد ۾ هو. ١١٧٥هه ۾ جڏهن مير نصير خان قلات جو حڪمران ٿيو ته آغا علي سندس مقرب بڻيو. ان کان پوءِ هن جو پٽ عبدالرحمان ڪڇيءَ ۾ حڪومت جو نائب مقرر ٿيو. ان جي قلات دربار جي وزيرن سان رقابت هئي، جن جو آخوندزئي خاندان سان تعلق هو. عبدالرحمان جو پٽ محمد حسن، مير محراب خان، مير نصير خان اول ۽ مير نصير خان ٻئي جي زماني ۾ وزير رهيو. سندس ڀاءُ محمد امين کي ڪڇيءَ ۾ نيابت جي عهدي تي رکيو ويو.

نائب محمد حسن (وزير) اديب شاعر ۽ سياسي ڄاڻ وارو هو. قلات جي دربار جا ٻه سردار ملامحمد خان رئيساڻي ۽ سردار تاج محمد راڪزئي هن جا داماد (نياڻا) هئا، جن جي آڌار تي هيءُ قلات جو وڏو وزير ۽ مدار المهام بڻيو(١).

مير محراب خان ٻئي جو دور (١٢٣٢هه) ملامحمد حسن جي عروج جو دور هو. ١٨٣٩ع جي شروعات ۾ جڏهن انڊس لشڪر افغانستان غصب ڪرڻ لاءِ چڙهي ۾ آيو، تڏهن روسي، ايراني نمائندن جو قنڌار جي سردارن جي دربار ۾ وڏو دخل هو. انهن سردارن طرفان مير محراب خان کي خط لکيا ويا ته انگريزن کي بولان واري لڪ کان لنگهڻ نه ڏنو وڃي. اهي خط موهن لال وسيلي قنڌاري سردارن جي قاصدن وٽان ظاهر ٿي پيا، تنهن کان پوءِ وليم ميڪناٽن (انگريزن جو سفير)، شاهه شجاع، انڊس لشڪر ۽ اليگزينڊر برنس سان گڏ فيبروري ١٨٣٩ع ۾ شڪارپور کان روانا ٿي مير محراب خان جي دربار ۾ پهتا، جنهن سان دوستي جي نالي ۾ سياسي معاهدو ڪيائون، ته انڊس لشڪر کي سندس حدن مان لنگهڻ

(١) تاريخ بلوچستان ٣٠٠.

جي اجازت هوندي. برنس، موهن لال سان گڏجي قلات ويو، گندا واهه جي حاڪم محمد شريف، خان قلات پاران، سندس آجيان ڪئي ۽ قلات جو وزير اعظم ملامحمد حسن به ڍاڍر ۾ برنس سان گڏيو، جنهن کي بولان لڪ کان لنگهڻ عيوض سالانه ٻن لکن رپين ڏيڻ جو معاملو طيءِ ٿيو. تنهن کان پوءِ برنس، موهن لال، ڪپتان پٽيسن، سپمن ۽ سورهن نيزيٰ بردارن سان گڏجي قلات ويا، جتي خان قلات جي پٽ سندن پذيرائي ڪئي.

مير محراب خان مذاڪرات (ڳالهين) هلندي انگريزن جي ڊر کي ڪاسرهائي نه لڪائي ۽ هن جي ڳالهائڻ مان ڪا خوشي نٿي بکي. هوڏانهن نائب محمد حسن ۽ محمد شريف جيڪي مذڪرات جا خاص منتظم هئا، انهيءَ ڪوشش ۾ پاڻ پتوڙڻ لڳا ته برنس کي ڪنهن به صورت ۾ مهلت ملڻ کپي. ٻئي پاسي وري داروغي گل محمد جي وٽ وٺان هئي ته اهو ڪم ٿي وڃي، جيئن سجو ڪٽيو پاڻ ڪائي سگهي. انهيءَ داروغي گل محمد جي به قلات جي درٻار ۾ وڏي رسائي هئي. آخر معاهدي جو مسودو لکيو ويو، جيڪو موهن لال وجي درٻار ۾ پهچايو، جيئن مير محراب خان پاڻ انهيءَ جي پڪ ڪري.

محراب خان ان بابت سڄي ڳالهه جو سڄو مدار بروهي سردارن تي رکي پاڻ کي غيرجانبدار ڪري ڏيکارڻ لڳو، انهيءَ غيريقيني صورتحال ۾ انگريزن جي لشڪر جو مسئلو ويتر منجهندو ويو ۽ بولان لڪ پار ڪرڻ ان لاءِ اٽانو ٿي پيو. ٻئي پاسي وري ائين به ٿي سگهيو ٿي ته اچڪزئي قبيلا، جيڪي پشين ۾ رهن ٿا، اهي ڪوتل ڪوڙڪ وٽان انگريزن جي لشڪر لاءِ ڪا رڪاوٽ پيدا ڪري وجهن. بهرحال مير محراب خان جي ڳالهائڻ جو انداز سخت ۽ تيک وارو هو، جنهن تان موهن لال چئي ڏنو ته:

"انگريز حڪومت جو مقصد اوهان سان دوستي رکڻ، نباهڻ ۽ اوهان جي حقن جي حفاظت ڪان سواءِ ڪجهه نه هو، نه وري ان مان ڪنهن مداخلت جو امڪان ٿي سگهيو ٿي. خير! مون کي نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جيڪڏهن اوهان جو رايو ناهي ته نه سهي؛ ائين چئي معاهدي جو مسودو هٿ ۾ ڪٽي مٿان هيءُ اکر چوڻ لڳو، جيڪڏهن اوهان اڄ هيءُ معاهدو قبول نٿا ڪريو ته سڀاڻي انگريزن جو لشڪر افغانستان تي قابض ٿيڻ کان پوءِ اوهان جي مٿان اچي ڪڙڪو ڪندو!"

موهن لال جو اهو رويو ڏسي، اهي سردار، جيڪي اتي موجود هئا، ڏاڍا

ڏمرجي پيا ۽ گھڻ وڏ ڳالهائڻ لڳا. محراب خان معاهدي جو مسودو واپس ورتو ۽ چيائين: ته جيڪڏهن اسان کي انگريزن جي فوجي قوت کان ڊيڄاريو وڃي ٿو ته آءٌ هن معاهدي تي سواءِ ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي دستخط ڪريان ٿو، اها اسان جي رضا ۽ خوشي اوهان جي ڏيان ۾ رهي(١).

ان ڪان پوءِ محراب خان معاهدي تي پنهنجي مهر هڻي ۽ دستخط به ڪيائين، جنهن ۾ ٻن لکن ساليانيي ڏيڻ بدران ٻن هزارن روڪ ادا ڪرڻ جو شرط شامل هو. ان لاءِ محراب خان پنهنجي رقيب شاهنواز خان جو ڪو لحاظ نه ڪيو. ٻئي طرف نائب محمد حسن کي اها ڳالهه نه آئڙي، جنهن موهن لال ۽ برنس کي به پورو رخ ڪونه ڏنو، شايد ان ڪري جو هن کي ناراض سردارن جي پاسداري ڪرڻي هئي.

ان ڪان پوءِ قبائلي بلوچ باغي ٿي ميدان تي نڪري آيا ۽ محراب خان جو مهر هنيل معاهدو وات تي ئي ملامحمد حسن جي اشاري موجب ڪسي هٿيارٻند بلوچن ڪان برنس ۽ ٻين تي حملو ڪرايو ويو، جنهن ڪري جنرل ويلشائر پنهنجي فوج سان قلات تي حملو ڪري ڏنو ۽ محراب خان قتل ٿي ويو. (٥-رمضان ١٢٥٥هه). ان ڪان پوءِ جيئن قلات تي انگريزن جو قبضو ٿيو ته نائب محمد حسن ۽ نائب رحيمداد کي قيد ڪري بکر ۾ رکيو ويو(٢).

نائب هڪ سال تائين قيد ۾ رهيو. ١٢٥٦هه ڌاري جڏهن نصير خان ٻئي جو ميجر آؤٽرام سان ناهه ٿيو ۽ قلات جي حڪومت سندس حوالي ڪئي وئي ته نائب مذڪور به قيد مان آزاد ٿي نصير خان جو وزير مقرر ٿيو. آخوند محمد صديق تاريخ براهوي ۾ لکي ٿو ته مير نصير خان جي حڪومت ۾ ڪوبه ڦڏو فساد نه ٿيو، نه وري هن ڪنهن امير ۽ درباري کي ڪو نقصان رسايو. مگر نائب محمد حسن ۽ محمد امين، جيڪي وزارت جي عهدن تي رهي به نصير خان جي حڪم خلاف هر ڪم ڪندا رهيا ۽ ملڪي توڙي مالي معاملن ۾ وڏو خلل پيدا ڪري وڌائون. ايتري

(١) حيات امير ٢-١٨٦.
(٢) تاريخ بلوچستان ٢٢٩ ۽ هيءُ ڪتاب معاهدات جي ڪتاب ص ٧٣، جلد ٧ ۾ پڙرو ڪيل آهي، ته محمد حسن معاهدي جو مخالف ٿي پيو ۽ محراب خان کي ڪوئيٽه وڃڻ کان به روڪيو هئائين. اهي ڳالهيون تڏهن ظاهر ٿيون، جڏهن قلات غصب ٿيڻ ڪان پوءِ لکت ۾ آيل ڳالهيون انگريزن کي هٿ آيون، جيڪي محمد حسن لکيون هيون، ان ڪري ئي کيس بکر ۾ قيد ڪري رکيو ويو.

قدر جو نائب (محمد حسن) جيڪب آباد وڃي جيڪب صاحب ڪي پڙڪايو تہ نصير خان بلوچستان جي حڪومت لائق ناهي، ان ڪي لاهي مون ڪي بلوچستان جو حڪمران بڻايو وڃي. آءٌ حڪومت جو سڄو ڪاروبار اوهان (انگريزن) جي مرضيءَ مطابق هلائيندو رهندس.

جيڪب ڇا ڪيو جو هن جون اهي ڳالهيون لکي ملا احمد وڪيل جي هٿان مير نصير خان ڏانهن ڏياري موڪليائين، جيڪو اتي موجود هوندو هو. اها خبر پڌي مير نصير خان ڪاوڙ ۾ اچي نائب محمد حسن ۽ محمد امين کي گرفتار ڪري قيد ۾ وجهي ڇڏيو(١).

ائين محمد حسن قيدي ٿي ويو ۽ ٻن سالن کان پوءِ اتيئي وفات ڪيائين. (١٢٧٠هـ) هن جو ڀاءُ محمد امين خداداد خان جي حڪومت ١٢٧٣هـ کان پوءِ سردارن جي سفارش تي قيد مان آزاد ٿيو.(٢)

## نائب خيل خاندان جي نسب جو شجرو




(١) تاريخ بلوچستان، ٢٣٤.
(٢) ساڳيون ڪتاب، ٢٣٥.

## نائب محمد حسن جا ادبي ڪارناما:

هيءُ فاضل شخص هو. فارسي ۽ بلوچي ٻولين ۾ شاعري ڪندو ٿي رهيو. بلوچي ۾ مير محراب خان جي شهادت جو احوال شعر ۾ قلمبند ڪيو هئائين، جيڪو تاريخ بلوچستان جي ص ٢٧٧ تي درج آهي. فارسيءَ ۾ ٻه هن جي وڏي ڪليات موجود آهي، جنهن ۾ هن جا چار ديوان شامل آهن. پهريون ديوان ١١ شعبان ١٢٦٣ھ ۾ مير نصير خان جي نالي پورو ڪيائين، جنهن ۾ غزل، رباعيون ۽ فرد آهن. ٻيو ديوان رجب ١٢٧٥ھ قاضي محمد عثمان هٿان سندس وفات ڪان پوءِ لکت ۾ آيو. سندس ٽيون چوٿون ديوان ٻه فارسيءَ جي مختلف شعرن تي مبني آهي. هتي سندس شعر جا ڪي نمونا سنڌي ترجمي ۾ ڏجن ٿا(١):

ان نازنين جو منهن جڏهن نقاب ڪان ٻاهر آيو،
ته مهتاب ٿيو، ستارو ٿيو ۽ آفتاب ٿي پيو.

-

اسان ڪان لڪي غيرن جي محفل ۾ ٿو وڃين،
اي خطا (ملڪ) جا هرڻ! اهڙي خطا نه ڪر.
دنيا سان دل نه رک جو خبر هجئي ته
اها دلبندي مٿي جو سور ٿي ويندءِ
توکي دل ۾ ڪٿي سوين مطلب هجن،
ته سمجھ ته اڻ پورا رهجي ويندءِ.

## (٢) ملا رحيمداد:

هيءُ محراب خان جي درٻاري اميرن مان هو، جيڪو محراب خان جي قتل ۽ قلات جي غصب ٿيڻ ڪان پوءِ محمد حسن نائب سان گڏ قيد ٿيو ۽ هڪ سال تائين بکر جي قيد ۾ رهيو، جيئن هن ڪتاب ۾ آيل آهي ته هيءُ ان ڪان پوءِ واپس قلات اچي ويو.

هي فتح محمد خراساني جو فرزند هو، جيڪو عبدالله خان جي حڪومت ١١٥٠ھ ڌاري خراسان مان سندس خدمت ۾ اچي ملازم ٿيو. مير نصير خان پهرين جي دور (١١٨٥ھ) ۾ حرم سرا جو داروغو مقرر ٿيو، ان سان گڏ درٻاري مقرب پڻ هو.

---

(١) تفصيل جي لاءِ ڏسو مجلد سروش ڪراچي شمارو ٢-٣، ج ٢، جولائي ١٩٥٨ع.

هن جا پٽ رحيمداد ۽ فقير محمد بہ قلات جي دربار ۾ هئا. محراب خان جي زماني ۾ فقير محمد ڪارمختار هو. هيءُ پيچاڙي ۾ سردار مهرالله خان رئيساڻي سان گڏ بغاوت جي ڏوهہ ۾ قتل ٿي ويو.

فقير محمد کان پوءِ ان جو پٽ عبدالعزيز ۽ ان جو پٽ فقير محمد بيو خداداد خان جي زماني ۾ وزارت، نيابت ۽ ڪارمختاري جي عهدن تي رهيا، جن کي خداداد خان جي حڪم تي ڪنهن ڏوهہ ۾ ڪُٺو ويو. هن خاندان جا پويان ١٣٢٠هہ تائين قلات جي دربار سان واسطيداري رکندا آيا، خاص ڪري نائب عبدالعزيز سالن تائين ياڳناڙي ۾ حڪومت جو نائب هو(١).

فتح محمد خراساني جو شجرو




(١) تاريخ بلوچستان ص ٣٠٥.

## (۴۸)

## ڪرنل ڊيني (۱۷۸۵ع- ۱۸۴۲ع):

## وليم هينري ڊيني William Henry Dennie

هن جو جنم ۱۷۸۵ع ۾ ٿيو. جوانيءَ ۾ ۲۲ رجمينٽ ۾ شامل ٿي ويو. ۱۸۰۲ع ۾ لارڊليڪ سان گڏ هندستان ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين، ۱۸۰۴ع کان ۱۸۰۵ع تائين مارتپاس ونڻ ۾ شريڪ رهيو. ان کان پوءِ رجمينٽ ۱۳ ۾ برما جي پهرين جنگ تي ويو. پڇاڙيءَ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيو.

افغانستان جي پهرين جنگ ۱۸۳۸ع کان ۱۸۳۹ع تائين فوجي ٽولي جي اڳواٽي ڪيائين، جنهن غزني تي چڙهائي ڪئي هئي، تنهن کان پوءِ ڪابل ۽ باميان ۾ بہ ساڳي ڪرت سان لڳو رهيو. ۱۸ سيپٽمبر ۱۸۴۰ع ۾ امير دوست محمد خان کي شڪست ڏنائين. ۱۸۴۱ع ۾ جنرل سيل جي لشڪر سان ڪابل مان جلال آباد آيو.

جلال آباد تي جڏهن نومبر ۱۸۴۱ع کان اپريل ۱۸۴۲ع تائين افغان غازين جو گهيرو ٿيو تہ ڊيني،جنرل سيل جي زخمي ٿيڻ ڪري.انگريزي لشڪر جي ڪمان سنڀالي. آخر ٦- اپريل ۱۸۴۲ع ۾ ڦتجي فوت ٿيو، هيءُ فوجي خدمتن ۾ انگلنڊ جي ملڪ جي مدد سان وڏي رتبي تي رسيو.

هن هڪ ڪتاب سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان جي لشڪر ڪشي تي لکيو، جيڪو ۱۸۴۳ع ڌاري لنڊن مان پڌرو ٿيو.

(بايوگرافي هندي ۱۱۷).

*

## (۴۹)

## فيلڊ مارشل پالڪ (۱۷۸٦ع- ۱۸۷۲ع):

سر جارج بارونيٽ پالڪ Sir George Baronet Pollock ولد ڊيوڊ پالڪ. هيءُ ۴ جون ۱۷۸٦ع ۾ پيدا ٿيو. واڪس هال ۽ ليو پچ ۾ تعليم ورتائين. ۱۸۰۳ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي لشڪر ۾ شامل ٿيو. هڪ سال کان پوءِ لارڊليڪ جي لشڪر سان هولڪر جي جنگ ۾ لڙيو ۽ ڊيگ واري محاصري ۾ حصو ورتائين.

۱۸۰۵ع ۾ ڀرت پور جوگهيرو ڪيائين ۽ نيپال جي جنگ (۱۸۱۴ع -۱۸۱۵ع) ۾ توبخاني جي دستن جي قيادت ڪيائين. ان کان پوءِ بنگال جي توبخاني ۾ ۱۸۱۹ع تائين برگيڊ ميجر رهيو. برما جي جنگ (۱۸۲۴ع- ۱۸۲٦ع) ۾ پرون، مالون ۽ انڊبو، هن جي عملداريءَ هيٺ هئا. ۱۸۳۸ع ۾ برگيڊيئر جنرل ٿيو. ان کان پوءِ آگري ۾ ميجر جنرل ٿي ويو. ۱۸۴۲ع فيبروري ۾ پشاور ۾ آيو ۽ جنرل سيل جي لشڪر کي جلالآباد جي محاصري مان ڇڏائڻ لاءِ خيبر وٽان لنگهيو. ۱٦- اپريل جلال آباد تي قبضو ڪري جنرل سيل کي سندس لشڪر سميت محاصري مان ٻاهر ڪڍيائين.

ان کان پوءِ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلن برو ڪيس حڪم ڏنو تہ افغانستان مان پنهنجو لشڪر واپس وٺي اچي؛ پرپالڪ ان جي مخالفت ڪئي. ان کان پوءِ هيءُ ماماخيل جگدلڪ ۽ تيزين ۾ افغان غازين سان وڙهيو ۽ ڪابل هليو ويو. تاريخ ۱٦- سيپٽمبر ۱۸۴۲ع ۾ هيءُ ڪابل کان وريو تہ جنرل نادر جو لشڪر بہ قنڌار ۽ غزني کان اچي ساڻس گڏيو. ان وقت انگريز قيدي، جيڪي باميان ۾ سردار محمد اڪبر خان وٽ قيد ۾ هئا، ۲۲ سيپٽمبر ۱۸۴۲ع تي جنرل پالڪ جي لشڪر گاهہ ۾ اچي ويا. تاريخ ۲۹ سيپٽمبر ۱۸۴۲ع تي هُن افغان غازين کان جند ڇڏائي ڪابل ۾ اچي پنهنجي انتقام پوري ڪرڻ لاءِ شهر جو نقصان ڪري اتان هندستان ڏانهن رخ رکيو.

گورنر جنرل لارڊ ايلن برو هن جو فيروز پور ۾ ١٩ ڊسمبر ١٨٤٢ع استقبال ڪيو ۽ ڪيس .G.C.B جو لقب ڏنائين. ان سان گڏ هن کي لشڪر جي هڪ ڊويزن جو لکنو ۾ آفيسر ڪري رکيو ويو.

هيءُ ٢٠ سيپٽمبر ١٨٤٤ع کان ٣١ مارچ ١٨٤٧ع تائين مجلس اعليٰ جو فوجي ميجر هو. جڏهن استيفعا ڏنائين تہ ايسٽ انڊيا ڪمپني کيس هڪ هزار پائونڊ ساليانو وظيفو مقرر ڪري ڏنو.

١٨٥١ع ۾ هيءُ ليفٽيننٽ جنرل ٿيو ۽ ١٨٥٤ع ۾ هيءُ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ جنرل ۽ مدير رهيو ١٨٧٠ع ۾ فيلڊمارشل جي عهدي تي پهچي ١٨٧١ع ۾ لنڊن جي مينار جومحافظ مقرر ٿيو. ١٨٧٢ع ۾ ١٢-آڪٽوبر تي مري هي جهان ڇڏيائين ۽ ويسٽ منسٽر واري ڪليسا ۾ دفن ٿيو.

*

## (٥٠)

## شاهہ شجاع جو قتل:

١٢٥٨هہ جي شروعات ۾ انگريزي لشڪر جڏهن ڪابل جي خالي ڪرائڻ لاءِ مجبور ٿيو تہ شاهہ شجاع پنهنجي مختصر لشڪر سان ڪابل جي بالاحصار قلعي ۾ موجود هو. ان وقت سردار محمد اڪبر خان جلال آباد ۾ انگريزن جي لشڪر سان جهاد ۾ مشغول هو.

ڪابل ۾ نواب محمد زمان خان ولد نواب اسد خان ولد سردار پائنده خان (ڏسو تعليق نمبر ۴) اميري جو دعويدار ٿيو. جنهن لاءِ هن پنهنجي پٽ شجاع الدولہ ۽ ٻين بارڪزئين سان گڏجي شاهہ شجاع جي قتل جو منصوبو تيار ڪيو. تڏهن غازين جا قاعد نائب امين الله خان لوگري ۽ ان جو پٽ نصرالله خان شاهہ شجاع جي پاسي هئا. سندن مرضي هئي تہ شاهہ شجاع ۽ ان جي فوج مجاهدن سان ملي جلال آباد ۾ جنرل پالڪ جي مقابلي لاءِ تيار ٿين. مورخ فيض محمد جي لکت موجب: شاهہ شجاع جڏهن زمان خان کي ٻہ لک رپيا عطيہ طور ڏيڻا ڪيا ۽ ڪيس پنهنجي همراهي ۾ جهاد لاءِ سڏيائين تہ هن جواب ڏنو تہ آءٌ اميري جودعويدار آهيان رشوت خور ناهيان.(١)

نائب امين الله خان لوگري شاهي دربار ۾ وڏيڪ ويجهو ٿي چڪو هو، ان ڪري زمان خان جي سازش دشمني ٿي پئي ۽ شاهہ شجاع جي قتل لاءِ سوچيائين.(٢)

جنهن ڏينهن شاهہ شجاع غازين سان گڏ ڪابل جي اوپر ۾سياهہ سنگ وٽ آيو ۽ لشڪر جو معائنو ٿي ڪيائين تہ اوڏي مهل شجاع الدولہ بہ اتي موجود هو. پر شاهہ شجاع ڪيس ڏيان ۾ نہ آندو. ان تي شجاع الدولہ کي مِنيان لڳي ۽ سندس قتل جو اردو ڪيائين. انهيءَ ڪان سواءِ ساڳي وقت سردار سلطان محمد خان ولد سردار پائنده خان (زمان خان جي چاچي) بہ لاهور کان اتي پهچي، هن کي شاهہ

---

(١) سراج ١- ١٧٩.

(٢) هيءُ ڪتاب، سردار محمد اڪبر خان جو جلال آباد وڃڻ.

شجاع جي قتل لاءِ پڙڪايو هو. (۱) شاهه شجاع صبح کانِ اتي رهي، ڏينهن لڙني کان پوءِ، سنگ سياهه واري لشڪر کان ٿيندو، بالا حصار ۾ واپس آيو. ٻئي ڏينهن اربع ۲۳ صفر ۱۲۵۸هه تي پاڻ سان قيمتي جواهرن جي ڳوٿري (هميائي)، جنهن ۾ پنجاهه لکن جا جواهر هئا، پاڻ سان کڻي ڏولي ۾ ويهي لشڪر گاهه ڏانهن روانو ٿيو. شجاع الدوله، جعفر قزلباش سان گڏ اڳوات انتظار ۾ بيٺو هو. هن جيئن شاهه شجاع جي سواري ايندي ڏٺي ته شاهي ڏوليءَ جي مٿان بندوق جا فائر شروع ڪري ڏنائين. شاهه شجاع کي هلڪا زخم رسيا، پر ڏولي بردار کيس ڇڏي موت جي ڊپ کان وٺي ڀڳا. زخمي ٿيل شاهه شجاع جيئن هيٺ ڪريو، تيئن شجاع الدوله ۽ سندس ساٿياري قزلباش کيس قتل ڪري ڇڏيو. هن جو پنهنجو شعر سندس موت تي ٺهڪي آيو:

شاهه شجاع جيان قاتل جي خنجر سان شهيد ٿيس،
منهنجو داستان، منهنجي ئي رت سان لکي ڇڏجو!

شاهه شجاع جو لاش ان ئي ڏينهن ڪابل جي شهر ۾ سندس پيءُ تيمور شاهه جي قبر لڳ دفنايو ويو.

اهو بادشاهه، جيڪو لڏياني کان سيستان تائين ڪاهون ڪندو رهيو، ڪيترن کي ماري چڪو ته ڪيترن کي پڃائي ڪيائين، پڇاڙيءَ ۾ تخت تي ويهڻ کان پوءِ لکين رپيا ڦري هٿ ڪري ڪپائيندو ويو، سو هن نموني جهان ڇڏي چڪو. جنهن کان پوءِ دنيا کي وڃي امن آرام نصيب ٿيو.

سندس قتل جي تاريخ درويش غلام محمد "شاهه جي" هيئن لکي آهي:

ڪابل ۾ اهڙو نقشو پيش ٿي ويو جو،
عقل ئي دنگ رهجي ويو!
شاهه شجاع جي بادشاهي،
خدا جي حوالي ٿي وئي.
هو صبح جو دستور موجب،
ٿورن ماڻهن سان ٻاهر نڪتو،
ته قاتل سندس مٿان اچي ڪڙڪيا،
جيڪي اڳ ورتيون وينا هئا.
هاتف چيو ته آهون پر دانهون ڪر،
جو حڪومت جي شمع صبح جو اُجهائي.

-----

(۱) سراج ۱- ۱۸۰.

شاهه شجاع شاعر به هو. سندس هڪ شعر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري مٿي ڏنو ويو آهي. اصل شعر هيءُ هو:

شهيد خنجر قاتل شد، چو شاهه شجاع،
زمن به خون نويسيد داستان مرا.

---

**سنڌيڪار جو تفصيلي نوٽ:**

شاهه شجاع جو هڪ غزل ميان عبدالاحد علوي جي قلمي بياض مان، جيڪو هن وقت پروفيسر محترم امين الله علوي جي امانت آهي، هٿ آيو، جو هتي ڏجي ٿو. ياد رهي ته ميان عبدالاحد علوي (١٨٢٥-١٨٩٣ع) ميان فقير الله علوي شڪارپوري جو پوٽو هو.

**غزل شاهه شجاع:**

شگفته گل به گلستان و بلبلان مستند،
خوشابه حال کسانيکه توبه بشکستند.
به بزم عيش و نشاط آمدند مي خواران،
بقصد دختر جملگي کمر بستند.
نموده غارت دلها بتان چابکدست،
بکار دلبري اين قوم بس کمر بستند.
هزار عاشق شوريده همچو شاهه شجاع،
براي ديدن روئي تو منتظر هستند.

**ترجمو:** باغ ۾ گل ٽڙيا ۽ بلبليون مست ٿيون. خوش نصيب آهن اهي جن توبهه ڀڃي ڇڏي.
ميخوار عيش نشاط جي محفل ۾ آيا، شراب نوشيءَ جي لاءِ سنڌرو ٻڌي اچي بيٺا.
سهڻن دليون غارت ڪري ڇڏيون، دلبري جي ڏنڌي ۾ اها قوم تيار بيٺي آهي.
شاهه شجاع جهڙا هزارين سرڦريل عاشق، جيڪي تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ منتظر آهن.

شاهه شجاع جي نفس پرستي ۽ زراندوزي جنون جي حد تائين هئي. ان لاءِ هن هندو توڙي مسلمان ڪنهن کي به ڪو نه ڇڏيو. جنهن جو احوال هن ڪتاب ۾ آيل آهي. ان کان علاوه ٻين ڪتابن ۾ به هن بابت ڪيترا بيان آهن، جن مان فردوس العارفين جي لکت هتي ڏجي ٿي.

شاهه شجاع ١٢٤٩هه ڌاري سنڌ ۾ آيو (هن جا ماڻهو لٽ ڦر لاءِ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا) ۽ ايذاءُ انڌير مچائي ڏنائون، جو ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي ٻَر منهن ڪري ڀڳا. اهو حال ڏسي خواجه محمد زمان ثاني به پنهنجي ڳوٺ لنواري مان ٻاهر نڪتو. پويان شاهه شجاع جي گهل به اچي پهتي. جنهن ٻين هنڌن تان ته سور و مال اسباب لٽيو، پر پيڙهيءَ ۾ درگاهه کي به ڪو نه ڇڏيائين. اتان آئينا ۽ قنديلون وغيره سڀ ڪڍي هليا ويا.

ڪرڙيءَ واري جنگ بابت صبح السلطين جو مؤلف پنهنجن ۽ ٽالپورن جي وچ ۾ ٿيل انهيءَ المناڪ واقعي تي لکي ٿو ته ١٢٤٩هه ۾ ڪرڙيءَ واري جنگ لڳي، جنهن ۾ ٽالپورن ۽ شاهه شجاع

جي وزير سندر خان افغاني، سکر پر هڪ بئي سان ٽڪريا. آخر ميرن جي لشڪر شڪست کاڌي. انهيءَ جنگ تي خليفي نبي بخش لغاريءَ "سرڪيڏارو" لکيو، جنهن مان ڪجهه ٽڪرا هتي ڏجن ٿا:

شجاع ويهه مرسند، اوڏا اڏي نبجهرا،
هتي راوت رند، وتن ڪلي ڪوڏنا.

------

اچي اڄ امير، ڪرڙيءَ خيما ڪوڙيا،
پيچي پيڙا نه ٿيا، مهند نه آيا مير،
ڏنو سر سڌير، مرتضيٰ ميدان ۾.

------

ڪوند ڪلي جا ڪوڏنا، نوند نچندا پس،
سچي تن ترس، پلنيو شاهه پناڻ تي.

------

ڪرڙي ڪائي رت، پت نه وجهي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جي، وينو پرڪي پٽ،
جنين نيڻ نست، نينهن نه لائي تن سين.

------

ڪرڙي ڪائي ماهه، پيئي رت پياليون،
وينو سڏي شاهه، جو ڏيندو سر ڏياچ جان.

------

ڪري ٻوهه پناڻ، اچي پيو اوچتو،
دَوڙيا لک دريا هه ڏي، تارو رکي تاڻ،
جنهن مرتضيٰ سين ماڻ، سو راهه پريندو رُک جي.

------

سوين سر گهرن، سر ري سوپ نه سپجي،
سوپ برابر سيون، توريان تان نه ترن،
جي هينئڙي منجهه هُرن، سي مل مهانگا سپرين.

------

سي لٿي سوپ، جي هوند پايان پاند ۾،
هي جڳ سوڙو لوپ، هو پڻ گهوريو گهوريان.

------

سو سين ڏيئي، وک رنجي هيڪڙي،
جنهن نيزي سر نيئي، مرڪايو ميدان ۾.

## (٥١)

## جنرل ميڪاسل (١٨٤٥ع ):

سرجان ميڪاسل Sir John Mecaskill سندس جمڻ جي تاريخ جي خبر ناهي. ١٧٩٧ع ۾ برطانوي فوج جي ٥٣ رجمينٽ ۾ شامل ٿيو ۽ فوجي خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳو. هندستان ۾ مرهٽن جي جنگ دوران سرتندو ۽ جنرل پرنزلر سان گڏ لڙيو، جتي سترهه ۽ سنگرهه ڪي گهيري ۾ آندائين ۽ انهن تي قابض ٿي ويو. ١٨١٨ع ۾ پيشوا جي پنجن هزارن واري لشڪر کي شڪست ڏئي شولاپور تي ڌاڪو جمايائين.

افغان جي پهرين جنگ ۾ جنرل پالڪ جي لشڪر جي هڪ برگيڊ جو اڳواڻ رهيو. ان کان سواءِ خيبر، تيزين ۽ استالن جي جنگين ۾ پڻ بهرو ورتائين. پڇاڙيءَ ۾ کيس K.C.B جو لقب ۽ ميجر جنرل جو عهدو مليو. مودڪي هندستان پيادي لشڪر نمبر نائين جو جنرل هو ۽ انهيءَ ميدان ۾ ١٨ ڊسمبر ١٨٤٥ع تي لڙندي جان ڏنائين.

( بايو گرافي هندي، ٢٨١).

*

## (٥٢)

## جنرل نات (١٧٨٢ع-١٨٤٥هہ):

ميجر جنرل سر وليم نات Sir William Nott ولد چارلس نات ٢٠ جنوري ١٧٨٢ع ۾ جنم ورتائين. نيٿ ۾ ڪوبروج مان ابتدائي تعليم وٺي ١٨٠٠ع ۾ بينگال جي يورپي رجمينٽ ۾ داخل ٿيو. ١٨٢٥ع ڌاري بارڪپور جي لشڪر جي قيادت ڪيائين. ١٨٢٩ع ۾ ڪرنل جي عهدي تي پهتو. ١٨٣٨ع ۾ لشڪر انڊس ۾ برگيڊيئر جنرل ٿيو ۽ ڪيس ڪوئيٽہ موڪليو ويو.

١٨٣٩ع ۾ قنڌار تي چڙهائي ڪري غلزئين کي شڪست ڏنائين ۽ قلات کان ڪين بدر ڪري ڇڏيائين. ١٨٤٢ع ۾ ڏکڻ افغانستان ۾ انگريزي لشڪر جي ڪمان سنڀاليائين ۽ قنڌار جي اوسي پاسي جي حملن کان بچاءُ ڪندو رهيو. مئڪناٽن جڏهن ڪابل ۾ قتل ٿي ويو تہ جنرل نات کي هندستان طلب ڪيو ويو. هو غزني جي راهہ کان ڪابل پهتو. ٣٠ آگسٽ ١٨٤٢ع تي قرهہ باغ وارو ميدان غزني جي وچ تي غصب ڪيائين. ٧ سيپٽمبر ١٨٤٢ع ۾ ڪابل وجي جنرل پالڪ جي لشڪر سان مليو ۽ جلال آباد کان ٿيندو هندستان واپس آيو.

ان کان پوءِ جنرل پالڪ سان گڏ لکنو ۾ اوڌ جي بادشاهہ وٽ ناظم اعليٰ مقرر ٿيو ۽ G.C.B جو لقب مليس ١٨٤٣ع ۾. ان کان پوءِ ١٨٤٤ع ۾ انگلنڊ ويو. ١ جنوري ١٨٤٥ع ۾ وڃي پالڻهار وٽ پهتو. (بايو گرافي هندي، ٣١٩).

(افغانستان ۾ نات جا ڪارناما، ٨٣٨-٤٢١).

*

## (٥٣)
## موهن لال:

موهن لال ڪشميري، جنهن جو هن ڪتاب ۾ اڪثر ذڪر ايندو رهيو آهي، مؤلف هڪ هنڌ لکي ٿو ته: جڏهن غلام حيدر خان کي غزني جي قلعي مان قيد ڪري انگريزن جي لشڪر گاهه ۾ آندو ويو ته هن پاڻي گهريو. شاهه شجاع حڪم ڪيو ته هن جي لاءِ شاهاڻي گگهي مان پاڻي آندو وڃي. پاڻي هن کي ڏنائون ته پيئڻ کان انڪار ڪيائين. آخر مرزا قلي ڪشميري جي گگهي مان ڪيس پاڻي پياريو ويو، جيڪو ڪفر مان اسلام ۾ داخل ٿيو هو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته مرزا قلي ڪشميري اڳ ۾ هندو هو، پوءِ هن کي اهو نالو ڏنو ويو، تڏهن به هو پنهنجي هندڪي نالي سان مشهور هو. مسلماني نالو هن کي صرف سياسي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل هو، جيئن هو اسلامي لباس ۾ چڱيءَ طرح جاسوسي جو ڪم ڪري سگهي.

انڊين بايوگرافي ۾ هن بابت لکيو ويو آهي ته: موهن لال منشي ولد پنڊت ٻڌ سنگهه دهلوي. دهلي جي انگريزي ڪاليج مان تعليم وٺي جوانيءَ ۾ فارسي زبان جي منشي جي حيثيت ۾ ليفٽيننٽ اليگزينڊر برنس ۽ ڊاڪٽر جيرارڊ جي ساٿ ۱۸۳۲ع ۾ ايران ويو. هن وفد جو اهو سفر هندستاني حڪومت جي هدايت تي اولاهين ملڪن ۽ سنڌو نديءَ جي جاچ جي لاءِ هو.

موهن لال انهيءَ سفر ۾ برنس سان ايران جي خبرن چارن بابت مدد ڪندو رهيو. جنهن لاءِ هن خود بخارا جي سفرواري ڪتاب ۾ سندس لياقت ۽ اعتماد جو اعتراف ڪيو آهي. موهن لال، برنس جي خواهش تي تفصيلي مشاهدا پنهنجي روزنامچي ۾ درج ڪيا آهن، جيڪو ۱۸۳۴ع ڌاري روزنامچه سفر پنجاب، افغانستان، ترڪستان ۽ خوارزم کان فارس تائين شايع ٿيو هو.

افغان جي پهرين جنگ پيري موهن لال انگريزن جواتاشي هو. ان کان پوءِ هن جو گهڻو وقت دهلي ۾ گذريو، جتي ۱۸۷۰ع ڌاري مري ويو.

(بايو گرافي هندي، ۲۹۴).

بدايوني هن بابت لکي ٿو:

آغا حسن خان، جنهن جا وڏا راجا مني رام ڪشميري جي خاندان مان هئا. هنن اسلام قبول ڪيو هو. هن جي پيءُ جو مرزا محمد شڪوهہ نالو هو، جيڪو مولانا فخر جو مريد هو. آغا حسن ڪاليج مان انگريزي فارسي پڙهيو ۽ پوءِ برنس سان منشي گيري ڪرڻ لڳو. ۱۸۳۲ع ۾ هن کي ايران موڪليو ويو، جنهن بابت سندس سفرنامو ۱۸۳۴ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو. هن ٻيو ڪتاب حيات امير دوست محمد خان انگريز افغان جي پهرين جنگ دوران ۱۸۴۰ع ۾ لکيو. هندستان جي انگريز حڪومت ۾ هن جون خدمتون وڏي اعزاز واريون ثابت ٿيون. ڪيس آرڊر آف دي ايمپائر، نائٽ آف دي آرڊر آف پرشين لاتين مليو. هن جي گهر واري حيدري بيگم بہ هڪ داناءُ عورت هئي. جنهن ۱۸۵۷ع ڌاري غدر جو روزنامچو لکيو. اهو روزنامچو ۱۸۸۰ع ۾ هندستان جي حڪومت طرفان ضبط ڪيو ويو. ان کان پوءِ حيدري بيگم ساڳيو روزنامچو ڪاٽ ڪوٽ کان پوءِ لکي تيار ڪيو. (۱)

مسٽر ايلفنسٽن لکي ٿو تہ:

موهن لال ڪشميري دهلوي، برنس سان گڏ بخارا تائين ويو. پوءِ مشهد ۽ هرات کان واپس وريو ۽ پنهنجو روزنامچو انگريزي ۾ لکي ڪلڪتي مان شايع ڪرايائين. ان کان پوءِ بہ ٻيو ڪيترو مواد لکي ڇپرايائين. (۲)

موهن لال پنهنجي پهرين سفر کان پوءِ ٻئي ڀيري ۱۸۳۷ع ۾ افغانستان ويو. هن جو اهو سفر ان مقصد لاءِ هو، جو لارڊ آڪليند هندستان جي گورنر جنرل واپاري معاملن لاءِ امير دوست محمد خان کي خاص خط لکيو هو. ان کان پوءِ بہ ڪيس خط روانو ڪيو هئائين. انهيءَ وفد جو اڳواڻ اليگزينڊر برنس هو. ميجر ليچ ۽ ڊاڪٽر لارڊ (فوجي عملدار) پڻ انهيءَ وفد ۾ شامل هئا. موهن لال انهيءَ وفد سان منشي ۽ لکندڙ جي حيثيت ۾ گڏ آيو هو. اهو وفد ڪيترا مهينا ڪابل ۾ رهيو، پر امير دوست محمد خان سان سندس مذاڪرات ڪامياب نہ ٿيا. آخر ان کي واپس هندستان اچڻو پيو.

انهيءَ وقت ۾ ڪپتان وڪويچ روسي حڪومت پاران قنڌار آيل هو، جتان پوءِ ڪابل ويو. هن افغانستان جي سياست ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. برنس ۱۵ جنوري ۱۸۳۸ع ڌاري هڪ خط ذريعي پنهنجي حڪومت کي خبردار ڪيو تہ ايران ۽ روس

(۱) قاموس المشاهير ۲-۲۴۲. ڇاپو بدايون.
(۲) سلطنت ڪابل ۱۸۳۹ع

بئي ڪابل جي دربار ۾ پنهنجو سياسي اثر رسوخ وڌائڻ ۾ لڳا پيا آهن.

موهن لال انهيءَ وفد سان شريڪ هو ۽ ان سان گڏجي واپس آيو. هن جو پيو ڪم تڏهن شروع ٿيو، جڏهن انگريزن افغانستان تي حملي ڪرڻ جو منصوبو عمل ۾ آڻڻ جو ارادو ڪيو.

هنن جو ارادو هو ته شاهه شجاع کي وري افغانستان ۾ آندو وڃي، جيڪو اتان ڀڄي چڪو هو ته جيئن انهيءَ جي وسيلي افغانستان ۾ پنهنجا سياسي مقصد پورا ڪري سگهن. ان ڪارروائي لاءِ اڳ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جو بندوبست ڪرڻ لازمي هو، جنهن لاءِ انگريزن برنس کي هيڏانهن روانو ڪيو ته هو مير رستم خان خيرپور جي والي سان ملي معاهدو طئي ڪري، پر مير رستم خان انهيءَ معاهدي لاءِ تيار نه ٿيو ۽ برنس ڪو وقت انهيءَ جي لاءِ پريشان رهندو آيو.

استعمار طلبيندڙ، بيزاري بدران، پنهنجو رويو روا رکندا ٿي آيا. هنن کي جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ ڪا دشواري يا ناڪامي درپيش ٿي آئي ته جاسوسي ذريعي هو ان جو ڪونه ڪو حل ڳولي ٿي ورتائون، ڇو ته ڪين ماڻهن جي علتن عادتن جي پوري ڄاڻ هئي، جن جي آڌار تي وڏي ڪان وڏا ڪم پورا ڪندا ٿي آيا. مير رستم خان جڏهن انگريزن سان معاهدي لاءِ رضامندي نه ڏيکاري ۽ برنس ناڪام ٿي شڪارپور واپس آيو ته ان جي سرانجامي لاءِ موهن لال جهڙي شيطان صفت ماڻهوءَ کي مقرر ڪيو ويو. هن پنهنجي چالاڪيءَ سان اهو معاهدو ٢٤ ڊسمبر ١٨٣٨ع (٦-شوال ١٢٥٤هه )وارو، جنهن ۾ ڏهه خاص فقرا شامل هئا، انگريزن جي فائدي ۾ مير رستم خان سان طئي ڪري ورتو ۽ انهيءَ مجبور ماڻهو (مير رستم خان) جي ڪمزورين مان فائدو وٺي ويو. (ڏسو تعليق نمبر ٥٦)

افغانن تي لشڪرڪشي لاءِ انگريزن کي بکر جو قلعو کپندو هو ۽ انگريزن ان جي تمام سخت ضرورت محسوس ٿي ڪئي، ان لاءِ به مير رستم خان کي موهن لال ريجهي پنهنجي وس ۾ آندو ۽ پنهنجا سڀ ڪم ڪانئس پورا ڪري ورتائين.

اهڙيءَ طرح موهن لال سنڌ ۽ بلوچستان کي انگريزن جي غلاميءَ ۾ آڻڻ جو ڪامياب ڪرتب ڪري ڏيکاريو. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏاڪ افغانستان تي حملي کان اڳ انگريزن لاءِ اشد ضروري هئي، ان ڪري انگريزن جي ڪارندن جون ڪارستانيون جيئن جو تيئن هلنديون آيون. ١٨٣٩ع ۾ انگريزن جو لشڪر شاهه شجاع جي مدد لاءِ شڪارپور ۽ بولان جي لڪ وٽان افغانستان روانو ٿيو، جنهن

جي اڳواٽي مئڪناٽن ۽ برنس ڪري رهيا هئا. تڏهن موهن لال قنڌار تائين جاسوسي ڪارروايون جاري رکندو آيو.

انهيءَ وقت قنڌار جا حڪمران، سردار ڪهندل خان ۽ سندس ڀائر، مير محراب خان کي خط لکي نهايت بيزاريءَ مان اهو ستوهه پريندا رهيا ته شاهه شجاع ۽ انگريزن جي لشڪر کي ڪيئن به ڪري بولان جي لڪ وٽان قنڌار اچڻ جي اجازت نه ڏني وڃي. اهي سمورا خط هڪ قزلباش هٿان موڪليا ويا. موهن لال ان لاءِ اڳواٽ ئي پنهنجي جاسوسن کي قنڌار ڏياري موڪليو، جيڪي قنڌاري سردارن جي ڪار مختار عبدالوهاب سان وڃي مليا ۽ انهيءَ جي ئي واسطيداري سان اهي خط پڪڙائي اچي موهن لال کي ڏنائون.

انهن خطن مان انگريزن کي قنڌار جا سمورا سياسي راز هٿ اچي ويا. جڏهن سردار ڪهندل خان ۽ قنڌار جا ماڻهو انگريزي لشڪر سان مقابلو ڪرڻ لڳا ۽ خود سردار چئن هزارن سوارن سان قنڌار مان آيو هو ته موهن لال جي جاسوسن مان محمد طاهر نالي هڪ شخص قنڌار جي درٻارين سان گڏ هو. جنهن ڪهندل خان جي پيشڪار ۽ وزير ملا نسو کي اغوا ڪيو ۽ ڪيس مئڪناٽن جو خط ڏنائين. انهيءَ خط ۾ ملانسو کي پئسن جي لالچ ڏياري وئي هئي. انهيءَ شخص آخر لالچ ۾ اچي سردار ڪهندل خان ۽ قنڌار جي لشڪر جو خانو خراب ڪيو ته جيئن ڪهندل خان قنڌار ڇڏي ايران هليو وڃي. اها موهن لال جي جاسوسيءَ جي حد هئي. اهڙيءَ ريت هن قنڌار جي درٻار جي ٻين خاص ماڻهن حاجي خان، عبدالمجيد خان آخوندزاده غلام ۽ ملا نسو وغيره کي پنهنجي پاسي ڪري ڪم پئي ڪڍيو. آخرڪار بنا ڪنهن دير ۽ ڍيگهه جي قنڌار تي انگريزن جو قبضو ٿي ويو ۽ تاريخ ٢٥ اپريل ١٨٣٩ع تي وليم مئڪناٽن شاهه شجاع سان گڏ فاتحاني انداز ۾ شهر اندر داخل ٿيا. اهوئي وقت هو جو موهن لال ملانسو ۽ ٻين جاسوسن کي انگريزي لشڪر جي ڪڍ لائي ڇڏيو. گويا موهن لال اهڙو منحوس جراثيم (جيت) هو، جنهن ڪيترن پاڪيزن ماڻهن کي پليتيءَ ۾ آڻي ڇڏيو.

انهيءَ شوم موهن لال جي ڪارڪردگي افغانستان ۾ هلندي آئي، جنهن وقت انگريزن جي لشڪر ڪابل تي چڙهائي ڪئي ته امير دوست محمد خان جو دلاور فرزند غلام حيدر خان غزني ۾ مقابلي لاءِ اٿيو، پر موهن لال دفاع جي انهيءَ نقشي کي پنهنجي شيطاني مهارت سان هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. هن جي امير دوست محمد خان جي ڀاڻيجي عبدالرشيد سان پراڻي دوستي هئي ۽ اهوئي غلام

حيدر خان سان غزني جي قلعي ۾ موجود هو. موهن لال ان سادي ماڻهو کي قلعي جي ٻاهران اغوا ڪرايو ۽ اهي وسيلا ۽ ذريعا هٿ ڪري ورتائين، جيڪي غزني جي وڃڻ ۽ غلام حيدر خان جي ناڪام ٿي پوڻ جو باعث بڻيا. موهن لال جي اهرمني (ابليسي) مهارت جي باري ۾ سر جان لکي ٿو ته عبدالرشيد تڏهن موهن لال جو واقف ٿيو، جڏهن انگريزن جو واپاري وفد امير دوست محمد خان وٽ آيل هو، اهو پڇاڙيءَ تائين موهن لال کي خاص راز ٻڌائيندو آيو. ان مان ايئن پيو پائنجي ته موهن لال ماڻهن جي اغوا ڪرڻ يا کين برغلائڻ ۾ وڏي قوت ۽ مهارت وارو هو، جنهن افغانستان جي پهرين جنگ جي پڇاڙيءَ تائين جتاءُ ڪيو. انگريزن جو لشڪر غزني هٿ ڪرڻ کان پوءِ ڪابل تي ڪاهي ويو ته موهن لال جي جاسوسي به انهيءَ پاسي پنهنجي ڪارستاني شروع ڪري ڏني، جنهن امير دوست محمد خان جي لشڪر ۾ رخنو وجهي ڇڏيو. هن انهيءَ ڪڌن ڪرتوتن ۾ درٻارين کان علاوه مير واعظ جهڙي مڃتاهين ماڻهوءَ کي به پٽ تي آڻي وڌو، جيڪو هن جي چنبي ۾ اچي امير دوست محمد خان کان منهن موڙي ويو. آخر ٧-آگسٽ ١٨٣٩ع ۾ ڪابل انگريزن جي قبضي ۾ آيو ۽ شاهه شجاع ٻيهر شاهي تخت تي ويٺو.

افغان جي پهرين جنگ دوران موهن لال ڪابل ۾ وڏا ڪم ڪري رهيو هو ۽ پنهنجا ڪيئي ڇاڙتا پيدا ڪيا هئائين، جن مان غلام محمد نالي هڪ شخص جي وسيلي موهن لال وڏا ڪارناما سرانجام ڏيڻ لڳو. افغانستان غصب ٿي وڃڻ کان پوءِ ان شخص وڃي لڌياني ۾ پناهه ورتي، جتي آرام سان زندگي گذارڻ لڳو. باقي پنهنجي ملڪ ۾ ته هيءُ ڊپ کان جيئري موت جي منهن ۾ رهندو ٿي آيو.

موهن لال پنهنجي ڪتاب حيات امير دوست محمد خان جي ٻن جلدن ۾ سموري معلومات درج ڪئي آهي، ته ڪيئن افغان درٻاري، سردار، مجاهد ۽ ٻيا وطن فروش پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ٿي رهيا. اهو ڪتاب جڻ قوم جي چڱن مڙن جو هڪ وڏو دفتر آهي، جنهن ۾ سڀني جا ڪم ۽ ڪارناما درج ٿيل آهن.

هنن ڳالهين جو نچوڙ اهو آهي ته موهن لال افغانستان جي پهرين جنگ دوران انگريزي لشڪر جون وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جاسوسي ڪئي، خبرون لکيون، قبائلي سردارن جي مذاڪرات ۾ شامل ٿيو، ڪيئي مشڪل مسئلا حل ڪيائين. ڪيترا ماڻهو سندس هٿان اغوا ٿيا، جن کي انگريزن جو طرفدار بڻايو ويو. مجاهدن جي صفن ۾ هن جي نئي چالبازيءَ سان انتشار پيدا ٿيندو رهيو. غازي عبدالله خان اڇڪزئي به هن جي وڪڙ ۾ اچي ڪسجي ويو، جيڪو

مجاهدن جو سربراهه هو. هن ڪيترن انگريز عملدارن کي موت جي خطرن کان بچائي ورتو. انگريز قيدي، جيڪي افغانن جي بند ۾ هئا، تن کي رشوت ڏئي ڇڏايائين. اها رشوت صالح محمد خان ڪشميري امير دوست محمد خان جي خاص ماڻهو وصول ڪئي هئي، جيئن هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي. ان حالت ۾ جڏهن ڪان (موهن لال) انگريزن سان گڏ افغانن جي بند ۾ هو، انهيءَ قيد واري زماني ۾ به هن انگريزن جي سياسي ادارن لاءِ حيرت انگيز ڪم ڪري ڏيکاريا.

هيءُ جڏهن اجا افغانستان نہ پهتو هو تہ سنڌ مان ئي پنهنجا جاسوس قنڌار ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا هئائين، جن وجهي ڪابل تائين دنگ ڪيو هو. اتي روسي نمائندي ويڪويچ جيڪي ڳجها ڪم پئي ڪيا، تنهن سان بہ پورو پئجي آيو. غزني ۾ امير دوست محمد خان جي پاٽيجي عبدالرشيد کي اغوا ڪري مجاهدن جون صفون ٽوڙي ڇڏيائين. خود امير دوست محمد خان کي هڪ ئي اشاري سان (ڪوهستاني ماڻهن ۽ مير واعظ کي برغلائي) ڪابل مان ڪيرايائين. تنهن کان پوءِ جنگ جي خاتمي ۽ ڪابل جي غصب ٿيڻ تائين پنهنجا ڪرتب ڪندو رهيو. اهڙا ڪرتب جو انهن تي نظر ڪرڻ سان عقل ئي چرخ ٿيو وڃي.

پر افسوس جو اهي سڀ خدمتون هن انهن ڌارين لاءِ سرانجام ڏنيون، جيڪي اوپر وارن جي طاقت کي اوپر وارن جي تباهي ۽ نقصان لاءِ ڪتب آڻيندا رهيا. آخرڪار موهن لال هندستان واپس آيو ۽ پنهنجي خدمتن جون سندون گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پاڻ سان کڻي رلائيندو رهيو ۽ لنڊن تائين پڻ پنڌ ڪيائين. پر جيئن پاڻ چوي ٿو: انهن خدمتن بابت انگريزن جا ادارا خود هن کي لعنت ملامت ڪندا رهيا. اهڙو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو، جنهن انگريزن جي هن مها خدمتگذار کي پنهنجي مطلب پوري ٿيڻ کان پوءِ نوازيو هجي يا ڪيس آفرين ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو هجي!!

موهن لال پنهنجي ڪتاب جا ڪيئي صفحا پنهنجي خدمتن جي وضاحت ۽ لشڪري توڙي ملڪي (گورنر جنرل تائين) مليل سندن جي وڏي وچور ڏني آهي. پڇاڙيءَ ۾ پاڻ چوي ٿو تہ اهي سموريون خدمتون (انگريز اهلڪارن ) وساري ڇڏيون. هن کي انهن داستانن ۽ رودادن جي ڇپر انڊ ۽ پڙري ڪرڻ کان سواءِ ڪوبہ فائدو ڪونہ رسيو.

هيءُ آهي انهن ماڻهن جو اجر جن ڌارين جون خدمتون ڪيون.

*

حيات امير ٢-٥٠٤.

## (۵۴)

## ايبورڊ لاو ارل ايلن برو:

## Edward Lava frist Earl Ellen Borough

هندستان جو گورنر جنرل ايبورڊ بارون ايلن برو جو فرزند، ۸-سيپٽمبر ۱۷۹۰ع ۾ پيدا ٿيو. تعليم کان پوءِ ملازمت ۾ گهڙيو. ۱۸۲۸ع کان ۱۸۳۵ع تائين وڏن عهدن تي رهندو آيو. آڪٽوبر ۱۸۴۱ع ۾ هندستان جو گورنر جنرل ٿيو ۽ ۱۵ جون ۱۸۴۴ع تائين انهيءَ عهدي تي رهيو.

هيءُ جنگ ۾ صلح جو قائل هو. چين جي جنگ بہ انهيءَ اصول تي ختم ڪرايائين. افغانستان ۾ سندس سياست اها هئي تہ انگريز جي لشڪر ڪي پنهنجي سلامتي جو خيال رکندي، اتان واپس اچڻ گهرجي. انهيءَ بنياد تي جنرل ناٽ کي حڪم ڏياري موڪليائين، پرجنرل پالڪ هن کي رستي ۾ پنهنجو هم خيال بڻائي اڳتي وڌيو ۽ افغانستان تي چڙهائي ڪري ۱۸۴۲ع ۾ اتي قبضو ڪيو ويو.

ان کان پوءِ ايلن برو جڏهن غزني مان سومنات مندر جا دروازا ڪڍائي اچڻ تي پڙڪيدار اعلان ڪيو تہ خلق مٿس کلڻ لڳي. پر هن انگريز لشڪر جي افغانستان مان واپسيءَ کان پوءِ وڏي آجيان ڪئي.

ان کان اڳتي ۱۸۴۲ع ۾ چارلس نيپئر جڏهن سنڌ غصب ڪئي تہ هن هڪدم ان کي هندستان سان ملائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح گواليارجي رياست تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ ان جي مٿان نئون معاهدو مڙهي ڇڏيائين.

جڏهن سندس ڪارروايون آبرو مندي جي حد پار ڪري چڪيون تہ هن کي برطانيہ جي ڪابينہ جي مخالفت مطابق هٽايو ويو، ليڪن وري ڪيس ۱۸۴۶ع ۾ ارل ۽ لارڊ اول جو رتبو ڏئي امير البحر جي عهدي تي رکيو ويو، پڇاڙيءَ ۾ برطانوي وزارت جي اختلاف تي استيعفا ڏنائين.

هن هندستان ۾ فوجي ماڻهن کي سياسي مقصد سان مقرر ڪيو. ان ڪري ملڪي ماڻهن وٽ گهڻو بدنام ٿي پيو. هن جيڪي ڪم ڪيا اهي عملي طرح عدل انصاف جي ابتڙ ثابت ٿيا. سندس موت ۲۲ ڊسمبر ۱۸۷۱ع ۾ ٿيو.

(بايو گرافي هندي، ۱۳۵).

## (۵۵)

## نيپئر (۱۷۸۲ع-۱۸۵۳ع):

سرچارلس نيپئر Sir Charles Napier ڪرنل جارج نيپئر جو پٽ، جنهن ١٠- آگسٽ ١٧٨٢ع ڌاري دنيا ڪي پنهنجي شڪل پسائي، لکي پڙهي ١٧٩٤ع ۾ جيمس ڊف جو فوجي مددگار ٿيو. ١٨٠٣ع ۾ رجمينٽ پنجاهه جي ڪمان هيٺ اسپين ۾ ڪم ڪري ڏيکاريائين. ١٨١٣ع ۾ گڏيل امريڪا جي جنگين ۾ ۽ ١٨١٥ع ۾ نيپولين جي معرڪن ۾ سندس سٺي ڪارڪردگي رهي. ان کان پوءِ ڪيئي جنگي عهدا ماڻي ١٨٣٧ع ۾ ميجر جنرل ٿيو. پوءِ انگريزي فوج جي يونان ۾ قيادت ڪيائين. ١٨٤١ع ۾ هن جو هندستان اچڻ ٿيو، ۽ فوجي سياست ۾ لارڊ ايلن برو جو صلاحڪار بڻيو. آخر ١٨٤٢ع ڌاري سنڌ جي محاذ واري لشڪر جو ڪمانڊر مقرر ٿي آيو.

هن سنڌ جي ميرن سان معاهدا ڪيا. ١٨٤٢ع جي ڊسمبر مهيني ۾ سنڌ ۾ ميرن کان امام ڳڙهه کسيائين. ١٧ ڊسمبر ١٨٤٣ع تي مياڻي جي جنگ ۾ جوهر ڏيکاريائين. ٢٤ مارچ ١٨٤٣ع ۾ حيدرآباد نزديڪ دوآبي ۾ مير شيرمحمد خان کي شڪست ڏنائين.

پڇاڙيءَ ۾ ١٤- جون ١٨٤٣ع ۾ شهدادپور واري ميدان تي سنڌين جي فوج کي چڙوچڙ ڪري ڪوهستان ڏانهن ڪڍيائين، انهيءَ وچ ۾ هن ۽ ميجر آؤٽرام درميان سنڌ ۾ ميرن سان نامناسب رويو اختيار ڪرڻ تي اختلاف ٿي پيو. نيپئر نئين سر سنڌ جي حڪومت انتظام هيٺ آندي ۽ سڀني ميرن کي مطيع بڻايائين.

١٨٤٤ع -١٨٤٥ع ۾ اتر سنڌ جي سرحدي قبيلن کي دٻائي روهڙيءَ جو لشڪر تيار ڪيائين. ١٨٤٦ع ۾ هيءُ ليفٽيننٽ جنرل ٿيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي حڪمراني تان هٽايو ويو.

پوءِ ١٨٤٧ع ۾ هندستان جوڪمانڊر انچيف ٿيو تہ سندس مخالفت ڪئي وئي. تڏهن بہ ١٨٥١ع تائين ان عهدي تي رهيو، ليڪن لارڊ ڊلهوزي جي سخت مخالفت جي صورت ۾ نوڪري ڇڏي وڃي گهر وينو. تاريخ ٢٩-آگسٽ ١٨٥٣ع ۾ سندس جنازو نڪتو.

انسان لاءِ اها گھڙي موت جي گھڙي آهي، جڏهن خدا کي منظور هوندو آهي. ان لحاظ کان هيءَ ڪا ڏکي ڳالهه نه آهي، ليڪن اسان جي هر ايندڙ ڏينهن ۾ موت جهڙي نئين اذيت، اهنجائپ ۽ بي چيني اسان جي آڏو آهي.

ملڪه معظمه!

اسين اميد ٿيون رکون ته اوهان هڪ ملڪه جي حيثيت ۾ (جيئن اسان ڪڏهن اهڙيون ملڪائون هيون سين) اسان سان همدردي اختيار ڪنديون ۽ اسان تي رحم جي نظر ڪرڻ فرمائينديون.

سرچارلس نيپئر اسان کي جن شين کان محروم ڪيو آهي، اهي اسان کي واپس ڏياريون وينديون. اسان جون دليون پنهنجي اميرن ۽ معصوم ٻچن جي جدائي جي غم ۾ مجروح ٿي چڪيون آهن. ان ڪري اسان مايوسيءَ جي انتهائي منزل تي رسي چڪيون آهيون.

اسان کي وڏو آسرو آهي ته اوهان ضرور هن بي چيني جي اسباب کي دور ڪرڻ فرمائينديون. بيءَ حالت ۾ اسان لاءِ اهو ئي بهتر ٿيندو ته اسان (انهن سورن کان) پنهنجي زندگين جو خاتمو ڪري ڇڏيون.

تاريخ سنڌ- جلد ٢ فردوسي. ص ٧٠٩- ٧١٠- ٧١١.

برصغير کي خواتين پر انگريزون کي مظالم. مضمون سيد مصطفي علي بريلوي، اخبار حريت ١٢ فيبروري ١٩٦٨ع ڪئپٽن ايسٽوڪ جي "سنڌ جي سول انڊيا" بل ١٨٥٨ع جي پهرين ضميمي ص ٨٣- ٨٥ تان ورتل.

-مترجم

## (٥٦)

## سنڌ جي ميرن جا هندستان جي برطانوي حڪومت سان معاهدا:

*

### (١)

### مير غلام علي خان ٽالپور سان معاهدو:

ايسٽ انڊيا ڪمپني جا تجارتي ناتا ڪلهوڙن جي دور کان ميان غلام شاهه جي حڪم موجب ١٧٥٨ع ڌاري قائم ٿيا هئا، جنهن مطابق انگريزن جون ڪي واپاري ڪوٺيون سنڌ ۾ وڌيون ويون، اهي ڪوٺيون ٺٽي ۽ شاهه بندر ۾ هيون.

انگريزن سان اهي تجارتي ناتا ٽالپور خاندان جي پهرين حڪمرانن پڻ قائم رکيا، جن مان ايسٽ انڊيا ڪمپني جي واپارين وڏا فائدا حاصل ڪيا. انگريز واپارين جي اها وڌڪار سنڌ ۾ زمان شاهه ابدالي جي مفاد خلاف هئي، ان ڪري شاهه زمان سنڌ جي ميرن کي چيو ته انگريزن سان اهي ناتا ٽوڙيا وڃن. جيئن سنڌ ۾ انگريزن جو وڌندڙ اثر جهڪو ٿي وڃي. (١)

جڏهن مير غلام علي خان ٽالپور حيدرآباد ۾ سنڌ جي حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو ته ١٨٠٣ع ۾ پنهنجي نمائندي کي بمبئي ڏانهن موڪليائين جيئن وري انگريز واپارين کي سنڌ ۾ آندو وڃي، پر بمبئي جي حاڪم اڳوڻي خساري (گهاٽي) جي تاوڻ جي گهر ڪئي ان ڪري ڪجهه وقت مانُ ٿي وئي.

اڳتي هلي جڏهن انگريزن کي نيپولين جي حملي جو خطرو محسوس ٿيو ۽ کين خبر پئي ته نيپولين جا زمان شاهه ابدالي سان ڪي سياسي لاڳاپا ٿيندا پيا وڃن، ته هنن کي هندستان جي اولاهين علائقن جي بچاءَ جو اونو ٿيو، ان لاءِ ڪپتان ڊيوٽ سٽن کي حيدرآباد ڏانهن مير غلام علي علي خان جي دربار ۾ موڪليو ويو، جنهن مير غلام علي سان هيٺيون معاهدو طي ڪيو.

---

(١) معاهدات (اردو). ج ٧، ص. ٢.

١- انگريزن ۽ ميرن جون حڪومتون عهد ڪن ٿيون تہ هي ٻئي پاڻ ۾ دوستي ڳنڍي هڪ ٻي جي دوستن جو خيال رکنديون ۽ ساڳي وقت هڪ ٻي جي دشمن کي دشمن ڪري سمجهنديون، اهو عهد هميشہ لاءِ پڪو ليکيو ويندو.
٢- ضرورت پوڻ تي ٻئي حڪومتون هڪ ٻي سان فوجي مدد ڪنديون رهنديون.
٣- جيڪڏهن هڪ حڪومت جو مخالف ٻي حڪومت جي سرزمين ۾ پناهہ وٺڻ چاهيندو تہ ان کي پناهہ نہ ڏني ويندي.
٤- سنڌ جي حڪومت جو ڪوبہ واسطيدار جيڪڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني کان جنگي سامان خريد ڪندو تہ ايسٽ انڊيا ڪمپني ان جي ضرور مدد ڪندي، انهيءَ شرط سان تہ ان سامان جي قيمت روڪڙ جي صورت ۾ ادا ڪئي ويندي.
٥- ڪمپني جي سرڪار جو هڪ ماڻهو دوستاڻي ناتن جي سنڀال ۽ خيرخواهي لاءِ سنڌ جي دربار ۾ رهايو ويندو.
٦- ٻنهي حڪومتن درميان هن کان اڳ جيڪي تاوڻ واريون دعوائون هيون اهي هاڻ رد ڪيون وڃن ٿيون.
٧- انگريزن پاران صرف ٺٽي جي شهر ۾ هڪ تجارتي ڪوٺي قائم هوندي جيئن هن کان اڳ ڪلهوڙن واري دور ۾ هئي. هيءُ معاهدو خدا جي فضل سان محڪم رهندو.

(٢٤ جولاءِ ١٨٠٨ع /١-جمادي الثاني ١٢٢٣هہ. (١)

## (٢)

## ميرن جو، ن، هہ. سمٿ سان، معاهدو

## ٢٢-آگسٽ ١٨٠٩ع:

١- انگريزن ۽ ميرن- مير غلام علي، مير ڪرم علي ۽ مير مراد علي جي حڪومتن جي هڪ ٻي سان دوستي قائم رهندي.
٢- ٻنهي حڪومتن درميان ڪابہ دشمني پيدا نہ ٿيندي.
٣- ٻنهي حڪومتن طرفان هڪ ٻئي جي دربار ۾ وڪيل (سفير) مقرر ڪرڻ ۾ ايندا.

(١) معاهدات (اردو). ج ٧، ص. ۴.

۴- سنڌ جي حڪومت فرينچن کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ جي اجازت نه ڏيندي (١)
(تاريخ: ١ رجب ١٢٢۴هه-٢١ آگسٽ ١٨٠٩ع)

هي معاهدو حقيقت ۾ نيپولين جي وڌندڙ خطري ۽ زمان شاهه ابدالي جي خوف کي ڌيان ۾ رکندي سنڌ جي ميرن سان ڪيو ويو. انگريز حڪومت مٽڪاف کي لاهور ڏانهن رنجيت سنگهه جي دربار ۾، ايلفنسٽن کي ڪابل ۽ ميلڪم کي ايران موڪلي ڏنو، انهيءَ مقصد سان ته اهي اتان جي حڪمرانن کي جون ١٨٠٧ع جي اتحادين نيپوليں ۽ اليگزينڊر اول (روس جي بادشاهه) خلاف انگريزن سان بڌيءَ ۾ اچڻ لاءِ انتظام ڪن. ساڳي مقصد لاءِ سمٿ کي سنڌ ڏانهن اماڻيو ويو جنهن اهو معاهدو طئي ڪيو(٢)

## (٣)

## ايلفسنٽن سان ميرن جو معاهدو، ٩-نومبر ١٩٢٠ع:

انگريزن ۽ سنڌ جي حڪومت درميان دوستي جي ناتي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، هن معاهدي طئي ٿيڻ ۾ سنڌ جي حڪومت طرفان مير اسماعيل شاهه ۽ انگريزن جي حڪومت پاران بمبئي جي گورنر بهرو ورتو، جن کي اهڙا اختيار ڏنا ويا هئا. معاهدي جا شرط هي هئا:

١- انگريزن ۽ مير ڪرم علي، مير مراد علي جا هڪ ٻئي سان دوستاڻا ناتا قائم رهندا.

٢- ٻنهي حڪومتن طرفان هڪ ٻئي جي دربار ۾ وڪيل (سفير) مقرر ڪرڻ ۾ ايندا.

٣- سنڌ جا مير پنهنجي سر زمين ۾ ڪنهن به يورپ ۽ آمريڪا جي ماڻهو کي رهڻ جي اجازت نه ڏيندا. ليڪن ٻنهي حڪومتن جي رعايا مان جيڪڏهن ڪو شخص هڪ ٻئي جي سرزمين تي امن ۽ اطاعت سان رهڻ چاهيندو ته بلڪل رهي سگهندو، پر جيڪڏهن ڪو شخص مجرم ۽ سرڪش هوندو ته واسطيدار حڪومت کي اهو حق رهندو ته هو ان کي ملڪ مان تڙي ڪڍي يا ڪيس سزا ڏئي ڇڏي.

۴- سنڌ جا مير کوسن ۽ ٻين سرحدي قبيلن جي پنهنجي سرحد ۾ نگهباني ڪندا، جيئن اهي ڪا لٽ ڦر ڪري نه سگهن. انهن کي انگريزن جي سرزمين ڏانهن وڃڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

---

(١) معاهدات (اردو). ج ٧، ص. ۴.

(٢) سنڌ ۾ انگريزن جي سياست از ڪهيرا چپيل لاهور ١٩۴١ع، ص. ٦٦. ۽ معاهدات (اردو) ج ٧، ص. ٣٧ موهن لال ٢-٦٦.

۹-نومبر ۱۹۲۰ع مهر ايسٽ انڊيا ڪمپني.

هي معاهدو مير اسماعيل شاهه وڪيل مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان (رڪن الدوله ۽ امير الدوله) ۽ بمبئي جي گورنر ايلفنسٽن صاحب درميان صفر ۱۲۳۶هه ۾ طئي ٿيو. خدا ڪندو ته ان ۾ ڪا گهٽ وڌائي ڪانه ٿيندي. (مهر اسماعيل شاهه)

تاريخ: ۱۰ فيبروري ۱۸۲۱ع تي هندستان جي برطانوي حڪومت هن معاهدي جي توثيق (تصديق) ڪئي. (۱)

## (۴)

## خيرپور جي ميرن سان دوستي ۽ صلح جو معاهدو، ۴-اپريل ۱۸۳۲ع:

هي معاهدو ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مير رستم خان ٽالپور خيرپور جي حڪمران درميان ليفٽيننٽ ڪرنل هنري پاٽنجر وسيلي ۲-ذوالقعد ۱۲۴۷هه-۴ اپريل ۱۸۳۲ع تي طئي ٿيو ۽ تاريخ ۱۹ جون ۱۸۳۲ع تي شملي ۾ لارڊ بينٽڪ گورنر جنرل پاران ان جي تصديق ڪئي وئي. هن معاهدي موجب:

۱- ٻنهي حڪومتن درميان دوستي جا ناتا قائم رهندا.

۲- ٻئي حڪومتون هڪ ٻئي سان اقرار ٿيون ڪن ته پيڙهين ڪان پوءِ به هڪ ٻئي جي اقتدار ۾ ڪوبه خلل نه وجهنديون.

۳- انگريز حڪومت جي خواهش موجب خيرپور جي حڪومت هندستاني سوداگرن جي، سنڌ ۾ خشڪي توڙي درياهي رستي جي اچ وڃ ۾، انهن شرطن موجب جيڪي حيدرآبادي مير مراد علي خان ٽالپور قبول ڪري چڪو آهي- اجازت ڏني ٿي.

۴- خيرپور جي حڪومت لڪت ۾ جاٺايل محصولن جي فهرست موجب انهن سڀني شين تان جيڪي هن ملڪ ۾ آنديون وينديون هن معاهدي مطابق محصول اگاڙيندي. خيرپور جي حڪومت اهو به قبول ڪري ٿي ته واپاري معاملن ۾ ڪابه هٿ چراند نه ٿيندي (۲).

مهرايسٽ انڊيا ڪمپني، دستخط ڊبليو سي بينٽڪ ۽ مهر گورنر جنرل انگريزي ۽ اردو تان ترجمو ٿيل.

---

(۱) سنڌ ۾ انگريزن جي سياست، ص. ۵.

(۲) معاهدا ج ۷، ص. ۳۸، سياست ۶۷، موهن لال ۲-۶۷.

## (۵)
## مراد علي خان ٽالپور جو هينري پاٽنجر سان معاهدو ۲۰-اپريل ۱۹۳۲ع:

هي معاهدو حيدرآباد ۾ ۱۸-ذوالقعد ۱۲۴۷هه/ ۲۰ اپريل ۱۸۳۲ع تي، ليفٽيننٽ ڪرنل پاٽنجر انگريز حڪومت جي نمائندي ۽ مراد علي خان ٽالپور درميان، طئي ٿيو. تاريخ ۱۹ جون ۱۸۳۲ع تي شملي ۾ لارڊ بينٽڪ هندستان جي گورنر جنرل پاران ان جي تصديق (توثيق) ڪرڻ ۾ آئي. هن معاهدي مطابق:

۱- هن کان اڳ ٻنهي حڪومتن درميان دوستي جا جيڪي معاهدا طئي ٿيل هئا اهي ساڳيءَ ريت بحال رکيا ويا آهن. ليڪن هن وقت ليفٽيننٽ ڪرنل پاٽنجر انگريز سرڪار جي ايلچي جي ذريعي ٻيون ڪارائتيون ڳالهيون ان ۾ شامل ڪجن ٿيون جيئن ٻنهي حڪومتن جا ناتا هڪ ٻي سان وڌيڪ مضبوط ٿين ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو اچي وڃن. ٻيو ته مير ڪرم علي خان جو خاندان ۽ سندس پويان پيڙهين ڪان پوءِ به ان جي پوئواري ڪندا رهن.

۲- ٻنهي ڌرين مان ڪابه هڪ ڌر ڪنهن جي به سرزمين ۾ ڪا لالچ واري نظر نه رکندي.

۳- انگريز حڪومت جي خواهش آهي ته هندستان جي واپارين ڪي تجارتي سامان آڻڻ، نيڻ ۽ درياهي توڙي خشڪي واري رستي اچ وڃ ڪرڻ جي پوري اجازت هجي ته جيئن هو سنڌ مان ڪنهن به پاسي پنهنجي مرضي سان اچي وڃي سگهن. سنڌ جي حڪومت انهيءَ مقصد ڪي ٽن شرطن سان قبول ڪري ٿي:

۱- ڪنهن به شخص ڪي اهو حق نه رهندو ته انهن رستن ڪان جنگي هٿيار آڻي.

۲- ساڳين رستن ڪان (خاص ڪري درياهي رستي) هٿيارن سان ڀريل جهاز يا ٻيڙي آڻڻ جي منع ڪجي ٿي.

۳- انگريزن جي ڪنهن به ماڻهو ڪي سنڌ ۾ هميشه رهڻ جي اجازت نه هوندي، البته جيڪڏهن ڪو ڪنهن ضروري ڪم سان ايندو ته ڪم لاهي، واپس هندستان هليو ويندو.

۴- جڏهن به هندستاني واپاري سنڌ ۾ واپار لاءِ اچن ته انهن وٽ هندستان جي برطانوي حڪومت جو اجازت نامو هجي. ان جو اڳواٽ اطلاع ڪڇ ۾ رهندڙ انگريزي ناظم اعليٰ جي ذريعي حيدرآباد جي حڪومت ڪي ڏيڻ ۾ اچي.

٥- حيدرآباد جي حڪومت مقرر ڪيل محصولن ڪي سپني تجارتي شين تي مقرر ڪري چڏيو آهي جن ۾ ڪابہ گهٽ وڌائي ڪانہ ڪئي ويندي. اهڙيءَ طرح تجارتي معاملن ۾ بہ ڪا مزاحمت نہ ٿيندي. اهڙي هدايت سنڌ جي واسطيدار ڪاتن کي ڪئي ويندي تہ ڪنهن بہ بهاني مٿي ڄاڻايل نون حڪمن مطابق سوداگرن جي ڪم ۾ ڪوبہ رخنو نہ وڌو وڃي. حيدرآباد جي حڪومت سپني محصولن جي فهرست تيار ڪري اڳواٽ هندستان جي حڪومت کي پيش ڪندي.

٦- اڳيان معاهدا جيڪي ٻنهي حڪومتن درميان طئي ۽ تصديق ٿيل آهن، تن ۾ نون معاهدن وسيلي ڪابہ ڦيرڦار ڪرڻ ۾ نہ ايندي.

٧- هڪ ٻئي ڏانهن سفيرن موڪلڻ جو مسئلو بہ ٻنهي ڌرين جي دوستي ۽ صلح لاءِ برقرار رهندو (١).

مهر ڪمپني دستخط ڊبليو سي بينٽڪ ۽ مهرگورنر جنرل انگريزي ۽ اردو

تان ترجمو ٿيل

## (٦)

## ذڪر ٿيل معاهدي نمبر (٥) جا ضميما:

معاهدي جا هي ضميما: معاهدات اردو (٧-٢٢) سنڌ ۾ انگريزن جي سياست ص ٦٩- تي اردو انگريزي ۾ درج ٿيل آهن، ليڪن پير حسام الدين راشدي جي ڪتبخاني ۾ فارسي ۾ لکيل معاهدات جو هڪ بياض موجود آهي جيڪو هڪ پراڻي نسخي تان اتاريل آهي. ان جو مالڪ مرزا غلام رسول، رهندڙ ٽنڊو آغا حيدرآباد آهي. جيئن تہ اسماعيل شاهہ ميرن جو سفير رهي چڪو هو ان ڪري انهيءَ مسودي تي وڌيڪ اعتبار ڪري سگهجي ٿو.

هي معاهدو ٢٢-اپريل ١٨٣٢ع تي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ حيدرآباد جي ميرن درميان طئي ٿيو هو، جنهن جا ضميما هيٺينءَ ريت آهن:

**قلم پهريون:**

جيئن مٿين معاهدي ۾ ڄاڻايل آهي تہ مير صاحب پنهنجي ماڻهن هٿان محصولن جي وچور لکرائي انگريزن جي حوالي ڪندو ۽ انهن جا ڪارندا پڙهي ڏسندا، جيڪڏهن اهي محصول مناسب هوندا تہ انهن جي پوئواري ڪرڻ ۾ ايندي

(١) معاهدات ٧-٤٢. سياست ٦٩. موهن لال ٢-٧٠.

بي صورت ۾ انهيءَ فهرست کي مير صاحب ڏانهن واپس ڪيو ويندو، جيئن مير صاحب پاران ان ۾ درستي ڪئي وڃي اهو ڪم پاٽنجر صاحب جي وسيلي ڪرايو ويندو.

**قلم ٻيو:**

اها ڳالهه بلڪل پڌري آهي تہ پارڪر ۽ ٿر وغيره جي چورن کي سيکت ڏيڻ صرف هڪڙي حڪومت جو ڪم نہ آهي. ان جي لاءِ ٻي حڪومت کي بہ ڏيان ڏيڻو پوندو، جيئن چور چڪار جي هٿ چراند کان ملڪ امن امان ۾ رهي. ان بابت لکي ڏجي ٿو تہ برسات جي موسم شروع ٿيڻ شرط مير صاحب جي حڪومت طرفان اطلاع ملڻ کپي تہ جيئن انگريز حڪومت جوڌپور جو راجا ۽ خود سنڌ حڪومت خبردار ٿي پاڻ ۾ گڏجي چورن جي پاڙ پٽڻ جو انتظام ڪري رهن.

**قلم ٽيون:**

ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مير رستم خان خيرپور جي حڪمران درميان ٿيل معاهدي ۾ هي مضمون لکرايل آهي تہ درياهي رستي ڪلڻ ڪان پوءِ اچ وڃ لاءِ جيڪي مير علي مراد خان انگريزن کي سهولتون ڏيٿيون ڪيون آهن اهي ئي سهولتون مير رستم خان کي قبول ڪرڻيون پونديون. انهيءَ لاءِ اهي سڀ نقل جيڪي معاهدي سان تعلق رکن ٿا حيدرآباد جي حڪومت ۽ انگريزن پاران مير رستم خان ڏانهن اماڻيا ويندا. جيڪي نظر مان ڪڍي انهن تي ڪيس عمل ڪرڻو پوندو(١)

**ضميمو نمبر ٻيو تجارتي:**

معاهدي جي پڪ بابت تہ، ان مطابق، سنڌ ۾ درياهي رستي واپارين جي مال جي آٿڻ نيڻ لاءِ سنڌ جي حڪومت ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي وچ ۾ هيءَ صورتحال بحال رکي ويندي. (٢)

٢٠ اپريل ١٨٣٢ع/١٨ ذوالقعد ١٢٣٧هه جي قلم نمبر پهرين ۾ هيءَ ڳالهه آندل آهي تہ، مير صاحب محصولن جي فهرست پنهنجي ماڻهن کان لکرائي انگريزن جي حوالي ڪندو جيڪا انهن جا ڪارندا نظر مان ڪيندا. جيڪڏهن اها فهرست ڪين قانون موجب درست ڏسڻ ۾ آئي تہ ان کي قبول ڪري مٿس عمل ڪرڻ ۾

(١) هن جي اصل متن لاءِ ڏسو موهن لال ٢-٧٣.

(٢) هن لاءِ بہ ڏسو موهن لال ٢-٧٢.

ايندو، پر جي ان ۾ ڪا هيٺ مٿائين ڏني وئي ته پوءِ اها فهرست ٻاٽنجر جي معرفت مير علي مراد خان کي موٽائي موڪلي ويندي جيڪو ان کي سڌاري ڏيندو. ليڪن هن وقت اها ڳالھه ايستائين رهندي، اڳتي جي لاءِ جيڪا صلاح ٿي آهي ان جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

**قلم پهريون:**

سنڌو ندي رستي جيڪو مال ۽ جيڪي جنسون آنديون ويندييون ان جي محصول لاءِ مٿين معاهدي جي قلم نمبر پنجين ۾ جيڪي ڪجھه لکيل آهي، هن وقت ان جي عيوض درياھه کان سمنڊ تائين في خرار ٺٽي جي حساب سان اٺويھه رپيا ٺٽي محصول مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن مان اٺ رپيا حيدرآباد جي ميرن ۽ مير رستم خان کي ملندا باقي ٻارهن رپيا واسطيدار حڪومتن کي ڏيڻ ۾ ايندا، جن جو سرحدن سان تعلق آهي: جهڙوڪ بهاول جو نواب بهاول خان ۽ مهاراجا رنجيت سنگھه تنهن سان گڏ ايسٽ انڊيا ڪمپني-!

**قلم ٻيو:**

واپارين کي رستي ۾ ڪابه تڪليف نه ڏني ويندي نه وري ٻيڙين جي ماپ ڪٽ بابت ساڻن ڪو ڳوڙ گهمسان ڪيو ويندو.

هي معاهدو تاريخ ٢ سيپٽمبر ١٨٣٤ع تي اوٽڪامنڊ ۾ گورنر جنرل جي توثيق سان مڪمل ٿيو. دستخط ڊبليو ايچ مگساٽن.سيڪريٽري هندستان گورنمينٽ.

اهڙيءَ طرح اردو ۾ ترجمو ٿيل معاهدات جي ڪتاب ص ٤٦ تي هڪ ٻيو تشريحي ضميمو ڏنل آهي، جنهن ۾ حيدرآباد جي حڪومت ۽ ٻاٽنجر درميان ٻارهن سوال جواب آهن، اهو ضميمو تاريخ ١٨ شعبان ١٢٥٢هه ٢٨ نومبر ١٨٣٦ع تي حيدرآباد ۾ لکيو ويو.

١- درياهي رستي ۾ رستي ۽ لنگر اندازي جون نشاندهيون.
٢- طوفان وغيره جي حالت ۾ ٻيڙين جي پناھه گاھه مقرر ڪرڻ.
٣- هر ٻيڙي تان مٿي ڄاڻايل محصول کان سواءِ اٺ آنا وڌيڪ ونڻا پوندا.
٤- گورنر جنرل جي ايجنٽ سيد عظيم الدين حسين لاءِ جيڪو بندرگاهن تي رکيل آهي، سهولتيون پيدا ڪيون وينديون.

٥- ڪکر (ڪکرالي) ۽ نئي ۾ اناج جي گدامن جو انتظام ڪرڻ.
٦- نئي ۾ ساليانو ميلي جو انتظام ڪرڻ جنهن ۾ هندستان، يورپ، خراسان، ترڪستان ۽ ڪابل جي تجارتي جنسن جي نمائش ۽ وڪري جو بندوبست هوندو.
٧- مزاري قبيلن جي سيڪت جو انتظام جيڪي سنڌوندي ۾ ايندڙ ٻيڙين سان ڪهاڻ ڪندا رهن ٿا.
٨- ڪشتي راني بابت حيدرآباد جي حڪومت جون ذميواريون.
٩- ميرن جي شڪار گاهه ڪان سواءِ ٻيڙين لاءِ رستي صاف ڪرڻ جي خيال کان ضروري هنڌن تي وڻ وڍي ڇڏڻ.
١٠- سنڌوندي تي هڪ انگريز سپرنٽينڊنٽ جي مقرري.
١١- هن معاهدي جي تعميل لاءِ ابتدائي ڏکيائون دور ڪرڻ.(١)

## (٧)

## معاهدو ٢٠ اپريل ١٨٣٠ع:

سنڌ جي ميرن مير نور محمد خان، مير نصير محمد خان ۽ گورنر جنرل جي ايجنٽ هنري پاٽنجر درميان

١- جيئن ته آڳاٽي زماني کان سنڌ جي ميرن ۽ انگريزن جي وچ ۾ دوستي جا ناتا هلندا اچن ٿا، ان ڪري هندستان جي گورنر جنرل جو ارادو آهي ته ميرن ۽ مهارا راجا رنجيت سنگهه جي درميان پيدا ٿيل اختلاف ختم ڪرڻ ۾ اچن، جيئن ٻنهي حڪومتون امن صلح سان رهن.
٢- دوستي ۽ امن صلح جي ناتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ جيڪي سالن کان ٻنهي حڪومتن درميان قائم آهن، اهو تجويز ڪجي ٿو ته انگريزن پاران هڪ مختار وزير حيدرآباد جي درٻار ۾ مقرر ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي حڪومت به پنهنجو هڪ وزير انگلنڊ جي درٻار ۾ ڏياري موڪلي.

انگريز وزير کي اهو حق هوندو ته جڏهن به گهري پنهنجي مرضيءَ مُوجب پنهنجو ماڳ بدلائي سگهي ٿو، جنهن جا محافظ سندس حڪومت پاران مناسب نموني مقرر ڪرڻ ۾ ايندا (انگريزي تان ورتل (٢) شمله ٢٠ اپريل ١٨٣٨ع- لارڊ آڪلينڊ گورنر جنرل پاران.

---

(١) معاهدات. ص ٧-٤٦.

(٢) سنڌ جي سياست ٧١. معاهدات ج ٧ ص ٥١ موهن لال ٢-٧٥.

(٨)

## معاهدو ١٠ جنوري ١٨٣٩ع خيرپور جي مير رستم خان سان:

١- ايسٽ انڊيا ڪمپني مير رستم خان ٽالپور انهيءَ جي وارثن توڙي جانشينن درميان پيڙهين تائين دوستيءَ جا ناتا بحال رهندا. ٻنهي مان هڪ جو دوست ٻي جو دوست ۽ هڪ جو دشمن ٻي جو دشمن ليکيو ويندو.

٢- ڪمپني جي حڪومت گادي جي هنڌ خيرپور ۽ اتان جي سرزمين جي هميشه حفاظت ڪندي رهندي.

٣- مير رستم خان سندس وارث ۽ جانشين هميشه برطانوي حڪومت جي مرضي مطابق هر ڪم ڪندا رهندا ۽ ان جي تابعداري ۾ هوندا. اهي انگريز حڪومت جي راضپي ڪان سواءِ ڪنهن به ٻي حڪومت سان ڪوبه لاڳاپو نه رکندا.

٤- مير رستم خان ان جا وارث ۽ جانشين انگريزن جي منظوري ڪان سواءِ ڪنهن به ٻي حڪومت يا سردار وغيره سان ڪوبه معاهدو نه ڪري سگهندا. البته پنهنجن دوستن عزيزن سان لکپڙهه ڪري سگهندا.

٥- انگريز سرڪار ضرورت پوڻ تي مير رستم خان سان فوجي مدد ڪندي جيئن سنڌ ۾ اوسي پاسي وارين حڪومتن ۾ امن امان جي فضا قائم رهي. انگريز حڪومت ڪڏهن به مير رستم خان جي قبضي ۾ رهندڙ ڪنهن ايراضيءَ يا درياهه جي ٻنهي پاسن تي ڪوبه قبضو نه ڪندي نه وري سندس واسطيدارن ۽ وارثن ڪان ڪابه ايراضي خالي ڪرائيندي.

٦- مير رستم خان سندس وارث ۽ جانشين ڪنهن تي به ڪو ظلم نه ڪندا، جيڪڏهن اتفاق سان ڪو رڳڙو پيدا ٿيو ته ان جو نبيرو انگريزن جي حڪومت ڪندي.

٧- مير رستم خان ۽ سندس وارث توڙي جانشين پنهنجي ملڪ جا پاڻ حاڪم هوندا. انگريزي ڪارندن جو مٿن ڪوبه حڪم نه هلندو. نه وري اهي ڪا مداخلت ڪندا. اهي مير رستم خان جي ڪنهن به نوڪر چاڪر، عزيز قريب يا رعايا جي ڪادانهن دونهن ڪونه ٻڌندا.

٨- مير رستم خان سوداگرن جي اچ وڃ جي جيڪي سنڌو ندي مان ايندا ويندا تن لاءِ واعدو ٿو ڪري ته سندن آرام ۽ واپاري سهولتن لاءِ ڪوشش ڪندو

رهندو، جيڪا لازمي هوندي.

٩- ٻنهي حڪومتن جي ناتن جي نگهباني ۽ دوستي محڪم رکڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي تہ: هڪ خود مختار وزير انگريز سرڪار پاران خيرپور جي درٻار ۾ رکيو ويندو. اهڙيءَ ريت مير رستم خان بہ پنهنجي پاران انگريزن جي حڪومت ۾ پنهنجو وڪيل مقرر ڪري سگهندو.

انگريز وزير کي اهو حق رهندو تہ هو ڪنهن بہ وقت پنهنجي رهائش وارو هنڌ بدلائي هڪ کان ٻي جاءِ مقرر ڪري سگهندو، جنهن جي حفاظت لاءِ هندستان جي برطانوي حڪومت پنهنجي مرضيءَ مطابق مناسب تعداد ۾ محافظ مقرر ڪندي.

دستخط ليفٽيننٽ ڪرنل سر اليگزينڊر برنس ايلچي جارج آڪليئنڊ گورنر جنرل. تاريخ ٢٤ ڊسمبر ١٨٣٨ع- ٧ شوال ١٢٥٤هہ. لشڪر گاهہ (ٻاگاپورانا) دستخط ايڇ ٽارنس ڪيفيل سيڪريٽري هندستان گورنمينٽ همراهہ لشڪر گورنر جنرل.

## ضميمو

انگريز حڪومت جنهن صورت ۾ وعدو ڪيو آهي تہ خيرپور جي حڪومت کي هر طرح دشمن قوتن کان هٿائي توڙي آئينده تائين حفاظت ۾ رکيو ويندو ۽ درياهہ جي ٻنهي پاسن تي جيڪي قلعا آهن تن تي پنهنجو ڏاڪ نہ ڄمائي. انهيءَ بنياد تي مير رستم خان سندس اولاد اقرار ڪن ٿا تہ جيڪڏهن جنگ جي وقت ۾ گورنر جنرل بکر جي قلعي کي هٿيارن پنهوارن ۽ خزاني وغيره جي نگهباني لاءِ پنهنجي قبضي هيٺ آندو تہ مير صاحب کي ڪوبہ اعتراض نہ هوندو(١). تصديق مير رستم خان والي خيرپور ۽ سر اليگزينڊر برنس ايلچي گورنر جنرل.

اقرارنامو / تاريخ ٢٤ ڊسمبر ١٨٣٨ع/٦ شوال ١٢٥٤هہ

گورنر جنرل جي ايلچي اليگزينڊر برنس طرفان هن معاهدي جو ضميمو پڻ موجود آهي جيڪو مير مبارڪ خان خيرپور جي والي سان طئي ٿيو هو تہ:

ايسٽ انڊيا ڪمپني اقرار ٿي ڪري تہ قبضي هيٺ آيل مالگذاري واري ايراضي تي مير مبارڪ خان جو حق رهندو جنهن ۾ ڪابہ لالچ ڪانہ رکي ويندي ۽ نہ وري ان جي انتظام ۾ ڪا مداخلت روا رهندي. اهو بہ اقرار ڪجي ٿو تہ انگريز

(١) معاهدات ٧-٥٢. سياست سنڌ ٧٤. موهن لال ٢-٨٤.

سرڪار مير مبارڪ خان ۽ ان جي پوين سان ساڳيا لاڳاپا قائم رکندي جيڪي معاهدي جي زمري ۾ اچن ٿا.

دستخط برنس ٢٨ ڊسمبر ١٨٣٨ع/١ شوال ١٢٥٤هه خيرپور.

توثيق گورنر جنرل لشڪرگاهه ڊنوله ١٦ جنوري ١٨٢٩ع. (اردو تان)

نوٽ: اهڙائي اقرارنامن جا مضمون مير محمد خان ۽ مير علي دادخان کي ساڳي تاريخ موڪليا ويا. (١)

## (٩)

## ڪراچي کي انگريزن جي حڪومت جي حوالي ڪرڻ وارو معاهدو:

تاريخ ٣-فيبروري ١٨٣٩ع تي، حاصل پٽ بچو خان گورنر ڪراچي (ڳوٺ) خير محمد ۽ سينا خان ملازم مير نور محتد خان. وليسلي جي ٻيڙيءَ تي، سر فريڊرڪ ليوس مٽ ليند، هندستان جي انگريزي لشڪر جي سپهه سالار ۽ برگيڊيئر ولينٽ سنڌ ۾ رهندڙ انگريز لشڪر جي ڪمانڊر، درميان هي معاهدو طئي ٿيو:

١- اڄ يا اڄ کان پوءِ جڏهن به ضرورت پئي ته انگريز لشڪر برگيڊيئر ولينٽ جي ماتحتي ۾ هن ڳوٺ (ڪراچي) کي ڪتب آڻي سگهندو. جنهن لاءِ سامان برداري جا وسيلا اٺ ٻيڙيون وغيره ڪرايو ڏئي سنڌ جي حڪومت کان ورتا ويندا. ساڳيءَ طرح سان خوراڪ جو سامان به مناسب قيمت تي وٺڻ ۾ ايندو.

جيڪڏهن ٽيهن خرارن واري ٻيڙي تي محصول مقرر ٿي چڪو آهي ته هر ننڍي وڏي ٻيڙيءَ تي ساڳيو محصول وٺڻ ۾ ايندو پر جي ٻيڙي پنجن توڙي هڪ سو خرارن واري هوندي ته ان تي به ساڳيو محصول ورتو پوندو.

**قلم ٽيون:**

سنڌ جي سيني سرحدن تي في ٻيڙي جي حساب سان پورا ۽ سؤ چاليهه رپيا محصول ٿئي ٿو جنهن جا پئسا قرض طور درياهه کان سمنڊ تائين (جنهن به ننڍي وڏي ٻيڙي مان سامان لاٿو يا چاڙهيو ويندو)، ادا ڪرڻ ۾ ايندا ۽ حيدرآباد توڙي خيرپور جي حڪومت کي ان لاءِ پاڻ ۾ نبيرو ڪرڻو پوندو.

(١) معاهدات. ص ٧-٥٦.

**قلم چوٿون:**

سنڌ جي حڪومت جي محصول بابت واپارين تي جيڪي مقرر ٿي چڪو آهي اهو جيئن جو تيئن ڏيڻ وٺڻ ۾ ايندو جيڪو دوستي ۽ لاڳاپن جي پائداري لاءِ لازمي آهي جهڙيءَ ريت هن ڪان اڳ اهو دستور هلندو ٿي آيو. اهڙي طرح ڪوبہ شخص يا فوجي هينري پاٽنجر جو تابع ۽ گورنرل جو وڪيل ٺٽي تي موجود هوندو پر اهو ڪنهن بہ تجارتي معاملي ۾ ڪوبہ رخنو نہ وجهندو نہ وري سنڌ جي حڪومت کي ڪو ملڪي يا مالي نقصان رسائيندو. ان باري ۾ جيڪا بہ ضروري ڳالهہ ٻولهہ هوندي اها صاحب بهادر جي ڏيان تي آڻي پوندي جيئن اهو ان جو ڪو اپاءُ ڪري سگهي. ان ڪان پوءِ اهو صاحب بهادر (ريزيڊنٽ) ڪڇ روانو ٿي ويندو.

**قلم پنجون:**

درياهہ رستي ايندڙ ويندڙ ڪنهن بہ قسم جو سامان جيڪڏهن ڪوبہ واپاري ڪنهن بہ هنڌ ٻيڙين تان لاهي وڪڻڻ جي ڪندو تہ ان جو محصول واسطيدار حڪومت وصول ڪرڻ جي حقدار هوندي. ليڪن هن معاهدي ۾ لکيل محصول تي ڪوبہ اثر نہ پوندو جو هي ان ڪان الڳ آهي. ذڪر ڪيل مٿيون محصول واپارين ڪان سرحدن جي حفاظت ۽ واپارين جي نگهباني لاءِ اڳاڙيو ويندو. اهو محصول مهري (مهر لڳل رپين جي ٿيلهي) جي صورت ۾ هوندو باقي جيڪڏهن ڪو يورپي واپاري پنهنجو مال وڪڻڻ لاءِ آڻيندو تہ ان جو محصول انهيءَ ملڪ جي دستور مطابق اڳاڙڻ ۾ ايندو.

تاريخ ۲-جولاءِ ۱۸۳۴ع /۲۴ صفر ۱۲۵۰هہ.

معاهدي جي اردو ترجمي جي (ص ۴۵ جي ۷ معاهدات) هينيان دستخط آهن. ڊبليو. سي بينٽڪ. فريڊرڪ آڊم. ڊبليو مارسن وغيره.

انهن شرطن جي بنياد تي انگريز حاڪم ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان عهد ناڪن تہ قلعي جا رهاڪو ۽ ٻيو سامان سڀ سندن حفاظت ۾ امانت طور موجود هوندا. قلعي ۾ رهندڙ ماڻهو اڳ وانگي پنهنجو ڪاروبار ڪندا رهندا. ساڳي وقت تجارتي جهاز ڪراچيءَ جي بندر تي پيا ايندا ويندا.

۳ فيبروري ۱۸۳۹ع دستخط فريڊرڪ ليوس مت ليند. ريئر ايڊمرل ۽ ڪمانڊر انچيف. دستخط تي ولينٽ برگيڊيئر خاص فوج (هندستان) دستخط حاصل ولدبچو خان ۽ سينا خان. گواهہ خير محمد ۽ علي رکيو. (اردو ترجمو)

## (١٠)

## لارڊ آڪلينڊ ۽ حيدرآبادي ميرن درميان فوجي معاهدو ٥ فيبروري ١٨٣٩ع:

هن معاهدي جو متن بہ معاهدات جي انهيءَ بياض تان نقل ڪيل آهي، جيڪو پير حسام الدين جي ڪتب خاني ۾ موجود هو. اُن جو اردو ترجمو نمبر (١٣) جلد ٧ ض ٥٩ تي آهي. انگريزي معاهدات ڪتاب سنڌ جي سياست ص ٧٦ تي درج آهن.

هن کان اڳ ڪيئي معاهدا انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ تي چڪا آهن. هن وقت زماني جي ضرورت مطابق ساڳين عهدنامن تي نظرثاني ڪري انهن کي سڌاريو وجي ٿو. هن کان علاوه هڪ الڳ معاهدو مير رستم خان ۽ انگريز سرڪار درميان ٿيل هو، جنهن کي چڱي هينيون نيون ڳالهيون شامل ڪرڻ ۾ آيون جيڪي ٻنهي ڌرين جون قبول ٿيل آهن:

١- انگريزن ۽ حيدرآباد جي ميرن مير نور محمد خان، مير نصير محمد خان، مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان جي وچ ۾ دوستي ۽ اتحاد جا ناتا قائم رهندا.

٢- سنڌ ۾ انگريزي فوج جون ڇانوڻيون تعمير ڪرايون وينديون. گورنر جنرل جي راءِ موجب اهي ڇانوڻيون ٺٽي شهر لڳ يا ڪنهن ٻئي هنڌ سنڌوندي جي اولاهين پاسي قائم ٿينديون. فوج جو تعداد جيڪو پنجن هزارن کان مٿي نہ هوندو گورنر جنرل جي حڪم موجب مقرر ڪرڻ ۾ ايندو.

٣- مير نور محمد خان، مير نصير محمد خان، مير محمد خان سڀ اقرار ڪن ٿا تہ هر هڪ پورو هڪ لک رپين جو ڪمپني يا تيموري سڪي جي صورت ۾ (١) فوجي خرچن لاءِ هر سال ادا ڪندا رهندا. ليڪن مير صوبدار خان جو انهن خرچن جي ادائگي سان ڪوبہ واسطو ڪونہ رهندو.

٤- ڪمپني جي سرڪار توڙي حيدرآباد جا مير پنهنجي نفعي نقصان جا پاڻ ذميدار رهندا، جنهن کي چٽي چئجي ٿو.

٥- جيڪي مير هن عهدنامي ۾ شريڪ آهن سي پنهنجن ملڪن جا پاڻ حاڪم تي رهندا. انگريز جي عدالت جو ان ۾ ڪوبہ دخل نہ رهندو. جيڪڏهن رعايا مان ڪنهن بہ ميرن مٿان پڪاريو يا ڪا دانهن ڪوڪ ڪئي تہ انگريز سرڪار ان کي پنهنجي ٻڌڻ لائق نہ سمجهندي.

(١) موهن لال انگريزي ۾ ٢-١٠١ ان کي باڪرو يا باڪرو لکيو آهي.

٦- هر هڪ مير مٿين شرط (٥) موجب اقرار ٿو ڪري تہ پنهنجي حڪمراني ۾ محڪم رهڻ ڪان پوءِ، جيڪڏهن ڪنهن مير ٻئي مير تي ڪنهن بہ ڇَٽي، نفعي نقصان جي فرياد ڪئي تہ اها ريزيڊنٽ صاحب بهادر ڏانهن رجوع ڪرڻ ۾ ايندي، جيڪو گورنر جنرل جي منظوري موجب فيصلو ڪندو.

٧- اهڙي قسم جي ڇَٽي نفعي نقصان جي صورت ۾، جيڪڏهن هڪڙي مير جي رعايا ٻئي مير جي علائقي ۾ ڪابہ چرپر ڪئي تہ يا ڪا سرڪشي ۽ بغاوت واري حالت وجود ۾ آئي تہ ان جي ظاهر ٿيڻ ڪان پوءِ پري ڏيڻ لاءِ ريزيڊنٽ صاحب ان جي رپورٽ گورنر جنرل ڪي اماڻيندو جنهن ڪان پوءِ واسطيدار مير جي حق رسي ڪرڻ ۾ ايندي.

٨- انگريز سرڪار جي اجازت يا اطلاع ڪان سواءِ مير صاحبن مان ڪوبہ ڪنهن ٻي سرڪار يا سردارن سان ڪابہ لهہ وچڙ نہ رکندو. ليڪن پنهنجن عزيزن ۽ دوستن سان پنهنجا واسطا رکندو تہ ان ۾ ڪوبہ اهم نہ هوندو.

٩- جيستائين حفاظتي معاملن جو تعلق آهي ان لاءِ ميرن کي هر طرح انگريزن جي اطاعت ۽ رفاقت ڪرڻي پوندي.

انگريز سرڪار ضرورت پوڻ تي ٽن هزارن پيادن سوارن جي سنڌ جي ميرن کان مدد وٺي سگهندي، جيڪي انگريزن جي ماتحتي ۾ ڪم ڪندا. اهي ماڻهو جيڪڏهن انگريز سرڪار جي مرضيءَ تي ملڪ جي سرحدن ڪان ٻاهر موڪليا ويا تہ انهن جو خرچ انگريز سرڪار پريندي.

١٠- ڪمپني سرڪار جو رپيو تڪرو- بکرو = باڪرو جيڪو سموري سڪي برابر آهي ان جي جاري رهڻ ۾ ڪوبہ عذر نہ آهي پر جڏهن انگريز سرڪار جا اهلڪار ميرن جي ملڪ ۾ ضرب خانو قائم ڪنداچاڪاڻ تہ انگريز فوج جيڪا افغانستان ويل آهي تيموري سڪو ڪم آڻيندي تنهنڪري انهيءَ جي ضرب جو محصول ميرن جي ملڪي دستور مطابق هوندو.

١١- اندران ٻاهران ايندڙ ويندڙ تجارتي ٻيڙي، جيڪا ميرن جي سرحد ۾ سمنڊ کان درياهہ تائين پئي هلندي، جيڪڏهن اها اتر پاسي وٺي تہ ان تان ڪوبہ محصول نہ ورتو ويندو.

١٢- جيڪڏهن ڪوبہ واپاري تجارتي سامان رستي ۾ ٻيڙيءَ تان لاهي وڪرو ڪندو تہ ان کان معمولي محصول وٺڻ ۾ ايندو پر جي اتي انگريزن جو لشڪرگاهہ هوندو تہ پوءِ ڪوبہ محصول ڪونہ اگاڙيو ويندو.

١٣- موافق موسم ۾ واپاري پنهنجو سامان سنڌوندي جي ڇيڙي تي گهوڙا باڙي وٽ آڻيندا ۽ اهو اتي لاهي رکندا. وري اهو سامان مناسب موسم موجب درياهہ تي آڻڻ جي ضرورت پوندي. جيڪڏهن واپاري انهيءَ دوران پنهنجو مال گهوڙاباري يا ڪنهن ٻئي هنڌ (جتي ڪا ڇانوڻي نہ هوندي) لاهي وڪڻندو تہ ان جو محصول وڪري ڪان اڳ ڪيس ادا ڪرڻو پوندو.

١٤- هن معاهدي جا شرط جيڪي هندستان جي گورنر جنرل ۽ مير نور محمد خان، مير نصير محمد خان، مير محمد خان ۽ صوبدار خان وچ ۾ طئي ڪيا ويا آهن، اهي هندستان جي آئنده گورنر جنرل ۽ مذڪوره ميرن جي وارثن تائين هميشہ قائم رهندا. ياد رهي تہ انهيءَ سان گڏ اڳيان شرط جيڪي ميرن ۽ انگريزن سرڪار درميان طئي ٿيل آهن سي پڻ بحال رکيا ويندا. هن معاهدي جا چوڏهن ئي فقرا تاريخ ١١ مارچ ١٨٣٩ع تي لبسي واري هنڌ جناب گورنر جنرل لارڊ آڪلينڊ جي دستخطن سان مڪمل ٿيا. هنن جون جدا جدا ڪاپيون ريزيڊنٽ حاجي جي دستخط سان ميرن کي ڏنيون وينديون.

## (١١)

## مير شير محمد خان ميرپورخاص واري سان طئي ٿيل معاهدو ١٨ - جون ١٨٤١ع:

هن کان اڳ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ حيدرآباد جي ميرن درميان دوستي جا معاهدا ٿي چڪا آهن. جن جي آڌار تي:

١٠- ايسٽ انڊيا ڪمپني جو سڪو جڏهن تہ تڪروَ بڪرو يا تيموري سڪي جي برابر آهي ان ڪري ساڳيو ئي سڪو مير شير محمد خان جي راڄ ۾ رائج رهندو.

١١- سمنڊ ۽ درياهہ مان ايندڙ اهي ٻيڙيون جيڪي مير صاحب جي حد مان سنڌو ندي تان لنگهنديون انهن تان ڪوبہ محصول نہ اڳاڙيو ويندو.

١٢- جيڪڏهن انهيءَ درياهي رستي سان ايندڙ ٻيڙين مان سامان لاهي وڪرو ڪرڻ ۾ ايندو تہ انهن مٿان محصول عائد رهندو. پر جيڪڏهن اتي انگريزن جيَ لشڪرگاهہ يا ڇانوڻي هوندي تہ پوءِ ٻيڙين تان محصول وٺڻ ۾ نہ ايندو.

۱۳- سوداگرن کي اهو حق هوندو تہ مناسب موسم ۾ پنهنجو سامان سنڌو ندي رستي آڻيندا رهندا. پوءِ جيڪڏهن انهن اهو سامان ٻي موافق موسم تائين گدامن يا گهرن ۾ سنڀالي رکيو ۽ وري اتان ڪٽي گهوڙاپاري يا ڪنهن ٻئي هنڌ وڪرو ڪيائون تہ انهن تان معمولي محصول وٺڻ ۾ ايندو پر جي اتي ڪو لشڪر گاهہ هوندو تہ محصول ڪونہ ورتو ويندو.

۱۴- واضح رهي تہ هي معاهدو يا عهدنامو گورنر جنرل ۽ مير شير محمد خان جي ڏرين وچ ۾ منظور ٿيل آهي جنهن تي هندستان سرڪار جا ايندڙ عملدار ۽ مير شير محمد خان جا وارث توڙي جانشين عمل ڪرڻ لاءِ پابند رهندا. (۱) (اردو تان ورتل)

لارڊ آڪليند ۲۷ ربيع الاول ۱۲۵۷هہ/۱۸ جون ۱۸۴۱ع. هي معاهدو ۱۶ آگست ۱۸۴۱ع تي فورٽ وليم بمبئي ۾ گورنر جنرل جي منظوري لاءِ پهتو.

ٽي ايچ ميڊڪ سيڪريٽري، هندستان گورنمينٽ

## (۱۲)

## معاهدو ۱۸۴۲ع حيدرآباد جي ميرن سان:

۱- حيدرآباد جي ميرن هن کان اڳ گذريل معاهدن مطابق انگريز سرڪار کي جيڪي خرچ ادا ٿي ڪيا اهي جنوري ۱۸۴۳ع کان پوءِ انهن تان معاف ڪيا وڃن ٿا.

۲- ۱- جنوري ۱۸۴۳ع کان پوءِ حيدرآبادي ميرن جي سموري راڄ ۾ صرف ايسٽ انڊيا ڪمپني جو سڪو رائج رهندو.

۳- انگريز حڪومت ميرن لاءِ جيڪي سڪا تيار ڪندي انهن تي هڪ طرف انگلنڊ جي بادشاهہ جي شڪل يا ڪا ٻي لکت (انگريز سرڪار پاران تجويز ڪيل) اڪريل هوندي. ان جي ٻئي پاسي حيدرآباد جي ميرن جي لکت ڏيڻ ۾ ايندي.

۴- حيدرآباد جي ميرن لاءِ جيڪي سڪا تيار ڪيا ويندا، اهي وزن ۽ مال (چاندي) ۾ ڪمپني جي سڪن برابر هوندا. اهي سڪا چاندي جي پهچ ۽ جاچ کان پوءِ ڇهن مهينن اندر انگريز سرڪار جي ضرب خاني مان تيار ڪرائي اُماڻيا ويندا، ان لاءِ ميرن کان (سڪي سازي) جو ڪوبہ معاوضو وٺڻ ۾ نہ ايندو. اهو انگريز سرڪار جي ذمي (ٻلي) هوندو.

(۱) معاهدات اردو ۷-۶۲.

٥- هن معاهدي کان پوءِ ميرن کي سڪي تيار ڪرڻ جو حق ڪونہ رهندو.

٦- دونهيندار (دخاني) ٻيڙن جي گهرج لاءِ سنڌونديءَ جي ڪنارن تان هرسو گزن (والن) جي مفاصلي تي ڪاٺيون وڍيون وينديون، پر جتي مير ڪاٺين وڍڻ لاءِ اعتراض ڪندا اتان ڪاٺيون نہ وڍيون وينديون.

٧- جيڪڏهن چارلس نيپئر ضروري ڄاتو تہ ڪراچي ۽ ٺٽي کي انگريز سرڪار جي حوالي ڪيو ويندو. ان سان انگريزن جي ماڻهن کي اهو حق رهندو تہ ٺٽي ۽ ڪراچي تائين بنا ڪنهن روڪ جي ايندا ويندا رهندا ۽ انهن سرحدن ۾ جيڪي ميجر جنرل نيپئر مقرر ڪندو، انگريزي ڪارندن کي اتي حڪومت ڪرڻ جو حق هوندو.

٨- سبزل ڪوٽ جي ايراضيءَ ۽ هاٿوڪيون سرحدون بهاولپور کان روهڙيءَ تائين نواب بهاولپور جي تحويل ۾ رهنديون، جيڪو انگريز سرڪار جو پراڻو دوست آهي.

٩- مير صوبدار خان جيڪو سدائين انگريز سرڪار جو دوست رهندو اچي ٿو، تنهن کي ڪراچي جاگير عيوض پنج هزار روپيا ۽ ساڳي مضمون سان هڪ معاهدو ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مير شيرمحمد خان ميرپورخاص واري سان هنن شرطن مطابق طي ڪرڻ ۾ آيو.

١- ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مير شير محمد خان جي وچ ۾ دوستي جو ناتو بحال رکيو ويندو.

٢- هر سال پهرين فيبروري تي مير شير محمد خان پنجاهہ هزار رپيا روڪ سنڌ ۾ رهندڙ لشڪر جي خرچ پکي لاءِ ڪمپني جي سڪي جي صورت ۾ انگريز سرڪار کي ادا ڪندو رهندو.

٣- انگريز سرڪار عهد ٿي ڪري تہ مير شير محمد خان جي قبضي هيٺ آيل سرزمين جي ٻاهرين حملن کان حفاظت ڪئي ويندي.

٤- مير شير محمد خان پنهنجي ملڪ جو پاڻ حاڪم هوندو، انگريز حڪومت ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا دخل اندازي نہ ڪندي، نہ وري سندس رعايا جي ڪا شڪايت ٻڌڻ لائق سمجهندي.

٥- جيئن مٿي چيو ويو، مير شير محمد خان پنهنجي ملڪ جو پاڻ حاڪم ٿي رهندو، پر جيڪڏهن اُن جو ٻين ميرن سان ڪو بہ اختلاف پيدا ٿي پيو تہ ان

جو اطلاع سنڌ ۾ رهندڙ انگريز ريزيڊنٽ صاحب کي ڏنو ويندو، جيڪو گورنر جنرل جي منظوري کان پوءِ امين جي حيثيت ۾ انهيءَ جو نبيرو ڪندو،

٦- مير شير محمد خان جو جيئن ته هن وقت سنڌ جي ميرن سان ايراضي جي ورهاست بابت جهڳڙو هلندڙ آهي، ان ڪري انهيءَ جو فيصلو به ريزيڊنٽ صاحب پاڻ ڪندو.

٧- جيڪڏهن هڪڙي امير جي رعايا مان ڪنهن ماڻهو ٻئي امير جي رعايا جي ڪنهن ماڻهو تي ڪو الزام ڌريو ته مير صاحب کي اهو حق نه رهندو ته ان کي ڪا به سزا ڏئي سگهي، پوءِ ڪٿي اهو ڏوهي سرڪش ۽ باغي به ڇو نه هجي، ان لاءِ ريزيڊنٽ صاحب جي وسيلي گورنر جنرل کي خبردار ڪيو ويندو، پوءِ جيڪڏهن خود گورنر جنرل گهرندو ته ان ڏوهي کي گرفتار ڪرڻ ۾ ايندو.

٨- مير صاحب انگريز سرڪار جي اجازت ۽ اطلاع کان سواءِ ڪنهن به ٻي حڪومت يا سردار سان ڪو به معاهدو يا ڪا به لکپڙهه نه ڪندو باقي پنهنجن دوستن عزيزن سان جيڪڏهن ڪا لکپڙهه يا ڪو لاڳاپو رکندو، ته ان ۾ ڪا به ٻئي (خطا) ڪانهي.

٩- مير شير محمد خان انگريز سرڪار جي صلاح سان امن امان لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو، جيڪڏهن ضرورت ٿي ته امن جي بحالي لاءِ پنهنجا ماڻهو به ڏيندو، پوءِ جيڪڏهن انگريز سرڪار انهن ماڻهن کي ملڪ جي سرحد کان ٻاهر ڏياري موڪليو ته ان جو سڄو خرچ انگريز سرڪار تي هوندو. مالگذاري جا حق ادا ڪيا ويندا.

١٠- هن معاهدي جي تڪميل جي لاءِ جيڪو ڪمشنر مقرر ڪرڻ ۾ ايندو لازمي معاملن طي ڪرڻ کان پوءِ انهي جاگير جي ڪٽ (تعين) ڪندو.

١١- هن معاهدي موجب جيڪا ايراضي ميرن کي ڏني وئي آهي سا ڇڙوڇڙ هئي ۽ ان جي ڊل به هڪ جهڙي نظر نٿي آئي ان ڪري ان جي ڪٽ به مٿيون ڪمشنر ڪندو ته ان جي عيوض ٻي ڪهڙي هيڪاندي ايراضي هيترن ڏوڪڙن ۾ ميرن کي ڏيارڻ کپي. البته مير صاحب مهانگي ايراضي بدران گهٽ اگهه واري زمين خريد نه ڪندا.

١٢- جيڪڏهن زمين جي ڊل ان جي قيمت سان ڪا مناسبت رکندڙ نه هوندي ته

انگريز سرڪار ان جو نبيرو ڪندي، جنهن لاءِ هن کي پنهنجي نفعي جو لحاظ نہ ڪرڻو پوندو.

شملہ ۴- نوبر ۱۸۴۲ع (اردو تان ترجمو ٿيل) (۱).

## (۱۳)

## معاهدو ۴- نومبر ۱۸۴۲ع خيرپور جي ميرن سان:

۱- پرڳڻو، پونگ ڀيرو، هڪ ٿهائي، سبزل ڪوٽ، گهوٽڪي، ملادر، چونگو، دادولو، عزيزپور ۽ ٻي ايراضي جيڪا بهاولپور ۽ روهڙي جي هاٿوڪين سرحدن درميان اچي ٿي، هميشہ لاءِ بهاولپور جي نواب کي ڏني ٿي وڃي.

۲- سکر شهر، بکر جو ٻيٽ ۽ ٻيا ٻيٽ جيڪي روهڙي سان لاڳاپيل آهن، اهي سڀ چارلس نيپئر جي مرضي مطابق انگريز سرڪار سان ڳانڍاپيل هوندا.

۳- ڪمشنر جيڪو ميجر جنرل سرچارلس نيپئر طرفان هن ۽ ٻين معاهدن جي تفصيل لاءِ حيدرآباد جي ميرن سان ڪيل آهن، وڏيل ڊل کي گهٽائي يا ان ايراضي جي ٻيٽ ۾ ٻي ايراضي ڊل جي اندازي مطابق ڏيئي ڪندو. اهڙيءَ ريت خيرپور جي ميرن رستم خان ۽ نصير خان کي بہ هن معاهدي موجب ايراضي جي ورهاست ۾ سندن نفعي کي نظر ۾ رکندي گهٽ وڌائي جي پورائي ڪئي ويندي.

۴- خيرپور جا مير ۲۴-ڊسمبر ۱۸۳۸ع جي معاهدي مطابق واپارين جي آسائش، تجارتي ٻيڙين جي درياهي رستي اچ وڃ وغيره لاءِ عهد ڪري چڪا آهن تہ واپاري سامان تان جيڪو انگريزن جي لشڪرگاهہ ۾ لاٿو ويندو ڪوبہ محصول وٺڻ ۾ نہ ايندو، ان ڪري مير صاحب ۱۸۳۸ع واري معاهدي جي آڌار تي عمل ڪندا رهندا.

۵- خيرپور ۾ صرف ڪمپني جو يا ان کان پوءِ مقرر ٿيندڙ سڪو رائج رهندو.

۶- انگلنڊ جي حڪومت هرپيري خيرپور لاءِ سڪا تيار ڪندي جن جي هڪ پاسي انگلنڊ جي بادشاهہ جي شڪل ۽ ٻئي پاسي خيرپور جي ميرن جي لکت اکيرائي ويندي.

۷- معاهدي نمبر ۱۲ جي فقري (۴) مطابق

۸- معاهدي نمبر ۱۲ جي فقري (۵) مطابق

٩- معاهدي نمبر ١٢ جي فقري (٦) مطابق

١٠- انگريز سرڪار انهن سڀني دعوائن کي نظرانداز ڪري ٿي جيڪي نذراني ۽ ساليانيءَ ڍل جي بقايائين جي صورت ۾ شاهه شجاع پيري مير مبارڪ خان ۽ سندس پٽ نصير خان ۽ انهن جي پوين سان طي ٿيل هئا.(١)

شملهِ ۴- نومبر ١٨۴٢ع (انگريزي ۽ اردو تان ورتل)

## (١۴)

## افغانستان تي ١٨٣٩ع جي چڙهائي دوران سنڌ بابت سياسي سندون:

١٨٣٨ع ۾ جڏهن لارڊ آڪلينڊ انڊس لشڪر کي افغانستان هٿ ڪرڻ لاءِ شاهه شجاع سان روانو ڪيو ته هڪ ٽه ڌريو معاهدو ٢٣-ربيع الثاني ١٢۵۴هه/ ٢٦- جون ١٨٣٨ع تي لاهور ۾ رنجيت سنگهه، شاهه شجاع ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني درميان طي ٿيو هو، جنهن ۾ ارڙهن فقرا هئا. انهن مان ٻه فقرا سنڌ سان لاڳاپو رکن ٿا. انهن جو متن هيٺينءَ ريت آهي(٢).

نمبر (۴) سنڌ ۾ شڪارپور جي باري ۾ درياهه جي هيٺ پر جيڪا سنڌ سان واسطو رکي ٿي، ان لاءِ رنجيت سنگهه ۽ شاهه شجاع جي وچ ۾ پراڻي دوستي جي آڌار تي (انگريز سرڪار سميت) ڪپتان ڪلوڊ مارٽين(٣) ويڊ پولٽيڪل ايجنٽ جيڪي طي ڪيو آهي سو شاهه شجاع کي منظور رهندو.

نمبر (١٦) هن وقت جيڪي ملڪ ۽ انهن سان واسطو رکندڙ علائقا ميرن جي ڏاڪ ۾ آهن، اهي شاهه شجاع ۽ سدوزئي خاندان کي پيڙهين تائين فرمانبرداري جي ثبوت ۾ هاڻي ۽ آئندي لاءِ جيڪا ڍل ڏيندا رهندا، تنهن ۾ ڪوبه دخل نه ڏنو ويندو. اهو ملڪ (سنڌ) ۽ ان جي آمدني ميرن ۽ سندن پوين لاءِ آهن ۽ رهندا. انهي شرط سان ته مير پور ٽيهه لک رپيا ساليانا نانڪ شاهي، امرتسري يا اهي ڪلدار جيڪي ڪمپني سرڪار رٿيندي، شاهه شجاع کي ادا ڪندا رهندا ۽ شاهه شجاع انهن پئسن مان پندرهن لک رپيا رنجيت سنگهه کي رسائيندو، باقي

(١) معاهدات ٧-٦٧، سنڌ جي سياست ٧٦.

(٢) سڀني معاهدن لاءِ ڏسو واقعات ١٠۵. موهن لال ١-٣٧١.

(٣) ڏسو تعليق نمبر ۴۵.

رهندي، بادشاهه جو دوست دشمن اوهان جو دوست دشمن ڪري ليکيو ويندو. جيڪڏهن سنڌ ۽ شڪارپور لاءِ اوهان کي ڪابه ضرورتِ درپيش آئي ته اوهان جي گهر ڪرڻ تي شاهي امداد ڏياري ويندي ۽ اسان جي فوج اچي پهچندي، اهو عهد وري به دهرائجي ٿو ته اسان جو سنڌ شڪارپور يا ان جي ماتحت ايراضي سان ڪوبه دخل يا واسطو نه رهندو. هن ڪان اڳ اسان جيڪو مير مراد علي خان سان قران ڪريم تي معاهدو ڪيو هو ۽ ان تي مهر هنئي هئي هاڻي اهو نئين سر قائم ٿي چڪو جنهن ڪان وار برابر به نابري ڪانه ٿيندي، ۽ اوهان اسان جي سڀني خير خواهن ڪان وڏيڪ اسان جي عنايت ۽ شاهاڻي شفقت لائق هوندا.(١)

دستخط شاهه شجاع ڳاڙهي مس سان

(اردو تان ترجمو ٿيل)

نوٽ: هي معاهدو انگريزي ۽ اردو تان نقل ڪيل آهي، فارسي ۽ اردو جي متن ۾ ڪي ڳالهيون رهايل هيون، ساڳي وقت اردو ترجمو به ڏاڍو منجهيل هو، جيترو ٿي سگهيو، انگريزي متن سان ڀيٽي ان کي سڌاريو ويو، اجا به ڪو نقص رهجي ويو هجي ته معاف ڪيو وڃي.

## نقل يادداشت ڪرنل هينري پاٽنجر:

هيءَ يادداشت سنڌ جي ريزيڊنٽ ڪرنل هنري پاٽنجر ته ڏرئي معاهدي طي ٿيڻ ڪان پوءِ، لاهور ۾، نمبر (١٣) موجب سنڌ مان انڊس لشڪر جي روانگي مهل ميرن کي پيش ڪئي وئي. جنهن جو فارسي متن ٿورن نقصن سان پير حسام الدين راشدي جي ڪتبخاني ۾ موجود هو، هي ان تان ئي نقل ٿيل آهي.

”هي يادداشت جناب گورنر جنرل راج رنجيت سنگهه ۽ شاهه شجاع جي معاهدي بابت مير نور محمد خان ۽ نصير محمد خانْ جي ڌيان تي آندي وڃي ٿي ته انهي معاهدي موجب شاهه شجاع کي لشڪر ۽ ٻيو خرچ انگريز سرڪار پاران ڏنو اهو نبيرو ڪيو ويو هو ته شاهه شجاع بهاولپور ۽ شڪارپور جي رستي افغانستان ويندو. ٻئي پاسي راجا رنجيت سنگهه طرفان اهو لشڪر شاهه شجاع جي وڏي شهزادي سان پشاور ڪان ڪابل اُماڻڻ جي رٿا ڪيل هئي، اهي ٻئي فوجون فيصلي مطابق شوال مهيني جي شروعات ۾ بکر ۽ ان جي آس پاس وٽ گڏجي پوءِ

(١) هن معاهدي تي ڪابه تاريخ لکيل ناهي، پر ظاهر آه آهي اهو مير مراد علي خان ڪانپوءِ مير نورمحمد خان ۽ نصير محمد خان سان طي ٿي هو، جيڪو ١٢٤٩هه ڪان ١٢٥٥هه تائين رهيو، اردو ۾ غلطي ڪان نصير محمد خان جو نالو نظر محمد آيل هو. — حبيبي

شڪارپور مان قنڌار ڏانهن روانيون ٿينديون.

جناب گورنر جنرل ان بابت ميرن جي دوستي جي اعتماد موجب اها اميد رکي ٿو ته ان لاءِ مدد طور هرڪا مهرباني ڪئي ويندي، جيئن درياهي ۽ بري سفر آساني سان طي ٿي وڃي. کاڌ خوراڪ جو جيڪو خرچ ٿيو سو واجبي حساب موجب انگريز سرڪار ادا ڪري ڇڏيندي.

گورنر جنرل صاحب کي ڀرپور اميد آهي ته مير صاحب پاڻ ڏسندا ته انهي خرچ پکي مان ڪين ڪيترو فائدو ٿو پهچي، يعني انهي طريقي سان ڪابل طرفان سنڌ تي جيڪا ساليانى ڍل مڙهيل هئي ۽ شڪارپور تي پڻ ڪابل جو قبضو رهندو ٿي آيو سو رفع دفع ٿي ويندو.

گورنر جنرل کي خبر آهي ته مير صاحب اسان (انگريزن) جا دوست آهن تنهنڪري انهي نفعي کي خوشي سان قبول ڪندي اسان سان هر قسم جي مدد ڪندا رهندا. انگريز سرڪار به اها مدد ڪئي هئي ته پنهنجي وچ ۾ پوڻ سان راجا رنجيت سنگهه کي سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ کان روڪيو هيائين، هاڻ به اهو خيال ضرور رکندا ته اهو ڪم سنڌن لاءِ نهايت فائديمند ٿيندو (ته انگريزن ۽ رنجيت سنگهه جي لشڪر کي سيئي سهولتون ڏئي سنڌ مان افغانستان ڪاهي وڃڻ ۾ ڪامياب ڪندا) انهي ڪم ۾ ڪنهن به ڪاهلي کان ڪم نه ورتو ويندو نه وري ڪا رڪاوٽ پيدا ڪئي ويندي، اهڙي عرض تي بهاولپور جي نواب پڻ ها ڪئي آهي جنهن جا انگريز سرڪار سان گڏ شاهه شجاع تي ٿورا ڳڻيا ويندا. ان ڪري جو انهي نواب انگريزن جي چوڻ تي اهو سونوسر تي ڪنيو هو ۽ اهڙو اطلاع پوج واري قلعي کان ڪپتان ميڪس کي پهتو هو ته نواب صاحب ان بابت انگريز سرڪار جي مدد لاءِ قبولدار ٿيو آهي.

اسان اهو تصور ڪري نٿا سگهون ته مير صاحب انهي ڪم جي بندوبست وغيره بابت ڪابه سستي ڏيکاريندا. انهيءَ لاءِ لازمي آهي ته اسان کي خبردار ڪندو رهجي، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه جي ڪري مير صاحبن کي انگريز سرڪار جي ادائگي کان ڪوبه انڪار هجي ته ان ۾ ڪين اها اميد نه رکڻ کپي ته آئندي هن باري ۾ ڪنهن تدارڪ جي ڪابه ذميداري انگريز سرڪار تي هوندي.

هن حالت ۾ اوهان کي صلاح ٿي ڏجي ته پنهنجي وت ۽ وس آهر سوچي سمجهي آئندي جو انتظام ڪريو. مير صاحبن کي چڱيءَ طرح معلوم هئڻ گهرجي ته جيڪي ڳالهيون لکيون ويون اهن انهن ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ٿيندي نه وري انهن ۾

سڏاري جي ڪا ضرورت پيش ايندي. جيڪڏهن ان هوندي بہ انهن جي پورائي ۾ ڪا دير مدار ڪرڻ ۾ آئي تہ ان کي نابري سمجهيو ويندو ۽ ان جي اپاءُ لاءِ فوجن کي گهرائڻو پوندو جيڪي بينگال ۽ بمبئي ۾ موجود آهن، جيڪي پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريندين.

هندستان جو گورنر جنرل ميرن جي خيرخواهي کي ڌيان ۾ رکندي ڪين نهايت خلوص سان خبردار ٿو ڪري تہ اوهان کي ڪپي تہ دوستي جي واڌاري لاءِ جيڪا بنهي ڌرين جي وچ ۾ آهي، پنهنجي خواهش جو اظهار ڪريو. گورنر جنرل کي بہ آسرو آهي تہ مير صاحب انگريز سرڪار جي هر ڳالهہ جو پورو خيال رکندا ۽ پنهنجي خيرخواهي، خوشدلي جو ثبوت ڏيندي، سڀني ڳالهيون قبوليت ۾ آڻيندا. هن باري ۾ گورنر جنرل جي مرضي جو بہ خيال رکندا جيڪا هن اوهان جي اڳ پوءِ لاءِ ظاهر ڪئي آهي.

## خاص ياد دهاني:

هن کان اڳ واري معاهدي ۾ سنڌونديءَ رستي جنگي هٿيارن نہ آڻڻ جو فيصلو ڪيل هو جيڪو هاڻ ملتوي ڪجي ٿو. جيڪڏهن هن يادداشت ۾ ڪو شڪ شبهو هجي تہ ان جي سمجهائڻ ۽ جواب ڏيڻ جو انتظام ٿيندو ليڪن مير صاحبن کي تاڪيد سان اطلاع ڏجي ٿو تہ شاهي فوج ۽ شاهہ شجاع جي فوج پندرهن ڏينهن جي عرصي اندر لڏياني کان روانيون ٿي هُتي پهچي وينديون."

هنن معاهدن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ معاملن پڙهڻ کان پوءِ هرڪنهن کي انگريزن پاران ڏنل دڙڪي داب واري انداز جو پتو پئجي ويو. هاڻي هي خط بہ پڙهڻ وٽان آهي جيڪو ان سال اڳ لارڊبيننٽڪ پاران مير مراد علي خان کي لکيو ويو هو:

## مير مراد علي خان جي نالي لاربيننٽڪ جو خط:

مير صاحب دوستن جو تمام گهڻو مهربان نظام الملڪ، امير الدولہ شاهہ مراد علي خان بهادر ٽالپور سلمہ الله تعاليٰ! اوهان جي خدمت ۾ خوشي ۽ شادماني جا اسباب موجود هجن شال. انهي محبت ڀري راءِ کان پوءِ، لکجي ٿو تہ اوهان جي مهمان نوازي ۽ پاسداري جيڪا اوهان ڪرنل صاحب لاءِ ڪئي تنهن مان اها حقيقت ظاهر ٿي تہ اوهان پوري خلوص ۽ محبت سان پنهنجي دوستي ۽ اتحاد جو ثبوت فراهم ڪيو آهي.

اوهان جي انهن نيڪين ۽ مهربانين جو ڪرنل صاحب تي ڪافي اثر پيو ۽ ڪيس پورو اعتماد ۽ اطمينان ٿيو تہ اوهان واقعي وڏين خوبين وارا ۽ خوش اخلاق آهيو. اوهان جي اڳين خطن ۽ روبرو بيان ڪيل زباني ڳالهين کان پوءِ پڪيءَ طرح بنهي حڪومتن جي ڪاروبار توڙي لڳ لاڳاپن جي جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي تنهن کان صاحب موصوف ڏاڍو خوش ٿيو. اوهان مهربانن جي جيڪا مرضي ۽ جيڪو مقصد هو، اهو چڱيءَ طرح پڌرو ٿي چڪو. هاڻي سڀڪجهہ پوري تفصيل سان ڪرنل صاحب وٽ بناڪنهن گهٽ وڌائي جي پيش ڪرڻ ۾ ايندو. ڪرنل صاحب دوستي درحق جيڪي قدم کڻندو تن بابت اوهان پورو يقين ۽ اعتماد ڪندا ۽ اوهان جون پيش ڪيل تجويزون يا لکتون بہ دوستي جي بنياد جو باعث ٿي رهنديون.

مهربان سائين! ڪرنل صاحب دوستي جو هٿ ڏگهيڙيندي اظهار فرمايو آهي تہ: ڪي خودغرض ۽ گلاخور هروڀرو سنڌ جي رهاڪن لاءِ شڪ ۽ وهم پيدا ڪري رهيا آهن تہ انگريز سرڪار شڪارپور ۽ ٻين علائقن ۾ لالچ واريون اکيون وڌيون آهن ۽ اوهان جي خاندان جي عزت ۽ مان کي گهٽائڻ ٿا گهرن- اهي ئي ماڻهو ڪرنل صاحب جي اچڻ مان بدگمانيون پيدا ڪري رهيا آهن. ليڪن اسان کي اوهان جي عقل فهم مصلحت دوانديشي تي پورو ڀروسو آهي تہ اوهان اهڙي قسم جي اجاين سجاين ۽ ڪوڙين ڳالهين تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندا. اوهان جي دلجاءِ ۽ خاطري لاءِ پڌرو ڪجي ٿو تہ اسان جي دل ۾ اهڙي ڪابہ اوکي ڳالهہ ڪانهي جنهن لاءِ ڪو وهم گمان ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن اوهان کي ڪو اهڙو خدشو محسوس ٿئي تہ ان کي ذهن تان لاهي ڇڏيندا ۽ جيڪي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، تن کي بہ فهمائش ڪري سندن بدگمانيون دور ڪندا.

هن طرف کان نهايت صاف دلي سان اهو اقرار ڪجي ٿو تہ سنڌ جي ميرن جو قبضو، قيام ۽ هر نموني جو دخل پنهنجي علائقن تي قائم دائم رهندو ۽ انگريز سرڪار اوهان جو هر طرح خيال ۽ لحاظ پئي رکنديجنهن ۾ ڪوبہ فرق واقع ٿي نہ سگهندو.

مهربان سائين!

هن حقيقت حال موجب اهي ڳالهيون جيڪي ڪرنل صاحب حيدرآباد مان موڪليون آهن، مهاراجا رنجيت سنگهہ لاهور جي حڪمران جي ڌيان تي آنديون ويون هيون، ۽ هتي پيش ڪجن ٿيون، جيڪي معلوم ڪري اوهان کي دلجاءِ ٿيندي

انگريزن جي قلعي ۾ داخل ٿيڻ جي ٽئين ڏينهن تي مير محمد خان کي قيد ڪيو ويو ۽ ان جي ٻئي ڏينهن مير صوبدار خان کي قلعي مان ٻاهر آندو ويو، اهو به ساڳئي نموني قيد ٿيو. ان کان پوءِ مير فتح علي خان ۽ مير محمد علي خان (صوبدار خان جا پٽ)، مير حسن علي خان ۽ مير عباس علي خان (منهنجا پٽ) به قلعي مان ڪڍي ٻاهر آندا ويا، جتي آءٌ هيس. خاص ڪري منهنجي پٽن کي ته اهڙي ذليل حالت ۾ آندو ويو جو انهن کي نه پٽا ٻڌل هئا نه تراريون چيلهه ۾ ٻڌل هيون ۽ سونن سنجن وارا گهوڙا جن تي هو چڙهي آيا هئا، اهي به کائن کسيا ويا. جيتوڻيڪ هنن نوجوانن انهن جي واپسي لاءِ وس ڪيا هئا، تڏهن به اهي واپس نه ڪيا ويا. سمورو سون ۽ قيمتي سامان پيتين ۾ بند ڪري بمبئي موڪليو ويو. هي ڏاڙو جيڪو قلعي تي هنيو ويو لڳ ڀڳ ارڙهن ڪروڙن جي ماليت جو هو.

مصيبتن جي انتها جا تفصيل بيان ڪرڻ بيڪار آهن، اسان جا گلم غاليچا، چادرون ۽ پائڻ جا سڀ ڪپڙا کڻي ويا، انگريز صاحبلوڪن اسان کي انهن ڪتابن کان به نرهه (محروم) ڪري ڇڏيو، جيڪي اسان پنهنجي وندر لاءِ پاڻ وٽ رکيا هئا، بس جيڪي اسان جي مقدر ۾ لکيل هو سو ٿي ٿيو.

آءٌ لارڊ ايلن برو جي شڪايت نٿو ڪريان نه وري چارلس نيپئر يا ڪنهن ٻئي انگريز حاڪم کان مون کي ڪا شڪايت آهي ڇاڪاڻ ته منهنجي قسمت ئي اهڙي هئي. اهو منهنجي مقدر ۾ لکيل هو ته جن کي مون دوست بڻايو اهيئي ويري ٿي پيا.

سائين کي سارا هه جڳائي آءٌ هي بيان اجايو اينگهائيندو رهان تنهن کان ائين چوڻ ڪافي ٿيندو ته ٻهريان اسان کي قيديءَ جي حيثيت ۾ بمبئي آماڻيو ويو اتان سامر جتان فقط مير شهداد خان کي اڪيلو سورت موڪليو ويو. هڪ سال گذرڻ بعد اسان کي به ڪلڪتي آندو ويو. حيرت جي ڳالهه آهي جو بمبئي جي گورنر کان سواءِ ٻئي ڪنهن سرڪاري ماڻهو اهو نه پڇيو آهي ته اسين ڪير آهيون، ۽ اسان ڪهڙو قصور ڪيو آهي، جو هن انجام جا مستحق ٿيا آهيون."

*

بي ريا سمسين لڪين، ڪعبي وچن حاجت پنڌ سي اتقياء،
ڪعبو وچي تن ڏي هلي، جي ريءِ خمر ٽيا هن ڪيا.

حسن هادي جو پسي، هر حال ڪين پائين ليا،
مستن ڏنو محبوب کي، پنهنجي ڏيل ۾ ٻاري ڏيا.

سامي سدا آهن سير ۾، ڪر ناٿ ريءِ نه آراميا،
لنگهي دوارڪا، ڪاشي هليا، جوڳي جو ڏورن جمنا ڳيا.

ترڪ ڪيائون ترڪ کي، جسمون مري جوڳي جيا،
ڪيرنار ڪان گنگا هلي، هنگلاج ڪان پورب پيا.

صفت ڪان جي صاف ٿيا، اٿن من ۾ مندا،
بيراڳ ۾ بيراڳيا، در من پسي ديوانه ٿيا.

مشاهدي ۾ محو ٿيا، خمار ۾ مخموريا،
اصغر عاشق آهن اهي، جن ساهه ساجن سان سِيا. (١)

(١) ڪتاب "اصغر سائين جو ڪلام"، جمعيت علماء سڪندريه درگاهه پير جو ڳوٺ، ص ٢٢ کان ٢٧. - مترجم

## (۵۸)

## سر هينري بارٽل ايبورڊ فريئر (۱۸۱۵ - ۱۸۸۴ع):
## Sir Henry Bartle Edward Frere

هيءُ ايبورڊ فريئر جو ڇهون نمبر پٽ هو. ۲۹ مارچ ۱۸۱۵ع ڌاري ڄيدا ٿيو، باٿ ۽ هيلي بري ۾ تعليم ورتائين. ۱۸۳۴ع ۾ هندستان جو سفر ڪيائين، جنهن دوران قاهره، مڪو، جدو ۽ بمبئي گهميو. ڪيئي سال ماليات جي ڪمشنر جو معاون رهيو. ۱۸۴۲ع ۾ بمبئي جي گورنر سرجي آرٿر جو سيڪريٽري ٿيو. ۱۸۴۶ع ۾ رياست سترهه جو ناظم اعليٰ مقرر ٿيو. جڏهن اها رياست هندستان جي حڪومت ۾ آئي، ته ۱۸۴۸ع - ۱۸۴۹ع ۾ هيءُ ان جو حاڪم ٿيو. تنهن کان پوءِ ۱۸۵۰- ۱۸۵۹ع تائين سنڌ جو ڪمشنر رهيو. هن علائقي کي وڏي ترقيءَ تي رسايائين. ڪراچي کي وڌائي، حڪومت جي ادارن جي تنظيم ڪيائين. سندس ڪوشش سان سرحدي ۽ قبائلي قبيلا حڪومت سان نهي ويا.

۱۸۵۹ع ۾ ڪيس ۱۸۵۷ع ۾يري سنڌ جي قبيلن کي وڳوڙ پکيڙڻ کان روڪي، هتي امن امان جي فضا کي بحال رکڻ جي صلي ۾ K.C.B. جو لقب مليو.

۱۸۵۹ع کان ۱۸۶۲ع تائين گورنر جنرل جي ڪائونسل جو ميمبر رهيو ۽ مالي معاملات جي سڌاري ۾ وڏو بهرو ورتائين. تنهن کان سواءِ قانوني مجلس جو بنياد وڌائين. ان کانپوءِ کيس بمبئي جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن ڪيئي تعليمي ادارا کولرايا ۽ ريلوي شروع ڪرايائين. تنهن کان سواءِ زنانہ اسڪولن، ميونسپالٽين ۽ ٻين سڌارن ڏانهن ڌيان ڏيندو رهيو، جنهن ڪري ملڪ ۾ هن جو هر هنڌ مان وڌيو ۽ هرڪو سندس ساراهه ڪرڻ لڳو.

انگلنڊ جي حڪومت جي رضا موجب ۱۸۸۰ع ۾ هتان واپس اوڏانهين هليو ويو، جتي ۲۹- مئي ۱۸۸۴ع ۾ وفات ڪيائين. کيس سينٽ پال جي ڪليسا ۾ دفنايو ويو.

سيٺ نائون مل لکي ٿو:

"سر بارٽل فريئر سنڌ جو چيف ڪمشنر ٿي آيو. منھنجي خيال ۾ اھو خدا جو خاص ڪرم ھو، جو ھن پنھنجي پيل صوبي جي قسمت جي واڳ سنڀالڻ لاءِ فريئر جھڙي باڪمال ماڻھوءَ کي چونڊيو ويو. ھن جي خوش اخلاقي ۽ مروت سڀني ماڻھن کي جڻ موھي ڇڏيو. ھيءُ ھردلعزيز ھو ۽ عرضدارن جي ھميشہ ھمت افزائي ڪندو رھيو. ھندو، مسلمان، غريب، شاھوڪار، ننڍا وڏا سڀ ھن تي فدا ھوندا ھئا. سڀ ڪنھن جي وات اھا وائي ھوندي ھئي تہ ھن جھڙو صاحب لوڪ ڪنھن نہ ڏٺو(١)."

سنڌ ۾ رھڻ واري عرصي دوران فريئر جو وڏي ۾ وڏو احسان سنڌين تي اھو ٿيو، جو ھن پنھنجي سڄاڻ ساٿيارين ايلس، گبس ۽ گولڊ سمڊ جي سھڪار سان سنڌي ٻوليءَ کي سنڌريل صورت ۾ آڻي تعليمي ادارن ۾ رائج ڪرايو. ھن ان کان بہ وڌيڪ اھو سھڻو قدم کنيو جو غير سنڌي سرڪاري عملدارن کي سنڌي سکڻ لاءِ زور ڀريائين، جنھن بابت ھن پڌرنامو جاري ڪيو، جيڪو ھن ڪتاب ۾ سندس فوٽو سان گڏ ھڪ يادگار تاريخي ڪارنامي جي صورت ۾ شامل ڪيو ويو آھي.

**گولڊ سمڊ:**

١٨٥٣ع ۾ جڏھن سربارٽل فريئر جي ڪوشش سان سنڌي- عربي الف- ب وجود ۾ آئي تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول قائم ڪيا ويا. تڏھن ميجر گولڊسمڊ ھن ڪم ۾ حد کان زياده دلچسپي ورتي. ھن سلسلي ۾ جڏھن ڪراچي جي ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊي ١٨٤٦ع ۽ حيدرآباد جي ڪليڪٽر مسٽر اينٽورن ١٨٤٥ع ڏاري ھاءِ اسڪولن جو بنياد رکيو، تڏھن شڪارپور ۾ ھن صاحب ھڪ ثانوي مڊل اسڪول شروع ڪيو، جنھن کي ١-مارچ ١٨٧٣ع ۾ گورنمينٽ ھاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو.

ميجر گولڊ سمڊ جي علمي ادبي ڪارنامن مان آٿرام جي زندگيءَ جو احوال، ميمائرس آف شڪارپور، سنڌي گرامر، سسئي پنھون جا بيت وغيره آھن(٢).

*

---

(١) يادگيريون سيٺ ناٿون مل، سنڌي ادبي بورڊ.

(٢) مضمون مرزا ڪاظم رضا بيگ (قلمي صورت ۾).

## (٥٩)

## جنرل جيڪب (١٨١٢-١٨٥٨ع):

جان جيڪب John Jacob ١١- جنوري ١٨١٢ع ۾ ڄائو. تعليم پوري ڪرڻ ڪان پوءِ بمبئي ويو، جتي ١٨٢٨ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي توبخاني واري لشڪر جي دستي ۾ شامل ٿيو. افغانستان جي پهرين جنگ دوران ١٨٣٨ع ڌاري سنڌ ۾ سرجان ڪين جي انڊس لشڪر جو رڪن هو. ١٨٣٩ع ۾ ڪڇي واري لشڪر سان هو. ١٨٤١ع ۾ جنرل آؤٽرام طرفان سنڌ ۾ غير منظم سوارن جي اڳواڻي ڪيائين ۽ اولهه ڪڇي ۾ سياسي نمائندگي ڪندو رهيو.

١٧- فيبروري ١٨٤٣ع ۾ شهدادپور ۽ عمرڪوٽ جي ميدان ۾ بهادري جا جوهر ڏيکاريائين. ١٨٤٧ع ۾ ڪيس اپر سنڌ جو منتظم مقرر ڪيو ويو. ڪيس C.B جو لقب مليل هو. ١٨٥٠ع ۾ سنڌ جي ڪوهستانيءَ قبائلين سان چڪريون ڏنائين. ١٨٥١ع ۾ جيڪب آباد شهر، جيڪو اڳ خان ڳڙهه جي نالي سان هو، پنهنجي نالي آباد ڪيائين.

١٨٥٤ع ڌاري قلات جي خان سان هڪ معاهدو ڪيائين. ١٨٥٦ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر ٿيو. ١٨٥٧ع ۾ هيءُ ڪرنل جي عهدي تي رسيو ۽ سندس خدمتون انگلستان جي ملڪه جي حوالي ٿيون. ايران جي جنگ ۾ انگريزي لشڪر جي سوار دستن جي قيادت ڪيائين. ٥-ڊسمبر ١٨٥٨ع تي دماغي بيماريءَ سبب فوت ٿيو.

هيءُ پنهنجي فوجي توڙي انتظامي ڪارڪردگيءَ ۾ هوشيار هو. سنڌ ۾ انگريزي فوج کي سگهارو ڪيائين. سنڌ جي مسئلن ۽ جنرل آؤٽرام بابت هڪ ڪتاب پڻ لکيو هئائين. (بايوگرافي هند، ٢١٩).

*

## (٦٠)
## اسماعيل شاهہ ۽ ڪاظم علي شاهہ:

هنن جو خاندان طب جي علم ۽ سنڌ جي سياست ۾ وڏي شهرت وارو هو. انهيءَ خاندان مان ڪيئي اديب، طبيب ۽ سياستدان پيدا ٿيا، جن مان اسماعيل شاهہ سنڌ جي سفير، سيد ڪاظم علي شاهہ سفير ۽ حاڪم شاهہ، سيد ابراهيم ۽ سيد تقي جو ذڪر هن ڪتاب ۾ آيل آهي. هن خاندان جو وڏو سيد عبدالهادي اصفهاني سيدن مان هو، جيڪو ٧-شوال ١١٥٠هہ/١٧٣٨ع ۾ اصفهان مان هليو ۽ جڏهن نادر شاهہ مدراس تي چڙهائي ڪئي تہ هيءُ اتان جي راجا وٽ حڪيم ۽ طبيب جي حيثيت ۾ ترسيل هو. انهيءَ راجا جا سنڌ جي حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙي سان دوستاڻا ناتا هئا، ان ڪري هن عبدالهادي کي سندس علاج جي لاءِ سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليو، جتي عزت سان زندگي گذارڻ لڳو. ميان نور محمد کان پوءِ ان جو پٽ ميان غلام شاهہ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو تہ سيد عبدالهادي ستر ورهين جي ڄمار ۾ آچر ٢- شعبان ١١٩٣هہ ١٥-آگسٽ ١٧٧٩ع تي وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ هن جو پٽ ابراهيم شاهہ (ولادت ١١٥٥هہ اصفهان) پيءُ جي جاءِ والاري. هيءُ سياسي معاملن ۾ بہ هوشيار هو ۽ ڪيترا دفعا وڪيل (سفير) جي حيثيت ۾ ڪابل جي دربار ۾ ويو. سنڌ جي حڪومت جڏهن ٽالپورن جي هٿ آئي، ابراهيم شاهہ (متوفي لاڙڪاڻو جمعو ٢ ذوالقعد ١٢٢٢هہ) ١-جنوري ١٨٠٨ع ميرن جي دربار ۾ عزت آبرو سان رهيو. آغا اسماعيل شاهہ (سندس پٽ) خيرپور جي ميرن پاران ڪابل جي دربار ۾ وڪيل ٿي ويو ۽ ڪيترو وقت شڪارپور جو حاڪم رهيو.

آغا زين العابدين ۽ آغا تقي شاهہ پڻ هن خاندان مان نوابي جي منصب تي فائز رهيا. آغا ڪاظم علي شاهہ بہ جيئن هن ڪتاب ۾ بيان ٿي چڪو آهي، ڪرڙي واري جنگ ۾ شاهہ شجاع جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. حيدرآباد ۾ ٽنڊو آغا اسماعيل شاهہ انهيءَ خاندان جي نالي آباد آهي، جتي هن جا پويان رهن ٿا.

آغا اسماعيل شاھ هن ڪتاب جي مؤلف جو دوست هو، جنهن سان پاڻ ١٢٣١هه/١٨١٥ع ڌاري گڏجي پشاور ويو هو، جتي محمود شاھ ۽ وزير فتح خان موجود هئا. هنن جو اتي ميرن جي وڪيلن جي حيثيت ۾ وڃڻ ٿيو هو. انهيءَ سفر ۾ سيد اسماعيل شاھ لطيفي نالي ڪنجريءَ تي عاشق ٿي پيو ته ڪتاب جي مؤلف سندس پاران ڪنجريءَ کي خط لکي موڪليو، جيڪو هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

ان کان پوءِ جڏهن وزير فتح خان هرات جي مهم تي ويو ته سيد اسماعيل شاھ وڪيل (سفير) جي حيثيت ۾ حيدرآباد جي ميرن پاران ۽ حاجي شير محمد خان (مؤلف جو مامو) خيرپور جي ميرن جي سفارت سان هرات ويا. وزير فتح خان جو هن تي ايڏو اعتماد هو، جو پاڻ جڏهن ايران جي لشڪر سان منهن ڏيڻ لاءِ وڃڻ لڳو ته هرات جي قلعي جون ڪنجيون سندن حوالي ڪري ويو. جڏهن وزير فتح خان واپس آيو ته هن کيس امانت. باسلامت ورائي ڏني. انين هنن جي طفيل هرات جو شهر ترڪمانن جي لٽ ڦر کان بچي ويو. اهي واقعا ١٢٣٤هه/ ١٨١٨-١٩.١ع ۾ ٿي گذريا.

جڏهن وزير فتح خان قيد ٿي ويو ۽ کيس اکين کان انڌو ڪيو ويو ته اسماعيل شاھ هرات کان سنڌ اچي سنڌ جي دربار ۾ پهتو ۽ حڪومت جي ڪاروبار ۾ لڳي ويو. ان کان پوءِ پتو پوي ٿو ته هيءُ حيدرآبادي ميرن مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان پاران سفير جي حيثيت ۾ بمبئي جي گورنر وٽ ويو ۽ اتي ٩ نومبر ١٨٢٠ع وارو معاهدو ايلفنسٽن سان طئه ڪيو هئائين. (ڏسو تعليق نمبر ٥٦- معاهدو ٣). پڇاڙيءَ ۾ اسماعيل شاھ لاڙڪاڻي ۾ ڪار مختار هو. ١٢٤٩هه/١٨٣٤-١٨٣٣ع ۾ جڏهن شاھ شجاع قندار مان شڪست کائي سنڌ جي ڪنڌ تي اچي ڪڙڪيو ته هيءُ لاڙڪاڻي ۾ ساڻس گڏيو. ان کان پوءِ گمان آهي ته اسماعيل شاھ ١٢٥٠هه/١٨٣٤ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

ميسن پنهنجي سفر جي روداد ۾ سيد اسماعيل شاھ بابت لکي ٿو ته، "هيءُ اهل تشيعت جي سادات سان تعلق رکي ٿو، جي اصل شيرازي هئا. پاڻ حيدرآباد جي پر ۾ رهن ٿا. مير علي مراد خان ۽ ان جي پٽن سان ان جو گهڻو واسطو آهي. انهن جي پاران هميشه هن کي سفارت ۽ نمائندگي جا ڪم سونپيا وڃن ٿا. هيءُ وزير فتح خان جي دربار ۾ ويو ۽ بمبئي پڻ کيس موڪليو هئائون.

نهايت هوشيار ماڻهو هو. جڏهن بمبئي ۾ رهائش هيس ته اتي وڏي ننڍ نانگر سان پئي گذاريائين. کيس پنج هزار رپيا ماهوار ملندا هئا. هي ڏاڍو چالاڪ هو. بمبئي ۾ ڪوشش ڪندو رهيو ته اتان هڪ وفد سنڌ ڏانهن وڃي. جڏهن سندس خواهش مطابق هنڪي سمٿ Hankey Smith کي وفد جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ سنڌ اماڻيو ويو ته ان کي ننڍي رهايو ويو هو. اسماعيل شاهه (ڦڙتي ڪائي) حيدرآباد جي ميرن کي پڙڪائڻ لڳو ته فرنگي ڏاڍا مغرور آهن. هنن کي بچڙو ڪرڻ کپي ۽ ننڍي ۾ جيڪو برطانوي سلطنت جو جهنڊو پيو ڦڙڪي، تنهن کي لاهي ڌوڙ ۾ اڇلايو وڃي. ميرن هن جي اها ڳالهه نه قبولي ۽ چيائون ته جيڪڏهن اهو ڪم ڪرڻ ۾ آيو ته انگريزن جو وفد واپس هليو ويندو.

اسماعيل شاهه جيئن ته ميرن تي وڏو اثر رکندڙ هو، ان ڪري هنن مجبور ٿي ولي محمد خان لغاري کي بلوچ سوارن سان ننڍي ڏانهن ڏياري موڪليو، جن برطانيا جو جهنڊو لاهي هيٺ اڇلايو ۽ وفد جي ڪيترن ماڻهن کي ماري ڇڏيائون. سيد اسماعيل شاهه انگريزن کي چوڻ لڳو، "اهو ڪم جهنگ جي وحشي قومن ۾ ڏاڙيلن ڪيو آهي، ميرن جو ان سان ڪوبه واسطو ناهي". انهيءَ نموني هڪ طرف پاڻ کي وفد جو نگهبان ثابت ڪيائين ته ٻئي پاسي ميرن سان سرخرو ٿيو ته اهو ڪم وڏي چالاڪيءَ سان ڪري کيپ ڪتي ورتائين!"

ميسن پنهنجي سفر ١٨٣٠ع دوران اسماعيل شاهه جي پٽ مير ڪاظم علي جو به ذڪر ڪري ٿو، جيڪو تڏهن شڪارپور جو حاڪم هو. سندس چوڻ موجب "سيد ڪاظم علي شاهه جاڳڻ(١) تائين اسان جي قافلي سان گڏ هو ۽ اسان جي ڏاڍي پرگهور لهندو رهيو. هن اسان ڪان نهايت نرمي ۽ انصاف سان محصول وصول ڪيو.(٢)" ڪتاب جو مؤلف جيتوڻيڪ هن خاندان جو دوست هو تڏهن به اهو اظهار ڪندو رهيو ته اسماعيل شاهه وڏو بخيل هو. ڊاڪٽر برنس جڏهن سنڌ جي دربار ۾ آيو ته ان بابت احوال لکيائين. سندس لکڻ موجب، حيدرآباد جي ميرن جو اسماعيل شاهه وارن تي مڪمل اعتماد ڪونه هو. اسماعيل شاهه جي ميرن جي وڏي وزير نواب ولي محمد خان لغاري سان رقابت هئي. ٻئي سنڌ جي حڪومت ۾ طبيب، شاعر ۽ مؤلف هئا، پر سندن سيرت هڪ ٻئي کان مختلف هئي.

(١) جاڳڻ- همايون (ضلعي شڪارپور) جي اولاهين پاسي آهي.

(٢) روداد سفر ميسن، ص ٤٦٤-٣٥٢. ج (١) انگريزي.

چگو ماڻهو هو. فرائض منصبي خوش اسلوبي سان ادا ٿي ڪيائين. شاهه شجاع، جنهن کي مير مراد علي شڪارپور ۾ مهمان ڪرائي رهايو هو، مير صاحب جي وفات جو ٻڌي سيد ڪاظم علي شاهه کي شڪارپور مان لوڏي پاڻ حاڪم ٿي وينو. سيد ڪاظم علي شاهه، ڪرڙيءَ واري جنگ ۾ گولي شاهه سان گڏ، شاهه شجاع جي لشڪر هٿان شهيد ٿي ويو.

ڪاظم علي شاهه فارسي جو بهترين شاعر هو. سنڌ جيءادبي تاريخن توڙي فارسي تذڪرن ۾ سندس نالو نمايان نظر اچي ٿو. شڪارپور جي نامياري شاعر آخوند صاحبڏني سان هن جا گهرا ناتا هئا. شڪارپور جي تعريف ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

"شڪارپور عجب جا خوب رويان الست
مقام و منزل و ماواي عندليبان است
نہ موسم گل و فصل بهار باشد ليڪ
بهرطرف ڪ نظر مي ڪنم گلستان است پرست."

## سيد زين العابدين شاهه:

هيءُ سيد ڪاظم علي شاهه جو پاٽ هو. ڪيس ١٨٣٣ع ۾ ٽالپورن پاران شڪارپور جو نائب ڪري رکيو ويو. هيءُ بہ فارسيءَ جو شاعر هو. سندس شعر ۾ نازڪ خيالي ۽ رواني موجود آهي. تخلص "عابد" هيس. هيءُ شعر سندس ئي آهن.

"درتبسم بمن آن يارد ميد افسون را
برد از غمزه يڪبار دل محزون را
خواستم عرض دل زار نمايم با يار
ڪم نمودم چوبديدم رخ اوهغون را"

سيد زين العابدين شاهه کان پوءِ سيد ابراهيم شاهه شڪارپور ۾ نائب ٿي آيو، جيڪو پڻ هنن جو پاٽ هو. (١)

(١) ٽالپورن جي مختصر تاريخ مولائي شيدائي. سنڌالاجي پاران شايع ڪرايل.
(٢) قديم سنڌ ٤٥١

## (٦١)

## ديوان گدومل:

هيءُ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ دوران احمد شاھ ابداليءَ جي دربار ۾ ڪيترو عرصو وڪيل (سفير) ٿي رهيو، سندس خاندان جي وڏي جو نالو اڏيومل شهواڻي هو.

(ديوان گدومل جي پيءُ جو نالو بيلومل ولد ڪتومل هو، سندن ڪهول مان، جسپت راءِ، دلپت راءِ ۽ ٻيا ناميارا ماڻهو مشهور ٿي گذريا آهن.

اڏيومل ميان آدم شاھ ڪلهوڙي جي دور ۾ حاجي پور مان سکر ۾ آيو ۽ شڪارپور ۾ واپار ڪرڻ لڳو. هي وڏو شاهوڪار هو ۽ حيدرآباد جي دربار تائين سندس رسائي هوندي هئي، هن جو پوٽو گدومل صلاحڪار طور دربار ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي صلاحيت جي ڪري وڏي درجي تي رسيو. (ڏسو تعليق ٣) جڏهن احمد شاھ ابدالي سنڌ ۾ آيو، تہ هن ڪلهوڙن پاران وٽس پهچي چڱو پاڻ موڪيو. ٽنڊو گدومل سندس آباد ڪيل آهي، حيدرآباد ۾ گدواڻي خاندان سندس ئي نالي منسوب آهي. هن جا پويان ميرن جي زماني تائين انهن جي دربار ۽ سرڪاري ڪاروبار ۾ وڏو عمل دخل رکندا ٿي آيا. (قديم سنڌ، ص ٢٩٤).

**گدواڻي:** هي خاندان اصل "منچنديا" نُک مان هو، سندن وڏو ڏاڏو اڏيومل شهواڻي ڄاڻايل آهي، جو پنجاب جي هڪ وستيءَ سيتور جو وينل هو، سنڌ ۾ هي ميان آدم شاھ ڪلهوڙي وٽ اچي نوڪريءَ سان لڳو، سندس شادي شڪارپور مان ٿي هئي، اڏني مل جو اولاد اجواڻي، ياوناڻي، جڳتياڻي، ڪرنملاڻي (ڪرن) ۽ گدواڻي آهن ۽ اهي سڀ هڪ ٻي جا پاڻپي وارا ليکجن ٿا.

ديوان گدومل ديوان بيلي مل جو پٽ ڪتوملُ جو پوٽو چوئنترام جو پڙپوٽو ۽ اڏني مل شهواڻي جو تڙ پوٽو هو، گدومل کي پنهنجو اولاد ڪونہ هو، پر هي پنهنجي سڄي ڪٽنب ۾ اورچ ماڻهو هو ۽ دل وڏي هئس، پنهنجي سڄي ڪهول جي ننڍي وڏي کي پنهنجي ئي پيٽ ڄاڻو اولاد ڪري سمجهندو هو، ۽ هو بہ ساڻس عزت ۽ قرب جو اظهار ڪندي گدواڻي سڏائيندا هئا.

ديوان گدومل جي اورچائي بابت هن ڪتاب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي، هن جو لاڏاڻو ميرن جي دور حڪومت ۾ ٿيو هو. ("سنڌ جي هندن جي تاريخ". ڀيرومل حصو پهريون، ص ٢١٨)

---

# ڏسٽي -1

## (شخصيتن جا نالا)


**(الف)**

آدم شاهه ڪلهوڙو 374، 375، 563
آدينه بيگ 356
آزاد خان ڪشميري 379
آغا جان 264
آڪلينڊ لارڊ 471، 474، 473، 487، 488، 532، 535
آنند رام 337، 350
آئوٽرام جيمس، سر 156، 157، 169، 173، 188، 276، 279، 292، 391، 392، 474، 516، 557
ابراهيم خان افشار 335، 346، 348
ابراهيم خليل ٺٽوي 408
ابراهيم سيد 441
ابراهيم شاهه آغا 561
ابراهيم شاهه سيد 146، 281، 561
ابراهيم ڪلهوڙو 374
ابن بطوط 439، 442
ابوالحسن شاهه، سيد 10، 38
ابوالقاسم خان مرزا 72، 91
ابوالفيض خان 346
ابو الفتح مخدوم 443
اٽورن مسٽر، 556
اپر (انگريز عملدار) 198
احمد خان مرزا 69
احمد شاهه ابدالي (احمد خان) 1، 2، 19، 29، 133، 147، 306، 343، 346، 347، 351، 352، 353، 354، 355، 356، 357، 358، 359، 360، 361، 362، 364، 365، 366، 367، 368، 369، 373، 379، 383، 385، 419، 420، 427، 432، 563
احمد علي باشي 71
احمد شاهه غازي (سيد احمد شهيد بريلوي) 101، 102، 103، 104، 105، 106، 107، 108، 109، 164، 414، 448، 453، 454، 455، 456
احمد علي مولوي 106، 107
احمد يار خان ولد وزير وفادار خان 165
احمد يار خان 363
احمد خان 177
احمد خان مڱسي 288
احمد خان لغاري 125، 294، 307، 309، 407، 409، 410
احمد خان ٽالپر 299، 312
احمد يار ڪلهوڙو 362، 364
احمد شاهه بابا 352، 359، 365
احمد علي لاهوري مولانا 373
احمد علي خان مير 398
احمد خان سردار 401
احمد مجدد الف ثاني سرهندي شيخ 436
احمد شاهه سيد 441
احمد خان مرزا 446
احمد خان مير 462
اڏيومل شهواڻي 563
ارسطو 154

ارسلا خان 288

ارل جارج ايډن آکلينډ 471

اسحاق، خواجه 193

اسحاق شاه 561

اسد خان 36

اسماعيل خان پنيو (پټاڼ) 361، 362

اسماعيل سيد 456، 558

اسماعيل سيد 441

اسماعيل شاه دهلوي سيد 109

اسماعيل شاه سيد، آغا (مير) 15، 16، 17، 19، 23، 57، 126، 146، 407، 559، 560، 561

اسماعيل شاه مير 522

اسکندر خا باميزئي 210

اسکندر خاګواني 318

اسکونټ 301

اسټورټ 323

اسماعيل مولوي 415

اشرف علي باني مير 153

اصالت خان يوسف زئي 356

اصلا خان امير 380

اصغر شاه پير 454

اعتبار خان کهيري 176، 181

افضل خان اسحاق زئي 47

افضل خان مير 307

افغان رئيس خلجي 351

افغان غلزئي 353

افلاطون 114، 123، 154

اکبر خان وزير 153، 167، 168، 169، 189، 204، 219، 220، 221، 222، 223، 224، 225، 226، 227، 228، 232، 233، 234، 237، 238، 239، 240، 244، 245، 250، 252، 253، 254، 255، 256، 257، 263، 265، 266

اکبر سيد 441

اکبر شهنشاه 442

اکرم خان وزير (امين الملک باميزئي پوپلزئي) 3، 4، 403، 404، 405، 414

التاز خان مير 462

الف خان ترين 175، 300

الفنسټن 384، 404، 521، 559

الهداد خان نائب خيل 495

الهداد خان نواب 408

الهـ رکيو جوټيجو 281

الهيار خان 376

الهيار خان ابدالي 335

الياس کلهوړو 375

اليګزينډر برنس ډاکټر 149، 150، 151، 152، 154، 157، 158، 167، 171، 193، 203، 207، 208، 209، 210، 211، 246، 402، 407، 422، 464، 467، 473، 479، 485، 492، 508، 529، 546، 560

امام الدين حسيني مورخ 383، 411

امام بخش شيخ 395

امام بخش مير 398

امام حسين 441

امام قلي افشار 348

امان خان پوپلزئي 356

امداد علي لغاري 410

امير سنګهه 358

امر سنګهه سوډو 341

امير شاهه سيد 178
امير علي علياڻي، سردار 407
امير علي زهري 186
امين الملڪ، نواب 171
امين الله خان لوگري 208، 210، 211، 213، 214، 215، 216، 232، 234، 235، 237، 239، 240، 264
انپر (انگريز عملدار) 198
اندرسن 152، 161، 180، 193
اوڊ ڪرنل 169
اورنگزيب 371، 375، 376، 420، 462
اوليور ليجت 300
ايبٽ جنرل 166، 240
ايٽڪنس 191
ايڊورڊ بيڪ هائوس ايسٽوڪ 333
ايڊورڊ لاون، ارل ايلن برو 514
ايڊورڊ بارون ايلن برو 514
ايسٽوڪ 184، 518
ايسٽوڪ وليم 174
ايسٽوڪ جونيئر 174
ايلن برو لارڊ (هندوستان جو گورنر جنرل) 249، 254، 499، 500، 548
ايلن لارڊ 474
ايمل صاحب 174، 175، 176، 177، 178، 179، 181

(ب)

بابر 337
بارٽن لارڊ پرسيول 479
باغ علي خائف 340، 350
باقر شاهه 561
بتخاڪ عبدالشڪور 219
بجار خان ٽالپر 378، 386، 387، 388
بجار خان ڊومبڪي 157، 164، 174، 177، 178، 179، 308، 309، 314، 315
بخشي جانسن 212
بخشي صاحب بهادر 152، 168
بختيار لغاري 290، 294
بختيار خان 377
بچل آخوند 280
بدل خان 3
برائون، ڪپتان 178، 180، 182، 188، 392
برٽن لارڊ 191
برڪت خان غلزئي 264
بروس، ڪپتان 300، 301
برنس (ڏسو اليگزينڊر برنس)
برنس جونيئر 165
بريڊ (بروڊ) 198
بگو خان باميزئي (شاهه ولي خان) 352
بلبن سلطان 438
بلند خان سدوزئي 356
بلوچ خان 158
بلوچ خان اڇڪزئي 47
بلوچ خان ڊومبڪي 177
بليمور ميجر 178
بهادر خان ٽالپر 364
بهادر خان دائود پوٽو 153
بهادر خان کوکر 112، 121، 130، 137
بهادر خان کوکر 112، 121، 130، 137
بهارو شاهه 362
بهاول خان، نواب 153، 309
بهرام خان بروهي، مير 383

بهـرام خـان ٽـالپر، 299، 362، 364، 385، 385، 389، 398، 406
بهرام گور، 318، 319، 320
بهاءِ الدين زڪريا، شيخ 438، 439
بهاءِ الدين سيد 441
بودي خان ٽالپر، مير 290
بوغرا خان نورو زئي 373
بوهر خان 186، 187
بنٽي 198
بنزول 185
بنيـاد بيــگ هـزارو 24، 77، 78، 80، 81، 82
بيبرڪ بگٽي 177، 178
بيلو مل 563
بينٽڪ لارڊ 473


(ٻ)


ٻڌ سنگهه 103


(پ)


پاٽنجر هينري 469، 470، 531، 541
پاٽجر ڪروين 470
پاٽنجر ايـلڊرڊ 105، 225، 226، 268، 269، 333، 469، 523
پالمر، ڪرنل 228
پــالڪ جــنرل 229، 237، 238، 245، 247، 248، 249، 254، 476، 499
پانسن جي 198
پـائنده خـان سـردار 1، 21، 105، 379، 380، 381، 382، 429، 450
پردل خان سردار 21، 26، 27، 29، 33، 36، 71، 72، 85، 93
پرٽ، ڪپتان 165
پرنگل 395
پوٽ سٽ، جنرل 172
پوسـٽن ٿـامس 154، 157، 174، 178، 179، 184، 185
پولن 406
پير بخش نائب خيل 495
پيــر محمــد خــان ســردار 29، 31، 105، 106، 107
پيشواجي مرهٽو 506
پين صاحب 184


(ڀ)


ڀاڳل مائي 15
ڀائي خان ڪلهوڙو 360
ڀيرومل مهرچند 563


(ت)


تاج محمد خان بارڪزئي 37، 38، 71
ترڪ علي جڪراڻي 174، 177، 179
تقي خان بيگلر بيگي 346
تقي شاهه آغا 558، 561
تيمور شاهه ثاني، 1، 2، 19
تيمـور شــاهه 2، 29، 203، 365، 379، 383، 384، 385، 386، 388، 389، 401، 403، 419
تيمـور شــهزادو 36، 37، 38، 41، 42، 43، 56، 153، 168، 356، 359


(ٽ)


ٽاڊ ميجر (ڊي آر ڪي ايلٽ ٽاڊ) 160، 269، 488
ٽاپلر 169
ٽروپ 169
ٽنڊڻ مل، سيٺ 37، 48، 57، 59
ٽنور مل منشي 395

ٽوپڙ 342، 350
ٽيپو سلطان شهيد 476

(ٿ)

ٿامس پوسٽن (ڏسو پوسٽن)

(ٺ)

ٺارو ٽالپر، 389، 400

(ج)

جارج ڪلارڪ، لارڊ 395
جارج نيپئر ڪرنل 515
جان جيڪب، سر 324، 327، 557
جان ڪونولي ڪپتان 487
جان ڪين، سر، 156، 157
جان لارڊ 479
جان لارنس سر 480
جان محمد ٽالپر 290، 293، 400
جان ميڪنل سر، 488
جان ورڊ 150، 151
جاني بيگ مرزا 442
جاني جکراڻي 178، 179
جسپت راءِ 563
جعفر سيد 441
جعفر صادق امام 438، 441
جعفر خان (جوان شير) 380
جعفر شاهه 561
جلال خان ابڙو، وڏيرو 375
جلال خان لغاري، سردار 407
جلال خان مري 120
جمال خان 382
جمع خان بـارڪزئي 37، 38، 41، 42، 97، 98
جمع خان پوپلزئي 49
جمع خان دراني الڪوزئي 411
جمال خان رئيس بـارڪزئي حاجي 352، 379
جمال خان محمد زئي حاجي 427
جمال خان لغاري، سردار 407
جمال مجدد شيخ 439
جنگي خان (ڏسو زنگي خان)
جوان بخت مرزا 357
جوزف ويڊ ڪرنل 489
جهانداد خان 463
جهانداد خان باميزئي 5، 6، 89، 412
جهان خان سـردار پوپـلزئي 353، 356، 360
جهان خان مري 118، 119، 120، 124
جهان خان مير 112، 113
جهان شيخ، امير 376
جهـانگير شـــهزادو 29، 30، 32، 33، 71، 73، 413
جي اير سيد 16
جيسا سنگهه 358
جيمس برنس 467
جيمس رچرڊ 517
جيمن ڊف 515

(چ)

چامر چينو 374
چيٽ سنگهه 49
چيتا سنگهه 174
چيتمل ديـوان، 156، 157، 281، 282، 283، 284، 285، 286، 287، 288

(ڇ)

چارلس رابرٽ ڪريٽن 478

چارلس ميسون 428
چارلس نات 507
چارلس نيپئر، سر 276، 279، 280، 292، 294، 295، 299، 300، 314، 330، 392، 393، 394، 395، 474، 514، 515، 516، 517، 518، 536، 549
چاڪر خان بلوچ 385، 387، 406
چاڪر خان ٽالپر 389، 390
چترومل 49
چمن 285
چوئٿ رام 563

(ڇ)

ڇرت سنگهه 358

(ح)

حبيب الله خان امير 26
حبيب الله (سردار عظيم جو پٽ) 92، 93، 94، 450
حبيبي (افغاني) 8، 11، 20، 21، 22، 24، 25، 26، 28، 29، 35، 38، 39، 43، 50، 53، 55، 73، 74، 86، 88، 94، 104، 109، 132، 133، 137، 138، 143، 151، 153، 154، 175، 191، 206، 238، 262، 278، 279، 283، 285، 291، 338
حجاج بن يوسف 88
حاجي خان ڪاڪڙ 78، 86، 150، 160، 161، 171، 254
خداداد خان 350
حضرت محمد صلي الله عليه وسلم 373
حسام الدين راشدي، پير 408، 444، 532
حسن خان آغا 509
حسن سيد 441
حسن علي قاچار، شهزادو 413
حسن علي مرزا 432
حسن مير 462
حسن ناظر باشي، آقا 38
حسين خان لزگي 343
حسين شاه 336، 561
حسين علي مير 280، 290، 297، 551
حڪمت خان حافظ 282
حمزو خان ٽالپر 38، 49
حميد الدين سيد 453
حميد بخش 197
حيات خان مري 292

(خ)

خالد سيد 441
خالو خان الڪوزئي 60
خان محمد 298
خدا بخش حاجي 293
خداداد خراساني 497
خدا نظر خان 71، 81، 82، 84، 88، 92، 93
خدا يار خان، دراني باميزئي 281، 282
خدا يار خان (ميان نور محمد ڪلهوڙو) 344، 345
خدا يار خان (يار محمد) 377
خسرو مرزا 137
خلعت خان ميمندي 264
خواجه بيگ افشار 347
خواجه خضر 154
خوارزم شاهه 346
خوشي رام منشي 58

خير الدين شاهه 460، 461
خير الله خان 37، 42، 49

**(د)**

داد الله قاضي 420
دارسي 169
دائود خان مير 74، 78، 87
دائود سيد 441
دائود ڪلهوڙو، ميان 375، 462
دريا خان نظاماڻي 124
دريا خان جکراڻي 178
در محمد خان 328
دلاور خان (تميني) 38، 97، 98، 346
دليپ راءِ ديوان 38، 563
دلمراد کوسو 309
دودو خان مري 164، 178، 179، 180، 188
دوست علي مري 179، 188
دوست محمد (ٽالپرن جو خدمتگار) 292
دوست محمد خان امير 8، 19، 22، 26، 29، 30، 31، 32، 33، 34، 35، 37، 53، 92، 93، 134، 135، 136، 139، 150، 151، 161، 162، 167، 168، 169، 170، 188، 189، 190، 191، 192، 193، 194، 195، 196، 197، 198، 199، 200، 201، 202، 203، 205، 209، 219، 220، 232، 239، 250، 251، 252، 254، 255، 257، 258، 262، 263، 264، 273، 308، 379، 383، 389، 402، 413، 464، 465، 473، 480، 513
دوست محمد خان ابدالي زئي 73، 77
ڊون ڪپتان 179
دوندي خان 357
دهلول جالندري شيخ 369
دين محمد خان مري 180
دين محمد ڪلهوڙو، ميان 376

**(ڏ)**

ڏڳاڻو خان مري 120
ڏيان سنگهه راجا 256

**(ڊ)**

ڊبليو ڪاٽن سر 482
ڊل هائوسي لارڊ 395، 419
ڊيٽ ڪپتان 169
ڊيني ڪرنل (وليم هينري ڊيني) 192، 193، 498
ڊيوڊ پالڪ 499

**(ذ)**

ذوالفقار الدين 153
ذوالفقار خان ابدالي 335، 351
ذوقي رام منشي 395

**(ر)**

رابرٽ 334
رابرٽ سيل، جنرل 162، 169
رابرٽ وليم ايسٽوڪ 333
رابرٽ وليم جوزف ايسٽوڪ 333
رابرٽ ليچ 150، 151، 154، 350، 468
راڄو ليکي 363، 377، 385، 386، 388
راس بيل 178، 180، 185، 187، 188، 391
راڻو خان ڪلهوڙو 374
راولينڊ ڪاٽن، ايڊمرل 479

سر بلند 15، 448
سرفراز خان 356، 379
سرفراز خان ڪلهوڙو، ميان 364، 365، 377، 385، 386، 388، 406
سرخ شير 379
سرڪلوويد 168
سعدالله رهيلو 357
سعادت خان ايراني 372
سعادت مند خان الڪوزئي 37، 48
سعيد خان سردار 169
سعيد محمد خان 5، 29
سک جيون 356
سلطان خان بابري 37
سلطان سامٽيو 339
سلطان علي شهزادو 29، 30، 31، 82، 88، 89، 142
سلطان محمد خان 5، 29، 105، 106، 107
سلطان محمد خان (دوست محمد جو وڏو ڀاءُ) 202، 203
سمندر خان افغاني 504
سمندر خان باميزئي 5، 6، 36، 87، 91، 113، 117، 120، 123، 124، 125، 126، 127، 130، 137، 143، 308، 412
سمندر خان مير 462
سورج مل 371، 372
سهراب خان ٽالپر 36، 44، 46، 54، 110، 111، 271، 310، 321، 322، 323، 325، 426، 327، 289، 393، 396
سئبرسن 239
سليمان 2، 383
سليمان بيگ اسلر 339
سليمان خيلي 210
سيف الدين مير 401
سيل برگيڊيئر جنرل 169، 192، 195، 196، 200، 212، 214، 215، 216، 217، 226، 227، 238، 476، 486
سيل ڪرنل 476
سيل ليڊي 477


## (ش)


شاخاسي (ناظر) 137
شاد محمد زرڪزئي 186
شاهه پسند 15
شاهه پسند خان الڪوزئي 26
شاهه حسين صفوي سلطان 348
شاهه حسين هوتڪ 351
شاهه جهان 370، 421، 442
شاهه رخ افشار 348، 353، 355، 359، 384
شاهه شجاع 1، 2، 3، 4، 5، 6، 7، 9، 10، 11، 12، 36، 37، 38، 39، 40، 41، 42، 44، 45، 46، 47، 48، 49، 50، 51، 52، 53، 55، 56، 57، 58، 60، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 68، 112، 113، 114، 115، 116، 117، 118، 119، 120، 121، 122، 123، 124، 125، 126، 127، 128، 129، 130، 131، 132، 133، 134، 135، 136، 137، 138، 139، 140، 141، 142، 143، 144، 145، 146، 147، 148، 149، 150، 151، 152، 154، 156، 157، 158، 160، 161، 162، 163،

164، 165، 167، 172، 190، 191،
192، 199، 203، 205، 207، 210،
212، 213، 220، 230، 232، 233،
234، 235، 236، 237، 252، 306،
383، 384، 389، 399، 401، 402،
403، 404، 405، 406، 412، 414،
418، 422، 463، 464، 471، 502،
503، 510، 540، 559، 562
شاهہ شجاع خان ابدالي 356
شاهہ عالم 357
شاهہ عنايت جهوڪ وارو 377
شاهہ محمد آقا (ملتان جو گورنر) 375
شاهہ محمد خان، مير 299، 300، 309
شاهہ محمد سيد 361
شاهہ مراد 58
شاهہ مردان 190
شاهہ نواز خان، مير 353، 396
شاهہ ولي خان، وزير 355، 358، 383،
412، 414
شاهنواز 4
شاهل محمد ڪلهوڙو، ميان 374، 375
شاهنواز بروهي 173، 183
شاهو خان ٽالپر 386، 387
شجاع الدولہ 232، 234، 235، 237،
252
شجاع الدولہ 357
شجاع الملڪ 289، 380
شريف منشي، مرزا 380
شڪر الله 383
شڪر الله شيخ (ٺٽوي) 399، 369
شمان آخوند زادو 75، 76
شمس الدين خان 208، 210، 217،
228، 229، 230، 231، 241، 242،
244، 253
شمس الدين سيف 441
شهاب الدين 436
شهباز قلندر لعل (عثمان مروندي)
438، 439، 440، 441، 442، 444
شهپال 258، 259، 260
شهداد خان ٽالپر 290، 292، 297،
300، 301، 310، 377، 385، 386،
387، 550
شير دل خان 21، 23، 26، 27، 35،
53، 61، 62، 66، 67، 68، 69، 70،
71، 72، 80، 81، 82، 85، 86، 89،
90، 92، 93، 94، 451
شير سنگهہ 103، 104، 107، 201،
202، 254، 262
شير شاهہ سوري 73
شير علي (امير دوست محمد جو پٽ)
197
شير علي خان، امير 424، 425، 426
شير علي سردار 401
شير محمد بڙدي 174
شير محمد خان 15، 23، 384
شير محمد خان (مختار الدولہ) 411،
412
شير محمد خان ٽالپر 156، 157، 287،
289، 298، 299، 300، 307، 308،
309، 311، 400، 534، 535، 537
شير محمد خان، حاجي 559
شير محمد وزير 2، 3، 4، 383، 384،

401، 404
شيرين خان 47، 200، 449
شيواسنگهه 37، 57، 59

(ص)

صابر شاهه ڪابلي 352
صاحبداد زرڪزئي 186
صاحبڏنو، ميان 374، 444
صادق خان (دائود پوٽن جو چڱو مڙس) 340
صادق خان دائود پوٽو 342
صادق محمد دائود پوٽو، نواب 389
صالح خان بيات 339
صالح سيد 441
صالح قرقلوي 347
صالح محمد 361
صالح محمد ڪشميري 513
صبغت الله شاهه، پير (پاڳارو) 101، 453، 454
صدر الدين شيخ 438
صفدر جنگ ايراني 371، 372
صفدر، شهزادو، 265، 266، 267
صلابت خان 197
صلاح الدين ميان، 443، 444
صوبدار خان، مير 156، 276، 280، 290، 292، 294، 295، 297، 299، 300، 302، 310، 386، 388، 389، 398، 399، 409، 516، 532، 552

(ض)

ضبط بيگي 130، 213
ضياءُ الدين پير 454

(ط)

طاهر ڪلهوڙو، ميان 374
طرهه باز خان 201، 264
طلا محمد، قاضي 423
طهما سپ صفوي ثاني 335
طهما سپ قلي خان 339، 347، 354

(ظ)

ظفر الله شيخ 362

(ع)

عالم خان، امير 353
عالم خان مري، فقير (حڪيم) 99، 100، 118، 119، 120، 121، 122، 124
عالم گير ثاني 356، 357
عاليجاهه طرهه باز خان 69
عباس علي خان بيات 353، 354
عباس علي خان، مير 551
عباس علي مرزا 20، 23، 24، 25، 384
عبدالاحد، مولانا 436
عبدالجبار خان 39، 40
عبدالجبار خان (امير دوست محمد جو پاءُ) 190، 191
عبدالجليل، سيد 441
عبدالجليل ثاني، سيد 441
عبدالحڪيم، ميان 309
عبدالحق، سيد 441
عبدالحق، ميان 444
عبدالحميد جوڪيو 364
عبدالرحمان، امير 425
عبدالرحمان، شهزادو 466
عبدالرحمان نائب خيل 495

عبدالرحمان نوروزئي 387
عبدالرحيم باميزئي 374
عبدالرحيم خان خانان 374، 375
عبدالرشيد خان، امير 486
عبدالسبحان خان 195، 196
عبدالسلام پوپلزئي 210
عبدالسلام سردار 404
عبدالسلام لوگري، قاضي 480
عبدالصمد 68
عبدالصمد خان اشغري مهمند زئي 353، 356
عبدالصمد خان، نواب 356
عبدالعزيز خان 48، 210
عبدالعزيز دهلوي شاه "شمس الهند" 109
عبدالغفور پوپلزئي 414
عبدالکريم 340
عبدالکريم خوجا 342، 350
عبدالکريم رئيساڻي 491
عبدالکريم، مير 357
عبدالکريم، قاضي 420
عبدالقادر بيدل فقير 553
عبدالقادر ٺٽوي، قاضي مير 349
عبدالقادر جيلاني، پير 460
عبدالقيوم صائب 296
عبدالقادر، قاضي 424، 426
عبدالقادر نائب خيل 495
عبداللطيف، سيد 441
عبدالله الکوزئي 3، 411، 412
عبدالله ٽالپر 298، 387، 388
عبدالله پوپلزئي 428
عبدالله خان اڇکزئي (عبدالرحمان خان) 71، 86، 204، 208، 210، 211، 212، 214، 215، 216، 217، 218، 448
عبدالله خان پيون 429
عبدالله خان پهريون 429
عبدالله خان خواجہ کوچک 355، 356
عبدالله خان (قلات جو امير) 354، 355
عبدالله خان مگسي 348
عبدالله خان نظاماڻي 294
عبدالله ملک 373
عبدالله سدوزئي 379
عبدالمجيد خان بارکزئي 33، 47
عبدالمنصور بارکزئي 26
عبدالمنصور، حاکم 429
عبدالمنصوز خان 95، 96، 97، 98، 561
عبدالنبي کلهوڙو، ميان 306، 377، 378، 386، 387، 388، 389، 406
عبدالنبي مير 357
عبدالوهاب خان 47
عبدالوهاب، مخدوم 443، 444
عبدالهادي اصفحاني، سيد 558
عبدالهادي، مير 561
عثمان پاشا 335
عثمان مروندي (ڏسو شهباز قلندر لال)
عثماني سلطان 346
عرض بيگي 403
عزيز احمد زرکزئي 186
عزيز الدين 356
عزيز الدين، حکيم 255
عطا محمد الکوزئي، سردار 5، 6، 7، 29، 30، 31، 32، 33، 89، 411، 412
عطا محمد بارکزئي 5

عطا محمد خان (شاهہ شجاع جو پٽ) 384
عطا محمد خان باميزئي 3، 266، 412، 413
عطا محمد خان قنداري مرزا 67
عطر خان ڪلهوڙو 339، 343، 362، 363، 364، 386، 388
عطا محمد مرزا، مؤلف 405، 482
عطا محمد منشي 11، 44، 50، 121، 153، 468
عظيم الدين ٺٽوي، مير 386
علي حسن شيخ 277، 312، 314، 316، 317، 318، 320، 321، 330، 331، 393، 395
علاءُ الدين خلجي 419
علي اڪبر، مرزا 330
علي امير المؤمنين رضہ 441
علي بروهي آغا نائب خيل 495
علي خان 402
علي خان (سيستان جو والي) 138
علي خان هزاري درويش 353
علي شير قانع 349، 350
علي فقي مولوي، شڪارپوري 163
علي قلي 346، 347، 348
علي گوهر پاڳارو، ميان 552
علي گوهر شاهہ، پير 454
علي گوهر شاهہ راشدي، پير 330، 395
علي گوهر، ميان 276، 285
علي محمد خان، مير 110
علي محمد خان، نواب 408
علي محمد راشدي، پير 361
علي محمد، پير 454
علي مراد ثاني مير 398
علي مراد خان ٽالپر، مير 110، 111، 113، 120، 271، 274، 275، 276، 277، 278، 279، 280، 281، 282، 286، 287، 288، 289، 297، 299، 300، 310، 311، 312، 313، 314، 315، 316، 317، 318، 320، 321، 322، 323، 324، 325، 326، 327، 328، 329، 331، 390، 391، 393، 394، 395، 396، 397، 400، 454، 552
علي مردان، خان 359
علي نواز خان، مير 398
عمر بن محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر 553
عمر فاروق امير المؤمنين 436، 443
عمر سومرو 341
عمر، سيد 441
عنايت خان 357
عنايت شاهہ، سيد 178، 179
عيسيٰ خان بنگلزئي 184
عيسيٰ خان سدوزئي 270
عيسيٰ خان ڪوهي 77

## (غ)

غازي الدين 356
غازي بيگ، مرزا 442
غالب سيد 441
غفور خان پوپلزئي امير 4، 403
غلام الله لغاري، نواب 410
غلام امام مولوي 163
غلام حيدر خان (امير دوست خان جو پٽ) 161، 162، 164، 165، 167، 171، 191، 254

غلام حيدر خان، سردار 480، 481، 486، 487
غلام حيدر شيخ 281، 282، 283، 285، 286، 287، 288
غلام حيدر ڪوڪر 294
غلام رسول خان 138
غلام جيلاني، ڊاڪٽر 365
غلام شاهہ 561
غلام شاهہ، ٽالپر 293
غلام شاهہ ڪلهوڙو، ميان 153، 339، 343، 362، 363، 364، 385، 386، 388، 442، 519، 558
غلام علي ٽالپر 389، 390، 398، 399
غلام علي ٽالپر 296، 298، 519
غلام علي دهلوي 369
غلام قادر، قاضي 422
غلام محمد ٽالپر، حاجي 293، 294
غلام محمد خان پوپلزئي 402
غلام محمد خان سردار 423
غلام محمد خان نڪار 408
غلام محمد ڪنٽياڻ 294
غلام محمد شاهہ گدا 397
غلام محمد غلامي 402
غلام محمد لغاري 290، 291، 292، 294، 298، 406
غلام محي الدين سرهندي، پير 57، 129، 436
غلام مرتضيٰ شاهہ، سيد 120، 123، 124، 125
غلام معصوم ثاني خواجہ 369
غلام نبي ڪلهوڙو، ميان 386
غئبي خان ڪوهي 24
غياث الدين، سيد 441

## (ف)

فاطمہ 348
فتح الله خان 379
فتح جنگ شهزادو 212، 213، 233
فتح خان ٽالپر 299، 385، 386، 387، 389، 398، 399، 406، 408، 409، 551
فتح خان سردار 381
فتح خان وزير 3، 4، 5، 6، 7، 8، 12، 14، 15، 19، 20، 21، 22، 23، 24، 25، 26، 27، 28، 29، 30، 31، 32، 33، 34، 35، 36، 55، 63، 64، 72، 75، 76، 77، 105، 142، 147، 381، 412، 413، 432، 433، 559
فتح محمد خراساني 496، 497
فتح علي شاهہ قاچار 147
فتح محمد خان غوري 99، 112، 124، 125، 154، 155، 174، 277، 278، 293
فتح محمد ملا آخوند وزير 384
فتح محمد ولي 395
فدا حسين سيد عرف نبي بخش بخاري 153، 154، 163، 169، 170
فرزند خان 357
فرخ سير 371
فرخ شاهہ 436
فرنچ، ڪپتان 187
فريد بخش ڪپتان 286
فريد گنج شڪر 439
فريزر، ڪپتان 196، 197، 198

فريئر ڪمشنر (بارٽل) 323
فريئر ٿاڊ 488
فضل الله شاهه، حضرت 410
فضل خان لهڙي 491
فضل قادر قاضي 422، 424
فضل محمد خان، مير 110
فضل محمد خان مري 120
فقير الله علوي 453، 503
فلٽن ميجر 169
فلسن ميجر 169
فيروز الدين، حاجي 433
فيروز الدين سدوزئي حاجي 270، 413
فيروز الدين شاهه حاجي 73
فيروز تغلق سلطان 442
فيروز جنگ 356
فيروز خان ڪوهي 81
فيروز شاهه 19، 20، 21، 22، 23، 25، 26، 27، 29، 142
فيروز شاهه، سلطان 439 440
فيروز فقير 376
فيض الله ارباب 106، 107
فيض محمد 405
فيض محمد ثاني، مير 398
فيض محمد خامير 396، 398
فيض محمد هزارو 26، 451
فين ڪانبر، جنرل 152، 471

(ق)

قادر بخش نظاماڻي 293
قادر داد خان 397
قاسم ملڪ 26، 433
قاسو 173
قبول محمد ثاني، ميان 444
قبول محمد، ميان 65، 443، 444
قطب الدين شاهه محمد، مير 455
قطب الملڪ 371
قطب خان 357
قلندر خان افغان 355
قلي امام 335
قلي بيگ، مرزا 165
قليچ بيگ، مرزا 350، 443، 460
قلي خان شاهه (ڏسو ميان نور محمد ڪلهوڙو) 338، 343
قلي رضا، شهزادو 337
قمر الدولہ 356
قمر الدين خان 387
قمر الدين خان (شمس جو پاءُ) 242
قمر الدين خان وزير الملڪ 353
قنبر خان بروهي 376
قوموق سرخائي، غازي 336
قيصر خان زهري 186
قيمت راءِ 285
قيصر شهزادو 384

(ڪ)

ڪاٽن جنرل 162
ڪاظم رضا بيگ، مرزا 556
ڪاظم شاهه سيد (مير) 51، 53، 99، 100، 101، 102، 112، 113، 115، 116، 117، 121، 122، 123، 124، 125، 126، 144، 145، 146، 560
ڪاظم علي شاهه 558، 561، 562
ڪامران شهزادو 9، 19، 20، 23، 26، 27، 28، 29، 30، 33، 34، 35، 36، 70، 71، 72، 73، 74، 75، 76، 88، 89، 91، 138، 141، 142، 160، 268،

269، 270، 403، 413، 433، 435،
488
ڪالس، جنرل 162
ڪالي خان، مرزا 288
ڪبير الدين احمد، سيد 438، 441
ڪجن نور شاهه ڪلهوڙ 374
ڪرستين 197، 198
ڪرسٽن 198
ڪرسٽي 169
ڪرشين 152، 162
ڪرم علي ٽالپر 36، 45، 54، 58،
110، 111، 271، 399، 407، 409،
522، 559، 561
ڪرنولي ڪپتان 164
ڪرنيلي 169
ڪريم خان زند 359
ڪريم داد خان پاميزئي پوپلزئي 403
ڪشن داد منشي 396
ڪڪو خان عرف سليمان خان ٽالپر
386، 387
ڪلارڪ، ليفٽيننٽ 178، 180
ڪلائيو، لارڊ 445
ڪلوڊ مارٽن ويڊ، سر 489
ڪمال الدين ڪشميري، شيخ 369
ڪمال خان مري 298
ڪهندل خان، سردار 21، 26، 27، 35،
71، 72، 76، 78، 82، 84، 133،
159، 160، 161، 308، 511
ڪيول 137، 139، 463، 464، 465،
466
ڪين، جان 472، 474، 482
ڪيون لارڊ 472

## (ک)

ڪبڙ ابڙو 374
ڪٽو مل، ديوان 563
ڪڙڪ سنگهه 152

## (گ)

گدا علي شاهه 561
گدو خان پوپلزئي 353
گدومل، ديوان 360، 362، 363، 364،
563
گل حسن احسن ڪربلائي 297، 310
گل محمد خان 173، 210
گل محمد خان خراساني 361
گل محمد خان نائب 71، 87
گل محمد خراساني 497
گلاب راءِ 37، 48، 57، 59
گلاب سنگهه، صوبيدار 168
گلبرن، ميجر 181، 182
گلزار خان باميزئي 71، 79، 88، 89،
91
گنجابه بيبي 173
گنهور خان، رئيس 99
گهرام، مير 462
گولڊ سمٿ، ميجر 406
گولي شاهه 126، 271
گوهر بيبي 354
گوهر شاد 359

## (ل)

لاٽ 193، 195، 245
لارڊ آڪلينڊ (گورنر جنرل هندستان)
150، 151، 152
لارڊ ڪپتان 162

لارڊ ليفٽيننٽ 168
لارنس ڪپتان 169، 201، 244
لبدين صاحب 173، 183، 185
لپيل گريفن 424، 425
لطف الله متارو 339
لطف الله منشي 49، 281
لطيفي 16، 71
لقمان خان، ٽالپر 121
لقمان 163
لوڪ هارٽ 350
ليوڪس 321


(م)


ماڻڪ خان ٽالپر 387
مدد خان پوپلزئي 37، 42، 49
محمد حسن، مير 276، 277، 280، 312
محمد حسين خان (ديوان چيتمل جو داروغو) 287
محمد خان 270
محمد رحيم خان بابري 288
محمد شاهه قاچار مرزا 268
محمد تنيو ملا 288
محمد خان ولد لقمان ٽالپر 290
محمد خان خواجه 4
محمد خان، مير 5
محمد عظيم خان سردار 7، 19، 26، 29، 36، 37، 39، 40، 41، 47، 50، 51، 52، 53، 54، 55، 57، 58، 59، 60، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 91، 92، 93، 94، 130، 164، 380، 412، 430، 446، 450، 487
محمد تيمور 9
محمد زمان خان 36، 44، 228، 232، 234، 235، 237، 263
محمد حسين تاجر، هراتي 147
محمد خان، مير 156، 280، 290، 297، 300، 409، 532، 540، 551
محمد حسين هروي 156، 158، 191
محمد حسن ملا وزير 158
محمد حسن 172، 173، 185
محمد افضل خان سردار 162، 163
محمد اعظم خان بروهي (محراب جو پاءُ) 172، 183
محمد خان شاهواڻي 173
محمد يعقوب پيچوهو 177
محمد خان (ڪوهي) 77، 80، 81، 82، 84، 85، 86، 87، 91
محمد بن عبدالوهاب 104
محمد اسماعيل، مولوي 108
محمد نصير خان ٽالپر 110، 115، 132، 271، 276، 277، 280، 281، 282، 288، 290، 291، 292، 297، 300، 391، 393، 394، 399، 409، 462، 492، 494، 516، 532
محمد علي خان، مير 110، 276، 516
محمد حسن قاضي 115، 130، 420، 421، 422، 423، 424
محمد تقي شاهه سيد 117، 121، 144، 145، 280، 302
محمد شريف خان 130، 158، 213
محمد خان ڏومبڪي 179
محمد شريف، سيد 184
محمد سعيد خان 195
محمد افضل خان 197

محمد امين خان (راولپنڊي جو ناظر) 202
محمد شاهه خان 210، 239، 337
محمد صالح خان 239، 244، 245، 246، 247، 253
محمد محفوظ سرخوش، شيخ 360، 362
محمد مريد قانون گو شيخ 360
محمد بيگ شاملو 361، 362
محمد صالح آقا 361
محمد غوث 365
محمد شفيع 367
محمد صالح منگواڻو 296
محمد يوسف 296
محمد خان نوڙهو 298
محمد خان ٽالپر (شير محمد جو سوٽ) 299
محمد بخش ٽالپر 299
محمد صديق خان 308
محمد قاسم 309
محمد حسن ولد مولانا عطا محمد مرزا 332
محمود سيستاني 335
محمد خان بلوچ 336
محمد مراد ياب خان ڪلهوڙو، ميان 338، 339، 343، 361، 362، 363، 388
محمد ڪريم اصفحاني، آقا 339
محمد علي بيگ 339
محمد علي شاهه دهلي وارو 340
محمد خان قجر 347
محمدي ڪهڙوي ميان مخدوم 348
محمد شاهه گورگاني 353، 355
محمد حيات آخوند 354
محمد عمر، ميان 368
محمد سعيد لاهوري، حاجي 368
محمد سيد، پٽ علي شيخاڻي 368
محمد اعظم ڪشميري خواجه 369
محمد شاهه 371، 402
محمد مهدي ڪلهوڙو، ميان 374
محمد خان ڪلهوڙو 377
محمد بارڪ 379
محمد قاچار آقا 381، 384
محمود خان بروهي، مير 384
محمد صادق ڪلهوڙو، ميان 387
محمد اسلام خان ڪلهوڙو، ميان 387
محمد خان ڪلهوڙو 388
محمد بهاول خان سردار 388
محمد حسين، مير 391، 393
محمد زمان خان نواب 501
محمد اڪبر خان، سردار 501
محمد شڪوهه راجا 509
محمد علي جلباڻي 396
محمد قاضي، شڪارپور 396
محمد يعقوب خان سردار، وزير 397، 398
محمد ابراهيم شيخ وزير 298
محمد حبيب الله راشدي 445
محمد خان مير 399
محمد زئي خانواري 401
محمد شاهه سدوزئي 407، 434
محمد مڪي، سيد 453
محمد بقا، پير 453
محمد راشد، پير 453

محمد یاسین، پیر 454
محمد عرفان سید 455
محمد خان دراني 457
محمد اکرم باجوري، ملا 480
محمد افضل خان، سردار 486
محمد خان علیائي، سردار 407
محمد شاهه بادشاه 418، 419
محمد غوث، آخوند 420
محمدي سید 441
محمد سعید واعظ، حاجي 420
محمد اکبر شاهه قاضي 420، 421
محمد جان قاضي 422
محمد صدیق آخوند مؤرخ 431، 462، 491
محمد شهید، سلطان 438
محمد حسن، ملا 492، 494
محمد حسن، نائب خیل 495، 496
محمد امین نائب خیل 495
محمد عظیم خان نائب خیل 495
محمد حسین خراساني 497
محمد رضا خراساني 497
محمود شاهه 336
محمود غزنوي 242
محمود شاهه 1، 4، 8، 12، 15، 19، 20، 26، 29، 33، 73، 76، 142، 401، 402، 403، 412، 413، 559
محمود شاهه شهزادو 380، 382
محمود خان کلهوڙو، میان 386
معصوم میر 461
محمود میر (والي قلات) 431
محمود سید 441
میکائل، جنرل 248
میر محمد خان کوکڙي 279
مرزا خان نظامائي 294
مدد خان پٺاڻ 306، 378، 387
مولچند دیوان 289
مراد علي چانگ 293
محراب تالپر 293
مهر دل سردار 35، 71، 87، 91، 133، 161، 380، 447، 464
مراد علي تالپر 36، 45، 54، 58، 101، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 126، 132، 271، 272، 274، 285، 399، 407، 409، 522، 541، 543، 559
مقصود خان 37، 38، 41، 42
مولاداد خان پوپلزئي 37، 42، 49
مهر علي خان، امیر 40
موهن لال 151، 158، 160، 164، 166، 169، 162، 184، 198، 199، 211، 240، 244، 246، 247، 402، 428، 440، 485، 486، 487، 490، 492، 493
میر حسن نوتیائي 177، 181،
میرٽ کرنل 162
مکریگور، میجر 164
ملار کپتان 168
مراد بیگ مرزا 169
مبارک خان، میر 44، 110، 111، 118، 124، 125، 271، 293، 322، 390، 391، 393، 530
مولائي شیدائي رحمداد خان 49، 101، 109، 126، 311، 561، 562
مومن خان مُلا غلزئي 68، 71، 86، 210، 211

مهولي خان 71، 72، 74
مصطفيٰ خان زوري (غوري) 73، 77، 84
ميارام، سيٺ 97
محبت خان مري 120، 124، 125
محراب خان بروهي 133، 142، 150، 151، 158، 171، 172، 173، 185
مور، ڪپتان 181
مرڪن، ليفٽيننٽ 181
مراد خان 185
منگي زرڪزئي 186
متو خان 187
مسجدي خان 193
منئي (انگريز عملدار) 198
ميڪناٽن لارڊ 199، 205، 207، 209، 212، 213، 214، 215، 217، 219، 220، 221، 222، 223، 224، 225، 239، 240، 251، 471، 473، 479، 488
ميڪائل جنرل 240
مؤمن مير 356
مغلاڻي بيگم 356
مستي خان جويو 339
محبت خان ولد عبدالله بلوچ 342، 354
مقصودو فقير 362، 363، 376
مراد شاهه راشدي، پير 299
مظفر علي خان بيات بيگلر بيگي 339
مهدي خان، 346
مهدي مرزا 341
مهدي خان مؤرخ 347
مصطفيٰ خان شاملو 347
مراد سلطان چوڻون 347
محبت خان رئيس پوپلزئي 351، 353
موسيٰ خان رئيس، سهاڪزئي 352
معين الملڪ (مير منو) 353، 355
مريم بيبي (مير نصير بروهي جي ماءُ) 354
مظهر جان جانان، مرزا 368
محراب خان بارڪزئي خلزئي 374
ميان خان ڪلهوڙو 374
مير محمد جونپوري 374
مير خان (سبي جو حاڪم) 375
محبت خان 375
معين الدين شهزادو 376، 377
مير محمد ڪلهوڙو، ميان 376
غلام نبي ڪلهوڙو 378
ميلڪم جان 381
محبت خان بروهي، مير 384
محراب خان شهواڻي 384
موسيٰ خان ٽالپر 386
ميڪاسل جنرل 506
موهن لال ڪشميري 508، 512
منيرام ڪشميري راجا 509
منسفيلڊ 396
مسجدو خان مير 402
معصوم مير، عرف حافظ جي 401، 402
منصور (شاهه شجاع جو پٽ) 404
مدد خان اسحاق زئي، سردار 404
ماڻڪ خان علياڻي 407
مهرو بيبي 449
مرشدالله پير 454
محراب بلوچ 462، 495
معز الدين شهزادو 462

منصور سيد 441
موهن سنگھ 417
منتخب سيد 441
ميڪ ريگر ميجر 486
محراب خان احمد زئي بلوچ 490، 491، 493، 494
مولاداد خان نائب خيل 495
محراب خان مير 497
مهر الله خان رئيساڻي سردار 497

## (ن)

نـــاٽ جـــنرل 241، 242، 244، 247، 249، 254، 334، 507
نـــادر شـــاهہ (افشـــار) 1، 133، 306، 335، 336، 337، 338، 339، 340، 341، 342، 343، 344، 345، 346، 347، 348، 349، 350، 351، 353، 355، 359، 366، 367، 368، 737، 384، 419
نادر مرزا 384
نارائڻ 285
ناصر خان 337، 353
نائون مل، سيٺ 555، 556
نبي بخش ٽالپر 298
نبي بخش جتوئي 491
نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 505
نبي بخش لغاري، خليفو 504، 505
نٽول 201
نجيب الدولہ ولد اصالت خان يوسف زئي 356، 357، 373
نجيب ڪنڙي، سيد 369
نجم الدين ميان 444
نذر قلي افشار 335، 348
نذر محمد، ميان 444
نسيم امروهي 397
نصيـر خـان بروهـي (محـراب جـو پـٽ) 173، 183، 184، 185، 186، 187، 188، 283، 297
نصر الله جان قاضي 423
نصر الله خان (بخارا جو والي) 219
نصر الله خان رئيس نور زئي 352
نصير الله، مرزا 337، 359
نصير خان چانگ 293
نصير خان، مير (والي قلات) 363
نصير الدين مولانا 164
نصير خان مير (خان) قلات 354، 357، 359، 383، 384، 388، 496
نصير محمد ڪلهوڙو، ميان 375، 376
نظام الدين سرهندي پيـر، ميـان 129، 287، 288
نظام الدولہ 356
نظام الملڪ 370، 373
نقش ناياب منگي 126، 175، 374
نقي شاهہ 561
نل، ڪپتان 169
نور الدين پاميزئي 356، 358
نور محمد بابري 380، 403
نور محمد خان اڇڪزئي 47
نور محمد خان افغان 351، 353، 355
نور محمد خان الڪوزئي، امير 62
نور محمد خان زهري 186
نـور محمـد خـان ميـر ٽـالپر 115، 132، 157، 271، 272، 274، 310، 409، 532، 540
نوتن داس 282

نور محمد ڪلهوڙو، ميان 338، 339، 340، 341، 242، 343، 345، 350، 354، 359، 360، 362، 377، 386، 388، 462، 558
نوشڪي حاجي (کهڙن جو زميندار) 396
نور محمد شاغاسي 491
نياز همايوني 177
نيپولين 381، 452، 521
نيشڪر صاحب 240
نيڪوخان خواجہ 49

(و)

واعظ مير 2، 3، 236، 263، 401
والس 185، 188
ورامن سردار 371
وردي خان ڪورڱ، شاه 339
وزير خان ڊومبڪي 308
وفادار خان (ڏسو وزير رحمت الله خان سدوزئي)
وفادار خان وزير 165
وڪٽوريا راڻي 419، 517
وڪيل خان 71، 73
ولبي 301
ولي الله دهلوي، شاه 306، 357، 366، 367، 368، 369، 373
وليم فيڊرڪ ماريو جنرل 478
وليم ميڪناٽن 154، 156، 157
ولي محمد چانڊيو 288، 394
ولي محمد مينگل سردار 491
ولي محمد خان، مير 394
ولي محمد ثاني، نواب 408
ولي محمد وڏيرو 312
ولي محمد لغاري، نواب 3، 49، 58، 95، 96، 97، 98، 99، 112، 271، 406، 407، 408، 409، 429، 560، 561
وليچ 149، 406
ولي شاه، سيد 39، 44
ونتو راءِ جنرل 452
ويس خان، مير 351
ويڪويچ 151، 471
ويلار 169
ويلشائر، جنرل 156، 157، 172
ويلشائر ٿامس، سر 474
ويلولي ڪاٽن سر 479

(هہ)

هادي سير 441
هدايت الله خان حاجي 119، 120
هزار مير الڪوزئي 380
هوت خان (عزت خان) غلزئي 71
هيملي 184
هوش محمد (هوشو شيدي) 298، 299
همايون بادشاه 385، 419
هوتڪ خان، ٽالپر 386، 387
هيتورام مؤرخ 462
هيگ، 169، 350
هيوس ميجر 487
هينري بارٽل ايڊورڊ فريئر 555، 556
هينڪي سمٿ 560

(ي)

يار محمد خان 5، 26، 29، 33، 268، 269، 270
يار محمد خان بارڪزئي 105، 106
يار محمد خان ڪلهوڙو، ميان 376،

377، 386، 383
ياقوت، آغا 289
يعقوب خا مير (بکر جو حاڪم) 376
يعقوب خان امير 424
يعقوب خان 187
يوسف شهزادو 270
يوسف خان خواجہ 380
يوسف حاجي 379
يونس خان بارڪزئي 71

❖ ❖ ❖

# ڏسڻي - 2

(ماڳن ۽ مڪانن جا نالا)


**(الف)**

آدم شاھ جي ٽڪري 123، 374
آذربائيجان 336، 442
آگرو (شهر) 370، 371
آمور درياءُ 346، 352، 358
افغانستان 1، 8، 11، 20، 24، 29، 35، 61، 66، 67، 68، 74، 78، 96، 97، 98، 101، 102، 131، 149، 151، 152، 156، 157، 158، 170، 174، 188، 201، 203، 206، 209، 210، 223، 227، 233، 236، 242، 243، 248، 249، 250، 252، 253، 254، 255، 258، 261، 262، 263، 264، 265، 271، 272، 273، 275، 276، 301، 303، 304، 305، 307، 311، 333، 336، 350، 352، 358، 361، 380، 381، 382، 384، 387، 392، 416، 432، 436، 449، 467، 471، 485، 498، 513، 539
احمد آباد 369، 390
احمد پور 153
احمد شاهي، شهر 2، 3
اٽڪ 4، 103، 151، 171، 352، 353
اڏيپور 363
اٽڪ جو پتڻ 4
ابوالقاسم وارو باغ 20
اورنگ آباد 38، 42، 353، 369
انگلينڊ 55، 207، 300، 301، 311، 334، 422، 472، 474، 478
امرتسر 59، 353، 358
اوريا خواجه جي درگاھ 75
اورگنج (شهر) 82، 86
ارگ (هرات جو شاهي قلعو) 84، 380
اوبه (ماڳ) 87
اشنگر (هشت نگر) 103
اڪوڙھ 103
امام ڳڙھ جو قلعو 279
اصفهان 336، 470
امر ڪوٽ 338، 339، 341
استنبول 346، 347، 350
استر آباد 346
اوڌ 369، 372، 475
الور جو قلعو 371
انڙ آباد 375
ارغسان 379
اوپاوڙو 395
امام واھ 395
ايران 147، 151، 161، 265، 268، 333، 334، 335، 339، 343، 380، 381، 382، 452، 475، 509، 511

**(ب)**

بهاول پور 12، 37، 153، 309، 312، 323، 363، 378، 389، 394، 484
بمبئي 16، 150، 153، 156، 164، 167، 171، 173، 203، 207، 254، 274، 276، 300، 309، 310، 330،

تاجين 246
تهران 333
تبريز 335، 439، 442
تلهار 338
ترڪمانستان 345، 424
تربت 355
ترشيز 355، 359
تاشقند 426
تلنگانہ 445

(ٿ)

ٿرپارڪر 400
ٿرپارڪر جي تاريخ 341
ٿل چوتالي 187

(ٽ)

ٽنڊو مير امام ٽالپر 279
ٽنڊو يوسف 296
ٽنڊو موسيٰ ڪنياڻ 298
ٽنڊو الهيار 299، 300
ٽنڊو ولي محمد 406
ٽنڊو آغا 558

(ٺ)

ٺٽو 156، 300، 338، 339، 342، 352، 356، 361، 362، 369، 374، 519، 520، 527، 536، 560

(پ)

پاڪستان 367
پشاور 2، 3، 4، 5، 6، 15، 16، 19، 20، 29، 36، 39، 40، 41، 74، 102، 103، 104، 105، 106، 107، 150، 151، 171، 201، 202، 206، 232، 248، 256، 262، 337، 352، 353، 357، 381، 382، 404، 412، 416، 418، 420، 423، 455، 457، 499
پنجاب 94، 59، 353، 355، 356، 357، 358، 385، 400، 406، 407، 408، 410، 414، 415، 417
پشاور جو قلعو 40
پير ڳوٺ 101
پروان جي وادي 198
پونا 301، 310
پنو عاقل 324
پاٽي پٽ جو ميدان 356، 357، 358
پٽيالہ 358
پوني، 394، 400، 470
پنجشير 402

(ج)

جلال آباد 4، 201، 229، 232، 233، 234، 237، 238، 247، 248 250، 252، 256، 262، 263، 336، 476، 498، 499
جيڪب آباد (خانڳڙهہ) 45، 55، 66، 102، 157، 177، 178، 308، 309، 323، 395، 495، 557
جيسلمير 65، 147، 279، 360، 390، 394
جرجانيہ (گرگانج) 82
جعفر آباد 118، 123
جاني ديرو 184
جگدلڪ 238
جامي، مولانا جي مزار 270
جهلم ندي 353
جوهي 376
جيهون دريائ 442

جمنا 445

(ڄ)

ڄام پور 143

(جھ)

جهل مگسي 157، 184، 288
جهالاوان 172، 183، 357
جهوڪ شريف 410

(چ)

چمن زار 86، 87
چانڊڪو (لاڙڪاڻو) 112، 312، 376، 377، 406
چناب ندي 353
چاچڪان 364
چڪوره 462
چين 470
چونگهه 538

(ڇ)

ڇٽ (علائقو) 184، 309

(ح)

حاجي پور 563
حجاز 453
حضرو اٽڪ 103
حضوري باغ لاهور 256
حيدرآباد 45، 46، 47، 51، 54، 58، 99، 109، 110، 111، 112، 121، 124، 126، 129، 130، 146، 148، 150، 156، 157، 271، 272، 276، 280، 281، 282، 283، 284، 285، 286، 289، 290، 292، 295، 297، 298، 299، 300، 305، 310، 314، 333، 387، 388، 389، 390، 394، 398، 399، 406، 474، 523، 524، 525، 526، 527، 545، 558، 559، 560، 561
حيدرآباد جو پڪو قلعو 290، 292، 294، 295، 296، 364
حيدرآباد دکن 369، 371، 445

(خ)

خدا آباد 341، 354، 362، 377، 386، 388
خدا آباد هالن واري 399
خراسان 1، 8، 11، 12، 20، 35، 37، 38، 47، 51، 53، 55، 61، 66، 67، 68، 96، 97، 98، 101، 102، 113، 115، 130، 131، 133، 147، 149، 150، 152، 156، 157، 172، 174، 188، 201، 203، 206، 209، 210، 221، 223، 227، 233، 236، 242، 243، 248، 249، 250، 252، 253، 254، 255، 258، 261، 262، 263، 264، 265، 271، 272، 273، 275، 276، 291، 301، 303، 304، 305، 306، 307، 311، 335، 336، 343، 347، 348، 352، 354، 355، 359، 360، 365، 381، 383
خيرپور 37، 38، 44، 45، 46، 47، 49، 54، 65، 99، 110، 111، 112، 117، 118، 120، 121، 122، 126، 127، 129، 130، 154، 155، 174، 271، 272، 275، 276، 277، 281، 288، 290، 297، 300، 305، 310، 314، 315، 322، 323، 325، 387، 389،

391، 394، 395، 396، 397، 528،
529، 552، 558، 559
خيبر 151، 315، 316، 471
خيبر جو لڪ 39، 40، 44، 153، 168،
189، 201، 248، 256، 337، 483،
499
خيبر جا پهاڙ 41
خرما وارو لڪ 72
خورد 227
خورد ريزه (ماڳ) 81
خوارزم 82، 346
خانپور 277
خانپور در 98
خير الدين شاهه جي درگاهه 120
خان محمد عمراڻي واري ڳڙهي 157
خلم (تاشقرغان) 246
خبوشان 351
خواف 355
خضدار 462

(د)

دور بنون 2
ديرو اسماعيل خان 2، 12، 340، 344،
358، 364، 418، 540
ديـرو غـازي خـان 2، 3، 12، 36، 39،
44، 95، 143، 150، 177، 235،
338، 340، 344، 352، 359، 364،
377، 385، 389، 405، 407، 414،
540
درازا 65، 443
دهلـي 153، 306، 337، 338، 339،
347، 352، 353، 355، 356، 365،
368، 369، 370، 371، 372، 375،
376، 377، 419
ديرا بگٽي 178
دمدمو 301
دجله ندي 336
در بند 336
داغستان 346، 351
دو آبو (ستلج وارو) 356
دادو 375
دادلو 395، 538
درٻيلو 377

(ڏ)

ڏوڪري 375
ڏهرڪي 395

(ڍ)

ڍاڍر 53، 55، 150، 158، 185، 188،
307، 484

(ر)

روجهاڻ 44، 142، 143، 144، 282
روجهاڻ مزاري 312
روهـــڙي 57، 122، 124، 153، 154،
155، 157، 324، 363، 390، 393،
394، 484، 536
روس 82، 150، 151، 242، 268،
424، 426
رئيس واهه 154
راولپنڊي 202
رهتاس جو قلعو 202
روهل ڪنڊ 352
راجنپور 387
روپاهه 395
راءِ بريلي (الله آباد) 455

## (ز)


زوب 3

زين العابدين جو باغ 146


## (س)


سنڌ 2، 3، 12، 16، 36، 37، 41، 47، 49، 53، 55، 61، 64، 69، 101، 109، 113، 118، 127، 130، 131، 137، 141، 143، 144، 145، 149، 150، 151، 153، 156، 164، 174، 175، 177، 181، 183، 184، 187، 188، 203، 271، 272، 275، 276، 278، 288، 289، 291، 297، 301، 302، 303، 304، 305، 306، 307، 309، 310، 311، 314، 324، 325، 326، 333، 334، 337، 338، 339، 340، 341، 342، 343، 344، 345، 347، 348، 349، 355، 356، 359، 360، 361، 362، 363، 364، 365، 369، 373، 374، 375، 376، 377، 378، 383، 384، 385، 387، 389، 391، 392، 393، 395، 398، 399، 400، 405، 406، 407، 409، 410، 414، 415، 416، 436، 438، 439، 440، 446، 449، 451، 453، 455، 460، 467، 468، 469، 470، 473، 478، 483، 485، 489، 498، 510، 515، 519، 520، 521، 523، 524، 525، 527، 528، 530، 531، 532، 536، 537، 539، 555، 557، 558، 559، 560، 561، 563

سنڌو ندي 4، 103، 123، 124، 125، 155، 156، 157، 327، 334، 338، 340، 341، 353، 355، 357، 392، 393، 417، 467، 484، 508، 526، 527، 534، 535، 546

سيد آباد وردگ (ماڳ) 33

سبزل ڪوٽ 37، 112، 272، 327، 389، 390، 393، 394، 538

سبي 53، 66، 143، 158، 187، 188، 338، 339، 342، 361، 375، 377

سبي جو قلعو 187، 188

سوات 74

سبزوار 75، 77، 89، 90، 91

سوي در 98

سکر 102، 118، 120، 121، 122، 126، 171، 174، 175، 176، 187، 188، 275، 276، 279، 283، 284، 309، 315، 317، 320، 321، 323، 360، 375، 390، 392، 393، 395، 396، 397، 460، 461، 484، 563

سکر جي چانوٽي 180، 283، 284

سعودي عربيہ 104

سالو جو قلعو 136، 138، 139، 141

سيستان 138، 142، 347، 382

سيدپور 154

سيوهڻ 157، 363، 376، 438، 439

سراوان 172، 183، 357

سرتاب 180، 181

سمرقند 189، 425

سبز 189

سليمان، حضرت جو زندان 192

سومنات مندر 242، 249، 250

ستلج درياءُ 274، 488

سنڌ واهه 282
سلطان ڪوٽ 286
سورت 400، 467
سورت بندر 339
سورت جو قلعو 301
ساسو (پوني ويجهو هڪ مقام) 301
سرهند 353، 356، 358، 370
سيالڪوٽ 353
سهارنپور 357، 395
سهراب پور (خيرپور) 390
سهجي علائقو 390
سردار ڳڙهه 395
سهجڪي 395
سڪرنڊ 410

## (ش)

شڪارپور 2، 3، 36، 37، 38، 39، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 47، 48، 49، 51، 53، 55، 56، 57، 59، 66، 67، 68، 71، 72، 95، 96، 97، 98، 99، 100، 101، 102، 112، 113، 116، 117، 118، 122، 123، 126، 127، 129، 131، 133، 143، 144، 145، 147، 148، 149، 154، 155، 156، 158، 173، 174، 175، 176، 177، 179، 184، 185، 262، 274، 275، 281، 282، 283، 285، 286، 287، 302، 323، 327، 339، 342، 361، 373، 374، 377، 378، 390، 392، 393، 395، 399، 406، 407، 427، 428، 431، 437، 463، 484، 539، 542، 560، 561، 562، 563
شاهل محمد ميان جو قبو 54، 55، 58، 63
شڪارپور جو قلعو 131
شال (ڪوئيٽا) 133، 141، 173، 183، 184
شاهجهان آباد 152
شاهه پور 157، 176، 177، 178، 180، 182، 184
شيرواني محلو (ڪابل) 168
شملي 180، 181، 187
شهدادپور 279، 280، 299، 386، 388، 515
شهدادڪوٽ 338، 341
شڪوهه آباد 371
شيخوپوره 384
شاهپور چاڪر 388
شاهه بيلو 390
شاهه ڳڙهه 395
شيراز 470
شاهه بندر 519

## (ص)

صفر (هرات ويجهو هڪ تفريح گاهه) 85، 86
صحاري (سيري) 292

## (ط)

طبس 359

## (ع)

عربستان 104
علي واهڻ 154
عمر ڪوٽ 300، 341، 344، 362، 386، 410، 557

عزيز پور 538

(غ)

غزني 8، 20، 35، 162، 164، 171، 182، 190، 191، 228، 229، 230، 232، 241، 242، 245، 251، 252، 254، 265، 268، 269، 336، 353، 354، 358، 403، 435، 455، 472، 474، 482

غزني جو قلعو 162، 163، 164، 165، 166، 167، 190، 191، 201، 228، 241، 242، 244، 249، 250، 252، 253

(ف)

فارس 335، 336، 337، 346، 359

فراهہ جو قلعو 7، 27، 74، 75، 91

فراهہ وارو علائقو 75، 76، 91، 270، 379

فراهہ جو درياءُ 91

فريد آباد 118

فيروزآباد 371

فيروزپور 152، 153، 154، 203، 249، 254، 256، 276، 284

فيروز شهر 488

فتح علي خان مير جو باغ 292

فتح پور 376

فتح آباد 351

فرانس 381

فيض محل 397

(ڦ)

ڦلجي (چٽ) 157، 177، 184، 308، 309

(ق)

قنڌار 2، 3، 4، 6، 19، 20، 21، 23، 28، 29، 33، 35، 36، 61، 67، 68، 70، 71، 72، 73، 74، 75، 77، 87، 88، 91، 92، 93، 95، 96، 102، 109، 130، 133، 134، 136، 138، 139، 140، 141، 142، 143، 148، 150، 156، 158، 159، 160، 161، 162، 167، 182، 184، 188، 250، 265، 266، 267، 269، 288، 303، 307، 308، 334، 336، 339، 351، 352، 353، 354، 355، 357، 358، 359، 360، 364، 365، 366، 378، 379، 380، 381، 382، 383، 388، 389، 400، 411

قنڌار جو قلعو 133، 134، 161

قلات 29، 53، 102، 109، 133، 138، 141، 142، 143، 158، 171، 172، 173، 182، 183، 184، 282، 297، 354، 357، 377، 378، 383، 468، 470، 484، 490، 492

قاضي قلعو (ڪابل) 29، 167

قلندر شهباز جي مزار 44، 146

قرقلوي ترڪمان 335

قندوز 402

(ڪ)

ڪابل 2، 3، 4، 5، 6، 8، 12، 15، 19، 20، 29، 30، 31، 32، 33، 34، 35، 40، 51، 61، 72، 82، 92، 93، 95، 102، 105، 109، 134، 136، 140، 150، 151، 152، 153، 167، 168، 169، 170، 171، 172، 182، 189، 191، 192، 193، 199، 201، 204، 205،

206، 207، 209، 211، 212، 215،
217، 218، 219، 220، 223، 225،
226، 227، 228، 232، 236، 237،
238، 240، 242، 245، 246، 247،
248، 249، 250، 251، 252، 263،
264، 265، 268، 269، 336، 338،
340، 344، 352، 353، 355، 360،
365، 379، 382، 383، 384، 387،
389، 392، 401، 402، 403، 413،
448، 449، 450، 455، 464، 474،
491
ڪابل درياءُ 103
ڪشمير 2، 3، 5، 6، 7، 8، 9، 12، 15،
19، 20، 26، 29، 36، 39، 40، 55،
92، 93، 94، 244، 352، 355، 356،
358، 383، 384، 404، 411، 412،
413، 414
ڪشمور 44
ڪرن جو قلعو 45
ڪرن در 98
ڪنر لڪ 74
ڪڇ 109، 364، 467، 470، 531
ڪوٽ ڏجي 110، 277، 279
ڪوئيٽا 137، 143، 150، 158، 185،
187، 188، 307، 308، 339، 379،
391، 448، 455
ڪراچي 156، 272، 275، 324، 339،
350، 397، 530، 536، 546، 561
ڪراچي جو بندرگاهه 156، 271، 274
ڪوتل ڪنڌڪ 181
ڪويل 163
ڪوهستان 174، 180، 182، 183،
184، 185، 187، 241، 242، 250،
262، 265، 275، 307، 309، 313،
314، 315، 385
ڪوٽل 184
ڪاشور (قصور) 202
ڪيٽي بندر 275
ڪلڪتو 289، 301، 310، 400، 488
ڪانياڙ 333، 395
ڪرم جي وادي 340
ڪويڪان 335
ڪرنال 356، 484
ڪيچ 374
ڪلواڙي علائقو 390
ڪنڊيارو 394
ڪربلا معليٰ 397
ڪرخ 462
ڪڪرالو 527

## (ک)

کرڙي 125
کاڻ وارو قلعو 178، 180، 181، 182،
307، 308، 309

## (گ)

گجرات 6، 7، 369، 353، 370
گرش قلعو 28، 161
گنجابو (ياگناڙي) 143، 144، 184
گندمڪ (ماڳ) 238، 245
گرش 266
گريز 340
گومل وارو لڪ 358
گڏاٽي 385
گنداواهه 390

گاگن 394
گنگا 445
گواليار 514

(ڳ)

ڳڙهي ياسين 45، 98، 285، 286، 427، 430
ڳيريلو 376

(گهہ)

گهوٽڪي 38، 538
گهاڙ واهہ 375
گهوڙا ٻاري 534

(ل)

لاهور 4، 5، 6، 9، 10، 11، 151، 202، 256، 289، 309، 320، 337، 341، 350، 353، 355، 356، 357، 358، 376، 381، 384، 452، 472
لڌيانو 9، 10، 11، 36، 53، 65، 66، 112، 126، 141، 142، 143، 147، 148، 150، 152، 201، 203، 254، 289، 484
لاڙڪاڻو 54، 97، 121، 129، 132، 143، 144، 146، 157، 285، 287، 288، 338، 339، 341، 343، 374، 375، 389، 409، 552، 558، 559
لڪ لڪ خانو (ماڳ) 81
لڪي در 98، 113
لنڊي 103
لقمان (شهر) 121
لال واهہ 124، 125
لورالائي 143
لنڊن 151، 301، 396
لس ٻيلو 172
لائلپور (ليلپور) 379
لکنؤ 475

(ن)

نادر آباد 133، 336
نادر آباد قلعو 351
نادري قلعو 133
ناري جو علائقو 327
نوشهرو فيروز 363، 376، 390، 394
نوشهرو (صوبو) 103، 327، 360، 364
نونار (ماڳ خيرپور لڳ) 276
نصرپور 299، 362
نجف اشرف (ماڳ) 346
نوابشاهہ 396
نيرون ڪوٽ 364
نوشهرو ابڙو 390، 407
نونارين جو ڳوٺ 391
نيدر لينڊ 474
نيپال 499
نيشاپور 353، 354

(م)

ما زندران 336، 351
مالوهہ 370
مظفر آباد 7
ملتان 12، 289، 320، 341، 351، 352، 355، 356، 358، 374، 375، 376، 377، 416، 452، 462
مشهد 20، 78، 81، 138، 347، 352، 353، 355، 359، 384
معروف (قنڌار ويجهو قلعو) 35

محال گوسڙجي 45
محال روپاهه 45، 309
مهمند 74، 105
مصليٰ (ماڳ) 77
مالان (هري روڊ تي ٻڌل پل) 78
ميمنه (شهر) 82، 86
ميارام جي ماڙي (شڪارپور) 97
مردان 103
مدئجي 129
مراد خاني محلو (ڪابل) 168
مستونگ 172، 184، 354، 462
مهدي امام جو نوبت خانو 192
مير مسجد 193، 196
مبارڪپور 286، 287
محمد آباد 362، 390
منهراڻ 296، 297، 310، 338، 348
ميرپورخاص 299، 387، 400، 534
ميرپور ماٿيلو 324، 395
مشهد جو قلعو 335
مغان 336
ملير 341
موصل 346
منچر ڍنڍ 377
موغلي 395
مرو 355
مروند 439، 442
369، 370، 375، 376
ميمند 355، 358
356، 357، 367، 369، 370، 372،
373
مڪتوبات سياسي 357
مجمل تاريخ زنديه 359
مرزاپور 410
موري لڪ 462
مدراس 445، 470، 473، 476، 558
ميسور 473، 476
ملا در 538

## (و)

واڳوٽو در 98

## (هه)

هالا 292
هالاڻي 406، 408
هرات 8، 19، 20، 21، 22، 23، 24،
29، 33، 35، 70، 71، 72، 73، 74،
75، 76، 77، 78، 79، 80، 81، 82،
83، 84، 85، 86، 87، 88، 89، 91،
92، 104، 137، 138، 141، 142، 147،
160، 268، 269، 270، 307، 335،
345، 347، 351، 352، 353، 354،
355، 358، 359، 379، 403، 413،
433، 435، 488، 559
هرات جو قلعو 21، 22، 23، 24، 26،
72، 73، 74، 76، 77، 78، 80، 83،
86، 268
هوتڪي 20
هزاره 24، 35، 81، 82، 170
هندستان 60، 73، 101، 147، 150،
151، 163، 171، 172، 189، 199،
205، 207، 208، 209، 219، 225،
229، 230، 232، 242، 243، 244،
249، 250، 251، 254، 258، 262،
263، 265، 266، 315، 318، 321،
323، 326، 333، 334، 336، 337،

338، 341، 342، 343، 345، 356،
357، 359، 360، 367، 368، 369،
371، 372، 373، 380، 381، 385،
396، 398، 414، 421، 425، 455،
457، 467، 471، 476، 477، 519،
555
هري رود جي وادي 74
هري رود درياءَ 78، 82، 87
هزاري در 98، 154
هزاري باغ 400
هائيدر 98، 154
هير مند درياءَ 138
هرنائي 143
همايون (ماڳ) 177
هندوڪش جبل 191، 192
همدان 336
هرند 359
هٽڙي ڳوٺ (تعلقو ڏوڪري) 374
هلمند درياءَ 379
هانگ ڪانگ 469، 470

# ڏسٽي - 3

## (قبيلن ۽ قومن جا نالا)


**(الف)**

ابدالي 20، 335، 379
ابڙا 375
الڪوزئي 3، 351، 411، 412
انگريز 5، 11، 36، 52، 55، 101، 109، 111، 143، 149، 150، 151، 152، 153، 154، 155، 156، 157، 158، 159، 160، 161، 162، 163، 164، 165، 166، 167، 168، 171، 172، 173، 174، 175، 176، 177، 179، 180، 182، 183، 185، 188، 189، 190، 191، 193، 195، 198، 199، 203، 211، 219، 223، 226، 227، 232، 233، 236، 238، 240، 243، 248، 262، 263، 264، 265، 268، 271، 272، 273، 274، 275، 277، 282، 283، 284، 285، 287، 290، 291، 292، 293، 294، 295، 296، 297، 298، 299، 300، 301، 302، 303، 304، 305، 306، 307، 308، 309، 310، 311، 312، 313، 314، 315، 316، 317، 323، 324، 325، 327، 329، 380، 381، 394، 396، 398، 409، 410، 414
اچڪزئي 20
اوزبڪ 24، 169، 270، 335، 346
افشار 335
افغاني 335

**(ب)**

باميزئي 412
باڙ (قبيلو) 3
بوهري 3
بارڪزئي 20، 29، 35، 36، 41، 43، 147، 379، 406
بردراني (قبيلو) 74
باجوڙ 74
بني سفيان تميمي (عرب قبيلو) 104
باقراڻي 120
بروهي 142، 172، 174، 183، 184، 187
بگٽي 174، 385، 392
باروزئي 187
بڙدي قبيلو 282
بزدار 407
برهماڻي 407
بلوچ 56، 66، 118، 120، 121، 122، 124، 125، 126، 127، 143، 155، 156، 157، 158، 172، 174، 176، 178، 179، 181، 184، 187، 275، 280، 282، 291، 292، 293، 294، 298، 311، 313، 315، 359، 374، 385، 407، 410

## (پ)

پناڻ 2، 4، 115، 133

پنهور 375، 376، 377

پوپلزئي 4، 20، 412، 414

## (ج)

جاٽ 370، 371، 372، 373

جاگڙ 144

جکراڻي 178، 179، 314، 385

جلباڻي 120

## (خ)

خويشگي (افغان پناڻ) 103

## (د)

دراني 4، 20، 74، 90، 352

دائـود پوٽـا 339، 340، 361، 363، 374، 377

## (ڊ)

ڊومبکي قبيلو 174، 314

## (ر)

رند قبيلو 328، 406

راجپوت 371

## (س)

سدوزئي 22، 75، 147، 412

ســک 101، 102، 103، 104، 109، 164، 356، 357، 358

سومرا 341

## (ش)

شنباڻي 385

شاهواڻي 385

## (ص)

صفوي 342

## (ع)

عباسي 374

عرب 47

عروج بارڪزئي 154، 160، 270

عمرسي (قبيلو) 157

علياڻي قبيلو 407

عيساڻي 407

## (غ)

غلزئي 20، 238، 239، 335

غوري 73

## (ق)

قاضي خيل 15

قزلباش 47، 244

## (ڪ)

ڪاڪڙ 3، 78، 346

ڪڇي (بلوچستان جو علائقو) 150، 184، 187، 287، 288، 297، 307، 342

ڪانهري (ڪانڙي) 292

ڪلهوڙا 299، 338، 340، 361، 374، 377، 385، 386، 388، 398، 406، 408، 520، 563

ڪرد 335

## (ل)

لاشاري 157

لهڙي 177، 178

لغـــاري 290، 406، 407، 408، 409، 410
لزگي قبيلو 346

(ن)

نوحاڻي بلوچ 298
نوتياڻي بلوچ 177، 385
نوروزئي 20
نظاماڻي 294
نائچ 324، 327

(م)

مزاري بلوچ 39، 385
ميـــر (ٽـــالپر) 36، 37، 38، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 47، 49، 50، 51، 52، 53، 54، 55، 56، 57، 58، 59، 60، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 96، 97، 98، 99، 112، 113، 116، 118، 120، 121، 123، 124، 125، 126، 128، 129، 130، 131، 132، 133، 137، 145، 147، 148، 149، 151، 154، 156، 157، 188، 203، 271، 272، 273، 274، 275، 276، 278، 280، 284، 285، 289، 290، 292، 293، 294، 296، 298، 299، 302، 303، 304، 305، 306، 310، 311، 333، 334، 378، 385، 386، 406، 407، 409
مري، 120، 180، 182، 307
مغل 369، 370، 375، 376
مرهٽـــا 356، 357، 367، 369، 370، 372، 373

(ي)

يوسف زئي 74، 103، 104، 105، 106، 107

# ڏسٽي - 4

(ڪتابن جا نالا)


**(الف)**

"الوحيد" سنڌ آزاد نمبر 1936ع، جون 301، 330

انسائيڪلوپيڊيا اسلام 337، 350

**(ت)**

تاريخ بلوچستان 39، 172، 173، 177، 178، 180، 184، 186، 187، 342، 350، 357، 359

تاريخ هرات سيفي (ڪتاب) 81

تاريخ افغانستان 153، 244

تاريخ تازه نواءِ معارڪ 153، 232

تاريخ سنڌ از مهر 153، 324، 338، 339، 340، 342، 349، 350، 361، 406

تاريخ ميران سنڌ 299

تاريخ سنڌ از ٽوپڻ مل 342

تاريخ ڪلهوڙا (اسٽن) 342، 350

تاريخ سنڌ منشور الوصيت و دستور الحڪومت 343، 361، 350

تحفة الحبيب 26

ترغيب محمديہ (تحريڪ) 109

تحفة الڪرام 342، 350، 360، 361، 362، 363

تذڪره مخادير ڪهڙا 361

تڪلمہ مقالات الشعراء 408

**(ج)**

جنت السنڌ 49، 101، 109، 311

جنگ نامو مياڻي 296، 297، 310

جهان ڪشادي نادري 341، 350

جواهر عباسيہ 363

**(ح)**

حيات امير دوست محمد خان (ڪتاب) 151، 158، 160، 162، 164، 166، 167، 168، 169، 198، 199، 211، 247

**(خ)**

خليلي پناڻ 4

**(د)**

دائرة المعارف اسلامي 104

"ديوان مفتون" 177

"دور اسلاميہ" 219

"ديوان محسن ٺٽوي" 343

"داستان خانواده" 373

**(ڊ)**

ڊيوس رپورٽ 75

**(ر)**

رهاڻ (ڪتاب) 16

**(س)**

سراج التاريخ 7، 24، 191، 219، 358، 359

سنڌ گزيٽيئر 37، 121، 156، 175، 338، 342، 350، 361

سيد حبيب 105

"سنڌ ۽ ان جا صوفي" (ڪتاب) 341،

350
"سيد المتاخرين" (ڪتاب) 358
"سنڌ جي دربار" (ڪتاب) 407
"سنڌ جا فارسي شاعر" (ڪتاب) 407

**(ش)**

"شڪارپور صدين کان" (ڪتاب) 126،
175
شاھنامو 343
شاھنامہ نادري 350
شير سرخ 351

**(ط)**

"طبع استنبول" 219

**(ظ)**

"ظفرنامہ قاسمي" (ڪتاب) 153

**(ق)**

"قاموس جغرافي افغانستان" (ڪتاب)
75، 246
قديم نامہ ھند 333

**(ڪ)**

"ڪابل جون يادگيريون" (ڪتاب) 151

**(گ)**

گزيٽيئر سکر 45، 361
گلستان سعدي 333
گولڊ سمنڊ 342، 556
"گلدستہ نورس بهار" قلمي 342، 350

**(ل)**

لب تاريخ سنڌ (ڪتاب) 342، 350

**(ن)**

"نادر شاھ" از لوڪ ھارٽ 340، 341،
342
"نئين مصر جا پراڻا ورق" (ڪتاب)
334
نئين زندگي (رسالو) 341، 374، 410
نامہ نغز (ڪتاب) 350، 360

**(م)**

ماثر الامراء 342، 350
"مناقب علوي" (فارسي ڪتاب) 297
مثنويات هير رانجها 408
مقالات الشعراء 339، 350، 360
مقامات مظهري 369
مڪتوبات سياسي 357
مجمل تاريخ زنديہ 359

# ڊسٽي - 5

## (خاص اصطلاح)


**(الف)**

آڪسفورڊ 333

آندري 20

اباسين 103

انوار سهيلي 333

انڊس ڊيلٽا 350

اند خود 355، 358

انبٽ 395

ايسٽ انڊيا ڪمپني 333، 394، 396، 445، 468، 489، 499، 500، 519، 520، 522، 524، 525، 528، 529، 557

**(ب)**

بابري 2

بيني بادام 33

بيچانچي 49

بادغيس 73، 81

**(ٻ)**

ٻڌ مت 82

**(پ)**

پشين 175، 307، 308

**(ج)**

جمرود 201، 480

جام 355

**(د)**

داجل 143، 359

**(ڊ)**

ڊبلن يونيورسٽي 479

**(ر)**

راجپوتانہ 372، 419

**(س)**

سٽنڊيمن 3

سنڌي ادبي بورڊ 177، 338، 349، 445، 470، 505

سنڌ مدرسة الاسلام 397

**(ع)**

عربي سمنڊ 352

**(ق)**

قليلي 298

**(ڪ)**

ڪوهه نور هيرو 48، 337، 351، 418، 419

ڪوتل (ڪوڙڪ) 158، 159، 247

**(ل)**

لورس آف انڊس 240

**(ن)**

نارو 395

نملي 4

**(م)**

مهاتما ٻڌ جا بت 82